عبدئ کتابي

جلد پيو

رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي



كيئي كتاب

ڪيئي ڪتاب

(آتم ڪهاڻي)

جلد ٻيو

مصنف: **رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي بلوچ**

نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.
1996ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ نوانوي

چپائيندڙ — نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ — القادر پرنٽنگ پريس، ڪراچي.

ڪمپيوٽر ڪمپوزرس — عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سسٽم، لجپت روڊ حيدرآباد سنڌ.

ڪمپيو آپريٽر — بشير احمد جمالي

پيو ايڊيشن — مارچ 1996ع

قيمت [redacted]/- روپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

KAIEY KITAB (Many Books) Vol: II. Autobiographical Notes in Sindhi.
By: RAIS KARIM BUX KHAN NIZAMANI BALOCH OF MATLI SINDH.
Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. Second Edition March 1996.
Price Per Copy Rs. [redacted]/-
Book No. 199

هن ڪتاب جو پهريون ايڊيشن ڊسمبر 1982ع ۾ رئيس علي رضا خان ولد رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻيءَ، "ڪيئي ڪتاب" پبليڪيشن، ماتليءَ، پاران، "ماءُ نيست" ، ماتليءَ، سنڌ، مان پڌرو ڪيو.

اِنتساب

هيءُ "ڪيئي ڪتاب" ياڳو ٻيو، آءٌ پنهنجن پيارن، دِلوارن، وقت ڪان اڳي وڇڙي وِيل يارن دلدارن، پير حسام الدين راشديءَ، ڄام انور علي خان ۽ مير رسول بخش خان جن کي پيٽا رکان ٿو- جن کي "ڪيئي ڪتاب" ياڳو ٻيو پڙهڻ جو شوق کان وڌيڪ عشق هو، ۽ جنهن ۾ ساڻن رَس رهاڻين، قُرب جي ڪچهرين ۽ ڪچهرَن جا ڪيئي باب پريل آهن...

آخر ۾، دل جي انيڪ ۽ اٿاهہ گهراين مان دُعا ٿو ڪريان تہ شل الله تبارڪ وتعاليٰ کين جنت الفردوس ۾ جايون ڏيئي، حوُرن ۽ غلمانن جي خدمتن ۾ رکي، ۽ اسان کي صبرَ جميل جي توفيق عطا فرمائي- آمين!

ڪريم بخش

"ماءِ نيست" ماتلي، سنڌ.

21- ڊسمبر، 1982ع

ڪجهه دل جون ڳالهيون

"ڪيئي ڪتاب" جي پهرئين ڀاڳي ۾ ڪي صدائون، ادائون ۽ ٿيڪ انيڪ خواهشون تمنائون دل ۾ رکي، پهرئين ڀاڳي جي اختتام بعد ٻئي ڀاڳي وارن مضمونن جي لسٽ، قارئين ڪرام جي ملاحظي خاطر، اڳواٽ عرض رکيل هئي. پر جيئن ته ٻيو ڀاڳو ضخيم ٿي ويو، تنهن ڪري اُنهيءَ مان ڪجهه مضامين ڪڍي، ٽئين ڀاڳي لاءِ محفوظ ڪيا ويا، جيڪي ٻين نوَن مضمونن سان گڏ ٽئين ڀاڳي ۾ اچي رهيا آهن.

هن وقت خوشيءَ ۽ ڏک جي مليل جُليل ڪيفيت ۽ جذباتن سان هيءُ ٻيو ڀاڳو پيش ڪري رهيو آهيان. خوشي انهيءَ ڪري، جو پهرئين ڀاڳي کي اُميد کان وڌيڪ اهميت حاصل ٿي ۽ ڪامياب ويو، هر مڪتب فڪر پسند ڪيو، جنهن ۾ جاهلن عالمن، شاگردن استادن، ليڪچرارن پروفيسرن، ليکڪن قلمڪارن، صحافين شاعرن، محققن دانشورن، اديبن اسڪالرن جي تقريرن مضمونن، راين تبصرن سان نظر ۽ نثر ۾ ڪيئي فائيل ڀرجي ويا آهن. جن ۾ سنڌ هند، عرب عجم سڀيئي اچي وڃن ٿا. اخبارن ۾ به ڪيئي مضمون شايع ٿي چڪا آهن. ايٽريقدر، جو ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي به تبصرا نشر ۽ ٽيليڪاسٽ ٿيا. جنهن جا تفصيل مضمونن سميت هن ٻئي ڀاڳي ۾ آڻڻ چاهيم ٿي، پر ڪتاب وڏي وڃڻ ڪري، اُنهن کي پاڪيٽ بُڪ يا ڊيمي سائيز ۾ علحده، جدا ۽ الڳ آڻڻ خاطر، محفوظ رکيو ويو آهي. يا وري ممڪن آهي ته اهي ٽئين ڀاڳي جي ابتدا يا آخر ۾ ڏنا وڃن، جن جو ٽئين ڀاڳي جي ڏ نل فهرست سان گڏ انتظار ڪندا.

ڏک انهيءَ لاءِ ته منهنجي يارن، دلدارن، پيارن ۽ فنڪارن جو ڪيڏو قافلو، انهيءَ "ڪيئي ڪتاب" (ڀاڳو ٻيو) جي ڇپائيءَ دوران مون کان وڇڙجي ويو، جن جا پورا باب بيان ٿيل آهن، جيڪي ڪين پڙهڻ هئا. پر اُهي سڀيئي حسرتون ۽ ارمان پنهنجي دل ۾ ڪٽي واصل بالله ٿي ويا. جن جي وڇوڙي جا، صدمن پٽيان صدما مون کي به پهتا آهن. پر انهيءَ دنيا جي دستور کي مقدم

سمجهي سهڻو پيو تہ ’ڪيئي قافلا ڪاروان آيا ۽ ويا، جن ۾ انهن جا سالار مهندار، راهہ ڏيکاريندڙ رسول انبياء ڪرام، غوث قطب ۽ ولي الله بہ، ”ڪل نفساً ذائقة الموت“ جي چشمي مان سُرڪي پي، پار پيا.‘ جنهن جي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ وري بہ ساڳيا اکر چوندي، ’اِناالله و اِنا اِليه راجِعون‘ دهرايون ٿا، جيڪو ڪلمو ڪتاب جي ڪيترن ئي جاين تي چئي آيا آهيون. اسين وري بہ دعا ٿا ڪريون تہ شال خدا ڪين اجر عطا فرمائي ۽ اسان کي انهن صدمن سهڻ جي توفيق بخشي. آمين!

آخر ۾ آءٌ انهن سڀني قدردانن جو مشڪور ۽ ٿورائتو آهيان، جن داد ڏيئي منهنجي ڪاوشن جي قدرداني ڪئي. تنهن سان گڏ آءٌ پنهنجن انهن پيارن دلدارن ۽ سڄڻ ساٿين جو شڪرگذار آهيان، جيڪي انهيءَ ڪتابي سفر ۾ مون سان همرڪاب رهيا. جن ۾ خاص طور محترم محمد ابراهيم جويو، پيارو شيخ محمد سومار ۽ عزيزي ”امين“ ماتلوي قابل ذڪر آهن. علاوه ازين سردار پرنٽنگ پريس جي ڪارندن ڪارڪنن جو بہ احسانمند آهيان، جن ”ڪيئي ڪتاب“ جي هن ٻئي ڇاپي کي ٻن سالن جي طويل عرصي ۾ پريس ڪري ڇاپيو. ورنہ هيءُ ڪتاب ڇهن مهينن جي مختصر عرصي اندر ڇپجي، شايع ٿي، نشر و اشاعت ۾ اچي سگهي ها، جنهن لاءِ شائقين کي ايڏو انتظار ڪرڻو پيو. پر تنهن هوندي بہ آءٌ سندن بيحد شڪر گذار آهيان. ڇاڪاڻ تہ اسان کي طوفان و طلاطم جي تغيانين مان پار ڪري ڪنڌيءَ ڪناري تائين پهچايو اٿن.

خلوص ڪيش،

ڪريم بخش

”ماءِ نيست“-ماتلي، سنڌ.

21- ڊسمبر، 1982ع

فهرست

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
1-	انتساب	
2-	ڪجهه دل جون ڳالهيون	13
3-	ريجهومل سان سنڌ ساگر بابت چڏيل ڳالهيون	17
4-	ٻمبئيءَ کان آڇون ۽ ولي صاحب	19
5-	"ولي" ۽ ممتاز شانتيءَ ۾ جهيڙو ۽ شادي	23
6-	ريجهومل جو فرار ۽ نهال فلمز جي ابتدا	29
7-	"ماتلي" اکر جي کوجنا ۽ ڄاڻ	34
8-	اوٿائي بيبي صاحبه ۽ الهه بخش اوٿائي	35
9-	سيد محسن شاهه	38
10-	بيبي صاحبه اوٿي واري، امڙ ۽ آءٌ	39
11-	ماتليءَ جا گوهر ۽ گوهر شناس	41
12-	رئيس جمال خان نظاماڻي	41
13-	خليفو مراد علي خان نظاماڻي	42
14-	خليفو خان محمد خان نظاماڻي	42
15-	مولوي نظر محمد خان نظاماڻي	42
16-	حاجي امير بخش خان نظاماڻي	42
17-	خليفو خدا بخش خان نظاماڻي	43
18-	مولوي محمد صالح ترڪ	44
19-	مولوي شيخ عطاءُ الله صاحب	44
20-	رئيس علي بخش خان نظاماڻي	45
21-	رئيس موسيٰ خان نظاماڻي	45

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
22-	پير غلام مجدد سرهندي، شڪارپوري	46
23-	حڪيم پير سليم جان سرهندي	46
24-	سيد خواجہ امين شاهہ مدراسي	47
25-	حڪيم غلام علي خان نظاماڻي	48
26-	فقير صديق ڪٽي	48
27-	مير عالم خان نظاماڻي	50
28-	شيخ ثناءُ الله "معصوم"	51
29-	خليفو حسن علي خان نظاماڻي	53
30-	حڪيم فتح علي خان نظاماڻي	53
31-	رجب علي خان نظاماڻي	54
32-	عباس علي خان نظاماڻي	55
33-	ادو جان محمد خان نظاماڻي	56
34-	رئيس حاجي محمد لائق خان نظاماڻي	59
35-	محمد حسن ڪٽي	61
36-	سيد احمد علي شاهہ بخاري	62
37-	ماتليءَ بابت روايتون	64
38-	ماتلي ميونسپالٽي	68
39-	محمد عيسيٰ نظاماڻي	69
40-	ٽاڦيل غير فطري ميمبر	71
41-	آخري ميٽنگ، تجربا ۽ نصيحتون	77
42-	مادر دختران	79
43-	سئنيما لائيسنس	82
44-	تعمير پڪچر نيسٽ سئنيما	83
45-	ڀائو محمد حسين بلوچ	85
46-	حاجي نجم الدين خان ۽ بي. ڊي اليڪشن	89

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
47-	سمن شاهه جي زندگيءَ جا دؤر- ابتدائي دور	93
48-	ٻيو دؤر	94
49-	ٽيون دؤر	95
50-	سندس پسند جا راڳي	98
51-	سمن شاهه جو ميلو، مجلسون، ڪردار ۽ فنڪار	99
52-	ويد سنگيت، سرتال ويدا ۽ ناچ انگ	102
53-	سفر، ملاقاتون ۽ محفلون	110
54-	ٻئي سال جي محفل ۽ اختلاف	115
55-	درگاهه سمن ۽ نمن جون ڇانئون	119
56-	جمن جهونپڙا	119
57-	ڪڪڙي ۽ ڪڪڙ	120
58-	جزا، سزا ۽ دعا	122
59-	جڙيل شاهه سان اختلاف ۽ مائي ڀاڳي	125
60-	مند ۾ ڦير، خواب ۽ قاسم رضا	127
61-	ڪافيون، وايون ۽ ڪلام	130
62-	مصري شاهه جون ڪافيون ۽ ڪلام	134
63-	سيد محسن شاهه ماتلائيءَ جون ڪافيون، ڪلام ۽ غزل	137
64-	لکئي جا ليک ۽ مقدر جا فيصلا	145
65-	علي رضا جي ولادت ۽ انور علي	150
66-	ڄام خاندان ۽ سندس سخائون	153
67-	ڄام انور علي خان سان ملاقات، ۽ ڊريم وليج	159
68-	ايڪسيڊنٽ	162
69-	جشن صحت	168
70-	ڄام ڳوٺ، طهرون ختنا، خوشي ۽ محفلون	169

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
71-	ذوالفقار علي پٽي سان شام موسيقي ۽ مشورا	176
72-	سردار رئيس احمدخان راڄپر جي دعوت ۽ خالد ميان جو ختنو	182
73-	امداد الله انڙ	186
74-	دنيا پاڳل خانہ	189
75-	ڪلام "محسن" ماتلائي	190
76-	دنيا هي بازار	192
77-	دنيا کٹھہ پتلي کا ميلہ	192
78-	دنيا شراب خانہ	193
79-	ذوالفقار علي شاه جي شادي، يار محمد شاه ۽ پنج قبرون	194
80-	بنجارا	196
81-	عثمان ڪچي ۽ پَويا	199
82-	سيد قَاسم علي شاه	206
83-	سن ۽ سالگره	208
84-	ڪينجهر	209
85-	ڪينجهر تي ٻي محفل	215
86-	ڪيڙڪ هال	216
87-	شيخ مجيب الرحمان، دعوتون ۽ جلسو	219
88-	سيد سائينءَ جو بنگلو، مهماني ۽ محفل	222
89-	شيخ مجيب الرحمان سان نوابشاه ۾ تعارفي ملاقات	225
90-	ڄام انور علي خان شهدادپور، بي- ڊي اليڪشن ۽ ڪاميابي	231
91-	ڪاميابيءَ جو اعزاز ۾ ٻيڙين جي پارٽي	235
92-	لاهور اسيمبليءَ ۾ لا.... هور	241
93-	مير برادران	248
94-	مير رسول بخش خان ۽ سئنيما	253
95-	مير علي احمد خان ۽ ٻيڙين جي پارٽي	256

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
96-	سوڊان جو ائمبيسيڊر، جميلہ بيگم، مير صاحب ۽ ٻيڙيون	258
97-	مير صاحب جي ٻچڙن جون شاديون، مير بنده علي خان سان اختلاف ۽ ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر	260
98-	مير پيوءَ جي شادي ۽ پٽي صاحب جو انتظار	266
99-	"تنوير" نقويءَ سان گڏ فلمي فنڪارن جي حيدرآباد ۾ آمد ۽ مير رسول بخش خان	268
100-	مخدوم صاحب سان ملاقات	273
101-	شاديءَ جي دعوت، مخدوم صاحب، گرامي ۽ شاهه ڪريم	277
102-	سنڌي ادبي بورڊ، علامہ رباني، مخدوم صاحب ۽ ڄام	283
103-	صوفي محمد فقير ڪٽياڻ	287
104-	شاديون، مولابخش خان لغاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پوڙهابزرگ	292
105-	مخدوم عبدالحسين، سگهڙ ۽ پير آگيڏنو	299
106-	سگهڙپٽو	303
107-	سيوهڻ ۾ رميلي تي سياسي، ثقافتي، سماجي ڪانفرنس، راڳي، جي- ايم - سيد ۽ گل محمد شاهه	315
108-	جي - ايم - سيد جو جشن آزادي	323
109-	اشتراڪيت، دولت، روحانيت ۽ شيطان	329
110-	ترقي پسند اديب ۽ انقلابي شاعر	333
111-	قادر بخش نظاماڻي - هڪ معمو هڪ راز	338
112-	والده جو دارالفانيءَ مان ڪوچ، دارالبقا ڏانهن پرواز ۽ ڊاڪٽر	343
113-	ون يونٽ، صوبائي اليڪشن ۾ ٽه داڻي ۽ ٽي ووٽ	353
114-	صدارتي انتخاب، ڪائونسل ۽ ڪنونشن مسلم ليگ	357
115-	ايوب خان، ڄام، پارٽي ۽ پڪڙ ڏڪڙ	363
116-	بيماري، تيمارداري، انتظاري ۽ بيقراري	368
117-	خدائي فرض ۽ سنتِ رسولﷺ ۾ رنياڻين جون شاديون پٽن جا ختنا	374

نمبر	عنوان	صفحو نمبر
118-	ڄام ڪرم علي خان جي شادي، لاڏ، اختلاف ۽ فرار	382
119-	ماتلي، عيد جون محفلون ۽ "ماءِ نيست"	392
120-	مير جي لانڊي، مير امام بخش جي فرزند جي شادي ۽ راڳ رنگ جي ثقافتي رهاڻ	397
121-	مسخري ۽ مسخرا	404
122-	ڪراچي، ڄام هائوس ۽ ڄام سبب علي خان	407
123-	رومانوي شهر لاهور ۾ بدمزگي	410
124-	مقدمو يا گنگا جمني ور وڪڙ، هيرا ڦيري ۽ گهيرا	417
125-	ٻيراني، اسماعيل شاه ۽ شادي	422
126-	دل جي دوري جو ناگهاني ڏماڪيدار ۽ شديد حملو	427
127-	غشيءَ ۽ غنودگيءَ ۾ آسماني سروي ۽ روحاني سير	434
128-	خطن جي فائيلنگ، اڻ ڪٿ انٽرويو ۽ شيخ محمد سومار جي جاکوڙ	438
129-	"امين" ماتلوي، نور محمد پٽي ۽ "ڪيئي ڪتاب" جي ابتدا	442
130-	شيخ محمد سومار ۽ در محمد ڪمال "باڪمال"	445
131-	ٽنڊوجان محمد، ميرفتح خان، مير يارمحمد خان ۽ رومانوي يادون	449
132-	مير محمد خان "آڇن" جي عذر خواهي، ڪامريڊ مير محمد، غلام محمد، معراج محمد خان ۽ روچيرام سان رهاڻ	454
133-	سيد سائين جو 1980ع وارو سالگره، راڳي، بوبڪ ٽيپو ۽ آءٌ	463
134-	ميمڻ، مجنون ۽ "مومن" مليرائي	467
135-	بنسري ڪٿا	471
136-	وڏيرو بوبڪ ٽيپو ۽ سندس يادون	474
137-	ٽنڊوڄام، پائي همت سنگهه جو گردوار، گرنٿ پاٺ ۽ پائي داسو سنگهه	480
138-	وس ۽ وسڪارا	482
139-	گذارش	505

ريجهومل سان سنڌ ساگر بابت چڏيل ڳالهيون

انسان کي زندگيءَ جي سفر ۾ هلندي هلندي، ڪيئي واٽون، پيچرا ۽ رستا تبديل ڪرڻ سان گڏ، ته واٽا،، چو واٽا، پنج واٽا به ملن ٿا.... پر ڪنهن جاءِ کي ته ست واٽا به چئي سگهجي ٿو- جهڙيءَ طرح سان، "بمبئيءَ" ۾ هڪ چوراهي کي "سات راستہ" چئبو آهي، جنهن چوراهي تان، ستن سمتن ڏانهن رستا نڪري، "بمبئيءَ" جي مختلف مختلف علائقن ڏانهن وڃن ٿا.

اهڙيءَ طرح، سيٺ ريجهومل سان ڪاروباري ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ۽ "سنڌ ساگر موويٽون" جي ٻيڙيءَ کي ڪناري تائين پهچائڻ جو ذڪر اذڪار هلي رهيو هو، ته اهڙي چونڪ، چڪري يا جنڪشن تي پهتاسين، ته انهيءَ وقت جا ڪيترائي ڪردار، انهن مجلسن ۽ محفلن کي ياد ڏيارينديءَ، مسڪرائينديءَ، آماده ڪري رهيا هئا ته پهرين اسان تي مصوريءَ ۽ چترڪاريءَ لاءِ قلم هلايو وڃي- جن ڪردارن ۾ به، تضاد پيدا ٿي، اوليت حاصل ڪرڻ خاطر، هڪٻئي سان مقابلو هيو.

فيصلي کي مشڪل سمجهنديءَ، ڪن ڪردارن کي نٽائي، ڪين پس پشت رکنديءَ، ڪن ڪردارن کي تسلائون ڏينديءَ، هن نئين ڪتاب ۾ اڳيان آئڻ لاءِ ساڻن واعدا ڪري، باقي بچيل انهن ڪردارن کي نيائڻو پيو، جيڪي انهيءَ وقت جي ماحول سان وابستہ هئا، جن جو ذڪر خير، ويجهڙائيءَ وارن پوين صفحن تي، "سنڌ ساگر موويٽون" واريءَ ڳالهہ ٻولهہ کي مهمل ڪري، سيٺ ريجهومل کي انهيءَ جنڪشن تي بيهاري، آرام ڪرڻ لاءِ آماده ڪري، آءٌ پنهنجن يارن، دوستارن، دلدارن، پيارن ۽ غمخوارن جي ڪردارن تي، تجزيي ۽ تبصري ۾ لڳي ويس. پوءِ اُنهن مان به ڪافي ڪجهہ رهائي، باقي فقط ڪن اهم ۽ ضروري ڳالهين کي ئي نيائڻو پيو، جنهن لاءِ پڻ طبيعت مطمئن ناهي- ڇاڪاڻ ته هر هڪ يار جو ڪردار پورو ڪتاب لهڻي، جن کي مون پيش لفظ وانگر اختصار ۾ آڻي، قارئين ڪرام اڳيان پيش ڪيو آهي- ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب ۾، مون کي پنهنجيءَ سوانح جو تمام ڊگهو، لمبو ۽ گهڻو سفر نظر اچي رهيو آهي، جنهن کي به 'ڊزال ڊزال' ۾ آڻي، ٽهندي ٽپندي، نيائي رهيو آهيان. ورنہ هي ڪتاب، جنهن کي آءٌ پنهنجي سوانح عمريءَ جي ديباچي طور لکي رهيو آهيان، ايڏو ته وڏو ۽ ضخيم ٿي سگهي ٿو، جو پڙهڻ وارا ئي بيزار ٿي پون ها- جيتوڻيڪ، الف ليلوي داستان وانگر ان کي پرڪشش، رنگين ۽ دلچسپ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جيڪا به سؤ فيصد حقيقت، صداقت ۽ سچائيءَ تي مبني آهي. تنهن ڪان سواءِ، انسائيڪلوپيڊيا وانگر، ڪيتري ٻي معلومات به مهيا ڪئي اٿم، ته جيئن قارئين ۽ سامعين منهنجن انهن تجربن ۽

مشاهدن مان فيضياب ٿي سگهن.

هاڻي اسين پنهنجي اصلي موضوع تي ايندي، سيٺ ريجهومل سان رهيل ڪاروباري ڳالهين تي پهچي، فيصلا ڪن مراحل طئي ڪرڻ چاهيون ٿا.

جنهن وقت مون ۽ "تنوير" نقويءَ، لاهور کان واپس اچي، سيٺ ريجهومل کي اها خوشخبري ڏني تہ "هتي پهتل جملي آرٽسٽ، بمبئيءَ هلي فلمن کي پاڻ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ تيار آهن." تہ سيٺ ريجهومل جي چهري جا رنگ بدلجڻ لڳا. وري بہ خوشي ڏيکاري، مبارڪ قبول ڪندي، تسلي ڏنائين تہ "هفتي کن اندر بمبئيءَ وڃي، رش پرنٽ ڏسي، آخري طور فيصلو ڏيندس، مالڪ مڙيئي چڱي ڪندو. تيسين توهان هن شرطن مطابق پائيوار نامي جو متن تيار ڪرايو." انهن شرطن مان ڪجهہ تہ مٿي لکي آيو آهيان، تنهن هوندي بہ وري ڪجهہ مختصر تفصيل هتي هيٺ ڏيان ٿو:

پاڪستان ۾ جيڪي بہ خرچ ٿيندو، سو اسان کي ڪرڻو پوندو. جنهن ۾ آرٽسٽن جي آمدو رفت، گهريلو مصارف ۽ اخراجات، پبلسٽي ۽ ٻيون ضروري گهرجون اچي وڃن ٿيون.

اهڙيءَ طرح بمبئيءَ جا رهيل بل، اسٽوڊيو، بمبئيءَ وارن آرٽسٽن، پبلسٽيءَ ۽ باقي فلمن جو رهيل ڪم پاڻ تڪميل تي پهچائڻ جا جملي اخراجات سيٺ ريجهومل جي ذمي رهندا.

فلمن جي پاڻ تڪميل تي پهچڻ کان پوءِ، هندستان ۾ ڊسٽريبيوشن ۽ تقسيم ڪاريءَ جا جملي حقوق سندس حوالي رهندا ۽ پاڪستان ۾ حق حقوق اسان جي حوالي.

تنهن کان پوءِ جملي آمدنيءَ کي گڏي، منجهانئس سمورو خرچ ڪڍي، باقي منافعو اڌو اڌ ورهائبو.

اهو متن ۽ مواد ڪٿي، نامياري ۽ برڪ وڪيل، شيخ عبدالجليل ولد شيخ عبدالجبار جي حوالي ڪيوسين- جنهن سان انهيءَ وقت جي لحاظ کان ڪافي اُنسيت هوندي هئي، ۽ جيڪو مون کي هميشہ پيار ۽ محبت جي نظرن سان ڏسندو هو ۽ چاهيندو هو تہ فني نقطي نگاهہ کان سربلند رهان.

جليل صاحب انهيءَ متن ۽ مسودي تي اڃا سوچ ويچار ئي ڪري رهيو هو، تہ سيٺ ريجهومل، پنهنجي پروگرام مطابق 'فلاءِ' وٺي، بمبئيءَ روانو ٿي ويو: جتان "گلشن" صوفيءَ سان ملي، ٻين سنگتين ساٿين، يارن دوستن، تقسيم ڪارن، فنانسرن ۽ فلم انڊسٽريءَ جي ڄاڻو صلاحڪارن سان گڏ، سينٽرل فلم اسٽوڊيو ۾ وڃي، اسان جي فلمن جون رش پرنٽون ڏنائين، جن کي ڏسڻ لاءِ اٿارٽي ليٽر تہ مون کان اڳي ئي حاصل ڪري چڪو هو. ڪيس ٽيل ڪم ڏاڍو پسند آيو. سيني ڏسندڙن، رش پرنٽ ڏسي، واهہ واهہ ڪندي داد تحسين ڏنو، جنهن جي تعريف ۾ سندس لکيل

خط مون کي ماتليءَ ۾ پهتو، جيڪو اڄ به منهنجي فائل ۾ موجود آهي. انهيءَ خط ۾ اهو پڻ لکيو هئائين ته "هاڻي آفيس وڃي، رڪارڊ ۽ اڪائونٽ چيڪ ڪرڻ کان پوءِ، وڌيڪ اطمينان حاصل ڪري، ٻيو خط لکندس."

ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ سندس ٻيو خط به پهتو، جنهن ۾ پڻ آفيس جي طريقہ ڪار، فائلنگ جي خوبصورتيءَ ۽ صفائيءَ سان رڪايل اڪائونٽس بابت حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي هئائين- ڇاڪاڻ ته منهنجي آفيس اسٽئبلشمينٽ نهايت صاف ستري ۽ سهڻي نموني ۽ طريقي سان رکيل هئي، فائلن جي ترتيب خوب کان خوبتر ڏنل هئي، اڪائونٽس آڊيٽر جي معرفت اڪائونٽنٽ مسٽر رائيڪو کان رکايا ويا هئا، جن کي به هر هفتي آڊيٽر اچي ڏسندو ۽ چيڪ ڪندو هو. تنهن ڪري ئي اُهي سيٺ ريجهومل کي، سندس فرمن جي رکيل ۽ رکايل ڪاتن کان به اهم، ترتيبوار، سنا ۽ سهڻا نظر آيا. ورنہ واڻيا! اڪائونٽ جي معاملي ۾ تمام هوشيار، بَهي ڪاتي جا ڄاڻو ۽ استاد، حساب ڪتاب ۾ پائيءَ جي رولي تي ٽڪي جو تيل ٻاري، پنجن پاين جو نقصان سهي به، انهيءَ پائيءَ واري رولي کي ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

اڪائونٽ بابت سيٺ ريجهومل جهڙي ڄاڻوءَ، سمجهدار، ماهر ۽ انتهائي هوشيار ماڻهوءَ کان داد ملڻ ڪا معمولي ڳالهہ ڪانہ هئي- سندس اهو لکيل خط به منهنجي فائل ۾ موجود آهي.

بمبئيءَ کان آڇون ۽ ولي صاحب

ٿوري ئي وقت کان پوءِ سيٺ ريجهومل ماتليءَ پهتو، جتي روبروءَ واريءَ ملاقات ۾ به، "سنڌ ساگر موويٽون" جي ڪارڪردگيءَ، رش پرنٽس ۽ ٽيل خرچ تي تعريفون ڪري، داد ڏيئي، شرطن شروطن ۾ وقت کي اينگهائيندو ۽ وڌائيندو رهيو- ڇاڪاڻ ته ڪاٽن سيزن جا چار مهينا، ڪيس هتي ئي رهي، پنهنجي ڪارخاني جو ڪم پورو ڪرڻو هو.

تنهن وچ ۾ بمبئيءَ کان گلشن صوفيءَ جي پبلسٽي ڪرڻ ڪري ڪيئي آڇون فلمن کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ بابت پهتيون، جن ۾ "گرڌر بهار پروڊڪشن" جا مالڪ ئڪر، جن جو انگريزي زبان ۾ آرٽ پيپر تي، "سيني نيوز" ڪراچيءَ مان شايع ٿيندو هو ۽ اُنهيءَ وقت جي مشهور، نامور، سياسي، سماجي، ادبي ۽ فلمي ميگزين منجهان هڪ هو- اُنهيءَ رسالي جي مالڪن مان "گرڌر بهار پروڊڪشن" جي مالڪ مسٽر گرڌاري لعل پنهنجي ڪراچيءَ واري پراپرٽي به، تلسيءَ خاطر، سڪيورٽيءَ ۽ ضمانت طور اسان جي حوالي ڪرڻ لاءِ تيار هو، جن سان ٽيل خط و ڪتابت پڻ، اڄ به، منهنجي فائل ۾ موجود آهي.

تنهن کان سواءِ "چڏا برادرس" جون آفرون ۽ آڇون، "سنڌ ساگر موويٽون"

طرفان ڏنل شرطن موجب قبول ڪري، فلمن کي پايئه تڪميل تي پهچائڻ جا واعدا وغيره، سي پڻ فائل تي موجود آهن.

علاوه ازين منهنجو پراڻو، جهونو ۽ پيارو دوست "ولي" صاحب، جيڪو "جائينو فون ڪمپنيءَ" واري سنه 1932ع جي وقت ڪان وٺي، يارين ۽ دلدارين ۾ رهندو آيو، جنهن جي مون "ممتاز شانتيءَ" سان زور زبردستي ڪري، حيدرآباد سنڌ ۾ ئي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا تنهن وقت سندس ئي تشڪيل ڏنل ڊانس پارٽيءَ جي مالڪ ۽ چيف آرٽسٽ هئي ۽ پنهنجي والد نظامي صاحب جي سرپرستيءَ هيٺ پريات سٽنيما ۾ ورائٽي شو ڪري رهي هئي، ۽ جنهن جي عشق ۾ فقط هڪڙيءَ گوڏ ۽ ڪڙتي سان "ولي" صاحب حيدرآباد پهتو هو! آءٌ ان وقت پنهنجي برينڊ نيو شورليٽ ڊيلڪس ڪار ۾، سٽ ميل جي اسپيڊ سان، ڊومڻ واهه وارو رستو وٺيو اچي رهيو هيس، تہ اڳوٽي "پريات" ۽ هاٿوڪي "نشاط" سٽنيما جي ٽورو ئي ويجهو پهتس، تہ اوچتو "ولي" صاحب تي نظر پيئي. جنهن تي اهڙي تہ زور سان بريڪ هنيم، جو موٽر جي ٽائرن مان ڪيهون ۽ چيخون نڪري ويون. موٽر بيهندي ئي ٽپ ڏيئي، والهانہ انداز ۾، ڏاڍيءَ سڪ، اُمنگ، اُڪير ۽ جذبي سان ڀاڪر پائي، هڪٻئي سان هم آغوش ٿي وياسين. گهڻي پيار ڪرڻ بعد، جڏهن ڀاڪر ڍلا ٿيا، تہ ڪانئس حيران ٿي پڇيم تہ "بادشاهو...! تُسي اتهي ڪيون آگئے...؟ جواب ۾ سٽنيما ڏانهن اشارو ڪندي چيائين تہ "اس ڪافر جادوگرني دے پيچهے آيا هان." تنهن ڪان پوءِ اسين ٻيئي موٽر ۾ سوار ٿي، "پريات" سٽنيما تي وڃي، ممتاز شانتيءَ سان ملي، خوش خير عافيت ڪري، حال احوال اوري، شام جو سير و تفريح جو پروگرام ٺاهي، واپسيءَ ۾ "ولي" صاحب کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي، پنهنجي جاءِ تي پهتس.

اهو سنه 1940ع جو زمانو هو. آءٌ ۽ ادو ارباب حاجي جمال الدين خان، ٻيئي ڇٽا گڏ رهندا هئاسين. سستائيءَ جو زمانو هو. وهسڪين ۽ بيئرن جا ڪوڪا پريا پيا هوندا هئا، جن جو ذڪر اڳيئي ڪري آيو آهيان. "ولي" صاحب، پاڻ سڄو وقت پيئندو ئي رهيو. مستيءَ ۽ سرشاريءَ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، پنهنجي منشيءَ سان گڏ، جنهن جو عشق وري گيتا نظاميءَ سان پنهنجا ابتدائي مرحلا طئي ڪري رهيو هو- رات جو دير دير سان، ولي صاحب، موٽي پريات سٽنيما تي وڃي آرامي ٿيندو هو.

اها گيتا نظامي، ممتاز شانتيءَ جي والد نظامي صاحب جي نالي سان منسلڪ، معشوقانہ ڪردار ادا ڪندي، "گيتا" منجهان ڦري گيتا نظامي بڻي هئي، ۽ شهرت جي بلنديءَ تي پهچي، ڪيترين ئي فلمن جي هيروئن ٿي، نالو روشن ڪيائين، ۽ پنهنجي وقت ۾، صف اول جي هيروئن بڻجي، پنهنجو پاڻ چمڪايائين.

نظامي صاحب لاءِ، "ولي" صاحب جا اِهي تاثر هئا تہ "جنهن وقت الله

تبارڪ تعاليٰ ملائڪن کان "ڊيري دار" ٺهرائي رهيو هو، ته ملائڪن کي اُنهن جي ٺاهڻ ۽ جوڙڻ ۾ شام ٿي ويئي، پر اجا به به ٿي هزار ڪن "ڊيري دارن" جي مٽي بچي پيئي: جنهن تي الله تبارڪ تعاليٰ ملائڪن کي حڪم ڪيو ته انهن ٻن ٽن هزارن ڊيري دارن جي بجاءِ، انهيءَ سڄيءَ مٽيءَ مان هڪ ئي ڊيري دار ٺاهيو، جيڪو نظامي صاحب ئي هو! انهيءَ مثال کي ڏهرائڻ وقت، "ولي" صاحب جذبات ۾ اچي، ڳاڙهو ٿي ويندو هو، جنهن تي ممتاز شانتي ڪيس شوخ نظرن سان نهاريندي، پنهنجي پيءُ جي ڳلا برداشت نه ڪندي، لاڏ ۾ اچي، ساٿس ڪاوڙجي پوندي هئي، ۽ اُن تي ولي صاحب پاڻ وري ڪيس منٿون ڪندو، منائيندو رهندو هو.

گيتا نظامي به، پڇري ۾ بند ٿيل ۽ ڦاٽل پڪيءَ وانگر، مجبور ۽ بيوس هوندي هئي. تڏهن ته "ولي" صاحب جي منشيءَ سان رومانس جي ابتدا ڪري، راهِ فرار اختيار ڪرڻ خاطر، ڪانئس مدد جي اُميد رکي هئائين! ۽ ساڳيءَ طرح، اهڙيون اميدون آسرا ٻين سان به وابسته رکيا هئائين!

اهڙيءَ طرح ڏينهن جو اسين گڏ رهندا هئاسين ۽ شام جو وري اسان ۾ ممتاز شانتيءَ جو به اضافو ٿيندو هو، جنهن کي پاڻ سان گڏ، هيرآباد ۽ عامل ڪالونيءَ جي علاوه، درياءِ سنڌ جي ٻيڙين جو سير به ڪرائيندا هئاسين، جنهن تفريح ۾ گيتا نظامي به ساڻ هوندي هئي. پوئين سيٽ "ولي" صاحب ۽ ممتاز شانتيءَ جي حوالي هوندي هئي، جڏهن ته اڳيئءَ سيٽ تي، موٽر ڊرائيونگ ڪندي منهنجي پر ۾، گيتا نظامي هوندي هئي. شام جو شو ٿائيم کان ڪجهه وقت اڳي، ڪين "پريات" سنيما تي اچي، پهچائي ويندو هيس. تنهن کان پوءِ آءٌ ۽ "ولي" صاحب، واپس پنهنجي جڳهه تي پهچي، مستي ۽ سرشاري حاصل ڪندا هئاسين.

هڪڙي ڏينهن "ولي" صاحب کي، پري آستانن تي هلي، حسن و شباب سان گڏ، راڳ ۽ رباب ٻڌڻ جو به شوق پيدا ٿيو. تنهن ڪري اتي پهچي، سنڌ جي نامور موسيقاره ۽ پنهنجي وقت جي حسين ماه پاره "گولي ناپا" جي حويليءَ تي پهتاسين. جن نهايت خنده پيشانيءَ سان آجيان ڪري ويهاريو ۽ پنهنجي رفيق ۽ ساٿي سازيندڙن کي گهرائي، پاڻ پنهنجي نفيس ۽ نازڪ آڱرين سان، تانپورن کي ريڙهي، ٻاڪر پائي، ساٿن ڇيڙڇاڙ ڪري، ملائي، آلاپ ڪري، ڪلاسيڪل راڳ شروع ڪيو، جنهن سامعينن ۽ مجلسين کي غنودگيءَ ۾ آڻي، محو حيرت بڻائي ڇڏيو. "ولي" صاحب، جيڪو انهن جاين جڳهين جو ڄاڻو ۽ بزرگ هستي هو، تنهن تي به محويت طاري ٿي ويئي. ڇاڪاڻ ته اڳيان به استاد عاشق علي خان جون شاگرد "گولي ۽ ناپا" هيون!

"ولي" صاحب، سندن ڳائڻ ٻڌي، ڪين داد ڏيندي، ڇيو ته "اهڙيون پڪيون ۽ پختہ موسيقارائون ۽ گلوڪارائون ته اسان جي لاهور ۾ به ناهن!" اسان، ٻنهي ٻيٽرن ۽ گلوڪارائن کي، سندن سازيندڙن سميت، انعام اڪرام ڏيئي، اُتان روانا ٿي،

هڪڙيءَ اهڙي مخصوص جڳهه تي پهتاسين، جيڪا منهنجي لاءِ نهايت اهم هئي. "ولي" صاحب به، ڏسندي ئي، چرڪ ڀريو. چاڪاڻ ته حسين مه جبين هئڻ سان گڏوگڏ هوءَ هڪ پري پيڪر، ماهوش نازنين به هئي. جنهن، ناز و ادا جا تير هلائي، ادب حيا سان آجيان ۽ استقبال ڪري، اسان کي ويهاريو، ۽ پاڻ، ٻن سارنگين جي وچ ۾، گوڏا ٻيٽان ڪري ويهي، نرتڪاريءَ سان گڏ، ڪرشن پد جي سيڪسيوئل ۽ جذباتي ٺمري پيش ڪئي.

هڪڙو حسن بيڪران، تنهن سان گڏ سادو سينگار، مزيد سوني تي سهاڳو اداڪار، صداڪار، ڪلاڪار ۽ نرتڪار! ته پوءِ آهن پاپ ڪرڻ جا پار! سو "ولي" صاحب کان هڪدم دانهن نڪري ويئي. آهه! ڪندو، شوڪارا ڀريندو، حيرت زنده ٿي، فقط داد ئي ڏيندو رهيو.

انهيءَ کان پوءِ، "غالب" جو هڪ غزل شروع ڪيائين، جنهن تي "ولي" صاحب ۽ سندس وچ ۾، شاعريءَ، ادب ۽ اڪرن تي، بحث شروع ٿي ويو. انهيءَ بحث مباحثي طول پڪڙي، تڪرار جي شڪل صورت اختيار ڪئي. "ولي" صاحب جي ته خواب ۽ خيال ۾ به نه هو ته ڪو هڪ ڪمسن، نوخيز ۽ حسين جميل دوشيزه هئڻ سان گڏ، شعر شاعريءَ، علم ادب مان به، ڪا ايترو واقف هوندي! آخر گهٽي بحث مباحثي کان پوءِ، لاچار ۽ بيزار ٿيندي، "ولي" کيس چيو ته "اسين ڪوي آهيون، تنهن ڪري توکي هار مڃڻ کپي!" جنهن تي، اُنهيءَ رمٽي پدمٽي، چانديءَ جي من موهڻيءَ مورت، سنگمرمر جي تراشيده صورت، کيس ائين چوندي، لاجواب ڪيو ته "اگر اوهان ڪوي آهيو ته اسين ڪويتا آهيون! اسان جي ڪري ئي، اوهان کي جنم ۽ وجود مليو آهي." جنهن تي "ولي" صاحب، جيڪو اڳيئي نشي ۾ چور، بدمست ۽ سرشار هو، هڪدم اُنهيءَ حسن کي سجدو ڪندي، کيس "ديويءَ" جو درجو ڏنو. تنهن ڪري مون کي مٿانئس مسخريون، ٺٽوليون ۽ چٽرون ڪرڻ جو موقعو ملي ويو. اهڙيءَ طرح اُها شام پوري ڪري، کيس "پريات" سٽنيما ۾، ممتاز شانتيءَ سان ملائي، اُنهيءَ ديويءَ کي سجدو ڪرڻ وارو داستان دهرائي، نارد مُنيءَ جو پارٽ ادا ڪري، ٻنهي کي پاڻ ۾ ويڙهائي، آءٌ وري پنهنجيءَ جاءِ تي واپس پهچي آرامي ٿيس.

ٻئي ڏينهن صبح جو وهنجي سهنجي، اچو اُجرو ٿي، يارهين بجي ڌاري موٽر موڪلي، "ولي" صاحب کي پاڻ وٽ گهرايم. جنهن سان سجو ڏينهن علمي ادبي رهاڻ ۽ شعر و شاعريءَ تي تبصرا ٿيندا رهيا. پاڻ ايندي شرط رات وارن واقعن کي دهرائيندي، شڪايت ڪيائين ته، "رات...، آپ نے هم دونوں کو آپس میں لڑانے کا خوب پارٹ ادا کیا، جسکی وجه سے ساری رات، لڑتے جهگڑتے بسر هوئی، بڑی مشکل سے اُسے ٹهنڈا کیا. بلوچ صاحب! آپ بڑے خوفناک اور خطرناک آدمی هیں!!" مون کیس جواب ڏيندي چيو ته، "ولي صاحب! جس محبت میں دنگا فساد نه هو، تو

"پهر وہ محبت بے مزہ، بے لطف اور پھیکی پھیکی سی ہوتی ہے - اس محبت کو نمکین اور پرلطف بنانے کیلئے کچھ نوک جھونک اور کچھ نمک بھی چھڑکنا پڑتا ہے...!!" جنهن تي پاڻ توبهہ توبهہ ڪرڻ لڳو.

اُها منجهند، پيٽڻ ڪائڻ ۽ آرام ڪرڻ ۾ بسر ڪري، شام جو حسب معمول "پريات" سئنيما تي وڃي، ممتاز شانتيءَ ۽ گيتا نظاميءَ کي ساڻ ڪري، گدوبندر کان، درياءِ سنڌ تي پهتاسين. مگر "پريات" سئنيما تي پهچڻ وقت، نظامي صاحب، هنن ٻنهي کي اجازت نہ ڏيندي ۽ روڪڻ جي ڪوشش ڪندي، چيو تہ "روز روز سير و تفريح کرنا کوئی ضروری تو نهيں! جس ميں سستا هونا پڑے!!" پر ممتاز شانتي، ڪيس ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندي، "گيتا نظاميءَ" کي ٻانهن مان جهليندي، گهليندي، اچي موٽر تي سوار ٿي. نظامي صاحب جا اهي اعتراض اسان پنهنجن ڪنن سان ٻڌا. جنهن تي ولي صاحب کي جوش اچي ويو ۽ اُهو جوش ممتاز تي ٿي چنڊيائين. مون اُنهيءَ ڪاوڙ ۽ غصي کي ٿڌو ڪندي، اُنهيءَ موضوع کي بدلائيندي، "ناردمُني" ٻڌجي، رات وارو واقعو ٻئي طريقي سان پيش ڪندي، وري بہ ڪين ويڙهائڻ جي ڪوشش ڪئي. جنهن ۾ اڳيون معاملو تہ رفع دفع ٿي ويو، پر محبت ۽ رقابت جو هڪڙو نئون معاملو شروع ٿي ويوا جنهن کي پڙڪائڻ لاءِ آءٌ وري وري هوا ڏيندو رهيس. اهي ٻيئي منهنجين ڳالهين تي ڪنهن وقت ڪلندا تہ ڪنهن وقت وڙهندا جهڳڙندا رهيا، تہ ڪنهن وقت وري مون کي انهن ڳالهين تان باز رکڻ لاءِ منتون ڪندا رهيا.

اهڙيءَ طرح سان اها شام بہ پوري ڪري، "پريات" سئنيما پهتاسين. "ولي" صاحب تہ، نظامي صاحب جو موُڊ درست نہ ڏسي، اُتي ئي لهي پيو، ۽ مون کي رخصت ڪيائين.

"ولي" ۽ ممتاز شانتيءَ ۾ جهيڙو ۽ شادي

رات جو تقريباً ٻين بجي ڌاري، اسان جي رهائشگاهہ واري دروازي تي ٽڪ ٽڪ ٿي. اسان جي ملازم، پيرو ٻچڙي، جنهن جي تربت ۽ مزار، بغداد شريف ۾ "امام غزالي رحہ" جي قبرستان ۾ آهي، دروازو کولي ڏنو تہ سامهون ولي صاحب بيٺل هوا جنهن کي، پاڻ سان گڏ، هو مٿي ماڙيءَ تي وٺي آيو. ولي صاحب ۽ پيروءَ جي ڳالهائڻ ۽ ٻڙ ٻڙ تي، آءٌ ننڊ مان بيدار ٿي، خلاف توقع ناگاهہ وقت ۽ بي موقعي، ولي صاحب کي اتي موجود ڏسي حيران ٿي ويس. ڪانئس پڇڻ تي معلوم ٿيو تہ پاڻ ممتاز شانتيءَ ۽ نظامي صاحب سان وڙهي، جهيڙو ڪري، آيو هو ۽ ائين چئي رهيو هو تہ "هُن مين اِنهاں ..... دے ڪول ڪدی نہ جاواں گا، مينوں وهسکی دے...!" جنهن تي مون هڪدم پيروءَ کي وهسڪي آڻڻ جو حڪم ڏنو، جنهن وهسڪيءَ جي سيل بند بوتل ۽ گلاس آڻي سندس اڳيان رکيا. پاڻ هڪ وڏو پيگ

ناهي، بڪ بڪ ڪندو، ممتاز شانتيءَ، نظامي صاحب ۽ سڄيءَ پارٽيءَ کي لعنتون ۽ گاريون ڏيندو رهيو.

ادو ارباب صاحب، اُنهيءَ ڏينهن، پنهنجي ڳوٺ ٽنڊي غلام حيدر آيل هو. حالانڪ مون کي به ماتليءَ اچڻو هو، پر محض ولي صاحب خاطر، اُتي رهي پيو هيس. ولي صاحب صرف پيئندو ئي رهيو. ڪاڏي ڪائڻ کان به انڪار ڪري ڇڏيائين. آرام خاطر، سندس بسترو وڇارائي ڇڏيم. جنهن تي سمهڻ کان انڪاري ٿي، سڄي رات پيئندو ئي رهيو.

ٿوري وقت کان پوءِ، منهنجي اک لڳي ويئي. علي الصبح جڏهن ننڍ مان بيدار ٿيس، تڏهن به ڪيس پيئندي ئي ڏٺم. ۽ هاڻي، سڄي بوتل پوري ڪري، ٻيءَ بوتل جي تقاضا ڪري رهيو هو. جنهن تي، مون ڪيس تنبيهه ڪندي، سمجهاڻيون ڏيئي، زور زبردستي بيضا آمليٽ ڪرائي، ڊبل روٽيون گيهه ۾ ترائي، پنهنجا قسم ڏيئي، زوريءَ ڪارائي، اندرئين ڪمري ۾ پيل پينگهي منجهه بسترو وڇارائي، ڪيس سمهاري ڇڏيو، جتي ٻين بجي منجهند کان پوءِ سندس اک کلي.

تنهن وچ ۾ سندس منشي ڪيئي ڀيرا آيو ۽ ويو- جنهن کان معلوم ٿيو ته "رات، نظامي صاحب ۽ ولي صاحب جو پاڻ ۾ سخت جهڳڙو ٿي پيو هو. ولي صاحب، ممتاز شانتيءَ کي، اسٽيج تي انٽري ڏيڻ کان روڪيندي، پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ اصرار ڪيو هو. جنهن تي، ممتاز شانتي انڪار ڪندي، پنهنجا فرض ۽ پبلڪ جو خيال ڪري، انٽريءَ ڏيڻ لاءِ اسٽيج تي وڃڻ لڳي، ته ولي صاحب ڪيس ڳچيءَ مان جهلي، مارڪُٽ ڪرڻ شروع ڪئي. جنهن تي، ٻيا آرٽسٽ، ميوزيشنس ۽ ڪارندا، پنهنجي چيف آرٽسٽ کي مار کائيندو ڏسي، وچ ۾ ٽپي پيا، تنهن ڪري جهيڙو هيڪاري مچي ۽ وڌي ويو. جنهن ڪري، سٽنيما جي انتظاميه ۽ ٻين وچ ۾ پئي، جهيڙي کي ختم ڪرائيندي، شو شروع ڪرايو، ۽ ولي صاحب وري تانگي ۾ سوار ٿي اوهان ڏانهن هليو آيو!"

ولي صاحب ننڍ مان بيدار ٿيو، ته سندس منشيءَ به، روبرو اچي، حاضر ٿيندي، سائس ڪجهه ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي. ولي صاحب ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، غصي، ڪاوڙ ۽ طيش ۾ اچي، ڪيس به گاريون ڏيڻ لڳو ۽ ٻيهر مون کان اچي وهسڪيءَ جي گهر ڪيائين، جيڪا پيروءَ ڪٽي آڻي، گلاس ۽ پاڻيءَ جي جگ سميت، سندس اڳيان رکي. مگر، مون ڪيس به ٽي بسڪٽ کائي، چانهه پي، غسل ڪرڻ جي صلاح ڏني، جيڪا قبول ڪندي، تعميل ڪيائين.

غسل ڪرڻ کان پوءِ، ساڳيو جامِ جم جو دور شروع ٿي ويو. سندس منشي ڪيس منتون ڪندو مڃائيندو رهيو. آءٌ ٿوري وقت لاءِ هيٺ لهي، موٽر ۾ سوار ٿي، ڪن ضروري ڪمن ڪارين جي حصول خاطر، هليو ويس. جتان رات جو موٽي اچڻ بعد به ڏٺم ته ولي صاحب جو ساڳيو دور هلي رهيو هو ۽ سندس منشي، منتون

سماجتون ڪري، ڪيس مجرائڻ ۾ ئي مشغول ۽ مصروف هو.

تنهن وچ ۾، ٻه ٽي پيرا منشي، ٽانگي ۾ سوار ٿي، "پريات" سنيما ڀڄي، ممتاز شانتيءَ کي حال احوال ٻڌائيندو، سندس سنديسا ۽ پيغام وري ولي صاحب کي پهچائيندو رهيو ۽ منتون ڪندو رهيو ته "توان نون موجي بلاندي پئي اے، روندي پئي اے، گهانا نئيں کهاوندي اے، ساري رات نندر نئيں ڪيتي اے. تے ساري رات تيرے فراق وچ...، ڪچهه هور کهاڪے ڪتهے مر هي نه جاوے!" پر، ولي صاحب ته مٿس گار جي ڏرٿي لايو ويٺو هو ۽ منشيءَ جي هڪ به هلڻ نٿي ڏنائين.

اهڙيءَ طرح، جيئن ئي اها بوتل ختم ڪري، ٻيءَ سان اجا هٿ ئي مس ڳنديا هئائين، ته آڏ به ساٿس انهيءَ مَي نوشيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ شريڪ ٿي ويس. سندس منشيءَ جو باربار اچڻ وڃڻ، منٿون ميڙ ڪرڻ، اتان جا سنديسا، پيغام ۽ نياپا پهچائڻ جاري ۽ ساري رهيا. تان جو، اچي رات جا يارهن ٽيا ۽ وهسڪيءَ جي ٻي بوتل به ختم ٿيڻ واري هئي، ته اوچتو وجد ۾ اچي، منشيءَ کي لکڻ جو حڪم ڏنائين. جنهن تي، هڪدم نوٽ بڪ کولي تيار ٿي، منشيءَ پنهنجو قلم سنڀاليو. پاڻ آورد ۾ اچي چيائين ته:

اب کیا ڈھونڈ رھی ھو سجنی، اک دل تھا وہ ٹوٹ گیا،
اک چھالا تھا من کے اندر، من میں تھا چھوٹا سا مندر،
اُس میں تھی سجنی کی مورت، جینے کی کچھہ کچھہ تھی صورت،
وہ چھالا بھی پھوٹ گیا- اب کیا ڈھونڈ رھی ھو سجنی....

اک آنسو من میں رھتا تھا، وہ تھا جیون مایا،
جب سے نین پھرے سجنی کے، اُس آنسو کو کل نہیں آیا،
دل سے نکلا آنکھ میں پہنچا، اب تو آنکھوں سے بھی چھوٹ گیا،
اب کیا ڈھونڈ رھی ھو سجنی، اک دل تھا وہ ٹوٹ گیا....

انهيءَ لکائڻ وقت مون ڏٺو ته ولي صاحب جي اکين ۾ لڙڪ هئا، جي ڪري پٽ پيا. پاڻ هڪڙو وڏو ٽڏو ساهه ڪڍي، آغا "حشر" ڪاشميريءَ وانگر، منشيءَ کي ماءُ پيڻ جون گاريون ڏيندي، چيائين ته، "منهنجا اهي جذبات ڪڍي، وڃي ماڻهين جي منهن ۾ هڻ." ولي صاحب کي، مرحوم آغا "حشر" جي شاگردن ۽ چيلن مان سيني کان وڌيڪ اهميت، فوقيت ۽ اوليت حاصل هوندي هئي.

اهڙيءَ طرح، سنڌس اهو منشي روئندو، اکيون مهٽيندو، ڳوڙها ڳاڙيندو، "پريات" سنيما تي، ممتاز شانتيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو. جتي انهيءَ رات ورائٽي شو بند هو، فقط فلم شو هلي رهيو هو. ويچارو منشي وري وري رات جو، ٻين اڀائي بجي تائين، ڪيس منتون ڪندو، هٿ ٻڌندو، ايندو ويندو رهيو. تنهن کان اڳ، منهنجي منت سماجت تي، سيخ پڪل ڪڪڙ ۽ ڪجهه پڪل گوشت ڪائي، هو وري

بہ پيئڻ ۾ ئي شروع هو. انهيءَ رات بہ، زور زبردستيءَ ۽ خوشامدون ڪري، بستر جي حوالي ڪيومانس، پر چوندا آهن تہ، "جنهن کي لڳي آهي لنئون، سي ڇو نہ ڇنديون!" تنهن وانگر سڄي رات ڇندو پڇندو رهيو. الٽو، منهنجي ننڊ بہ حرام ڪيائين. اهڙيءَ طرح سان، اها رات بہ گذري ويئي ۽ ڏينهن ٿيو.

صبح جو سويري، نظامي صاحب کان سواءِ، ممتاز شانتي، گيتا نظامي، ورائٽي شو جا جملي آرٽسٽ، سازنده ۽ ڪلاڪار، منشيءَ سان گڏجي، ٻن ٽن وڪٽوريا گهوڙي گاڏين ۾ سوار ٿي، ولي صاحب کي پرچائڻ خاطر، اسان جي جاءِ تي پهتا. گهڻي بحث مباحثي ۽ منٿن ميڙن کان پوءِ، ولي صاحب انهيءَ شرط تي راضي ٿيو تہ، "ممتاز شانتي، ساڻس هتي حيدرآباد ۾ ئي، بلوچ صاحب جي سرپرستيءَ ۽ هٿ هيٺ، نڪاح ڪري، شادي ڪندي!!"

جنهن تي اهي سڀيئي هائوڪار ڪري، واعدا وعيد ڏيئي، واپس "پريات" سٽنيما تي هليا ويا. باقي فقط ممتاز، شانتيءَ ۾ اچي، وٽس ئي رهي پيئي. ٻنهي کي پاسي واري الڳ ٿلڳ ڪمري ۾ روانو ڪري ڇڏيم، جنهن ۾ پينگهو ۽ پلنگ پيل هئا. ٿوريءَ ئي دير کان پوءِ، ڪمري ۾ ٺڪ ٺڪ ٿي ۽ دريون دروازا بند ٿي ويا. اندران، گهُڻ گهُڻ ۽ پُڻ پُڻ جا آواز ايندا رهيا.

ٻن ٽن ڪلاڪن کان پوءِ، ٻن ٽن هزار ڊيري دارن جي منٿيءَ مان ٺهيل، نظامي صاحب، ولي صاحب جي منشيءَ سان گڏ پٽرايو ۽ واضح ڪيائين تہ "آءٌ....! ممتاز کي شانتي ڏيڻ ۽ ڪيس وٺڻ آيو آهيان." نظامي صاحب جو آواز ٻڌي، ولي ۽ ممتاز شانتي بہ، ڪمري جا دروازا کولي، اسان وٽ آيا. ايندي شرط، ممتاز شانتيءَ، پنهنجي پيءُ کي روڪ ٽوڪ جواب ڏيندي، چيو تہ "آءٌ....! ولي جي آهيان، ولي منهنجو آهي. اسين، ڪنهن بہ صورت ۾، هڪٻئي کان جدا ٿي نٿا سگهون....!!"

اهڙيءَ طرح سان، بہ ادائي ڪلاڪ اهو بحث مباحثو هلندو رهيو. آخر، نظامي صاحب، نهايت سنجيدگيءَ، ٿڌي دماغ، سونهن ساک ۽ قسم قسمات سان واعدو ڪري، ڪين تسلي ڏني تہ "لاهور پهچندي ئي، پنهنجن عزيزن اقاربن، دوستن احبابن ۽ منٿن مائٽن کي ڪوٺ ڏيئي، آءٌ پنهنجي انهيءَ فرض کان سبڪدوشي حاصل ڪندس." اهڙا انجام اڪرام نظامي صاحب مون سان بہ ڪيا.

انهن اختلافن ۽ جهڳڙن دوران مون کي ڪن سراهٽ مان معلوم ٿيو تہ منٽيارين جي سادات خاندان مان ڪا شخصيت نظامي صاحب جي مدد ڪري رهي آهي. جنهن جي بل بوتي تي هن اڪڙڦون ڏيکاري، اختلاف وڌايا. پوءِ جڏهن ڪيس اهو معلوم ٿيو تہ ولي صاحب کي هتي جي طاقتور ۽ هلنديءَ پڇنديءَ وارن خاندان دوستن جي پوري پوري مدد حاصل آهي. تنهن کان پوءِ ئي نظامي صاحب هيٺانهين هلڻ جي ڪوشش ڪري، نياز نوڙت سان، سلسلي کي سرانجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

مون بہ ڪيس اڪيون ڏيکاريندي تب و تاب سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ "اسين...! سنڌ جا سپيئي خاندان، هڪ ٿي ويندا سين. توهان جي ڪري اسان ۾ ڪوبہ اختلاف پيدا ٿي نٿو سگهي."

مون کي اندازاً، اشارتاً- سچ ڪوڙ جي خدا کي خبر- اهو پتو پيو تہ نظامي صاحب کي محمد زمان شاہ مٽيارين واري جي مدد جي اُميد ۽ آسرو هو. ڇاڪاڻ تہ نظامي صاحب ۽ سندس پارٽيءَ جناب محمد زمان شاہ جي شاديءَ ۾ بطور "ڊانس پارٽيءَ" شرڪت ڪئي هئي، ۽ ڪين، لاهور کان دعوت ڏيئي، خاص طور گهرايو ويو هو ۽ ممتاز شانتي، جيڪا اُن وقت نوخيزيءَ مان نڪري، عالم شباب ۾ قدم رکي رهي هئي، جنهن جي حسن ۽ فن جو چرچو ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪو هو، نظامي صاحب کي سندس حسن، فن، ناز ۽ ادا تي ناز.... ۽ پورو پورو پروسو هو.

مون نظامي صاحب کي واضح ۽ واشگاف لفظن ۾ ٻڌايو تہ، "محمد زمان شاہ منهنجو دوست آهي. اسين هڪٻئي کي تمام چڱيءَ طرح ڄاڻون سڃاڻون ٿا. تنهن ڪري، هو صاحب منهنجو ٻڌي، تنهنجي ڪابہ مدد هرگز نہ ڪندو..." جنهن تي، نظامي صاحب ويتر وڌيڪ ڍلو ٿي، مون سان واعدو ڪيوتہ "بلوچ صاحب! ولي صاحب ۽ ممتاز شانتي جيئن چاهيندا تيئن ئي ٿيندو. اوهان اهو يقين ڪريو. ۾ شان مان، عزت ۽ آبروءَ سان، پنهنجي اباڻي ملڪ لاهور وڃي، انهيءَ معاملي کي نپايون تہ بهتر ٿيندو." جنهن تي، اسين سپيئي، محبت، صداقت، جذبي ۽ خلوص ۾ اچي، راضي ٿي وياسين.

نظامي صاحب، پنهنجا جملي پروگرام ختم ڪري، سٽنيما وارن ڪان حساب ڪتاب چڪتو ڪري، پنهنجا معاملا نيڪ ٺاڪ ڪري، ٻئي ڏينهن شام واريءَ ٽرين ۾، لاهور لاءِ سيٽون بُڪ ڪرائي، پنهنجن جملي آرٽسٽن، اداڪارن، سازندن ۽ فنڪارن سميت، لاهور روانو ٿي ويو. اها آخري رات، ولي صاحب وجد ۾ اچي، اسان جي جڳهہ تي ئي، سڄي رات، ممتاز کي شانتي ڏيندو رهيو. صبح جو ٻنهي کي نارمل، هلڪو ڦلڪو ۽ ٽڏو ڏٺم.

آءٌ، ٽرين رواني ٿيڻ کان اڳ، ممتاز شانتيءَ، گيتا نظاميءَ، ولي صاحب ۽ سندس منشيءَ کي، پاڻ سان گڏ موٽر ۾ سوار ڪري، ريلوي پليٽ فارم تي پهتس ۽ ڪين لاهور ڏانهن ويندڙ قافلي ۾ شامل ڪري، واپس پنهنجي قيامگاهہ تي پهچي، رب پاڪ جا شڪرانا بجا آندم.

جيتوڻيڪ انهيءَ ڊانس پارٽيءَ جي مالڪ ۽ مالڪ، ممتاز شانتي ۽ نظامي صاحب هئا، پر انهيءَ پارٽيءَ جو بانوندر، فائوندر ۽ ڪمپوزر ولي صاحب ئي هو، جيڪو ڪين ننڍا ننڍا ورائٽي پروگرام لکي ٺاهي، ريهرسل ڪرائي، اسٽيج تي پيش ڪندو هو. تنهن کان سواءِ، انهن پروگرامن جو نغمہ نگار بہ ولي صاحب ئي هو. ممتاز شانتي فنڪارانہ، اداڪارانہ، صداڪارانہ صلاحيتن سان گڏ، مڪمل ڪلاڪار پڻ

هئي. سندس پايل جي جهٽڪار ۽ گهنگهرن جي ڇٽڪار تي، ڪيئي دليون ڇٽڪنديون رهنديون هيون. تنهن سان گڏ، جڏهن مردانو سوٽ پائي، شرابيءَ جو ڪردار ادا ڪندي، صُراحي ۽ جام هٿن ۾ ڪٽي، مست، مخمور ۽ سرشار بڻجي، ڪرندي، ٽڙندي، ٽابڙندي، اسٽيج تي پهچي، ولي صاحب جو اهو گانو ڳائيندي هئي ته "...شرابي....! شرابي....!! شرابي....!!!" ته سڄو ٿيٽر ۽ هائوس به، شرابي بڻجي، بدمست ٿي، جهولندو نظر ايندو هو.

الله الله! اهي ته پنهنجو پروگرام پيش ڪري، واپس وطن هليا ويا هئا، پر سندن نه مٽنجندڙ يادون، ماڻهن جي دلين ۾ نقش ٿي ويون، جيڪي اڄ به عوام جي دلين ۽ ذهنن ۾ محفوظ آهن، جن کي ميساري ۽ وساري ئي نٿو سگهجي.

مهيني کن کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته ممتاز شانتيءَ ۽ ولي صاحب جي پاڻ ۾ هڪٻئي سان، باقاعدي شادي ٿي چڪي آهي ۽ اُهي سيٽي، گيتا نظامي ۽ نظامي صاحب سميت "بمبئي" روانا ٿي چڪا آهن، جتي "بمبئي ٽاڪيز" سان معاهدو ڪري، ولي صاحب فلمون ٺاهي رهيو آهي ۽ ساڻن گڏ گيتا نظامي پڻ نظامي صاحب جي سرپرستيءَ ۾، هيروئن بڻجي، ڪيترين ئي فلمن ۾ ڪم ڪري رهي آهي- جن ۾ "سسئي پنهون"، "پنا" ۽ "ڪمره نمبر 9" وغيره، سندس قابل ذڪر فلمون آهن: تنهن کان سواءِ، ولي صاحب جي ڊائريڪشن ۾، ممتاز شانتي، هيروئن بڻجي، فلم "پدمڻي" ۽ "پتليءَ" ۾ زبردست ڪاميابي حاصل ڪري، ملڪ جي صف اول وارين هيروئنن جي لسٽ ۾ شمار ٿي، شهرت جي انتهائي بلندين تي پهچي، عوام کان خراج عقيدت ۽ داد تحسين وصول ڪري چڪي آهي.

منهنجيون اڪثر و بيشتر بمبئيءَ ۾ ساڻن گڏ ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. منهنجي فلم ڪمپنيءَ "سنڌ ساگر موويٽون" جو نالو به ولي صاحب پاڻ ئي تجويز ڪيو هو، پر افسوس، جو عمل ۾ اچڻ وقت، ماحول جي هيرا ڦيرين ڪري، ساڻس ڪوبه صلاح مشورو ڪري نه سگهيس ۽ نڪا ئي وري ڪانٽس ڪا مدد ئي حاصل ڪري سگهيس.

پر جڏهن ملڪ افراتفريءَ ۾ اچي، ورهائجي، تقسيم ٿيندي، دو نيم ٿي ويو، ۽ آءٌ مهاجر جي حيثيت ۾، ڪجهه به ساڻ نه ڪٽي، لڪن جا نقصان سهي، واپس پنهنجي اباڻي ملڪ ۽ وطن سنڌ پهتس، ته هڪڙو ولي صاحب ئي، بمبئي ۾ رهيل منهنجن ماڻهن ۽ ساڻين جي پرداخت ڪري رهيو- جن ۾ گلشن صوفي، پوڙهي امان رحيمن، فقير درمحمد، جيوت ٺاڪر ۽ ٻيا شامل هئا. ايتري قدر، جو اسان جي سامان مان پائڻ جا بيش قيمت ڪپڙا لتا ۽ ڪجهه ٻيو سامان سرڙو، پنهنجي طرفان پاڙا خرچ ڀري، منهنجن اتي رهيل ماڻهن هٿان مون ڏانهن، موڪلي ڏنائين.

ممڪن آهي ته منهنجي حساب ۾، سندس پنج ست هزار روپيا خرچ اچي ويو هجي، پر سندس خيال هو ته "سنڌ ساگر موويٽون" وارا اڏورا رهيل پروگرام، پاڻ

تڪميل تي پهچائي، بلوچ صاحب کي، نقصان کان بچايان. مگر، مثال مشهور آهي ته "انسان تدبيرون ڪندو آهي ته تقدير وري مٿس ڪلندي آهي ته 'مون ۾ ڇا لکيل آهي ۽ هي ڇا سوچي رهيا آهن' !"

پر، اسين جيڪڏهن ماديت جي چڪر ۾ اچي، تدبيرون ۽ تقديرن کان به اڳتي قدم وڌائي سوچيون ٿا، تڏهن به ائين چونداسين ته "جيڪو ٿيئڻو هو، سو ٿي ويو...! لڳيءَ کي ته سهڻو ئي پوندو آهي!!"

تنهن ڪري، آءٌ ولي صاحب جي خلوص، سچائيءَ، محبت، صداقت ۽ پيار جو شڪر گذار آهيان، جنهن منهنجي هرڪا مدد ڪرڻ چاهي ٿي، پر آءٌ سيٺ ريجهومل تي اعتبار ڪري "چڏا برادرس" ۽ "گرڌر بهار پروڊڪشن" جي آڇن ۽ پيشڪشن وانگر، ولي صاحب جي مدد کان به بلڪل محروم رهجي ويس.

ريجهومل جو فرار ۽ نهال فلمز جي ابتدا

جيئن ته سيٺ ريجهومل سان ڪاروباري ڳالهين ۾، ٻيا ٻيا ڪردار وچ ۾ ٽپي پيا آهن، ۽ مون به ڪين ضروري سمجهندي، پئي نٿايو آهي، تنهن ڪري اهي ڪاروباري فيصلا، فيصلا ڪن مرحل ۾ پهچندي به، فيصلي تي پهچي نه سگهيا آهن. مٿي لکي آيو آهيان ته سيٺ ريجهومل کي رش پرنٽون به وٺيون، اڪائونٽس جي به تعريف ڪيائين، آفيس جي ڪارڪردگي به وٺيس، سڀيئي شرط شروط به طئي ٿي ويا، پر پوءِ به نڃاڻ ته ڪهڙن خيالن کي مدنظر رکندي، ڳالهين کي طول ڏيندو ۽ اينگهائيندو ئي رهيو.

آءٌ اهو سمجهي خاموش رهيس ته سنه 1948ع جي ڪاتن سيزن ڪٽڻ کان پوءِ، بمبئي هلي، منهنجي ڪاروبار کي نپائيندو، پر ائين نه ٿيو. سنه 1948ع واري سيزن ڪٽڻ کان پوءِ، بغير ڪنهن اطلاع ڏيڻ جي، ماتليءَ وارو ڪارخانو سريوال صاحبن کي پنج لک اسي هزار روپين ۾ وڪٽي، پنج لک رپيا نقد وٺي، اسين هزار رپيا رجسٽر ڪرائي، ڏيڻ تائين وٽن ئي امانت طور ڇڏي، پاڻ بمبئي روانو ٿي ويو، جنهن تي مون کي بيحد صدمو رسيو. ڇاڪاڻ ته ڪاروباري لين دين پنهنجيءَ جاءِ تي، پر ساٿس والهانه دوستي به هئي، ڪيترن ئي ڏکين وقتن تي هڪٻئي کي ڪم آيا هئاسين.

هن شايد مون کان ڊڄي، ڪٽ ڪري، مصلحت انديشيءَ کان ڪم وٺي، ائين ڪيو هجي. پر آءٌ ڪيس پنهنجو يار غمگسار سمجهي، ڪيس ڪڏهن به ڪو نقصان هرگز نه پهچايان ها. بلڪ مون کان جيترو به پهچي سگهيو ٿي، ڪيس فائدي رسائڻ جي ڪوشش ڪريان ها. پر هرڪنهن جو پنهنجو پنهنجو خيال ۽ پنهنجي پنهنجي سمجهه هوندي آهي.

بمبئي پهچڻ کان پوءِ، سندس خط مليو، جنهن ۾ لکيو هئائين ته "پاڪستاني

آرٽسٽن جو، بمبئيءَ اچي، تنهنجين اڏورين فلمن کي پاڻ تڪميل پهچائڻ تي اعتبار نه ڪندي، مون پنهنجو نئون فلم پروڊڪشن، "نهال فلم ڪارپوريشن" جي نالي سان، شروع ڪيو آهي، جنهن تي توهان کي ضرور خوشي ٿيندي، ۽ ڪيرون لهڻو ته توهان جو شاگرد، فلمي ڪاروبار بابت، توهان کان ئي سکي، فلمي ڪاروبار ۾ آيو آهي. توهان جي سفر جي ساٿيءَ، ثقافتي ۽ فني همرڪاب، گلشن صوفيءَ کي به، انهيءَ مهم ۾، صلاح مشوري خاطر، پاڻ سان گڏ شامل رکيو اٿم، جنهن "ديپڪ آشا" کي ڊائريڪشن جا فرائض سونپي، پهرين فلم ، 'جلتي ديپ' ڪهاڻيءَ جو انتخاب ڪيو آهي- جيڪا ڪهاڻي به 'ديپڪ آشا' جي دماغي ڪاوشن جو نتيجو آهي. رات ڏينهن پيپر ورڪ کي مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اُميد آهي ته هفتي کن جي اندر شوٽنگ شروع ٿي ويندي."

مون کي سندس اهو خط پڙهي، ٿوري گهڻي پريشاني ضرور ٿي. پر دنيا جي دستور کي سوچي، نئون تجربو حاصل ڪري، هن شعر جي پناهه ۾ اچي، مدد حاصل ڪرڻي پئي ته:

"مطلب جي دوستي آ، مطلب جي سڀ وفا آ،
مطلب جي آهي دنيا، مطلب فقط خدا آ،
اُلفت آ ڪم دل جو، دل جا به ٻه اکر آهن،
اُن ۾ به آهي ويچو، هر هڪ الڳ جدا آ."

انهيءَ مٿئين شعر جو آسرو وٺي، دل کي دلاسو ڏيئي، طبيعت جي طلاطم کي منجمد ڪري، خط جي جواب ۾ خط لکي، ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم ته، "تون شاهوڪار، سيٺ ۽ سرمائيدار آهين. هڪ ته ڇا، پر ڏهه فلمون به ڪڍي سگهين ٿو، ڪابه ڪوٽ ڪانه پوندي. تنهن سان گڏ، اهو به صحيح آهي ته تون وڏو واپاري، واٽيون، ڏنڌن جو ڄاڻو، زيرڪ، ذهين ۽ سياڻو به آهين. تنهن ڪري ڪاروبار هلائي سگهين ٿو. پر آءٌ اهو هرگز تسليم ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان ته تون ڪو فنڪار ۽ ڪلاڪار به آهين!

"شاهوڪار ۽ سيٺ جي حيثيت ۾، ڪيئي فلمون ناهي سگهين ٿو، پر اهو ضروري ناهي ته اُهي فلمون، فني نقطي نگاهه کان، بام عروج تي پهچي، ڪاميابيون حاصل ڪري، آرٽ ۽ فن جي دنيا ۾، ڪو تهلڪو مچائي سگهن، يا نفسياتي طور، باڪس آفيس تي (Super Hit) ۽ ڪامياب بڻجن، يا وري علمي ۽ ادبي دنيا کي متحير ڪري، داد تحسين حاصل ڪن.

"تنهن ڪان پوءِ، تو پنهنجي هڪڙي پياري دوست کي دوکو ڏيئي، ترسائي ۽ رهائي نقصان پهچايو آهي. تنهنڪري توکي به انهيءَ سزا ۽ جزا ڀڳتڻ لاءِ تيار رهڻ گهرجي، جيڪا انهيءَ فلم انڊسٽريءَ مان ئي توکي ملڻ واري آهي. حالانڪ، آءٌ تنهنجو، تنهنجن ٻچن جو ۽ تنهنجي خاندان جو دعاگو آهيان ۽ تا زندگي دعاگو ئي

رهندس ۽ چاهيندس تہ توکي ڪوبہ ڪوسو واءُ نہ لڳي ۽ نہ تنهنجو ڪو وار ئي ونگو ٿئي؛ هميشہ گلاب جي گل وانگر مهڪندو، ٻهڪندو ۽ ٽرندو رهين؛ چاڪاڻ تہ مون تي تنهنجا ايڏا تہ احسان آهن، جن کي آءٌ لاهي ئي نٿو سگهان."

منهنجي انهيءَ خط جي لکيل، مختلف پيرائن مان، ڪن جو پورو تہ ڪن جو اٽپورو جواب ڏيئي، اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ "آءٌ شاهوڪار آهيان، تنهن ڪري فن ۽ فنڪارن کي خريد ڪري، پنهنجي مرضيءَ مطابق هلائي سگهان ٿو." تنهن کان پوءِ بہ، خط و ڪتابت جو سلسلو برابر جاري ۽ ساري رهيو، جن جو پورو فائل اڄ بہ مون وٽ موجود آهي.

برادرم محترم، مرحوم عبدالجليل ايڊووڪيٽ، جي ساري محنت رائيگان ۽ اڪارت ويئي. سندس محنت سان ٺاهي تيار ڪيل ڊرافٽ ۽ ٽائيپ ڪرايل مسودو ڪنهن بہ ڪم نہ آيو. تنهن هوندي بہ، سندس محنت جو معاوضو ڏيڻ خاطر، جڏهن وٽس آفيس ۾ ويس تہ پاڻ ائين چئي وٺڻ کان انڪار ڪيائين تہ "منهنجي ٺاهيل انهيءَ ڊرافٽ واري مسودي مان توهان ڪوبہ فائدو نہ ورتو، تنهن کان سواءِ توهان اڳي ئي نقصان ۾ ويل آهيو، تنهن ڪري آءٌ توهان تي وڌيڪ بار بڻجڻ هرگز نٿو چاهيان. البتہ ٽائيپسٽ کي ڪي ڪجهہ پگهر سُڪاڻي ڏيئي ڇڏيو تہ بهتر ٿيندو." جنهن تي مون هڪ سؤ روپيا ڪڍي، سندس اڳيان ٽيبل تي رکيا. جن کي "تمام گهڻو" چئي، فقط پنجاهہ روپيا کڻي، ٽائيپسٽ کي ڏنائين. باقي بچيل پنجاهہ روپيا، مون کي واپس موٽائيندي چيائين تہ، "اهي پنجاهہ روپيا بہ ٽائيپسٽ کي مون تمام گهٽا ڏياريا آهن- جنهن جي محنت جو اجورو، انهيءَ کان بہ، گهڻي قدر گهٽ ٿيندو."

الله، الله! مقام عبرت ۽ افسوس آهي تہ اهڙا سخي، ديانتدار ۽ وفا شعار وڪيل اسان کان دائمي طور ۽ هميشہ هميشہ لاءِ وڇڙي هليا ويا، جن پنهنجي پيشہ ورانہ صداقت ۽ سچائيءَ تي ڪڏهن بہ سوديبازي نہ ڪئي، ۽ پنهنجي اصيل جي ڏنل ڪم کي امانت سمجهي نيائيندا ٿي رهيا. ڪڏهن بہ خيانت جو تصور ئي نہ ڪيائون. ورتل ڪم لاءِ پنهنجو اجورو قائم ڪرڻ کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪنهن کي وڌيڪ تنگ نہ ڪيائون. حق ونندا هئا، حق چوندا هئا ۽ حق خاطر ئي لڙندا هئا. اگر ڪڏهن ڪو اصيل غريب ملندو هئن، تہ سندس حال تي ئي هلندا هئا. مخالف ڌر وارا لڪن جون آڇون ڪندي بہ سندن ايمان کي متزلزل ۽ خريد ڪري نہ سگهندا هئا.

اڄا سندس وڃڻ جي وهي ۽ موسم ئي ڪانہ هئي تہ الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي سندس جدائيءَ جو داغ ڏيئي، مفارقت ڪري، ڪيس اسان کان ڪسي ورتو. ممڪن آهي تہ خدا تعاليٰ کي، سندس، ڪائناتي چرخ ڪهن واريءَ عدالت عاليہ ۾ اسان کان وڌيڪ ضرورت محسوس ٿي هجي.

اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ الله تعاليٰ کي بہ ايماندار، وفاشعار، مخلص، بااخلاق، صداقت مند، سچار ۽ صلاحيت مندن سان، پنهنجيءَ مجلس کي سجائڻ، سنوارڻ ۽

آراسته پيراسته ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي، جن ڪي مند، موسم، ۽ موقعي کان اڳ ۾ ئي گهرائي، پنهنجن محفلن ۽ مجلسن کي سينگاريندو، سنواريندو ۽ سجائيندو آهي.

اهڙيءَ طرح سان، برادرم عبدالجليل ايڊووڪيٽ کي به اسان کان ڪسي، جدا ڪري، ڪٽي ويو- جنهن کي اسين، اڄ به پنهنجي تخيل ۾ سندس عدالتي دربار ۾، اوليت حاصل ڪري، چهڪندڙ، ٻهڪندڙ ۽ مرڪندڙ ڏسي رهيا آهيون. وري به هن لاءِ دعا ڪري رهيا آهيون ته "الله تعاليٰ کان، ويتر وڌ سرخروئي حاصل ڪري ۽ مٿس الله تبارڪ وتعاليٰ جون برڪتون ۽ رحمتون، نازل ٿي وسنديون رهن. آمين!"

سيٺ ريجهومل سان خط و خطابت اڃا جاري ٿي هئي، ته فريرا مينشن واريءَ آفيس جو سربستو سامان، جيڪو ڊيڪوريٽ ٿيل فرنيچر، ٽيڪنيڪل ۽ ميوزيڪل انسٽرومينٽس تي مشتمل هو، ليلا ديويءَ جي تسلط ۽ قبضي ۾ اچي، سندس ٿي ويو: فلم اسٽوڊيو ۾ پيل سامان، جنهن ۾ رش پرنٽس، گانا، نگيٽو، پازيٽو، سائونڊ، ڊريسز، ڪاسٽيوم، سيٽنگ جو سامان ۽ فرنيچر وغيره هو، سينٽرل فلم اسٽوڊيو جي ٿي نذر نذراني ٿي ويو، جنهن لاءِ اسٽوڊيو طرفان ٻه ٿي نوٽيس موڪليا ويا ۽ آخري طور نيلام ڪرڻ جا ڏڙڪا پڻ ڏنائون. اسان جي رهائشگاهه واري بنگلي جو سامان، ڊيڪوريشن، فرنيچر، پڙدا ۽ ٻيو سامان گلشن صوفي جي ٿي حوالي رهيو. ٻه موٽر ڪارون، ليلا ديويءَ ۽ گلشن صوفيءَ جي وچ ۾ متنازعه مسئلو بڻجي، باعث اختلاف ٿي، وڪرو ۽ نيلام ٿيون ۽ اتي جي رهيل بلن ۽ خرچن جو ائين پورائو ڪيو ويو. ان سڀ بابت، هتي ويٺي ويٺي، آءٌ ڪجهه به ڪري نه ٿي سگهيس.

اڳتي هلي، خبر پيئي ته سيٺ ريجهومل واري "نهال فلم ڪارپوريشن" جي بينر هيٺ ناهيل فلم "جلتي ديپ" بريءَ طرح فلاپ ويئي، جنهن جي نقصان جي پورائي ڪرڻ ۽ بدنامي ۽ رسوائي کان بچڻ لاءِ، وري سعادت حسن منٽو صاحب جي لکيل ڪهاڻي "آغوش" کي فلمايائين، جيڪا پڻ سخت فلاپ ويئي. انهيءَ کان پوءِ وري هڪڙي جادوئي مارامارئ سان پرپور اسٽنٽ ڪهاڻي "جادوئي بنسري" ناهيائين، جنهن ڪجهه نه ڪجهه منهن مڪيرو ڪيس، پر تنهن وچ ۾ سندس مالي حالت، ڏوڪڙ پيسي ۾، ڏيوالي جي حد تائين پهچي چڪي هئي. سندس ڪٽنب قبيلي جا ڀاتي به منجهائنس هٿ ڪڍڻ لڳا. پر تڏهن به آءٌ ڪيس هتان ويهي، دعائون ۽ آسيسون ٿي ڏيندو رهيس ته "شال خدا ڪيس ڪامياب بنائي!" ڇاڪاڻ ته منهنجي صحبت جي ڪري ٿي، هيءُ وقتي غير جوابدار ۽ فرض ناشناس دوست فلم انڊسٽريءَ ۾ آيو هو ۽ تنهن سان گڏ، پنهنجن خطن ۾ ڏانهس لکيل نصيحتون ياد ڪندي، عبرت ڪائيندي، "جزا ۽ سزا" وارا لکيل اکر به اچيو سامهون بيٺا ٿي!

وري ٻڌڻ ۾ آيو ته، عزيزن قريبن ۽ رشتيدارن کان صلاح مشورا وٺي، گلشن

صوفيءَ جي موسيقيءَ ۽ ميوزڪ ڊائريڪشن ۾ هن فلم "گهمنڊ" ناهي، جيڪا ميوزيڪل هٽ ۽ ڪامياب ثابت ٿي، ۽ جنهن ڪجهه مال پاڻي به واپس ورايو- جنهن جي گريموفون رڪارڊن جو سيٽ مون وٽ اڄ به موجود ۽ محفوظ آهي، جيڪو گلشن صوفي 1955ع ۾ آخري بار ماتليءَ اچڻ وقت، پاڻ سان گڏ ڪٽي آيو هو ۽ اسان جي روبرو واريءَ ملاقات ۾ پنهنجي آخري تحفي طور مون کي ڏيئي ويو، ۽ ان کان پوءِ هن زندگيءَ ۾ وري ساٿس ٻيهر ملاقات نصيب نه ٿي. انهيءَ وقت، منهنجو "پڪچر نيسٽ" سٽنيما (Picture Nest Cinema) ڏاڍين تڪليفن، محنتن، جاکوڙن، جانفشانين، سڄاين ۽ مفلسين ۾، ٺهي راس ٿي چڪو هو، جنهن ۾ رڪارڊنگ ڪري، پنهنجا اهي رڪارڊ وڄائي، ٻڌائي، ڪجهه عرصو ماتليءَ ۾ رهي، مڪمل طور ٻمبئيءَ کي الوداع چئي، اتان لڏي ۽ چڏي اچڻ جا واعدا وعيد ڪري، هو واپس ٻمبئي روانو ٿي ويو- جتان ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ خبر پيئي ته جز مان ڪل ٿي، پنهنجو هي دنياوي سفر پورو ڪري، "ماهيم" ٻمبئيءَ واري درگاهه جي قبرستان کي پنهنجي آخري آرامگاهه منتخب ڪري، راهي عدم ٿيو.

اڄ به سندس يادون اسان وٽ اسان کي تڙپائڻ لاءِ موجود آهن. "انا الله وانا عليه راجعون" چوندي، الله تبارڪ وتعاليٰ جي درگاهه ۾ دست بدعا آهيون ته، "الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جڳهه ڏيئي، دائمه بهشت عطا ڪريس. آمين!"

مرحوم گلشن صوفيءَ جي گهر واري ۽ پٽ، بفضل خداوند ڪريم، اڃا بقيد حيات ٻمبئي ۾ موجود آهن، جتي سندس گهر واري پنهنجي پاڙي ۽ آسپاس وارن ٻارن کي قرآن ڪريم پڙهائي ۽ محنت مزدوري ڪري، پنهنجي معاش جو پورائو ڪندي آهي. تنهن سان گڏ، سيٽ ريجهومل به ڪيس ماهوار وظيفو ڏيئي، پالنا ڪندي، پنهنجن فرضن جي ادائيگي ۽ تڪميل ڪندو رهي ٿو. سندس پٽ، جنهن جو نالو "اختر" مان ڦيرائي "انسان" رکيو هئائين، سو اڄ حيوان ٿيندي، پنهنجي پالنا ۽ پرورش به ڪري نٿو سگهي. آءٌ انهيءَ کي به دعا ٿو ڏيان ته "شال خدا ڪيس فرض شناس بڻائي! ۽، ماءُ جي قدمن ۾ رهي، صحيح معنيٰ ۾، واقعي انسان بڻجڻ جي توفيق عطا ڪري، ته جيئن پنهنجي والده ماجده جون دعائون به حاصل ڪري سگهي."

مون، هتي ويهي، ڪين پاڻ وٽ گهرائڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي آهي، پر پاڻ اڃا تائين هتي اچي نه سگهيا آهن. حالانڪ مون سندن سڀ خرچ اخراجات، تعليم ۽ تربيت جا به سڀيئي بوجهه ۽ بار پاڻ تي ئي هموار ڪيا. انهيءَ کان وڌيڪ آءٌ ڪري به ڇا ٿي سگهيس؟

سيٺ ريجهومل سان دوستانه ۽ برادرانه خط و ڪتابت جاري ۽ ساري آهي، جنهن مان سندس خير عافيت معلوم ٿيندي رهي ٿي. پاڻ به مشفق ۽ مهربان جي حيثيت ۾ حال احوال وٺندو ۽ ڏيندو رهندو آهي. جنهن جو هڪ جدا ۽ الڳ فائل به ڪافي وڏو بڻجي چڪو آهي. گلشن صوفيءَ جي ٻارن ٻچن لاءِ ڪيس هميشه پارٽ ڪندو رهندو آهيان، ۽ ڪيس سنڌ اچڻ لاءِ به دعوت ڏيئي چڪو آهيان. طبيعت چاهي

ٿي تہ هڪ پيرو زندگيءَ ۾، هتي يا هُتي، سائس ضرور ملاقاتي ٿيون! اُميد تي دنيا قائم آهي!

اهڙيءَ طرح سان، گذريل ۽ پوين واقعن ۽ حادثن مان سبق پرائي، سنہ 1927ع کان، جنهن ڏن ۽ دنيا کي، پنهنجو مقصد حيات بڻائي، ايڪيهن ٻاويهن سالن يا اڃا بہ ڪٿي ائين چئجي تہ عالم ارواح ۽ "ڪن فيڪون" کان تڙپندو ۽ واجهائيندو، سنہ 1948-1949ع ۾ پهچي، ڪيئي سڪيائون وٺي، تجربا حاصل ڪري، ان مقصد حيات جو دفينون ٺاهي، في الحال ۽ وقتي طور، ان کي دفن ڪرڻو پيو.

آءٌ انهيءَ خيال جو آهيان تہ سؤ، هزار، لک سال عمر هجي، سڄيءَ دنيا جون لائبريريون پڙهي پوريون ڪجن، تڏهن بہ طفلِ مڪتب آهيون. اڃا بہ پڙهڻو، پوڙهڻو ۽ تجربا حاصل ڪرڻا آهن. ڇاڪاڻ تہ اچڻ واري وقت کي، جنهن کي مستقبل چئجي ٿو، ڏسي، سمجهي، ڄاڻي، پروڙي، ڪوبہ فيصلو ڪري ئي نٿو سگهجي تہ اڳيان اڳتي ۽ ان کان اڳيان ڇا آهي ۽ ڇا ٿيندو؟ وري بہ آئيندہ سفر کي پوري ڪرڻ، رهيل جذباتن ۽ احساسات کي پايہ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ اُميد جو ڏيئو ٻاري، روشن ڪري، اڳتي وڌڻ لڳس- جنهن ۾ منهنجي اڳيان، ڪيئي اسڪيمون، آسرا ۽ تمنائون هيون. پر پهرين دوستن جي ٻڌايل پڳ، ماتليءَ ۽ ماتلي ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽيءَ کي، اوليت ڏيئي پيئي، جيڪا سول جج جناب شيخ غلام رسول، مختيارڪار ماتلي جناب ميرِ محمد 'مهر' ۽ جناب سيٺ ريجهومل، مون کي صلاحيت مند، سٺو منتظم ۽ مستحق سمجهي، منهنجي حوالي ڪئي هئي.

"ماتلي" اڪر جي ڪوجنا ۽ ڄاڻ

ماتلي هڪ تہ ساٿيہ آهي، چوندا آهن تہ:

"سڄڻ ۽ ساٿيہ، ڪنهن اٿاسيءَ وسري."

تنهن کان سواءِ، ماتلي هڪ اهڙو سهڻو خطو آهي، جنهن کي 'وٺلي' وادي ۽ ماڙي بہ چئي سگهجي ٿو. هندستان جي شهري ماحول سان گڏ، ٻهراڙيءَ واري ڳوٺاڻي ماحول، جنهن ۾ نديون، نالا، درياهہ، آبشار، چشما، پهاڙ، واهڙ ۽ ڪيئي سبزہ زار آهن، جن سان گڏ "واديءَ ڪشمير"، جنهن کي "زميني جنت" ڪري سڏجي ٿو، جنهن جي نظارن جو تفصيلوار ذڪر هن کان اڳ "سير ڪشمير" جي عنوان سان ڪري آيو آهيان، پر ماتليءَ جا نظارا، ڦليلي نديا ۽ سندس سرسبز ۽ شاداب ڪنارا، "ماتليءَ ۽ ماتليءَ جا نظارا" ۽ "ڦليلي ۽ ڦليليءَ جا ڪنارا" جي عنوان سان بہ اڳيئي لکي، سندن مصوري ۽ چترڪاري ڪري چڪو آهيان. هتي فقط آءٌ اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو تہ "ماتلي" بہ پاڻ ۾ پنهنجي اهميت، صلاحيت ۽ انفراديت قائم رکي ٿي، جيڪا ڪٿي بہ فراموش ٿي نہ سگهي آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن وري فراموش ٿي سگهي ٿي.

جنهن لاءِ نيچرل، فطري ۽ انقلابي شاعر 'تنوير' نقويءَ، خطہ ماتليءَ کان

متاثر ٿي، انهيءَ وٽليءَ ۾ واديءَ وارن نظارن جي هن ريت مصوري ڪندي، نگارش ۾ چترڪاري ڪئي آهي:

حسيں ماتلی تجھہ پہ لاکھوں سلام، لبالب رھے تیری ندیا کا جام -
یونھی مسکرائیں تیري صبح شام، یہ کھتا ھے "تنویر" فطرت کلام-

تیرے گلبداماں نظاروں کی خیر، مھکتي بھکتی بھاروں کی خیر،
چمکتے دمکتے ستاروں کی خیر، پھلیلی کے دلکش نظاروں کي خیر

کنارے جھاں حسن آباد ھیں، کنارے جو موجوں دلشاد ھیں،
کنارے جھاں دام و صیاد ھیں، کنارے جو جَلجاروں کي یاد ھیں-

پھلیلی کے ھمراہ ھے ایک راہ، درختون نے جس راہ کو دي پناہ،
حسیں جیسے شاعر کي رنگیں نگاہ، جھاں ھے سفینوں کی آرام گاہ-

گھیرے درختوں کی چھاؤں تلے، ھیں کتنے دلوں کے جواں ولولے،
یھاں جس کے کتنے ھی قافلے، گذرتے ھوئے آئے، ٹھیرے، چلے-

تیرے گل گلستاں کے ھیں آبرو، ملائم ھیں کلیاں مگر شعلہ خو،
ندي ھے کہ بھتا ھوا آئینہ، ندي ھے کي دریاؤں کی آرزو-

ھر اک خار پر "قیس" کا ھے گمان، ھر غنچہ ھے محمل رنگ و بو،
یھاں ھر سویرا سناتا رھا، پرندون کی گاتی ھوئی گفتگو-

صدائے جرس قافلے کی اذان، سناتی ھے گیتون بھری داستاں،
لرزتا ھے پچھلے پھرکا سماں،کھنکتی ھیں پنگھٹ پہ جب چوڑیاں -

یھاں چوس لیتا ھے جب آسماں، اُفق کے لبوں کی حسیں سرخیاں،
مھکتا ھے شبنم کا ٹھنڈا دھواں، (کہ جیسے سجا آہ کا کاروں)-

ھر اک چاندنی رات ھے مہ جبیں، ھر اک تیتلی حور سی نازنیں،
ھر اک پھول ھے جبرئیل امیں، کٹیلے ھیں کانٹے مگر دلنشیں-

یھاں اوس کا قطرہ بر نوک خار، دکھاتا ھے تصویر "منصور" دار،
ھر اک نقش ھے صنعت کردگار، ھر اک حسن ھے حسن پروردگار-

چلا جا رھا ھے نہ جانے کھاں،
یہ شاعر یہ سالار بے کاروں-

حسیں ماتلي تجھہ پہ لاکھوں سلام!

ماتليءَ کي سنوارڻ، سڌارڻ، ۽ ترقي وٺڻ وٺائڻ کان اڳي، اُنهيءَ ۾ جيڪي ڪردار، منهنجا مددگار ٿي، شامل سفر ٿين ٿا، تن جي ذڪر کي مهمل ۽ ملتوي ڪري، "ماتلي" لفظ تي سوچڻو پوي ٿو ته اهو نالو هن شهر سان ڪيئن منسوب ٿيو؟ ڇاڪاڻ ته، نقشن مطابق، ڦليليءَ جي ڏاڪڻين ڪناري کي ڳوٺ "مراد علي خان" لکيو ويو آهي، جيڪو منهنجو ڏاڏو هو: اُترئين ڪناري کي "ٽنڊو خان محمد" ڪري سڏيو ويندو هو. پوءِ، انهيءَ تي ماتليءَ جو نالو ڪيئن پيو؟ تنهن لاءِ، راوين جون مختلف روايتون آهن.

ڪي راوي چون ٿا ته ماتليءَ کان اڌ ميل ڪن پنڌ تي، اُتر اولهه جي ڪنڊ تي جيڪي ڏڙا آهن، انهن ڏڙن تي "ميتلن" جو ڳوٺ هو. تنهن ڪري انهيءَ "ميتلا" قوم جي ڪري ئي، "ميتلا" اکر مان ڦرندي گهرندي، "ماتلي" اکر بڻجي ويو.

ٻيءَ روايت مطابق ته هتي هڪڙي پهتل ۽ معرفت جي صاحب، برگزيده ۽ نيڪو ڪار مائي "متي" رهندي هئي، جنهن جي "دعا" ۽ "پِٽ پاراتي" جي شهرت، چرچو ۽ دور دورو پري پري تائين هوندو هو. انهيءَ شهرت سبب، اُنهيءَ نيڪوڪار مائي "متيءَ" جي نالي سان ئي، هن شهر کي "ماتليءَ" جو نالو مليو.

ائين برابر آهي ته اسان جي شهر "ماتليءَ" کي "ولين ۽ اوليائن جو واڻ" ڪري سڏيو ويندو هو ۽ اجا تائين سڏيو ويندو آهي، جنهن ۾ گهڻو ڪري، اڪثر طور، ولي الله، صاحبِ معرفت، پابند صوم صلوات ۽ تهجد گذار ئي رهيا آهن. جن ۾ نانگائي سيد، راشدي خاندان جا نيڪ بزرگ ۽ پُهتل پير، اسان جي قوم جا وڏا ولي الله بزرگ شامل هئا، (جن جا ماڻهن سان گڏ "جن" به مريد هوندا هئا، ۽ ڪانگن جي ويس ۾، فرشتا به ڇانوَ ڪري، مٿن رحمتون وسائيندا هئا ۽ ٻين ملڪن، جهڙوڪ: ڪَچ ڀُڄ، ڪاٺياواڙ، گجرات، احمد آباد، بڙوده، بمبئي ۽ ٻين ٻين علاقن ۾، سندن هزارين مريد ۽ عقيدتمند هوندا هئا، جيڪي ڪين ٻاوا، پادري ۽ پير ڪري، پوڄي، دعائون حاصل ڪندا هئا)، اُنهن جو ذڪر گذشته صفحن تي مختصرا ڪري آيو آهيان.

اوٽائي بيبي صاحبه ۽ الهه بخش اوٽائي

هينئر ٿورو ئي وقت اڳي، منهنجي ننڍپڻ جي وقت، بيبي صاحبه اوٽي شريف واري هڪ مشهور بزرگ ۽ ڪامل هستي ٿي گذري آهي، جنهن پنهنجي فيض سار "سانوڻ" فقير خاصخيليءَ سان گڏ ڪيترن ئي ماتلي نواسين کي پڻ نوازيو، جن مار ڪيترائي مست ابدال ۽ شاعر بڻيا، جن جو ذڪر تمام جهجهو ۽ گهڻو آهي. پر تنهن هوندي به، انهن مان ڪن جو مختصر ذڪر ۽ نالا هتي هيٺ پيش ڪجن ٿا.

مرحوم الهه بخش خان نظاماڻي شاعر، جيڪو "اوٽائي" جي نالي سار مشهور هو، جنهن جي سادڙي سودڙيءَ شاعريءَ ۾ دل جون باهيون ۽ جذبات هئا،

جنهن محبت کي مجاز کان مٿي حقيقت ۽ معرفت ۾ آڻي، ڪيئي عقدا حل ڪيا ۽ پاڻ آخر ۾ ڪابه دنياوي خوشي نه ڏسي، جذباتن کان مغلوب بڻجي، عشق جي آگ ۽ برهه جي باهه ۾ سڙندو، جلندو ۽ پچندو، هميشه ابدال ئي بڻيو رهيو. منهنجي ساڻس سوٽاڻي سوٽ عزازت داري ۽ رشتيداري هئي. پاڻ مون سان والهانه انداز ۾ بي لوث پيار ڪندو هو ۽ مون کي دعائون ڏيندو هو. سندس اولاد ۾ رئيس گل محمد خان، رئيس يار محمد خان ۽ رئيس علي محمد خان نظاماڻي الله جي فضل ۽ ڪرم سان دنياداريءَ، هووٹهاريءَ، عزت داريءَ ۾ وڏي مان مرتبي سان اڄ به موجود آهن. جن مان يار محمد خان جو لاڙو ثقافتي رنگ جي ڳائڻ وڄائڻ ۽ رهاڻ رس جي علاوه دنيا جي سير ۽ سياحت ڏانهن پڻ آهي ۽ جيڪو تازو "ميجي ٽوئر" وارن جي ٽوئر ۾ شريڪ ٿي، دنيا جا ڪيترائي ملڪ گهمي ڦري آيو آهي. پاڻ اولياءَ ڪرام ۽ فقيرن جو معتقد ۽ عقيدتمند آهي. وٽس ڪيئي عالي موالي، مولاڻي، شيدائي، جيب خالي ۽ سوالي رهن ٿا، جن کي پاڻ سان گڏ لارين موٽرن ۾ چاڙهي، بزرگان ڪرامات اوليائن جي مقبرن ۽ ميڙن جا سير ڪرائيندو رهندو آهي، جن جا خرچ ڪپار، مصارف ۽ اخراجات به پاڻ ئي برداشت ڪندو آهي. سندس طبيعت فقيرانه رنگ ۾ رڱيل آهي. گل محمد خان کي وڏيڪ سرمائيدار بڻجڻ جو شوق آهي، جنهن ۾ ڪارخانا، پيٽرول پمپ ۽ زمينون مقاطعي تي ڪڍندو، مال پاڻي گڏ ڪندو رهي ٿو. علي محمد خان کي ته بس فقط هڪڙو شوق آهي ته ڪامورن کي ڪيئن خوش ڪجي، جن لاءِ موٽر به رکي اٿس ته ٻئي پاسي وي- سي- آر تي ڪين فلمون به ڏيکاريندو رهندو آهي. پر هي سڀ، سندس والد بزرگوار وانگر، شيدائي، سودائي ۽ ابدالي اختيار ڪري، عارف يا شاعر بڻجي نه سگهيا، جنهن جي شاعريءَ جا ڪجهه ياد آيل 'بند' هتي پيش ڪجن ٿا.

سهڻا سائين سوز اوهان جو، ساهه اندر ۾ سانديو آهي،
هيڏو دريا درد تنهنجي جو، جانب تولئي جهاڳيو آهي!

ڪافي

قرب ڏيئي ڪهي وئين، ماري ڪيئڙئي مات ميان،
جيڪا جانب جيءَ ۾ لاتئي، هٿي نه هرگز سا ته ميان.

(1)

وندر ۾ واڪا ڪيا ويچاري، سٽون سڄڻ لئي ڏي سڙ واري،
اوريان حال اندر جو توسان، هڪوار ملڻ لئي آ ته ميان.

(2)

بندو "الهه بخش" بيوس آهي، سو سور سلڻ کان سرسو آهي،
ڪل اندر جي ڪهڙي ٻڌائي، ڪنڌ تي جنهن جي ڪات ميان.

الهہ بخش اوٺائي ۽ سيد محسن شاهہ هڪڙي ئي وقت جا شاعر ۽ اوٺائي ببي صاحبہ جي عاشقيءَ ۽ ادبي دسترخوان جا خوشہ چين ٿي، گڏوگڏ هلندا رهيا. جي پڻ اسان کان وڇڙجي ويا. اسين مٿن رشڪ ڪندي، ڪين دعائون ڏيون ٿا.

سيد محسن شاهہ

سيد محسن شاهہ ماتلائي، اصل ۾ روهڙيءَ ۽ اتر جي ڪوٺائي سيدن مان، ماتليءَ جي ماڻريءَ کي پنهنجو آرامگاهہ ۽ آماجگاهہ بڻائي، ماتلائي بڻجي ويو. اسان سان گڏ هن ماتليءَ ۾، هو نہ فقط علم حاصل ڪري عالم ٿيو، پر تنهن سان گڏ، شعر، سخن، حسن ظن ۽ ڪاتبائي فن ۾ بہ مهارت حاصل ڪري، صاحب معرفت بڻيو. حالانڪ سندس جد امجد وڏا عالم فاضل، برگزيده بزرگ، عامل ۽ عارف ٿي گذريا آهن، جن وٽان بہ وراثت ۾ ڪيس ڪافي ڪجهہ مليو هوندو، پر اها عشق ۽ پيار جي پڪ، سڄڻ جي سِڪ، "اوٺي" شريف وارن بزرگن کان ئي حاصل ڪئي هئائين، جنهنڪري ئي علم، ادب، شعر، شاعريءَ، سخن فهميءَ ۽ سخن وريءَ جو مالڪ بڻيو. قاضي لالا مان مجاز ماڻيائين.

اڄ بہ سندس ڪيترائي طالب، خوشہ چين ۽ شائقين ملڪ ۾ موجود آهن. منهنجو سائس مولوي صاحب استاد جناب مولوي عطالله صاحب رحہ جن جي مدرسي ۾، تعليم جي ابتدائي دور کان وٺي، سندس حياتيءَ جي آخري ڏينهن تائين ساٿ رهيو. جهڙيءَ طرح سان پاڻ مون سان پرخلوص، بي لوث ۽ والهانہ پيار ڪندو هو، تهڙيءَ طرح آءٌ بہ پنهنجي پيار کي، اکرن ۾ آڻي، بيان ڪري ئي نٿو سگهان. پاڻ هميشہ پنهنجين نجي ۽ ذاتي مجلسن ۾، منهنجو ذڪر اذڪار ڪري، تعريفن سان گڏ ائين بہ چوندو هو تہ "اجا تائين...، آءٌ رئيس صاحب کي سمجهي ئي نہ سگهيو آهيان، حالانڪ زندگيءَ جي سفر ۾ گهڻو ئي ڪجهہ رفاقت ۽ ساٿ رهيو آهي."

آءٌ بہ انهيءَ خيال جو آهيان تہ ياريءَ دوستاريءَ، عشق ۽ محبت ۾ هڪبئي کي سمجهڻ سان گڏ، نہ سمجهندو رهجي، هميشہ هڪبئي کي ڏورينڊو، ليندو پرڪندو، ڳولينڊو ۽ وڃائينڊو ئي رهجي، تڏهن ئي هڪبئي جو اهو عشق، محبت سچائي ۽ صداقت وارو جذبو قائم رهي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن هڪبئي کي پروڙي، پرکي، ٻُجهي ۽ سمجهي وڃجي، تہ منزل اچيو وڃي ٿي ۽ جستجو، ڳولا تلاش ختم ٿيو وڃي. پوءِ اها ٻي ڪهڙي منزل آهي، جيڏانهن روانو ٿجي! شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ چيو آهي تہ:

"ڏوريان ڏوريان مر لهان، شال مر ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مڇڻ ملڻ سان مائي ٿئي."

هڪڙي ڏينهن سندس وڏي فرزند ارجنمند، سيد علي انور شاهہ، جي منهنجو

خلاف ڪيل شڪايتن کي ٻڌي، وجد ۾ اچي، طيش ۾ ايندي، ڪاوڙ ڪندي، ڪيس چيائين ته "رئيس صاحب ۽ مون، هڪٻئي سان تعليم ۽ تربيت حاصل ڪندي، سڄي زندگي گڏ گذاري آهي. پر اڄ ڏينهن تائين آءٌ به ڪيس سمجهي ئي نه سگهيو آهيان! ۽ تون وري ائين ٿو چوين ته رئيس صاحب ڪهڙو گرامر آهي، جنهن کي سمجهي نٿو سگهجي!!"

اهڙيءَ طرح سان، سندس والهانه پيار مون سان ۽ منهنجن دوستن، احبابن سان گڏ شامل حال رهيو. پاڻ تنگين ۽ تنگ دستين جي وقت، مون کي پنهنجو سمجهي، حجتون ڪندو هو. آءٌ به حتي الوسيع سندس حڪم جي تعميل ۽ پوئواري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هئس. پورو ۽ مڪمل طور ته خود خدا کان به ڪو راضي ٿي نٿو سگهي، پر منهنجي اها دلي طرح ڪوشش هوندي هئي ته ڪيس ڪنهن به شڪايت ڪرڻ جو ڪو موقعو نه ڏيان.

آءٌ جڏهن فن کان انتقام وٺڻ واري دور ۾ اچي ڳائڻ لڳس ته لطيف سائين، مصري شاهه، مهدي شاهه، اميد علي شاهه، صاحبڏني شاهه، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، فريدڻ، شاهه باهو، بلي شاهه ۽ مولوي احمد ملاح سان گڏ، محسن شاهه جي ڪلامن کي به، اوليت حاصل هوندي هئي، جيڪي زير، زبر، پيش، جزم، شد ۽ مد سان سنواري سڏاري، سندس ٿي تصور ۽ خيال مطابق، پيش ڪندو هئس، جنهن تي پاڻ ڏاڍو خوش ٿيندو هو، ۽ پنهنجي ٻچڙي، علي انور شاهه، کي به اڪثر ڪري چوندو هو ته "رئيس صاحب جي صلاح مشوري ۽ اجازت کانسواءِ منهنجون ڪافيون ڪلام ٻئي ڪنهن به ڳائڻي کي هرگز نه ڏجانءِ- ڇاڪاڻ ته اهي غلط ڳائي، معنيٰ کي منجهائين ٿا."

جڏهن آءٌ ماتلي ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿيس، ته هيڏو سارو عالم ۽ فاضل، پنهنجي معاش جي پورائيءَ لاءِ اُتي ميونسپالٽيءَ ۾، مون وٽ ڪلارڪ ٿي ڪم ڪرڻ لڳو. حالانڪ اُنهيءَ کان اڳ، ڪافي وقت، پرائمري اسڪول جو ماستر ٿي رهيو هو ۽ ڪجهه وقت آبدار به، پر زمانه سازيءَ نه هٿ ڪري، انهن ملازمتن کي ستيز ڪري، يعني ٽوڙي، ختم ڪري خيرباد چئي، ميونسپالٽيءَ ۾ ڪلارڪي اختيار ڪيائين. مون سان ميونسپالٽيءَ جي جهيڙن جهڳڙن ۾، هميشه مونسان، غمخوار ۽ همدم رهيو. جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪندس. هتي آءٌ وري به بيبي صاحبه "اوٽي" واريءَ جي مضمون کي آڻڻ چاهيان ٿو.

بيبي صاحبه اوٽي واري، امڙ ۽ آءٌ

اُمڙ، پنهنجي ڏک ۽ ويڳاڻائيءَ واري دور ۾، جڏهن ڇٽ تان لهي پٽ پيئي، تخت ڇڏي زميني تختي تي اچي، عزيزن اقاربن، سڄڻن، سنگهارن، سرتين سيباڻن جا داغ مفارقت سهندي، "اوٽي شريف" واري عامل، ڪامل، عارف ۽ بزرگ بيبي

صاحب جن وٽ، تلسيءَ، اطمينان قلب ۽ دلي سڪون لاءِ پهچندي هئي، تہ ان وقت آءٌ فقط ٽن چئن سالن جو ٻارڙو معصومڙو هئس. بيبي صاحب جن، لانديءَ نما ٽهيل ڪچي ڪمري جي اندرئين پاسي، ڏاڪائين چڙهيل دروازي جي پر ۾ ويهنديون هيون. امڙ کي سدائين ڪمري جي اندر پنهنجي پرسان ويهاري، ڪيس ادي چوندي، سرور ڪائنات، فخر موجودات، سردارالانبيا، ختم المرسلين صلي الله عليه وسلم جن جي شان ۽ مدح سراحيءَ ۾ مداحون، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي رسالي جا بيت، ڪافيون، ڪلام، وايون ۽ ڏور، پڙهڻ ۽ ٻڌائڻ خاطر، اسرار ڪنديون هيون. جنهن تي امڙ سندن اڳيان هٿ ٻڌي، ڪين "حاضر سائين" چوندي، انتهائي پُرسوز، مٺي، خوش گلي آواز ۾ پڙهي ٻڌائيندي هئي، جنهن تي پاڻ وجد ۾ اچي، "واہ واہ" ۽ "سبحان الله" جو ورد وظيفو پڙهنديون رهنديون هيون. سندن هڪ هٿ ۾ ونجٽي هوندي هئي، جيڪا اڪثر ڪري منهن تي ئي رکيو، اُنهيءَ سان منهن ڍڪيو، ان کان نقاب جو ڪم وٺنديون هيون. ڪنهن ڪنهن وقت، گرميءَ جي ڪري، انهيءَ ونجٽيءَ مان هوا حاصل ڪري، وري ٻيهر بہ منهن تي ئي رکي ڇڏينديون هيون.

آءٌ وري انهيءَ ڪمري واري ڏاڪائين ننڍڙي دروازي جي ٻاهرئين پاسي ورانڊي ۾ ويٺو، راند ڪندو رهندو هئس. پر، سندن "واہ واہ" ۽ "سبحان الله" چوڻ تي، جڏهن چرڪ ڀري ڪين ڏسندو هئس، تہ سندن لال لال ڳاڙهيون اکيون، شمع وانگر ٻرنديون، لڙڪ لاڙينديون رهنديون هيون. ساڳيءَ طرح امڙ جي اکڙين جي چشمن مان بہ سيلاب جاري هوندو هو.

اُنهيءَ ڪمسنيءَ ۽ ننڍپڻ جي عالم ۾ بہ والده ماجده جي ڏکن ڏولاون، سورن سختين، تڪليفن مشڪلاتن جي تہ خبر هيم، پر بيبي صاحب جن جي ڪرب و ملال، رنج آلم ۽ دڪ درد کان ناآشنا، اٽڪاڻ ۽ بيخبر هوندو هئس: جنهن بابت اڳتي هلي، خبر پيئي تہ سندن سرتاج، سرپرست، جنهن سان سندن ازدواجي زندگي وابستہ هئي، جنهن جو نالو سيد نهال شاہ هو ۽ جنهن مان عشق، پيار ۽ محبت جي نشانيءَ طور ٻچڙو بہ پيدا ٿيو هون، ۽ جيڪي ڪين نوخيزيءَ مان ٽپي، عين عالم شباب ۾ اڪيلو ڇڏي، هميشه هميشه لاءِ ڪانئن وڃڻي، جدا ٿي، داغ مفارقت ڏيئي، راهي عدم ٿيا- تن جي جدائيءَ جو تاب نہ سهندي، دنياوي لذتن، آسائشن ۽ عيش آرام کي خيرباد چئي، واصل بالله ٿي ويون، ۽ پنهنجي رب سان ريجهہ رچائي، لنئون لڳائي، معرفت ماڻيائون.

وٽانئن ٻيا ڪيئي، سندن خوشنودي حاصل ڪري، فيضياب ٿي، رچي رڱجي لال ٿي ويا- جن جي فهرست تمام ڊگهي ۽ گهڻي آهي- جن مان ڪجهہ تفصيلوار نالا تہ مٿي ڏيئي آيو آهيان، بقيہ هتي بہ ڪجهہ، والده ماجده جي داستان غم آلم سان گڏ، پيش خدمت ڪريان ٿو.

استو لعل بخش، جيڪو ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ جو ٺيڪيدار، سوين رازن جو استاد ۽ معمار، ۽ منهنجي زندگيءَ جي ساٿي، رفيق ۽ دوست اُستي علي بخش جو

والد بزرگوار هو، اُهو به بيبي صاحبه اوٺي شريف واريءَ جن جي عقيدتمندن معتقدن مان هڪ هو، جنهن سندن حويليون، مسافرخانو ۽ مسجد سڳوري پنهنجي ٺي نگهبانيءَ ۾ ٺهرائي، سندن خوشنوديءَ سان گڏ، ثواب دارين پڻ حاصل ڪيو.

خانصاحب خان محمد خان بروهيءَ، جيڪو صوبيداريءَ مان انسپيڪٽر بڻيو هو، وڏن وڏن ناميارن چورن، ڊاڪوئن، ڏاڙيلن ۽ قاتلن کي گرفتار ڪري، پنهنجو نالو روشن ڪيو هو. انهيءَ وقت جو انسپيڪٽر ته رياست جو نواب ليکيو ويندو هو، پر صوبيدار به ڪنهن گورنر کان گهٽ ڪونه هوندو هو- ڇاڪاڻ ته "صوبي دار" لفظ جي معنيٰ ٺي 'صوبي کي رکڻ وارو' هئي. تنهن ڪري، صوبي رکڻ وارا ته گورنر ٺي هوندا هئا. اُهي صوبيدار، جنهن وقت، ڪنهن جانچ ۾ يا ڪنهن دوري تي چڙهندا هئا، ته سائن گڏ وڏيرن، زميندارن ۽ رئيسن تي مشتمل، تقريباً سؤ گهوڙيسوار گڏ هوندا هئا. اهو خانصاحب خان محمد خان بروهي به بيبي صاحبه جي عقيدتمندن ۽ معتقدن مان هوندو هو. تنهن سان گڏ، سيد احمد شاه به، بيبي صاحبه جن وٽ ايندو هو ۽ سندن عقيدتمندن مان هو- جنهن جي دختر نيڪ اختر سان، پير عالي شاه جيلاني بديٽائيءَ جن جي شادي ٿي.

مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان ته امڙ، بيبيءَ صاحبه جن کي "سائين" ڪري چوندي هئي، ته ٻئي پاسي بيبي صاحب جن امڙ کي وري "ادي" ڪري مخاطب ٿيندين هيون. پوءِ جڏهن وجداني ڪيفيت ۾ اچي، اطمينان حاصل ڪري، اعتدال ۾ ايندين هيون، ته والده صاحب مون کي اڳيان ڪري، دعا لاءِ عرض ڪندي هئي، ته پاڻ جواب ۾ چونديون هيون ته "ڪريم بخش ۾ اسين ڪريم کي ڏسي رهيا آهيون. تنهنڪري، ڪيس دعا جي ضرورت ٺي ڪانهي. پاڻ هو اسان کي دعا ڪري، جيڪو اڳتي هلي، هووٺهار، وفاشعار ۽ خوش گفتار ٿي، نالو ڪيندو."

پر، تڏهن به، امڙ جي گهٽي اسرار ڪرڻ تي، بيبي صاحب جن دعائن سان نهال ڪنديون هيون. امڙ جو اتي اچڻ وڃڻ ۽ بيبي صاحبه جن سان ملي مجلسون ڪرڻ، هڪ نه پر ڪيئي دفعا ياد اٿم، جيڪي حسب معمول ٿيندين هيون.... سندن اهي مجلسون، جڏهن وجد ۾ اچي، الله الله، سبحان الله ۽ هوُ! هوُ...!! هوُ...!!! جي ذڪر ۾، جذب ٿي ويندين هيون. امڙ کي، اگر منجهانئن سڪون، راحت ۽ تسڪين ملندي هئي، ته ڪين به امڙ جي رهاڻ مان اُهوئي سڪون حاصل ٿيندو هو، جن جو پاڻ به اعتراف ڪنديون هيون.

ماتليءَ جا گوهو ۽ گوهر شناس

تنهن کان سواءِ، ماتليءَ جا جيڪي ٻيا به گوهر ۽ گوهر شناس ٿي گذريا آهن، تن جو مختصر ذڪر ۽ فهرست ڏيڻ به مناسب ۽ ضروري سمجهان ٿو.

رئيس جمال خان نظاماڻي: منهنجي ڏاڏاڻن مان، رئيس جمال خان

نظاماڻي، پابي جو بزرگ، ولي الله، مست، ابدال ۽ درويش ٿي گذريو آهي. جنهن اڻ پڙهيل هجڻ جي حالت ۾ به، ايران کان آيل، انتهائي پيچيده ۽ منجهيل خط، پنهنجي استاد قاضي محمود کي پڙهي، تفسير ڪري، مٿس تبصرو ڪندي، حقيقت تان پوشيده پردو لاٿو- جنهن خط کي، سڄي هندستان جا علماءِ ڪرام ۽ فارسي دان پڙهي، پروڙي ۽ مطلب ڪڍي ئي نٿي سگهيا. تنهن وقت ماتليءَ ۾ فارسي زبان جو وڏي ۾ وڏو مدرسو هلندڙ هو.

خليفو مراد علي خان نظاماڻي: منهنجو ڏاڏو خليفو مراد علي خان نظاماڻي، پنهنجي وقت جو نهايت پُهتل، بزرگ، متقي، پرهيزگار ۽ صاحبِ ڪرامت شخص هو. جنهن جا انسانن سان گڏ، جن به مريد هئا! پنهنجون تخليق ڪرده ڪيئي تصنيفون، ڪتابي شڪل ۽ صورت ۾ پٽيان ڇڏيائين، جن مان سندن تصنيف ٿيل 'بيماريون، اُنهن جي تشخيص ۽ ڪيترن ئي قسمن جا نسخا' منظوم هئا، جيڪي تيز بهدف هئا.

خليفو خان محمد خان نظاماڻي: خليفو خان محمد خان نظاماڻي، جيڪو پڻ هڪ وڏو برگزيده، ولي الله، حليم طبع، مهربان ۽ الله جو نيڪ بندو ۽ مريدن خادمن وارو هو. جنهن به پنهنجا ڪيئي ڪتاب تصنيف ڪيا، جن ۾ "ترجمة القرآن" خاص اهميت جو حامل آهي، جنهن کي الف، ب، ث ۽ ت سان ترتيب ڏيئي، هر ڪنهن حرف جي الڳ الڳ ۽ جدا جدا تفسير پيش ڪئي اٿس.

مولوي نظر محمد خان نظاماڻي: مولوي نظر محمد خان نظاماڻي، جيڪو منهنجو سڳو چاچو پڻ هو، هڪڙو نهايت ئي برگزيده شخصيت جي مالڪ هئڻ سان گڏ، اَهل الله بزرگ، عامل، عارف ۽ وڏو عالم دين به هو. علم ۽ حلم سان گڏوگڏ حڪمت ۽ طبابت پڻ ڪندو هو. جنهن حڪمت ۾ ڪرامت به شامل هوندي هئي. ننڍپڻ جي وقت کان وٺي گهر ۽ غائب ٿي ويو هو. جڏهن واپس پنهنجي وطن آيو ته موٽيل وهيءَ ۾ هو. ديني علم جي تحصيل ڪري، دستاربندي ڪرڻ سان گڏ،علم طب جي سَند به حاصل ڪيائين. ڪيئي بيمار سڪرات جي حالت ۾ آيا ۽ تندرست ٿي ويا. مولانا محمد علي "جوهر" ۽ مولانا شوڪت علي، يعني علي برادران، به سندن شاگرديءَ ۾ رهيا ۽ ڪانئن فيض پرايو.

سندس وفات کان پوءِ، هزارين ڪانڌين سان گڏ، لکين ڪانگ سندس ميت مٿان ڇانولو ڪندي هليا- ايتري قدر جو سندن نماز جنازي ۾ به ماڻهن وانگر صفون ٻڌي شريڪ رهيا. سندن ميت لحد ۾ رکي، مٽي ورائي، قل پڙهي، دعائون گهري، جڏهن ڪانڌي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن روانا ٿيا، تڏهن جنازي سان گڏ آيل لکين ڪانگ به ڪان ڪان ڪندا الڳ الڳ سمتن ڏانهن اُڏامي روانا ٿي ويا. اهو منهنجو چشم ديد واقعو آهي.

حاجي امير بخش خان نظاماڻي: مامون جاجي امير بخش خان

نظاماڻي، انتهائي نيڪ فطرت، پابند صوم و صلوات، تهجد گذار، ذاڪر، عارف، عالم، عابد، زاهد، متقي، پرهيزگار ۽ پاڻي جو شاعر هو. عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جو ماهر هو. وڏو مهمان نواز هو. جامع مسجد ۾ وڃي با آواز بلند آيل مسافرن جي پڇا ڳاڇا ڪري، پنهنجن هٿن سان ڪين ماني آڻي ڏيندو هو. جيستائين مسافر ماني کائي واندو نه ٿيندو هو، تيستائين پاڻ وٽن ئي ويٺو رهندو هو. پاڻ هميشه ٻين کي ماني کارائي پياري، پوءِ ماني کائيندو هو.

زندگيءَ جي آخري ڏينهن ۾، بيماريءَ جي وقت، ڪٽن تي پاڪ، شفاف ۽ صاف بسترا وڇارائي ڇڏيندو هو ۽ چوندو هو ته آل ممات جا بزرگ مون وٽ ڪچهريءَ تي اچن ٿا، تنهن ڪري صفائي ۽ پاڪيزگي رکو. هڪڙي پيري منهنجو وحي نويس "امين" ماتلوي، جيڪو مامي حاجي امير بخش خان جو پوٽو ۽ مير عالم خان جو فرزند آهي، سندس انهيءَ بيماريءَ جي حالت ۾، گهر جي ٻين ڀاتين سان گڏ، اتي وٽس موجود هو. ٻين ڪٽن تي پاڪ صاف بستر، سندن حڪم مطابق، وڇايل هئا، ته ايتري ۾ وڏي آواز سان "السلام عليڪم" جو آواز آيو، جنهن تي سڀيئي حيران ٿي هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳا، مگر اتي ڪوبه نظر نه آيو. تنهن سان گڏ، غنودگيءَ ۽ بيماريءَ جي حالت ۾، پاڻ پٽڪندو ۽ آهستي ڳالهائيندو رهيو. ٻئي ڏينهن گهٽي زور پرڻ کان پوءِ، فقط ايترو ٻڌايائين ته، "رات شاه عبداللطيف ڀٽائي رح مون سان ڪچهري ڪرڻ آيو هو."

پاڻ، منهنجي چاچي مولوي نظر محمد خان، عالم ۽ عارف جي صحبت ۾ ئي علم جو عرفان ۽ معرفت جو مزو ماڻي، فيضياب ٿيو. اگهور نند ۾، اگر ساهه به ڪٽندو هو، ته انهيءَ مان به "الله الله" ۽ "حق حق" جا آواز ايندا رهندا هئا. پاڻ بلند پاڻي جو شاعر به هو. سندس ڪيل شاعريءَ مان، هڪڙي شعر جو نمونو هتي هيٺ پيش ڪجي ٿو:

"علم جا عالم گهڻا، پر عشق جو ڪو ڪو علام،
هوش جا حيلا ڇڏي، ڪر سوز وارن جو سلام."

خليفو خدا بخش خان نظاماڻي: خليفو خدا بخش خان، منهنجو سڳو سوٽ ۽ منهنجي چاچي خليفي دوست محمد خان نظاماڻيءَ جو فرزند هو. وڏو عالم، متقي، پرهيزگار، پابند نماز پنجگانه، تهجد گذار ۽ نيڪ هو. سندس ڪشاده نوراني چهري تي، چنڊ جي گولائيءَ وانگر، ڇاتيءَ تائين پهتل، پُر وقار، بارعب، دائري ۾، سفيد سفيد ريشمي، نرم ۽ ملائم ريش مبارڪ هوندي هئي. پاڻ اڪثر ڪري صدري نما ڪڙتو زيب تن ڪندو هو. شلوار نندي پائنچي سان پيرن جي مرين کان مٿي، شرعي پائيندو هو.

بڏلہ سنجيءَ ۽ ظرافت جو رسيا هوندو هو. پاڻ آخري عمر تائين جامع مسجد جو مستقل "پيش امام" هو. چاچي مولوي نظر محمد خان جي صحبت ۽ شاگرديءَ

۾ ديني علم جي تحصيل ڪيائين. "ڇتي ڪتي" جي زهر کان نجات حاصل ڪرڻ لاءِ، ڪيس اسان جي ڏاڏي خليفو مراد علي خان ۽ چاچي خليفي دوست محمد خان کان، جيڪو سندس والد هوندو هو، وظيفو عطا ٿيل هو، جنهن مان هزارين ماڻهن کي فيضياب ڪيائين. اسپتال ۾ داخل ٿيندڙ "ڇتي ڪتي" جا ڪاڏل، سوين ماڻهو مري ويا، پر اسان جي ابائي مليل وظيفي واري ڦيٽي مان، هزارين لڪين شفا پائي ويا. سندس فوت ٿيڻ کان پوءِ، اهو ساڳيو وظيفو سندس ڀاءُ خليفي محمد مراد جي عمل ۾ آيو، جيڪو به هڪ برگزيده شخصيت هو ۽ وٽانئس ڪيترائي فيضياب ٿيا. پاڻ حڪمت جو به ڪم ڪندو هو.

اڄڪلهه به ڇتي ڪتي وارو اهو وظيفو، منهنجي ڀائيٽي ۽ خليفي محمد مراد جي فرزند خليفي احمد حسين جي عمل ۽ قبضي ۾ آهي، جنهن مان هزارين ماڻهو فيضياب ٿي، شفا پاتي آهي ۽ اڃا پائي رهيا آهن.

مولوي محمد صالح ترڪ: مولوي محمد صالح ترڪ به اسان جي شهر ماتليءَ جو هڪ وڏو عالم، فاضل فقه جو ڄاڻو، مبلغ، نيڪ، مومن، تهجد گذار، نيڪو ڪار بزرگ ٿي گذريو آهي. پاڻ پنهنجي عمر جو ڪافي عرصو پنجاب ۾ علم جي حصول ۾ گذاريائون. ايتري قدر، جو پنهنجي مادري زبان سنڌي وسري وين، ۽ پاڻ هميشه سرائڪي نما پنجابي زبان ڳالهائيندا هئا. شادي به پنهنجي پنجاب جي هڪڙي عالم دين گهراڻي مان ڪيائون، جيڪا سندس استاد ئي ڪرائي هين. سندن زوجه محترمه پڻ هڪ بلندپايه عالم دين هئي. ڪجهه عرصو اسان جي چاچي مولوي نظر محمد خان جي قائم ڪيل مدرسي ۾ پاڻ به درس تعليم حاصل ڪيائون ۽ تنهن کان پوءِ واري پاڻ مدرس ٿي، ٻين کي درس دين ڏنائون.

سڄي عمر مسڪينيءَ، غربت ۽ افلاس ۾ ئي گذاريائون. عمر جا آخري ايام اسان جي پراڻي اصلوڪي محلي ۾ ئي گذاريائون. اڃا تائين سندن فرزند مولانا محمد اسماعيل ۽ دختر پنهنجي گهر ۾ ديني علم ۽ قرآن ڪريم جي درس و تدريس ڪري، سون کي فيض پهچائي رهيا آهن.

مولوي شيخ عطاالله صاحب: اسان جو مشفق ۽ مهربان استاد، جناب مولوي شيخ عطاالله صاحب انبڙ، اصل ۾ پني عاقل جو رهاڪو هو، جيڪو بعد ۾ اسان جي چاچي مولوي نظر محمد خان جن جي قائم ڪيل مدرسي جو مهتمم ۽ ناظم اعليٰ بڻجي، سوين شاگردن ۽ طالب علمن جو استاد بڻيو. پاڻ هڪ ممتاز عالم دين ۽ مبلغ هو. سندس ڪيل خدمتن کي ڪڏهن به وساري ۽ فراموش ڪري نٿو سگهجي. نهايت اعليٰ ظرف جو مالڪ، سخي طبع، باصلاحيت، روشن ضمير، پر خلوص ۽ صداقت مند شخصيت جو مالڪ هو. سندس شاديءَ جو خرچ منهنجي مامي حاجي امير بخش خان ۽ والد صاحب جن پنهنجي ذمي هموار ڪيو هو، جنهن جو ذڪر گذشته مضمونن ۾ "مولوي صاحب جي شادي" واري عنوان سان اڳيئي ئي ڪري آيو آهيان. سندس اولاد ۾ چار فرزند ۽ هڪ نياڻي الله جي فضل و ڪرم

سان بقيد حيات آهن. جن مان سندن وڏو فرزند، شيخ ثناءالله، پنهنجي والد جي حقيقي محبت جو ثبوت ڏيندي، ماتليءَ کي پنهنجو مستقل مستقر ۽ مسڪن بڻائي چڪو آهي، جيڪو پاڻ به هڪ سٺو اديب، بهترين شاعر، عالم ۽ فلاسافر آهي. سندس بقيه پائر پنهنجي ناناڻي وطن ڪراچيءَ ۾ آباد آهن، جن جا نالا بالترتيب شيخ امان الله، شيخ ذڪاءُ الله ۽ شيخ حبيب الله آهن، جيڪي سڀيئي برسر روزگار ۽ اولادي اوقاتي آهن.

تنهن کان سواءِ، ماتلي شهر جا ٻيا به ڪيترائي ڪنبار، ڪٽي، سومرا، شيدي، لوهار، خاصخيلي، قاضي ۽ عباسي به اُنهن گوهرن ۽ گوهر شناسن جي لسٽ ۾ اچي سگهن ٿا. جن مان ڪن خاص کي اهميت ڏيندي، هيٺ ماتليءَ جي اُنهن پلارن ۽ پليرن جي لسٽ ۾ اُنهن جو مبارڪ احوال پيش ڪجي ٿو.

رئيس علي بخش خان نظاماڻي: سخاوت سان گڏ حسن پرستي ۽ عاشق مزاجي، سندس طبيعت جون خاص خوبيون هونديون هيون، جن ڪيس راڳ ۽ ويراڳ ۾ آڻي، سندس جاگيرون ختم ڪرائي، ڪيس فقير بڻائي ڇڏيو. ورنه سندس وڏا بزرگ ته سوني چانديءَ جي ٿانوَن ۽ برتنن ۾ کاڌو کائيندا هئا ۽ شهنشاهي شان شوڪت، رعب تاب ۽ دبدبي سان رهندا هئا. مگر سندس آخري ايامڪاريءَ وارا ڏينهن، چانديءَ جي مُٺ سان عَصا هٿ ۾ ۽ سائي رنگ جي قبا يعني ڪفني پهريندي گذريا.

انهن راڳ رنگ وارين محفلن ۾ ماهي بي آب وانگر تڙپندو ۽ عاشقن صادقن وانگر بيچين ٿيندي، لڄندو پچندو رهندو هو. اِها لوچ پوچ حسن سان نينهن لائڻ ۽ عشق سان لنوڻ لڳائڻ جي ڪري ئي هوندي هيس، جيڪا هو پاڻ سان گڏ ازل کان ئي کڻي آيو هو، ۽ اُن ڪيس اَبد تائين پهچايو. جنهن ڪري ئي اميري ختم ڪري فقيري حاصل ڪيائين. جيئن ته سندس ذڪر خير گهڻو ڪجهه هن "ڪيئي ڪتاب" جي پهرئين پاڳي ۾ اچي چڪو آهي ۽ ممڪن آهي ته اڳتي هن کان پوءِ به ڪن مضمونن جي نسبت سان وري به اچي وڃي، تنهن ڪري اِڪتفا ڪجي ٿي.

رئيس موسيٰ خان نظاماڻي: رئيس موسيٰ خان نظاماڻي، انتهائي چرچائي، پوڳائي ۽ ظريف هئڻ سان گڏ، چوٽيءَ جي شڪارين ۾ شمار ٿيندو هو. بهترين بندوق باز ۽ ماهر توبچي هوندو هو. وڏيون وڏيون شڪار گاهون ۽ معرڪا حل ۽ سَر ڪري نمبر ورتا هئائين. مِرُن کي ته ڪيڏائي ڪيڏائي مارينڊو هو. اڪثر ڪري درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن ٻيلن منجهه وڃي، مِرن سان گڏ ڦاڙهن جا شڪار ڪندو هو. تتر، ٻاٽيهر، تلورون ۽ ڍنڍن جا پکي، حسبِ معمول، سندس لاءِ ته معمولي شڪار هوندا هئا. گاهي بگاهي تر ۽ ڪچ جي رڻ ۾ وڃي هرڻن جو شڪار به ڪندو هو.

وڏو گفتو باز، موقعه شناس، بذله سنج ۽ مهمان نواز به هوندو هو. سندس سادي دسترخوان تي غريبن ۽ مسافرن لاءِ ڏينهن جو لسي ماني ۽ رات جو وري ڪير

پت ملندو هو. ٻئي پاسي اميرن کي تہ سندن شايان شان ڪاڏو ملندو هو. پاڻ چرچائي، پوڳائي، ۽ ظريف جي حيثيت ۾، ٻئي جي چرچي پوڳ تي ڪڏهن بہ ناراض نہ ٿيندو هو. بلڪ ألٽو انهيءَ مان حظ حاصل ڪري، لطف اندوز ٿيندي، ڏاڍو خوش ٿيندو هو. جوان اولاد هوندي بہ پيريءَ ۾ شادي ڪيائين، جيڪا مير الهداد خان ٽالپر وانگر، بجاءِ ڪُشتي جي هن لاءِ سَمر ۽ زهر ثابت ٿي ۽ اُن ڪيس داعي آجل تائين پهچايو. سندس آٽڪ بينڪ اڪثر ڪري اُستي جان محمد لوهار جي دڪان تي هوندي هئي. جتي ويهي شطرنج کيڏندي، انہن جي وٽڪار ۽ ڦليليءَ جي ڪناري جو لطف وٺندا هئا.

پير غلام مجدد سرهندي، شڪارپوري: جناب پير غلام مجدد سرهندي، شڪارپوري، عظيم مبلغ الاسلام جي حيثيت ۾، ڄاتل سڃاتل شخصيت جا مالڪ هئا. پاڻ نهايت نڊر، بيباڪ ۽ باحوصلہ مقرر هئا. نوجوانيءَ ۾، تحريڪ خلافت جو باهمت ڪارڪن هو. سرور ڪائنات، ختم المرسلين جو عاشق صادق هو. رسالت ماب جي شان ۾ اگر ڪنهن ناهنجار کان سهواً ڪو غلط اکر نڪري ويو تہ اُنهيءَ شخص جي شامت جي علامت بڻجي ويندو هو. پنهنجي اصول تي ڪاربند، پابند صوم و صلوات ۽ شان مصطفيٰ جو داعي ۽ فدائي هوندو هو. اڪثر ڪري سڄي عمر سياحت ڪندو، رسالت ماب محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي ساراهہ ۽ مدح سرائيءَ ۾ واعظ ڪندي، جذبات کان مغلوب ٿي، بيخودي ۽ سرشاريءَ ۾ اچي، مست ۽ مخمور بڻجي، اهڙو تہ واعظ ڪندو هو، جو پاڻ بہ روئندو هو تہ مجمع کي بہ رٽاڙيندو هو.

شڪارپور کي الوداع ڪري، ماتليءَ کي پنهنجو مسڪن بڻايائين. پنهنجي مدرسي، مسجد ۽ تربت خاطر هڪ خطئہ زمين خريد ڪيائين. جتي مدرسو ۽ مسجد تہ تعمير ڪري نہ سگهيو، البتہ اُهو سندن مرقد ۽ سندن پياري ۽ چهيتي فرزند، پير عبدالباقي سرهنديءَ، جن جو آخري آرامگاهہ بڻجي ويو. سندس وڏو فرزند پير نثار احمد جان سرهندي بہ ممتاز مقر ۽ عالم دين هو، جنهن پنهنجي ابائي شهر کي آخري وقت تائين نہ ڇڏيو، بلڪ پنهنجي ابائي قبرستان کي ئي پنهنجو آخري مسڪن بڻايو.

سندس ٻيا فرزند پير نور احمد جان سرهندي، پير منظور احمد جان، پير مختيار احمد جان سرهندي ۽ پير بشير احمد جان سرهندي اڄ بہ ماتليءَ کي پنهنجو وطن بڻايو، ديرو ڄمايو ويٺا آهن. پاڻ هر سال پيرو لاشاري اسٽيشن لڳ "مخدوم جي ڪُنيءَ" تي وڃي واعظ ۽ تبليغ ڪندو هو.

حڪيم پير سليم جان سرهندي: حڪيم پير سليم جان سرهندي ماتليءَ جي با عزت شهرت يافتہ ۽ معزز ترين شخصيتن ۾ شمار آهي. پاڻ حڪمت جي ڪم ۾ اعليٰ مهارت رکن ٿا. شهر توڙي آسي پاسي ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۾ سندن عزت ۽ شهرت جو چرچو زبان عام آهي. تنهن ڪانسواءِ پاڻ سخن ور ۽ سخن

فهم طبيعت جا مالڪ آهن. سندن شاعريءَ ۾ نهايت لطيف ۽ حساس جذبي جي عڪاسي ڪيل آهي. پاڻ انتهائي نفاست پسند ۽ سادي، سودي طبيعت جا مالڪ آهن. حڪمت سان گڏ چڱا چوڪا زميندار پڻ آهن، سندن وڏو فرزند پڻ علم ۽ ادب دوست ۽ اعليٰ ظرف جو مالڪ آهي.

سندس فرزند، پير محمد رحيم جان سرهنديءَ، چند سال اڳ، ڪن شاهينگن هٿان، بواني شگرمل واريءَ بئنڪ مان رقم حاصل ڪرڻ بعد، ڪانئس رقم حاصل ڪري، پستول سان، پنهنجي هڪ شريف ساٿي غلام رسول ميمڻ سميت شهيد ڪيو ويو هو، جنهن جو صدمو پير سليم جان سندس والد جي زندگيءَ جو روگ مسلسل بڻجي چڪو آهي. الله ڪين صبر جميل عطا فرمائي. آمين!

سيد خواجہ امين شاهہ مدراسي: سيد خواجہ امين شاهہ جيلاني ولد سيد معشوق امين شاهہ جيلاني، جنهن کي سيد محمد امين شاهہ ۽ مدراسي شاهہ بہ ڪري سڏيندا هئا، الاڻجي ڇو، ڇا لاءِ، ڪڏهن ۽ ڪهڙيءَ طرح ماتليءَ پهتو يا انقلابي طوفانن ۽ هوائن جي زد ۾ اچي، پنهنجن ٻارن ٻچن سميت هتي آيو هو! پنهنجو سڄو وقت، غربت ۽ مسڪنت ۾ ئي گذاريائين. ڪڏهن ڪڏهن درزيءَ جي دُڪان تي ويهي، ڪپڙا سبي، پنهنجن ٻچن جي معاش جو پورائو ڪندو هو. پر ڪنهن جي بہ اڳيان، سائل بڻجي، دست دراز نہ ڪيائين. نڪو ئي ڪنهن کي پنهنجو راز ڏنائين.

مون ساڻ سندس والهانہ ۽ بي لوث پيار هوندو هو. مون کي هميشہ "بابو بابو" ڪري سڏيندو هو. اڪثر ڪري شام جو ڦليلي نديا جي ڪناري واري ٿلهي ۽ چبوتري تي، اسان جي نشست ۽ رهاڻ رهندي هئي. سوچن ويچارن، اُلجهن ۽ اُلجهائن جا آيٽم قرآن مان حوالا ڏيئي، فيصلا ڪري، سلجهائيندو رهندو هو. ڪيس علام سان گڏ عارف چئجي، تہ بہ مبالغو نہ ٿيندو. غلام مرتضيٰ شاهہ سيد سنائيءَ بہ، ڪيس عارف ٻڌي، ماتليءَ اچي ساڻس ملاقات ڪئي.

سندس اولاد ۾ ڪيس ٽي فرزند سيد قادر امين شاه، سيد احمد امين شاه ۽ سيد غوث امين شاه ۽ هڪ نياڻي، جنهن کي "بيبي مسيت واري" ڪري سڏيندا هئا، ساڻس گڏ هئا. سيد قادر امين شاه، حڪمت جي سَند حاصل ڪري، حڪيم بڻجي، نوابشاه هليو ويو، جتي ئي انتقال ڪيائين. سيد احمد امين شاه درزيءَ جي فن ۾ يڪتاي روزگار ڪاريگر هو، خاص طور ڪوٽن جو شاه ڪاريگر هو، جنهن بہ ٿورو وقت اڳ وفات ڪئي. باقي سيد غوث امين شاه اولادي اوقاتي ٿيو، برسر روزگار بڻيو، ۽ عزت جي زندگي گذاري رهيو آهي، سندن همشيره پڻ ساڻن گڏ آهي.

سيد خواجہ امين شاه جيلاني، عمر رسيده، سفيد ريش، نوراني چهري سان، برگزيده شخصيت جو مالڪ، تقريباً نوي سال عمر جو هوندي بہ، نهايت تندرست، توانا، جوان همت ۽ خوش باش هوندو هو. مون سان سندس والهانہ، پر

خلوص ۽ بي لوث پيار محبت هٿ ڪري، ڪڏهن ڪڏهن شدت جذبات ۽ غم و الم کان مغلوب بڻجي، دل برداشته ٿي، لڙڪ لڙي ۽ ڳلن تان ڳوڙها ڳڙي پوندا هئس. جنهن ڪري آءٌ ڪيس دلجائون ۽ تسلائون ڏيندي، سندس غم کي هلڪو ڪرڻ خاطر، پنهنجي پڇنديءَ ۽ رسائيءَ آهر، پنهنجي فرض جي بجا آوري ڪندو رهندو هيس، جنهن جا به ڪيئي قسم هوندا هئا. ڇاڪاڻ ته ڪيس عالم، اديب ۽ مبلغ سان گڏ، مظلوم، ستم رسيده ۽ مسڪين به سمجهندو هيس. سندس فن، ادب ۽ ثقافت جي نقطي نگاهه کان جيترو مون سان پيار هوندو هو، تنهن کان وڌيڪ منهنجو به ساٿس عالمانه، عارفانه، سخن فهميءَ ۽ سخن وريءَ جي ڪري پيار هوندو هو. پاڻ هميشه لاءِ اسان کان وڇڙي، واصل بالله ٿي، ابدي زندگي حاصل ڪئي اٿن. خدا شال ڪين پنهنجي جوار رحمت ۾ جڳهه ڏئي، آمين!

حڪيم غلام علي خان نظاماڻي: حڪيم غلام علي خان نظاماڻي به نظاماڻي قوم جي هڪ قابل فخر هستي ٿي گذريو آهي. پاڻ طب جهڙي معزز پيشي سان منسلڪ هو ۽ هڪ معزز زميندار پڻ هو. حڪيم غلام علي خان حڪمت کي ذريعه معاش نه بڻايو، بلڪ انهيءَ پيشي کي خدمت خلق واسطي ئي استعمال ڪيائين. اگر ڪو مريض دوا وٺڻ کان پوءِ ڪيس قيمت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو ته پاڻ هڪدم ڏنل دوا واپس ڦري وٺندو هو. نهايت بذله سنج، لطيفه گو، سخي طبع ۽ وضعدار هوندو هو. حڪمت سان گڏ علم الفلڪ، علم جفر، علم رمل ۽ علم نجوم جو به ڄاڻو ۽ ماهر هوندو هو.

پنهنجي وقت جو قابل حڪيم هو، جنهن کي به دوا ڏنائين، الله جي فضل سان ٺيڪ ٿي ويو. نه وڏائي نه آڪڙڦون. سادو پهرينڊڙ، سادو کائينڊڙ، سادو گذارينڊڙ، ننڍي وڏي سان پيار ڪنڊڙ، هر ڪنهن جي دل ۾ جڳهه حاصل ڪنڊڙ، روئينڊڙ کي ڪلائينڊڙ، فلڪياتي ستارن جي چال جو گهرو جائزو وٺنڊڙ ۽ مطالعو ڪنڊڙ- اهي سڀيئي خصوصيات ڪنهن هڪڙي شخص ۾ يڪجا هٿ معجزو ئي ٿي سگهي ٿو.

ڪيس به پٽ هئا. هڪڙيءَ نياٽيءَ جي به خبر اٿم. جن مان سندس فرزند ربڏنو خان نظاماڻي ۽ نياٽي پنهنجي پٽيان ڪافي اولاد ڇڏي، موت جي ظالم چنبي ۾ اچي، اجل جو شڪار ٿي ويا. باقي سندس فرزند فتح محمد خان نظاماڻي الله جي فضل ۽ ڪرم سان بقيد حيات آهي، جيڪو هن وقت تهيداريءَ مان ترقي ڪري سپروائزنگ تهيدار يا سپروائيزر آهي، ۽ جيڪو دنياوي ۽ ديني ڪتابن جو ڄاڻو، ماهر ۽ عالم پڻ آهي، ۽ پنهنجي دنياوي زندگي نهايت باوقار طرح گذاري رهيو آهي.

فقير صديق ڪٽي: اتي آءٌ خاص ذڪر فقير صديق ڪٽيءَ جو به ڪرڻ چاهيان ٿو، جيڪو پڻ "اوٽي" وارن بزرگن جي نگاهن جو نوازيل، اسان جي استاد مولوي عطاءالله صاحب، منهنجي مامي حاجي امير بخش خان ۽ منهنجي سوٽ

خليفي خدا بخش خان جن جو رفيق، همسفر ساٿي ۽ ساٿاري هوندو هو. سندن مجلسن ۾، علم ادب، شعر شاعري، سخن فهمي ۽ سخن وريءَ ۾، ڪڏهن ڪڏهن ته شريعت کي اورانگهي، طريقت کي پنيان ڇڏي، حقيقت کان مهنديرو ٿي، هڪبئي سان گڏجي، ويهي معرفت جون گٺيون سلجهائيندا هئا. جن ۾ قرآن ۽ حديث جا حوالا به هوندا هئا، ته وڏن وڏن شاعرن جا، فارسيءَ ۾ عارفانه نظم به حوالن طور بحث مباحثي ۾ تبصري هيٺ آڻيندا هئا ۽ جن ۾ عربيءَ جي پوتر، مقدس ۽ پاڪ ڪتابن سان گڏ، فارسيءَ ۾ ولي الله ٿن جا ڪتاب به شامل هوندا هئا. بهرحال سندن علمي، ادبي، شريعتي، طريقتي، معرفتي ۽ حقيقتي رهاڻن مان لطف اندوز ٿي، مزا ماڻي، ڪيئي معلوماتون ۽ راز به حاصل ڪندا هئاسين.

فقير صديق ڪٽيءَ کان، سواءِ آسمانن جي، ڪڏهن به زميني ڳالهيون ٻڌڻ ۾ نه آيون. هميشه معرفتي، ذو معنيٰ اشعار چوندو هو: جن کي ڪي سالڪ، عارف ۽ درويش ئي سمجهي، ڄاڻي، ٻُجهي ۽ پروڙي پار پوندا هئا. جن مان نموني طور چند هيٺ پيش ڪجن ٿا.

"دنيا چراگاه، کمينه خران ماست،
عقبه شکارگاه، به کار سگان ماست،
مرسل نبي، طفيل من از انبياً شدند،
موسي و خضر، يونس از پيروان ماست."

صديق فقير ڪٽي اسان جي شهر ماتليءَ جي هڪ وڏي هندو شاهوڪار سيٺ ۽ ڪپڙي جي وڏي واپاريءَ، سيٺ خوشحال داس، جنهن جو ماتليءَ جي شاهي بازار ۾ هڪڙو وڏو، شاندار ۽ مڪ دڪان هو، تنهن وٽ ملازم نما دوست يا دوست نما ملازم ٿي ڪم ڪندو هو. هن جي ملنساريءَ، نياز نوڙت، ۽ پارسائيءَ جي ڪري ئي، انهيءَ دڪان تي، سڄي شهر جي ٻين دڪانن کان وڌيڪ گراهڪ اندر هئا ۽ تمام گهڻو، بيحد جهجهو ۽ بي انتها ڏنڌو ٿيندو هئس، جيڪو بازار جي ٻين دڪاندارن کي ڪڏهن به نصيب نه ٿيو هوندو. هن انهيءَ دڪان جو هوليءَ سولي، مڪمل طور ۽ بااختيار مالڪ بڻجي، جام ڏوڪڙ پيسا ڪمائي، سينين کي وديڪ سيٺ بڻايو. هندوئن جي هندستان لڏي وڃڻ کان پوءِ به، ٻين ٻين مختلف مختلف دوڪانن تي،ڪپڙي جي ساڳئي ڪاروبار سان ئي منسلڪ ۽ وابستہ رهيو.

مون ساڻ سندس والهانه، بي لوث ۽ بي انتها محبت هوندي هئي. اڪثر ڪري مون کي پنهنجي اعليٰ ظرفيءَ سان نوازيندو رهندو هو ۽ معرفت جي ميدانن جا سير ڪرائيندو رهندو هو. آءٌ پاڻ کي پاڳ وارو پاڳوان سمجهي، انهن حملي شخصيتن کي، پاڳ وارو ۽ پاڳوان سمجهان ٿو، جن کي فقير صديق ڪٽيءَ جهڙن سالڪن جي صحبت نصيب ٿي هجي. ڇاڪاڻ ته:

"آدمی بنتا هے انسان، بڑی مشکل سے."

پاڻ آخر دم تائين اسان کي پنهنجين مجلسن ۽ صحبتن سان نوازيندو، آسمانن جا سير ڪرائيندو رهندو هو. هن مادي دنيا ۾ ئي، اسان کي بهشت جا سير ڪرايائين. تنهن ڪري پاڻ به يقيناً بهشت ۾ ئي هوندو. اسان وٽ سندس يادون موجود ۽ محفوظ آهن.

مير عالم خان نظاماڻي: منهنجي مامي حاجي امير بخش خان نظاماڻيءَ جي وليعهد مير عالم خان نظاماڻيءَ کي به وسارڻ نٿو گهران، جيڪو اڄڪلهه (سنه 1979ع) ۾، هتي جي شاعرن ۾، پنهنجي نالي کي زنده ۽ برقرار رکيو اچي. سندس شاعريءَ ۾ سادگيءَ، سچائيءَ ۽ نماڻائيءَ جو عنصر موجود آهي. سندس بياض "ڪُليات عالم خان" جي نالي سان هن کان اڳي ڇپجي چڪو هو، جنهن مان وٽس شايد ئي ڪا هڪ اڌ ڪاپي بچي هجي- حالانڪ اُن ۾ پريس جي ڇپائيءَ جون ڪيئي غلطيون ٿيل هيون.

مير عالم خان به سسئي، مارئي، ليلان، سُهڻي ۽ نُوريءَ کي ڳايو آهي. ڪلامن سان گڏ، سندس چيل ڏوهيڙن ۾ سوز ۽ گداز پريل آهي. پاڻ به سادگي پسند آهي ته سندس ڪلام به سادگيءَ سان ئي رچيل رسيل آهي. مارئيءَ ۾ ٿر جي منظرڪشي ڪندي جيڪي بيت ۽ ڏوهيڙا چيا اٿس، تن جو ته جواب ئي ناهي، جن مان ڪجهه بيت نمونيءَ طور هتي پيش ڪريان ٿو.

"مند ڦري، موسم وري، ڪئي بادل اُت برسات،
ڪنون ڪنوي ڪاهڙ تي، سرتيون ساري رات،
آءٌ قيدياڻي ڪوٽ ۾، وڃي وبهاڻي پريات،
مارو منهنجا موهر ۾ هجن شال حيات،
تن سندي واڻي وات، اٿم 'عالم خان' چئي."

وري ٻئي هنڌ سسئيءَ جي ڏولاٽن ۽ ڏکن ڏاکڙن کي هن طرح بيان ٿوڪري:

"ٻولي ٻاروچي مون سمجهي ڪانه سَهي،
ڪتا مٿي ڪيچين جي، اُٿيا، ڪين بَهي،
ڇا ڏسان پير پنهل جو، ويم سج لهي،
مٽي مون ميشاق ڪان، اصل اينءَ نهي،
ڏکن جي ڏهي، آيم 'عالم خان' چئي."

هڪڙيءَ جاءِ تي، پنهنجي ساهه کي بي پروسي ۽ بي بقا چوندي، چوي ٿو ته:

"پرديسي پساهه، منهنجو ديسي ناهي دم،
رکي خوف خدا جو، ڪر ڪو چڱو ڪم،
'عالم خان' کي اندر ۾، آهي تنهن جو غم،
نوڙت ڪري نم، ته پرينءَ کي پيارو لڳين."

وري به هڪڙي هنڌ چوي ٿو ته:

”حياتي هٿن مان، ويئي ڙي ويئي،
عمر سڄي اوچتو، ويٺيين سڀ ڏيئي،
خبر هن خواب جي، نه پل اندر پيئي،
'عالم خان' چئي اڳ لئي، مون ڪمائي نه ڪيئي،
هاڻ ڪهڙو منهن نيئي، وڃي ڏيکاريان اُن ڏيهه ۾.“

هڪڙيءَ جاءِ تي هن بيوفا دنيا کي سمنڊ چئي، اتي جي رهواسين کي همت جو سبق ڏيندي چوي ٿو ته:

”ٻيڙا پري ٻار مان، ڪنيا ساموندين سور،
ٻُڌي ڪڙڪو ڪُن جو، مڙيا نه مانجهي موُر،
پنڌ پري هن پار جو، ڏيهان آهن ڏور،
سُڻ ملاحن مذڪور، اچي عالم خان چئي.“

(2)

”ساموندين سڙهه ڪنيا، نه ڏسن ڪپر ڪُن،
ٻيڙو هليو ٻاجهه سان، نه ٿيس تري ۾ تُن،
ويو وڪوڙي وچ مان، اولي ڪڍيا اُن،
ڏسي مڪڙا مُن، سي ته آيا عالم خان چئي.“

مٽن مائٽن، عزيزن قريبن، يارن، دوستارن کي گرنارين ۽ ساميعن جي ٻوليءَ ۾ هيٺن ٿو چوي:

وڃڙي ويراڳين ورهه ٿيا، جي ديس چڏي ويا دور،
انهن گرنارين گودڙين جي، گهائي وڏڙيس گهور،
اُهي آديسي اچن شل، جن جا سهي نه سگهيس سور،
پل پل تن جا پور، مون اُڏميا عالم خان چئي.“

بهرحال مير عالم خان جي شاعريءَ ۾ سادگيءَ، سچائيءَ ۽ جذبات جو عنصر نمايان آهي. هتي سندس ڪافين، ڪلامن، بيتن ڏوهيڙن کي اگر آنبان، ته اُن لاءِ الڳ ڪتاب جي صورت پيدا ٿي ويندي. تنهن ڪري هاڻي انهي تي ني اڪتفا ڪجي ٿي.

مير عالم خان انتهائي ساده لوح هئڻ سان گڏ، سحد جذباتي، جلالي ۽ جوشيلي طبيعت جو مالڪ آهي- شل نه ڪا ڳالهه منهن ۾ اچيس! جيئن اندر ۾ آهي تيئن ئي ٻاهر آهي. جيڪا دل ۾ سائي ٻاهر ٻوليندو آهي. آءٌ سندس حق ۾ دعا ڪريان ٿو ته شال خدا ڪيس هميشه خوش رکي.

شيخ ثناءُالله ”معصوم“ : اسان جي استاد محترم جناب مولوي شيخ

عطاءالله صاحب جن جو فرزند ارجمند، شيخ ثناءالله، جو ذڪر نہ ڪرڻ بہ سراسر ناانصافي ٿيندي، جيڪو هڪ عالم دين ۽ مبلغ گهراڻي جو چشم و چراغ آهي. پاڻ موجوده دور ۾، ٽائون ڪميٽيءَ ماتليءَ جو هيڊ ڪلارڪ هئڻ سان گڏوگڏ فن ادب ۽ شاعريءَ جو بہ ذوق رکي ٿو. زماني جا ڪيترائي طوفان ۽ حوادث سهي، ڏسي ۽ برداشت ڪري، ڏکن ڏولاون جي بنيءَ مان پچي، پختو ۽ ڪندن بڻجي چڪو آهي. سندس قوت برداشت قابل ستائش آهي.

علم ۽ ادب جي ميدان ۾ ڪيئي معرڪا سَر ڪري چڪو آهي. صدر جنرل ايوب خان جي دور حڪومت ۾، ضلعي، سب ڊويزن ۽ ڊويزن جي حدود پار ڪندي، پوري مغربي پاڪستان جي شاعرن سان همسريءَ ۾، پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ ۾ نہ، بلڪ رسمي رواجي زبان اُردوءَ ۾، "خانداني منصوبہ بندي" بابت طنزيہ نظم لکي، ملڪ جي تقريباً چار سؤ نامور شاعرن جي مجمعي مان، انعام حاصل ڪري چڪو آهي. مجموعي طور شاندار صلاحيتن جو هلندڙ ڦرندڙ ۽ گهمندڙ بائيسڪوپ آهي. منجهس اڻ ڳڻت خو ۽ خوبيون آهن. ڪجهہ عرصو محڪمہ پوسٽ ۽ ٽيليگراف ۾، ڪلارڪ مان، سب پوسٽ ماسٽر جي پوسٽ حاصل ڪري، پنهنجي قابليت جو ثبوت ڏنائين- ليڪن دشمنيءَ جو شڪار بڻجي، روشنين جو شهر ڇڏي، پنهنجي والد بزرگوار جي مرقد واري شهر ماتليءَ کي پنهنجو مسڪن بڻايو اٿس.

شيخ ثناءالله، "معصوم" تخلص سان، نہ فقط پنهنجي مادري زبان جو ڄاڻو شاعر ۽ پارکو آهي، پر اردو، فارسي، هندي، عربي ۽ انگريزيءَ تي بہ پورو پورو اعتماد ۽ عبور حاصل اٿس. سنڌي، اردو ۽ فارسيءَ ۾ بہ شاعريءَ جي جوت جاڳائي اٿس، جن مان ڪي ڪجهہ نموني طور هتي هيٺ پيش ڪريان ٿو:

"لب گور فرقت نے پہنچا دیا ، ابھی امتحاں اور باقی بھی ھیں،
تیرے شہر میں جام و ساغر تو ھیں، وھاں پر بتاؤ کہ ساقی بھی ھیں."

هڪڙي هنڌ فارسيءَ ۾ چوي ٿو تہ:

"صنم معصوم من معموم، فراق یار درمانده،
نہ می نالہ، شبے فرقت، کہ نئے یارائے گویائی."

اهڙيءَ طرح سان سنڌيءَ ۾ بہ ڪيئي ٻرڻ ، ڪافيون ڪلام لکيل اٿس. پر هتي آءٌ فقط سندس ماتليءَ تي لکيل هڪڙي وڏي ۽ طويل نظم جا چند بند پيش ڪريان ٿو:

گهمون دوستو اڄ مٺي ماتلي، ٿني پهجي پوري تمنا دلي،
پلي جو مٺس پال آهي پلي، فقيرن جي هردم هتي ياعلي.

منجهس واه جي آ وٺڪار ڏس، نشيلا نظارا سون سروار ڏس،
ڦليلي، حا ڦيرا، اچي يار ڏس، حسينن جي هر هنڌ هيڪار ڏس.

سڀاجها ۽ سهڻا هتي جا مڪين، سندن هر ادا يار آ دلنشين،
ڪُنل قرب جا ۽ وفا آفرين، منجهن ڪونہ آهي ڪو شيطان لعين.

هتي روز راڳن جي محفل مچي، نڪا روڪ ڪنهن کي، اچي سو بچي،
'ڪريم بخش' قربن ۾ هردم نچي، سندس دم غنيمت، اچي شل بچي.

هونءَ تہ الله جي ثنا جا ڪيئي باب پريل آهن، پر جيئن تہ سيني مضمونن کي 'ڊزال' هٿندو، مختصر ڪندو آيو آهيان، تنهن ڪري هن مضمون کي بہ مختصر ڪري، ٻين ڪردارن تي خامہ فرسائي ڪرڻ لاءِ، ايتري تي ئي قناعت ڪريان ٿو، جيڪي منهن ڪڍيو، منتظر بيٺا آهن.

خليفو حسن علي خان نظاماڻي: خليفو حسن علي خان نظاماڻي، جيڪو منهنجن نوخيزيءَ جي وقت وارن رومانوي داستانن ۾، هڪ دلجوئي ڪندڙ ۽ تسڪين تسليءَ ڏيندڙ همدم ٿي رهيو آهي، تنهن جو ذڪر اذڪار هن ڪتاب ۾ نہ اچڻ احسان فراموشي ٿيندو.

خليفو حسن علي خان هڪ نهايت سلڇڻو، بُردبار، سنجيده، حليم طبع، احسان مند، سُگهڙ، علم ۽ ادب سان مالا مال، عطائي حڪيم پڻ هو. جنهن منهنجي عشق واري گجراتڻ محبوبہ جي شديد علالت ۽ بيماريءَ دوران بيحد تيمارداري ڪئي ۽ سندس وفات کان پوءِ قسمين قسمين، عجيب غريب رومانوي قصا، ڪهاڻيون، آپ بيتيون ۽ داستان عشق ٻڌائي، پرڀائيندو ۽ دل وندرائيندو رهيو.

پاڻ پنهنجي ايام جوانيءَ ۽ عالم شباب جا دور، ميرپور خاص جي سيدن، پيرن ۽ ميرن ۾، سُک سانت، آشتيءَ ۽ آرام سان گذاريائين. اُتي بہ سندس حڪمت، طبابت، حڪمت عملي ۽ بذلہ سنجي، درخشان، چمڪندڙ ۽ مقبول عام هئي. جت هرڪو ڪيس لائق، فائق، ڄاڻو، سمجهہ ۽ سالڪ سمجهي، سندس عزت ۽ احترام سان پيش ايندو هو.

پنهنجي شهر ماتليءَ ۾ جوانيءَ جون حدون ٽپي پار ڪري، موٽيل عمر واري اوائلي دور کان پوءِ پهتو. بنيادي ۽ خانداني فرد هئن ڪري، هٿيل وهيءَ هوندي بہ، پنهنجن عزيزن قريبن مان، پيريءَ ۾ شاديءَ ڪيائين. پر افسوس، جو اولاد جي نعمت کان محروم ٿي رهيو. اسان جون ساٿس ڪيئي علمي، ادبي، حڪمتي ۽ سُگهڙپڻي جون ثقافتي رهاڻيون رهنديون هيون. طنز مزاح سان پريل عجيب غريب، نت نوان ۽ جديد تر جملا ۽ فقرا چست ڪندو هو. سندس رهاڻيون ۽ مجلسون، اڄ بہ مون کي چٽيءَ طرح سان ياد آهن، آءٌ ڪيتن جفاڪش، مخلص، وفادار، ايماندار، سُگهڙ ۽ سالڪ سمجهي، دعا ٿو ڏيان تہ "شال، خدا ڪيس پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي، جنت الفردوس ۾ جڳهہ عطا فرمائي. آمين!"

حڪيم فتح علي خان نظاماڻي: حڪيم فتح علي خان، رجب علي

خان ۽ عباس علي خان نظاماڻي، ٽيئي ڄڻا سڳا ڀائر، ماتليءَ جي گوهرن ۽ گوهر شناسن مان چمڪندڙ ستارا هئا، جن جو مختصر، باري باري ۽ بالترتيب هتي ذڪر اذڪار ڪري رهيو آهيان. سندن ملڪيت ۽ زميونداري، مامن، جي حوالي هئڻ ڪري، اهي ماماڻي ڪائي ويا، جن جا نالا حاجي خان، گل محمد خان ۽ ٻه جاڙا ڀائر حاجي غلام شاه خان ۽ حاجي غلام حسين خان هئا.

حڪيم فتح علي خان، سيني ڀائرن ۾ وڏي هئڻ جي حيثيت ۾، پنهنجي ذاتي تعمير ڪرايل ۽ ٺهرايل دڪان ۾، حڪمت خانو بڻائي، معذورن ۽ مريضن جو علاج ڪري، پنهنجي معاش جو پورائو ڪندو هو. سندس هٿ ۾ الله تعاليٰ شفا ٻه ڏاڍي بخش هئي. پر ڪڏهن ٻه ڪنهن غريب، مسڪين، بيوس، مجبور، لاچار ۽ مفلس کي تنگ نه ڪيائين. موقعي آهر انهن جو مفت علاج ڪندو هو.

حڪمت ۽ طبابت جو هنر پنهنجن جدي امجدي ۽ خانداني ڪتابن مان ئي پرکي پروڙي، ڄاڻي ٻجهي ۽ سمجهي سجهي حاصل ڪيو هئائين. ازانسواءِ انهي وقت جي مشهور، معروف ۽ ڪامياب معالج حڪيم غلام علي خان نظاماڻيءَ ۽ اسان جي صاحب معرفت و صاحب عرفان چاچي، برگزيده بزرگ جناب مولوي نظر محمد خان نظاماڻيءَ جن جي صحبت مان ٻه گهڻو ڪجهه پرايو هئائين. تنهنڪري پاڻ پنهنجي وقت جي ڄاڻو ۽ ڪامياب حڪيمن ۽ طبيبن ۾ شمار ٿيندو هو.

جنهن وقت آءٌ اڃا مس نوخيزيءَ مان ٽپي، جوانيءَ جي پهرئين ڏاڪي تي پهتس، ته آواره گردي ڪندي، ڪنهن موذي مرض ۾ مبتلا ٿيڻو پيو، جنهن جو ڪلندي مسڪرائيندي علاج ڪيائين ۽ الله جي فضل ۽ ڪرم سان شفايابُ ٿي ويس. ساڳيءَ طرح منهنجي گجراتڻ محبوبه جو ٻه دل جي گهرايل سان، سندس وڃڻ وارين آخري گهڙين تائين، پر خلوص معالج ٿي رهيو. پر وڃڻ واري موٽڻي نه هئي، تنهن کي واپس موٽائي نه سگهيو!

سندس نياڻي، جنهن سان سندس بي انتها والهانه پيار هوندو هو، تنهن جي ڦليليءَ ۾ ٻڌي مري وڃڻ جو صدمو سهي برداشت ڪري نه سگهيو. تنهن ڪري سندس دماغ ڪريڪ ٿي ويو هو. ساڳيو حال سندس زوجه محترمه جو ٻه هو، جيڪا ڪانئس ڪافي عرصي بعد، بيوه جي زندگي بسر ڪري، وفات ڪري ويئي.

رجب علي خان نظاماڻي: رجب علي خان نظاماڻي، حڪيم فتح علي خان کان ننڍو مگر عباس علي خان کان وڏو ڀاءُ هو. جيڪو پنج وقت نماز ۽ تهجد گذاريءَ جوهميشه باقاعدگيءَ سان پابند هوندو هو. سندس ڏاڏي جي ٺهرايل جامع مسجد ماتليءَ ۾، اڄ ٻه پنهنجي آب و تاب سان، شاهي بازار واري شروعاتي چوڪ وٽ موجود ۽ اوقاف ڪاتي جي حوالي آهي. پر رجب علي خان، زندگيءَ جي آخري ساهه تائين، انهيءَ جامع مسجد جو "تاعمر" متولي رهيو. جامع مسجد ۾ رهندي، ڪنهن ٻه ملين ملائي جي پرواهه، غرض ۽ ڪاڻ هرگز نه ڪيندو هو. سڄو ڏينهن

وڏي واڪي بحث مباحثا ڪندو رهندو هو. آهستي ڳالهائڻ تہ ازل کان ئي نہ سکيو هئائين. پنهنجن مامن کي سدائين وڏي وات پٽيندو ۽ بددعائون ڏيندو رهندو هو ۽ "ماما...! اسان جي هڙ موڙي ڪائي ويا." ائين هو بہ واقعي صحيح. چاڪاڻ تہ مٿي لکيل خاندان، جاڙا برادران، جي معاش جو سڄو دارومدار ملازمتن، نوڪرين ۽ تجارت پيشي تي هوندو هو، جن جو اولاد اڄڪلهہ وڏي سرمائيدار ۽ زميندار خاندان ۾ شمار ٿي رهيو آهي.

والد صاحب جن سان، سندس دوستي هئڻ ڪري، مون سان بہ بي اختيار والهانہ پيار ڪندو هو. منهنجي حسن اخلاق، پر ڪشش شخصيت کي داد ڏيندو ۽ نشست و برخواست وارين عادات و اطوار تي خوش ٿيندو هو. خاص طور، ملان هئڻ جي باوجود بہ، منهنجين راڳ رنگ ۽ ثقافتي محفلن کي ڏسي بيحد خوش ٿيندو هو. تنهن وقت سندس شادي نہ هئڻ ڪري، "نظرپور" واري "بوليءَ مهاڻي" سان عشق هوندو هئس، جيڪا تازا تازا پلا پچائي ڪيس ڪارائيندي هئي. اُها "بولي مهاڻي" پلن پچائڻ جي شاهہ ڪاريگر هوندي هئي. سندس هٿ جي پڪل پلن جي لذت ئي عجيب هوندي هئي. والد صاحب جن چرچي، پوڳ ۽ مذاق خاطر، ٻنهي عاشق ۽ معشوق کي خوب چيڙيندو ۽ چيڙائيندو رهندو هو. بالآخر بولي مهاڻي والد صاحب کي پلو پچائي ڪارائڻ جو واعدو ڪري، رجب علي خان جي جان آزاد ڪرائيندي هئي.

رجب علي خان جي بنگلي نما ٺهرايل جاين جڳهين ۾ اڪثر ڪري وڪيل رهندا هئا، جن مان همت سنگهہ سان سندس خاص دوستي ۽ پيار هوندو هو، جنهن ڪري ماڻهو ڪيس همت سنگهہ جو منشي چئي ٽوڪيندا رهندا هئا. تنهن وقت ماتليءَ ۾ مختيارڪاري ۽ تعلقي هيڊڪوارٽر هئڻ سان گڏ ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ جي ڪورٽ بہ هوندي هئي، جتي ڪيئي هندو ۽ مسلمان مئجسٽريٽ بڻجي ايندا ۽ ويندا رهيا، جن مان مرزا نادر بيگ بہ هڪ هو.

زندگيءَ جي آخري ايامڪاريءَ ۾، پيريءَ جي وقت، پنهنجي خاندان جي خوبصورت، حسين نيڪ سيرت ۽ نيڪ فطرت دوشيزه سان شادي ڪيائين، جنهن کي سندس عين عالم شباب ۽ نوخيزيءَ ۾ ئي بيوه ڪري، داغ مفارقت ڏيئي، راهي عدم ٿيو. خدا شال ڪيس جنت نصيب ڪري- چاڪاڻ تہ، آءٌ ڪيس هميشہ چاچو ڪري سڏيندو هئس. پاڻ وري پيار ڪرڻ وارو، پياريءَ شخصيت وارو هو. پر افسوس، جو پنهنجي پٺيان ڪوبہ اولاد نہ ڇڏيائين ۽ لاولد وفات پاتائين.

عباس علي خان نظاماڻي: حڪيم فتح علي خان ۽ رجب علي خان جو ننڍو ڀاءُ عباس علي خان نظاماڻي، سنڌي پرائمري اسڪول ۾ "ڏينيو" ماسٽر جي لقب سان سڏبو هو. شاگرد چوڪرا وٽانئس ڏاڍو ڊڄندا ۽ پڇندا هئا پوءِ اهڙيءَ ماسٽريءَ مان ڪيئن نڪتو يا ڪيس نوڪريءَ مان ڪڍيو ويو يا پاڻ خود ئي استعفا

ڏسڻ ۾ سهڻ جي خبر تہ خدا کي، پر ماستريءَ کان پوءِ، وري پاڻ جانورن واري وٽرنري اسپتال ۾ ڪمپائونڊر هوندو هو.

مون سان سندس تمام گهڻو پيار هوندو هو. هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن عارفانہ نڪتي تي بحث مباحثو ۽ تبادلئہ خيال ڪندو رهندو هو. آخر تائين شادي ڪانہ ڪيائين. نڪو ڪو سندس عشق ۽ رومان ئي اسان ڏٺو يا ٻڌو. پاڻ ڪڙو ۽ ڪارو هئڻ جي باوجود، پيارو هوندو هو. اسڪول جي وقت جمناسٽڪ جا ڪرتب ڪري، ڇوڪرن کي ڏيکاريندو ۽ سيکاريندو هو، جنهن ۾ ڪافي مهارت حاصل هوندي هيس. پاڻ ڪيئي اميدون، ارادا ۽ آسرا ڪٽي، پنهنجو دنياوي سفر پورو ڪري، راهي عدم ٿيو. اسين سندس دعاگو آهيون تہ شال خدا کيس جنت ۾ جاءِ ڏئي. آمين!

ادو جان محمد خان نظاماڻي: ادو جان محمد خان نظاماڻي، جنهن کي، اسين تہ خير سندس پاليل پوسيل ۽ نپايل هٿاسين پر سڄو شهر کيس "ادا جانڻ" ڪري سڏيندو هو. پاڻ منهنجي سوٽاڻي سوٽ هو، ڇاڪاڻ تہ سندس والد بزرگوار غلام حسين خان نظاماڻي ۽ منهنجو والد صاحب پاڻ ۾ انتهائي ويجها ۽ قريبي عزيز هئا. تنهن ڪري انهي رشتيداريءَ کي مدنظر رکندي آءٌ بہ کيس "ادا جانڻ" چئي مخاطب ٿيندو هئس.

جواني ۽ پرڪيف شباب جي وقت، پاڻ هڪ وڏو عاشق مزاج ۽ حسن پرست هئڻ سان گڏ، "شاه جي رسالي" جو ياد حافظ پڻ هوندو هو. هميشہ مون وانگر ٿلهي ۽ بي سري آواز ۾، شاه جا ڪلام، وايون ۽ بيت ڳائيندو رهندو هو، جن کي ڳائيندي، جذبات ۾ اچي، مست ۽ مخمور ٿي ويندو هو. پر سُر کان نابلد هئڻ ڪري، خدا، پرميشور، پرماتما ۽ ايشور تائين رسائي حاصل ڪري ئي نہ سگهيو- ڇاڪاڻ تہ سنگيت ۾، سُر کي ئي ايشور ۽ پرميشور چئبو آهي.

ادو جانڻ خان (جان محمد) پاڻ بہ هڪڙو چڱو خاصو زميندار هو، پر پي جي اڪلوتي اولاد هئڻ جي حالت ۾ لاڏ ڪوڏ ۽ پيار ۾ رهڻ ڪري، سندس زمينداريءَ واري ڪافي حصي تي هتي جا مشهور و معروف "جاڙا برادران" قبضو ڪري، سندس ناسمجهيءَ ۽ اٻوجهہ پٽي سبب، مالڪ بڻجي ڪاٽي ويا. باقي بچيل ڪچيل زمينون، وڏيراڻي عياشيءَ ۾ اچي، بلڪل مفت بسڪوٽن ۽ پڳڙن جي مُٺ تي وڪٽي ڇڏيائين.

سندس والد صاحب انتهائي شريف النفس، صداقت مند ۽ سادڙو هوندو هو، جنهن جو روزمره نماز، روزي، تلاوت ڪلام پاڪ ۽ تهجد گذاريءَ ۾ ئي بسر ٿيندو هو. ٻئي ڪنهن بہ دنياوي سوچ ويچار لاءِ تہ وقت ئي ڪونہ ملندو هئس پنهنجي هڪڙي واحد ۽ اڪلوتي پٽ، ادي "جانڻ"، کي ٿر جي سوڍن منجهان سوڍي سمجهي پرڻايائين، جا پڻ وڏي نيڪ سيرت، نيڪ بخت، نيڪ نمازڻ، ٿو گالهائو، خدمت گذار ۽ وفا شعار هوندي هئي. جنهن مان کيس هڪڙو لائق فائق

ڏهيسر ۽ فرمانبردار فرزند محمد خان ۽ هڪڙي خوبصورت، خوب سيرت ۽ البيلي چنچل نياڻي پيدا ٿي. نوجوانيءَ ۽ عالم شباب جي وقت پنهنجي پٽ محمد خان جي شادي پنهنجي ئي خاندان مان ڪرايائين، جيڪو لاولد ئي وفات ڪري ويو.

سندس حسين جميل ۽ نوجوان پر شباب دختر نيڪ اختر جي نسبت مون سان منسوب ڪرڻ خاطر، وڏا وجهه واجهه وجهندي، ڏاڍا وس ڪيائين، جنهن پر سندس گهر واري به راضي هئي، ته اسان ٻنهي نوخيز جوانين ۽ بيتاب نگاهن جو به هڪٻئي سان گهڻو مخلص ۽ پاڪيزه پيار هوندو هو، ايتري قدر، جو صبح جي وقت نوجوانيءَ واريءَ نشيلي ننڊ مان دير سان بيدار ٿيڻ واريءَ عادت ڪري، منهنجي منهن تان سوڙ، رلي يا اجرڪ چادر لاهي، ٿڌي پاڻيءَ جا چنڊا هڻي، پرشباب، خمار آلوده ۽ غزالي اکڙين جا تير هلائي، مسخريون ٺٽوليون ڪري جاڳائيندي هئي ۽ چوندي هئي ته "اجا ستو پيو آهين...! هاڻي اُٺ ته سهي...!! پڪي پڪڻ، چرند پرند سڀ مٺيون مٺيون ٻوليون ڪري، الله جا احسان مڃي رهيا آهن، پر تون آهين جو اجا به ستو پيو آهين...! سج ڪي ڏس ته ڪيترو نه مٿي چڙهي آيو آهي!!" وغيره وغيره. جنهن تي آءٌ ڪاوڙ پر اچي، پڙڪو ڏيئي، هڪدم اُٺي ڪيس جهلڻ جي ڪوشش ڪندو هئس، ته هوءَ وري پوٺنتري ۽ تتريءَ وانگر هوا پر اُڏامي ويندي هئي.

جيئن ته منهنجي شادي پنهنجن عزيزن مان ڪنهن ٻئي هنڌان، لڪئي جي ليک ۽ مقدر جي فيصلي موجب، اڳي ئي ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري انهيءَ ٻيءَ شاديءَ جا ٺڪاڻا ٺهي نه سگهيا. تنهن ڪان پوءِ، سندس مقدر وري ڪيس هڪڙي اهڙي جاهل، اجت ۽ اُجاڙ، باندر شڪلي، ميري ڪُچيلي ۽ مندي سان ڳاسايو، جنهن جو صدمو نه سهندي، ٿوري ئي وقت گذرڻ ڪان پوءِ، عين عالم شباب، نوخيزي ۽ نوجوانيءَ پر، پنهنجن پراين کي، هن فاني دنيا پر روئيندو ڇڏي، پنهنجي ابدي آرام لاءِ دارالبقا ڏانهن رواني ٿي ويئي. ڪيئي آرزو، اُمنگون، اُميدون ۽ آسرا، پاڻ سان گڏ سيني پر سانڍي، هميشه هميشه لاءِ هتان وارن ڪان وڇڙي ويئي. آءٌ الله تبارڪ تعاليٰ ڪان سندس خوشنوديءَ خاطر، دعا ٿو گهران ته ڪيس پنهنجين رحمتن جي سايي پر رکي، جنت پر جاءِ ڏئيس. آمين!

آءٌ جڏهن ٻمبئيءَ مان "پيار جي شادي" ڪري، ماتليءَ پهتس، ته بيگم صاحبه کي، نوجوانيءَ جي وقت پنهنجي وڇڙيل دختر سمجهي، ادي جانڻ ۽ سندس گهر واريءَ دلي طور پيار ڪيو، ۽ اُهو آخري مفلسيءَ، تنگدستيءَ ۽ ڪسمپرسيءَ وارو دور بيگم صاحبه کي اولاد سمجهي، وٽس ئي گذاريائون. جنهن پر بيگم صاحبه کي نماز پنجگانه ۽ تهجد گذاريءَ سان گڏ، ڪيترو ڪلام پاڪ به حفظ ڪرايائون ته درود ۽ صلواتون به سيکاريائون. جنهن جي عيوض بيگم صاحبه به ڪين پنهنجا بزرگ تصور ڪندي، سندن غم دور ڪرڻ خاطر، "ابا" ۽ "امان" ڪري سڏيندي هئي. پاڻ ٻيئي ڇٽا تنهن وقت صوم و صلوات جي پابنديءَ سان گڏ، ذڪر

رباني ۽ سسي، فڪر رحماني ۽ ۾ بہ محو ۽ مصروف رهندا هئا.

تنهن کان سواءِ، الف ليلي، جان عالم انجمن آرا، سيف الملوڪ ۽ ٻيا ڪيئي اڻ ڳڻت قصا ڪهاڻيون ۽ ڏندڪٿائون بہ ياد هونديون هيس، جيڪي بيگم صاحبہ ۽ گهر جي ٻين ڀاتين کي ٻڌائي خوش ڪندو رهندو هو. پاڻ نانگي شاهہ وارن نانگاڻي سيدن جو اعتقادي ۽ معتقد هئڻ ڪري، نانگاڻي سيدن جون ڪرامتون ۽ قصيدا بہ اڪثر ڪري ٻڌائيندو رهندو هو.

هڪڙي ڀيري، سنڌو درياءَ جو بند ٽٽڻ ڪري، علائقن جا علائقا غرقاب ۽ زير آب ڪندي، جڏهن سيلابي پاڻي ماتليءَ پهچڻ وارو هو ۽ ماتليءَ جي ٻڌڻ جا يقيني انديشا ۽ امڪان پيدا ٿي پيا هئا، تہ پاڻ فجر نماز کان اڳ، ننڍ مان بيدار ٿي، ماڻهن کي ٻڌايائين تہ "خوف ۽ هراس ختم ڪريو، مون کي منهنجي مرشد، سيد بچل شاهہ نانگاڻيءَ نانگي، خواب ۾ اچي، لُنڊي ڪسيءَ کان حيدرآباد بدين روڊ جي ڏکڻين پاسي کان بدين واريءَ پل تائين ليکو ڪڍي، ائين چيو آهي تہ انهيءَ ليکي جي اندر، ڪنهن بہ حالت ۾ سيلابي پاڻي هرگز داخل نہ ٿيندو. ماتليءَ کي ڪوبہ خطرو ناهي- سواءِ اترئين پاسي ڊڪ، طبب علي پيٽرول پمپ ۽ سواءِ چند ڪچين جاين جڳهين جي." ۽ ٿيو بہ واقعي ائين. پيٽرول پمپ، ڊڪ ۽ انهن جي آسپاس نهيل ڪجهہ ڪچين جاين جڳهين کي نقصان رسائڻ کان سواءِ، ۽ ادي جانڻ واري ٻڌيل نقشي ۽ ڏنل ليکي جي اندر، پاڻيءَ جي هڪ بوند ۽ قطرو بہ نہ آيو.

پاڻ هميشہ عين آسر جو فجر کان گهڻو اڳي، ڀيج ڀني ماحول ۾، سج اُڀرڻ تائين، جنوني ۽ جذباتي انداز ۾ پنهنجي ٽلهي ۽ بي سري آواز سان، لطيف سائينءَ جون وايون پڙهندو ۽ بيت ڏيندو هو، تہ سندس آواز بي سراڻ ختم ڪري، وجد آفرين ۽ سحر انگيز منظر پيش ڪندي، وجدانيت، وحدانيت ۽ ويدانيت ۾ سمائجي، جذب ٿي ويندو هو. لطيف سائينءَ جي انهن واين ۽ بيتن مان ڪن جا مختصر بند هتي پيش ڪجن ٿا، جيڪي ادو "جانڻ" ڳائيندو هو:

(1)

"پسي ڳاڙها يار گل، متان ڪو وري چانگي ڪي چاري!"

(2)

"جوڳي ٻيا بہ گهٽا، منهنجو لڪيو لاهوتين سان."

(3)

"ٻيڙيءَ چاڙهيو تون وڃ، ٻيڙياتا يار ٻيڙيءَ وارا!"

(4)

"چنڊ تون چانڊوڪي ڪر يار، اسان جا پير پيادا آهن پنڌ ۾."

افسوس جو مقام آهي تہ اهڙا پيارا ۽ پيار ڪرڻ وارا بہ اسان کي داغ

مفارقت جو صدمو ڏيئي، هميشه هميشه لاءِ وڇڙجي ويا. آءٌ سندن حق ۾ دعاءِ مغفرت ڪندي، الله جي در ٻاڏائندي، التجا ۽ التماس ڪندس تہ ڪين پنهنجي رحمتن ڀيٽ رکي، جنت ۾ جڳهيون عنايت ڪري. آمين!

رئيس حاجي محمد لائق خان نظاماڻي: رئيس حاجي محمد لائق خان نظاماڻي، اسان جي شهر ماتليءَ جي گوهرن ۽ گوهر شناسن مان هڪ ناقابل فراموش، برگزيده ۽ قابل احترام شخصيت ٿي گذريو آهي، جيڪو نہ فقط نماز پنجگانہ جو پابندي، تهجد گذار، متقي، پرهيزگار، عابد ۽ زاهد هو. پر، آءٌ تہ ڪيس عارفانہ درجو ڏيئي، اهل الله ۽ اوليا تسليم ڪندس.

اسان جي نظاماڻي خاندان جون گٽيون، مونجهارا، اُلجهاءُ، اختلاف، تڪرار ۽ مسئلا پاڻ ئي سلجهائيندو هو. جتي بہ ويندو هو تہ ڪيس اصحابي چئي، تسليم ڪري، ادب احترام سان پيش پئي، سندس ڪيل هر فيصلي کي قبول ڪندا هئا. پاڻ نهايت حليم طبع، مشفق، مهربان، نماڻو، ٿور ڳالهائو، باوقار ۽ سنجيدگي پسند ماڻهو هو. هو بهادر شخص هو ۽ ان سان گڏ انتهائي حساس، رحمدل، خدا ترس ۽ نرم دل هوندو هو. اسان ڪڏهن بہ سندس وڏي سڏ ڳالهائڻ نہ ٻڌو. ايترو تہ نازڪ ۽ نفيس لهجي ۾ ڳالهائيندو هو، جو سامعين، بغور ڪن ويجها ڪري، سندس گفتگو ٻڌڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

سرور ڪائنات، فخر موجودات جن جي ادب ۽ احترام، عقيدت، محبت ۽ عشق ۾، ڪڏهن بہ الهندي طرف پُٺ ڪري نہ سُتو. پنجتن جي پيار، سيدالمرتضيٰ علي المجتبيٰ جي سڪ سوز ۾ سڄو ڏينهن صلواتون پڙهندو رهندو هو. پاڻ هميشہ ٿين چوندو هو تہ "نماز پنجگانہ ۽ تهجد گذاري ڪڏهن کان شروع ڪئي اٿم، تنهن جي خبر، ڄاڻ ۽ پروڙ ڪانهي." جنهن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ اها سندس عبادت ۽ رياضت ٻالاپڻ، ٻچپڻي ۽ ننڍي هوندي کان هلندي اٽي هئي، جنهن وقت کا سمجهہ بہ ڪانہ هوندي هيس.

سندس وفات کان هڪڙي رات اڳ، جيڪا مورخہ 6 جمادي الاول سنہ 1399هجري جي رات هئي، جنهن رات جناب ذوالفقار علي ڀٽي کي تختہ دار ڪيو ويو، رات جو ڏيڍ ٻين بجي، پاڻ هڪ وڏي دانهن ڪندي، عجب ۽ اچنبي ۾ اچي، ٽپ ڏيئي، ڪٽ تي اُٿي ويهي، "الله الله" جو ورد وظيفو ڪرڻ لڳو. جنهن تي گهر جا ماڻهو بہ، سندس اوچتي دانهن ٻڌڻ ڪري، چرڪ پري، ننڊ مان سجاڳ ۽ بيدار ٿي، جاڳي پيا. سندس اوچتي دانهن ڪري جاڳڻ بابت اسرار ڪندي، ڪانئس ان جو سبب پڇيائون. جنهن تي پاڻ "موت...! موت!! موت...!!!" جا لفظ اُچاريندي، "ڊپ ۽ ڊڇ" ٻڌائڻ لڳو. گهر وارن جي گهٽي زور پرڻ ۽ وڏيڪ پڇڻ تي، پاڻ وري بہ "موت...!" جو نالو وٺي چيائين تہ "موت کان ڊڄان ٿو، جيڪو سامهون بيٺو آهي." گهر وارا حيران ٿي ويا تہ هيڏو بهادر، اهل الله، ولي الله ۽ صاحبِ عرفان

شخص، جيڪو زندگيءَ ۾ ڪڏهن به ڪنهن کان نه ڊنو، سواءِ الله تعبارڪ وتعالم جي، جنهن ڪيترن چورن، بدمعاشن، ظالمن ۽ ڏاڙيوالن سان اڪيلي سر مقابل ڪيا، تڏهن به ڪونه ڊنو ۽ نڪو موت جوئي ڪڏهن ڊپ ڪيائين، هميشه سورهه بڻجي، پاڻ سنواريندو ۽ سڌاريندو رهيو، موت کي اٿڻ ۽ هرحال ۾ حقيقت سمجهي، ڪڏهن ڪو خيال ۽ ڊپ نه ڪيائين، سو اڄ موت کان ڪيئن ڊڄي رهيو آهي؟

رات گذري، ڏينهن ٿيو. سڄيءَ دنيا ٻڌو ته جناب ذوالفقار علي پٽي کي ڦاسي ڏني ويئي آهي. جنهن تي پاڻ چيائين ته "رات...! اهوئي ساڳيو نظارو منظر منهنجي سامهون هو. جنهن ۾ ڪونڌر کي.... ڪهي رهيا هئا. جنهنڪري ئي سندس شهادت کي ڏسي ڊنو هيس!" ائين چوڻ سان گڏ، وري به چيائين ته "..... ڪونڌر ڪونه ڪنو آهي، پر.... ڪنو اٿن!" تنهن سان گڏ، شاهه لطيف جو بيت ڏنائين، جيڪو ماتليءَ ۽ ان جي آسپاس سڀ ڪنهن جي ورد زبان آهي، پر هت ا جو ڏيڻ مناسب نٿو لڳي.

سندس هونءَ ته ٻيون به ڪيئي ادائون، وفائون ۽ سخائون آهن، جن ما ڪيئي مضمون جنم وٺي، ٺهي، نڪري ۽ لکجي سگهن ٿا، پر هتي آءٌ فقط مٿيئ لکيل مضمون جي تسلسل ۾، سندس خاص ادا ۽ وفا پيش ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو ته ڪيئي ۽ ڪيترين ئي اڻ ڳڻت ميتون پنهنجي هٿن سان لحد ۾ لاهي، درگور ڪري، سندن آخري ۽ ابدي آرامگاهه تائين پهچايائين. ڪيترن کي غسل ڏيئي صاف، شفاف ۽ پاڪ ڪري، ڪفن جو آخري ويس وڳو پهرايائين. پر انهن سيني ۾ هڪڙو واقعو تمام دکدائڪ، اندوهناڪ، دردناڪ ۽ رقت انگيز آهي، جنهن کي لکڻ سان بدن ۾ ڏڪڻي، رعشو، ڪپڪپاهٽ ۽ سنسي پيدا ٿيو وڃي ۽ وار ڪانڊارجي وڃن ٿا!

اهو آهي سندس پاڪيزه صفت، نيڪ خصلت، هووٿهار، لاڪيڻي، نيڪ صالح ۽ وفادار ٻچڙي حاجي شفيع محمد خان جو، جنهن حج بيت الله جي فرض ادائيءَ ڪري اچڻ کان پوءِ، جلد ئي سندس هٿن ۾ وفات پاتي. جنهن کي پنهنجي هٿن سان تڙ ڏيئي، غسل ڪرائي، سينگاري سنواري ۽ پاڪاري، ڪيس آخري بهشتي وڳو پارائي، پنهنجن ئي هٿن سان لحد ۾ لاهي، سپردخاڪ ڪيو هنائين.

الله الله!! اهو ڪيڏو نه دردناڪ، دکدائڪ، دل ڏارينڊڙ ۽ ڀيانڪ منظر هوندو... هڪڙي اهڙي ابي لاءِ، جيڪو پنهنجي نيڪوڪار، فرمانبردار، پابند صوم و صلوات، متقي، پرهيزگار ۽ صالح ٻچڙي کي، پنهنجن ئي هٿن سان، درگور ۾ سپردخاڪ ڪري رهيو هو. اهو دل چيرينڊڙ، هولناڪ ۽ دردناڪ منظر ڏسي ڪيترن ئي ڪانڌين جا ڄڻ ته ڪليجا ڦاٽي ٿي پيا. انهن ماڻهن جي نينن مان نير وهڻ لڳا، اکڙين مان ابر پلٽجڻ لڳا، لڙڪن جون نديون جاري ٿي ويون. پر شاسر

هي انهي اصحابي، صابر، شاڪر، سنجيده، مرد مومن، برگزيده ۽ نيڪ انسان ڪي، ٿنهن پنهنجي ٻچڙي ڪي الله جي امانت سمجهي، پالي پوسي، نپائي، پڙهائي، وڏو ڪري، امانت باسلامت، بغير ڪنهن شڪوه شڪايت ڪرڻ جي، مالڪ حقيقتي، الله تبارڪ وتعاليٰ ڪي، واپس موٽائي ڏنو ۽ پنهنجي نراڙ تي گهنج به آڻڻ نه ڏنائين.

اهڙيءَ طرح سان هيءُ حاجي محمد لائق، اصحابي، عارف الله، جناب والفقار علي پٽي جي شهادت ڪان پوءِ، هڪڙي رات وچ ۾ چڏي، ٻيءَ رات جو، آمر ٻي مجي، لبيڪ چئي، پنهنجو دنياوي سفر پورو ڪري، هن جهان فانيءَ مان راهي ڪدم ٿي، وڃي جُز مان ڪُل بڻيو. انا الله وانا عليه راجعون. اڻ ڳڻت ۽ سوين ميتون ٿد ۾ لاهڻ واري ڪي، وري ٻين جي هٿن لحد ۾ لاهي، واصل بالله ڪيو.

عجيب عبرت جو مقام آهي. آءٌ دل سان دعا ٿو ڪريا ته "شال الله تعاليٰ ٿيس پنهنجي جوار رحمت ۾ رکي، جنت الفردوس ۾ جڳهه عطا فرمائي ۽ سندس ڇڙن ۽ ٻين پسماندگان کي، صبر جميل جي قوت بخشي، جن جا نالا هتي هيٺ ڏجن ٿا: 1- رئيس فضل محمد خان، 2- قادر بخش خان، 3- رئيس الهه بخش خان، 4- رئيس غلام محمد خان، 5- رئيس عبدالله خان عرف حاجي خان، 6- رئيس عبدالستار خان، 7- رئيس عبدالجبار خان. تنهن کان سواءِ سياسي، سماجي ۽ دنياوي ڄاڻ رکڻ واري، دلير، نڊر، بيباڪ ۽ مخلص نجم الدين خان، جيڪو سندس وڏو ۽ الهه بخش خان جو فرزند آهي، جنهن سندس آخري ايامن ۽ آخري وقت ۾، پرخلوص، بي لوث ۽ والهانه خدمت چاڪري ۽ تيمارداري، هڪ فرض شناس اڪڙي طالب علم، شاگرد ۽ اسٽوڊنٽ جي حيثيت ۾ ڪئي.

اسين ڪيس زنده جاويد محسوس ڪندي، زوردار لفظن ۾ چونداسين ته:

"مرد مرندا ڪين ڪي، مرن مردودا."

محمد حسن ڪٽي: هونئن ته چرخ ڪُهن جي دوربين اکين، هن مادر گيتيءَ ٿي اڻ ڳڻت ڪردارن کي ڄاپندي ۽ موت جي منهن ۾ ويندي، جُز مان ڪُل ٿيندي ٿو آهي. هن دنياوي سمنڊ ۾ به، ڪيئي بلبلا، فوٽا، حباب ۽ ڦوڪٽا، چڪر، پنور ۽ پاڻ کي الڳ ٿلڳ، جداگانه جسم ڏيئي، جلد ئي فنا ٿي، اتي پاڻيءَ ۾ ئي ملي ٿذب ٿي ويندا آهن، جنهن مان پيدا ٿيا هئا. اهڙيءَ طرح سان، پنجتڻ مان پيدا ٿيل ٿلو، درگور ٿي، مٽيءَ ۾ ملي، مالڪ حقيقيءَ جو وصال حاصل ڪري ٿو. اهو لسفو انتهائي پيچيده، ذو معنيٰ، الجهيل لامڪان تائين پهتل آهي: جنهن کي وڏا وڏا عالم، فلاسافر، ڏاها، عارف ۽ معرفت جا مالڪ ئي سمجهن يا فقط الله تعاليٰ! سان سادڙن سودن، سڀاجهڙن ۽ مجهولن جي ڪهڙي مجال آهي، جو انهن ڪائناتي ازن کي ڪولي، افشا ۽ واڪري سگهون. تنهن ڪري اچجي ٿو پنهنجي ڪتابي مضمون تي.

هن "ڪيئي ڪتاب" ۾، معلومات، تجربات ۽ مشاهدات سان گڏ اموات به

ايندا آهن، جن جو ڪو ڳٺڻ گاٿيٽو ئي ناهي. انهن مان ڪن دارالفانيءَ منجهان وڃڻ
ويلن جون نسبتون ۽ ڪردار به منهنجي دنياوي ڪردار سان ڪنهن نه ڪنهن جاءِ تي
ملندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سان جناب محترم ذوالفقار علي پٽي ۽ حاجي محم
لائق اصحابيءَ جن جي وفات حسرت آيات جا چاڪ اڃا چڪي ئي رهيا هئا، ت
هلندڙ سال، 1979ع ۾، هڪ رات جو نوين بجي، اوچتو اها دڪدائڪ ۽ پيانڪ خب
پهتي، ته اسان جي رفيق سفر ۽ ثقافتي ساٿي، جناب محمد حسن ڪٽي، موذن ج
اذان تي ڪلمون پري، هاءِ چئي، هن دارالفانيءَ مان ڪوچ ڪري ويو- انا الله وانا عليه راجعون
محمد حسن ڪٽي، جنهن کي اسين پائو محمد حسن ڪري چوندا هئاسين
نهايت حسين، سهڻو، خوبصورت، وضعدار، باشعور، سمجهدار، سلڇڻو، صالح
سگهڙ، انتهائي مٺي، شگفته ۽ سٺو سان، وڏن وڏن نامورن پراڻن شاعرن جا چون
عارفانه ڪلام ٻڌائي، پنهنجن يارن دوستارن کي وندرائيندو، ليائيندو ۽ خوش
ڪندو رهندو هو. آنحضرت رسالت مآب سرور ڪائنات رسول اڪرم محم
مصطفيٰ ﷺ جن جي شان مصطفائيءَ ۾، جڏهن شدت جذبات ۽ عشق رسول جي ز
ٿي، مولود ۽ مداحون پڙهندو هو، ته ماڻهن کي بت بڻائي، حيرت زده ڪري، جهولائ
جهومائي ڇڏيندو هو. پر افسوس! جو سُر سان گڏ گُر ڪونه هوندو هيس. اسان س
کي ايشور چوندي، گُر کي گُر چئون ٿا. گروءَ جي گيان سواءِ ايشور تائين رسائ
مشڪل آهي.

اسين ڪيس بي ضرر، مخلص، سچار، وفادار، يارن جو يار، پنجگانه نمازي
نيڪوڪار سمجهي، دعا ٿا ڪريون ته خدا ڪيس جوار رحمت ۾ جڳهه ڏئي
خدمتگاريءَ ۾ غلمان عطا فرمائي. ڇاڪاڻ ته پاڻ بيحد حسن پرست هئڻ ڪري
صوفين وانگيان، ڇوڪرن سان ئي پيار ڪندو هو. پوءِ انهيءَ پيار ۾ ڪيتري قد
پاڪيزگي هئي، تنهن کي ته پاڻ ئي ڄاڻي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته سندس نيڪوڪار
۽ پاڪيزگيءَ جي اهائي تقاضا هئا ته پاڻ به پاڪ، شفاف ۽ صاف رهي. آخر
سندس پسماندگان کي به صبر جميل عطا ٿيڻ جي دعا ڪريان ٿو.

سيد احمد علي شاهه بخاري: سيد احمد علي شاهه اسان جي شه
ماتليءَ جو هڪ نامور، مشهور ۽ معروف عارف شاعر ٿي گذريو آهي، ايتري قدر ج
ماتليءَ جا دل جليا راڳي، سريلا ۽ عطائي، سندن مجاز ۽ مجاز کان مهنديري مٺي
عارفانه ڪلام کي دل جي گهرائين ۽ بي انتها جذبات سان ڳائين ٿا. پان انگريزن ج
دور حڪومت ۾، ڪجهه عرصو، معاش جي پورائي، خاطر، سرڪاري ملازم ٿيڻ
تپيداري پڻ ڪيائين.

سندس فرزند سيد مختيار علي شاهه پڻ، سندس صحبت عارفانه م
فيضياب ٿي. هڪ سٺو شاعر ٿيو. سندس ڪافين ڪلامن جو هڪ وڏو بياض آهي
جنهن مان نموني طور هڪڙي ڪافي، پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ هتي هيٺ پيش ڪريان ٿو:

ڪافي

ڪا گهڙي مون وٽ گذار، ڇڏ وڃڻ جون يار وايون.

جي اچين تان حال دل جو، توسان ڪريان آشڪار،
ڳجهه اندر جون ڳالهڙيون، هينئڙي منهنجي ۾ لک هزار،
سي نه مون توکي سڻايون.

جي مون کي هر وقت وسهين، آهي تنهنجو انتظار،
آهي مون کي هيءُ عجب، ساجن لڏني منهنجي نه سار،
ڪيئن جڳائن هي جدايون.

جن کي تنهنجي آ محبت، سي ڪنڌيءَ پهتيون ڪنار،
تن سان گڏ "احمد علي" آ، در تنهنجي اُميدوار،
آءُ اکيون تو لئي اُڃايون.

سيد احمد علي شاهه واريءَ انهيءَ مٿين ڪافيءَ جي زمين تي، گهڻو ڪري ساڳئي قافيه رديف ۾، سيد "محسن شاهه" ماتلائيءَ به طبع آزمائي ڪئي آهي: سا پڻ پڙهندرن کي متاثر ڪرڻ خاطر هتي هيٺ ڏجي ٿي:

ڪافي

دل مٿي دلدار يار، برهه ڏاڍي باهه ٻاري.

يار انجامن تي آ تون، ڪين ڪي واعدا وسار،
اي حبيبا! هجر تنهنجي، ٿي رئاڙي زارو زار،
اچ اکين کي آ انتظاري.

ساهه کي جڏهن پوي ٿي، اي سجڻ! تنهنجي سنيار،
اوچتي ٽڪري اندر مان، ٿي برهه ڪان بي اختيار،
دانهن دلبر درد واري.

مون کي مستيءَ ۾ محبا، خوب آ چڙهيو خمار،
برهه بت بيهوش ڪيئڙو، عشق ڪسيو اختيار،
ويني ڇڏاني سرت ساري.

منجهه شفاعت سهجي "محسن"، احمدا اُميدوار،
تون ڏيارج ڪرم سان، تنهن ناتوان کي نامدار،
روز محشر رستگاري.

هڻيون عاشقانه ۽ عارفانه شخصيتون، اسان جي لاءِ علمي، ادبي، شاعرانه

ذخيرا، جواهر ريزا، محسوسات ۽ معلومات ۾ اضافي خاطر، حساس طبيعت کي وڌيڪ حساس ۽ نرم بنائڻ خاطر ڇڏي ويا آهن: جن لاءِ گذشتہ، موجوده نسل تہ برابر پر آئيندہ نسل بہ سندن شڪر گذار ۽ ٿورائتا رهندا. اسين ڪين دل جي گهرائين سان دعائون ڏيون ٿا.

انهن مٿي ذڪر ڪيل بزرگ هستين کان سواءِ، ٻيون بہ ماتليءَ جون جيڪي گوهر ۽ گوهر شناس شخصيتون هيون يا باقي ڪجهہ اڄ بہ موجود آهن، تن مان ڪن ٿورن جي مختصر فهرست هتي هيٺ ڏيڻ ضروري سمجهان ٿو، جن مان سيدن ۾ سيد علو شاهہ، سيد مختيار علي شاهہ، سيد محمد شاهہ، سيد حڪيم شاهہ، سيد هاشم شاهہ، سيد قادو شاهہ، سيد اميد علي شاهہ ۽ موجوده سيد جمن شاهہ، سيد بچايو شاهہ کان سواءِ سيد احمد علي شاهہ جا پڙپوٽا سيد عبدالله شاهہ ۽ سيد مختيار علي شاهہ قابل ذڪر آهن، جيڪي موجوده دور جي تعليم مان بي اي ڪري گريجوئيٽ ٿي چڪا آهن. ازانسواءِ سيد جمن شاهہ جو فرزند فضائي فوج جو ڪيپٽن ڊاڪٽر مولا بخش شاهہ، جيڪو هڪ فرض شناس ايم. بي. بي . ايس ڊاڪٽر هئڻ سان گڏ علم و ادب جو دلداده، انتهائي ملنسار، رلڻو ملڻو، دوستن جو دوست ۽ قابل ستائش شخصيت جو مالڪ ۽ انسانيت جو پرچارڪ آهي: جن سان بہ سخن وريون، سخن فهميون، محبتون، قربتون رهيون آهن ۽ رهنديون پيون اچن.

ڪنيارن ۾ بہ جمن فقير، ماستر محمد ابراهيم، موسو ڪنيار، آچر ڪنيار ۽ اسان جي ثقافتي مجلس جو گائيڪ ۽ راڳي هارون ڪنيار: ڪٽين ۾ حاجي الهہ بچايو ڪٽي، هارون ڪٽي، حسين فقير ڪٽي: خاصخيلين ۾ محمد علي پٽيل، دادو پٽيل، احمد پٽيل، محمد هاشم، ماستر محمد عثمان ۽ ٻيا: ۽ شيدين ۾ محمد الياس شيدي، نانا ڪمن شيدي ۽ ٻيا اڃي وڃن ٿا. اهو گذريل دور محبتن، قربتن، صداقتن، خوشين ۽ ايمان جو پرخلوص دور هو، جڏهن اڃڪلهہ فقط نفرتن، ضرورتن، خود غرضين، ناانصافين، بيدردين، رشوتن، بي ايمانين، برائين، ڏوڪڙن، جهيڙن جهٽن ۽ ظلمتن جو دور دورو آهي، جنهن کان پناهہ گهرون ٿا.

ماتليءَ بابت روايتون

مضمون هليو پٽي "ماتلي" اڪر جي سلجهائڻ سمجهائڻ ٿي، تہ وڃي ماتليءَ جي گوهرن ۽ گوهر شناسن ۾ پياسين. تنهن ڪري انهي، مضمون کي پورو ڪري، وري واپس اچون ٿا ماتليءَ واري نامڪمل اڌوري مضمون کي پورو ڪرڻ لاءِ. جنهن بابت ٽين روايت اها آهي تہ "درياءِ مهراڻ مان، هتي ريڻ درياءَ وهندو هو، جنهن جا شهدادپور، نصرپور ۽ باقر جي ڳوٺ کان ماتليءَ ويجهو نصرپور وٽ، واريءَ جا وڏا وڏا درّا ۽ نشان، اڄ بہ موجود آهن. جيڪو اُتان وهندي پنهنجو چوڙ، ڪاڇيلي علائقي جي ڪچ جي رڻ ۾، بدين کان اڳتي مٿي، وڃي ڪندو هو.

پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو نڪتل درياءَ ريڻ، ور وڪڙ ڏيندو، ڦيرا گهيرا ڪندو، ڪيترن ئي علائقن کي ريگزارن ۾ تبديل ڪري، رُسي ڪاوڙجي ڦليلي بڻجي پيو، جنهن کي گوني بہ چوندا آهن: جنهن جون گولايون، ڪَرو، ور وڪڙ، انگڙائيون ونگڙائيون ۽ هيرا ڦيرا اهو ٿا ثابت ڪن تہ اهوئي ساڳيو اڳوٽو درياءِ ريڻ آهي، جنهن کي اڄڪلهہ گوني يا ڦليلي سڏيو وڃي ٿو. اها ڦليلي جيڪا اسان جي شهر ماتليءَ جي سيني کي چيري، دو نيم ڪري، نهايت خوبصورت ۽ سهڻي انداز سان ناز انداز ڪندي، نانگ وارا ور وڪڙ وجهندي وهي رهي آهي، جنهن کي اڄ بہ وٽلي، وادي يا ماڙي چئي سگهجي ٿو. اها ماڙي درياءِ ريڻ واري وقت کان وٺي قائم آهي، جنهن کي زمانہ ڪج رفتار، هيرا ڦيريءَ ڪري، ماڙيءَ مان ماتلي بڻائي ڇڏيو هجي، ۽ جنهن ڪري ئي انهيءَ ماڙيءَ کي ماتلي سڏيو وڃي ٿو."

چوٿين معتبر روايت تاريخ "اعثم ڪوفي" ۽ دماغي ڪاوشن جي نتيجي ۾ حاصل ٿي آهي. جيڪا هيءَ آهي تہ سنڌ جا تعلقات ايران سان، "بهرام گور" بادشاهہ جي وقت کان وٺي قائم پئي رهيا آهن: جنهن کي "شاهنامي" ۾ فردوسيءَ پڻ دهرايو آهي تہ "هند ۽ سنڌ جو بادشاهہ، انهيءَ زماني ۾ 'شنگل' هوندو هو."

مگر نامور "شنگل" از هند دان،
ڪہ از داد پيچيده دار اي دوران.
تو شاهي و "شگل" نگهبان هند،
چرا باز خواهي ز چين و ز سنده.

ايران جي تاريخ "اعثم ڪوفي" چوي ٿي تہ "بهرام گور" جنهن کي بادشاهہ "ڪسرا" بہ چيو ويندو هو: تنهن ڪري سنڌ جي بادشاهہ "شنگل" کي بہ انهيءَ دور جو ئي ليکيو وڃڻ گهرجي. اهي تعلقات "نوشيروان" جي دور حڪومت ۾ بہ قائم رهيا، جنهن دور ۾ "هند ۽ سنڌ" جي ڪتاب "ڪليلہ و دمنہ" جو ايراني زبان ۾ ترجمو ٿيو هو: انهيءَ ڪري ئي سنڌي ۽ ايراني تهذيب هڪٻئي سان قريبي طور وابستہ رهيون آهن.

جنگ و جدل ۽ ڏکين وقتن ۾ سنڌ هميشہ عربن جي مقابلي ۾ ايران جو ساٿ ڏنو. جنهن ۾ ڪاظمہ، پلہ، قادسيہ، جلولا ۽ فتح مدائن قابلِ ذڪر آهن. انهن تعلقاتن کي مدنظر رکندي، ايران جا بادشاهہ اڪثر و بيشتر سنڌ جو دورو ڪري لطف اندوز ٿيندا رهندا هئا.

اهڙيءَ طرح سان ايران جو بادشاهہ "يزگرد"، جيڪو ساساني خاندان منجهان هو، مهاراجا "راءِ سهاسي" اول جي وقت ۾، راجا "سڌ" جي نيندي ۽ دعوت تي، سنڌ ۾ مهمان ٿي آيو: جنهن کي سنڌ جي مهاراجا "راءِ سهاسي" اول، سنڌ جا سرسبز زرخيز علائقا، تفريح گاهون ڏيکارڻ سان گڏوگڏ، درياءِ "ريڻ" ۾

پيڙين جا سير بہ ڪرايا. تنهن کان سواءِ پنهنجن جوڌن پلوانن، پهلوانن، ڪماندرن، سردارن ۽ سپهہ سالارن سان بہ ملائيو، جنهن ۾ سنڌ جي پنهوار بهادر خاندان جو سردار، ماڻري ماتليءَ جو رهواسي "همت خان" بہ هو. جنهن جو همت خان نالو ٻڌي ۽ ڪيس سنهڙو، ڏهرو، هلڪو ۽ ڪمزور ڏسي، ايران جي بادشاهہ، يزدگرد، تعجب جو اظهار ڪندي، ڪانئس پڇيو تہ "تون! ۽ همت!!" جنهن تي همت خان سائس مخاطب ٿيندي چيو تہ "همت، جسم جي لاغرتا سان ڪوبہ تعلق نٿي رکي. ان جو تعلق دل سان آهي، نہ ڪي جسم سان. جنهن جي خبر تہ ميدان ڪارزار ۾ ئي پنجي سگهي ٿي."

جنهن تي ايراني بادشاهہ يزدگرد تاءُ ۾ اچي، تلوار مياڻ مان ڇڪي ڪڍي، مٿس وار ڪيو. يزدگرد کي پنهنجي فن سپهہ گيريءَ ۽ شمشير زنيءَ تي بيحد فخر، ناز ۽ گهمنڊ هو. پر همت خان بہ پنهنجي شجاعت، جرئت ۽ بهادريءَ کان ڪم وٺي، ڏاڍي ڦرتيءَ، چستيءَ ۽ چالاڪيءَ سان ڏڪ گسائي، وار خالي ڪري، پنهنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي، پنهنجو بچاءُ ئي ڪندو رهيو. تنهن کان پوءِ، پنهنجي مدمقابل کي ٽڪائي، سهڪائي، بيزار ڪري، هن اهڙي داءُ پيچ کان ڪم ورتو، جو بادشاهہ سلامت جي تلوار هٿ مان ڪري وڃي پٽ پيئي. جيئن ئي ٻيهر بادشاهہ يزدگرد پنهنجي ڪريل تلوار کڻڻ لاءِ اڳتي وڌيو، تہ پنهورن جو سردار همت خان هڪدم اڳتي وڌي، ڪريل تلوار تي لت ڏيئي بيهي رهيو. جنهن تي ايراني بادشاهہ يزدگرد شرمائي، مسڪرائي، داد ڏيندي، آڇ ڪندي ڪيس چيو تہ "تو جهڙا دلير، جوڌا، پلوان ۽ بهادر سردار تہ منهنجي فوج جا سپهہ سالار هئڻ گهرجن، جيڪا هڪ عظيم ۽ وسيع تر فوج آهي." اُنهيءَ جو جواب ڏيندي، همت خان وراڻيو تہ "مون کي اوهان جي بهادر فوج ۾ شامل ٿي، پنهنجي پلوانيءَ ۽ پهلوانيءَ جا جوهر ڏيکارڻ تي فخر، ناز ۽ وڏائي هئڻ گهرجي، پر جيئن تہ منهنجي ڪنواريءَ ڪنيا جي شاديءَ جو بار منهنجي سر تي آهي، تنهن ڪري انهيءَ فرض کي ڪنهن ڪنڌيءَ ڪناري تي پهچائڻ کان اڳ، انهيءَ ڳالهہ بابت ڪوبہ فيصلو ڪري نٿو سگهان."

جيئن تہ ايران جو بادشاهہ يزدگرد، انهيءَ نوخيز ماه جبين نازنين جي حسن جي تعريف اڳي ئي ٻڌي چڪو هو، تنهن ڪري سردار همت خان پنهور کي، جواب ڏيندي، تقاضا ڪيائين تہ "انهيءَ فرض لاهڻ ۾، اها رشتيداري اگر آءٌ پاڻ قبول ڪريان، تہ توکي ڪو اعتراض تہ نہ ٿيندو؟" جنهن تي همت خان شرم و حيا ۾ اچي، اکيون هيٺ ڪري ڇڏيون. راجا سڌ، ايران جي بادشاهہ کي مبارڪون ۽ ڪيرون ڏيئي، همت خان پنهور جي پُتريءَ کي، تنهن وقت جي رسمن رواجن مطابق، ڏاڍا ڏاج پوت ڏيئي، وڏي شان مان ۾ ڏام ڏومر سان پرڻايو.

اها شادي بہ ماتليءَ جي ماڻريءَ ۾ ٿي، جيڪو پنهوار خاندان جي سردار جو ڳوٺ هو. راجا سڌ جي گاديءَ جو هنڌ، نورائي شريف جي پرسان، گاجا واهہ جي

لڳ ڦُبين وٽ، وڏي قبرستان ۽ نشانن تي، گنجي ٽڪر واري پهاڙي سلسلي جي دامن ۾، اڄ به موجود آهي. پنهوار خاندان جي ڳوٺ جا آثار، ماتليءَ کان اُلهندي پاسي، اڃا تائين ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ايران جي بادشاهه يزدگرد، پنهوار خاندان جي پتريءَ سان شادي ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي پتنيءَ جي حسن صورت، حسن سيرت، زيرڪي، حيا ۽ بيباڪيءَ کي ڏسندي، سندس نالو ماه طلعت رکيو. انهيءَ نالي کي، ايراني رواج مطابق اضافي ي ڏيئي، سندس ساڻيهه جي خطي ماڙريءَ کي ماه طلعتي ڪري سڏيائين- يعني راڻيءَ ماه طلعت جو ملڪ، ماه طلعت جي ڪري اهميت ڏيئي، ظاهر ڪيائين. جهڙيءَ طرح ملڪ کي ايران ڪوٺيو وڃي ٿو، مگر ملڪ ۾ رهندڙن کي اضافي "ي" ڏيئي، ايراني سڏيو وڃي ٿو. هندستان هڪڙو ملڪ آهي، مگر اتي جي رهواسين کي هندساني، پاڪستان ۾ رهندڙن کي پاڪستاني، ته ڪشمير جي رهاڪن کي ڪشميري سمجهيو وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح سان ئي، اهو "ماه طلعتي" اکر، ڦرندو گهرندو، ور وکڙ ڪائيندو، پنهنجي اصليت کي وڃائي ۽ مٽائي، "ماه طلعتي" مان ماتلي ٿي پيو.

انهيءَ پنهوار شهزاديءَ مان، ايراني بادشاهه يزدگرد کي به نياڻيون پيدا ٿيون، جن جا نالا ڪزبانو ۽ شهربانو هئا، جيڪي ٻيئي شهزاديون، ڪُسرا جي لڙايين وقت، فتح "مدائن" کان پوءِ ايران جي شڪست کائڻ تي، مال غنيمت سان گڏ، خليفه دوئم، اميرالمؤمنين عمر بن خطاب، جي دربار ۾ حاضر ڪيون ويون، جنهن سندن حسن صورت ۽ حسن سيرت ڏسي، حضور اڪرم ختم المرسلين حضرت محمد مصطفيٰ و مجتبيٰ ﷺ جن جي ڏهٽن، حضرت علي ڪرم الله رضي الله عنه جن جي فرزندن حضرت امام حسن عليه السلام ۽ حضرت امام حسين عليه السلام جن کي پرڻايون. اهڙيءَ طرح "ماه طلعت"، "ماه طلعتي" يعني "ماتليءَ واريءَ" امامن سڳورن جي سس جو رحمتاڻون رتبو حاصل ڪيو، ۽ اُهو مانُ مرتبو فقط "ماتليءَ" کي ئي نصيب آهي. جنهن ڪري ئي امامن سڳورن، ڪربلا جي ميدان ۾، يزيدي لشڪر جي اڳيان ٽي شرط پيش ڪيا هئا ته:

1- اسان کي يزيد جي دربار ۾ سندس روبرو وٺي هلو، ته جيئن اسين سائس سوال جواب ڪري سگهون.

2- اسان، اسان جي خاندان ۽ مستورات جو گهيرو ٽوڙيو وڃي، ته جيئن اسين واپس مديني هليا وڃون.

3- جيڪڏهن توهان اسان کي عربستان ۾ رهڻ نٿا ڏيو ته پوءِ آزاد ڪريو، جيئن اسين "سنڌ" ڏانهن عازم سفر ٿيون.

اهو سنڌ ڏانهن عازم سفر ٿيڻ جو سبب فقط سندن سس جو مائيٽاڻو وطن ۽ سندن سنڌي ساهرائي هئا، جيڪي "ماه طلعت" جي پنهوار خاندان ۾،

"ماتليءَ" جا ئي رهواسي هئا. شايد امامن سڳورن بہ ماتليءَ اچي رهڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت ۽ خيريت سمجهي هئي. پر يزيدن، فرعونن، هامانن، نمرودن ۽ ظالمن کي اهو گوارا ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ سندن دهڊهن، رعبن، حڪومتن، عشرت ڪدن، بتن، ظالمانہ روشن کي تباهہ برباد ڪرڻ وارا زنده هجن! تنهن ڪري ئي امامن سڳورن لاءِ بہ ڪرب و بلا جو انتظام ڪري، بمعہ خاندان ۽ ٻچڙن جي، بکيو اُڃيو شهيد ڪيو ويو، ۽ باقي بچيلن کي گرفتار ڪري، يزيدي دربار ۾ پهچايو ويو.

مقام افسوس آهي تہ هن فلڪ ڪج رفتار جي اکين ڇا ڇا نہ ڏٺو آهي! تنهن هوندي بہ اهو، سينو تاٽيو، تارن ۽ ستارن جي هحفلن ۾، ڪر و فر سان، جيئرو آهي.

"کيوں تن گيا غرور و تکبر سے آسماں،
سجدے ميں سر تو ميں نے جهکايا نهيں ابهی."

اهڙيءَ طرح سان، انهيءَ ماتلي خطي ۽ لفظ کي نيائڻ، سلجهائڻ ۽ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جنهن جو سڄو دارومدار تاريخ نويسن جي تنقيد، اديبن، سخنورن ۽ سخن فهن جي تائيد يا تردید، سامعين جي فيصلي ۽ گفت و شنيد تي منحصر آهي. تنهن ڪري، اسين انهيءَ علمي ۽ تاريخي بحث کي بالاءِ طاق رکي، هلون ٿا اڳئين مضمون "ماتليءَ" ۽ "ماتلي ميونسپالٽيءَ" تي، جنهن جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ پگهہ ٻڌي هيم.

ماتلي ميونسپالٽي

جنهن وقت ماتلي ميونسپالٽيءَ جي چارج وٺي ٽيبل تي ويٺس، تہ سڄو ڪاروبار چرڙ ورڙ نظر آيو. ٻين انتظامي حالتن سان گڏ، آفيس فائل، اڪائونٽ بڪس، آڪٽراءِ شيڊول، منٽ بڪ بہ بي ترتيبا ۽ منتشر ڏٺم. چيف آفيسر مسٽر واسومل (بي. اي) ۽ ٻيا هندو ڪلارڪ، هندستان جي ورهاڱي ٿيڻ ڪري، افراتفريءَ جو شڪار بڻجي، هندستان هليا ويا هئا. باقي مسلمان ڪلارڪن، ناڪي منشين ۽ اوڳاڙي ڪندڙ عملي کي گهرائي، منتشر ٿيل ڪتابن، فائلن ۽ اڪائونٽس بڪن کي ترتيب ڏيڻ ۾ لڳي وياسين.

ميونسپالٽيءَ جي چارج سنڀالڻ وقت، درهم برهم ٿيل نظام سان گڏ، فقط ٻاونجاهہ روپيا نقد، چارج ۾ مليا هئا. آڪٽراءِ ٽئڪس، پڙي ٽئڪس ۽ ٻيا ٽئڪس، شيڊول ۾ آٿي ناهي، قانون مطابق گورنمينٽ کان بہ منظور نہ ڪرايا ويا هئا، جنهن کي منظور ڪرڻ لاءِ گورنمينٽ طرفان آخري طور "سٽنڪشن پاور" ڪمشنر کي ئي هوندو هو.

مون ٻمبئي ميونسپل ائڪٽ کي اڳيان رکي، پنهنجي سينئر اڪائونٽ

ڪلارڪ، محمد اسحاق پاٽوليءَ، جي صلاح مشوري سان آڪٽراءِ شيڊول بمعہ مختلف ٽئڪسن ۽ بائيلاز ٺاهڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي ئي بنيادي طرح ميونسپالٽيءَ جي هلڻ ۽ هلائڻ جو، سڄو دارومدار هوندو آهي، جنهن کي "سيمي گورنمينٽ" چيو وڃي ٿو.

تنهن وقت، باقي رهيل ميونسپالٽيءَ جي مسلمان ميمبرن کي، ميٽنگ رکي، سرڪيولر ڪڍي، ڪين گهرائي، جملي معاملات ايجنڊا جي صورت ۾ آڻي، سندن آڏو اڳيان رکندي، سڄي حالات کان آگاهہ ۽ واقف ڪيو ويو، جن يڪراءِ فيصلو ڪيو تہ، انهيءَ بمبئي ايڪٽ مطابق، جيڪي بہ ننڍيون وڏيون ميونسپالٽيون هلندڙ آهن، تن سيني جا آڪٽراءِ شيڊول، پڙي ٽئڪس ۽ ٻين سيني قسمن جي ٽئڪسن سان گڏ بائيلاز بہ گهرائي، آئينده ٻيءَ ميٽنگ ۾ غور ويچار لاءِ اڳيان رکيا وڃن.

محمد عيسيٰ نظاماڻي

ٻين ٻين مختلف ننڍين وڏين ميونسپالٽين کي سندن آڪٽراءِ شيڊول ۽ بائيلاز موڪلڻ لاءِ لکيو ويو. تنهن وچ ۾، 'ٽڪ ۾ ٺاهڻ تہ دب' ، منهنجو پراڻو ساٿي دوست سنہ 1934ع کان وٺي منهنجين راڳ رنگ وارين رنگين محفلن مجلسن ۾ بهرو وٺندڙ، شريڪ ٿيندڙ، خاڪسار تحريڪ واري سفر ۾ همرڪاب بڻجي ساٿ ڏيئي هلندڙ، منهنجي ننڍڙيءَ مختصر مگر جامع لائبريريءَ کي، علم ادب، مذهب، شعر شاعريءَ، تاريخ جاگرافي، سخن فهميءَ جي چونڊ منتخب ڪتابن سان سينگاريندڙ سنواريندڙ، محمد عيسيٰ نظاماڻي، آبر رحمت يا آبر زحمت بڻجي اچي پرگهٽ ۽ نازل ٿيو. هن جو پدرانہ ڳوٺ ٽنڊو سومرو، تعلقو ٽنڊو الهيار، مگر سندس مادرانہ يا مادر گيتي ڳوٺ؛ ماتليءَ لڳ ڳوٺ "ملهڻ" ، تعلقي ماتليءَ ۾ هو، جنهن ۾ ئي ڄائو نپنو هو، ۽ پنهنجي ابتدائي پرائمري تعليم بہ انهيءَ ناناڻي ڳوٺ "ملهڻ" ۾ ئي ورتي هئائين. جنهن کان پوءِ، نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۾ انگريزيءَ جا چار پنج درجا پاس ڪري، وقتي علم جي تحصيل ڪيائين، ۽ تنهن وقت ئي منهنجي بہ ساٿس ملاقات ٿي. پوءِ هو منهنجي زندگيءَ جي ڪاروان ۾ شامل ٿي هلڻ لڳو، جيڪو اڄ تائين، الله جي ڪرم نوازين سان، اهو ساٿ سلامت آهي ۽ آئينده بہ انشاءالله تعاليٰ قائم ئي رهندو.

پاڻ مون وٽ ماتليءَ ۾ اچي، وارد ٿي، ٻڌايائين تہ، "مون کي ميرپورخاص ۾، مير سليم کان اها مبارڪ ملي تہ ادو ماتلي ميونسپالٽيءَ جو پريزيڊنٽ ٿيو آهي. ان تي مون مبارڪ وٺي، تسڪين حاصل ڪندي، نهايت خوشيءَ مان ڪيس جواب ڏنو تہ جيڪڏهن ادو پريزيڊنٽ ٿيو آهي تہ آءٌ بہ انشاءالله يقيني طور انهيءَ ميونسپالٽيءَ جو چيف آفيسر ٿي رهندس. ڪيس ائين چئي، هڪڙي رات ٽنڊي سومري ۾ گذاري، ڪيئي اميدون آسرا ڪئي، توهان وٽ پهتو آهيان. سو هاڻي وڏيڪ مرضيءَ جا مالڪ

آهيو. جيئن وٺيو تيئن ڪريو!"

منهنجا دوست اڪثر ڪري مون کي "ادو" ئي ڪري سڏيندا هئا. مون اها ڳالهه ٻڌي، بر وقت سندس اپائنٽمينٽ آرڊر ڪڍي، ٽائيپ ڪرائي، به اُميد بورڊ جي منظوري، صحيح ڪري ڪيس ڏنم. تنهن کان پوءِ، ماتلي ميونسپالٽي بورڊ جي ميٽنگ سڏائي، ٿوري گهڻي بحث مباحثي بعد، ڪيل آرڊر منظور ڪرائي بحال ڪرايم. انهيءَ بحث مباحثي ۾ صرف تعليم جو سوال حائل هو، ڇاڪاڻ ته چيف آفيسري گريجوئيٽ پوسٽ هئي، پر محمد عيسيٰ فقط پنج درجا انگريزيءَ جا پاس ڪيل هو. اهو تعليم ۽ ڊگريءَ وارو معاملو گورنمينٽ کان منظور ڪرائڻ ۾ آڏو آيو، جنهن لاءِ منهنجو سڄو زور بورڊ ۾ ريزوليوشن بحال ڪرائي موڪلڻ تي هو ته "ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ ليکڪ، ڪيترين ئي اخبارن جو ايڊيٽر، نهايت محنتي، ديانتدار، جفاڪش ۽ ايماندار آهي، جنهن، سال پوري ٽيٽ تي، نئين بجيٽ ناهي، ٻاونجاهه روپين مان خرچ جي پورائيءَ سان گڏ آڪٽراءِ کي وڌائي، سٽنيٽيشن صفائيءَ کي سڌاري، ڪجهه بچت به ڏيکاري آهي- تنهن ڪري ڪيس چيف آفيسر بحال رکڻ جي منظور ڏني وڃي."

انهيءَ دفتريءَ ۽ آفيشل خط و ڪتابت سان گڏ، آڪٽراءِ شيڊول، پڙي ٽنڪس ۽ بائيلاز وغيره به ناهيا ويا، جيڪي ٻين مختلف ميونسپالٽين کان گهرايا ويا هئا. تنهن سان گڏ ڪم جي ورهاست ڪرڻ لاءِ، مئنيجنگ ڪاميٽي، سٽنيٽري ڪاميٽي ناهي، ڪم کي ورهائي، اڳتي وڌندا رهياسين، جنهن ۾ ٻئي اسٽاف سان گڏ، برادرم محمد عيسيٰ جي دماغي صلاحيتن، جسماني محنتن، ڪاوشن ۽ تڪليفن جو به گهڻو عمل دخل هو، جنهن کي آءٌ ڪنهن به قيمت تي پاڻ کان جدا ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه هئس. پر گورنمينٽ جا حڪمناما، تنبيهه نامن جي شڪل ۽ صورت ۾، برابر ملندا رهيا ٿي. آخر مجبور ۽ لاچار ٿي، ماتلي ميونسپالٽيءَ جي مختصر ميمبرن جو اجلاس سڏائي، چيف آفيسريءَ واري پوسٽ ختم ڪري، انهيءَ جاءِ تي سيڪريٽريءَ جي پوسٽ کي جنم ڏيئي، پيدا ڪري، ٻيهر وري به اميد منظوري، محمد عيسيٰ خان کي سيڪريٽريءَ طور مقرر ڪري رکي، بورڊ جي ميٽنگ سڏائي، ڪيس بحال ڪرائي، وري به اهڙو ليٽر، منظوريءَ لاءِ گورنيمنٽ ڏانهن موڪليو ويو.

انهيءَ وچ ۾ محمد عيسيٰ خان اوڙي پاڙي ۽ سڄي محلي جو "چوڌري" بڻجي ويو. اسان جو "چوڌري پٽو" چوپٽ ڪري ڇڏيائين. منهنجي رومانوي حسن پرست فطرت ۽ سندس نفساني بک، اسان ٻنهي جي وچ ۾ تضاد، اختلاف ۽ بدگماني پيدا ڪئي. انهيءَ وقت مهاجرن جي آبادڪاريءَ وارو مسئلو درپيش هو، جنهن ۾ انهيءَ وقت جو مختيارڪار، سول جج ۽ آءٌ پيس پيش هئاسين. ٻين مهاجرن سان گڏ، مشرقي پنجاب جي رياستن ناڱا، پٽيالہ، جيند، ۽ فريد ڪوٽ جا رهواسي به شامل هئا، جن جي مسڪيني، غربت، افلاس ۽ بيڪسي، غريبيءَ جي انتهائي

حد تائين محسوس ڪندي، ڪين وسائڻ، ورسائڻ ۽ آباد ڪرڻ ۾ محمد عيسيٰ جو به، چوڌري پٽي جي حد تائين، ساٿ رهيو ۽ اسان کي پس پشت اچلائي ڇڏيائين. پر تنهن هوندي به، اسان اهڙين ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين کي نظر انداز ڪندي، هضم ڪري، وري به ساٿي بڻجي، ساٿ ڏيئي، دوستيءَ واري انهيءَ ڪاروان کي ڌڪيندا ئي رهياسين.

ٿاڦيل غيرفطري ميمبر

ايتري ۾، گورنمينٽ طرفان، انهيءَ سيڪريٽري پٽي کي به نامنظور ڪري، ميمبرن وارين خالي پيل جاين تي سرڪاري طور ٻيان نوان ميمبر ٿاڦي، اسان ڏانهن سندن نالن واري اهڙي لسٽ موڪلي ويئي. تنهن کان سواءِ، اُنهيءَ لسٽ کي نوٽيفڪيشن ۾ آڻي گزيٽ ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح سان اهي ٿاڦيل ميمبر به، ان وقت جي اصطلاح موجب، خلاف فطرت پيدا ٿيندڙ "غير فطري" اولاد جي حيثيت ۾، امن امان سان هلندڙ ميونسپالٽيءَ ۾ تفرقو پيدا ڪري، اختلاف جو باعث بڻيا، جن ۾ حاجي نجم الدين خان سريوال، جيڪو هڪڙو انتهائي نيڪوڪار، صلاحيت مند، پيڪر خلوص ۽ صداقت جو متوالو هو، پر جيئن ته سندس سياسي زندگيءَ جي ابتدا ٿي رهي هئي، تنهن ڪري لٽيندڙن، سطحي ۽ غلط ڪارن جي زير اثر اچي ويو ٿي. تنهن کان سواءِ رئيس خان محمد خان نظاماڻي، ٺريءَ وارو، به ٿاڦجي آيو جيڪو ابتدا ۾ ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ واريءَ اليڪشن جي وقت کان وٺي منهنجو رفيق يا رقيب ٿي رهيو هو.

تنهن ڪري اهي ٻيئي صاحب، درنده صفت شيطان نما ماڻهن جي چنبي چنگل ۾ اچي، منهنجي مخالفت ڪرڻ لڳا. چاهيائون ٿي ته، ماتلي ميونسپالٽيءَ جي پريزيڊنٽيءَ کي خيرباد چئي، اُها سندن ئي حوالي ڪري ڇڏيان، جنهن لاءِ قانوني طور ته ڪيئي وس حيلا هلايائون، پر غير قانوني طور طريقن ۽ هٿڪنڊن سان به مون کي بي اعتماديءَ جي ووٽ ۾ آڻي، لاهڻ جي ڪوشش ڪيائون. مگر چوندا آهن ته "جنهن کي الله رکي، تنهن کي ڪير چکي."

"مدعی لاکھ برا چاهے تو کیا هوتا هے،
وهی هوتا هے، جو منظورِ خدا هوتا هے."

مان هميشه قانون جي دائري اندر رهي، ناهيل قانون، قاعدن ۽ بائيلاز کي مدنظر رکي، ميمبرن جو جنرل بورڊ گهرائي، سيٽيئي ڪم سندن خوشنوديءَ ۽ صلاحيت منديءَ خاطر ڪندو رهندو هوس، ته جيئن اڳوٽا چونڊيل ميمبر ۽ اهي غير فطري ٿاڦيل ميمبر گڏجي، هڪٻئي جي تعاون، ساٿ ۽ سهڪار سان ڪم هلائيندا رهون. پر جيئن ته انهن ٿاڦيل غير فطري ميمبرن جي نيت خراب هئي، صرف مون کي

صدارت جي ڪرسيءَ تان لاهڻ ٿي سندن مقصد واحد هو، تنهن ڪري هميشه ڪي نہ ڪي اڙيون ڪندا، اختلافن کي هوا ڏيندا، امن امان جي فضا کي خراب ڪندا رهندا هئا.

هڪڙي ڏينهن ٻڌڻ ۾ آيو تہ انهن مخالف ٽاڦيل ميمبرن، سڏايل ميٽنگ جي وقت، قانون کي هٿ ۾ ڪٽي، بي قاعدي دنگو فساد ڪري، ميونسپالٽيءَ کي ختم ڪرڻ جو منصوبو بڻايو آهي، تہ جيئن "نہ رهي بانس نہ بجي بانسري" - باقي، ميمبرن جو ڪورم پورو ڪري، صدارت تان تہ مون کي لاهي نٿي سگهيا.

تنهن ڪري، مون پنهنجي موافق ساٿي ۽ دوست ميمبرن کي، ميٽنگ کان ڪلاڪ اڳي، پنهنجي بنگلي "ماءِ نيست" تي صلاح مشوري، سوچ ويچار ۽ غور ڪرڻ لاءِ گهرايو هو، تہ جيئن انهن بي قاعدگين کي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪري، تنهن کان پوءِ ئي ميٽنگ ۾ هلي شرڪت ڪجي. جيڪا صبح جو ڏهين بجي ميونسپال آفيس ۾ رکيل هئي.

آءٌ پنهنجن ساٿي، رفيق ۽ موافق ميمبرن، ارباب حاجي جمال الدين خان، نور محمد خان نظاماڻي، علڻ خان نظاماڻي، محمد صديق پاٽولي ۽ محمد الياس شيديءَ سان گڏ، جڏهن ميونسپل آفيس پهتس، تہ ٻاهرين گهٽي، آفيس وارو سڄو اڳڻ ۽ ميٽنگ هال، جتي ميٽنگ ٿيڻ واري هئي، ماڻهن کان کچا کچ ڀريل هئا، جن مان ڪي ماڻهو لٺين، ڏڪن، ڪهاڙين، بندوقن ۽ پستولن سان بہ ليس ٿي آيل هئا. ايتريقدر، جو ميمبر صاحبن جي لاءِ رکيل ڪرسين تي بہ غير متعلقہ ماڻهو ويٺل هئا. مون واري صدارتي ڪرسيءَ تي بہ انهن ٽاڦيل، ناجائز ۽ غير فطري ميمبرن مان مسٽر مسعود پنجابي ويٺل هو، جنهن جي هڪڙي پاسي رئيس خان محمد خان نظاماڻي، تہ وري ٻئي پاسي حاجي نجم الدين خان سريوال ويٺل هئا!

آءٌ، آفيس اندر داخل ٿيندي ئي، سخت غصي، ڪاوڙ ۽ طيش ۾ اچي، ڳاڙهو لال پيلو ٿي، جيئن ئي مون واريءَ صدارتي ڪرسيءَ تي ناجائز طور ويٺل مسٽر مسعود کي چمات هڻڻ خاطر اڳتي وڌيس، تہ ادي ارباب صاحب، هڪدم منهنجو هٿ روڪي ورتو، جنهن تي مون بہ مصلحت انديشيءَ کان ڪم وٺي، سيڪريٽري محمد باقر تي ڏاڍو ڪري، ڪانئس منٽ بڪ ڦري پنهنجي قبضي ۾ ڪري ورتو. سيڪريٽري باقر، مون کان ڊڄي، ڇرڪ ڀري، ٽاهہ ڪاڻي، وڃي پريان ڪنڊ ۾ بيٺو.

حاجي نجم الدين خان سريوال ۽ خان محمد خان نظاماڻي مون کي مخاطب ٿي چوڻ لڳا تہ "اوهان اوور ٽائيم ۽ ليٽ پهتا آهيو." حالانڪ ان وقت اڃا پوٽا ڏهہ مس ٿيا هئا ۽ ميٽنگ شروع ٿيڻ ۾ اڃا پندرهن منٽ باقي هئا. پر انهن حاسد، ساڙو ۽ مخالف ميمبرن پنهنجين گهڙين ۽ واچن جو ٽائيم، هڪ ڪلاڪ اڳتي وڌائي ڇڏيو هو. جنهن بابت منهنجن موافق ۽ مخالف ميمبرن جي وچ ۾ حجت ۽ بحث مباحثو شروع ٿي ويو. جنهن تي مان انهيءَ موقعي کي غنيمت سمجهي، پنهنجي پريزيڊنٽيءَ وارو اختيار ۽ پاور استعمال ڪندي، ميٽنگ مهمل ڪرڻ جو حڪم

ڏيئي، ميٽنگ هال واري وڃئين دروازي مان، پنهنجي آفيس روم ۾ هليو ويس. جتي پهچي، اڪيلائيءَ ۾ منٽ بڪ کولي پڙهي ڏٺم، ته انهيءَ تي فقط "ماتلي ميونسپالٽيءَ جو ميڙ" ئي لکيل هو، جنهن تي مون انهيءَ منٽ بڪ کي پنهنجي آفيس ٽجوڙيءَ جي حوالي ڪري، چاڀيون پاڻ وٽ محفوظ ڪري، ٻئي پاسي واري بغليءَ دروازي مان نڪري، پنهنجي بنگلي "ماءِ نيسٽ" تي پهتس، جيڪو اتان ڪان تمام ويجهو، قريب ۽ نزديڪ هو.

ميٽنگ جي سڄي ساري ڪارروائيءَ جو دارومدار اُنهيءَ منٽ بڪ تي هو، جيڪو مون پاڻ پنهنجي قبضِ ڪري، ميٽنگ ملتوي ۽ مهمل ڪرڻ جا ڪارڻ، اُنهي منٽ بُڪ تي لکي درج ڪري ڇڏيا.

شام جو خبر پيئي ته قصو "تو تو، مين مين" ۾ ئي پورو ٿي ويو. ڪوبه دنگو فساد نه ٿيو. ڳالهه رهجي آئي. پوءِ، مخالفن پنهنجي دوڪانن ۽ جاين تي ويهي، اُچن پڻن تي ڪارروائي لکي ته "اسان پريزيڊنٽ کي، بي اعتماديءَ جي رٽ هيٺ آئي، صدارت واري عهدي تان لاهي ڇڏيو آهي." تنهن ڪان پوءِ اهڙيون تارون، ٽيليگرامون گورنر صاحب، ڪمشنر صاحب ۽ ڪليڪٽر صاحب جن کي ڪري ڇڏيائون. انهن اچن پڻن وارن لکيل منٽس تي، ميونسپالٽيءَ جي سيڪريٽري مسٽر باقر ڪان سندس صحيح ڪرائي، ڪانئس اهو پڻ لکرايائون ته "منٽ بُڪ، پريزيڊنٽ جي حوالي ئي رهندو آهي!"

انهيءَ خبر پوڻ ڪان پوءِ ٻئي ڏينهن علي الصبح جو منشي محمد ڪمن پاٽوليءَ کان معلوم ٿيو ته "گذشته رات، اٽڪل يارهين ٻارهين بجي ڌاري، حاجي نجم الدين خان سربوال، خان محمد خان نظاماڻي، رئيس محمد رحيم خان گاروڙي، هوت خان بوزدار ۽ ٻيا، سيڪريٽري مسٽر باقر کي پاڻ سان گڏ موٽر ۾ چاڙهي، ڪنهن پاسي بيان ڏيارڻ لاءِ وٺي ويا آهن."

اهو ٻڌڻ شرط آءٌ آفيس پهتس. سيڪريٽريءَ جي رڪارڊ ۽ آفيس کي تالا لڳارائي، سيل مهر ڪرائي، واپس گهر پهچي، ماني کائي، ڪجهه وقت آرام ڪري، شام جو حيدرآباد روانو ٿي ويس. حيدرآباد ويندي، رستي تي، "سيريءَ" وٽ ڪراسنگ ۾، ٻه ٽي موٽرون، جلوس جي شڪل ۾ ايندينون ڏسي، ڪين هٽ ڏيئي بيهارڻ جي ڪوشش ڪيم. پر، اهي تيز رفتاريءَ ۾ ئي هليون ويون. ڏسڻ ۾ معلوم ٿيو ته سيڪريٽري محمد باقر به مخالف ميمبرن سان گڏ انهن موٽرن مان هڪڙيءَ منجهه موجود هو.

آءٌ حيدرآباد پنهنجي جاءِ تي پهچي، هٽ منهن ڌوئي، واش وٺي، اُتان سڌو حيدرآباد جي ڪليڪٽر صاحب قاضي سڄيڏني جي بنگلي تي پهتس، جنهن صاحب پاڪر پائي ملڻ ۽ خوش خيرعافيت ڪان پوءِ، پاڻ سان گڏ قريب ويهاري، منهنجي مخالفت ۾ محمد باقر سيڪريٽريءَ جو ڏنل بيان ڪيي، ڏيکاري پڙهايو، جنهن ۾

واضح طور ٻئي مضمون سان گڏ اهو به لکيل هو ته "پريزيڊنٽ صاحب بي اعتماديءَ جي زد ۾ اچي چڪو آهي، تنهن ڪري، اُنهيءَ تي مزيد وڌيڪ ڪاروائي ڪئي وڃي." جنهن تي آءٌ اُنهيءَ ڏنل بيان منجهان ڪي ضروري نوٽس وٺي، رات جو واپس ماتليءَ پهتس.

ٻئي ڏينهن علي الصبح پنهنجي آفيس ۾ پهچي، منشي محمد ڪمن پاٽولي کي پاڻ وٽ گهرائي، ڪانئس انهن ڪمن جا ڪاغذ پٽ، بل ۽ ووچرس گهرايم، جيڪي سيڪريٽري صاحب پاڻمرادو پنهنجي مرضيءَ سان ڪرايا هئا. تنهن سان گڏوگڏ، اُهي ماڻهو به گهرايم، جن جي نالن سان، اُهي فرضي، ڪوڙا سچا، جعلي ووچر ٺاهي، ڪانئن صحيحون وٺي، بغير منهنجي اجازت ۽ مرضيءَ جي، پنهنجا اختيارات استعمال ڪندي، پيمينٽ ڪيل هئي. انهيءَ وقت، سيڪريٽري پنهنجي سيل ٿيل آفيس جي ٻاهران، وراندي ۾ ويهي، سڄي ڪارگذاري ڏسندو، منشي محمد ڪمن کي منٿون سماجتون ڪندو رهيو ته "پريزيڊنٽ صاحب سان فقط هڪڙو پيرو مون کي ملاقات وٺي ڏي." جنهن تي منشي محمد ڪمن وري مون کي سيڪريٽريءَ لاءِ منتون ڪندو رهيو.

بالآخر، سزا طور، چار ڪلاڪ آفيس جي ٻاهران دروازي وٽ ڪيس ويهاري، هڪڙي بجي پاڻ وٽ گهرايومانس. اُنهيءَ وقت تائين، سندس خلاف جملي سڄي ڪارروائي تيار ٿي چڪي هئي. جنهن وقت پاڻ مون وٽ آفيس ۾ آيو ۽ ڪرسيءَ تي ويهڻ جو خيال ئي مس ڪيائين، ته مون ڪرسيءَ ڏيڻ کان انڪار ڪندي، ڪيس بيهڻ جو حڪم ڏنو. هن نهايت مايوسانه انداز ۾ گڙگڙائيندي، منتون آزيون ڪندي، ٻڌايو ته "انهيءَ معاملي ۾ آءٌ بلڪل بي قصور آهيان. مون سان زبردستي ٿي آهي." جنهن تي، مون ڪيس ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڏيندي چيو ته "توسان جيڪا زور زبردستي ٿي آهي، تنهن بابت مفصل طور پنهنجن هٿ اکرن ۾ لکت ڏي." جنهن تي پاڻ اهو سڄو بيان منهنجي ئي ٽيبل تي ويهي، لکي، منهنجي حوالي ڪيائين، جنهن ۾ لکيل هو ته "هي ۽ هي مٿي ذڪر ڪيل سڀيئي ماڻهو، رات جو بيگاهه وقت منهنجي رهائشگاهه تي پهچي، مون کي مارڻ جا دڙڪا ڏيئي، اغوا ڪري حيدرآباد وٺي ويا، جتي سڄو ڏينهن هڪ ڪمري اندر، تالو هئي بند ڪري رکيائون، جتان ضروري حاجات جو بهانو ڪري، ڏاڍين مشڪلاتن سان ڀڄي هتي پهتو آهيان."

آءٌ سندس هٿ اکرن وارو لکيل اهو بيان ۽ منهنجي مڪمل ڪيل ٻي ڪارروائي پاڻ سان گڏ ڪٽي، شام جو حيدرآباد پهتس ۽ سڀ ڪاغذ ڪليڪٽر صاحب قاضي سڄيڏني کي ڏيکاريم. ٻيڪو سيڪريٽري محمد باقر کي ڪوڙو دوکيباز، بي اصولو ۽ بي پروسي چئي، هڪدم مٿس ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو پر منهنجي حساس طبع، نرم دلي، رحيمي ۽ ڪريمي، ڪيس ڪوبه نقصان پهچائڻ لا تيار نه هئي. تنهن ڪري، ڪليڪٽر صاحب کي منٿ ڪندي، مٿس رحم ڪرڻ لا

التجا كيم.

اهڙيءَ طرح سان، الله تعاليٰ جون مهربانيون ۽ ڪرم نوازيون مون سان هيون. تنهن ڪري، منهنجو وار به ونگو نه ڪري سگهيا. بي اعتماديءَ جي ووٽ ۾ آئڻ لاءِ نجاڻ ڪيترو خرچ ڪيائون، ايتريقدر، جو اُنهيءَ وقت جي گورنر شيخ دين محمد وٽ منهنجي برخلاف وفد به وٺي ويا. پر تڏهن به، مون کي هٽائڻ لاءِ ميمبرن جو ڪورم پورو ڪري نه سگهيا.

تنهن کان اڳي، انهيءَ سازش کي پايٽ تڪميل تي پهچائڻ لاءِ، ڪمشنر مسٽر "ردلي" وٽ ته ڪيئي حاضريون ڀريائون، منهنجي خلاف ڪيس بدظن ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي حتمي ۽ حتي الوسيع ڪوششون ڪيائون. پر، جيئن ته ڪمشنر مسٽر ردلي هڪڙو قانوندان، قانون جو احترام ڪندڙ ۽ بااصول شخصيت جو مالڪ هو ۽ منهنجا مخالف قانون جي پورائي ڪري ئي نٿي سگهيا، تنهن ڪري ڪين هر وقت ۽ هر جڳهه شڪست ۽ شرمندگيءَ سان دوچار ٿيڻو پيو ٿي.

تنهن وقت، سندن ناجائز حربن ۽ هٿڪنڊن کان بچڻ خاطر، پير علي محمد شاهه راشديءَ وٽ، پنهنجي جائز مدد لاءِ، ڪراچيءَ پهتس، جيڪو انهيءَ وقت چڱي هلنديءَ پڇنديءَ وارو ۽ روزنامه "سنڌ آبزرور" جو ايڊيٽر هو. سندس سنڌ جي گورنر شيخ دين محمد ۽ ٻين اعليٰ حڪام، وڏن وڏن آفيسرن سان سٺا ناتا، شناسائي، دسترس ۽ رسائي هئي. آءٌ به اليڪشن جي وقت واريون پراڻيون وفاداريون ساڻ ڪري، ڪيئي آسرا اُميدون رکي، وٽس پهتو هئس. مگر، مون کي وٽانئس ڪابه تسلي ۽ تسڪين حاصل نه ٿي، جنهن جو ذڪر گذشته صفحات تي ڪري آيو آهيان. انهيءَ جي برعڪس، سندس ننڍو ڀاءُ پير حسام الدين شاهه راشدي، جيڪو هڪ عالم فاضل هئڻ سان گڏ هڪڙو انتهائي معزز ليکڪ، قلمڪار، اديب، دانشور ۽ اسڪالر پڻ آهي، پهرينءَ ملاقات ۾، پهرينءَ ئي نظر سان، پاڻ مُريد بڻجي، مون کي به مُريد بڻائي ڇڏيائين، جنهن جو ذڪر به، گذريل صفحاتن تي ڪري چڪو آهيان. آءٌ وري به ٻيهر، وٽانئس دعائون وٺندي، ڪيس به دعائون ڏيان ٿو ته "خدا سندس عافيت چڱي ڪري." خط و ڪتابت، لکڻ پڙهڻ ۾، سواءِ پيشه ورانه ڪاروبار جي، پاڻ قطعي ڪنجوس آهي. ميل ميلاپ جي لاءِ به ڪيس ڪوبه وقت باچتو ناهي. اسان جي بي نيازي به بامِ عروج تي پهتل آهي. پر سندس بي نيازيءَ کان شڪست خورده ٿي، فقط انهيءَ شعر تي ئي قناعت ڪريان ٿو ته:

"هم بھی تسلیم کی خو ڈالیں گے،
بے نیازی تیری عادت ھی سھی."

پير علي محمد شاهه راشديءَ وٽان مايوس ٿيڻ کان پوءِ، آءٌ پنهنجي پراڻي هم مشرب، هم پياله دوست، شريف خان وٽ پهتس، جيڪو انهيءَ وقت سنڌ جو آءِ. جي پوليس هو، جنهن مون کي ڏاڍيون دلداريون، دلجائون، تسلائون، اُميدون آسرا

ڏيئي، طاقتور بڻائيندي چيو تہ، "جيڪڏهن مخالف ڌر وارا قانون پنهنجي هٿ ۾ کڻندا تہ ڪين مُنهن ٽوڙ جواب ڏنو ويندو." تنهن کان پوءِ، اتان ٽي، ڪانئس موڪلائي، سنڌ جي انگريز ڪمشنر مسٽر ردلي سان ملاقات ڪيم، جنهن بہ منهنجي صلاحيت، همت ۽ جرئت کي وڏائيندي، برقرار رکندي، جواب ڏنو تہ "توهان پنهنجي بورڊ جي ميٽنگ وري دوباره گهرايو. آءٌ پاڻ بذات خود، ماتليءَ جي سر زمين تي پهچي، انڪوائري ڪري، پنهنجي ڪليڪٽر کي حڪم ڏيندس تہ هو صاحب ماتليءَ ۾ ئي موجود رهي، لا اينڊ آرڊر کي، منهن ڏيندي، ڪنهن بہ قسم جي بي قاعدگي نہ ڪرڻ ڏيندو، جنهن لاءِ اوهان کي اطمينان هئڻ گهرجي."

تنهن کان سواءِ، سنڌ جي گورنر شيخ دين محمد سان بہ مليس. ڪيس جملي حقيقت حال کان آگاهہ ڪندي، هر ڪا ڳالهہ تفصيل سان سمجهائڻ جي ڪوشش ڪيم، جنهن صاحب بہ منهنجي ڪافي دلجوئي ۽ حوصلہ افزائي ڪئي. اهڙيءَ طرح سان، ڪراچيءَ جو اهو دورو مڪمل ڪري، آءٌ واپس ماتليءَ پهتس. تنهن کان اڳ، سنڌ حڪومت، منهنجي سيڪريٽريءَ محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ جي ملازمت کي، ڪواليفڪيشن جي بنياد تي ختم ڪري ڇڏيو هو، جنهن کي متواتر ٻن سالن تائين، پنهنجي رفاقت ۾، هيتري ساري مخالفت هوندي بہ، مون پاڻ سان گڏ رکيو، جيڪو اڇڪلهہ (1979ع) بہ، منهنجي دوستي ياريءَ، دلداريءَ ۽ غمخواريءَ ۾ شامل حال آهي. پاڻ ڪيترائي امتحان پاس ڪري، ڊگريون وٺي، ڊبل گريجوئيٽ بڻجي، ڪواليفڪيشن واري سياهہ داغ کي مٽائي، ريڊيو پاڪستان ۾، ڪلاس ون آفيسر جي پوسٽ تي متعين آهي، ۽ هن وقت وڏو عيالدار آهي. پنهنجي اولاد کي علم جي دولت سان مالا مال ڪرڻ ۾ ئي فخر سمجهي، پنهنجي فرض ادائگي ڪرڻ لاءِ همه تن مصروف ۽ ڪوشان آهي. محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ کان پوءِ، سندس جاءِ تي مسٽر نبي بخش پيرزادو، سيڪريٽري ٿي آيو، جيڪو صاحب، ڀَنگن جا ڪونڊا پي، نشن ۾ مخمور، سرشار ۽ بدمست رهي، انتظامي نقطي نگاهہ کان، هميشہ انتشار جو باعث بڻيو رهيو ۽ ٿوري ئي وقت اندر هتان بدلي ٿي هليو ويو.

مسٽر پيرزادي جي جاءِ تي مسٽر باقر سيڪريٽري بڻجي آيو، جيڪو طرفين ۾ اختلافن جي باهہ کي مزيد هوا ڏيئي، ويتر وڌيڪ ڀڙڪائيندو رهيو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪو آهيان. سندس گهر واري بہ، انهيءَ نئين ماحول ۾ ڦرندڙ گهرندڙ ۽ هلندڙ هئي، جنهن بہ انداز دلربائيءَ ۾ پنهنجو هڪ الڳ ٿلڳ مقام رکيو ٿي. مطلب تہ انهيءَ جوڙي، مخالفن سان سازباز ڪري، ڪين تقويت ڏيئي، ڳالهہ کي ڇيهہ تي پهچايو.

جڏهن ڪمشنر مسٽر ردلي، ماتليءَ ۾ منزل انداز ٿيو، تہ انهن مخالف ڌر وارن، سيڪريٽري باقر کي ساڻ ڪري، ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين، پنهنجي طرفان زور لڳايو، پر تنهن هوندي بہ، پريزيڊنٽيءَ جي ڪرسيءَ تان مون کي هٽائڻ لاءِ

ميمبرن جو ڪورم ۽ قانون جي پورائي نہ ڪري سگهيا، ۽ ڪين شڪست ۽ شرمندگيءَ جو منهن ڏسڻو پيو.

ڪمشنر مسٽر ردلي سان ملاقات ڪرڻ وقت، پاڻ مسڪراهٽون ڏيندي، مون کي چيائين تہ "مون مخالف ڏر وارن کي، ڪافي سمجهايو آهي. گهڻو ڪري قانون هٿ ۾ نہ کڻندا. پر خدانخواستہ جيڪڏهن ڪو اهڙو قدم کڻندا، تہ مون ڪليڪٽر صاحب کي حڪم ڪري ڇڏيو آهي تہ هو صاحب انهيءَ جو سختي سان ڪين جواب ڏي." مون ڪمشنر مسٽر ردلي جي انهيءَ يقين دهانيءَ ڏيارڻ تي دوباره تاريخ رکي، ميٽنگ سڏائي، ميمبرن کي مطيع ڪري، ڪمشنر صاحب ۽ ڪليڪٽر صاحب کي پڻ اهڙو اطلاع موڪلي ڇڏيو آهي.

آخري ميٽنگ، تجربا ۽ نصيحتون

ميٽنگ لاءِ رڪيل تاريخ تي، حيدرآباد جو ڪليڪٽر صاحب جناب قاضي سچيڏنو، سپرنٽينڊنٽ پوليس حيدرآباد کي بہ پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو. حتيٰ ڪہ ڊپٽي ڪليڪٽر ٽنڊو محمد خان کي بہ گهرائي ورتو هئائين. پاڻ، ڊسٽرڪٽ بنگلي ماتليءَ ۾ منزل انداز ٿي، وقت بوقت جون خبرون وٺي رهيو هو. حالانڪ، ميونسپل آفيس ۾، شهر ۽ ٻاهرائيءَ جا هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا، پر اُنهن سيني کي پوليس اتان ڏکي ڪڍي، ميونسپل آفيس جي حدود کان تمام پري رکيو هو. اهڙيءَ طرح سان، مخالف ڏر وارن جو اهو آخري حربو، وار ۽ حملو بہ ناڪام ٿي ويو ۽ ڪين سخت شرمندگي ۽ احساس شڪست سان دوچار ٿيڻو پيو.

آخرڪار، ماتلي ميونسپل، پنهنجو مُدو ۽ پيرڊ ختم ڪري، نئين اليڪشن ڪرڻ جون تياريون ڪندي، تڪن ۾ هيرڦير ۽ لسٽون مڪمل ڪري، اليڪشن ڪرائي، جنهن ۾، الله تعاليٰ جي نوازش، ڪرم ۽ مهرباني سان، اسان جي پارٽي ڪثريت ۾ اچي، نهايت شاندار ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي. پر ماتليءَ جو معزز وڏيرو نور محمد خان نظاماڻي، پنهنجو وڏيڪ حق سمجهي، پريزيڊنٽيءَ لاءِ اميدوار بيٺو. مون ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ "حڪومت کي ڏيڪاءُ ڏيڪارڻ ۽ دنيا کي تسليم ڪرائڻ خاطر فقط چهن مهينن لاءِ، اها صدارت منهنجي حوالي ڪئي وڃي، نہ جيئن آءٌ سرخروئي حاصل ڪري سگهان." پر هن وڏيري صاحب ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري، حوصلہ افزائي ڪانہ ڪئي، ۽ پاڻ ئي پريزيڊنٽ بڻجي ويو.

مون کي ميونسپالٽيءَ جي اِنهن ٻکيڙن، دنگن فسادن، جهيڙن جهٽن، حربن ختلافن ۽ ڏانڊلين مان ڪيئي تجربا حاصل ٿيا، جن جو مفصل تفصيل تمام گهڻو آهي، پر تنهن هوندي بہ، ڪي چند تمام اهم ۽ ضروري ڳالهيون هتي لکڻ ضروري سمجهان ٿو:

1- سياست ۾، پنهنجي ڪنهن بہ سياسي رفيق تي قطعي طور اعتبار ڪرڻ نہ

گهرجي. ڇاڪاڻ تہ هو، گرگٽ وانگر، هميشہ رنگ بدلائيندو، پنهنجي مفا
خاطر، دوست، ساٿي ۽ رفيق تہ ڇا، پر اُصول، ضمير، خلوص، صداقت
سچائي، ايمانداري، نيڪوڪاري ۽ نيڪ نيتي بہ قربان ڪري سگهي ٿو ۽ هميش
چڙهندڙ سج جو ئي پوڄاري ٿي رهندو آهي.

2- سياسي رقيب کي هرگز ٿورڙو ڪري سمجهڻ نہ گهرجي. اهو چٽنگ م
چنگاري، چنگاريءَ مان شعلو ۽ شعلي مان پيڙ بڻجي سگهي ٿو. اهي رقي
هميشہ ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هوندا آهن، ۽ پنهنجي مدمقابل مخالف ک
اگر تکي ڇري نہ ملين تہ پوءِ مُڏيءَ ڇريءَ سان ئي ذبح ڪندا آهن. پوءِ اڳلو چاه
چيخندو، چلائيندو ۽ گڙگڙائيندو ئي رهي. اِنهن مفاد پرست ظالمن کي ذري برا
بہ مٿس رحم ۽ قياس نہ ايندو آهي.

3- سياست ۾ اچي، سياسي رقيبن خواه رفيقن کان، هميشہ هوشيار رهي، ڪن
بہ حالت ۾، مٿن اعتبار ڪرڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ موجوده سياست غ
يقينيءَ، بي ضميريءَ، بي اُصوليءَ ۽ بي اعتماديءَ تي بيٺل هوندي آهي، جن
جي ڪنهن بہ گس، پيچري، راه، رستي، چونڪ، موڙ ۽ چڪري تي اعتبار ک
ئي نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ انهن جا جوڙ ۽ موڙ، اڻ ڏٺل ۽ نوان هوندا آه
سندن مذهب ۽ ملت جو سڄو دارومدار خود غرضيءَ، مفاد پرستيءَ ۽ هو
پرستيءَ ۾ ئي هوندو آهي. اِنهن درنده صفت خود غرضن ۽ مفاد پرستن، مذه
جي آڙ ۾، مذهب کي وڏي ڇيري، تقسيم ڪري ورهائي، ڪيترن ئي فرقن ۾ آ
ڇڏيو آهي. ڪيترين ئي ملتون، الڳ الڳ مختلف مختلف نالن ۾ قر
ڪيائون. هي جنگ جدل، تعصب، حسد ۽ فرقيوارانہ فساد بہ، سندن ئي تخر
ڪارين جي سبب ۽ ڪارڻ آهن.

4- انتظامي نقطي نگاه کان، پنهنجي زيردست عملي تي بہ هرگز اعتماد ڪرڻ
گهرجي. ڪين پنهنجي رازن نيازن کان هميشہ پري رکي، هن لاءِ سدائين مع
بڻجي رهڻ گهرجي، جنهن کي هو پل تہ باعث غور سمجهي، سلجهائيندا
رهن. بلڪ هن لاءِ اهڙو معمو بنجڻ گهرجي، جنهن کي حل ڪري ئي نہ سگه
انتظامي سربراهہ کي سمجهي وڃڻ سان ئي، بدانتظاميون، خرابيون ۽ رشو
وڌنديون آهن. پر، تنهن سان گڏ، ائين بہ نہ هئڻ گهرجي تہ جيئن انتظا
عملدار، منتظم کان متنفر ۽ بدظن ٿي، سندس گلائون غيبتون ڪندي، نف
ڪري، ۽ لکپڙهن ۽ فائيلن ۾ غلط رپورٽنگ آڻي، پنهنجي سرپرست کي نقص
پهچائڻ جي ڪوشش ڪن. تنهن لاءِ سرپرست، بالا آفيسر کي ڇاڻو هئڻ ن
گڏ، سندس انتهائي محنتي ۽ جفاڪش هئڻ بہ بيحد ضروري آهي، جيڪو
هڪ پي. سي جي هر هڪ ڪاغذ کي جانچي جونچي، پڙهي، نوٽنگ ک
فيصلو ڏيئي سگهي. آفيس نوٽنگ تي ئي ڪيس پاڙڻ نہ گهرجي. تنهن سان

قابل اعتماد ۽ پروسي جوڳي آفيس نوٽنگ کي بہ اهميت ڏيئي، هيئنئين عملي کي اعتماد ۾ آڻي، منجهن خود اعتماديءَ ۽ محبت جو جذبو بيدار ڪرڻ گهرجي.

اهي ئي چند ڳالهيون هن وقت منهنجي بيمار ذهن ۾ آيون، جن کي مٿي لکيم. پڙهڻ وارا انهن مذڪوره نصيحتن کي ڪيتري قدر صحيح سمجهي، عمل پيرا ٿيندا، اُها سندن ئي مرضي. آءٌ هاڻي هتي فقط هيئنئين شعر تي ئي اڪتفا ڪريان ٿو:

"نصيحت کن مرا چنداں که خواهی،
تواں شُستن از زنگی سياهی."

مادر دختران

مٿيون ميونسپالٽيءَ وارو سفر پورو ڪري، هاڻي ڪنهن ٻئي موضوع تي قلم کي هلائڻ لاءِ آماده ڪريان ٿو، تہ ڪيئي موضوع اڳيان آڏو اچيو بيهي ٿا رهن. منجهيو پوان تہ ڪنهن کي، ڪيئن ۽ ڪهڙيءَ طرح سان اوليت ڏيان! تہ ذهن مائوف ٿيو پوي. وري بہ پاڻ کي جهنجهوڙي، هوشيار ڪري، غنودگي، مدهوشي، يڪانگي ۽ ٿڪاوٽ توڙي، ڪنهن نہ ڪنهن موضوع کي اوليت ڏيئي، خامہ فرسائيءَ جي ڪوشش ڪريان ٿو، جنهن لاءِ ٻہ موضوع اڳيان اچيو، منٿون ڪندي، مسڪرائيندي، پاڻ تي لکڻ لاءِ آماده ڪري رهيا آهن. جن مان هڪڙو تہ منهنجي ٻيءَ شاديءَ جو ذڪر اذڪار آهي، تہ ٻيو وري سئنيما جو قيام. اِهي ٻيئي مضمون ميونسپالٽيءَ واري انهيءَ سفر جي دوران ئي پيدا ٿيا هئا.

اها شادي، جيڪا ميونسپالٽيءَ واري انهيءَ ڪاروبار سان گڏ مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان تہ هندستان کان لڏي آيل مهاجرين جي آبادڪاري بہ شامل فرائض هئي، اُنهيءَ آبادڪاريءَ جي فرضن کي منهن ڏيندي، رومانوي طبيعت هئڻ ڪري، غير دانستہ رومانس پيدا ٿيو. بقول ڪنهن شاعر،

"ازل سے حسن پرستی لکھی تھی قسمت میں،
میرا مزاج لڑکپن سے عاشقانہ تھا."

بقول هڪڙي ٻئي شاعر،

"عين عشق دا ٿيا اظهار،
چهپ گيا شبتاب عقل دا."

حالانڪ عشق اهو آهي، جيڪو مجاز جون پلون پار ڪري، حقيقت ۾ پهچي، معرفت جي منزل تي پهچائڻ واريون گٽيون سلجهائي، جنهن لاءِ لطيف سائينءَ چيو آهي تہ:

"الست بربكم جڏهن ڪن پيوم،
قالو بلا قلب سين، تڏهين تت چيوم،
تهان پوءِ ڪيوم، وچن ويڙهيچن سان."

پر هي دنياوي عشق، جنهن کي بوالهوسي به چئي سگهجي ٿو، سي مقدر سان وابسته هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته الله تبارڪ وتعاليٰ قرآن ۾ فرمائي ٿو ته "منهنجي حڪم کان سواءِ، ڪو پتو به ڇُري ڦري نٿو سگهي."

اهڙيءَ طرح سان، اهڙا ميل ۽ جوڙ، ازدواجي زندگيءَ ۾ اچي، باعث اولاد بنجن، سي ته يقيناً نوشته ڪتاب تقدير هوندا آهن، جنهن لاءِ لوح قلم جو به حوالو ڏيئي سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح سان، اها لڪل ڳجهي شادي باعث اولاد بڻجي ظاهر ٿي پيئي، جنهن تي منهنجي پهرئين رومانوي رفيق، زندگيءَ جي ساٿارڻ ۽ منهنجن محدود دوستن، رفيقن ۽ احبابن جي جيجيءَ، جيڪا پاڻ بي اولاد هئي، حڪم ڪيو ته "مقدر ۾ آيل نئين زوجه کي به داخل حويليءَ ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته اها اوهان مان نياڻيءَ جي ماءُ بڻجي چڪي آهي."

بيگم صاحبه جي اها وسيع دلي ۽ ڪُشاده طبع فراست ڏسي، شرمندگي محسوس ڪندي، نئين زوجه لاءِ پنهنجي حويليءَ واري احاطي اندر، سندس لاءِ هڪ نئين رهائشگاهه تعمير ڪرائي، ڪيس اُتي رهايم. سندس ننڍڙي سڄي گهر جي وندر بڻجي ويئي، ۽ لاڏلي ٿي نپني. حالانڪ سندس وڏي پيٽ، "صاحبزاديءَ"، جنهن جو محض انهيءَ لاءِ نالو بدلائي "شهربانو" رکيو ويو هو، جو منهنجون به پيٽون، جن ٻنهي جا نالا "صاحبزادي" هئا، ننڍپڻ ۽ معصوميءَ ۾ ئي داغ مُفارت ڏيئي، هميشه لاءِ جدا ٿي ويون هيون، جن هن دنيا جا ڏک ڏاکڙا، سرديون گرميون، طوفان حوادث ۽ جهولا جهڪا به نه ڏٺا هئا- منهنجي جيجل امڙ، سندس پيار ۾ اچي، منهنجي اُن وڏيءَ خانداني چوڪريءَ جو نالو به صاحبزادي رکيو هو، جنهن کان پوءِ، بعد ۾، سندس اهو نالو بدلائي شهربانو رکيو ويو هو، جيڪا اڄ ڏينهن تائين شهربانو جي نالي سان ئي منسوب ۽ مشهور آهي. تنهن به انهيءَ ننڍڙيءَ ڄايل پيٽ، جنهن جو نالو پروين آهي، پر پيار، لاڏ ۽ ڪوڏ مانُ ڪيس "منا" ئي سڏيو وڃي ٿو، ان کي نپائڻ، وندرائڻ، ٻهلائڻ ۽ گهمائڻ ڦرائڻ ۾، ڪابه ڪمي پيشي، گهٽتائي ۽ ڪٿ باقي نه ڇڏي.

بيگم صاحبه ته هون ئي اولاد لاءِ سڪندڙ سڪايل هئي. اُها به سڄو راز، منا جي پالڻ پوسڻ ۽ پرورش ۾ لڳائي، پنهنجي ئي پيٽ جو حقيقي اولاد سمجهي، سندس خدمت چاڪري ڪندي رهي. ٻاهرئين ماحول وارا سنگتي ساٿي، نوڪر چاڪر به، انهيءَ ننڍڙيءَ لاڏليءَ "منا" کي خوش ڪري ڪيڏائڻ ۽ گهمائڻ ڦيرائڻ ۾، هميشه پيش پيش رهندا هئا. مطلب ته اُن ننڍڙيءَ "منا" سڄي ماحول ۽ خاندان جي البيلي لاڏلي بڻجي، پرورش حاصل ڪئي.

تنهن کان پوءِ، منجهانئس وري ننڍڙي معصوم "پرويز" جنم ورتو، جنهن

ڪي، سواءِ سندس ماءُ، منهنجي وحي نويس "امين" ماتلويءَ ۽ هڪڙي ٽري نوڪر جي، ٻئي ڪنهن بہ ايڏو پيار نہ ڪيو، جيڏو ننڍڙيءَ منا سان هين. انهي ٽري نوڪر سان گڏ، منهنجو وحي لکندڙ ڪاتبين يعني "امين" ماتلوي بہ، جيڪو، منهنجين ماضيءَ جي ياداشتن واري هن "ڪيئي ڪتاب" ۾ مون سان مددگار ۽ همسفر آهي، جڏهن پيار ۾ اچي ڪيس ڇاتيءَ سان چمٽائيندو ۽ لڳائيندو هو، ننڍڙو "پرويز"، سندس تباخ نما چهري تي، وڏو ۽ ڊگهو نڪ ڏسي، پنهنجين ننڍڙين آڱين وارو چبو نڪ ۾ وجهي، ڇڪڻ ۽ پٽڻ جي ڪوشش ڪندو هو، جنهن تي نورچشم "امين" ماتلوي، "ارے... رے.... رے.... چهور.... چهور..... چهور.... ميرى ناک کو.... نهيں تو..... نهيں تو..... ميں بهى تيرى ناک .... پکروں گا." چئي، پنهنجو نڪ ڇڏائي، ڪيس سندس والده ۽ پينرن جي حوالي ڪندو هو. "امين" ماتلوي بہ انهيءَ ننڍڙي "پرويز" سان بي انتها والهانہ پيار محبت ڪندو هو، جيڪو هي مضمون لکڻ وقت بہ، نهايت رنجيده خاطر، ڏکيرو ۽ مغمور آهي.

انهي ننڍڙي ٻچڙي "پرويز" سان ٻين شايد انهي ڪري ئي گهڻو پيار نہ ڪيو هو، جو ڏهن مهينن جو ٿي، نمونيا جي زد ۾ اچي، انهيءَ ٽري نوڪر جي گهڻي پيار سبب، هلندڙ سياري واريءَ سرد موسم وارين تيز سرد هوائن ۾ ڊبل نمونيا جو شڪار بڻجي، پينگهي ۾ هڪ هڪ ڪي ڏسندو، هر ڪنهن کي حسرت ڀريل نگاهن سان نهاريندو، روئندو ۽ ڪانئن موڪلائيندو، راهي عدم ٿيو!

سڄي گهر ۾ روچ راڙو مچي ويو. جنت نما گهر، ڪرب و بلا ڏسي، دل نہ جهلي، آءٌ تہ اُتان ڀڄي، فرار حاصل ڪري، ٻاهر نڪري ويس. باقي سڄي گهر جي ماحول ۽ گهر وارن جو ڪهڙو حال ٿيو هوندو، سو تہ پڙهڻ وارا ازخود پاڻ ئي پروڙي، ڄاڻي ۽ ٻجهي، سمجهي محسوس ڪري سگهندا. خاص ڪري ماءُ، پيءُ، بيگم صاحبہ ۽ "امين" ماتلويءَ جي حالت تہ انتهائي قياس جوڳي ۽ قابل رحم هئي. ننڍڙي معصوم بي سمجهہ "منا" بہ پنهنجي ڀاءُ جي لاش کي ڀاڪر پائي، ٻاڪاريندي، آه و زاري ڪندي، روئندي رڙندي رهي، جنهن کي ائين چئي اطمينان ڏياري، ماڻ ڪرايو ويو تہ "تنهنجو ننڍڙو ادو نند ۾ ستل ۽ آرامي آهي... هو الله تعاليٰ جي دربار ۽ آسمانن جا سير ڪري، مزا ماڻي رهيو آهي."

واقعي محسوس بہ ڇڻ ائين ئي پئي ٿيو تہ جيئن منڙيءَ نند ۾ هو ستل ۽ آرامي هجي. سندس حسن ۾ ايڏو تہ واڌارو ۽ نکار هو، جو ڇڻ تہ آسمان جا فرشتا مٿس رحمتن جي ورکا ڪري رهيا هجن. انهيءَ ننڍڙي معصوم پٽڙي ۽ ٻچڙي جي وڃڻ کان پوءِ، سڄو گهر ۽ ماحول اُداس ئي رهيو. سندس پٽيان فقط ڏيئيرون ئي ڏيئرون ايندين، ڄاپندين ۽ پيدا ٿينديون رهيون. جن جو وڏيڪ ذڪر اذڪار اڳتي هلي ڪندس. هينئر هتي ٻيو موضوع، سئنيما جي تعمير وارو، شوريده نگاهن سان اڪيون ڦاڙي ڏسي رهيو آهي.

سئنيما لائيسنس

جيئن تہ ڪاروباري دنياداريءَ ۾ اچڻ وقت، فني ارتقا ڪان هيٺ ڪري، بمصداق "آسمان سے گرے اور کھجور میں اٹکے" وارو مثال قائم ڪري، معاشيات ۽ اقتصاديات تي سوچڻ لڳس تہ منهنجي رهائشگاهہ واري بنگلي "ماءِ نيست" جي پرسان، وسيع عريض خالي پيل پلاٽ، ڦليلي نديا جي ڪناري، جنهن ۾ ملهن جا ڪيئي آڪاڙا، ٻيلهاڙا، ڪُشتيون، ٽيئٽر، سرڪس وغيره ڪانسواءِ ٻيا بہ ڪيئي ورائٽي ۽ ثقافتي پروگرام ٿي چڪا هئا، تنهن ۾ سئنيما ناهڻ جو پروگرام رٿي اجازت نامي ۽ سئنيما لائيسنس حاصل ڪرڻ خاطر، ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ حيدرآباد کي درخواست ڏنيم، ڇاڪاڻ تہ تنهن وقت، حيدرآباد ضلعي جي سرپرستيءَ ۾ ئي هئاسين. مذڪوره پلاٽ محض انهيءَ اسڪيم تحت ئي خالي ڇڏيل هو تہ ڪنهن نہ ڪنهن موزون وقت انهيءَ پلاٽ تي تفريح گاهہ خاطر سئنيما ناهي شهر واسين سان گڏ پاڻ کي بہ وندرائي، بهلائي، منجهانئس اقتصادي فائدا پڻ حاصل ڪنداسين.

تنهن وقت حيدرآباد جو ڪليڪٽر مسٽر طفيل محمد هو. تنهن بغير ڪنهن سوچڻ سمجهڻ جي، ڪنهن بہ تڪلفات جي پورائي ڪرڻ ڪان سواءِ، مختلف محڪمن کان رپورٽون گهرائي، جنهن ۾ روينيو کاتي جي علاوه محڪمہ تعميرات محڪمہ اطلاعات، محڪمہ شماريات، محڪمہ بلديات ۽ محڪمہ پوليس جو رپورٽون ضروري هيون- ڇاڪاڻ تہ سئنيمائون پوليس ائڪٽ مطابق ئي هلنديون آهن- پر اسان جي حيدرآباد ضلعي جي ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ، انهن سڀني ڳالهين کي نظرانداز ڪندي، سئنيما لائيسنس بابت اسان جي ڪيل درخواست رد ڪري ڇڏي.

ڪجهہ وقت مايوس ۽ خاموش رهڻ کان پوءِ، جڏهن قاضي سچيڏنو ضلعو حيدرآباد جو ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ بڻجي آيو، تہ ڪيس سابق ڪليڪٽر جو ڪيل فيصلو ٻڌائي ڪانئس مشورو ورتوسين. جنهن تي پاڻ انهيءَ فيصلي کي غير قانوني ۽ غلط قرار ڏيندي، ازسرنو ٻيهر درخواست ڏيڻ جي صلاح ڏنائين. جنهن تي اسان بروقت ڪيس اهڙي درخواست لکي ڏني. جنهن تي پاڻ ضروري قانوني قدم کڻڻ لاءِ آرڊر ڪري، اعتراضات ۽ محڪماتي رپورٽن سان گڏ، پبلڪ کان هڪ مهينو اندر اعتراضات گهرائڻ بابت، اخبارن ۾ نوٽيس شايع ڪرائڻ جو آرڊر جاري ڪيو.

پر جيئن تہ اُنهيءَ وقت اسين ماتلي ميونسپالٽيءَ جي جهڳڙن، فسادن بکيڙن، طوفانن ۽ حادثن ۾ الجهيل ۽ مصروف هئاسين، تنهن ڪري انهي لائيسنس واري پاسي ڏانهن ايترو ڌيان نہ ڏنو ويو. انهن ميونسپالٽي اليڪشن وارن جهيڙن جهڻن، دنگن فسادن ۽ بگڙيل بکيڙن مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ٻيون ٻيون تفريحي

وندرون ڳولڻ لڳاسين، تہ انهن سان گڏ سئنيما جي تعمير وارو مسئلو بہ اچي اڳيان آڏو بيٺو. جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳتي وڌي، آهستي آهستي اُهي تقاضائون پڻ پوريون ڪندا رهياسين. ايتري ۾ اوچتو معلوم ٿيو تہ قاضي سچيڏني جو تبادلو ٿي رهيو آهي، جنهن ڪري هڪدم تار ڪري، مير سليم کي ميرپورخاص مان گهرائي، انهيءَ سئنيما لائيسنس حاصل ڪرڻ جي پوئواري، ذميداري ۽ پورائي ڪرڻ جو بوجهہ مٿس رکي، آءٌ بہ سائٽس گڏ حيدرآباد ويس.

حيدرآباد پهچي معلوم ٿيو تہ ٻين سيني محڪمن جون رپورٽون اسان جي حق ۽ فائدي ۾ اچي چڪيون هيون، سواءِ پوليس رپورٽ جي. جنهن لاءِ اسين ٻيئي گڏجي ڊسٽرڪٽ پوليس سپرنٽينڊنٽ سان مليا سين، جيڪو هڪ انگريز هو. دوران گفتگو، بحث مباحثو ڪندي، چيائين تہ "توهان ايڏي جلدي ۽ تڪڙ ڇو ۽ ڇا لاءِ ڪري رهيا آهيو؟ جيڪڏهين هڪڙو صاحب ويندو تہ انهيءَ جي جاءِ تي وري ٻيو صاحب ايندو!" جنهن تي مير سليم ٿهہ پهہ ڪيس جواب ڏيندي چيو تہ "هن صاحب سرزمين ڏٺي آهي. ٻيون گهربل جملي رپورٽون بہ ڪيس ملي ويون آهن. اسان جي انهي ڪيس بابت ڪيس هر طرح جي معلومات حاصل ٿي چڪي آهي. انهيءَ جي برعڪس، ٻئي ايندڙ صاحب کي هر معاملي ۾ ازسرنو تحقيقات ڪري، سوچي سمجهي معاملو طئي ڪرڻو پوندو، جيڪو اسان لاءِ باعث تڪليف ۽ نقصان ٿيندو. تنهن ڪان سواءِ، اسان جو انتهائي قيمتي وقت پڻ ضايع ٿيندو، جنهن کي ڪنهن بہ قيمت تي اسان وڃائڻ نٿا چاهيون." جنهن تي پاڻ لاجواب ٿيندي، احساس کي مدنظر رکندي، پياريون مسڪراهٽون ڏيئي، پنهنجي هيڊ ڪلارڪ کي لکپڙهہ سميت پاڻ وٽ گهرائي، ڪاغذات ڏسي، چيڪ ڪري، جيڪي سب انسپيڪٽر کان وٺي سندس آفيس تائين سفارش ۾ نيڪال ٿيل هئا، جيڪي فقط سندس فيصلي جا منتظر هئا. تنهن ڪري پاڻ ٻيهر وري بہ مسڪراهٽون ڏيندي، نو آبجيڪشن سرٽيفڪيٽ ٽائيپ ڪرائي، مٿس پنهنجي صحيح ڪري، هٿو هٽ، اسان جي حوالي ڪيو. اسين بہ سندس بيحد شڪريو Many Many Thanks ۽ خدا حافظ Good bye چوندي، ڪانسٽس موڪلائي، اجازت وٺي، اتان سڌو ڪليڪٽر جي بنگلي تي قاضي سچيڏني وٽ پهتاسين. ايس. پي صاحب کان نو آبجيڪشن وارو هٿوهٽ ورتل ليٽر سندس حوالي ڪيوسين. جنهن تي پاڻ بروقت پنهنجو اسٽينو گهرائي، سئنيما لائيسنس ٽائيپ ڪرائي، اهو اجازت نامو اسان جي حوالي ڪيائين.

تعمير پڪچر نيسٽ سئنيما

لائيسنس مليو، پر سئنيما جي تعمير لاءِ سرمايي جو مسئلو درپيش آيو. ڇاڪاڻ تہ زندگيءَ جي سفر ۾ هن ڪان اڳ لکين تہ ڇا، پر ڪروڙين، محض آواره گردين ۽ لاأباليءَ پٽي جي نذر ٿي چڪا هئا، ۽ ڪڏهن بہ پيسي جي پوڄا ڪري،

ڪنجوسن وانگر ٿجوڙين ۾ بند ڪري نہ رکيا هئم، پر، اُنهيءَ جي برعڪس، اُهي هميشہ طبيعت جي وسعت ۽ فراوانيءَ ۾، سخائن جي حوالي ئي ٿيندا رهيا. چوندا آهن تہ:

"مايا بيٺي شوم کي، سخي پاس نہ جائے،
سخي پيشاني شير کي، جب ديکھے تب کھائے."

اهڙيءَ طرح سان، اسان وٽ بہ هن ايندڙ مايا کي "مايا ديوي" سمجهي، پوڄا پاٺ ڪري نہ رکيو ويو هو: پر سخيءَ کي خدا جو دوست سمجهي، اعتبار ڪري، نئين دور جو "حاتم" بڻجي، پنهنجين ضرورتن ۽ فضول خرچين سان گڏ، ٻين ضرورت مندن جي ضرورتن کي اهميت ڏيندي، جائز سمجهي لٽايو ويو. اهو ورثو جد امجد کان ميراث ۾ مليل هو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي ڏاڏي مراد علي خان، ست اٺ پيرا، سندس ڪوٽ اندر، رهائش گاهہ واريءَ حويليءَ کي، مسڪينن، محتاجن غريبن، فقيرن، ضرورتمندن ۽ حاجتمندن هٿان لٽايو هو.

چوندا آهن تہ "سخي تنگ نہ باشد" اهڙيءَ طرح مان "ليس لانسان الا ماسعيٰ" جو سهارو وٺي لاتقنطو من الرحمت الله تي يقين رکندي، الله توهار چئي ڪم شروع ڪيم. نہ ڄاڻ ڪٿان ڪٿان غيبي مددون ملنديون رهيون ۽ ڪم هلندا رهيو. وچ ۾ ڪنهن ڪنهن وقت ڪم جو بند ٿي وڃڻ باعث پريشاني ۽ ملال بہ بڻيا ٿي، پر وري بہ ڪٿان نہ ڪٿان حاجت روائي ٿيندي ئي رهندي هئي. اُنهي پورائي خاطر، پنهنجن ڪيترن ئي سڪني پلاٽن کي فروخت ڪرڻ سان گڏ، اصلي اباڻي حويلي بہ پنهنجي سوٽ خليفي محمد مراد خان کي وڪرو ڪرڻي پيئي. ڇاڪاڻ تہ آ ڏاڏائي ڪوٽ اندر پنهنجيون حويليون بنگلا ٺاهي اچي قيام پذير ٿيو هوس، تنهن ڪري باباڻي حويليءَ جي ضرورت باقي نہ رهي هئي ۽ جيڪڏهن اُنهيءَ وقت ضرورتمن نہ بہ هجان ها تڏهن بہ بخشش طور پنهنجن سوٽن کي ئي ڏيئي ڇڏيان ها. اُنهن باباڻي ۽ ڏاڏائي حويلين جي وچ ۾ فقط گوني ئي حائل آهي، جنهن کي ڦليلي ب چوندا آهن.

"اسين اوراڙ پرين پراڙ، وچان دنگ درياءَ جو."

انهي ڪٺن، مشڪل، ڏکئي ۽ آزمائشي مرحلي ۾، جن دوستن حاجت روائ ڪندي، اخلاقي، ذهني، عملي، روحاني ۽ مالي مدد ڪئي، تن جا احسان تہ لاهہ ئي نٿو سگهان ۽ نہ ئي لاهي سگهندس، جن ۾ مير سليم، ادو ارباب حاجي جما الدين خان، حاجي نجم الدين خان سريوال، محمد عيسيٰ نظاماڻي، حاجي غلا محمد خان نظاماڻي، سيٺ ابراهيم فاضل پائي ليٽيڊ وارو ۽ پائو ڪامريڊ محم حسين بلوچ، نهايت قابل ذڪر ۽ پيش پيش هئا. جن ۾ مير سليم، حاجي نج الدين، ادي ارباب حاجي جمال الدين، حوصلي افزائيءَ سان گڏوگڏ مالي مدد ب ڪئي. حاجي غلام محمد خان نظاماڻي، محمد عيسيٰ نظاماڻي ۽ پائو محمد حس بلوچ، ذهني ۽ عملي مدد سان گڏ، ساٿي بڻجي، ساٿ ڏيئي، هر وقت، همي

دلجوئي ۽ همت افزائي ڪندا رهيا ۽ سٺنيما جي پاڻ تڪميل تائين سندس مون سان ساٿ رهيو.

پائو محمد حسين بلوچ تہ ڪيترن ئي سالن تائين، مالڪائي نموني ۾، مئنيجمينٽ جا فرائض بہ احسن خوبي سنڀاليندو رهيو، جيڪو خاڪسار تحريڪ جي وقت ڪان وٺي زندگيءَ جي سفر ۾ شامل حال رهيو آهي. پاڻ نهايت مخلص، ديانتدار، محنتي، صداقت مند، بهادر، دوستن جو دوست ۽ يارن جي يار هئڻ سان گڏ، عسڪري زندگيءَ ۾ فقط هڪ سپاهي بڻجي شامل ڪار نہ هو، پر پنهنجي خون سان لکي ڏنل اقرار موجب، "جانباز" پڻ هو، ۽ جنهن مجاهدانہ سرگرمين ۾ وڏا وڏا معرڪا حل ڪندي، سڄي هندستان جي مختلف مختلف خاڪسار ڪئمپن ۾ سڄي، سرگرميون ۽ وفاداريون ڏيکاريون. غريب ۽ مفلس هئڻ ڪري، پا پياده سڄي هندستان جو سير بہ ڪيائين.

يو. پي ۽ لکنو ۾ شيعن سُنين درميان فسادن ۾، هن سر تريءَ تي رکي، جان جي پرواهہ نہ ڪندي، هر چيز کان بي نياز ٿي، بهرو ورتو. اُتان خاڪساري جهنڊو "اخوت" هٿ ۾ ڪڻي، "عَلم بردار" بڻجي، جيش جي قيادت ڪندي، پا پياده لاهور پهتو. انتهائي ضدي طبع هئڻ ڪري، جيڪو بہ عزم ڪندو هو، باالجزم ماڻين پهچائيندو هو. هندستان ۾ خاڪسارن جي ڪابہ اهڙي ڪئمپ باقي نہ ڇڏي ڏنائين، جنهن ۾ سندس نالو داخل ٿيل نہ هجي. انگريز حڪومت سان جنگ جدال ۽ خوني معرڪن ۾ شامل رهيو، جنهن ۾ ڪيئي صعوبتون سٺيون هٿائين.

سٺنيما واري تعميراتي دور وقت بہ، مون سان ڏک سک ۾ شامل ۽ مخلص رهي، اهڙو ساٿ ڏنائين، جهڙو خاڪسار تحريڪ سان سندس مخلصانہ، والهانہ ۽ صداقت مندانہ ساٿ رهيو هو. انهيءَ تعمير ۾ اهڙا ڪيئي پيچيده، مشڪل ۽ ڪٺن مرحلا پيش آيا، جن ۾ بعض اوقات آءٌ بہ بيحد دل شڪسته ۽ مجبور ٿي ٿي ويس، تہ ڏن دلاسا، آسرا ۽ تسلاڻون ڏيئي، نہ فقط منهنجي حوصلہ افزائي ٿي ڪيائين، پر عملي طور ڪمرڪش بڻجي، ڪٺان نہ ڪٺان، انهن مجبورين جو حل ڳولي، تلاش ڪري، رسائي حاصل ڪندي، ڪم کي اڳتي وڌائي، هلائي، سرخروئي حاصل ڪيائين ٿي. جن ۾ ڪيئي مالي مشڪلاتون، فني پيچيدگيون ۽ تعميراتي رڪاوٽون پيدا ٿيون ٿي؛ ليڪن پاڻ نهايت پر عزم ٿي، وڏي حوصلي منديءَ، پامردگيءَ، صبر، تحمل، همت ۽ استقلال سان، منهنجو ساٿ ڏيئي، هر حال ۾، انهن الجهنن، الجهائن، پيچيدگين ۽ مسئلن کي منهن ڏيندو، سنواريندو ۽ سلجهائيندو رهيو.

انهن مشڪل وقتن ۾ ساٿ ڏيئي ساٿ هلڻ لاءِ، آءٌ سندس ٿورائتو ۽ شڪر گذار آهيان. حالانڪ مٽيريلسٽ هئڻ جي حيثيت ۾، هن مشيني ۽ ماديءَ دور جي ترقي، روحانيت مان نڪري، مذهبيت کي وساري، دعائن ۾ پروسو، اعتماد ۽ يقين نہ رکي، پر آءٌ سندس محبتن، صداقتن ۽ وفائن کي سوچيندي ۽ ڏسندي، دل جي

گهرايون مان ڪيس دعائون ڏيان ٿو تہ شال خدا ڪيس پنهنجي خاندان، ٻارن ٻچڙن سميت خوش آباد ۽ سکيو ستابو رکي، ڪوبہ ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکاريس، ترقين مٿان ترقيون ڪري. اڄ بہ پاڻ منهنجين محبتن، صداقتن ۽ جذباتن ۾ موجود ۽ حق موجود آهي، زندگيءَ جي سفر ۾ جدا ٿي ئي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ روزِ ازل کان پيمانہ وفا جا اقرار ڪري آيا آهيون.

اهي تہ هنا منهنجا چنڙن جا يار وفادار ۽ غمگسار، جن تي تہ منهنجا ڪيئي فرض عائد ٿي سگهيا ٿي. پر انهن سيني کان وڌيڪ ٿورائتو ۽ احسان مند جناب حاجي نجم الدين خان سريوال ۽ ابراهيم سيٺ فاضل پائي ليٽيڊ وارن جو آهيان، جن سان تنهن وقت منهنجي ڪابہ شناسائي ۽ ڄاڻ سڃاڻ نہ هئي. ابراهيم سيٺ، سٽنيما جي مشينري، سائونڊ سسٽم ۽ ٻئي ضروري سامان فروخت ڪرڻ وقت، پنهنجي انتهائي مفيد ۽ قيمتي صلاح مشورن سان گڏ، ڪيئي رعايتون ۽ سهوليتون پڻ ڏنيون. تنهن کان سواءِ برٽش ايمبسيءَ واريءَ انفرميشن ڊپارٽمينٽ ۾، فلم آفيسر ٿي وڃڻ کان اڳ، جيسين تائين هو، فاضل پائي ليٽيڊ سان تعلق ۾ هو تہ سندس قيمتي صلاح مشورا، رعايتون ۽ مددون مون سان وابستہ رهيون؛ پر برٽش ايمبسيءَ ۾ وڃڻ کان پوءِ بہ سندس مشورا ۽ خوشنوديون شامل حال رهيون.

ابراهيم سيٺ تہ اسان سان وري بہ هميشہ هم پيالہ ۽ هم نوالہ رهيو. پر انهن سيني کان وڌيڪ اهميت حاجي نجم الدين خان سريوال کي ڏيان ٿو، جنهن سان، اُنهيءَ کان اڳي، ڪي بہ محبت جا معاملا، پريم پيار جا پيچرا، دوستيءَ جون دلداريون ۽ راهہ رسم جا رستا نہ هنا، سواءِ خاندائي تعلقاتن ۽ ميونسپالٽيءَ جي وقت ۾ چند سياسي اختلافن جي. پر جيئن تہ پاڻ سياست ۾ نئون نئون داخل ٿي، هڪ هڪ ماڻهوءَ جي ووٽ کي اهميت ڏيندو، سنہ 1952ع واريءَ اليڪشن ۾ اُميدوار بيٺو هو، تنهن ڪري محض منهنجي سياسي اثر رسوخ ۽ طاقت جو قائل ٿيندي، مون کي پنهنجو بنائڻ گهريائين ٿي. تنهن ڪري ئي مون سان قريبي تعلقات استوار ڪري، سياسي فائدا حاصل ڪرڻ خاطر، منهنجي اقتصادي مدد ڪرڻ ضروري سمجهيائين، ۽ مون بہ سيئي ويچا وساري، گذريل تي صلوات پڙهي، حتي الوسيع پنهنجي هڙان وڙان خرچ ڪندي، رات ڏينهن هڪ ڪري، سخت محنت، مشقت ۽ دل جان سان، سندس اليڪشن کي سنواري سڌاري، نور محمد خان نظاماڻيءَ جي مقابلي ۾، ڪيس ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪرايو. جنهن ۾ اصول ۽ ضمير کي بالاءِطاق رکندي، خسيس خسيس معمولي ماڻهن کي منٿون ڪري، ڪانئن ووٽ حاصل ڪيم ۽ ڪيس ڪن ٿورڙن ووٽن جي اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ٿي. آ يقين سان چوان ٿو تہ اگر منهنجو سائٽس سائٽ نہ هجي ها، تہ ڪاميابي يا ناڪاميابي تہ خدا جي وس آهي، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ سندس فتح حاصل ڪرڻ، تماه ڪٺن، پيچيده ۽ مشڪل مرحلو هو. ڇاڪاڻ تہ هڪڙي وڏي، نامي گرامي، عيار

عوامي نڳ سان مقابلو هيس. برابر اهي سندس پيسا ڏوڪر بہ هئا، جن انهيءَ جو مقابلو ڪيو. تنهن سان گڏوگڏ، اسان جون محنتون، صداقتون ۽ دعائون بہ ساڻس شامل حال هيون. ڇاڪاڻ تہ نفسيات جي وڏن وڏن ماهرن جو فيصلو آهي تہ "اُها شخصيت، جيڪا اکين سان اکيون ملائي، چار ڪري، ڳالهائي نٿي سگهي، تنهن جو اندر، ڪڏهن بہ صاف نہ هوندو آهي. ڪيس 'نيت ڪوٽو' بہ چئي سگهجي ٿو، جنهن سان اوڙي پاڙي، عزيزن قريبن، مٽن مائٽن، يارن دوستارن جو تہ خير، پر ملڪ و ملت جي بہ ڪو فائدو حاصل نہ ٿيندو." سو اهڙي نيت ڪوٽي ۽ عيار ماڻهوءَ سان، حاجي نجم الدين سريوال جهڙي نيڪ نيت، سادہ لوح، سڀاجهڙي ۽ صاف دل جو مقابلو ۽ ڪاميابي نهايت حيرانگي ۽ قابل عبرت هئي. پاڻ اها ڪاميابي، ٻين ڳالهين سان گڏ، اسان فقيرن جي دعائن سان ئي حاصل ڪيائين، ايتريقدر جو اڳتي وڌي، صوبائي سياست جو مُک مهرو بڻجي، وزارت بہ ماڻيائين.

پاڻ وڏو صلاحيت مند، خلوص ۽ صداقت جو پتلو، پنهنجن عزيزن قريبن، يارن دوستارن، دندارن ۽ دلوارن جو وفادار، سرنديءَ ترندڙ، وڏي هاضمي وارو، حليم طبع ۽ بردبار، ديانتدار ۽ وفا شعار آهي. ڪڏهن بہ هڪڙي جي، ڪنهن ٻئي ڪي ٻڌائي، عيب جوئي نہ ڪندو آهي ۽ نہ وري ڪيس ڪنهن ٻئي کان جائز شڪايت هوندي بہ ڪا شڪايت هوندي آهي. ڪوشش تہ اهائي هوندي اٿس تہ منجهانئس ڪي ٻيا فيض ۽ فائدا حاصل ڪن. ڪنهن ڪنهن وقت، سنجيده يا رنجيده ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ورنہ اڪثر ڪري ٻين جي ڳالهين جو حظ وٺي، لطف اندوز ٿيندي، نهايت وڏي آواز سان ڪلندي، ٽهڪ ڏيئي، داد ڏيندو رهندو آهي. باقي مسڪراهٽون تہ سندس چهري تي، هميشه ئي موجود رهنديون آهن.

پر افسوس آهي، جو ساڻس سايي وانگر گڏ رهندڙ ساٿي وڏا نڳ، موقعي پرست، ضمير فروش، دولابي، دوڪيباز، مفاد پرست، مطلبي ۽ ڪوڙائي هوندا هئا، جيڪي وٽانئس ڪيئي فائدا حاصل ڪرڻ سان گڏ، ڪفران نعمت ڪندي، ناشڪر گذار ٿي رهيا. اُهي پاڇولا، ڪيس وڏيرو سمجهي، ليڊرانہ صلاحيتن بابت ڪوڙا داد ڏيندي، وٽس پنهنجي اهميت ورجائيندا ۽ غير محدود فائدا حاصل ڪندا رهندا هئا.

پر چوندا آهن تہ "گاهہ سائي جو سائو ۽ گاهي بڪئي جو بڪيو." سو حاجي نجم الدين خان تي تہ الله جون رحمتون ۽ فقيرن جون دعائون آهن. سخي مرد آهي. تنهن ڪري ڪڏهن بہ ڪو ڪوسو واءُ نہ لڳندس ۽ وار بہ ونگو نہ ٿيندس. باقي هي سندس سياسي رفيق يا رقيب، جيڪي نهايت خودغرض، مڪار، مطلبي، عيار، ايمان فروش ۽ احسان فراموش آهن، سي فقط حسد ڪندا ۽ چپ چٽيندا ئي رهجي ويندا. جنهن لاءِ برمحل فارسيءَ جو هڪڙو عمدو شعر ياد آيو اٿم:

"عرفی اندیش م کُن، ز غوغائے رقیباں،
آوازِ سگاں کم نه کند، رزقِ گدارا."

انهن کان سواءِ، آءٌ پنهنجن اُنهن مسترين، رازن، واڍن، ڪاريگرن ۽ مزدورن جو به نهايت ٿورائتو ۽ شڪر گذار آهيان، جن سنه 1932ع واري مختصر تعميرات کان وٺي، 'ماءِ نيست' نما بنگلو ٺاهي، اُن ۾ بمبئي کان شادي ٿي آيل نئين نويلي دلهن کي وسائي ورسائي آباد ڪري، اُنهيءَ حويليءَ جي اضافي تعمير کي مسلسل ڪندي، وسيع ۽ عريض حدن تائين پهچائي، ۽ "پڪچر نيسٽ" سٽنيما جي تعمير ۾ به ساڳي محبت، محنت، مشقت، صداقت ۽ خلوص کي ثابت ڪندي، رات ڏينهن هڪ ڪري، وڏيءَ جانفشانيءَ ۽ جاکوڙ سان، سواءِ ڪنهن به حساب ڪتاب ڪرڻ جي، سڄي ڪم کي پايۀ تڪميل تائين پهچايو.

اهڙيءَ طرح سان، مذڪوره سفر، رت ولرڙي، پڳهر وهائي پورو ڪيوسين، جنهن جو افتتاح، لاڙڪاڻي مان اچي، جناب قاضي سچيڏني کي ڪرڻو هو، جيڪو ڪن انتهائي مصروفيتن سبب اچي نه سگهيو. تنهن ڪري، اُن موقعي تي، جڏهن جملي يارن دوستارن، دلدارن، دلوارن، پيارن، غمخوارن، مقامي آفيسرن ۽ معزز شهرين سان گڏ، اُهي پڳهر وهائيندڙ، خون ولوڙيندڙ، مخلص، محنتي، سچار، وفادار، صناع ۽ ڪاريگر به گڏ هئا. لالا نورالدين، مالڪ نيو ميجسٽڪ سٽنيما حيدرآباد، پاڻ کي سٽنيما لائين جو نهايت پراڻو تجربيڪار، آزمودگار، ڄاڻو ۽ حقدار محسوس ڪندي، بغير ڪنهن اسرار جي، ٽالهيءَ مان ڪٽنچي ڪڍي، بسم الله ڪري، ربن کي ڪاٽي، افتتاحي تقريب جو صدارتي فريضو ادا ڪيو، ۽ چيائين ته "اهو منهنجو حق آهي...!" چوطرف "مبارڪ مبارڪ" جا آواز ۽ تاڙين جا ٽڪاءَ ڦهلجي ويا. لڏون ۽ مٽايون ورهائڻ کان پوءِ، شو شروع ٿي ويو.

سٽنيما مشينن تي مسٽر شوڪت علي چيف آپريٽر مقرر ڪيو ويو هو، جنهن سان گڏ سندس نائب، افسر علي هو. مسٽر شوڪت علي ته ڪجهه عرصو چيف آپريٽر جي حيثيت ۾ ملازمت ڪري، بيرون ملڪ، ويٽر وڌيڪ ڪمائيءَ خاطر، روانو ٿي ويو. پر، مسٽر افسر علي، جيڪو انهيءَ وقت سندس نائب ۽ سيڪنڊ آپريٽر هو، تنهن پنهنجي وفاداري برقرار رکندي، چيف آپريٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. تنهن وقت اڪيلو ۽ ڪنوارو هو، پر اڄ جڏهن هو ستن اٺن ٻارن جو والد بڻجي چڪو آهي، تڏهن به وفادار رهندي، سٽنيما جي چيف آپريٽر جي حيثيت ۾ ساٺ ڏيندو پيو اچي. تنهن سان گڏ سيد تراب حسين شاهه کي به وساري نٿو سگهان، جنهن شروع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين، آئل انجڻ ۽ جنريٽنگ سيٽ جي، بنان ڪنهن لالچ ۽ عيوضي جي، نگراني، نگهداشت ۽ مڪئنيڪل انجنيئر جي حيثيت ۾ مرمت ۽ رپيئر جي ذميداري پنهنجي سر هموار ڪئي آهي.

سٽنيما جو افتتاح انهيءَ وقت جي مشهور معروف ۽ ڪامياب ترين هندستان فلم "نگينه" سان ڪيو ويو. افتتاحي تقريب جا ڪيئي گروپ فوٽو به ڪڍيا ويا، جن ۾ پهريون دعوتي آفيسرن ۽ معزز مهمانن سان گڏ، ٻيو ڪاريگرن،

رازن، واڊن، مسترين ۽ مزدورن سان، تہ ڪي وري پنهنجن دوستن سان انفرادي فوٽا پڻ ڪڍيا ويا، جن جون ڪاپيون اڄ بہ اسان وٽ موجود ۽ محفوظ آهن.

حاجي نجم الدين خان ۽ بي. ڊي اليڪشن

حاجي نجم الدين خان جهڙي نيڪ نيت، نيڪ فطرت ۽ نيڪ سيرت شخص، جنهن لاءِ گذريل صفحن تي، سندس نيڪيون ۽ تعريفون لکي آيو آهيان- سندس احسانن جو قائل ۽ شڪر گذار پڻ آهيان- تنهن کي سندس ساٿين، حريفن ۽ منافقن مون سان ڪڏهن بہ محبت ڪرڻ ۽ صلاح مشورن جي ڪا مهلت ئي ڪانہ ڏني، جو هو صاحب منهنجين صلاحيتن، تجربن ۽ صداقتن مان ڪوبہ فائدو حاصل ڪري سگهي. پر تڏهن بہ آءٌ اندرين ۽ ٻاهرين طرح سندس مددگار رهي، ساٿس وفائون ڪندو، دعائون ڏيندو رهندو هيس. تنهن سان گڏ، سندس اوٺاين پوٺاين جون خبرون رکندي، ڏاڍو پريشان ۽ پشيمان ٿيندو هيس. انهيءَ کان سواءِ آءٌ ٻيو ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس! ڇاڪاڻ تہ انهن اهلڪارن هوندي، وٽس منهنجي ڪابہ ضرورت ۽ اهميت بہ باقي ڪانہ هوندي هئي. سندس اهي موقعہ پرست، خودغرض ۽ مطلبي ساٿي بہ اهوئي چاهيندا هئا تہ مون کي وٽس ڪابہ وقعت، اهميت ۽ افاديت حاصل ئي نہ هجي. عوامي هجڻ ۽ عوام ۾ نهايت مقبول هڻڻ ڪري، منهنجي هئيت، هيبت ۽ شخصيت کان ڊڄندا هئا، ۽ اڪثر ائين چاهيندا هئا تہ، مهاجرن ۽ انصارن وٽ، مون کي اُيڏي مقبوليت نہ ملڻ گهرجي، جيڪا مون خوش اخلاقيءَ، خوش خلقيءَ، پيار، محبت، مروت، روادريءَ، خانداني اثر رسوخ ۽ خدمتگذارين ڪري، نهايت خوش اسلوبيءَ سان حاصل ڪئي هئي.

هڪڙي پيري، ايوبي دور راري بي. ڊي اليڪشن ۾، عزيزن قريبن، يارن دوستارن، پيارن، دلدارن ۽ فقرا فنڪارن جي بيحد اسرار تي اميدوار بيٺس. منهنجي مقابلي ۾، انهيءَ ٽولي جو سرڪردو ۽ سرغنو، ٽئين دنگ کان، پنهنجا جملي واردِ چڏي، ڦليلي ٽپي، منهنجي رهائشي تڪ ۾، پرسو، پرسا ۽ پرسرام بڻجي، پهرين ڪمدار پوءِ منشي تنهن کان پوءِ وري چوڏري ٿي، محض انهيءَ لاءِ مقابلي ۾ آيو تہ اُنهيءَ واردِ ۾ پنجابي مهاجرين اڪثريت ۾ آباد هئا، جن کي مون ئي مدد ڪري، اتي آباد ڪرايو هو. مون سان انهن جو والهانہ پيار ۽ عقيدتمندي هئي. هو منهنجن ڪيل احسانن جا معترف ۽ ٿورائتا هئا. پر انهيءَ چوڏريءَ جو مقصد اهو هو تہ جيئن اهو انهن جي ۽ منهنجي وچ ۾ تفريق آڻي، نفرت پيدا ڪرائي، اهو ثابت ڪري سگهي تہ اهي مون سان شامل حال ناهن- پوءِ انهيءَ ۾ ڪيترين ئي چالبازين، چالاڪين، هيراڦيري ۽ پيسي ڏوڪڙ جي ريل ڦيل ئي ڇو نہ ڪرڻي پوين. انهيءَ ۾ ڪيس هڪڙي تير سان چار شڪار ڪرڻ هئا:

1- سندس ڪاميابي، جيڪا ٻئي ڪنهن بہ واردِ مان ڪيس نظر نٿي آئي.

2- مون کي شڪست ڏيئي، منهنجي طاقت گهٽائي، ڪمزور ڪري، دنيا ۾ رسوا ڪرڻ.

3- اُنهيءَ تڪ جي انصارن ۽ مهاجرن کي هڪٻئي سان ويڙهائي، پاڻ سان ملائي، مون کي بدنام ڪري، سنڌين ۽ پنجابين جي وچ ۾ فرق آڻي، تفرقو پيدا ڪرڻ.

4- وڏو، اهم ۽ ضروري، اهو شڪار هن ڪرڻ چاهيو ٿي ته حاجي نجم الدين خان سريوال کي اهو ڏيکاري ۽ ثابت ڪري سگهي ته رئيس ڪريم بخش خان نظاماڻي جي ڪابه سياسي طاقت ناهي، جنهن کي اوهين ايتري اهميت ڏيئي رهيا آهيو، ڇو ته اسين سندس ئي رهائشي تڪ ۾ وڃي، ساٿس مقابلو ڪري، ڪيس شڪست ڏيئي، بدنام ڪرڻ جي اهليت رکون ٿا.

اِنهن چالبازين ۾، اهو مٿيون ڪمدار، منشي ۽ چوڌري ٽولو، پرسوُ ڪان پوءِ پرسرام بڻجي، پنهنجي پرائي دولت ريڙهي اڳيان ڪري، گهٽيءَ حد تائين ڪامياب ٿي ويو. تڪ جي لالچي، خودغرض، مطلبي ۽ بي ايمان ورڪرن جو پيسن ڏوڪڙن تي ايمان خريد ڪري، سندن ساٿ حاصل ڪيائون. ايتريقدر، جو حاجي نجم الدين خان کي به انهيءَ حد تائين قائل ڪري ويا، جو هو صاحب به سندن مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. حاجي نجم الدين خان به، انهن جي هيرين ڦيرين ۾ اچي، ائين سمجهيو ته منهنجي ڪاميابيءَ جي ڪابه اُميد باقي نه رهي آهي، تنهن ڪري مون وٽ ڪاهي هليو آيو، ۽ انهيءَ منافق ٽولي جي سرڪرده ۽ پوءِ-ڊايل چوڌريءَ جي حق ۾ هٿ ڪٽائڻ جي ڪوشش ڪندي، اهو اظهار ڪيائين ته "اسان کي ۽ توهان کي ڪنهن مٿانهينءَ سياست ۾ هلڻ گهرجي. ازانسواءِ توهان کي ته ڪا ووٽرن جي پنيرائي به ناهي."

جنهن تي مون کي ڏاڍي ڪاوڙ به آئي، ته سخت تعجب به لڳو ته "جنهن سان منهنجيون هيڏيون ساريون وفائون، صداقتون ۽ محبتون وابسته رهيون آهن، سو مون کي اڄ هٿ ڪٽائڻ لاءِ مون وٽ منهنجي جاءِ تي هلي آيو آهي، حالانڪ منهنجي مقابلي ۾ ڪيس ڪنهن کي بيهڻ ئي نه ڏيڻ گهرجي ها- ڇاڪاڻ ته هو سندس ئي آڌار، پروسي، بل بوتي ۽ مدد تي اميدوار بيٺو هو، بلڪ سندس ئي حواري هو!

اهو ته آءٌ اڳي ئي ٻڌي چڪو هوس ته پاڻ اِنهيءَ منشي نما چوڌريءَ جي مدد ڪري رهيو آهي، پاڻ ئي ڪيس منهنجي مدمقابل اميدوار بيهاريو اٿس: پر مون انهيءَ ڳالهه تي اعتبار ئي نٿي ڪيو، ڇاڪاڻ ته مون کي يقين هو ته حاجي نجم الدين خان، لوئي ۽ ڪلوئي، مگر منهنجي خلاف ڪم نه ڪندو، ۽ جيڪڏهن هڙان نه ڏيندو ته وڙان به نه وڃائيندو. ڇاڪاڻ ته آءٌ سدائين سندس نيڪيون ڳائيندڙ ۽ دعائون ڏيندڙ آهيان. پر سندس ان ڏينهن جي روش صدمو پهچائي، دل رنجائيندي، ڏکيرو ڪيو. ڪيس چيم ته، "حاجي صاحب، توهان حقدارن کان حق ڪسي، غاصبن جي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪوشان آهيو، جيڪي پنهنجي ذاتي غرضن ۽ مفادن پوري ڪرڻ کان پوءِ، توهان جا هرگز نه ٿيندا." اِنهي جواب ٻڌڻ کان پوءِ، اهو شريف النفس، مسڪراهٽون

ڏيڻ کان پوءِ، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو موڪلائي روانو ٿي ويو.

اليڪشن تمام زور شور سان ٿي رهي هئي. مخالف ڌر وارا، پيسن ڏوڪڙن جي آڌار تي، ڪيترائي ورڪر ۽ ووٽر خريد ڪري، ورڪ ڪندا، ميٽنگن ۾ جائزو وٺندا، فيصلو ڏيندا رهيا ته "اسان جو پلڙو ڀاري آهي... اسين وڏيءَ اڪثريت سان ڪاميابي حاصل ڪري، رئيس ڪريم بخش خان کي شڪست ڏيندا سين." تنهن سان گڏ، ووٽر لسٽ تي گهٽي تعداد ۾ ڳاڙهي پين سان ٽڪ مارڪ ڪري، خيالي پلاءِ پچائيندي، ڄڻ ته انهن ووٽرن کي پنهنجو بٽائي ڇڏيو هئائون ۽ باقي فقط کي مختصر منهنجي ويجهڙائيءَ وارن، عزيزن، قريبن، يارن دوستارن، هاڙين ڪمدارن، نوڪرن ۽ چاڪرن کي منهنجي لاءِ وڃي ڇڏيائون.

آءٌ ڦليليءَ جي ڪناري واري پنهنجي عدالتي چبوتري ۽ ڪٽهڙي تي ويهي، ويٺي ويٺي، معائنو ڪري رهيو هيس. ڪڏهن به تڪ، ۽ تڪ جي ووٽرن کي، پنهنجو سمجهي، ورڪ لاءِ ڪونه نڪتس. محسن ۽ محبت ڪرڻ وارا، اتي ئي پهچي دلجائون، تسلائون ۽ صلاح مشورا ڏيندا هئا، جن کي آءٌ ائين چئي تسلا ڪرائيندو هيس ته "مون کي ملائڪ ۽ فرشتا ووٽ ڏيندا...!" صرف هڪڙي ڏينهن، پنهنجي وفادارن ۽ صلاحڪارن جي پيهم اصرار تي، منهن ڦڪو جهلي، تڪ جي ووٽرن وٽ ورڪ خاطر ويس ته اُهي صاحب نهايت حيران ٿي چوڻ لڳا ته "رئيس صاحب...! توهان ڇا لاءِ تڪليف ورتي آهي؟ ڇا، اِوهان جو اسان تي اعتبار ناهي؟" جنهن تي مسڪرائيندي مون کين چيو ته "رسم پوري ڪرڻ آيو آهيان...."

منهنجي فقط انهيءَ هڪڙي ڏينهن جي ورڪ خاطر تڪ ۾ ڦري اچڻ مخالف ۽ مقابل چوڌري ٽولي جا اوسان ۽ حوصلا خطا ڪري ڇڏيا. ۽ انهن وڌيڪ پروپيگنڊا مهم چالو ڪرڻ سان گڏ، ڏوڪڙ پيسي جي فراواني ۽ افراط زر ۾ به اضافو ڪري ڇڏيو. ايتري قدر، جو سندن حواري نوٽن جا بنڊل ڪٽي، گهر گهر ووٽ خريدڻ لاءِ ڪاهي پيا.

آخر اليڪشن وارو اهو ڏينهن به اچي سامهون بيٺو، جنهن ۾ منهنجي ڪئمپ جو نظم و نسق ۽ شاندار انتظام ڏسي، هو ويتر وڌيڪ بدحواس ۽ وانڙا ٿيڻ لڳا، جيڪا شاميانن، ميزن، ڪرسين، ڪوچن ۽ ٻئي ضروري فرنيچر سان آراسته پيراسته ۽ سينگاريل سنواريل هئي، جتي منشي ٽيبلن تي باقاعده ووٽر لسٽ سامهون رکيو، سيريل نمبر ۽ نالن جون پرچيون ٺاهيون، ڪڍيو، ماڻهن ۾ تقسيم ڪري رهيا هئا. انهيءَ ڪئمپ سان گڏوگڏ، زالن لاءِ به شاميانن، ڪرسين ٽيبلن ۽ صوفه سيٽن سان سينگاريل سجايل، بلڪل الڳ ڪئمپ جو اهتمام ۽ انتظام ڪيل هو.

ٻئي پاسي مخالف ڌر وارا، بلڪل يتيم پٽي ڏسڻ ۾ آيا، ڄڻ ته سندن ڪو والي وارث ئي نه هو، جن وٽ سواءِ جعلي، بوگس ۽ ڪوڙن ووٽن ڏيارڻ جي، ٻيو

ڪوبہ انتظام نہ هو. تنهن جي جواب لاءِ بہ اسان جا ورڪر نهايت هوشيار، چست، چالاڪ، مخلص ۽ محنتي هئا، جن انهن بوگس ۽ ڪوڙن ووٽرن کي لڳل قطارن مان سڃاڻي ڇڪي ٻاهر ڪڍي، پولنگ آفيسرن ۽ پوليس جي حوالي ڪيو ٿي. اهو حال ڏسي، مخالف ڌر وارن جا، ٻاهران آندل ڪيترائي ڪوڙا ۽ بوگس ووٽر، قطارن مان الڳ ٿي، پاڻ کي انهن الزامن کان بچائڻ خاطر، ڀڄي هليا ويا. تنهن کان سواءِ پولنگ بوٿن تي اسان جا وينل ايجنٽ بہ نهايت چوڪنا، چست، هوشيار ۽ ڪارآمد رهيا ٿي. پر تنهن هوندي بہ، مخالف ڌر وارا، ڪيترائي جعلي ووٽ رڪارڊ ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. خاص طور زناني پولنگ بوٿن تي، زالن ۽ عورتن جا ڪوڙا بوگس ووٽ، حالانڪ انهن ڪوڙن جعلي ووٽ ڏيندڙ عورتن ۽ زالن جي بہ بي انتها هلڪڙائي ۽ بيعزتي پڻ ٿي.

رئيس حاجي نجم الدين خان سريوال، پري کان بيهي، هلندڙ اليڪشن جو جائزو وٺندي، معائنو ڪندي، ڪافي پريشان، بدحواس ۽ وائڙو نظر اچي رهيو هو، ڇاڪاڻ تہ انهن اُنائي گيرن ۽ ٺڳن، رئيس صاحب جي دماغ ۽ ذهن ۾، ڪجهہ ٻيو ئي نقشو ويهاريو هو، جيڪو ميدان ڪارزار ۽ جنگ جدل ۾ اچي، ڦيرو کائي، پلٽجي، الٽو ٿي پيو هو.

اسان طرفان ووٽرن جي پولنگ اسٽيشن تي آڻڻ ۽ گهرن تائين واپس پهچائڻ لاءِ، مواصلات جو بہ نهايت معقول بندوبست ڪيل هو، جنهن لاءِ ڏهہ ٽئڪسي موٽرون تہ فقط حيدرآباد کان گهرايل هيون. تنهن کان سواءِ پنهنجيون پنج موٽرون ۽ جيپون انهن جي علاوه هيون، ۽ ڪيترائي ٽانگا بہ. خاص طور، پرده نشين مستورات ۽ ٻين عورتن کي آڻڻ ۽ واپس پهچائڻ لاءِ، اهو انتظام نهايت ضروري سمجهيو ويو هو. اهڙي صاف ستري ۽ باقاعدي انتظام کي ڏسندي، مخالف ڌر وارا پنهنجي هوش حواس ۽ حوصلا وڃائي وينا ۽ ڪيترائي ڀيرا، ضد ۾ اچي، تنازعو پيدا ڪري، جهڳڙو فساد ڪرڻ لڳا، جن کي حوصلي منديءَ، همت ۽ خدا جي مهرباني سان ٽاريو ويو.

اها بي- ڊي اليڪشن، تدبيرن کي ناڪام ڪري، تقديراً ڪاميابيون حاصل ڪري، پوري ٿي. شام جو ووٽن جي ڳڻپ کان پوءِ، مخالف ڌر وارن جو سرڪردو ۽ چوڌري بريءَ طرح شڪست کائي، ناڪام ٿي، 'ڏڙام تختہ' ٿيو. ٻڌڻ ۾ آيو تہ، شڪست جو تاب نہ سهي، پيلرن سان سَر ٽڪرائي، لهو لهان ڪيائين. هڪ شڪست جو صدمو، ٻيو پنسن جو نقصان، ٽيون چوڌري پٽي کي داغ، چوٿون اُميدون ڪجهہ مان ڪجهہ ٿيڻ جون، پنجون حاجي نجم الدين خان کي سندس ٻڌايل ٻڌاڪون، ذهن ۾ ويهاريل ڪاميابيءَ وارا نقشا ۽ تصور، ۽ مون لاءِ غلط تاثر پيدا ڪرڻ واريون سندس سازشون ۽ ڪوششون سڀ واري ۽ ريت سان نهيل محل وانگر ڏسندي ڏسندي، سندس آڏو، مسمار ۽ ريگزار بڻجي ويون.

انهيءَ اليڪشن ۾ منهنجو به ٻاويهه هزارن کان مٿي خرچ ٿيو، جيڪو حاجي نجم الدين خان جي محض ٻن چپن چورڻ سان بچي پوي ها، ۽ مخالف ڌر وارا به منهنجي مقابلي ڪرڻ جي همت ساري ئي نه سگهن ٿا. پر تڏهن به آءٌ سندس ٿوائتو، احسان مند، شڪرگذار ۽ دعاگو آهيان ۽ ڪڏهن به، ڪٿي به، جيڪڏهن پاڻ منهنجي ضرورت محسوس ڪندو، ته مون کي حاضر ۽ ناظر ڏسندو ۽ پائيندو.

سمن شاهه جي زندگيءَ جا دؤر

ابتدائي دور: جڏهن عالم ارواح کان، اصلي ساٿيهه ڇڏي، سنگهارن کان ڌار ٿي، عشق جي رهنمائيءَ ۾، حسن منجهه نور خدا ڏسي، صلي الله چئي، سندس ئي جوت ۽ روشنيءَ ۾، هن عارضي ۽ فاني دنيا ۾ اچي، وڇڙيل يارن دوستارن، دلدارن، پيارن ۽ سنگهارن کي ڳولڻ لڳس، جن ۾ ڪيئي ڪوه دمن، ريگزار، برپٽ، بيابان، مرغزار ۽ ڪوهسار حائل ٿيا. جن کي پار ڪندي، ڪيترن ئي ڏکن ڏولاون، طوفانن ۽ حادثن ۽ منجهدارن مان گذرندي، ڳولا ۽ جستجو جاري ساري رکيم، جنهن ۾ ڪيئي وڇڙيل يار دلدار مليا ۽ وري وڇڙجي ويا ۽ ائين اڄ ڏينهن تائين به، ڪيئي ملندا ۽ وڇڙندا رهن ٿا.

اُنهن پيارن مان هڪڙو "سيد سمن شاه" به هو. جنهن زندگيءَ جي سفر ۾ پنڌ ڪندي، ڪيئي منزلون ماڻيون، جنهن بابت تبصري ڪرڻ لاءِ، گهڻي جستجو، تحقيق، تجسس، کوجنا ۽ ڳولا ڦولا جي ضرورت آهي. سا به ڪنهن نه ڪنهن کان، سينهه به سينه حاصل ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته هن بابت اهڙو ڪوبه لکيل بياض نه آهي.

مون کيس ٽن حالتن ۾ ٻڌو ۽ ڏٺو. سندس پهريون دور جوانيءَ وارو، حد کان زياده شوقين، حسن پرست، ثقافتي رنگن ۽ محفلن جو دلداده، ڪپڙي لٽي جو وڏو شوقين، قدرتي نظارن کي پسند ڪندڙ ۽ تن سان ڏل وندرائيندڙ هو. اُنهيءَ دور ۾ به منهنجيون ساٿس ڪيئي مختصر ملاقاتون، ٽنڊي باگي ڏانهن ويندڙ رستي تي، "ڦڙدي وارن جمالين" پريان، جيڪو سندس ابائي ڳوٺ ۽ ڦليليءَ جي ڪناري تي آباد هو، جنهن ڪناري کي، انبن جي باغن، ٽالهي ۽ سريلن جي وڻن، سبزه زار ۽ حسين نظارن، ويتر وڌيڪ خوبصورت، دلفريب ۽ پرڪشش بڻايو ٿي. انهن کي ڏسندي، پڙهندي ۽ لطف حاصل ڪندي، ٿيندڙيون هيون. جنهن وقت آءٌ بمشڪل ڏهن ٻارهن سالن جو مس هيس.

تنهن وقت پهلواني ڪرتبن، جسماني ورزشن، ملهن ۽ ميڙن ملاکڙن سان گڏ، ڳائڻ وڄائڻ جو به بيحد شوقين هوندو هو. اِنهيءَ "ڦڙدي وارن جمالين" جي ڳوٺ ۾، تمام سٺا ۽ وڏا وڏا ماهر، ڄاڻو، نامور ۽ مشهور معروف ملهه رهندا هئا، جن ۾ سيا ڳو شيدي، مور شيدي، جمعو ٽنگڙي، نبو ڪهيري، جام شيدي ڊهڙي وارو ۽

ٻيا، جيڪي اتي ملهن جي سرپرست لڪو شيديءَ جي ماتحتيءَ هيٺ، ميڙن ملاڪڙن ۾، پنهنجا ڪرتب ڏيکاري، داد تحسين حاصل ڪندا هئا. انهيءَ لڪو شيديءَ کي، "سٺ ٻالڪن جو اُستاد" ٻه چيو ويندو هو. انهن جمالين جي ڳوٺ پرسان، واهن جي ويڙهي ۾، ملوڪ شاهه جو ميڙو لڳندو هو، جتي ٻه اڪثر ڪري، سمن شاهه سان، منهنجون ملاقاتون ٿيندڙيون رهنديون هيون. پاڻ مون کي هميشه پيار جي نظرن سان، نهايت غور ڪري ڏسندو هو، ڇاڪاڻ ته اُنهيءَ وقت آءٌ ٻه ڏاڍو خوبصورت، بيحد حسين جميل هوندو هيس. تنهن سان گڏ منهنجا اهي مٽي لڪيل پهلوان ساٿي، منهنجين نيڪ خصلتن، سٺين عادتن ۽ پيسن ڏوڪڙن جي سخائن تي فريفته هوندا هئا. تنهن کان سواءِ منهنجي خاندان ۽ بابا سائينءَ جن جي تعلقاتن جو ٻه مٿانئن ڪافي اثر هوندو هو. تنهن ڪري ٿي مون کي لاڏلو، البيلو ۽ شهزادو سمجهي، پيار ۾ پوڄيندا هئا. سندن هميشه اها ئي ڪوشش هوندي هئي ته مون کي ڪنهن ٻه قسم جو گزند، ڏک، تڪليف ۽ نقصان نه رسي. سندن ئي مدد سان گل غيبيءَ جي ميلي عروج حاصل ڪيو، جنهن جو آءٌ پاڳارو هوس.

سيد سمن شاهه سان، ڳوٺ ڦڙدي وارن جمالين ۽ ملوڪ شاهه جي ميلي کان سواءِ اشڪيب ريگيوليٽر تي پڻ ملاقاتون ٿيندڙيون هيون. جتي ٻه عجيب دل ليائيندڙ، وندرائيندڙ ۽ دلڪش منظر هوندا هئا، جتان هڪڙي پاسي "علي واه"، ٻئي پاسي "شير واه" ۽ سندن وچان "ڦليلي" پنهنجو نالو ڦيرائي، "اشڪيب" رکائي، بدين ضلعي جي ڳوٺ "وهٽاين" منجهان وهندي، وڃي "پراڻ" منجهه پوندي هئي ۽ "پراڻ" وري ڪچ واري هندي سمنڊ ۾ ملي، ضم ٿي ويندي هئي.

اُنهيءَ "اشڪيب" جي پل تي، قدرتي دلڪش، سحر انگيز ۽ حسين نظارن سان محبت ڪرڻ جي ڪري ئي، سيد سمن شاهه سان اڪثر ڪري اتي ٻه ملاقاتون ٿيندڙيون رهنديون هيون. اتي پاڻ تنهن وقت ٻه، حسنِ قدرت ۽ حسن فطرت ڏسندي، البيلن، متوالن ۽ ابدالن وانگر، نهايت معصومانه مسڪراهٽون ڏيندو، قدرت جي فطرت نگاري، صناعي، ڪردگاري ۽ شاهڪاريءَ ۾ محو حيرت ۽ مگن مست ٿي ويندو هو.

ٻيو دؤر: سندس ٻيو دور جنهن ۾ فقط ٻڌڻ ۾ آيو ته ڳوٺ "ڊهڙي" جي ڪنهن سادات بيبي صاحبه سان عشق لڳن، جنهن جي ناڪامين ڪيس نفسانيت مان ڪڍي، روحانيت ۾ آڻي، "المجاز قنطرة الحقيقت" ڪري، حقيقت تائين پهچائي، معرفت جي ميدان ۾ مرغزارن جا سير ڪرايا. پاڻ دنيا جي نگاهن ۾ مجذوب بڻجي، انهن کان لڪندو رهندو هو. ان لاءِ ڪيئي پڌ بڻائي، انهن ۾ رهائشون اختيار ڪيائين، جن ۾ ڳوٺ "ڊهڙو"، ڳوٺ ڦڙدي وارا جمالي، "چمبڙ" لڳ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ "سمن شاهه جو دونهون"، جتي ٻه اڄ ڏينهن تائين، سندس نالي ميلو لڳندو آهي، ۽ اتان ٻه ماڻهن جي تنگ ڪرڻ تي ڀڄي، "نار واري پوئي" تي ديرو ڄمايائين، جتي تنهن وقت بگهڙ وڙهندا هئا ۽ ڪابه آبادي ڪانه هوندي هئي، پر

ماڻهن هن مجذوب کي اُتي بہ نہ ڇڏيو. پوءِ لاچار ٿي، آخري طور، پنهنجي آرمگاهہ، شهر "پنگرئي" کان ٽي ميل ڪن پريان حاصل ڪري رهيو، ۽ اتي ئي جام وصال پيتائين.

چون ٿا تہ پاڻ ڊوري اندر، واڳن سان گڏ واڳون بڻجي، ماڻهن کان نجات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو، پوءِ چاهي اونهارو هجي، چاهي ٺيڻ سيارو. اڄ بہ اُنهيءَ ڊوري جا آثار نمايان ظاهر آهن، جيڪو ڪنهن اڳئين زماني ۾ ڪو درياءُ هو، جنهن جي ڪناري لڳ ڪنهن شهر جا آثار پڻ نظر اچن ٿا.

ٽيون دؤر: پاڻ اتي بہ عوام کان آزادي حاصل نہ ڪندي، ابدال ۽ مجذوب مان ڦري مست قلندر بڻجي، فيض پهچائڻ لڳو. جيئن جيئن سندس فيض عام ٿيندو ويو، تيئن تيئن ماڻهو وٽس ميڙا ڪري اچڻ لڳا. تنهن ڪري پاڻ بہ انهيءَ اڪيلائيءَ، تنهائيءَ، تخليي ۽ غنودگيءَ کي توڙي، پوءِ ماڻهن سان ملڻ ۽ ساڻن وندرڻ کي پنهنجو مشغلو بڻائي ڇڏيائين. ماڻهن جي مصروفيتن ۽ وندرڻ سان گڏ، ڪين ٻيا بہ ٽي شوق هوندا هئا. پهريون ڪڪڙ رڙائڻ، پچارائڻ ۽ ڪاٽڻ جو، ٻيو چرس پيئڻ جو، جڏهن سندس اڳيان ڪڪڙ جي ٻوڙ جو پيالو پرجي ايندو هو تہ چرس واريءَ سلفيءَ جي سڙيل رک، چار، ڦلار ۽ مَڇ جي ڪيري، انهيءَ ڪڪڙ واري ٻوڙ ۾ ملائي، گڏي ناهي، يَڦڙ يَڦڙ ڪري کائيندو هو. چاهيندو هو تہ ماڻهو ڪيس بدعتي سمجهي، کانئس ڪرهت ڪري، پاسو ڪن. پر جن ماڻهن منجهس فيض ڏٺو هو، سي کانئس ڪيئن ٿي پاسو ڪري سگهيا؟ پوءِ چوندا آهن تہ "پير پلو يا پير جو ويساهہ پلو!" سو اهڙيءَ طرح سان ماڻهن کان شڪست کائي، ماڻهن جهڙو ماڻهو بڻجي، مستيءَ، سرشاريءَ، مخموريءَ ۽ قلندريءَ ۾ ٿي رهيو. "چري ڪيئن، چي ويران ويو وڌ." سندس ٽيون شوق ثقافتي هو، جنهن ۾ خاص ڪري اڳ رنگ ۾ محو ٿي، محويت حاصل ڪندو هو.

منهنجي ساٿس وري ٻيهر، مجذوبيءَ وارو وڇولو دور ڇڏي، مستيءَ ۽ قلندريءَ واري دور ۾ ملاقاتون ٿيون. آءٌ انهيءَ وقت پنهنجي زميندراري، ديهہ ڪانگيٽيءَ ۾، ماتليءَ کان ٽيهہ پنجٽيهہ ميل پري، ڊگهڙي ۽ ٽنڊي جان محمد جي وچ تي، جهڏي گدام کان ڇهہ ميل اوري، جتان سمن شاهہ جي آرامگاهہ، مشڪل سان پندرهن سورهن ميل ٿيندي، اڪثر ڪري اتي رهندو هيس. جتان تترن، ٻاٽيهرن ۽ تلورن جي شڪار جي شوق ۾، بندوق ڪارتوس ڪٽي، سڪيءَ جي ٻيڙن، يعني پنهنجن پلن اُڻ تي سوار ٿي، انهن پڻن ۾ پوندو هيس. شڪار بيڪار آهي. لڳي تہ هزار، نہ لڳي تہ بيمار ڪري. اهڙيءَ طرح سان، انهيءَ شڪار جي شوق ۾ ڪڏهن ڪڏهن تہ "سانگي ڦرهي" ڏانهن هليو ويندو هيس، تہ ڪڏهن ڪارياٽي، سورهڏي، ڏيهي ۽ ڏاڏاهہ تائين وڃي پهچندو هيس، تہ ڪڏهن وري خيرپور گنبو ۽ پراڙو اُڪري، وڃي سمن شاهہ واري رهائشگاهہ جي ويجهو پوندو هيس.

هڪڙي ڏينهن دڪندڙ دونهون ڏسي، اتي پهتس تہ سندس شرف بازيابي حاصل ٿيو. مون کي هڪدم سڃاڻندي، البيليون، ابدالي ۽ معصومانہ مسڪراهٽون ڏيئي، پنهنجي پرسان ويهاري، پراڻي دور جون ڳالهيون دهرايائين. جن مون کي بہ پنهنجي نوخيزيءَ جو وقت ۽ مهلون ياد ڏياريون، جيڪي "ڦڙدي وارن جمالين" ، "ملوڪ شاهہ جي ميڙي" ۽ ٽن واهن جي گڏيل ريگيوليٽر واريءَ پل "اشڪيب" تي ٿيون هيون.

آءٌ ماضيءَ واريون اُهي چند ڳالهيون ٻڌي، ڪين ڏسي واڻڙو ۽ حيران ٿي ويس. ڇاڪاڻ تہ نہ منجهس اُهي صفايون هيون، نہ ڪپڙي لٽي جون شوقين پايون. ننگ ڏڙنگ الف اُگهاڙو، وڏيل وار، پوت ۽ پيوت پٽي نظر آيو. سندس پريل بدن، ٿورو گهٽو نڪتل پيٽ، بدن تي مٽين تهہ مٽيءَ جا چڙهيل، پر تڏهن بہ نهايت حسين ۽ سهڻو ٿي نظر آيو. الف اُگهاڙو هوندي بہ، سندس اوگهڙ پڻ ڪونہ ٿي ڏسڻ ۾ آيو. سندس اکين ۾، هڪ خاص قسم جي مقناطيسي ڇڪ ۽ نور چمڪندي نظر آيو ٿي. مون اُنهيءَ حالت ۾ ڪين ڪجهہ سواليہ نظرن سان ڏٺو. پاڻ، منهنجين انهن نگاهن کي ڏسندي، هڪڙي آگر آسمان ڏانهن مٽي ڪري، وري پنهنجي سيني تي لڳائي، شوريده نظرن سان نهاري، وري جلد ئي پاڳل پٽي ۽ البيلي معصوم مسڪراهٽن سان مسڪرائي نوازيائين.

انهيءَ وقت منهنجي دل جو ڏڙڪو وڏي ويو. بدن ۾ هڪ خاص قسم جي سرسراهٽ محسوس ٿي. جيئن ڄڻ تہ بجليءَ جو ڪو ڪرنٽ بدن مان گهمي ويو هجي. منهنجي اها ڪيفيت ڏسي، عجيب و غريب نگاهن سان نهاري مسڪرايائين. ڪجهہ وقفي کان پوءِ پڇيائين تہ "لاڏلا! تينڪون تيڏي سوال دا جواب مل ڳيا؟" مون بہ ڊپ ڀيجي، هيبت جهلي، خفيف ۽ ڦڪن مسڪراهٽن سان ڪين جواب ڏنو تہ "سائين! ها!!" پاڻ وري بہ تند تيز نظرن سان ڏسي چيائين تہ "لاڏلا! ميڪون سائين نہ آک... آک يار...!!" تنهن کان پوءِ، مون، پنهنجيون نگاهون هيٺ ڪري، ڏڙڪندڙ دل سان، ڪانئس اجازت گهري. ڇاڪاڻ تہ سج لهي چڪو هو ۽ مون کي وري بہ پندرهن سورنهن ميل سفر طئي ڪري پنهنجي زميندارياءَ تي پهچڻو هو. پاڻ روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون، پر مون ائين چئي ڪانئن معافي گهري تہ "زميندارياءَ ۽ رهائشگاهہ تي خدمتگار، ڪارندا ۽ ڪمدار انتظار ڪندا هوندا؛ مون کي وقت سر پهچندو نہ ڏسي، ڪٽي پريشان ٿي، ڳولا ۾ نڪري دربدر نہ ٿين. آءٌ پنهنجي معرفت واري منزلگاهہ، آماجگاهہ ڏسي وڃان ٿو. وقت بوقت اتي ايندو ۽ زيارتون ڪندو رهندس." تنهن کان پوءِ پاڻ وري بہ عجيب مسڪراهٽون ڏيئي، پيار ڀرين نظرن سان نهاريندي، اجازت ڏنائون.

اهڙيءَ طرح سان، اها مستيءَ ۽ قلندريءَ واري ملاقات پوري ٿي. تنهن کان پوءِ تہ ڪيئي ملاقاتون ٿينديون رهيون، جيڪي بيان بازيءَ ۽ تبصري کان ٻاهر آهن،

ڇاڪاڻ تہ هن مٽيريل ۽ مڪنيڪل مادي دور ۾، سامعين ۽ نقاد، اعتبار نہ ڪندي، نڪتہ چينيون ڪندا، جن لاءِ هن ڪتاب جي اڳين صفحن تي، ڪافي روحاني مواد اُنهن نڪتہ چين نقادن لاءِ لکي ڇڏي آيو آهيان، جيڪو سندن دانشوريءَ جي وندر لاءِ ڪافي آهي.

آءٌ جڏهن بہ سمن شاهہ جي حضور ۾ پهچي، سندن نياز حاصل ڪري، ويهندو هيس، تہ ڪيئي حقيقت جون گٺيون، رمزون ۽ معرفت جا اسرار، منڪشف ۽ آشڪار ٿيندا هئا. جڏهن بہ وٽن ويندو هيس تہ سيرن جا سير چرس ۽ ڪيئي ڪڪڙ، نذراني ۽ عقيدت طور ڪٽي، يار چٽي، سندن خدمت ۾ پيش ڪندو هيس. ڇاڪاڻ تہ سندن اهو حڪم هوندو هو تہ "ميڪون يار آڪ...!" محض انهيءَ لاءِ تہ اٿين چوڻ سان ڪين فرحت حاصل ٿيندي هئي.

تنهن ڪان سواءِ، آءٌ جڏهن بہ اُنهيءَ ڪانگيٽيءَ واريءَ پنهنجي ٻنيءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيندو هيس، تہ ڪين اڳواٽ ئي اها خبر پٺجي ويندي هئي. پنهنجي مُک خليفي يا داس، گلاب راءِ، ڪي چوندا هئا تہ "گلاب راءِ...! لاڏلا پيا آوندا اي، چرس بہ گهن پيا آوندا اي، ماني ٽڪي دا بندوبست ڪري ڇوڙين." پوءِ آءٌ اگر ڪڪڙن ڪان سواءِ ويندو هيس تہ گلاب راءِ ڪي سڏي چوندو هو تہ "گلاب راءِ! لاڏلا چرس چاهي آوندا اي، پر ڪڪڙ ڪونہ هي ملڻا. ڪڪڙان دا بندوبست تئين ڪر ڇوڙين!!" اگر مون ڪي واٽ ويندي ڪو تترن، ٻاٽيهرن يا تلورن جو شڪار هٿ ايندو هو، تہ بہ ڪين اڳواٽ ئي اها خبر پٺجي ويندي هئي ۽ پاڻ گلاب راءِ ڪي سڏي، پنهنجي ويجهو ويهاري، ڪيس چوندا هئا تہ "او گلاب راءِ! لاڏلا چرس نال شڪار بہ چاهي آوندا اي!"

انهن قرب وارين ملاقاتن دوران اهو بہ معلوم ٿيو تہ هڪڙي پيري محمد فقير ڪٽياڻ شاعر، پنهنجن طالبن، فقيرن، ڳائڻن، وڄائڻن ۽ ڊولڪين ۽ يڪتارن سان گڏ، پنهنجو ٽولو وٺيو، ڳائيندو وڄائيندو، جڏهن سمن شاهہ واري مڇ جي ويجهو پهتو، تہ سمن شاهہ، طيش ۽ ڪاوڙ ۾ اچي، انهيءَ ٻرندڙ مڇ مان هڪ وڏي ڏکيل پڙڪيل ٿوڙائي ڪڍي، مٿانئن حملہ آور ٿيو، تہ محمد فقير جا اُهي سڀ شش، داس، چيلا ۽ طالب، ڊپ، خوف ۽ هيبت ڪان، محمد فقير ڪٽياڻ کي اڪيلو ڇڏي، اُتان ڀڄي ويا. باقي فقط اڪيلو محمد فقير ڪٽياڻ اُنهيءَ محويت، غنائيت، سرشاريءَ، مخموريءَ ۽ بيخوديءَ ۾، يڪتارو وڄائيندو ۽ ڳائيندو رهيو. سمن شاهہ بہ، انهيءَ مستيءَ ۽ ابداليءَ ۾، اهو ٻرندڙ ٿوڙاٽ، اچي محمد فقير ڪٽياڻ تي وسايو. جنهن جا ٽانڊا ۽ چٽنگون پري پري تائين ڦهلجي ويون. مٿو ڦاٽي پيس. رت ريلا ڪري، منهن ۽ چهري تان وهڻ لڳس. پر تڏهن بہ محمد فقير ڪٽياڻ، انهيءَ مستي ۽ بيخوديءَ ۾، دنيا وما فيها ڪان بيخبر بٺجي، يڪتاري تي ڳائيندو وڄائيندو ئي رهيو. ذري برابر بہ نہ بدن لوڏيائين، نڪو ڪو چرڪ ئي ڀريائين. اها حالت ڏسي، سمن شاهہ ڪيس انهيءَ

معرفتي امتحان ۾ پاس ڪري، "منصور" جو لقب ڏيئي، پاڪر پائي، سيني سان لڳائي، ڪيس پاڻ سان گڏ وٺي اچي مڃ ۽ دونهين تي ويهاريائين. تنهن سان گڏ، وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندي چيائين ته "ڇڇ ڳئي تيڏي لاڇي ڪانو چيلي، طالب.... ڇڇ ڳئي!.... ها ها ها ها!!... ها ها ها ها!!!" ائين چوندو، وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي ڪلندو رهيو.

انهيءَ ملاقات ۽ "منصور" جي خطاب ملڻ کان پوءِ، محمد فقير ڪٽياڻ اُمر بڻجي ويو. شاعريءَ ۾ به نڪار ۽ واڌارو پيدا ٿيڻ لڳس. حقيقت ۽ معرفت جون ڳُٽون ۽ گٽيون کولڻ ۽ سلجهائڻ لڳو. پنهنجا ڪيترائي شڪ، داس، چيلا ۽ طالب پيدا ڪيائين، جن ۾ مخدوم سائين محمد زمان "طالب المولىٰ" جن جو والد محترم سائين مخدوم غلام محمد "گل" به، سندن طالب بڻيا، جيڪي نهايت خاص اهميت ۽ افاديت جا مالڪ هئا. جيتوڻيڪ محمد فقير ڪٽياڻ نواب ولي محمد تاجپوريءَ جن جا اڳيئي طالب هئا، پر سمن شاهه سان به سندن حد کان زياده عقيدتمندي هئي، جتان پريم پيار جي پڪ پي، "منصور" جو خطاب وٺي، واصل بالله بڻيا.

محمد فقير ڪٽياڻ سان سندن زندگيءَ ۾ منهنجيون به ٻه ٽي ملاقاتون ٿيل آهن، جن مان ساڻس پهرين ملاقات "ماءِ نيسٽ" ماتليءَ واري بنگلي جي ٻاهرئين ڪمپائونڊ، ڦليليءَ جي ڪناري تي ٺهيل جبوتري تي ٿي. جيڪا، سجو ڏينهن گڏ رهڻ جي باوجود به، اڃايلن ۽ اُڃ کي پورو ڪري نه سگهي. شام جو ماتليءَ کان ٻن ڪن ميلن جي مفاصلي تي،نوتڪاڻي ٻلوچن جي ڳوٺ دعوت تي هليا ويا. ٻي ملاقات حيدرآباد ۾ جهانيان سيدن جي درگاهه تي ٿي، جيڪا پڻ ڪافي وقت جاري ساري رهي، جتي به زمين چڏي، آسماني سيرن ٻو ٽي گذري ڪين ۽ آخري ملاقات ساڻن سمين شاهه جي حضور ۾ حاصل ٿي، جيڪا منهنجي ۽ سمن شاهه جي به، هن جهان فانيءَ جي سفر ۾ آخري ملاقات هئي. جنهن کان پوءِ آءٌ پرديس جي ڏکن ڏمامن، هندستان جي سير تفريحن ۾، خاص طور بمبئيءَ جي تفريح گاهن، سبزه زارن، حسين نظارن، روءنگارن، فن ۽ فنڪارن سان وابسته ٿي ويس. تنهن کان سواءِ هو پاڻ به پيالو پي، دنيا جو هي بناوٽي سفر پورو ڪري، سنه 36-1937ع ۾ راهي عدم ٿيا، ۽ اسان کي هن فاني دنيا جي بکيڙن، طوفانن ۽ حادثن جي حوالي ڪري ويا. جو اڃا تائين بقيد حيات آهيون. پر تنهن هوندي به، سندن نگاهِ ڪرم ۽ يادون اسان وٽ محفوظ آهن.

سندس پسند جا راڳي: انهن راڳ رنگ جي ثقافتي محفلن ۾، جمال خان قوال، جنهن کي 'جمالو ٻُچي' ڪري به چوندا هئا، اڪثر ڪري غزل، ڪافيون، وايون، مناجاتون ۽ قواليون، اصلي روحاني رنگ ۾، انتهائي خلوص، جذبات ۽ اندر جي آهن دانهن کي، جگري هردي جي آواز سان، پيش ڪندو هو، جن کي سيد سمن شاهه حقيقت ۽ معرفت جي محويت ۾ اچي، پسند ڪري داد ڏيندو هو.

سيد قاسم علي شاهه، جنهن جي سنڌي ڪافين، ڪلامن، ڏوهيڙن، عمر

ماروي، سسئي پنهون، مومل راڻو ۽ نوري جام تماچيءَ جي داستانن مان شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان گڏ، چوٽيءَ جي ٻين شاعرن جا معرفتي ڪلام ۽ ڪافيون ٻڌي واهه واهه ڪندي، داد ڏيندو هو. سيد قاسم علي شاهه جي جگري، هردي ۽ من جو آواز به ڪين ڏاڍو پسند ايندو هو. خاص ڪري پنجتنن جي صفت ۽ ميدانِ ڪرب و بلا لاءِ سندن آه و بقا تي روئندو هو. اهو قاسم علي شاهه ئي هو، جيڪو، بغير ڪنهن ساز جي ڳائي، دلو وڄائي، پاڻ به روئندو هو، ته ڪين به رڻاريندو هو.

اڪثر ڪري چانگو شيدي بديٽائي، وينجهر ٽنڊي باگي وارو، جمعون چريو مڱٿهار راڄي خاناڻيءَ واري سان گڏ، ٻيا به ڪيئي ننڍا وڏا ڳائڻا راڳي، وٽن ايندا ويندا رهندا هئا. پر جمال خان قوال عرف "جمال ٻُچي" ، جنهن جو ذڪر آءٌ پنهنجي هن ڪتاب ۾ اڳي به ڪري آيو آهيان، چار فوٽ قد ۽ ٻگهين پريل سڪل سڙيل مرگهيل گهوڙي سان گڏ، پنهنجن ٻن پائرن بشير ۽ چُٽي سميت ايندو هو، ۽ سيد قاسم علي شاهه، جيڪو دلو وڄائي رڻاريندو هين، خاص طور وٽن مقبول هوندا هئا.

گلاب راءِ ته سندن خدمتون ڪري، ايڏو ته ويجهو ۽ نزديڪ ٿيو، جو ڪيس واقعي رنگي گلاب ڪري ڇڏيائين. پاڻ وجد، ڪيف ۽ مستيءَ ۾ اچي دعائون ڏيندي ڪيس چوندا هئا ته "گلاب! تُسان گلاب ته ٿي ڳياوين، پر تيڏي قبر به مديني وچ ٿي سي." ۽ ٿيو به واقعي ائين ئي. اُنهيءَ گلاب راءِ جي قبر به، مديني منوره ۾ ئي بڻي. اتي وري اهو سوال ٿو اُٿي ته "ديوان گلاب راءِ مسلمان ٿيو هو يا نه؟" جنهن لاءِ آءٌ اهو جواب ڏيندس ته جنهن کي سمن شاهه جهڙي روحاني سالڪ جي صحبت نصيب ٿي هجي، جنهن جي مقدر ۾ مٽي به مديني جي هجي، تنهن کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو مسلمان ٿي سگهي ٿو؟ آءٌ ماڻهوءَ جي مسلمانيءَ جو نه، پر فقط انسانيت جو قائل آهيان، جيڪو دنيا جي گهاڻي ۾ پيڙجي، ڪيئي ارتقائي منزلون طئي ڪري، صرف خالص انسان بڻيو هجي.

سمن شاهه جو ميلو، مجلسون، ڪردار ۽ فنڪار

سيد سمن شاهه جا مٽيان ٽيئي دور، جن مان پهريون ۽ ٽيون ڏٺل، پر ٻيو دور ٻڌل، منهنجي ذهن ۾ اهڙا ته سمائجي چڪا هئا، جن جي لکڻ ۽ واضح ڪرڻ ۾ ذرا به جهجهڪ ۽ هيڪ محسوس ڪانه ٿي. انهن مٽي لکيل سمن شاهه جي ٿُنهي دورن کي مختصر ڪري، ڪوزي ۾ دريا کي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. ورنه اڃا به گهڻو ڪجهه لکڻ لاءِ روح للچائي رهيو آهي.

مٽي لکي آيو آهيان ته اُهي سال منهنجي آواره گرديءَ جا هئا. حالانڪ سنه 1937ع ۾، والد صاحب جن جي بيمار ٿيڻ تي به، مون کي بمبئي مان تار ڪري گهرايو ويو هو. والد صاحب جن به، انهيءَ سال 1937ع ۾ رضا ڪئي. جنهن ڪان پوءِ، ويتر وڌيڪ آزاد ٿي، لاأباليءَ اختيار ڪيم. هيٺانهان مٽانهان ڪيئي دور ايا. ۽

تڏهن به، چوندا آهن ته "سچڻ ۽ ساٿيهه، ڪنهن آٿاسيءَ وسري." تنهن وانگر ماتليءَ ۾ راڳ رنگ جون محفلون، يارن دوستارن، دلدارن، دلوارن جون دلبريون، ڦليلي نديا ۾ ٻيڙين جا سير، معاش جي پورائي ڪندي، شامل حال رهيا. جنهن جو تفصيل پڻ پٽيان ڏنل آهي. هتي آءٌ فقط اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته اڳي صرف راڳ ٻڌندو هيس، ۽ راڳ وديا ۽ تال وديا جو ڄاڻو بڻجي سگيا ڏيندو هيس، جنهن ۾ ڪافي شاگرد بڻيا، جن راڳ وديا ۽ تال وديا مون ڪان حاصل ڪئي. جيڪڏهن آءٌ ڳائيندو هيس، ته ننڍي هوندي ڪان وٺي، منهنجا سنگتي ساٿي، فنڪار، صداڪار ۽ اداڪار اٿين چئي دل شڪستو ڪري ڇڏيندا هئا ته "توهان جو آواز ڪونهي، بلڪل بي سُرو آهي." ڪڏهن به ڪنهن داد ڏيئي، همت افزائي ۽ واه واه ڪانه ڪئي.

سٽنيما جي تعمير ڪان پوءِ، ٻين مختلف مختلف دنياوي پريشانين ڪان نجات حاصل ڪري، جڏهن پاڻ ڳائڻ لڳس ته، ڏاڍو ڪي مزو آيو. اٿين پئي محسوس ٿيو ته ڇڻ اندر جون آهون دانهون ڪڍي، ڏاڍو هلڪو ٿي پيو آهيان. تنهن ڪري، ڳائڻ تي ويتر وڌيڪ زور رکيم. مصري شاهه، مهدي شاهه، احمد علي شاهه، اميد علي شاهه، "بيڪس"، "بيدل"، "سچل" سرمست، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جا رسالا کولي، نت نوان نوان ڪلام، ڪافيون، بيت ۽ وايون ڪڍي، پراڻين سنڌي راڳڻين ۽ تارن ٺيڪن ۾ آڻي، ڳائڻ شروع ڪيم. جيڪي ٻين ڳائڻن جي استعمال ۾ نه هيون. مون نيون نيون وايون، ڪافيون ۽ ڪلام ڪڍيا ٿي، ته ٻين ڳائڻن جهٽي، چوري ڪري، ڪي منهنجين ناهيل ڌنن طرزن ۾، ته ڪي وري سندن ئي ڌنن طرزن ۾، پيش ڪيا ٿي. آءٌ انهن چورن کي خوش طبعيءَ ۾ ٿن چور چئي، ڏُن چور چوندو هيس.

انهيءَ زماني ۾ مون ڪان وڃڻيل يار "سمن سرڪار" جي ميلي جي خبر پيئي. جنهن جي ابتدا ۽ شروعات "هاري پارٽيءَ" جي ليڊرن، جناب حيدر بخش جتوئيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ، ڪئي هئي، جنهن ۾ حيدر بخش جتوئيءَ سان گڏ، سندس ٻين مددگارن ۽ سلاحڪارن ۾ مير غلام قادر ٽالپر، ڪامريڊ عبدالقادر، ڪامريڊ غلام حسين سومرو ۽ پير جس شاهه پوڙو قابل ذڪر هئا.

تنهن ڪان سواءِ، اوڙي پاري راج ۾ارن انهي دڪندڙ ميڙي کي هوا ڏيئي پڙڪايو. ۽ ڪامريڊن جي هاري ڪانفرنس سڏائي، تقريرون ڪري، ميڙي کي مچايو. تنهن ڪان پوءِ، سرائي نبي بخش ۽ سرائي پير بخش گاڏ وارن، محمد پناهه رند جي صحبت ۾ اچي، انهيءَ نئين مچندڙ ميڙي کي، مختصر ثقافتي رنگ ڏيئي، ويتر وڌيڪ هوا ڏني. محمد پناهه رند تنهن وقت خيرپور گنبي، پنگرئي ۽ پر پاسي وارن ٻين ڳوٺڙن جو ڊڪ منشي هوندو هو. پاڻ وڏو رنگين مزاج، حسن پرست، تماشبين، ڪپڙي لٽي ۽ ڪائڻ پيئڻ جو شوقين، مجلس جو مور ۽ سخي هوندو هو. سراين سان سندس تمام ويجها، قريبي ۽ دوستانه تعلقات ۽ ناتا هوندا هئا. سرائي سندس ڳالهه کي نهايت اهميت ڏيندا ۽ قدر جي نگاهه سان ڏسندا هئا.

سرائي نبي بخش راڳداريءَ جو ٿورو گهڻو ڄاڻو، تال وديا مان به ڪي ڪجهه

واقفيت رکندو هو. دلو پڻ وڃائيندو هو، جيڪو ڪيس سيد قاسم علي شاهه سيڪاريو هو. پاڻ قاسم علي شاهه کي پنهنجو استاد ڪري مڃيندو هو. وٽس ڪيئي ڳالهيون وڃائيندا، گويا ۽ ڪويا ايندا ويندا رهندا هئا. خاص ڪري رئيس امام علي خان لغاريءَ جهڙي سالڪ سمجهدار، شيرين گفتار، شعر شاعريءَ، ادب ۽ فن کان واقف ۽ راڳ جي ڄاڻوءَ جي صحبت ۾ رهي، وڏيڪ اهميت حاصل ڪيائين. اڪثر ڪري خان صاحب اميد علي خان وٽس ئي رهندو هو، پوءِ ڪڏهن رئيس امام علي خان وٽ سندس ڳوٺ ۾، تہ ڪڏهن سرائي نبي بخش خان وٽ. هو ٻنهي جي گڏيل ۽ مشترڪ سنگ ۾ هوندو هو. جنهن ڪري ئي سرائي صاحب کي، راڳ جي ڄاڻوءَ جي حيثيت ۾، شهرت ملي. تنهن سان گڏ، خان صاحب عاشق علي خان جي شاگرديائي، ولايت جان، سان بہ سندس معاشقو ٿيو، جنهن ڪري عاشق علي خان بہ وٽس اچڻ وڃڻ لڳو.

ولايت جان، اصل ۾ لاهور ڪان اچي، حيدرآباد ۾ ديرو ڄمايو هو- حيدرآباد جي مشهور ڳائڻين ۾، حسيني گوليءَ ۽ ناياڪان پوءِ، درجو رکندي هئي. حسيني گولي ۽ ناياڪان بہ خان صاحب عاشق علي خان جون شاگرديائيون هيون، جيڪي پنهنجي وقت جون پري چهرہ، حسن، حسن زن ۽ راڳداريءَ جي فن ۾، اول درجي جون ماهر ليکيون ويٺيون هيون. منهنجو بہ گوليءَ سان، حسن ۽ فن پرستيءَ جي ڪري، گهرو لڳاءُ هوندو هو. اڪثر ڪري، هوءَ ماتليءَ اچي، من چور بڻجي، پنهنجي فن ۽ موسيقيءَ جو مظاهرو ڪندي هئي. سندس سازنده، ميراث جا مالڪ، اهو ظاهر ڪندا هئا تہ "محترمہ جو راڳ، پير علڻ پٽائيءَ، سيد دلاور حسين شاهہ صوبيدار (جيڪو بعد ۾ ترقي ڪري ايس. پي بڻيو هو) يا وري اوهان جي اڳيان ٻڌي، مسرور ٿي، ڊوڙ ڪريون ٿا، ورنہ اسان کي ٻيو ڪو اهڙو راڳداريءَ جو عالم، ماهر ۽ ڄاڻو نظر ئي نٿو اچي، جنهن کي اوهان سان پيٽ ڏيئي سگهون. اوهان جهڙو ڄاڻو ۽ قدردان ڪو ورلي ئي ملندو. تنهن ڪري ئي محترمہ پنهنجي فن جو صحيح استعمال ۽ اظهار فقط اوهان جهڙن قدردانن جي اڳيان ئي ڪري ٿي. اٿاڻ جي اڳيان فن پيش ڪرڻ ائين آهي، جڻ تہ ردن اڳيان رباب وڄائڻ." هو بہ واقعي ائين ئي. جنهن وقت سنهڙيون سنهڙيون ليلوي آڳريون، سي بہ مهندي رتل، تانپوري جي تارن تي هلنديون هيون، پاڻ غنودگيءَ جي عالم ۾ اکيون بند ڪري، وقت جو راڳ الاپيندي هئي، تہ وقت ۽ سمي کي جهولاتي، جهومائي ۽ ڦرائي داد وٺندي هئي. بلمپت مان درت تائين پهچي، راڳ پورو ڪندي هئي؛ تہ ڏيڍ ٻہ ڪلاڪ لڳي ويندا هئس. ڪلاڪ کان گهٽ تہ ڪڏهن بہ ڪو راڳ نہ ڳايو هئائين. سندس دلڪش نسواني آواز، ڪنجهي جي وڻي کي ڏک هٽڻ سان جهاءُ پيدا ڪري، پڙلاءُ پيدا ڪرڻ جهڙو هوندو هو، جنهن سان سياڪوري، رڳن ۾ خون جو دورو ۽ دل ۾ ڌڙڪن پيدا ٿي ويندي هئي.

آءٌ، وٽانئس ٻين راڳن سان گڏ، ٽن سرن واري فوجي راڳڻي "مال سريءَ" جي

فرمائش ڪندو هئس، جنهن کي به انهن ٽنهي سرن ۾، گهٽ ۾ گهٽ ٻن ڪلاڪن تائين، ڳائيندي رهندي هئي. منهنجي ساٿن ملاقات ۽ تعلقات طبلي نواز رومڙئيي جي معرفت ٿيا، جيڪو طبلي نوازيءَ ۾ منهنجو استاد پڻ هو، ۽ اڪثر ڪري مون وٽ ماتليءَ ۾ به رهندو هو.

ٻنهي ڀينرن، حسيني گولي ۽ نايا، کي، عين عالم شباب جي وقت، ٽنڊي محمد خان ۾، نظر محمد شاهه دولها واري ميلي تي ڏٺو هيم. تنهن وقت ڪين بولڙيون پيل هونديون هيون. سندن حسن، نوخيزيءَ مان ٽپي، جوانيءَ تائين پهچي، تماشبينن لاءِ، باعث ڪشش هوندو هو. انتهائي شرير ۽ نٽ کٽ هونديون هيون. فن جي نکار، حسن پُر بهار ۾ خاص مقناطيسي چڪ ۽ ڪشش هوندي هين. تنهن وقت جا ساٿي فنڪار، سارنگيون، باجا، طبلا، ڳچيءَ ۽ چيلهه ۾ ڪپڙو ٻڌي، بيٺي بيٺي بيهي وڄائيندا هئا، جن ۾ خان صاحب عاشق علي خان خاص طور قابل ذڪر هوندو هو.

حسيني گولي، حسن نزاڪت سان گڏ، فن موسيقيءَ جي ماهر، خداداد نسواني آواز سان نوازيل، جنهن کي ملڪ موسيقي، ملڪ ترنم ۽ حسن نزاڪت جا ٽيئي گڏيل خطاب ڏيئي سگهجن ٿا. روشن آرا بيگم کي فقط هڪڙوئي "ملڪ موسيقيءَ" جو خطاب مليل آهي، پر سندس شڪل ڏسڻ سان هيبت طاري ٿيو وڃي. تنهن کان سواءِ، راڳداريءَ ۾ به، هڪڙوئي ڪلاسيڪل انگ اٿس. مون روشن آرا بيگم کي ٻالاپڻ ۾ به ڏٺو هو، جنهن وقت هوءَ بمبئيءَ ۾ خانصاحب عبدالڪريم کان سڪيا حاصل ڪندي هئي. تنهن کان پوءِ مون سندس عالم شباب وارو دور به ڏٺو، جڏهن هندو ڪالوني بمبئيءَ ۾، منهنجي بنگلي جي پاسي ۾ هڪڙي بنگلي ۾ رهندي هئي. تنهن کان پوءِ هڪڙي پوليس آفيسر سان شادي ڪرڻ جي باوجود به پنهنجي راڳداريءَ ۽ فن کي قائم رکيائين. اڄ ڏينهن تائين، ريڊيو، ٽيليويزن، فنڪشن ۽ وڏين وڏين پارٽين ۾، پنهنجي خداداد ذات ۽ محنت سان حاصل ڪيل ڪلاسيڪل فن موسيقيءَ جو مظاهرو ڪري، داد حاصل ڪندي رهي ٿي. ڪلاسيڪل موسيقيءَ کان سواءِ، گيتن، غزلن، ڪافين، واين، قوالين، مناجاتن، خمسه ۽ ٻيءَ هلڪي ڦلڪي موسيقيءَ کان اڻڄاڻ ۽ غير واقف آهي. "ڪلاسيڪل" اکر کي، مشڪل سمجهڻ ۾ اچڻ وارو چئي، هن جي فن کي صرف سنگيت جي ڄاڻن، عالمن ۽ ماهرن تائين محفوظ ۽ محدود رکان ٿو، ڇاڪاڻ ته اُهو عام ۽ عوام جي سمجهه کان بالاتر آهي.

ويد سنگيت، سرتال وديا ۽ ناچ انگ

سنگيتن ۾ اصليت کي ڏٺو وڃي ته سنسڪرت جي جن ويدن مان، سنگيت ناهيا ويا، جن کي گائيڪن، نائيڪن، گُنين، گندرونن ايجاد ڪري بام عروج تي پهچايو، تن جا نالا سامعين جي پرکڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏجن ٿا.

"رگ وِيد" مان راگ ٺهيو، "سام وِيد" مان ساز سرود، "نٽ وِيد" مان ناچ ٺهيو تہ "شام وِيد" مان عشق، رومانس ۽ سيڪس، "يجر وِيد" مان اداڪاري ۽ نرتڪاري، تہ "اٿر وِيد" مان وري اظهار جذبات. پر اڪثر ڪري راگ مالها کي روپ ڏيڻ وقت، رگ وِيد، اٿر وِيد ۽ شام وِيد کان ئي سبق ۽ گيان وٺي، سنگيت ٺاهيا ويندا آهن. نٽ وِيد، سام وِيد يا يجر وِيد انهن جي ئي مدد ۾ ڪم ايندا آهن، جن مان "نرتڪي" نرتڪاري ڪندي، جذباتن جي چترڪاري ڪندي آهي، جنهن کي گونگي شاعري بہ چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ اُنهيءَ ۾ جذبات ۽ ڪردار جي ترجماني ٿئي ٿي. درحقيقت راگ خود گونگو آهي. فقط آہ و فغان ۽ درد نهان کي اشارن ڪناين جي وسيلي ظاهر ڪري ٿو، جن کي ڪوين ۽ شاعرن شبد ۽ ٻول ڏنا.

هاڻي ڏسڻو اهو آهي تہ اهي سمورا وِيد، ڪائنات جي تخليق کان پوءِ، رشين، منين ۽ اوتارن لکيا، ٺاهيا ۽ ايجاد ڪيا: پر راگ تہ اڳاهون آهي، جنهن کي "سُر" چئي "ايشور" مجيو وڃي ٿو. چوندا آهن تہ "سُر ايشور آهي." جنهن کي "عشق ئي اظهار جو ذريعو بڻايو." مهاآتما، ايشور يا الله، ڪائنات جي تخليق ٿيڻ کان اڳ اڪيلو هو. انهي اڪيلائيءَ، يڪتائيءَ ۽ يڪسوئيءَ ۾ "واحد" هئڻ سبب دل ڀرجي آيس ۽ لڙڪ لڙي پيس- توبہ اَستغفرالله! آهي تہ بيمثال، پر چون ٿا تہ انهن لڙڪن کي مُنين ۾ جهليائين، جتي ڪيئي سوين هزارين سال، اُهي لڙڪ سندس منين ۾ رهيا. تنهن کان پوءِ انهن کي ٻنهي منين مان اڇلائي تارن ۽ ستارن جي سپرد ڪيائين. اُنهن لڙڪن جي نور مان پوءِ حسن جي جوت جاڳائي، پنهنجي محبوب کي پيدا ڪرڻ لاءِ، پوري ڪائنات تخليق ڪيائين، جن ۾ جن، ملائڪ ۽ فرشتن کان پوءِ آدم عليه السلام کي بہ جوڙيائين، جنهن کي ٻين مذهبن وارا پنهنجن پنهنجن نالن سان سڏين ٿا. آدم عليه السلام سان گڏ بيبي حوا جو جوڙ ڏيئي، تخليق ڪيل ڪائنات جو ڪيس خليفو اول مقرر ڪري، هوائن ۽ فضائن ۾ ئي ڪين هلائيندو رهيو. تان جو سندن ضروريات کي مدنظر رکندي، بهشت جوڙيائين ۽ ڪين اتي داخل ڪيائين. پر نفسياتي طور اتان اُڪتائجي، سندس رضامندي تي راضي ٿي، دانہ گندم کائي، حڪم عدولي ڪري، انهيءَ جنتي ماحول مان نڪري، هو دربدر ٿيا، ۽ اجا بہ سندن اولاد دربدر آهي.

اتي مون کي، مذهب اسلام کي هڪ پاسي رکي، هندو مذهب جي وِيدن مان "تال وديا" لاءِ سوچڻو پوي ٿو. "سر تہ ايشور آهي"، جنهن کي عشق جي ايجاد چئي آيو آهيان. پر تال وديا ڪٿان جنم ورتو ۽ ڪيئن عمل ۾ آئي! تنهن بابت هندو مذهب ثابت ڪري ٿو تہ "اهو شِوَ انگ آهي. "شِوَ" مهاديو ئي، مستيءَ ۾ اچي، ناچ ونگ، کي ترنگ ڏيئي، رنگ ۾ آئي، "پرٿوي" پيدا ڪئي- ڇاڪاڻ تہ هو "پار پتيءَ" کي پنهنجي سيني سان لڳائي، ڇهڻائي، چنبڙائي، آواره گرد ٿي، هوائن ۽ فضائن ۾ هلندو رهيو، ۽ ائين "تہ تہ تا، دِرک ڏُن ڏن" جا جوڙا ايجاد ڪري، پيرن

جي ٽپ ٽپ سان زمين پيدا ڪري، پار پتيءَ کي سيني تان لاهي هيٺ رکيائين، جنهن ڪري ٽي اها تال وديا وجود ۾ آئي.

"تت" اکر "اوم تت ست" مان نڪتل آهي، جيڪو ايشور سان نسبت رکي ٿو. مالڪ کي ياد ڪرڻ، سندس عبادت، رياضت، بندگيءَ ۽ پرارٿنا ۾ به "اوم تت ست" جا اکر اُچاريا ويندا آهن. "درگ ڏن ڏن" ، شوَ مهاراج، تانڊو ناچ ۾ اچي، راڪشن کي ڊيڄارڻ ۽ زير ڪرڻ وقت، "تت ست" چئي، يعني ايشور پرميشور کي ياد ڪري، "درگ ڏن ڏن" سان ڊيڄاري، يُڌ ۾ سرسي وٺي، زير ڪندو هو، جنهن کي "تانڊو" ناچ چئجي ٿو.

پار پتيءَ جيڪو ناچ انگ پيش ڪيو آهي، سو ناردمنيءَ جو پيدا ڪيل زنانو ناچ "لاس" چئجي ٿو، جيڪو پارپتيءَ کان شروع ٿي، هلندي هلندي، "ڪرشن ليلا" ۾ اچي، راڌي، يشوڌرا ۽ ٻين گوپين سان گڏجي، خود پاڻ ڪرشن به ڪيو آهي. سندس بنسريءَ جون ڌنون به گهٽو ڪري انهي "لاس" رنگ ترنگ ۾ اچي، چرند پرند، جيت جانور کي موهي، متوالو بڻائي، ناچ نچائينديون هيون. سندس نُمري انگ، جنهن کي "ڪرشن پد" به چئجي ٿو، اُهو پڻ انهي زناني ناچ "لاس" جي لئه ڪاريءَ جي پيداوار آهي. جن کي گهٽو ڪري نسوانيت، نفسانيت، ڪام ديو ۽ سيڪس ۾ داخل ڪري سگهجي ٿو. "شام ويد" انهيءَ "ڪرشن ليلا" جو ئي ترجمان آهي، جيڪا ناردمنيءَ کان جنم وٺي، "لاس" نالو رکائي، پارپتيءَ تائين پهتي، ۽ پار پتيءَ کان پوءِ "شام ويد" ۾ اچي، ڪرشن ۽ گوپين جي "راس ليلائن" ۾ داخل ٿي.

مني نارد به شروع کان سيني اوتارن کي ريجهائيندو، ناچ نچائيندو، "ڪرشن ليلا" تائين پهچي، ڪرشن گوپين جي عشق ۽ رومانس ۾ اٿاڻو بڻجي، پاڻ ۾ انهن کي هڪٻئي سان ويڙهائيندو رهيو. يشوڌرا کي چوندو هو ته "ڪرشن جو پريم پيار راڌي سان آهي،" ته ٻئي پاسي وري راڌي کي چوندو هو ته "ڪرشن، يشوڌرا جو ئي آهي." ايتريقدر، جو سندن پريم رس، يوگ ۽ اپوگ ۾ بي مهل، بي موقعي، اوچتو اچي پرگهٽ ٿيندو هو ۽ انهن جو پريم رس ڦٽائيندو هو.

هندو مذهب جا ڪي برهمڻ ۽ پنڊت، پنهنجن ڪتائن ۽ ڏندڪتائن ۾ ڪرشن کي سورهن سؤ گوپين جو 'ڪان' ڪري سڏيندا هئا، ته ڪي وري سوا سؤ جو، پر گهٽو ڪري سورهن سؤ گوپين جو مشهور آهي. نارد مني، "راڌي" ۽ "يشوڌرا" ۾ سوڪنانه ساڙ پيدا ڪرڻ سان گڏ، ٻين گوپين ۾ به ساڳيو ساڙ پيدا ڪندو رهندو هو.

هڪڙي پيري راڌي ۽ يشوڌرا سان گڏ جملي گوپين ۾ منو ڪامنا پيدا ڪري، ڪام ڪروڌ ۾ آئي، مُني نارد پنهنجي چَل تي آنند ۾ اچي، ڪلهي ۾ لٽڪيل تنبورو وڄائيندو، ڪلندو، خوش ٿيندو هليو ويو. پوءِ جڏهن ڪرشن گوپين سان پريم

پيار ڪرڻ لاءِ پهتو، تہ سيني کي مڇريل ۽ ڪاوڙيل ڏٺائين، جيڪي ڪاننس منهن ڦيرائيندڙيون رهيون. ڪرشن سمجهي ويو تہ اهو ڇل مني نارد جو ئي پيدا ڪيل آهي. سو گوپين کي پرچاءِ ۾ آڻي، اهو ڏيکاريائين تہ آءٌ هڪ ئي وقت ۾ هر گوپيءَ سان گڏ آهيان. پوءِ انهن گوپين بہ ڏٺو تہ واقعي ڪرشن هر هڪ سان هو.

ڪرشن کي عشق ۽ رومانس جو "ڪيوپڊ" وانگر عشق ديوتا، ڪام ديو ۽ اوتار سمجهڻ ۾ مبالغو نہ ٿيندو. جنهن جون انيڪ "ڪرشن پد" نمريون بہ، جيئن مٿي چيو ويو، نسوانيت، نفسانيت، ڪامنا ۽ سيڪس کي اُپارين ٿيون. جنهن جي مثال لاءِ، انهن "ڪرشن پد" نمرين جا ڪجهہ ٻول بہ هيٺ ڏجن ٿا، جيڪي گائيڪ ۽ راڳي ڳائيندا آهن:

(١)

"موهے پنگهٽ پہ نندلال چهيڙ گيو رے -
ڪنڪر ماري، مٽڪي پهوري، موري آنگيا ڪا ڪرشن بند تور گيو رے-
موهے پنگهٽ پہ..."

(٢)

"ڪيسے بهروں پاني را، روڪے ماري گيل - گيل را."

(٣)

"پياں پروں ميں تورے، چهور ڪے نہ جا سياں مورے."

(٤)

"مُندري موري، ڪاهے ڪو چهيني..."

(٥)

"پيا بن ناهيں آوت چين."

(٦)

"ڏگر چلت پڪڙ شام، بنياں مروري، جورا جوري، گلے لگا جائے."

(٧)

"جل جمنا ڪے نڪهٽ گهاٽ، پاني بهرن بهرن جات،
موهن موري مٽڪي پهوري - ڏگر چلت پڪر شام."

اهڙيءَ طرح سان ٻيون بہ ڪيئي سوين هزارين "نمريون" ۽ "ڪرشن پد" اچي سگهن ٿا. پر ڪتاب جي طوالت سبب، نموني خاطر، مختصر طور پيش ڪيون اٿم، جنهن مان معلوم ٿيندو تہ "ڪرشن" جو ڪردار "مهاڀارت" جي ڪورو-پاندو يدّ کان سواءِ "ڪرشن ليلا" وارين "راس ليلائن" ۾ ڇا هو؟ شروع ۾ ئي "ڪنهيو" چوائي، ٻين ٻين گهرن ۾ وڃي، مکڻ چورائي، ڪائي، ٻين ٻالڪن کي ڪاراني، ماڻيون ڀڃي ڇڏيندو هو. تنهن سان گڏ گهٽن گهيڙن، گهاٽن ۽ پنگهٽن تي وڃي، حسين رمڻين ۽ نازنينن جون گهگهريون ۽ مٽڪيون تير ڪمان سان توڙي،

"ڪنهيو" مان "ڪان" ٿيو، تہ "راس ليلائن" ۾ "ڪان" مان وري "شام" ٿي، "ڪرشن" بڻيو. سندس سڄو ڪرتب ۽ ڪرتيو حسن ۽ عشق، پريم پيار، نفسانيت ۽ نسوانيت تي مدار رکي ٿو، جنهن ۾ "لاس" ناچ جي رنگ ترنگ ۾ اچي، من چور ٿي، من مندر جي ديوتا کي پرسن ڪندو هو.

آءٌ ائين چوندس تہ "سُر" کي جيڪڏهن "ايشور" چئجي ٿو، تہ "گُر" کي "گرو" مڃيندي، اهو چوندس تہ گرو جي گيان کان سواءِ ايشور تائين رسائي حاصل ڪري ئي نٿي سگهجي. راڳ عشق جي ايجاد آهي. عشق پهرين الله کي لڳو، جنهنڪري ئي ساري ڪائنات تخليق ٿي ۽ عالم وجود ۾ آئي. باقي وڌيڪ خبر ڪيس ئي هوندي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ ئي عالم الغيب ۽ دانائي راز آهي. اسان جي فڪري رسائي اوستائين پهچي ئي نٿي سگهي. تنهن ڪري ئي آءٌ هن "ڪيئي ڪتاب" جي پهرئين جلد جي سرورق واري مضمون تي، "حسن ۾ نور، عشق ۾ سرور ۽ فن ۾ ظهور" چئي آڻو آهيان.

"تال وديا" کي گرو تسليم بہ موجوده دور جي مذهبي ٺيڪيدارن کان ڪڙ ڪندي ڪم ، ۽ پريرو ٿي، هندو مذهب مان "سام وِيد" ، "يجر وِيد" ۽ نٽ وِيد" جو سهارو وٺندي، "شوَ" مهاديو سان ناتو جوڙي، پرٿويءَ کي پيدا ڪندي، "تال وديا" کي جنم وٺندڙ چيم. پر جيڪڏهن مذهبي ڪتابن کي کولي ڏسون ٿا تہ، ڪٿي بہ "تال وديا" کي ڪفر نہ چيو ويو آهي ۽ نہ "سر وديا" کي. اهي حلال، حرام ۽ ڪفر ايمان جون تفريقون فقط اسان جي ملڪ جي مُلن موراثن، پنهنجون حديثون گهڙي ٺاهي، ڪيون آهن. ورنہ تخليق ڪائنات کان وٺي هن وقت تائين ڏسن ۾ ايندو تہ سڄيءَ ڪائنات جو دارومدار بہ ردم، لئہ ڪاريءَ ۽ تال وديا تي ئي آهي. ٽنگن ٻانهن ۽ دل جي حرڪات، سڪنات، ۽ وٽن ٽٽن، ولين ٻوٽن ۾، هوائن ۽ فضائن جي سرسراهٽن، جي ڏڙڪن، واچ جي ڪانٽن، چُرڻ ڦرڻ، هلڻ چلڻ، ڪائڻ پيئڻ، اُٿڻ ويهڻ، بلڪ ذري ذري ۾ ردم ۽ لئي ڪاري موجود آهي. ايتريقدر، جو جيڪڏهن انساني بدن، جسم، اعضا ۽ انگ انگ بہ جڏهن لئہ کان بي لئہ ٿين ٿا تہ ڪيئي افراتفريون، طوفان و حوادث، بيماريون، مرض ۽ خرابات لاحق ٿيو پون ۽ زندگيءَ تي موت غالب ٿيو وڃي. ازانسواءِ نظام ڪائنات ئي درهم برهم ٿيو وڃي.

اهڙيءَ طرح سان چرخ ڪُهن جو دارومدار بہ سڄو لئہ ڪاريءَ تي ئي آهي. جنهن لاءِ اسان جي مذهب جا ٺيڪيدار ملان موراثان ڪفر جون فتوائون ڏين ٿا. درحقيقت جيڪڏهن ردم ۽ لئہ ڪاري ختم ٿي وڃي، تہ پوءِ دنيا تہ خير پر عقبيٰ جو سرشتو بہ تنظيم کان نڪري، منتشر ۽ درهم برهم ٿي وڃي ها. جنهن ۾ محڪم نباتات، طبيعات، مابعد الطبيعات، حيوانيات ۽ فلڪيات جا ڄملي محڪما بہ انهيءَ زد ۾ اچي وڃن ها. نظامِ شمسيءَ جو سڄو ڪاروبار ختم ۽ فنا ٿي وڃي ها. پوءِ نہ دنيا جي ضرورت باقي رهي ها نہ عقبيٰ جي. جيڪڏهن لئہ، سر ۽ ردم

ڪفر ۽ حرام هجي ها، ته داؤد عليه السلام سُر سان لڳاءُ رکي، متركن ۽ وڏائن جي تال کي ڪيئن پسند ڪري ها؟ جنهن لاءِ "لحن داؤديءَ" جو مثال پيش ڪري سگهجي ٿو. تنهن کان سواءِ "قاضي القضاة" ، چيف جسٽس، جيد عالم مولانا رومي رحمت الله عليه به سر بازار، چانديءَ جا ورق ڪُٽي ٺاهڻ وارن جي مهرلن جي ٺڪائن واري تال تي، پنهنجي شاگردن، معتقدن، مريدن ۽ پيروڪارن سان گڏ، خود فراموشيءَ جي عالم ۾ پهچي، وجد ۾ اچي ناچ ڪيو آهي.

اسين ڪتان کان هلي ڪٽي پهتا آهيون. پر هاڻي وري موٽ وٺي، ساڳئي مضمون تي اچون ٿا.

- سو، انهيءَ ڪري ئي آءٌ، ابتدائي سنگيت سکيا کان ڪناره ڪش ٿي، سنگيتن کي بالائي تاڪ رکي، راڳ رنگ جي هلڪي ڦلڪي، لائيٽ ميوزڪ، ڏانهن متوجه ٿيس. جنهن ۾ فلم انڊسٽريءَ جو وڏو احسان آهي. جنهن سنگيت کي، عالمانه تگ و دو ۽ جستجو مان ڪڍي، عاميانه ۽ عوام فهم راڳ رنگ ڏانهن متوجه ڪيو- جنهن ۾ گيت، غزل، فلمي ڌنن ۽ طرزن جو اڀياس ڪندي، ڪئين تجربا ۽ معلوماتون حاصل ڪرڻ کان پوءِ به انقلابي نظمن تي ڌنون ٺاهي، ڳائي وڄائي، وري به واپس پنهنجي انهيءَ سنڌي فوڪ رنگ ۾ پهتس، جنهن جي تکي ۾ تکيءَ لئه تي، آه و فغان ۽ درد نهان جي جذباتن جي مصوري ٿي سگهي ٿي. تنهن سان گڏ گيت، غزل ۽ انقلابي نظم به ساڻ ئي رهيا.

تنهن کان سواءِ، ماهر سنگيت، ڪلاسيڪل ڳائڻ وارن ۾، اهو ڪريا ڪرم به نه رهيو، جنهن جي "ميگهه" ڳائڻ سان مينهن وسندا هئا، جيڪي "ديپڪ" راڳ جي لڳايل باهين کي وسائڻ ۾ مدد ڪري، "هنڊول" راڳ سان ٻنگها جهولاتيندا هئا، "پيرو" راڳ کي عبادت ۽ رياضت ۾ آڻي، اَلڪ جاڳائي، پڳوان يا خدا کي ريجهائي، "سريراڳ" جي وجد انگيز مٿن سريلن سرن ۾، حسن ۽ حسين ديوين جو درشن ڪرائي، ڪائي ۽ مدبي راڳ، "مالڪوس" کان ڊيڄاريندا هئا، جنهن ۾ "رڪب" ۽ "پنچم" لڳائڻ سان، ارائسته پيرائسته، خوبصورت، حسين جميل، مه جبين، نازنين، "پيروي" ديوي، ناز و انداز ۽ آهُن دانهن سان نمودار ٿي ٿي.

پر اڄڪلهه جي ڪلاسيڪل گوين جي گائيڪي، ڪوئي ۽ بررگن جي ٺاهيل درپدن، خيالن، ٺمرين، ترانن ۽ ٽپن جي مٿان، ايڏو ته غالب هوندي آهي، جو اکرن کي سمجهڻ وارا به ڪيس سمجهي نه سگهندا آهن. اول ته "خيال" ۾ فقط آستائي ۽ انتروئي هوندو آهي، پر جيڪڏهن ڪو وڏو "خيال" هوندو آهي ته اُنهيءَ ۾ به "سنچاريءَ" ۽ "اِيوگ" جو اضافو ڪري سگهجي ٿو. پوءِ، انهيءَ جي مٿان به، اگر "راڳداري" يا "گوائي" غالب هجي، ته شاعر جي شاعري، ڪويءَ جي "ڪويتا" جو به خدائي حافظ آهي. تنهن کان سواءِ، موجوده گويا ۽ گائيڪ، فقط لڪير جا فقير بنجي، پراڻا ۽ فرسوده، وڏن جا ترتيب ڏنل ۽ ٺاهيل خيال، بار بار دهرائي رهيا

آهن، جن ۾ ڪابه جدت جديد ناهي.

ڳالهه هلي پئي سريلن، سمجهدارن ۽ فنڪارائن حسيني، گولي، ولايت جان، ۽ روشن آرا بيگم جي، جن کان پوءِ وري نورجهان جي پيٽ ڪرٽي هئي، تہ وڃي راڳن ۽ راڳين جي فلاسافيءَ ۾ پياسين. تنهن ڪري، انهيءَ کي مختصر ڪري، وري اچون ٿا، پنهنجي انهيءَ ساڳئي مضمون تي.

ملڪ ترنم نورجهان جا بہ سڀيئي دور ياد اٿم. ابتدائي بي بي نورجهان وارو فلمي دور، ٻيو ڊانس پارٽيءَ ۽ ويرائٽي پروگرامن وارو دور، ٽيون فلمي دنيا ۾ هيروئن بڻجي اچڻ وارو عروجي دور، چوٿون سيد شوڪت حسين رضويءَ سان شادي ڪري سندس اولادي اوقاتي ٽيڻ وارو دور، پنجون 'پلي بٽڪ سنگر' بڻجي پنهنجي آواز جي جادو جاڳائڻ وارو دور، ڇهون نسواني ۽ نفساني دباءَ ۾ اچي آزاد رويءَ وارو دور جيڪو اجا تائين بہ ساٿس شامل حال بڻجي هلندو اچي ٿو. پر، انهن جملي دورن ۾ بہ فقط هڪڙوئي خطاب، ملڪ ترنم جو حاصل ڪري سگهي.

پر "گولي" مرحومہ کي، جيڪڏهن مبالغو نہ سمجهيو وڃي تہ موسيقيءَ، ترنم ۽ ملڪ حسن نزاڪت جو خطاب بہ ڏيئي سگهجي ٿو. پاڻ نازڪ، نفيس، تهذيب و تمدن جي دلداده، بامروت، بااخلاق، بااخلاص، فنڪاره هوندي آهي.

تنهن وقت، ولايت جان، عاشق علي خان کي هٿ ڪري، ڪانئس تعليم حاصل ڪئي. هن جي فن موسيقيءَ، حُسن ۽ سخائي حسن جو، اڪثر و بيشتر، وڏن متمول ۽ امير تماشبينن، وڏيرن، رئيسن، نوابن ۽ سيدن پيرن ۾، چڙپچو ۽ چرچو هوندو هو. انهن منزلن ۾، رئيس مير محمد خان مدواڻي، سيد قبول محمد شاهہ ۽ سرائي نبي بخش خان پيش پيش هوندا هئا، جن وٽان مليل مينهون ڏيگيون، سندس دروازي تي بڏيون بيٺيون هونديون هيون. جن جو ڪير پي، رت وڏائي، جوانيءَ ۽ حسن کي برقرار، قائم ۽ سلامت رکندي هئي.

سيد قبول محمد شاه پنهنجي رياست جو راجا، حد کان زياده حسن پرست ۽ عياش هوندو هو. انهيءَ حسن پرستيءَ جي پٺيان، راڳداريءَ سان دل لڳائي، راڳين کي بہ نوازيندو رهندو هو. پاڻ انهيءَ سلسلي ۽ معاملي ۾، هندستان جو بہ ڪافي سير سفر ڪندو رهيو، جتي بہ حسن جي تلاش ۾ ئي سرگردان رهندو هو. طبيعت جو سخي، وسيع القلب، خوش خلق، نرم دل، حساس ۽ ٿور ڳالهائو، يارن جو يار، دوستن جو غمخوار هوندو هو. سياست ۾ بہ ٿورو گهڻو بهرو ورتائين، پر مون وانگر، سياسي شطرنج تي ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ سگهيو. مگر تنهن هوندي بہ مقامي سياست ۾، هميشه، بهره زن رهندو هو.

رئيس مير محمد خان مدواڻيءَ، بيراج جي اچڻ کان پوءِ، وڏو زميندار بڻجي، مثالي آبادين ڪري، چڱو ناٿو ڪمايو، جنهن کي سخا ۾ آٿي، خدا جو دوست ٿي، راڄن پاڳن، عزيزن قريبن، معذورن، ضرورتمندن، مسڪينن، محتاجن، غريبن، فقيرن ۽

يارن دوستارن ۾ ورهائي، تقسيم ڪري، چڱو نالو ڪڍيائين. پري آستانن ۾ اچي، سدا سهاڳئين سان سنگت سنگتڙي رکي، ناز بردار بڻجي، پرستش ڪرڻ جو اهو پهريون شروعاتي دور هيس. ڪيس فارسي شاعريءَ سان به تمام گهڻو لڳاءُ هوندو هو، جن ۾ "سعدي"، "رومي"، "حافظ" ۽ "عمر خيام" جي شاعريءَ جو اگر ڪيس ياد حافظ چئجي، ته به مبالغو نه ٿيندو. پاڻ وڏو ظريف به هوندو هو، پاڻ سميت سدا سهاڳئين تي نڪتچيني ڪري، ٻين کي ڪلائي خوش ڪرڻ ۾ ئي، پنهنجي خوشي محسوس ڪندو هو. ظرافت ۾ اچي، مٿي تان پٽڪڙي لاهي، جيڪا بلڪل هلڪڙي هوندي هيس، مٿي ۾ پيل گهُپ، ڏک، سَر ۽ نشان ڏيکاري، چوندو هو ته "اهي حسينن جي سٺنڊلن جا نشان آهن." حالانڪ، درحقيقت، اُهي نشان ننڍي هوندي جي راند روند ۾ ئي لڳل هئس.

سندس فرزند ارجمند، رئيس نصير محمد خان مدوائيءَ، سان به منهنجا اهڙائي تعلقات آهن، جهڙا سندس والد محترم، مير محمد خان سان هئا. سندن پوئين شاديءَ ۾ اتي وڃي ڳارائي وڃارائي، جذبات ۾ آئي چوٽ چاڙهي، بي اولادي هٽ ڪري، مستيءَ، ابداليءَ ۽ جنون ۾ اچي، اولاد جون دعائون ڏيئي آيس، جنهن مان ڪيس پٽڙا ڄاوا. اڄ ڏينهن تائين، پهرئين ڄاول وڏي پٽ کي، منهنجين ئي دعائن سان منسوب ڪندو آهي. پر افسوس، منهنجن پٽن جي خطن ۽ طهرن تي پاڻ اچي نه سگهيو.

سرائي نبي بخش خان به، هڪ متمول چڱن زميندارن مان، وڏو حسن پرست ۽ راڳ رنگ جو دلداده هوندو هو. تر جي ويجهو رهاڪو هئڻ ڪري، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، جيسلمير ۽ مارواڙ جي ٺڪرن سان صحبت ۾ اچي، آفيم جو عادي بڻجي پيو. اهو شغل پڇاڙيءَ تائين قائم رکيائين، جنهن ئي شايد سندس انت آندو. ولايت جان سان، مٿين انهن ٽنهي صاحبن جا تعلقات هوندا هئا، جيڪا منهنجي ميلي "گل غيبيءَ" تي به ڪيترائي پيرا پنهنجي حسن ۽ فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ ايندي رهي، جتي چڱا ڏوڪڙ حاصل ڪندي ۽ ڪمائيندي هئي.

انهيءَ ميلي تي به وڏيرن، رئيسن ۽ اميرن جون پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان چڪريون ۽ مقابلا هوندا هئا، جيڪي پيسا ڏوڪڙ ڏيڻ جي سخا ڏيکارڻ ۾ طرفين کان وري وري ڪشر ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا هئا. آخر ۾ ٻٽوسين ته ولايت جان، سرائي نبي بخش خان سان وفادار رهي. مون به ڏٺو ته سرائي نبي بخش جي پٽ جي شاديءَ تي، پنهنجي ڊانسر پاٽيجيءَ کي ساڻ ڪري، "گاڏ" ۾ آئي. ماسيءَ پاٽيجيءَ ٻنهي ڇٽين پنهنجي فن جو چڱو خاصو مظاهرو ڪيو. سرائي نبي بخش خان جو حڪم هو ته "ولايت جان ۽ سندس پاٽيجيءَ کان سواءِ ٻيو ڪوبه ڳائڻو ۽ فنڪار ميرن جي مک مجلس ۾ ڪونه ڳائيندو: شاديءَ ۾ آيل ٻيا ڳائڻا ۽ ناچو، ٻاهرين چٽن ۾ وڃي ڳائين". جيڪي بازارن وانگر فرلانگ ڪن تائين پڪڙيل هئا. جتي رهيل ڄاڻين ۽ مهمانن کي، ٽرئڪٽر جي ٽرالي ۾ ديڳيون رکي، ڪاڏو پهچايو ويو ٿي.

انهن ڇنن ۾ بہ ڇوڻطرف، جيڏانهن ڪيڏانهن، ڳائڻا وڄائڻا ٽڙيل پڪڙيل هئا، جن جي دهلن، باجن، پکوازن ۽ طبلن ڏما چوڪڙي مچائي ڇڏي هئي. آءٌ چمڙا پوش ڪري، مٽي تي پٽڪو ٻڌي، منهن تي ٻوٽارو چاڙهي، انهن ميڙي نما ڇنن جو معائنو ڪري، واپس بنگلي تي پهتس، جنهن جو هڪڙو خاص ڪمرو منهنجي تنهائيءَ ۽ تخليي لاءِ مخصوص هو. آءٌ جڏهن واپس اتي پهتس تہ ولايت جي پاٽيجي ڊانس ڪري رهي هئي. مون رپئي رپئي وارن نوٽن جا ٻُڪ ڀري، گلاب جي گل وارين پنکڙين وانگر مٿانئس وسايا ۽ ورکا ڪئي، جيڪي هزارن جي تعداد ۾، ٻيا ماڻهو چونڊيندا رهيا. پر انهن ڪليل نوٽن جي وسائڻ ۽ ورکا ڪرڻ جو انداز انوکو، نرالو ۽ عجيب هو، جو شاديءَ ۾ شريڪ ٿيل دعوتي، مير، پير، سيد، وڏيرا، نواب، رئيس ۽ امير حيران ٿي ويا ۽ سڄيءَ شاديءَ ۾ منهنجو نالو نمايان ۽ آشڪار ٿي ويو.

جنهن تي، منهنجو ٻڌي، شاديءَ ۾ آيل راڳي، ڳائڻا وڄائڻا، ناچو، ۽ فنڪار اُميد رکي، انهيءَ مخصوص محفل ۽ مجلس ۾ حاضر ٿي ويا. جن کي بہ، ولايت ۽ سندس پاٽيجيءَ کان پوءِ، وارو ڏيئي، ڳارائي، ورسايم، تان جو صبح ٿي ويو. علي الصبح سيد قاسم علي شاهہ ۽ سندس جوڙ وارن کي ڳائڻ جو وارو ڏنم، جنهن سان گڏ اسحاق ڪارو مڱٽهار ۽ منهنجي شاگرد علڻ فقير ڊولڪ نواز، رس رچائي، مچ مچائي، مجلس کي ايڏو تہ گرم ڪيو، جو لاهور کان آيل ولايت کي بہ، ٻين سان گڏ، روئيندي ڏٺم. سرائي نبي بخش مون کان نهايت خوش ۽ متاثر ٿي چوڻ لڳو تہ "رئيس صاحب! تنهنجن انهن احسانن لاهڻ جو موقعو، مون کي الاتجي ڪڏهن ملندو!"

سفر، ملاقاتون ۽ محفلون

ڳالهہ هلي پئي سمن شاهہ جُي ميلي جي، جنهن کي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ، ڪامريڊن لڳايو: محمد پناهہ رند جي صحبت ۾ سرائي نبي بخش، پير جمن شاهہ ٻوڙي، سرائي پير بخش، رائيس امام علي خان لغاريءَ ۽ ٻين دڪايو، تہ مون وري اتي وڃي ثقافتي رنگ کي چوٽيءَ تي چاڙهي، پيڙ پڙڪائي مچ مچايو.

جنهن وقت مون کي سمن شاهہ جي ميلي جي خبر منهنجن فنڪارن، خاص طور سيد قاسم علي شاهہ کان پيئي، تہ هڪدم سانباها ڪري، تيار ٿي، ويس قاسم علي شاهہ ۽ ٻين فنڪارن کي، بندوبست ڪرڻ خاطر، اڳواڻ ٿي موڪلي ڇڏيم. آءٌ وري خان صاحب منظور علي خان، طفيل شهدادپوري، بلاول بيلجم باجي ماسٽر شاهو خان ڪلوئي، علڻ فقير ڊولڪ نواز سان گڏ، رئيس حاجي غلام محمد خان نظامانيءَ جي جيپ تي سوار ٿي، جنهن ۾ پاڻ بہ گڏ هو، تلهار، ٽنڊو باگي کان ٽيندا، پنگريو پار ڪري، جڏهن سمن شاهہ جي قبي کي ڏٺم، تہ اکين ۾

ڙڪ لڙي آيا. قل پڙهي، بخشي، دعائون ڏيئي وئي، جنهن وقت ميڙي ۾ داخل
ٿياسين، تہ قاسم علي شاهہ، حاجي صديق وادي ۽ ٻين ڪيترن ئي فنڪارن کي
ٻنهنجي راهہ تڪيندي انتظاري ڏٺم. اُتي ئي جيپ مان لهي، اچا ساڻن ملايا ئي مس
ٿياسين تہ پريان ڪامريڊ غلام حسين سومري، محمد پناهہ رند ۽ سرائي نبي بخش
خان کي پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺم، جي، مون سان ملي، پنهنجن جملي فنڪارن سميت
پاڻ سان گڏ وئي، سندن منزل گاهہ واريءَ ڪئمپ جي تنبن طولانن ۾ آيا، جتي پير
سمن شاهہ ٻوڙي، سرائي نبي بخش خان، آچار پٽيل ميمڻ ۽ ٻين ڪيترن ئي معززين
سان ملاقات ٿي.

اهو سج غروب ٿيڻ جو وقت هو. فنڪارن ۽ خدمتگارن، جيپ مان سامان
لاهي، سرائي صاحب واري تنبوءَ ۾ رکايو. مون، هٿ منهن ڌوئي، واش ڪري، آسي
پاسي نظر ڊوڙائي تہ باورچي، پٽ جي ديگن ديگڙن رڌڻ ۽ ڪڪڙ سيخ ڪري پچائڻ
۾ مصروف هئا. وات پاڻي پاڻي ٿي ويو. زبان کي چپن تان ڦيرائيندي، وري جو ٻئي
پاسي نظر ڊوڙايم تہ نگاهون مووي ڪئميرا وانگر ڦرنديون، سڄي ميلي جي
ڪاسي ڪنديون، واپس اچي سمن شاهہ جي سفيد سفيد، چمڪندڙ ۽ روشن قبي
ي ٿي پهتيون.

سڀني يارن دوستارن ۽ فنڪارن سان گڏجي، درگاهہ تي پهچي، زيارت
ڪري، قل بخشي، واپس موٽياسين، تہ وات تي هڪڙي فنڪار جو مزيد اضافو ٿيو.
هو هو اُنهي دور جي پاون وڄائڻ وارو خميسو جنجهي ۽ موجوده دور جو مشهور
مغوزي نواز، بين وڄائڻ وارو خان صاحب خميسو خان، جيڪو تازو بين الاقوامي
فنڪار بڻجي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري، پنهنجو ڏاڪو ڄمائي آيو آهي. اها
ڪميٽ ڪيس ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي پروڊيوسرن کان حاصل ٿي، ورنہ ڪنهن وقت تہ
بيچارو مختصر سنڌي ڪافين جون طرزون، ڌنون ۽ لهرا وڄائيندو هو. ايتري قدر جو
نہ ڪاريءَ جي بہ خبر ۽ ڄاڻ ڪانہ هوندي هيس. اهي پاوا اڪثر ڪري، اسان جي
ڙ پٽ وارين ٻهراڙين ۾، ڌنار، پنهوار ۽ ڌراڙ، پنهنجو وقت پورو ڪرڻ ۽ دل کي
ندرائڻ خاطر، وڄائيندا هئا، جنهن ۾ "لئہ تار" جي ڪابہ ضرورت ڪانہ هوندي
هئي. ڇاڪاڻ تہ انهي وقت جي پاون ۽ موجوده دور جي الغورن ۽ بين ۾ ازخود لئہ
وجود هوندي آهي پر خميسي خان. اسان جي دربار جو فنڪار بڻجي، اسان جي
ٻ اسڪول مان، مختلف فنڪارن سان گڏ رهي، لئہ تار ۽ سُر حاصل ڪري، پاڻ کي
منڪايو. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ موجوده دور جا فنڪار، فن چور بڻجي، ڌن چورائي،
لاٽون ڪندا وتندا آهن، حالانڪ انهن لاءِ فن سان گڏ، نمڪ حلال بہ ٿيڻ ضروري
و. پر هو فن، من، ڌن سڀ حرام ڪري ٿا ڇڏين. خوشيءَ جي ڳالهہ آهي، جو
ميسو خان انهن مان نہ آهي.

اسان جي فنڪارن جو اهو قافلو، جڏهن رهائشگاهہ وارن تنبن طولانن تائين

پهتو، تہ انهن تنبن طولانن جي اڳيان چٽيل ميدانن ۽ پوئي تي، وڏا وڏا گلم پنجاهہ سؤ فوٽن جا وڇايل هئا تہ سيراندي ۽ ڪان پنجاهہ سٽ بسترا ويڙهيل، سرهاڻي طور رکيل هئا. اهو انتظام ڏسي، زبان مان بيساختہ واہ واہ نڪري ويئي، جنهن جي داد وٺڻ لاءِ مرد مجاهد محمد پناهہ رند ڊوڙي آيو. ايندي شرط پڇيائين تہ "بندوبست ۽ انتظام ٺيڪ آهي يا نہ..." جنهن تي اسان وري بہ واہ واہ ڪندي، ان جو داد ڏنو.

جيئن تہ رات ٿي چڪي هئي، نيل گگن هيٺان ستارا جهرمر جهرمر ڪندا، اُڪسائي رهيا هئا تہ راڳ رنگ جي محفل شروع ٿيڻ گهرجي، "حق حق، برحق، لاشڪ!" جو نعرو هڻي، سمن شاهہ کي ياد ڪندي، فنڪارن کي حڪم ڏنم تہ محفل مچايو، جيڪي پنهنجا ساز سامان ڪڍي، "حق حق لاشڪ" چوندا "سمن شاهہ زنده باد" جا نعرا هڻندا، اچي اُتي حاضر ٿيا. ساز کولي، پهرين پهرين آرڪيسٽرا جو اٿم پيش ڪيائون، جيڪو سندن ئي ترتيب ڏنل هو، انهيءَ آرڪيسٽرا ۾ بلاول بيلجم بينجو تي، مهاراج ويريان جيڪو پڻ اسان سان گڏ ماتليءَ ڪان شامل سفر هو ۽ نهايت خوبصورت، حسين، نازنين بينجو نواز ليڪيو ويندو هو، جنهن جون مسڪراهٽون، انهن مسڪراهٽن ۾ پيل سونو ڏند، فن جي مظاهري ڪرڻ وقت، ايڏو تہ سهڻو ۽ حسين لڳندو هو، جو محفل سان گڏ وقت کي بہ جهولاڻي جهومائي ڇڏيندو هو- بلاول بيلجم جي نگرانيءَ ۾، علڻ فقير ڊولڪ نواز جي ڊولڪ سان گڏ، اهو مهاراج ويريان جو نغمو ۽ آرڪيسٽرا ايڏو تہ ڪامياب ويو، جو سڄيءَ محفل ۽ مجلس کي اُن بُت بڻائي ڇڏيو. بلاول بيلجم ۽ مهاراج ويريان جي بينجن، شاهو خان ڪلوئيءَ جي باجي، ۽ علڻ فقير جي ڊولڪ ۾، انهيءَ نغمي کان پوءِ، خميسي خان جنجهيءَ کي، انهيءَ ساڳئي جوڙ سان، پنجن منٽن جو وقت ڏنم، جنهن پنجن منٽن جي بجاءِ پندرهن مُنٽ ورتا، ۽ رنگ لاٿي ڇڏيائين.

تنهن کان پوءِ، راڳ رنگ جو دور دورو شروع ٿيو، جنهن ۾ پهريائين طفيل شهدادپوريءَ فريدڻ جون ڪافيون ۽ ڪلام ٻڌايا. جنهن کان پوءِ وري سيد قاسم علي شاهہ دلو ڪٽي ميدان ۾ آيو. هيڏن سازن سازندن هوندي بہ، يڪتاري جي هڪڙيءَ وجداني، وحداني ۽ ويداني تار کي ملائي، يڪتارو مُٺ ۾ جهليائين ۽ هڪ وڏي هڪل ڪري، ڊولڪ نواز علڻ فقير کي هوشيار ڪيائين. باجا، بينجا ۽ سندس شاگرد ٻالڪا، ساٿس ٻٽ ٿي ويا. وحدت جي انهن ڪلامن جو جوڙو پورا ڪري، آسمان کي لوڏيائين. هڪڙو ڪلام سسئيءَ مان، لطيف سائينءَ جي بيتن ۽ ڏوهيڙن سان ٻڌائي، مجلس کي محفوظ ۽ محظوظ ڪيائين. تنهن سان گڏ مارئيءَ جو بہ هڪ ڪافي، لطيف سائينءَ جي بيتن ۽ ڏوهيڙن سان گڏ، ٻڌائي خوش ڪيائين جنهن ۾ مارئيءَ جو سيل ۽ ست، ساٿيهہ جي سڪ، وطن جي اُڪير، دنياوي لاڄ ۽ نفساني خواهشن کي شڪست ڏيئي، مارئيءَ جي ستئيتا ۽ سچائي ڏيکاري ماحول کي محويت، بيخوديءَ ۽ سرشاريءَ ۾ آڻي ڇڏيائين.

اُنهيءَ ڪان پوءِ، خان صاحب منظور علي خان، اُنن جي تنگن جيڏا وڏا تنبورا، تانپورا ڪٽي ميدان ۾ آيو. ساز ملائي، الڪ جاڳائي، سُر رچائي، ڪلاسيڪل ۾ وقت جو راڳ شروع ڪيائين. حالانڪ قاسم علي شاهه جي جگري آواز، لوڪ رس ۾، لطيف سائينءَ جي بيتن، واين ۽ ڪافين ڪلامن کي نورشاهي رنگ ڏنگ ۽ ترنگ سان ايڏو تہ رنگ رچايو، جو ٻئي ڪنهن ڳائڻ واري جي همت، جرئت ۽ مجال ئي نہ هئي، جو اُتي مقابلن ڳائي ۽ رس ڄمائي؛ پر اهو منظور علي خان ئي هو، جنهن بدعتن کان پاسو ڪندي، صاف ستڙو ۽ پاڪيزه رهي، فقط راڳ کي ئي پنهنجو محبوب بڻائي، ان سان لنڙن لڳائي، عبادت رياضت ڪري، سالها سال جي اٿڻڪ محنتن مشقتن کان پوءِ، گڻ حاصل ڪيو هو- چاڪاڻ تہ سندس شهرت، عزت، ننگ ناموس ۽ معاش بہ انهيءَ راڳداريءَ سان ئي وابستہ هو. خان صاحب منظور علي خان جي صرف هڪڙيءَ 'ها' ئي محفل تي سڪتو طاريءَ ڪري ڇڏيو، جنهن بلمپت ۾ شروع ڪيل وقت جي راڳ کي، دُرت تائين پهچائي داد تحسين حاصل ڪيو. تنهن کان پوءِ، هن غزل، ڪافيون ۽ ڪلام ڳائي، هلڪي ڦلڪي رنگ ۾ محفل کي جهولائي، جام ڏوڪڙ ۽ مال پاڻي ڪمائي، پنهنجي انٽم کي پورو ڪيو. اهڙيءَ طرح سان، اڳيان سازيندڙ ۽ راڳيندڙ بہ ڪافي ڪجهہ ورسيا ۽ خوش ٿيا.

جنهن کان پوءِ وري بہ سامعين، ٻڌندڙن، سريلن، رسيلن جي اها تقاضا ٿئي، تہ اجا بہ قاسم علي شاهہ، اسان کي پنجن تنن جي صفت ساراهہ ٻڌائي. انهيءَ وقت رات جا چار لڳي چڪا هئا. قاسم علي شاهہ، عوام جي اسرار تي، ٻيهر ميدان ۾ اچي، ڪرب و بلا جو ذڪر ڇيڙي، ماڻهن کي اوچنگارون ڏياري ڳاڙيو. تنهن وقت رات جا پنج لڳا هئا. اهڙيءَ طرح سان سمن شاهہ واريءَ دربار ۾ اها پهرين مجلس بخير و خوبي، وحداني، وجداني ۽ ويداني ڪيفيت جي بلندين ۾ پهچي ختم ٿي.

انهيءَ غشي بيهوشيءَ ۾، رڌل پڪل طعام ٻين پيٽو، بڪين ۽ دنيا وارن تہ ٻائي ڏؤ ڪيو، پر منهنجو ۽ مون سان گڏ آيل فنڪارن لاءِ رڪيل ڪاڏو ٿڌو ٿي ويو هو، جيڪو محمد پناهہ رند ۽ ڪامريڊ غلام حسين سومري جي ڪوشش ۽ همت سان، ٻيهر گرم ڪرائي ڪاڏوسين. پر جيئن تہ ماني ڪائڻ جي مهل ٿري ۽ پوري ٿي ٻڪي هئي، تنهن ڪري وٿندو اڻ وٿندو ڪري، ٿوري گهڻي پيٽ پوڄا ڪري، ٻين فنڪارن کي اُتي ئي ڇڏي، سيد سمن شاهہ سان، ٻئي سال اچڻ جو واعدو ڪري، خان صاحب منظور علي خان، طفيل، بلاول، ويريان ۽ حاجي غلام محمد خان کي ساڻ ڪري، جيپ ۾ سوار ٿي، واپس روانا ٿياسين، تہ پنگريي جي پرسان، سج ڪني ڪڍي. انهيءَ نظاري کان متاثر ٿي، اهو پنجيتاليهن چائيتاليهن ميلن جو سفر ورو ڪري ماتليءَ پهتاسين.

سڄيءَ رات جي اوجاڳي سان گڏ، مستيءَ ۽ قلندريءَ واري محفل، الوڙي ولوڙي ڇڏيو هو. پر تنهن هوندي به، منظور علي خان وارن اجازت گهري- ڇاڪاڻ ته سندن رزق، معاش ۽ محفلون، رات جاڳڻ سان ئي هونديون آهن؛ انهيءَ رات جو اوجاڳو به انهن لاءِ حسب معمول هو. تنهن ڪري ڪين اجازت ڏيئي ئي پئي. باقي بلاول بيلجم ۽ مهاراج ويريان، ماءُ نيسٽ ۾ ئي ترسي پيا. مهاراج ويريان کي صاف سٿرو بسترو مهيا ڪيو ويو، جنهن ٿڪاوٽ سبب خوب ڊوڙ سان آرام ڪيو. ٻئي پاسي بلاول بيلجم کي شراب جي باٽل، جنهن گذريل سڄي رات پيئڻ ۽ اوجاڳي ڪرڻ کان پوءِ به، پنهنجو پيئڻ ۽ اوجاڳو مسلسل جاري رکيو.

آءٌ جڏهن چار پنج ڪلاڪ آرام ڪرڻ کان پوءِ، هڪ بجي ڌاري ننڊ مان بيدار ٿي اُٿيس، ته خان صاحب بلاول بيلجم خان، اسڪاچ وهسڪيءَ جي هڪڙي بوتل ختم ڪري، ملازمن نوڪرن کان ٻيءَ بوتل جي تقاضا ڪندي، گارگند ڪري رهيو هو. پر مون سائس زور زبردستي ڪري، ڪيس، ٿورو گهڻو پڪل گوشت کارائي، سمهاري ڇڏيو. الله جنت نصيب ڪريس. منهنجو نهايت ادب ۽ احترام ڪندي، مون کي هميشه 'بابا' سڏيندو هو. تنهن کان سواءِ، منهنجي هر حڪم جي، بنا ڪنهن چون چُرا جي، تعميل ۽ تڪميل ڪندو هو.

بلاشبه، بلاول بيلجم هڪ نهايت عظيم، وڏو، بلند پايه ۽ بهترين فنڪار هو، جنهن ٻارن جي انهيءَ ڪيڏٽي، جهاني ساز "بينجي" کي چٽربينا ۽ ستار بڻائي وڄايو. ڪنهن به ڳائڻ واري جي انگ کي نه ڇڏيائين. پوءِ اهو يڪتاري ڪان وٺي، تانپوري تائين ڇو نه هجي! پاڻ پنهنجي مشرقي ديسي انگن، ڍنگن ۽ رنگن جي راڳداريءَ ۽ لئه ڪاريءَ کان ته اڳي ئي واقف هو، جنهن ۾ هندستان ۽ پاڪستان جا سڀيئي علائقا اچي وڃن ٿا. پر مغربي طرزن، ڌنن، راڳن ۽ سازن کان به گهڻي واقفيت هوندي هيس- ايٽريقدر جو، آفريڪي، عربي، ايراني، افغاني، ترڪي ۽ اسپينش فوڪ ميوزڪ سان گڏ، انهن جي فن موسيقي ۽ راڳن راڳڻين جي به ڪافي ڄاڻ، معلومات ۽ واقفيت هوندي هيس. آءٌ ته ڪيس علي الاعلان ۽ ببانگ دهل، عالمي ۽ بين الاقوامي فنڪار جو خطاب ڏيان ٿو. جيڪو مون کان فقط هڪڙو ئي هيءُ فنڪار بلال بيلجم ئي حاصل ڪري سگهيو آهي. خدا شال ڪيس جنت الفردوس ۾ جڳهه ڏئي، جتي نبي، ولي، غوث، قطب، ابدال ۽ ٻيا جنتي، سندس فن موسيقيءَ مان لطف اندوز ٿي سگهن. انهيءَ ڪري ئي ته الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي سندس جدائي ڏيئي، ڌار ڪري، ڪيس اسان کان ڪسي ورتو، ته جيئن اتي سندس محفلن ۽ مجلسن کي لطف ڏيئي، سرور بخشي سگهي. منجهس فقط هڪڙي ئي شراب جي ڪمزوري هوندي هئي، جنهن مان ڪڏهن به ڍاپي ڍوُ نه ڪيائين. هاڻي ته بهشت ۾ الله جو مهمان آهي، جنهن وٽ شراباً طهورا جا دُنگ ڀريا پيا آهن.

ٻئي سال جي محفل ۽ اختلاف

سمن شاهه سان ڪيل واعدي مطابق، ٻئي سال سفر سانياهي، خان صاحب منظور علي خان، طبلہ نواز ماسٽر جتي بخش، وائلن نواز نياز حسين، بينجو نواز مهاراج ويريان ۽ حاجي غلام محمد خان سان گڏ تيار ٿي، ساڳيو سفر طئي ڪري، ٻيهر سمن شاهه جي دربار ۾ پهتاسين، جتي سيد قاسم علي شاهه، ڊولڪ نواز علڻ فقير ۽ شاهو خان ڪلوئي سميت ٻيا ٻه ڪيئي فنڪار، يار، دلدار انتظار ڪري رهيا هئا. سال جي انهيءَ وچين عرصي ۾ ڇا وهيو، ڇا واپريو، ڪهڙا طوفان ۽ حادثا آيا، ڇا ڇا تبديليون ٿيون، ڪهڙا آيا ڪهڙا ويا، تن جو ذڪر يا تہ گذريل مضمونن ۾ اچي چڪو آهي يا وري ممڪن آهي تہ ايندڙ مضمونن ۾ اچي. هينئر هتي نہ صرف سمن شاهه ۽ سندس ياريءَ کي، وفادار بڻجي، نيائٽو آهي، پوءِ جيستائين ڀلي هلي ۽ چلي چلي.

جڏهن ميلي ۾ داخل ٿياسين تہ ساڳيا سراين وارا پڌ ۽ پٽ، تنبو ۽ طولان، ٻاڻ ڏانهن متوجہ ۽ آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. اتي پهچڻ سان ساڳين دوستن، سرد مجاهدن محمد پناهہ رند، سرائي نبي بخش خان، پير جمن شاهه ٻوڙي، ڪامريڊ غلام حسين سومرو ۽ ٻين يارن دوستارن، دلدارن، دلوارن، پيارن ۽ فنڪارن ساڳيون ڀلبريون ڏيکاري، وڏيءَ دل سان خوش آمديد چئي، ڏاڍي پيار، محبت، خلوص صداقت، اتساهہ اُڪير ۽ سڪ سان آءُ ڀڳت ڪندي، ترسائي رهائش پذير ڪيو.

چوندا آهن تہ "سج لڪائي ٻہ نہ لڪندو آهي" ، تيئن پنهنجي وٽليءَ واديءَ ۾ پهچڻ کان پوءِ چوطرف سڄي ميلي ۾ هوبو مچي ويو تہ راڳ رنگ جو بادشاهہ ۽ ثقافت جو سردار، ميدان تي اچي ويو آهي. راڳي، فنڪار، سازنده، سريلا، جوق در جوق، اسان واري انهيءَ ثقافتي دربار ۾ اچڻ ۽ پهچڻ لڳا. اسان ٻہ هٿ منهن ڌوئي، وضو ڪري، درگاهہ اندر وڃي حاضري ڀري. رهاڻ ڪري، جڏهن واپس پهتاسين تہ هزارين ماڻهن جو جهمگٽو ۽ مجموعو ڏسي، هڪٻئي کي سوالیہ نگاهن سان ڏسندا رهياسين. آخر اٿين واضح ٿيو تہ اهو گذريل سال جي راڳ رنگ وارين محفلن جو ئي ڪمال آهي، جو اڄ هيڏي ساري مخلوق خدا، ثقافتي رهاڻ ۽ رس مان مزو ماڻڻ ۽ فيضياب ٿيڻ لاءِ، اچي مڙي گڏ ٿي آهي.

انهن کي ڏسندي، سازندن ۽ راڳين کي ترتيب ڏيئي، راڳ رس شروع ڪرايم، جنهن ۾ حسب معمول، پهريائين جملي سازينو، بينجي، هارمونيم، طبلي ، ڊولڪين سان گڏ، نئين آيل فنڪار نياز حسين جي وائلن سان شروع ڪرايم. اُنهي رڪيسٽرا ۾ بلاول بيلجم جي ڪمي محسوس ٿي ٿي، جيڪو انهيءَ نغمي جو

ڪمپوزر ۽ پروڊيوسر بہ هو، پر جيئن تہ هو ريڊيو ۽ ٽي وي رڪارڊنگ خاطر لاهور ويل هو، تنهن ڪري وقت سر پهچي نہ سگهيو. تنهن هوندي بہ مهاراج ويريان جي فني صلاحيتن، حسين مسڪراهٽن، ناز و ادا جي نزاڪتن، انهيءَ ڪميءَ ۽ ڪوٽ کي پورو ڪري ڇڏيو. تنهن سان گڏ نياز حسين جو واٽلن بہ چيخون پڪارون ڪري، روئي، هوام کي هجر فراق جي دانهن ڏيئي، احساس بيدار ڪري، سهڪار وٺي رهيو هو. ماسٽر جتي بخش جي طبلي تہ شو مهاديو واري مستي ڏيکاري، وجد ۾ آئي ڇڏيو. شاهو خان ڪلوئيءَ جو باجو بہ آروهي آمروهيءَ ۾ تر تر، چر چر، مر مر ڪندي عوام کان تہ خير، پر فنڪارن کان بہ داد تحسين حاصل ڪندو رهيو. علڻ فقير جي ڊولڪ، ڦلا پُڄي، گهنگهرو وڄائي، نچائي ڇڏيو. سيد قاسم علي شاهہ جي دلي جو تہ ڪو جواب ئي نہ هو. سندس ڪهڙي تعريف ڪري ڪيتري ڪجي.

تنهن کان پوءِ، الڳ ٿلڳ جداگانہ، صرف نغمي تي، ماسٽر جتي بخش جو طبلو ٻڌوسين ۽ ٻڌرايوسين. انهيءَ طبلي کان اڳي، علڻ فقير ڊولڪ نواز بہ ساڳئي نغمي تي ڊولڪ وڄائي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري چڪو هو. اُنهيءَ کان پوءِ وري سنهن سنهن ۽ ننڍن ننڍن لوڪ رس ڳائڻن کي، ٻن ٻن ڪلامن جو وارو ڏيئي، رنگ رچائي، محفل مچائيسون، تہ جيئن هو بہ پنهنجين اُميدن کي ڪامياب بڻائي، معاش جو پورائو ڪري، خوش ٿي، دعائون ڏين. اُنهن ڳائڻن ۾ حاجي صديق وادو، امير بخش ميراثي، ڪنبو فقير مڱٿهار، حسين بخش ميراثي ۽ ڪيئي ٻيا بہ قابل ذڪر هئا. انهن سيني کان پوءِ، قاسم علي شاهہ کي، روئارڻ خاطر، پچاڙيءَ ۾ محفوظ رکي، منظور علي خان کي ميدان ۾ آندوسين، جنهن پنهنجن تانپورن جي ڳڻين مٿين کي ڇڪي، تارون ملائي، ڪلاسيڪل رنگ ۾ ڳائڻ شروع ڪيو. ۽ بلمپت کان دُرت تائين، ترانو پيش ڪري، ٽپي کي ٽپا ڏياريندي، مختصر ڪري، پورو ڪيو. ٿورو ساهہ کڻي، وري ٺمري پيش ڪيائين. تنهن کان پوءِ وري ڪافيون ۽ ڪلام چئي، پنهنجو اٿم پيش ڪيائين.

جنهن وقت سيد قاسم علي شاهہ کي سڏ ٿيو تہ ماڻهن ۾ هڪ قسم جو شور غوغا، هوہو ۽ طوفان مچي ويو. قاسم علي شاهہ ۽ سمن شاهہ جا نعرا لڳڻ شروع ٿي ويا. انهن جذباتي نعرن جي ڪري، وجد ۾ اچي، "ٻهاگ" مان، مصري شاهہ جي اُها ڪافي، سيني سازندن ۽ ڳائڻن سان گڏ، مون پاڻ پيش ڪئي، جنهن ۾، قاسم علي شاهہ سميت، سڀيئي منهنجو پيچو ڪندا رهيا. جنهن جا ٻول هتي پيش ڪريان ٿو:

جاني ڏسي تنهنجي جاءِ، ٿن تسالو ٿيون تسلائون.

جِت نهايت ناهي، حسن هدايت في هر شيءِ اِن،
سَبب تنهن جي ساءِ، ملڪ فلڪ سڀ موجون لايون،
جاني ڏسي تنهنجي جاءِ...

لاهي حجابا حورون پريون، چاڪ چشمن جي سان ڪيئي چريون،
اُلٽا ديد اڙائي، تجلا ڏيئي تو ترسايون،
جاني ڏسي تنهنجي جاءِ...

ڏاڍا ڏاڍايون ٿو ڏيکارين، سڪندن ڏي جي سنئون نهارين،
تہ ڪوڙئين (ڪروڙين) ڪرم سنداءِ، پانيان ٿو لک پال پلايون،
جاني ڏسي تنهنجي جاءِ...

جيئن ٿهي تيئن پريم ٿاهيو، "مصريءَ" کان پنهنجو منهن مرَ لڪايو،
پاند پيارل لاهِ، سهٽا سائين چڏ سَبرايون،
جاني ڏسي تنهنجي جاءِ...

انهيءَ ڪلام تي، سڄي پبلڪ ۽ عوام واہ واہ ڪري، شور مچائي، گوڙ ڪندي، هُل هوپو ڪري، نعرا لڳائي، داد ڏنو. انهيءَ شور غل، گوڙ گهمسان ۾، سيد قاسم علي شاهہ ائين چئي ڳاڻ شروع ڪيو تہ "بابا سائين! پنهنجي ڪافيءَ جي وڏاڻ سان اسان جو مٿو ڦاڙي، اڏو اڏ ڪري، رت وهائي، تنهن کان پوءِ هاڻي وري مون کان ڳارائين ٿو!" جنهن تي مون بسم الله چئي، سندس همت وڌائي، خود کي "بي سري" جو خطاب ڏيندي، ڪيس ڳائڻ جو حڪم ڪيو. تنهن تي پاڻ، مستيءَ ۾ اچي، چتو تي، اهڙو تہ ڳايائين، جو سڄيءَ محفل مٿان چانٽجي ويو. سڀيئي سڪتي ۾ اچي، وات ڦاڙيو، بت بڻيو، ڪيس ڏسندا ۽ تڪيندا ئي رهيا. تنهن کان پوءِ وري جو ڪرب و بلا جو ذڪر چيڙيائين، تہ ماڻهن کي اوچنگارون ۽ ڍِڍڪارون ڏياري، روناڙي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح، قاسم علي شاهہ جي ڳائڻ کان پوءِ، اها پهرين محفل برخاست ٿي.

انهيءَ محفل دوران ۽ وچ ۾ ٻہ ٽي اختلاف پيدا ٿي پيا. هڪڙو تہ ماڻهن جي تمام گهڻائي، رش ۽ مجموعي واري گوڙ گهمسان کي، انتظامي نقطي نگاهہ کان، محمد پناهہ ۽ سندس ماڻهن دڙڪا داب ڏيندي، گارگند ڪندي، اڍنگو ڳالهائيندي، دل آزاري ڪئي ٿي، جيڪا منهنجي حساس طبيعت جي برداشت کان ٻاهر هئي؛ ڇاڪاڻ تہ اُهي ماڻهو محض منهنجي ۽ سمن شاهہ جي دارالامان ۾ اچي، راڳ رنگ جي رنگينين ۽ دلچسپين مان فيضياب ۽ لطف اندوز ٿيڻ، وندرڻ ۽ دلي سڪون حاصل ڪرڻ خاطر آيل هئا، جيڪي آزرده ۽ رنجيده ٿي، ڪي تہ اُتان اٿي هليا ويا،

تہ ڪي وري نڪ جي نرڄائي ڪندا بيٺا رهيا. مون محمد پناهہ ۽ سندس حوارين کي گهٽو ئي ڪجهہ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جيئن تہ اهي نشي ۾ سرشار ۽ بدمست هئا، تنهن ڪري هن منهنجي ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي ئي ۽ اُلٽو انهن ماڻهن کي ئي قصور وار ٻڌائيندي، سندن ويتر وڌيڪ دل آزاري ڪئي ئي.

محفل هلندي، ڪي چند مقامي آفيسر ۽ ڪامورا، جن ۾ مختيارڪار ۽ صوبيدار بہ شامل هئا، اچانڪ پهچي ويا. محفل ۾ ويٽل سيپيئي رئيس، وڏيرا ۽ منتظمين، سندن آجيان ڪرڻ خاطر اٿي بيٺا. تنهن وقت خان صاحب منظور علي خان ڳائي رهيو هو. آءٌ راڳ کي وڏيڪ عزت اهميت ڏيندي ۽ قائم رکندي، انهيءَ غنودگيءَ، بيخوديءَ ۽ محويت جي عالم ۾ محو ئي رهيس. آسپاس ۽ هيڏانهن هوڏانهن جي مون کي ڪابہ سُڌ ۽ ڄاڻ ئي نہ هئي. جنهن تي هڪڙي وڏيري منهنجي محويت ٽوڙي، توجہ ڇڪائيندي چيو تہ "اُٿي....! اُٿي....!! اُٿي...!!! مختيارڪار صاحب ۽ صوبيدار صاحب جن آيا آهن....!!" اُنهيءَ تي مون انهيءَ وڏيري کي دڙڪا ڏيندي، ڪجهہ گهٽ وڌ ۽ ناشائستہ ڳالهايو. منهنجن انهن جملن تي رئيسائي ۽ وڏيرائي ذهنيت رکندڙن برو منايو، جن ۾ سرائي نبي بخش خان بہ شامل هو. اسان جي محفل ۾ آيل انهن آفيسرن ۽ ڪامورن بہ اهي اکر ٻڌا، جيڪي ٿورو وقت اتي ويهي، بغير ڪنهن احتجاج، اعتراض يا اصرار ڪرڻ جي، واپس هليا ويا. جنهن تي اُهي مجلسي وڏيرا، روڻ ران، گان گان ۽ تان تان جو بي سرو راڳ آلاپيندي، مون تي نڪتچيني ڪندي، چوڻ لڳا تہ "هاڻ الانجي ڇا ٿيندو؟" مون کين خاطري ڏيندي چيو تہ "ڪجهہ بہ نہ ٿيندو، جيڪڏهن ڪجهہ بہ ٿيو تہ آءٌ اوهان وٽ روبرو ويٺ آهيان. پاڻيهي منهن ڏيندس. اوهان ڪوبہ فڪر نہ ڪريو." پر تڏهن بہ اهي ڍڄندا ٽڙڪندا رهيا. راڳ رنگ جو سڄو مزو ڪرڪرو ٿي ويو، تہ آءٌ بہ بي مزي ۽ بيزاريءَ ۾ بڻجي، محفل ختم ڪري، واپس ماتليءَ روانو ٿي ويس.

اتان رواني ٿيڻ کان اڳ، يارن دوستارن، پيارن دلدارن، صلاحڪارن فنڪارن مون سان ملي، يڪراءِ ٿي، فيصلو ڪيو تہ "محل، بنگلا ۽ آرام جو جايون ماتليءَ ۾ ڇڏي، هتي محض فقير بڻجي، فقيرائي مجلس ۾، سمن شاهہ سان رهاڻ ڪرڻ لاءِ اچُجي ٿو. تنهن ڪري، تتين طولانن جي پاڻ کي ڪهڙي ضرورت آهي چو نہ اهو ثقافتي راڳ، رنگ روپ، رس رهاڻ درگاهہ ۾ ئي رچايو مچايو وڃي؟"

انهيءَ فيصلي کان پوءِ، سال بسال، درگاهہ جي احاطي ۾ پهچي، سندس پيراندي ڪان، نمن جي ڇانوَن ۾، يارن دوستارن، دلدارن دلوارن، مشير صلاحڪارن، پيارن ۽ فنڪارن، ميل ڪري ميلي کي مچايو، ناهيو، سينگاريو سجايو. جن ۾ فنڪارن ۽ شائقين جو بہ ويتر وڌ ۽ مسلسل اضافو ٿيو.

درگاهہ سمن ۽ نمن جون ڇانئون

جڏهن کان سراين جا تنبو طولان ڇڏي، درگاهہ ۾ اچي، سندس ئي دربار ۾ دونهين دڪاني، الڪ جاڳائي، محفل کي مچايوسين، تہ ڪيترن ئي نون پراڻن فنڪارن جو اضافو ٿيو. اهي نمن جون ڇانئون، سيدن جون دعائون، ٻئي ڏينهن ترسائڻ ۾ بہ ڪامياب ٿيون ٿي. ڇاڪاڻ تہ فرحت واري جاءِ، ڊوري جي ڪپ ۽ سمن واري مقبري جي وچ ۾، اسان جو پڙاءُ فنڪارن، فقيرن، موالين جون مجلسون، هوڪا ۽ نعرا وجد ۾ آئي، محو ۽ مست بڻائي ڇڏيندا هئا. وقت جي ڪابہ خير خبر ڪانہ پوندي هئي. "اڪ پورا پٽ!" وانگر ڏينهن گذري ويندو هو ۽ رات جو قافلو بہ تارن ستارن کي ساڻ ڪري، انڌيارن اُجيارن مان ٿيندو، جڏهن اسان وٽ پهچندو هو، تہ وحداني، وجداني ۽ ويداني ڪيفيت ۾، عزم بالجزم سان، موسيقي شروع ٿي ويندي هئي، جنهن ۾ الڳ الڳ، مختلف ڪيئي جداگانہ قسمن جا فنڪار رات وارا شبنمي لڙڪ وسائي ۽ واهي ڇڏيندا هئا، تہ ٻئي پاسي اهي رئيس، امير ۽ وڏيرا، پنهنجا پنهنجا تنبو طولان ڇڏي، اڪثر ڪري اسان جي انهن فقيرياڻين رس رهاڻين ۾، شريڪ ٿي ويندا هئا ۽ لطف اندوز ٿيندا هئا.

آخرڪار درگاهہ وارو اهو ثقافتي رنگ، جنهن جي ابتدا اسان جي جذباتن کان ٿيل هئي، وڌي ويجهي، وڃي انهيءَ حد تائين پهتو، جو انهيءَ درگاهہ جي الهندي واري احاطي کان خالي پيل وڏو پوٽو ۽ چٽيل ميدان بہ انهن فنڪارن، ناچوڙن، ڳائڻن ۽ ڳائڻين سان ايڏو تہ پرجي پُر ٿي ويندو هو، جو پير رکڻ ۽ تر چٽڻ جي جاءِ بہ باقي نہ بچندي هئي. پنجن پنجن ڏهن ڏهن فوٽن تي نت نوان ساز، نوان آواز، ٻڌڻ ۾ ايندا هئا.

درگاهہ جي اُترئين پاسي کان چَنائي حويليون هونديون هيون. اُپرندي پاسي کان وري پنج ڇهہ ڪچيون لانڊيون ٺهيل هونديون هيون، جن ۾ بہ نهايت حسين و جميل، پري پيڪر، ڳائڻيون، ناچڻيون ۽ رقاصائون منزل انداز ٿي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪنديون هيون. تنهن کان پوءِ، هڪ وڏو قبرستان هو، جنهن جي وچ ۾ بہ، ٽُڪرين ٽُڪرين، سجدن، پيرن ۽ اميرن جون محفلون لڳل هونديون هيون، جن ۾ مرد فنڪار ۽ حسين و جميل، گُداز بدن مه جبينون، نازنينون ۽ خوبصورت فنڪارائون، پنهنجي پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪري، داد وٺي، پيٽ پورائو ڪندا ۽ ڪنديون هيون. اهڙيءَ طرح سان اهو ميلو، ثقافتي رنگ ۾، عروج جي بلنديءَ تي پهچي ويو.

جمن جهونپڙا

ٻن ٽن سالن گذرڻ کان پوءِ، پير جمن شاهہ ٻوڙي بہ، انهيءَ وڏيراڻي رنگ کان جدا ۽ ڌار ٿي، الهندي طرف واري چٽيل ميدان جي اُترئين ڪناري کان، ڪچيون

اوڏڪيون پتيون ڪٽائي، اٽڪل روءِ ست اٺ ڪمرا ٺهرايا. خيال هيس تہ انهن کي داسن، پٽين ۽ پڪن ٽوئن جون ڇتيون ڏيئي، ٺهرائي مڪمل ڪرائي، حسين جادوگرڻين، فنڪارائن، ناچڻين ۽ رقاصائن کي مسواڙ تي ڏيئي، ناٿو ڪمائيو. ڇاڪاڻ تہ اهو ميلو سال کان پوءِ جمعراتن ۽ چنڊ جي پهرين جمعن تي بہ، سالياني ميلي وانگر ئي جوش و خروش ۾ اچي ٿائون هٽڻ لڳو هو، جنهن ۾ بہ اڪثر فنڪار، ناچوڙا ۽ حسين فنڪارائون اچي، پنهنجي روزي حاصل ڪنديون هيون.

پير جمن شاهہ ٻوڙي جو رئيسن، وڏيرن، سيدن، پيرن، اميرن، ڪامورن ۽ ڪامريڊن تي اثر هوندو هو، جيڪي ڪيس عقل وارو، دانشور، سخي ۽ مهمان نواز چئي، داد ڏيندا هئا.

هڪڙي سال اوچتو پير جمن شاهہ ٻوڙي جا، اهي ٺهيل ڪچا مڪان ڏسي، پڇائي معلوم ڪري، اُتي پهتس، تہ انهن مان هڪڙي وڏي ڪمري اندر ڏاڍو جهمگهٽو ۽ چهچٽو لڳو پيو هو. جن ۾ رئيس امام علي خان لغاري، رئيس احمد خان لغاري، آهوريءَ وارن لغارين کان سواءِ، ٻيا بہ ڪيئي امير، ڪبير، صغير، سيد ۽ پير بہ اُتي نظر آيا.

جيئن تہ پير جمن شاهہ ٻوڙي سان حجتون هونديون هيون، تنهن ڪري هٿ جو اشارو ڪندي پڇيومانس تہ "هي سڀ ڇا آهي؟" پاڻ جواب ۾ چيائين تہ "مهمانن لاءِ مهمان خانا ٺاهرايا اٿم. هاڻي توهان ئي ٻڌايو تہ انهن تي ڪهڙو نالو رکان؟" جنهن وقت مون کان انهن ڪمرن تي نالا رکڻ جو پڇيائين، تہ سڄيءَ مجلس کن ڪڙا ڪيا. خاص ڪري رئيس امام علي خان لغاري، جيڪو منهنجو پيارو دوست هئڻ سان گڏ، وڏو ادب نواز ۽ سخن فهم بہ هو، اهو پڻ سواليہ نظرن سان مون کي ڏسڻ لڳو. جنهن تي مون کين فٽافٽ في الب جواب ڏيندي چيو تہ "آءٌ پنهنجي طرفان انهن ڪمرن جو نالو 'جمن جهونپڙا' رکان ٿو." اهو ٻڌندي شرط سڀ خوش ٿي، خوب داد ڏيڻ لڳا.

اهڙيءَ طرح سان اُهي ڪمرا "جمن جهونپڙا" بڻجي، انهيءَ نالي سان سڏجڻ لڳا. مزيد ٻن سالن گذرڻ کان پوءِ، جڏهن سخت برساتون ۽ طوفان آيا، تن ۾ اهي "جمن جهونپڙا" ڊهي، مسمار ٿي، وهي ويا. تنهن سان گڏ اهو پڻ ٻڌوسين تہ پاڻ بہ راهہ رباني وٺي، وصال ڪري ويو. سندس اُهي آسون اُميدون بہ اٿپوريون ئي رهجي ويون، جن بابت ڪوبہ فيصلو ڪري نٿو سگهجي، تہ اها رضا رباني هئي يا سمن جي رنجش.

ڪڪڙي ۽ ڪڪڙ

جيئن تہ حسب معمول سمن شاهہ جي ميلي تي وڃڻ فرض سمجهي، عادي ٿي ويل هئاسين، تنهن ڪري هڪڙي سال سانباها ڪري، فنڪارن جي ٽافلي سمت

تيار ٿياسين، تہ منهنجي ننڍڙيءَ "منا"، جنهن سان سيني فنڪارن جو بہ پيار هوندو هو، پنهنجي وڇڙيل پاءُ "پرويز" کي، اهل مماتيءَ مان واپس موٽائڻ لاءِ، سندس پيار سان سانديل پاليل ڪڪڙي، جنهن سان سندس والهانہ پيار هو، جيڪا خاص سمن شاهہ لاءِ ئي پالي هئائين، مون کي ڏيئي، ٻالاپڻي، ناسمجهيءَ، پولاپڻ ۽ معصوميت جي انداز ۾ چيائين تہ "بابا انهيءَ ڪڪڙيءَ کي وري پاڻ سان گڏ واپس ڪٽي اچجو!" جنهن تي ڪاوڙ ڪندي چيومانس تہ "ڪڪڙيون ۽ ڪڪڙ تہ اتي ڪسڻ لاءِ وڃن ٿا، نہ کي واپس اچڻ لاءِ!"

پر آءٌ اهو ڏسي حيران ٿي ويس تہ اُها ڪڪڙي سمن جي درگاهہ اڳيان، اڳڻ، ايوان ۽ نمن جي ٽڏين چانئن ۾، ٻين سوين هزارين ڪڪڙن سان گڏ گهمندي، ڦرندي سير ڪندي رهي، مگر ان کي ڪنهن بہ نہ جهليو نہ پليو. جتي ٻيا ڪيئي سوين هزارين ڪڪڙ ڪسي ويا، اُتي اُها ڪڪڙي ٻہ راتيون ٻہ ڏينهن متواتر سمن شاهہ جي پڙ ۾ ٽيلارا ڪندي رهي. پروگرام پوري ڪرڻ کان پوءِ جڏهن ٽئين ڏينهن واپس موٽڻ لڳاسين، تہ "هڪڙي نم جي ٽاريءَ تي ويٺل اها ڪڪڙي اُتان ٽپ ڏيئي، اچي اسان سان گڏ، جيپ ۾ سوار ٿي، واپس ٻيهر ماتليءَ پهتي، جنهن کي ائين چئي ننڍڙيءَ منا جي حوالي ڪيو ويو تہ سمن شاهہ قياس ڪري، تنهنجيءَ پيار واريءَ پياريءَ ڪڪڙيءَ کي واپس ورايو آهي!"

پر جيئن تہ جنهن اُميد سان، اها ڪڪڙي موڪلي ويئي هئي تہ سندس پاءُ کي ورائي، سندس جاءِ تي ٻيو پيدا ڪري، سا اُميد پوري ٿيندي نہ ڏسي، ائين ٿو سمجهجي تہ شايد سمن کي قبول نہ پيئي. ڇاڪاڻ تہ سندس والده کي انهيءَ کان پوءِ رڳو دختر ئي دختر نصيب ٿيون، جن کي گذشتہ مضمون ۾ "مادر دختران" ڪري لکيو ويو آهي.

انهي وقت ڪڪڙن جو وڪرو نہ ٿيندو هو. آسروندا پنهنجون آسون اُميدون کٽي ڪڪڙ آئي درگاهہ تي ڇڏيندا هئا. پوءِ جنهن جو بہ جهٽ لڳندو هو تہ کٽي، جهلي، ڪهي، ديڳڙيءَ ۾ رڌي، پُجي پچائي کائي ڇڏيندا هئا. ڪانئن ڪوبہ پچا ڳاچا ڪرڻ وارو ڪونہ هوندو هو. اهڙيءَ طرح سان آسوندن جون آسون بہ پوريون ٿينديون هيون، تہ ڪڪڙن جا ٻوڙ پلاءُ بہ ملندا هئا. انهن آسوندن ۾ اڪثر ڪري پُٽن کي پنڻ وارا هوندا هئا.

تنهن کان پوءِ، سمن شاهہ جي پائٽئي، سيد جڙيل شاهہ، ميلي جو مالڪ بڻجي، ٻين ڪاروباري ڪمائين سان گڏ، ڪڪڙ وڪڻڻ بہ شروع ڪيا. ميڙي وارن دوڪاندارن اوطاقن وارن، رئيسن، وڏيرن، فنڪارن ۽ مهمانن کي تہ وڪرو ڪري ڏيندو هو، پر ٽرڪن جا ٽرڪ ڀري، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ وڪرو ڪري، ناٿو ڏوڪڙ ڪمائيندو هو. پوءِ ڪڏهن تہ اُهي ٽرڪن ۾ ڀري اُماٽيل ڪڪڙ واٽ ۾ ئي مري ويندا هئا. اهڙيءَ طرح سان جڙيل شاهہ جي ڪڪڙن جو تہ ڪاروبار ڪلي ويو، پر تڏهن بہ عقيدت مندن جي عقيدت منديءَ ۾ ڪوبہ ڦيرو نہ آيو.

تنهن سان گڏ جڙيل شاهه جي رويي ۾ ڏينهون ڏينهن، سال بسال، ڪثرت
شراب نوشيءَ جي ڪري، سختي وڌندي ويئي. هر ڪنهن ڳالهه ۾ پنهنجن حوارين
مشيرن ۽ صلاحڪارن جي چوڻ ۾ اچي، مسواڙون وڌائيندو، نت نوان تڪڪم
لڳائيندو، جبر ڪندو رهندو هو، جنهن ۾ ٻين سان گڏوگڏ، فنڪارن ۽ فنڪارائن کي
به نه بخشيائين.

جزا، سزا ۽ دعا

اُنهيءَ سال ثقافتي رنگ ۾ ميلو پنهنجي عروج ۽ شباب تي پهتل هو. جتي
منهنجيءَ دربار ۾ به فنڪارن جو تعداد بيحد وڌيل هو. جن ۾ خان صاحب منظور
علي خان، خان صاحب خورشيد علي خان، دين محمد ماڙيچو، ماسٽر جتي بخش
سندس شاگرديائي نسيم، سيد قاسم علي شاهه، محمد اسحاق ڪارو ۽ علڻ فقير
ڊولڪ نواز سان گڏ سندس ڀائيجا، ڪرڙ ۽ ڪنڊو، به شامل هئا. پر جيئن ته
منهنجي دربار ۾ ڳائڻن جو تعداد معمول کان وڌيل هو، تنهن ڪري اسحاق ڪارو
علڻ ۽ سندس ڀائيجا ڪرڙ ۽ ڪنڊو، بنا موڪلائڻ جي ڪائي پي اُٿي هليا ويا، جو
اسان جي محفل جي اُترئين پاسي، "سمن" ۽ اسان جي وچ ۾، وڃي ڏاڍوڪڙي مچائي
آءٌ ته اڳي ئي مٿانئن ناراض هيس، ڇاڪاڻ ته هڪڙيءَ ٻيڙيءَ جي پارٽيءَ ۾
منهنجي چوڻ جي باوجود به، شامل نه ٿيا هئا. ويتر هينئر سمن ۽ اسان جي وچ
ڪانجاڻون بڻجي، منهنجي درباري رس کي وڃائڻ لڳا هئا. ڪاري جو آواز ۽ علڻ جو
پڪواز جا ٽڪا، منهنجي سيني ۾ لڳي رهيا هئا. تنهن هوندي به، رنجيده خاطر
ٿي، ڪين ڏهين ڏهين جا نوٽ ڪڍي ڏنم- جيڪي بلڪل ويجهڙا ٿي، منهنجي
سيراندي کان شور مچائي رهيا هئا. هوننئن ڳائڻ لاءِ ته ڪين ٻئي پاسي ڪافي ملڪ
ميدان به هو.

جنهن وقت اسان جي محفل ۽ مجلس ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو رنگ شروع ٿيو،
ردم وڄائڻ واري جي ڪمي ۽ ڪوٽ محسوس ڪئيسون، ڇاڪاڻ ته منهنجو شاگرد
علڻ، رفاقتي ڪري، فن ورهائي، پنهنجي الڳ پاٽاري ٺاهي، مقابلي ۾ اچي چڪو
هو، ۽ خان صاحب غلا محمد خان طبلہ نواز، جنهن کي ننڍي هوندي کان وٺي،
غلامون ڪري سڏيندو آهيان (جيڪو ماسٽر جتي بخش جو شاگرد هو)، اچڻ هو
سو پنهنجي واعدي جو پالڻ نه ڪري، فضل علي شاهه ڄاموٽ، المعروف ايس- گ
سان گڏ لاهور ويل هو. تنهن ڪري اسان جي انهيءَ سڄيءَ محفل جي سيني ڳائڻ
جو دارومدار ۽ بوجهه، ردم ڪار جي حيثيت ۾ منهنجي پراڻي ساٿي دوست ۽ عم
رسيده بزرگ ماسٽر جتي بخش تي اچي پيو، جيڪو ٽيهن سالن کان طبلو ڇڙي
رڳو ڊانس ڊائريڪٽر بڻجي، ناچ سيکاريندو ۽ ناچ انگ وڃائيندو رهيو هو- جنهن
ڪيئي ناميارين رقاصائون تيار ڪيائين، جن ۾ تارا، ستاره، الڪ ننڍا، ميد

آزوري، صوفيہ بانو ۽ ممتاز علي ڪٽڪ سان گڏ، پيون بہ ڪيئي ڊانسرون سڪيا ڏيئي تيار ڪيائين: سندس انهن شاگردياڻين منجهان هڪڙي شاگرد نسيم بانو پڻ اسان واريءَ انهيءَ محفل ۾ موجود هئي، جنهن سان طبلو وڄائي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻو هيس.

پر سندس شاگرد خان صاحب غلام محمد خان جي نہ اچڻ ڪري ۽ علڻ جي جدا ٿيڻ سبب، ٽيهن سالن کان چڏيل طبلو، سمن ۽ منهنجي دربار کي پنهنجو سمجهي، ڏکندڙ هٿن سان وڄايائين، جيڪو ڪنهن وقت صرف خان صاحب عبدالڪريم سان گڏ بمبئيءَ ۾ ئي وڄائيندو هو. تنهن کان سواءِ هيراٻائي بڙودڪر ۽ ملڪہ موسيقي روشن آرا بيگم سان پڻ وڄائيندو هو، جيڪي ڪيس "استاد! استاد!!" چئي، نهايت عزت ۽ احترام سان پيش ايندیون هيون.

پر منهنجي حڪم جو احترام ڪندي، "سرڪار، حاضر!" چئي، ڏکندڙ هٿن سان لٺ جو ڪانٽو برابر رکي، هن اهڙيءَ طرح طبلو وڄايو، جو وار برابر بہ لٺ نہ گهٽجي ٿي ۽ نہ وڌي ٿي. اڪثر ڪري وڏي ۾ وڏا ڳائڻ وارا گائيڪ بہ انهيءَ لٺ جو ڪانٽو برابر رکي نہ سگهندا آهن. ڪڏهن گهٽ تہ ڪڏهن وڌ ٿي ويندي اٿن. پر جيئن تہ ماسٽر جتي بخش هڪ پراڻو لٺ ڪار، ردم ڪار ۽ طبلي جو موجد شاعر هو، جنهن لٺ کي ڪسو پڪو ڪرڻ پنهنجي لاءِ عيب ۽ گائيڪ لاءِ گناهہ سمجهيو ٿي.

ٻيا گائيڪ تہ ڪيس پنهنجو برگزيده بزرگ سمجهي ادب ۽ احترام ۾ ئي رهيا. باقي فقط منظور علي خان ئي اهڙو هو، جيڪو سندس لٺ جي پختگيءَ کي سمجهندي ۽ ڏسندي بہ هيڏانهن هوڏانهن، اڳتي پوئتي ٽيندو رهيو ۽ منهنجي تنبيهہ ڪرڻ تي "چاچا" چئي، ادب ڪندي بہ، هن قصوروار جتي بخش کي ٺهرايو، جيڪا انهن پنجابي گوين جي پرائي خانداني عادت آهي تہ ٻين جي گلا ڪجي. جنهن تي آءٌ بي ادب چئي ڪانئس پري ۽ دور رهڻ لڳس. حالانڪ منظور علي خان ابتدائي ۽ شروعاتي دور، ٻالاپڻ، کان وٺي مون سان ئي وابستہ رهيو، جنهن ۾ ڪيئي شاديون مراديون، عيدون براتون، ميلا ملاکڙا، محفلون ۽ مجلسون ڪندي، شهرت سان گڏ فن ۽ ڌن بہ حاصل ڪيائين. پر انهيءَ هڪڙيءَ ئي بي اديءَ جي پاداش ۾، بقول ڪنهن شاعر:

"عمر ساريءَ جي عبادت، تر هڪڙي تازار ڪئي،
ويو هٿي هنڌو ڪٽي، ڪعبيَ اندر ڪافر ڏٺم."

پڳل ٽٽل هيري کي تہ وينجهر جوڙي ٺاهي سگهندا هوندا، پر دل جو هيرو ٽٽڻ کان پوءِ تہ ڳنڍجي ئي نٿو سگهجي. اهڙيءَ طرح سان منظور علي خان کي ٻچڙو ڪري پاليم. سندس والد جمال خان ۽ چاچو پير بخش خان تہ ٻين ڪلاسيڪل ڳائيندڙن سان گڏ، منهنجي فقيري دربار جا گائيڪ هئا، جن جون جملي ناز برداريون ڪنندو هيس. تنهن کان پوءِ سندن انهيءَ ٻچڙي منظور علي خان سان بہ والهانہ پيار

رهيو. پر انهيءَ مٿين بي ادبيءَ کان پوءِ، جتي به ملندا هئاسين ته سائس اهو پيار نه ڪندو هيس، جنهن جو پاڻ لائق هو. تنهن هوندي به ادب مراد ٻر رهندي، مون کي پنهنجو وڏو ۽ بزرگ سمجهي، ماڻهن کي هميشه ائين چوندو رهندو هو ته "رئيس صاحب جي اڳيان ڳائڻ ۽ پنهنجي فن پيش ڪرڻ ٻر، مون کي مزو اچي ٿو، ڇاڪاڻ ته فن شناس ۽ رمز آشنا سان گڏ، اسان جو سرپرست به آهي ۽ نندي هوندي کان وٺي سندس ئي هٿ ٻر نپيا آهيون."

ڳالهه هلي رهي هئي، سمن جي محفل جي، ته وڃي تنقيد ڪفر ٻر پياسين- خير، اُها محفل رات جو ٻين بجي ختم ڪري، ميلي جي احاطي ٻر چڪر ڏيڻ لا نڪتس، ته هڪڙيءَ جاءِ تي قاسم علي شاهه ڳائي رهيو هو. سندس جوڙ ٻر، علڻ ڊولڪ ۽ سندس ڀاڻيجا باجو وڄائي ڳائي رهيا هئا. مون کانئن باجو ڦري، سائس وڄائي، ڪيس مستيءَ، ڪيف و جنون ٻر آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڏٺم ته سندس آواز ويٺل هو، تنهن ڪري محض اشارن سان ئي ڳائيندو رهيو. مون مٿانئس قياس ڪري، ڪيس ڏهين جو نوٽ ڏنو. تنهن کان پوءِ علڻ ۽ سندس ڀاڻيجن کان پڇيم ته "سمن ۽ اسان جي وچ ٻر مچايل ننڍيءَ تي اوهان کي گهٽا ڏوڪڙ مليا؟" جن ٻڌايو ته "اوهان وارن ڏهين ڏهين جي ڏنل نوٽن کان سواءِ ٻيا پندرهن ويهه رپيا به بمشڪل مليا هوندا!" اسحاق ڪاري بابت معلوم ٿيو ته "بُخار چڙهي ويو اٿس ۽ هو سمهي رهيو آهي."

آءٌ ڪانئن موڪلائي، واپس پنهنجي پاڻاريءَ تي پهتس، جتي باقي بچيل رات آرام ڪري، جڏهن علي الصبح ننڊ مان بيدار ٿيس، ته سمن واري مقبري جي ديوار سان لڳ ويٺل، هڪڙو جهونو پراڻو ابدال دوست ڏٺم، جنهن سان سمن شاهه واري انهيءَ ميلي تي ڪيترن ئي سالن کان متواتر ملاقاتون ٿيندڙ هيون. سو انهيءَ وقت پاڳل پٽي وارين عجيب و غريب فيصلہ ڪن مسڪراهٽن سان مون کي ڏسي رهيو هو. وري جو مٿي نظر ڊوڙايم، ته نم جي تاري، تي "منا" واري ڏنل ڪڙيءَ کي صحيح سالم ويٺل ڏٺم، جيڪا منهنجي ڏسن شرط، ڦڙڪو ڪائي اُڏامي، مقبري طرف هلي ويئي. اهو ڏسندي، جڏهن مون ٻيهر وري، انهيءَ ابدال فقير ڏانهن پنهنجي نظر ڊوڙائي ته هو به ساڳين ئي مسڪراهٽن سان مسڪرائي رهيو هو. ساڳئي وقت ڏٺم ته علڻ- چيلهه ٻيٽيءَ، ٻانهون ڊگهيون، سڌيون گوڏن کان هيٺ لڙڪيل، سڪل حالت ٻر- اچي منهنجن پيرن ٻر ڪريو. آءٌ سندس اهو حال ڏسي، حيران ٿي ويس ته هڪڙي بهترين ڊولڪ نواز، پهرئين نمبر پڪوازيءَ جو هيڙو حال! شال خدا خير ڪري جنهن تي، اکين مان لڙڪ ڳاڙيندي، چيائين ته "سائين! منهنجو ته هيءُ حال ٿي ويو آهي. مون کي دعا ڪريو!" جنهن تي مون سمن شاهه جي قبي ڏانهن اشارو ڪري بخشائڻ ۽ دعا گهرڻ جي ڪيس تلقين ڪئي. پر جهڙيءَ طرح ڪمان مان نڪتل تير واپس نٿو اچي، اهڙيءَ طرح ولين، درويشن ۽ ابدالن جي رنجش به بدلجي نٿي سگهي تنهن ڪري، پاڻ انهيءَ بيماريءَ ٻر چڙندو ئي رهيو. ڪنهن به حڪيم، طبيب

اڪثر ڪي اها خبر نہ پيئي تہ ڪيس ڪهڙي بيماري آهي! ساڳيءَ طرح سان اسحاق ڪارو بہ، ڪيترين ئي مشڪلاتن ۾ اچي، وري بہ آخر ۾، ولين ۽ درويشن جي دعائن ۽ مدد سان نڪري پار پيو، جنهن ۾ يڪي خاصخيليءَ سان گڏ جيپ چورائڻ جي الزام ۾ بي دريافتو جيل بہ ڪاٽيائين، تنهن سان گڏ پوليس جون بي عزتيون پڻ سٺائين. ايتريقدر، جو سندس ڪلوئي بلوچن جو سڄو راڄ بہ ڪانئس رُسي ويو، جن جي پرچائڻ خاطر عثمان ڪچيءَ راڳيءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي، مون وٽ پهتو، جتي ڊڪارون ڪري روئي، پيرين پيئي، بخشائي، ائين چوندي تہ "اسان جي زالن کي بہ ڪلوئي ڪٽائڻ لاءِ رٽائون رٽي ۽ سٺائون سٺي رهيا آهن." پاڻ سان گڏ وٺي ويو، تتي ڪيس اهو سارو راڄ پاڳ پرچائي ڏنم. تنهن سان گڏ، علڻ کي بہ دعائون ڪندو هيس، جيڪو پنهنجي حياتيءَ جا باقي ڏينهن، عشرت ۽ ڪمپرسيءَ جي عالم ۾ گذاريندو رهيو. پر ايترو ضرور ٿيو تہ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڊولڪ وڄائي، پنهنجي ناڪشوري ڪمائيندو رهيو.

اهڙيءَ طرح سان، انهيءَ سال جو ميلو بہ اتفاقن، اختلافن، مزن بدمزگين، محبتن ڪلفتن، رسن رهاڻين ۾ ئي بسر ٿيو، جتان ڪيئي يادگيريون، حادثا ۽ پچارون ٿي، ٻئي سال پهچڻ لاءِ آسرا ۽ اميدون رکي، واپس ماتليءَ پهتاسين.

جڙيل شاهہ سان اختلاف ۽ مائي ڀاڳي

ڏينهن، مهينا ۽ سال گذرندي دير ئي ڪانہ ٿي لڳي. حياتيءَ جا ڏينهن وڃن پهتبا. اهڙيءَ طرح سان ٻئي سال وارو اهو وقت اچي ويو، جو زائرين زيارت ڪرڻ خاطر سانباها ڪرڻ لڳا. آءٌ تہ اڳي ئي سمن جو معتقد ۽ يار هيس. تنهن ڪري مقرره وقت تي تيار ٿي، گلم ۽ غاليچا وڇارائي، پنهنجن يارن دوستارن، پيارن لوارن ۽ فنڪارن سان گڏ، اجا اچي اتي ويٺو ئي مس هيس، تہ جڙيل شاهہ جا ڀواري ڊوڙي آيا، تہ "موٽر کي ٻاهر بيهاريو وڃي. اهڙيون ڪيئي موٽرون سمن شاهہ جي ئي ڏنيون آهن!" جنهن تي جواب ۾ مون ڪين چيو تہ "سمن جي وقت ۾ تہ موٽرون هيون ئي ڪين! اسين بہ اُٺن تي اچي، ساٿس ياري نپائيندا هئاسين!! چاڪاڻ اسان جو تعلق ساٿن پيري مريديءَ وارو نہ هو، بلڪ روحاني، معرفتي ۽ ياريءَ جو هو."

جيئن تہ آءٌ ساٿن جوش و خروش، غصي ۽ ڪاوڙ مان ڳالهائي رهيو هيس، تهن ڪري هو حيل بڻجي، حيران ٿي، هيسجي چوڻ لڳا تہ "اسان کي سائين جڙيل شاهہ پاڳاري جو اهڙو حڪم ڪيل آهي." جنهن تي مون ڪين وراڻيو تہ "جڙيل شاهہ جي مون ڏانهن موڪليو تہ اچي پاڻ روبرو مون سان ڳالهائي!" اهو ٻڌڻ سان، اهي وان ٿا چوڪرا سهمي، ڊڄي، ساهہ مٽ ۾ ڪري، واپس هليا ويا.

ٿوريءَ دير کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو تہ جڙيل شاهہ پاڻ انهن کي سخت تنبيهہ ڪندي چيو تہ "توهان هن مست سان اهڙيءَ طرح سان چو پيش آيا، جنهن خود ميلي

ڪي مچائي، ثقافتي رنگن سان سينگاري، وڏائي، ويجهائي، عروج تي رسايو ۽ پهچايو آهي!" جڙيل شاهه کان اهڙو سخت، ڪورو، خشڪ ۽ تُرش جواب ٻڌي، اُهي ويچارا شرمسار ٿي، ڦلهڙو ٻوٽ بڻائي، ٻين ڪمن ڪارين ۾ مشغول ٿي ويا.

مون به انهيءَ سال ميلي ۾ ڪجهه تبديليون ڏٺيون، جن ۾ درگاهه اندر داخل ٿيڻ واري رستي ڪي، جتان جيپون ۽ موٽرون ايندیون هيون، ديوار ڏياري، دروازي تي سرن سان چاڙهيون ٻڌايل هيون، جتان فقط پيادل ماڻهو ئي اچي وڃي سگهيا ٿي. جيپون ۽ موٽرون ڪمپائونڊ جي ٻاهران ئي بيهاريون ٿي ويون. پر جيئن ته مون کي اها عادت پيل هئي ته سواريءَ کي پنهنجو گهر سمجهي، درگاهه ۾ پنهنجي پڙاءَ جي پرسان ئي بيهاريندو هيس- انهيءَ سال ته خدا جي فضل و ڪرم سان، پنهنجي برٿنڊ نيو "ڪارٽينا" ڪار، ڪراچيءَ مان تازو خريد ڪري، مٿس سوار ٿي ميڙي تي پهتو هيس- پر اندر وڃڻ جو رستو نه ڏسي، موٽر کي روس ڪري، اُيرندي پاسي کان ڦري، اندر داخل ٿيڻ لاءِ، گس ڳولڻ لڳس، جيڪو مون کي سجهندو هو، جتان جيپ ۾ سوار ٿي، جهنگل جي خيال کان، جهنگل ۾ وڃبو هو.

جنهن وقت انهيءَ جاءِ تي پهتاسين ته اتي به تاڪ تاڪ جي بجاءِ، ڪنڊن جو وڏو لوڙهو پُريان تار ڏٺل هو، جتان فقط هڪڙي هڪڙي ماڻهوءَ جي اچڻ وڃڻ لاءِ ٻيسانگي انگيو لڳل هو، جنهن کي مون پنهنجن ڪارندن کان ڪيارائي، لوڙهي کي پٽارائي، گس ناهي، موٽر کي وٺي وڃي پنهنجيءَ پاڻاريءَ لڳ بيهاريو، جنهن تي اُهي چوڪرا غوغا ڪري، شور مچائي، اُچي ڏمڪيون ڏيڻ لڳا هئا. پر، پنهنجي هلندي پڇندي نه ڏسي، ماڻ ميڻ ۾ وري به واپس هليا ويا هئا.

اسين جنهن وقت پنهنجيءَ پاڻاريءَ تي منزل انداز ٿياسين، ته سڄي ميلي ۾ آيل فنڪار به جوق در جوق، حاضريون پرڻ لڳا، جن ۾ سيد قاسم علي شاهه، عثمان، منو ۽ هاشم ڪچي برادران، حاجي صديق وادو، امير بخش ميراثي بديٺائي، شيخ حاجي عبدالله، حيدر ڪوسو، مراد فقير، سوماريو ۽ آچاريو، ٽيئي ٽري ڏاڍي، ڪيئي ناچوڙن جا جوڙ ۽ ٻيا طوائفا قابل ذڪر هئا. تنهن کان سواءِ مائي ڀاڳي، جنهن کي اڄڪلهه جي ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي آفيسرن ۽ سرڪاري تقريباتن جي اٿڙا ڏائريڪٽرن سونو تاج پهرايو، انهيءَ وقت منهنجي محفل جي سامهون، ڊپ تي رلي وڃايو، ويني، ويچارين، آزرده ۽ نماڻين نظرن سان نهاريندي رهندي هئي. تنهن ڪري، مٿس قياس ڪري، ڪيس پنهنجي محفل ۾ ڳارائيندو، ڪمارائيندو ۽ ڪٽرائيندو هيس. ڪڏهن ڪڏهن ته پاڻ سان گڏ به ڳرائيندو هيس. پوءِ ڪيترائي ماڻهو ته منهنجي خوشامد ڪري، مون تان پئسا ڏوڪڙ گهوري ڏيندا هئا، ته اهي به ڪيس ئي ڏيندو هيس، جنهن تي پاڻ خوش ٿي، دعائون ڏيندي رهندي هئي.

انهيءَ ڊپ تي ويٺل فنڪاره، سمن شاهه جي دعائن سان، عروج حاصل ڪري، پنهنجون معاشي ۽ اقتصادي حالتون درست ڪيون. اڄڪلهه سندس اهو حال آهي، جو پاڻ تڪبر، وڏائيءَ ۽ مغروريءَ ۾ اچي، پنهنجي اصليت وساري، ريشمي

ڪپڙا پهرڻ سان گڏ، فيشن ايبل زالن وانگر ڪلهي تي پرس ۽ هٿ ۾ گولڊ ليف، 55، پليئر نمبر 3 ۽ اوچي ڪوالٽيءَ جي سگريٽن جا پاڪيٽ هوندا اٿس. آواز ۾ سوانيت جي جهٽڪار نه هئڻ جي باوجود، ڪنهن به فنڪاره کي پنهنجو مٽ نٿي سمجهيائين. تنهن ڪري ٿي الله جي ڏمر ۾ اچي، بيمار ٿي پيئي. حالانڪ ڏن دولت سمن جي دعا ۽ پنهنجي بخت آواريءَ سان جام ڪمايو اٿس. تنهن ڪري، معاش جي سلسلي ۾ پورائيءَ بابت ڪابه پرواه ناهيس. پاڻ اجا به جام ڪمائيندي رهي ٿي.

منهنجا به ساٿس فني برادريءَ ۽ رشتيداريءَ جي ڪري تمام ويجها لاڳاپا هيا آهن. تنهن ڪري دعائون ڏيانس ٿو ته شال خدا ڪيس صحتياب ڪري، هر ڏک درد، تڪليف ۽ مصيبت کان بچائيس. تنهن سان گڏوگڏ، اها به نصيحت ڪندوسانس ته "تڪبر عزازيل را خوار کرد، به زندان لعنت گرفتار کرد." جڏهن عزازيل جهڙي عبادت گذار کي وڏائي پاڻ نه پيئي، ته پاڻ به نماڻي فقيرياڻي بڻجي وقت گذاري.

مند ۾ ڦير، خواب ۽ قاسم رضا

آءٌ هر سال شعبان مهيني جي چوڏهين واريءَ رات، سمن جي ميلي تي برابر پهچندو هيس. چوڏهينءَ جو چنڊ، فضا ۾ نور جو ڪتاب کولي، رات کي عروج و شباب تي پهچائي، حسين، ڏوتل پوتل، صاف اُجري، چمڪندڙ نوراني بارات جو قافلو سان ڪري، سڄيءَ دنيا کي روشن ۽ منور ڪرڻ لاءِ روانو ٿيندو هو، ته اسان جو قافلو به اتي منزل انداز ٿيندو هو، جتي عوام ته خير، پر وڻ ٽڻ، پکي پکڻ، ڪک پن ۽ جيت جانور، اسان جي مستيءَ، قلندريءَ ۽ سرشاريءَ جو ثقافتي ڳائڻ ڄائڻ، ڳالهائڻ ٻولائڻ، شور و غل، هوبا ۽ نعرا ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندا هئا. اسين به حسب معمول پنهنجي پروگرام مطابق، عين پوري وقت تي، انهي انتظار ۾ ئي، اتي پهچي ويندا هئاسين.

جيئن ته آسو مهينو، هندوئن جي سن سنبت تي مقرر آهي، ته اسان جو شعبان مهينو وري اسلامي هجري سن مطابق قائم آهي. سنبت ۽ عيسوي سن، موسم جي لحاظ کان، پنهنجن پنهنجن مذهبي تهوارن، خوشين ۽ تقريباتن سان شروع ٿيندا آهن. عيسوي سن مهينن کي، ٽيهو، اوڻتيهو ۽ اٺاويهو ۽ ايڪتيهو بڻائي، موسم جي لحاظ کان ورهائي ورڇي، برابر ڪيو وڃي ٿو.

هندي سنبت سن ۾، هر ٽنين سال، "اڌڪ" جو مهينو وڌائي، موسم مطابق ٺيڪ ڪندو وڃي ٿو. پر اسان جي اسلامي هجري سن جو ته نڪو حساب آهي ۽ نڪوئي ڪتاب- اعداد شمار ئي پنهنجا اٿس. نجاڻ ته ڪهڙي اسلام جي دشمن، مجوسيءَ ۽ يهوديءَ انهيءَ اسلامي هجري سن جي ابتدا روئڻ، چاتي پٽڻ، آهن دانهن ۽ ماتم ڪرڻ سان ئي ڪئي آهي، (جنهن کي اسلام دشمن عناصر حضرت علي ڪرم الله

وحه سان منسوب ڪن ٿا). پوءِ باقي سڄو سال، اسلام جو لاش اڳيان رکي، روئندا، پٽيندا ۽ ماتم ڪنعان آهيون- پوءِ چاهي مولانا صاحب جو واعظ يا خطبو هجي، چاهي مؤذن جي اذان، خواه مولويءَ صاحب جو قرآن- روئڻ ئي روئڻ ۾ ئي ٻڌجن ٿا. تنهن ڪري اسان جو سنه هجري- ان جا ڏينهن، مهينا ۽ سال، موسم جي لحاظ کان، يڪسانيت نٿا رکن. انهيءَ ڪري محرم جو مهينو به ڪڏهن سياري ۾، ڪڏهن اونهاري ۾، ڪڏهن برسات ۾ ته ڪڏهن بهار ۾، هر سال ڦرندو گهرندو رهندو آهي.

اهڙيءَ طرح، انهي سال آسو ۽ شعبان جو مهينو به پاڻ سان هڪٻئي ۾ گڏجي، ضم ٿي ويا. هميشه شعبان جي چوڏهينءَ تاريخ رات جو سمن شاهه جي ميلي تي وڃڻو پوندو هو، جيڪو مون لاءِ ڦري وڃي، بابي سائين جن جي عرس خاطر سورهينءَ جي رات ٿيو. پندرهن شعبان، عيد برات يعني عيد مشالڙي واري رات، والد صاحب جن، هن جهان فانيءَ مان رحلت فرمائي، دارالبقا ڏانهن روانو ٿيو هو. تنهن ڪري سنه 1937ع کان وٺي اڄ سنه 1979ع تائين، باقاعدگيءَ سان برابر ٿيندو رهي ٿو. تنهن ڪري شعبان جي چوڏهين، ميلي واري رات، انتظامي نقطي نگاهه کان، ماتليءَ ۾ ئي گذارڻي پوندي هئي. ڇاڪاڻ ته چوڏهينءَ تاريخ صبح کان ئي، عرس جا سانباها، شروع ٿي ويندا هئا، جيڪو ڏينهن جي ٻنپهرن کان وٺي، پندرهينءَ جي رات تائين، هلندو رهندو هو. انهيءَ عرس جي ٽڪاوٽ لاهي، آرام ڪري، ٻئي ڏينهن، پندرهين تاريخ شام جو درگاهه تي پهچي، حاضري ڀري، قرآن ۽ قل پڙهي، دعائون ڏيئي، صحت سگهائيءَ ۽ ايمان جي سلامتيءَ جون دعائون وٺي، يارن دوستارن پيارن، دلدارن، فنڪارن ۽ نظارن جو انتظار لاهي، مستيءَ، جنون ۽ جذبات ۾ اچي، محفل کي گرم ڪبو هو. اهڙيءَ طرح سان، ٻه ٽي ميلا انهيءَ پندرهين جي شام ۽ سورهينءَ واري رات جا گذاريا سين.

هڪڙي ڀيري پندرهينءَ جي شام، بابي سائين جن جو عرس پورو ڪري، ٻئي ڏينهن ميلي تي وڃڻ جو عزم بالجزم ڪري، رات جو سمهي پيس. اگهور ننڊ ۾ هيس ته آسمان مان هڪڙو نوراني شعلو لهي، سڌو اچي منهنجي ڪٽ تي ڪريو. چرڪ ڀري ڏٺم ته ساڳيو سمن شاهه آلين ڀولين معصوم پاڳل پٽي وارين ابدالي نگاهن سان نهاريندو، مسڪرائي چئي رهيو هو ته "تسان صبحان نون درگاهه تي ويندي پئي هو.... مين تينڪون ٻڌاوڻ آيا وان ته مين اُٿهان ڪونهين.... مدينے وچ هان.... مينڪون جڙيل شاهه اُٿهان ڀڳا چوڙيا اے..." تنهن کان پوءِ، ساڳين معصوم مسڪراهٽن سان مسڪرائيندي، عارفانه رهاڻ ڪري، ساڳيءَ طرح شعلي جي شڪل صورت اختيار ڪري، مٿي اُڏامي ويو. انهيءَ عارفانه رهاڻ کي ظاهر ڪرڻ جي منع ٿيل آهي، جيڪا هتي لکي نٿي سگهجي. تنهنڪري، ٻئي ڏينهن ميلي تي وڃڻ وارو پروگرام، سندس ئي منشا ۽ مرضيءَ مطابق، رضا تي راضي رهي، منسوخ ڪيو ويو.

گهڻي وقت گذرڻ کان پوءِ، هڪڙي رات خواب ۾ ڏسان ٿو ته "سمن جيءَ درگاهه تي پهتو آهيان. ايتري ۾ اوچتو انتهائي خوفناڪ، هيبتناڪ، دل ڏاريندڙ آنڌي ۽ طوفان اچي ٿو. نمن جي وٽن مان عجيب شوڪاٽ ۽ آواز اچي رهيا هئا. انهيءَ احاطي ۽ درگاهه ۾، مون کان سواءِ ٻيو ڪوبه ماڻهو موجود ناهي. انهيءَ دل ڏاريندڙ هولناڪ طوفان کان ڊڄي، پڙ ڪري، جڏهن مون قبي ۾ ڊوڙي پناهه وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، ته اتي به هيبت طاري ڏٺيم. انهن طوفاني هوائن سبب، دروازي جي ٽڪا ٽڪ سان گڏ، قبي اندر لٽڪندڙ شمعدانن ۽ بتين کي به جهولي وانگر جهولندي، هيڏانهن کان هوڏانهن ٽيندي ڏٺم. وڃن جا پر هول، جگر ڦاڙيندڙ چمڪاٽ ۽ تجلا هڪ عجيب ڪيفيت سان ڊيڄاري، ويتر وڌيڪ دهشت طاري ڪري رهيا هئا. اندر وڃان ته خوف ۽ هراس جي عجيب ڪيفيت، ٻاهر اچان ته طوفان جا ڪڙڪاٽ، بجلين جا چمڪاٽ، ايتري قدر جو وڻ ٻيٽا ٻڌجي زمين بوس ٿي رهيا هئا." انهيءَ ڪشمڪش ۾ اک ڪلي. سڄي بدن تي رعشو طاري ۽ سارو جسم پگهر سان شرابور هو. صبح جو مبارڪ ملي ته قاسم رضا ڄائو هو. مون قاسم رضا نالو مٿس انهيءَ ڪري ئي رکيو هو ته سخي ٿي، رضائون ورهائيندو، ڇاڪاڻ ته "قاسم" اکر جي معنيٰ "ورهائڻ" آهي.

انهيءَ کان پوءِ جلد ئي سمن شاهه جو ميلو لڳڻ وارو هو. مون کي به ميلي تي وڃي، ٻه ٽي سال گذري ويا هئا. سڪ ۽ اُڪير به ڏاڍي لڳل هئي. تنهن ڪري، تياريون ڪري، پنهنجي پياري يار ڄام انور علي خان کي به، فون ۽ ملاقاتن ذريعي تيار ڪري، پنهنجن فنڪارن جي قافلي سان گڏ، ماتليءَ مان روانا ٿياسين. پنگريي پهچڻ تي، مير محمد بخش ٽالپر "ڊبهڙي" واري جي اوطاق ڪولارائي، ماني کائي، اُتي آرام ڪيوسين. اُها ماني، مٺائيون ۽ فروٽ، پنهنجي گهران رڌائي پچائي، تفن باڪس، ڊبن ۽ ٽوڪرن ۾ پاڻ سان گڏ کڻي ويا هئاسين. ٿڪ ڀڃي آرام ڪرڻ کان پوءِ، شام جو ميلي تي وڃي، محمد پناهه رند جي لڳايل پکن ۽ ٽوهن واريءَ ڪئمپ ۾ پڙاءُ ڪندي، هٿ منهن ڌوئي، وضو ڪري، سڌا سمن جي درگاهه تي پهتاسين. جتي ڄام صاحب، گلن جي چادر چاڙهي، ختما ۽ قرآن پڙهي، دعائون گهريون، اتي مون به قرآن قل پڙهيا، ۽ دعائون ڏنيون ورتيون. ائين الله تبارڪ وتعاليٰ کان پناهه گهري، دوستن يارن، دلدارن دلوارن، پيارن فنڪارن ۽ ٻڃن ٻارن جي خيرعافيت وٺي، سلام ڪري، واپس ورياسين، ته اڳيان وک وک تي ڳائڻن جا طائفا، ٽولا ۽ ناچوڙا، عوام جي رش ۽ پيهو پيهه ۾، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا هئا. انهيءَ سڄي احاطي ۽ درگاهه جي ميدان مان، انهن ثقافتي فنڪارن کي انعام اڪرم ڏيندا، غريبن، مسڪينن، محتاجن ۽ فقيرن ۾ خير خيراتون ورهائيندا، ماڪوڙيءَ جي چال چرندا ڦرندا، سانپ وانگر سرڪندا، پنهنجي ڪئمپ ۾ پهتاسين. جتي پاڻ سان گڏ آندل فنڪارن، عثمان، مٺو ۽ هاشم ڪيچي برادران، سيد قاسم علي شاهه ۽ ٻين

فنڪارن، راڳ رنگ جو پروگرام پيش ڪيو. تنهن کان سواءِ، ميلي ۾ آيل ڳائڻين، ڳائڻن ۽ ناچوڙن کي به ڳارائي، وڄارائي ۽ نچارائي ڪٽرايو ۽ ورسايو ويو. اها محفل رات جو چئين بجي تائين هلندي هلي.

سمن شاهه جي انهن محفلن ۾، فنڪارن ۽ يارن دوستارن جي فهرست ۾، اسان جي شهر ماتليءَ جا شاعر، سيد "محسن" شاهه ۽ مير "عالم خان" نظاماڻي، اڪثر ڪري گڏ هوندا هئا. حاجي غلام محمد خان نظاماڻي ته دلي وڃائڻ وارو هڪ فنڪار، بوءِ بوءِ ڪري، نعرهءِ مستان هڻڻ وارو، سدائين، هميشه ساڻ ئي ساڻ هوندو هو. اهڙيءَ طرح سان اهي محفلون ۽ مجلسون، مستيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ اچي، چمڪنديون ٻهڪنديون ۽ مهڪنديون رهنديون هيون.

اسين به نيٺ، ڄام صاحب سان گڏ، سمن جي درگاهه جو ديدار ڪري، انهيءَ ثقافتي محفل برخاست ٿيڻ کان پوءِ، اتان کان روانا ٿي، تلهار لڳ پهتاسين، ۽ اتي سج اُڀاريوسين. ساري رات محبت، ڪيف و نشاط، مستيءَ ۽ جنون جي محويت طاري رهي. ڪاڏا ٿڏا ٿي ويا، ته ماني کائڻ جي مهل به گذري ويئي. تنهن ڪري، تلهار پهچي، سيرا، مال پڙا، دال پڙيون، ڪاڪڙ، پڪوان، تازه به تازه گرما گرم وٺي، خوب رج ٿي، ڍؤ ڪري ڪاڏاسين، تنهن کان سواءِ پنهنجن پيارن، مهمانن، يارن، دلدارن، دلوارن، فنڪارن ۽ ڊرائيورن کي به خوب ڍؤ ڪرايوسين.

ماتليءَ پهچي، سجو ڏينهن سمهي، آرام ڪري، ٽڪاوٽون دور ڪري، چئين بجي اُٿي، غسل ڪري، وهنجي سهنجي، پر تڪلف طعام گرم ڪرائي تناول ڪيوسين، جيڪو ڄام صاحب جن جي دعوت خاطر، تڪلف ۾، پندرهن ويهن قسمن وارن ڊش ۾ تيار ڪرايل هو. جنهن کان پوءِ، ٿوري گهٽي رهاڻ ڪري، ڄام صاحب ته موڪلائي هليو ويو- ڇاڪاڻ ته ڪيس ڪنهن ضروري ڪم سان پنهنجي ڊريم وليج (Dream village) وڃڻو هو، پر اسين، انهيءَ هڪڙي ڏينهن جي ٽڪاوٽ کي منهن ڏيڻ خاطر، هفتو ڪن آرام ڪندا رهياسين. ڄام صاحب ۽ سندن خاندان بابت، تفصيل سان، اڳتي هلي تبصرو ڪيو ويندو.

ڪافيون، وايون ۽ ڪلام

ڏوهيڙو

گهٽن ۾ گهُٽڪن، اڳيان درَ ڪلال جي،
اُچي جي عبداللطيف چئي، وٺي وڏ گهرن،
برخيز بده ساقيا، پيار ڪي پرين،
اجا گهڻو گهرن، مٽ تڪيائون منجهيان.

آءٌ انهن محفلن مجلسن ۾ ،جذبات ۾ اچي، هوش کي مدهوش ڪري، ڊفلي هٿ ۾ کڻي، چمڪٽيون چمڪائي، توڙا ٽڪا ڪڍي، ڳائڻن جي ڳائڻ ۾ بيساخته ٽپي

پوندو هيس. پوءِ ڪڏهن انهن ڳائڻن جي شروع ٿي، ڪڏهن وچ ۾ ته ڪڏهن وري پڇاڙيءَ ۾. انهن ئي ساڳين راڳن راڳڻين سان، جيڪي هو شروع ڪندا هئا، تن ۾ پنهنجي پسند جون ڪافيون، ڪلام، بيت ۽ وايون چئي، پنهنجي مستيءَ سان گڏ، محفل کي به مست ڪندو هيس. نموني طور ڪجهه اهي ڪافيون، ڪلام، وايون، بيت ۽ گيت، غزل، هتي هيٺ پيش ڪريان ٿو- جيڪي منهنجو انتخاب آهن.

ڪافي

مَد پيئندي مون، ساجن صحيح سڃاتو.

(١)

پي پيالو عشق جو، سڀ ڪجهه سمجهيو سون،
مد پيئندي مون....

(٢)

جيئڻ آهي جڳ ۾، ڏينهن مڙيوئي ڏُون،
مد پيئندي مون....

(٣)

الله "عبداللطيف" جو، آهين تون ئي تون،
مد پيئندي مون....

ڪافي

ڪنڌي ساريان ڪا نَ، الله اَمن امان،
يا اِلاهي! ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان.

(١)

هن منهنجي حال تي، هئه هئه ڪن حيوان،
الله امن امان، يا اِلاهي ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان.

(٢)

مديون پسي منهنجيون، شرمايا شيطان،
الله امن امان، يا الاهي ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان.

(٣)

تُرهو چڏيم تار ۾ (منجهدار ۾)، رسج تون رحمان،
الله امن امان، يا الاهي ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان.

(۴)

الله "عبداللطيف" جو، سڏ سڄ سبحان،
الله امن امان، يا الاهي ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان.

وائي

نيئي نيئي ڏيج، پانڌي پرينءَ سنيهڙو- نيئي نيئي ڏيج...

(١)

پيرن وجهي هٿڙا، زاري زور ڪريج،
پانڌي پرين سنيهڙو، نيئي نيئي ڏيج....

(اهو سنهيڙو ڪهڙو آهي! سو هيٺينءَ مصرع ۾ ڏجي ٿو...)

(٢)

ڪاڪ(١) ڪماڻان گلڙا(٢)، سڪا مٿي سيج(٣)،
پانڌي پرينءَ سنهيڙو، نيئي نيئي ڏيج.

(٣)

الله "عبداللطيف" کي، اچي آڌر ٿيج،
پانڌي پرينءَ سنيهڙو، نيئي نيئي ڏيج...

وائي

آسر لائيج اُن جي، جو نوازي ڏڏ.

(١)

اگلن کي اوڏو ڪري، گندا ويهاري گڏ،
آسر لائيج اُن جي، جو نوازي ڏڏ.

(٢)

ويهه داتا جي در تي، لنگها لاهي لڏ،
آسر لائيج اُن جي، جو نوازي ڏڏ.

(٣)

الله "عبداللطيف" سان، سڄڻ گڏوگڏ،
آسر لائيج اُن جي، جو نوازي ڏڏ.

وائي

توکي ساٿي سڏيندي ويا سات جا، ويهه مرَ، ويرَ نه لاءِ،
توکي ساٿي سڏيندي ويا سات جا.

(١) ڪاڪ، وطن آهي. (٢) گلڙا، اسين. (٣) سيج، اُها زمين جنهن جي اسين پيداوار آهيون، جنهن کي "مادر گيتي" به چيو وڃي ٿو.

(١)

ويهه مرَ هاري ويسلو، اڳيان جهار سُجهي جهرڪاءُ،
توکي ساٿي سڏيندي ويا سات جا.

(٢)

پڪي ماني جيئن پچي، تيئن پچي پيو ساهه،
توکي ساٿي سڏيندي ويا سات جا.

(٣)

الله "عبداللطيف" جي، جنت جُڙي جاءِ،
توکي ساٿي سڏيندي ويا سات جا.

(انهن متين ڪافين ۽ واين ۾، ڪي مصرعون ڪٽل آهن، جيڪي شاهه جي رسالي يا جي- ايم- سيد واري چونڊ ڪيل ڪافين جي ڪتاب مان، درست ڪري سگهجن ٿيون.)

ڪافي "فريدڻ"

هر جا عين ظهور، سهڻي يار سڄڻ دا.

(٢)

گهول گهتان مين يار دي نانءُ تون، جنت حور قصور-
سهڻي يار سڄڻ دا، هرجا عين ظهور.

(٢)

آپ بڻي سلطان جهان دا، آپ بڻي مجبور-
سهڻي يار سڄڻ دا، هرجا عين ظهور.

(٣)

آپ ڪريندا واعظ نصيحت، آپ بڻي مخمور -
سهڻي يار سڄڻ دا، هرجا عين ظهور.

(۴)

يار "فريد" ڪون ايوين جلايئي، جيوين جلايئي طور -
سهڻي يار سڄڻ دا، هرجا عين ظهور.

ڪافي "بلي شاهه"

ڪيڏڻ دي دن چار، وطن اينهين وچ ول نهين آوڻا.

(١)

ڪيڏنڊے ڪيڏنڊے ڪنڊڙا جو لڳ پيا، روئندا زورو زار -
وطن اينهين وچ ول نهين آوٽا، ڪيڏڻ ڊے ڏن چار.

(٢)

ڪيڏنڊے ڪيڏنڊے شامان جو پئي ڳيان، بسر گيو گهر ٻار -
وطن اينهين وچ ول نهين آوٽا، ڪيڏڻ ڊے ڏن چار.

(٣)

ڪيڏٽان هووئي ڪيڏ "بلا شاهه"، ول نه ملسئي وار -
وطن اينهين وچ ول نهين آوٽا، ڪيڏڻ ڊے ڏن چار.

"فريدڻ" ۽ "بلا شاهه" جون ٻيون به ڪيتريون ئي ڪافيون ۽ ڪلام ياد هئا ۽ آهن، جيڪي راڳ رنگ جي محفلن ۾ ڳائيندو هيس، پر هتي فقط نموني طور ڪي چند پيش ڪري رهيو آهيان، ته جيئن ڪتاب طوالت ۾ نه اچي. ممڪن ٿي سگهيو ته پنهنجي ياداشتن جا ڪلام، ڪافيون، وايون، گيت، غزل ۽ نظم ڪنهن جدا ۽ الڳ ڪتاب ۾ لکي پيش ڪندس. پر وري به، ڪجهه وڌيڪ ڪافيون ۽ ڪلام هتي ڏيان ٿو- اميد ته قارئين ڪرام انهن مان لطف اندوز ٿيندا.

مصري شاه جون ڪافيون ۽ ڪلام

ڪلام

ذات نسورو نور، آيو سانگ ڍڪي صورت جو.

(1)

جميعل جمع جڙي ٿيو جامع، پاٺهي پنهنجو طالب طامع،
فضيلت فغفور، مخفي راز رکي آيو مورت جو-
ذات نسورو نور.....

(2)

سوئي عبد عهد، سوئي آدم، پاڻ ئي پير، مريد ۽ خادم،
دست چڙهن دستور، اهو ارشاد ٿيو عبرت جو-
ذات نسورو نور.....

(3)

"رب ارني لن تراني"، پيئي پڌر ٿي پاڪ پيشاني،
تاب جلايو طور، شعلو شان حسن حسرت جو-
ذات نسورو نور.....

(۴)

"مصري" مور ملڪ جو ماهي، وڻ ٽڻ ۾ ڏس وحدت وائي،
هرجا هوت حضور، حملو هُل عجب حيرت جو-
ذات نسورو نور.....

ڪافي

مشتاقن سان ماڻو ناهي مناسب،
منهن ڪي لڪائي، محب نہ مار.

(۱)

و في انفسڪم وارا واعدا، پنهنجا پيارل پار،
مشتاقن سان ماڻو.....

(۲)

عهدنا الصراط المستقيم، ڏاڍ چڏي، ڏيڪار،
مشتاقن سان ماڻو.....

(۳)

لاهي نقابا، طرف نماڻن، نازڪ يار نهار،
مشتاقن سان ماڻو.....

(۴)

مشفق مائل ٿي "مصريءَ" تي، واڳ وصل جي وار،
مشتاقن سان ماڻو.....

ڪلام

ناتي نازن جي ڪيا نظر نهال، ملڪ فلڪ محمور ۔

(۱)

ڪيائون ناز نقابا لاهي، چڏيائون ڪوٽ ڪفر جا ڍاهي،
باندي ٿيا بيحال، چشم مبارڪ چوُر ڪيا-
ناتي نازن جي.....

(۲)

تجلين تنهنجن جبل جلايا، اُن آڙاهہ تي عاشق آيا،
پنسي ٿيا پائمال، مچ گهڙي منصور ٿيا-
ناتي نازن جي.....

(۳)

سهڻي ساقيءَ ساغر سڪ جا، لڪ لڪوڻيءَ لحظن لڪ جا،
ڏنائون جام جلال، پيتائون، پُرنور ٿيا-
ناتي نازن جي.....

(۴)

جهڳ مڳ جهرڪيدار پيالا، محب ڏناسون محبت والا،
"مصري" مالا مال، هينئڙي هاڻ حضور ٿيا-
ناتي نازن جي.....

ڪافي

جن دلين کي تو پيچ پاتا، سدا رهيون سي سکي،
جن دلين کي تو دام پاتا...

(۱)

"ونحن أقرب" ويجهڙيون ويٺيون، پکي پربنءَ جي پاڻ ئي پيٺيون،
لنئون تہ لائي وئين لڪي.... جن دلين کي تو پيچ پاتا.

(۲)

"لاتقنطو" جي واعدي ويهاريون، برهہ بچي بندي بيهاريون،
جگ تہ ٿين ويون جهُڪي.... جن دلين کي تو دام پاتا.

(۳)

"قل شيءِ محيط" مشتاقن، اهي اشارا آهن عشاقن،
شڪ تہ آڻين ٿا شڪي.... جن دلين کي تو پيچ پاتا.

(۴)

"مصري" مرض محبت ماريو، جام پياري تن کي جيايو،
ٻاجهہ ڀريا ڏيو ٻُڪي ڦڪي.... جن دلين تو دام پاتا.

"جاني ڏسي تنهنجي جاءِ، تن تسالو ٿيون تسلائون"- "مصري شاهہ" جو اهو ڪلام، جيڪو "سمن شاهہ" جي ڪنهن مجلس ۾، پڻيان لکي آيو آهيان، تنهن ڪري ٻيهر هتي اُن جي لکڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان. مون وٽ ٻين بہ ڪيترن ئي ڪلامن جا بحر ڀريا پيا آهن. تنهن ڪري في الحال انهن ئي ڪافين ۽ ڪلامن تي اڪتفا ڪندي، سيد محسن شاهہ ماتلائيءَ جون ڪجهہ ڪافيون ۽ ڪلام، نموني طور هتي پيش ڪيان ٿو، جيڪي پڻ ساڳي جوش، جذبي ۽ جنون سان، مستيءَ ۽ وجد ۾ اچي، سرشار ٿي ڳايا ويندا هئا.

سيد محسن شاهه ماتلائيءَ جون ڪافيون،

ڪلام ۽ غزل

غزل

ڳوڙهن جي ڳاڙڻ جي خبر، گريان ڪان گهرجي پڇڻ،
برهه جي باهن جي سُڌ، بريان ڪان گهرجي پڇڻ.

(١)

ڪهڙي پوي ڪل ڪانگ ڪي، از حالِ عشقِ عندليب،
سڌ بلبلِ بيمار جي، بستان ڪانَ گهرجي پڇڻ.

(٢)

عشق جي آتش اندر، آهي تپش، تيزي ۽ تؤ،
سا سيئي ڪنهن سينئه سوزان ڪان گهرجي پڇڻ.

(٣)

ٿا ماهرو ماهر منجهائي، مست ڪن هڪ منٽ ۾،
سا سُڌ ساري سوز جي، سُنيان ڪان گهرجي پڇڻ.

(۴)

ڪي مولوين معلوم ناهي، عشق ۽ مستيءَ جو مام،
هيءُ مسئلو "محسنِ" مستان ڪان گهرجي پڇڻ.

ڪلام

دل ڪسي دلبر ويو، ويا ويچاري وَس وَس،
هڪ تہ آهون بي عدد، ٻيا لڙڪن جون لاڙون لَس لَس.

(١)

ڪوثر و تسنيم مان، ايندو نہ تن ڪي ڪو سواد،
يار جي شيرين لبن جي، جنهن چکي آ چس چس.

(٢)

ڏام گيسو ۾ جنهين دلڙي اڙائي دوستو،
ساهه سو سوءِ ٽنگي، ڏيندو ٻين ڪي ڏس ڏس.

(٣)

يار جي شيرين لبن مان، گهاءَ جي گفتن ڪيا،
چور تن چاڪن ڪيس، ناله ڪري پئي نس نس.

(۴)

گهور سان "محسن" جو، سهڻي، ساهه هو سوري ڪڍيو،
محب جي مرڪيو تہ موڻي، جا ملي هئي مس مس.

سيد محسن شاهه جي انهيءَ مٿئين لکيل ڪلام جو رديف بلڪل انوکو، نرالو ۽ نئون آهي. تنهن ڪري انهيءَ ڪلام کي نهايت سنجيدگيءَ سان سوچي ۽ سمجهي اهميت ڏيڻ گهرجي.

ڪلام

ڪنهن سان سليان سختي سور، نينهن جگر ۾ ڪيو ناسور-
ڪنهن سان سليان سختي سور.

(۱)

آهي غمن گهر جيءَ ۾ جوڙيو، ورهين جو تہ آهي وڇوڙو،
دلبر مون کان منهن تو موڙيو، ڪهڙو ڏنو هُيئي منهنجو قصور-
ڪنهن سان سليان... ... ...

(۲)

درد جا سانديم دل ۾ دفتر، نيٺ نصيبي گهاريم گوندر،
ڌار ڪري اڄ مون کان دلبر، قسمت ڪيو آ ڪيڏو ڪلور-
ڪنهن سان سليان... ... ...

(۳)

جن ڪي ٻاڻ محبت لايا، مقصد مڙيوئي تن وڃايا،
ڪُسڻ قبولي عاشق آيا، مرڻ کان مانجهي مڙن نہ مور-
ڪنهن سان سليان... ... ...

(۴)

نازڪ سان جيڪو نينهن اڙائي، ويندو تنهن کان صبر ڇڏائي،
مور نہ سگهندو پاڻ لڪائي، "محسن" ٿيندو سوئي مشهور-
ڪنهن سان سليان... ... ...

بيت "لطيف سائين"

سر هنيو سڄٽين، پيڏي پر ڪري،
ويو وجودئون نڪري، ڪڙ ڪڙ ڪانہ ڪري،
پڇيم پير پري ، تہ ٺريو هٿ حبيب جو.

ڪلام

مون کي تن ۾ آهي تنهنجي طلب،
تو جو منهڙو مٽيو مون کان ڪهڙي سبب؟

(١)

عشق آيو جڏهن سر تي باري، خوش ٿي ڪنئي سون خلق خواري،
سُرت سياڻپ وره وساري، عشق وڃايو عقل ادب-
مون کي تن ۾ آهي...

(٢)

برهه لائي آهي بي صبري، بيحد بيهوش بي خبري،
سڄڻ صلاحون ويون سڀ وسري، نينهن وڃايو ننگ نسب-
مون کي تن ۾ آهي...

(٣)

عيش ۾ جيڪو هردم رهندو، عشق جي ڪل سو ڪهڙي لهندو،
موران مرڻ ۾ تن کي ملندو، محبت وارو اهو منصب-
مون کي تن ۾ آهي...

(٤)

"محسن" تون منجهه ماڻ رهي، صبر ڪٽي ڪر سور سهي،
هڪ دم ۾ ويندا درد لهي، جڏهن لالڻ لائيندو لب تي لب-
مون کي تن ۾ آهي تنهنجي طلب.

ڪلام

سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي، هٿي جڙ ويا جت جگر جان جوڙي،
سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي.

(١)

ڪيان روز رت روئي رائي ۾ رڙيون، فراقن سندا ڦٽ ٻڌن ڪين ڪڙيون،
سڙئي ساهه کي سڪ، ٿي پل پل پتوڙي، سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي.

(٢)

اُٿاري اديون عشق آتش اندر ۾، جدائيءَ ڪنان جوش جاڳيا جگر ۾،
لکين ڏيل کي ڏک وياتم وکوڙي، سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي.

(٣)

وندر ۾ اديون ور آءٌ ويٺيس وڃائي، خدا لڳ خبر ڪا پرينءَ کي پڃائي،
ڏيان ماس تنهن مُلهه رڳن تان مان روڙي، سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي.

(۴)

"محسن" سر جو سانگو اچا توکي آهي، پرينءَ کي ڪا پرواهه نماڻن جي ناهي،
سڏيندي سُڄن ۾ ڪُسي ويا ڪروڙين، سڄڻ سانگ ويٺڙا ولهيءَ کي وڇوڙي.

ڪلام

ڪونہ ڪو همدم مليو مون حال لاءِ، اَبر کي روئي مُڪم احوال لاءِ-

(۱)

ٿيو جگر منهنجي کان جاري جوءُ خون، نيڻ ٻئي پورا نہ پيا نيڪال لاءِ،
ڪونہ ڪو همدم....

(۲)

آسمان عِقد ثريا گهوريا، هُن خرامان سرو جي خل خال لاءِ-
ڪونہ ڪو همدم....

(۳)

خُلد ڏيئي، خال کي ڪيئڙم خريد، ملڪ ما فيها مٽيم مثقال لاءِ-
ڪونہ ڪو همدم....

(۴)

مس اچا "محسن" ڏي دلبر منهن ڪڍيو، لڙڪ ڍوڙي آيا استقبال لاءِ-
ڪونہ ڪو همدم مليو مون حال لاءِ، ابر کي روئي مُڪم احوال لاءِ.

"محسن" جي ڪافين، ڪلامن ۽ غزلن جو ذخيرو تمام گهڻو آهي، جنهن جو بياض، سندس فرزند ارجمند علي انور شاهہ، تمام جلد ڇپائي، نشر ڪرڻ جا سانباها ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري آءٌ هاڻي فقط سندس هڪڙو ڪلام يا سندس ڪلام جي هڪ اڌ مصرع لکي، پورو ڪري، ٻين شاعرن جو ڪلام، هڪ هڪ، ٻہ ٻہ، پورا يا اڻپورا لکي، وري مضمون کي اڳتي هلائڻ جي ڪوشش ڪندس.

ڪلام

مون ڏني دل نازنين نازڪ کي نذرانو ڪري،
سا سڄڻ ساڙي ڇڏي، پيرن ۾ پروانو ڪري.

(۱)

دل جي ڪعبي ۾ دمادم، عشق جو اوتيان شراب،
مون تہ سمجهيو آهي اِن مسجد کي ميخانو ڪري.

(۲)

عشق ۾ منهنجو عقل، دين، دانش، دل ويئي،
ديد سان دلبر ڇڏيئي، دانهہ کي ديوانو ڪري.

(٣)

جوشَ غم جيرو جلايو، سو ڪانيان ڪريو ڪباب،
پوءِ پيان ٿو خونِ دل، پيارا مان پيمانو ڪري.

(۴)

"محسن" مسڪين کي ڪُهندي نہ توکي قياس پيو،
ڇو مسَافرُ ماريئي، بيمار بيگانو ڪري!

ڪلام مولوي احمد ملاح

تو نموني ٻيو نہ نازڪ، ڪو نوابيءَ ۾ ڏٺم،
رنگ و بوُ بلڪل نہ اهڙي، گل گلابيءَ ۾ ڏٺم.

(١)

سڏ ڪرايو آهي سهڻي، پاس سوُريءَ تي صُباح،
شوق وارن کي شهادت لئي شتابيءَ ۾ ڏٺم.

(٢)

قيد ڪاڪل سان، ڪرشمي سان، ڪچڻ سان، قرب سان،
خوبرو کي خلق جي خانہ خرابيءَ ۾ ڏٺم.

(٣)

هٿ حسينن تان کڻان، ماڻهن جي مهڻن کاڻ هوند،
پرا نہ مهڻن جو مزو، توبهہ ترابيءَ ۾ ڏٺم.

(۴)

عيش و عشرت کان ڪڏهن، "احمد" اچي هاڪين تنگ،
پر، نہ دانم دوست دنيا کي مهابيءَ ۾ ڏٺم.

ڪلام "سچل سرمست"

دلبر اوهان جي در تي، دربُان لک ڏسان ٿو،
عاشق اچن اُجايل، امتحان لک ڏسان ٿو.

(١)

سڪندر سالڪ اعليٰ، ڪيڏا بخت تن جا بالا،
ڪوڙئين ڪين ڪشالا، سلطان لک ڏسان ٿو.

(٢)

قاضي ملان مشائخ، ڪاتب ڪوڙين ڪيئي،
غلام ٿي گذارين، گهمسان ٻک ڏسان ٿو.

(٣)

روئي زمين تي هرجا، تهنهنجو نظارو جابجا،
"سچل" اوهان جي منيءَ تي، مهمان لک ڏسان ٿو.

ڪلام

ائين لڪيو مون ائين لڪيو، پنهنجو پاڻ ائين لڪيو.

(١)

رکيم روزا، پڙهيم نمازان، پرو پرينءَ جو ڪين پيو-
ائين لڪيو، مون ائين لڪيو...

(٢)

"سچو" هرجا آهي اُهوئي، ڪيئن چوان آهي ڪير ٻيو-
ائين لڪيو، مون ائين لڪيو....

ڪلام عبدالله فقير

عشق ڪيس عُريان، صبر سيوئي سڪ وڃايو.

(١)

حَنفي، حنبلي، عشق نہ ڄاڻي، شافعي، مالڪ، فرق ڏي تاڻي،
ڇا ڄاڻي نُعمان- صبر سيوئي سڪ وڃايو.

(٢)

"ميم" لٿي احمد ڇاهي، سڪ وارا ويا اوڏانهن ڪاهي،
قرب ڪيا قربان- صبر سيوئي سڪ وڃايو.

(٣)

عرب "عين ري" سمجهه تہ ڇاهي، عبدالله ڇڏ "عبد" کي لاهي،
ترڪ سُنت طُغيان- صبر سيوئي سڪ وڃايو.

ڪلام "مصري شاهه"

يار منهنجو بي حجاب، لڳي پريت، پري ٿيا پردا،
لاٿو نينهن نقاب.

(١)

ٿيو صبح، سگهو ٿي ساقي، شيشو ناءِ شتاب،
جام جرح ڪان جرم اُڏامن، پهچي سهي ثواب،
لاٿو نينهن نقاب....

(٢)

صفا صاف سبحاني صورت، عجب رنگ عجاب،
ڪري عروج اِرم تان اُپريو، الاهي آفتاب،
لاٿو نينهن نقاب....

(٣)

رهيو مشتاق ملڻ لئي ماندو، منتظر ماهتاب،
ناهي حد حسن جي هرگز، بيحد بي حساب،
لاٿو نينهن نقاب....

(۴)

چاهوُن چست چشم سان چُم تون، جُنبي جوڌ جوان،
"مصريءَ" جا ڪيا مڙيئي مدعي، خالق خر خراب،
لاٿو نينهن نقاب....

ڪلام "قاضي عرس"

سرو تنهنجي ڪي سدا شل، پرت جو پيوند هوءِ،
چاشنيءَ وارن چپن کان، گهٽ گهٽو گلقند هوءِ.

(١)

لب مٿي تنهنجي لبن، شل رات ساري هوءِ رڪيل،
ساغر و ساقي، صُراحي، درس شل در بند هوءِ.

(٢)

ٿا پنن سائل صبح ۽ شام دلبر لئي دعا،
هوءِ سلامت سونهن اُن جي، دل دهن خوشخند هوءِ.

(٣)

حسن هادي روءِ درخشان، قرب تنهنجو باڪمال،
حسن جو حاسد هميشه، ششدر شرمنده هوءِ.

(۴)

"عرس" توکي عندليب، ڏس چمن ۾ ڇا چيو،
گل غنيمت آهي تو لئي، ٻيو حسن هر هنڌ هوءِ.

ڪلام

وس واهوندي وري، جا گل ڪري گلزار ۾،
سا ڏهائي ٿو ڏسان، آءٌ صاف صورت يار ۾.

(١)

منهن سندس مهتاب وانگر ۽ بلوري خوش بدن،
سونهن سبزه جي اڳيان، ڪيو سَروَ کي سينگار ٻر.

(٢)

ور وجهن واسينگ وانگر، وار ڇوڙي واٽ تي،
ٽيا مگر مدفون موتي، ميم جي مقدار ٻر.

(٣)

جيئن لطافت سان لالہ، کي رکن ريحان سان،
تيئن سونهن تا سُرمگين، ٻئي خال خط خونخوار ٻر.

(۴)

بَرگ گل تي باغ ٻر، جيئن ماڪ جا موتي ٽين،
تيئن پيشانيءَ تان پگهر، پئي هارجي ڦوهار ٻر.

(۵)

جيئن نمائي نازبوءَ کي، گاهہ گُلڙي دار ٿو،
زلف جي زنجير ڪيو، تيئن "عرس" کي آزار ٻر.

هونءَ تہ ٻيون بہ ڪيئي ڪافيون، ڪلام، غزل، گيت، نعتون، بيت، ڏوهيڙا ۽ وايون، ۽ ترقي پسند ادب جون انقلابي نظمون، جن کي، پنهنجون طرزون ٺاهي، ڏنون بٺائي، ردم ڏيئي،ميوزڪ آرڪيسٽر سان ملائي، مستيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ اچي، ڳائيندو ۽ نچندو هيس، جنهن تي عوام جا ڪي خاص طبقا نڪتچيني ڪندي چوندا هئا تہ "هيڏو سارو رئيس بہ نچي ٿو!" پر انهن ويچارن ساده مزاج ۽ ساده لوحن کي اها خبر ڪانہ پوندي هئي تہ اهو رئيس ڪونہ ٿو نچي، پر عشق ٿو نچي، جنهن عشق ڪيئي مست، ابدال ۽ قلندر نچائي ڇڏيا. اُهي تہ خير ڪيئي مست قلندر ۽ ابدال هئا، پر مولانا روميءَ جهڙي جيد عالم کي بہ نچندو، پڙهيو ۽ ٻڌوسين.

انهن مختصر ڪافين ۽ ڪلامن جي انتخاب مان، آسانيءَ سان، منهنجي هڏياني ۽ جنوني ڪيفيت، محسوسيت، محبت ۽ محويت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. اهي مٿيان ڪافيون، ڪلام، نظرياتي حدون ٽپي، مجاز جي ٻيڙي ۾ سوار ٿي حقيقت جون پليون پار ڪري، معرفت جي مهراڻ ۾ وڃي غوطہ زن ٿي، سچا موتي حاصل ڪري، قافين ۽ رديفن ۾ پرويا ويا آهن- جيڪي شريعت کان ماٺائو ٿي طريقت کي پير طريقت جي حوالي ڪري، نفيءَ ۽ اثبات جي ورهاڱن کي ڇڏي يڪسانيت جو سبق ڏيئي، حق هيڪڙائيءَ ۽ وحدانيت جو پرچار ڪن ٿا.

ڪلام "بلا شاهه"

اسان لاهوتي هو لال، ڪيتا سفر سجايا وے.
(١)
جوڳيا جوش جڳايا جي وچ، وسرئے خواب و خيال،
محبت مچ مچايا وے- اسان لاهوتي هو لال....
(٢)
ڪٽ ڇوڙ جڏهان پٽ پيوسے، پاڻ ڪيتوسے پائمال،
تڏهان عشق اُٽايا وے- اسان لاهوتي هو لال....
(٣)
بَر بر ٻاريوسے برهه ديان باهوان، شهر ڇوڙ في الحال،
لالڻ لڪ لنگهايا وے، اسان لاهوتي هو لال....
(۴)
بخت "بلا شاهه" (يا، "ڪريم بخش") تيڏا باري،
تيڏڙے سارے سوال،
پرور پاڪ پُڄايا وے، اسان لاهوتي هو لال....

مٿئين انهيءَ 'لاهوتي' اکر کي، فلڪوتي، ملڪوتي، جبروتي ۽ هاهوتي به چئي سگهجي ٿو- ڇاڪاڻ ته مڪان، لامڪان کان مٿانهون آهي. پوءِ "فڪر هرڪس بقدر همت اوست."

لکئي جا ليک ۽ مقدر جا فيصلا

انهن ڪافين ۽ ڪلامن لکرائڻ وقت، مستيءَ ۽ سرشاريءَ جو پراڻو دور ياد اچي ويو ۽ محويت طاري ٿي ويئي. تنهن ڪري هلندڙ سلسلو، پنهنجي رام ڪهاڻيءَ وارو، ملتوي ٿي ويو هو، جنهن کي هاڻي وري ٻيهر، نئين سر شروع ڪري، پنهنجي اصلي موضوع تي اچون ٿا.

چوندا آهن ته 'مقدر جا ڪيل نرالا ۽ نيارا هوندا آهن' . تقدير جي اڳيان وڏا وڏا پهلوان ۽ ٻلوان به شڪستون ڪائيندا رهيا. وڏن وڏن عالمن ۽ فلاسافرن جون تدبيرون به هلي نه سگهيون. "لکيو منجهه نِراڻ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي" . اهڙيءَ طرح سان، قدرت جي ڪرم نوازيءَ يا ڪرشميءَ سان، اڄا به ڪا شادي مقدر ۾ لکيل هئي، جيڪا ڪائنات ساز ڪان، چرخ ڪُهن مان تحفي طور، حاصل ٿي. جنهن منجهان نرينو اولاد پٽڙا پيدا ٿيڻا هئا، جيڪي اڳتي هلي، منهنجون ثقافتي، سخاوتي، علم، ادب، فن، پيار ۽ محبت جا سجاده نشين بڻجي، گادي سنڀالين. باقي، اهو سندن مقدر ۽ قسمت آهي، ته اُهي اڳتي هلي پاڻ کي ڇا ٿا ثابت ڪن.

چاڪاڻ تہ مون، اديب فاضل جي ڪورس ۾ پڙهائيندڙ هڪڙي ضروري ڪتاب "شعرالعجم" ۾ پڙهيو هو، جنهن ۾ فارسي ۽ عربي شاعريءَ جي پيٽ ڪندي، عربي شاعريءَ کي فارسي شاعريءَ کان وڌيڪ اهميت ڏيئي، مصنف ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي، تہ فارسي شاعري فقط حسن و عشق، گل و بلبل، رنگ و نغمہ ۽ شراب و ڪباب تي ئي منحصر ۽ مشتمل آهي، پر عربي شاعر چوي ٿو تہ:

ترجمو: "جنهن وقت اسان جو اولاد پيدا ٿئي ٿو، تہ وڏا وڏا جبار ۽ قهار سجدي ۾ ڪريو پون، تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندو؟"

اهڙيءَ طرح آءٌ بہ پنهنجي نريني اولاد متعلق ڪابہ پيشنگوئي ڪري نٿو سگهان. پر، مائٽن جون اولاد لاءِ نيڪ تمنائون، نيڪ خواهشون ۽ دعائون ئي هونديون آهن تہ "شال خدا ڪين نيڪ ۽ صالح ڪري، تہ جيئن اڳتي هلي اهي خاندان جو نالو روشن ڪن."

هتي جيئن تہ شاديءَ جو ذڪر چڙي ويو آهي، جيڪا سنہ 1958ع جي تاريخ 8 آڪٽوبر تي ٿي هئي، تنهن تي ڪجهہ روشني وجهڻ ضروري سمجهان ٿو. ٻمبئي مان انتخاب ۽ پيار واري شادي ڪري اچڻ کان پوءِ، ادي ارباب صاحب واريءَ جڳهہ کان جدا ۽ الڳ ٿيندي، اڪثر ڪري ڊاڪ بنگلن ۾ ئي رهڻ ٿيندو هو. تنهن ڪري ضرورت محسوس ٿي تہ پنهنجي لاءِ ڪنهن الڳ ٿلڳ ۽ جداگانہ جاءِ جو هئڻ تمام ضروري ۽ لازمي آهي. تنهن ڪري محمد سليمان فوٽوگرافر جي معرفت، صدر جي بوري محلي ۾، ماڙيءَ مٿي هڪڙي ڪشاده، هوا دار ۽ عاليشان جڳهہ، پنجويهہ روپيا ماهوار مسواڙ جي حساب سان حاصل ڪئي ويئي، جيڪا هن وقت پنج سؤ رپيا ماهوار مسواڙ جي حساب سان بہ هرگز نہ ملي سگهندي. اُها سنہ 1977ع تائين، اسان جي ئي قبضي ۾ رهي. هاڻي اُن کي مخدوش حالت ۾ سڄي بلڊنگ خريد ڪندڙ خريد ڪري، مسمار ڪري، هوٽل فاران جي بلڪل سامهون، دور جديد جي فليٽ سسٽم ست منزلہ بلڊنگ ٺهرائي، اُن جا فليٽ ماڻهن ۾ قيمتاً فروخت ڪري رهيا آهن.

انهيءَ جڳهہ کي مسواڙ تي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سنيالڻ وارو منهنجو سفري ساٿي خدمتگار گلشن صوفيءَ جو وڏو ڀاءُ فقير درمحمد ئي هوندو هو. اسين گاهي بگاهي، انهيءَ جاءِ ۾، ويٽنگ روم وانگر، اچي آرام ڪندا هئاسين. پر دائمي طور، اتي فقير درمحمد ئي رکوالي‌ءَ لاءِ چوڪيدار جي حيثيت ۾ قيام پذير هوندا هو- سو بہ ڪڏهن سفر ۾، تہ ڪڏهن ماتليءَ ۾، اسان سان اڪثر ڪري گڏ ئي هوندو هو. پر اها جڳهہ سندس ئي حوالي هوندي هئي. پاڻ موالي، محبتي، خوش خلق، ۽ ملڻسار هوندو هو. تنهن ڪري اوڙي پاڙي ۾ پنهنجا ڪافي ۽ ڪيئن شناسا، يار دوست، موالي ملڻسار پيدا ڪري ڇڏيا هئائين. جن ۾ منهنجو موجوده نئون ۽ آخري سهرو محمد پائي بہ وٽس اچڻ وڃڻ، ميل ميلاپ ۽ عليڪ سليڪ سا

گڏ تاڏلون شادلون پيئڻ خاطر، ايندو ويندو هو. جتي منهنجي به هن سان ملاقات ٿي، جيڪا وڌندي ويجهندي رهي، ايتريقدر جو مون وٽ ماتليءَ ۾ به اچڻ وڃڻ لڳو.

محمد ڀائي منهنجين عادتن، اطوارن ۽ خصلتن کي ڏاڍو پسند ڪرڻ لڳو هو. منهنجين ثقافتي محفلن، مستين، قلندرين ۽ سخاوتن جو متوالو بڻجي، چاهيائين ٿي ته سائن رشتيداري ڪريان. چاڪاڻ ته پاڻ چئن پٽن ۽ ٽن ڌيئرن جو پيءُ هو. سندس وڏي دختر نيڪ اختر، جيڪا حسن و شباب جو شاهڪار هئي، تنهن کي مون سان منسوب ڪري، فقير در محمد سان ڪن سري ۾، پاڻ مرادو ڳالهائيندو ۽ فيصلا ڪندو رهيو. جنهن جي خبر، مون کي ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ پيئي. تنهن کان پوءِ در محمد فقير، وقت بوقت ذڪر ڇيڙي، مون کي انهيءَ رشتيداري قبول ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پر جيئن ته آءٌ ٻن زالن جو خاوند هئڻ ڪري، ڪوبه فيصلو ڪري نٿي سگهيس، چاڪاڻ ته هڪڙي منهنجي پيار جو انتخاب هئي ته ٻي وري نياڻين جي ماءُ هئي- سو بالآخر انهيءَ ڪشمڪش ۾، مزيد ٻه سال ٻيا به گذري ويا. پر منهنجو سهرو محمد ڀائي، انهيءَ رشتيداريءَ ۾ آسون، اُميدون ۽ آسرا رکيو، انتظار ڪندو رهيو.

محمد ڀائي، اصل ۾ ننڍپڻ جي زماني ۾ "پالٽپور اسٽيٽ" کان سندس وڏي ڀاءُ بابو عبدالغفور جي ڪري، حيدرآباد ۾ اچي قيام پذير ٿيو هو. سندس ٽيون ڀاءُ جيڪو سيني کان وڏو هو ۽ سندس نالو حاجي محمد اسماعيل هو، سو مليٽريءَ ۾ ملازم هو، جيڪو پڻ گاهي بگاهي مون سان ملندو ۽ ملاقات ڪندو رهيو.

حاجي محمد اسماعيل، جيڪو انگريزن جي دور حڪومت کان وٺي مليٽريءَ ۾ رهيو هو، تنهن جي شادي برما ۾ ٿيل هئي، جيڪا بعد ۾ بغير اولاد جي وفات ڪري ويئي. عبدالغفور جي شادي به ڪراچيءَ مان ٿيل هئي، جيڪا پڻ بغير ڪنهن اولاد جي فوت ٿي ويئي هئي. تنهن ڪري، انهن ٻنهي وڏن ڀائرن جو راض ۽ پيار سندن ننڍي ڀاءُ محمد ڀائيءَ جي اولاد سان ئي وابسته رهيو. خاص طرح، مون سان منسوب ٿيل پٽن جي ماءُ کي تمام گهڻي لاڏڪوڏ، پيار ۽ محبت سان پاليائون، جيڪا سيني کان وڏيڪ حسين و جميل هوندي هئي.

بابو عبدالغفور جي ننڍڙي هوٽل ڪراچي هوٽل جي بلڪل سامهون چوڪ تي- جتي اڄڪلهه بليئرڊ هال آهي- جي هيٺان هوندي هئي. سندس انهيءَ ننڍڙيءَ، ليڪن صاف ستري هوٽل جو لذيذ ۽ خوش ذائقه ڪاڏو، انهن وڏين ڪراچي ۽ اسلاميه هوٽلن کان به وڌيڪ هلندو هو. خاص ڪري، سندس هوٽل جا نان ڪباب، منڊي پاوا، پڪل گوشت ۽ ڪڪڙ تمام مشهور هوندا هئا، جيڪي ڪاڏي پيتي جا شوقين اتان خريد ڪري، ڪائي پِي، شڪم پري ڪري، هڪ خاص قسم جي لذت محسوس ڪندا هئا. جنهن ڪري صدر ۾ سندس نالو خوب چمڪيو ۽ ڪمائي پڻ چڱي خاص هوندي هيس، جيڪا پڻ سيسيئي محمد ڀائيءَ جي اولاد تي ئي

صرف ڪندو هو.

حاجي محمد اسماعيل بہ، مليٽريءَ جي پگهار مان جملي بچت بہ انهن کي ئي موڪلي ڏيندو هو. اهي پاڻ کي فاروقي سڏائيندا هئا. محمد پائي، جيڪو وڏو لڙاڪو، جهڳڙالو ۽ داداگير جي حيثيت ۾ "احمد آبادي" سڏبو هو، پنهنجي جوانيءَ واري دور ۾ "وڪٽوريا" گهوڙي گاڏيون هلائيندو هو ۽ انگريز تامين کي گهمائڻ ڦيرائڻ جي خيال کان سير ڪرائي، ڪانئن ڊبل پاڙا وصول ڪندو هو. اگر اهي ڪيس سندس مطلوبہ من ماني رقم نہ ڏيندا هئا، تہ ساٿن وڙهي، جهڳڙو فساد ڪري بہ وصول ڪندو هو. جنهن مان ڪيس ڪافي آمدني هوندي هئي.

محمد پائي، "احمد آبادي" بڻجي، حيدرآباد جي مشهور داداگيرن ۾، پنهنجو نالو خوب روشن ڪيو. پوءِ جيئن جيئن عمر وڌندي ويس ۽ وڏو اولادي اوقاتي ٿي ويو، تہ ڪانئن ۽ ڪوئلن جو وڏو ڪارخانو ڪڍي، معاش کي منهن ڏيئي، عزت ۽ آبروءَ سان، پنهنجو وقت گذارڻ لڳو. سندس ٻنهي پائرن، حاجي محمد اسماعيل ۽ بابو عبدالغفور جي آمدني بہ سندس ئي اولاد جي ڪم ايندي هئي. پيسي ڏوڪڙ جي ڪڏهن بہ ڪمي ۽ ڪوٽ نہ ڏنائين. سندس وڏيءَ ڌيءَ کي نهايت لاڏ ڪوڏ، پيار ۽ محبت سان نپائي وڏو ڪيو هئائون. چاهيائون ٿي تہ ڪنهن سڪئي، خوشحال ۽ سخي خاندان ۾ وڃي خوش ٿئي ۽ سک ماڻي، تنهن ڪري سندن نظر انتخاب آڻ ئي هيس.

پر جيئن تہ آڻ پنهنجن گهريلو گرهستي معاملن ۽ مسئلن ۾ اڳي ئي گهيريل ۽ جڪڙيل هيس، تنهن ڪري منهنجي لاءِ ڪوبہ فيصلو ڪرڻ انتهائي مشڪل ۽ دشوار هو. ڇاڪاڻ تہ مون پاڻ کي اڪثر ڏٺو آهي تہ مون ۾ قوت ارادي تمام گهٽي آهي، ليڪن قوت فيصلہ گهٽ. انهن گذريل ٻن سالن ۾ منهنجو ڪوبہ فيصلو نہ ڏسي، پريشان ٿي، سيپيئي تذبذب ۾ پوڻ لڳا تہ هائي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انهيءَ شش و پنج ۾، فقير در محمد سان صلاح مصلحتون ڪندا رهيا، تہ ايتري ۾ منهنجو هڪڙو ٻيو چالاڪ خدمتگار مولا بخش ميرائي، جنهن کي 'مولو' چوندا آهن، سو بہ اچي ساٿن شريڪ ڪار ٿيو. تنهن کين صلاح ڏني تہ "رئيس صاحب! جيئن تہ انتهائي حساس طبيعت جو مالڪ آهي، تنهن ڪري فيصلي ڪرڻ کان معذور آهي. تنهن کان بهتر ائين ٿيندو، تہ در محمد ۽ آڻ، ٻيئي گڏجي وڃي وڏي بيگم صاحبہ، جنهن کي، اسين سيپيئي 'جيجي' ڪري سڏيون ٿا، تنهن سان وڃي چڪر هلايون ٿا، پوءِ اڳتي ڪٺي اوهان جي قسمت."

انهيءَ مولو ميرائيءَ اهڙو تہ چڪر هلايو، جو انهن سيني جي جيجي ۽ منهنجي وڏي بيگم صاحبہ انهيءَ معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ يڪسر تيار ٿي ويئي. هڪڙي ڏينهن اڪيلائي ۽ تخليي ۾، راز و نياز جون ڳالهيون ڪندي، فيصلو ڏنائين تہ "اهو ڪم هر حالت ۾ ڪرڻو آهي. جنهن لاءِ، اسين اوهان کي بخوشي اهڙي

اجازت تا ڏيون. ٻن سالن کان اُهي اوهان جي فيصلي جا منتظر آهن، تن کي هاڪار ڪري، فيصلو ٻڌائي، انتظار کان ڇڏايو. ممڪن آهي ته اُتان اوهان کي نرينو اولاد پيدا ٿي، گادي نشين بڻجي، ۽ اوهان جو چراغ روشن ڪري. ڇاڪاڻ ته ويهن سالن جي طويل رفاقت کان پوءِ به مون مان ڪوبه اولاد نه ٿيو. ٻئي گهر مان به فقط ڌيئر ئي ڌيئر آهن. تنهنڪري، اسان کي اها آرزو ۽ سڪ آهي ته فرزند پلٽ پوي، جيڪو اسان سيني جون سڪون لاهي. توهان جي والده به، اوهان جي نرينه پٽاٽي اولاد جون آسون اُميدون ۽ حسرتون پنهنجي دل ئي دل ۾ ساندي رکيو ويٺي آهي. ساهه تي ڪوبه پروسو ناهي، اسين به ڪنهن وقت داعي اجل کي لبيڪ چئي، روانا ٿي سگهون ٿا، نڪو ئي ڪو اوهان کي به ازل تائين هتي رهڻو آهي. تنهن ڪري جي خدا راضي ٿي پوي، ته سيني جون آسون اُميدون ۽ مرادون پوريون ٿي ويندیون، ته اسان کي ۽ خاندان کي سنڀالڻ وارو به ملي ويندو."

انڌو خدا کان هڪ اک گهري، پر مون کي ته هتي ٻئي اکيون ملي رهيون هيون، سو منهنجي حسن پرست ۽ رومانوي فطرت کي ٻيو ڇا ڪپندو هو! دل ۾ خوش، پر ٻاهرين دل سان ٽال مٽول ۽ نه نه ڪندو رهيس. انهيءَ وقت ملڪ ۾ "ايوب خان" واري مارشل لا حڪومت قائم ٿي، ته مون تي وري بيگم صاحبه مارشل لا واري نادري حڪم جاري ڪيو ته "اهو اسان جو اٽل ۽ اٽٽر فيصلو آهي." تنهن سان گڏ، فقير درمحمد کي پاڻ وٽ سڏي، ڪيس حڪم ڏنائون ته "محمد ڀائيءَ وٽ وڃي، ڪيس انهيءَ فيصلي کان آگاهه ڪر، ۽ نڪاح، شادي ۽ رخصتيءَ جي تاريخ مقرر ڪري اچ." جنهن تي فقير در محمد هڪدم خوش ٿي، ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ بنگلي "ماءِ نيست" جي ٻاهران اچي، مولو ميراثيءَ کي ساڻ ڪري، حيدرآباد روانو ٿي ويو.

بالآخر، اها مٿي ڄاڻايل مورخه 8 آڪٽوبر سنه 1958ع واري رات به آئي، جنهن ۾ دهلن، دمامن ۽ راڳ رنگن سان لڏون ورهايا ويا، ۽ دراز ريش قاضي صاحب نڪاح پڙهائي، ازدواجي زندگيءَ جي زنجيرن ۾ اسان کي جڪڙي قابو ڪري ڇڏيو. اتي وري به، اهي ئي ساڳيا اکر، جيڪي هن مضمون جي شروعات ۾ لکي يو آهيان ته "لکيو منجهه نراڙ، قلم ڪياڙيءَ نه وهي" - تن کي وري ٻيهر دهرائڻو وي ٿو. تنهن سان گڏ، تقدير ۽ تدبير جي معاملن تي ويچاريندي، تقدير جن اڳيان سرتسليم خم ڪري، تدبير کي شڪست ڪائيندو ڏسي، انهي ڳٽيءَ کي حل ٿا ڪيون، جنهن کي وڏا وڏا عالمءِ فلاسافر به اڄ ڏينهن تائين سلجهائي نه سگهيا هن.

شب زفاف جو لطف حاصل ڪري، زندگيءَ جي سفر ۾ هم سفر بڻجي ڪاهي پياسين ۽ هلندا هلياسين. جنهن ۾ ڪيئي نشيب و فراز، طوفان و حوادث، نفاق ۽ اختلاف، هيجان، خيزان ۽ طلاطم، برپا ٿيندا رهيا. جن مان ڪن کي

جذبات سان، ڪن کي ٿڌي دماغ سان، سلجهائيندا ۽ حل ڪندا رهياسين، ايتريقدر جو اولادي اوقادي بڻجي، گهر گرهستي ٿي وياسين.

باقي اهو الڳ ۽ جداگانه، فيصلو ٿيل فلسفو آهي ته اڪثر ڪري دليون ته مليون وڃن ٿيون، پر طبيعتون نٿيون ملن. ڇاڪاڻ ته دلين ۾ رحماني عنصر موجود هوندو آهي، ته طبيعتن ۾ وري اڪثر ڪري طوفاني ۽ شيطاني ۽ جولاني عنصر هوندو آهي. دل کي ته 'خدا جو گهر ۽ ڪعبو' به ڪري چوندا آهن. مگر طبيعتون، دنيا جي حادثات ۽ فڪرات کان متاثر ٿي، تيز و تند ۽ شوخ و شنگ ٿي ويندين آهن. جنهن ۾، انا ۽ فخر به شامل هوندو آهي. اهڙيءَ طرح سان، اسان جون دليون ۽ طبيعتون به ڪڏهن موافقت ته ڪڏهن وري مخالفت جي وهڪري ۾ وهنديون رهيون.

علي رضا جي ولادت ۽ انور علي

انهي لکڻي جي ليک کان پوءِ جلد ئي اسان جي هڪڙي غريب، مگر مخلص دوست، هم نواله ۽ هم پياله جي معرفت، هڪڙي اهڙي سڄڻ، يار دلدار، غمخوار ۽ غمگسار سان ملاقات ٿي، جنهن جو نالو نوابزاده ڄام انور علي خان هو. جيڪو سنڌ جي انتهائي معزز ۽ سخي خاندان جو چشم و چراغ ۽ پنهنجي سر پاڻ به نهايت سخي ۽ البيلو راجا هو. انهيءَ ڄام خاندان جو، ۽ ساڻس پهرينءَ ملاقات جو ذڪر ته اڳتي هلي، سندن خاص مضمونن ۾ ڏيندس. پر هتي فقط انهيءَ ازدواجي زندگي جو هڪڙو يادگار مثال پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

اسان جي ٻن سالن جي دوستيءَ کان پوءِ، جنهن ۾ هڪٻئي کي ڪافي پڙهي، پرکي، پروڙي ۽ بي تڪلف بڻجي، حجتن جي حد تائين پهتاسين، ته پاڻ محبت ۽ صداقت ۾ اچي، سوالڀيه نگاهن سان نهاريندي، پڇيائين ته "توهان کي اولاد ڪهڙو آهي؟" تنهن وقت مون کي فقط ڏيئر ئي ڏيئر هيون. انهيءَ آخري گهر مان به پهرين دختر تولد ٿي چڪي هئي، جن بابت مون ڪيس ٻڌايو. جنهن تي، پاڻ حيران ٿي چيائين ته "اگر تون منهنجو هڪڙو چوڻ مڃين.... پر مون کي پڪ آهي ته، روحانيت جي پيداوار هوندي به، تون هن مادي ۽ مشيني دور کي وڏيڪ اهميت ڏين ٿو. پر اسين ته هن مادي دور ۾ رهندي به روحانيت جا قائل آهيون. تنهن ڪري جمعي جو متواتر ست راتيون، مون سان گڏجي هلي، لطيف سائينءَ جون زيارتون ڪر ۽ منتو مان، ته توکي لطيف سائينءَ جي دعا سان، الله تعاليٰ ٻچڙو عطا ڪندو. جنهن جو خانداني نالو ته جيڪو وٺيو رکجو، پر منهنجي طرفان، سندس نالو 'انور علي' آهي." اهو ٻڌڻ کان پوءِ، مون به ڪيس پرخلوص مسڪراهٽون ڏيندي، جواب ڏنو ته "انور علي ته خدا جي فضل و ڪرم سان، توهان اسان وٽ موجود ئي آهيو. الله تعاليٰ اوهان کي سَوَ، هزار، لک ورهيه عمر بخشي، هتي ٻيو ڪهڙو انور علي ايندو

تنهن کان سواءِ آءٌ جڏهن به انهن بزرگن، خدا رسيده عارفن، ابدالن ۽ اوليائن جي مقبرن تي ويندو آهيان، ته اتي عبرت حاصل ڪري، قل ۽ قرآن پڙهي، بخشي، دعائون ڏيئي، پنهنجي لاءِ فقط ايمان جي سلامتي، صحت سگهائي، يارن دوستارن، دلوارن دلدارن، پيارن فنڪارن ۽ ٻچن ٻارن لاءِ دعائون گهرندو آهيان. پوءِ جيڪي به ڪجهه ٿيندو رهندو آهي اُن لاءِ 'هر چه بادا باد' چئي، خدا جي رحمتن ۽ نعمتن جو شڪريو ادا ڪندو رهندو آهيان. باقي شاهه عبداللطيف ته منهنجو پوٽو آهي ۽ آءٌ 'ڪريم' آهيان." جنهن تي ڄام انور علي خان وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي ۽ ڪلندي ڪلندي ڪيرو ٿي چوڻ لڳو ته "ڏٺئي! ڏٺئي!! ڏٺئي!! جيڪي ڪجهه مون چيو هو، اٿين ٿيو نه، ها ها ها!! ها ها ها ها!!!" اٿين ڪلندي، ٽهڪ ڏيندي چوڻ لڳو ته، "ها ها ها ها! نيٺ تون دهريو ثابت ٿئين نه! مون‌ته اڳي ئي ٿي چيو ته انهيءَ معاملي ۾ ته تون بلڪل ئي دهريو آهين، ها ها ها ها! ها ها ها ها!! پر هاڻي تون چئين، آءٌ پاڻهي اهو بندوبست ڪندس. پر تون صرف 'انور علي' ، منهنجي رڪيل نالي، کي ياد رکجان."

ڪجهه عرصي کان پوءِ، معلوم ٿيو ته اهو ڪم، جيڪو ڄام انور علي خان مون کان وٺڻ چاهيو ٿي، سو ننڍي بيگم صاحبه کي نياپو موڪلي ڪانئس ئي ڪرايائين. تنهن کان سواءِ پاڻ به اُهي ست راتيون، لطيف سائينءَ جي مقبري تي جاڳندو ۽ دعائون گهرندو رهيو.

سال کن اندر پٽ پيدا ٿيو. سندس نالو پنجن تنن جي عقيدت ۾، بلي شاهه جي ٻانگ واري اصلي نالي مطابق، علي رضا رکيم. ڄام صاحب جن اهو ٻڌي، دهلن ڏمالن سان، گلن جا هار، مٺايين جا بنڊل ۽ فروٽن جا ٽوڪرا ڪٽي، ماتليءَ پهتو. مبارڪ مبارڪ جا آواز بلند ٿيڻ لڳا. مٺايون تقسيم ٿيون. فقيرن فقرائن کي خير خيراتون ڏيئي، سڄي اوڙي پاڙي ۽ آسي پاسي وارن سان گڏ، ساري ماحول کي خوش ڪري، پنهنجي طرفان انور علي نالي کي بار بار ورجائيندو، دهرائيندو، موٽرن جي جلوس ۾ واپس روانو ٿي ويو. اڄ ڏينهن تائين، منهنجي وڏي فرزند علي رضا کي پاڻ انور علي ئي سڏيندو رهندو آهي.

علي رضا جي پيدا ٿيڻ تي ڪيترائي دوست، احباب، يار دلدار ۽ فنڪار هلي اچي مبارڪون ڏيڻ لڳا. ڪيترن تارن ۽ خطن ذريعي مبارڪون ڏنيون ته ڪيترن وري ٽيليفون تي مبارڪباد ڏني. ٽيليفون تي مبارڪباد ڏيڻ وارن ۾، مير علي احمد خان تالپر جو نالو سر فهرست آهي، جنهن تي سندس مبارڪباد ڏيڻ جو ڍنگ ئي عجيب ۽ نرالو هو. پاڻ مبارڪ ڏيڻ کان پوءِ پڇيائين ته "نورچشم جو نالو ڇا رکيو اٿئي؟" مون کيس علي رضا ٻڌايو. جنهن تي وڏو ٽهڪ ڏيندي چيائين ته "سيدن جا نالا ڪٿي ٻروچڪي ٻار تي رکيا اٿئي!" مون کيس وراڻيو ته "صرف هڪڙي سيد عليءَ جو نالو رکيو اٿم، ٻيو رضائون ورهائڻ وارو، پر تون ته پاڻ تي ٻن ٻن سيدن جا نالا رکيو وينو آهين! علي ۽ احمد! يعني علي به سيد ته احمد به سيد!" تنهن تي پاڻ

لاجواب ٿي، پنهنجي مخصوص انداز ۾ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، وري به ٻيهر مبارڪ لفظ کي ورجائيندي، خيريت پڇي، سلام ڪري، ٽيليفون بند ڪيائين.

تنهن کان پوءِ اهو سلسلو برابر جاري و ساري رهيو. اڄ خدا جي فضل و ڪرم سان، نياڻين کان سواءِ چار فرزند به آهن، جيڪي سڀيئي ٽن نياڻين سان گڏ ننديءَ بيگم مان تولد ٿيا. مادر دختران مان فقط ست نياڻيون، ٿي آهن. تنهن کان سواءِ هڪڙي پنهنجي خانداني گهر مان، جملي يارهن نياڻيون چار پٽ ۽ ٽي بيگمات آهن. وڏو پڇڙيوال ۽ عيالدار بڻجي، پنهنجي خانداني قافلي کي ڪڏهن آسودگين ۾ ته ڪڏهن رنجيدگين ۾ گهليندو ۽ هلائيندو رهان ٿو. ازدواجي زندگي تمام سهڻي، سٺي، صاف ستري، شگفته ۽ خوشحاليءَ ۾ گذري رهي آهي. هي مضمون لکجي وڃڻ کان پوءِ ننديءَ بيگم مان ننڍڙي دختر تولد ٿي. هاڻي جملي ٻارهن ٿيون.

ننديءَ بيگم به اتفاقن ۽ اختلافن، جهڳڙن، جهمگٽن، قربتن ۽ ڪلفتن سان گڏ، هڪ بهترين وفاشعار ۽ خدمتگار زوجه، اولاد لاءِ بهترين ماءُ، ڀائرن جي بهترين ڀيڻ ۽ ماءُ پيءُ جي نهايت تابعدار ۽ فرمانبردار ڌيءَ بنجي، پنهنجو دنياوي سفر بيحد خوش اسلوبيءَ سان بسر ڪري رهي آهي. ساڳيءَ طرح سان ٻيون بيگمات به خوشحال ۽ خدمتگذار رهنديءَ، پنهنجي فرض ادائي بخوبي ڪنديون رهن ٿيون. باقي اها هڪ فطري ۽ الڳ ڳالهه آهي ته جتي به ٻه ٽڪر هوندا آهن ته ٽڪندا رهندا آهن. هي ته بهرحال گهڻين زالن ۽ ٻارن جو گهر آهي، اهو به سوڪڻ سان- جتي اتفاق ۽ اختلاف لازم آهن.

درحقيقت، ننديءَ بيگم جي مائٽن اها رشتيداري محض انهيءَ سوچ کي مقدم رکندي ڪئي هئي ته جنهن وقت اسان جي طرفان ڏنل حسن جو شاهڪار تحفو، انهيءَ خوشحال، باوقار، فياض ۽ سخي گهراڻي ۾ ويندو، ته سڀيئي حيرت ۾ اچي، عش عش ڪري، داد ڏيئي، اطاعت ڪري سندس خدمتگار بڻجي رهندا ۽ سڄي گهر تي سندن ڌيءَ جو ڏاڪو، حڪومت، حڪم ۽ حڪمراني هلندي. رئيس صاحب جيڪو اڳي ئي حسن پرست ۽ رومانوي فطرت جو مالڪ آهي، سو به پنهنجي نئين نويلي، حسين جميل ۽ سهڻيءَ ڪنوار جي نو عروسيءَ کان متاثر ٿي، ٻين بيگمات کي پوئتي رکي، فقط ننديءَ بيگم جو ئي وفادار، تابعدار ۽ مريد بڻجي رهندو.

ائين سچ آهي. هيءَ ته واقعي حسن جو شاهڪار هئي. پر ڪانگن کي به پنهنجا ڪارا ٻچا پيار ٿي هوندا آهن. ليڪن منهنجي حساس ۽ وفاشعار طبيعت بابت، سندن اندازو بلڪل غلط هو. ڇاڪاڻ ته مون مساويانه حقوقن کي مدنظر رکندي، ٽنهي موجود بيگماتن کي، پنهنجي رتبي، مان شان مطابق ٿي رکيو، جيڪو مون تي فرض عائد ٿيل هو. وڏيءَ بيگم کي، وڏين نظرن سان ڏٺم ٿي، جيڪو سندس حق هو. ٻيءَ بيگم، مادر دختران، کي ٻئي درجي تي رکندي، ڪيس خوش

رڪڻ جي ڪوشش ڪيم ٿي، تہ ننديءَ بيگم کي ٽئين درجي ۾ آڻي پيار ڏنم ٿي. حالانڪ، پيار جون فطري تقاضائون، ننديءَ بيگم سان ئي وابستہ هيون. پر فرضي ۽ خلاقي تقاضائون اهي هيون تہ ٽنهي بيگماتن جا ازدواجي حقوق سندن درجن ڪلاسن مطابق ئي ڏنا وڃن، جيڪي اڳتي هلي باعث اختلاف بہ بڻبا رهيا. پر الله جي فضل و ڪرم سان، سنجيدگيءَ ۽ معاملہ فهميءَ سان اُهي سڀ پورا ڪندو رهيس. اڄ ڏينهن تائين، انهن مساويانہ حقوقن کي ائين ورهائيندو پورو ڪندو رهان ٿو. ڪنهن جي اتفاق يا اختلاف جي قطعي ڪا پرواه نہ هوندي اٿم.

شابس آهي خليج فارس جي شيخن ۽ عربستان جي عربن کي، جيڪي شرعاً جائز چئن زالن کان پوءِ، ڪيئي زرخريد ڪنيزون، رکيل داشتائون، جيڪي سون جي تعداد ۾ هونديون اٿن، تن کي هڪڙيءَ ئي سطح تي رکندي، ساڻن ڪيئن نياڻي رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ سطح، هڪجهڙائي ۽ مساوات قائم رکڻ تہ وٽانئن ئي سان کي درآمد ٿي آهي. ڪين تہ اسان کان بہ وڌيڪ خيال هئڻ گهرجي. پر اسين تہ حاضر و موجود ٻن ٽن بيگماتن کي برابريءَ ۾ آڻڻ لاءِ مشڪل محسوس ڪريون ٿا. مگر خليج فارس جا اهي شيخ ۽ عربستان جا عرب سڳورا، منڪوحہ زالن، خريد ڪيل ڪنيزن ۽ داشتائن کان پوءِ بہ ڊاپي ڊوُ نٿا ڪن. نت نت نوان نوان رومانس، بيروت، مصر، عراق، ايران، هندستان ۽ پاڪستان کان سواءِ آمريڪا ۽ يورپ ۾ بہ رچي ڪندا رهن ٿا. تنهن هوندي بہ سندن نفساني حوس و حرص ۽ بک جي پورائي نٿي ٿئي. پر اُهي مسلمان جا 'عرب سڳورا' آهن. قرآن شريف بہ سندن ئي ٻوليءَ ۾ نازل ٿيو آهي. نبي آخرالزمان، ختم المرسلين... بہ، سندن ئي قوم مان پيدا ٿيو، جيڪو اسان جو آخري نبي آهي.

الله تبارڪ وتعاليٰ بہ، موسيٰ جي قوم بني اسرائيل جي مرغزارن کان منهن موڙي، عربستان جي بدوئن سان ناتا جوڙيا. حضرت ابراهيم عليه السلام بہ مڪہ شريف ۾، لات، منات، حبل، عزا جي بتن کي توڙي، انهيءَ جاءِ تي "خانہ خدا" يعني ڪعبت الله تعمير ڪيو. تنهن ڪري سڀيئي نسبتون، وڏايون ۽ فخر عرب سڳورن کي ئي حاصل آهن. پوءِ اُهي ڇو نہ ڪيئي عشرت ڪده قائم ڪري، عيش و عشرت ڪندا رهن. ڪين اهو سڀ جائز آهي، ڇاڪاڻ تہ سڳوري ملڪ جا سڳورا آهن.

ڄام خاندان ۽ سندن سخائون

مٿئين مضمون ۾، پنهنجي يار دلدار، غمگسار ۽ غمخوار نوابزاده ڄام انور علي خان جو ذڪر ڇيڙي، سندس نيڪ تمنائن ۽ دعائن سان ننڍڙي 'انور علي' جي ولادت ۽ مٺس "علي رضا" نالي رکڻ جي بيان سان، نئين نويلي ڪنوار ننڍي بيگم صاحبہ جي مضمون کي نياڻي پورو ڪرڻ ۾ لڳي ويس.... تہ ڄام صاحب جون دل ڀائيندڙ نظرون، من موهيندڙ مسڪراهٽون، سواليہ نگاهن سان اُڪسائن ۽

چيڙائڻ لڳيون تہ:

"ڇا، اڃا بہ اسان جي مضمونن تي تبصري ڪرڻ ۾ دير آهي؟ جو مٺا جداگانہ مضمون ڪي، لالچ ڏيئي، ترسائي آيو آهين!"

جواباً عرض تہ "نہ نہ، سائين! هرگز نہ!! هاڻي اهو اوهان ۽ اوهان جي خاندا تي ئي تبصرو جاري و ساري آهي."

"هڪڙي پنهل ڪاڻ، ٻانهي ڪل ٻروچ جي."

ڄام خاندان جي لائق فائق ۽ هووٿهار چشم و چراغ، ڄام مٺا خان، ج ماڻهو اڄ بہ مثال ڏيندا آهن تہ "اڙي هل هل، ڏٺوسين. اسان لاءِ ڪو ڄام مٺا خا ٿي ويو آهين ڇا!- ها ها، سائين تون تہ واقعي ڄام مٺا خان ئي نظر ٿو اچين- ٿور ترس تہ ميان!! اڃا مٺا خان ٿيڻ ۾ گهرجي ٿو؟"

اهڙا تہ ٻيا بہ ڪيئي مثال، انهي سخي خاندان جي فردن لاءِ مشهور مخصوص آهن، جيڪي سجيءَ سنڌ ۾، اُچاريا، پچاريا ۽ ورجايا وڃن ٿا. سندس ننڍي ڀاءُ ڄام ڪانيو خان ۽ نوابزاده ڄام جان محمد خان جون بہ ڪئين روايتون ڪهاوتون، عنايتون، روايتون ۽ سخاوتون مشهور آهن. جن تي اڳتي هلي، روشني وڌي ويندي. هتي فقط پهرئين ڄام، مٺا خان، جون ٻڌل ۽ ڪي ڏٺل ڳالهيون در ڪجن ٿيهن.

ڄام مٺا خان کي سخاوت سان گڏ ثقافت واري شعبي، پهلوانيءَ جي ملهن ملاکڙن ۽ حسن جي پرستش سان شوق نہ بلڪ عشق هوندو هو. وٽس ڪيئي پهلوا پلبا ۽ ٽلها متارا ٿيندا رهندا هئا. پاڻ وري انهن جي وچ ۾ چانديءَ جي ڪرسي وجهارائي، ملهہ جي داءَ پيچن، انگن انگڙاين جون ڳالهيون ٻڌندو رهندو هو. هڪڙو ماهر ۽ ڄاڻوءَ وانگر، ڪين صلاح مشورا ڏيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن انهن جاهلن جہ "بہ بہ بہ..... بہ بہ بہ" ڪري ڳالهائڻ جو لطف ۽ حظ وٺي، ڪلندو، ڳالهائيندو خوش ٿيندو هو. انهن محفلن ۾، ڪي چرچائي گهبائي ۽ مسخرا بہ هوندا هئا، ج جي ظرافت سان بہ بهره زن ٿي لطف اندوز ٿيندو هو. ملهہ پالڻ، انهن کي ڪارائ پيارڻ ۽ سندن سارسنيار لهڻ تي، هاڻين ۽ شيهن کان بہ وڌيڪ خرچ ڪرڻو پوند هين. تنهن کان سواءِ ملهن جا ڪپڙا لٽا، جن ۾ ويهن، ٽيهن چاليهن والن يا تاڪيہ تاڪيي جون شلوارون، سلڪن ۽ بوسڪين جا پٽڪا، وائل تي چڪني ۽ بوسڪي جون قميصون ڪُڙتا، گلي جا سونا ڏورا، ڪن جون سونيون ڪيوٽيون، هٿن جو سونيون منڊيون، اهو سڀ خرچ، ڄام مٺا خان ئي ڪندو هو. ڪيرن جا ڀريل ڊلا نبار نج گيهن جا ڊبا بہ، انهن ملهن جي حوالي ئي هوندا هئا. صبح جو نيرن ۾ ڏ مکڻ، مهي ۽ ڏنٿورا بہ سندن لاءِ ئي مخصوص هوندا هئا.

تنهن سان گڏ، ملاکڙي ۾ ملهون وڙهڻ وقت، چڙهندڙن خواه ڊهندڙن کي اُٺ تي سوار ٿي، چانديءَ جي رپين جون مٺيون ڀري، اُڇلائي ڏيندو هو- جن کي

اُهي چونڊيندا ئي رهندا هئا. اهڙيءَ طرح سان ملهن کي خوش ڪرڻ ۽ ملاکڙي ختم ٿيڻ کان پوءِ، جڏهين سج لهي ويندو هو، تہ بازار حسن ۾ اچي، عارضي طرح لڳايل پکن جي پونگين مٿان، چرچي، پوگ ۽ مذاق طور، چانديءَ جي رپين جون مٺيون پري اُڇلائيندو هو. جتي، عجيب و غريب ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي. تنهن وقت انهن سهاڳڻين وٽ ڪي تماشبين بہ، مختلف حالتن ۽ نرالين ڪيفيتن ۾، اندر بند هوندا هئا- جيڪي رب رکيون، چند چانديءَ جي سکن خاطر پنهنجي عزت، عفت ۽ عصمت، انهن تماشبينن جي حوالي ڪري، پنهنجي پيٽ ۽ معاش جو ائين پورائو ڪنديون هيون.

جنهن وقت ڄام صاحب جي رپين سان پريل مُٺيون، مينهن جي ڳڙن وانگر، سندن پونگين تي وسنديون هيون، تہ ماڻهو اُنهن پونگين جا پڪا بہ پٽي ڪٽي ويندا هئا. ويچاريون اُهي سهاڳڻيون ۽ تماشبين برهنہ ۽ نيم برهنہ جسم ۽ ستر ڍڪڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي، ڦڪين ڦڪين مسڪراهٽن سان ڏسنديون ۽ ڏسندا رهيا هئا. اهڙيءَ طرح سان ڄام صاحب جي اُٺن وارو قافلو، ڪلندو خوش ٿيندو، انهن تان ٺٺوليون ۽ مسخريون ڪندو، رپين جي سکن جون پريل مٺيون اُڇلائيندو، بازار حسن مان روانو ٿي ويندو هو.

ڄام صاحب جن، اڪثر ڪري جڏهن سانباهو ڪري ڳوٺان ڪنهن ميڙي تي ويندا هئا، تہ فقير فُقرا سندن پروگرام جو ٻُڌي، رستي جي ٻنهي پاسن کان، قطارون ڪري بيهي رهندا هئا. جن کي، ڄام مٺا خان، اُٺن تي ڪنيل، چانديءَ جي رپين سان پريل خُرجينن منجهان، رپين جون مُٺيون پريندو، اڇلائيندو ۽ ورهائيندو ويندو هو. اٺ جي پاڪڙي واري اڳئين خاني ۾، اڪثر ڪري ڄام ڪانيو خان، هٿ ۾ مهارون جهلي، جت جا فرائض بجا آئيندي، اٺ هلائيندو هو. هن جا ٻئي هٿ مهارن ۾ ئي قابو هوندا هئا تہ ڄام مٺا خان وري پنهنجن ٻنهي هٿن سان خرجينن مان رپيا ڪڍندو خيراتون ڪندو ورهائيندو رهندو هو.

جڏهين بہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جن جي ميلي تي سانباهو ڪري روانا ٿيندا هئا، تہ ڄام ڳوٺ کان ڀٽ شاهہ تائين ويندڙ، پنجويهن ٽيهن ميلن ۾، ٻنهي پاسن کان ايندي ويندي، فقير فُقرائن، مسڪينن، محتاجن ۽ غريبن جا هجوم گڏ ٿي ويندا هئا. جن کي هو خير خيراتون ڏيندا، ۽ خوش ڪندا، سخائون ورهائيندا، ويندا هئا. انهن سخائن ۽ خير خيراتن مان، ڄام صاحبن کي تمام گهڻو لطف حاصل ٿيندو هو.

ڄام مٺا خان کي، ڪوبہ اولاد ڪونہ هو. تنهن ڪري، سندن بيگم صاحبہ، راڄ جيجيءَ، منهنجي يار دلدار انور علي کي پٽ ڪري پاليو. ڄام مٺا خان جي وصال ڪرڻ کان پوءِ، انور علي خان کي ئي مٺا خان ڪري سڏيندا هئا. جيستائين، ڄام ڪانيو خان کي صادق علي خان تولد نہ ٿيو. جنهن جي عالم وجود ۾ اچڻ کان

پوءِ، ڄام منا خان وارو نالو، انور علي خان کان ڪسي، صادق علي خان تي رکيو ويو- جيڪو، نواب ڄام جان محمد خان کان وڏي ڀاءُ ڄام ڪانيو خان جو پٽ هو. جنهن وقت، نوابزادو ڄام انور علي خان تولد ٿيو هو، تہ انهي وقت، ڄام ڪانيو خان کي ڪوبہ اولاد نہ هو، ۽ ڄام خاندان جو سڄو راض ۽ پيار، خانداني ڏاڏي پوٽيءَ مان ڄايل، ڄام انور علي خان تي ئي پلٽي پيل هو. حالانڪ، سندن والد صاحب نواب جان محمد خان کي ڏاريءَ شاديءَ مان نوابزاده ڄام امير علي خان اڳيئي ڄايل هو. اهڙيءَ طرح سان، نواب ڄام جان محمد خان کي الله تبارڪ وتعاليٰ جي فضل و ڪرم سان چار فرزند عطا ٿا. جن ۾، نوابزاده ڄام انور علي خان ۽ نوابزاده ڄام سبب علي خان پنهنجي خانداني ڏاڏي پوٽيءَ ماءُ مان، تہ نوابزاده ڄام امير علي ۽ نوابزاده ڄام ڪرم علي خان ٻيءَ ماءُ مان تولد ٿيا.

ڄام ڪانيو خان کي بہ خدا جي فضل و ڪرم سان بہ فرزند ڄام صادق علي خان ۽ ڄام شير علي خان تولد ٿيا. جيئن مٿي ذڪر ڪري آيو آهيان، تہ ڄام منا خان تہ بي اولاد ئي هن جهان فاني مان لاڏاٿو ڪري ويا. سندن ٻيو سوٽ ڄام ملوڪ، جنهن جا، سندن خانداني ۾ حصا ۽ ورثا هئا، ۽ جنهن، اختلاف ۾ اچي، مقدمي بازيون ڪري، جدا ٿي، فارقتي ڪئي هئي، تنهن کي پڻ الله جي فضل و ڪرم سان بہ فرزند عطا ٿيا، جن مان وڏو ڄام مير جنهن کي ڄام تماچي ڪري ڪوٺيندا آهن. هيءُ وڏو سخي، فقير طبع، موالين جو يار، حسن پرست، ڳائڻ وڄائڻ، ٻڌڻ سٽڻ جو شوقين، پاڻ دلو ۽ پڪواز بہ بخوبي وڄائيندو آهي. سندس اکر بہ ڏاڍا سٺا سهڻا، جهڙا موتيءَ جا داڻا. پر، غلط صحبت ۾ رهندي، پنهنجي خانداني جائداد جو وڏو حصو، نهايت بيدرديءَ سان برباد ڪري چڪو آهي. تنهن هوندي بہ سندس انتهائي، سخي، فياض ۽ مهمان نواز طبيعت ۾ اُهائي خُو ۽ اُهي ئي خوبيون موجود آهن. انتهائي حساس، حليم طبع، پيارو ۽ نماڻو ٿي، عزت سان وقت گذاري رهيو آهي. پر سندس ننڍي ڀاءُ ڄام شوڪت عليءَ تہ جهالت ۽ بيوقوفيءَ سان پنهنجي دولت ۽ زميندارين کي لٽايو ۽ برباد ڪيو. هن وقت ڄام ملوڪ جي ٻنهي فرزندن، ڄام مير ۽ ڄام شوڪت عليءَ کي، الله جي ڪرم نوازيءَ سان، نوابزاده ڄام انور علي خان جوئي دست شفقت ۽ مدد حاصل آهي.

مون کي ڄام مير جي حليم طبيعت، صداقت، خلوص نيڪ نيتيءَ ۽ نماڻائيءَ سان والهانہ پيار آهي. ڇاڪاڻ تہ هو اسان جي فنڪار برادريءَ جو پيارو، خوش خلق ۽ شيرين گفتار فنڪار بہ آهي. سندس وڄايل اڪثر زميندارين جو مالڪ، نوابزاده ڄام انور علي خان جي ماماٽن مان ڄام رسول بخش خان نوازجي چڪو آهي- جيڪو، وقت جي نزاڪت ۽ مصلحت ڏسي، ڄام مير جي ڪمزورين مان فائدو وٺي، ضرورت مطابق آهستي آهستي همدرديءَ جي آڙ ۾ ڪيس ٿوري گهٽي رقم ڏيندو، ڪانئس زمينون خريد ڪندو ويو.

ڄام رسول بخش خان بہ، نوابزادہ ڄام انور علي خان جي رازدارن، حسن پرستيءَ جي دلدارن ۽ رومانوي يادگارن مان آهي، جيڪو اڪثر ڪري زندگيءَ جي سفر ۾ همرڪاب ٿي، سندس ساٿي بڻجي، عيش عشرتون ڪندو، معاشي حالتون سڌاريندو، پنهنجي اقتصاديات کي حل ڪندو رهيو، ۽ هن کي پڻ ڄام انور علي خان جون مددون ۽ دعائون حاصل آهن. هو پاڻ بہ نهايت رنگين مزاج، حسن پرست ۽ يارن جو يار آهي. باقي پوءِ عيب ثواب تہ هرڪنهن ۾ ٿين ٿي ٿين ٿا. تنهن ڪان سواءِ سندس چاچو ڄام نبي بخش خان وڏو ڄاڻو، ڳاليهر، موقعہ شناس، مطلبي ۽ مصلحت انديش آهي- جنهن بہ ڄام صاحبان سان مقدمہ بازيون ڪري، وڙهي، نواب لاهوريءَ جي معرفت ڪانئن ڪافي زمينون حاصل ڪيون ۽ هاڻي خوشحال زندگي گذاري رهيو آهي. انهن اختلافن هوندي بہ، ڄام صاحبان جي وسيع قلبيءَ، فياضانہ فطرت ۽ سخي طبيعت، جملي اختلافن کي وساري، هضم ڪري، گذشتہ را صلوات پڙهي، سندن سرپرست ٿي رهندا پيا اچن.

ڳالهہ پئي هلي ڄام منا خان، ڄام ڪانيو خان ۽ نوابزادہ ڄام جان محمد خان جي، تہ وڃي نڪتاسين سوٽاڻن، ماماڻن ۽ ناناڻن ۾. تنهن ڪري، ٻنهي ڌرين کان معافي وٺندي، وري بہ پٺون ٿا يار جي پچار ۾. معافي محض اٿهيءَ لاءِ ورتي ويئي آهي تہ، خدانخواستہ، ڪي غلط يا دل ڏکوئيندڙ ڳالهيون نہ لکجي ويون هجن. پر، جيئن چوندا آهن تہ "نيت صاف منزل آسان" - تنهن ڪري مون ڪنهن بہ قسم جي بدنيتيءَ يا دل آزاريءَ لاءِ هرگز نہ لکيو آهي.

ڄام منا خان، ڄام ڪانيو خان ۽ نواب ڄام جان محمد خان، ٽنهي پائرن جو پاڻ ۾ ايڏو تہ قرب ۽ پيار هوندو هو، جو هم خيال، يڪ زبان ۽ طبيعت جي يڪسانيت سان، ڪاروبار ۽ هر ڪم ڪار کي منهن ڏيندا هئا. ڄام منا خان محڪمہ ثقافت ۽ سخاوت جي حوالي هو، تہ ڄام ڪانيو خان وري زمينداريءَ ۽ راڄداريءَ، نيائن ۽ فيصلن کي منهن ڏيندو هو.

نواب جان محمد خان، ڪامورن، آفيسرن، انگريزن کان سواءِ ملڪي ۽ غير ملڪي اهم ۽ سرڪرده شخصيتن جي دعوتن ۽ شڪارن جا انتظام اهتمام ڪرڻ سان گڏ، سياست ۾ بہ بهره زن ٿيندو هو. پاڻ آنريري مئجسٽريٽ، ڊسٽرڪٽ لوڪلبورڊ نوابشاهہ جو پريزيڊنٽ، چيئرمين اسڪول بورڊ نوابشاهہ، جسٽس آف پيس (Justice of Peace)، ليجسليٽو ڪائونسل بمبئيءَ جو ميمبر، ضلعي نوابشاهہ طرفان نمائندگي ڪندڙ، تنهن سان گڏ، سنڌ جي بمبئي کان الڳ ٿيڻ کان پوءِ پهرين سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر پڻ هو. تنهن کان سواءِ، ٻين بہ ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري خودمختيار ادارن جو ميمبر ۽ پريزيڊنٽ پڻ ٿي رهيو. ڪيس پهرين خانصاحبي، پوءِ خانبهادري، انهيءَ کان پوءِ سردار بهادري ۽ آخر ۾ انگريز سرڪار طرفان، نوابيءَ جو خطاب ڏنو ويو. اڪثر ڪري، انگريزن سان سندس والهانہ

دوستي هوندي هئي. تنهن ڪري ئي "نواب" جو خطاب حاصل ڪيائين. پاڻ هميشه، ولايت وڃي، انگريزن سان دوستيون وڌائيندو ۽ ان ۾ اضافو ڪندو رهيو. تنهن وقت ولايت جو سفر تمام مهانگو، ناياب، اڻ لڀ ۽ اٿانگو هوندو هو. ڪنهن ٽئي ٽامٽيءَ جي جاءِ نه هوندي هئي، جو ولايت وڃي، سير و تفريح ڪري سگهي. آخر ۾ پنهنجي بيماريءَ جو علاج به لنڊن ۾ ئي ڪرايائين ۽ اُتي ئي رحلت فرمايائين.

سندس فرزند نوابزاده ڄام انور علي خان، جيڪو بيماريءَ دوران تيمارداريءَ خاطر سائس گڏ هو، پنهنجي والد صاحب جن جي ميت، هڪڙي چارٽر هوائي جهاز ذريعي ڪٽائي، اڪيلي سر ڪراچي ايئرپورٽ تي پهتو. جتي پهچي، پنهنجن عزيزن قريبن، يارن دوستارن، غمخوارن ۽ غمگسارن کي ڏسي ڏراڙون ماري روئندو ۽ رڙاڙيندو رهيو. حالانڪ لنڊن، ۽ لنڊن کان ڪراچيءَ تائين، سندس اڪڙين مان، هڪڙو لڙڪ به نه لڙيو هو. اهڙيءَ طرح سان، سدا بهار شخصيت رکندڙ نواب جان محمد خان، رعب ۽ حشمت، دبدبي ۽ جلوه و جلال سان پنهنجو دنياوي سفر پورو ڪري، واصل بالله ٿيو- انا الله وانا عليه راجعون!

ڄام ڪانيو خان جي فياضانه سخائن، نيائن ۽ راڄداريءَ جي فيصلن جا به ڪيئي مثال قائم ٿيل آهن، چون ٿا ته علي الصبح بنگلي کان ٻاهر اچي پهريائين فقيرن فقرائن، مسڪينن محتاجن، ضرورتمندن ۽ حاجتمندن سان ملي، سندن منهن مانگيون ضرورتون ۽ گهرجون پوريون ڪندو هو. جن ۾ ڪي سنجن سميت گهوڙا گهرڻ وارا هوندا هئا، ته ڪي ڪربلا معليٰ وڃڻ وارا زائرين، ڪي حج بيت الله ڪرڻ جا خواهشمند، ڪي پٽن کي پرڻائڻ وارا، ته ڪي وري نيائين کي شادي ڪرائڻ وارا سوالي هوندا هئا. بهرحال سڀني کان حال احوال وٺندو، سندن ضرورتون پوريون ڪندو. وٽانئن دعائون وٺندو، خوشنوديون حاصل ڪري، وري واپس اچي نيائن فيصلن ۾ ويهندو هو. اهي نياء ۽ فيصلا به سالڪ ۽ وينجهار ٻڌجي، ساڪاريندو سينگاريندو هو، جن ۾ اڪثر ڪري ٻئي ڏريون خوش ٿي، ڪيس دعائون ڏيندا ويندا هئا. انهن نيائن فيصلن مان فارغ ٿي، پنهنجن زميٺداري ڪمن ڪارين ۾ مشغول مصروف ٻڌجي، هارين ناريين، ڪمدارن ڪاراون سان ويهي، رهاڻ رس ڪري، ساڪاريندو سلجهائيندو هو. تنهن کان پوءِ وري، يارن دوستارن، پيارن دلدارن، اميرن ۽ آفيسرن سان ڪچهريون ڪري، سائس گڏجي، يڪ دسترخوان ٿي، طعام تناول ڪندو هو. اهو سندس روزمره ۽ حسب معمول جو مشغلو ٿي رهيو. چاهيندو هو ته ڪنهن کي به ڪا شڪايت باقي نه رهي. پر چاهي فقير فقرا هجن، چاهي راڄ پاڳ، هاري ناري، هجن چاهي ڪاراوا ڪمدار ۽ آفيسر ڪامورا هجن، چاهي دوست دلدار. سڀني جو غمخوار ٿي، سنجيدگي، صداقت، پيار ۽ خلوص سان، معاملہ فهم ٻڌجي، معاملا نبيريندو ۽ فيصلا مُڪائيندو هو. سندس سخائن جا داستان اڄ به ماڻهن جي سينن ۾ سانديل ۽ محفوظ آهن.

ڄام انور علي خان سان ملاقات، ۽ ڊريم وليج

مون کي انهيءَ "ڄام خاندان" جي محبتن، قربتن، صداقتن، سخائن ۽ وفائن جي ته اڳي ئي خبر هئي، پر جڏهن هينئر منهنجو هڪڙو غريب دوست، حيدرآباد جو علي بخش انصاري، غائبانهُ تعريفون ڪري، نوابزاده ڄام انور علي خان سان تعارف ڪرائيندو رهندو هو، جيڪو پوءِ اڳتي هلي ٽيليفونن تائين پهتو، جنهن ۾ دعوتن جا رزور اسرار ٿيڻ لڳا، مگر پوءِ به 'مون مون ۽ تون تون' ۾ ئي رهجي ويندا هئاسين. سندس مرضي هئي ته پهرين وٽس آءٌ وڃان، جڏهن ته چاهيندو هيس ته پاڻ پهرين مون ۾ ماتليءَ اچي. انهيءَ ملاقات واريءَ ايجنڊا تي، فلم پروڊڪشن کي عملي جامو پهرائڻ به هو، جنهن کي ورهاڱي ۽ تقسيم هند سبب ناڪام ٿي پايه تڪميل تي پهچائي نه سگهيو هيس، ۽ جيڪو دراصل منهنجو مقصد حيات هو- ڇاڪاڻ ته مون پنهنجي اُن آئيڊيل کي حسن ۽ فن جي بلندي ۽ ڪاميابيءَ سان ئي ٻڌل ۽ وابسته ڪيو هو. آخر انهيءَ شش و پنج ۾، ڄام ڳوٺ وڃڻ جو ئي پروگرام مرتب ٿيو.

جڏهن ڄام ڳوٺ وڃڻ لاءِ تيار ٿي حيدرآباد پهتاسين، ته دل ڇڪي ڪاڏي ۽ خواهش ڏيکاري ته قاضي سچيڏني سان ملاقات ڪئي وڃي. اهو سوچي وڃي ساڻس ملاقات ڪيم، جيڪو پاڻ انهيءَ وقت حيدرآباد جو ڪليڪٽر هو. ملاقات ڪرڻ وقت پاڪر پائي، خوشي ڏيکاري، پاڻ سان گڏ ويهاري، پڇيائين ته "رئيس صاحب، ڪيڏانهن وڃڻ جي تياري آهي؟" جنهن تي مون ڪيس، سڄيءَ روئداد کان واقف ڪندي، ٻڌايو ته "نوابزاده ڄام انور علي خان سان، علي بخش انصاريءَ جي معرفت، غائبانه ملاقاتون ۽ ٽيليفون تي ڳالهيون پڻ ٿيون آهن، جنهن صاحب دعوت ڏيئي گهرايو آهي. فلم پروڊڪشن بابت پڻ پائيوار ٿي ڪم ڪري، اڳتي هلڻ جي اُميد ڏيکاري اٿس. تنهن ڪري ئي وٽس وڃي رهيو آهيان." جنهن تي قاضي سچيڏني ٻڌايو ته "آءٌ نوابشاهه ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ ڪليڪٽر ٿي رهيو آهيان، پر مون ته ڪڏهن به نوابزاده ڄام انور علي خان جون فياضيون ۽ سخائون ڪونه ٻڌيون آهن. انهيءَ جي برعڪس، ڄام صادق علي خان جون تعريفون ۽ ملنساريون ٻڌڻ سان گڏوگڏ ڏٺيون پڻ اٿم، جيڪو آفيسرن ۽ ڪامورن سان اٿندو ويهندو، ملندو ۽ دعوتون ڪندو رهندو آهي." جنهن تي ڪيس بيخبري ڏيکاريندي، پهريءَ ملاقات ڪرڻ جو ٻڌائي، وڌيڪ واقفيت حاصل ڪرن جو چئي، وٽانئس روانو ٿي ويس.

ڄام ڳوٺ پهچڻ تي، توقع کان وڌيڪ آجيان ٿيندي ڏٺم، جنهن ۾ نوابزادو ڄام انور علي خان سيني کان پيش پيش هو. ساڻس گڏ ڪيترائي معززين ۽ خدمتگار هار کنيو بيٺا هئا، جيڪي مون کي پارائي، پرخلوص محبت، صداقت ۽ عقيدت جو ثبوت ڏيندي، بيحد عزت افزائي ڪئي ويئي. سندن محل نما خانداني بنگلي ۾، اٽيچ باٿ سان هڪڙو خاص ڪمرو مون لاءِ مخصوص ڪري، ان ۾ رهايائون.

جيئن تہ ٻنپهرن جي مانيءَ جو وقت ويجهو ٿي چڪو هو، تنهن ڪري بورچين، خدمتگارن ۽ بيرن کي حڪم ڏنائون، جن شيش محل مثل آرسين ۽ آئينہ سان سينگاريل، سجايل ڊرائنگ روم واريءَ تمام ڊگهيءَ ۽ وڏيءَ ڊائيننگ ٽيبل تي تازہ بہ تازہ گرم گرم ماني لڳائي، جيڪا اسان سيني گڏجي خُر و نوش ڪئي انهيءَ تيار ڪيل مانيءَ جي پندرهن ويهن ڊش ۾، گوشت جي چئن پنجن قسم سان گڏ، پڪل ڪڪڙ، روسٽ ٿيل ڪڪڙ، ڪڪڙن جو ٻوڙ، سيخ ڪيل رانون ڪٽليس، ڪباب، برياني، پلاءُ، ڪوفتا، زردو، سلاد، آچار، چٽنيون، سوپ سوئيٽ ڊش ۾ ٻہ ٽي نمونا ۽ تازو ميوو موجود هو. ڇا ڇا کائي، ڇا کائجي! انسان ويچارو کائي کائي بہ آخر ڪيترو کائي سگهي ٿو؟

مانيءَ کان اڳ، بيئر ۽ وهسڪيءَ جو دور بہ هليو. مون ۽ نواب صاحب بيئر جي هڪ ٻن گلاسن تي ئي قناعت ڪئي. مگر اسان جو غريب دوست انصاري صاحب تہ اڪيون پوري جُنبي ويو. جلدي جلدي بيئر ۽ وهسڪي گڏي، پاڻ ۾ ملائي مڪس ڪري، هيج ڪندي ايترو تہ پيتائين، جو نشئي بڻجي، ٽڙندو ٿاپڙندو، جهولندو جهومندو، ٽيبل تي پهتو. اُتي بہ خلاف رسم، گلاس اڳيان رکيو پيئندو ئي رهيو مئي ۽ جون مهينن واري شديد گرمي هئڻ جي ڪري، ٻنپهرن جي قيلولو يعني آرام ڪرڻ جو پروگرام، ڪڪائين چني واري لانديءَ ۾ ٽيل هو، جتي اڳي ئي ڪٽون بسترا لڳائي وڇائي ڇڏيا هئائون. فرش تي چٽڪار ٽيل آلاڻ ۽ پوسل هئي. مٿا بجليءَ وارا پنکا هلي رهيا هئا. چني يا لانديءَ جي ٻاهران چوطرف پاڻيءَ سان پريل نالي هئي، جنهن مان وري ملازمن، خس جي پترن وارين ٽهيل ديوارن تي پاڻي اُڇلائي، ويتر وڌيڪ معتدل ۽ ٺڏو ڪيو ٿي. جنهن ڪري هيڏيءَ ساريءَ گرمي هوندي بہ اُها لانديءَ، ايئرڪنڊيشنڊ روم کان بہ وڌيڪ ٺڏي ٿي ويئي هئي. سفر جي ٿڪاوٽ، ڏينهن جي پيئڻ واريءَ سرشاريءَ ۽ پيٽ ڀري ماني کائڻ جي ڪري، ايڏي تہ اٿوٽ ننڊ اچي ويئي، جو سج لهڻ کان اڳي، سجاڳي ئي ڪانہ ٿي.

شام جو سجاڳ ٿي، وهنجي سهنجي، غسل ڪري، ڪپڙا بدلائي، مذڪور محل نما بنگلي اڳيان، سنگمرمر واري ايوان ۾ اچي، اُنهي دربار نما سينگاريل سجايل ڪوچن ڪرسين تي ويناسين، جن جي هيٺان گلم غاليچا وڇايل هئا. شرابن طهورا جي دور سان گڏ، انهيءَ حسين و جميل، نازڪ اندام، سهڻيءَ، خوبصورت فنڪاره ڊانسر کي، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ موقعو ڏنو ويو، جيڪا منهنجي مهمان نوازيءَ خاطر خاص طور گهرائي ويئي هئي. جنهن سڀ کان پهريون ڪلاسيڪل ناچ شروع ڪيو، جنهن جو حاضرين مجلس تي ڪافي اثر ٿيو. تنهن کان پوءِ، ڳائڻ سان گڏ، هلا گلا بہ خوب پيش ڪيائين. تنهن وچ ۾ وقفو ڏيئي، راڻي واريءَ مانيءَ کي بہ جهت هنيا ويا. جيڪا ڏينهن واريءَ مانيءَ کان بہ وڌيڪ اهتمام سان، عروج تي پهتل هئي. تنهن کان پوءِ وري بہ اها ساز و آواز، رقص ۽ سرود

واري محفل، رات جي هڪ ٻي بجي تائين جاري و ساري ۽ قائم رهي. جنهن کان پوءِ، ٻما خلق، جيڪا اوڙي پاڙي، آسي پاسي کان مڙي اچي گڏ ٿي هئي، پنهنجن پنهنجن گهرن ۽ ٺڪاڻن ڏانهن رواني ٿي، واپس هلي ويئي ۽ اسان وري پنهنجن پنهنجن بسترن تي دراز ٿي، محو آرام ٿياسين.

صبح جو ننڊ مان بيدار ٿي، وهنجي سهنجي غسل ڪري، اچا فارغ ٿي مس ٿيا هئاسين، تہ نوابزادو ڄام انور علي خان بہ حويليءَ مان ٻاهر اچي ويو. جنهن کلندي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، رات وارن واقعاتن تي تبصرو ڪندي ٻڌايو تہ "توهان جي سمهي رهڻ کان پوءِ، انصاري تہ نشي ۽ سرشاريءَ ۾ مدهوش هو. رسول بخش جو وارو وريو، پر ان مان بہ راتوڪي ڊانسر امانت باسلامت بچي ويئي.... سو بہ ٽرندو ٽاپڙندو، پڇي گهر هليو ويو. تنهن کان پوءِ سڄي رات منهنجن چوڪيدارن کي بيزار ڪندي، ڪانئن محنتون مشقتون ڪرائيندي، گوڙ ۽ گهمسان ڪندي، اُسڙڪندي اُسڙڪندي، ويچاري سمهي رهي، ۽ اچا ننڊ ۾ سڪون و اطمينان سان الوٽ وڃاڻي پيئي آهي..." وري بہ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، کلندي مسڪرائيندي، چوڻ لڳو تہ "اهو تحفو بہ انصاريءَ جو ئي آندل هو، جيڪو انهن معاملن جو ڄاڻو ۽ ماهر آهي..." تنهن کان پوءِ، وري بہ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، کلڻ لڳو. اهڙيءَ طرح سان اُها پهرين ملاقات ختم ٿي.

مون ڄامُ ڳوٺ کي واقعي ڊريمر وليج يعني "خوابن جو ڳوٺ" ڏٺو. جيڪو ائين پئي محسوس ٿيو تہ جڻ اهو اڳي ئي ڏٺل هو. باقي، نوابزادہ ڄام انور علي خان، انهيءَ پهرينءَ ملاقات ۾ خلاف توقع ثابت ٿيو. ڇاڪاڻ تہ منجهس سنجيدگي، بردباري ۽ دانشوريءَ جو فقدان ڏٺم. هر ڪنهن سان چرچا گهڻا، مسخريون، ٺٽوليون ڪندو، ڪين گاريون ڏيندو، ڪلندو، مسڪرائيندو، خوش ٿيندو، لطف وٺندو، پاڻ کي وندرائيندو رهيو. تنهن ڪري، قاضي سڄيڏني وارا چيل جملا ۽ ريمارڪ ياد ڪري، آءٌ بہ انهيءَ اثر هيٺ اچي ويس. پر زندگيءَ جي سفر ۾ اڳتي هلي ڏٺم، پرڪيمر، پروڙيمر ۽ سمجهيمر تہ منهنجي اُها محسوسات غلطيءَ تي مبني هئي. ڇاڪاڻ تہ سخاوات، صداقت ۽ شجاعت تہ ڪيس خانداني ورثي ۾ مليل هئي، تنهن سان گڏ هو معاملہ فهمي، مصلحت انديشي، دانشوري، نياز نوڙت، سچائيءَ ۽ خلوص جو مالڪ ۽ مجسمہ اخلاق و اخلاص هو. تنهن لاءِ اهڙا خيال دل ۾ رکڻ، بلڪل غلط هئا، ڇاڪاڻ تہ آءٌ "فرسٽ امپريشن از لاسٽ امپريشن" جو قائل نہ آهيان.

آءٌ سمجهان ٿو تہ، سؤ هزار لک سال جي حياتي بہ دوست کي سمجهڻ، يار کي پرکڻ ۽ پياري کي پروڙڻ لاءِ ٿوري ۽ ناڪافي آهي. اگر اچا بہ زندگي گهٽي ۽ طويل هجي، تہ بہ هڪٻئي کي پرکي، پروڙي ۽ سمجهي نٿو سگهي. ڇاڪاڻ تہ سمجهڻ کان پوءِ لاحد کي حد اچيو وڃي، ۽ مسافر منزل تي پهچي وڃي ٿو. تنهن کان پوءِ ڪابہ جُستجو، تلاش ۽ ڳولا نٿي رهي. زندگيءَ جو اصل مقصد جستجو،

تلاش ۽ ڳولا ئي آهي. اتي وري به شاه سائينءَ جو اڳي ئي لکيل شعر ياد آيو اٿم، جنهن کي هتي وري به ٻيهر دهرائڻ ضروري سمجهان ٿو:

"لوچيان لوچيان مرَ لهان، شال مرَ ملان هوت،
من اندر جا لوچ، مڃڻ ملڻ سين مائي ٿئي."

انهيءَ مٿئين مجلس ۽ محفل جي وندرن ۽ ٻهلاپڻ ۾، ايجنڊا تي رکيل فلم پروڊڪشن وارو معاملو زير ويچار نه آيو. پر نوابزاده ڄام انور علي خان جي فياضانه سخي فطرت صبح واريءَ ملاقات ۾، پاڻ خود ئي ڇيڙيندي چيائين ته "ڄام صادق علي خان ڪراچي ويل آهي، سندس اچڻ کان پوءِ ٻيءَ ملاقات ۾ ڪو اطمينان بخش فيصلو ڪنداسين، جيڪا هن ئي مهيني تمام جلد مقرر ڪئي ويندي. توهان مطمئن رهندا." مان، وڌيڪ ڪابه تقاضا نه ڪندي، اُنهيءَ ڪاروباري ڳالهه کي مهمل ۽ ملتوي ڪرڻ ئي مناسب سمجهي، ڪانئس موڪلاڻ لڳس، ته پاڻ وڌيڪ ترسڻ ۽ ترسائڻ خاطر زور ڀريائون. مگر مون معافي گهرندي، جلد ئي ٻيءَ ملاقات جو آسرو ڏيئي، ڪانئس موڪلايو. تنهن کان پوءِ، اُتان واپس روانا ٿياسين. پر پاڻ وڃڻ وقت تائين، ترسائڻ خاطر بار بار زور ڀريندو اسرار ڪندو رهيو.

ايڪسيڊنٽ

انهي پهرينءَ ملاقات ٿيڻ کان پوءِ، پيار محبت، راز و نياز ۽ قريب جون ڳالهيون، اڪثر ڪري ٽيليفون تي ئي ٿينديون رهيون، جن ۾ ڪافي بي تڪلفي ۽ حجت پيدا ٿي ويئي. آخر اهو ڏينهن به آيو، جنهن جا منتظر هئاسين. پاڻ خوشخبري ٻڌائيندي، ڄام صادق علي خان جي موجودگيءَ سان گڏ، سردار رئيس احمد خان راڄپر سان ملاقات جي لالچ پڻ ڏنائين، جنهن جو ذڪر خير غائبانه طور وٽانئس ۽ ٻين دوستن کان سواءِ، لالہ نورالدين مالڪ مٿجسٽڪ سنيما حيدرآباد ۽ علي بخش انصاريءَ کان، اڪثر ڪري ٻڌندو رهندو هيس. لالہ نورالدين جي دختر نيڪ اختر، سردار صاحب جي سوٽ غلام حسين راڄپر سان پرڻايل هئي، جن جو ڳوٺ پڌعيدن جي قريب "چيهو" هو، جنهن رشتيداريءَ جي ڪري سائس ويتر وڌيڪ قريبي لاڳاپا هئا. انصاري ته سردار صاحب جون تعريفون ڪندي ڪندي ڪيرو ٿي پوندو هو. ساڳيءَ طرح سردار صاحب به غائبانه طور ڪافي حد تائين مون سان متعارف ٿيل هو. طرفين ملاقات لاءِ بيچين هئاسين، جيڪا، نوابزاده ڄام انور علي خان جي ڪري، ڊريم وليج يعني منهنجي خواب واري ڳوٺ ۾ مقرر ٿيل ٻڌي، بي انتها مسرت ۽ خوشي محسوس ٿي.

ٻئي ڏينهن، عجلت ۾، تڪڙي تڪڙي تياري ڪري، پنهنجن پيارن يارن دوستارن ۽ فنڪارن سان گڏ، ٽرين ۾ سوار ٿي، حيدرآباد پهچي، وري اتان گاڏي

تبديل ڪري، بدلائي ٽنڊي آدم پهتاسين، جتي ريلوي پليٽ فارم تي ڄام رسول بخش کي ٽهلندي پنهنجو منتظر ڏٺوسين. جنهن سان گڏ ٻاهر اچي، ٻن جيپن ۽ هڪڙيءَ موٽر ڪار ۾ سوار ٿياسين. جيڪا ڪار ڄام صاحب جن محض منهنجي سواريءَ لاءِ مخصوص ڪري موڪلي هئي، ۽ ٻه جيپون مون سان گڏ آيل فنڪارن لاءِ هيون.

جيئن ئي ڄام رسول بخش خان، موٽرڪار ۽ هڪڙي جيپ اسان جي حوالي ڪري، پاڻ ٻيءَ نئين جيپ جو اسٽيئرنگ سنڀاليو، تہ مون ٻہ ساٿس گڏ سفر ڪرڻ مناسب سمجهيو. تنهن ڪري، آءٌ ٻہ سندس پرسان اڳيءَ سيٽ تي ويهي رهيس. پندرهن ويهن فنڪارن جو قافلو، ڄام رسول بخش خان جي اڳواڻيءَ ۾، جيئن ئي تيز رفتاريءَ سان رستي کي ويڙهيندي، جيپ جي سيٽن ۽ تيز هوا جي شوڪائن کي چيريندي، جڏهن اجا ٻيراڻيءَ کان ٻہ ميل ڪن اوري هئاسين، تہ هڪ وڏو ٽڪاءُ ڏيئي، جيپ جي اڳئين ويل جو ٽائر برسٽ ٿي پيو. ڄام رسول بخش خان اها تيز رفتار جيپ سنڀالي نہ سگهيو- جيڪا پنجهٺ ستر ميل جي رفتار سان وڃي رهي هئي، ۽ اها ضابطي کان نڪري، ڪلٽيون کائڻ لڳي. مون کي تہ پهرين ئي ڪلٽيءَ ۾، ڄامر واري پڪي روڊ تي اُڇلائي ڇڏيائين. تنهن وقت آءٌ "ڪريون- اي" جي پاڪيٽ ۾ سان سگريٽ ڪڍي دڪائي رهيو هوس، جيڪي سيني سگريٽ الڳ الڳ ۽ چڙوچڙ ٿي اُڏامي، ڪٿي جو ڪٿي وڃي ڪريا. جيئن تہ آءٌ ڊرائيور واريءَ سيٽ سان ملحقہ اڳيءَ سيٽ تي ويٺل هيس، تنهن ڪري جيپ کي پهرين ئي ڪلٽيءَ سان مون کي ٻاهر اڇلائڻ ۾ آساني ٿي. تنهن کان پوءِ ٻہ، جيپ مزيد ٻہ ٽي ڪلٽيون ڪائي اونڌي ٿي پيئي.

مون ڪرڻ شرط ئي الله کي ياد ڪري خود اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي، تہ پاڻ ئي بريءَ طرح ڏڪيل ۽ زخمي ڏٺم. خاص ڪري منهنجي چهري وارو زخمي سڄو ٻاسو، ڏيڏر وانگر ڦوڪجي پيو ۽ منهنجي وات مان رت جا گوراڙا اچڻ لڳا. پر مڙهن ٻہ همت نہ هاريندي، پنهنجن رفيقن کي ڏسڻ ۽ ڳولڻ لڳس، جيڪي زخمي حالت ۾ بانبڙا ڏيندا، رستي کان پسو ڪرڻ لڳا هئا. سيد قاسم علي شاهہ ۽ علي بخش انصاري، جيڪي ٻيئي مون سان گڏ هڪ ئي جيپ تي سوار هئا، تن کي ٻہ ڏٺندي دانهون ڪندي ڏٺم. انصاري تہ ماءُ کي سڏيندي، امان امان ڪندي، گهر کي ياد ڪرڻ لڳو هو. باقي سيد قاسم علي شاهہ تہ پنهنجي دڪ درد کي وساري، پنهنجو ئي پڇندو رهيو تہ "اڙي ادا! آهي ڪو.... جيڪو نياڻين جي پيءُ جو.... حال ٻڌائي.... اڙي....!! آهي ڪو خدا جو بندو .... اهو ڪٿي.... ڪٿي آهي سان جو رئيس... اڙي..... اڙي اسان جو رئيس بابا.... ڪيڏانهن ويو.....؟ اڙي.... اڙي..... ڪا سندس خبرچار تہ وٺو..... اڙي الله جا بندا..... رئيس بابا جي.... ڪا پوئواري تہ ڪريو.... او ادا.... فن جي بابي..... ثقافت جي

بادشاهه.... جي ڪا پرگهور لهو...."

قاسم علي شاهه اهڙيءَ طرح دانهون ڪوڪون ڪندو، ماڻهن کي منٿون آزيون ڪندي، ٻاڏائيندو رهيو... چاڪاڻ ته سندس اکين آڏو ڏنڌ ڇانيل هو. ڪيئي ڳوٺاڻا، جن جون جايون گهرڙا، رستي جي بلڪل پرسان ۽ ويجهو هئا، سي پاڻيءَ جا پريل مٽڪا ۽ دلا ڪٽي، جاءِ واردات تي پهچي ويا. هن، پاڻي پري، وات مان ايندڙ رت جي گوراڙن کان گرڙيون ڪرائي، ماڻار ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ وقت آسي پاسي چؤطرف نظر ڊوڙائي ڏٺيم، ته پٽيان ايندڙ ڪار ۽ جيپ بہ اُتي پهچي چڪيون هيون، جن ۾ ٻيا سپيئي فنڪار صحيح سلامت، انهيءَ ٽيل حادثي متعلق تبصرو ڪندي، افسوس جو اظهار ڪري رهيا هئا. انهيءَ حادثي ۾ نڌر ٽيل جيپ وارا ٻيا سپيئي ساٿي صحيح سلامت هئا. سواءِ انصاريءَ ۽ سيد قاسم علي شاهه جي، جيڪي دانهون ڪوڪون ڪري رهيا هئا. پر جيئن ته منهنجيون ڏنڌيل اکيون ڄام رسول بخش جون متلاشي هيون، جيڪو جيپ جي هيٺان، اچي بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيل هو، جيپ جي راڊ سندس ڪرنگهي تي پيل هئي.

مون پنهنجو ڊڪ درد وساري، آيل ڳوٺاڻن، فنڪارن ۽ راهگيرن کي حڪم ڏيئي، جيپ اٿلارائي، ڄام رسول بخش کي جيپ هيٺان ڪڍارائي، پاڻيءَ جا ڇنڊا هٽي، ڪيس هوش ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جو پڻ ٿوري هوش ۾ اچڻ کان پوءِ، منهنجي ئي پچار ڪري رهيو هو ته "رئيس صاحب ڪٿي آهي...؟ ڪهڙو حال اٿس...؟ اهو ته ٻڌايو ته بچيو ته آهي نه....!"

اُنهيءَ حالت ۾، انهن ڏڪيلن ۽ زخمين ڄام رسول بخش خان، سيد قاسم علي شاهه ۽ علي بخش انصاريءَ کي ڪٽائي، موٽرڪار ۾ چاڙهي سوار ڪرائي، آءِ پاڻ بہ جڏهن ڄام ڳوٺ پهتس ته شام جا چار لڳي چڪا هئا. اسان واري موٽر ڪار، خلاف توقع اُنهيءَ محل نما بنگلي واري چٽيل فرش تان هلندي اچي وراندي واري دروازي تائين پهتي. اهو ڏسي نوابزاده ڄام انور علي خان، ڄام صادق علي خان، سردار رئيس احمد خان راڄپر، معزز دعوتي ۽ ٻيا انتظاري حيران ٿي ويا. منهنجو پيارو ڄام انور علي خان، مجسمہ حيرت و استعجاب بڻجي، سڌو مون وٽ پهتو، ته مون کيس ٻين ڏڪيلن ۽ زخمين ڏانهن اشارو ڪري، انهن کي موٽرڪار مان لهرائڻ لاءِ چيو. جن کي بروقت موٽر مان لاهي، بنگلي اندر آندو ويو. جن مان علي بخش انصاري ۽ سيد قاسم علي شاهه کي، اڳتي هلڻ جي سڪت نه ساريندي، وراندي ۾ پيل نرم نرم غاليچن تي ليٽايو ويو. ڄام رسول بخش خان کي، بيهوشي جي حالت ۾ ڪٽائي، ڪمري اندر پيل پرتڪلف نرم نرم آرامده پلنگ تي ليٽايو ويو. جيڪو انهيءَ وقت منهنجي پيچا ڳاچا چڏي، ڄام صاحب کي، پنهنجن ڀڄن ٻارن جي پارت ڪري رهيو هو. واقعي، ڪيس تمام گهڻي چوٽ آيل هئي ۽ ڏڪ لڳل هئا، جنهنڪري سندس ڪمر وٽان ڪرنگهي جو هڏو ڀڄي پيو هو.

آءٌ بہ تمام گهڻو زخمي ٿي پيو هيس، جنهن ڪري منهنجن گوڏن، ٿوننين ۽ ڪلهن سان گڏ، منهنجي منهن وارو ساڄو پاسو، ايڏو تہ سڄي پيو هو، جو انهيءَ پاسي واري اک بہ بند ٿي ويئي هئي، جو اُن تي سوڄ چڙهيل هئي. تنهن سان گڏ ڳل جي سڄي ڦوڪجي وڃڻ ڪري، وات رت جي گوراڙن سان پرجي ٿي ويو. انهن گوراڙن کي اچلائڻ لاءِ، منهنجي پرسان واش بيسڻ يعني گينڊيءَ رکائي ويئي هئي. سيڪنڊ سيڪنڊ اندر، اُهي رت جا گوراڙا، انهي رکايل گينڊيءَ ۾ چڏيندو چلائيندو رهيس. باقي، سيد قاسم علي شاهہ ۽ علي بخش انصاري تہ معمولي ڏکوڙيل ۽ زخمي هئا، جنهن لاءِ نوابزاده ڄام انور علي خان، اصلي گيهہ ٽاٽاري، گرم ڪرائي، ڪين پيارڻ جو حڪم ڏنو. پر مون ساٿس مذاق ڪندي، چيو تہ "انهن کي گيهہ پيارڻ جي بجاءِ وهسڪي، برانڊي پياريو، تہ وڌيڪ بهتر ٿيندو." جنهن تي گرم ۽ ٽاٽاريل گيهہ سان گڏ، وهسڪي، برانڊي بہ ميدان ۾ اچي ويئي، ۽ انهيءَ گيهہ کان وڌيڪ ڪين وهسڪي برانڊيءَ تازه بہ تازه نوبنو ڪيو. ڇاڪاڻ تہ دراصل اهي فقط معمولي ڏکيل ۽ زخمي هئا- پيو تہ ڊپ ۽ هراس ئي هين.

سياري جي موسم جا ٿڌڙا ٿڌڙا ۽ مٺا مٺا سيءَ پئجي رهيا هئا. مون کي ڪراڪلي ٽوپي پاتل هئي. نيپڪن گهرائي ٽوپيءَ ۾ هٿي، انهي زخمي ۽ ڏکيل منهن واري ساڄي پاسي کي لڪائي، نهايت همت، حوصلي، جرئت ۽ جوانمرديءَ سان، آيل دعوتين، دوستن، احبان کي منهن ڏيندو، رهاڻ رس ڪندو رهيس. تنهن سان گڏ، رت جا گوراڙا بہ گينڊيءَ ۾ اچلائيندو رهيس. سڀيئي دوست احباب حيران ٿي، ڪن سرا ڪندي، چوندا ۽ فيصلا ڪندا رهيا تہ "هيءُ تہ ڪو فولادي انسان يا لوهي ماڻهو آهي. هيڏن سارن زخمن ۽ ڏکن کان پوءِ بہ، ڪيس پنهنجو ڪوبہ خيال ڪونهي، ويٺو رهاڻ رس ۽ ڪچهري ڪري!"

ايتري ۾ ٽنڊي آدم کان ڊاڪٽر اچي ويا، جن ايندي شرط گوريون ڪارائڻ، دوائون پيارڻ ۽ انجيڪشن لڳائڻ شروع ڪري ڏنا. مون ائين چئي، ڪين پاڻ کان پري رکيو تہ "آءٌ ڪو بيمار نہ آهيان، جو مون کي دوائون پياري، ٽڪيون ڪارائيندا ۽ انجيڪشن هڻندا!! آءٌ فقط ڏکيل آهيان. بدن تي ڪي ظاهري زخم بہ نہ آهن، جن تي پٽي ٻڌي ڊريسنگ ڪري سگهجي. اندروني جسماني چوٽون خودبخود ٺيڪ ٿي ويندين." تنهن هوندي بہ نوابزاده ڄام انور علي خان ۽ ڊاڪٽر زوريءَ انجيڪشن لڳائڻ جي ڪوشش ڪئي، ليڪن آءٌ صاف انڪاري ٿيس. حالانڪ "من آن بودم ڪہ من دانستم" -بدن ۽ ڏکن ۾ ڏاڍو سور هو. پر، منهن جي پڪائي ڪري، پنهنجي ڏاڍ مڙسي ڏيکارڻ خاطر، تڪليف برداشت ڪندي، سور سهندي بہ مجلس ڪندو رهيس. ورنہ منهنجيءَ جاءِ تي اگر ڪو ٻيو هجي ها، تہ ڪيترائي ڏينهن بستري تان اُٿي، ڏري برابر بہ چري ڦري نہ سگهي ها، ۽ چنگهندو ڪُرڪندو ئي رهي ها.

ڄام ڳوٺ آيل ٻين صحتمند، تندرست، توانا ۽ سگهن مهمانن کي ويل ٽريل

ماني ڪارائي ويئي. مون کي به زور زبردستيءَ سان "چڪن سوپ" پياري هڪڙي خاص مخصوص ڪمري ۾ سمهاري ڇڏيائون. مگر مون کي ته سورن جا جل ٻري رهيا هئا، سو ننڊ ڪٿي ٿي آئي! ٻن اڍائي ڪلاڪن جي ليٽاڙي پيٽاڙي کان پوءِ بستري تان اُٿي، وڏي ڊرائنگ هال ۾ وڃي، پنهنجن فنڪارن کي گهرائي سڏائي ساز کولائي، رات جي اٺين بجي محفل مچايم، جنهن تي جام صاحب ۽ ٻيا دوست احباب مون کي آرام ڪرڻ جو مشورو ۽ ترغيب ڏيندا رهيا. مگر منهنجي ضدي طبيعت سندن هڪ به نه مڃي. جامن تي جام چڙهائيندو، مستيءَ ۾ اچي، سرشار ٿي، محفل مچائي، راڳداريءَ جو رنگ رچائيندو رهيس.

اهڙيءَ طرح اُها محفل رات جو ٻارهين بجي کان پوءِ ختم ڪري، سينئر دوستن، احبابن، دعوتين ۽ فنڪارن سان گڏ ڊائننگ هال واريءَ ڊگهيءَ ٽيبل تي ويناسين. ماني کائڻ واريءَ انهي طويل و عريض ميز تي، ڪاڏي جا قسمين قسمين طعام رکيل هئا. جنهن جي سخي ۽ وسيع ترين دسترخوان جو ذڪر، پهرين ملاقات ۾ به ڪري چڪو آهيان. پر اڄوڪي ٽيبل ته اڳي کان ٻيڻ ٽيڻ تي سجايل سينگاريل هئي. "چري ڪيئن، چي ويران ويو وڏا!" جي مصداق وانگر، جام صاحب کي ڪاڏي ڪارائڻ سان گڏ، پنهنجي شهرت، روايتي پراڻي خانداني جي وقار ۽ پرچار جو خيال هوندو آهي، ته محبت، قربت، رفاقت، صداقت، اخلاص ۽ اخلاق جو خيال به، ورنه انسان ڪائي به آخر ڇا ٿو ڪائي سگهي!

هڪڙي پيري جناب جي. ايم سيد جي دعوت تي، سن ۾ وڃڻ ٿيو، جنهن ۾ نهايت پرتڪلف طعام، ڪڪڙن، چيلن ۽ ڦاڙهن جي گوشت تائين، اسان جي اهتمام ۾ تيار ڪرايا هئا، جنهن تي مون ڪين عرض ڪيو ته "هيڏو سارو تڪلف ۽ اسراف ڇا، اسان کي پنهنجو نه سمجهيو اٿوَ؟" ته پاڻ، ڪجهه موڊ ۾ ايندي، رئيس فقير بخش خان ڪاڇيءَ جا اهي اکر دهرايائون، جنهن ڪين اهڙي ئي هڪ موقعي تي چيو هو ته "بابا سائين، تڪلف ۽ بندوبست ڪبو ئي پنهنجن لاءِ- پنهنجن يارن دوستارن پيارن ۽ دلوارن لاءِ- ٻين لاءِ ڇو ڪبو؟ مهمان مهمان آهن ۽ پنهنجا پنهنجا آهن!" اهڙيءَ طرح "پنهنجن" لاءِ جام صاحبن جون دعوتون به، دعوت شيراز نه هونديون آهن، بلڪ شاهاڻا، نواباڻا، بادشاهاڻا ٺاٺ هوندا آهن.

مون "محبوب" صاحب جي ناهيل فلم "روٽيءَ" ۾ ڏٺو ته هڪڙي شاهاڻي دعوت ۾، دعوتين جي تناول طعام کان پوءِ، چئوڻ پنجوڻ تي ڪاڏي جو مال بچي پيو جنهن کي ٻاهر گندگيءَ جي ڍير تي اڇلائي ڇڏيائون، جنهن کي ڪتن ۽ ڪانگن کاڌو. انهيءَ جي برعڪس ٻئي پاسي هڪڙي مسڪين ۽ بڪايل گهرائي جو بيروزگار نوجوان، پنهنجين بڪايل پينرن ۽ بيمار ماءُ لاءِ، باوجود بي انتها ڪوشش ڪرڻ جي روزگار نه ملڻ سبب، هڪڙي دڪان تان روٽي چورائي ڀڄي ٿو، ته ڪيس جهلي چوريءَ جي الزام ۾، سزاوار ڪرائين ٿا. انهيءَ کي 'سماج' چئجي ٿو ته هن کي

'سماج' ....! بکيو به سماج آهي ته سکيو به سماج ئي آهي. چوري کندڙ به سماج آهي، ته سزا ڏيندڙ به سماج....!! سماج ۾ رهندڙ به سماج آهي ته سماج کان خارج ٿيل به سماج...!!! قانون ناهيندڙ به سماج ته قانون هلائيندڙ به سماج....!!!! کهڙي کهڙي سماج کي ڏسجي، سمجهجي، سوچجي، پرکجي ۽ پروڙجي...؟

بهرحال ڳالهه هلي پئي ڄام صاحب جي ڊائننگ هال جي، ته جذبات جي وهڪري ۾ ڪٿان جا وڃي ڪٿي پهتاسين. اُنهي آرسين آئين واري ڊائيننگ هال منجهان، سپيئي يار دوستار، پيارا دلوارا، دعوتي ۽ فنڪار طعام تناول ڪرڻ کان پوءِ، ڪي آرامي ٿيا ته ڪي وري پنهنجين پنهنجين موٽر ڪارن ۾، پنهنجن ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن هليا ويا. مون به ڪچڻي نما نرم ڪاڏو، چمچي سان ڪائي شڪم پُري ڪئي، ۽ تنهن کان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ پهچي آرامي ٿيس. پر نوابزاده ڄام انور علي خان ۽ سردار رئيس احمد خان راڄپر کي ننڊ ئي نه آئي، ٻئي ڄڻا مون واري ڪمري ۾ ويٺا، منهنجي خدمت ۽ تيمارداري ڪندي، رهاڻ رس ڪندا رهيا. خُمر جي خمار ۾، هيڏن جلن ۽ سورن هوندي به، جهٽڪي جهٽڪي آرام ڪندي ۽ سجاڳ ٿيندي صبح ڪيم. ڄام صاحب ۽ سردار صاحب کان سواءِ ٻيا به سپيئي دوست هيل ۽ حيران هئا، تنهن ڪري ممڪن آهي ته ڪين به ننڊ نه آئي هجي. ڇاڪاڻ ته اهي به علي الصبح منهنجي ڪمري ۾ پهچي، مون کان حال احوال پڇڻ لڳا.

اهڙيءَ طرح اُها رات بسر ڪري، ٻئي ڏينهن صبح جو موڪلائڻ لڳاسين، ته ڄام صاحب جن، اجازت ڏيڻ کان قطعي انڪاري ٿي، نابري وارينڊي، زور سان چيو ته "اندران جيجي صاحبه، يعني ڄام منا خان جي گهر واريءَ جو، اهو فيصلو ڪن حڪم آهي ته جيستائين رئيس جن بلڪل تندرست توانا نه ٿين، تيستائين ڪيس هرگز اجازت نه ڏجو. تنهن ڪري، اوهان کي ڪنهن به صورت ۾، هرگز هرگز اجازت ڏيئي نٿي سگهجي!!"

پر مون کي به پڻيان پنهنجي گهر جو بيحد خيال هو ته ممڪن آهي گهر وارن کي به اِنهي "ايڪسيڊنٽ" جي خبر پئجي ويئي هجي، ۽ متان اهي پريشان ٿيندا هجن. تنهن ڪري، ڄام صاحب ۽ جيجي صاحبه جو حڪم مڃيندي، اهو ڏينهن رات اتي ئي رهي، ٻئي ڏينهن ڪوچ ڪري، پنهنجي فنڪارن سان گڏ موٽر ۽ جيپ ۾ ماتليءَ پهتاسين. گهر وارا منهنجو اهو ڏکيل ۽ زخمي چهرو ڏسي، ڏاڍا حيران پريشان ٿي ويا. خدمت چاڪري ۽ تيمارداري ڪندي، سيڪ ٻيڪ سان گڏ ٽهل ٽڪور به خوب ڪيائون. ايتريقدر، جو مهيني ڏيڍ اندر منهن منهن جهڙو ٿي ويو، پر تنهن هوندي به ڪي نشان رهجي ويا. انهي دوران ۾ ٽي ڀيرا نوابزاده ڄام انور علي خان ۽ سردار رئيس احمد خان راڄپر، منهنجي مزاج پرستيءَ ۽ حال احوال معلوم ڪرڻ خاطر، ماتليءَ ايندا رهيا ۽ وري رات جو ئي واپس هليا ويندا هئا.

جشن صحت

تندرست ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي صحتمنديءَ جي خوشيءَ ۾ ڄام صاحب وارين دعوتن جي جواب ۾، هڪ تمام وڏي پارٽيءَ جو شاندار اهتمام ڪري، پنهنجن ٻين مخلص، صداقت مند ۽ پيارن دوستن کي شرڪت خاطر دعوت ناما موڪليم، جن ۾ قاضي سچيڏنو، سندس ڀاءُ هيلٿ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر قاضي علي احمد، پيرو ۽ شمون ايڊووڪيٽس، ڊيپوٽي ڪمشنر عبدالرحيم عقيلي، ادو ارباب حاجي جمال الدين خان، لالا نورالدين مالڪ نيو ميجسٽڪ سئنيما حيدرآباد، علي بخش انصاري، شفيع سيٺ مالڪ رٽز هوٽل حيدرآباد، منهنجي زندگيءَ جو همسفر پيارو دوست مير سليم ٽالپر ايڊووڪيٽ، ابراهيم پائي جنرل مئنيجر محڪمہ اطلاعات يا انفرميشن، فلم ڊپارٽمينٽ برٽش ڪائونسل جو انچارج جناب مسٽر محمد يوسف، جيڪو هڪ بهترين ۽ صلاحيت مند ڪئميرا مين به هو ۽ انهي تفريحي پارٽيءَ جي فلم ٺاهڻ لاءِ 35 ملي ميٽر واري مووي ڪئميرا به پاڻ سان گڏ کڻي آيو هو ۽ تنهن کان سواءِ فلم نيگيٽو به ڪافي مقدار ۾ آندو هئائين- انهن سيني دوستن سان گڏ، سيد وقار صاحب، اليڪٽرانڪ انجنيئر ۽ ٻيا به ڪيئي مقامي لوڪل آفيسر صاحبان، جن جي فهرست طويل ٿيو پوي ٿي، شريڪ ۽ شامل هئا. انهن کان سواءِ ٻيا به ڪيترائي دعوتي دوست هئا، جيڪي وقت تي پهچي نہ سگهيا هئا.

مهمان خصوصي نوابزاده ڄام انور علي خان ۽ سردار رئيس احمد خان راڄپر جن جي پهچڻ کان اڳ، سج جي روشني گهٽجي ويئي، تنهن ڪري مووي فلم ڪڍڻ وارو پروگرام پاڻ تڪميل تي پهچي نہ سگهيو. پر تنهن هوندي به مٿين آيل دوستن جا رسيونگ شاٽس ورتا ويا. انهيءَ پارٽيءَ وارو قافلو، ٽنڊي محمد کان ٻيڙين ذريعي، ماتليءَ جي واديءَ ۾ پهچڻو هو. تنهن ڪري هلڪي ڦلڪي ڪاڏي ۽ لاٽيٽ ريفريشمنٽ سان گڏ، پيئڻ پيارڻ، سرشار ٿيڻ، رنگ روپ انوپ، ساز و آواز،ڳائڻ وڄائڻ ۽ رقص و سرود جو به انتظام ٿيل هو. تنهن ڪري ڪائيندي پيئندي، ڳائيندي وڄائيندي، نچندي ٽپندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي، ٺٺوليون مسخريون ۽ چرچا گهڻا ڪندي، اهو ڏهن ٻارهن ميلن جو تفريحي نهري سفر پورو ڪري اٽڪل روءِ رات جو ڏهين بجي ڏاري اچي ماتليءَ پهتاسين. جتي مدعو ڪيل ٻيا به ڪيئي دوست اڳي ئي موجود هئا.

رات جي مانيءَ جو انتظام "ماءِ نيسٽ" ۾ ٿيو هو، جتي سيني گڏجي، انتهائي مختصر، تنگ ۽ ننڍڙي ڊرائننگ روم ۾، هلندي گهمندي، بيئي بيئي، اُها ڪاڏي. تنهن کان پوءِ، بنگلي جي ايوان ۾ هلندڙ ڳائڻ وڄائڻ واري ثقافتي رنگ ۾ شامل ٿي ويا سين. ڪلاڪ کن جي وندرڻ کان پوءِ، گهٽا تہ موڪلائي پنهنجن پنهنجن گهرن، ڳوٺن ۽ شهرن ڏانهن واپس روانا ٿي ويا، تہ ڪي وري اُتي ئي ترسي پيا. موڪ

وٽ رهائش جو معقول بندوبست ٿيل هو. حالانڪ شاهاڻن، بادشاهاڻن ۽ نواباڻن ٽاڻن باڻن ۾ تہ ڄام صاحبن وٽ ئي مهمانيون ڪاڏيون هيوسين، پر هن غريباڻي فقيراڻي مهمانيءَ ۾ پنهنجي وس آهر ڪنهن بہ قسم جي ڪمي، گهٽتائي ۽ ڪٿر ڪانہ ڇڏي هئيسين. پوءِ تہ اهو دعوتي سلسلو جاري و ساري ئي رهيو. ڪڏهن ڄام ڳوٺ تہ ڪڏهن ماتلي، ڪڏهن حيدرآباد تہ ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ هلندو ئي رهيو.

اُها رت جي پيٽا ۽ قرباني، اسان جي دوستيءَ کي دائم قائم رکڻ خاطر ڪامياب ثابت ٿي. جا توقع کان زياده ترقي ڪندي، وڌندي ويجهندي رهي. ايتريقدر، جو فلم پروڊڪشن قائم ڪرڻ ۽ ڏنڌي بزنس ڪرڻ جا خيال ئي دل مان نڪري ويا.

ڄام ڳوٺ، طهرون ختنا، خوشي ۽ محفلون

مٿي لکي آيو آهيان تہ اسان جي دوستي شباب تي پهچي، عروج حاصل ڪري، بي تڪلفين وارين انتهائي حدن ۽ بلندين تائين پهچي ويئي هئي. تنهن ڪري ڄام ڳوٺ سان مزيد برادرانہ تعلقات استوار ۽ قائم ڪرڻ خاطر، سندن ننڍڙن جي ختنن ۽ سنتن ۽ طهرن جي خوشين جون دعوتون مليون، جيڪي، رسمي ڪاردن کان سواءِ، روبرو پڻ ڏنائون.

آءٌ پنهنجن فنڪارن سان گڏ، شاندار آتشبازيءَ جو پروگرام ترتيب ڏيئي، مقرره تاريخ تي ڄام ڳوٺ پهتس. منهنجي لاءِ سندن محل نما بنگلي کان بلڪل الڳ ٿلڳ، بنگلي جي انيڪسيءَ ۾ رهائش جو انتظام ٿيل هو، جتي فروٽن جا ٽوڪرا، ڪيڪن پيسٽرين جا بنڊل، بيئرن ۽ وهسڪين جا ڪوڪا رکائي ڇڏيا هئائون. آءٌ پنهنجن فنڪارن ۽ خدمتگارن سان گڏ، اُتي ئي رهي پيس. انهيءَ انيڪسيءَ جي سامهون، پير سائين پاڳاري جن جو تنبو لڳل هو، جنهن جو بہ ڪو خيال نہ رکندي، منهنجن انهن ٻاڪرا ڦر فنڪارن، باجا، بينجا، ڍولڪيون ۽ طبلا کولي وڄائڻ شروع ڪري ڏنا. اتي اهو بہ ڪونہ سوچيائون تہ سامهون پير سائين پاڳاري جن جو تنبو لڳل آهي، جنهن جو ادب ۽ احترام ڪرڻ بيحد ضروري هو. پر شڪر ٿيو، جو پير سائين پاڳاري جن اڃا تائين اتي نہ پهتا هئا.

نوابزادو ڄام انور علي خان، جنهن کي هن کان پوءِ اڳتي هلي رڳو ڄام صاحب ڪري سڏبو، شاديءَ جي ٻين انتظامي مصروفيتن جي باوجود، سار سنڀال لهڻ خاطر گهڙيءَ گهڙيءَ اسان وٽ آيو ٿي. شام جو هڪڙي دفعي اڌ سير ڪن جيترو ڪارو ڪارو ٽڪرو هٿ ۾ ڪٽي، لڏندو لمندو، ڪلندو مسڪرائيندو، اچي نمودار ٿيو. ڪل پوڳ، چرچا گهڻا ڪندي، هٿ ۾ آندل ڪارو ٽڪر، منهنجن فنڪارن جي حوالي ڪيائين. ڪيس اها بخوبي خبر ۽ ڄاڻ هئي تہ اڪثر ڪري فنڪار انهي نشي پتي جا عادي هوندا آهن. پاڻ، انهيءَ جي سخت برخلاف هئڻ جي باوجود، منهنجن فنڪارن

جي آڏرياءَ خاطر، انهيءَ سرور جو بندوبست ڪري رکيو هئائون. قارئين ڪرام سمجهي ويا هوندا تہ اهو ڪارو ڪارو ٽڪر ڇا جو هوندو؟ جنهن جي وضاحت جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان. پر منهنجا عالي موالي فنڪار تہ انهيءَ شيءِ کي حاصل ڪري، بيحد خوش ٿي، نچڻ ٽپڻ لڳا. هيڏن سارن وهسڪي بيئرن جي ڪوکن فروٽ جي ٽوڪرن، ڪيڪن پيسٽرين ۽ بسڪٽن جي بندلن مان تہ ڪين ايڏي خوشي حاصل نہ ٿي هئي، جيتري انهي ڪاري ڪاري غيبي امداد مان ملي هين. ائين پئي محسوس ٿيو تہ ڇڻ ڪين ڪا جنت ملي ويئي هجي. هارمونيم، بينجا، ڊولڪيون ۽ طبلا، جيڪي اڳي ئي ڪليل هئا. ويتر وڌيڪ مستيءَ ۽ سرشاري ۾ اچي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ ٽپڻ شروع ڪري ڏنائون. اهو حال ڏسي، ڄام صاحب جن ٻيهر وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا، ڪلندا خوش ٿيندا، جهولندا جهومندا واپس هليا ويا.

ڳائڻ وڄائڻ واري اها رنگ برنگي محفل، اسان جي انهي رهائشگاهہ انيڪسيءَ ۾، رات جي هڪ بجي تائين جاري و ساري رهي. جنهن ۾ بلاول بيلجم شاهو خان ڪلوئي ۽ علڻ ڊولڪ نواز، پنهنجين نين نين ڌنن ۽ طرزن سان، پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. سيد سليمان شاهہ بہ ناچ، رقص پيش ڪري، خوب داد ورتو. عثمان، منو ۽ هاشم ڪچي، عرف ڪچي برادارن، لطيف سائينءَ جي واين، بيتن ڏوهيڙن ۽ ڪافين ڪلامن سان محفل کي مچايو. سردار رئيس احمد خان راڄپر ڄام خاندان جا معزز فرد، ۽ ڄام صاحب جن، ٻين آيل معزز دعوتين، مهمانن ۽ شخصيتن سان گڏ، انهي انيڪسيءَ ۾ اچي، لطف اندوز ٿي، محفل جو حظ وٺي فنڪارن کي داد ڏيندا، انعامن اڪرامن سان نوازيندا رهيا. جيئن تہ خوشيءَ واريون محفلون ۽ تقريبون ٻئي ڏينهن کان شروع ٿيڻ واريون هيون، تنهن ڪري اڄوڪي انهيءَ محفل کي اتي ئي ختم ڪري، ماني ٽڪي کائي، آرام ڪيوسين.

ٻئي ڏينهن علي الصبح ضرورتن کان فارغ ٿي، خوشيءَ جي انتظامن ڏسڻ لا ٻاهر نڪري، شاميانن جو معائنو ڪندي، جڏهن بنگلي تائين پهتس، تہ ٻن قسمن جہ فيصلا درپيش آيا. هڪڙي فيصلي جو مدعي ڄام صاحب هو تہ ٻئي جو وري سردار رئيس احمد خان راڄپر، جنهن جي تقاضا هئي تہ "ڄام صاحب جن، جڏهن بہ شادين مرادين تي اسان وٽ اچن ٿا، تہ تحفن تحائفن کان سواءِ پوا پاڻ بہ ڏين ٿا. پہ اسان کان وٺڻ لاءِ انڪاري آهن."

جڏهن ڄام صاحب کان انهي متعلق وضاحت طلب ڪئي ويئي تہ پار ٻڌايائون "اهو رسم رواج اسان جي خاندان ۾، وڏن کان وٺي ناهي." جنهن تي سردار صاحب، صفائي پيش ڪندي چيو تہ "پوءِ اسان کي بہ پوا پاڻ نہ ڏين!" اهو ٻڌي ڄام صاحب وراڻيو تہ "اهو بہ اسان جي وڏن کان خانداني دستور رهيو آهي تہ راج ياڳ، عزيزن اقاربن، دوستن احبابن کي، پوا پاڻ ڏيئي سندن حتي المقدور سار ڪريون، جنهن کان اسين منحرف ٿي نٿا سگهون!!" آخرڪار، گهڻي بحث مباحثي ۽ تڪرار کان پوءِ بہ، ڄام صاحب جن پوئي پاڻ وٺڻ کان قطعي انڪاري

ٿيا. ٻئي فيصلي متعلق، چامر صاحب ٻڌايو تہ "برادرم چامر سبب علي خان جو حڪم آهي تہ ڳائڻ وڄائڻ ۾، ڳائڻين ۽ ڳائڻن کي انعام اڪرام ڏيئي، يارن دوستارن، مٽن مائٽن، دعوتين مهمانن کي نہ ڦرائجي. بهتر ائين ٿيندو تہ انهن کي سندن اجورو معاوضو پنهنجي هڙان ڪيسي مان ڏيئي ڇڏجي."

جنهن تي مون سندس ڪابہ حيل حجت نہ مڃيندي، قطعي فيصلو ڏنو تہ "ڏيتي ليتيءَ کان سواءِ، محفل گرم ٿي ئي نہ سگهندي. نڪو ڪو ڳائڻ وڄائڻ وارن جو حوصلو ئي وڌندو. توهان کين ڪيترو بہ ڏيندا، پر تڏهن بہ اهي دل جان سان، ڪنهن بہ صورت ۾ راضي نہ ٿيندا. ڇاڪاڻ تہ اهي هريل ئي انهي ڀڻ ۽ گهور جي پيسي تي آهن- ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ٿيو وڃي.

"تنهن کان سواءِ، توهان جو بار بہ هلڪو ٿيندو. آيل دعوتي مهمان، يار دوست، عزيز قريب، مٽ مائٽ بہ، انهي خوشيءَ جي موقعي تي، گهوٽن مٽان گهورون گهورڻ ۾ ئي، صدقو ڪري خوشي ۽ مسرت محسوس ڪندا، جيڪو سندن فرض آهي. وري اهڙا موقعا بہ روز روز نٿا ملن!! ڪڏهن ڪڏهن اتفاقاً اچن ٿا.

"تنهنڪري، جيئن توهان بہ دل کولي، ڏن دولت کي آبشار وانگر وهائي ڪاڇ ڪيو آهي، تہ اهڙيءَ طرح سان يارن دوستارن، پيارن دلوارن، عزيزن قريبن، مٽن مائٽن کي بہ، دل کولي خرچ ڪرڻ ۽ گهورون گهورڻ جو موقعو ڏيو! تہ جيئن اُهي بہ پنهنجي فرض ادائي ڪري، دلي خوشي ۽ مسرت محسوس ڪن."

جيئن تہ اُهو منهنجو آخري ۽ قطعي فيصلو هو، بحث مباحثا ۽ حيل حجتون سڀيئي اڳي ختم ٿي چڪيون هيون، تنهن ڪري خاموش رهي، سر تسليم خم ڪندي، قبول ڪيائون.

تنهن کان پوءِ، ثقافتي شامياني ۾ وڃي، اُتي رکيل ڪوچن صوفن ۾ ڪجهہ هير ڦير ڪري، ٽي چار وڏيون ميزون گهرائي، اسٽيج ٺهرايم. انهي ڪشمڪش ۾، ڏينهن جا يارهن لڳي ويا. منهنجو "مڪنو هاٿي" چامر انور علي خان، جيڪو فارين کان درآمد ڪيل صدريءَ نما واسڪيٽ وارن ٻنهي ڪيسن ۾ هٿ وجهي سردار رئيس احمد خان راڄپر ۽ ٻين دوستن سان گڏ، ايندڙ معزز دعوتين جي خوش آمديد ڪري رهيو هو، سو ٽلندو ٽمڪندو، لڏندو لمندو، جهولندو جهومندو مون وٽ پهتو. ايندي شرط حڪم ڪيائين تہ "راڳ رنگ جي محفل شروع هئڻ گهرجي!" جنهن تي مون آسي پاسي بيٺل فنڪارن کي ٽيل حڪم جي هڪدم تعميل ڪرڻ لاءِ چيو، جيڪي نهي وقت اسٽيج ٺهرائڻ ۾، مدد ڪري رهيا هئا.

هڪدم ساز سامان اچي ويا. سازنده ۽ راڳي اسٽيج تي پهچي، اتي ويهي ويا. سازن تان چوليون ۽ اڳوڻيون لاهي، ساز ملائي، اجا آرڪيسٽرائي مس شروع ڪيو هئائون، تہ چامر صاحب جن حڪم ڪري، انهي ثقافتي شامياني ۾ ويٺل ماڻهن کي اُتاري، کين ماني کائڻ لاءِ روانو ڪيو، جيڪو هونئن بنهہ ڪچاڪچ پريل هو.

باقي اسٽيج جي ساڄي، کاٻي ۽ سامهون، ڪوچن صوفن تي ويٺل معززين کي، اتي ئي ويهڻ جو اشارو ڪيائين. آءٌ سندس انهيءَ منطق کي نه سمجهندي، تعجب ڪندي، حيران ٿي، سواليه نگاهن سان ڪيس ڏسڻ لڳس، ته پاڻ ٽهڪ ڏيندي چيائين ته "ماني کائڻ وارين ٽيبلن تي صرف پنج سؤ مهمانن کي ڪارائڻ جو بندوبست ٿيل آهي. جڏهن اُهي ڪائي پي اتان اٿندا، تڏهن ٻيو بيچ ويهندو ۽ کائيندو. اهڙيءَ طرح متواتر اهو سلسلو شام تائين هلندو رهندو. پر تنهنجو اهو ثقافتي چنو ته بس اِجهو منٽن سيڪنڊن ۾ پرجي ٿو وڃي!"

آرڪيسٽرا واري نغمي کان پوءِ، عثمان، مٺو، هاشم ڪڇي برادران کي ڳائڻ جو وارو ڏنم، ته ڄام صاحب اڳرائي ڪري، ڪوچن صوفن تي ويٺل معززين مٿان، ڏهين ڏهين، پنجاهه پنجاهه ۽ سؤ سؤ جا نوٽ گهوري، ڪين انعام اڪرام سان نوازڻ جي شروعات ڪئي. تنهن کان پوءِ ته اُتي ويٺل حاضرين محفل به، مٿانئس سؤ سؤ، پنجاهه پنجاهه ۽ ڏهين ڏهين جا نوٽ والهانه انداز ۾ گهوريندا ڏيندا رهيا. ڳائڻ وارا راڳي به ڏاڍا خوش ٿي، ويتر جذبات ۾ اچي، وڌيڪ مست بڻجي، ڳائڻ وڄائڻ لڳا. جنهن ۾ اسين به خوش، ڳائڻ وارا به خوش، ٻڌڻ وارا به خوش ته ڄام صاحب به خوش ٿي، داد ڏيڻ لڳاسين. انهيءَ جوڙ توقع کان وڌيڪ ڪمايو ۽ سڀيئي ڄام صاحب جن کي دعائون ڏيڻ لڳا. تنهن کان پوءِ وري سليمان شاهه کي پنهنجين فني صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ لاءِ موقعو ڏنوسين، جنهن پنهنجي اصلي فن نچڪاري کي چڏي، مائيڪ جي اڳيان ويهي، ويٺي ويٺي ڳائڻ وارن گوين وانگر، بدن کي سيٽي آڪڙائي ڳائڻ شروع ڪيو، جنهن ۾ نڪي ته ڏن دولت ڪمايائين ۽ نه وري ڪو داد ئي حاصل ڪيائين. انهيءَ کان پوءِ خانصاحب منظور علي خان ۽ خان صاحب اُميد علي خان سان گڏ ٻيا به ڪي راڳي فنڪار ۽ ڪي ڪيرين جا جوڙا اچي ويا. تنهن ڪري سليمان شاهه ڪاوڙجي ٿوڪجي، مائيڪ کان الڳ ٿي، اسٽيج تان هيٺ لهي آيو ۽ گلاٽون ڪرڻ لڳو. اهو فقط انهيءَ ڪري ٿيو هو، جو پاڻ پنهنجي اصلي فن ناچ چڏي، صرف ڳائڻ وارو ٿي ويٺو هو. پر جيڪڏهن راڳ رنگ، ناچ انگ سان پيش ڪري ها، ته محفل سان گڏ خود به ترنگ ۾ اچي وڃي ها.

جيئن ته گويا ڪويا، ڳائڻ ۽ کائڻ لاءِ، ته ڪيريون وري ڪُسڻ لاءِ اچي ويون هيون، ڇيلا ٻڪريون ته اڳي ئي ديگن ۾ نچي رهيون هيون، اسان جي پيٽ ۾ به بک جو ديوتا شوَ مهاديو تانڊو ناچ نچي رهيو هو، ٻنپهرن جا ٻه لڳي چڪا هئا، آءٌ پنهنجن فنڪارن سان محفل کي هماهمي ۽ گرما گرميءَ ۾ چڏي، پنهنجي انيڪسي ۾ پهچي، يوڄن ديويءَ جو درشن ڪندي، پيٽ پوڄا ۾ لڳي ويس. اهڙيءَ طرح سان اها ڏينهن واري ثقافتي محفل بمع خلق جاري و ساري رهندي به، اسان لاءِ ختم ٿي ويئي.

ڪائي پي آرام ڪري، رات جي سفر لاءِ تيار ٿياسين، ته خبر پيئي ته پيه

سائين پاڳاري جن بہ اچي تشريف فرما ٿيا آهن. تنهن ڪري محفل رقص و سرود، ڳائڻ وڄائڻ، دهل ڏماما سڀ بند آهن. حيرت بہ ٿي تہ تعجب بہ لڳو. پر پوءِ تہ ول پاور کان ڪم وٺندي، فنڪارن کي ساڻ ڪري، ساز و سامان کڻائي، ثقافتي درٻار ۾ پهچي، اسٽيج تي قبضو ڪري، سازن کولڻ ۽ ملائڻ جو حڪم ڏنم. اڃا ٿورو واڃو مس ٿيو هو تہ ڄام صادق علي خان کي ڊوڙندو پاڻ ڏي ايندي ڏٺم، جنهن ايندي شرط فيصلو ڏنو تہ "پير سائين جن ڳائڻ لاءِ منع نٿا ڪن، پر طبلو، ڊولڪ ۽ دهل، احتراماً نہ وڄڻ گهرجي." ائين چئي، پاڻ تڙتڪڙ ۾ جلدي جلدي واپس هليو ويو. مون مائيڪ کي ريڙهي اڳيان رکي، انڪساريءَ سان عرض ڪندي، چيو تہ "پير سائينءَ جن تہ اسان جا بہ مرشد آهن. اسين بہ سالم جماعت مان، ساڳئي راشدي خاندان جا مريد تہ پنهنجي جاءِ تي، پر وڏي ۾ وڏا خليفا آهيون!... مگر هتي ڄام خاندان ۾ تہ دهل، ڊولڪ ۽ طبلي جو پراڻو، ابائي جدي رواج آهي. اڄ سندن خوشي، مسرت ۽ شادمانيءَ جو موقعو آهي. تنهن ڪري اسين بہ سندن رسمن رواجن ۾ شامل ٿي، خوشي ۽ مسرت حاصل ڪريون ٿا.... تنهن ۾ مداخلت نہ هئڻ گهرجي. بلڪ، پير سائينءَ جن کي بہ انهيءَ خوشيءَ مان لطف اندوز ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن دهلن ڏمامن مان ڪو اعتراض هو، تہ ڪين رات واري جشن ۾ شريڪ ٿيڻ ئي نہ ڪپي ها! ٻئي ڏينهن منجهند جو اچي، مبارڪ ڏيئي، ماني کائي، واپس هليا وڃن ها....!! ڇاڪاڻ تہ ڄام صاحبن جي جدي امجدي روايتن مطابق، شادمانن واريون خوشيون ۽ جشن سڄو هفتو برابر هلندو رهندو آهي ۽ دعوتي ايندا ويندا رهندا آهن...."

مڙهنجي انهي التماس ۽ استدعا ٻڌڻ کان پوءِ، پير سائينءَ جن، ڄام صادق علي خان کي گهرائي، ڪانئس منهنجو مفصل تعارف وٺي، ڪيس حڪم ڏنائين تہ "انهي مست تي ڪابہ بندش ناهي، جيڪو انڪساريءَ سان هيڏو بيباڪ ڳالهائي سگهي ٿو. تنهن ڪري هڪدم ڪيس وڃي اهڙي اجازت ڏيندا تہ جيئن ڪرڻ چاهي، تيئن ڪري سگهي ٿو."

تنهن کان پوءِ دهل ڏماما شروع ٿي ويا. محفل مستيءَ ۾ اچي ويئي. پاڻ بختاور بہ پنهنجي تنبوءَ ۾ ٻڌندو، لطف حاصل ڪندو رهيو. حالانڪ ڄام صادق علي خان لاڏو اسپيڪرن جون تارون ڪڍائڻ ٿي گهريون! پر پاڻ ڪيس ائين ڪرڻ کان منع ڪري ڇڏيائون. راڳ رنگ جي للڪارن، ناچ انگ جي ڇٽڪارن چمڪارن مان، ٻين سان گڏ پاڻ بہ ترنگ ۾ اچي لطف اندوز ٿيندا رهيا. تنهن وچ ۾ منهنجن آتشبازن آتشبازي شروع ڪري ڏني، جنهن کي تنبوءَ کان ٻاهر ڪرسي رکارائي پاڻ ڏسندا، حظ حاصل ڪندا، داد ڏيندا رهيا، جيڪا ڪيترن ئي مختلف قسمن ۾ ورهايل هئي، جنهن مان ميوي دار وڻ ٻڌجي، زمين تي باغ بستان ٿي ٿي ويا: تہ ڪنهن وقت آسماني تارن ۾ ڪيئي گنا اضافو ڪري، ڪهڪشان جي محفل سجائي، جهرمر

جهرمر ڪندڙ تارن جي لئي تي آتشبازيءَ مان ٺهيل پريءَ کي نچايو ٿي ويو: ته ڪنهن وقت وري قسمين قسمين رنگ برنگي هوايون اُڏائي، ماحول کي قوس و قزح وانگر رنگين ٿي بڻايو ويو: ته ڪنهن وقت زمين تي آتشين فرش وڇائي، آسمان وانگر چمڪايو جڳمڳايو ٿي ويو. بهرحال انهيءَ آتشبازي واريءَ ڪرشمه سازيءَ جي مصوري ڪندي، ڪهڙي ڪهڙي ويهي تعريف ڪريان. بهر صورت، انتهائي دلڪش، سحر انگيز ۽ وٽندڙ پروگرام هو، جنهن مان به پير سائينءَ جن بيحد لطف حاصل ڪري خوش ٿيا ۽ تعريف ڪيائون.

آخر اها شادي، شادماني ۽ خوشيءَ واري رات، پنهنجي آخري پهرن تائين پهتي. ڄام صاحب جن، جيڪي منهنجي طبيعت ۽ ڪيفيت جو بغور معائنو ڪري رهيا هئا، تن مون کي ڪثرت مئي نوشيءَ ۾ مگن، مست ۽ سرشار ڏسي، راڳ رنگ واري هلندڙ محفل منجهان سهارو ڏيئي اُتاري، منهنجن فنڪارن جي مدد سان، رهائشگاهه تي پهچائي، وڇايل بستري تي سمهاري، آرام ڪرڻ جا اشارا ڏيئي، پاڻ واپس ثقافتي دربار واري شامياني جي فن خاني، مئي خاني ۽ صنم خاني ۾ هليا ويا. ويندي وقت به آرام ڪرڻ جا پرزور تاڪيد ڪندا ويا.

رات واري اوجاڳي، ڪثرت مئي نوشي ۽ جاڳاريءَ ڪري، ايڏو ته ٿڪجي پيو هيس، جو صبح جي سج وارن ڪرڻن جو قافلو، سوڙ جي سوراخن منجهان اندر اچي منهنجو منهن چيڙائي، مون کي بيدار ڪندي، اڃا جاڳائڻ جي ڪوشش ئي ڪري رهيو هو، ته ڄام صاحب جن جو آواز ٻڌي، ڇرڪ پري اُٿي ڏٺم، ته ڏينهن پنهنجو پهريون پهر پورو ڪري، ٻئي پهر ۾ داخل ٿي چڪو هو! ڄام صاحب جن ڪلندي مسڪرائيندي، ٻڌايو ته "ننڍڙن جو سرگس نڪري چڪو آهي. توهان به جلدي وهنجي سهنجي تيار ٿي اُن ۾ شامل ٿيو."

اٺين چئي، پاڻ وري به واپس هليو ويو. آءٌ سندس حڪم جي تعميل ۾، جلد تيار ٿيڻ خاطر، باٿ روم ۾ داخل ٿيس. دوران غسل هڪٻئي پٺيان، سرگس ۾ شامل ٿيڻ لاءِ، سندس طرفان ٿي چار نياپا پهتا. آءٌ به ويتر جلد جلد تيار ٿي، ڪپڙا پائي، سرگسي مجموعي ۾ پهتس، جتي ٻُڌم ته سرگس پنهنجو مقرر ڪيل سڄو سفر پورو ڪري، پنهنجي آخري حد تائين پهچي چڪو آهي، جتان فقط مختصر خانداني افرادن سان گڏ، حويليءَ جي ڏيڍيءَ تائين پهچي، منزل انداز ٿيندو. مون ڏٺو ته سڀيئي دعوتي، جن ۾ امير، ڪبير، صغير، سردار، رئيس، وڏيرا، آفيسر ۽ دوست احباب سڀيئي، انهي آخري حد تي بيهي رهيا. فقط ڄام صادق علي خان، ڄام شير علي خان ۽ ٻين چند خانداني فردن سميت، مون وارو محبوب يار ڄام انور علي خان، مون کي به گهليندو پاڻ سان گڏ ڏيڍيءَ تائين وٺي ويو. جتي ختنه ۽ طهورن ٿيندڙ سڀني ٻڍڙن کي موٽر مان هيٺ لاهي، ڪين حڪم ڪيائين ته "پيرين پئي دعا وٺو." مون ڏٺو ته سڀيئي ٻڍڙا پيرين پئي، مون کان دعائون وٺي رهيا هئا. ايڏو پيار،

خلوص، صداقت، ۽ عقيدت ڏسي، دل ڀرجي آئي ۽ منهنجو آواز ڀاري ٿي ويو.

انهيءَ ڀاري آواز سان دعائون ڏيندو، اکين جي اظهار کي روڪيندو، مُنهان سسڪرائيندو، خلوص دل سان کين دعائون ڏيندو رهيس. اهو حال ڏسي، ڄام صادق علي خان به پنهنجي ٻچڙي، جنهن کي پنهنجي ڄاتيءَ سان چپٽائي رکيو هيائين، تنهن کي منهنجي اڳيان هيٺ لاهي، دعا ڪرڻ جي تقاضا ڪئي، جنهن کي به خلوص دل سان دعائون ڏنم. تنهن کان پوءِ، ٻچڙا حويليءَ جي حوالي ٿيا. ڄام انور علي خان ساڳيءَ طرح مون کي ڀاڪر ۾ ڀري، ٽڙندو، ٽاڙندو، گهليندو ثقافتي درٻار ۾ پهتو، جيڪا خاندانن، اميرن، ڪبيرن، دعوتين ۽ مهمانن سان کچا کچ ڀريل هئي، جتي سهڻي مستي، موج ۽ مسخريءَ سان، اتي ويٺل مسخرن کي حڪم ڪيائين ته "پنهنجي فن ظرافت جو قابليت سان مظاهرو ڪندي، مسخري ڪريو."

اُهي مسخرا، جن ۾ هڪڙو پنهون نالي پوڙهو هو ته ٻيو جوان هو، ڄام صاحب جن جي حڪم جي تعميل ۾، پهرين ته اُتي بيهي، پاڻ ۾ هڪٻئي کي چرچا ڪنهنا ۽ ٽوڪرون هڻڻ لڳا. تنهن کان پوءِ ڪثافت ۾ اچي، هڪٻئي کي گاريون ڏيئي خوب ڪلايائون. پوءِ وري ظرافت ۾ اچي، سماجي، ثقافتي، لٽڪا چٽڪا، نقادي مقالا ۽ اصلاحي نڪتا پيش ڪري، داد تحسين حاصل ڪيائون. انهيءَ کان پوءِ سنجيده ٻڌجي، سگهڙپڻي ۾ اچي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جا ڏور، بيت، وايون ، ڪافيون پيش ڪري، خوب انعام اڪرام حاصل ڪيائون. انهن مسخرن جي مسخري، ظرافت، سنجيدگي ۽ سگهڙپڻي، ماڻهن، مهمانن ۽ دعوتين کي بيحد متاثر ڪيو.

تنهن کان پوءِ راڄ ڀاڳ، عزيزن قريبن، هارين نارين ۽ دوستن احبابن سان گڏ سجو ڏينهن، ڳائڻ وڄائڻ وارو ثقافتي رنگ هلندو رهيو. پر جيئن ته آءٌ نهايت ٿڪل ، اوجاڳيل هيس، تنهن ڪري سيني کان نظر بچائي، لڪي ڇپي، وڃي پنهنجي نيڪسيءَ ۾ آرامي ٿيس. مگر منهنجا فنڪار، ٻين فنڪارن، ڳائڻن ۽ ڳائڻين سان گڏ، پنهنجي فن جو مسلسل ۽ لڳاتار مظاهرو ڪندا رهيا. سليمان شاهه، جيڪو ڏريل ڏينهن واريءَ محفل ۾ ڦوڪيو شوڪيو، ڦلهڙو منهن ڪيو ويٺو هو، سو انهيءَ رات واريءَ محفل ۾ نچي ٽپي، ڳائي وڄائي، پنهنجو اصلوڪو بيقاعده ٽرڙو فن پيش ڪري، جام ڏوڪڙ ڪمائي، تمام هشاش بشاش، خوش باش ۽ سرهو نظر اچي رهيو هو. اها سڄي پيسي جي ڪرامت هئي. چوندا آهن ته "عيسيٰ پير موسيٰ پير، سب کي بڙا پيسا پير."

جتي عيسيٰ جا اعجاز، موسيٰ جا معجزا ۽ پيرن جون ڪرامتون ختم ٿيو وڃن، اتان کان وري پيسي جا اعجاز، معجزا ۽ ڪرامتون شروع ٿين ٿيون. جنهن جي مثال ۾، سليمان شاهه جو مُرڪندڙ منهن، چمڪندڙ چهرو ۽ خوشامدي طبيعت پيش ڪري سگهجي ٿي. سليمان شاهه حسب معمول ڪوڙ ڳالهائي، ڪيس انعام

اڪرام ۾ مليل ڏن دولت گهٽ ٻڌائي، جيڪا سندس پراڻي عادت هئي. پر، اسين به ڪيس ڪوڙو ۽ لاڄي سمجهي، مٿس اعتبار ڪونه ڪندا آهيون.

ڏينهن جو فرحت ۽ آرام وٺي، ٿڪاوٽ لاهي، شام جو تازه توانا ۽ نوبنا بڻجي، راڳ رنگ جي ثقافتي محفل ڄام صاحب واري بنگلي جي ڊرائينگ هال ۾ محبت پيار، راز و نياز ۾ مچائي هلائي، رات جو ٻارهين بجي ختم ڪري، آرامي ٿياسين. ڇاڪاڻ ته خوشيءَ ۽ شادماني جي شريڪن کي ٿڪاوٽون ۽ چوڪڙا هئا.

علي الصبح تيار ٿي، نيرن ڪري، پنهنجن فنڪارن کي ڪوچ جو حڪم ڏيئي، ساز سامانن کي سندن پوشاڪون پارائي، جڏهن بنگلي تي پهتاسين، ته پنهنجي يار دلدار سڄڻ سردار، ڄام صاحب کي ڪن ضروري ڪمن اسبابن سان ٻاهر ويل ٻڌوسين. جيڪو منجهند جي مانيءَ وقت واپس ورٺو هو. جيئن ته اسان کي اتي چار ڏينهن لڳي چڪا هئا ۽ پويان جي ڪمن ڪارين، ٻچڙن ٻارڙن جو به ڪافي اونو ۽ انتظار هو، تنهن ڪري نوابزاده ڄام سبب علي خان کان ٿي اجازت طلب ڪئيسين. پاڻ ائين چئي معذرت گهريائين ته "اها اجازت ته انور علي خان ئي ڏيئي سگهي ٿو، مون کي اهڙو اختيار ناهي. تنهن کان سواءِ، پاڻ خصوصي طرح اوهان لاءِ منع پڻ ڪري ويو آهي ته رئيس صاحب کي، منهنجي پهچڻ کان اڳي، ڪنهن به صورت ۾، هرگز وڃڻ نه ڏيندا. ممڪن آهي ته خانداني رسم و رواج مطابق اوهان کي ڪي لونگيون پارائي ۽ پٽڪا ٻڌارائي. تنهن ڪري، آءٌ ڪيئن ٿو اجازت ڏيئي سگهان....!" جنهن تي مون به ڪيس جواب ڏيندي چيو ته "لونگين پٽڪن کان وڌيڪ، مون کي خلوص، محبت، صداقت ۽ عقيدت حاصل ٿي چڪي آهي. آءٌ وڃڻ خاطر سامان سرڙو ۽ ساز وغيره ٻڌي، اٽل ۽ اٽٽر فيصلو ڪري آيو آهيان. پوئتي جو به انتظار اٿم. تنهن ڪري، براءِ نوازش، مون کي هاڻي وڃڻ جي اجازت ڏيندا. ڄام صاحب جو ڪوبه پتو ناهي ته ڪهڙي وقت اچي، منهنجي سڄو ڏينهن ضايع ٿي ويندو، تنهن کان سواءِ، سفر به وڏو ۽ طويل آهي."

گهڻي ڪشاڪشي ۽ بحث مباحثي کان پوءِ نوابزاده ڄام سبب علي خان، افسرده ۽ رنجيده خاطر ٿي، خاموش رهيو. آءٌ...! پنهنجي هٿ ڏرمي ۽ ضد کي ڪامياب ڪري، پنهنجن فنڪارن ۽ خدمتگارن سميت موٽرن ۾ سوار ٿي، دعائون ڏيندو، ڄام صاحب جن کي پنهنجي تصور ۽ تخيل ۾ هميشه لاءِ محفوظ ڪري، اتان روانو ٿي ويس.

ذوالفقار علي ڀٽي سان شام موسيقي ۽ مشورا

"فکر معاش، ذکر بتاں، یاد رفتگاں،
اس مختصر سی زندگی میں کیا کیا کرے کوئی."

انسان شغل بيڪاريءَ ۾، تلاش معاش سان گڏ، شغل بتان ۾ به محو رهي

ـ. چاڪاڻ تہ زندگي صرف پيٽ پوڄا لاءِ ناهي، پر اُن کي روحاني غذا ۽ جسماني
ـت جي بہ ضرورت آهي. جيڪا حسين متحرڪ بتن مان ئي حاصل ڪري، روح کي
ـا ۽ جسم کي لذت ڏيئي، مجاز تي پهچائي ٿي.

"مون کي عشق مجاز، سُٽي پياري سڪ جي"

-- --

"سِڪ تہ لِڪ، ڍڪُ نہ ڍورن جيئن."

پوءِ اها مجاز مان حاصل ڪيل سڪ، حقيقت پار ڪري، معرفت تائين
ـچائي ٿي. تنهن ڪري ٿي، فڪر معاش سان گڏ ذڪر بتان بہ ضروري آهي. باقي
، رفتگان- تہ هي هيڏو سارو "ڪيئي ڪتاب" جي نالي سان ڪتاب لکائي رهي
ـي! جنهن بابت حافظ شيرازي چوي ٿو تہ:

"تازہ خواهی داشتن گر داغ هائے سينہ را
گاہ گاهے بازخواں اين قصہ پارينہ را."

اهڙيءَ طرح سان، يادِ رفتگان ۾ ڪيئي يادون مِڪس مِڪس ۾، گڏيندا
ـيندا، 'ڍزال' هٽندا، ٽپندا ڪڏندا، چڏي بہ آيا آهيون، پر نہ چڏڻ جهڙيون يادون
ـچڏي ئي نٿيون سگهجن. انهن نہ وسرندڙ يادن مان هڪڙي هيءَ بہ آهي.

مٿين لکيل مضمون، ٻچڙن جي طهرن، سنڌ ۽ ختن جي خوشين کان پوءِ،
ـاري سڄڻ دلدار ڄام صاحب ۽ سردار رئيس احمد خان راڄپر سان حيدرآباد،
ـراچي، ماتلي ۽ ڄام ڳوٺ ۾ ڪيئي ملاقاتون، ڪچهريون ۽ رهاڻيون ٿيون.
ـتاب کي طوالت کان بچائيندي، 'مڪس' ۽ 'ڍزال' جا اکر تہ مٿي لکي آيو
ـان. تنهن ڪري، تفصيل ۽ تبصري کان نٿائيندي، اچان ٿو ضروري مضمون تي.

ڄام ڳوٺ کان دعوت نامو پهتو تہ 'مسٽر ذوالفقار علي پٽو اسان وٽ اچي
ـو آهي، توهان کي بہ انهيءَ مجلس ۽ محفل ۾ لازمي طور شرڪت لاءِ مدعو
ـي ٿو- پر پاڻ سان گڏ "سنڌ ساگر موويٽون" وارو فائيل بہ ڪنيو ايندا، تہ جيئن
ـس صلاح مشورو ڪري سگهجي.'

آءٌ پاڻ سان گڏ "سنڌ ساگر" جو فائيل ڪڍي، مقرر تاريخ تي شام جو ڄام
، يعني "ڊريم وليج" پهتس. جيئن تہ سج غروب ٿي چڪو هو ۽ مختصر تعارفي
ـات کان پوءِ، راڳ رنگ جي محفل شروع ٿيڻ واري هئي، تنهن ڪري ڊرائينگ
ـ ۾ اچي ويناسين. انهيءَ هال جي ساڄي پاسي واريءَ ڪوچن جي قطار تي ڄام
ـصب، آءٌ ۽ ٻيا انتهائي ويجهڙائيءَ ۽ قربت وارا دوست ويناسين. سامهون ڪاپي
ـ واريءَ قطار تي جناب پٽو صاحب، ڄام صادق علي خان، قاضي محمد اڪبر
ـي ٻيا سنڌن قريبي دوست ويٺل هئا. انهن ٻنهي پاسي وارين نشستن جي
ـاندي ڪان فنڪار ۽ حسين مهہ جبين، نازنين فنڪارائون،نسواني جادو جاڳائي،

نفساني خواهشاتن کي بيدار ڪنديون، پاڻ معصومانه انداز ۾، نماڻين نگاهن سا
ويٺيون هيون، جن کي ڪنهن ڪنهن وقت ترچي نظرن جا تير به اُڇلايا ٿي.

جيئن ته اهو ڊرائينگ هال تمام وڏو، ڊگهو اٽڪل سؤ کن فوٽن جو هو، جنه
جي ويڪر به چاليهارو کن فوٽ هئي. آمهون سامهون اُن جا پنجويهه کن فوٽ
پاسن جي ڪوچن صوفن حاصل ڪيا هوندا، پندرهن کن فوٽ فنڪارن والاريا، با
تقريباً پنجاهه سٺ فوٽ، اوپيرا ٿيئٽر وانگر، هڪئي پٽيان سيٽن تي سون
تعداد ۾ وڏيرا، زميندار، رئيس، آفيسر ۽ ٻيا معزز مهمان ويٺل هئا.

فن موسيقيءَ جو دور شروع ٿيو، جنهن ۾ هڪڙي تراشيل جسم، منف
نقش و نگار، حسين نازنين، ڪرشن ڪلر، تانپوري کي ريڙهي، ڇاتيءَ سان لڳائ
سيني منجهه سمائي، نازڪ نفيس تن آگرين سان، چئن تارن کي ڇيڙي، سُر ملا
ترنم ۾ اچي، ڪلاسيڪل ميوزڪ ۾ خيال ڳائي، بلمپت مان دُرت ۾ اچي په
ڪيو. ڪيئي پيرا ڪيس ڪلائيميڪس ۾، تاڙيون وڄائي، واه واه جا داد ڏنا و
تنهن کان پوءِ هُن، هلڪي ڦلڪي راڳ ۾، ڪرشن پد نُمريءَ سان گڏ، گيت ۽ غزل
پيش ڪيو، جنهن کي اسان سامعين، شائقين ۽ معززين به بيحد پسند ڪيو.

تنهن کان پوءِ وري ٻي حسين، مهوش نازنين کي وارو مليو، جنهن جي جو
۽ شباب به، پهرينءَ حسينه کان گهٽ نه هو، بلڪ پاڻ وڌيڪ چٽجي ته به مُبالغ
ٿيندو. ڇاڪاڻ ته ڳاڙهي گلابي رنگ، عروج تي پهتل شباب، سانچي مان نڪ
بدن، سيني جو اُڀار ۽ پتلي ڪمريا، سراپا انهيءَ جي شاهدي ڏني ٿي ۽ ڪمر
هيٺ، سندس هٽپي هپس (Happy Hippi) دعوت گناهه ڏيئي رهيا هئا.

سازن سُر ۾ اچي ترنم پيدا ڪيو. مست جوانيءَ، بدن توڙي، ڪر مو
آرس پيچي، تتڪار سان چڻ چڻ ڪري، عجيب و غريب ادائن سان، ناچ رنگ
ڊنگ ۾ آندو.... جنهن جي ترجمانيءَ لاءِ هت هيٺيون گيت پيش ڪريان ٿو.

چهن چهن، چهن چهن، چهن چهن، چهن چهن.

چهن چهن سے گونج رها آنگن، دهڑک رها هے من،
يون جيسے چلے کوئی دلهن، چهن چهن چهن چهن–
چهن چهن چهن چهن.
شوخ هے پهر بهی چهرے پر هے کتنا بهولاپن،
آئی نهیں هے ابهی جوانی، گي نهیں بچپن،
دوراهے پر کهڑا هوا هے، گوري کا جوبن،
چهن چهن چهن چهن، چهن چهن چهن چهن–

قدم قدم پر ساتهه کمر کے لچکیں شوخ ادائیں،
هاتهه اُنهیں تو نازک بانهیں، انگڑائی بن جائیں،

خود اپني دھڑکن کی لئه پر، ناچ رھا ھے من،
چھنن چھنن چھن چھن، چھنن چھنن چھن چھن.

آئے تو لچکے لچکیلی، جائے تو بَل کھائے،
ایسے جیسے راگ رنگ کی، ایک لھر لھرائے،
بھ جاتی ھیں سُر کي ندیاں، جب چھنکیں جھانجھن،
چھنن چھنن چھن چھن، چھنن چھنن چھن چھن.

لچکون، بَل کھائوں، شرماؤں، مُنھ پھیر مسکاؤں،
چھنن چھنن جھانجھن جھنکاؤں، سور کے پھول کھلاؤں،
ھر ھر گام کھلاتی جاؤں، نغموں کے گلشن،
چھنن چھنن چھن چھن، چھنن چھنن چھن چھن.

آنکھیں پیمانوں کی یادیں، لب کلیوں کے خواب،
زلفیں جیسی رات سلوني، پیشانی مھتاب،
شوخ ھے پھر بھی چھرے پر ھے کتنا بھولاپن،
چھنن چھنن چھن چھن، چھنن چھنن چھن چھن.

انهن حسين ساحرانه ادائن، سڄيءَ محفل تي سحر ڪري، مخمور بڻائي، جهومائي جهولائي ڇڏيو. مون ڏٺو ته ڪن جا پتلونن ۾ هٿ هئا ته ڪن شلوارن کي سرسراهٽ پئي ڪرائي. انهي هُلا گُلا، ناچ، گيت، غزل سان، پنهنجو پروگرام پورو ڪيو. صرف ڄام صادق علي خان، پنهنجي هلڪي فلڪي طبيعت کي، ويتر وڌيڪ هلڪو ڦلڪو ڪري، نوٽن جون خوب گهورون گهوريون.

اُنهن کان پوءِ وري سانولي سلوني، تراشيده جسم، تانپوري تي ڪلاسيڪل ڳائڻ واريءَ، کي وارو ڏنو ويو. جنهن، تانپورو ڇڏي، پازيب ٻڌڻ واريءَ جاءِ تي گهنگهرو ٻڌڻ شروع ڪيا، جا ڳالهه مون کان سڻي نه ٿي. بلند آواز ۾ هڪل ڪندي، دڙڪو ڏيئي، چيومانس ته "جيڪڏهن توکي گهنگهرو ئي ٻڌڻا هئا ته پوءِ تانپوري سان ڇو پيار ڪيئي؟"

انهي موقعي تي، منهنجن انهن جذباتي جملن، ميخاني، صنم خاني ۽ فن خاني ۾ ويٺل حاضرين، سامعين ۽ شائقين تي ايڏو ته اثر ڪيو، جو تاڙيون وڄائي، ڪلٺهس ڏيئي، واه واه ڪري، داد ڏيندي، ماحول کي ڪلائيميڪس تي پهچائي ڇڏيائون. پويان انهي ٿيٽر نما اوپيرا ۾ ويٺل شائقين، جن جي اڳواڻي عبدالحق "وڪو"، جنهن کي سپيئي پوليس آفيسر "چاچو" ڪري سڏيندا هئا، جذبات ۾ آئي، ويتر وڌيڪ جوش و جنون پيدا ڪيو.

جناب پٽي کي اها ڳالهه پسند نه آئي. هڪدم ٽپ ڏيئي، اُٿي پنهنجي ڪمري

۾ هليو ويو. جنهن تي مون واري پياري يار ڄامر صاحب، مون کي مخاطب ٿيندي چيو تہ "ڏٺئي... ڏٺئي.... آخر رهيئين ڪونہ... نيٺ ڪاوڙائي ڇڏيئيس!" جنهن تي مون ڪجهہ ترشرو ٿيندي، ڪيس جواب ڏنو تہ "مون کان ڪهڙي بدتهذيبي ٿي آهي!" جنهن جو پاڻ ڪوبہ جواب نہ ڏيندي، مون کي منهنجي لاءِ مخصوص ڪيل ڪمري ڏانهن وٺي ويو ۽ پاڻ بہ مون سان ئي گڏ اتي رهيو. بعد ۾ ٻڌوسين تہ انهي مجسمہ شباب ڊانسر سان، جناب پٽو صاحب، ڄامر صادق علي خان، قاضي محمد اڪبر ۽ سندن مخصوص بي تڪلف دوست احباب، هَلا گلا ڪندا، نچندا ٽهندا ۽ ڳائيندا رهيا. سندن مخصوص ڌن، گهٽيا ڇٽڪو راڳ "هو جمالو" هو، جنهن کي اسان جي موجوده دور ۽ نئين نسل جا سيڪڙاڻ ليڊر، شاگرد، اديب، شاعر ۽ فنڪار، سنڌ سان بي لوث ۽ والهانہ پيار جي ڪري، فاتحانہ راڳ چئي، فخر محسوس ڪن ٿا. ورنہ.... اسان جا فاتحانہ راڳ ۽ گيت، تلوار بازي، نيزہ زني ۽ خنجر جي نوڪ سان ئي وابستہ هوندا هئا، نہ ڪي نفساني، زناني راڳ "هو جمالو" سان، جنهن جا بند آهن:

سوني مندي چيچ ۾ .... هو جمالو
چيچڪ جُتي پير ۾ .... هو جمالو
ڪٽي آيو خير سا .... هو جمالو
لڙيو آهي لاڙ ڏانهن .... هو جمالو
پير پنج سير جا .... هو جمالو
جنهن جو پيٽ لمليٽ آ .... هو جمالو
ڪوڏو شيدي لاڙ جو .... هو جمالو
جمالو جتن جو .... هو جمالو
جمالو جٽن جو .... هو جمالو

حيرت آهي تہ اسان جا مصنف، اديب، ۽ شاعر، پرائين روايتن کي سامهون رکي، سپاهيانہ، مجاهدانہ ۽ فاتحانہ واقعات سوچي، ڪو اهڙو نغمو بہ ايجاد نہ ڪري سگهيا آهن، جنهن ۾، مردانہ وار، همت، جرئت ۽ غيرت جو سبق ڏيئي، انهي عامي راڳ "هو جمالو" جي جاءِ ۾ري سگهن ها.

اسان جي سنڌ جي عوامي شاعر "اياز"، جنهن کي سندس دوست 'لطيف ثاني' سڏين ٿا، تنهن بہ "جمالي" لفظ کي قائم رکي، مصرعن ۾ ٿوري گهٽي هير ڦير ڪري، اضافي جملا ڪتب آڻيندي بہ مطلب ساڳيو ئي رکيو آهي، جنهن ۾ ڪا مجاهدانہ حشمت، باغيانہ همت ۽ سپاهيانہ جرئت ناهي.

ڳالهہ هلي پئي رات واري نفسياتي هلا گلا جي، تہ وڃي نڪتا سين، مجاهدانہ فلسفي ۾. بهرحال، رات واري رنگ، "ڪينگر ڪلوٽي" وانگر، هيٺانهن مٿانهن کي ٽڪائي، سهڪائي، رات پوري ڪئي- "جڏهن اُپريو لڪن جو ڏاتار، تہ

مڙني کئي ماڻ ڪئي."

صبح جو ٽڪل ٽنڊل، مرجهايل، ٿڪا ٿڪا، هيسيل چهرا نظر آيا، جن ثابت ٿي ڪيو ته ويچارن ۾ ڪابه همت قوت نه رهي هئي. پر منهنجو دماغ، راتوڪين انهن معمن، گٿين، ۽ الجهيل رازن کي سلجهائيندو ۽ حل ڪرڻ جي ڪوشش ئي ڪندو رهيو. آخرڪار انهي فيصلي تي پهتس ته سانولي سلوني، ڄام صادق علي خان جي نوٽن کي ڏسي، پازيب جي جڳهه گنگهرو ٻڌڻ شروع ڪيا هئا، جيڪي تانپوري جي راڳ تي ڪيس حاصل نه ٿي سگهيا هئا. تنهن ڪري چاهيائين ٿي ته، گهنگهرو ٻڌي، اُهي حاصل ڪريان. حالانڪ، نوٽن جي انهي فراوانيءَ ۾، ڪيترن ئي ٻين طريقن سان به اهي حاصل ڪري سگهي ٿي، بلڪ يقيناً حاصل ڪيا هوندائين، باقي گهٽ وڌ جو حساب ته وٽن ئي هوندو.

ٻئي صاحب جو ڪاوڙجي، محفل موسيقي ڇڏي، تخليي لاءِ پنهنجي ڪمري ۾ هليو وڃڻ، ٻڌائي ٿو ته اهي تاڙيون، ڪلئپس ۽ داد، جيڪي منهنجن ادا ڪيل جملن تي مون کي مليا هئا، تن کي هو سهي ۽ برداشت ڪري نه سگهيو هو. چاڪاڻ ته ليڊرانه ذهنيت هميشه اهو چاهيندي آهي ته سندن ئي تقريري جملا، ڪلائيميڪس تي پهچي، داد تحسين حاصل ڪن. اڃا انهي فيصلي جي شش و پنج ۾ ئي هيس ته منهنجي يار ڄام انور علي خان جو تازه به تازه، نوبه نو ۽ فريش چهرو اسڻ ۾ آيو. جيڪو 'مڪني هاٿي' وانگر لڏندو لمندو، جهومندو جهولندو، حويليءَ ڪان ٻاهر نڪري، سڌو مون ڏانهن اچي رهيو هو. وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندو، ٻاڪر پائي، ٽٽ هٽ ۾ ڏيئي، منهنجي قيام گاهه واري ڪمري ۾ وٺي ويو ۽ "سنڌ ساگر سوويٽون" وارو فائيل ڪڍ لاءِ چيائين، جنهن کي بنگ مان ڪڍي، سندس اڳيان رکيم. پاڻ اُنهيءَ تي سرسري نظر وجهي، منهنجي حوالي ڪري، اٿين چوندو، جناب ٻئي صاحب واري ڪمري ڏانهن روانو ٿيو ته "آءٌ ٻئي صاحب کي ڏسي، اڃهو منٽن ۾ اچان ٿو. چاڪاڻ ته هو رات جو بيحد ٽڪل ۽ اوجاڳيل آهي. ۽ جيڪڏهن جاڳندڙ هوندو ته توهان کي پاڻ سان گڏ وٺي، روبرو ملائي، فائيل متعلق ڪو فيصلو ڪندا سين!"

تقريباً اڌ ڪلاڪ کان پوءِ پاڻ واپس موٽي آيو. مون کي ساڻ ڪري، ٻئي صاحب سان، سندس مخصوص ڪمري ۾ ملايائين. جنهن تمام گهڻيءَ ٽڪاوٽ هئڻ جي باوجود به، منهنجي فائيل وٺي، متواتر اڌ ڪلاڪ کن، هڪڙو هڪڙو پنو پڙهيو ۽ ٿو. تنهن کان پوءِ مون کي چيائين ته "توهان جو ڪيس تمام مضبوط آهي، جنهن کي ڪليم ڪمشنر به جائز ۽ جينين قرار ڏنو آهي. مگر انهيءَ فائيل منجهان فلاڻا فلاڻا پير ضروري ڪاغذ ڪڍي ڇڏيندا، ته اوهان جي حق ۾ وڌيڪ بهتر ٿيندو."

انهن ڪاغذن جي نشان دهي ڪري، ڄام انور علي خان کي مخاطب ڪندي چيائين ته "حالانڪ اهو محڪمو منهنجو ناهي، آءٌ وزير خارجه آهيان، پر تنهن

هوندي به اهو فائيل ڪٿي اسلام آباد ايندا ته آءٌ پنهنجو اثر رسوخ استعمال ڪري، دل و جان سان اوهان جي مدد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس-- ڇاڪاڻ ته اوهين انهيءَ لاءِ مستحق آهيو."

تنهن کان پوءِ، سندس اهو فيصلو ٻڌي، ڪانئس موڪلائي، اُتان روانا ٿاسين. رواني ٿيڻ کان اڳ، سندس والد صاحب، سر شاهنواز خان پٽي سان، سمنڊ جي ڪناري "ورليءَ" ٻيٽيءَ ۾، سندن خاص بنگلي "ماءِ نيست" تي، هر آرتوار تي ٿيندڙ راڳ رنگ وارين ثقافتي محفلن جو ذڪر ڪري، خلوص، پيار ۽ محبت ورجايم. سندس وڏي ڀاءُ جناب امداد پٽي سان قل قل و بانگ صُراحي، چرچري سيخ و ڪباب، سرسر ۽ ازار بند وارا ناتا ۽ تعلق ڪيا ٻڌايم. تنهن کان سواءِ سندس ٻئي وڏي ڀاءُ سڪندر علي پٽي جو، مون سان ادب و احترام ۽ عقيدتمنديءَ سان جهڪي ملڻ جو ٻڌائيندي، اهو پڻ ٻڌايومانس ته "توهان جي انهيءَ 'ورلي' واري بنگلي جو نالو 'ماءِ نيست' مون کي ايڏو ته وڻيو، جو مون پنهنجي ماتليءَ واري بنگلي تي به اهوئي لکايو ۽ رکيو آهي." پاڻ، انهي بابت ڪوبه تبصرو نه ڪندي، فقط مسڪرائيندو ئي رهيو.

نه اهو فائيل اسلام آباد ويو، نڪو آءٌ ئي اتي ويس. ڇاڪاڻ ته مون کي بيمارين وڪوڙي وڌو هو. باقي ڄام صاحب ته ڪيئي پيرا اسلام آباد ۽ پاڪستان ته ڇا، پر پنهنجين عيش عشرتن خاطر "لنڊن" تائين به ايندو ويندو ۽ مزا ماڻيندو رهيو. پر "حقدار را به حق رسيد" ڏانهن ڪوبه توجه ۽ ڌيان نه ڏنائين. مگر اسان جو ته يار جي ياريءَ سان ئي واسطو آهي، نه ڪ دنيا داريءَ سان- تنهن ڪري انهن نندين وڏين ڳالهين کي هضم ڪندي، نظرانداز ڪرڻو پوي ٿو.

سردار رئيس احمد خان راڄپر جي دعوت ۽ خالد ميان جو ختنو

پويان لکي آيو آهيان ته سردار رئيس احمد خان راڄپر سان به منهنجي ملاقات، غريب دوست انصاريءَ جي غائبانه تعارف بعد، نوابزاده ڄام انور علي خان جي دعوت تي، ڄام ڳوٺ ۾ ٿي هئي. پر جيئن ته اسين ايڪسيڊنٽ ٿيڻ ڪري زخمي ۽ ڏکوڙيل هئاسين، تنهنڪري ڪا خاص رهاڻ رس ۽ ڪچهري ساٿس نه ٿي سگهي هئي. جشن صحت واري ٻيڙيءَ ۾ راڳ رنگ واري ثقافتي محفل ڪانپوءِ هڪٻئي کي ڏسڻ وائسڻ، پرکڻ پروڙڻ، سڃاڻڻ سمجهڻ جو موقعو مليو. تنهن کا پوءِ، زندگيءَ جي سفر ۾ همرڪاب ٿي، اڳتي هلڻ جي ڪوشش ڪئيسون. جنهن ۾ ڪراچي، حيدرآباد، ڄام ڳوٺ، ماتلي ۽ سردار صاحب جي پنهنجي ڳوٺ "چيهي وايا پڊ عيدن ۾ ڪيئي دل لڳيون، ڪچهريون، رهاڻيون، محفلون ۽ مجلسون ٿيون

ن جو تمام وڏو داستان آهي. تنهن هوندي به ڪي خاص اهميت واريون يادون قارئين
ڪرام جي دلچسپيءَ خاطر هتي پيش ڪجن ٿيون.

ڄام ڳوٺ ۾ ننڍڙن ڄامن جي طهرن ۽ ختني وقت، اهي دوستانه تعلقات،
ڪهڻي کي پسند ڪندي، برادرانه ۽ يارانه حدن اندر داخل ٿي ويا. جيئن ته انساني
طبيعت ريساڻي هوندي آهي، تنهنڪري سردار صاحب پاڻ به انهن ٻچڙن جي "جشنِ
ختنه" ڏسندي، ريس ڪري، پنهنجي ٻچڙي خالد- حميد، سعيد، وحيد، حبيب-
جنهن جي پنيان انهن اڪرن منجهان ڪوبه هڪڙو اڪر چسپان ڪري، چنبڙائي سگهجي
ٿو: پر ڪيس لکنوي يا دهلوي انداز ۾، خالد ميان چيو وڃي ٿو- جنهن جي ختني
ٿابت، اُنهي وقت ڪان ٿي، دعوتون ڏيڻ شروع ڪري ڏنيون هئائين. جيڪو سندس
ڪڙوئي واحد، اڪيلو ۽ اڪلوتو، الله جي ڪرم نوازيءَ سان، ٻيءَ شاديءَ منجهان
ولد ٿيل هو، جيڪا هڪڙي وڏي زميندار، ڪارخانيدار ۽ سرمائيدار، جناب غلام
محمد خان راڄپر جي دختر نيڪ اختر سان ٿيل هئي. سندس سالو، رئيس دريا خان
راڄپر، هڪ وڏو زميندار، صنعتڪار ۽ سئنيما اونر هو، جنهن حيدرآباد ۾ رهائش
اختيار ڪري، قاضي برادران جي هميشه سان شادي ڪري، "فردوس" سئنيما
حيدرآباد، قاضي "عابد" جي زير نگراني تعمير ڪرايو، جيڪو اڳتي هلي، نڄاڻ
ڪهڙن سببن ڪري، قاضي "عابد" جي نجي ۽ ذاتي ملڪيت بڻجي ويو.

سردار رئيس احمد خان راڄپر، جنهن کي لک ڪهاڙين جو سردار سڏيندا
هئا ۽ هر سال فيي ڪهاڙي هڪ رپيو ڏن ٻڌل هوندو هيس، جنهن کي سندس
سرداريءَ هيٺ آيل سڄو راڄ، وڏيءَ خوشيءَ، پيار، خلوص، صداقت ۽ عقيدت سان،
ڪيس سردار تسليم ڪندي، مڃيندي، ۽ سمجهندي ڏيندو هو، ۽ اگر ڪنهن وقت
اوچتي ضرورت مطابق ٻي ڪا تقاضا به ڪندو هو ته اُها به بروقت پوري ڪئي ويندي
هئي - تنهن وقت جو هڪ رپيو به هن وقت جي سؤ رپين کان وڌيڪ اهميت جو
حامل هوندو هو- جيڪو سرداري سسٽم هيٺ مقرر ڪيو ويو هو.

خالد ميان به ڏاڏئين، نانائين، البيلو لاڏلو ٿي، شاهاڻي انداز ۾ پرورش پاتي
هئي. تنهنڪري سندس "جشن ختنه" به نهايت شاندار ۽ اميراڻي نموني ڪيو ويو
هو. آءٌ ۽ منهنجو يار نوابزاده ڄام انور علي خان گڏجي، باءِ روڊ، جڏهن اُنهيءَ
دعوت تي "چيهو" پهتاسين، ته جهنگل ۾ منگل نظر آيو. ڪيترن ئي قسمن جا جدا
جدا، الڳ الڳ ڇنا ۽ رهائش گاهون ٺهيل هيون. ڪاڏي پيتي جا بٽ به مختلف
مختلف انتظامن هيٺ آيل هئا. هڪ پاسي سندس سرداريءَ هيٺ آيل راڄ مهاڄ، ٻئي
پاسي هاري ناري ۽ ڪڙمي ڪالاوا، ٽئين پاسي عزيز و اقارب مٽ مائٽ، چوٿين
پاسي وري قومن جا سردار، آفيسر ڪامورا، معززين يار دوست احباب هئا. مون

ڏنو تہ اسان جي سنڌ جو سابق وزير اعليٰ، جناب غلام مصطفيٰ جتوئي بہ، پنهنجو
ٻين دوستن احبابن سان گڏ، انهي دعوت ۾ شريڪ ۽ شامل هو. پر، اسان کي ٻيو
جملي دعوتين کان وڌيڪ اهميت ڏيئي، پنهنجي خاص بنگلي ۾ رهائش پذير ڪيائين
قسمين قسمين قيمتي ۽ اعليٰ ڪوالٽي وهسڪين جا ڪوڪا اسان جي حوالي ڪيائين
جن ۾ بليڪ ڊاگ، ڪنگس رم سم، بليڪ ليبل، شيواز ريگل ۽ رائل سليوٽ
وغيره شامل هيون. اهو اسان جي مرضيءَ تي ڇڏيل هو تہ اُنهن مان ڪهڙي بہ بوتل
کولي، پنهنجي مرضيءَ مطابق جام بڻائي ٽڪرائي، نوش ڪريون. تنهن کانسواءِ بيئر
جا ڪريٽ، پڪل ڪڪڙن ۽ سيخ ٽيل ٻڪرن جي رانن سان ريفريجيٽر ڀريا پيا هئا
علاوه ازين ٻين قسمين قسمين طعامن ۽ ڊشز جو تہ اندازو ئي لڳي نٿي سگهيو
گرميءَ جي موسم هئڻ ڪري، برف جي نادين سان تہ ڪمرا ڀريا پيا هئا. انسان
ڪائي ڪائي، آخر ڪيترو ڪائي سگهي ٿو!

جنهن وقت رات جو محفل موسيقي شروع ٿي، تہ عمر رسيده مغنيائون
ڊانسرون ئي اِنهي ثقافتي دربار منجهہ اڪثريت ۾ نظر آيون. پهرين تہ اسان جو
خيال ۽ راءِ ڪجهہ ٻي هئي، تنهنڪري پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڪن سرو ڪرڻ لڳاسين
پر سندن فن ڏسڻ کان پوءِ اُها بدلجي اُنهن جي فائدي ۾ ٿي پيئي. ڇاڪاڻ تہ سندن
آواز پُرسوز، ميچورڊ ۽ سريلو رسيلو هو. تنهن سان گڏ، ڳائڻ ۾ بہ پختگي هئين
غزل، ڪافيون ڪلام بہ وڏن وڏن شاعرن جا، ڪلاسيڪل انگ ۾، پيش ٿي
ڪيائون. مگر، انهن سيني ڳالهين کان وڌيڪ، اُنهن ٻن مغنيائن مان هڪڙي، جنهن
ناز و انداز سان اُٿي بيهي، البيلي پڻ سان ڪمر کي بل ڏيئي، لچڪائي، ناچ پيش
ڪرڻ سان گڏ، انعام اڪرام بہ خود پاڻ ئي حاصل ٿي ڪيا، سندس انداز دلربائي
شائقين، تماشبينن کي، متحير ڪري، سيڪس ۾ آئي ڇڏيو ٿي. سندس سانپٽيءَ
نانگن وانگر مچلندي سُري هلڻ، منچلن جي دلين ۾ بي پناه، بي انداز ۽ بيحد
سُرسراهٽ ٿي پيدا ڪئي. جن منجهان هڪڙو آءٌ بہ هئس. سندس نسوانيت نہ رڳو
منهنجي نفسانيت کي اُڀاري رهي هئي، پر ساري محفل ۽ مجلس تي حاوي ۽ طاري
هئي. انهي راڳ رنگ واري محفل هلندي، وچ ۾ ئي معزز مهمانن، دعوتين ۽ دوستن
احبابن کي مانيءَ جو سڏ ٿيو، جيڪا ڪائي پي، وري واپس اچي، محفل مچايائون
اهڙيءَ طرح اها محفل موسيقي رات جو هڪ ڏيڍ بجي ڌاري ختم ٿي. راتو رات وڃو
وارا واپس هليا ويا ۽ رهڻ وارا اُتي ئي رهي پيا، جن ۾ اسين بہ شامل هئاسين.

صبح جو اُٿي، نيرن ڪري، بنگلي جي ڊرئينگ هال ۾ ويٺاسين، جتي
منهنجن ماتليءَ کان آيل فنڪارن پنهنجو ميوزيڪل پروگرام پيش ڪيو. جنهن کي
سيني پسند ڪري، داد تحسين ڏيندي، خوب اِنعام اِڪرام ڏنا. خاص طرح رات

واريءَ سرندڙ سانپٽيءَ نانگڻ تہ ويتر تعريف ڪندي وڌيڪ اُهو پسند ڪيو. تنهن ڪانپوءِ، سينٽ جي شيشي ڪڍي، بَل ڪائيندي، ڪمر لچڪائيندي، حاضرين مجلس تي چٽڪاريندي، جڏهن مون تائين پهتي، تہ مون انڪار ڪندي، ڪيس روڪيندي، چيو تہ "مون کي پنهنجي خوشبو تي ناز ۽ پروسو آهي، تنهنڪري اُها بناوٽي ۽ مصنوعي خوشبو مون کي نہ ڪپي. جيڪڏهن توکي اعتبار نہ ٿئي، تہ منهنجي پڳهر مان پسيل خوشبودار رومال سونگهي سگهين ٿي!" جنهن تي هڪدم پاڻ اهو رومال هٿ مان ڪسي، سونگهيندي، بل ڪائيندي، ناز انداز ڏيکاريندي، هلي ويئي. انهي ڳالهہ تي، اهل مجلس وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، انهن جملن جو حظ حاصل ڪيو.

ٻنهرن جي ماني کائڻ ڪانپوءِ، راڄپر صاحب جي گهٽي زور پري روڪڻ واري ڪوشش جي باوجود بہ، ڪانئس موڪلائي روانا ٿي وياسين. جنهن جي مرضي ۽ دلي خواهش اها هئي تہ اها رات بہ وٽس ئي رهجي، پر ڄام صاحب تہ تڪڙ کي هميشہ پاڻ سان گڏ رکندو آهي، تنهن منتون ڪري، هٿ ٻڌي، وڃڻ جي اجازت گهري، جنهن تي سردار رئيس احمد خان، نهايت پلڙو منهن ڪري، خاموش بيهي رهيو، تنهن کان سواءِ، ڄام صاحب واريءَ جلدباز ۽ تڪڙي طبيعت جي اڳيان، ڪري بہ ڇا ٿي سگهيو! اسان اُتان روانا ٿي، سڌو ڄام ڳوٺ پهتاسين، جتي پهچي، مون ماتلي وڃڻ جا ڏاڍا وس ڪيا، پر پاڻ نہ ڇڏيائين. اها رات، اتي ڄام ڳوٺ ۾ رهي، ٻئي ڏينهن واپس ماتليءَ پهتاسين.

سردار رئيس احمد خان راڄپر سان تعلقات وڌڻ ۽ ويجهڻ ۾، سندس مسڪرائيندڙ چهرو، وسيع القلبي، سخي فطرت ۽ ملڻسار طبيعت سان گڏ، منهنجي پراڻي دوست لالا نورالدين مالڪ ميجسٽڪ سئينما حيدرآباد سان سندن رشتيداري پڻ جوابدار هئي. لالا نورالدين جي نياڻي، سندس سوٽ رئيس غلام حسين راڄپر سان پرڻيل هئي، جنهن ڪان بہ وقت بوقت سندس تعريفون ٻڌندو رهندو هئس، جيڪي، ملاقات ڪرڻ ڪان پوءِ، زندگيءَ جي سفر ۾ اڳتي هلي صحيح ثابت ٿيون. پاڻ ڪجهہ وقت، پيرزاده عبدالستار واريءَ وزارت عظميٰ جي دور ۾، وزارت ماڻي، وزير پڻ ٿي رهيو هو. سندس دسترخوان وسيع عريض هئڻ ڪري، ڪيترائي پيرا سندس اباڻي ڳوٺ "چيهي" وڃڻ ٿيو، جتي راڳ رنگ ۽ تير تفنگ سميت، سندس پورو پورو انتظام ٿيل هوندو هو. ان جي مقابلي ۾ اسين سندس ڪابہ مڪمل، پوري ۽ اڻپوري خدمت بہ نہ ڪري سگهيا آهيون.

هڪڙي پيري، ساڻس حيدرآباد ۾ اوچتي ملاقات ٿي. پاڻ، زوريءَ زبردستيءَ سندس موٽر ڪار ۾ ويهاري، هوٽل اورينٽ وٽي ويو. جتي سندس ڪمرو بُڪ هو. اتي پهچڻ سان سندس پياري خدمتگار، حسين ۽ ملوڪ "مراد" سان ملاقات ٿي،

جنهن، اُن کان اڳ به، اسان جون ڪيئي خدمتون ڪري، پيار ۽ دعائون حاصل ڪري، "مراد" مان بامراد بڻجي، "راڻي" جو خطاب پڻ حاصل ڪيو هو. اسان کي ڏسندي شرط اُٿي بيهي وڏي ادب احترام سان آءٌ پڳت ڪري، ملي ويهاري، بروقت "بليڪ ڊاگ" وهسڪيءَ جي بوتل ڪڍي، ٽيبل تي رکيائين. تنهن وقت انهي هوٽل جي مالڪ ۽ اسان جيءُ پراڻي دوست قاضي "عابد" جي ياد آئي. دل ڇڪي ڪاڏي. بروقت ٽيليفون ڪري معلوم ڪيوسين. پاڻ موجود هو. اسان جي نيندِ ۽ دعوت تي ڪمري ۾ پهچي ويو. سندس وڏو ڀاءُ قاضي محمد اڪبر به ساٿس گڏ هو. ڏاڍي رونق رهي. ميزبان ڦري مهمان ۽ مهمان ڦري ميزبان بڻيا. چئني جڻن گڏجي تناول طعام ڪيو. اها ملاقات به ياداشتن ۾ پنهنجي نوعيت جي هڪڙي ئي ياداشت آهي. حالانڪ اهڙيون ٻيون به ڪيئي ملاقاتون، پنهنجي پنهنجي مختلف نوعيت جون، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ ٿينديون رهيون. جن ۾ رئيس علي نواز خان اُنڙ جو ڪراچيءَ وارو بنگلو، قاضي احمد وارو بهشت برين باغ ارم، سندس پياري دوست ۽ پارٽنر رشيد صاحب جي ڪراچيءَ واري مڪان تي مهمانيون به يادگار آهن. پر هن مختصر ڪتاب ۾ ڇا لکي ڇا لکجي! ياداشتن جا انبار اچيو اڳيان بيهن. فيصلو ڪري ئي نٿو سگهجي ته ڪهڙيون ڪڍجن ۽ ڪهڙيون ڇڏجن. انهي مشڪل مڪان تان اکيون پوري اڳتي هلڻو پوي ٿو، ته وري ٻيا به ڪيئي مڪان لامڪان اڳيان اچيو بيهن، جن کي، سوچيندي ويچاريندي، صبر ڪرڻو پوي ٿو.

امداد الله انڙ

اعتماد ۽ ڀروسي ۾ اچي، روحانيت کان ڪم وٺندي، دل جي تسلي لاءِ، الله تبارڪ وتعاليٰ تي اعتماد ۽ يقين ڪرڻو ئي پوي ٿو ته مڪمل ذات آهي. ۽ اسان ۾ خوبين سان گڏ ڪيتريون ئي خاميون به آهن. انهن خامين جي ڪري ئي، اسان جو ڏاڏو "آدم" بهشت مان تڙجي ٻاهر نڪتو. تنهن ڪري خوبين سان خامين سان گڏ خوبيون لازم ملزوم آهن، جن کان ڪوبه انسان ذات ڀڄي ۽ ٻري ٿي ئي نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح رئيس احمد خان راڄپر به، وڃين بيمارين واري عرصي ۾، مون کي وساري ڇڏيو. ايتريقدر، جو منهنجن ٻچڙن علي رضا ۽ قاسم رضا جي ختنن ۽ طهرن تي به نه آيو. نه ئي وري منهنجين نياڻين جي شادين تي ساٿ ڏنائين. نه وري سندس دختر نيڪ اختر جي شاديءَ ۾ ئي شريڪ ڪيائين. ايتريقدر، جو هڪٻئي کي وسارڻ جي حد تائين پهچي وياسين. پر اهي پيار پريون محفلون، مجلسون، محبتون ۽ قبرتون، خلوص ۽ صداقتون ڪٿي ۽ ڪيئن ٿيون وسري سگهن! جڏهن ڪنهن وڻ هيٺان ويهي آرام ڪرڻ واريءَ ڇانوَ کي به وساري نٿو سگهجي، ته پوءِ هيڏن سارن رازن نيازن کي ڪيئن ٿو وساري سگهجي!

سو وري بہ شڪر گذار آهيون نوابزادي ڄام انور علي خان جا، جنهن سندس داماد امدالله انڙ کي مون سان ملائي، يادن کي تازو ڪري، تمام شڪ نڪوڪ رفع دفع ڪيا، جيڪو انهيءَ وقت حيدرآباد ضلعي جو ڊپٽي ڪمشنر هو ۽ غير ڪنهن ملاقات جي، پاڻيهي پاڻ کي نوازي، ڄام انور علي خان سان گڏجي، 'ماءِ نيسٽ" ماتليءَ ۾ آيو. اهو بہ خيال نہ ڪيائين تہ آءٌ ضلعي آفيسر ۽ سياہ و سفيد جو مالڪ آهيان، ضلعي جي هڪ ڪاتيدار وٽ هلي وڃان ٿو، جنهن کي پاڻ فود مون وٽ هلي اچڻ ڪپندو هو! پر، پاڻ ايندي شرط، خلوص، پيار، محبت سان، سردار رئيس احمد خان راڄپر جو همعصر سمجهي، "چاچا" چئي مليو، جنهن مان اِضح ٿي ٿيو تہ سردار صاحب ئي مٿس اثر ويهاري، منهنجي محبت، صداقت ۽ هميت ڪيس سمجهائي هوندي ۽ طرفين جي والهانہ دوستي ٻڌائي هوندي.

جيئن تہ اوچتو آيل هئا، تنهن ڪري از سر نو سندن ڪاڻي پيتي جو بندوبست ڪري، راڳ رنگ جي محفل مچائي ويئي. پاڻ منهنجيون مجنونانہ مستيون ۽ قلندريون ڏسي حيران ٿي ويو، جنهن ۾، ڳائي وڄائي، نچي پنبي، مون کيس بيحد متاثر ڪيو. تنهن کان پوءِ بہ ساٿس ڪيئي اهم ملاقاتون ۽ ثقافتي محفلون مجلسون ٿينديون رهيون. ايتريقدر، جو دل جي دوري پوڻ سبب، جڏهن اسپتال داخل ٿيس، تہ غنودگي، غشي، بيهوشيءَ ۽ محويت جي عالم ۾ بہ پيڻ آيو. سندس اهي احسان آءٌ ڪنهن بہ قيمت لاهي ئي نٿو سگهان! پر پاڻ هينئرمقدر جي چڪر ۾ اچي چڪو آهي، الله سندس امداد ڪندو. آءٌ تہ دل جي اتاهہ گهرا ۽ سان ڪيس دعائون ڪريان ٿو تہ جيئن انهي منجهدار مان گذري پار پئي، ساڳين محفلن ۽ مجلسن ۾ شامل ٿئي.

انهيءَ دل واريءَ بيماريءَ جي محويت ۾، ٻين دوستن احبابن سان گڏ، نوابزادو ڄام انور علي خان ۽ سردار رائيس احمد خان راڄپر بہ ايندا ويندا رهيا. خدا جي فضل و ڪرم سان، مافيها جي سروي ڪري، حدون ڏسي، جڏهن وري واپس دنيا ۾ داخل ٿيس، تہ آهستي آهستي رت ۾ بہ اضافو ٿيندو رهيو، جنهن لاءِ ڊاڪٽرن کي ڪابہ اُميد ڪانہ هئي. پر "مارڻ واري کان بچائڻ وارو اوڏو" چوندا آهن. صحت اڃا پوريءَ طرح سڌري ئي ڪانہ هئي، تہ خالد ميان جي شاديءَ خانہ آباديءَ جو دعوت نامون مليو، جيڪا امداد الله اُنڙ جي همشيره محترمہ سان ٿيڻ واري هئي. پر، تنهن کان اڳ، الله جي مَهربانيءَ ۽ ڪرم نوازيءَ سان، امدادالله اُنڙ کي پُٽڙو پيدا ٿيو، جنهن جي خوشيءَ ۾ پنهنجي عزيزن اقاربن سان گڏ، دوستن مان فقط مون هڪڙي کي ئي دعوت ڏني هئائين، حالانڪ انهيءَ خوشيءَ جي موقعي تي ڄام صاحب کي بہ ياد نہ ڪيو هئائين.

آءٌ، ننڍڙي لاءِ تحفا تحائف، ۽ سرشاريءَ جو سامان وٺي، پنهنجن فنڪارن سميت جڏهن ريسٽ هائوس تي پهتس، تہ ٻين سان گڏ، سردار رئيس احمد خان سان بہ ملاقات ٿي، جيڪو هڪڙي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ ويٺو هو. ڊنر جو بہ انهي ريسٽ هائوس ۾ ئي بندوبست ٿيل هو. منهنجن فنڪارن کي ڏسي، محفل موسيقيءَ

جو پروگرام راهو صاحب واري بنگلي تي رکيو ويو. تنهن ڪري، جملي تحفا تحائف سندس حوالي ڪري، فنڪارن کي ساڻ وٺي، راهو صاحب واري بنگلي تي پهتس. انهن فنڪارن ۾ عثمان، مٺو ۽ هاشم ڪچي برادران، امير بخش ميراڻي بديٽائي باجي ماسٽر، محمد بينجو نواز، الهه رکيو طبلہ نواز ۽ ڪي ٻيا هئا. اسان جي ڪاڏي جو پروگرام به، محفل موسيقيءَ کان پوءِ، انهيءَ بنگلي ۾ رکيل هو.

انهي نومولود ننڍڙي ٻچڙي جي خوشيءَ ۾ آيل دعوتي، ريسٽ هائوس مان ڊنر کائيندا، رفته رفته موٽرن ۾ راهو صاحب واري بنگلي تي ايندا، گڏ ٿيندا رهيا. سردار رئيس احمد خان راڄپر ته پهرين ئي مون سان گڏ، سندس ئي موٽر ۾ ساڻ ڪري، اتي پهچي چڪو هو. محفل موسيقي شباب تي پهچي، عروج حاصل ڪري، سيني کي جهولاڻي، جهومائي، نچائي ڇڏيو هو. ڇاڪاڻ ته سيئي موجن ۾ مست ۽ سرور ۾ سرشار هئا. آءٌ به انهي خوشيءَ ۾ بيخود بڻجي، گهورون ڪندو ويٺس ئي مس، ته سردار رئيس احمد خان منهنجي ڪيسي وارا جملي پيسا ڪڍي گم ڪري ڇڏيا. جيڪي محفل برخواست ٿيڻ کان پوءِ، 'الله جي امداد' ، امداد ڪري، واپس ڏنا. رئيس احمد خان ته نازڪ طبع هئڻ ڪري، پاڻ محفل کي مدهوش، سرشار، مست، مخمور ۽ بيخود ڏسي، ڪسڪي هليو ويو، جنهن جي ڪنهن کي به خبر ڪانه پيئي. جنهن لاءِ به امداداللہ ئي معذرت طلب ڪئي.

اهڙيءَ طرح اُها ٻچڙي جي خوشيءَ ۾ ٿيل موسيقيءَ واري رنگا رنگ تقريب بخير و خوبي ختم ٿي. آءٌ به موڪلاڻي چوڪلاڻي، پنهنجن فنڪارن سميت واپس ماتليءَ ڏانهن روانو ٿيس. پنهنجن ڪچي برادران فنڪارن کي، ٽنڊي محمد خان ۽ سندن گهرن وٽ لاهي، باقي بچيل فنڪارن سميت ماتليءَ پهتس.

خالد ميان جي شادي خانہ آباديءَ واري مضمون کي اجا شروع ئي مس ڪيو هيم، ته ننڍڙي جي ولادت واري محفل ياد آئي، جنهن کي نيائي پورو ڪري، وري واپس اچون ٿا ساڳئي مضمون خالد ميان جي شاديءَ تي. جنهن ۾، اٽپوري سگهه ڪٽي، حيدرآباد پهچي، حاجي هارون کي ساڻ ڪري، تحفا تحائف خريد ڪري، امداداللہ انڙ جي بنگلي تي پهچي، ڏس پار پڇي، جشن شاديءَ واري شاميانن تائين پهتس، ته سردار رئيس احمد خان راڄپر، امداداللہ اُنڙ ۽ ٻين دوستن احبابن سان گڏ مون واري موڏي راجا، مڪني هاڻي نوابزاده چاڻ انور علي خان کي به اُتي پهتل ڏٺم، جيڪي اُتي ايندڙ مهمانن جو اُجيان، خوش آمديد ۽ خيرمقدم ڪري رهيا هئا. مون کي ڏسي حيران ٿي چوڻ لڳا ته "توهان ڇو تڪليف ڪئي آهي....! توهان جي ته اجا صحت به پوريءَ طرح سڌري نه سگهي آهي، اوهان ته بي ميار هئا!!" جنهن تي مون سندن جواب ۾ چيو ته "خوشيءَ جا اهي سونهري موقعا، روز روز ته نٿا اچن! تنهن ڪري آءٌ اهو فرض سمجهي هتي پهتو آهيان."

جنهن کان پوءِ سيني يڪ آواز ٿي، شامياني اندر هلي ويهڻ لاءِ اصرار ڪيو. جنهن تي سردار صاحب جي دوست، رشيد صاحب، مون کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃي،

صوفن واريءَ پهرينءَ صف جي پٺيان، ٻيءَ قطار ۾ ويهاريو. حالانڪ، مون کي پنهنجي احساس مطابق، اسٽيج تي ويهارڻ ڪپندو هئس، نه ته به فرسٽ (Row) يعني صوفن ڪوچن واريءَ صف اول ۾ ويهارڻ گهرجيس ها. حالانڪ ٻيءَ صف ۾ به وڏا وڏا معزز، سيڪريٽرين ۽ ڊپٽي ڪمشنرن جي گريڊ وارا ماڻهو ويٺل هئا. مگر منهنجي حساس طبيعت کي اها ڳالهه نه وٺي، تنهن ڪري آءٌ هڪدم اتان اُٿي گيٽ تي پهتس. جتي سردار رئيس احمد خان، انڙ صاحب ۽ ڄامر صاحب، ٻين دوستن احبابن سان گڏ، مهمانن کي خوش آمديد چوندا، وڏي وزير جتوئي صاحب جو انتظار ڪري رهيا هئا. مون کي ٻيهر پاڻ وٽ ڏسي هڪا ٻڪا ۽ وائڙا ٿي پڇڻ لڳا. ۽ مون اصل ڳالهه لڪائيندي، بيماريءَ جو بهانو ڪري، ڪانئن موڪلائيندي، پرسان بيٺل علي بخش انصاريءَ کي چيو ته "موٽر ۾ پيل تحفا تحائف کڻي، سردار رئيس احمد خان جي حوالي ڪر." جنهن تي، انصاريءَ اهي تحفا تحائف کڻي سردار صاحب جي حوالي ڪيا. ته ايتري ۾ نوابزاده ڄام انور علي خان مون کي باآواز بلند چيو ته "نه نه.... اوهان کي وڃڻ جي.... اجازت.... هرگز نه ڏبي.... توهان ..... رٽز هوٽل ۾.... منهنجو انتظار ڪندا.... ڏسجو متان هليا نه وڃو... آءٌ بس..... اُتي ئي پهچان ٿو."

اڌ مُني ڪلاڪ کان پوءِ پاڻ به اُتي پهچي ويو. ٿوري گهڻي رهاڻ رس ڪرڻ کان پوءِ ٻڌايائين ته "راگ رنگ..... ڳائڻ وڄائڻ.... روپ انوپ..... رقص و سرود..... سرشاري مئي خواريءَ جو..... سڄو ۽ معقول انتظام ۽ بندوبست ٿيل آهي... پر.... توهان جي طبيعت ناساز ڏسندي.... اوهان کي اجازت ڏجي ٿي..... حالانڪ دل ڇڏڻ هرگز نٿي چاهي...."

دنيا پاڳل خانه

جي- ايم- سيد سان محفلن جو چرچو ۽ شهرت سڄيءَ سنڌ جي انهن سڀني ماڻهن، اديبن، شاعرن، ليڊرن ۽ شاگردن تائين پهتي، جيڪي سيد جي سرڪردگيءَ، سرپرستيءَ ۽ اڳواڻيءَ هيٺ هئا. اهڙيءَ طرح اهي محفلون ماتليءَ ۽ سن جي وچ ۾، ڪوريءَ جي تاجي پيٽي وانگر، اُٿبيون رهيون. نه سيد کي ماتلي اچڻ لاءِ ڪو تڪلف رهيو ۽ نه وري مون کي سن وڃي نچڻ پنبڻ، ڳائڻ وڄائڻ ۾ ڪو حجاب باقي رهيو. سال ۾ ٻه ڀيرا پنهنجن فنڪارن سان گڏ سن وڃڻ ٿيندو هو، جن ۾ سترهين جنوري سندن سالگره ۽ ٽين شعبان سندن ڏاڏي سائين سيد حيدر شاهه عليه رحمت جن جي عرس جون محفلون منعقد ٿينديون هيون.

جيئن ته اسان جا مهينا به اصولي طور مقرر ڪيا ويا آهن، جن ۾ نه موسم جو لحاظ رکيو اٿن، نه قومن جي عروج زوال جو خيال، نڪو وري خوشين ۽ شادمانن کي ئي سوچيو اٿن، جيئن ٻين قومن جا سال شروع ٿيندا آهن. اسان جو سال پٽ

ڪوه ۽ ماتم ڪرڻ سان شروع ٿئي ٿو، حالانڪ ان لاءِ ٻيون به ڪيئي تاريخون مهينا مقرر ٿي سگهن ها، جيڪي موسم، قومن جي عروج زوال، اسلامي لحاظ نقطي نظر کان ٺيڪ ٿي سگهيا ٿي- جنهن لاءِ "مولاين ۽ موالين" واري مضمون ۾ تبصرو ڪري آيو آهيان.

شعبان وارو مهينو ڪڏهن اونهاري، ڪڏهن سياري، ڪڏهن سرءُ ته ڪڏهن بهار ۾، پر گهڻو ڪري اونهاري ۾ ئي گذرندو گذريو آهي. باقي رهيو جنوري، سو هميشه سياري ۾ سوڙون سان ڪري ايندو آهي. اهڙيءَ طرح سان هڪڙي سالگرهه سترهين جنوري، راڳ رنگ جي محفل ۾ پاڳل بڻجي، مستيءَ، قلندري ۽ سرشاري ۾ اچي، اردو هنديءَ ۾، ڳائڻن کان اڳرائي ڪندي، پيش ڪيم، جيڪا محفل ڪڪائيءَ، مگر هڪ تمام وڏيءَ لانديءَ ۾ رکيل هئي، جنهن ۾ هزارين ماڻهو سمائجي سگهيا ٿي. اُنهيءَ لانديءَ ۾، سيءَ ۽ سرديءَ کان بچاءَ خاطر باهه جا وڏا وڏا مچ ٻري رهيا هئا. منهنجي پاڳل پڻي جيڪي ڪجهه پيش ڪيو، اُنهن ڪافين ۽ نظمن جو تفصيل هتي هيٺ ڏيان ٿو:

ڪلام "محسن" ماتلائي

هر دوجهان ۾ آهن حيات، گهوُرن سان جيڪي گهايل ٿيئڙا

(١)

سوُريءَ تي سرجوش رهيا سي، ڪل لٿي خاموش رهيا سي،
جڏهن آين ڪنڌ تي ڪات، تڏهن قرب تنهنجي جا قائل ٿيئڙا.

(٢)

"ذڪريا" سَر ڪرڻ وهايئي، "يحييٰ" "سرمد" سيس ڪٽايئي،
سِرڙا ڪري سوغات، وڍجڻ سان ٿي واصل ٿيئڙا.

(٣)

جسم "ايوب" جو ڪيئي قوت ڪنئن، زهر کان ٽڪڙا جگر حسن،
سهسين سختيون ۽ صدمات، نينهن وارن تي نازل ٿيئڙا.

(۴)

راه له الله ۾ لعل لُٽائي، "اصغر"، "اڪبر"، "قاسم" ڪهائي،
صبر پڙهيائون ۽ صلوات، سر سجدي ڏيئي سائل ٿيئڙا.

(۵)

"محسن" جون جيئن اڪڙيون اڙيون، روز رويو رت ڪري رڙيون،
ساعت ساعت ۾ سڪرات، منٽ گذارڻ مشڪل ٿيئڙا.

هر دوجهان ۾ آهن حيات،
گهوُرن سان جيڪي گهايل ٿيئڙا.

انهي ڪلام ٻڌڻ تي، مجلس ڏيڪارا ڪري روئڻ لڳي. خاص ڪري محترم "حفيظ" قريشي وڪيل ۽ ارباب نور محمد پليجو تہ ڏاڍو رُنا. جن کي بعد ۾ سيد سائينءَ پرچاڻي ڏيئي بند ڪرايو. تنهن کان پوءِ، مون پنهنجو رخ بدلائي، ظرافت ۾ اچي ظريف ٿي، پاڳل بڻجي، ٻيا ڪي انفرادي ۽ انقلابي نظم پيش ڪيا، جن ويتر محفل مچائي، جوش جاڳائي، طبيعتن ۾ طوفان برپا ڪري، حاضرين جي سوچ جو محور ئي بدلائي ڇڏيو. انهن مان ڪي هتي تحرير ڪريان ٿو:

دنيا پاگل خانہ

دنيا پاگل خانہ، هر کوئی سودائی اس میں هر کوئی دیوانہ،
دنيا پاگل خانہ....

(۱)

پاگل پن کیی ایک کهانی پیار کا هر افسانہ،
بُلبل کا هر گانا شبنم کا اشک۔بهانا

پیار کرے مرجائے چکوری رهے بیگانہ،
جان بُوجهہ کے آگ میں کودے پاگل هے پروانہ،
دنيا پاگل پانہ ....

(۲)

چاندی کي چهن چهن کی لئے پر جنکے گهنگهرو باجیں،
لوبهہ کے بهوکے دولت والے جنکے پاس براجیں.

یہ انسان کی مائیں بهنیں اے انسانو کیوں گرتی هیں غیرت کان بیوپار،
بولو لوگو کیوں لگتے هیں روپ رنگ بازار،

یہ مائیں یہ بهنیں بیچ رهی هیں عزت روپ جوانی،
دنیا هے دیوانی، آنکهہ نے دیکها دل نے جانا-
دنيا پاگل خانہ ....

(۳)

دهوپ کڑکتی جیٹهہ مهینہ دهقاں مائی پہ چهڑ کے هے اپنا خون پسینہ،
دانے بوئیں دیکهیں بهالیں ماں بنکر پودوں کو پالے،

جب یہ دهقاں اُن کهیتوں سے اپنی محنت کاٹے پهل کوئی لے جائے
یہ انداتا بهوکا دهقاں بهوک بهیک میں پائے،
هاتهہ اپنے پهیلائے، انجان دهقان بیچارا کتنا هے دیوانہ -
دنيا پاگل خانہ .... دنيا پاگل خانہ ....

نظم - دنيا هي بازار

دنيا هے بازار لوگو دنيا هے بازار....

(١)

كوى كويتا بيچے ، گياني اپنا گيان،
سُندر سُندرتا كو بيچے ، گُن بيچے گُنوان،

گلى گلى لگتے هيں سودے ، گهر گهر هے دوكان،
منڈى هے سنسار - دنيا هے بازار....

(٢)

بازاروں ميں روپ رنگ كا ملتا هے انعام،
هوتا هے جوبن كا سودا غيرت كان نيلام

عزت جيسى مهنگى وستو لے لو سستے دام
هر آنے جانے والے كو ديتے هيں للكار،

ابروتني كمانيں لے لو، تيز كٹار، لے لو نظروں كى تلوار،
ايک گلے ميں پهندا ڈالے ايک گلے ميں هار،

جو بهى چاهے كر سكتى هے دولت كى سركار،
دنيا هے بازار لوگو - دنيا هے بازار...

انهيءَ نظم پوري ٽيئ كان پوءِ، وقت جي نزاكت كي مدنظر ركندي، دنياٽي فلسفي تي ٻين نظمن جا ٽلهه ۽ عنوان ساڳيءَ راڳٽيءَ ۽ لئي ۾ پڙهي پورا كيم. انهن ۾ مون سان گڏ آيل سپني فنكارن گڏجي سات ڏنو، جن ۾ محمد اسحاق كارو مگٽهار ٻين سپني كان پيش پيش هو. نياز حسين ۽ شاهه محمد عرف شاهو خان كلوئي به چگي مدد كندا رهيا. انهن مان جن نظمن جا ٽلهه ۽ عنوان اُتي پيش كيا هئم، اهي نظم پڻ هتي هيٺ پيش كريان ٿو:

دنيا كٹهه پتلى كان ميله

دنيا كٹهه پتلي كا ميله، تونے يه سنسار بنا كر كيا كهيل هے كهيلا داتا!
دنيا كٹهه پتلي كا ميله

(١)

كوئى هم سے چهپ كر هم كو سو سو ناچ نچائے ،
اسكى نيا بهنور ميں ڈالے اُسكى پار لگائے ،
اپنا من بهلاتے ، بگهون بالک هے البيلا! دنيا كٹهه پتلي كا ميله

(۲)

اس میلے میں جھوٹ موٹھ کے لگتے ھیں بازار،
لین دین ھے دھوکہ بازی کھوٹے ھیں بیوپار،
ایک ھوا کان جھونکا جیون، ایک موج کا ریلہ! دنیا کٹھ پتلي کا میلہ

دنیا ھے سنگرام

دنیا ھے سنگرام، جو بھی جتنا خون بھائے اُتنا اسکا نام -

(۱)

پھونک رھی ھے نیل گگن کو، اگنی کی پھُنکار،
لگے ھوئے ھیں بازاروں میں لاشوں کے انبار،
مقتل ھے ھر گام، دنیا ھے سنگرام

(۲)

دنیا کا دستور یھی ھے، مٹ جائیں جو ھاریں،
بڑھکر باتیں بن جاتی ھیں توپیں اور تلواریں،
دینے پڑتے ھیں اس دنیا میں جینے کے بھي دام - دنیا ھے سنگرام.

(۳)

خون بھری ھیں آنکھیں سب کی، لھو بھری ھیں باتیں،
ھوتی ھیں پانی کے بدلے، اگنی کی برساتیں،
ملتی ھیں آکاش سے ھمکو، ایٹم کی سوغاتیں،
چلن، اُڑنے، تیرنے والے، سب ھیں بے آرام، دنیا ھے سنگرام.

دنیا شراب خانہ

دنیا شراب خانہ ،دنیا شراب خانہ
رندو تمھارے دم سے آباد ھے زمانہ -
دنیا شراب خانہ ....

بے خوف ھوکے پینا، بدمست رہ کے جینا،
ھاں! زندگی یھی ھے، جینا یھی ھے جینا،
اُٹھنا تو جھوم جانا، چلنا تو ڈگمگانا -
دنیا شراب خانہ.....

مدمست یہ ھوائیں، یہ سرمئی گھٹائیں، جیسے
بھٹک رھی ھیں میخوار کی دعائیں،
یا اُڑ رھا ھے جیسے موتی بھرا خزانہ-
دنیا شراب خانہ .....

چھینٹے اُڑا شرابی، آکاش کو بھگودے،
مدھرا کے آگ جل میں، آ ھوش کو ڈبودے،
پیمانے کی قسم ھے، پینا ھی زندگی ھے،
دنیا میں مست رہ کر، جینا ھی زندگی ھے،
میخانے کی قسم ھے، تم ھوش میں نہ آنا -
دنیا شراب خانہ ....

انهيءَ "شراب خانہ" واري نظم ۾، مون ايڪٽنگ ڪري، پاڻ کي شرابي بڻائي ڏيکاريو. سڄي محفل جا ماڻهو، مون کي نشئي سمجهي، پنهنجو پاڻ بچائڻ پاسو ڪرڻ لڳا. سيد سائين تہ هڪلون ڪري، ٻين کي چيو تہ "اڙي اڙي... اڙ بابا.... جهليو....! جهليو....!! جهليو....!!! متان.... ڪري نہ پوي.... ڪ کيس ڪا چوٽ نہ اچي وڃي.... اڙي ابا.... کيس سنڀاليو..... رئيس صاحب ک جهليو.... سنڀاليو...."

پر.... اها خبر ڪين پوءِ پيئي تہ اُهو نشو نہ، مگر، منهنجي اداڪاري هئ جڏهن اهو نظم پورو ڪري، آرام سان ويهي ساه کڻڻ لڳس، تہ منهنجي اداڪار ۽ ايڪٽنگ جو ڪين پتو پيو. ڇاڪاڻ تہ، عمر رسيده هئڻ ڪري، ٿڪجي هڻ ٿي پ هيس. اهڙيءَ طرح سان اها پاڳلپڻي ۽ شرابي ايڪٽنگ واري محفل بہ دنيا ڪيئي روپ اُنوپ ۽ نمونا ڏيکاري، بخير و خوبي ختم ٿي.

ذوالفقار علي شاهہ جي شادي، يار محمد شاهہ ۽ پنج قبرون

سيد يار محمد شاهہ، سجاده نشين "داد شهيد" ٻڌاپور جي فرزند ارجم جيڪو موجوده وقت پائلٽ ۽ هواباز آهي، جي شادي خانہ آباديءَ جي دعوت ما جيڪا حيدرآباد سنڌ ۾ نوڙهن واريءَ چاڙهيءَ جي لاهي تي، اترئين پاسي وي گهٽيءَ اندر، پنجن قبرن وٽ منعقد ٿيل هئي، جنهن جو متولي پڻ سيد يار مح شاهہ ئي هو.

سيد يار محمد شاهہ، سنڌ جي سائين جي- ايم- سيد جو لاڏلو، البي اڪلوتو دوست عزيز هئڻ سان گڏوگڏ، حد کان وڌيڪ خدمتگار پڻ رهيو آهي. سائينءَ جون ڪانفرنسون، مجلسون، محفلون ۽ تقريباتون، جيڪي وقتاً فو سياسي، سماجي ۽ ثقافتي راهن رسمن مطابق ٿي منعقد ٿينديون هيون، تن سنڀالڻ، سنوارڻ ۽ سينگارڻ وارو بہ پاڻ ئي هوندو هو. سندس ئي زيرنگرانيءَ انتظامن سان گڏ، ڪاڏي پيتي جي انتظام و اهتمام جو بار بہ مٿس ئي هوندو اهي جملي تقريبون پڻ سندس ئي حوالي هونديون هيون، جن کان جناب جي- ا

سيد هميشه بي فڪر ۽ بي نياز رهندو هو. شاهه سائينءَ وٽ منهنجي ثقافتي محفلن مجلسن جو انتظام به سندس ئي حوالي هوندو هو، تنهن ڪري منهنجين ادائن، صدائن، صداقتن ۽ حماقتن سان به والهانه پيار هوندو هئس. سندس ڀاءُ سيد محمد شاهه، جنهن انڊيشنل ڪمشنر بڻجي ريٽائر ڪيو، ڪنهن وقت اسان وٽ ماتليءَ جو مختيارڪار ٿي رهيو هو. جنهن جي پڻ مون سان والهانه دوستي، پيار محبت هوندي هئي. سيد يار محمد شاهه بذات خود گورنمينٽ ٺيڪيدار ۽ ڪانٽيڪٽر هوندو هو. سندس هميشه حسن، فن، ڌن ۽ زن سان شوق، رغبت ۽ وابستگي رهي آهي. پاڻ سجاده نشين، متولي ۽ فقير سڏائيندي به مون وانگر ٻه ٽي شاديون ڪيون اٿس. پاڻ اڃا تائين تندرست، توانا، صحتمند ۽ جوان آهي. پر، فقط گهٽي ٿولهه هئڻ ڪري، عمر رسيده لڳي ٿو.

آءٌ انهيءَ شاديءَ واري دعوت نامي کي، سيد يار محمد شاهه، سيد محمد شاهه سان گڏ سيد سائين غلام مرتضيٰ شاهه المعروف جي- ايم- سيد کان مليل سمجهي، خوشي ۽ مسرت محسوس ڪندي، انهيءَ شاديءَ آستان؛ 'پنج قبرن واري قبرستان، تي پهتس. جنهن کي بجليءَ جي شمعدانن، رنگ برنگي جهالرن، ڦُمقمن ۽ جهلمل جهلمل ڪندڙ بجليءَ جي رنگين ننڍين وڏن بلبلن سان سينگاريو سجايو ويو هو. پر.... منهنجي توجهه، قبرن کي ڏسندي، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي انهيءَ شعر کي ذهن ۾ آڻيندي، تعجب وٺندي، تاثر ورتو ته:

"ڪڏهن ڳاڙهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهه مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏبو ڪيترو."

اُنهي اثر هيٺ لُڙڪ اکين ۾ اچي ويا. تنهن سان گڏ انهن پنجن قبرن ۽ متوليپڻي کي پڻ سوچڻ لڳس. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، انهي فيصلي تي پهچي، پاڻ سان گڏ سماج کان به سوال ڪري پڇڻ لڳس ته "قبرن، قبرستانن، مقامن ۽ مڪانن جا، اڪثر ڪري متولي، مالڪ ۽ سجاده نشين، سيد، پير ۽ نالي جا فقير ڇو ۽ ڇا لاءِ آهن؟ جيڪي، انهن قبرن، قبرستانن، مقامن ۽ مڪانن تي قابض ٿي، مالڪاڻا حق جتائي، دعويٰ ڪري، ورجائي، اڳتي هلي، انهن مقامن ۽ مڪانن تي ساڙيون محل ٺاهرائي جوڙائي، مارڪيٽنگ سينٽر بڻائي، پڳڙيون ۽ مسواڙون وڳاڙي، ڪيئي ذاتي فائدا حاصل ڪن ٿا. پوءِ اهي سيد، پير ۽ نالي جا فقير، ڇاهي اغرب جا هجن ڇاهي مغرب جا، ڇاهي شمال جا هجن ڇاهي جنوب جا، ۽ هي قبرون، قبرستان، مقام ۽ مڪان ڇاهي اولهه ڇاهي اوپر يا اتر ڇاهي ڏکڻ جا، جن جي پاڻ ۾ نسبت ئي نه ملندي هجي؛ پر انهن يتيميءَ، مسڪينيءَ ۽ سُڄن ادارن جا مالڪ اِهي ئي ٿي سگهن ٿا، نڪي ڪي وڏيرا، رئيس، مير يا اُميرئي ٿي ٿا سگهن."

هونءَ ڏٺو ويو آهي ته هيءَ دنيا ڪيترن ڪروڙن، اربن ۽ ڪربن سالن کان وٺي

هلندي اچي ٿي، جنهن جو اندازو ۽ شمار نہ يونانين پيش ڪيو آهي، نہ ئي هندن، جينن، ٻڌن ۽ نڪو ئي مسلمانن: نہ ئي ٻين مذهبن، تاريخدانن ۽ نہ وري جاگرافيدانن ئي انهيءَ معمي کي حل ڪيو آهي. پرائي قبل مسيح وارن بہ اوٿيهہ ويهہ سؤ تائين بہ بمشڪل پنهنجو اعداد و شمار پيش ڪيو آهي. ٻين مذهبن وارن تہ اجا بہ گهٽ پيش ڪيو هوندو. ڇاڪاڻ تہ اسان جو اسلام بہ چوڏهن سؤ سال مشڪل سان پورو ڪري، پندرهين ۾ داخل ٿيڻ وارو آهي. تنهن ڪري اهو چو نہ محسوس ڪجي تہ فلڪ ڪَج رفتار ۽ چرخ ڪُهن جي نظرن، انهن اربها ڪربها، طوفانن، حادثن ۽ انقلابن کي ڏٺو هجي. تہ جن جاين جڳهين، بنگلن ۽ محلاتن جا اسين جانشين آهيون، تن جي هيٺان بہ ڪي قبرستان هجن! بمصداق هيٺين هن شعر جي:

"پگ پگ سيس نوائے جا، يهاں هيں لاکهہ شوالے،
تيرے پاؤں تلے هيں کتنے البيلے متوالے،
سنبهل سنبهل کي آرے، جارے بن بن جا بنجاري."

طبيعت چاهي ٿي تہ اهو مٿيون نظم بہ هن ڪتاب جي پيٽا رکان، جنهن جو عنوان آهي:

بنجارا

بن بن جا بنجارے، جارے، بن بن جا بنجارے -

(١)

نگر نگر هے تيری نگری، ڈگر ڈگر هے گاؤں،
ديکهہ ديکهہ تهک جائيں آنکهيں، تهکيں نہ تيرے پاؤں،
اپنے کو سمجها رے، جا رے، بن بن جا بنجارے -

(٢)

آگے بڑهنا کام هے تيرا، چلنا تيريی ريت،
آندهی ريت بگولے طوفان، سب هيں تيري ميت،
اُن سے من بهلا رهے، جا رے، بن بن جا بنجارے-

(٣)

بهيگی مست هوائيں تجهکو، ميٹهی نيند سُلائيں،
بهور بهئے آزاد پرندے، گائيں تجهے جگائيں،
اُٹهہ جا رے متوارے، جارے، بن بن جا بنجارے -

(۴)

تيرے من ميں کبهی نہ آئے، تيرا دور ٹهکانا،
ٹوٹ نہ جائے تيريی آشاؤں کان تانا بانا،
بگڑی بات بنا رے، جا رے، بن بن جا بنجارے،

(٥)

پگ پگ سيس نوائے جا، يهاں هيں لاکهہ شوالے،
تيرے پاؤں تلے هيں ڪتنے البيلے متوالے،
سنبهل سنبهل ڪي آرے، جارے بن بن جا بنجاري.

انهي نظم ڪان پوءِ، ساڳئي ماحول ۾ اچي. قبرن ۽ قبرستانن ڪي سوچيندي، دروازي واريءَ ڏاڪڻ جا ۽ تي ڏاڪا مٿي چڙهي، اتي بيٺل قدآور وڻ جي پاڙ وٽ ويهي رهيس، جتي آيل دعوتين مهمانن ۽ ٻين ماڻهن جون جتيون پيل هيون. جتان، دعوتي شروع ٿي، انهن پنجن قبرن تائين پهتا ٿي، جتي گهوٽ موڙ ٻڌيو ويٺو هو. جنهن جي آسي پاسي چؤطرف سيد، پير، امير خاندان ۽ ٻيا معزز دعوتي ويٺل هئا، جن ۾ سيد سائين به شامل هو.

الاتجي ڇو! انهن خوشين، شادين ۽ شادمانن جي موقعن تي، منهنجي دل پرجي ايندي آهي ۽ چاهيندو آهيان ته ويهي روئان. ايتريقدر، جو اڪثر ڪري اهڙن موقعن تي لڙڪ به لڙي پوندا آهن.

اُنهيءَ جي برعڪس، غم، رنج و آلم جي وقت ڏک محسوس نه ڪندو آهيان، بلڪ انهي وقت دل پٿر ٿي پوندي آهي ۽ چاهيندو آهيان ته وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي ڪلان ۽ خوش ٿيان.

اُنهيءَ ۾ ڪهڙو راز ۽ منطق آهي، تنهن ڪي سوچي سوچي به، اڄ تائين سمجهي نه سگهيو آهيان. سواءِ انهيءَ جي ته بهار خزان جو نياپو آڻي ٿو، ته خزان وري بهار جي آمد جو سنديسو ڪٽي اچي ٿي.

موسمن وانگر واقعات به تبديل ٿيندا رهن ٿا. جهڙيءَ طرح ڏينهن پٺيان راتيون ۽ راتين پٺيان ڏينهن، خوشين پٺيان غميون ۽ غمين پٺيان خوشيون، ڏکن پٺيان سک ته وري سکن پٺيان ڏک. اهڙيءَ طرح سان، قومن ۽ ملڪن جا عروج ۽ زوال به سبق ڏيندي متحير ڪن ٿا.

سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي نگاه، جڏهن مون تي پيئي، جيڪو مون کي پري کان نوچي نوچي ڏسندو، سجائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ته آءٌ ڇو انهن سيني کان پري، آيل مهمان دعوتين جي ڇيڙي تي، جتين واريءَ جڳهه وٽ ويٺو آهيان، ته پاڻ هڪدم اُتان اُٿي، مون تائين پهچي، "نه نه" ڪرڻ ۽ هٿ جوڙڻ جي باوجود، مون کي پاڪر پائي، پاڻ سان گڏ وٺي، اُتي هلي ويهاريو، جتي پاڻ اڳي ئي ويٺل هو. خوش خيرعافيت پڇڻ، شاديءَ بابت مختصر نوڪ جهونڪ ۽ تبصري ڪرڻ کان پوءِ "هڪڙي خوشخبري" چوندي، اها خوشخبري ٻڌايائين ته "تمام سٺي ۽ سهڻي دعوت، ڪينجهر جي ڪناري تي، چنڊ جي چوڏهينءَ واريءَ رات ملي آهي. جنهن جو انتظام نٿي جي شيرازي قادر ڏني شاهه ڪيو آهي. ڏاڍو لطف ايندو. پير حسام الدين کي به دعوت مليل آهي." جنهن تي مون کانئن پڇيو ته "ڇا، ڪو وڏو

ماڻهو تہ انهيءَ محفل ۾ نہ هوندو؟" پاڻ ورنديءَ ۾ چيائون تہ "رئيس صاحب کان وڏو، اهڙو ٻيو ڪهڙو ماڻهو آهي!"

سيد سائينءَ جي واتان اهي اکر اُتي آيل ڪيترن ئي معززين ۽ حاضرين ٻڌا، جن ۾ قاضي محمد اڪبر ۽ ڄام صادق علي خان بہ شامل هئا. ڄام صادق علي خان، حسب معمول ڪن ڍار ڪري، انهن اکرن کان نٽائي، ٻوڙو ٻڌجي، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، قاضي اڪبر کان پڇڻ لڳو تہ "رئيس صاحب جي جواب ۾ سائينءَ ڇا چيو؟" تہ قاضي محمد اڪبر، سائينءَ وارا ساڳيا اکر ورجايا تہ "رئيس صاحب، توکان وڏو، اهڙو ٻيو ڪهڙو ماڻهو آهي!" تہ ڄام صاحب تعجب جو اظهار ڪندي، "هون!" چئي، ماڻ ڪري، خاموش ٿي ويهي رهيو.

شاديءَ جي رسم نڪاح خوانيءَ سان شروع ٿي، جيڪا دراز ريش انجمن جي امام مولوي صاحب پڙهائي پوري ڪئي. لڏون ورهايا ويا. دعوتين کي تناول طعام سان نوازيو ويو، جنهن ۾ سيد ۽ آءٌ بہ شامل هئاسين. تنهن کان پوءِ، راڳ رنگ جي محفل منعقد ٿيٽي هئي، پر سيد سائين مون کي ساڻ ڪري، موڪلائي، سيد بقادار شاهہ جي بنگلي تي پهتو، جيڪو فردوس سئنيما جي سامهون واريءَ گهٽيءَ ۾ هو، جتي اسان جي رهائش جو بہ انتظام ٿيل هو. پر جيئن تہ شاديءَ ۾ پويان راڳ رنگ واري محفل ڇڏي آيو هيس، جنهن ۾ ڪيئي گويا ڪويا موجود هئا، تنهن ڪري دل ۾ هورا ڪورا پيدا ٿي، ۽ سيد سائينءَ کي "سسئي" وانگر ننڊ ۾ ستل ڇڏي، موٽر ۾ سوار ٿي، متل محفل ۾ وڃي شريڪ ٿيس، جنهن ۾، ٻين مشهور معروف راڳين گوين سان گڏ، منظور علي خان بہ شريڪ محفل هو. جيستائين سيد سائين جاڳندڙ هو، اجازت نہ ڏنائين ۽ چيائين تہ "هاڻي آرام ڪريو." پر، "جن کي لڳي آهي لنئون، سي ڇو نہ لڇنديون، پيرا پنهل جا ڇو نہ پڇنديون" - سو مون کي تہ لنئون کان وڌيڪ، راڳ لاءِ جنون هو، جنهن کي ناسور بہ چئي سگهجي ٿو، سو ڪٿي ٿي سمهي سگهيس!

راڳ رنگ واري محفل رچائي مچائي، گهوٽ تان گهورون گهوري، راڳيندڙن کي انعام اڪرام ڏيئي، جڏهن وري ٻيهر واپس بنگلي تي پهتس، تہ سائينءَ کي اگهور ننڊ ۾ ستل ڏٺم، جيڪو منهنجي ڪنگهہ ڪڙڪي تي جاڳي پيو ۽ مسڪرائيندي چوڻ لڳو تہ "نيٺ وئين.... رهئين ڪونہ.... آرام بہ ڦٽايئي.... ٻي آرام بہ ٿئين.....!"

آءٌ ڪلندي، اعتراف ڪندي، خاموشي اختيار ڪري، سمهي رهيس. باقي رات، بمشڪل ڪلاڪ ڏيڍ ڪن وڃي بچي هئي. صبح ٿيڻ تي هرڪو موڪلائي، ڪو ڪيڏانهن تہ ڪو ڪيڏانهن ٽڙي پڪڙي، ڇڙوڇڙ ٿي روانو ٿي ويو. آءٌ بہ شاديءَ وارن کي پُوا پات ڏيئي، سيد سائين، کان بہ موڪلائي ماتليءَ پهتس. پر سيد سائينءَ جي اُها ڪينجهر واري دعوت، دل، دماغ ۽ ذهن ۾ ڪٽڪندي رهي.

عثمان ڪچي ۽ پويا

آخر اهو ڏينهن به مقناطيسي انتظار جي ڪشش سان ويجهو ٿي ويو. آءٌ ڪچي برادران کي، پاڻ سان گڏ موٽر تي سوار ڪري، نيرن گهران رڌائي پچارائي ٿي روانو ٿيس، جيڪا ڄامشوري واري پل ٽپي، لان ۾ ڪاڏيسين. انهيءَ وقت ڪچي برادران، سنڌي راڳين ۾، سيد قاسم علي شاهه کان پوءِ، مون کي ٻئي نمبر تي پسند هئا، ۽ تنهن سان گڏ، سيد سائينءَ جا پڻ پسنديده راڳي هئا.

اهي ڪچي برادران سنڌ ۾ اچڻ وقت، سنڌي ٻوليءَ جي "ٻ" کان به واقف نه هئا. ڪچ جا لنگها سڏبا هئا. "ڪروڪرو" ۽ "يڏيرو يڏيرو" ڪري الهائيندا هئا. راڳداريءَ ۾ سنڌي ڪافين ۽ ڪلامن کي به ڪچي ٻوليءَ جو رنگ ڏيندي، اڌ ڪچي ته اڌ سنڌي، "سِر ريڊيو ۽ ڏڙ ٻاڪرو" وانگر، پيش ڪندا هئا. انهن ۾ سنڌن لفظ به چٽو ڪونه هوندو هو. معنيٰ ۽ مضمون جي به خبر ڪانه هوندي هيئن. اڪثر ڪري گجراتي "راسوڙا" ۽ ڪانياواڙي "ڏوُنا" ڏيندا هئا. ٻاڪاڻ ته "راسوڙو" گجرات جو مشهور آهي ته "ڏوُنو" وري ڪانياواڙ جو- جهڙي طرح نزاڪت ۾ گجرات ۽ حسن ۾ ڪانياواڙ جي تعريف ڪندا آهن. ڪانياواڙ لاءِ ته اهو به مشهور هوندو هو ته:

"ڪانيواڙ ني ڪور، مَرئين ميلئين نه!"

اسان جا اهي پسنديده راڳي به انهي فن جا ماهر هئا. ڇاڪاڻ ته ڪين اها سنڌي ميراث مليل هئي. پر سنڌ ۾ اچڻ وقت عثمان ڪچي، پيون سان، "جسما ٻائي ڏڻي" بڻجي، سو سو رنگ مان زنانه ڪپڙا گهاگهرو، پولڪو ۽ ساڙهي پائي، ناچيندو ۽ نچندو هو. علي ڪچي مسخرو، ظرافت ۾ اچي ساٿس چيڙ چاڙ ڪري، تماشبينن کي ڪلائيندو خوش ڪندو هو. زنانا ڪپڙا پهري، پائي، سڪيون بڻجي، راس ليلا" ڪيڏڻ وارن سيني چوڪرن ۾، "صابو" توئر تيز هوندو هو. جنهن تي ڪجهه عرصو آءٌ به عاشق بڻجي فريفته رهيس. اهو منهنجي پهرئين عشق وارو زمانو هو، جنهن ۾ هڪ گجراتڻ سان عشق ڪري گجراتي بڻيس، "راس ليلائن" ۽ هندو مذهبي تهوارن ۾ دهل وڄايم، تنهن سان گڏ "ڏوُنا" ڏيئي، راسوڙا ڳائي، "پڇن" ۽ ڪيم- تنهن کان سواءِ محنت مزدوري ڪندي بيل گاڏيون وهايم- جنهن رومان ۽ عشق جو ذڪر هن "ڪيئي ڪتاب" جي پهرئين پاڳي وارن شروعاتي صفحن تي ئي ڪري آيو آهيان- جيڪا، مون کي داغ مفارقت ڏيئي، داعي اجل کي لبيڪ چئي، ملڪ ئي هميشه لاءِ وڇڙي جدا ٿي ويئي، جنهن جي وري ٻيهر ملڻ جي ڪابه اميد ئي نه رهي.

تنهن وقت، واڳاڻي ويهڻ ۽ پاڳلپڻي واري دور ۾، "صابو" توئر اُنهيءَ رومانس جو متبادل ۽ نعم البدل بڻجي آيو. آءٌ به ڪيس پنهنجو وڃايل محبوب تصور ڪندي، ساٿس پيار ئي ڪندو رهيس. هُن به مون کان اميراڻي ٻار جي حيثيت ۾،

خوب فائدا حاصل ڪيا. مگر مون کي به انهن جي وندر مان اطمينان حاصل ٿيو ورنه ڪنهن پاڳل خاني ۾ هجان ها، جن ۾ سيني کان ويجهڙو "گدو بندر" هو.

انهي پوَيائي دور ۾ صابو توئر، نفيسڙو، نازڪڙو، البيلڙو، مستانڙو، حسين نازنين هٿ سان گڏ، بلڪل جنس نفيس ڇوڪري بڻجي ويندو هو. ڪنهن کي وهم گمان به نه گذرندو هو ته ڪو اهو ڇوڪرو آهي. سندس ناز انداز "اوئي الله" ڪري ڪمر لچڪائي، مسخري علي ڪچيءَ کان جان ڇڏائي، جڏهن پنتي هٽندو هو، ته تماشبينن جا اڳڻ ئي ٽٽي پوندا هئا. سندس معصومانه نسواني چهرو ۽ مٿي تي رکايل زنانا وڏا وار فريب ۽ دوکي ڏيڻ ۾، هميشه ڪامياب هوندا هئا. ليڪن فني نقطي نگاهه کان، "تماچي" پوَيو ۽ "هميرو" پوَيو زور هوندا هئا. هميرو پوَيو ته نچندي نچندي، پيرن سان زمين تي گلدستو ٺاهي ڇڏيندو هو! ٻئي پاسي تماچي پوَيو ته "راس ليلا" ۾ اول درجي جو ليڪيو ويندو هو. پر "صابو" توئر، حسن نزاڪت ناز و انداز ۾ نسوانيت ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هو. سندس پيءُ "دولت توئر" به اول نمبر جي مسخرن مان ليڪيو ويندو هو. تنهن سان گڏ، بچو ڪچي به مسخري ڪندو هو انهن کان سواءِ شيخ حاجي عبدالله ڊولڪ نواز بديٽائيءَ جو پيءُ "ٻيجو" پڳت به ڪافي مشهور مسخرو هو. پر "علي" ڪچي انهن سيني مسخرن جو سردار ليڪيو ويندو هو، جيڪو ٻين تماشبينن سان گڏ، پنهنجن ساٿي پوين کي به ڪلاڻي ڪلاڻي پيٽ ۾ سور وجهي ڇڏيندو هو. انهي مسخري تي "صابو" توئر جو ناز و ادا سان ڪلڻ ته سندس عاشقن لاءِ ويتر فتنه خيز هوندو هو.

عثمان ڪچيءَ ۾ نه حسن نزاڪت هئي، نه ناچ انگ هو ۽ نه وري "راس ليلا" ئي هئي، پر فقط سندس آواز سٺو، مٺو، رچيل، مرڪدار ۽ تاندار هوندو هو. تنهن ڪري ئي راڳي هٿ جي حيثيت ۾، ڪيس واه واه ۽ داد ملندو هو، جنهن ڪري پوَيا به ڪيس ساڻ ڪريو هلندا، ڳارائيندا ۽ نچائيندا هئا. مگر ٿوري ئي وقت گذرڻ کان پوءِ، سيد قاسم علي شاهه جي ننڍي ڀاءُ سومار شاهه جي سنگت ۽ شاگردي ۾ اچي، "نور شاهي" رنگ جو اڀياس ڪري، راسوڙن جي جاءِ تي، سنڌي ڪافيون ۽ ڪلام ڳائڻ لڳو ۽ ڪانياواڙي "ڏوئن" جي جاءِ تي، لطيف سائينءَ جا ڏور، بيت ۽ ڏوهيڙا ياد ڪيائين. سندس ننڍو ڀاءُ هاشم ته اڳي ئي ڊولڪ جو ماهر هو، جيڪو پڻ ساڻن گڏ جوڙ ۾ ڳائيندو وڄائيندو هو.

انهي وقت، "عمريي" ڪچي پڪوازيءَ جو دور دورو هو، جيڪو انهن پوَين سان گڏ به ساٿ سنگت ڪندو هو. "عمريو" تمام صاف ستري، سٺي لٽي ۽ تياريءَ ۾ ڊولڪ وڄائيندو هو. ممڪن آهي ته "هاشم" ڪچيءَ کي به، پنهنجي موروثي ۽ ڏاڏائي وراثت کان پوءِ، عمريي کان به ڪي ڊولڪ جا انگ اکر، گتڪاري، تڪا ۽ توڙا مليا هجن.

سندن سيني کان ننڍي ڀاءُ، "مٺو" ڪچيءَ به، انهي ماحول ۾ اکيون کولي، پرورش پاتي. تنهن ڪري سندن ساٿ سنگت ۾ راڳي بڻجي ويو. وڏيڪ تعليم خان

صاحب مبارڪ علي خان ۽ سندس فرزند خانصاحب قدرت الله خان کان خيال، تراني، نُمري ۽ دُرپت جي حاصل ڪيائين. پر انهي تعليم فقط سندس موسيقيءَ جي معلومات ۾ اضافو ڪيو. مگر، پنهنجي معاش جي پورائي، اڄ به هو سڀ "نورشاهي" رنگ ۾، سيد قاسم علي شاهه ۽ سيد سومار شاهه جي انگ ڍنگ وارين سنڌي ڪافين ۽ ڪلامن مان ئي ڪري رهيا آهن. مٿو ڪڇيءَ به، خانصاحب مبارڪ علي خان ۽ خانصاحب قدرت الله خان کان مليل پڪي راڳ کي نموني خاطر، اضافي طور، سريلن، سمجهدارن ۽ راڳداريءَ جو ڄاڻو ماهرن تي محض اثر ويهارڻ خاطر، "هاٿيءَ جا ڏند" ڏيکارڻ وانگر ڪري رکيو آهي، رڳو جنهن مان پيٽ جي پورائي ڪري ئي نٿي سگهجي.

پر هن وقت سنڌي سُگهڙن، سريلن، سمجهدارن، ڄاڻن، ماهرن، اميرن، فقيرن، سيدن، پيرن ۽ راڳين سان گڏ رهي، اهي "ڪچي برادران" پهرئين جوڙ جا ليکيا وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته چونڊ ڪلام ۽ ميل جا ڏوهيڙا ياد ڪري، اڻ ڪٽ ذخيرا گڏ ڪيا اٿن. ٽيئي ڀائر عثمان، هاشم ۽ مٿو گڏجي، هڪ ٿي، جنهن وقت ڳائين ٿا، ته وٽن ٽٽن کي جهولائيندي جهومائيندي، آسمان جا تارا به هيٺ لاهيو ڇڏين. سنڌن ڳائڻ جو رنگ ڍنگ ۽ طريقي ڪار، سنڌ جي سمجهدار، سريلن، سيدن، پيرن، اميرن ۽ فقيرن کي بيحد ۽ تمام گهڻو پسندو آهي، جن ۾ آءٌ، جي- ايم- سيد ۽ پير حسام الدين راشدي به اچي وڃون ٿا.

هڪڙي پيري سنڌ جي سائينءَ غلام مرتضيٰ شاهه سيد کان خط پهتو ته "پير حسام الدين شاهه راشديءَ سان فيصلو ٿيل آهي، جيڪو تازو سن ۾ آيل هو، ته ايندڙ چوڏهينءَ چنڊ واريءَ رات، جيڪا 3 مئي تي ٿيندي، رئيس ڪريم بخش خان کي به گهرائيندا ته جيئن ساٿس ويهي ڪا روح رهاڻ ڪجي، ڇاڪاڻ ته ساٿس ڪچهري ڪندي، ڪافي عرصو گذري چڪو آهي. تنهن سان گڏ رئيس صاحب کي اهو پڻ چوندا ته عثمان ڪچي راڳيءَ کي به پاڻ سان گڏ وٺيو اچي، جنهن جي ڳائڻ ٻڌڻ جو ڪيس به ڏاڍو شوق آهي.

انهيءَ سان گڏ اهو پڻ چيو اٿائين ته رئيس صاحب لاءِ هڪڙي قسم جو خاص تحفو به آڻيندس، جيڪو نهايت قيمتي آهي. تنهن ڪري اوهان کي هڪ مهينو اڳواٽ ئي اهڙو اطلاع ڏيئي رهيو آهيان، ته جيئن وقت سر اوهان پهچي سگهو." تنهن کان پوءِ، ساڳئي مضمون جو اهڙو اطلاعي خط محمد ابراهيم جويي کان به مليو. تنهن ڪري آءٌ انهي پروگرام تي پهچڻ خاطر، پاڻ کي تيار ڪري، هزارها بيچينين سان، انهي تاريخ ۽ ڏينهن جو انتظار ڪرڻ لڳس، تنهن سان گڏ اهڙو اطلاع ڪچي برادران کي به موڪلي ڏنم.

مٿئين فيصلي ڪرڻ کان پوءِ، اُنهي تحفيءَ متعلق سوچڻ لڳس، جيڪو پير حسام الدين شاهه راشديءَ کان تحفتاً 'رشوت' ۾ ملڻو هو! گهڻي دماغ سوريءَ ۽ سوچ ويچار کان پوءِ، اٿين محسوس ڪيم ته "اهو تحفو يقيناً شراباً طهورائي

هوندو،" چاڪاڻ تہ هن ڪان اڳ مون کي اها خبر هئي تہ پير صاحب کي، غير ملڪي سفارتخانن مان اهڙا ڪيئي تحفا نذراني طور اڪثر و بيشتر ملندا ئي رهن ٿا. پر جيئن تہ پاڻ اهي استعمال نہ ڪندو هو، تنهن ڪري ٻين دوستن جو انتخاب ڪري، اهڙا تحفا ڪين پريزنٽ ڪندو هو.

الله الله ڪندي آخر اُها 3 مئي، چوڏهين جي چنڊ واري رات، ويجهي آئي. آءٌ بہ "عثمان ڪچي ۽ برادران" کي ساڻ ڪري سن پهتس. پر پاڻ نہ آيو. باقي ٻيا آسي پاسي، درياهہ جي ڪنڌيءَ ڪناري ۽ جبلن تان هزارن جي تعداد ۾ سيد سائينءَ جا معتقد، پيروڪار ۽ تماشبين اتي اچي گڏ ٿيا هئا. درياهہ جي ڪناري مٿان، انتهائي وڏي ۽ ڪشادہ سيمينٽ جي ٺهيل ٿلهي تي، راڳ رنگ جي محفل مٽي، جنهن ۾ حافظ فيض محمد نابينا، سڀ کان پهرين "بهاگ" راڳ مان ڪلاسيڪل انگ ۾ "خيال" پيش ڪيو، جنهن جا ٻول هئا:

يهي تو هے فقيروں کي پياری چال،
کهانا کهلانا، نہ رکهنا، کل کو دينا ڈهال -
يهي تو هے فقيرون کی پياری چال.

(١)

پيسے تو لاکهہ مُهر تک آئے، پر هاتهوں ميں اک گهڑی،
اپنی موج سے اگلے لوگ کهہ گئے سَانچهے،
نہ صبر در دل عاشق، نہ آب در حباب،
قرار برکفِ آزردگان نہ گيرد مال -
يهی تو هےَ فقيروں کی پياری چنال -

تنهن کان پوءِ، وري بہ حافظ فيض محمد نابينا، زمان شاهہ جي ڪافي پيش ڪئي، جيڪا پڻ هيٺ ڏجي ٿي.

ناهي رب عرب ۾ ڪوبہ فرق،
مون کي عشق پڙهايو آهي سبق.

(١)

الف ۾ الله، الف ۾ آدم،
الف ۾ عازي آهن عرق-
مون کي عشق .....

(٢)

مسجد مندر، ڪافر مسلم،
جيڏانهن نهاريان آهي حق-
مون کي عشق .....

(٣)

احد ۾ احمد کي سمجهه سياڻا،
مـــيـــم ورائـــي ڏس، وار ورق-
مون کي عشق .....

(۴)

منصور سکيو آهي مون کان 'زمان شاهه'
روز ازل کـــان عـــيـــن الـحـــق-
مون کي عشق .....

انهي ڪلام کان پوءِ حافظ فيض محمد، 'زمان شاهه' جي، سسئي مان، هڪڙي ٻي ڪافي ٻڌائي، جنهن جي ٽلهه جا ٻولا هئا، "مون کي ڏيرن آ ڏکويو، پڇان راهه پنهل جي رويوا" ائين هن پنهنجو وارو پورو ڪيو، ۽ تنهن کان پوءِ "ملو" ڪچي سيدان ۾ آيو. جنهن به هڪڙي سسئيءَ ۽ ٻي نوري جام تماچيءَ مان ڪافيون چئي، ريس کي جوڙي، پاڻ پتوڙي، پورائي ڪئي. ڪانئس پوءِ سندس وڏو ڀاءُ، محفل جو منتخب ڳائڻو، عثمان ڪچي، لوڪ ڪافين جو ڪلاڪار، سنڌي راڳين جو چنڊ، وڙهي رسڪي ويجهو ٿي، سازن سان "آ" ملائي، سمپورن مان جگري رڙ ڪري، تان سان گڏ امروهيءَ ۾ اچي، مُڪا واريءَ "سا" تي پهتو، ته محفل ۾ جڻ سڪتو طاري ٿي ويو. پوءِ، انهيءَ سڪتي کي ٽوڙيندي، هڪڙو ڏوهيڙو ڏنائين، تنهن سان گڏ سندس ننڍين ڀائرن هاشم ۽ منو ڪچيءَ به ساٿس ميل جا ڏوهيڙا ڏنا. پاڻ ٻيهر وري به جگري زوردار رڙ ڪري، ڏهڻ کي ڏُبائي، "تلنگ" مان اها ڪافي پيش ڪيائين، جيڪا آءٌ ڪنهن اڳينءَ ۽ گذريل محفل ۾ لکي آيو آهيان- جنهن جو ٽلهه آهي:

"ڏٺم ديد دلبر الا قليلا، وري پيو وڇوڙو هجر آ جميلا"

انهيءَ سان گڏ، وري هڪڙي ٻي پراڻي ڪافي ڳايائين، جيڪا ڪنهن وقت پڳت ڳائيندا هئا ۽ منهنجي امڙ به جهونگاريندي هئي، جنهن کان سندس عزيزن قريبن ۽ مٽن مائٽن جو وڳ وڇڙي ويو هو.

عمر ياد آيا اڄ کي اباڻا،
وهن نير جن لئه نيٽئون نماڻا.

(١)

قضا هن ڪوٽن ۾ ڪـئي آهيـان ڪاري،
الله عـمـر گـذري سورن ۾ جا سـاري،
گهنگهر جن سان گهارڻ ٿيا پنهوارين پڇاڻا-
عمر ياد آيا... ...

(٢)

آيس هت بندن ۾، ٿيا ڏور ڏيهي،
رهيا سڀ رُڄن ۾ وساري مون ويهي،
ڪنديس هاڻ ڪن سان مارن ري هي ماٽا-
عمر ياد آيا... ...

(٣)

مون ڪان پوءِ ملڪ تي، مينهن ڪيون موڪون،
مُنديا، مُرڻ، مڪٽيون، پَڪيون جامر پوڪون،
پيون پوڄ پٽن تي، لُلر، لنب، لاٽا-
عمر ياد آيا... ...

(۴)

پَلرُ جي پيئڻ جي آهيان مان پياسي،
وطن جي وڃڻ لئي آهيان مان اُداسي،
جتي آهن جيڏين جا، پڪا، پَڊ پراٽا-
عمر ياد آيا... ...

(۵)

"صاحبڏنا" سانگي سدا ويٺي ساريان،
پَل پَل پنهوارين کي پيئي آءٌ پڪاريان،
تن جي سورن ڪيا، سندم سَنڌ ساٽا-
عمر ياد آيا... ...

انهيءَ ڪلام جي جوڙ ۾ "جيئي سنڌ" واري نظم "پيروي" ۾ پيش ڪيائين، جنهن جا بند هيٺ ڏجن ٿا:

جيئي سنڌ، جيئي سنڌ، جيئن سنڌ وارا،
چمڪن چوڌاري، جيئن چنڊ تارا،

(١)

سنڌڙيءَ سان سيد، سدا آهي ساٿي،
دريا گهاءُ ڪيو ناءُ، پلٽي روز پاٽي،
وهن پنيا ڏهاڙي، نديون نير نارا.
جيئي سنڌ.... ....

(٢)

باغن بنگلن مان اچي بوءِ بهاري،
خلقت مان خوشيءَ جي اچي سڳنڌ ساري،
وٽن واهه جا دل ڪي، سيد جا اوتارا-
جيئي سنڌ.... ....

(٣)

سدا سائي سنڌڙي، سنيون صاف ساريون،
ڪري پورهيو پنهنجو، ڪروڙين ڪمايون،
سدا خوش گذاريون، ڪريو ٻنيون ٻارا.
جيئي سنڌ.... ....

(۴)

وڙهيا جي وطن لئي، جهونجهار جوڌا،
وڳهه ڪوٽ جا والي، دلير دودا،
هنا، ڪي اجا هوندا، مانجهي مرد موچارا-
جيئي سنڌ.... ....

(۵)

سنڌي سڀ سنڌ ۾ آهن، سدائين سهٽا،
قرب وارا ڪروڙين، مڙيئي من مُهٽا،
توڙي ٻڌن چوٽنرا دلبر دلارا،
جيئي سنڌ.... ....

(٦)

ڪئين مير، ڪئين امير، ڪئين وزير آهن،
ولايت جا والي، پير فقير آهن،
سوين سُجهن سنڌ ۾، سيد سونهارا-
جيئي سنڌ... ...

(٧)

"قلندر" جي ڪشتي ڀرپور آهي،
ڀٽائي ڀلارو سارو نور آهي،
مشهور آهي ملڪ ۾ "پيرل" پاڳارا-
جيئي سنڌ... ....

انهي جيئي سنڌ واري نظم، سجي محفل کي جهولائي، جهومائي، سرشار ڪري، مست بڻائي، وجد ۾ آڻي، نچائي ڇڏيو. جن ۾ سنڌ جي سائين جا پيروڪار، ڪاليجي شاگرد، سيڪڙاڻ ليڊر، اديب ۽ صحافي جن ۾ عمر رسيده عاشق جيوڙو "مومن" مليرائي به مست ٿي، بي تال نچندو، چيخندو، چلائيندو ۽ دانهون ڪرڪون ڪندو رهيو. ٻيا به ڪيئي چوڪرا، جن ۾ ڪي تار مڪان ۽ لئي وارا هنا، ته ڪي وري بي تارا ۽ بي ليا هنا، جن ايڏو ته ڪٽي اُڏم مچايو، جو آءٌ ۽

سيد سائين تہ خير، پر حفيظ قريشي ايڊووڪيٽ جهڙو هيوي ويٽ، رڙهڻ، رسڪڻ پويان هٽڻ ۽ پاڻ بچائڻ لڳو، تہ جيئن سندس مٿان چوڪرا نہ ڪري پون. اها روئداد ڏسندي، سنڌ ۾ سمايل "سن جي سائين" انهي ڪلام پوري ٿيڻ تي، بر وقت محفل برخواست ڪري، رات جي ماني ڪارائڻ لاءِ انتظام ڪرايو. ورنہ اها محفل اڃا بہ ڪافي وقت هلي ها. انهيءَ محفل کي جلدي بند ڪرائڻ جو ڪارڻ، اول تہ پير حسام الدين راشديءَ جي غير موجودگي، ٻيو ڇوڪرن جي هَلاگلا ۽ ٽيون ممڪن آهي تہ سيد سائينءَ کي انهيءَ ڪلام جي اثر ۾ ئي رهڻو هو.

سيد قاسم علي شاه

هاڻي هتي آءٌ منهنجي پسنديده لوڪ رس، سدا رنگي نور شاهي ۽ جذباتي ڳائڻي، سيد قاسم علي شاهہ بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو. جيڪو مستيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ اچي، نور شاهي يڪتاري تي ڳائي، پنهنجو جنوني جذباتن جي ترجماني ڪرڻ ۾ پنهنجو مٿ پاڻ هو. تنهن سان گڏ، انهي نور شاهي رنگ ۾ ڪچي برادران ۽ محمد اسحاق ڪاري مگٽهار جي استاد هئڻ جو شرف بہ ڪيس ئي هو.

سيد قاسم علي شاهہ کي، سندس ننڍي ڀاءُ سيد سومار علي شاهہ جي فوت ٿيڻ، جوڙ ٽٽڻ ۽ اڪيلي ٿيڻ کان پوءِ، ڪچين جي لڳايل، مچايل ۽ رچايل رس جي مٿان، جڏهن بہ وارو ڏيئي ڳارايو هوندم تہ، سندن سڄي رچايل، مچايل رنگ ۽ اثر کي ختم ڪري، طوفان مچائي، آسي پاسي وارن کي پاڳل بڻائي، جنون ۾ جهولائي جهومائي، متحير ڪري، ڪڏهن ڪلائي تہ ڪڏهن روئاڙي ڇڏيندو هو. جيڪڏهن "سسئي" کي ڪٽندو هو تہ ڪلامن، ڪافين ۽ ميل جي ڏوهيڙن جو انت ڪيهہ ئي ڪونہ هوندو هو. اگر "مارئي" کي وٺندو هو تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ رڳو "مارئي" پيئي هلندي هئي" جام تماچي ۽ نوري" جو تہ ڪو حد حساب ئي نہ هو. وري جي "ليلان چنيسر ۽ ڪوٺنڙو" کي آڏو ٿي آندائين، تہ پرو نڪو پاند هو. پر انهن سيني کان مٿي، سندس خاص صفت هئي "پنجتنن" جو ذڪر، جيڪو ڪٿي حڏهن ڪربلا جي ميدان ۾ پهتو ٿي، تہ خود پاڻ روئڻ سان گڏ سامعينن کي بہ ڀڙڪارون ڏياري روئاڙي ڇڏيائين ٿي. سندس اکين مان زار و قطار لڙڪ پيا وهندا هئا ۽ گوڏا پيو پٽيندو هو. اهڙيءَ طرح ٻين کي بہ گوڏا پٽائي ڇڏيندو هو.

هڪڙي پيري عيد واريءَ محفل ۾، جيڪا ڏينهن جي ٻنهپهرن کان شروع ٿي هئي، جنهن ۾ "حيدر" ڪوسي، وڏيري علي سوهي، محمد عمر لغاريءَ ۽ عثمان اوني کان پوءِ، عثمان، منو ۽ هاشم ڪچي ڳائي پورو ڪيو، جن جو رس چوٽ چڙهيل هو ۽ وچينءَ جي نماز جو وقت ٿي ويو هو. محفل ختم ٿيڻ واري هئي ۽ باقي

فقط سيد قاسم علي شاهہ اڪيلو وڃي رهيو هو. آءٌ بہ ڪچين جي لڳايل ۽ مچايل رس رهاڻ تي ئي محفل ختم ڪرڻ وارو هيس، تہ قاسم علي شاهہ جو خيال ڪندي، ڪانئس پڇيم تہ "قاسم علي شاهہ! ڪچين جو رس چوٽ چڙهيل آهي، تون ڳائيندين ڇا؟" جنهن تي پاڻ باآواز بلند چيائين تہ "ها! چو نہ ڳائيندس!! ڪچي تہ منهنجا ٻالڪا آهن!!! اُهي مون کي ڪري ئي ڇا ٿا سگهن!!!!" ائين چئي، پاڻ رڙهي رسڪي، ڳائڻ واريءَ جاءِ تي آيو، تہ هاشم ۽ مٺو پنهنجا پوٽڙا چنڊي اُتي بيٺا، جنهن تي مون کين ويهڻ جو حڪم ڏيندي چيو تہ "قاسم علي شاهہ اڪيلو آهي، ساٿس ساٿ سنگت ۽ جوڙ ۾ ٻيو ڪوبہ ناهي. تنهنڪري، جهڙيءَ طرح توهان پنهنجي ياءُ عثمان سان جوڙ ڪري ڳايو وڄايو آهي، تهڙي ئي طرح قاسم علي شاهہ سان بہ جوڙ ڪريو ڳايو ۽ وڄايو- ڇاڪاڻ تہ هو اوهان جو استاد آهي، جنهن جي ئي فن مان اوهان پنهنجي پيٽ پورائي ڪريو ٿا."

چوندا آهن تہ ادب پلو يا مراد! پر، انهن ٻنهي ٽنهي ياٽرن ادب ڪندي، آمر تي لبيڪ چئي، سيد قاسم علي شاهہ سان گڏ ساٿ سنگت ڪري، جوڙ ٿي، ٻٽ ٻڌجي، اهڙيءَ ئي طرح ڳايو، جهڙيءَ طرح سان پنهنجي ياءُ عثمان سان جوڙ ڪري ڳايو وڄايو هئائون- تنهن ۾ ذري برابر بہ ڪمي ۽ گهٽتائي ڪانہ ڪيائون.

سيد قاسم علي شاهہ بہ، ڪچين جي لڳايل رس کي ڏسي، ڇتو ٻڌجي، مجنونانہ انداز ۾ سڀ کان پهرين هڪڙي سنڌي عشقيہ ڪافي پيش ڪئي، جنهن ۾ عشق جا عادات و اطوار، نيلن، پيلن، ساون، ڳاڙهن، پيازين، اڇن، ڪارن رنگن ۾ پيش ڪيا. جيڪي منهنجي لاءِ هيڏين سارين ڪافين، ڪلامن ۽ واين ٻڌڻ کان پوءِ بہ بلڪل نوان، انوکا ۽ نرالا هئا. اهو ڪلام پهريون ڀيرو ٻڌي، آخري ڪري ڇڏيم. تنهن کان پوءِ هڪڙو ڪلام "سسئي" جو، "ڏيئي ويا پنيور کي باهيون، جن مان اُميدون نہ لاهيون" ، پيش ڪندي، ڪچين کي هڪل ڪندي چيائين تہ "اڙي، او ڪچيڙا! ڏسو تہ پنيور کي باهہ لڳي پيئي آهي يا نہ!!" پر هو ويچارا صداقت مند بہ سندس ئي اثر هيٺ هئا. جنهن ڪري ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنائون. تنهن کان پوءِ وري "الف" کان وٺي "ي" تائين، ٻٽيهہ اکريءَ ۾ "مارئيءَ" جا ڏوهيڙا ڏيئي "مارئي" مان ڪافي ڪنيائين تہ ماڻهن ۽ ماحول کي ٻُت بنائي ڇڏيائين. انهيءَ کان پوءِ وري "پنجتن" جو ذڪر ڪري، جڏهن ميدان ڪربلا ۾ آيو تہ وڃي خير ٿيا. پاڻ سان گڏ سڄي محفل کي روئاڙي لاءِ ڪڍي ڇڏيائين.

ڪيس سيد سنائيءَ جي سن وارين محفلن ۾ بہ ڪيئي ڀيرا وٺي ويس، پر "سن جي سائين" تي، گهٽي ڳالهائڻ جي ڪري، پنهنجو اثر ويهاري نہ سگهيو. سيد سائين ڪيس گهڻ ڳالهائو ۽ ٻٽاڪي سمجهي، ڪانئس پري ئي رهيو ۽ ڪڏهن بہ ڪيس سمجهڻ جي ڪوشش ئي نہ ڪيائين. پر سن وارا تہ سندس ڳائڻ تي فريفتہ ۽ عاشق هئا.

سن ۽ سالگره

هڪڙي پيري سائينءَ جي سالگره واري موقعي تي، جنهن ۾ پير علي محمد شاهه راشدي ۾ اهليه، اي- ڪي بروهي ۾ فيملي، جناب محمد ايوب کهڙو ۾ دختر نيڪ اختر، پير حسام الدين راشدي، قاضي فيض محمد وڪيل، شيخ مبارڪ علي 'اياز' سندس ساٿي ۽ ٻين ڏهن پندرهن هزارن جي مجموعي ۽ سياسي تقريرن، سماجي ۽ ادبي مقالن ۽ شعر و شاعريءَ کان پوءِ رات واري ماني کائي، وقفو پورو ڪري، يارهين بجي رات جو اسان کي ڳائڻ وڄائڻ خاطر ثقافتي سڌ ٿيو، ته اچي راڳ رنگ جي محفل کي موڙ ٻڌايو. تنهن وقت مخموريءَ ۽ سرشاريءَ جي ڪري، منهنجي حالت قابل رحم هئي. پر تنهن هوندي به سڌ سان گڏ سڌ ڏيئي، اٿي ماڻهن جي جهمگهٽي کي چيريندو، رستو وٺندو، پنهنجن فنڪارن سميت جڏهن اسٽيج تي پهتس ته "علڻ" مسخرو مڱٿهار، ريڊيو ۽ ٽيليويزن وارن نادان، اڻجاڻ ۽ ناسمجهه جٽ پروڊيوسرن ۽ آفيسرن جو لاڏلو اتي ويٺو هو. جنهن کي اسٽيج خالي ڪرڻ جو حڪم ڏنم ته هو گين گين ۽ مين مين ڪرڻ لڳو. پر مون، سندس ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي، ڪيس ڏکا ڏيئي، اسٽيج تان هيٺ لاهي، اُتان روانو ڪري ڇڏيو. جنهن کان پوءِ وري، پري کان بيهي شرارتون ڪندو رهيو ۽ ايمپليفائر ڪنٽرول ڪرڻ وارن وٽ پهچي، مائيڪ جي وائرن سان هٿ چراند ڪرڻ لڳو. جنهن تي دڙڪو ڏيندي، هڪل ڪئي مانس. پاڻ وراڻي ڏنائين ته "مون کي وارو ڏيو!" جنهن تي مون گهٽ وڌ ڳالهائيندي ۽ آڱوٺو ڏيکاريندي، اشاري سان ڪيس چيم ته "هيءُ وارو ڏيندوسانءِ!" جنهن تي هو خاموش ۽ ماٺ ٿي ويو.

سيد سائينءَ سان گڏ ويٺل ڪن معززين، منهنجي واتان نڪتل انهن ناجائز اکرن تي اعتراض ڪندي، ڪيس چيو ته "رئيس صاحب، هيڏيءَ ساريءَ پريل محفل ۾ اوٺ ٻٽانگ ۽ بيهودو ڳالهائي، وهلور وجي رهيو آهي. تنهن ڪري مٿس ضابطو رکيو وڃي، ته جيئن هو صاحب اهڙا اڍنگا ۽ بي ڍنگا اکر، هن شريفانه محفل ۽ مجلس ۾ نه ڳالهائي، جتي چند خواتين پڻ حاضر مجلس آهن!" جنهن تي سيد سائينءَ، چهن تي شاهد آڱر رکي، ڪين چُپ رهڻ لاءِ چيو. جنهن جو مطلب هو ته "چُپ ڪر، چپ نه چور، پوُر اکيون، ڍڪ ڪن!" اهو اشارو ۽ اعتراض، پري کان آءٌ ڏسي رهيو هيس. تنهن ڪري پاڻ سنيالي، سڀ کان پهرين، آرڪيسٽرا تي نغمو وڄارايم. تنهن کان پوءِ "نور بانوءَ" کي وارو ڏنم، جنهن به ٽي ڪلام ڳايا. تنهن کان پوءِ وري محمد اسحاق "ڪارو" ميدان ۾ آيو، جنهن به ڪجهه مجازي عشقيه ڪلام پيش ڪيا. مون انهيءَ ساڳيءَ مخموريءَ، سرشاريءَ ۽ مستيءَ ۾، گستاخ بنجي، سيد قاسم علي شاهه کي هڪل ڪندي چيو ته "سسئي ته ڏسي وائسي، پنهونءَ جي پنيان پنڌ پيئي هئي. مارئيءَ جي به مارن کي ڪا پڪ ڪانهي ته هڪڙي

جابر بادشاهہ جي قلعي، ڪوٽن، محلن ۽ محلاتن مان.پنهنجو سَت بچائي، پنهنجي پَت، پوترتا ۽ پاڪدامني سلامت رکي ٻاهر نڪتي هوندي! تنهن ڪري، قاسم شاهہ، تون بہ تہ پنهنجن ناناٽن ڏاڏاٽن جو ڪو اصل ذڪر ٻڌاءِ!"

مون اهو ٽورائيءَ ۽ وقت جي نزاڪت کي ڏسندي ئي، قاسم علي شاهہ کي اهڙو حڪم ڪيو هو. ڇاڪاڻ تہ اسان کان پوءِ، وڏن وڏن تنبورن وارا پيٽ شاهہ جا راڳي، اُميد، آسري ۽ انتظار ۾ ويٺل هئا. جن جو راڳ ۽ وائي، هو... يو... وو... گو.... مو.... جي ڪري، سمجهہ ۾ ئي نہ ايندو آهي. پر محض ادب، احترام جي ڪري ئي داد ڏيئي خاموش رهڻو پوندو آهي. مگر ايترو ضرور تسليم ڪرڻو پوندو تہ، اگر نہ سمجهندي بہ، پوئينءَ رات ۾ سندن ساز آواز، چيخ پڪار ۽ ڳائڻ وڄائڻ جو طريقي ڪار روٽاڙي ڇڏيندو آهي. تنهن ڪري اسان پنهنجي ڳائڻ وڄائڻ وارو ثقافتي رنگ ائين "پنجتن" جي ذڪر و فڪر سان پورو ڪري، اچي پنهنجن ڪمرن ۾ آرامي ٿياسين. ڇاڪاڻ تہ جسم ۽ دماغ ٿڪاوٽ سان چور ٿي چڪا هئا.

ڪينجهر

ذڪر پئي هليو ننگر نٽي ۽ ڪينجهر جي دعوتن جو، تہ جذباتن جي وهڪري ۾ بجاءِ اوپاري ترڻ جي لهواري ۾ لڙهي وياسين. اهو منهنجي لاأباليپڻي جو مڪمل ثبوت آهي. جيڪو، آڏ پاڻ سان گڏ عالمِ ارواح کان ڪٽي آيو آهيان. ورنہ انهي رومانوي آثار قديم "ڪينجهر" تي وڃي، جامِ تماچيءَ جا چار، ڪڙهيون ۽ ڪنديون ئي ڏسڻيون هيون، جنهن خاطر تخت چڙي، بخت کي ساڻ ڪري، مڇيرو ۽ ملاح بڻجي، پنهنجي جاه و جلال کي هڪ پاسي رکي، گوڏيرن سان گوڏ ٻڌي، مڇيون مارڻ لڳو هو. انهيءَ نفاست پسند، عطر انبيرن سان وهنجندڙ بادشاهہ کي مڇيرن جي ڌپ ۽ ڪِک مان بہ ڪا بدبو ڪانہ آئي.

بيت

(١)

چارا ۽ ڪارا، مال جن جو مڪڙيون،
تماچيءَ جي تڪئي، اچن سُوارا،
ميءَ مڇيءَ مارا، سمي سي سيڻ ڪيا.

(٢)

ڪڪيءَ هاڻيون ڪاربون، ڇڇيءَ هاڻ ڇڇ،
پاند جن جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ،
سمون جام سهج، اُيو ڪري اُن سين.

(٣)

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون، مور نہ موچاريون،
وٺي ويٺيون واٽ تي، ڪڪيءَ جون ڪاريون،
اُنهين جون آريون، سمي ري ڪير سهي.

(۴)

ڄاريون ڪاريون ڇڄ ڇپريون، جن جي محبت مڇيءَ ساڻ،
رهن ويهن سَر ٻانڌئين، سڀيئي بدبو هاڻ،
لڌڙن جيئن "لطيف" چئي، پاڻي وجهن پاڻ،
تن ملاحن جو ماڻ، سمي سَر ڪيو پاڻ جي.

اهڙيءَ طرح سان "نوريءَ" جي نياز نوڙت، سادگيءَ، سچائيءَ، معصوميت، حسن صورت ۽ حسن سيرت بہ پنهنجو مٽ پاڻ هئي. جنهن، رسيلي راجا کي ريجهائي، پاڻ تي موهت ڪري، محل محلات ڇڏائي، حسين ۽ سهڻيون سميون وسارائي، مهاڻن ۽ مهاڻين ۾ مهاڻو ڪري ڇڏيو. جنهن مهاڻن کي مياڻيون معاف ڪري ڇڏيون. پر تنهن هوندي بہ "نوريءَ" پنهنجي ناز تي ناز ڪري، نياز نہ وساريو. هميشہ پاڻ کي گهٽائي، ليلان وانگر لاڏ نہ ڪندي، مٺين تي محبت نہ مٽائي، ليلائيندي، ٻاڏائيندي، آهون ۽ دانهون ڪندي، پاڻ گهٽائيندي چوندي رهي تہ:

(١)

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبن جوءُ،
پسي راڻين روءُ، متان مون گهر مَٽئين!
(يا مانگر مٽئين!)

(٢)

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيب اُپار،
پَسي لئي لغار، متان مون گهر مٽئين!
(يا مانگر مٽئين!)

(٣)

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبن ويهہ،
پَسي مهيئڪي ڏيءَ، متان مون گهر مَٽئين!
(يا مانگر مٽئين!)

(۴)

تون سمون آءٌ گندري، مون ۾ عيبن لک،
هن منهنجي حال جي، توکي سڀ پرک،
ڪارڻ رب الک، متان مون گهر مٽئين!
(يا مانگر مٽئين!)

(٥)

تون تماچي تڙ ڏٺي، آءٌ مهاٽي مي،
مون کي ڏهاڳ مرَ ڏي، جا نالي سين تنهنجي.

اهڙيءَ طرح سان عاشق بادشاهه ڄام تماچي، ککيءَ ڪاريءَ، مهاٽيءَ راٽيءَ ي نوڙت ۽ نياز جو عشقيه داستان، اڄ به سنڌين، سنڌ واسين ۽ سنڌ جي سيني ۾ مايل آهي. جنهن کي، سنڌ جي سدا حيات شاعر به، پنهنجي رسالي جي "سُر ناموڙ" ۾، مجاز کان مٿي وڃي، حقيقت مان پار پٺي، معرفت جي ميدان تي چي، گناهگارن ۽ عيبدارن جا گناهه بخشيندي، عيب ڍڪيندي، شان رحمت جا رشما ڏيکاريندي، دهرايو، ورجايو ۽ ڳايو آهي. جنهن جي مثال ۾ مٿيان بيت ڪيا ويا آهن. اڄا به، شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو هڪڙو بيت لکي، ڪينجهر" جي ڪناري پهچڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته جيئن انهيءَ مضمون، سيع و عريض "ڪينجهر" ڍنڍ کي، ڪوزي ۾ وجهي، داستان عشق کي نيائيندي، يءَ راڳ رنگ واري ثقافتي محفل کي بمعه پنهنجن يارن دوستارن، دلدارن، دلوارن، ارن ۽ فنڪارن کي ڪامياب بڻائي سگهون. اهو بيت جيڪو لکڻ چاهيان ٿو، سو هيءُ آهي:

ڪاڄ جن جو ککيون، مال جن ٻُجا مَڏ،
سمي سي سينَ ڪيا، هيٺان جن جا هَڏ،
ڄام پرتئي لڏ، سانگين جي "سيد" چئي.

انهي مٿئين بيت جو سهارو ۽ آڌار وٺي، ڄامشوري واري پل ٽپي پار پئي، ، جي ڇپر تي نيرن ڪائي، نٽي پهچڻ خاطر اڳتي روانا ٿياسين ته وچ ۾ ڪيئي هيل سلجهيل ڳالهيون ۽ مضمون اچي پيش پيا. جن کي سلجهائڻ، ٺاهڻ ۽ نيائڻ ، هيترو سارو وقت لڳي ويو. تنهن ڪري هاڻي هلو ته هلي، ڪي ڪينجهر جا نارا پَسي، چوڏهينءَ جي چنڊ واريءَ چانڊوڪيءَ مان لطف اندوز ٿي، رومانوي يادن ي تازو ڪري، عجب ڪائي، پنهنجي مدد پاڻ ڪندي، محفل مچايون، ڳايون ۽ ايون. ڇاڪاڻ ته اتي پهچڻ کان اڳي، اڄا به هڪڙي اسٽيشن، نٽي ۾ پهچي، اُتي هڻو هو. جتي سيد قادر ڏني شاهه شيرازيءَ جي طرفان رکيل منجهند جي ماني ۽ ڄ کي به منهن ڏيڻو هو. تنهن کان پوءِ، پيو رات وارو سڄو انتظام "ڪينجهر" تي ڪيل هو.

الله جو شان بي نيازي! اڄا "جهرڪن" کان ڪجهه اوريان ئي هٽاسين، ته تر ڪار گرم ٿي ويئي، بانٽ کولي ڏنوسين ته ڊائينامون ڪم نه پئي ڪيو. گهڻيءَ وشش جي باوجود ڪجهه به نه ڪري سگهياسين. پوءِ ته هلندا بيهندا، گرم موٽر ٽٽو ڪندا، شام جو تقريباً چئين ساڍي چئين بجي ڌاري نٽي پهتاسين، ته اڄا ني هلي رهي هئي!

چوندا آهن ته "هرهڪ ڳالهه ۾ قدرت طرفان ڪانه ڪا مصلحت ٿئي ٿي.
ننگر ۾ قادر ڏني شاهه شيرازيءَ جي جاءِ تي پهتاسين، ته ڏٺوسين جڻ "دعوت

شيراز" نہ، بلڪ "دعوت تخت طائوس" هئي! شڪر ٿيو، جو اسان جي پهچڻ کا
اڳ، سياسي جهمگٽا، تقريرون ۽ واعظ ختم ٿي چڪا هئا، ورنہ سياست سا
دلچسپي نہ هئڻ ڪري بيزار ٿي پئون ها. اسان جي موٽر جي خراب ٿيڻ ۽ اتي د
سان پهچڻ باعث ڪوفت ضرور هو. پر، خلاف طبع سياسي چخ چخ ۽ چيره دست
کان نجات ملي.

ماڻهن کي ماني کائيندو ڏسي، چهن تي زبان ڦيري، للچائيندڙ نگاهن سا
ڏسندي- چاڪاڻ تہ اسان کي بہ سڄي ڏينهن جي بک هئي- سو اسان بہ انهن ما
کائيندڙن سان گڏ، هلندڙ ماني ۽ ٻر جُنبي وياسين. جيڪا، ڪيترن ئي قسمن ج
ڊشز ٻر ٺهيل هئي. ليڪن نهايت پُرلطف ۽ بيحد لذيذ هئي. خاص طرح بدڪن
روسنٽ وڏيڪ پسند آيا. ماني کائي پي رَڄ ٿي، سيد سائين ۽ سان ٽوري گهٽي رهـ
رس ڪري، موٽر جو ڊائينامون ٺهرائڻ لاءِ نڪتاسين. جنهن کي ٺهڻ ٻر ڪافي دير لڳي.

ڪينجهر تي ڪاهيندڙ قافلو تہ ڏينهن ڏٺي جو ئي اُتي پهچي چڪو هو. اسـ
بہ موٽر جو ڊائينامون ٺهرائي، سج لٿي کان پوءِ اُتي پهتاسين تہ سيني کي پنهنج
انتظار ٻر ڏٺوسين. خاص ڪري سيد سائين تہ، هر ايندڙ موٽر کي اسان ج
سمجهي، ڳاٽ اوچو ڪري، ڪنڌ مٿي ڪٽي تڪيندو، نهاريندو ۽ ڏسندو رهيو ٿ
جنهن انتظار متعلق هيٺيون شعر بلڪل موزون صادر ٿئي ٿو:

"آهٽ پہ ڪان، در پہ نظر، دل ميں اضطراب،
پوچهو ستم ڪشوں سے مزا انتظار کا."

پر، اسان گهڻو انتظار نہ ڪرائيندي، وقت تي ئي پهچي وياسين. سج
محفل اسان کي ڏسي ڪشته زعفران بڻجي ويئي. "اچي ويا! اچي ويا!! اچي ويا
جا آواز بلند ٿيڻ لڳا. اسان بہ نهايت ڪشاده دليءَ سان، سائن ملاقات ڪر
ڪينجهر ڏانهن نظر ڪندي، متوجہ ٿياسين. جيڪا، اتر واءُ واريءَ اوت تي، چر
سان، چوڏهين ۽ جو چنڊ، پنهنجن طنابي قلمن سان، ڪرٽن جي اڪرن ٻر، سند
ڏڙڪندڙ دل تي ڪيئي رومانوي عشقيہ افسانا ۽ داستان لکي دهرائيندو ئي رهـ
هو. جن ٻر ڄام تماچيءَ جو جاه و جلال، نوريءَ جو نياز، نوڙت، نهنائي ۽ نماڻا
خاص اهميت رکن ٿا.

اها "ڪينجهر" ڪڏهن کان قائم آهي، اتي ڪيڏا ۽ ڪيترا رومانس ٿ
سي تہ محقق ۽ تاريخدان ئي ڄاڻن. پر اسين انهي رومانوي جاءِ تي پهچي، رومان
فضا ٻر، مجسمہ رومان بڻجي پياسين. خاص ڪري سن جي سائين ۽ جي- ايـ
سيد، ڪتابي اسڪالر ۽ اوليا پير حسام الدين شاهہ راشديءَ وارن جو بہ
حاصل ڪندي، لطف اندوز ٿيندي، متحير ٿي، رومانس ٻر مستغرق ٿي وڃڻ،
بہ حالت ٻر مون کان گهٽ نہ هنا ۽ ٻيا بہ ڪيئي باحس ۽ دل وارا اهل مجلس
ساڳئي حال ٻر مَگن، مست ۽ سرشار هنا. پر انهن ٻر ڪي اهڙا بہ هنا، . .

ڀانس کان اڻڄاڻ، ثقافتي راڳ رنگ کان ڏور، صرف دنيا داريءَ خاطر پنهنجي
ڀري حاصل ڪرڻ ۽ چمڪائڻ لاءِ سيد جو پيچو ڪري آيا هئا. جن مَئي نوشي ۾،
ڻ کي پاڪ ۽ صاف ظاهر ڪرڻ خاطر، اندر بنگلي ۾ ٻين جي نظرن کان اوجهل
ي، لڪائي ٿي ڪئي، نڪي مون وانگر ظاهر ظهور ٿي. جنهن لاءِ سيد سائينءَ
واليه نگاهن سان مون ڏانهن نهاريندي، پڇندي چيو ته "خبر اٿئي ته اهي ڪيڏانهن
ا آهن؟" وري جواب ۾ پاڻ ئي لَپ چپن تي رکي، اشارو ڪندي، چيائين ته "بنگلي
در مئي نوشيءَ ۾ مست آهن!" خير، اسين انهن خود غرض، مطلبي ۽ دنيادار
ڀرن کي ڇڏي، اچون ٿا پنهنجي راڳ رنگ ۽ ڳائڻ وڄائڻ واريءَ ثقافتي روح رهاڻ تي.

بنگلي کان ٻاهر، ڪينجهر جي ڪپر ۽ ڪناري تي، اسان جي پهچڻ کان اڳي
ي گلم، غاليچا، ڪرسيون ۽ ڪوچ وڇايل هئا. جن تي ئي آيل مهمان رونق افروز
ٿا. سامهون واري غاليچي تي فنڪارن لاءِ انتظام ٿيل هو. اسڪالر اوليا پير
سام الدين راشدي، پيل ڪرسين جي ڇيڙي تي، هڪڙيءَ آرامي ڪرسيءَ تي
اجمان هو. سندس نگاهون، ڪڏهن چنڊ کي چيري رهيون هيون، ته ڪڏهن طنابي
وس و قزح جي سروي ڪري رهيون هيون، ته ڪڏهن وري ڪينجهر جي ڏڙڪندڙ
سيني تي ڪرٽن جي مچلڻ، رقص ڪرڻ، ٿهڪڻ، ٻهڪڻ ۽ چمڪڻ جي مشاهدي ۾
هو ۽ مصروف هيون. پاڻ گهڻو ڪري ساڪت و سامت ۽ خاموش ويٺو هو.

جناب جي- ايم- سيد جي پرسان وڇايل ڪٽ تي، قاضي محمد اڪبر ۽
غا غلام نبي پٺاڻ، بت بڻيو ويٺا هئا. رکي رکي، ڪنهن ڪنهن وقت، سيد سان
ڪن سُرو ۾ ڪيائون ٿي. پر، سيد سائين پُرنور چمڪندڙ چهري، هشاش بشاش،
هڪندڙ طبيعت سان سڄي ماحول جو معائنو ڪندو، جائزو وٺندو، لطف اندوز
يندي، حَظ حاصل ڪري رهيو هو. جتي ٻيا ۾ ڪيئي مجلسين ۽ شائقين، ڳائڻ
جائڻ ۽ ٻڌڻ لاءِ بيچينيءَ سان منتظر ۽ انتظاري هئا. مگر، مون ته حسب معمول
ماحول تي، چنڊ تي، ڪرٽن تي، ڪينجهر تي، "نوريءَ" تي، "ڄام تماچيءَ" تي،
لڪ پاڻ تي ۾، تبصرن ۽ تنقيدن ۾ مصروف رهندي، راڳ رنگ جي محفل شروع
ڪرڻ جو حڪم صادر ڪري، نغمي سان محفل جو آغاز ڪرائي ڇڏيو.

سڀ کان پهرين، نغمي ۾ آرڪيسٽرا وڄارائي، "نوربانوءَ" کي وارو ڏنم.
ڀيڪا اُنهيءَ وقت، راشدي پيرن جي حويلين ۾ خدمتگار، ملازم ۽ نوڪرياڻي هئي
، خاص طور پير حسام الدين شاه راشديءَ جي ڪري ئي، انهيءَ محفل ۾، ڳائڻ
خاطر آيل هئي. جنهن وقت ڳائڻ واريءَ جاءِ تي پهتي، جتي ڪچي برادران سائس گڏ
سات سنگت ۾ ساز وڄائڻ وارا هئا، سندن هٿ ۾ دڪيل سگريٽ هو. جا ڳالهه مون
ي عادتاً ۽ اخلاقاً پسند نه آئي، تنهن ڪري منع ڪندي، چيومانس ته "هيڏن سارن
ميرن، سيدن ۽ پيرن جي وچ ۾، تنهنجو سگريٽ پيئڻ باعث بدتميزي ۽ ناگوار خاطر
هي."

جنهن تي، هڪدم سڪريٽ وسائي، پاسي ۾ رکي، پاڻ ڳائڻ شروع ک
ڏنائين. ٻن ٽن ڪافين ڪلامن کان پوءِ "منو" ڪچيءَ کي وارو ڏنم، جنهن به ٻ
ڪافيون ڪلام ڳائي، محفل کي مچائي، گرمائي، محظوظ ڪيو. تنهن کان پ
عثمان ڪچيءَ کي جگري هڪل ڪندي، ڪيس جگري ڳائڻ لاءِ حڪم ڪيم.
"آ" مڪائي، وڏي رڙ ڪري، آروهي ۽ اُمروهيءَ ۾ تانون هٽي، مهل موقعي
مناسبت مطابق، "نوري ڄام تماچي" جو داستان شروع ڪندي، پهريائين ڏوهيڙا
بيت ڏيئي، ڪلام شروع ڪيو. تنهن وقت آءٌ مخموريءَ، سرشاريءَ ۾ مگن مس
هئس، ۽ هڪدم ٽپ ڏيئي، اُٿي، راگ پرياتيءَ مان، ڀڳتاڻي رنگ ۾، شيخ "ايا
جي ڪافي شروع ڪيم. جنهن ۾ ڪچي برادران به دل کولي، سر سان سر ملائ
ساز و آواز ۾ مون سان ساٿ سنگت ڪئي.

ڪافي

نہ تڙ تي تماچي، نہ گندريءَ گذارا،
آسارا آسارا، ڪينجهر جا ڪنارا...

انهيءَ ڪلام ۾ مون ترميم ڪري، سڌارو آڻي، هيٺيءَ طرح اُهو پيش ڪي

"آسارا آسارا ڪينجهر جا ڪنارا."

وري جي- ايم سيد ڏانهن هٿ جو اشارو ڏيندي، ٻيو ٻول هن طرح چيو:

"آيو تڙ تي تماچي، ٽيا گندرين گذارا!"

شيخ "اياز" جي انهيءَ ڪافيءَ جي بر مهل هئڻ ۽ منهنجي طبعي وجدان
ماحول تي ايڏو تہ اثر ڇڏيو، جو سڀيئي محويت ۾ اچي، واہ واہ ڪندي، داد ڏ
لڳا. جنهن بابت شيخ اياز جي همعصر ۽ دلي دوست محترم "رشيد" پٽ
ايڊووڪيٽ، هڪ بهترين مقالو لکي، سيد جي سالگرہ تي "سن" ۾ پڙهي ٻڌا
هو، جنهن کي عوام بيحد پسند ڪري، ساراهيو هو. مون کي افسوس آهي تہ ا
"مقالو" مون کي ياد ڪونهي ۽ باوجود گهڻيءَ ڪوشش جي حاصل به نہ ک
سگهيو آهي، ورنہ اهو به هتي لکجي ها.

شيخ اياز جي انهيءَ "آسارا آسارا" واري گيت کي "نوريءَ ڄام تماچي
جي داستان ۾ سمائي، سرچائي، عثمان ڪچيءَ کي ڳائڻ لاءِ ٻيهر حڪم ڪي
جيڪو اڳيئي "نوري ڄام تماچيءَ" جو داستان ڇيڙي، سر "ڪاموڏ" مان ش
لطيف ڀٽائيءَ جا ڏوهيڙا ۽ بيت ڏيئي، اڃا ڪافي ڪلام شروع ڪرڻ وارو ئي هو،
آءٌ، پنهنجي جذباتي طبيعت کان مغلوب ٿي، سندس ڳائڻ جي وچ ۾ ٽپي پيس
جيڪا منهنجي ٻي موقعي ۽ پراڻي عادت هئي. پر عثمان ڪچيءَ به پنهنجو خو
رنگ رچايو ۽ ڇمايو، ۽ مجلس کي محويت ۾ آڻي، بت بڻائي، داد تحسين حاصل ڪي

اهڙيءَ طرح، اها رومانوي ڍنڍ ڪينجهر، ڪوزي ۾ بند ڪري، "نوري جام تماچيءَ" جو داستان سنڌس سيني ۾ سمائي، چوڏهينءَ جي چانڊوڪيءَ وارن ڪرڻن کي ڏڙڪندڙ دل تي جهرمر جهرمر ڪندي، نچائي پنبائي، جهمڪائي چمڪائي، ٿهڪائي ٻهڪائي، انهيءَ مضمون کي پورو ڪريون ٿا.

ڪينجهر تي ٻي محفل

وقت گزرندي دير ئي نٿو ڪري. ٿورن گهڻن ڏينهن کان پوءِ ٻيهر، وري به انهيءَ ڪينجهر تي اچڻ ٿيو. جنهن جو انتظام ۽ اهتمام "سوندين" جي ساداتن، درياءَ پار "ٻني" ۽ "دڙي" وارن پليجن ۽ سيدن طرفان ڪيل هو. جن ۾ ٻين سان گڏ سيد سائينءَ جو پراڻو پيروڪار، خدمتگار، هووٹهار، ارباب نور محمد پليجو به شامل هو. اُها پارٽي به ڪاڏي پيتي، رهاڻ رس ۽ راڳ رنگ جي ثقافتي لحاظ کان پنهنجو مٽ پاڻ هئي. موسم گرما سبب برفن جون نادیون، ايئرڪنڊيشنر واٽر جا گالن مٽان گالا، نٿي واري مشهور معروف درس صاحب جي تيار شده قسمين قسمين گلن جي خوشبوئن سان معطر ٿيل شربتن جا ڪيئي شيشا، مهمانن جي ميزبانيءَ لاءِ موجود هئا. طعامن جي قسمن جي ڪهڙي تعريف ڪندي، ڪيڏي تعريف ڪجي. چاڪاڻ ته پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جا وات خواه مخواه پاڻي پاڻي ٿي پوندا. بهرحال ڪاڏي پيتي جو ڪينجهر تي ٿيل پهرينءَ پارٽيءَ کان به ويتر وڌيڪ ۽ شاندار انتظام ٿيل هو. باقي فقط ڳائڻ وڄائڻ وارن ۾ ردوبدل ۽ تبديلي ٿيل هئي. جن ۾ سيد قاسم علي شاهه، سينگار علي "سليم"، ٽيئون پڳٽ، حاجي ڪلو، باجي ۽ وائلن نواز نياز حسين، طبلي نواز الهرڪيو خان، "علڻ" مڳٺهار ڍولڪ نواز، محمد گل باجي نواز سان گڏ، ٻيا به ڪيئي شامل هئا.

منهنجن انهن بدعتي فنڪارن، جن جي اڳواڻي سينگار علي "سليم" ۽ غلام محمد خان "غلامون" ڪري رهيا هئا، ٻين ته خير، پر امام سنڌ سيد سائينءَ جو به ڪو لحاظ ۽ ادب احترام نه ڪندي، موٽر مان ڏنڊا ڪوندا ڪڍي، ڪينجهر جي ڪناري، لان ۾ ويهي، سج لهڻ کان اڳ سوجهري ۾، سيني اڳيان ڪلر ڪلا ۽ ظاهر ظهور ينگون گهوٽي چاٽي، موالينءَ پٽي جو پورو پورو مڪمل ثبوت ڏيندي، صدائون هڻندي، پاڻ به پيتائون ته ٻين کي به پياريائون. تنهن کان پوءِ وري سلفيون ڪڍي، "وزم" جو وارو وار ڪيائون. سيد سائين انهن گستاخ ۽ بي ادب جاهل موالين جون ادائون ڏسي ۽ صدائون ٻڌي، پنهنجي هاضمي ۾ هضم ڪري ۽ ڪين نظرانداز ڪندي، مسڪرائيندو ئي رهيو.

ڏينهن پنهنجو سفر پورو ڪري، چوڏهينءَ جي چنڊ کي چمڪائي، تارن جي جوت جاڳائي، ڪنهن ٻيءَ دنيا کي روشن ڪرڻ لاءِ روانو ٿي ويو. اسان به پنهنجو ساز و سامان ريڙهي رسڪائي، وراندي واري جنڊي کي اسٽيج ٻڌائي، سازن تان

اڳوڙيئيون لاهرائي، هارمونيم ۽ طبلي جي ساٿ سنگت ۾ نغمو وڄارايو، جنهن ۾ پهرئين جوڙ جا فنڪار ۽ نياز حسين باجي تي ۽ غلام محمد خان طبلي تي، پنهنجي پنهنجي فن جو مظاهرو ۽ ڪمال پيش ڪري رهيا هئا، ته ايتري ۾ اوچتو منهنجي نظر اسڪالر اوليا پير حسام الدين راشديءَ تي پهتي، جيڪو اوپيرا ٿيٽر ۾ ويٺل تماشبينن وانگر پٺي لڳو. حالانڪ سيد سائين به اهڙيءَ ئي ريت ۽ ساڳيءَ پوزيشن ۾ هو. پر، پير صاحب سان حجت ڪري، پنهنجي سامهون، فنڪارن جي پاسي ۾، پيلر سان گڏ، سندس ڪرسي لڳارائي، ڪيس اسٽيج ۾ ٺاهيل صاف سٿري وراندي ۾ ويهاريم. جنهن جي سامهون، ٻئي پيلر وٽ وري، ڪرسي وجهارائي، آءٌ ويٺل هئس ۽ ڊڦلي وڄائي رهيو هئس.

مٺئين وڄندڙ نغمي جي تڪميل کان پوءِ، حاجي ڪلو، ٻه ڪافيون ڳائي، ٽيئون مل کي وارو ڏنو. جنهن به پڳتائي رنگ ۾ پنهنجي گهڻين آواز ۽ واٽڪن اکرن ۾، "ر" کي "ڙ" ۽ "س" کي "ش" چوندي، انتهائي جوش جذبي ۽ جذباتي انداز ۾، محفل تي اثر ويهاري، رس رچايو ۽ مڃ مچايو. تنهن کان پوءِ وري، سينگار علي سليم ميدان ۾ آيو. جنهن به پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڳائي وڄائي، محفل مچائي، چوٽ تي چاڙهي، ماڻهن کي مسرور ۽ مخمور بڻايو- ڇاڪاڻ ته باقاعدي رياض ڪري، سنگيت مطابق راڳ وديا حاصل ڪيل هئس.

تنهن کان پوءِ، منهنجي اڇا انوسار، سيد قاسم علي شاهه کي آڳيا ڏنيم. جنهن پنهنجي جنوني ۽ جذباتي انداز ۾، نور شاهي رنگ پيش ڪري، ماحول کي مست ڪري، مدهوش بڻائي ڇڏيو. اهڙيءَ طرح سان اها ڪينجهر واري ٻي محفل واه واه جي داد، تاڙين ۽ ڪليپس سان ڪاميابي حاصل ڪري، خير خوبيءَ ۾ ختم ٿي. اها رات اتي ئي رهي پياسين. ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن ڪائي، ڪو ڪيڏانهن ته ڪو ڪيڏانهن، ٽڙي پڪڙي، هڪٻئي کان موڪلائي، برصغير جي سنڌ واري علاقي ۾ تتر بتر ٿي، پنهنجي پنهنجي شهر، ڳوٺ ۽ گهر ڏانهن روانو ٿي ويو، ته اسين به پنهنجي غريب خاني "ماءِ نيست" تي پهچي، آرام ڪرڻ لڳاسين.

ڪينٽرڪ هال

دنيا گول آهي. هڪڙي سائنسدان سروي انجنيئر، بغير ڪنهن سروي ڪرڻ جي، چئي ڇڏيو ته "دنيا گول آهي" آءٌ سمجهان ٿو ته اهو سائنسدان يقيناً غير فطري فطرت جو مالڪ هو، جنهن دنيا کي گولائي ڏيئي، گول ڪري ڇڏيو. هاڻي ڪنهن کي همت آهي ته وڃي دنيا جي سروي ڪري ڏسي ته واقعي دنيا گول آهي، چوڪنڊي يا ٽڪنڊي آهي. پر آءٌ سمجهان ٿو ته دنيا ٽڪنڊي آهي. ڇاڪاڻ ته انساني تخليق به انهيءَ "ٽڪنڊيءَ" نقشي منجهان ئي ٿيل آهي. اڳتي خبر خدا کي. بهرحال، اسين انهي سائنسدان سروي انجنيئر واري فيصلي جو فائدو وٺي، هن ڪتاب جي

مضمون کي ڍزال هٿندا، ٽهائيندا ڪڏائيندا، ٻين ياداشتن تائين پهچڻ جي ڪوشش
ڪنداسين. چاڪاڻ ته وقت ۾ جمود نه پر هلچل آهي. سيڪنڊ، منٽ، ڪلاڪ، پهر،
ينهن، تاريخون، مهينا، سال هلندا، چلندا ۽ گذرندا رهن ٿا. دنيا جي نقشي تي
يڪاريل گولو به ڦيٽي وانگر ڦرندو ئي رهي ٿو. پوءِ ڪڏهن ڪهڙي بُرج ۾ ته ڪڏهن
ڪهڙي ۾، ڪڏهن سياري ۾ ته ڪڏهن اونهاري ۾، ڪڏهن خزان ۾ ته ڪڏهن بهار
ر، ڪڏهن ڪاڙهن ۾ ته ڪڏهن برساتن ۾، ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي. جهڙيءَ
لرح موسمون ڦرنديون گهرنديون رهنديون آهن، اهڙيءَ طرح وقت، مهينا ۽ سال به
رندا رهن ٿا. پوءِ ڇو نه يقين ڪجي ته اهو سائنسدان سروي انجنيئر صحيح هو،
ننهن دنيا کي گول چئي، دنيا وارن کان به اهو تسليم ڪرائي ڇڏيو ته "دنيا گول
هي" پر آءٌ، بچه جمهورا وانگر، "نامانون! نامانون" چوندي، وقت کي هلندڙ ڦيٽي
انگر ڦرندڙ تسليم ڪندي، هڪڙو وڏو سارو ٽپ ۽ جمپ ڏيئي، ڍزال هٽي،
'ڪيٽرڪ هال" ڪراچيءَ پهچان ٿو، جتي "سنڌ جي سائينءَ" جي- ايم- سيد جي
سالگره ملهائي پيئي وڃي.

انهي "ڪيٽرڪ هال" سان منهنجون به ڪي رومانوي يادون ۽ داستان
ابسته آهن، جيڪي منهنجي سنڌ مدرسة الاسلام ۾ پڙهائيءَ کان پوءِ، سنه 1928ع
ان وٺي سنه 1932ع تائين هلندا هليا. انهيءَ ڪيٽرڪ هال جي نزديڪ، يسوع مسيح
ي پيروڪار عيسائين جي ديول هئي، جنهن کي گرجا گهر به چئي سگهجي ٿو.
هي گرجا گهر ۾، ڪرستان چوڪريون عبادت ڪرڻ خاطر ايندين ويندين رهنديون
يون. اسين لا اُبالي، منچلا، آواره، ٻچپڻ ۽ نوجوانيءَ جي دوراهي تي بيٺل،
ارگيءَ ۾ اچي، وسلون ۽ سيٽيون وڄائيندا، ٽان ٽون ۽ آڪڙڦون ۾ ڀرجي، سوٽ
ٽ پائي، نڪتايون لڳائي، اُنهن نوخيز نوجوان چوڪرين سان چيڙچاڙ ڪندا رهندا
شاسين. پوءِ ڪٽان ٽُڪ ته ڪٽا بُجو، ڪٽان گار ته ڪٽان گند، ڪٽان سوال ته
ڪٽان جواب، ڪٽان نه ته ڪٽا ها، پر آخر تير وڃي ڪنهن نشاني تي لڳندو هو-
ننهن لاءِ عشرت گاهه اهو ڪيٽرڪ هال ئي هوندو هو، جنهن جو چوڪيدار ۽
نيالڻ وارو، اسان جو همخيال ۽ پڪو ڪيل هوندو هو، جيڪو اسان جي هر عيب
راب کان واقف ۽ اسان جو بهترين خذمتگار هو. انهي آواره گرديءَ ۾، انهيءَ
ڪيٽرڪ هال سان منهنجيون ٻيون به ڪي وابستگيون رهيون آهن. ان ۾ ويرائتي شو
ٿيٽريڪل ڊراما به اسٽيج ڪيا ويندا هئا. اهو زمانو سنه 1932ع کان سنه
193ع تائينءَ جو هو. جن ۾، منهنجي رومانوي ساٿي ۽ رفيق "نيلم" سان گڏ،
ون به اچو چُنون منهن تي ملي، ميڪ اپ ڪري، انهن ڊرامن ۾ حصو ورتو هو،
نهن جا مڪالما چيخندي، چلائيندي، وڏو وات پٽي واڪا ڪندي، پيش ڪيا ويندا هئا.

اڄ انهي ڪيٽرڪ هال ۾، فنڪار ۽ راڳي ٻٽجي پهتل هئاسين. سڄو هال
ڀا ڪڇ خودغرض ليڊرن، ڪاليجي شاگردن، اديبن، شاعرن، صحافين، انقلابين ۽

تماشبين سان ڀريل هو. اسٽيج تي سنڌ جي سائين جي- ايم- سيد سان گڏ شب
عبدالمجيد سنڌي ۽ ڪي ٻيا معززين به ويٺل هئا. سالگره واري رسم افتتاح ک
اڳ ۽ پوءِ دونهان دار تقريرون ٿيون ۽ مقالا پڙهيا ويا. جن ۾ به گهڻو ڪري صر
سيد سائينءَ جي ٿنا خواني، وفائون، جفائون، خُو ۽ خوبيون ٻڌائي، جيڪي سيا
هيون، تن ۾ تمام گهڻو وقت صرف ڪيائون.

تنهن کان پوءِ، اتي ڪراچيءَ جي لوڪل ۽ مقامي فنڪارن کي گهرايو وي
جن ۾ بلاول "بيلجم" جهڙو ناميارو فنڪار به شامل هو. پر اُهي محفل کي مچا
گرم ڪري نه سگهيا. انهي وقت مون سان ڳائڻ وارن ۾ فقط محمد اسحاق ک
مگڻهار، محمد رمضان نومڙيو ڊولڪ نواز ۽ شاهو خان ڪلوئي باجي نواز
موجود هئا. بلاول "بيلجم" حالانڪ ڪراچيءَ جي فنڪارن سان آيل هو، ۽
منهنجي درباري فنڪار هئڻ جي حيثيت ۾، اسان واري جوڙ ۾ شامل ٿي، سا
مدد ڪيائين. پر اُهي به محفل کي گرمائي نه سگهيا.

تنهن وقت اسٽيج انائونسر، اسان جي ماتلي لڳ ٽنڊي محمد خان
رهواسي اديب، شاعر ۽ صحافي "پروانو" ڀٽي هو. جيڪو، جدا جدا مختل
مختلف فنڪارن کي اسٽيج تي گهرائيندو، مختصر تعارفي ڪامينٽريءَ سان
روشناس ڪرائيندو، پنهنجي فصيح بياني ڪندي، ڪڏهن سنجيدگيءَ سان ته ڪڏ
ظرافت ۾ اچي، مزاحيه فقرن سان سامعين کي ڪلائيندو، خوش ڪندو رهيو. اهڙ
طرح سان سيني فنڪارن جو پهريون وارو پورو ٿي ويو.

آءٌ پنهنجي موٽر ۾ ونگ جي پرسان ويٺي ويٺي، سرور، سرشاري ۽ مخمو
حاصل ڪري، ونگ مان اهو لقاءُ ڏسندي، اسٽيج جو معائنو ڪندي، خاموشيءَ
مظاهرو ڪندو رهيس. پر جڏهن مون ڏٺو ته جملي فنڪار محفل گرم ڪري
سگهيا، تڏهن مون، ٻئي واري ۾ محبت سان حجت ڪندي، "پرواني" ڀٽيءَ
مائيڪ کسي، پنهنجن فنڪارن کي اسٽيج تي آڻي، انائونسر جا فرائض سرانج
ڏيندي، ٻيهر سازيني سان گڏ "ڊفلي" وڄائي، اسٽيج گرمائي، پوري هال کي و
۾ آڻي، ماحول کي جهولائي جهومائي ڇڏيو. اهي ئي ساڳيا ڳائڻا، جيڪي ا
بدمزگي پيدا ڪري آيا هئا، تن، ٻئي ڀيري، خود گرم بڻجي، محفل کي به خ
گرمايو. اهڙيءَ طرح، اها سالگره جي ڏاڳ رنگ واري ثقافتي محفل، شڪستگ
مان عروج حاصل ڪري، ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿي، جنهن ۾ ڪراچيءَ وارا چو
جا ليڊر به شامل هئا. جن ۾ خاص طور شيد عبدالمجيد سنڌي، پير علي
راشدي، رائيس غلام مصطفيٰ خان پرڳڙي ۽ جناب حاتم علوي قابل ذڪر ه
باقي اسڪالر اوليا پير حسام الدين راشدي ته هونءَ ئي سيد جي متوالن عا
مان هو، سو ته ڪيئن ٿي جدا ٿي سگهيو؟

جنهن وقت مون اسٽيج تي پهچي، "پرواني" ڀٽيءَ کان مائيڪ ق

انائونسمينٽ جا فرائض انجام ڏيندي، سالگره واريءَ محفل ۾ راڳ رنگ تي تبصرو ڪرڻ ڪان پوءِ، خالي پيل صدارتي ڪرسيءَ تي خود بخود قبضو ڪري، صدر بڻجي، ثقافتي رنگ ڄمايو، تہ سڄي هال ۾ تاڙين جا ٽڪاءُ گونجڻ لڳا ۽ پوري محفل ڪشتہء زعفران بڻجي ويئي.

اهڙيءَ طرح سان انهي ڪيٽرڪ هال ۾، سيد جي سالگره واري ثقافتي محفل، نرم ۽ گرم، ناڪاميءَ مان نڪري ڪاميابيءَ سان عروج حاصل ڪري، فتحيابيءَ سان همڪنار بڻجي، اختتام پذير ٿي. جتي گلن جي هارن جي خوشبو سونگهي، ڪيڪ ڪاٽي، وات مٺو ڪري، دعائون ڏيئي، ٻئي سال جي سالگره لاءِ نيون اُميدون ۽ نوان آسرا ڪٽي، پاڻ سان گڏ آيل فنڪارن سميت، ماتليءَ واپس ٿياسين.

شيخ مجيب الرحمان، دعوتون ۽ جلسو

وقت پنهنجي تيز رفتاريءَ سان قد وڌائيندو، ڦيٽو ڦيرائيندو، نچاڻ ڪهڙيءَ منزل ڏانهن روان دوان هو، تہ "سن جي سائين" ڪان، شيخ مجيب الرحمان جي "ڊاڪا" ڪان آمد جو اطلاع ۽ دعوت نامون پهتو. آءٌ پنهنجي قرب، پيار ۽ انتظار کي ساڻ ڪري، ڪراچيءَ پهتس. رهائش جو انتظام سندن ئي بنگلي مٿان ماڙيءَ تي ٿيل هو، جتي منهنجي لاءِ الڳ ٿلڳ خاص ڪمرو مخصوص ڪيل هو، جنهن ۾ قيام پذير ٿياسين.

شام جو هوٽل ميٽروپول ۾ چانهہ پارٽيءَ جي بهاني سياسي ۽ سماجي جلسو رکيل هو، جتي "جيئي سنڌ" تحريڪ جا رڪن، ورڪر، اسٽوڊنٽ، ليڊر، قومي ڪارڪن، سفارتخانن جا عيوضي، پريس رپورٽر ۽ حڪومت جا ڳجهڙيا آفيسر، ڏڙا ڏڙ اُتي پهچي ويا. هڪڙي شاندار وڏي، ويڪري، ڪشاده آرامده سئنيما نما هال وانگر، اهو سينگاريل سنواريل هال ماڻهن سان ڪچا ڪچ ڀرجي ويو. اسين بہ سيد سائينءَ جي قيادت ۾، ساٿس گڏ موٽرن جي جلوس ۾ اتي پهتاسين.

جيئن تہ آءٌ، سيلف ڊرائيور جي حيثيت ۾، پنهنجي موٽرڪار پاڻ هلائي رهيو هيس، جنهن ڪي بيهارڻ ۽ پارڪنگ لاءِ ڪجهہ وقت لڳي ويو، ڇاڪاڻ تہ موٽرن جي هُما هَمي ۽ گهما گهميءَ سبب پارڪنگ ڏاڍي مشڪل پئي نظر آئي، ۽ تنهن ڪان اڳ قافلي سان آيل سيئي سنگتي ساٿي هال اندر پهچي چڪا هئا، سو انهي پوري قافلي مان فقط آءٌ هڪڙوئي، پاڇيءَ جيان، پڇاڙيءَ ۾ باقي رهجي ويو هيس، جو اُنهيءَ خاص دروازي تي اچي بيٺس، جيڪو شيخ مجيب الرحمان جي داخل ٿيڻ لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو، جنهن دروازي منجهان، ٻئي ڪنهن کي بہ هال اندر وڃڻ لاءِ اجازت نہ هئي. پر آءٌ جڏهن انهي دروازي تي پهتس، تہ والينٽيئر منهنجي حليي، هئيت ۽ هيبت ڏسي، مون کي روڪي نہ سگهيا. ممڪن آهي تہ مون

ڪي سڃاڻندا هجن!

هال اندر پهچندي ئي قاضي فيض محمد ايڊووڪيٽ جا اهي اکر، منهنجي نازڪ ۽ حساس طبيعت کي سخت ناگوار گذريا، جيڪي هن مون کي مخاطب ٿيندي چيا ته "هيننر آيا آهيو!" اهو به ڪونه سوچيائين ته ٻاهر آءٌ موٽر پارڪنگ لاءِ ڪيترو نه پريشان هيس! سندس اهي اکر تلخ ۽ ڪرخت لهجي ۾ هئا. پر جيڪڏهن اهي نرم، ملائم ۽ نفيس لهجي ۾ به هجن ها، تڏهن به، "منصور" کي لڳل گل وانگر، مون کي ناگوار گذرن ها. "منصور" به ڌارين جي پٽرن هٽڻ تي ايڏو ڏک نه ڪيو، جيڏو هن پنهنجي پياري جي گل هٽڻ تي تڪليف ۽ ڏک جو برملا اظهار افسوس ڪيو هو. اهڙيءَ طرح سان، قاضي صاحب جا چيل اهي اکر به مون کي ناگوار گذريا. پر قاضي صاحب به نهايت زيرڪ، معامله فهم، مصلحت انديش ۽ سيڪالاجسٽ هو، جنهن بروقت منهنجا جذبات ۽ احساسات پڙهي، پروڙي، محسوس ڪري ورتا. تنهن ڪري مون کي هڪدم پهرينءَ صف ۾ سندس ئي ڪرسيءَ تي ويهاري، اُنهي ڦٽڪت جي پرده پوشي ڪري، خوشنودي حاصل ڪئي.

ٿوريءَ ئي دير کان پوءِ، سندس لاءِ مخصوص ٿيل خاص دروازي مان شيخ مجيب الرحمان، بغيري استري ٿيل سوٽ ۾ ملبوس، صبر و تحمل، سنجيدگيءَ، بردباريءَ ۽ وقار سان، پنهنجن ٻين ساٿي بينگالي ليڊرن سميت، نمودار ٿي، هال اندر پرگهٽ ٿيو. هال اندر جملي ويٺلن نعرا هڻي سندن آجيان ڪئي. عزيز الله بئريسٽر، جي- ايم- سيد ۽ قاضي فيض محمد ايڊووڪيٽ پيشقدمي ڪندي، ڪيس وٺي اچي اسٽيج تي ويهاريو. قاضي فيض محمد سندس "عوامي ليگ" پارٽيءَ جو وائيس پريزيڊنٽ هو، جنهن کان حال احوال وٺي، ساري ڪيفيت معلوم ڪيائين. شيخ عزيزالله بئريسٽر اسٽيج انائونسر جا فرائض سرانجام ڏنا.

جناب جي- ايم- سيد، سيني سنڌ واسين طرفان، سندس هتي اچڻ تي شڪريه ادائي ڪرڻ کان پوءِ، لکيل خطبو استقباليه پيش ڪيو، جيڪو معنيٰ خيز، وزنائتو، اقليتي صوبن جي حق حقوق حاصل ڪرڻ لاءِ ئي هو. اُنهيءَ خطبي استقباليه ۾ ٿيل ۽ ٿيندڙ ناانصافيون به ورجايائين. اهو خطبو ڪافي وڏو، ڊگهو ۽ لنبو چوڙو هو، جيڪو سيد سائينءَ سهڪندي، ساهيون ڪڍندي، هٽڪندي، هڪندي ۽ سوچيندي، مس مس، بمشڪل تمام، پيش ڪيو، جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل هو- جاڻ بچي لاکهون پائي.

انهيءَ استقباليه خطبي جي جواب ۾، شيخ مجيب الرحمان ڪرسيءَ تان اُٿي بيهي، قرآني آيت پڙهي، تسلي بخش جواب ڏيندي، اهو پڻ ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪئي ته "انهن ظلمن، ستمن ۽ ناانصافين کان ته اسين به آجا ناهيون. بلڪ پاڻ توهان کان ويتر وڌيڪ اڳرا ۽ اڳيرا هونداسين. تنهن ڪري اسين سيپيٽي گڏجي، متحد بڻجي، انشاءالله پنهنجا حق حقوق ضرور حاصل ڪنداسين." تاڙين ۽ نعرن جي شور و غوغا ۾، "شيخ مجيب الرحمان زنده باد"، "جي- ايم- سيد زنده باد"، "صوبائي خود

مختياري زنده باد"، "جيئي سنڌ زنده باد" ۽ "بنگلا ديش زنده باد" جي فلڪ شگاف نعرن کان پوءِ، جلسو بہ احسن خوبي اختتام پذير ٿيو.

تنهن کان پوءِ، ٻاهرئين وڏي هال ۾، جتي چانهہ پارٽيءَ جو انتظام ٿيل هو، اُتي پهچي ڏٺوسين تہ اسان کان اڳي ئي هال ۾ وينل هجوم، سڄو سمورو اچي، ڪيڪن، پيسٽرين، بسڪٽن، فروٽ ۽ ايئريٽيڊ بوتلن تي ڪڙڪيو هو. ائين پئي معلوم ٿيو، جڻ تہ وڻ جي ڇانگ ڪرڻ تي، ٻڪرار جي وڻ تان هيٺ لهڻ کان اڳيئي، بکايل ٻڪريون ٻور تہ خير، پر ڪنهن سان پريل ڪانيون بہ چهاڙي ڪائي ويندیون آهن. اهڙيءَ طرح سان، انهن ٽيبلن تي ڪاڏي پيتي جون رکيل سڀ شيون بہ ڪائي پي، چهاڙي چوسي، هضم ڪري ڇڏيائون. ايتريقدر جو بيرن جي ڪٽڻ ميڙڻ لاءِ بہ ڪو ذرو باقي نہ بچيو.

ٻئي ڏينهن چئين بجي کان، جناب جي- ايم- سيد واري بنگلي جي سامهون "نشتر پارڪ" ۾ شيخ صاحب جو عوامي جلسو مقرر ٿيل هو، جنهن لاءِ لکن جي تعداد ۾ سنڌ مان آيل عوامي ڪارڪن ۽ ڪراچيءَ جو عوام، سمنڊ جي لهرن، ويرن ۽ چولين وانگر، ٺاٺون هٽندي، اچي انهي نشتر پارڪ ۾ گڏ ٿيا. جن کي "عوامي ليگ" جا والنٽيئر، "جيئي سنڌ" تحريڪ جا ڪارڪن ۽ شاگرد نشستون ڏياري رهيا هئا. سي آءِ- ڊي ۽ پوليس بہ وافر تعداد ۾ موجود هئي. انهيءَ جلسي ۾ شرڪت لاءِ، صبح سويري کان ئي، ماڻهو وڏي چاه، حب، اُڪير، پيار ۽ اُتساهہ سان، نشتر پارڪ ۾ گڏ ٿي رهيا هئا.

جيئن تہ ٻنپهرن جي ماني، ٻين گهڻن ليڊرن سميت، جي- ايم- سيد جي بنگلي تي، سيد سائينءَ طرفان ئي رکيل هئي، تنهن ۾ ٻين مقامي معزز شهرين، ليڊرن، شاگردن، رهنمائن، صحافين سان گڏ اسين بہ سائين شريڪ هئاسين. جن ۾ پير علي محمد شاهہ راشدي پير حسام الدين راشدي ۽ مسلم ليگ جي نامور خاتون ليڊر محموده سلطانہ بہ موجود هئي. اُن خاتونءَ سياسي و سماجي تبصري ۾ تمام گهڻو بهرو ورتو- حتيٰ ڪ ايتريقدر بہ چيائين تہ "اگر ڪراچي سنڌ کان الڳ ڪري، جدا ڪئي وڃي ۽ ڪراچيءَ کي الڳ صوبي جي حيثيت سان تسليم ڪيو وڃي، تہ انهيءَ جي عيوضي ۾ آءٌ پنهنجو پاڻ بہ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

جنهن تي شيخ مجيب الرحمان ۽ جناب جي- ايم- سيد سندس انهن چيل جملن مان حظ حاصل ڪندا، ڪلندا ۽ سائس وڏيڪ چيڙچاڙ ڪندي، ڪوٽيندي، سندس چيل انهيءَ جملي جي مفهوم ۽ معنيٰ کي مزيد واضح ڪرائيندا رهيا. پر هوءَ پاڻ بہ پنهنجي چيل جملي ۽ اڪرن جو لطف حاصل ڪندي، بار بار ائين ئي دهرائيندي، ورجائيندي ۽ چوندي رهي تہ "ڪراچيءَ جي عيوض آءٌ پنهنجو پاڻ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان."

مانيءَ جي دوران، فوٽو گرافر، مختلف مختلف انداز ۽ نت نون نون زاوين ۾،

فوٽا ڪڍندا رهيا، جن ۾ اسان جا به شيخ مجيب الرحمان، پير علي محمد شاهه راشدي، پير حسام الدين راشدي، جي- ايم- سيد، محترم محموده سلطانه ۽ منهنجا ڪي گروپ فوٽو به ڪڍيا ويا.

مون ڪيترن ڏينهن تائين، ڪيترن ئي موقعن تي، انهي خاتون ليڊر محموده سلطانه جا اهي اکر ته "آءٌ پنهنجو پاڻ کي ڪراچيءَ جي عيوضي ۾ ڏيئ لاءِ تيار آهيان." ، سيد سائينءَ کي مسڪرائيندي، ورجائيندي ۽ دهرائيندي ٻڌا، جنهن سان سندس چهري تي، مسڪراهٽ سان گڏ، لالي مائل سرخي، شگفتگي ۽ تازگي به اچيو ٿي ويئي. ايتريقدر جو سندس لاغر جسم ۾ سرسراهٽ ڪندي، بجليءَ جي ڪرنٽ وانگر جميل خون کي به، رڳ و پٽي ۾ مچلندي، حرڪت ڪندي ۽ ڊوڙندي ڏٺم. ليڪن پاڻ بروقت پنهنجو پاڻ تي قابو پائيندي، پنهنجن همنوا دوستن جي احساسات ۽ نفسيات کي سوچيندي، ٿڪين ٿڪين مسڪراهٽن سان موضوع بدلائي ٿي ڇڏيائين. ته جيئن متان ڪنهن کي بدگمانيءَ جو گمان نه گذري. پر "تازنے والے بھی قيامت کی نظر رکھتے هيں." پاڻ هن عمر ۾ خواه مخواه شرمسار ٿي ٿيو، ورنه اسان جي لاءِ ته سندس رڳن کي جوانيءَ جي جوش ۾ آٿي، ڊوڙندڙ رت ته باعث خوشي ۽ مسرت جو سبب هو.

شيخ مجيب الرحمان جي اعزاز ۾ رڪيل شام وارو اهو سياسي سماجي جلسو، بغير ڪنهن هڇڪچاهٽ ۽ تڪرار جي، ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ جي حد تائين عروج حاصل ڪري، بخير و خوبي هلي پورو ٿيو. آءٌ انهي گهما گهميءَ ۾ وڃڻ لاءِ هرگز تيار نه هئس. تنهن ڪري سيد سائينءَ جي بنگلي واري ماڙيءَ جي مٿان ئي جلسي جي ڪارروائي ڏسندو، مائيڪ جي دوررس آواز ٻڌندو، حالات جو جائزو وٺندو، مطالع ڪندو، لطف اندوز ٿيندو رهيس. باقي ٻيا ليڊران قوم، مقامي رهنما ۽ نامور صحافي بمع سيد سائينءَ جي، سينگاريل، سنواريل، ٺاهيل ۽ سجايل اسٽيج تي سائس گڏ موجود هئا.

سيد سائينءَ جو بنگلو، مهماني ۽ محفل

منهنجي ڪراچيءَ ۾ وڃڻ ۽ اتي قيام ڪرڻ لاءِ، هفتي کن جو عرصو به گهٽ هوندو آهي. تنهن ڪري آءٌ مزيد وقت خاطر اُتي ئي رهيل هيس. سيد سائينءَ حڪم ڏنو ته شيخ "اياز" واري انهيءَ گيت جي طرز ۽ ڌن ٺاهي وڃي، جنهن جو عنوان هو "سنڌو ديس مهان" ، جنهن کي "سونهري بينگال" لاءِ لڪيل قومي ترانو وانگر، "سنڌ جو ترانو" چئي، پيش ڪري سگهجي. جنهن جا ٻول پهريان هي هئا:

"سنڌو ديس مهان .... سنڌو ديس مهان.!"

آءٌ انهي پهرئين مڪڙي ۾، شاعرانه وزن ۽ بحر ۾ ڪمي ۽ ڪوٽ محسوس

ڪندي، سوچڻ لڳس تہ انهي وچ واريءَ ڪوٽ ۽ وقفي کي ڪهڙيءَ ريت پري پُر ڪيو
جي. گهڻي دماغ سوزيءَ ۽ سوچ ويچار کان پوءِ، انهي وچ واري سڪتي ۽ وقفي کي
ڻ لاءِ اکر ملي ويو، جو اکر هو "سڄڻو"، جيئن هيٺ پيش ڪجي ٿو:

سنڌو ديس مهان، سڄڻو! سنڌو ديس مهان.

لاڙ وچولو اُتر، ڪچ ڪراچي بندر،
هيڏو سارو جَر ٿر، ڪيڏو ڪوهستان، سڄڻو!
سنڌو ديس مهان، سڄڻو... ....

ستر لک سپوتو، هوشو هيمون بڻجو،
هرڪو آهي "دودو"، دولهہ دريا خان، سڄڻو!
سنڌو ديس مهان، سڄڻو... ....

سچل سامي پارا، ڪينئي جيءَ جيارا،
آڏيءَ رات اُمارا، پٽ ڏٺيءَ جو پان، سڄڻو!
سنڌو ديس مهان، سڄڻو... ....

پيڙو آهي پنيرڪو، جر جراڻو جرڪو،
آجو ٿيندو هرڪو، هر مزدور ڪسان، سڄڻو!
سنڌو ديس مهان، سڄڻو، سنڌو ديس مهان.

پر انهيءَ آخري مصرع جو، "جر جراڻي" وارو جملو، شاعرانہ اکرن جي
ڻڌ، حسن و نزاڪت ۽ سهڻائيءَ سڻائيءَ کان محرو، "جر جراڻو جرڪو"، مون کي
لڳي پسند نہ آيو. تنهن ڪري اُنهيءَ کي خوبصورتيءَ، نفاست ۽ سليتي ۾ آڻڻ
طر، منجهس هيٺينءَ ريت ترميم ڪري سڏارو آندم- "جر جراڻو جرڪو" جي
ٻاءِ "ور، وراڪو ورڪو"، استعمال ڪري، انهيءَ آخري بند واريءَ آخري سٽ کي
هڻائيءَ، سڻائيءَ ۽ شاعرانہ نقطي نظر سان خوبصورت بڻايم. اهڙيءَ طرح اها
ري چوٿين مصرع هن ريت مڪمل ٿي ويئي:

پيڙو آهي پنيرڪو، ور، وراڪو، ورڪو،
آجو ٿيندو هرڪو، هر مزدور، ڪسان، سڄڻو!
سنڌو ديس مهان، سڄڻو، سنڌو ديس مهان.

اهڙيءَ طرح سان "جر جراڻي جرڪي" وارو ڪلاسيڪل پر ڪجائيتو اکر
ي، معنيٰ ۽ مضمون جي مناسبت سان، نهايت سليس، آسان، عام فهم ۽
ٽ اکر، "ور، وراڪو ورڪو"، وجهي، شيخ "اياز" جي قومي تراني واري گيت
مڪمل ڪري، "ميان جي ٽوڙيءَ" مان طرز ۽ ڌن ٺاهي، "ڪلواڙي" جي ردم تي

محفوظ ڪيم. جيتوڻيڪ انهيءَ گيت واري مضمون ۾ ڪا انقلابيت ۽ بغاوت نظر نه آئي، پر سنڌ ۽ سنڌ جي جوڌن جي تعريف ٿيل هئي، تنهن ڪان سواءِ جناب جي- ايم- سيد جن جو حڪم ٿيل هو، تنهن ڪري خاص طور انهي طرز ۽ ڌن تي توجه ڏيڻو پيو.

ٻيءَ رات جو وري مون پنهنجي طرفان، انهن دوستن احبابن جي ماني رکي- ساڳئي سيد سائينءَ جي بنگلي تي. مانيءَ سان گڏ ڳائڻ وڄائڻ واري ثقافتي محفل به منعقد ٿي. تنهن سان گڏ بورچين ۽ خدمتگارن کي هٿ ڪري، رات جو ئي ڪيڻ ٿورا گهڻا پيسا ڏيئي ڇڏيم- ٻئي ڏينهن علي الصبح جڏهن انهن بورچين خدمتگارن کي گهرائي، مزيد خرچ ڏيڻ جي ڪوشش ڪيم، ته سيد سائينءَ مون کي منع ڪندي، انڪار ڪري چيو ته "مون انهن کي وڏيڪ پئسا ڏيئي ڇڏيا آهن. تنهن ڪري اوهان ڪنهن به قسم جو فڪر نه ڪيو. سڀ ڪم بلڪل ٺيڪ ٿي ويندو اوهان اطمينان ڪريو!" باوجود منهنجي شديد ڪوشش ڪرڻ ۽ زور پرڻ جي به انڪار ڪيائين. مون کي اهو بعد ۾ معلوم ٿيو ته سندن فرزند امير حيدر شاهه کي منع ڪئي هئي ته "رئيس صاحب کي خرچ ڪرڻ نه ڏيو." تنهن ڪري ئي سيد سائين انڪاري هو. بهرحال، منهنجي طرفان سڀني ليڊرن، قومي ڪارڪنن، صحافين يارن، دوستارن، پيارن، دلوارن ۽ فنڪارن کي دعوت ناما ملي ويا.

ڏنل وقت مطابق، شام جو، بنگلي وارو سڄو اڳڻ ۽ ايوان ماڻهن سان ڀرجي ويو، جنهن لاءِ ڊيڪوريشن، ڪرسين ڪوچن ۽ ميزن جو ٻاهران مسواڙ تي گهرائي انتظام ڪيو ويو هو. تنهن سان گڏ، بجليءَ جا مزيد بلب، راڊون، قمقما، ۽ جهالرو به لڳايون ويون هيون. انهيءَ راڳ رنگ واري ثقافتي محفل ۾ ٽيئون مل، سليمان شاهه، علڻ مسخرو ۽ چند ڪي ٻيا پنهنجي پنهنجي سازيني سان گڏ موجود هئا سڀ کان پهرين ٽيئون مل کي وارو ڏنو ويو، جنهن، نڪي هئي، ٽي چار سنڌي ڪافيون ڪلام پيش ڪيا. جنهن کان پوءِ وري سليمان شاهه کي وارو ڏنو ويو جنهن، نچي پنبي، ڳائي وڄائي، مڇ مچائي رنگ رچايو.

تنهن کان پوءِ جيئن ئي مون "ڊفلي" ڪنئي، ۽ اُٿي بيهي، سائينءَ کان مليل شيخ اياز جي لکيل "سنڌو ديس مهان" واري نظم پيش ڪرڻ جي ڪوشش ئي مه ڪيم، ته وچ ۾ "علڻ" مسخرو اُٿي چوڻ لڳو ته "پهرين مون کي وارو ڏيو." جنهن کي سيد سائينءَ پري کان ئي دڙڪا داب ۽ دهمان ڪري ويهاريو ڇڏيو ۽ مون ور انهي "نظم" کي وجد آفرين ۽ سحر انگيز بڻائي، سازيني ۽ ساٿ سان شروع ڪري، ڊفلي وڄائي، سڀني سنگتين ساٿين کي مست ڪري، محفل کي مسرور مخمور ۽ سرشار ڪيو. انهي نظم ۾ سازيني سان گڏ سليمان شاهه ٽيئون مل جنوني بڻجي ساٿ ڏنو. تنهن کان پوءِ انائونسمينٽ ڪري اڃا "اردو" ۾ ڳائڻ وا ئي هيس، ته سيد سائينءَ پري کان ئي هڪل ڪندي چيو ته "نه نه نه، اردو نه ڪپي!

جنهن تي مون وراڻيو ته "هنديءَ ۾ پيش ڪريان ٿو." جيڪا ڳالهه ٻڌي، وڏيڪ پاڻ چپ رهيا. جيئن ته آءٌ مستيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ هيس، تنهن ڪري مون ڪان في البديه، برجسته ۽ بيساختگيءَ ۾ مزيد هي اکر نڪري ويا ته "آخر واڻين جا يار آهيو نه، تنهن ڪري ئي 'هندي' کي قبول ٿا ڪريو!!" منهنجي وات مان نڪتل انهي هڪڙي ئي فقري تي ڪلندي، وڏي واکي ٿهه ٿهه ڪندي، ڪلئپس ڏيندي تاڙيون وڄائيندي، محفل ڪلائيميڪس تي پهچي ويئي. ٻيو ته ٻيو پر پاڻ به انهن اکرن جو حظ وٺندي لطف اندوز ٿيندي، مسڪرائيندو ٿي رهيو. اهو سندن وسيع القلبيءَ، دانشوريءَ ۽ هاضمي جو عين ثبوت هو.

تنهن کان پوءِ، مون وري هڪڙو 'هندي' جو انقلابي نظم، "چلے هے اُلٹي چال زمانه، چلڻ هے اُلٹي چال" ، جيڪو هن ڪتاب جي پهرئين جلد "سنڌي ادبي بورڊ" واريءَ مجلس جي بيان ۾ لکي آيو آهيان، ڳائي وڄائي، مهمانن کي ٻڌائي، مسحور ڪري، جهومائي، مست بڻائي ڇڏيو. جيئن ته اُهو نظم مٿي لکي آيو آهيان، تنهن ڪري هت ٻيهر لکڻ جي ضرورت محسوس نٿو ڪريان. تنهن سان گڏ، هڪڙي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي سنڌي ڪافي پڻ پيش ڪيم. جيڪا به هن ڪتاب جي گذشته صفحاتن ۾ لکيل آهي- پر تنهن هوندي به، نشاندهيءَ خاطر، اُنهيءَ ڪافيءَ جو ٿلهه هتي پيش ڪريان ٿو، جو هو ته:

ڪنڌي ساريان ڪانه، الله اَمن امان!
يا الاهي، ٻاجهه ٻيلاڻي ڀانيان-
ڪنڌي ساريان ڪانه... ...

اهڙيءَ طرح سان اها محفل، وجد ۾ اچي، سرشاري حاصل ڪري، عروج تي پهچي، ڪاميابيءَ سان همڪنار ٿيندي، اختتام پذير ٿي.

شيخ مجيب الرحمان سان نوابشاهه ۾ تعارفي ملاقات

سنڌو ديس مهمان واري مضمون جو "ڊراپ سين" ڪري، دنيا جي اسٽيج جو ٻيو "سين" کولي، اوپن ڪري، پردو مٿي ڪنيو ويو، ته پان کي نوابشاهه جي جلسي واريءَ اُنهيءَ جاءِ تي ڏٺوسين، جيڪو، سنڌ واسين طرفان، قاضي فيض محمد وڪيل جي صدارت هيٺ، شيخ مجيب الرحمان جي اعزاز ۾ منعقد ڪيل هو.

اسان جي پهچڻ وقت، ماڻهن جا انبوهه لڳا پيا هئا. پر اسٽيج ليڊران قوم کان خالي ڏسي پڇا ڪندي معلوم ٿيو ته اجهو هاڻي ئي ڪجهه منٽ پهرين قوم جا ناخدا سياسي، سماجي ۽ انقلابي تقريرون ڪري، واپس سندن قيامگاهه، نوابشاهه جي ريسٽ هائوس، ڏانهن ويل آهن، جيڪو الاڻي فلاڻي هنڌ آهي. هڪڙي ڄاڻو

سيٽاڻءَ کي سان ڪري، گائيڊ ۽ رهنمائيءَ طور موٽر جي سوڙهه ۾ ويهاري، ٽرن ڏيئي، عوام جي پيهه پيهه مان ماڪوڙيءَ وانگر سرائيندي، ڪڍي، ٻاهر ٿي، ريسٽ هائوس پهتاسين. جتي معلوم ٿيو تہ چند منٽ اڳي هتان روانا ٿي، اسٽيشن ڏانهن شيخ مجيب الرحمان کي الوداع ڪرڻ لاءِ ويل آهن، جنهن جي بڪ ڪرايل بوگي شام واري انهيءَ ايڪسپريس ۾ اچڻي آهي.

آءٌ وڏي اُتساهه مان موٽر کي پنٽي ڪري، ڦيرائي، ڊوڙائي، اسٽيشن تي پهتس تہ "شيخ مجيب الرحمان زنده باد"، "جي- ايم سيد زنده باد"، "قاضي فيض محمد زنده باد" جا نعرا گونجندي ٻڌم. آءٌ تڪڙو تڪڙو موٽر مان لهي، ماڻهن جي انبوهه کي چيريندو، ويٽنگ روم تائين پهتس، تہ دروازي کي اندران بند ڏٺم. دروازي جي حفاظت لاءِ ٻاهران والنٽيئر موجود هئا، جن، نڃاڻ تہ منهنجي ڪهڙي خوُ ۽ خوبيءَ يا رعب ڏٺو، جو دروازو کولي اندر وڃڻ جي اجازت ڏنائون. جيئن ئي جي- ايم سيد جي نظر مون تي پيئي، تہ پاڻ هڪدم ٽپ ڏيئي آجيان خاطر اُٿي ڪڙو ٿيو. ڪيس ڏسندي ٻيا معززين بہ، شيخ مجيب الرحمان سميت، آجيان لاءِ اُٿي بيٺا. سائين جي ايم سيد ۽ قاضي فيض محمد وڪيل، منهنجو شيخ مجيب الرحمان سان تعارف ڪرايو- "رئيس صاحب! خانصاحب!! مير صاحب!! امير صاحب، الاڻ صاحب، فلاڻ صاحب، ڊينگڙ صاحب، ٽينگڙ صاحب!!! پر مون اهو تعارف قبول نہ ڪندي، هيٺين طرح پاڻ کي خودبخود متعارف ڪيو:

میں مغنی ہون مگر ساز نیا لایا ہوں، آواز نیا لایا ہوں.

نئے نغمے ہیں، نئے راگ، نئی تاریں ہیں،
نئے سرگم نئی تانیں، نئی جھنکاریں ہیں.
میرے نغمات تنک ظرف امیروں کیلئے،
تیز نیزے ہیں، چمکتی ہوئی تلواریں ہیں.

میرے نغمات سے چھٹتا ہے سیاست کا غبار،
میرے گیتوں میں چٹختے ہیں شجاعت کے شرار.

میرا ہر لفظ ہے خنجر، میری ہر بات کٹار،
یہ محلات، یہ قلعے، یہ فصلیں، یہ حصار.

سب میرے نغموں کے سیلاب میں بہہ جائینگے.

میرے ملہار سے ہیں کھیت کسان کے سیراب،
میں نے دیپک سے جلائے ہیں غریبوں کے چراغ.

اپنا دستور نيا، طور نيا لايا هوں،
قانون نيا، دور نيا لايا هوں.

ميرے نغموں نے، هر انداز کُهن بدلا هے،
يعنی اس گهومتی دنيا کا چلن بدلا هے.

مئے پرانی هے مگر جام نيا هے ميرا،
کهنہ کوشش هے، مگر کام نيا هے ميرا.

ميں مغنی هوں مگر ساز نيا لايا هوں، آواز نيا لايا هوں.

انهي تعارفي نظم ٻڌڻ کان پوءِ، سڀني حاضرين مجلس ۽ سامعين واه واه ڪندي، تاڙيون وڄائي، داد ڏنو. شيخ مجيب الرحمان، پاڻ سان گڏ آيل بينگالي ليڊرن ۽ دوستن سان بينگاليءَ ٻوليءَ ۾ ڪجهہ ڪُٽ ٻُٽ ڪرڻ لڳو. جن به ڪڙٽ ٻڙٽ ڪندي، وراڻيءَ ۾ مسڪرائيندي، اظهار تعجب ڪري، داد ڏنو. ٻوليءَ مان تہ ڪجهہ به پلي ڪونہ ٿي پيو، مگر سندن چهري جي اُتار چڙهاءَ مان سَرهاڻ پئي معلوم ٿي، جنهن مان معلوم ٿيو ٿي تہ اُنهي نغمي کي پسند ڪيو اٿن.

اُنهيءَ مهل اسٽوڊنٽ ڇوڪرن آٽوگراف وٺڻ خاطر شيخ مجيب الرحمان کي ايڏو تہ تنگ ٿي ڪيو، جو جي- ايم سيد کي دڙهاٽا ڇڙهاٽا ڏيئي، مداخلت ٿي ڪرڻي پيئي. ايتري ۾ ٽرين پليٽ فارم تي پهچي ويئي، جيڪا اڌ ڪلاڪ ڪن ليٽ هئي. شيخ مجيب الرحمان کي سندس ساٿين سميت شور و غوغا، هوبي ۽ نعرن ۾، بوڳيءَ جي حوالي ڪيوسين. ٽرين پنهنجي منزل ڏانهن رواني ٿي، تہ اسين وري سائينءَ سميت موٽرن جي عظيم الشان وڏي جلوس ۾ ريسٽ هائوس پهتاسين، مگر قاضي فيض محمد، شيخ مجيب الرحمان سان گڏ، اڳيءَ منزل ڏانهن روانو ٿي چڪو هو.

ريسٽ هائوس جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن مان هڪڙو ڪمرو منهنجي حوالي ڪيو ويو، جتي آءٌ پنهنجن فنڪارن سميت آرام پذير ٿيس. رات رهڻ جو اُتي ئي پروگرام هو. ڇاڪاڻ تہ اڄا ثقافتي راڳ رنگ اُتي ئي ٿيڻ باقي هو، جنهن ۾ خان صاحب منظور علي خان، بيرو خان، فتح علي خان، حامد علي خان، جهڙن گوين سان گڏ، منهنجا لوڪ سنڌي راڳي محمد اسحاق ڪارو، امير بخش ميراڻي بديٽائي، فقير محمد ميراڻي، بشير خان قوال، محمد رمضان نومڙيو پڪوازي ۽ انهن مڙني کان مٿي وڏو جذباتي سرپرست آءٌ به باقي هيس! ڏينهن جو منظور علي خان پنهنجن ساٿين سان گڏ، شيخ صاحب کي ڪلاسيڪل راڳ ٻڌائي، رنگ رچائي، انهيءَ ريسٽ هائوس اندر مسرور ۽ محفوظ ڪري چڪو هو، پر نواب شاهہ واري سڄي عام خلق رات جو راڳ رنگ واريءَ رهاڻ رس جي انتظار ۾ بيتاب ۽ بيقرار هئي.

منهنجي سڄي ڏينهن جي سفر ۽ ٿڪاوٽ کي محسوس ڪندي، سيد سائينءَ چيو تہ "راڳي وڄي راڳ رنگ جي محفل مڃائين، ماڻهن کي خوش ڪن. پر جيئن تہ

اوهان سفر جي ڪري ڏاڍا ٿڪل آهيو، تنهن ڪري آرام ڪريو." مگر، منهنجي لا
آرام، سنگت سات ۽ راڳ رنگ جي محفل کان وڌيڪ، ٻيو ڪهڙو ٿي سگهيو ٿي؟
ٿورو گهٽو آرام ڪري، شام جو اٿين بجي فنڪارن سان گڏ، جلسي واريءَ جاءِ تي
پهتاسين. جهار هڪلڻ واري پيهي ٿما گهٽو اوڇو ۽ تمام مٿانهون اسٽيج ٺهيل هو،
جنهن تي چاڙهيءَ کان چڙهڻو ٿي پيو. جيئن ته سائين به منهنجي راز کي ڏسي، سار
ئي گڏجي اُتي آيل هو، جتي ڪيس به اسان سان گڏ ڏاڪڻ تان چڙهي، پيهي ٿما بلند و
بالا ترين اسٽيج تي پهچڻو پيو. تڪليف ضرور ٿي هوندیس، پر منهن تي گهنج به نه
وڌائين، ۽ پاڻ به انهن فنڪارن سان گڏ نشست ورتائين، جتي منظور علي خان سار
سندس ٻيا ساٿي به گڏ ويٺل هئا. تنهن کان سواءِ اسان سان گڏ، منهنجا سنڌي
فنڪار به اُتي پهتا.

مائيڪ ڪٿي، منهن سان لڳائي، انائونسر جا فرائض سرانجام ڏيندي، اعلا
ڪيم ته "سڀ کان پهرين اسين جيڪي سؤ ميل طويل مفاصلو طئي ڪري هتي پهتا
آهيون، ڳائي وڄائي پنهنجو فن پيش ڪريون ٿا. تنهن کان پوءِ، گهٽيئي گويا ڪويا
راڳ رس ڳائي وڄائي اوهان جو روح ريجهائيندا، جن ۾ خان صاحب منظور علي
خان جهڙو نامور ۽ مشهور فنڪار به هتي موجود اٿو." اٿين چوندي، بشير خان ک
پنهنجي فن پيش ڪرڻ لاءِ حڪم ڪيم. جنهن هڪڙو خيال، هڪڙو غزل ۽ هڪڙي
سنڌي ڪافي چئي، پنهنجو پروگرام پورو ڪيو. تنهن کانپوءِ، محمد اسحاق ڪاري
۽ سندس ساٿين کي حڪم ڪيم، جن پڻ، سات سنگت ۾، شاهه عبداللطيف ڀٽائي
رحه ۽ مولوي احمد ملاح جي ڪافين جو جوڙو چئي، سيد سائينءَ جي پسنديه ڪافي
مرتضيٰ شاهه ڏاڏاهيءَ واري پيش ڪئي، جيڪا هتي هيٺ پيش ڪجي ٿي:

غمن ۾ به ڪلندي، گذاري ڇڏيوسين،
وهيو واپريو سڀ وساري ڇڏيوسين،

دغا ڪانه دنيا ۾ ڪنهن سان اٿئون ڪي،
چنيسين نه ڪنهن کان خوشي زندگيءَ جي،
ڪيل قول هر حال پاري ڇڏيوسين- غمن ۾ به ڪلندي.....

نه مشڪل ۾ ڪنهن سان، اٿئون منهن مٽايو،
وري مهل سر ڪو، اٿئون ڪم نه آيو،
ڪسي ڪيترن کي جياري ڇڏيوسين- غمن ۾ به ڪلندي.....

هجي دوست دشمن، اسين سڀ جا همدم،
نيائينداسون پنهنجي، هو ڄاڻن پنهنجا ڪم،
اڳڻ آيو جيڪو ڪيڪاري ڇڏيوسين- غمن ۾ به ڪلندي.....

ڪئي "مرتضيٰ" نينهن ايڏي نوازش،
ڪري پنهنجي قربان خوشي ۽ خواهش،
مرڻ کان اڳي پاڻ ماري ڇڏيوسين- غمن ۾ بہ ڪلندي.....

انهن سنڌي ڪافين ڪلامن، ڪافي رس ڄمائي، ماڻهن تي اثر ڇڏيو. تنهن کان پوءِ، ڊفلي ڪٽي، مستيءَ کي شباب ۾ آڻي، مجنونانہ وار، بي سري آواز ۾ ڳائڻ شروع ڪيم:

ڪلام

ڏنئن وي لوهار! ڏنئن ڏنئن وي لوهار!
ڏنئن، ڏنئن، ڏنئن وي لوهار!!
ميڙي رکيائون مڇ تي، چٽنگن ڪئي چمڪار- ڏنئن ڏنئن...
انبور وڏائون اوڙاهہ ۾، ڪڍي ڪيائون ٻاهر- ڏنئن ڏنئن...
سيري رکيائون سنڌاڻ تي، وڏاڻن ڪئي وارو وار- ڏنئن ڏنئن...
سنهون ڪيائون سيڪ ڏيئي، مٿان مترڪن جي مار- ڏنئن ڏنئن...
الله "عبداللطيف" جي، سائين لهجئين سار- ڏنئن ڏنئن...

لطيف سائينءَ جي انهي ڪلام کان پوءِ، پبلڪ ۽ اسٽيج تي ويٺل ماڻهن مان آواز آيو- چيائون تہ "سائين، نانگو ٻڌايو- نانگو!" پهرين تہ آءٌ ڇرڪي ويس. پر پوءِ سنيالي سوچڻ لڳس تہ "نانگو" چئي ڪنهن کي نچايان....؟ ممڪن آهي تہ انهي "نانگي" جي حڪم ڪرڻ واري مون کي ئي "نانگو" ڳائي نچندي ڏٺو هجي. اهو "نانگو" گيت، شيخ اياز جو لکيل آهي، جنهن جا ٻول آهن: "نانگو آهيان نانگو يار!" پوءِ انهيءَ وقت شيخ اياز پلي ڪٽي نانگو هجي، پر آءٌ نہ نانگو ڪونہ هيس. مستيءَ ۽ قلندريءَ ۾ اچي، ڪن محفلن ۾، پاڻ کي نانگو جئي، ڳائي تہ ضرور ويس. پر پوءِ سوچ ڪيم تہ اها مستي ۽ سرمستي شيخ اياز پاڻ ڏانهن ئي منسوب ڪئي آهي، سو اسين پاڻ کي وري ڇا لاءِ نانگو چئون؟ تنهن ڪري مون انهي "نانگي" لفظ کي، ڪيس ئي ارپڻ ڪري، "نانگو آهيان، نانگو يار!" مان ڦيرائي ان ۾ درستي آڻي، "نانگو آهي، نانگو يار!" ڪي، "مانجهہ" راڳڻيءَ مان، "ڪلواڙي" جي ردم تي، ڳايو جنهن کي هيٺ تحرير ڪجي ٿو:

گيت

نانگو آهي نانگو، يار! نانگو آهي نانگو...
نڪتو آهي هن ننگريءَ ۾، لاهي سڙ جو سانگو، يار!
نانگو آهي نانگو .....

هلندو هن سان پار پريءَ ڏي، ڏاڍو پنڌ اٿانگو يارا!
نانگو آهي نانگو.....

پهتو آهي ڪاڪ ڪناري، چوري پنهنجو چانگو، يارا!
نانگو آهي نانگو.....

آس "اياز" جي پور ٿيندي، سيد تنهن جو سانگو، يارا!
نانگو آهي نانگو.....

اها نالي واري آخري مصرعه، مٿئين گيت کي نامڪمل سمجهي، مون پنهنجي طرفان اضافو ۽ واڌارو ڪندي، رچي هئي. پر پوءِ نه شيخ اياز اهو نانگو رهيو آهي، نه وري ڪيس سيد جي سانگي جي ضرورت رهي، ۽ نه ڪا وري سنڌڙيءَ جي سانگ جي- پاڻ ڪجهه وقت سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻجي، بين الاقوامي خدمتون به ڪندو رهيو، نه ڪي فقط سنڌ جون.

انهيءَ گيت ڳائڻ کان پوءِ، محفل ۾ جنوني ڪيفيت پيدا ڪري، ماڻهن ۾ جوش جاڳائي، سنڌ جي نامور گويي، خان صاحب منظور علي خان کي هڪل ڪري ڳائڻ لاءِ چيم، جنهن سندس ننڍي ڀاءُ بيري خان کي ڳائڻ جو حڪم صادر ڪيو. جنهن تي اعتراض ڪندي، ڪيس ٻڌايم ته "اسان جو راڳ رنگ چوٽ چڙهيل آهي، جنهن کي فقط تون ئي پنهنجي فن جي ڪمال سان هيٺ لاهي سگهين ٿو. بيرو خان ته ماڻهو ئي ڀڄائي ڇڏيندو!"

آخر ٿيو ائين ئي. بيري خان جي ڳائڻ شروع ٿيڻ کان پوءِ، مجلسين پنهنجون اجرڪون ۽ پوٽڙا چنڊي روانا ٿيڻ لڳا. اهو حال ڏسي، سيد سائين به ڪپڙا چنڊي اُٿي ڪڙو ٿيو. تنهن سان گڏ اسان کي به اُٿي هلڻ جو حڪم ڪيائين. اهو ٻڌي، پيهي نما اسٽيج تان لهي، موٽر ۾ سوار ٿي، ريسٽ هائوس پهچي، ٽريل تڏي ماني کائي، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ سمهي رهياسين. جيئن ته سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ هئي، تنهن ڪري ليٽندي ئي اگهور ننڊ اچي ويئي، تان جو صبح سويري ڪانگن کان کان ڪري اُٿاريو. ڏٺوسين ته سيد سائين پاسي واري پنهنجي ڪمري ۾ ماڻهن سان رهاڻ ۾ مصروف هو. اسان کي ننڊ مان بيدار ڏسي، نيرن آڻڻ لاءِ حڪم ڪيائين. گڏجي نيرن کائي، موٽرن ۾ سوار ٿي، اڳيان پويان ۽ پويان اڳيان ٿيندا، حيدرآباد ڏانهن روانا ٿياسين.

هالا پهچي، منهنجن لاڏلن فنڪارن چانهه پيئڻ لاءِ اصرار ڪيو. نازبردار جي حيثيت ۾ انڪار ڪري نه سگهيس. جيئن ته چانهه پيئڻ ۾ ڪجهه وقت لڳي ويو، ته ايتري ۾ سردار رئيس احمد خان هڪدم هيٺ لهي، نهايت پيار ۽ محبت، اتساهه ۽ خلوص سان ڀاڪرين پئي مليو. خوش خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ اهو ٻڌايائين ته "جناب جي- ايم- سيد، توهان کي پنهنجي پنيان ايندي نه ڏسي، 'خيبرن' ۾

اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي." اهو ٻڌي، اسان بہ جلدي جلدي تڙ تڪڙ ڪندي، موٽر اسٽارٽ ڪندي، جڏهن 'خيبرن' پهتاسين تہ سندن موٽر اسان جي پهچڻ کان اڳ اتان رواني ٿي چڪي هئي. اسين سندن پيڇو ڪندا، حيدرآباد واري پرڳڻيءَ هائوس پهچي، سائن ملاقي ٿياسين، جتي پاڻ تشويش جو اظهار ڪندي، چيائون تہ "توهان کي پنيان ايندو نہ ڏسي، منهنجي ذهن ۾ ڪيئي انديشا ۽ خدشا پيدا ٿيڻ لڳا. جن مان هڪڙو اهو بہ هو تہ متان ڪٿي اوهان جي موٽر خراب نہ ٿي پيئي هجي ۽ شڪر جو توهان بخيريت پهچي ويا."

اسين وٽانئس موڪلائڻ لڳاسين تہ پاڻ ٻنهپهرن جي ماني کائڻ جو چئي روڪي ڇڏيائين. جنهن جو انتظام، اڳواٽ ئي، سيد يار محمد شاهہ پرڳڻي هائوس ۾ ڪري ڇڏيو هو. اسان بہ ٿوري گهڻي رهاڻ رس ڪري، ماني کائي، شام جو ماتليءَ پهتاسين.

آءٌ سمجهان ٿو تہ شيخ مجيب الرحمان سان ڪراچيءَ وارين ملاقاتن کان نوابشاهہ واري اها تعارفي ملاقات اڳ ۽ پهرين هئي.

ڄام انور علي خان- شهدادپور بي- ڊي اليڪشن ۽ ڪاميابي

سيد جي پيار ۽ محبت پاڻ ۾ مدغم ڪري ايڏو تہ مجذوب بڻائي ڇڏيو هو، جو قلم بہ بي ساختہ ٻيو ڪجهہ سوچڻ سمجهڻ ۽ لکڻ جي بجاءِ، سندس ئي مضمونن تي روان دوان رهيو. ورنہ انهيءَ عرصي دوران، جيڪي مهينن کان لنگهي سالن تائين پهچي وڃن ٿا، ڪيئي تبادلا، طوفان و حوادث ۽ انقلاب آيا هوندا. جن کي لکڻ لاءِ سيد جي قربش ۽ محبت ايڏو تہ چنبڙي چهٽي پيئي، جو سواءِ پنهنجي، ٻيو ڪجهہ لکڻ ئي نہ ڏنائين. هينئر جڏهن سندس پيار جي سرور مان اکيون کولي سوچڻ لڳس تہ ٻين پيارن، قربدارن، وفادارن، صداڪارن، اداڪارن ۽ ڪلاڪارن دوستارن ۽ فنڪارن سان گڏ پنهنجي يارن سان بہ بي انصافيون ڏسڻ ۾ آيون. جيڪي انهيءَ دوران ڪيئي محبتون، صداقتون، قربتون ۽ دعوتون ڏيندا، دل بهلائيندا ۽ وندرائيندا رهيا آهن. جن ۾ ٻين سان گڏ، ڄام خاندان ۽ مير برادران بہ اچي وڃن ٿا. سوچي رهيو آهيان تہ مير برادارن جو ذڪر ڇيڙي، اهي ياداشتون قلمبند ڪريان، جن کان هي ڪتاب اڃا تائين محروم رهيو آهي. حالانڪ، ڪجهہ ذڪر اذڪار مير برادران جا هن "ڪيئي ڪتاب" کي شرف بازيابي بخشي چڪا آهن. پر، تنهن هوندي بہ، تشنہ لبي آهي. ساڳئي وقت وري اهو بہ خيال آيو تہ، مير صاحبان تي قلم کڻڻ کان اڳي، ڄام خاندان جا ٻہ ٽي ضروري مضمون رهڙي وٺان. جن ۾ عيش و عشرت سان گڏ، ٻيون بہ ڪي سماجي، ثقافتي، اصلاحي، نيون ۽

نوخيز ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. تنهن ڪري، پهرين ڄام صاحبن سان رهائيون ۽ ياداشتون پيش ڪريان ٿو.

جيئن ته وقت جو ڦيٽو ڦرندو رهي ٿو، تيئن خبر پيئي ته منهنجو پيارو دلوارو دوست، نوابزاده ڄام انور علي خان، بيسڪ ڊيموڪريسيءَ جي ووٽن تي، صوبائي "ون يونٽ" اليڪشن خاطر اميدوار بيٺو آهي، جنهن جي اسيمبلي لاهور ۾ هئي. سوچڻ لڳس ته "آءٌ سندس ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿو؟" منهنجو اُنهيءَ تڪ جي ووٽرن سان نه تعلق نه واسطو هو ۽ اُهي ووٽر به پنهنجن تڪن جي هزارها ووٽرن منجهان منتخب ٿي، چوڏهيا چوڏهيا چونڊجي آيل هئا، جن جي ووٽ جي قيمت وڃي هڪ هزار کان ڏهن هزارن تائين پهتي ٿي. انهيءَ حالت ۾، مون جهڙو مولائي سواءِ دعائن ڏيڻ جي، ٻيو ڪري به ڇا ٿيّ سگهيو؟ پر تڏهن به دل جي پيار، من جي محبت ۽ طبيعت جي بيقراريءَ، ويهڻ وهه ۽ سڪ سور ڪري ڇڏيو. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، پنهنجن مختصر فنڪارن کي ساڻ ڪري، تيار ٿي، شهدادپور پهتس. جتي ڄام صاحب جي لڳايل مُک ڪيمپ هئي. ڇاڪاڻ ته اُها اليڪشن، بي- ڊي ووٽرن تي ٿيندڙ، سانگهڙ ضلعي جي، سنجهوري ۽ شهدادپور تعلقي وارن تڪن تي مشتمل هئي، تنهن ڪري شهدادپور کي ئي اهميت ڏيندي، سينٽر سمجهي، هيڊ ڪوارٽر بڻايو ويو هوءِ. حالانڪ شهدادپور ۾ انهيءَ ڪيمپ لاءِ سنا سنا بنگلا ۽ جايون جڳهون ميسر ٿي سگهيون ٿي، جنهن لاءِ قاضي تقي پنهنجن ڪاٽن فيڪٽري ۽ بنگلا آڇي چڪو هو. پر تنهن هوندي به ڄام صاحب، پير سائين پاڳاري جي مُک حر مريد خليفي جمال فقير جي تنل ڦنل جڳهه تي قيام پذير هو. ڇاڪاڻ ته پير سائين پاڳاري جن جي مدد ڪري، ٻين مريدن ۽ فقيرن سان گڏ، جمال فقير به، ورڪرن مان خاص اهميت جو مالڪ هو.

اسان شهدادپور پهچي، جڏهن سائس ملاقات ڪئي، ته پاڻ نهايت خنده پيشانيءَ سان، بي پناهه خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ نراڙ تي ذري برابر به گهنج نه آندائين. ورنه اسين نڪما، سندس ڪابه مدد نه ڪندڙ، الٽو مٿس بوجهه بڻجي ويل هئاسين. اليڪشن کي منهن ڏئي يا اسان جون خدمتون چاڪريون ڪري! حالانڪ مون کيس اسان جي خيال کان قطعي آزاد ڪندي، بي خيال ڪري ڇڏيو هو. پر تڏهن به سندس پيار محبت، ادب، احترام، ڪنڪو ۽ خيال رکيو ٿي. به ٽي پيرا سائس گڏ موٽرن جي جلوس ۾ ورڪ خاطر وڃڻ ٿيو. پر مون پاڻ کي، ورڪ تي وڃڻ لاءِ وڌيڪ ضرورت نه سمجهندي، اهميت نه ڏني. مگر، سائس گڏ رهڻ ضروري سمجهي، شغل بيڪاريءَ کان شغل باڪاري سوچيندي، ڳوليندي ڦوليندي، مون وڃي شهر جي وچ ۾ "بخاريءَ جو اوتارو ۽ قبرستان" حاصل ڪري، سڄي شهدادپور شهر جا عالي موالي هٿ ڪيا. جن کي، پنهنجي طرفان نشو پتو ڏيئي، سرور ۾ آئي، راڳ رنگ، روپ انوپ ٻڌائي، وڏي واڪي ڄام صاحب جي ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهرائي، ڄام

نور علي خان زنده باد جا نعرا هٽائي، شهر جي فضا سازگار بڻائيندو رهيس. هڙيءَ طرح سان اهو شغل اُتي حسب معمول بڻائي ڇڏيم.

آخر اُهو ڏينهن به آيو، جنهن جو انتظار هو. ووٽرن کي گڏ ڪرڻ لاءِ ڄام ٿوٽ ۽ قاضي تقيءَ جي باغ وارو بنگلو منتخب ڪيل هئا، جتان ووٽرن کي آڻي شهدادپور ۾ ووٽ رڪارڊ ڪرائڻا هئا. اسان کي به، ٻين خاص اهميت وارن ورڪرن سان گڏ، قاضي تقيءَ جي باغ واري بنگلي تي موڪليو ويو، جتي ڏڙڪندڙ دل سان عائون ڏيندو، انتظار ڪندو رهيس. پولنگ هلندي، نتيجه خيز سٺيون سهڻيون پورٽون ملنديون رهيون. جيئن جيئن وقت گذرندو ويو، منهنجي دل جو ڏڙڪو وڌندو رهيو. بالآخر جڏهن شام جا پنج لڳا ته "مبارڪ، مبارڪ!!" جو هوبو ٻڌڻ ۾ آيو. سون ڏٺو ته منهنجو دلبر دوست سوين هزارين ماڻهن، ورڪرن، وڏيرن، زميندارن، رئيسن ۽ سردارن کي ڪابه اهميت نه ڏيندي، نهايت بيچينيءَ ۽ بيتابيءَ سان ڪنهن کي ڳولي رهيو هو. پنهنجي آجيان ۾ آيل هارن ۽ مبارڪبادين جو به ڪو خيال نه ٿئي ڪيائين. تنهن وقت آءٌ قاضي تقيءَ جي باغ واري ننڍڙي ليڪن خوبصورت بنگلي جي ڇڪڙيءَ ڪنڊ ۾ بيٺو هيس. منهنجي حال زار قابل ديد هئي. خوشيءَ ۽ غم جا ملڻ جليل لڙڪ اکين مان روان دوان ۽ جاري هئا ۽ بدن ۾ رعشو طاري هو. ۽ اوچتو جيئن ئي سندن نظر مون تي پيئي، ته پاڻ هڪدم ماڻهن جي ازدهام ۽ انبوهه کي چيريندو ڦاڙيندو، سڌو اچي منهنجي پيرن تي هٿ رکيائين. اهو ڏسي، ويتر منهنجي حساس طبيعت بي قابو ٿي ويئي. ڪيس گلي سان لڳائي، دل جي ڳهرايل مان دعائون ڏنيم. منهنجي آسي پاسي سردار رئيس احمد خان راڄپر، قاضي محمد اڪبر، ڄام صادق علي خان ۽ ٻيا به ڪيترائي معززين اُتي بيٺل هئا، جن اهو سحر آفرين، روح پرور ۽ پر بهار نظارو پنهنجين اکين سان ڏٺو.

سڄيءَ اليڪشن وارو مجموعو قاضي تقيءَ جي بنگلي ۽ باغ ۾ هزارن جي تعداد ۾ اچي ڪٺو ٿيو. جيڏانهن ڪيڏانهن "مبارڪ! مبارڪ!!" جا آواز ۽ "ڄام نور علي خان، زنده باد!" "پير سائين پاڳارو، زنده باد!!" "ڄام صادق علي خان، زنده باد!!!" جا نعرا ٻڌڻ ۾ آيا. جتان سوين موٽرن جي جلوس ۾، قافلي جي صورت اختيار ڪري، روانا ٿياسين. منهنجن فنڪارن ۽ مون لاءِ، هڪ خاص ۽ علحده موٽر جو انتظام ٿيل هو. حالانڪ پاڻ چاهيائين ته آءٌ ڪانئس جدا نه ٿيان، ليڪن مون پنهنجن فنڪارن کان جدا ٿيڻ مناسب نه سمجهيو.

موٽرن جي جلوس جو پهريون سرو ٽنڊي آدم ۾ هو، ته آخري سرو وري شهدادپور ۾ ئي هو. اهڙيءَ طرح سان، ٽنڊي آدم کان اڳتي روانا ٿي، ٻيراني پار ڪندي، ڄام ڳوٺ پهتاسين، ته موٽرن جو ڇيڙي وارو سرو اڃا ٽنڊي آدم ۾ ئي هو. شنڊ باجا، دهل دمامان، مرليون شرنايون، پنهنجو پنهنجو فن پيش ڪندي، مرحبائي جيان ڪنديون رهيون. خوشيون ۽ خير خيراتون ٿينديون رهيون. نوابزادو ڄام انور

علي خان، بيساختگيءَ ۾ موٽر مان لهي، خير مقدم ڪندڙن جو هٿ ٻڌي، جواب
ڏيندو، ڇهڪندڙ ٻهڪندڙ ڇهري سان، پنهنجي خانداني حويلين ڏانهن روانو ٿي ويو
جتي ڪجهه دير ترسڻ رهڻ بعد، ماڻهن جي انتظار جو خيال ڪندي، ٻاهر پنهنجي
محل نما بنگلي تي نڪري آيو. ٻين ٻين مختلف ماڻهن سان ملندو، مبارڪون وٺندو
خير عافيت پڇندو، مون تائين پهچي، بغلگير ٿيندي، ٻڌايائين ته "سڄي اليڪشن جي
ساٿين، صلاحڪارن، دوستن احبابن، پيارن دلدارن، عزيزن اقاربن ۾، انهي خوشي
جي موقعي تي، صرف توهان جي ۽ امان جيجيءَ جي اڪڙين ۾ لڙڪ ڏٺم. باقي ٻيا
جملي دوست احباب ۽ عزيز قريب چمڪندڙ، ڇهڪندڙ ۽ ٻهڪندڙ نظر آيا!"

اها رات اُتي رهي، ٻئي ڏينهن صبح سويري مون وٽانئس موڪلائڻ جي
ڪوشش ڪئي، ته اجازت نه ڏيندي، روڪي ڇڏيائين. اهڙيءَ طرح سان اهي ته
ڏينهن خوشين ۽ شادمانن جا، جن ۾ ڪيئي رنگ روپ انوپ، ڳائڻ وڄائڻ جو
محفلون ۽ ڇيرن جا ڇمڪارا ٿيا، اُتي رهي، ٽئين ڏينهن علي الصبح ٻن ٽن موٽر
ذريعي روانا ٿي، حيدرآباد پهتاسين. جتان منهنجن ماڻهن ۽ فنڪارن کي پنهنجن
پنهنجن شهرن ڳوٺن ڏانهن وڃڻ جي اجازت ڏنائين. مون کي وري پاڻ سان گڏ
ڪراچيءَ وٺي وڃڻ لاءِ، منهنجي نه نه ۽ انڪار ڪرڻ جي باوجود، زور زبردستي
سان آماده ڪيائين. اهو ٿورو گهڻو وقت "رٽز" هوٽل تي ترسڻ ٿيو، جتان آخر
فيصلو ڪري ڪراچيءَ لاءِ روانا ٿياسين، ته وچ ۾ صدر سوجلر بازار وٽ، ڪنهن
دوست سان ملڻو هيس. هڪڙو وڏو سارو جواهري باڪس منهنجي حوالي ڪري
جيئن ئي پنهنجي انهي آفيسر دوست سان ملڻ لاءِ سندس بنگلي اندر داخل ٿيو، ته
مون انهيءَ باڪس کي کولي ڏٺو، ته منجهس ويهن پنجويهن تولن وارو سونو جڙاءُ دار
هار پيل هو. جيئن ئي پاڻ واپس آيو ۽ موٽر اڳتي روانو ٿيو، ته مون حيران ٿيندي
انهي هار بابت ڪانئس پڇيو، ته پاڻ حسب معمول تڪڙن تڪڙن جملن ۾ ڪن جي
ويجهو ڪن سُرو ڪندي، نرم لهجي ۾ چيائين ته "بادشاهه، بادشاهه لاءِ.... پير
سائين..... پير سائين لاءِ!!" آءٌ سمجهي ويس ته اهو قيمتي هار پير سائين پاڳارو
جن جي گلي جي زينت بڻجڻ وارو آهي. جنهن تي مون اعتراض ڪندي، سندس جيا
تڪڙن جملن ۾ جواب ڏيندي، چيو ته "بادشاهه! بادشاهه! پير سائين بادشاهه!! ڇا
اهو پير سائين بادشاهه تي فرض ڪونهي، جو انهيءَ خوشيءَ جي موقعي تي پنهنجن
طرفان توهان کي مبارڪباد جو هار پارائي! جو هيڏا لکين خرچ ڪري چڪو آهين
تنهن کان سواءِ، پير سائينءَ جن کي ڪهڙي ڪوٽ آهي؟ جيڪا تون هار وجهي پورو
ڪندين!" جنهن تي پاڻ ڪلندي، هڪ وڏو ٽهڪ ڏيئي، چيائين ته "تون ته ڪ
بادشاهه ماڻهو آهين! ڪنهن جي به ڪاڻ ڪونه ٿو ڪڍين... پر اسان کي ته دنيا
رهي.... دنياداريءَ کي منهن ڏيڻو آهي."

اهڙيءَ طرح سان، هڪٻئي تي نوڪون جهوڪون ڪندا، ٻٽاڪون هڻندا، سا

ڪي سولو ۽ آسان بڻائيندا، خير خوبيءَ سان ڪراچيءَ پهتاسين. سندس بنگلي تي سڄو وقت هماهمي ۽ جهمگٽو رهيو. پاڻ دوستن کي ڪيئي دعوتون ڏنائين ۽ ڪيترن ئي دوستن جون دعوتون پڻ ڪاڏائين. تي ڏينهن انهي هماهمي ۽ گهما گهميءَ ۾ رهي، ڪانئس ماتليءَ ۾ ٻيڙيءَ جي پارٽي قبول ڪرائي، تاريخ مقرر ڪري، ڄام سبب علي خان ۽ ٻين دوستن کي دعوت ڏيئي، ماتليءَ پهتس.

ڪاميابيءَ جي اعزاز ۾ ٻيڙين جي پارٽي

"ڪيئي ڪتاب" جو اڳيون پنو پورو ڪري، ورق ورائي، ماتليءَ ۾ ٻيڙيءَ وارن ملاحن ناکوئن کي گهرائي، هڪ ئي وقت تن ٻيڙين جي بندوبست جو چئي، ڪين اهو به حڪم ڏنم ته "ٻيڙين کي ڌتاري، صاف ڪرائي، سينگاري پاڪاري، جهاڙا هٽي، الاٽي فلاٽي ڏينهن لاءِ تيار رکن." تنهن کان پوءِ، پنهنجن مخصوص درٻاري فنڪارن کي گهرائي، اُنهيءَ خيال کي مدنظر رکندي، "جاري جا جلجاري" نظم تي ڌن ٺاهي، ڪين ريهرسل ڪرايم ته انهيءَ "ڦليليءَ" نديا ۾ ستن درياڻن جو پاڻي اچي ٿو- اُهي درياءَ، جن جن علائقن جي خالص علاقائي فوڪ ڌنن سان،هر هڪ مصرعه کي، سندن الڳ الڳ رنگ ۾ آئي پيش ڪجي، جن ۾ ڪشميري، پشتو، ٺيٺ، پنجابي، سرائڪي، بلوچي، هندي ۽ سنڌي اچي وڃن ٿيون. انهي ميوزڪ ڪمپوزيشن جي سٽرڻ سنوارڻ جا فرائض، اسان جي اڪلوتي ٻين الاقوامي موسيقيءَ جي ڄاڻ رکندڙ بلاول بيلجم جي حوالي ڪيا ويا. جنهن کان ڪنهن به علائقي ۽ ملڪ جي ميوزڪ لاءِ حڪم ڪبو هو، ته بغير ڪنهن جهجهڪ ۽ دشواريءَ جي، نهايت آسانيءَ سان پيش ڪري، داد تحسين حاصل ڪندو هو. سندس مدد ۾ "ابراهيم" شيدي، جيڪو مون واري ٿيٽريڪل دور وقت، ٿيٽر ۾ طبلو وڄائيندو هو، ڪي ڪيس "ابرو" چوندا هئا ته ڪي وري "ادرو" - پاڻ گوَين جو فن چورائي، "نقليو" بڻجي، نقل ڪندي، آخري ڏينهن ۾ خان صاحب يا گويو سڏبو هو- خاص طور خان صاحب عاشق علي خان جي ڳائڻ واري طريقي ڪار ۽ انگ ۽ ڍنگ کي ايترو ته اپنائي ڇڏيو هئائين، جو اصل ۽ نقل ۾ ڪو فرق ڪري ئي نٿي سگهياسين. پاڻ آخري ڏينهن تائين معاشي ڪشاڪش ۾ مبتلا رهيو. هميشه ٻين جا لاتل سوٽ پائيندو هو، جيڪي سندس بدن تي بد زيب لڳندا هئا. تنهن هوندي به هميشه سوُٽ ۾ ملبوس رهندو هو. پاڻ نهايت خوش خلق، هميشه ڪلندڙ ۽ ٻين کي ڪلائيندڙ، ظرافت ۾ ئي مگن ۽ مست رهندو هو. بي ڍولو، بدشڪلو. پر... فن جي دولت سان مالا مال هوندي به، ڪڏهن ڪا وڏائي، فخر، هَٺ ۽ گهُمنڊ نه ڪيائين. اهڙيءَ طرح بلاول بيلجم کي به غيبي امداد، الله جي دين مان ئي اهڙو عظيم فن عطا ٿيل هو، جنهن کي عطائي به چئي سگهجي ٿو. ميراث جا مالڪ ميراثي، پاڻ کي فن جا ٺيڪيدار، مالڪ ۽ آل ان آل سمجهي، ٻين قومن ۽ ٻين ذاتين جي فنڪارن، لئي

ڪارن، صداڪارن، ڪلاڪارن ۽ نرت ڪارن تي ٽوڪزني ڪندي، ڪين عطائي چوندا آهن. پر، انهن حسد ڪندڙ حاسدن کي اها خبر ناهي تہ اِهو لفظ "عطائي" خداداد صلاحيتن جي ڪري ئي عطا ٿيو آهي.

ڳالهہ هلي پئي ڄام صاحب جي مهمانيءَ ۾ "ٻيڙين جي پارٽيءَ" جي، تہ وڃي نڪتاسين دريائي ديسن ۽ فني پيچيدگين ۾. پنهنجي اصلي موضوع تي ايندي، آءٌ هتي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ بلاول بيلجم جي مدد ۾، خانصاحب "ادرو" سان گڏ، محمد اسحاق "ڪارو" مڱٽهار، "علڻ" فقير ڊولڪ نواز هو، جيڪو ڊولڪ نوازيءَ ۾ سڄيءَ سنڌ مان پهريون نمبر ليکيو ويندو هو. "شاهو خان" ڪلوئي، باجي ماسٽر ۽ ٻيا بہ ڪيئي ننڍا وڏا فنڪار فرڙا، ناچو نرڙا، ڪلاڪار ڪرڙا، سازنده سرڙا، ڪيترن جي تعداد ۾ اچي، اُتي گڏ ٿيا هئا. تن پارٽيءَ ٿيڻ کان اڳ، سڄو هفتو، "ماءِ نيسٽ" اڳيان "دارلامان" واري پارڪ ۾ اوڏم مچائي ڇڏيو. سندن ريهرسل ڪرڻ واري وقت، سڄو شهر اُبلي اٿلي پوندو هو ۽ ماڻهو لطف اندوز ٿيندا، حظ حاصل ڪندا رهيا. تنهن سان گڏ ايم ايم 35 تي فلم ٺاهڻ جو خيال ڪندي، پنهنجي دوست محمد يوسف ڪئميرا مين، جيڪو انهيءَ وقت، برٽش هاءِ ڪمشنريءَ جي انفرميشن ڊپارٽمينٽ ۾، ڊاڪيومينٽري فلمن جو انچارج هو، تنهن کي خاص طور دعوت ڏيئي، مذڪوره تاريخ تي مووي ڪئميرا ۽ نگيٽو فلم آڻڻ لاءِ پڻ چئي ڇڏيو هيم.

وقت گذرندي دير ئي ڪانہ ٿي ٿئي. اهو ڏينهن بہ اچي ويجهو ٿيو- انتظار جون گهڙيون گذرڻ واريون هيون. فنڪارن، خدمتگارن ۽ ٻيڙن جي ناڪوئن کي، پاٽيءَ جي ذريعي ٽنڊي محمد خان ڏانهن روانو ڪري، شام جو اسين بہ موٽرن ۾ سوار ٿي، روڊ وٺي، انهيءَ مخصوص نئينءَ پُل وٽ پهتاسين، جتان پروگرام شروع ڪرڻ جو طئي ٿيل هو. تنهن سان گڏ، پنجاب بٽنڊ جو مالڪ جناب طالب حسين بہ، پنهنجن ساٿين ۽ بٽنڊ باجي سميت، اڳواٽ اتي پهچي چڪو هو. جنهن کي پڻ خاص طور گهرايو ويو هو. جملي ٻيڙين کي خصوصي طرح سينگاربو سجايو ويو هو. رنگ برنگي جهنڊين جهالرن سان، مهمان خصوصيءَ واري مخصوص ٻيڙيءَ کي تہ نئين نويليءَ ڪنوار وانگر سهڻو بڻايو ويو هو. انهن مان هڪڙي ٻيڙي بٽنڊ باجن وارن لاءِ الاٽ ٿيل هئي. ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ فنڪارن، خدمتگارن ۽ لاٽيٽ ريفريشمينٽ جو بندوبست ڪيل هو. ٽين وڏي ۽ خاص ٻيڙيءَ کي مهمانن لاءِ، گلمن، غاليچن، گائوتڪين، ڪرسين ٽيبلن سان آرائستہ پيرائستہ ڪيل هو.

ٿوري ئي انتظار بعد، معزز مهمان خصوصي نوابزاده ڄام انور علي خان سان گڏ ڏهن ٻارهن موٽرن جو قافلو، جلوه افروز ٿيو - جنهن کي، رستي جي ٻنهي پاسن کان بيٺل قطارن ۾، جناب طالب حسين واري "پنجاب بٽنڊ" سلامي ڏيندي، بٽنڊ باجو وڄايو. مون سيني معزز مهمانن سان هٿ ملائي، آجيان ڪندي، خوش خيرعافيت ڪئي. سڀ کان پهرين نوابزاده ڄام انور علي خان کي، ڏاڍيءَ حُب،

اُڪير، پيار ۽ اُتساهه سان وڏو ڀاڪر پائي هڪ "چُماڙ" ڏنم.

جيئن ته سج جي روشني گهٽو گهٽجي چڪي هئي، مهمان مقرره وقت کان دير سان پهتا هئا، تنهن ڪري مووي ڪئميرا ڪوبه ڪم ڪري نه سگهي. مهمانن کي ٻيڙيءَ ۾ ويهاريو ويو. بئنڊ باجن وارن پنهنجي الڳ ۽ جداگانه ٻيڙي سنڀالي. خدمتگار ۽ فنڪار پنهنجي ٻيڙي ۾ سوار ٿيا. اهڙيءَ طرح سان اهو ٽن ٻيڙين وارو قافلو، پنهنجو رخ بدلائي، منهن موڙي لهوارو لڙهڻ لڳو. جن مان، ٻن ٻيڙين کي جوڙي، پاڻ ۾ ڳنڍي هڪ ڪري، ٻڌو ويو. باقي بئنڊ باجي واري ٻيڙي، سيني جي اڳيان رهنمائي ڪندي، پان پان، ڦان ڦان، رون ران ڪندي بئنڊ وڄائيندي، هلندي رهي. ٻئي پاسي خدمتگارن ۽ فنڪارن به، پنهنجو پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. جنهن ۾، دهل ڏمامان، مرليون شرنايون ۽ مُغربان شروع ٿي ويا.

هوڏانهن وري خدمتگارن وهسڪيون، بيئر ۽ گلاس کولي رکيا، ته ٻئي پاسي بورچي، فرائي پانن ۾ "چِر چِر" جا آواز پيدا ڪندا، ڦُل ڦُل ۽ بانگ صُراحيءَ جي مدد ڪرڻ لڳا. باقي فقط "پاسي ۾ پرين" جي ضرورت هئي، جنهن کي معززين تماشبينن، پنهنجي پنهنجي تخيل ۽ تصور ۾ ئي محسوس ڪري سگهيا ٿي. اهڙيءَ طرح سان، رنگيلن جو اهو رنگين قافلو، مخموري سرشاري حاصل ڪندو، ڦليليءَ جي سرسبز ڪنارن، نظارن ۽ مُرغزارن مان لطف حاصل ڪندو، ڪَرون ۽ گولاين مان ڦرندو گهرندو، ستارن جي سايي ۽ چانولي ۾ رڙهندو رمندو، جڏهن پنهنجي منزل ماتلي کان اٽڪل ٽي ميل اوريان ٿي هو، ته، بم گولن جي ٺڪائن سان گڏ، تسمين قسمين طرحين طرحين جي آتش بازي شروع ٿي ويئي، جنهن ٻنهي ڪنارن کي روشن ۽ منور ڪري ڇڏيو. ائين پٺي ڏسڻ ۾ آيو ته جيئن ڇڻ سڄو ماحول قوس و قزح وانگر رنگين ٿي ويو هجي. ڳوناٿا پنهنجا گهر گهاٽ ڇڏي، بئنڊ باجن جي شور غوغا، ميوزيشنن جي غل غپاڙي، بم گولن جي ٺڪائن ۽ آتشبازيءَ جي رنگ برنگي روشنيءَ تي، ڦليليءَ جي ٻنهي ڪنارن مٿي اچي گڏ ٿيا. جن ۾ مردن سان گڏ، ننڍا وڏا ٻار ۽ زالون به شامل هيون. جن، حيرت زده ٿي، انهن ٽن ٻيڙن جي قافلي اندر ويندڙن جي حرڪات و سڪنات جو بغور معائنو ڪندي، مزو ماڻيندي، لطف وٺندي، حظ حاصل ڪيو ٿي، ته هي اوچتو ازغيبي نظر ايندڙ نظارو، سراب آهي، خواب آهي يا حقيقت....! آءٌ سمجهان ٿو ته انهن ماڻهن مان ڪيترن پنهنجن هٿن ۾ چڪ هئي، خوابيده دنيا مان بيدار ٿيندي، حقيقت محسوس ڪئي هوندي.

اهڙيءَ طرح سان، اسان جو اهو قافلو، جڏهن ماتليءَ جي شهري حدود ۾ داخل ٿيو ته، شهر واسي مرد، عورتون، ٻار ٻچا، ننڍا وڏا، پوڙها پڪا، هزارن جي تعداد ۾ ڦليليءَ جي ٻنهي ڪنارن تي، اڻ وسهندڙ خوابيده حالت ۽ ڪيفيت ۾ اچي پر گهٽ ٿيا. آتشبازيءَ جو سلسلو، مسلسل ٺڪائن، ڏماڪن سان گڏ هوايون اُڏائيندو، آسمان تي پريون نچائيندو، قوس و قزح وارا رنگ پکيڙيندو، ڏينهن جهڙي

روشنيءَ ۾، شهر جي سيني کي دونيم ڪندي چيريندو، جڏهن، منزل تي پهچڻ لا
"ماءِ نيست" بنگلي جي دارالامان واريءَ پل جي هيٺان گذريو، تہ مٿان آتشبازي
وارن ساون، ڪارن، نيلن، پيلن، گلابي، ڪرمزي، اچن ڳاڙهن گلن جي پنکڙين
وانگر، ورکا ڪندو نظر آيو. جنهن نظاري جي مصوري، چترڪاري ۽ منظرڪشي
ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. بهرحال، عجيب و غريب سمون ۽ ڪيفيت نظر ٿي آئي.

منهنجي بنگلي "ماءِ نيست" جي سامهون واري باغيچي (جنهن کي
"دارالامان" بہ چئبو آهي) تي، جڏهن ٻيڙين وارو قافلو لنگرانداز ٿيو، تہ ايترا
عوام ۽ ماڻهو اچي گڏ ٿيا، جو تر چَڻ جي بہ ڪا جاءِ باقي نہ بچي. معزز مهمانن
کي، رضاڪارن ۽ والنٽيئرن وانگر ماڻهو هٿ هٿن ۾ ڏيئي ٻاهاري، وچان رستو ٺاهي
بٺائي، بنگلي اندر آندو ويو. جتي، لڳايل شاميانن اندر دربار لڳل هئي. جنهن ۾
گلم غاليچا، صوفہ سيٽ، ڪرسيون ٽيبلون، ٽپايون ۽ فنڪار راڳين لاءِ اسٽيج
ٺاهيل، سينگاريل سجايل هو. بجليءَ جا روشن ۽ منور قمقما، شمعدان، ٽيوب
لائيٽون، رادون، مرڪيوري بلب، ڦرندڙ ڦيٽا، ڦوهارا، قطار درقطار ۽ طرحين طرحين
جي ڊيڪوريشن سان، ڦليليءَ جا ڪنارا، ايوان، باغ باغيچا، وڻ ٽڻ، ڪمپائوندن
شاميانہ ۽ بنگلو، نهايت خوبصورتيءَ ۽ اعليٰ مهارت سان سنواريل ۽ ڊيڪوريٽ
ڪيل هو. اسان جي ٻيڙين مان لهڻ کان پوءِ بہ آتشبازي ڪيترو ئي وقت جاري
ساري هئي. جنهن مان، شهر توڙي ٻاهراڙيءَ جا ماڻهو، حيران ٿيندي، مزو ماڻيندي
لطف اندوز ٿيندا رهيا. بم گولن واري سلامي تہ وبهن ايڪيهن، ٽيهن ايڪٽيهن
گولن کان گهٽ مٿي، ڳاڻاٽي کان ٻاهر، بي انداز بي تحاشا، بي شمار، سون هزار
جي تعداد تائين وڃي پهتي هوندي. ڇاڪاڻ تہ اسان جو مهمان خصوصي، مڪن
هاٿي، شير-ببر، ايڊورڊ ستين ۽ جارج پنجين کان، ڪنهن بہ حالت ۾ گهٽ نہ هو
جنهن کي ڳاڻيٽي ۽ حساب ڪتاب واري سلامي ڏجي.

تنهن کان سواءِ، سائس گڏ آيل معززن، عزيزن قريبن يارن دوستارن، پيار
دلوارن، اديبن صحافين، شاعرن ۽ فنڪارن سان گڏ، ڀاڙيا پڙو بہ حيران ٿي ويا
جنهن وقت، ٻيڙيءَ ۾ ڦُل قل و بانگ صُراحيءَ سان گڏ فراءِ پانن ۾ چر چر جا آواز
ٿي ٻڌڻ ۾ آيا، تہ، پاڙو مهاڙو ڳاٽ مٿي ڪري، پنهنجن ڪن ٻين ويجهن دوستن کي
ائين چوندا رهيا تہ "بهائي صاحب! يهاں تو پاني ميں پکوان پک رهے هيں
کهائينگے تو خوب مزا پائينگے!!"

انهن جملن جي ٻڌڻ وارن ۾، منهنجي يار دلدار جو ننڍو ڀاءُ، نوابزادو جا
سبب علي خان خاص نشانو هو- جنهن انهي ڳالهہ کي، مسڪراهٽون ڏيندي، لمائ
ڇڏيو ٿي. انهيءَ پارٽيءَ جي انتظام لاءِ، ٻيئي ٽيئي بنگلا خالي ڪرايل هئا. جن ج
سلسلو لڳاتار ڳنڍيل ۽ مسلسل هو. ڪي مهمان شاميانن ۾، ڪي بنگلي وار
وراندي ۾، ڪي بنگلي ۾، تہ ڪي وري بنگلي جي ڏاڪڻين پاسي واري ايوان

رهائجي ويا. ڪي تاش جا پتا کولي، رمي، فلئش ۽ برج کيڏڻ لڳا تہ ڪي وري پنهنجيون پنهنجيون پراڻيون يادا شتون دهرائيندي، هڪبئي سان رهاڻيون ڪرڻ لڳا، نہ ڪي وري بسترا وڇايل ڪٽن ۽ پلنگن تي دراز قد ٿيندي آرام ڪرڻ لڳا، ڪي محفل موسيقيءَ جا منتظر هئا. جن ۾، اسان جو چيف گيسٽ، مهمان خصوصي ۽ پيارو دلوارو نوابزاده ڄام انور علي خان قابل ذڪر هو. ماڻهن جي گهماگهمي، پيهان پيهہ، رش ۽ هماهمي ايڏي تہ هئي جو، بنگلي جي ڪرڻ جا وسوسا، خدشا ۽ نديشا پيدا ٿي ويا. ڪيترن خيرخواهن ۽ بهي خواهن با آواز بلند ائين بہ چيو تہ "بابا! ماڻهن تي ضابطو رکايو. ورنہ اهي بنگلو ڪيرائي ڇڏيندا!!" جنهن تي جذبات ۾ ايندي، مون ڪين جواب ڏنو تہ "بنگلو نہ توهان ٺهرايو آهي، نڪوئي توهان جي بابي ۽ نہ وري منهنجي ئي بابي جو ٺهرايل آهي. اهو منهنجو ئي ٺهرايل آهي. اگر ڀڄي، پري ۽ ڪري پيو، تہ يار تان صدقو سمجهنداسين."

بلآخر، راڳ رنگ لاءِ انتظار ڪندڙ انتظارين جو انتظار پورو ڪندي، محفل موسيقي شروع ڪئي ويئي. سڀ کان پهرين منهنجي فنڪار ڪلاڪار ۽ گتڪار دوست، ماسٽر جتي بخش، جي آندل خوش پوش، خوش لباس، خوشنما، خوش آواز، نفسانيت کي بيدار ڪندڙ حسين، ماه جبين، معصوم ۽ نوخيز ڇوڪريءَ کي، پنهنجي فن جي مظاهري ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو- جيڪا، ٿورن ڏينهن لاءِ، لاهور مان پنهنجن مٽن مائٽن، عزيزن قريبن ۽ سرتين سهيلين سان ملڻ خاطر حيدرآباد آيل هئي. جنهن کي، ماسٽر جتي بخش خاص طور تي هن محفل موسيقيءَ لاءِ نهايت موزون سمجهي، گهڻي پيار محبت، هيل حجت ۽ عزت آفزائيءَ سان هتي آندو ويو هو. جنهن جي مٺي، سريلي، رسيلي، نسواني آواز، راڳ جي پختگي ۽ خوش الحاني حاضرين سامعينن ۽ ٻڌندڙن تي ڪافي گهرو اثر ڇڏيو. جنهن، موجوده دور جي انتهائي مشهور و معروف مغنيہ "ناهيد اختر" وانگر، "غالب" ۽ "اقبال" جا عشقيہ و فلسفيانہ غزل ساحرانہ معصومي انداز ۾ ڳايا. مون کي افسوس سان لکڻو ٿو چوي تہ اُنهي ڇوڪريءَ جو نالو مون کي هن وقت ياد ڪونهي ۽ ماسٽر جتي بخش بہ هن دارلافانيءَ مان دارلبقا ڏانهن روانو ٿي ويو آهي. ورنہ ڪانئس معلوم ڪري سگهجي ها. شائقين مجلسين داد تحسين سان گڏ، ڪيس بي تحاشا انعام اڪرام ڏيئي خوب نوازيو.

تنهن کان پوءِ، اوچتو آيل ناچُو فنڪار، سليمان شاه کي وارو ڏنو ويو. جنهن پنهنجي نرالي ناچوڙي انگ، رنگ ۽ ڍنگ ۾، علمداريءَ کان ڏور، عطا ٿيل ناچ پيش ڪري، انعام اڪرام حاصل ڪيا. جنهن کان پوءِ وري بہ ماسٽر جتي بخش جي الف- ب کان باقاعده سيکاريل گت، توڙي ڪلاسيڪل ڊانس پيش ڪيو ويو. فنڪار جو نالو "نسيم" هو. سائس طبلي تي ساٿ سنگت بہ سندس باڪمال اُستاد ماسٽر جتي بخش ئي ڪئي. جنهن جي طبلي جي بولن سان ملندڙ پيرن جا

چمڪارا نڪتا ٿي- مثلا، جهڙا طبلي جا ٻول، اهڙائي ساڳيا اکر پيرن مان ٿي اُچاريـ
ويا. اهو ڊانس، ڪيترن ئي نمونن، جن ۾ پڳوان جي آرتي، عشق ديوتا ڪيوپڊ جو
تيرڪمان، شومهاديو جو تانڊو ناچ، پاربتيءَ جي سڀاجهڙائي، ڪرشن جي بنسري
راڌي جو پريم پيار، يشوڌارا جو سوڪنانه ساڙ، ۽ نرتڪي جي نرتڪاري پيش ڪيـ
ويو، جنهن سڄيءَ محفل کي مسحور ۽ متحير ڪري ڇڏيو. ڪيترين ئي جاين تـ
ڪلائيميڪس تي پهچي، واه واه جا داد، تاڙيون ۽ ڪلئپس حاصل ڪيائين.

باقي منهنجن سنڌي فنڪارن، جيڪي هفتي کان وٺي ريهرسل ۽ مشقو
ڪندا، سڄي شهر ۾ هوبو مچائيندا رهيا، تن جو برو حال هو. ڇاڪاڻ تہ، ڪثرت
مٿي نوشيءَ جي ڪري، مستيءَ، سرشاريءَ ۽ مخموريءَ کان مٿي بدمست، مدهوش
غافل ۽ بيهوش هئا. جن ٻيڙين واري جلوس ۾، لالچ ۽ هيچ ڪندي، اُجايلن
سڪايلن وانگر، مُفت جو مال قاضيءَ کي بہ حلال، سمجهندي، ايڏو تہ نشو پتـ
ڪيو، جو پراڻي مقولي "اک نہ ڏسي گوڏي کي" جيان، بي سُڌ ۽ بي حال ٿي ويـ
هئا. تنهنڪري، اُنهيءَ محفل ۾ پنهنجو ڪوبہ انگ، رنگ ۽ ڍنگ پيش ڪري
سگهيا. سڄو سڄو وقت پاڻ ۾ هڪٻئي سان وڙهندا ئي رهيا. سندن آوا
گهنگهجي ويل هو. طبلا، ڍولڪيون، مردنگون ۽ مغرمان گهٽو وڄائڻ ڪري هـ
سڄي پيا هين. نشي ۾ گ گ گ، م م م، ڪ ڪ ڪ، ک ک ک، ت ت ت تـ
ڪندي نشاين وانگر پني ڳالهايائون. اسان جو بين الاقوامي راڳ جو ڄاڻو "بلاو
بيلجم" تہ ماڳهين چاقو ڪولي، ائين چوندي، سليمان شاه تي وار ڪرڻ آيو، تہ "تو
اوچتو اچي، رنگ ۾ پنگ وجهي، اُنائي گير، لليجو ۽ شعبده باز بڻجي، ڪوڙو ڏ
پيش ڪري، اسان جا انعام اڪرام تڳائي ڪٽي ويو آهين. اُهي اسان کي هڪد
واري ڏي. ورنہ! ياد رک، توکي ماري ڇڏيندا سين." اهو فيصلو جنهن وقت مو
اڳيان پيش ٿيو، اُنهي وقت آءٌ بہ مخموريءَ ۽ سرشاريءَ ۾ هيس. پر، تنهن هوندي
هوش سنڀاليندي، حواس يڪجا رکندي، اِنهن انعامن اڪرامن ۾ مليل پيسن ما
بلاول بيلجم ۽ سندس پارٽيءَ کي اڌ ڏيارِيندي، باقي وڌيڪ لاءِ پنهنجن ڪيسن م
سندس پورائو ڪندي، ڪين خوش ڪيم.

تنهن کان اڳ، راڳ رنگ واري اها محفل ختم ٿيڻ کان پوءِ، خُر و نوش
دور دورو شروع ٿي ويل هو. جيڪو. ڪيترن ئي قسمن جي طعامن ۾، ٽيبل
لڳايل هو. جن ۾، تتر، ڪڪڙ، پڪل گوشت، سڄا سڄا تندور ٽيل چيلا، طر
طرحين قسمن جي اچن، ڳاڙهن ٻوڙن، ڪوفتن، ڪبابن، ڪٽليسن، ڪورمن، پُلاو
زردن ۽ سوئيٽ ڊشن تي مشتمل هئا. جيئن تہ اها ڊنر بُوفي هئي، تنهنڪري، هر
مهمان پنهنجي پنهنجي پسند جو ڪاڏو ڪٽي، الڳ الڳ جدا جدا ڪرسين ڪوچن
ويهي يا تہ وري بيٺي بيٺي کائي رهيو هو. اهڙيءَ طرح سان اها راڳ رنگ وا
سحر آفرين ثقافتي ۽ خُر و نوش جي دلپسند چٽپٽي رنگين محفل، منهنجي پيار

دل واري، عزيز ترين دوست نوابزادي ڄام انور علي خان جي خلوص صداقت، پيار محبت، عظمت عقيدت، عزت افزائيءَ ۽ اعزاز ۾ بخير و خوبي ڪاميابيءَ ۽ ڪامرانيءَ سان پوري ٿي. تنهن کان پوءِ، بمصداق "نرنا جر جي، پڇي ڪيو وڃي پنهنجي گهر جي" ، موڪلاڻ جي غل غپاڙي، موٽرن جي هارن، ٽان ٽون ڦون ڦان شون شان ۾ منتشر ٿي، رستن تي ڦهلجي ويا. باقي ڪي وري وڃايل بسترن تي سمهي رهيا. جن کي صبح سويري، سج جي ڪرڻن، ڪانگن جي ڪان ڪان ۽ پکين جي ٻولين، ننڊ مان بيدار ڪري اُتاريو.

اُهي آيل مهمان، جيڪي سون جي تعداد ۾ هئا، تن مان وسريل ياداشتن کي ياد ڪندي، جيڪي مختصر طور ياد آيا اٿم، تن جا نالا هتي هيٺ ڏيان ٿو. نوابزاده ڄام انور علي خان، نوابزاده ڄام سبب علي خان، ڄام رسول بخش خان، شاهنواز خان جوڻيجو ۽ ٻيا ڪي جوڻيجا، ڏيرو فقير، پيرو وڪيل، شمون وڪيل، قاضي سچيڏنو، سندس ڀاءُ هيلٿ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر قاضي، عبدالرحيم عقيلي، مير سليم انڊووڪيٽ، ادو ارباب حاجي جمال الدين، عبدالحڪيم ڪوسو وڪيل، محمد خان چيڙ عرف "محمدي" ، ڊاڪٽر صديقي، لالہ نورالدين مالڪ منجيسٽڪ سنيما حيدرآباد، شفيع سيٺ مالڪ رٽز هوٽل حيدرآباد، علي بخش انصاري، ابراهيم ڀائي باس فاضل ڀائي ليٽيڊ، محمد يوسف ڪئميرا مئن برٽش هاءِ ڪمشنري ڪراچي، سندس مامون، وغيره، تنهن کان سواءِ ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، ٽنڊي آدم ۽ شهدادپور جا ٻيا به ڪيترائي دوست پڻ آيل هئا، جن جا نالا هن وقت ذهن تي نہ اچي سگهيا آهن. انهن کان سواءِ، مقامي ڪامورا ۽ لوڪل آفيسر به انهيءَ محفل ۾ شريڪ هئا.

اهڙيءَ طرح سان اها يار دلدار پروقار جي اعزاز ۾، آسمانن تائين پهچندڙ پارٽي، پاڻيءَ جي وهڪري ۾ وهندي، مادر گيتيءَ کي روشن ۽ منور ڪندي، خوشنودي، خوشنمائي ۽ خوابيده دنيا ڏيکاريندي، فقط هڪ ڪاميابي نہ پر ڪيترين ئي ڪاميابين سان همڪنار ٿيندي، اختتام پذير ٿي.

لاهور اسيمبليءَ ۾ لا..... هور

مٿئين مضمون جو سين ڊراپ ڪري، وائيپ لڳائي، اسيمبلي بلڊنگ لاهور پهچون ٿا. اهو وائيپ W اڪر فلمي دنيا مان حاصل ڪيل آهي، جيڪو هڪڙي منظر ۽ سين کي ٻئي سين سان تڪڙو تڪڙو ملائڻ جو معجزو رکي ٿو- جيئن ڪنهن ڪتاب جو ورق ورائي، ٻئي صفحي تي پهچي، ڪنهن ملندڙ جلندڙ مضمون تي اکيون نچاور ٿي ويندیون آهن.

انهي فلمي دنيا جا مون تي تمام گهڻا ٿورا ۽ احسان آهن. جنهن مون کي منظرڪشي ڏيکاري ۽ ڪردارنگاري سيکاري. جنهن سان آءٌ مختلف ڪردارن جي

نفسيات کي محسوس ڪندي، سندن عادات اطوار پرکي، پروڙي، سوچي سمجهي، ڄاڻي ۽ سڃاڻي سگهان ٿو. تنهن سان گڏ، رومانوي پيدائش جي ڪري، رومانس سان ناتا جوڙي، رومانوي بڻجي، دنياوي سفر شروع ڪيم. اڄ به رگ وَپٽي ۾، سراپا رومانس سمايل ۽ پريل آهي. اهو رومانس ئي هن ڪتاب لکرائڻ ۾ موجد، مددگار ۽ اُستاد آهي.

"عشق مون استاد ٿيئڙو، جنهن پڙهايو بره باب،
وڃ ڪٽي قاضي وري، پنهنجن قصن جا هي ڪتاب."

پر، آءٌ ته هينئن چوندس ته "عشق مون استاد ٿيئڙو، جنهن (بره باب سان گڏ) لکايو هيءُ ڪتاب!" تنهن کان سواءِ جيتوڻيڪ آءٌ "ڪُن فيڪون" کان اها رومانوي ۽ عاشقانه طبيعت ڪٽي، احساس کي ساڻ ڪري، تولد ٿيو هيس، پر انهيءَ ۾ فلمي دنيا جي فنڪارانه ۽ اديبانه زندگيءَ جي گهڻي سهائتا، مدد ۽ سپورٽ حاصل آهي، جنهن انساني شعور ڏيندي، ڪيئي ارتقائي منزلون حاصل ڪرايون.

"آدمی بنتا هے بڑی مشکل سے،
مشکليں هوتی هيں آسان، بڑي مشکل سي."

قصو هليو پئي "وائيپ" اکر جي معنيٰ ۽ ترجمانيءَ جو، ته وڃي رومانوي، ارتقائي ۽ فلمي دنيا جي احسانن ۾ پياسين. وائيپ Wipe اکر جي ترجمانيءَ کان پوءِ، هاڻي وري اچون ٿا سندس معجزي تي، جنهن اسان کي لاهور واريءَ اسيمبلي بلڊنگ تائين پهچايو.

هيڏي ساري سفر طئي ڪرڻ واري داستان کي في الحال مهمل ڪندي، سڀ کان پهرين، انهيءَ اسيمبلي بلڊنگ جي حالت ۽ ڪيفيت بيان ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪا وسيع و عريض خطئه ايراضيءَ تي مشتمل سهڻن، شاندار، پروقار، خوبصورت باغ باغيچن، خوشنما پارڪن، ڇهرن جي وڏن وڏن لانن، گلڪارين ۽ وڻڪار جي وچ ۾، نهايت رعب، دبدبي ۽ ڪر و فر سان بيٺل هئي، جنهن جي چوطرف، ڪارپيٽ ٽيل وڏا وڏا رستا هئا، جن کي رهڙ جا رستا به چئي سگهجي ٿو، پر انهيءَ محل نما اسيمبلي بلڊنگ جو اندريون حصو ننڍين ننڍين ڪيبن نما چبوترن ۾ ورهايل ۽ تقسيم ٽيل ڏسڻ ۾ آيو. اهي ننڍيون ننڍيون ڪيبنون، چپ بورڊ، پلائي وڊ ۽ ميسونائيٽ جي شيٽس مان تيار ٽيل هيون. جن ۾ اسان جي جمهوري دور جا جمهوري وزير صاحبان براجمان ٿي، هن ارض مقدس جي مقدر جون ڳٺيون سُلجهائينداءِ سنوارينداءِ رهيا ٿي. تنهن سان گڏ، سندن پارليامينٽري سيڪريٽري ۽ ۽ پرسنل اسسٽنٽ به ڪانئن رتبي ۾ ڪنهن به حالت ۾ گهٽ درجي ۽ اهميت جا نه هئا- اجان به جيڪڏهن بغور ڏسجي ته ٿُوڪ شُوڪ، آڪڙڦون، قاعدي قانون ۽ طاقت جي توازن قائم رکڻ ۾ به ڪين خاص اهميت حاصل هئي، جنهن

ڪري، سياه و سفيد جا مالڪ بڻجي، وزارتي ڦيٽي کي ڦيرائيندي، چڪر هلائيندا رهيا ٿي.

وزير صاحبن وٽ، مملڪت خداداد مان چونڊجي آيل ميمبرن، سياسي ليڊرن ۽ خودغرض سفارشي ورڪرن جا هجوم هوندا هئا، تہ ٻئي پاسي سيڪريٽري صاحبن ۽ پي- اي صاحبن وٽ وري سندن ڪاميابيءَ جي چابي هٿ ڪري، مقدرن جا فيصلا ٿيندا هئا. ڪپاڙخانن، جامع ڪلاٿ ۽ مچي مارڪيٽ وانگر، هر وقت هزارين ماڻهن جو اُتي هجوم نظر آيو ٿي. جن مان ڪي پنهنجي مقدر تي نازان ۽ خندان تہ ڪي وري نالان پريشان، هاريل جوارين وانگر خستہ ۽ پريشان نظر ٿي آيا.

اڄ، انهيءَ اسيمبلي بلڊنگ ۾، "ون يونٽ" هٽڻ ڪري، چئني صوبن پنجاب، سنڌ، سرحد ۽ بلوچستان جي قسمت ۽ مقدر جا فيصلا ٿيندا رهيا ٿي. آءٌ نهيءَ جاءِ تي پهچي، وائڙن وانگر وات ڦاڙيو هر ڪنهن جو منهن تڪيندو رهيس، تہ ڀيتري ۾ ڄام صاحب اسيمبلي هال مان هيٺ لهي، انهيءَ شور غوغا، هُل هوبي ڀاريءَ جاءِ تي پهچي، ملي، پاڪر پائي ڪيفي ٽيريا ۾ وٺي ويو، جتي گڏجي چانهہ پيتيسين. اهو شايد وقفي، رسيس يا انٽرول جو وقت هو. جتي ٻيا بہ ڪيئي ميمبر صاحبان چانهہ وغيره پي رهيا هئا. تنهن کان پوءِ، جلدئي فراغت حاصل ڪري، لفٽ ۾ سوار ٿي، اسيمبلي حال واري مٿئين طبقي تي پهچي، مون کي گورنر يا اسپيڪر ڀاريءَ گئلريءَ ۾ ويهاري، پاڻ خود وري اسيمبلي هال ۾ هيٺ لهي آيو. ٿوري ئي وقت اندر، اسپيڪر صاحب اسٽيج تي پيل پنهنجي نشست حاصل ڪئي. ٻيا وزير صاحبان بہ پنهنجين پنهنجين سيٽن تي براجمان ٿيا، تہ ٻئي پاسي چونڊجي آيل سڀني ميمبر صاحبن بہ پنهنجيون پنهنجيون جايون والاريون. جن مان ڪي سرڪاري بينچن تي ويٺا تہ ڪن وري مخالف ڌر جي بينچن تي پڌرايو. اسپيڪر گهنٽي وڄائي، اجلاس جي ڪارروائي شروع ڪئي. سرڪاري ڌر جي وزيرن ڇپيل پمفليٽ ڪڍي، پروليوشن، ٺهرائن ۽ بلن جي پڙهڻي شروع ڪئي. جنهن تي مخالف ڌر وارا، نڪتہ بينيون ڪري، ڪيئي اعتراض ڪندا رهيا. جن ۾ خاص طور علامہ ارشد، جناب مزو ۽ جناب خواجہ صفدر پيش پيش هئا.

طرفين جي نوڪ جهوڪ بيحد دلچسپيءَ جو باعث بني رهي. جنهن جو حظ ۽ لطف اسين بہ حاصل ڪندا رهياسين. پر، جيئن تہ اسان جي پيش نظر ڪيئي ڪشش، دل آويز، مسحور ڪن، چٽپٽا ۽ رنگين پروگرام هئا، تنهنڪري جڏهن ڄام صاحب کي اسيمبلي هال مان ٻاهر نڪرندو ڏٺم، جيڪو، سرڪاري بينچن تي ٻئل هو، تہ آءٌ بہ لفٽ تائين رسائي حاصل ڪري، فرسٽ فلور تي پهچي ويس، جتي وزير صاحبان ڪئبن نما چبوترن ۾ ويهندا هئا- جن جو تفصيلوار اڳي ئي ذڪر ڪري ڪو آهيان.

ڄام صاحب کي، ڪٺهڙي دار چاڙهيءَ جي پرسان، ڪن ٻين بيٺل دوستن

سان نوڪ جهوڪ ڪندي، پنهنجو منتظر پاتم. ساڻس ملندي ئي، ڏاڪڻ هيٺ لهي، گرائونڊ فلور تي پهچي، وري هڪڙي ٻي وڏي پٽريليءَ ڏاڪڻ جا ڏاڪا هيٺ لهي، موٽر ۾ سوار ٿي، نهايت وڏي ڪالهيج نما "پارڪ هوٽل" ۾ پهتاسين، جيڪا اسان جي رهائش گاهه هئي. اسان جي ٻُڪ ٽيل فلٽ نما سُوٽ ۾، جيڪو گرائونڊ فلور تي ئي هو، ڄام صاحب جا چند محدود رومانوي دوست، پيغام رسان، پيامبر، قاصد ۽ تن سان گڏ ڪي منهنجا شاعر، اديب ۽ فنڪار دوست به انتظاري هئا، جيڪي هميشه پيار محبت، خلوص صداقت، دلبستگيءَ ۽ جذبات سان، لاهور پهچڻ لاءِ منتظر ۽ بيقرار هوندا هئا، ۽ منهنجي پهچڻ بعد خاطر و مدارات ۾ ڪيئي دعوتون، فنڪشن، مشاعرا ۽ اديبانه محفلون ۽ مجلسون منعقد ڪندي، بهلائڻ، وندرائڻ ۽ خوش ڪرڻ جو اهتمام ڪندا هئا.

هونءَ ته اهڙا ڪيئي رنگ ڍنگ ٿيندا رهيا. پر هڪڙي ڀيري انهن پيارن دلوارن، اديبن، شاعرن، فنڪارن ۽ صحافين، شاهنور فلم اسٽوڊيو ملتان روڊ اندر، منهنجي اعزاز ۾ "گارڊن پارٽيءَ" جو شاندار اهتمام ڪري، چيده چيده ۽ چُنيده شخصيتن، اديبن، آرٽسٽن، شاعرن، فنڪارن ۽ معززين کي ڇپيل دعوت نامن سان مدعو ڪيو. جنهن جي فوٽو ڪاپي نموني طور هتي پڻ هيٺ ڏجي ٿي. جنهن ۾، اسٽل فوٽو گرافيءَ سان گڏ، اُنهيءَ رنگارنگ تقريب جي مووي فلم پڻ ڪڍي ويئي هئي. جنهن ۾ منهنجو تعارف محترم طفيل احمد "جمالي" مرحوم سابق ايڊيٽر "مشرق" ڪراچي، نهايت اديبانه انداز ۽ ظرافتي رنگ ڍنگ سان ڪرايو. جنهن تي سامعين بيحد محظوظ ۽ محفوظ ٿيا. شاهنور فلم اسٽوڊيو جي مالڪ ۽ منهنجي پراڻي واقفڪار محترم شوڪت حسين رضويءَ به، پنهنجي مخصوص انداز ۾، آءُ پڳٽ ۽ آجيان ڪئي. مون پنهنجي مانَ ۾ چيل تعريفي ڪلماتن جي جواب ۾، سڀني ميزبانن خواه مهمانن جو شڪريو ادا ڪيو، جن مون کي ايتري اهميت ۽ افاديت ڏني. اُنهيءَ پارٽيءَ جي ميزبانن جا نالا هيٺ ڏيان ٿو:

۱، جناب ايس- اي- رحمان صاحب، "پاڪستاب ٽائيمس". ۲، جناب علي سُفيان "آفاقي" صاحب، اديب، رائيٽر ۽ موجوده وقت جو نامور مصنف، فلمساز ۽ هدايتڪار ۽ اُنهي وقت جي مشهور اردو روزنامه "آفاق" جو ايڊيٽر. ۳، مشهور و معروف فلمساز، هدايتڪار "لقمان" جنهن ڪيترين ئي فلمون ڊائريڪٽ ڪيون، جن مان اڪثر ڪامياب ٿيون. ۴، منهنجو پياري ۾ پيارو سفري ساٿي ۽ رفيق ۽ دوست "تنوير" نقوي، جنهن، شاعريءَ ۾ نئون پَٽو ۽ جدت پيدا ڪري، انقلاب آڻي، نئون رنگ ڏنو.

منهنجي اعزاز ۾ ڏنل اها شاندار ۽ پُرتڪلف پارٽي نهايت خوش اسلوبيءَ ۽ خوبصورتيءَ سان اختتام پذير ٿي. هونئن ته ٻيون به ڪيئي ننڍيون وڏيون پارٽيون هميشه ٿينديون رهنديون هيون، جن ۾ اڪثر ڪري اديب، دانشور، شاعر، فلاسافر،

صحافي ۽ فنڪار شريڪ هوندا هئا. جيڪي، "تنوير" صاحب جي "ادب ڪدہ" تي، جامن سان جام ٽڪرائيندي، چرچا گهڻا، ڪِل مسخريون، خوش گپيون ڪندي ۽ هڪ ٻئي کي گاريون ڏيندي، گذرنديون هيون. جن تي مون کي شديد اعتراض هوندو هو ۽ ڪين چوندو هئس تہ "توهان جون ادبي صلاحيتون ٻڌي ۽ لکيل ڪتاب ۽ مضمون پڙهي، داناءِ راز سمجهي، توهان کي وڏي اهميت ڏيندا هئاسين. پر اوهان جي روبرو واري گالي گلوچ ۽ گار گند ڏسي، اُهي خيال ڪافور ٿي وڃن ٿا، جيڪي اسان جي دل دماغ ۽ ذهن ۾ محفوظ هوندا هئا." جنهن تي پاڻ وري جواب ڏيندي، ائين چوندا هئا تہ:

> "بلوچ صاحب! سارا سارا دن معاش کی پورائی کیلئے، نجانے کتنے خرافات جهیلتے رهتے هیں. کتنے هی بے ذوقوں سے پالا پڑتا هے. کتنی هی خلاف طبع باتیں برداشت کرتے هیں اور احساس کی آگ میں جلنا پڑتا هے. اور پهر یه شام هی هے، جب هم وضع قطع دوست مل کر، جاموں سے جام ٹکرا کے، دن بهر کے سفر کی کثافت، مسافت اور تهکاوٹ کو دور کرنے اور خود کي هلکا پهلکا بنانے کیلئے هی، ایک دوسرے کو گالی گلوچ دیکر اپنے دل کي بهڑاسیں نکالتے هیں، تو کونسا بُرا هوتا هے؟"

سندن انهي جواب تي اطمينان محسوس نہ ڪندي، ڪين وري بہ چوندو هيس تہ:

> "هن مجلس ۾ علي سُفيان آفاقي، ابراهيم جليس، ۽ طفيل احمد جماليءَ جهڙا سُخن ور ۽ سُخن فهم اديب بہ موجود آهن، جن جي گفتگو، بدلہ سنجي، مذاق ۽ ظرافت بہ ڪيڏي نہ شائستہ، شانائتي ۽ سنجيده آهي! جنهن ۾ ادب آهي تہ اخلاق بہ، طنز آهي تہ مزاح بہ، پر فقط اوهين پنجابي ۽ لاهور جي ماحول ۾ پرورش پائڻ وارا ئي ڪثافت ۾ اچي هڪٻئي کي گارگند ڪريو ٿا."

پر، جيئن تہ اُنهي سرشاريءَ، مخموريءَ ۽ مستيءَ واريءَ محفل ۾، هرڪو ٻُڌي آڻ ٻڌي ڪندي، پنهنجي ئي ٻڌائيندو رهيو، تنهنڪري اسين بہ سندن ئي جهڙا ٿي ٿي وياسين، ۽ سندن ٻڌندي بہ، پنهنجي ئي ٻڌائيندا ٿي رهياسين.

هائي، هتي وري اُهو حال احوال ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ لاهور پهچڻ وارو اهو ڇهن ستن سَوَن ميلن جو مفاصلو، جيڪو گهوڙن، گڏهن، اُنٽن، خچرن ۽ پياده، مهينن ۽ سالن ۾ پورو ٿيندو هو، جنهن کان پوءِ روڊن، رستن، موٽرن ۽ ريلن انهي طويل مسافت کي ڏينهن ۾ طئي ڪرڻ شروع ڪيو، جنهن کان پوءِ وري اوائلي دور جي هوائي جهازن ڏينهن کي ڪلاڪن ۾ تبديل ڪيو، ۽ سُپرسانڪ جديد قسم جي هوائي جهاز بہ بن اڀائي ڪلاڪن کان اڳي ڪونہ ٿي پهچايو، پر موجوده دور جي

جديد ترين جمبُوجيٽ، ڪراچيءَ مان ڪٽي، هڪڙي ڪلاڪ اندر لاهور ۾ اُچلائي ڇڏيو! لاهور ايئرپورٽ تي، ڄام صاحب جي دوستن جون ڪيئي ڪارون منتظر هيون، جن ۾ سوار ٿي، اُنهيءَ "پارڪ هوٽل" ۾ اچي اُهو ساڳيو سوٽ حاصل ڪري، قيام پذير ٿياسين، جتي اسيمبلي هال مان نڪري اڄ پهتا هئاسين.

ڄام صاحب فطرتاً ٻئي کي اڳيان ڪندي، پاڻ نهايت پولو پالو، معصوم، اٽڄاڻ غيرتجربيڪار بڻجي، ٻئي جي سرخروئي ۽ همنوائيءَ ۾ پاڻ کي اربڻ جو عادي آهي. تنهنڪري هميشه اڳلي کي خوش ڪرڻ خاطر راهنما بڻائي، ڪانئس رهنمائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ورنه، پاڻ به فهم و فراست، دنياداريءَ جي لاهن چاڙهن، پارليامينٽري عاداتن اطوارن ۾ ڪنهن ٻئي کان ڪهڙيءَ به حالت ۾ هرگز گهٽ نه آهي. اها سندس ڪسر نفسي ئي آهي جو پاڻ کي گهٽ ڪري، ٻئي کي وڌائڻ ۾ ئي مزي ماڻڻ جو مزو ماڻيندو ۽ لطف اندوز ٿيندو رهندو آهي. مون کي به محض انهيءَ خيال کان لاهور وڃي اچڻ جو شرف باريابي بخشيو هئائين ته "تون ڪيئي اليڪشنون وڙهي چڪو آهين، سياست جو پراڻو تجربو اٿيئي، سيمي- گورنمينٽ جو پريزيڊنٽ بڻجي، ڪيئي قاعدا قانون ناهي، نهراءَ ۽ بل بحال ڪري چڪو آهين، ۽ نهرائن، ريزوليشن ۽ بلن جي چڱيءَ طرح پرک پروڙ ۽ ڄاڻ اٿيئي، تنهنڪري توهان جي مدد ۽ مشورن جي وقت بوقت ضرورت رهندي: تنهن سان گڏ هم خيال، هم طبع، هم وضع قطع، هم جليس، دوست ۽ يار به آهين- تنهنڪري "خوب گذري گي، جو مل بيٺهنگے ديوانے دو."

لاهور پهچڻ کان پوءِ، اوائلي ۽ شروعاتي دور، يارن دوستارن، پيارن دلوارن ۽ فنڪارن سان ميل ميلاپ ۽ رابطو قائم رکندي، اسيمبليءَ مان چڇجي پهتل پمفلٽن وارن ريزيوليشنن، نهرائن ۽ بلن تي غور ڪري، موافقت ۽ مخالفت ۾ تبصرو ۽ تنقيدون ڪرڻ لاءِ مواد لکي، گڏ ڪري، ڄام صاحب جي حوالي ڪيم، ته جيئن اسيمبليءَ ۾ هلي، دونهان ڌار تقريرن ڪري، پنهنجين خداداد صلاحيتن، اعليٰ قابليت ۽ دانشوريءَ جو سڪو ڄمائي، داد تحسين حاصل ڪري سگهي. پر ڏٺم ته منهنجي اها سڄي محنت، مشقت ۽ جاکوڙ رائيگان، اڪارت ۽ اجائي ويئي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سڄو وقت نسوانيت جي نينهن نيائڻ خاطر، تلاش حسن ۾، حيرت زده ئي رهيو. تنهنڪري آءٌ به، فقط يار جي ياريءَ سان واسطو رکندي، ازل کان رومانوي طبيعت هئڻ ڪري، ساڻس گڏ، تلاش- بُتان ڪندي، حسن جي حضور ۾ سجده ريزيءَ ۾ ئي عافيت محسوس ڪري، پنهنجن اديب، شاعر، صحافي ۽ فنڪار دوستن سان لنئون لڳائيندو رهيس، جن ۾ پيارو "تنوير" نقوي، مرزا "اديب"، "ظهير" ڪاشميري، "ولي" صاحب، علي سفيان "آفاقي"، پاڪستان ٽائيمس جو رحمان صاحب، فلمڪار ۽ اداڪار ۽ ڪامنٽيٽر "جعفري"، ابراهيم "جليس"، پنجابي زبان جو مشهور و معروف انقلابي شاعر استاد "دامن" ۽ "ڪليم" عثمانيءَ جهڙن

اديب ۽ شاعر دوستن سان گڏ، فلمساز ۽ هدايتڪار "ضيا" سرحدي، فلمساز ۽ هدايتڪار "لقمان"، فلم ڊائريڪٽر جناب خليل قيصر، ڪيريڪٽر ايڪٽر علاوالدين، هيرو "حبيب" ۽ اداڪار ۽ ڪهاڻيڪار "سڪندر" سان ئي محفلون ۽ مجلسون رهيون. انهن هم طبع هم خيال دوستن، مون کي وندرائڻ، بهلائڻ ۽ خوش ڪرڻ ۾، ڪابہ گهٽتائي ۽ ڪمي باقي نہ رکي. سڄا سڄا ڏينهن ۽ سڄيون، سڄيون راتيون، انهن اديبن، شاعرن ۽ صحافين سان گڏ، ادب جي جستجو، ڳولا ڦولا، پرچار ۽ تبصرن ۾ ئي گذرنديون رهيون. تنهن کان سواءِ، ڪڏهن ڪڏهن، لا... هور جون تتريون، تتليون ۽ پنوٽريون پڙڪا ڏيئي، پنيورين وانگر سڌي ڪائي ڏسيو وهنديون ۽ اُڏامنديون رهيون. جن جي "هور.... لا!" لاءِ اسان بہ ڪا ڪمي بيشي ۽ ڪوتاهي نہ ڪئي. هر وقت هر لمحي سندن حڪم بجا آڻيندا ۽ فرمائشون پوريون ڪندا رهياسين. ڄامر صاحب تہ اڳي ئي پنهنجي طلسماتي ڪائنات ۾ مگن، مست ۽ سرشار هو.

لاهور جا اهي پندرهن ويهہ ڏينهن، منهنجين ياداشتن ۾ اهم ۽ يادگار ياداشتون بڻجي يادَ آهن. جن کي، هن "ڪيئي ڪتاب" لاءِ، نذراني طور پيش ڪري رهيو آهيان. تنهن کان پوءِ وري ڄامر صاحب کي انهيءَ جاري ۽ هلندڙ اسيمبلي سيشن جي حوالي ڪري، يارن دوستارن، پيارن دلوارن، اديبن شاعرن، فنڪارن ۽ ڪلاڪارن کان موڪلائي، رخصت حاصل ڪري، لاهور ايئرپورٽ تان سُپرسانڪ طياري ۾ بڪ ڪيل سيٽ حاصل ڪري، ايئرهوسٽيس کي ساقي بڻائي، مستيءَ، مخموريءَ ۽ سرشاريءَ ۾، سادي ڏهين بجي رات جو ڪراچي ايئرپورٽ تي لٿس. جتي اتفاقاً غيبي امداد وانگر ٽيڪسي ڪار ملي ويئي. جنهن ۾ سوار ٿي، سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي لڳ گورا قبرستان، خانبهادر مير علي مدد خان ٽالپر ميرپورخاص واري جي ماڊرن ۽ جديد بنگلي تي پهتس، جتي محمد عيسيٰ نظاماڻي، ريڊيو نيوز آفيسر، پنهنجن ذاتي تعلقاتن جي بنا تي رهائش پذير هو.

دروازي تي پهچي، گهٽن سڏن، هوڪن ۽ موٽر جي هارن وڄائڻ کان پوءِ، انهي بنگلي جي چوڪيدار، مينهل، اچي دروازو کولييو. جيڪو بنگلي جي انيڪسيءَ هيٺيان، موٽر گئريج جي پر واري سرونٽ ڪوارٽر ۾ رهندو هو. منهنجي آواز ٻڌڻ تي، محمد عيسيٰ نظاماڻي بہ گوڏ ۽ گنجيءَ ۾ نڪري نروار ٿيو. ملندي ئي وڏا وڏا پاڪر پائي، پنهنجي ڪمري مٿان ماڙيءَ تي، سجيل سجايل شاندار ڪمري ۾ رهايائين. تنهن کان پوءِ، ڪجهہ وقت رهاڻ رس ڪندي، گپاگشا هڻندي، آرام پذير ٿيس. ڏنر تہ رات جو هوائي جهاز ۾، خوبصورت ايئرهوسٽيس، ساقي گِريءَ سان گڏئي، ڪارائي چڏي هئي.

جڏهن اُپريو لکن جو ڏاتار، تہ موٽر حاصل ڪرڻ جو پرابلم پيدا ٿيو، جنهن ۾ سوار ٿي، ٻچن ٻارن لاءِ ڪجهہ خريداري ۽ شاپنگ ڪندي، سٽي اسٽيشن تي

پهچڻو هو. اڃان انهيءَ سوچ ويچار ۾ ئي هئاسين تہ سامهون واري بنگلي مان، مير محمد خان ٽالپر ٽندي ڄام واري ڪي، موٽر اسٽارٽ ڪندي ڏٺوسين. جنهن بہ اسان کي ڏسي، پري کان هٿ ٻڌي وش ڪئي. اسان تہ انهي تلاش ۾ ئي هئاسين. محمد عيسيٰ نظاماڻي ڪيس لفٽ ڏيڻ لاءِ گذارش ڪئي. جيڪا، هُن نهايت خنده پيشانيءَ سان قبول ڪندي، موٽر آڻي اسان وٽ بيهاري. جنهن ۾ سامان رکي، سوار ٿي، محمد عيسيٰ کان موڪلاڻي، هوٽل ميٽروپول پهتس. جتان پنهنجي لاءِ، خاص نجي ٽڪيسي ڪار حاصل ڪري، مير محمد خان ٽالپر جا ٿورا ۽ احسان مجي، ڪانئس موڪلاڻي، خريداريءَ خاطر ايلفنسٽن اسٽريٽ ۽ وڪٽوريا روڊ ڏانهن روانو ٿيس. حالانڪ مير محمد خان ٽالپر، ٽرين ۾ سوار ٿيڻ تائين، پنهنجون خدمتون منهنجي حوالي ڪري چڪو هو. پر مون ذميدارين ۽ احساس کي مدنظر رکندي، ڪيس نهايت خوش اسلوبيءَ سان اجازت ڏني. ڇاڪاڻ تہ شهري زندگيءَ ۾ هرڪنهن کي پنهنجا پنهنجا مخصوص پروگرام هوندا آهن.

آءٌ ٻچن ٻارن لاءِ شاپنگ ۽ خريداري ڪري، حاجي اسحاق عبدالرشيد ٽيلرنگ هائوس مينشن، بندر روڊ، تي پهچي، برادرم محمد يوسف ۽ امان الله سان ملاقات ڪري، جڏهن اسٽيشن ڏانهن روانو ٿيڻ وارو ئي هيس، تہ ٻنهي ڄڻن مون کي زوريءَ اُتي روڪي، منجهند جي ماني کارائڻ کان پوءِ، ساڻ گڏ هلي، اسٽيشن تي خدا حافظ ڪيو. ٽرين رواني ٿي ۽ ڪوٽڙيءَ پهتي. جتان وري، ٻي ٽرين بدلائي، بدين واريءَ گاڏيءَ ۾ سوار ٿي، شام جو سادي ستين بجي ڌاري، پنهنجي ساٿيهہ ماتليءَ پهتس.

مير برادران

ٻين ٻين ياداشتي مضمونن کي مهمل ۽ ملتوي ڪندي فرار حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، تہ جيئن مير برادران سان دنياوي سفر ۾ همرڪاب ٿي هلڻ سان گڏوگڏ، ڪن ٻين عزازتن ۽ رشتيدارين جي بيان ڪرڻ جو بہ موقعو ملي، ۽ ڪن عالمانہ اديبانہ حاصل ڪيل شغل وشغال تي بہ قلم هلائي تبصرو ڪري سگهان. حلانڪ هن ڪتاب جي اُڏامندڙ مضمونن ۾، ڪيئي مرتبا سندن ذڪر و اذڪار اچي چڪو آهي، جيئن خاڪسار تحريڪ سان وابستگي، مير پارٽيءَ سيد پارٽيءَ سان ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ جي پريزيڊنٽيءَ ۽ قاضي عبدالمجيد "عابد" جي چيف آفيسريءَ تي تضاد ۽ اختلاف، پير علي محمد شاهہ راشديءَ ۽ يوسف هارون جي سينٽرل انڊيا يا وائسراءِ جي درٻار واري اليڪشن ۽ مير رسول بخش خان ٽالپر جو گورنريءَ وارو بي نيازانہ دور وغيره، پر تنهن هوندي بہ تشنگي برقرار رهي، ۽ چاهيم ٿي تہ انهيءَ تشنگيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ، هڪ الڳ ٿلڳ، جداگانہ ۽ بيباڪ مضمون لکي، پنهنجي طبيعت کي هلڪو ڦلڪو ڪري سگهان- ڇاڪ ڻ تہ ڪي

ڏهڙيون ميرَ برادران سان بہ نهايت سهڻيون، سٺيون، اطمينان بخش، پُرڪيف ۽ سنجيده گذريون آهن. پر تنهن سان گڏ ٻين يادشتن جي پيچيدگين، گُٿين، اُلجهن ۽ الجهائن ۾ ڪوريٽڙي جي ڄارن وانگر ايترو تہ ڦاسي ٿي پيس، جو هن وقت تائين نهيءَ پاسي ڪاغذ تي قلم جو گهوڙو موڙي ئي نہ پئي سگهيس.

خاص طور اڄ پهلواني ڪري، دماغ کي جهنجوڙي، بدن کي چندڪارو ڏيئي، ٽوٽي سوٽي، گوهيون سوهيون هٽي، ٻين يادداشتن کان پڇي، فرار حاصل ڪري، پنهنجن پيارن مير صاحبن جي يادداشتن جي مصوري ۽ چترڪاري ڪري رهيو آهيان. مير صاحبن سان دوستيءَ جي علاوه رشتيداري بہ رهي آهي- ڇاڪاڻ تہ مير صاحبن جا ناناڻان ٽنڊي قيصر جا نظاماڻي آهن، ۽ انهيءَ ڪري مير صاحب ٽالپري ۽ نظاماڻي مشترڪہ خون جي ميلاپ جي پيداوار آهن، ۽ تنهنڪري ئي علم ادب، بهادريءَ، شجاعت، لاپرواهيءَ، بي نيازيءَ ۽ حسن فطرت ۾ يڪتا ۽ اڪلوتا آهن. ۽ هيءَ تاريخي حقيقت آهي تہ نظاماڻي ٽالپرن کان وڌيڪ عالم ۽ عارف ٿي گذريا آهن. انهن کان سواءِ شجاعت ۾ بہ هُنن پنهنجو مٿ ۽ ٿاني ڪونہ ٿي رکيو تہ سخاوت ۾ بہ هُنن پنهنجا گهر، مڪان، قلعا ۽ ڪوٽ لُٽائي، زميندارين ۽ جاگيرون بہ هارين ۽ ڪندين ننڍين زميندارن کي ڏيئي، سندن نالي منتقل ڪرائي ڇڏيون. لڙائيءَ جي ميدان ڪارزارن ۾ زخمي هوندي بہ، انگريز فاتحين کي گوليون هٽي، شوٽ ڪري ٿي ڇڏيائون. مثل هوندي بہ ماريندا ۽ ويڙ وٺندا رهيا. اهڙيون روايتون اسان بزرگن کان سينہ بہ سينہ ٻڌيون آهن، ۽ مختصر لکيل تاريخن ۾ پڙهيون آهن.

انهن جوڌن، پَلوانن ۽ بهادرن، ديبيءَ ۽ ميائيءَ جي ميدانن تي، لڙائين ۾ وڏا وڏا معرڪہ آرا ڪارناما سرانجام ڏنا، جن جا انگريز مورخ، حسد ۽ بغض رکندي بہ، تال مٽول سان، دبيل زبان ۾ مُعترف آهن. جيتوڻيڪ نظاماڻي قبيلي جي عسڪري زندگي، شير- سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر سان وابستہ هئي، جنهن پنهنجي آخري دم تائين، انگريزن جي غلامي قبول نہ ڪندي، خانہ بدوشي ۽ جلاوطنيءَ جي زندگيءَ کي ترجيح ڏني، پر تنهن هوندي بہ، اسان جون جاگيرون، ڀاڻ، ڀاڻ، وٿاڻ، قلعا ۽ ڪوٽ، حيدرآبادي ميرن جي زير عاطفت، ڏکڻ اولهہ جي ڪُنڊ ۽ ٽنڊي محمد خان کا ڏکڻ طرف "لاڪاٽ" ۾ هئا. ڀل ڀول، ڏن ڏان ۽ اُجرت اُجورا، حڪومت کي هلائڻ لاءِ، عيوضي معاوضي طور، حيدرآبادي مير ئي وصول ڪندا هئا، جن ۾ مير نصير خان ۽ مير فتح علي خان قابل ذڪر هئا.

اسان جي ڏاڏي کان تصديق شده روايت آهي تہ منهنجي ڏاڏي جي ڏاڏي، غلام محمد خان، حڪومت هلائڻ واري عيوضي معاوضي ۾ ڪجهہ ڪاهلي ۽ سستي ڪئي، جنهن بابت تاريخ دانن ۽ تاريخ نويسن بہ انهيءَ سستيءَ کي نظاماڻين سان منسوب ڪيو آهي. حڪومت جا ڪجهہ اهل ڪار ۽ ڪارنده، ڪجهہ ترش روئيءَ سان پيش ايندي، ڪيس چوڻ لڳا تہ "توهان، حڪومت جا سرڪده ۽ برگزيده

ٿي ڪري، حڪومت هلائڻ واري خراج ۾ سستي ڪندا، تہ حڪومت ڪيئين هلم
سگهندي؟" جنهن تي ڏاڏو غلام محمد خان، نهايت ڪاوڙ ۽ طيش ۾ ايندي، رائ
الوقت سوني سڪي، اشرفين، جون ڳوٿريون ڀري، گهوڙي تي سوار ٿي، پنهنجن ٻ
سپاهين ۽ سالارن جو جٿو تيار ڪري، حيدرآباد پهچي، گهوڙي سوڏو مير نصي
خان جي دربار ۾ وڃي، سونين اشرفين سان ڀريل اُهي ٿيلهيون سندس اڳيا
اُچلائي، ائين چوندي، اُتان واپس وريو تہ "جنگن جدالن ۾ وهايل خون ڪان تنهنجو
لاءِ وڌيڪ قيمتي هي سونيون اشرفيون آهن! هاڻي وٺ ۽ وڃي انهن سان پنهنجو پ
ڀرا!" جنهن تي مير نصير خان، سخت طيش ۾ اچڻ جي باوجود، نهايت صبر
استقلال ۽ تحمل سان سنجيده ٿي، فهم و فراست ۽ دانشوريءَ جو ثبوت ڏيندي، اُتم
بيهي، ڪيس مڃائڻ ۽ پرچائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڏاڏو غلام محمد خان، گهوڙ
جي واڳ ورائي، چوپٽ ڊوڙائيندي، پنهنجن سپاهين، ساٿين، سردارن ۽ سلارن ک
ساڻ ڪري، واپس لاڪاڻ پهچي ويو. جتي مير نصير خان پنهنجو قافلو ڪاهي، وٽس
پهچي، تمام گهڻي منت سماجت ڪري، وڏي مشڪل سان ڪيس پرچايو، ۽ تنهن سا
گڏ اُنهن ڪامورن ڪارندن ۽ اهل ڪارن کي سزائون ڏنائين.

الله الله! ڪيڏي نہ دريا دلي، دانشوري ۽ فهم و فراست آهي، جو هڪ
مڃريل ڀاءُ کي ڀاءُ سمجهي، پرچائي ڇڏيائين! ورنہ حاڪم بڻجي، حڪم بہ هلائ
سگهيو ٿي.

افسوس جو مقام آهي تہ تحقيق ڪندڙ تاريخدانن تہ انهيءَ عالم، عارف
سخي، شجاع، دلير ۽ بهادر قبيلي کي يڪسر وساري ڇڏيو پر ٽالپر، جن ک
پنهنجو وڏو، مربي ۽ محسن سمجهي، تخت و بخت حوالي ڪري، هو پاڻ فقط
سپاهي ۽ سالار بڻجي، قربانيون ڏيئي، مٿانئن پنهنجيون جانيون نچاور ۽ نثار ڪند
رهيا، تن بہ انهي جانباز قبيلي جو قدر ڪونہ ڪيو. "جنهين ڪاڻ مياس، سم
ڪانڌي ڪين ٿيا!"

ڪي وڏيرا ٽالپر تہ تغافل- تعصبانہ ۾ اچي، مولائي شيدائيءَ کان لکايل
تاريخ ۾، نظاماڻين ۽ مرين کي "سگ ڏيندڙ" سڏين ٿا. مير علي شير قانع جو
لکيل تاريخ، جنهن ۾ مرين ۽ نظاماڻين لاءِ هيئن چيو اٿس: "لاف مريان و سستي
نظاماني سنده را تباه کرد" پر آءٌ ائين چوندس تہ "خود را تباه کرد" - ورنہ، خو
حاڪم بنجي، حڪم هلائين ها. اُنهيءَ ۾ ڪيتري سچائي ۽ صداقت آهي، تنهن جو
خبر تہ تاريخ نويس مير علي شير "قانع" کي ئي هوندي، پر ظاهر ۾ ڏسون ٿا تہ هر
وقت واقعي نظاماڻي نهايت آرام پسند ۽ سست آهن تہ مري وري لاف زن ۽ ٻڙاڪي
باقي ٽالپرن ۽ نظاماڻين جي رشتيداريءَ متعلق جيڪو مثال قائم آهي، سو تمام
گهڻيءَ تحقيق، تجسس ۽ تصديق سان اهو ثابت ڪري سگهون ٿا تہ نظاماڻين ۽ ٽالپر
ٻنهي ڌرين جون سڳابنديون ۽ رشتيداريون هڪٻئي سان ٿيون آهن. اڃان بہ

جيڪڏهن تعصب ۽ تنگ ذهنيت کي ڇڏي، اوائلي دور جي بلوچي تاريخ کي ڏسبو
، هو هڪ ئي ڏاڏي جو اولاد ڏسڻ ۽ سمجهڻ ۾ ايندا. ڏاڏي جلال خان رند کي ڇهه
ت هئا، جن مان هڪڙو لاولد وفات ڪري ويو، ٻئي سڄي عمر شادي ئي ڪانه
ڪئي، باقي ٻچيل چئن پٽن مان پهريون نظام خان جنهن جو اولاد نظاماڻي آهن، ٻيو
سير حسن خان جنهن جو اولاد مري آهن، ٽيون ٽالهو خان جنهن جو اولاد پاڻ کي
الپر سڏائي ٿو، ۽ چوٿون بودو خان جنهن جو اولاد بوزدار سڏجي ٿو.

پوءِ جيڪڏهن اُهي سڀ ڏاڏي جلال خان رند جو اولاد آهن، ته پوءِ هي ڇوت
ات ڇو هئڻ گهرجي! پاڻ کي مٿانهون سمجهي، ڪنهن ٻئي ڀاءُ کي ڇو گهٽ
سمجهڻ گهرجي!! اڃان به جيڪڏهن 'ڪن فيڪون' واري ابتدائي دور کي ڏسبو ته
سيد، پير، مير، اُمير، هندو، ٻُڌ، جين، عيسائي ۽ اسرائيلي، سڀيئي هڪڙي ئي
اڏي آدم ۽ حوا جو اولاد آهن، ته پوءِ هي قومون، قبيلا بنديون ۽ فرقه واريت به ڇو!
، ڇا لاءِ آهي!! اها سڀ خالق حقيقيءَ، ڪائنات ساز، الله تبارڪ وتعاليٰ برتر و
بالاتر جي ڪرشمه سازي ۽ اُن جي قدرت جو تماشو آهي، جيڪو "پاڻ ڏسڻ آيو
نهنجو تماشو- صورت جو سبحان" ٻڌجي، طرحين طرحين، قسمين قسمين گلن ڦلن ۽
رنگن روپن ۾ ورهائي ڇڏيو اٿس، ته جئن هڪ ٻئي جي شناسائي، قومن، قبيلن،
اتين ۽ نالن ۾ ڪري سگهجي. جنهن لاءِ اردوءَ جو هڪ شعر ياد آيو اٿم، جيڪو
سيڻ ڏيان ٿو-

"گلهائے رنگ رنگ سے هے زينت چمن،
اے 'ذواق' اس جهاں کو هے، زيب اختلاف سے."

ڳالهه هلي پئي مير برادرن سان راه و رسم، ياريءَ دوستاريءَ، محبت ۽
صداقت، عزازت ۽ قرابت جي، ته وڃي قومي ۽ قبيلا بنديون جي اختلافن ۽ تنازعن
ر پياسين. تنهن ڪري وري به انهيءَ تنگ دليءَ جي ڳالهين کي ڇڏي، اچون ٿا محبت
، صدات جي وسيع ۽ عريض ميدانن، باغن بوستانن ۽ مرغزارن ۾.

مير علي احمد خان سان، خاڪساريءَ واري دور کان وٺي، همرڪاب ٻڌجي،
زندگيءَ جو سفر شروع ٿيل هو. ليڪن اُنهي ۾ اضافو ۽ واڌارو مير الهه بچائي خان
تالپر جي ولايت کان بي ايس سي ۽ ايم ايس سي پاس ڪري اچڻ کان پوءِ ٿيو،
جيڪو اڪثر ڪري ٽنڊي مير محمود خان ۾ سندن ئي بنگلي تي رهائش پذير هوندو
هو. مير الهبچائي خان تالپر سان تعارف، سندس فلمي دنيا سان محبت ڪرڻ جي ڪري،
مير سليم تالپر ڪرايو هو، جنهن جو ڪاڻي ذڪر خير اڳين مضمونن ۾ اچي چڪو آهي.

اُنهيءَ وقت مير علي احمد خان تالپر، سندس مولويانه زندگيءَ کي خيرباد
ڏئي، دراز ريش مان ڪلين شيو ٻڌجي، نئين دور واريءَ جينٽلمينيءَ ۾ اچي، قسمين
قسمين، طرحين طرحين جا سوٽ بوٽ پائي، ميچ ۽ موزون ٽائيون لڳائي، سنه
۱۸۴ع واري خانداني ٻگهيءَ کي رنگ روغن ڪرائي، چمڪائي، ٻهڪائي،

مهڪائي، شوخ و شرير، تيز و تُند، چنچل چڪوري، سهڻي ۽ سچيليءَ ڪاري گهوڙيءَ کي، اُنهيءَ ڪاريءَ ٻگهيءَ ۾ جوتي جوڙي، لڳائي ٻڌائي، چنبڙائي چهٽائي ڪاري ڪوچيان شيديءَ جي ڪوچبانيءَ ۾، عليءَ جي مدد، دوستيءَ سنگت همخياليءَ ۽ همرازيءَ ۾، اڪثر و بيشتر حسن جي تلاش ۽ وصال يار جي پياس ۾ حيدرآباد جي حسين، دلڪش ۽ خوبصورت نظارن وارن رستن روڊن تان ٿيندا، تلڪ چاڙهيءَ تان چڙهي، عامل ڪالونيءَ ۽ هيراباد جا سير ڪندا، نظارا ڏسندا، پنهنجو فهم و فراست سان، حسن ۽ جوانيءَ تي ناز ڪندا، وري ٻيهر واپس اچي، انهن تلڪ چارهي واريءَ اوچيءَ ۽ مٿانهين ٽڪريءَ تي جنڪشن ڪندا هئا. جتان حسين جميل نو عمر نوجوان، پُرڪشش ۽ خوبصورت ديوان عامليائين جون طرحين طرحين قسمين قسمين، رنگ برنگي، مُلائم و نفيس فينسي ڊريسن ۾ ملبوس ٽوليون ۽ ٽولا اٽڪليون ۽ ادائون ۽ ناز و انداز ڪندي گذرنديون ۽ گذرندا هئا، ته مير صاحبان مسڪرائي، پنهنجا هيرن جهڙا ڏند ڏيکاري، وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي، هڪٻئي جي هٿ تي هٿ هڻي داد ڏيندا هئا. پوءِ چاهي اهو درزيءَ جو دڪان هجي، چاهي جنرل اسٽور يا ڪو ايراني ريسٽورنٽ.

اهو ١٩٣٩ع جو زمانو هو، جنهن وقت آءٌ ٻمبئيءَ مان لَو مئريج (Love Marriage) ڪري، پنهنجي نئين نويليءَ ڪنوار کي وٺي، برٽنڊ نيو چاڪليٽي رنگ جي شورليٽ ڪار ۾، قابل- رشڪ بڻجي، منچلن کي للچائيندو، چپ چٽائيندو، انهن روڊن رستن تان لنگهندو هيس، جتي مير صاحبان به انهن حسين و جميل ۽ خوبصورت تتلين پنٽوترين ۽ ڪوئلين اڳيان اليڪشن ۽ سليڪشن خاطر اُميدوار هوندا هئا، جنهن ۾ ڪجهه قدر ڪاميابيون به حاصل ڪيون هئائون. اسان خوبصورت، دلڪش ۽ پرڪشش جوڙو، قسمين قسمين زريءَ جي ساڙهين، اَطلسي ۽ طنابي بلائوزن ۽ ڪيمخوابي ڪوٽن ۾ ملبوس نه رڳو رشڪ ڪرائيندو هو، پر ڪيترائي "سمارٽ" نوجوان ديوان عامل چوڪرا منهنجي اِنهيءَ پارٽنر من موهنيءَ کي عامل چوڪري "موهني" سمجهي، وڙهڻ لاءِ تيار هوندا هئا، جنهن جو اطلاع ڪيترن ئي دوست عامل چوڪرن کان سواءِ، ڪنپيٽل سنيما مارڪيٽ جي مالڪ مسٽر چنديرام به ڏيئي، مون کي چست ۽ هوشيار رهڻ جو مشورو ڏنو.

پر چوندا آهن ته "چوسالي بيحالي!" جوانيءَ جي جوش، نينهن جي نسبت ۽ عشق جي آتش، مون کي هر چيز کان بي نياز ۽ بي پروا ڪري، ڪڏهن به انهن رقيبن کا متاثر نه ڪيو- "يه هے توهين جواني کي، که خدا ياد رهے" - جنهن لاءِ، وري به اُهوئي ساڳيو شعر ٻيهر دهرايان ٿو، جيڪو ممڪن آهي ته هن ڪتاب جي ڪنهن ٻئي مضمون ۾ اڳي ئي لکي چڪو آهيان-

"عُرفی مکن اندیش ز غوغاے رقیباں،
آواز سگان کم نه کنند، رزق گدا را."

اهڙيءَ طرح سان، آءٌ وصال يار ۾، تہ مير صاحبان وري تلاش يار ۾ رهندي، ڪ ٻئي سان محبتون ۽ ملاقاتون ڪندا رهندا هئاسين. جنهن ۾ اڪثر ڪري مير ه بچايو خان ٽالپر بہ ساڻ ئي هوندو هو ۽ گاهي بگاهي مير سليم ڪي بہ موجود سندا هئاسين.

هڪڙي ڏينهن مير محمود جي ٽنڊي، مير علي احمد خان ٽالپر جي بنگلي ي، محبت جي مجلس قائم هئي، جنهن ۾ مير علي احمد خان ٽالپر، مير الهہ بچايو خان، مير سليم ۽ آءٌ چارئي موجود هئاسين، جتي مون کان بيساختگيءَ ۾، ٽنهي مير صاحبان ڏانهن الڳ الڳ اشارا ڪندي، موقعي مهل جا هي في البديهہ جملا دا ٿيا، جنهن ۾ مير علي احمد خان ڏانهن اشارو ڪندي، چيم تہ "جاہ و جلال جي زندگي آ..." مير الهہ بچائي خان ڏانهن اشارو ڪري چيم تہ "ڊگنيٽيءَ ۽ ملال جي زندگي آ...." تہ مير سليم لاءِ چيم تہ "بي خيال جي زندگي آ...." انهن جملن محفل تي ڪافي اثر ڇڏيو، جيڪي شاعرانہ قافئي ۽ رديف ۾ منسلڪ هئا. جنهن ي مير علي احمد خان، حاضر دماغي ۽ حاضر جوابيءَ جو ثبوت ڏيندي، في البديهہ سوال ڪيو تہ "اسان جون زندگيون جاہ جلال، ڊگنيٽيءَ، ملال ۽ بي خيال جي زندگيءَ ۾ آٽڻ ڪان پوءِ، پنهنجي زندگيءَ بابت بہ ڪو مثال قائم ڪريو...!" جنهن ي، تڪڙو تڪڙو جواب ڏيندي، چيو مانِ تہ، هيءَ وصال جي زندگي آ...."

اهي محبتون، قربتون، صحبتون، سنگتون، رس ۽ رهاڻيون هلنديون رهيون، ن ڪين ماتليءَ اچڻ لاءِ آماده ڪيو: منهنجو بنگلو "ماءِ نيست" نئون نئون نهي تيار يو هو، جنهن ۾ رس رهاڻ سخن وري ۽ سخن فهميءَ محفل و مجلس ڪان سواءِ، ڏيڪ تفريح طبع ۽ آرام لاءِ ڦليلي نديءَ جو ڪنارو صاف ڪرائي، چنڊڪارون ٽائي، گم غاليچا وڇارائي، ڪٽولن تي بسترا لڳارائي، ڪرسيون ڪوچ ڊيڪوريٽ ڪرائي، سينگاري سنواري، ثقافت، لطافت، سخاوت، ظرافت، چرچن گهڻن مان طف اندوز ٿيندا رهياسين. جيڪا محفل ڪافي سهڻي، دلڪش، پرڪشش، لچسپ، سهڻي ۽ روح کي راحت رسائيندڙ هئي. ۽ انهيءَ ڪان پوءِ، منجهند جي اني "ماءِ نيست" ۾ ڪائي، ٿورو گهڻو آرام ڪري، راز و نياز جي روح رهاڻ سان، نهنجن پنهنجن دولت ڪدن ڏانهن روانا ٿي ويا.

مير رسول بخش خان ۽ سئنيما

اُنهيءَ زماني ۾، مير رسول بخش خان، سجيءَ حيدرآباد جي حسينن جي سروي ڪرڻ ۾ مشغول هوندو هو. ڪڏهن راهگذرن ۾، ڪڏهن پري آستانن تي يوين جي ديدار ۾، تہ ڪڏهن ڦليليءَ جي ڪنارن تي ٻيڙيءَ وارن ۾ هميشہ حسن رستيءَ ۾ ئي سر گردان رهندو هو. اسين تہ اڳي ئي انهن راهن رسمن، دلوارن يدارن ۽ دلدارن ۾ ئي هئاسين، جن ۾ پاڻ نئون نئون داخل ٿيو هو.

مير رسول بخش خان، مون کي پنهنجو بزرگ، وڏو ۽ وڏي ڀاءُ جو دوست
ادب نواز، اديب ۽ عاشق سمجهي، صداقت و عقيدت، پيار و محبت سان گڏ
احترام به ڪندو هو، ته آءٌ به محبت ۽ پيار جي اٿاهه حدن تائين ساڻس پيار ڪندا
هيس. ڪيترن ئي ڏکين ۽ مشڪل وقتن ۾، دنياداريءَ ۾ هلندي، بيباڪ تجربن جو
ڪري، منهنجي پرخلوص مدد پڻ ڪيائين. جن ۾ هڪڙو سندس سالو، ايڪسائيز
ٽيڪسيشن ڊائريڪٽر جناب عبدالقادر به هو، جيڪو، منهنجي عهد رفته گذشته دو
وارو مان شان، هلڻ چلڻ، رهڻ سهڻ ۽ عزت و آبرو ڏسي، رشڪ ڪندي سوچيندا
هو ته "هيءُ ڪهڙي رياست جو نواب، شهزادو يا راجڪمار آهي!" اهڙو اظهار خو
پاڻ ڪيترين ئي نجي محفلن ۽ پارٽين ۾ مون سان ۽ ڪيترن ئي ٻين دوستن سا
روبرو به ڪيو هئائين ته "اسين مسٽر ڪريم بخش خان جي ويس ڊريس، هلت چلت
شان شوڪت، پرسنلٽي ڊگنٽيءَ، رعب تاب ۽ جاه و جلال کي ڏسي، حيران ٿيندي
رشڪ ڪندا هئاسين" - پر اهو ساڳيو مسٽر عبدالقادر، آفندي خاندان جو چشم
چراغ هئڻ جي باوجود، فقط ميمڻ ئي محسوس ڪيو ۽ سڏيو ويندو هو، ڇاڪاڻ ت
سندس اُٽڪ ويهڪ، ملڻ جلڻ ۽ آمدورفت اڪثر ڪري ميمڻن سان ئي هوندي هئي
جن ۾ "شانُو" جي شخصيت نمايان ۽ قابل ذڪر هئي، ۽ يقيناً پاڻ به ميمڻ ئي هو!

مير رسول بخش خان سان سندس عزازت ۽ قرابت به اُنهيءَ البيلائيءَ وارو
رومانوي دور ۾ ئي ٿي هئي. جنهن وقت مير صاحب ڪڏهن موٽر سائيڪل جو
بڙبڙاهٽن ۾، ته ڪڏهن ننڍڙي ريسلنگ موٽرڪار جي گڙ گڙاهٽن ۾، ته ڪڏهن ورو
گهوڙي گاڏين ۽ بگين جي ريڙ ريڙاهٽن ۾، سڄي شهر جي سروي ڪندو رهندو هو
تلاش يار هيس. ۽ اوچتوئي اوچتو، دل ڏڙڪائيندڙ مٿانهين ماڙيءَ مان، رستي جو
ٽواٽي تان ويندي، دريءَ مان ديدار جو چمڪو ۽ جهلڪ ڏسي، فريفته ۽ موهت ٿي
پيو هو.

جيئن ته عشق جي ابتدا ٿيڻ سان گڏ، تير نشاني تي لڳي چڪو هو
تنهنڪري پنهنجي وارفتگيءَ ۾ ويتر وڌيڪ اضافو آئي، انهيءَ ته واٽي تان، موقعو
بي موقعي، ايندي ويندي، ڪجهه انتظار، ڪجهه ڪثرت، انتظار کان پوءِ، آه و زاريو
۽ بيقرارين هٿي وڃي هنڌ ڪيو. ايتريقدر، جو سندس اهو ابتدائي عشق وڌي وڃي
رشته ازدواج ۾ منسلڪ ٿيو، جنهن مان مير صاحب کي هڪڙو نهايت هووٽهار
سهڻو ۽ شاهڪار ٻچڙو تولد ٿيو.

بدقسمتيءَ يا خوش قسمتيءَ سان، پنهنجي ۽ پنهنجن ٻچڙن جي معاش
اضافي آئڻ خاطر سئنيما نهرايم. جنهن جي نهرائڻ لاءِ پنهنجو جدي ۽ خاندان
پلاٽ اڳي ئي مخصوص ڪري ڇڏيو هيم. انهيءَ سئنيما نهرائڻ کان پوءِ، ڪيترن ئ
قسمن جون مجبوريون ۽ محتاجيون ڏسڻ ۾ آيون، جن ۾ ڊسٽريبيوٽر ۽ تقسيم ڪار
جيڪي قيام پاڪستان کان اڳئين دور ۾ اسان جين مجلسن ۽ محفلن اندر نوڪ

جي نوڪريون ۽ بيرا تي بيراگيريون ڪندي، گلاس ڏوئي اڳيان رکي، سوڊائون کولي
بندا هئا ۽ مانيون ڪارائيندي هر وقت حڪم جي تعمل ۾ چوڪس ۽ چوبند رهندا
شا، سي اُنهيءَ زماني ۾ "Kings of Distributer's" - تقسيم ڪارن جا بادشاه-
جي، ماضيءَ جي ڳالهين ۽ خدمتن کي ورجائيندي دهرائيندي به، ڪو جائز تعاون
ڪرڻ لاءِ به هرگز آماده نه ٿيندا هئا ۽ چوندا هئا ته "بلوچ صاحب! اگر هم لوگ کسی
وسرے کے نفعے نقصان کو سوچیں، تو کما ھں کیا سکتے ھیں؟ ھمیں صرف اپنا
نافع درکار ھے - کسی دوسرے کے نفعے نقصان سے ھمارا کوئي واسطا نہیں!"

تنهن کان پوءِ ٻئي نمبر تي، اها ايڪسائيز ۽ ٽيڪسيشن ڊپارٽمينٽ آهي،
نهن کي آءٌ "اينٽي پوليس" به ڪري چوندو آهيان. جنهن جا عملدار هر جائز ناجائز
لهه تي ڪمرڪش بڻجي، پنهنجا جائز خواه ناجائز مفاد حاصل ڪرڻ خاطر،
رڪنهن سٽنيما تي اوچتو حملو ڪري، ائين وٽ پڪڙ ڪندا آهن، جيئن ڇڻ ته
ڪنهن خوني ۽ ڏاڙيل کي جهلڻ، ٻڌڻ پڪڙڻ لاءِ پوليس فورس ڪندي آهي. اُنهن ائين
ڪڏهن به نه سوچيو ته انهن سٽنيمائن کي هلائڻ وارا ۽ لکين روپيا خرچ ڪري ٺاهڻ
را به ڪا عزت ۽ آبرو رکن ٿا! پوءِ، انهيءَ پڪڙا ڏڪڙيءَ ۾ جيڪڏهن سندن ذاتي
ناد پورا ٿيا ته واه، نه ته ڊائريڪٽر صاحب وٽ چالان! چوندا آهن ته "جهلي به جهان
ان، ته هلو به جهان خان وٽ." يعني ته پڪڙڻ وارا به پاڻ، ته ڪيس هلائي فيصلو
ڪري سزا ڏيڻ وارا به پاڻ. تنهن ڪري ايڪسائيز ۽ ٽئڪسيشن وارن جو اهو ظلم و
ڪدد سڄو سال سهڻو ٿي پيو. حالانڪ انهي وقت، ڪيئي چڱا، مخلص ۽ انصاف
سند ڊائريڪٽر به آيا.

پر، اُنهن کان پوءِ، مير رسول بخش خان ٽالپر جو سالو، سهڻي، سٺي،
عزت ۽ تعليم يافته آفندي خاندان جو چشم و چراغ، جنهن جي وڏن، علم و ادب
ون ڪيئي خدمتون ڪندي، يادگار طور ڪيترين ئي نشانيون ڇڏيون آهن، جن ۾
نڌ مدرسةالاسلام به اچي وڃي ٿو، پر هتي ڊائريڪٽر ٿي اچڻ کان پوءِ، پنهنجن
ن جون علمي ۽ ادبي خدمتون وساري، هڪڙي باحس خاندان جو چشم و چراغ،
ي حس بڻجي، انهيءَ اجتماعي ۽ انفرادي فرد سان پيش ايندو هو، جنهن کي عهد
ته ۾ راجڪمار، شهزادو يا وري ڪنهن رياست جو نواب محسوس ڪندي، رشڪ
ندو هو. پر، سندس ڊائريڪٽر بڻجي اچڻ واري دؤر ۾، اهو راجڪمار، شهزادو،
نس ۽ رياست جو نواب، سندس اڳيان جڏهن عرضدار ۽ جوابدار بڻجي ايندو هو،
بغض معاويه وانگر ورتاءُ ڪندي، وڏ ۾ وڏ پينلٽيز ۽ ڏنڊ ڪندو هو. پر شڪر، جو
ندس هٿ ۾ جيل يا ڦاسي ڏيڻ جو اختيار نه هو، ورنه هو اُهي به ڏيئي ڇڏي ها.
تنهن هوندي به ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ کي رپورٽ ڪري، سٽنيما کي 'بلئڪ
ٽ' ڪرايائين.

تنهن ڪري ئي، مير رسول بخش خان جي مدد لاءِ ضرورت محسوس ٿي.

جنهن پنهنجي شهزادي مير پَيُو کي مير محمد بخش خان تالپر ٿوڙهي سان گڏ پنهنجي سالي مسٽر عبدالقادر ڏانهن سفارشيءَ ڪري موڪليو ته پنهنجي مامي کي وڃي سمجهاءِ ته "اسان جي هن محسن ۽ برگزيده بزرگ شخصيت سان سٺو سهڻو ورتاءُ ڪري." پر هن صاحب، ڪمان مان نڪتل تير وانگر، پنهنجي رپورٽ اڳي ئي، ڊي- ايم صاحب کي موڪلي ڇڏي هئي. تنهن ڪري معذرت خواه ٿيو. تنهن کان پوءِ به، سندس رويي ۾ ڪابه تبديلي نه آئي. حالانڪ اُن لاءِ مير رسول بخش خان بذات خود، زوردار تاڪيدي لفظن ۾، ڪيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

اهي مير رسول بخش خان جا احسان، ڪاروباري ۽ دنياداريءَ جي لحاظ کان ياد ڪندي، پنهنجين ياداشتن جي هن ذخيري ۾ اضافو ڪري، "ڪيئي ڪتاب" جي زينت وڌائيندي، وري به اچون ٿا صحبتن، صداقتن، محبتن، قربتن ۽ وندرن جي ورهاستن ۾، ته ڪيئي عيدون باراتون، رنگين مجلسون ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون ٻيڙين جون حسين ۽ دلڪش پارٽيون، يڪ قالب دو جان بڻجي، ڪندا رهيا سين. جو ۾ ڪڏهن سندس دوست ۽ احباب، ته ڪڏهن وري سندس پسند جا راڳي ۽ فنڪار ته ڪڏهن ڇيرن جا ڇمڪارا پڻ هوندا هئا.

لڪي ڪنهن جي به ڪانه رهندي آهي. اهڙيءَ طرح سان، ماڻهن جي واتان يه هوا جي دوش بدوش ٿي، اُهي چغليون سندس وڏي ڀاءُ محترم مير علي احمد خان تائين وڃي پهتيون. مير رسول بخش خان کان معلوم ڪرڻ تي، ٻُڌل ڳالهين کان وڌ ٻڌائين ۽ پاڻ به ريس ڪندي، وڏن ماڻهن مان ننڍڙو بڻجي، دراز قد گهٽائي، انهن قربانتين مجلسن ۽ محفلن ۾ شموليت اختيار ڪرڻ جي چاهت ۽ چاهنا ڏيکاربائين. اسان کي ڪهڙو اعتراض ٿي سگهيو ٿي! سندس انهي خيال ۽ چاهت کي خندا پيشانيءَ سان قبول ڪري، سندس مان شان، عزت افزائيءَ ۽ اعزاز ۾ ٻيڙين جي هڪڙي شاندار پارٽيءَ جو اهتمام ڪيم.

مير علي احمد خان ۽ ٻيڙين جي پارٽي

چراغ الادين جي جادوءَ وانگر صرف حڪم جي دير هئي. نڄاڻ ته ڪتان راڳي، فنڪار ۽ ڪلاڪار اچي ويا. تنهن سان گڏ ڪيئي خدمتگار به اچي گڏ ٿيا. قسمين قسمين هندوئن ۽ مسلمان بورچين به اچي ديرو ڇمايو. ٻيڙيءَ وارن ناکوئن به پنهنجا سڙهه سنڀاليا. خلاف توقع، ماڻهن جو چڱو موچارو مجموعو گڏ ٿي ويو. اسين پڻ حيران رهيا سين، ته هي الادين جي ديو جو جادو آهي، يا علي سان گڏ احمد جي ڪرامت!

مون اڪثر ڏٺو آهي ته مير علي احمد خان، عليءَ ۽ احمد واريءَ سيديءَ جي سعادت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، "سيد" واري لفظ تي چڙندو آهي. هڪڙي پيري، الله

ي ڪرم نوازيءَ ۽ اوليائن ابدالن جي دعائن سان، مون کي پيريءَ ۾ پٽڙو پيدا ٿيو، ننهن جي خبر مير علي احمد خان کي پيئي. ٽيليفون تي مبارڪ ڏيندي پڇيائين ته فرزند ارجمند جو نالو ڇا رکيو اٿيئي؟" جنهن تي مون کيس "علي رضا" ٻڌايو. اڻ، اعتراض ڪندي، چيائين ته "سيدن جو نالو رکيو اٿوَ....!" مون حاضر دماغيءَ حاضر جوابيءَ کان ڪم وٺندي چيومانس ته "انهيءَ 'علي رضا' نالي جي سيديءَ فقيريءَ به شامل آهي." جنهن جو مثال ڏيندي، "بلهي شاه" جو هي شعر ڏايومانس ته:

"نام ميڏا هے علي رضا، بلها نام دهرايا، الله آدمي بن آيا!"

تنهن سان گڏ، اها به حجت ڪئي مانس ته "علي رضا جي نالي ۾ ته هڪڙي سيد جي رضائن تي راضي ٿجي ٿو. پر تون ته "علي" ۽ "احمد" واريءَ ٻنيءَ ۽ بل سيديءَ ۾ آيل آهين! جيتوڻيڪ ٻروچن جا نالا ته اڪثر ڪري ڳهڻو خان، لهڻو خان، مهراب خان، گهرام خان ۽ بهرام خان ئي هوندا آهن!!" جنهن تي پاڻ حسب معمول، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، ڳالهه کي ٽاري، لهواريون اوپاريون هڻندي، خير و عافيت پڇندي، السلام عليڪم ۽ وعليڪم السلام چئي، موڪلائيندي وقت به وڏا وڏا ٽهڪ ئي ڏيندو رهيو.

ڳالهه هلي پئي مير صاحب جي اعزاز ۾ ٻيڙين واري ثقافتي پارٽيءَ جي، ته جي، چراغ الادين جي جادو ۽ ڪرامت جي ڪارنامن تائين پهتاسين. هاڻي ڦري ٺهري وري اچون ٿا پنهنجي اصل مطلب تي. اهو فنڪارن، خدمتگارن ۽ ٻيڙيءَ وارن ساڪوئن جو قافلو، ٽنڊي محمد خان واريءَ پراڻيءَ پل جي پرسان پهچي، مهمان خصوصي مير علي احمد خان ۽ ساٿس گڏ ايندڙ ٻين معزز مهمانن جو انتظار ڪرڻ لڳو، ته ٿوري ئي وقت اندر، ستن اٺن موٽرن جو قافلو سامهون ايندو نظر آيو. جن سان پهرين مان مير علي احمد خان نڪري نروار ٿيو. هن جي اڳيان سيني جي رسنلٽي ۽ ڊگنيٽي ماند هئي. مون به تڙ تڪڙ ۾، پهن تي ٻيهي پنهنجين ٻانهن وارن ساڪرن جا ڪيس هارا پارايا. جنهن لاءِ به ڪيس نوڙڻو ٿي پيو. ايتري ۾، مير غلام علي خان تالپر سان ملاقات ٿي، جيڪو پنهنجي زرعي فارم تان واپس اچي رهيو هو، جنهن سان ڪجهه نوڪ جهوڪ ڪرڻ بعد، محفل رقص و سرود جي ڳائڻ وڄائڻ جي، پاڻيءَ جي رواني سان گڏ، روان دوان ٿياسين.

انهن معزز مهمانن ۾، توڙي ۽ ٽڪي کي تخليق ڪندڙ، ڊولڪ ۽ نغاري وڄائڻ جو عطائي بادشاهه مير فيض محمد خان تالپر، جنهن کي مير "فيض" چوندا هئا، شامل سفر هو. تنهن سان گڏ، تال وديا جو ديوتا ماسٽر جتي بخش ۽ "علڻ" فقير ڊولڪ نواز به محفل ۾ ساڻ گڏ هئا. راڳ رنگ جي روح جي راحت سميت پيٽ جي تراوت لاءِ به هلڪا ڦلڪا تريل تازه به تازه سمبوسا، ڪٽليس ڪباب، پڪوڙا

پڪوان، چهر چٽٽين سان گڏ، ذائقي ۽ لذت طور هلي رهيا هئا. جنهن ۾ ڪيترن ئي قسمن جون چهريون چٽٽيون، هندو ۽ مسلمان بورچين ويهي تيار ڪيون هيون. مزيد ماني ۽ جو بندوبست، ماتلي ۽ واري "ماءِ نيسٽ" بنگلي ۾ ٿيل هو.

انهي ۽ ڪائٽ پيئڻ،روح رهاڻين، ڳائڻ وڄائڻ جي محفل ۾ مست ۽ سرشار ٿي آبشار جي روانيءَ ۾ لڙهندا، نظارن ۽ ڪنارن جو لطف حاصل ڪندا، ڦليلي نديا وارين انگڙاين ونگڙاين مان گذرندا، خير خوبيءَ سان "دارلامان" واري ڪناري تي شام جو سج لٿي کان پوءِ لنگر انداز ٿي، "ماءِ نيسٽ" ۾ پهتاسين. جتي مون کي اجا به وڌيڪ محفل ۽ مجلس سنوارڻي ۽ سڌارڻي هئي - پر مير صاحب جي تڪڙ سبب، اڳئين ايوان ۾، سينگاريل سجايل، ڊيڪوريشن ۾ ويهي، مجلس ۽ محفل جو وڌيڪ لطف حاصل ڪري نه سگهياسين. ڪيس معذرت ۾ ائين چوندي ٻڌو ويو ته "والده ماجده انتظار ڪندي هوندي، جنهن جو حڪم آهي ته جلدي پهچي وڃجو." انهيءَ جاءِ تي، "دودي چنيسر" واريءَ آڪاٽيءَ ۾، "چنيسر" جو ڪردار ياد آيو. پر بغير ڪنهن جهجهڪ ۽ نڪته چينيءَ جي، سندس حڪم تي لبيڪ چئي، ٽيبل تي ماني لڳارايم. جنهن ۾ اسان واريءَ دنيا جي خوراڪ جي هر نعمت هئي ۽ اُن جي هر ڪاڏي ۽ طعام مان لذت حاصل ڪري، لذيذ بڻجي، هڪٻئي کان موڪلائي، جدا ٿياسين. پر مير علي احمد خان تي، انهيءَ پارٽيءَ ايڏو ته اثر ڪيو، جو وري وري ۽ جلدي جلدي اهڙين پارٽين ۾ شموليت اختيار ڪرڻ ۽ پنهنجن خصوصي دوستن کي آڻي وندرائڻ، بهلائڻ ۽ تفريح ڪرائڻ لاءِ، ضرورت ۽ شوق ڏيکاريائين.

سوڊان جو ائمبيسيڊر، جميله بيگم، مير صاحب ۽ ٻيڙيون

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ، مير رسول بخش خان ٽالپر کان اطلاع مليو ته مير علي احمد خان پنهنجن دوستن احبابن سان گڏ، توهان وٽ ٻيڙين جي پارٽيءَ ۾ شموليت خاطر اچي رهيو آهي، جنهن ۾ "سوڊان" جو ائمبيسيڊر، فارينر ميل ۽ فيميل جوڙا ۽ سندن ليڊيز ۽ گرلس فرينڊس به شامل هونديون.

انهي اطلاع ٻڌڻ کان پوءِ، نهايت شاندار نموني سان، گذشته انتظامن کان ويتر وڌيڪ انتظام ۽ اهتمام ڪري، ٻن ٻيڙين کي سينگاري پاڪاري، راڳ رنگ ۽ ناچ گاني جي بندوبست سان گڏ، ڪارائڻ ۽ پيارڻ لاءِ به چوٽيءَ جو انتظام ڪرائي ٽنڊي محمد خان واريءَ نئين پل جي پرسان اترئين ڪناري تي انتظار ڪرڻ لڳاسين ته مهمانن وارو اهو قافلو اسان تائين پهچي ويو. سيني کي گلن جا هار پارائي ٻيڙين پيڙو ڪري، راڳ رنگ جو جادو جاڳائي، اوياري مان لهواري روانا ٿياسين. ايتري ۾ "سوڊان" جي ائمبيسيڊر، سيد صاحب، وهسڪين ۽ بيئرن موجود هوندي

ء، گرين واٽر ۽ الهامي سگريٽ پيئڻ جو شوق ۽ ذوق ڏيکاريو. بس، ارادي جي دير
باقي هئي. منهنجا راڳي فنڪار ته اڳي ئي اهو سرور حاصل ڪري رهيا هئا.
ڪدم گرين واٽر جا ڪيئي جگ پرجي آيا. تنهن سان گڏ اسپيشل سگريٽ بہ.
سيدي صاحب جي حوصلہ مندئ ۽ بردباريءَ تي تہ ڪابہ آنچ ڪانہ آئي، جو مير
ساحب واريءَ عمر رسيده اڏڙوٽ ليڊي فريندڙ جميلہ بيگم سان محو ۽ مصروف
ڳالهہ ٻولہ هو.

جميلہ بيگم بہ موجوده دور واري هاءِ سوسائٽيءَ جي تهذيب و تمدن، رسم و
رواج، نشست ۽ برخاست جي وڏي ڄاڻو، ماهر، دانشمند، سنجيده، هوشيار ۽
ٻوڻهار هئي. جنهن سڄو وقت سيدي صاحب کي محو رکيو. مير صاحب بہ ڪنهن
ڪنهن وقت، سندن ڳالهين جي وچ ۾ ٽپي ٽي پيو. پر گهڻو ڪري، هيڏي ساري راڳ
رباب، شور و غل، رنگينين ۽ رعنايين ۾ پاڻ کي هن اڪيلو ۽ تنها محسوس ٿي
ڪيو. ڪنهن ڪنهن وقت، جميلہ بيگم جي دختر نيڪ اختر، جيڪا بچپن ۽ جوانيءَ
جي دوراهي تي پهتل هئي، ساڻس ڪجهہ راه و رسم ۽ راز و نياز جون ڳالهيون
ڪندي، بيگانگيءَ مان البت ڪجهہ يگانگي پيدا ٿي ڪئي.

غير ملڪي، يورپين ۽ انگريز جوڙا، گرين واٽر ۽ الهامي سگريٽن جا ڪش
ڳائڻ کان پوءِ تہ وڃي ٻيڙيءَ جي تري ۾ پيا، مٿان ويتر وهسڪيءَ جي صرفي تہ ڪين
ڏيکر خوابيده دنيا ۾ پهچائي ڇڏيو. تُند و تيز هوائن، شباب ۾ آيل ڦليلي نديءَ
جي ڇولين ۽ ويرن، ٻيڙين سان ٽڪراءُ ڪندي، جهولائيندي، جهومائيندي،
رلائيندي، ڏولائيندي، ڊراؤني ڪيفيت پيدا ڪري، ڇينتا ۽ ڇنڊا ٿي هنيا، تہ سرور
ڪيف ۾ آيل مهمان پريشان ٿي ٿي ويا. انهيءَ حالت ۽ ڪيفيت ۾، راڳ رنگ جي
مگساريءَ، دوستن ۽ احبابن جي دلاريءَ، نظارن ۽ ڪنارن جي وڻڪاريءَ سان گڏ
تيز و تند طوفاني هوائن ۾ نيائن ۽ ٻيڙين کي ڊولندو ڊگمگائيندو، جهولائيندو،
ٻيڙن ۽ گهاٽن تان گهمائيندو، اسان وارو اهو قافلو اچي "ماءِ نيسٽ" جي سامهون
ڪناري تي لنگر انداز ٿيو.

"ماءِ نيسٽ" جي سامهون، آراستہ پيراستہ، سينگاريل پاڪاريل، سجايل
سنواريل اڳڻ تي ويهي، انهيءَ ثقافتي محفلي رنگ جي پڄاڻيءَ ڪري، ڊنر ڪائي،
جي پيري وصال لاءِ اميدون آسرا قائم ڪري، دلين کي دلداريون ڏيئي، غمخوارين ۽
رشارين سان، هڪٻئي کان موڪلايوسين. اها مجلس ۽ محفل بہ منهنجين ياداشتن
ان، هڪ عجيب ياداشت هئي، جنهن کي هن ڪتاب جي زيب ۽ زينت ۾ اضافي
ور اسڪرين ڪيو ويو. باقي آئنده لاءِ زهي قسمت.

مير صاحب جي ٻچڙن جون شاديون، مير بنده علي خان سان اختلاف ۽ ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر

مير علي احمد خان ٽالپر جي ٻچڙن جي شاديءَ خانه آباديءَ جو دعوت نامون مليو. شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ ضروري سمجهندي، سوچڻ لڳس ته "انهن مير محمود جي ٽنڊي وارن، محموداڻي مير صاحبن جي شادين ۾، راڳ رنگ، ناچ انگ ۽ ترنگ جو ڪوبه ثقافتي پروگرام نه هوندو آهي. فقط حويليءَ واري دروازي جي ٻاهران ناهيل جهوڙيءَ ۾، سندن مڱڻهار منگتا فقير ويٺا اوٻاسيون ڏيندا رهندا آهن. صبح ۽ شام جنهن به وقت مستورات جون موٽرون پرجي ڏيڍيءَ تائين پهچنديون آهن، ته اتي اميدن آسرن ۾ ويٺل مڱڻا مڱڻهار، ڳچين ۾ دهل وجهي، ڊينچان ڪتانگ، ڊينچان ڪتانگ ڪري، شرنائيءَ کي توتڙون تُو ڪرائي، انهن آيل ڄاڻين کي ڏيڍيءَ جي دروازي مان اندر ٽپارائي، وري ڪلهي مان دهل لاهي، شرنايون رکي، ڪر موڙي، آرسون پيجي، ڏنڊي ڪونڊي جي رڳڙا رڳڙي ڪندي، وري ڪن ٻين موٽرن جي ٻئي قافلي اچڻ جي اُميد ۽ آسرو رکندا هئا.

جملي مير صاحبن جو، اڪثر ڪري، شاديءَ جي دهلن دمامن، خوشين مرادين، راڳ رنگ وارين ثقافتي محفلن ۽ آيل ڄاڻين کي ڇيرن جي ڇمڪارن ۾ بهلائڻ ۽ وندرائڻ کان وڌيڪ سندن شوق ۽ مقصد، گهٽي ۾ گهٽو پوئو پاڻ حاصل ڪرڻ هوندو آهي. ڇاڪاڻ ته اُهي حڪومت جي دور کان وٺي، ڏن ڏان ۽ ڊل ڊول وٺڻ جا عادي ٿي چڪا هئا. تنهن ڪري هينئر به ڪين پوئي پاڻ جي شڪل ۾ ڏن ڏان طور ڪپندو هو. سواءِ ميرپورخاص ۽ لانڊيءَ وارن ميرن جي، جيڪي شاديءَ ۾ آيل ڄاڻين، دعوتين ۽ باراتين جو خاص خيال رکندي، ثقافتي رنگ جي سڀ ڪنهن پهلوءَ سان آدر ڀاءُ ڪري، خوش رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. پوءِ ڇاهي حاصل شده پوئي کان پنجوٽي رقم ڇو نه خرچ ڪرڻي پوين.

انهن سڀني ڳالهين کي مدنظر رکندي، سوچيندي، ويچاريندي، حيدرآباد لاءِ ٽرنڪ ڪال بڪ ڪري، مون مير علي احمد خان ٽالپر سان انهيءَ باري ۾ ڳالهايو ته "ڪو ڳائڻ وڄائڻ جو رنگ ڍنگ به آهي يا رڳي رکاڻ هوندي!" پاڻ جواب ۾ چيائين ته "ڳائڻ وڄائڻ وارو محفلي رواج ته اسان ۾ آهي ئي ڪونه، تنهن ڪري ڪلام ڇڏي طعام سان خوب خاطر تواضع ڪئي ويندي!" ليڪن مون کي ته پيٽ جي غذا کان وڌيڪ روحاني غذا جي ضرورت هوندي آهي. تنهن ڪري، بضد رهندي، اهو مجارايومانس ته آءٌ پاڻ سان پنهنجا درباري فنڪار آڻي، شادمانا ڪري، نچي پنبي، ٻچڙن جي خوشي ڪندس. پاڻ انهيءَ شرط سان راضي ٿيو ته "فقط ڇيرون ڇمڪارا نه هجن!"

آءٌ به سندس اهو شرط قبول ڪندي، ڇيرن جي ڇمڪارن کي ڇڏي، پنهنجو

ناميارن سنڌي لوڪ فنڪار راڳين جا ٿي جوڙ وٺي، مقرر ٿيل تاريخ واريءَ شام جو حيدرآباد پهتس. انهن راڳين ۾ عثمان، منو ۽ هاشم ڪچي برادران جو جوڙ، ٻئي جوڙ ۾ حيدر ڪوسو، شاهه محمد عرف شاهو خان ڪلوئي، امير بخش ميراڻي ۽ شيخ حاجي عبدالله ڊولڪ نواز بديشائي هنا. ٽئين جوڙ ۾ ڪلاسيڪل، نيم ڪلاسيڪل، گيت، غزل، قوالي، ٺمري، ڪافي، وائي ۽ هر رنگ ۾ ڳائڻ وارو حسين بخش ميراڻي، سندس پڪوازي بجو ڊولڪ نواز سميت، اڳي ئي اتي موجود هو. ڇاڪاڻ ته اهي ميراڻي مڳٺهار منهنجي ۽ مير صاحبان جي مشترڪ ۽ گڏيل ملڪيت ۽ مڳتا هنا.

پاڻ سان گڏ آندل فنڪارن کي رٽز هوٽل جي لان ۾ ويهاري آءٌ پنهنجيءَ جاءِ تي گهر ويس. جيڪو انهيءَ رٽز هوٽل جي بلڪل نزديڪ، ويجهو ۽ قريب هو. رٽز هوٽل کي، سندس مالڪ شفيع سيٺ سان انتهائي برادرانه ۽ عزيزاڻه دوستيءَ جي ڪري، آءٌ پنهنجي بينڪ ۽ اوطاق طور ڪتب آڻيندو هيس.

جيئن ته اسين شام جي وقت پهتا هئاسين، تنهن ڪري فنڪارن جي چانهن پاڻي ۽ ڪيڪ پيسٽرين جو بندوبست ڪري ڇڏيو هيم. آءٌ، ڪلاڪ کن کان پوءِ، گهران واپس پهچي، ڪن پيارن دوستن سان گڏ، راندانه مشرب ۾ شامل ٿي، شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سانباها ڪندي، ٽول ٽپڙ حاصل ڪري، تقريباً نوين بجي رات جو، ٻه وڪٽوريا بگيون گهرائي، راڳي فنڪارن کي هڪٻئي مٿان سٽي، ڪين لڏي روانو ڪري، ٽوري ئي وقت کان پوءِ، پاڻ وري پنهنجي موٽر ۾ سوار ٿي، مير صاحبن جي بنگلي تي پهتس ته بنگلي جي سامهون قناتن سان واڙ ڏنل صحن جي اندر خُر و نوش جو دور دورو هو.

مون پنهنجي ڪئمپ، اُيرندي پاسي خوبصورت سجايل باغيچي ۾ لان واريءَ انهيءَ جاءِ تي لڳائي، جتان ٽورو اڳيرو تازو وينل گهوٽ اُٿي ويا هنا، جن جي گلن جا هار، ڦلن جون پنکڙيون، ثابتيءَ طور اهو ثابت ڪرڻ لاءِ بکريل هيون. انهن ڪوچن جي ڊيڪوريشن هڪٻئي پٽيان ۽ پاسن کان گهٽي تعداد ۾ ٿيل هئي. وچ وارو پيل خالي ٽڪرو گلمن غاليچن سان سينگاريل پاڪاريل ۽ ناهيل سجايل هو. باقي سڄو لان، سون هزارن جي تعداد ۾ ڪرسين سان ڀريل ۽ سٽيل هو.

اسين جنهن وقت اُتي پهتاسين، ته انهيءَ وقت محفلي دربار ۾ ڪوبه ماڻهو وينل ڪونه هو. سيڪو خر و نوش ۾ محو ۽ مصروف هو. انهن خالي وڇايل گلمن غاليچن تي، فقط الغوزي نواز خميسي خان جهنجهيءَ جي پاون ۽ بنسرين واري پيتي پيل هئي. جنهن جي ڀرسان ئي منهنجن فنڪارن پنهنجا پنهنجا باجا، ڊولڪيون، هارمونيم، طبلا ۽ ٻيو ساز و سامان رکيو. منهنجن خدمتگارن انهن ڪوچن جي پٽيان برفون، سوڊائون، ٽرماس ۽ منهنجي سرشاريءَ جو سامان، بار وانگر سجايو. اسين اڃا انهي ويهه ويهان ۽ نشستون حاصل ڪرڻ جي ويچارن ۾ ئي هئاسين ته مير

رسول بخش خان تڪڙا تڪڙا قدم پريندو، اسان وٽ پهتو. بروقت پهچندي چيائين ته "سرڪار، هلي ماني ڪائو!" جنهن تي جواب ڏيندي، مون ڪيس چيو ته "سرڪار روحاني غذا حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ به خالي پيٽ لنگهڻان ئي رهندا آهيون."

پاڻ ٿوري گهڻي بحث و تمحيص ڪان پوءِ، اسان کي پاڻ سان گڏ هلندو نه ڏسندي، مصروفيت جو عذر ڏيئي، واپس شڪر خاني ڏانهن هليو ويو. منهنجي اچڻ جو ٻڌي، اتي جا ڪيئي مڱتا فقير مڱڻهار، جوق در جوق اتي پهچي ويا. ملڻ جلڻ خير عافيت پڇڻ ڪان پوءِ، ڪين حڪم ڏنم ته پنهنجا پنهنجا دهل دماما ۽ شرنايون ڪڍي هتي پهچي، اسان جي هتي اچڻ جي آجيان ۾ "دس" وڄايو. اهي ويچار حڪم جا بندا خلاف معمول، پنهنجي فن ۽ گذر معاش جون آسون اُميدون رکي تعميل لاءِ اتي پهچي ويا. تنهن وچ ۾ مير علي احمد خان سان به ملاقات ٿي. جنهن کي پُريان تار مبارڪون ڏيئي، پنهنجو فرض ادا ڪيم. انهي وقت يارن دوستارن پيارن دلوارن، فنڪارن ڪلاڪارن، جنهن جنهن به منهنجو ٻڌو ٿي، بيساخته اچي اتي گڏ ٿيا. ايتري ۾ منگتن مڱڻهارن جو دس به شروع ٿي ويو. اهو ڏسندي دعوتين ۽ تماشبينن جو وڏيڪ اضافو ٿيندو ويو. ايتري ۾ منهنجو ديرينه پيارو دوست ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر به، مون کي وڏا وڏا ڀاڪر پائي، منهنجي پرسان پيل ڪوچ تي ويٺو ته گهوٽن به اُتي اچي پنهنجي مسند حاصل ڪئي. ٻين مير صاحبن کان سواءِ، مير بنده علي خان ٽالپر کي به رڙهندو، رسڪندو ايندو ڏٺوسين، جنهن به سيني کي سلام ڪري، آجيان وٺي، نشست حاصل ڪئي.

انهن ويچارن مڱتن مڱڻهارن کي، خلاف توقع هزار ٻارهن سؤ روپيا انعام اڪرام ۾ ملي ويا. جيڪي دعائون ڏيندا، بلائون وٺندا، ۽ پاڻ گهوريندا خوش ٿيندا اُتان روانا ٿيا. خميسي خان جهنجهيءَ کي، پهريون آيل فنڪار سمجهي، پنهنجي فن جي مظاهري جو سيني کان پهين وارو ڏٺوسين. جنهن به دل کولي، دل ڀري ٽِڙو ٽِڙو پوُپڙو توُٽڙو ڪئي. سندس مقدر ۾ جيڪي ڪجهه ملڻو هو، سو ڪيس ملي ويو منهنجي ۽ مير صاحب جي مشترڪه فنڪار، فقير حسين بخش ميراثيءَ، مختلف قسمن جي راڳن راڳڻين ۾، ڪافيون وايون، گيت غزل ۽ ڪلام ڳائي، ڏاڪو ڄمايو ۽ ناٿو ڪمايو. حيدر بخش ڪوسي به پنهنجن سنگتين ساٿين سان گڏ ڳائي وڄائي محفل کي مست بڻائي، ڪابه ڪمي ۽ گهٽتائي نه ڪندي، پنهنجي مقدر جو "حاصل" حاصل ڪيو. انهن ٽنهي جي پروگرام کان پوءِ، عثمان، منو ۽ هاشم ڪڇي برادران کي، سنڌي لوڪ رس جو ماهر چئي، سندن تعارف ڪرائيندي، ڪيئي ڳائڻ وڄائڻ جو حڪم ڏنم. جنهن تي مير علي احمد خان ٽالپر پنهنجي سروقدي جو مظاهرو ڪندي، ڳاٽ اوچو ڪري پڇيو ته "ڇا؟ عثمان ڪڇي به آيو آهي!" جنهن تي عثمان ڪڇيءَ اُٿي بيهي، هٿ ادب جا ٻڌي، نهايت نياز نوڙت سان، جواب ڏنو ته "حي ها سرڪار! توهان جي قدمن ۾ حاضر آهيان."

تنهن وقت اها درباري محفل پنهنجي شباب تي پهچي ڪچا ڪچ پرجي چڪي هئي. اُنهن سوَن ڪوچن ڪرسين منجهان، باقي ڪوبہ ڪوچ ۽ ڪرسي خالي پيل نظر نٿي آئي. تنهن کان سواءِ، بيئل ماڻهن جا بہ انبوهہ لڳا پيا هئا. جيئن ئي ڪچين پنهنجي ڳالهہ وڃائڻ جو رس شروع ڪيو، تہ مير رسول بخش خان جو شهزادو مير ڪيو، منهنجي ويجهو اچي، ڪن سرو ڪندي چوڻ لڳو تہ "چاچا! جهنجهيءَ کي وارو ڪيو." جنهن تي، ڪيس جواب ڏيندي چيم تہ "بابا سائين! جهنجهي پنهنجو وارو وٺي ويڪو آهي." ٿوري وقت کان پوءِ وري، مير رسول بخش خان، بنفس نفيس خود، خميسي خان جهنجهيءَ جو سفارشي بڻجي مون وٽ پهتو، جنهن کي بہ حجتائي نموني ۽ انداز سان انڪار ڪندي چيم تہ "ڪچي برادران جو رس هلي رهيو آهي. تنهن ۾ ها توتڙو پوپڙو ڪانہ ڪهي!" جنهن کان پوءِ، حسب معمول، پاڻ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي، پنهنجين مصروفيتن ۾ مصروف ٿي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ خبر پيئي تہ خميسو خان، مير علي احمد خان تائين پهچي، جيڪو پوئي پات جي وصولي ۾ مشغول ۽ مصروف هو، ڪين مجبور ڪري رهيو هو تہ ڪيس وارو وٺي ڏين. جنهن جو جواب ڏيندي، ڪيس مير صاحب چيو تہ "اها ثقافتي صدارت رئيس صاحب جي ئي آهي- جنهن ئي انڪار آٿي، اها محفل ۽ منڊٿي مچائي آهي، جنهن ۾ آءٌ ڪنهن بہ قسم جي مداخلت ڪري ئي نٿو سگهان." اُتان بہ نااُميد ٿي، وري اچي مير بنده علي خان جي ڀڙ ورتائين. مير بنده علي خان، جيڪو مون سان همسفر بڻجي، مٿي نوشيءَ ۾ مون سان گڏ شريڪ هو، جنهن کي بہ منهنجا ئي خدمتگار آبدار بڻجي، جامن تي جام ڀاهي ڏيئي رهيا هئا، پنهنجي مخصوص بارعب ۽ ڊگنيٽيءَ واري انداز ۾، نڪ مان ڳالهائيندي، مون سان مخاطب ٿي چيائين تہ "رئيس صاحب! خميسي خان کي بہ تہ وارو ڏيو!" جنهن تي مون وري بہ ساڳيو ئي جواب ڏيندي چيو تہ "مير صاحب! خميسو خان پنهنجو پروگرام ۽ ايٽم پورو ڪري چڪو آهي. تنهن هوندي بہ جڏهن سڀيئي آيل فنڪار پنهنجو رائونڊ ۽ وارو پورو ڪندا، تہ انهيءَ کان پوءِ ئي ڪجهہ ٻيو وڌيڪ سوچيو ويندو."

پر خميسو خان، نوٽن جي گهٽي ريل پيل ڏسي، لالچ ۾ اچي، مير بنده علي خان کي ويتر وڌيڪ مجبور ڪندو رهيو. ٻہ ٽي ڀيرا اشارتاً مير بنده علي خان بہ مون تي حڪم تعميل ڪيا. مگر منهنجو "نا مانون نا مانون" وارو جواب ٻڌي، ڪاوڙ واري غصي ۾ ايندي، محفل ڇڏي، سڌو بنگلي ڏانهن هليو ويو. جنهن تي منهنجي پياري، هم وضع ۽ هم قطع دوست، ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر، جيئن چوندا آهن، تہ "رت دانگيءَ تي بہ ٽڙڪي پوندو آهي" تنهن مثال وانگر، ڪامريڊ بہ ٿورو گهٽو جذبات ۾ ايندي چوڻ لڳو تہ "مير صاحب ڪاوڙجيو پيو وڃيو!" جنهن تي مون بہ جذبات ۾ ايندي ڪيس چيو تہ "تنهن ڪري، ڇا پيرين پوانس؟" تہ پاڻ وري ٽڏو ٿي چوڻ لڳو تہ "نہ نہ نہ، سرڪار! منهنجو اهو مقصد هرگز نہ هو!!"

هاڻي هتي آءٌ اِهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر سان ڪيئي رس پريون رهاڻيون، انتهائي بي تڪلفانہ حجتون، محبتون، صداقتون، الفتون رهيون آهن. جيڪي، ڪڏهن ميڪدن ۾، ڪڏهن بت ڪدن ۾، ڪڏهن شافي خانن ۾ تہ ڪڏهن ڏنڌن ڪوندن جي رڳڙا رڳڙيءَ ۾، ٿيندڙيون رهيون آهن. تنهن سا گڏوگڏ، علم ڪدن، ادب ڪدن ۽ فنڪدن ۾ بہ ملندا رهيا آهيون.

پاڻ، ڪثير ۽ وسيع مطالعي جي ڪري، ڪڏهن انقلابي تحريرن ۽ تقريرن ۽ جوش و جنون سان تہ ڪڏهن سنجيده ٿي، منطقي ۽ فلاسافيانہ راز، داناءِ را ٻڌجي، سلجهائيندو ۽ سنواريندو رهندو هو. پر حقيقتاً ڪيس مڪمل عبور ظرافت تي ئي هوندو هو. جنهن ۾، ڪثافتي اکر ڳالهائي، آفيسرن، ڪامورن، رئيسن وڏيرن سيدن پيرن، اميرن شاهوڪارن ۽ نيم ملان خطره ايمان کي گاريون ڏيئي، پڙاسون دل جون باهيون ڪڍي، عوام کي خوب کان خوبتر ڪلائي، داد حاصل ڪري، هلڪ ڦلڪو ٿيندو هو. خود ٽالپر هجڻ جي باعث، باقي فقط اُهي ٽالپر ئي وٽانئس بچيا هوندا هئا، جي پڻ هاڻي سندس انهيءَ ڪثافتي ٻوليءَ جي زد ۾ اچي چڪا آهن جن ڪيس هڪڙي ئي پاسي رکندي، سندس اٽڪ محنتن، جفاڪشين ۽ وفادارين سا بيوفائيون ڪري، عهدن ۽ رتبن ماڻڻ کان پوءِ بہ، سندس خيال نہ رکيو- ڇاڪاڻ هن خود غرض، خوپسند ۽ مطلبي دنيا جو، اهو ئي دستور آهي! ورنہ ڪامريڊ لاءِ سر بہ صدقو ڪن ها!

ڪامريڊ مير محمد سان منهنجي محبت خرد جا فاصلا ختم ڪري، جنو جي حد تائين پهتل آهي. ممڪن آهي تہ سندس بہ اهي ئي ارادا ۽ خيال هجن. ڇاڪا تہ جڏهن بہ، جتي بہ، ساڻس ملاقات ٿيندي آهي تہ، ڪمان وانگر ٻيڻو ٿيندي، زمي بوس ٿي، پيار محبت، خلوص ۽ صداقت جو ثبوت ڏيندو آهي. منهنجو بہ ساڻ خلوص ۽ پيار وارو ساڳيو ئي ورتاءُ رهندو رهيو آهي ۽ انشاءالله هميشہ رهندو ئ رهندو- پوءِ چاهي هزارين ماڻهن جي مجموعي ۾ سياسي جلسا هجن، صحافتي چٽخارا يا ثقافتي ميلا. آءٌ ڪيس علم جو عالم، عشق جو عاشق صادق ۽ ظرافت مقرر مسخري سان گڏ، سندس چهري، اوصاف ۽ خُلبي کي ڏسندي، ڪيس ڏوتہ ٻڌارائي، قميص لهرائي، جٽيون پارائي، نراڙ تي "تلڪ" لڳارائي، "پنڊت" ج خطاب ڏيئي، چاهيان ٿو تہ ڪيس انعامن، اڪرامن ۽ ايوارڊن جي مالها ناهي، ڳچي ۾ پارائي، مهاراج - ڪثافت ۽ ظرافت واري سنگهاسن تي پڌارائي، ديوتا سما سمجهي، پوڄا پاٺ ڪريان، جنهن جو ڪيس پورو پورو اڏيڪار آهي. ڇاڪاڻ لوگ پرلوگ جون آتمائون پرسن ڪري، آسيسون ۽ آشيرواد وٺي ٿو.

مٿئين مضمون کي مختصر ڪندي، منزل تي پهچائي، واري واپس اچون شاديءَ واريءَ انهيءَ ثقافتي محفل ۾، جتي ڪيچي برادران ڳائي وڄائي، ڪيترين ڏ دليون خوش ڪري رهيا آهن. ورنہ، ڪامريڊ جي عادات، اطوار، سخن

سخن وريءَ تي لکڻ لاءِ تہ پورو بياض گهرجي.

قصو مختصر، ڳائڻ وڄائڻ جي محفل هلندي رهي. ڪچي برادران پنهنجي ثقافتي رنگ جا جادو جاڳائيندا رهيا. ڪي چغلخور، مير علي احمد خان تائين پهچي ڪيس چوڻ لڳا تہ "سائين، رئيس صاحب تہ مير بنده علي خان کي بہ ڪاوڙائي ڇڏيو، جيڪو ثقافتي درٻار مان ناراض ٿي. بنگلي ۾ هليو ويو آهي!" ٻڌڻ ۾ آيو تہ مير علي احمد خان طيش ۾ اچي، انهن چغلخورن کي سخت تنبيهہ ڪئي تہ "هو ٻئي ڄڻا، پاڻ ۾ هم مشرب ۽ هم پياله آهن. تنهن ڪري، پاڻ ئي هڪٻئي ۾ ڄاڻن. توهان انهن جي وچ ۾ مداخلت ڪرڻ وارا ڪير ٿيندا آهيو؟" جنهن تي اُهي ٻن کي ويڙهائڻ وارا چغلخور حاسد پنهنجو پلڙو منهن ڪري واپس هليا آيا ۽ مير صاحب بہ پنهنجيءَ ئي مصروفيت ۾ مصروف رهيو. اِنهيءَ ڳالهہ جي خبر بہ اسان کي پوءِ دير سان پيئي.

اِنهي دوران مير بنده علي خان کي بنگلي جي اڳيان وراندي ۾ بيٺل ڏٺوسين. جنهن تي وري بہ هم طبع هم خيال دوست ڪامريڊ مير محمد ٽالپر، مير صاحب ڏانهن اشارو ڏيندي، چيو تہ "مير بنده علي خان وراندي تائين پهچي ويو آهي. شايد محفل ڇڏي وڃڻ لاءِ پڇتاءُ ٿيو هجيس!" مون ڪامريڊ کي انهيءَ اُن تڻ ۾ سوچيندي ويچاريندي ڏسي، ڪانئس پڇيو تہ "پلا پوءِ ڇا ٿيڻ کپي؟" جنهن تي پاڻ چيائين تہ "هاڻي پرچائي وٺي اچوس." سندس اهو خيال ۽ رايو ڏسي، حاضر چئي، هڪدم اُٿي، سڌو مير بنده علي خان وٽ پهچي، ڪيس چيم تہ "مير صاحب! صدارتون توهان کي ڏنيوسين تہ وزارتون بہ، حڪومتون اوهان جي حوالي ڪري، حڪم جا بند بڌجي رهياسين. باقي فقط هن ثقافتي رنگ ۾ اچي، ڳائڻ وڄائڻ جو اڀياس ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ انهن ميراثين ۽ مڱٽهارن جي صدارت ملي آهي. جيڪڏهن اِنهيءَ تي بہ توهان کي ڪو اعتراض هجي، تہ اُها صدارت بہ اوهان کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيون!" جنهن تي پاڻ ڪلي، ٽهڪ ڏيئي، پاڪر وجهي، واپس اچي، راڳ رنگ واريءَ انهيءَ محفل ۾ شريڪ ٿيو. اهڙيءَ طرح سان، اها محفل موسيقي رات جو ڏيڍ بجي تائين هلي، سرور ۽ غرور ۾ اچي، اِختتام پذير ٿي. جيڪا مير محمود جي "محموداڻي" ميرن جي رسمن رواجن کي ٽوڙيندي، پنهنجي قسم جي پهرين ۽ انوکي انداز ۾ هئي.

هونءَ تہ مير علي احمد خان جي ٻي شادي خانہ آبادي، جيڪا خاڪسار تحريڪ جي وقت، خاڪساري لباس، برجس، لانگ بوٽ، گيٽرس، ڦُلي تي ٻڌل مشهدي لونگيءَ، ٻانهن مٿان لڳل "اخوت" جي نشان سان گڏ، باقاعدي يونيفارم ۾ ٿي هئي، جنهن وقت حد کان وڌيڪ مذهبي جنون سوار هون ۽ ريش مبارڪ بہ دراز هئي. انهي دعوت ۾ بہ شريڪ هيس؛ پر انهن ٻڇڙن جي شادين جو رنگ تہ ڪجهہ نرالو، انوکو ۽ عجيب ئي ڏسڻ ۾ آيو. جيڪو مير رسول بخش خان جي ٻڇڙي مير پَيُو جي شادي خانہ آباديءَ ۾ بہ ڏسي نہ سگهياسين.

مير پيوءَ جي شادي ۽ پٽي صاحب جو انتظار

مير پيُوءَ جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، تحفا تحائف وٺي، جڏهن مير محمود جي ٽنڊي، عجيب و غريب برقي قمقمن ۽ اليڪٽرڪ ڊيڪوريشن سان سينگاريل سجايل بنگلي تي، قطار در قطار پارڪ ٿيل موٽرن جي ميڙ ۽ جهمگهٽي مان گذري، بنگلي جي دروازي تي پهتاسين، ته مير علي احمد خان خوش لباس، ويل ڊريسڊ ۽ فل سوٽ ۾، پنهنجي ٻين ساٿين سميت، اسان جي موٽر جو آجيان ڪندي اچي رسيوَ ڪيو. آءٌ پنهنجن ٻن شهزادن، علي رضا ۽ قاسم رضا، سميت موٽر مان لهي، ساٿس ڀاڪر پائي مليس، ۽ اُتان سڌو دروازي تي پهتاسين. منهنجن ننڍڙن ڪي سندن نانو، بغير ڪنهن ڏس ڏسان ۽ پڇ پڇان جي، اندر ويٺل ماڻهن جي انبوهه ۽ جهمگهٽي ۾ وٺي هليو ويو، جتي تِر چٽڻ جي به ڪا جاءِ باقي نه رهي هئي. آءٌ گائيڊ، راهه ڏيکاريندڙ ۽ وٺي ويندڙ نه ڏسي، مير علي احمد خان سان گڏ، ڦڪائيءَ کي وندرائيندو، اُتي ئي بيهي رهيس. ٻڌڻ ۾ آيو ته مير رسول بخش خان جي ٻچڙي مير پيوءَ جا ڪيئي سرگس اُٺن، گهوڙن، موٽرن ۽ هاٿيءَ تي نڪري چڪا آهن، جن ۾ هندي، سنڌي، مهاجر ۽ انصار جو ڪوبه فرق نه هو. سيٺيئي قومون ۽ قبيلا يڪسانيت ۽ وحدانيت ۾ اچي، خوشيون ملهائي رهيا هئا. مير علي احمد خان متوجه ٿي، محبت ڪندو ۽ مسڪرائيندو رهيو.

موٽرون ايندیون رهيون، دعوتي بغير ڪنهن راهنما ۽ گائيڊ جي، پاڻ منهان ويندا ۽ داخلا حاصل ڪندا رهيا، ته ايتري ۾ هڪڙي ٻي اهڙي موٽر آئي، جنهن مان منهنجو دلدار غمگسار نوابزادو ڄام انور علي خان براجمان ٿيل هو. جنهن کي ڏسي، چمڪندي ٻهڪندي، پاڻ سان گڏ وٺي اچي دروازي تي بيهاريم. جنهن صورت ۾، خود مون کي ئي ڪا راهنمائي حاصل نه هئي، ته آءٌ پنهنجي يار سڄڻ جي ڪهڙي راهنمائي ڪري ٿي سگهيس! هن به اٿپورو ۽ اجايل انتظام ڏسي، مون سان گڏ اُتي ئي بيهڻ ۾ پنهنجي عافيت سمجهي. مير رسول بخش خان به ٻه ٽي ڀيرا پريشان ڪُن حالات ۾ ايندو ويندو ڏسڻ ۾ آيو. ائين پڻي محسوس ٿيو ته سڄو ماحول ڪنهن وڏي انتظار ۾ مصروف ۽ محو هجي. جنهن ۾ ڪنهن جي ڪنهن ٽِٽي ٽامٽيءَ تي ڪا نظر ئي ڪانه ٿي پيئي. آخر گهڻي سوچ ويچار، تفتيش ۽ تشويش کان پوءِ معلوم ٿيو ته انتظار پٽي صاحب لاءِ هو. اها حالت ڏسندي ۽ پنهنجي اهميت کي نه ڏسي، آءٌ ۽ ڄام صاحب، اُتان واپس اچي مون واري موٽر ۾ ويناسين، جنهن ۾ تحفن تحائفن سان گڏ سرشاريءَ جو سامان پڻ موجود هو.

ڪجهه سرشاري حاصل ڪرڻ کان پوءِ، فيصلو ٿيو ته هتي وائڙن وانگر بيهڻ کان ائين بهتر ٿيندو ته شهر پهچي رٽز هوٽل ۾ ديرو ڄمايو وڃي. اِنهي خيال کي تڪميل تي پهچائڻ خاطر، مون واري موٽر ۾ سوار ٿي، ڄام صاحب جي موٽر،

سندس ماڻهن ۽ منهنجن ننڍڙن کي سندن ناني سميت اُتي ئي ڇڏي اُتان روانا ٿي، "رٽز" هوٽل تي پهتاسين. جتي، ٿوريءَ ئي دير کان پوءِ، ڄام صاحب واري موٽر بمعه سندس اهل ڪارن ۽ خدمتگارن جي اچي وارد ٿي. ڄام نوشيءَ ۽ ٿوري گهڻيءَ رس ڳهاڻ ڪرڻ کان پوءِ، واپس موٽي شاديءَ تي وڃڻ جو آهو ۽ آسرو پلي، رات واري ماني به هوٽل ۾ ئي کاڌيسين.

جيئن ته رات جو پهريون پهر پورو ڪري، ٻئي پهر جي پڇاڻيءَ تائين وڃي پهتا هئاسين، ته ڄام صاحب خير و خوبيءَ سان موڪلائي، واپس پنهنجي ڳوٺ ڄام وليج ڏانهن روانو ٿي ويو. آءٌ وري پنهنجن ننڍڙن ۽ سندن ناني کي ڪٽي اچڻ خاطر، ٻيهر وري ٽنڊي مير محمود پهتس، ته ٻاهر دروازي تي ڪين نهايت بيچينيءَ سان پنهنجي انتظار ۾ بيٺل ڏٺم. وٽانئن معلوم ٿيو ته ماني، ڪوڪاڪولا ۽ ٻيو مشروبات ته خير، پر ان وقت تائين ڪو سادو پاڻي به ڪين ميسر نه ٿي سگهيو هو. هو ٻڌي، ڪين پاڻ سان گڏ موٽر ۾ ويهاري، ڪيڪ پيسٽرين ۽ بسڪٽن جا بنڊل ڪولي سندن حوالي ڪيم. جيڪي اتفاقي حالتن کي مدنظر رکندي، ٻچڙن جو خيال ڪندي، اڳواٽ خريد ڪيا هيم. تنهن کان پوءِ انهن تحفن تحائفن کي به پاڻ سان گڏ ڪٽي، واپس گهر پهتاسين.

"بهت بے آبرو هوکر، تيرے کوچے سے هم نکلے"

اهڙيءَ طرح سان نوابزاده ڄام انور علي خان به پاڻ سان گڏ تحفا تحائف واپس موٽائي پنهنجي گهر ڪٽي ويو هو.

انهيءَ ڪسر نفسي ۽ ڪسمپرسيءَ واريءَ حالت زار کي سوچيندي سوچيندي، پاڻ کي ئي قصور وار ۽ ڏوهي ٺهرائيندي، فيصلو ڪيم ته "اها تنهنجي ئي بي همتي ۽ ڪم مائيگي آهي. ورنه هو ته تنهنجا يار هئا، جن سان تون حد کان زياده حجتون ڪري سگهين ٿو!! پوءِ پاڻ کي بيوس ۽ بيڪس ڇو سمجهيئي!!! وري ساڳئي وقت تي، ڪنڌيءَ جي بهادر، فقير بخش ڪاڇيءَ جا اهي جملا به ياد آيا ته "جيڪي به ڪجهه ڪيو ويندو آهي، پنهنجن لاءِ ئي ڪيو ويندو آهي نڪي ڏارين لاءِ، سوچيو به پنهنجن ئي لاءِ آهي، نڪي غيرن لاءِ- انتظار به پنهنجن جو ئي ڪبو آهي ڪي ٻين جو." انهي خيال ۽ فيصلي کي سوچيوسون ته اسان جيڪي به ڪيو سو درست هو، ڇاڪاڻ ته يارن وٽ اسان کي پنهنجي ڪا اهميت ۽ افاديت ڏسڻ ۾ نه آئي هئي. بهرحال، جيڪي به ڪجهه ٿيو، سو صحيح يا غلط، پر وري به انهن سيني ڳالهين کي هضم ڪري، زندگيءَ جي سفر ۾ ساٿي بڻجي، ساٿ ۾ رهندا جون ٿا ۽ هميشه ساٿ ۾ ئي ايندا رهنداسين. پوءِ اهي اوٺائيون پوٺائيون، ڪڏهن سان کان به ته سرزد ٿي سگهن ٿيون! جنهن لاءِ اڳين کي به هاضمو هئڻ گهرجي.

اهڙيءَ طرح سان، هڪ ڀيرو، ٻچڙي ميرپپوءَ جي شاديءَ خانه آباديءَ کان ڪ، ٻئي صاحب جي وٽن مهمان ٿي اچڻ وقت، ڪيترين سياسي ۽ سماجي گٽين

ڪي سلجهائڻ لاءِ اُميدون ۽ آسرا ڪٽي ويو هيس. ٻيئي ڀائر، مير علي احمد خان ۽ مير رسول بخش خان، ڏاڍيءَ صداقت، محبت ۽ قرابت سان مليا ۽ پوءِ، مير علي احمد خان قرآن جي قلمي نسخي ۾ محو ٿي ويو ته مير رسول بخش خان وري ٻين آيل مهمانن ۽ معززين سان مصروف رهيو. آءٌ ۽ مير محمد بخش نوڙهو پاڻ ۾ پرچاڻي ڪري رهيا هئاسين، ته ايتري ۾ هوبهو مچي ويو ۽ سيني گڏ ٽيل سياسي، نيم سياسي ۽ سماجي ماڻهن کي، چُرڦُر ڪندي بيساختہ ڊوڙندي، اوپر طرف ويندي ڏٺوسين. خبر پيئي ته جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب ماڙيءَ تان هيٺ لهي، پرٿويءَ تي پرگهٽ ٿي، موٽرن جي جلوس ۾ اوڏانهن وڃي رهيو آهي، جتي جلسو ٿيڻ وارو هو. انهن ماڻهن سان گڏ، ٻنهي برادر مير صاحبان کي به تڪڙو تڪڙو بي اختيار ويندي ڏٺوسين.

مير محمد بخش ۽ آءٌ، ٻيئي ڇٽا، هڪٻئي کي سواليہ نگاهن سان نهاريندا، ڏسندا ۽ تڪيندا رهياسين. مون پنهنجو منهن کولي، مير محمد بخش خان ۽ پنهنجن جذباتن جي ترجماني ڪندي، ڪيس ٻڌايو ته "اهي سڀ وقتي چٽخارا آهن. پر ڪم نيٺ اسين ئي ايندا سين." جنهن تي مير صاحب مير محمد بخش به ڪنڌ ڏوڻي ها ۾ ها ملائي. تنهن کان پوءِ، آءٌ به پنهنجي موٽر ۾ سوار ٿي، هيرآباد جي ڇيڙي تي "پرڳڙي هائوس" پهتس، جتي سنڌ جو سائين جي- ايم- سيد ترسيل هو. مون سان ملي، ڪلي، ڪيڪاري پڇيائين ته "رئيس صاحب! هيترو وقت ڪٿي هئا؟" جنهن تي مون کين پنهنجي سڄي ڪار گذاري ۽ روئداد، نهايت سنجيدگيءَ، سچائيءَ، خلوص ۽ صداقت سان واضح ڪري کين ٻڌائي. پاڻ صبر ۾ اچي خاموش ٿي ويا ۽ ڪابہ ٽيڪاڻپٽي ۽ راءِ زني نہ ڪيائون.

"تنوير" نقويءَ سان گڏ فلمي فنڪارن جي حيدرآباد ۾ آمد ۽ مير رسول بخش خان

الائجي ڇو انساني فطرت يار جي ياريءَ، دلداريءَ ۽ وفاداريءَ کان وڌيڪ دل برداشتہ ٿي، بي اعتنايين کي سوچي نڪتہ چين ٿئي ٿي. ورنہ محبتن، صداقتن ۽ لياقتن کي وڌيڪ اهميت حاصل هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته محبت، پريم پيار، اخلاص ۽ اخلاق خدا آهي، ته بغض، حسد، ڪينو، ڪدورت ۽ ساڙو وري شيطان سان نسبت رکي ٿو. پريم پرماتما آهي ۽ پرماتما پريم. يعني محبت خدا آهي ۽ خدا محبت. محبت دل جي ڪعبي مان ڪٽي وڃي ٿي، جنهن ۾ خدا جو مڪان آهي بغض، حسد، ڪينو، ڪدورت ۽ ساڙ، طبعي تضاد آهن، جن ۾ ڪيئي اختلاف پيدا ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري شيطاني اختلافن کي ڇڏي، الله کي ياد ڪري، اتفاق ۾ اچي. هنئين شعر چئي، مضمون کي اڳتي هلايون ٿا ته:

محبت کے دم سے یہ دنیا حسیں ھے
محبت نہیں ھے تو کچھہ بھی نہیں ھے.
"تنوير" نقوي

مير رسول بخش خان سان مٿئين مضمون ۾ ڪجهه نڪته چيني بڻجي- پر دل برداشتگيءَ کان سواءِ- ٻيا به ڪيئي اهڙا مضمون پڻيان ڇڏي آيو آهيان، جن ۾ محبت و الفت، صداقت ۽ وفاداري هئي. اُنهن مان هڪڙي ياداشت هتي هيٺ ڏجي ٿي.

مون کي ڪراچيءَ کان "تنوير" نقويءَ جو فون پهتو ته "آءٌ، ڪنريڪٽر ايڪٽر علاءُالدين، جعفري صاحب ۽ نامور اداڪاره بهار سان گڏ، پاڪ ايئرويز رستي، ڪراچيءَ پهچي چڪو آهيان. اسان جو پروگرام فنڪارن لاءِ "پوئر فنڊ" حاصل ڪرڻ آهي. انهيءَ سلسلي ۾ بهانو بڻائي حيدرآباد سان گڏ ماتليءَ ۾ به اچڻ ٿيندو. تنهن ڪري انتظار ڪندا."

آءٌ اجا انتظار ۾ ئي هيس، ته ٻن ڏينهن کان پوءِ وري حيدرآباد ۾ سندن آمد جو اطلاع مليو. تنهن سان گڏ حيدرآباد پهچي سندن رهائش جي بندوبست ڪرڻ لاءِ گذارش پڻ ڪئي هئاسون.

ڏنل پروگرام مطابق، جيپ ۾ سوار ٿي، حيدرآباد پهچي، "رٽز" هوٽل ۾ ٻن ڊبل بيڊ ڪمرن جو بندوبست ڪري، پنهنجي حيدرآباد واري رهائشگاهه تي پهتس، ته ٿوري ئي وقت گذرڻ کان پوءِ، پاڻ سان گڏ آيل مهمانن کي رٽز هوٽل تي لاهي، "تنوير" نقوي پاڻ وري مون وٽ جاءِ تي پهچي ويو. بيساخته ياڪر پائي، گلي لڳائي، خوش خيرعافيت ڪرڻ کان پوءِ، گڏجي رٽز هوٽل تي پهچي،ٻين مهمانن سان ملياس. ايتري ۾ رٽز هوٽل جي مالڪ شفيع سيٺ جي پبلسٽي ڪرڻ تي، لالا نورالدين مالڪ نيو ميجسٽڪ سئنيما حيدرآباد، علي بخش انصاري ۽ ڪي ٻيا نلمي دنيا سان پيار ڪندڙ دوست ۽ "تنوير" نقويءَ جا پيروڪار. آغا زبير اختر ۽ سحاق صاحب سميت، اُتي اچي وارد ٿيا. رٽز هوٽل واري لان ۾ فوٽوگرافي ٿي. تنهن سان گڏ، ٻنهن جي مانيءَ واريءَ ٽيبل تي، مختصر تعارفي تقريرون حيدرآباد چڻ واري پروگرام بابت تفصيلي وضاحت ڪندي، ماني ڪاڏيسين. تنهن سان گڏ اهو به فيصلو ٿيو ته انهي فنڪارن واري "پوئر فنڊ" کي پايه تڪميل تي پهچائڻ ۽ گهٽي ۾ گهٽي رقم حاصل ڪرڻ لاءِ جناب مير رسول بخش خان ٽالپر جي مدد جي ضرورت ٿيندي.

مير رسول بخش خان سان ٽيليفون تي رابطو قائم ڪري، ساٺس پروگرام ٻاهي، شام جو مهمانن سميت ٽنڊي مير محمود ۾ سندس بنگلي تي پهتاسين. پاڻ وڏي اُتساهه، خلوص، صداقت ۽ پيار محبت سان پيش آيو. جيڪا مون سان عزازت، نرابت ۽ رفاقت، ۽ "تنوير" صاحب سان فن، ادب ۽ شعر و شاعريءَ ۽ علاءُالدين ۽

جعفريءَ سان اداڪاريءَ ۽ هووٽهاريءَ جي ڪري ڪرٽي هيس. پر اسان سان تہ مرد
جي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري، حسين و جميل، مه پاره مه جبين، مشهور و معروف فلمي
شهزادي "بهار" بہ شامل هئي. تنهن تہ سندس مردانہ وار همتن، جرئتن ۽ نزاڪتن ۾
ويتر وڌيڪ واڌارو ڪيو.

پرستش حال احوال کان پوءِ، ٽيليفون ڪٽي، ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد سار
ڳالهائي ٻولهائي، ڪانئس مدد وٺڻ جا واعدا وعيد وٺي، ٻئي ڏينهن ٻارهين بجي
منجهند ملڻ جو وقت رکي ۽ ٻنهپهرن واري ماني ٻي بجي وٽس يعني خود مير صاحب
جن وٽ طئي ڪري ۽ وري ساڻن بہ ڊپٽي ڪمشنر جي بنگلي تي ملڻ جو واعدا
بيهاري، اسين سيئي واپس رٽز هوٽل تي آياسين. جيئن تہ رات ٿي چڪي هئي، تنهن
ڪري خر و نوش سان گڏ رهاڻ رس ڪري آرامي ٿياسين.

جيئن تہ ٻئي ڏينهن ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد سان ٻارهين بجي ملڻ جو وقت
طئي ٿيل هو ۽ ٻنهپهرن جي ماني جو ٻين بجي مير رسول بخش خان وٽ سندس بار
واري بنگلي تي انتظام ۽ اهتمام ٿيل هو، تنهن ڪري صبح جو گدوبندر وڃي دريا
سنڌ جي سير و تفريح جو پروگرام ناهيو ويو، جتي وڃي تازن تازن پَلن ۽ آنين سار
نيرن ڪرٽي هئي.

گدوبندر پهچي، ٻيڙيءَ جو ٻچڙو يعني بتيلو حاصل ڪري، مهاڻن کي پلا
آنيون ڪوڪ ڪري، چانورن جي اٽي جا اڦراٽا ۽ چلا پچائڻ جو حڪم ڏيئي، اوپاري
طرف دريا جو سير ڪرڻ لاءِ روانا ٿي، ڪوٽڙيءَ واريءَ پل وٽ پهتاسين، تہ "ابر
شڪال" ڇيرون ٻڌي اچي ڇٽڪارا ڪيا. جنهن کي ڏسندي بروقت پنهنجو بتيلو
لهوارو لوڙهيندي، ڪپڙا پڃائي ۽ پسائي، انهي مشين جي ڪنبين ۾ اچي پناهہ
ورتيسين، جيڪا سڄيءَ حيدرآباد کي پاڻي پهچائيندي آهي.

مون کي ۽ "تنوير" کي تہ قومي لباس اوڍيل ۽ پهريل هو، پر علاءُ الدين
جعفريءَ جي سوٽن بوٽن جو عجيب حال ٿي ويو. تنهن کان سواءِ، "بهار" بہ بلڪل
قابل رحم هئي، جنهن جي شلوار ڪڙتي، پُسي پوڻ کان پوءِ، سندس جسماني
ساخت جو انگ انگ، نشو نماءُ نڪار ۾، نمودار ۽ نروار هو. ويچاري ڪري بہ تہ ڇا
ڪري! گهٽو ئي پنهنجي جسماني عُريانيت کي سنڀالي، ڪپڙا نپوڙي، سڪائي، پ
سندس شباب و جوانيءَ واري جسيم بادي، ڪٽي ٿي لڪي سگهي!! ايتري ۾ ملا
۽ مهاڻا ڪوڪ ٿيل پلا، آنيون، اُڦراٽا ۽ چِلا ڪٽي اسان جي پناهہ ورتل ڪنبين
منجهہ پهچي ويا. جيئن تہ اسان نيرن بہ نہ ڪٽي هئي ۽ ٽائيم بہ وڌي ويل هو، تنهن
کان سواءِ محنت مشقت، دريائي سير و تفريح جي ٿڪاوٽ ۽ برسات پوڻ ڪري بک
۾ ايترو تہ ڪائي وياسين، جو هفتي کن جو ڍءُ ٿي ويو! پلا تو هونءَ ئي گهٽو ڪارائيند
۽ پياريندا آهن، تنهن ڪري اسان تي بہ ميار ٿي ئي نٿي سگهي.

ڪائي پي، رج ٿي، رهائشگاهہ واري هوٽل تي پهچي، ڪپڙا لاهي، ٻيا پائي

جڏهن ڊپٽي ڪمشنر مسٽر امتيازيءَ جي بنگلي تي پهتاسين، تہ اُنهي وقت ٺيڪ ساڍا ٻارهن ٿي چڪا هئا. مير رسول بخش خان اسان جي انتظار ۾، شدت انتظار سبب، بنگلي جي ٻاهران چهل قدمي ڪري رهيو هو. اسان کي ڏسي، بيساختگيءَ سان ملي، نوڪ جهوڪ ۽ شڪوه شڪايت کان پوءِ، ساڻ ڪري، ڊپٽي ڪمشنر جي بنگلي واري ڊرائينگ هال ۾ هلي ويهاريائين ٿي مس، تہ ايتري ۾ مسٽر امتيازي به پهچي ويو. ٿوري گهٽي صلاح مشوري ۽ بحث مباحث کان پوءِ سڄيءَ ڪيفيت جو جائزو وٺي، محسوس ڪندي، ڪن سينئين، مل مالڪان ۽ ڪارخانيدارن کي فون ڪيائين. تنهن سان گڏ اسٽينو کي گهرائي، تعارفي ۽ سفارشي ليٽر به ٽائيپ ڪرائي، اسان جي حوالي ڪيائين.

اهو ڊپٽي ڪمشنر مسٽر امتيازي متعصب، اٿانگو ۽ بي فيض مشهور هو. پر نڃاڻ تہ اسان جي ڪهڙي ادا ۽ آن، مير رسول بخش خان جي اثر رسوخ ۽ "بهار" جي فصيح ۽ روان انگريزيءَ ٻوليءَ ۾ نسواني آواز جادو جاڳايو، جو هو اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيو ۽ ٽيليفون ڪرڻ سان گڏوگڏ سفارشي ليٽر به لکي ڏنائين. اسين به پاڻ کي ڪامياب ٿيندو ڏسي، چهڪندا ٻهڪندا، مرڪندا ڪلندا، خوش ٿيندا، هڪٻئي سان چرچا گهڻا ڪندا، ٽوڪون هڻندا ۽ ٽهڪ ڏيندا، مير رسول بخش خان تالپر جي باغ واري بنگلي تي پهچي وياسين ۽ پڳل ٽنل چاڙهيءَ نان چڙهي، آراسته پيراسته جهاز جي ڪنبين نُما سينگاريل پاڪاريل، ويل ڊيڪوريٽيڊ اُنهيءَ ڪمري ۾ پهتاسين، جنهن کي ميوزيم ۽ عجائب گهر به چئي سگهجي ٿو.

آءٌ ڪجهہ ٽڪاوٽ، ڪجهہ نفاست سبب ۽ ڪجهہ انگل آر ۽ پاڻ تي پروسو ڪري، ديوان نُما پلنگ جي سيني وهاڻ ۽ گادين کي آسي پاسي ۽ هيٺ مٿي هٽي، ناوٽي ڪونگهرا ۽ گهوگهرا هٽڻ لڳس، تہ مس "بهار" پنهنجي بهار جون ورڪائون ندينندي، چيڙچاڙ ڪندي، ڪڏهن وهاٽا ڦري ٿي ورتائين تہ ڪڏهن سيراندي ڪان بڪي ٿي ڇڏيائين، تہ ڪڏهن وري اٽڪيليون ڪندي ڪتڪتوڙيون ٿي ڪيائين. بتريقدر، جو ڪيس اهو به خيال نٿي ٿيو تہ ڪو اسانجين اُنهن حرڪات و سڪنات ي رشڪ اور للچائيندڙ نظرن سان به ڏسي رهيو هوندو.

اُنهيءَ ماضيءَ واريءَ دعوت ۾، مير رسول بخش خان جون ڪي گرل فرينڊس چوڪريون دوست پڻ شامل هيون. پر جيئن تہ اسان کي اندازاً ۽ تقريباً گسندي سندي چوويهہ ڪلاڪ ڪن گذري چڪا هئا. تنهن ڪري رومانوي رنگ جو نسوانيت اچي نمودار ٿيڻ، ڪابہ تعجب جهڙي ڳالهہ نہ هئي. اها چيڙچاڙ برابر هلندي رهي. سترخوان وڇائجي ويو، ڪيترائي طعام، انهي دسترخوان جي زينت بڻيا. پر جيئن اسان جا پيٽ پلن ۽ آنين ٿي پري ڇڏيا هئا، تنهن ڪري ڪائي به آخر ڪيترو ٿي ائي سگهياسين. بهرحال، ساٿ سنگت ۾ رهندي، ڪجهہ گرنهہ چوندي چپاڙي،

فراغت حاصل ڪئيسين. مير صاحب ۽ سندس گرل فرينڊس تہ دل کولي چڱيءَ طرح شڪم پُري ڪئي. پوءِ اُتي ٿي ٿورو گهڻو آرام ڪري، ڪاسٽہ گدائيءَ ۾ "بِک منگا" بڻجي، ملن، ڪارخانن ۽ سيٺين جي گهرن ڏانهن روانا ٿياسين.

سڀ کان پهرين "فتح ٽيڪسٽائيل مل" جي مالڪ، سيٺ ولي پائيءَ، جي آفيس ۾ پهتاسين، جنهن سخا، فياضيءَ ۽ حاتم پڻي جو ثبوت ڏيندي، دل کولي عطيي ڏيڻ سان گڏ، "فتح ٽيڪسٽائيل مل" جي انهيءَ شعبي جو سير بہ ڪرايو، جتي قسمين قسمين ۽ طرح طرح جو ڪپڙو تيار ٿي رهيو هو. جنهن ۾ ڪيترن ئي بين الاقوامي دستڪارن ۽ ماهرن سان گڏ، جاپاني ۽ چيني هنرمند ۽ ڪاريگر بہ شامل هئا، جن رنگريزيءَ جو ڪم ٿي ڪيو. تنهن کان پوءِ، ڪپڙي رکڻ واري اسپيشل اسٽور روم ۾ وٺي آيو، جتان چار پنج تاڪيا مختلف ڊيزائينن جا قيمتي ۽ نفيس ڪڍي، "بهار" کي تحفتاً پريزنٽ ڪندي، ائين بہ چيائين تہ "جڏهن توهين اهو ڪپڙو زيب تن ڪري نمائش ۾ آئينديون، تہ پبلسٽي ۽ شهرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، انهيءَ ڪپڙي جي قدر و منزلت ۽ قيمت وڌندي."

فتح ٽيڪسٽائيل مل جي فياضي ۽ خوشنودي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، جتي جتي بہ وياسين، تہ ڪاميابيون قدم بوس هيون، جنهن جو بہ وڏو داستان آهي. بهرحال اِهي چند چورا، امدادون ۽ عنايتون حاصل ڪندا، پنهنجي هوٽل تي پهچي، سامان پٽڪ ڪري، ٻڌي ٺاهي، مير رسول بخش خان ٽالپر کان موڪلائي، اتان ماتليءَ لاءِ روانا ٿياسين، جنهن لاءِ اڳيئي فيصلو ٿيل هو. پر جيڪڏهن حيدرآباد ۾ اچا بہ وڌيڪ رهڻ ٿئي ها، تہ مزيد امدادون ۽ عنايتون حاصل ڪري سگهجن ها.

جتي بہ وياسين ٿي، تہ مس "بهار" منڙي، شسته، سريلي، پُر اثر، مهذبانہ انگريزي ٻوليءَ جي فصيح البياني ۽ ڪي اديبانہ رنگ ڏيئي، اثر ويهاري، 'ڪنونس' ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. هڪڙو حُسن بامراد، ٻي گفتگو باڪمال، ٽيون جواني جون جنون خيزي، چوٿون آرٽسٽ هئڻ جي ناتي مڪالمن ۽ ڊائيلاگس جي فراواني سندس انهن وصفن سيٺين، ڪارخانيدارن ۽ مل مالڪان تي ڪافي اثر ڪيو ٿي جن دل کي انهيءَ "آرٽسٽس پوئر فنڊ" ۾ عطيات ڏنا ٿي.

انهن عطيات ۾ مليل چيڪ وصول ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن ماتليءَ پهتاسين تہ اُتي عزيزن اقاربن، يارن دلدارن، پيارن دلوارن، دوستن ۽ فنڪارن کي آشد انتظار ۾ ڏٺوسين، جن کي صبح سويري ٽيليفون تي اڳواٽ اهڙا طلاع ڏنا هئا. ماتليءَ پهچ شرط ثقافتي رنگ شروع ٿي ويو، جنهن ۾ خاص طور ماسٽر جَتي بخش جي شاگرد رقاصہ "نسيم"، بهترين ڪلاسيڪل ڊانس ۽ رقص و ناچ پيش ڪري، آيل مهمانن ۽ ٻين حاضرين مجلس کان داد تحسين حاصل ڪيو. تنهن سان گڏ سنڌي راڳين پنهنجي مخصوص خالص لوڪ ڏنن ۽ طرزن ۾ ڪافيون ڪلام پيش ڪيا. سازندن ساز وڄائي، سازن ۾ پنهنجي فن جو ڪمال پيش ڪندي، سِڪو جمائي، محفل تہ

ڪتو طاري ڪري ڇڏيو. انهي سحر انگيز، دلڪش ۽ پرلطف محفل سان گڏ جامِ وش ۾ جاري هو. محفل اختتام پذير ٿيڻ کان پوءِ، طرحين طرحين، قسمين قسمين لعام خر و نوش ڪري، آرامي ٿياسين.

اهڙيءَ طرح سان، اهي صحبتي سعادتون، مسلسل ۾ ڏينهن يعني برابر ٽيتاليهه ڪلاڪ، ماتليءَ کي حاصل ٿيون، جنهن ۾ ڪيئي تفريحي پروگرام، ڳائڻ ڄائڻ وارا ثقافتي رنگ، ناچ انگ، رومانوي جذباتي ڍنگ، فطرت کان فيصلا ڪرائيندا رهيا. تنهن کان پوءِ پروگرام ٺاهي، فيصلو ڪري، واپس ڪراچيءَ روانا ياسين، جتي ۾ شريڪ سفر رهندي، ڪراچيءَ جي تفريحن ۽ تفريح گاهن مان لطف ندوز ٿيندا، مزا ماڻيندا، عيش عشرتون ڪندا، دوستن احبابن جون دعوتون ڪائيندا، ائيٽ ڪلبن جا ويرائٽي شو ۽ ڪيبري ڏسندا، تن ڏينهن جي هم جليسيءَ کان پوءِ، اهور وارا ته لاهور روانا ٿي ويا، ته آءٌ وري پنهنجي سائيهه ماتليءَ پهتس، اهو ذريل رنگ روپ، پرڪشش، دلڪش، دلچسپ، سحر انگيز ۽ دلفريب حسين و جميل ماحول، چند لمحن جي صحبت و صداقت، طلسماتي رفاقت، شرارت ۽ ظرافت، خواب وانگر خواب ٿي ويئي.

مخدوم صاحب سان ملاقات

هڪڙي پيري حيدرآباد ۾، پنهنجي رهائشگاهه تي قيام پذير هيس، ته شام ي وقت مير صاحبن سان ملاقات جي سڪ ۽ اُڪير محسوس ڪرڻ لڳس. تنهن ڪري رٽنر هوٽل وڃي، سندن بنگلي تي ٽيليفون ڪري، اڃا معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، ته مير علي احمد خان سان رابطو قائم ٿي ويو. سائس حُب ۽ خلوص سان ملاقات ڪرڻ جي مدعا پيش ڪيم ته پاڻ ۾ ساڳين ئي اکرن ۾ جواب نائين.

آءٌ پنهنجي موٽرڙيءَ ۾ سوار ٿي، مير محمود جي ٽنڊي سندس بنگلي تي پهتس. منهنجو پختو خيال هو ته، ثقافت سان سندس دلچسپي نه هئڻ جي باوجود، ائڻ وڃائڻ ڪري، اڄ ڪيس بيزار ڪندس. جنهن لاءِ منهنجي موٽر ۾ محمد اسحاق ڪارو مگٽهار ۽ جبل وارو محمد رمضان نومڙيو پڪوازي، ساز و سامان سميت، وجود هئا.

مير علي احمد خان پنهنجي بنگلي کان اُپرندي پاسي ڇهر واري لان تي راجمان هو. اسان کي ڏسي، وڏي پيار، حُب ۽ اُتساهه سان پاڪر پائي ملي، اُتي يل ڪرسين تي نهايت مان شان ۽ عزت آبروءَ سان ويهاريو. اسين اڃا ويٺا ئي مس ٺاسين، ته هڪڙي ٻي موٽر آئي. جنهن مان جناب مخدوم صاحب محمد زمان طالب مولي، طالب مطلوب ۽ مطلوبِ طالب بڻجي، اچي اُتي لٿو.

اهو ڏسي، مير علي احمد خان هڪدم ٽپو ڏيئي، اُٿي بيساخته سندن اڳيان

اچي، ساڻن جذباتي رنگ ۾ پيش ايندي، ڪين آئي اُنهيءَ ڪرسيءَ تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن تي ٿورو اڳ پاڻ ويٺل هو. ڇاڪاڻ ته انهي وقت اُتي لان تي ٻي ڪا وڌيڪ ڪرسي پيل ڪانه هئي، جيستائين ڪا ٻي ڪرسي اچي، تيستائين مخدوم صاحب جن، جي اعزاز ۾ خود بيهڻ کي ئي پنهنجي لاءِ عزت ۽ عافيت سمجهائين پر مخدوم صاحب جن، جيئن ته اڳي ئي انهيءَ ڪرسيءَ تي ڪين ويٺل ڏسي چڪو هو، تنهن ڪري، پاڻ ڪسر نفسيءَ ۾ ايندي، اُتي پيل انهيءَ منجيءَ تي ويهڻ لڳو، جيڪا ڪنهن خاص نوڪر جي ويهڻ لاءِ اُتي رکايل هئي.

اها حالت ڏسي، مير صاحب وڃي پٽ ورتو. جنهن تي ٻيئي معزز، "نه نه نه... نه نه نه ....." ، "ها ها ها... ها ها ها...." ، "توهان توهان....." ، "مان مان مان...." ڪندي، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي، کلڻ لڳا. مون واري ڪرسي به قبول نه ڪيائون. ايتري ۾، ملازم هڪڙي ٻي شاندار ۽ بهترين آرام ڪرسي ڪٽي، حاضر ٿي ويو. جنهن تي ويهي خوش عافيت ۽ حال اوڻ ڪان پوءِ، مير صاحب جيئن ئي مون ڏانهن اشارو ڪيو، ته پاڻ وچ ۾ خود ئي مون سان مخاطب ٿيندي، چيائين ته "رئيس صاحب، آءٌ توهان کي سڃاڻان ٿو. شعر و ادب ۽ راڳ رنگ وارين ثقافتي محفلن ۾، هڪٻئي لاءِ، گهڻو ڪجهه ٻڌو اٿئون. سرڪاري تقريباتن، ادبي ۽ سماجي آماجگاهن ۽ تفريح گاهن ۾ به هڪٻئي کي ڏسندا رهيا آهيون. مگر ويجهڙائيءَ ۾ دوبدو ملاقات جو هي پهريون موقعو آهي." جنهن تي مون به اهي ئي ساڳيا ٽُيل تُريل اکر ۽ جملا استعمال ڪيا. تنهن سان گڏ، اهو به عرض، نذر و نياز ڪيم ته "گهڻي وقت کان، شوق جون حدون ٽپي، ملاقات جو شرف بازيابي حاصل ڪرڻ لاءِ، ايوانِ عشق ۾ اچي چڪو هيس، پر زهي قسمت، اڄ اوچتو، ارزان ۽ سستو وصال حاصل ٿي ويو آهي."

تنهن کان پوءِ، مون سان گڏ ڳائڻي ۽ ڊولڪ واري جو ٻڌي ۽ ڏسي، بنگلي اندر هلي، محفل ڪرڻ جو شوق ڏيکاريائين. مير صاحب به طوعاً ۽ ڪرهاً، انهيءَ ارادي ۾ شامل ٿي ويو. مون کي اها اڳي ئي خبر هئي ته مخدوم صاحب انهن ڳائڻ وارن کي پالڻ پوسڻ، نپائڻ ڳارائڻ ۽ مجلسون ڪرائڻ کان سواءِ، پاڻ به شاعر هئڻ جي حيثيت ۾ ڳائيندو ۽ ساز پڻ وڄائيندو آهي، جن سازن ۾ هارمونيم ۽ ستار سندن پسنديده ۽ خاص ساز هئا- ستار وڄائڻ ته باقاعدي خان صاحب سينڌي خان کان تعليم وٺي حاصل ڪئي هين.

خان صاحب سينڌو خان، چاند خان سورج خان گواليياري گهراڻي مان، ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو ماهر استاد هو، جن جي پوين مان، ويجهڙائيءَ ۾، منظور علي خان، هڪ وڏو باصلاحيت، هرفن مولا، علم موسيقيءَ جو باڪمال ماهر، علاقائي لوڪ گيتن، ڪافين ڪلامن، واين ۽ بيتن جو ڄاڻو ٿي گذريو آهي، ۽ جيڪو وقت ۽ ماحول تي پنهنجو سڪو ڄمائي، خوب داد حاصل ڪري ويو ۽ جنهن کي سندس جيئري، ڪڏهن ڪڏهن، تفنن طبع طور، آءٌ گوين ۾ "داداگير گويو" سڏي،

فاطب ٿيندو هوس.

خان صاحب سينڌو خان، مخدوم صاحب محمد زمان "طالب المولىٰ" جن
ي والد صاحب، جن جو نالو مخدوم غلام محمد سائين هو پر لاڏ ڪوڏ ۽ پيار مان
ڳل سائين" جي نازڪ نالي سان سڏبا هئا، ۽ جيڪي محمود فقير ڪٽياڻ کي
هنجو مطلوب بڻائي پاڻ سندس طالب بڻجي رهيا هئا. تن جو خاص گويو هو.
انصاحب مرحوم جي مزار محمد فقير ڪٽياڻ سان گڏ فقير صاحب جي ڳوٺ ۾ ئي
ي. ٻڌو هوسين ته خان صاحب سينڌي خان، پيار جي حد تائين پيار سان، جناب
خدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" کي، موسيقيءَ جي علمي معلومات ڏيڻ سان
ڏ، اُن جي ڪجهه قدر تربيت ۽ عملي سکيا به ڏني هئي.

جناب مخدوم صاحب محمد زمان طالب المولىٰ، فن ۽ ادب سان گڏ، سُخن
سر ۽ سُخن ور به آهي، جو صاحب موصوف، سوَن هزارن جي تعداد ۾ ڪافيون
ـلام ناهي، پنهنجي شاعريءَ جو سڪو جمائي چڪو آهي. تنهن سان گڏ،
نصاحب سينڌي خان جي شاگرديءَ ۾ اچي، علم موسيقي ۽ ڪلاسيڪل فن جو
يقيناً ڄاڻو ۽ ماهر بڻجي چڪو هوندو. پر، نه ڄاڻ ته ڇو، پاڻ، اڄڪلهه جي دور
، ڪلاسيڪل موسيقيءَ کي هڪڙي پاسي رکندي، گَوين کان پاسو ڪندي، فقط
نڌي ڳائڻ کان ڪافيون ڪلام ئي ٻڌندا رهندا آهن- اُهي به اڪثر ڪري سندن ئي
اعريءَ ۾، پنهنجن ئي مخصوص درباري ڳائڻن کان، جيڪي وٽن ئي نپجن پلجن ۽
ئين وڃائين ٿا.

آءٌ سمجهان ٿو ته ڪلاسيڪل گويا پراڻا ۽ فرسوده خيال، درپد، نُمريون،
نه ۽ ٽپا ڳائين ٿا، جيڪي موجوده دور جي گائيڪن ۽ گوين جي وڏن ترتيب ڏيئي
ـاد ڪيا هئا. انهن نئين نسل وارن گوين گائيڪن وٽ پنهنجي ڪابه ايجاد يا هڙ
اصل ڪانه آهي. تنهن کان سواءِ، سندن بزرگن جي سُخن وَريءَ تي به، گائيڪي
ري قدر غالب هوندي آهي، جو سندن اڪرن کي ته سمجهي ئي نٿو سگهجي. اهڙن
ين گائيڪن کي جيڪڏهن گونگو چئجي، ته وڌيڪ مناسب ٿيندو.

هونئن ته راڳ بذات خود "گونگو" ئي ايجاد ٿيل آهي. جنهن کي راڳي
بخن پڪارن، آهن دانهن ۽ عشق جي عاداتن اطوارن ۾ پيش ڪري ٿو، مگر ڪَويءَ
ڪويتا" ۾ آئي، اُن کي شَبد ڏنا، شاعر قافيه رديف جي بندش ۾ آئي، اُن کي
ندڙ ۽ خوبصورت شاعرانه ٻولن ۾ بند ڪيو. "تال" وديا، مستيءَ ۽ وجد ۾ آڻڻ
ن پوءِ، اُن کي وري پنهنجو محتاج ۽ مجذوب بڻائي ڇڏيو. ورنه راڳُ، دراصل تال
يا وارين بندشن ۽ شاعرانه قافين ۽ رديفن جي قيدن کان بالاتر، بيباڪ، المناڪ
نانه وار مست الست بڻجي، عاشق جي جذباتن ۽ معشوق جي نازن ادائن،
ڪين ۽ بي پرواهين، لا اُبالي پڻي ۽ الهڙپڻي جي مصوري ۽ چترڪاري ڪري ٿو،
جيڪو، هِنن بندشن ۾ اچي، پنهنجي ڪريا ڪرم سان گڏ، پنهنجي اصليت به

وڃائي ويٺو آهي. آءٌ تہ راڳ کي عشق جي ايجاد چوندي، الله سان نسبت ڏيان ٿو، چاڪاڻ تہ، سڀ ڪان پهرين، عشق الله وٽ ئي آيو، ۽ انهيءَ ڪري اهو بہ ممڪن آهي تہ راڳ بہ اتان ئي ايجاد ٿيو هجي.

مخدوم صاحب بہ طالب و مطلوب ۽ مطوب طالب هئڻ سان گڏ، اڄ جي ڪلاسيڪل موسيقيءَ ۽ گائيڪيءَ جي اها اهميت، اصليت ۽ افاديت نہ ڏسي، جا هوندي بہ پهلو بدلائي، پاسو ورائي، پنهنجي سوُدڙ سادڙي سنڌي راڳ ۾ ئي وٺجارائي ۽ وندر محسوس ڪئي هجي. هونئن بہ پنهنجي ثنا ۽ ساراهہ هر هڪ شخصيت ۽ طبيعت کي وٺندڙ آهي. مون اڪثر ڪري ڏٺو آهي تہ هرهڪ سُخن ور ۽ شاعر کي پنهنجي ئي شاعري وٺندي ۽ پسند ايندي آهي، پوءِ ٻيا شاعر شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جون منزلون طئي ڪري، آسمانن کان اڳتي وڃي، ابديت ۽ احديت جون گُٽيون کڻي چو نہ سلجهائيندا هجن!

مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب بہ علم و ادب، شاعريءَ ۽ موسيقيءَ جي ماحول ۾ اکيون کولي پرورش پاتي. مخدوم وڏي "گل سائينءَ" جي پيار، خان صاحب سينڌي خان جهڙي راڳيءَ، گويي ۽ فنڪار، ۽ محمد فقير ڪٽيار جهڙي مانجهي مٺيادار جن جي صحبت ۾ رهي، ڇا ڇا نہ حاصل ڪري پرايو هوندو! پر تنهن هوندي بہ پاڻ کي ۽ پنهنجي شاعريءَ ۽ پنهنجن سنڌي ڳائڻن کي اهميت ڏيئي، اصلي عالماڻي ڪلاسيڪل راڳ رنگ کي لڳ ڀڳ سڄي جو سڄو وساري ڇڏڻ قابل تجسس ۽ تعجب آهي.

ڳالهہ هلي پئي مير علي احمد خان جي بنگلي ۾ مخدوم صاحب سان ملاقات ۽ محفل جي، تہ وڃي ڪيڏانهن جو ڪيڏانهن ٻين ٻين تفصيلن ۽ تفسيرن ۾ پياسين. هاڻي وري ڇڏيل مضمون کي پيوند ڏيئي، واپس موڙي اچون ٿا پنهنجي اڌ ڇڏيل مضمون تي... تہ اسين بنگلي اندر داخل ٿي، اُتي پيل ڪوچن جي پرسان پاتاري ناهي، راڳي بڻجي، هيٺ ويناسين تہ مخدوم صاحب ۽ مير صاحب بہ اسان سان گڏ هيٺ ئي ويهي رهيا. جيئن تہ ٻيو ڪو باجي وڃائڻ وارو ساڻ گڏ نہ هو تنهن ڪري راڳي محمد اسحاق ڪاري، باجو کولي منهنجي اڳيان رکي، ڳائڻ شروع ڪيو. محمد رمضان نُومڙئي پکواز ناهي، ملائي، ساٿ سنگت ڪئي. ٽي چار ڪلام ڳائي، هو سڀ جذباتي وهڪري ۾ وهي ويا. پر نہ سندن ڳائڻ مزو ڪيو، نہ وري هارمونيم ئي ڪو لطف ڏنو. باقي ڊولڪ کي تہ وڃائيندڙ، سُر مان ڪڍي ٽڪي ۽ توڙي جي وڏاڻ جا وسڪارا ڪرائي، مرڳوئي بي مزه بڻائي ڇڏيو. ائين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ اسان جي سنڌي پکواز جي گتڪاريءَ جا ٻول نڪري ويا هجن، جو ۾ رڳو سُر هوندو هو. انهيءَ جاءِ تي، ٽڪي، توڙي ۽ پرنن جو رواج پنڄي ويو آهي حالانڪ اڳئين زماني ۾ درپڌ ڳائڻ وارن سان گڏ، ڪُليل هٿن سان مردنگ ۽ طبلو وڄندو هو، جنهن کي ساٿ چئي، شِوانگ جو نالو ڏيندا هئا. پر اڄ اُنهيءَ جاءِ تي

جيڪو طبلو وڄي ٿو، تنهن کي "مهرڪنڊ" جو نالو ڏيندا آهن.

اهڙيءَ طرح سان راڳ رنگ واري اها محفل بدمزگين سان ختم ٿي، ٻئي ڪنهن وقت ملڻ جا آسرا اُميدون ۽ واعدا وعيد ڏيئي وئي، هڪٻئي کان جدا ٿياسين. ڇاڪاڻ ته دنيا آسرن ۽ اُميدن تي قائم ۽ دائم آهي!

شاديءَ جي دعوت، مخدوم صاحب، گرامي ۽ شاهه ڪريم

مهنجي پاڙيسري مولائي موالي زميندار وڏيرو دودو جڳسي، جيڪو مون کي "بابو" چئي مخاطب ٿيندو هو، ان جي دوستن، عباسي خاندان جي چشم و چراغ "مِين" وٽان، سهراڻيءَ مان، اُنهن جي ڀاءُ جي شاديءَ خانه آباديءَ جي دعوت پهتي. جتي سندن مرشد مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ به اچڻو هو. اِهي ميان سندن پهرئين نمبر جا خليفا ليکيا ويندا هئا. سندن شاديءَ ۽ نڪاح جون رسمون به مخدوم صاحب پنهنجن ئي هٿن مبارڪن سان سرانجا ڏيندو هو.

جيئن ته منهنجي دعوت جو انتظام وڏيري دودي جڳسيءَ جي حوالي هو، تنهن مون کي ڪيئي خوشنوديون، خدمتگاريون، چهچٽا ۽ چمڪاريون ٻڌائي، مخدوم صاحب جن جي اچڻ ۽ ساڻن ملاقات جي لالچ سان للچائي، اُنهيءَ شادي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو. اسين يعني آءٌ پنهنجن فنڪارن سميت، موٽر ۾ سوار ٿي، ٽنڊي محمد خان ۽ بلڙيءَ مان ٿيندا، شاه ڪريم جي روضي کي قل بخشيندا، ڪورواه روڊ وٺي، مليٽري فارم اُڪري، پڪو چڏي ڪچي ۾ داخل ٿي، سِر نالي واري انسپيڪشن پاٽ ڏانهن روانا ٿياسين، ته وچ ۾ مخدوم صاحب لئنڊ روور جيپ ۾ سوار ۽ ڳاوڙيل نظر آيو. سندن خدمتگار جيپ جي پرسان هيٺ لٿا بيٺا هئا. جن ۾ حسين بخش خادم به ڏسڻ ۾ آيو. جيئن ته منهنجي نگاهه مٿن پئجي چڪي هئي، تنهن ڪري مون پنهنجي موٽر سندن سامهون بيهاري چڏي، جنهن جي ڊرائيونگ آءٌ پاڻ ڪري رهيو هئس. مون سان گڏ منهنجن راڳين ۾ سيد قاسم علي شاهه، سليمان شاه، بلاول بيلجم ۽ علڻ فقير مگٽهار ڊولڪ نواز ويٺل هئا. تنهن کان سواءِ، باجي ماسٽر شاهو خان ڪلوئي ته "مِين" سان راه و رسم ۽ دوستيءَ جي ڪري اڳيئي اتي ويل هو.

جيئن ئي منهنجي موٽر، مخدوم صاحب جن جي لئنڊ روور جيپ سان گڏ اچي بيني، ته پري کان ئي هڪٻئي سان سلام ڪري، وِش ڪئي سين. پر سندن موُڊ بي مزي ۽ بيزار ڏسڻ ۾ آيو. نه پاڻ ئي لٿو ۽ نه وري مون ئي هيٺ لهڻ مناسب سمجهيو. مگر احتراماً ڪين اڳيان هلڻ لاءِ عرض ڪيم، ته پاڻ اشارتاً اڳتي هلڻ جو حڪم ڏنائون. جنهن تي مون ڪين جواب ڏيندي گذارش ڪئي ته "منهنجي اڳيان وڃڻ

ڪري مٿي ۽ ڏڏڙ اُڏامندي، تنهن ڪري اوهان اڳيان هلو ته بهتر ٿيندو." پاڻ وري مون کي اڳيان هلڻ جو اشارو ڪري، منهن ڦيرائي ڇڏيائون. مون کين بي مزي ڏسي موٽر روورس ڪري پوئتي هٽائي. سندن خدمتگارن ۽ حسين بخش خادم کان معلو ٿيو ته "پٽيان ايندڙ فنڪارن ۽ خدمتگارن جو قافلو رهجي ويو آهي، تن جو غص اٿن."

ٿوري ئي وقت کان پوءِ، هيٺ بيٺل خادمن ۽ خدمتگارن کي هڪل ڪري سڏي، لئنڊ روور جيپ ۾ سوار ڪري، مٿي ۽ ڏوڙ اڏائيندو، اڳتي روانو ٿي ويو. ڪجهه ڏوڙ گهٽ ٿيڻ جي آسري ۽ بهاني اُتي ئي بيهي رهيس، ۽ ٿوريءَ ئي دير کا پوءِ، شاديءَ ۾ شرڪت خاطر، سَهرائيءَ پهتس. منهنجي لاءِ، مخدوم صاحب ج جي رهائش واري ڪمري جي هيٺان، پرائمري اسڪول ۾ بندوبست ٿيل هو.

منهنجن فنڪارن ۽ خدمتگارن، موٽر مان سامان سرڙو لاهي، مون لا مخصوص ڪيل پرائمري اسڪول واري ڪمري ۾ رکايو. جنهن ۾ هڪڙي شاندا ڪٽ، جنهن جي مٿان آرام ده نرم ۽ نازڪ صاف سٿرو بسترو وڇايل هو. سڄ ڪمري اندر گلم وڇايل هو. هڪڙي پاسي ٻه آرام ڪرسيون، وچ ۾ ٽيبل ۽ انهي جي سامهون وري ٻه ٻيون ڪرسيون رکيل هيون. مون کي پنهنجن فنڪارن سميه اُتي آڻي ويهاريو ويو. ڪمري ۾ روشني نه هئڻ سبب، هڪڙي لالٽين آڻي رکيائون مگر مخدوم صاحب جن جي ڪمري ۾ پيٽروميڪس گولو ٻري رهيو هو، جنهن ج تيز روشنيءَ جا ڪرڻا پري کان ٻاهران ئي ڏسڻ ۾ آيا ٿي. باقي سندس ڪمري ج اندروني سجاوٽ جي انهي وقت ته خبر پئجي ئي نٿي سگهي. سڄي شاديءَ وار احاطي ۽ شاميانن ۾ ته بلڪل انڌيرو ڇانيل هو. ٻڌڻ ۾ ٿي آيو ته اليڪٽرڪ ڊيڪوريشن ته ٿي چڪي آهي پر اهو جنريٽر، جيڪو انهن کي روشن ڪرڻ وارو هو سو اجا تائين اتي نه پهچي سگهيو هو. مگر انهيءَ هوندي به، مليٽري فارم تان آڻ ٽرئڪٽرن سان ڪنيڪشن جوڙي، روشني پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

اسين پاڻ ۾ رس رهاڻ ڪندا، سازن کي ملائيندا، رون ران ڪندا، مستي سرشاري حاصل ڪري رهيا هئاسين، ته اوچتو مخدوم صاحب جن واري ڪمري ما ڳائڻ وڄائڻ جو آواز آيو. ڌيان ڏيئي ٻڌڻ لڳاسين ته مصري فقير مڱٿهار ڳائي رهي هو، جنهن تي مون کي ذرا تشويش پيدا ٿي پيئي ته جنهن جي سڪ ۽ اُڪير ۾ وصا وٺڻ، نياز حاصل ڪري محفل ۽ مجلس ڪرڻ خاطر، شاديءَ جي بهاني هتي پهت آهيون، سو ته بلڪل بي نياز ۽ ناآشنا بڻجي اڪيلي سر راڳ رنگ سان پنهنجو پا وندرائي مزو ماڻي رهيو آهي، جيتوڻيڪ کين اها خبر هئي ته آءٌ به پنهنجن فنڪار سميت انهيءَ شاديءَ ۾ شريڪ آهيان. تنهن ڪري سندن وڏائي ته انهيءَ ۾ هئي ٿ پاڻ ميزبان ٿي، اسان کي پاڻ وٽ گهرائي، شريڪ محفل ڪري ها، جنهن خاطر اسي ڪيئي اُميدون آسرا ڪٽي آيا هئاسين. پر، ائين ٿيندو نه ڏسي، اجا سندن انهيءَ ب

اعتنائيءَ تي سوچي ئي رهيا هئاسين، تہ ٻاهر بيٺل ٻين ماڻهن سان گڏ، حسين بخش خادم تي نظر پيئي، جيڪو اسان جي ئي سرود ۽ ساز ٻڌڻ وارن بيٺلن ۾ لڪل نظر آيو ٿي. پر چوندا آهن تہ "تاڙنے والے بھی قیامت کی نظر رکھتے ھیں!"

سو، اُنهيءَ معروف شخصيت کي نہ سڃاڻندي بہ، سڃاڻي، سڏ ڪندي، وڏي واڪي چيم تہ "مخدوم صاحب جن سان ملڻ جي سڪ ڪٽي آيا آهيون. هڪڙي ئي رنگ ۾ رتل ۽ رچيل آهيون. تنهن ڪري هڪڙي ئي وحداني ۽ وجداني محفل هئڻ گهرجي. نہ ڪي ٻيائيءَ ۾ ٻہ. واحد ٿي وحدانيت ۾ ئي مزو آهي. نہ ڪ جدا ٿي ٻيائي ٻولڻ ۾...." پاڻ ڪنڌ ڏوٿيندي، ها ڪندي، اعتراف ڪري، "ائين ٿيندو، ائين ئي ٿيندو" چوندو، ماڻهن جي ميڙ ۽ هجوم ۾ گم ٿي ويو.

ائين، رکي رکي، اسان وٽ بہ سوز و ساز، سُرود ۽ آواز جي محفل جاري ٿي ويئي. جنهن تي ٻاهران ماڻهن جا انبوهہ لڳي ويا ۽ لڳندا رهيا. مگر گهڙيءَ گهڙيءَ منهنجون ڌيان، نچاڻ تہ ڪهڙيءَ ڪشش ۽ ڪيفيت سبب، مخدوم صاحب جن ڏانهن راغب ٿي ٿيو. هيڏيءَ ساريءَ محفل ۽ مزي هوندي بہ، بدمزگي محسوس ڪندي، تنهن سان گڏ حسين بخش "خادم" کي بہ واپس نہ ايندو ڏسي، سنڌي ڳائڻن جي سرتاج ۽ سردار سيد قاسم علي شاهہ کي محفل مان اُتاري، مخدوم صاحب جن ڏانهن محض انهيءَ لاءِ روانو ڪيم، تہ "گڏجي آلاپ الاپيون." پر قاسم علي شاهہ بہ جيئن اُتي ويو، تہ اُتي جو ئي ٿي رهيو ۽ واپس نہ وريو.

آءٌ مستيءَ ۾ اچي، مجذوب بڻجي، وڏيڪ انتظار جي سڪت، سگهہ ۽ طاقت پاڻ ۾ نہ ساري، خودداريءَ، سرشاريءَ، انتظاريءَ، بيقراريءَ ۽ شدت جذبات ڪان مغلوب ٿي، ڪرسيءَ تان پڙڪو ڪائي، هڪدم تپ ڏيئي، اُٿي، مخدوم صاحب جن ڏانهن روانو ٿيس. ڏٺم تہ مخدوم صاحب جا راڳي، پنهنجو راڳ ختم ڪري چڪا هئا. سندن ڪمري ۾ ڪوبہ ساز و آواز باقي نہ هو. آءٌ جنهن وقت، ايوان واري ٻاهرئين دروازي مان اندر داخل ٿيڻ وارو ئي هيس، تہ اوچتو قاسم علي شاهہ تي منهنجي نظر پيئي. جنهن اهو ٻڌايو تہ محفل ختم ٿي چڪي آهي. جنهن تي دڙڪو ڏيندي ڪيس چيم تہ "پوءِ توکي ڇا لاءِ موڪليو هئم!" جيسين هو ڪو جواب ڏئي تيسين آءٌ دروازي مان اڳڻ تي ٻاهر پهچي چڪو هئس. ايتري ۾ حسين بخش "خادم" تڪيون تڪيون وکون پريندو، منهنجي اڳيان آيو، جيڪو، منهنجين شوريده ڳاڙهين اکين جو تاب نہ سهندي، پاسيرو پاسيرو ٿيندو، منهنجي اڳيان هلندو رهيو ۽ مون کي روڪي ئي نہ سگهيو. تان جو ڪمري جي وراندي تائين پهچي ويس.

ڪمري جي ٻاهران مولانا غلام محمد "گرامي" کي، بند ٿيل دروازي جي ٻاهران، الجهيل وار کولي، ويٺل ڏٺم. احساس ٿيو تہ "هڪڙو برگزيده مولانا، اديب ۽ محقق بہ، اهڙيءَ طرح يتيمن وانگر بيوس ۽ بيڪس بڻجي، يوگ ۾ اچي، يوگي بڻيو ويٺو آهي- جيڪو مون کي ۽ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي قلندرانہ خطاب ڏيئي

مخاطب ڪندو هو، ۽ تنهن کان سواءِ ٻين ٻين ماڻهن، ايتريقدر جو حيدر بخش جتوئيءَ جي اولاد کي به، ائين چوندو هو ته "اِنهن ٻن ماڻهن ۾، آءٌ قلندرانہ صفتون ڏسان ٿو."

مولانا گرامي پاڻ علم و ادب، تحقيق و تجسس جو عالم ۽ عارف هئڻ جي باوجود، صحافت، ظرافت ۽ ثقافت ۾ به پنهنجو مٿ پاڻ هو. انهن جملي شعبن ۾، پنهنجي مُووي فلم سان، پنهنجي پٽيان ڪيئي ڪتابي ۽ مضموني ذخيرا ڇڏيا اٿس. ڳائڻ وڄائڻ واريءَ هر خوءِ ۽ خوبيءَ کان ايڏو ته واقف هوندو هو، جو علم موسيقيءَ جي جملي محڪمن ۽ طور طريقن جو ڪيس وڏياوان يا عالم چئجي، ته به مبالغو نہ ٿيندو. منهنجين ثقافتي محفلن ۾، ڪيترائي مرتبا پنهنجون سخائون وڍيندي، شموليت اختيار ڪندي، منهنجي جنون، مستيءَ ۽ پاڳل پڻي کي دادن پٽيان داد ڏيندي، فيضياب پڻ ڪيائين. آءٌ، دل جي گهرايون مان ڪيس دعائون ڏيندي، سندس علم و ادب ۽ فن جو قائل ٿيندي معترف آهيان. پاڻ، ٿورو ئي وقت اڳ، هميشه لاءِ جدا ٿي، اسان کي داغ مفارقتڏيئي، راهي عدم ٿيو آهي. ممڪن آهي ته هتي کان وڌيڪ اُتي سندس ضرورت هجي- "انا الله وانا عليه راجعون."

مولانا غلام محمد گراميءَ سان، علم ادب جي ادارن، سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اجتماعي محفلن ۾، ڪيئي ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون. آءٌ ڪيس هر لحاظ کان لائق ۽ فائق محسوس ڪندي، عزت ۽ احترام سان داد ڏيئي، سندس دلجوئي ڪندو هيس. آءٌ هن "ڪيئي ڪتاب" جي ڪنهن مضمون ۾ سندس ذڪر خير به ڪري آيو آهيان، جنهن ۾ ريڊيو ۽ ٽيليويزن وارن کي تنبيهہ ڪيل آهي، جن بجاءِ سندس تحقيق ۽ تجسس، ادب ۽ فن جي قدرشناسيءَ جي، هن تي تنقيدون ڪيون آهن.

مون کي سخت افسوس آهي ته جنهن شخص هيڏي ساري محنت، مشقت ۽ جاکوڙ ڪري، سماج کي علم و ادب جي زرخيز ذخيرن سان مالا مال ڪيو، اهو پاڻ اقتصاديات ته خير پر سڄي زندگي معاشيات کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ ئي الجهيل رهيو. سر لڪائڻ جو ڪو اجهو به ناهي نہ سگهيو. پنهنجو پاڻ پوڄا ڪرائڻ جي لائق هوندي به، وڏن وڏن بتن جو پوڄاري ٿي پوڄا ئي ڪندو رهيو. پر انهن بتن سندس ايتري مدد به ڪانہ ڪئي، جو پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد لاءِ ڪو معمولي ترڪو ۽ ورثو ئي پويان ڇڏي وڃي ها- سواءِ چند ڪتابن، تحقيقي مقالن ۽ مضمونن جي گهر جي جاءِ به ڪانہ ڇڏيائين. زندگيءَ جا آخري ايام به هڪڙي ٽنل ٽنل، پڳل سڳل اوئڪيو جڳهہ ۾ گذر بسر ڪندو، ادبي بوردِ طرفان جاري ڪيل "مهراڻ" رسالي مان، انتهائي تنگ دامانيءَ ۽ تنگ دستيءَ سان پنهنجي معاش جي پورائي ڪندو رهيو.

ايڏي ساري عالم، مفڪر، محقق ۽ تاريخدان ديوتا کي، ائين ويٺل ڏسي

جذباتي وهڪري ۾ فقط ايترو چئي ته "يوگي يوگ ڪري رهيا آهيو؟" تنهن کان پوءِ بند ٽيل دروازي کي ٻيئي هٿ هڻي، زور سان کوليم ته ديوارن سان ٽڪرائي، ٺڪ ٺڪ ڪري، اُن ڊيڇارڻ جهڙو سمون پيدا ڪري ڇڏيو.

مخدوم صاحب، جيڪو اُنهيءَ وقت پنهنجي ٻچڙي سان گڏ ماني کائي رهيو هو، سو اهڙيءَ بي ادبيءَ جي حالت ۾ مون کي ۽ منهنجين ڳاڙهين ڳاڙهين اکين کي مست، مخمور ۽ سرشار ڏسي، حيل ۽ حيران ٿي ويو. پاڻ جيسين ڪجهه ڳالهائي ئي ڳالهائي، تنهن کان اڳيئي مون کيس چيو ته "خلوت کي انجمن بڻائي، خود غرضيءَ ۾ اچي، پنهنجو پاڻ بهلائي رهيا آهيو! هم مشرب ۽ هم خيال جي انتظار جو ڪوبه خيال نه ڪيوَ!!"

پاڻ بختاور منهنجي همت، جرئت ۽ مستي ڏسي، مسڪرائيندي، چيائون ته "انشاءالله ته ڏاڍيون مجلسون ۽ محفلون ڪنداسين." آءٌ به ڪيس اُنهيءَ حالت ۾ ماني کائيندي ڏسي، شرمسار ٿي، موٽي مُڙيس. وراندي ۾ ويٺل يوگي ديوتا "گرامي" صاحب کي دعائون ۽ آسيسون ڏيندو ۽ ڪانئس دعائون ۽ آسيسون وٺندو، پنهنجي مٿل محفل ۾ واپس پهچي، جنون جي حد تائين جنون ۾ ايندي، سازيندڙ کي "مانجهه" راڳڻي جو حڪم ڏيئي، اقبال جو هيٺيون غزل شروع ڪيم. سازيني به رنگ رچايو. جن ۾ بلاول بيلجم بينجي تي، نياز حسين وائلن تي، شاهه محمد عرف شاهو خان ڪلوئي هارمونيم تي ۽ "علڻ" فقير مگٺهار ڊولڪ تي مست ٿي، مون سان ساٿ سنگت ڪري رهيا هئا.

غـــزل.

گيسوے تابدار کو اور بھی تابدار کر،
قلب و نظر شکار کر دل و جگر شکار کر.
تو ھے محیط بیکراں، میں ھوں ذرا سي آب جو،
یا مجھے ھمکنار کر، یا مجھے کنار کر.
باغ بھشت سے مجھے، حھم سفر دیا تھا کیوں،
کار جھاں دراز ھے، اب میرا انتظار کر.
حسن بھی ھو حجاب میں، عشق بھی ھو حجاب میں،
یا خود ھی آشکار ھو، یا مجھکو آشکار کر.
روز ازل سے جب میرا پیش ھو دفتر عمل،
آپ بھي شرمسار ھو، اور مجھکو بھی شرمسار کر.

اُنهيءَ کان پوءِ وري، ساڳيءَ وجداني ڪيفيت ۾، ساڳيءَ مانجهه راڳڻيءَ ۾، سيد محسن شاهه "محسن" ماتلائيءَ جو هيٺيون غزل پڙهيم:

غــزل

ڪونہ ڪو همدم مليو مون حال لاءِ،
ابــر ڪــي روئــي مُڪــم احــوال لاءِ.

ٿيو جگر منهنجي ڪان جاري جوءُ خون،
نيڻ ٻئي پورا نہ پيا نيڪال لاءِ-

آسـمـان عــقــد ثُــريــا گــهــوريــا،
هُن خِرامــان ســرو جي خل خال لاءِ-

خرد ڏيـئـي خال ڪي، ڪيـئـڙم خريـد،
مَـلــڪ مافــيــها مـٽيم مثـقال لاءِ-

مس اچا "محسن" ڏي دلبر منهن ڪڍيو،
لُـڙڪ ڊوڙي آئــيــا اســتــقــبــال لاءِ-

انهيءَ وجداني ۽ وحداني ڪيفيت، ساري ماحول ۽ محفل کي وحدانيت ۽ آٿي، واحد ڪري، ايڏو تہ مست الست بڻائي ڇڏيو، جو سيئي سامعين ۽ شائقين جهولڻ ۽ جهومڻ لڳا. مون انهي جذباتي وهڪري ۾ وهندي، پنهنجن خدمتگارن کي حڪم ڏنو تہ "منهنجو سامان هڪدم موٽر ۾ رکيو وڃي!" اهو رات جو ٻارهين سادي ٻارهين بجي جو ٽائيم هو. سامان کي موٽر ۾ رکندي ڏسي، شاديءَ جي منتظر ۽ معززين ڊوڙي آيا تہ "سائين! اوهان ماني کاڌي آهي!" جنهن تي مون کين جواب ۾ چيو تہ "ها!" ڪي ماڻهو "مِين" تائين ڊوڙي ويا تہ "سائين! رئيس صاحب کاوڙجيو هليو پيو وڃيو!" انهيءَ دوران مون پنهنجي بابي چوندڙ موالي دوست وڏيري دودي جڳسيءَ کي، پوئي پات جا پيسا ڏيئي، آتشبازيءَ وارن کي سندس حوالي ڪري، جيڪي مون پاڻ سان گڏ آندا هئا، سندن پارتون ڏيئي، موٽر ۾ سوار ٿي، روانو ٿيس، تہ پري کان "مِين" کي بہ پاڻ ڏانهن ڊوڙندي ايندو ڏٺم. پر آءٌ ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪندي، بي نياز بڻجي، سِر نالي‌ءَ جو بندر وٺي، ڪچو اُڪري رود تي پهچي، مليٽري زراعتي فارم عبور ڪري، بکيو لنگهڻو، ميئين ڪريم بلڙي جي هڪڙي هوٽل تي پهتس. هوٽل واري کان هڪل ڪندي پڇيو تہ "ڪا ماني ٽڪي اٿوَ؟" مگر هو ها... نا... ڪندي گوڏناڻ ڪندو رهيو. پر مون کين انهيءَ مجنونانہ ڪيفيت ۾ ٻڌايو تہ "اڄ توهان جي هوٽل تي 'ڪريم' مهمان بڻجي آيو آهي. ڏسا تہ 'ڪريم' ميزبان ٿي آيل مهمان 'ڪريم' کي ڇا ٿو ڪرائي!" تنهن سان گڏ، اهو پڻ ٻڌايومانَ تہ "اڄ... 'ڪريم' ئي مهمان ۽ 'ڪريم' ئي ميزبان آهي."

اُهي ويچارا هوٽل وارا، جن جو مالڪ ڪو پناڻ ئي ڏسڻ ۾ ٿي آيو، سمجهنجين اِنهن ڳالهين، جملن ۽ اکرن کان حيران ٿي، ايڏو تہ متاثر ٿيا، جو "ها"..

"نا" ... "ها" .... واريون گوهيون ۽ گوڏنائيون چڏي، بسم الله... بسم الله ڪري، اسان کي موٽر مان لاهي، ڪرسيون ميزون چنڊي، نهايت ادب ۽ احترام سان ويهاريائون. تنهن کان پوءِ، پاڻ بروقت تازه بہ تازه نان تندور مان پچرائي، باقي بچيل دال ۽ گوشت ديڳڙن مان ڪيرائي، الڳ الڳ ۽ جدا جدا فرائي پانن ۾ وجهي، گيهہ جو صرفو ڏيئي، پُجرائي تيار ڪرائي، بيدن جا آمليٽ تيار ڪرائي، سَلاد ۾ بصر، ڳاڙها ٽماٽا ۽ ساوا مرچ وِڍرائي، آئي اسان جي اڳيان رکيائون. مون سان گڏ فقط ۾ ماڻهو "احمد" ڊرائيور ۽ يار محمد مڱٽهار خدمتگاريءَ ۾ گڏ هئا. ماني کائڻ کان پوءِ، اُنهيءَ 'ڪريم' جي مهمانيءَ ايڏو تہ مزو ڏنو، جو سيدن، ميرن، پيرن ۽ اميرن واري "ويهہ رچي" طعامن مان بہ ڪڏهن اهڙو مزو نہ آيو هوندو.

اسين بہ ڪائي پي، رچ ٿي، اولياءَ الله ميئين 'ڪريم' رحمة الله عليه جي مهمانيءَ مان لطف اندوز ٿي، قل پڙهي، دعائون ڏيئي، موٽر ۾ سوار ٿي، ڊوڙندي، ڊڪندي، اُڏامندي، ٽنڊي محمد خان کي وچ ۾ چڏيندي، اٽڪل ٽين بجي رات جو، خير سان ماتليءَ پهتاسين.

سنڌي ادبي بورڊ، غلام رباني، مخدوم صاحب ۽ ڄام

وقت جي رفتار ڪڏهن تيز هوندي آهي، تہ ڪڏهن سست. جيڪڏهن انتظار يار هوندو آهي تہ وقت جي نبض تمام سست، ڌيمي، مدهم ۽ آهستي هلندي آهي. پو سيڪنڊ، منٽ، ڪلاڪ، پهر ۽ ڏينهن بہ سال ئي نظر ايندا آهن. پر جيڪڏهن خوشيون ۽ خوشنوديون آهن، تہ اک پور پٽ ۾، سال بسر ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ طرح سان ڏينهن، مهينا ۽ سال لنگهن ٿا ۽ عمريون گذرن ٿيون. ممڪن آهي تہ مخدوم صاحب سان مين جي شاديءَ واري ملاقاتي وصال کي بہ سال ڪن جو عرصو گذري ويو هجي، تہ اوچتو سنڌي ادبي بورڊ ۾ وڃي، غلام ربانيءَ سان ملڻ جي ڇڪ، سڪ ۽ اُڪير ٿي. انهيءَ ادبي بورڊ جي آفيس، مخدوم صاحب جن جي سول لائين واري بنگلي مان ڪڍي، حسين علي شاهہ فاضلاڻيءَ واري عشرت ڪده ڪي، علم ڪده ۾ تبديل ڪري، معروض وجود ۾ آئي هئي.

غلام ربانيءَ سان پهرين ملاقات قادر بخش نظاماڻيءَ ۽ محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ سان گڏ، هوٽل "ميٽرو پول" واري ڊرنڪنگ ڪائونٽر تي ٿي هئي، جتي ساڳئي وقت هڪڙي جرمن آفيسر سان بہ تعارف ٿيو. جنهن کي هٿ ڏيندي مون پنهنجو هٿ نرم ۽ نفاست سان ڏنو، تہ پاڻ وري منهنجي هٿ کي زور ڏيندي، هينڊ شيڪ ڪيائين. سندس اِنهيءَ رويي کي ڏسي، جوانيءَ جي جوش ۾ ايندي، مون بہ سندس هٿ کي نهايت زور سان دٻايو. جنهن تي مسڪرائيندي، پڇيائين "پهرين نرم هٿ ڏيئي، تنهن کان پوءِ ٻيهر زور ڇو ڏنوَ؟" ڪيس جواب ۾ چيم تہ "جيڪڏهن ڪو پيارو ۽ سڄڻ ملندو آهي، تہ ڪيس نهايت نفاست ۽ پيار سان نرم هٿ ڏيڻ جو

دستور هوندو آهي، پر جيڪڏهن ڪو اختلاف رکندڙ ۽ دشمن هوندو آهي، تہ اُنهي کي اهڙيءَ طرح زور ڏيئي، دبائيندي، سختيءَ سان شيڪ هئندہ ڪيو ويندو آهي پهرين مون توکي پنهنجو دوست سمجهي، محض انهيءَ لاءِ نرم هٿ ڏنو هو، جہ 'خاڪسار تحريڪ' سان نسبت هئڻ ڪري، 'نازي ازم' واري عسڪري زندگي جي خوبين سان پيار هو. پر پوءِ جڏهن تو منهنجي هٿ کي زور ڏيئي دبايو، تہ انهي جي جواب ۾ مون بہ ائين ئي مناسب سمجهيو." تنهن کان پوءِ ٻيئي ڏريون وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندا، ڪلندا خوش ٿيندا، جامن سان جام ٽڪرائيندا، جام نوش ڪرڻ لڳاسين. منهنجي انهيءَ ادبيانہ، فلسفيانہ ۽ فنڪارانہ گفتگو جي انگريزي زبان ۾ ترجماني بہ غلام رباني ئي ڪندو رهيو. اگر ڪنهن ڪنهن وقت کي اکر اُلجهي ٿي پيا، تہ محمد عيسيٰ نظاماڻي ۽ ڪامريڊ قادر بخش نظاماڻيءَ رباني صاحب جي مدد ڪئي ٿي.

ساٿس ٻي ملاقات، مخدوم صاحب جن جي سول لائين واري بنگلي ۾ جيڪو حسين علي شاهہ فاضلاڻيءَ جي عشرت ڪدہ کان اڳي، سنڌي ادبي بورڊ جو حوالي هو، جتي آءٌ پنهنجي پياري، رفيق ۽ ساٿي، مشهور و معروف اديب و شاعر "تنوير" نقويءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي، غلام ربانيءَ سان محض انهيءَ لاءِ ملائڻ ويس هوس، جو انهيءَ وقت رباني صاحب لاءِ منهنجي دل ۾ عزت ۽ محبت موجزن هئي گفتگو ۾، علم و ادب، شاعري، سياست ۽ ثقافت موضوع بحث و تمحيص هئا. جو تي تبصرا ۽ تنقيدون ڪرڻ کان پوءِ، دوران گفتگو مون سان مخاطب ٿي "تنوير" صاحب کي سفارش لاءِ آماده ڪري، اصرار ڪيائين، تہ "توهان پنهنجا تجربا يادا شتون ۽ مشاهدا، قلمبند ڪري اشاعت ۾ آڻيو" - "تنوير" صاحب ساٿس ها ۾ ها ملائي، مون کي آماده ڪرڻ جي خلوص دل سان ڪوشش ڪئي.

انهيءَ ٻيءَ ملاقات کان پوءِ، ڪڏهن ڪراچيءَ تہ ڪڏهن حيدرآباد، ڪڏهن سن ۾ سيد جي سالگرہ تي تہ ڪڏهن ڪٺهڙو نہ ڏنل حفيظ قريشي ايڊووڪيٽ جو ماڙيءَ تي، تہ ڪڏهن وري رستن تي ايندي ويندي ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون انهيءَ وقت پاڻ "سنڌي ادبي بورڊ" جو نمڪ خوار بڻجي، ڪتابن سنيالڻ واري لائبريرين جي حيثيت ۾، اندر سيڪريٽري ٿي ڪم ڪندو هو. سندس مٿان آنرري سيڪريٽري، محمد ابراهيم جويو، ۽ تنهن کان پوءِ پروفيسر اسدالله شاهہ حسيني رهيو. انهيءَ کان پوءِ پاڻ اٿٽڪ محنت، جفاڪشيءَ ۽ صلاحيتن سان، ڪن بُتن جو پوڄا پاڻ ۽ پرستش ڪري، سيڪريٽري شپ حاصل ڪيائين. جتان، دوستن جو طفيل، اڳتي هلي ڪيس وائيس چانسلر جو عهدو عطا ٿيو. اها پرووائيس چانسلر واري ڪرسي، شايد سندس لاءِ ئي ايجاد ڪري، تخليق ڪئي ويئي هئي، ورنہ اُن کان اڳ فقط چانسلر ۽ وائيس چانسلر جا عهدا ٻڌا هئاسين. پر پرووائيس چانسلر جو چيئر هن دور جديد جي نئين ۽ جديد ايجاد هئي.

آءٌ مٿي لکي آيو آهيان تہ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس، حسين علي شاهہ ناضلائيءَ جي عشرت ڪدہ، ۾ وڃي، غلام رباني سان ملڻ جي سڪ ٿي، جنهن جي ڇڪ ڇاڙهي ڇاڙهي مٿي پهچايو. آءٌ پاسن وارن ٺهيل ڪمرن، جتي لائبريري، ڪتاب گهر ۽ رباني جي آفيس هئي، اُتي هليو ويس. پر سامهون حسين علي شاهہ ناضلائيءَ واري ڪمري اندر، ڏنڌلڪي ۾، مخدوم صاحب کي ويٺل ڏٺم، جيڪو نهيءَ وقت سنڌي ادبي بورڊ جو چيئرمين هو ۽ غلام رباني سندس ماتحتيءَ هيٺ، تي لائبريرين ۽ اندر سيڪريٽري هو. ساڻس ملاقات بعد، خوش خير عافيت ڪرڻ کان پوءِ، مارڪيٽ ۾ ڇپجي آيل نون ڪتابن ۽ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل ڪتابن بابت تبادلہ خيال ٿي رهيو هو، تہ اوچتو آنريري سيڪريٽري سيد اسدالله شاهہ اسان وٽ پهچي، اظهار تعجب ڪندي چيو، "توهان هتي ڇو ويٺا آهيو! موڏانهن منهنجي آفيس ۾ هلي ويهو!" مون سندس انهيءَ همت افزائيءَ جو شڪريو ڀجا آئيندي، ڪيس ٻڌايو تہ "آءٌ هتي فقط رباني صاحب سان ئي ملڻ آيو آهيان، جيڪو منهنجو پراڻو دوست آهي." زور ڀرڻ جي باوجود، مون کي پاڻ سان گڏ هلڻ لاءِ آماده ٿيندو نہ ڏسي هليو ويو. پر ٿوريءَ ئي دير کان پوءِ، واري واپس آيو ۽ سندس آفيس ۾ وٺي هلڻ لاءِ مجبور ڪيائين. تنهن هوندي بہ، جڏهن پاڻ کي ناڪام ڏيندو ڏسي مجبور ۽ لاچار ٿيو، تڏهن اهو واضح ڪيائين تہ "اتي مخدوم صاحب جن بہ توهان لاءِ بيحد منتظر آهن."

مون کي پنهنجي قياس آرائيءَ ۽ اندازي مطابق، اڳي ئي اها ڄاڻ ۽ سُڌ هئي ۾ سيد اسدالله شاهہ ڪنهن وڏي هستيءَ ۽ شخصيت جي حڪم سان ئي پنهنجي آفيس ۾ وٺي وڃڻ لاءِ ڪوشان هو. پر هاڻي جڏهن مخدوم صاحب جو ذڪر ڪندي وضاحت ڪيائين تہ مون کي بہ ڪو اعتراض باقي نہ رهيو. تنهن ڪري، هڪدم ٽپ ڏيئي، غلام ربانيءَ کان موڪلائي، انهي فاضلائيءَ جي وصال واري ڪمري ۾ پهتس. جتي مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" جو وصال حاصل ٿيو. پاڻ وڏيءَ محبت سان اُٿي بيهي، عزت ڏيندي، سنڌ جي رسمن رواجن مطابق، نهايت ملڻسار ٿجي مليا. ذري برابر بہ وڏائي، هٽ ۽ فوقيت نہ رکيائون. مون کي ويهاريندي، پاڻ بہ ڪنڌ ويهندي، مون کي سگريٽ پيش جي آڇ ڪيائون.

مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ ڪڪڙي پيري منهنجي پياري نوابزاده ڄام نور علي خان سان گڏ، سردار رئيس احمد خان رڄپر جي ڪنهن پارٽيءَ کان پوءِ، "ڇيهو" مان روانا ٿي، پڊعيدن، پريا روڊ، ٻين شهرن ۽ ڳوٺن مان ٿيندا، جڏهن قاضي احمد پهتاسين، تہ ڄام صاحب جن کي سندن مان ۾ علي نواز خان اُنڙ طرفان وڪيل چانهن پارٽيءَ جي دعوت ياد آئي. انهيءَ بهاني سندس اهو مثالي باغ، مڇين جو تلاءُ ۽ مرغي خانو، بہ ڏسڻو هو. بروقت ڊرائيور کي اهڙو حڪم ڏيئي، موٽر جي رفتار ٿيرائي، مثالي باغ جي وڏي دروازي مان داخل ٿي، جناب محترم علي نواز

خان اُنڙ جي بنگلي تي پهتاسين. بنگلو ڪليل هو، نوڪر چاڪر انتظاري هئا. چانهن، ڪيڪن، پيسٽرين، بسڪٽن سان گڏ ميون ۽ مٺاين جو به پرتڪلف بندوبست ٿيل هو. ايتري ۾ اُنڙ صاحب به اسان جين موٽرن جا هارن ٻڌي اُتي پهچي ويو. خوش خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ، ڪجهه ڪائي، شام واري چانهن پي، سندس پولٽري فارم، مڇين جو تلاءُ ۽ باغيچو گهمي ڦري، جڏهن ڪانئس موڪلائي، مين گيٽ مان نڪرڻ وارا هئاسين، ته ٽورو اڳيان رستي تان ويندڙ هڪ موٽر نظر آئي، جنهن ۾ موجوده وقت جو پير سائين پاڳارو پير سڪندر علي شاه ۽ سندن ننڍو ڀاءُ نادر علي شاه ويٺل هئا. ڄام صاحب حڪم صادر فرمائي، پنهنجي موٽر کي روڪائي ڇڏيو، ته جئن پير سائين پاڳاري جن جي موٽر، حيدرآباد ويندڙ رستي تان ٻه ٽي ميل اڳتي وڌي وڃي. پنجن ڏهن منٽن کان پوءِ، پنهنجي موٽر کي اڳتي هلڻ جو حڪم ڏنائين.

پير سائين پاڳاري جن جي دعوتي منزل سندس مريدن وٽ سعيدآباد ۾ هئي. جنهن جي انڙ صاحب کان رواني ٿيڻ وقت ئي اسان کي پروڙ پئجي چڪي هئي. اسين به رڙهندا رسڪندا، موٽر کي ڊوڙائيندا ڊڪائيندا، جڏهن سعيدآباد پهتاسين، ته پير سائينءَ جن جي خليفن ڄام صاحب کي ڏسي السلام عليڪم ڪيو. جنهن تي پاڻ موٽر روڪائي، مون کي چوڻ لڳو ته "هلندين! هلندين!! هل ته پير سائينءَ جن سان ملاقات ڪرايائين". مون به "زهي قسمت" ۽ "پنهنجا ڀڳ ڀلا" چئي، رضامندو ظاهر ڪيو. جنهن تي پاڻ پنهنجن بوٽن جا ڌاڳا کولي، پير اُگهاڙا ڪري، مون کي به بوٽ لاهڻ لاءِ چيائين. اهو ٻڌي، آءٌ ڪيس عجيب ۽ سواليه نظرن سان ڏسڻ لڳس، ته پاڻ واضح طور چيائين ته "پير سائينءَ جن سان، پير اگهاڙا ڪري، تنهن کان پوءِ ئي ملبو آهي". تنهن تي مون جواب ڏنومانس ته "اهڙن پيرن سان ملڻ لاءِ، آءٌ قطعي طور تيار ناهيان، جن وٽ ڪا عزت، محبت ۽ اهميت ئي نه هجي. اسان پنهنجن وڏن کان جيڪي ڪجهه ٻڌو آهي، اُنهيءَ مطابق ته پير صاحب پنهنجن خليفن ۽ مريدن کي پنهنجو يارغمگسار، ساٿي ۽ همرڪاب سمجهي، منزل ڏانهن وڃڻ ۽ پهچڻ جي ڪوشش ڪندا هئا." منهنجا اهي اکر ٻڌي، ڄام صاحب بوٽ لاهي، جوراب پاتل پيرن سان وڃي، پير صاحب جن سان ملي، اڌ ڪلاڪ کن جي اندر واپس موٽي آيو، ۽ موٽر پنهنجي منزل ڏانهن برق رفتاريءَ سان رواني ٿي. جڏهن هالا پهتي، ته پاڻ وري به ساڳيا اکر ورجائيندي، مخدوم صاحب جن سان ملڻ جي لالچ ڏيندي، پڇيائين، ته مون به "وڏا ڀاڳ ۽ زهي قسمت" وارا ساڳيا اکر چئي، ڪين مخاطب ڪيو. پاڻ ورائي ۾ اهو ٻڌايائين ته "مخدوم صاحب به ويٺي ويٺي هٽ ڏيندو آهي، ۽ بوٽ لاهي وٽس وڃڻ ٿيندو آهي!" جنهن تي مون ڪيس ٻڌايو ته "جيڪو سيني سان سينو لڳائي، دل سان دل ملائي، نٿو ملي، اُنهيءَ سان به ملڻ لاءِ آءٌ هرگز تيار ناهيان، پوءِ اهو چاهي ڪيڏو ئي وڏو ماڻهو چو نه هجي!"

پر اڄ جڏهن مخدوم صاحب جن سان فاضلائيءَ واري عشرت ڪده ۽ سنڌي

.بي بورڊ جي علم ڪده ۾، ساڻن سيني سان سينو لڳائي، دل سان دل ملائي، صال حاصل ٿيو، ته سندن ڪرم نوازيون ڏسي، اُهي اڳيون غلط فهميون، جيڪي ڀراڻيءَ مين جي شاديءَ ۽ جام صاحب جي ڪسرنفسيءَ پيدا ڪيون هيون، سي سڀ غلط ڏسڻ ۾ آيون، جن کي حرف غلط وانگر ميساري، هڪڙي نئين باب جو ناز ڪيوسين. جنهن ۾ به مون پهرين اهوئي سوال ڪيو ته "هن عشرت ڪده کي، شرت ڪده ڏسڻ کان پوءِ، اڄ علمي ادبي بورڊ جي ڪري، علم ڪده ڏسي رهيا ييون." جنهن تي پاڻ مسڪرائيندي جواب ڏنائون ته "اهو ته پاڻ ٺيڪ ئي ٿيو...." هن کان پوءِ، پاڻ منهنجي رهڻ سهڻ بابت پڇيائون، جنهن جي جواب ۾ ڪين چيم ته ڪڏهن ماتلي، ڪڏهن حيدرآباد، ته ڪڏهن وري آواره گردين ۾." تنهن کان پوءِ، ڻ وري ٻيهر ملاقات جون آسون اُميدون ڏيکاريندي، فيصلو ڏنائون ته "اها ثقافتي لاقات نه هالن ۾ نه ماتليءَ ۾، بلڪ اها حيدرآباد ۾ ئي ٿيڻ گهرجي." جنهن تي، ون وري به اُهي ساڳيا اکر، "زهي قسمت" وارا، استعمال ڪندي، اهڙو اقرار ييو. آءٌ اُنهيءَ ملاقات مان تمام سٺو ۽ سهڻو تاثر وٺي، ٻئي پيري ملڻ جون اُميدون آسرا ساڻ ڪري، ڪانئن موڪلائي روانو ٿيس. تنهن وقت به پاڻ نهايت عزم ۽ ٻت سان اُٿي بيهي، دل سان دل ملائي، پريم جو پرچار ڪندي، اجازت ڏنائون.

آءٌ واپس غلام رباني سان ملي، ڪيس تمام حال احوال کان واقف ڪري، ڙهيءَ تان هيٺ لهي، موٽر ۾ سوار ٿي، پنهنجي رهائش گاهه تي پهتس. وڃڻ وقت ندوم صاحب جن ٻڌايو هو ته "هفتي ڪن جو دورو، جيڪو ضلعي نوابشاهه لاءِ اڳي مقرر ڪيل آهي، تنهن کي پورو ڪري، حيدرآباد ۾ ئي محفل منعقد ڪندا سين." هن بابت منهنجو ماتليءَ وارو ٽيليفون نمبر پڻ پاڻ وٽ نوٽ ڪري رکيو هئائون.

اُنهيءَ کان پوءِ، سندن حلقه احباب، راڳين، فنڪارن ۽ خدمتگارن کان اهو معلوم ٿيو ته مخدوم صاحب جن مون کي هٿن مبارڪن سان ڪيف و سُرور ۽ ٿيءَ ۾ آڻي، سرشار ڪري، منهنجي مستيءَ ۾ قلندريءَ جو مشاهدو ڪرڻ چاهين ته مون ۾ معرفت جا موتي ۽ مٽيا ڪيتريءَ حد ۽ منزل تائين موجود آهن. پر آءٌ جهان ٿو ته اهي سندن وڏا خيال، حد کان لاحد واريون سوچون، مون جهڙي پيڙيءَ رسڪندڙ، گوڏن ۾ رڙهندڙ، معصوم بڻجي جهالت جي جهولي ۾ جهولندڙ لاءِ، لغو ۽ وڏاءُ ئي ٿي سگهيون ٿي.

صوفي محمد فقير ڪٽياڻ

"سن، مخدوم صاحب ۽ جي- ايم- سيد" واري عنوان سان مضمون، پهرئين پاڳي ۾ اچي چڪو آهي، اُنهيءَ جي مسلسلتا ۽ ڪنٽينيوئيشن (Continuati ۾ هيٺيون مضمون لکڻو هو. پر جيئن ته اُهو مضمون پهرئين ي ۾ وڃي چڪو آهي، تنهنڪري، اُنهيءَ جي اُها جدائي محسوس ڪندي، اُن ئي

مضمون کي هتي هن طرح هلائجي ٿو ته سائين جي- ايم- سيد اُنهيءَ محفل ۾، مون
کان هڪڙا ٻيا ٻه سوال ڪيا ته "ڇا؟ تو کي خبر آهي ته مخدوم صاحب جن جو والد
"گل سائين"، محمد فقير ڪٽياڻ جو طالب هو؟ ڪٽياڻ کي ڪٽ تي ويهاريندو هو ۽ پاڻ
سندس ڪٽ جي پيراندي ڪان ويهندو هو؟" جنهن تي مون ورندي ڏني ته "جي ها
اِها مون کي خبر آهي!" وري ٻيو سوال ڪندي، مون کان پڇيائين ته "ڇا؟ ڪٽيار
شراب جون بوتلون مٿي تي هارائيندو هو؟" جنهن تي مون وراڻيو ته "مون کي اها
خبر ناهي. جيتوڻيڪ منهنجون ساٿس ٽي چار ملاقاتون، راڳداريءَ جي رشتيداري
سبب، محمد فقير ڪٽياڻ سان ٿيل آهن. شراب پيئندو ته ضرور هو، باقي مٿي تي
هارائڻ بابت ته مون کي ڪابه خبر ناهي. ممڪن هجي ته شراب کي بهشتي شراب
شراباً طهورا، محسوس ڪندي، پاڻ کي پاڪ ۽ پوتر ڪرڻ خاطر، غسل ۽ آشنا
ڪندو هجي. ڇاڪاڻ ته وجداني ۽ سرمست صوفين ۾ مت پيد نه هوندو آهي ۽ نڪ
ئي ڪا مذهب پرستي."

صوفي محمد فقير ڪٽياڻ سان پهرين ملاقات جهانيان سيدن جي درگاهه
حيدرآباد ۾ ٿي هئي. پاڻ پنهنجن طالبن جي ٽولي سان گڏ، يڪتارن، ڊولڪين
ڪڙتالن تي نچندو ۽ ڳائيندو رهيو. شراب جون بوتلون هٿن ۾ جهليندو، غٽ غٽ
ڪندو، پاڻ به پيئندو ۽ ٻئي فقرا کي به پيارينندو رهيو. سندس اِها رندانه ۽ مستا
جنوني ڪيفيت ڏسي، آءٌ ڏاڍو متاثر ٿيس. تنهن وقت آءٌ ڳائيندو ڪونه هئس، پر ڳائڻ
وارن سان لڳاءُ ۽ عشق جي حد تائين هوندو هو ۽ گفتگو ۾ به عارفانه پيچيدگيون
هونديون هيون. جيئن ته آءٌ به جامن مٿان جام چاڙهي، مست الست بڻجي ويو هئس
تنهنڪري اسان جي محفل ۽ مجلس، وحدانيت ۽ وجدانيت ۾ اچي، يڪتائي حاصل
ڪري، ٻين لاءِ حيرت ۽ استعجاب جو باعث بڻي، جيڪي وات ٽاڙيو، اسان ڏانهن
ڏسندي، اُپديش حاصل ڪري رهيا هئا، انهي رنگ ختم ٿيڻ لاءِ پوءِ، سنگ
سنگي بڻجي، ڪيس ماتليءَ اچڻ جي دعوت ڏنيم.

ڪجهه عرصي کان پوءِ، هڪڙي ڏينهن، ڦليليءَ جي ڪناري واري ٽلهي تي
نشست هئي، ته اوچتو صوفي محمد فقير ڪٽياڻ کي، خلاف توقع، سندن طالب
سميت پاڻ ڏانهن ايندي ڏٺم. حيرت زده ٿيندي، ڀڙڪو ڏيئي هڪدم اُٿي، تيز تيز
قدم اڳتي وڌائي، جذباتي ۽ جنوني رنگ ۾ رنگجي، ساٿس وڏا وڏا ڀاڪر پاڻ
مليس. چوندا آهن ته "طالب کي مطلوب مليو ته سنڌ ڪٽي ساري". تنهن کان پو
ساٿس گڏ آيل رفيقن، طالبن ۽ سنگتين ساٿين سان به درجي بدرجي ملي، خو
خيرعافيت ڪندي، واپس اچي اُنهي ساڳوئي ڪٽهڙي وٽ پهتاسين. اسان کي ا
خبر هئي ته سندس معشوق ۽ مطلوب امام علي فقير هو. جنهن کي پنهنجو مجا
معشوق بنائڻ حقيقت تي پهچڻ جي ڪوشش ڪيائين ٿي. تنهنڪري هن جي تلا
رهي، پر اُهو اُنهي وقت ساڻ گڏ نه هو.

اُهو امام علي فقير منهنجي والد صاحب جي قريبي شاعر دوست، رمض

وادي جو پوٽو هو، جنهن به پنهنجي وقت جي شاعريءَ ۾ سوز و گداز ڀري، اثر پيدا ڪري، ڏاڪو ڄمائي، منفرد حيثيت حاصل ڪئي هئي. امام علي فقير به، محمد فقير جي سنگ سنگت ۾ اچي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ جامون پائي نچڻ پنبڻ سان گڏ، شاعري به ڪئي. آءٌ مٿي لکي آيو آهيان ته صوفي فقير خاص ڪري چوڪرن سان ئي عشق ڪري، طالب و مطلوب ٿي، پنهنجي محبوب کي زندگيءَ جي سفر ۾ ساڻ هلائيندي، رنگ رچائي، منزلون ماڻيندا آهن. جن ۾، غيرمعروف ننڍن ننڍن صوفين کي چڏي، وڏن وڏن ولي الائن تي نظر ڊوڙائبي، ته ٻين اڻ ڳڻت عاشقن سان گڏ، بُوعلي قلندر، سرمد، بيدل ۽ بيڪس به انهن ۾ نظر ايندا. اهڙيءَ طرح سان محمد فقير ڪٽياڻ به، جستجوءِ يار ۾، فقير امام عليءَ جو وصال حاصل ڪري، واصل باالله بڻيو.

سندن ماتليءَ پهچڻ تي ڊولڪيون، ڪڙتالون ۽ يڪتارا ڪلي ويا، خيالن اُڏام ورتي، جذباتن ۾ طوفان آيو. سڄو ڏينهن جستجوءِ حقيقت ۽ معرفت جي ميدان ۾ مستغرق رهي، دنيا و مافيها کان بي نياز ٿي، منجملہ گٽيون سنواريندا ۽ سلجهائيندا رهياسين. سيڪنڊن ۾ ڏينهن گذري ويو. شام آئي. اُتان ڪين ٻن ميلن جي مفاصلي تي، ڳوٺ بخشڻ خان نوتڪائيءَ ۾، ڪن صوفين جي دعوت تي، ساٿ سنگت ڪرڻ لاءِ وڃڻو هو، جيڪي "ڊير" وارن صوفي بزرگن جا مريد هئا.

اڪثر ڪري، ٻين صوفين کان سواءِ، صوفي شاعر منٺار ۽ ڊير وارا صوفي به اُتي ايندڙ ويندڙ هئا. پاڻ، منهنجي بيحد زور ڀرڻ جي باجود، پنهنجي ساٿي ٽولي سميت موڪلائي روانو ٿي ويو. اهڙيءَ طرح سان ٻه ٻيون ملاقاتون به، جن مان هڪڙي حيدرآباد ۾، ته ٻي "سمن شاهه" تي ٽيل هيون. تنهن کان پوءِ، ڪيترو عرصو ته آءٌ آوارگين ۾ ڪڏهن ڪٽي ته ڪڏهن ڪٽي هوندو هئس.

هڪڙي ڀيري ٻبيءَ ۾ خبر پيئي ته پاڻ پنهنجو دنياوي سفر پورو ڪري آخرت ڏانهن روانا ٿي ويا آهن. سنڌ ۾ پهچڻ کان پوءِ، سندس آخري آرامگاهه تي وڃي، سندس ڀاءُ دوست علي خان سان فاتحہ ڪري، سالياني ڏهاڙي واري عرس جو حظ حاصل ڪيم- ماحول ڏسي ڏاڍو پسند آيو- جيڪو هڪ وڏي ڪمپائونڊوال ۽ چوديواريءَ اندر، وڻن جي وڻڪار، پاڻي وهائيندڙ کوه ۽ نار ڏسي، صوفي فقيرن جي رسڻ رهاڻ، ٻين مهمانن کي ترساڻ لاءِ ڪچين جڳهين جي جنسار وچ ۾ ٺهيل هو. تنهن کان سواءِ، اڏيل پڪن پيلرن تي چوڪنڊيءَ ۾ سندس مزار جي پرسان، سندس گويو ۽ راڳي فنڪار دوست سينڌو خان به ابدي آرامي هو. چوڪنڊيءَ جي چوڌاري، ڪٺهڙو ڏنل وراندو هو، جتي ڪيئي راڳي گويا ۽ يڪتاري نواز صوفي ڳائي وڃائي، نچي پنبي رهيا هئا. اُتي ٻيا به ڪيئي ڳائڻ وڄائڻ جا ٽولا جدا جدا، الڳ الڳ، پنهنجيون پنهنجيون پاتاريون ٺاهيو، محفلون مچايو، رنگ رچائي رهندا هئا.

آءٌ به پنهنجن راڳين سان گڏ، جن ۾ سيد قاسم علي شاهه، علڻ فقير ڊولڪ

نواز، رئيس حاجي غلام محمد خان نظاماڻي ۽ ٻيا هئا، اتي پهتس تہ وڏيءَ آءُ پڳت ۽ آجيان سان، اُنهيءَ چوڪنڊيءَ جي اُترئين پاسي ٽهيل هڪڙي وڏي ٿلهي تي گلم غاليچا لڳارائي، هنڌ بسترا وڇارائي، اسان جي رهڻ سهڻ جو بندوبست ڪيو ويو. اُتان صوفين ۽ ڳائڻن وڄائڻن جا ڪيئي ٽولا، نچندا ٽپندا، ڳائيندا وڄائيندا، اسان جي اڳيان لنگهندا رهيا ٿي. انهيءَ ميڙي نمان ڏهاڙي تي، جيڪي راڳي، گويا ۽ فنڪار آيل هئا، سي سيئي اسان جي اچڻ جو اطلاع ٻڌي. طبقين طبقين، جوق در جوق ايندا ۽ ملندا رهيا، جن ۾ منظور علي خان، سندس ڀاءُ بيرو خان، طبلي نواز خانصاحب غلام محمد خان، طفيل شهدادپوري، مخدوم صاحب جا راڳي، مصري فقير مگٽهار ۽ الهرڪيو ڊولڪ نواز به اچي مليا.

اُتي هڪ عجيب و غريب رنگ ڏسڻ ۾ آيو. ڪيترن ئي قسمن جي شرابين، آفيمچين ۽ چرسين کان سواءِ، پنگ پيئڻ وارن جو به عجيب انتظام رکيل هو. اٿ ڏهه ڏنڊا ڪوندا گهوٽڻ وارا گهوٽيندا رهيا. ڇاڻڻ وارا جدا ڇاڻي، وڏا وڏا ٽب ڀري، ٻانگ ڏيئي موالين کي سڏي، بالٽيون ڀري پيارينديا رهيا- جيئن مؤذن پنهنجن جماعتين کي نماز پڙهڻ لاءِ سڏيندو آهي. پوءِ اُهي موالي مرڙا، ڪي ڪستن ۾، ڪي ڪرمنڊلن ۾، ڪي پيالن ۾ تہ ڪي وري وڏن وڏن گلاسن ۾ پيئندا، پيارينديا ۽ ڪي پنهنجن پنهنجن يارن دوستارن، سنگتين ساٿين ۽ پيارن دلوارن ڏانهن ڪٽي وڃي سندن پاڻارين تي ڪين پيارينديا رهيا.

مون کي اها ٻانگ پوريءَ طرح ياد ناهي- پر اُنهيءَ ٻانگ تي عجب ڪائيندي اُن جي ڪن جملن تي اختلاف ۽ اعتراض پڻ هو، جنهن جا پهريان لفظ "پنگ بخر پنگ بخر" هوندا هئا. حالانڪ معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان "پنگ به نوش، پنگ به نوش" هئن ڪپندو هو، نڪي "پنگ بخُر". ڇاڪاڻ تہ "خُر"، ڪائڻ کي چئبو آهي نہ نوش پيئڻ کي. پنگ ڪائبي ڪانهي، پر پيئبي آهي. انهي ماحول ۾، ڪي مست الست، ڪي چريا پاڳل، تہ ڪي وري عاشق ۽ ابدال به ڏسڻ ۾ آيا. مگر گهڻو ڪري بناوٽي عاشق و معشوق، مٺاڇرا طالب و مطلوب، ڪائڻ پيئڻ وارا لاڇي ۽ مطلبي نظر ٿي آيا. جيڪي، گيڙو رنگ جا گيڙوان پٽڪا ٻڌي، جاما ڍڪي، گهنگهرو ٻڌي ڇيرون ڇمڪائي، يڪتارا وڄائي، ڳائيندا وڄائيندا، نچندا ٽپندا رهيا ٿي. اڪثر ڏٺو ويو آهي تہ جتي صداقت هوندي اهي، تہ اُتي بناوٽ به پاسو ڪنڊ وٺي، اچي واسو ڪندي آهي.

اسين به انهي حسين، پرڪشش، سحرانگيز، وجد آفرين ماحول جو بغور مطالعو ڪندا، پڙهندا، پرڪندا، پروڙيندا، هرڪنهن کي ڏسندا، سوچيندا ۽ حال ڪندا رهياسين. اسان واري رهائش ٿلهي جي اُترئين پاسي کان، مشهور و معروف شاعر نواب ولي محمد خان تاجپوريءَ جا عزيز اقارب، طالب، گادي نشين نواب اميد علي خان ۽ نواب احسان علي خان سان گڏ، اُتي ٽهيل ڪچن ڪمرن ۾، پنهنجو

خاص فنڪاره ۽ ٻين فنڪارن سان جام نوشي ڪندي اتي برجمان هئا. نواب اميد علي خان سان محبت جي حد تائين محبت ۽ دوستي هوندي هئي، جنهن به منهنجي جيان ۾ ڪا ڪمي نه ڪئي.

اهڙيءَ طرح سان بهلندي، وندرندي، رات گذري ڏينهن ٿيو. جيئن ته محمد فقير جي مزار تي، سندس چوڪنديءَ جي الهندي پاسي مشهور و معروف ڄار جي وڏي وڻ هيٺيان هميشه وانگر حسب معمول ڳائڻ وڄائڻ جي درٻار لڳندڙ هئي، ته يتري ۾ اسان کي به اتي پهچڻ لاءِ سڏ ٿيو. جتي وڃي، يڪ آواز، سيني معززين، فنڪارن، دوستن احبابن ۽ صوفي فقيرن کان اُنهيءَ محفل جي صدارت پنهنجي حوالي ڪري، راڳ رنگ کي مچايم. سڀ کان پهرين چوٽيءَ جي ڊولڪ وڄائڻ وارن ٻن فنڪارن، "علڻ" فقير مگٽهار ۽ نامور ڊولڪ نواز الهه رکئي جنهن کي "رکيو" ڪري چوندا هئا، جي وچ ۾ مقابلو. پهرين تين تال تي الهرکئي سرهاڙي واري وڃت جو ڪمال ڏيکاريو، جيڪو مخدوم صاحب جي راڳيءَ مصري فقير سان گڏ آيل هو، جيڪي ٻيئي ڄڻا مخدوم صاحب جن جي درٻار جا درٻاري راڳي هئا ۽ گهڻو ڪري مخدوم صاحب جا ئي ڪافيون ڪلام ڳائيندا هئا.

رکئي جي تين تال وڄائڻ کان پوءِ، مون پنهنجي ڊولڪ نواز علڻ فقير کي پنهنجي فن جي مظاهري ڪرڻ جو حڪم ڏنو، جنهن اناويهن ماترن جي برمر تال کي، ڏوڻ يعني چوڏهن ماترن ۾ آئي، نغمي وڄائڻ وارن سازندن کي آزمائش ۾ آندو. جن ۾ اڪثر ڪري اُتي ويٺل باجن وارا گهڻي ڪوشش ڪرڻ جي باوجود به لئي جهلي نه سگهيا، جيڪا محض هڪ هوا هوندي آهي.

سيني فنڪارن کي ناڪام ٿيندو ڏسي، منظور علي خان کي، نغمو وڄائڻ لاءِ چيم، جنهن نٽ نٽاءُ ڪئي. آخر ۾ نقلي فنڪار، ڏسڻ ۾ جوڪر نما ڪارٽون، ابراهيم عرف "ابرو" شيديءَ، همت ڪري، باجي تي اچي نغمو جهليو، جيڪو خانصاحب عاشق علي خان جي طرز ڳائڻ وارو، هڪ وڏو لئي ڪار ۽ تيار طبلو وڄائڻ وارو هو. پر انهن جي ميل ميلاپ کي به برابر قائم نه ڏسندي، "علڻ" کي ٽيڪي بدلائڻ جو حڪم ڏنم، جنهن بروقت "تيئو" ڪڍي "برمتال" چڙي، ڏهن ماترن جو "جهپتال" شروع ڪيو، جنهن ۾، انهن يڪسوئي ۽ يڪتائي حاصل ڪري، ڪمال کان وڌيڪ "دُر ڪمال" ڪندي، اڳئين اثر کي ختم ڪري، داد تحسين حاصل ڪيو.

انهيءَ لئي ڪاريءَ ۽ ردم جي فيصلي کان پوءِ، اتي آيل ٻين فنڪارن راڳ رنگ جو دور دورو شروع ڪيو. جن ۾ مصري فقير، طفيل شهدادپوري ۽ بيري خان کان پوءِ، خانصاحب منظور علي خان ڳائي وڄائي، رنگ جمائي، محفل مچائي، اختتام ڪيو. ٻين صوفي فقيرن جي ٽولن، يڪتاري نوازن کان سواءِ، مختلف فن پيش ڪندڙن ته گذريل ڏينهن کان وٺي ڳائي وڄائي، اوڌم مچائي، پنهنجا وارا پورا

ڪري ڇڏيا هئا- ڇاڪاڻ تہ گذريل ڏينهن شام جو محمد فقير ڪٽياڻ جي مهندي ڪنئي ويئي هئي. جنهن ۾ ٻين ٻين نشن کان سواءِ، شراب جي بہ اڻ ڪُٽ فراواني هئي.

تنهن کان سواءِ اُنهي گذشتہ رات چئين بجي اسُر جو، هڪڙي ٿريءَ ڳائڻ واري ڪڙتالن جي لئي تي آڏي اسر وارا راڳ ڳائي، اسان کي ڏاڍو مسحور، مخمور، سرشار ۽ مسرور ڪيو. اسين بہ پنهنجي پرياتڙيءَ ۽ صبحڙيءَ واري ننڊ ڦٽائي، وجدانيت ۾ اچي وحدانيت حاصل ڪري، ٻڌنداڻي رهياسين، تان جو اپرندي کان سج سواري ڪندي، مٿي چڙهي آيو. ائين اسين بہ مٿي لکي آيل محفل منجهہ پهتاسين، شريڪ ٿياسين، جنهن کي ڳارائي وڄارائي، دنگل ۽ مقابلا ڪرائي، ٻنپهرن جي ماني کائي، سيني يارن دوستارن پيارن فنڪارن، پنهنجن ۽ پرايين کان موڪلاڻي، محمد فقير جي چوڪنڊيءَ ۾ وڃي قل پڙهي دعائون ڏيئي، ساٺس اسرار و رمُوز جون ڳالهيون ڪري، اتان واپس اچي، پنهنجن ساٿين سميت جيپ ۾ سوار ٿي ماتليءَ پهتاسين. علي الصبح، اُتي اُنهيءَ ڪٽ جو بہ ديدار ڪيوسين، جنهن ڪٽ تي مخدوم غلام محمد "گل سائين" ، محمد فقير کي ويهاري، پاڻ وري اُنهيءَ ڪٽ جي پيراندي کان ويهندو هو.

شاديون، مولابخش خان لغاري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ پوڙها بزرگ

هونءَ تہ "گل سائين" سان، سواءِ ذڪر اذڪار ۽ حال احوال ٻڌڻ جي، ڪڏهن بہ ڪو نياز حاصل نہ ٿيو هو، پر سندن برادر محترم جناب مولوي مخدوم غلام حيدر سائينءَ سان سياسي ورڪ ۽ ٻين نيائن فيصلن سبب، ڪيترائي ڀيرا نياز حاصل ڪندو ۽ فيضياب ٿيندو رهيو هيس، جيڪو، آثار قديم جي ڪنڊر وانگر ڊنل ڦٽل جاءِ جي ڊڙي تي، ڪڪائون ۽ پکائون جهوپڙو ٺاهيو، اڳيان مُصلو رکيو، نياز ۽ بندگيءَ ۽ تهجد گذاريءَ ۾ ئي رهندو هو. سندس هٿ ۾ هميشہ ۽ هر وقت تسبيح رهندي هئي. جڏهن بہ آءٌ وڃس ويندو هيس، تہ پاڻ هميشہ پيار محبت ڪري دعائون ڏيندو هو.

سندس ٻيو ڀاءُ مخدوم عبدالحسين، جنهن کي سُگهڙپٽي سان عشق جي حد تائين شوق هوندو هو، تنهن جون سُگهڙ پٽي وارين محفلن ۾ ڪيترائي ڀيرا زيارتون ۽ سندس ملاقاتون نصيب ٿيون. جن جو بہ هڪ الڳ ۽ وڏو داستان ٿي سگهي ٿو. سگهڙپٽي وارين انهن رهاڻين ۾، فقير محمد هاشم مگٽهار سال وارو، ماتليءَ لڳ ڳوٺ ملهڻ وارو حامد خاصخيلي، اُستو علي محمد واڍو ٽنڊي محمد خان وارو، پنيو ميربحر ماتليءَ وارو ۽ ٻيا پيش پيش هوندا هئا.

مون کي بہ حسن پرستيءَ، راڳ رنگ ۽ جستجوءِ ڪائنات سان گڏ، انهي

سگهڙپڻي سان بہ وندرون، بهلاپا ۽ لڳاءَ هوندا هئا. جن ۾ ڏور، نڙ بيت، هنر، ڏڻ، ڪبري لطيفا، نڪتا، قصا، ڪهاڻيون ۽ ڳجهارتون هونديون هيون. ٻين سيني مان حظ حاصل ڪندي، مزو ماڻيندي، ڳجهارتن سان پيار ڪندي بہ، ڪجهہ بوريت محسوس ڪندو هيس. ڇاڪاڻ تہ انهن ڳجهارتن کي پيڙ وارا، اکرن جي آبشار ۾ يندي بہ، هوائن ۾ اُڏامندڙ وقت جي رفتار کي جُمود آڻي بيهار ڇڏيندا هئا. تنهنڪري انهن ڳجهارتن کي وقت جي رفتار سان گڏ هلندو نہ ڏسي، گذريل پراڻي آرام ده، آسائشي ۽ فرسوده دور سان نسبت ڏيندي، واندن، ٽوٽين، ڪاهلن ۽ بيڪارن لاءِ وقت گذاري جو بهانو سمجهندو هئس. جنهن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي عالم عاقل، اسڪالر ۽ علامہ سان بہ اختلاف رهيا. جنهن صاحب سنڌي ٻوليءَ، تهذيب و تمدن ۽ ڪلچر تي تحقيق و تجسس ڪندي، وڏي محنت، جانفشاني ۽ جاکوڙ ڪري، ڪيئي دڙيون دار، دميون دما، آثار قديم جا ڪنڊر، قلعا ۽ ڪوٽ ڳولي کوٽي، معلومات حاصل ڪري، ڪيئي ڪتابي ذخيرا گڏ ڪيا آهن. آءٌ تہ ڪيس عالم ۽ اسڪالر چوندي، سندس محنتن، مشقتن ۽ جفاڪشين جو قائل هوندي بہ، انهن ڳجهارتن واري جمود جي جاءِ تي، ڪيس اُتان وڌي، ڪڏهن عارف ٿيڻ جون دعائون ڏيندو هئس.

هڪڙي پيري سندس سوٽ جناب مولابخش خان لغاريءَ طرفان، جيڪو اسان وٽ ماتليءَ جو مختيارڪار پڻ ٿي رهيو هو، پنهنجي فرزند ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان جي دختر نيڪ اختر جي شاديءَ جي موقعي تي، سندن ڳوٺ "جعفر خان لغاريءَ" ۾ شرڪت جي دعوت ملي، جتي مون پنهنجي فنڪارن سان گڏ پهچي، سڄيءَ محفل تي ڪنٽرول ۽ ضابطو ڪري، پنهنجي ئي صدارت، سُپرويزن ۽ سرڪردگيءَ ۾ ڳائڻ وڄائڻ ۽ راڳ رنگ جو ثقافتي سلسلو شروع ڪرايو. جنهن ۾ جناب ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، مختيارڪار ۽ ٻيا ڪيترائي اختياريءَ وارا آفيسر عملدار- ڇاڪاڻ تہ پاڻ بہ اُنهيءَ وقت ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورخاص هو- اُنهيءَ کان سواءِ آسي پاسي جا وڏا وڏا معزز زميندار، وڏيرا، رئيس، مير، پير، امير، سيد، صالح، سگهڙ ۽ ڪيئي ٻيا ٻہ موجود هئا. جن ۾ خاص طور ٿرپارڪر جو ڊپٽي ڪمشنر سيد نوراحمد شاهہ ۽ سانگهڙ جو ڊپٽي ڪمشنر سليم ميمڻ قابل ذڪر هئا. انهن سيني منهنجي مستي، قلندري ۽ لا اُباليپڻي ڏسندي، مصلحتي موقعن جا فقرا ۽ جملا ٻڌي، عش عش ڪندي داد ڏنا ٿي.

راڳي ڳائڻن ۾ مائي ڀاڳي، وحيد علي، مصري مڳٺهار، دين محمد ماڙيچو ۽ خانصاحب منظور علي خان جا نالا قابل ذڪر هئا. مون سان منهنجن فنڪارن ۾ واحدبخش "مور" قنمبر وارو، حاجي ڪلو ماتليءَ وارو الهرڪيو طبلي نواز ۽ لڪاڏنو خان نظاماڻي ٻوبي وارو گڏ هئا، جيئن تہ طبيعت جون تقاضائون، "پهرين خويش پوءِ درويش" وانگر، نهايت خودغرض هونديون آهن، تنهنڪري سيني کان پهرين پنهنجن

ڳائڻن کي اسٽيج تي آڻي ڳائڻ جو حڪم ڏنم، تہ ويچارا منگتا مڱٺهار، ڊوڙي آيا
جن کي ڏسي مٿن قياس ڪندي، ڪين واجو ڪرڻ ۽ دس وڄائڻ جو وارو ڏنم، جيڪي
فقط شرنايون منهن تي رکي پُوپڙو تُوتڙو ڪرڻ ورا ئي هئا. مون ڪين دهل آڻڻ جو
حڪم ڪيو. جنهن تي مولابخش خان وڏيون وڏيون وکون پريندو، تڪڙو تڪڙو اچي
ٻڌايو تہ "رئيس صاحب، اسان جي مرشد، پير سائين پاڳاري، کان، دهل وڄائڻ جي
منع ٿيل آهي." جنهن تي مون چيو تہ "مگر طبلي وڄائڻ جي تہ منع ٿيل
ناهي....." جنهن تي پاڻ يُڻ يُڻ ڪندو، پورو اٿپورو جواب ڏيندو، "نہ نہ نہ! ها ها
ها" ڪندو، اتان واپس هليو ويو. مون پنهنجي طبلي نواز الهرڪئي کي، انهن منگتن
فقيرن سان طبلو وڄائڻ جو حڪم ڏنو، جنهن ساڻن ساٿ سنگت ڪري، ڪين خوب
مال پاٽي ڪمارايو. انهن منگتن کي سڀ کان اول انعام و اڪرام جي بوڇاڙ مون
کان ئي شروع ٿي، جو اسٽيج تي وينل گهوٽن کي هار پارائي، مٿانئن وڏن وڏن نوٽن
جون گهورون ڪندو رهيس. تنهن کان پوءِ تہ مون کي ڏسندي، آيل دعوتين وارو سڄو
چنو، سخائن جو مينهن وسائيندي، ٽمي پيو. مون ڏنو تہ اُهي مڱٺهار نوٽن جا جهوا
پريو مون سان گڏ سڄي چني کي دعائون ڏيندا، ٽپندا ڪڏندا ۽ نچندا خوش ٿيندا
روانا ٿي ويا.

تنهن کان پوءِ، مون وري پنهنجن اُنهن راڳين کي، ڳائڻ وڄائڻ جو حڪم ڏنو
جيڪي انهن منگتن منگٺهارن کان اڳي، اسٽيج تي ويهي چڪا هئا. جن بہ ڳائڻ
وڄائي پنهنجو وارو پورو ڪيو، تہ وري مائي پاڳيءَ کي پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ چيم
جيڪا مون کان ڪنهن محفل ۾ آزرده ٿيل هئي. تنهن ڪري، ڪيس وارو ڏيئي، وڏا
وڏن نوٽن جون گهورون ڪري، ڪيس پرچايم. تنهن کان پوءِ مصري مڱٺهار کي
اسٽيج تي آندو ويو. جنهن جي، مخدوم صاحب جي خاص درباري راڳي هئڻ سبب
خوشامد بہ ڪرڻ ضروري هئي. تنهن بہ مجاز، حقيت ۽ معرفت وارن ڪلامن کي
چڏي، پراڻو چيچڙو ٿيل فلمي گيت، جنسي بکايلن لاءِ "اگڻ ٻُهاريان، واٽون نهاريان"
ڳائڻ شروع ڪيو، جيڪو مون کي ناگوار گذريو. ڪيس هيڏن سارن عالمن، اديبن
شاعرن، محققن، دانشورن ۽ عارفن جي وچ ۾، موقعي شناسيءَ کان ڪم وٺندي
ڪو عارفانہ ڪلام چوڻ ڪپندو هو. پوءِ اهو چاهي مخدوم صاحب جن جو ڪٽي ڇڏ
نہ هجي ها. تنهنڪري سڌارو ڏيئي، موقعي مهل جي لحاظ کان ڪو ڪلام ڳائڻ لا
ڪيس چيم. پر هن کي جو پيسا ڪمائڻا هئا! سو منهنجي ڳالهہ کي ٻڌو اڻ ٻڌ
ڪندي، منهن بگاڙي، ٽال مٽول ڪري، ساڳيو فلمي گيت ئي ڳائيندو رهيو. تنهن
سان گڏ وچ ۾ ڪي اهڙا ڏوهيڙا بہ ڏنائين، جيڪي قطعي ناموزون هئا. تنهن هوندي
بہ پاڻ کي صبر ۾ رهائي، ڪيس ٻيءَ ڪافيءَ جو موقعو بہ ڏنم، جا ڳائي، پيسا
ڏوڪڙ ڪمائي، پوتي چنڊي، اُتي بيهي، اسٽيج خالي ڪيائين.

اُنهيءَ کان پوءِ، مون وري، دين محمد ماڙيچي کي ڳائڻ لاءِ چيو، جنهن تہ

اسان جي پياري دوست مٽيارين جي سيد ڄاموٽ خاندان جي فرد، سيد خدا ڏني شاهه، جيڪو شوقيه طور پوليس ۾ اچي انسپيڪٽر بڻيو هو، تنهن گهوٽن جي والد صاحب جناب مولابخش خان کي پاڻ وٽ سڏي ساٿس ڪجهه ڪن سَرو ڪيو. مگر مولابخش ڪنڌ ڏوٽي، انڪار ڪندي، نظر آيو. جنهن جي خبر پوءِ پيئي ته خدا ڏني شاهه ڄاموٽ، محض وحيد عليءَ جي ڳائڻ لاءِ اصرار ڪيو هو- جنهن جي صرف معشوقيءَ کان متاثر ٿي، شايد حڪم ڪيو هجيس! پر مولابخش خان، منهنجي صدارت ۾ مداخلت ڪرڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن وچ ۾، دين محمد ماڙيچو ڪلام ڳائڻ شروع ڪري چڪو هو.

آءٌ ريلي جي حاجت روائيءَ جي خيال کان، شاميانن واري ٿڌفتي راڳ رنگ جي ڇني مان نڪري ويس. واپس موٽي اچي ڏٺم، ته ڏاڏس پياري خان وانگر، وحيد علي ڇرڪي جهڙو وڏو وات ڦاڙيو، ڳائي رهيو هو، جنهن ۾ سندس ڪاڪڙو بخوبي نظر اچي رهيو هو. مون ڪيس ڳائڻ وقت منهن کي سهڻي رکڻ جي تلقين ڪئي. جنهن تي هن ويچاري، حيل ۽ حيران ٿي، ڏڄي، ڳائي وڃائي، پنهنجي پورائي ڪئي.

وحيد عليءَ جي ايٽم ختم ٿيڻ کان پوءِ گوين جي داداگير، سردار خانصاحب منظور علي خان کي، پنهنجي فن جي مظاهري لاءِ حڪم ڪيم، جيڪو منهنجو ڄارايل ڏارايل ۽ نپايل هو ۽ هميشه حد کان زياده عزت و احترام ڪندو هو. منهنجي درٻارن ۾ ڪيترائي پيرا پنهنجا فني ڪمالات پيش ڪري چڪو هو. هونءَ ته سندس والد خانصاحب جمال خان ۽ سندس چاچو پير بخش خان به منهنجي فقيري درٻار جا راڳي ۽ فنڪار هئا، پر خانصاحب منظور علي خان ته منهنجين ڪيترين ئي وڏين محفلن کي گرمائي، سامعينن کي وندرائي، بهلائي، داد تحسين حاصل ڪري چڪو هو. ڪيترائي مرتبا ساٿس گڏ سندس پاڻيجا ۽ غلام رسول خان جا فرزند فتح علي خان، حامد علي خان، رجب علي خان ۽ وحيد علي خان به ايندا ويندا ۽ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندا رهيا هئا. اڄ به خانصاحب غلام رسول خان جا فرزند ارجمند فتح علي خان، حامد علي خان ۽ رجب علي خان، ادب جي حد تائين نياز نوڙت ۽ عزت احترام ڪندا رهندا آهن. حالانڪ رجب علي خان ريڊيو ٽيليويزن فلم پلي بئڪ سنگر جي حيثيت ۾، ڪڏهن ڪراچيءَ ته ڪڏهن لاهور ۾ رهي ٿو، حامد علي خان سَپڙتائيءَ ۾ مصروف آهي، ۽ فتح علي خان سان ته اڪثر و بيشتر ملاقاتون ٿينديون رهنديون آهن. سندس والد خانصاحب غلام رسول خان به نهايت ادب مُراد سان، منهنجين راڳ رنگ وارين محفلن کي، ٻين ٻين راڳين کي به پاڻ سان گڏ وٺي اچي سجائيندو، سنواريندو ۽ چمڪائيندو رهندو هو. هڪڙي پيري، ملتان جي نامور ۽ مشهور آواز باز، سَدا سُريلي، پنجابي سرائڪي ڪافين کان سواءِ "غالب" ۽ "اقبال" جي اردو غزلن ڳائڻ واري صادق علي خان کي به پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو ۽ سندس فن کان به اسان کي مسرور ۽ محظوظ ڪيو هئائين. آءٌ

خانصاحب غلام رسول خان ڪي، هميشه نهايت عزت و محبت ۽ پيار جي نگاهن سان ڏسندو رهيو آهيان.

ذڪر هلي رهيو هو ڳائڻ وڄائڻ ۽ شاديءَ واريءَ رنگين محفل جو، تہ وڃي گوين جي شجره نسب ۾ پياسين. تنهنڪري واپس موٽي اچون ٿا موسيقيءَ واري ساڳوٽيءَ محفل ۾. خانصاحب منظور علي خان حڪم ٻڌندي شرط تانپورو ريڙهي سهڙي، سيني سان لڳائي، ڳنڍيون ۽ مٽيا ملائي، تارن کي سُر جي وحدانيت ۾ آڻي، "بلمپت" مان راڳ کي شروع ڪري "دُرت" تائين پهچايو. جنهن ۾ طبلي تي ساٿ سنگت، مون سان گڏ آيل منهنجي درباري فنڪار الهرڪئي ڪئي. تانپورن کي سندس پيارا شاگرد، جن ۾ هڪڙو پير عارف المولىٰ جو ياءُ، جيڪو پڻ سندس شاگرد هو ۽ هڪ ٻيو شاگرد وڄائيندا رهيا. پاڻ وري سندن وچ ۾ ويهي، هارمينم وڄائيندو رهيو.

هونءَ تہ مسٽر مولابخش خان لغاري، وقتاً فوقتاً، شڪم پُريءَ لاءِ تقاضا ڪندو رهيو. پر هينئر حجت ڪندي، زبردستيءَ سان وٺي اچي ڪاڏي جي ٽيبل تي ويهاريائين. آءٌ بہ منظور علي خان جي مٿان نوٽن جو گهورون گهوري، وقت جي نزاڪت ڏسندي، جيڪو رات جي ٻارهين بجي تائين وڃي پهتو هو، ساٿس ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهيس. اُتي ڏٺم تہ لٽ جي ٽيڪ تي هلندڙ پوڙها پوڙها عمر رسيده بزرگ، منهنجي اڳيان پويان ٽيندا، مون کان دعائون گهرندا رهيا. جن ۾ ڪن مولابخش خان جو مامو تہ ڪن وري پاڻ کي چاچو چيو ٿي. اهي ساڳيا سنگَ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان بہ ڳنڍيندا ۽ چوندا رهيا تہ "اسان ڏا وڏا اين.... اسان ڏا ڏاڏا اين.... تيڏي دعا پتَ لڳدي اي.... اسان ڪون دعا ڪر.... اسان ڏا تيڏي وچ يقين اي... اسان ڪون مولابخش بہ آڪيا اي.... ڪ تيڏي دعا وچ اثر اي... تون ڪرامت ۽ پهنچ والا اين.... تون فقير آين.... تون اسان ڪون دعا ڪر...."

آءٌ سندن اُهي سچائيون، صداقتون ۽ عقيدتمنديون ڏسي، حيران ٿي ويس، گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ محسوس ڪيم تہ منهنجيون ڳاڙهيون ڳاڙهيون ڊلُرخمار اکيون، جذباتي مچلندڙ تڙپندڙ جنوني طبيعت ۽ ڪيفيت، موقعي مهل جا چست فقرا ٻڌي، مستي ۽ سرشاري ڏسي، اهي ويچارا ساده لوح سادڙا، ٻالڙا پولڙا، اٻوجهہ، پراڻي وقت جا مومن، اعتبار ۾ اچي ويا هئا. تنهن سان گڏ، اُهي بزرگ، انهيءَ ڳوٺ جعفر خان لغريءَ جي علم ڪده ۽ آداب ڪده جا رهواسي هئا، جنهن ڳوٺ کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جهڙي لائق فائق عالم ۽ اسڪالر جون صحبتون ۽ قربتون نصيب هيون. چوندا آهن تہ "صحبت سالڪان ڪنهن ڀاڳ واري کي ئي حاصل هوندي آهي."

تنهن کان سواءِ، مسٽر مولابخش خان جنهن وقت اسان وٽ ماتليءَ جو مختيارڪار هو، تڏهن انقلاب آيو، تبديلين ۾ پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت قائم ٿي،

ييپلز پارٽيءَ جا هلڪا ڦلڪا غيرمعروف ورڪر ۽ ڪارڪن، منجسٽريٽن جي
ڪرسين تي ويهي، پنهنجا پنهنجا حڪم هلائڻ لڳا. تہ مولابخش خان بہ، انهن
بيقاعدگين کان مرغوب ٿي، ڊڄندو رهندو هو تہ "اسين پير سائين پاڳاري جن جا
مريد آهيون، پير صاحب جن جو پيپلز پارٽيءَ سان اختلاف آهي، تنهن ڪري اسان
کو اڳتي هلي نڄاڻ تہ ڪهڙو حشر ٿيندو." تنهن سان گڏ وري ائين بہ چوندو هو تہ
"آءٌ ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پاڻ ۾ سڳا سوٽ آهيون، پر سڳاوتي رشتيدارين
ي ڪري بہ اسان جا پاڻ ۾ اختلاف آهن." تنهن تي آءٌ ڪيس دعائون ڪندي،
سلائون ڏيندو هئس تہ "توهان يقين ڪريو تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان ۽ توهان جا پاڻ
ختلاف ختم ٿي ويندا ۽ رشتيداريون بحال ۽ قائم ٿي ويندين." تنهن سان گڏ
يس اهو بہ يقين ڏيارڻ جي ڪوشش ڪندو هئس تہ "الله تبارڪ و تعاليٰ جي ڪرم
وازيءَ سان، آءٌ توکي مختيارڪاريءَ مان اسسٽنٽ ڪمشنر ڏسي رهيو آهيان،
يڪو رتبو اُميد تہ تون تمام جلد حاصل ڪندي."

الله جي نوازش سان ٿيو بہ ائين، جو جلد ئي ڪيس اي- سي ميرپورخاص جو
ڊر مليو. تنهن سان گڏ ڊاڪٽر نبي بخش خان سان سندس سمورا اختلاف بہ ختم
ي ويا، تہ رشتيداريون بہ قائم ٿي ويون. جنهن ڪري ئي انهن شادين تي دعوتي
جي اچڻو پيو هو. اهوئي سبب هو، جو اهي بزرگيده ۽ عمر رسيده بزرگ ۽ لٺ جي
ڪ تي هلندڙ پوڙها پيرسن، مسٽر مولابخش جي پرچار ۽ پروپئگنڊا ۾ اچي،
نهنجي بَدلہ سَنجيءَ، شُستہ ۽ بيباڪ بياني ڪان متاثر ٿي، مون کان دعائون گهرندا
يا. آءٌ بہ ڪين خلوص نيت ۽ دل جي گهراين مان دعائون ڏيندو رهيس.

اِنهيءَ ماني جي ٽيبل تان فارغ ٿيڻ کان اڳ، هڪڙو ٿلهو ٽنيرو، قداور ۽
سيم جينٽلمئن، منهنجين فني ۽ ادبي صلاحيتن کان متاثر ٿي، مون کان ڪي سوال
ڻ لڳو تہ "توهان پاڻ ڪي، ريڊيو، ٽيليويزن، ادبي و علمي ادارن، ثقافتي سينٽرن
ان، هن وقت تائين ڇو لڪائي رکيو آهي؟ اسان تہ توهان کي ڪڏهن بہ انهن
سٽيجن ۽ آستانن تي ڪونہ ڏٺو آهي؟" جنهن تي، منهنجي جواب ڏيڻ کان اڳي،
سٽر مولابخش خان منهنجي ثقافتي محفلن مجلسن، علمي و ادبي سنجيدگين،
ستجوءِ فن جي آوارگين، بمبئيءَ ۽ هندستان جي مختلف مختلف علائقن جا حوالا
ئي، ڪيس ٻڌايو ۽ سمجهايو. پاڻ ٻڌندو ۽ منهن تڪيندو ئي رهيو. مون کي
سوس آهي، جو آءٌ اُنهيءَ خوش بيان، خوش اخلاق، خوش لباس ۽ خوبرو نوجوان
ن، سندس تعارف وٺي نہ سگهيس. ورنہ اُن جو مرغوب خاطر، ذڪر خير بہ هن
تاب جي صفحن تي پيش ڪريان ها.

شڪم پُري ۽ پيٽ پوجا کان پوءِ، مسٽر مولابخش خان سان گڏ وري ٻيهر
يءَ ثقافتي دربار ۾ داخل ٿيڻ وقت، موڪلائڻ جا ڪاشن ۽ اشارا ڏيندي، اهو
ر ڏٺم تہ:

"دلبر جي ديدار جي اُلي عاشقن،
ڏهه، ڏهه پيرا ڏينهن ۾ پرينءَ کي به پَسن،
ته به بس باسين ڪانه ڪا، پاٽان گهٽو گهرن
ڏينيون جي پاڻيءَ سان، ٻارهين ماه ٻُڏن،
ته به ڏاپي ڏيءُ نه ڪن، اڃان به اُڃ آڪري."

اُنهيءَ جي شاهديءَ ۾ وري، لطيف سائينءَ جو هيٺيون اڏورو بيت به پيش ڪيم-

"اُنهيءَ تڙان تڪ، پيئندي پڻ اُڃ وڌي"

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پهرين مٿي چيل بيت لاءِ سوال ڪري پڇيو
"ڪنهن جو آهي؟" مون جواب ۾ وراڻيو ته، "ملهه پليءَ جو چون ٿا." اُنهيءَ جواب
ڏيڻ کان پوءِ، وري ڪيس مخاطب ٿي، اندر جي اواز جو اظهار ڪندي چيومانس،
"ڊاڪٽر صاحب! تنهنجين محنتن، مشقتن، ڳولائن ڦولائن، تحقيقن ۽ تجسس جو قائ
ٿيندي، توکي اديب ۽ عالم تسليم ڪندي، عارف ٿيڻ جي دعا ڏيان ٿو." جنهن ت
پاڻ مسڪرائي، ڪجهه يُڻ يُڻ ڪندي، ماڻ ٿي ويو. پر "ڊُنڙي" جي پير، سي
شاهنواز شاهه، جيڪو پاڻ کي "عارف المولىٰ" سڏائيندو هو، ورندي ڏيندي، چيو
"عارف....! آءٌ آهيان". جنهن تي مون وري ڪيس جواب ڏيندي چيو ته، ڪو "عار
المولىٰ" ته ڪو "طالب المولىٰ" آهي، ڊاڪٽر صاحب "عالم المولىٰ" آهي، ته آءِ ور
"جاذب المولىٰ" آهيان....!"

مون ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي محض انهيءَ لاءِ "عالم المولىٰ" ج
خطاب ڏنو هو، جو سرور ڪائنات، فخر موجودات، رسول الله عليه صلواة وسل
جن پاڻ کي علم جو شهر چئي، علي رضه کي باب العلم يعني علم جو دروا
چوندا هئا.

ٿوري گهڻي انهيءَ علمي ۽ ادبي بحث مباحثي ۽ پرچار کان پوءِ مس
مولابخش کي پوئا پوت ڏيئي، جڏهن ڪانئس موڪلاڻ جي ڪوشش ڪيم
خانصاحب منظور علي خان روڪيندي چيو ته "منهنجو ايٽم ته پورو ٿيڻ ڏيو
اُنهيءَ وقت رات جو هڪ ٿي چڪو هو. منظور علي خان به ڳائي وڄائي پنهنج
مغاش جو پورائو ڪري چڪو هو. تنهنڪري سندس ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي، مس
مولابخش خان ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان سان گڏجي، موٽر تائين پهچي، ڪا
موڪلائي، موٽر تي سوار ٿيس. پر جيئن ته منهنجو طبلچي الهرڪيو، جيڪو اج
تائين منظور علي خان سان گڏ وڄائي رهيو هو، تنهنڪري اُنهيءَ جي پهچڻ لاءِ
هيس. ليڪن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مسٽر مولابخش خان کي واپس وڃڻ
بي چين ڏٺم. جن، چُوريءَ ۽ شاديءَ جي ٻين رسمن رواجن ۾ شريڪ ٿيڻ جا به
ڪري، زنان خاني ۾ وڃڻ گهريو ٿي. مون به احساس کي مدنظر رکندي، مٿين قيا

ڪندي، ڪين وڃڻ جي اجازت ڏني.

آءٌ موٽر ۾ ويني ويني، پنهنجي طبلچيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳس. ٿوريءَ ئي دير اندر الهرڪيو به اچي ويو. تنهنڪري اسين موٽر ۾ سوار ٿي، رستي کي ريڙهيندا، ويڙهيندا، شهدادپور جي پاسي کان لنگهي، ٽنڊي آدم جي سيني کي چيريندا، اُڏيرو لال، ڪيبر، سيڪاٽ، بائو ديرو ۽ مٽياريءَ مان مٽيندا، حيدرآباد پهچي، ڪيس پري کان ئي السلام ڪندي، چينل وارو شارٽ ڪٽ لنڪ روڊ وٺي، ڪاليءَ واري چوراهي کي عبور ڪندي، حيدرآباد- بدين روڊ تي، موٽر کي سرپٽ ڊوڙائيندي، هوسڙيءَ جي اوريان لنگهندي، ڪٽڙ، سيريءَ، ٽنڊي سائينداد ۽ ٽنڊي محمد خان کي ڪراس ڪندي، جڏهن ماتليءَ پهتاسين، ته اُنهيءَ وقت رات جا ساڍا ٽي لڳي چڪا هئا. وڃايل بستري تي سمهي رهياسين..... تان جو ڏينهن جي ڏهين بجي، ننڊ جي خمار مان بيدار ٿي، هٿ منهن ڌوئي، چانهن جو چسڪو ورتوسين.

مخدوم عبدالحسين، سگهڙ ۽ پير آگيڏنو

سن ۾ جناب جي- ايم- سيد جن جي ڏاڏاڻي سيد حيدر عليه الرحمت، جي مورخه 3 شعبان واريءَ محفل ۾، مخدوم صاحب جي شاعرانه ۽ عارفانه اهميتن جا ذڪر اذڪار هلي رهيا هئا، ته اُنهيءَ جي سلسلي ۽ ۾ ٻيا مضمون پيدا ٿي پيا، جن ۾ محمد فقير ڪٽياڻ سان ٿيل رهائيين ۽ محفلن کان پوءِ، سندس مزار تي وڃي، ميلي جو سير ڪري، وري به وڏي مخدوم سائين، گل سائينءَ، کي ياد ڪندي، سندن برادر محترم مخدوم مولوي غلام حيدر سائينءَ ۽ مخدوم عبدالحسين سائينءَ تائين رسائي حاصل ڪري، سندس سگهڙپڻي واري عشق جو اظهار ڪندي، ڳجهارتن جو ڳجهه ڳولي، تنقيد ڪندي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ساٿ سنگت ۾ وڃي شهدادپور لڳ، ڳوٺ جعفر خان لغاريءَ پهتس- جتي برادر محترم ۾ حاجي مولا بخش لغاريءَ جي شهزادن جون شاديون هيون.

انهن شادين واري مضمون ۾ ايڏو ته محو ۽ مستغرق ٿي ويس، جو شروع ڪيل مخدوم عبدالحسين سائينءَ واري مضمون جو خيال ئي نه رهيو. هينئر، انهي مضمون کي پوري ڪرڻ کان پوءِ، تعجب ۽ اچنبي ۾ اچي، تغافُل جاهلانه کي تسليم ڪندي، موٽ ۽ موڙ ڪائي، وري به ساڳئي مضمون تي اچجي ٿو.

مخدوم سائين عبدالحسين کي، سگهڙپڻي جو نه فقط شوق هو، پر، جنون جي حد تائين عشق چئجي ته به مبالغو نه ٿيندو. پاڻ، ڏورن ۽ ڳجهارتن کي تخليق ڪرڻ وارو شاعر به هو. پاڻ هميشه ڳجهارتن جي ڳجهه ڳولڻ ۽ ٻجهارتن واري ٻُجهه جي سُڌ بُڌ حاصل ڪرڻ جي تحقيق ۽ جستجو ۾ مستغرق رهندو هو. جنهن ۾ هُن ڪيئي دنياوي رمزون ۽ آسماني اسرار کوليا. اسان جي ملڪ جا سگهڙ، ڳجهارت کي "ڳجهارت" به چوندا آهن ته "ٻجهارت" به، تنهن ڪري مون به ٻنهي اکرن کي

قائم دائم رکندي، ڳجهارت کي ڳجهه ڳولڻ ۽ "ٻُجهارت" کي ٻُجهه، ٻُڌ ۽ سُڌ حاصل ڪرڻ ۾ رکيو آهي. آءٌ سمجهان ٿو تہ سگهڙپٽي جي عالمن ۽ دانشورن کي انهيءَ تي ڪوبہ اعتراض نہ هوندو. تنهن سان گڏ منهنجي انهيءَ تحقيق ۽ تجسس کي ساراهيندي داد پڻ ڏيندا.

ڳالهہ هلي رهي هئي مخدوم سائين عبدالحسين جي سگهڙپٽي جي، جنهن کي ميون ولي محمد ۽ ميئين نرئي جي وچولي ياءُ دعوت ڏيئي، ماتليءَ کان ميل کن جي مفاصلي تي معمولي ۽ مختصر ٻن نمبرن جي زميندارين تي گهرايو هو، جتي سندن مڪان ۽ ڪکائين اوطاق هئي. اسين بہ سگهڙن سان گڏ اتي پهتاسين. پاڻ اڏرڻ هئڻ جي باوجود، گلاب جي گل کان وڌيڪ ڳاڙهو ڏسڻ ۾ آيو ٿي. ڪيس سفيد نوراني ڪپڙا ۽ مٿي تي گيڙو رنگ جو پٽڪو ٻڌل هو. سندس ٻهڪندڙ، مهڪندڙ ۽ چمڪندڙ عارفانہ چهري تي، ڪڪوريل سفيد ريش مبارڪ، جنهن ۾ ڪٿي ڪٿي ڪو ڪارو وار بہ نظر آيو ٿي، نهايت حسين، خوبصورت ۽ ملوڪ لڳي رهي هئي. وري مٿس سوني تي سهاڳو، جو سيندڙ ڪڍي، انهي سهٽيءَ سونهاريءَ ريش کي دونيم ڪري، ٻن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هئائين، جنهن سان هيڪاري پروقار ۽ پرنور نظر آيو ٿي.

اُنهيءَ حُليي ۽ حالت ۾، مون اڪثر ڪري ڪچ جا پير، جن کي اتي جا رهاڪو "ٻائو" ۽ "پادري" بہ چوندا هئا، تہ گجرات ۽ ڪانياواڙ جي ڪنني جا ٺاڪر ۽ راجواڙن جا راجا بہ ڏٺا آهن. سندن پٽڪي جو ٻڌل پير بہ ڪچ جي ٻاون، پيرن ۽ گجرات ۽ ڪانياواڙ جي رجواڙن وانگر ٿي هو. اسان اتي پهچي ڏٺو تہ جيئن ڇڻ تہ مٽانئس رحمتون وسي رهيون هيون. جن جي ضياپاشين ۾ اسين بہ منور ٿي وياسين. سندس عطرن عنبرن کان وڌيڪ خوشبوءِ، ماحول کي معطر بڻائي ڇڏيو هو. سندن مسڪراهٽن ۾ محو ٿي، صبح جو ڏهين بجي کان رات جو هڪ بجي تائين، انهيءَ ساحرانہ ۽ عارفانہ محفل جي مطالعي ۾ مخمور، سرشار ۽ مست مگن رهياسين.

سڀ کان اول حامد خاصخيليءَ جي سگهڙپٽي، ڳجهارتن، ڏور، بيت، هنر ۽ سينگار ٻڌڻ کان پوءِ، فقير محمد هاشم مگٽهار کي وارو مليو. جنهن بہ پنهنجي سگهڙپٽي واري فن ۾ پنهنجو ڪمال ڏيکاري، هڪڙي ئي دور ۾ يڪساهي پنج سؤ اکر ڳالهائيندي، قصن، ڪهاڻين، گفتن، چٽڪن لطيفن ۽ ظرافتي جملن سان، سڄيءَ محفل کي خمار ۾ آڻي، سرشار ڪري، داد تحسين حاصل ڪيا. تنهن کان پوءِ وري "پنيو" ميربحر ميدان تي آيو، تہ وڃي خير ٿيا. سڄي محفل ۽ مجلس کي ڪشتءِ زعفران بڻائي، روئاڙي ڪلاڻي، جذبات سان گڏ نفسيات ۽ نسوانيت ۾ آڻي، آخر ۾ حسن و عشق جي ڪهاڻي، نالن وٽڻ کان سواءِ فقط عادات و اطوار بيان ڪندي، حسن و عشق جو ڪمال ڏيکاريائين، ٻڌايائين، جيڪا اسان سيني لاءِ بلڪل نئين، نرالي ۽ انوکي ڳالهہ هئي.

مخدوم سائين عبدالحسين، انهي ڪهاڻي کان مسحور، متاثر ۽ مرعوب ٿي، اظهار راءِ ڪندي چيو تہ "ڪنهن بہ ڳالهہ جو انت بحر ۽ ڇيڙو آهي ئي ڪونہ. اسين هيڏي ساري سگهڙپڻي کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ بہ، هن نئينءَ ڳالهہ کي نئون ٻڌي، حيرت و استعجاب ۾ ايندي، اڃان بہ ڪجهہ سکي ۽ پرائي رهيا آهيون. جنهن لاءِ "بلها شاهہ" بہ تائيد ڪندي چيو آهي تہ:

انت بحر دي ڪل نہ ڪائي، رنگي رنگ بڻايا....
الله آدمي بڻ آيا.
هابيل ڪابيل پٽ آدم دي، آدم ڪس دا ڄايا،
اسان آدم ڪولون اڳي هياسين، آدم ساڏا جايا،
"علي رضا" هي نام ميرا، "بلها" نام ڌرايا...
الله آدمي بڻ آيا.

انهيءَ مجلس ۽ محفل ۾، مٺين ولي محمد سائينءَ ۽ مٺين ٺرئي جي طرفان ٻہ پيرا مانيءَ جا وقفا ٿيا. هڪڙو شام جو چٽين بجي ۽ ٻيو رات جو ڏهين بجي. باقي چانهن جا تہ ڪيئي دور هليا. مخدوم صاحب جن بہ وقت بوقت وچ وچ ۾ مداخلت ڪندا، پنهنجي فن ۽ ادب، فن علم ۽ سگهڙپڻي سان، سامعين ۽ حاضرين کي نوازيندا رهيا. مٺين ولي محمد سائينءَ ۽ پير مٺين ٺرئي ۽ سندن ننڍي ڀاءُ پير مٺين آگيڏني خدمت چاڪريءَ ۾ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏي. سڄو ڏينهن هٿ ٻڌيو، خدمتگار ٿي، خدمتون ڪندا رهيا.

ميون پير ولي محمد، ميون پير ٺريو ۽ ميون پير آگيڏنو شاهہ، ٽيئي ڀائر بہ پاڻ کي خليفہ اول حضرت ابابڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي اولاد مان سڏائيندا هئا، جن جي اولاد مان مخدوم صاحب جن آهن.

اوائلي دور ۾، جڏهن اسين اڃا ننڍا هوندا هئاسين، ماتليءَ جي بازار جيڪا ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل هوندي هئي. هڪڙي اُتي هئي جتي اڃڪلهہ شيدين جو پاڙو آهي ۽ ٻي ڏهن ٻارهن دڪانن تي مشتمل خاصخيلي پٽيلن واريءَ گهٽيءَ جي پريان ۽ شهر جي اصلي رهاڪن ڪٽين وارن گهرن ۽ دڪانن جي اوريان هوندي هئي. اُتي پير مٺين ٺرئي جو درزي خانو بہ هوندو هو. جنهن تي پير ميون ٺريو ۽ پير آگيڏنو شاهہ ٻاراڻيءَ وهيءَ ۾ نهايت حسين نوخيز هوندي بہ، پيرن واريءَ سلائي مشين کي فرڙاٽا ڪيائيندا هئا. اسان جي سنڌي درزين جي دڪانن تي گهٽو ڪري پيرن واريون سلائي مشينون هلنديون هيون. هٿ وارين سلائي مشينن جو رواج پنجاب مان اچڻ کان پوءِ پنجابي درزين وڌو هو.

مٺين پير ٺرئي جي دڪان جي سامهون، حاجي ابراهيم پاٽوليءَ ۽ الهہ بچائي پاٽوليءَ جا ڪپڙي وارا مشهور و معروف دڪان هوندا هئا. اڪثر ڪري انهن ٻنهي

دڪانن تي ٽي ڪپڙي جو وسيع ترين ڪاروبار ٿيندو هو. حاجي ابراهيم پاٽولي، جيڪو اصل ڪان ماتليءَ جو ٿي رهاڪو هو، اُنهيءَ جو عظيم الشان، ڪپڙن جي تاکين سان ڀريل نهايت وڏو، ڪشادو ۽ عاليشان دڪان هوندو هو. باقي الهه بچايو پاٽولي ۽ سندس ڀاءُ محمد اسماعيل پاٽولي، جيڪي ٽنڊي غلام حيدر مان لڏي ماتليءَ آيل هئا، تن جو دوڪان ٻئي نمبر تي ليکيو ويندو هو. حاجي ابراهيم پاٽولي واري دوڪان جي سامهون، مٿين پير ٿرئي وارو درزڪو دوڪان هوندو هو، جتي ميون پير آگيڏنو، پيرن واريءَ سلائي مشين کي هلائي، ڀڄائي، خوب ڦرڙاتا ڪيندو هو. ميون پير ولي محمد گاهي بگاهي مريدن سان اچي، پنهنجن ڀائرن سان شامل ٿي، سندن هٿ وندائيندو هو.

مٿين پير ولي محمد شاهه ۽ مٿين پير ٿرئي جي ننڍي ڀاءُ مٿين پير آگيڏني شاهه جي شادي تعلقي ٽنڊي باگي جي آڄ واري پير مٿين پير ڪُنڊل جي دختر سان ٿي، جنهن مان ميون پير آگيڏنو شاهه ڪثيرلاولاد آهي. اهو پير ڪنڊل، موجوده پير علي بهادر شاهه جي وڏن بزرگن مان هو، جن مان مخدوم صاحب جناب مخدوم محمد زمان شاهه "طالب المولىٰ" پاڻ کي ۽ پنهنجي وڏي فرزند مخدوم "امين" فهيم کي پرڻايو آهي. اهو پير علي بهادر شاهه، موجوده دور ۾ انهيءَ علائقي جي انتهائي بااثر، باعزت، معزز، هردلعزيز ۽ مقبول ترين سياسي شخصيتن مان هڪ اهم شخصيت جو مالڪ آهي.

مٿين پير آگيڏني شاهه جي سهري مٿين پير ڪُنڊل کي، جيڪو هر نشي ۾ يڪتا، وڏين وڏين موالي محفلن ۾ خاص طور "چرس" پيئڻ ۽ پيارڻ جو سرپرست هوندو هو. ڪيس سرور پير جو گادي نشين به چوندا هئا، جنهن جو اڄ به "ڪڙئي گهنور" ۽ "ترائيءَ" جي وچ واري پوئي تي، پَٽ وارو اوليائي ميڙو نهايت شاندار نموني سان لڳندو آهي. اڳئين دور جون علم کان محروم توهم پرست سادين سوديون عورتون، مخلصيءَ ۽ عقيدتمنديءَ ۾ اچي، سور جا "ڳيا" ڳائي، مهندي رچائيندڙيون آهن. اُنهيءَ مهندي کي "سور جي مهندي" ڪري سڏيو ويندو آهي. خاص ڪري اسان جي شهر ماتليءَ جون شيديائيون جيڪي اسان جي راڄ ڀاڳ وارين شادين مُرادين ۾ ڳائيندڙيون وڄائيندڙيون آهن ۽ پنڌتن وانگر ٽپا ڪولي پنهنجي سهوليت مطابق شادين مرادين جا ڏينهن مقرر ڪندڙيون آهن، سي به "سرور" جون باسون باسي، دهلن دمامن سان اُتي وڃي، نچندي ٽپندي، "سرور" پير جي مزار تي پڙ پهرائيندڙيون هيون. مٿين پير ڪُنڊل شاهه مٿين پير آگڏني شاهه جي رشتيداريءَ سبب، ميون پير ولي محمد، ميون پير ٿريو ۽ ميون پير آگيڏنو شاهه به "سرور" پير جي سخائن ۾ حصيدار هوندا هئا.

مٿين پير ٿرئي کي فقط هڪ نياڻي تولد ٿي. مٿين پير ولي محمد لاولد وفات پاتي. باقي ميون پير آگيڏنو شاهه هڪ وڏو هنرمند، دستڪار، نيازمند ۽ خدمتگار، پيريءَ کي هڪ پاسي رکي، ادب مُراد ۾ رهي، هيڏي ساري اولاد هوندي به، پنهنجا

فري آيام، حد کان زياده لاچارگيءَ، بي بسيءَ ۽ ڪمپرسيءَ جي حالت ۾ گذاري، هي عدم ٿيو. سندس سبيل ڪپڙا، منعقش واڻ سان واٽيل ڪٽون ۽ پينگها اڄ به ندس ياد کي تازو ڪندي، عبرت حاصل ڪرائي رهيا آهن. ڍولڪ وڄائڻ جو به حد ان زياده شوق هوندو هيس، پر سادڙي هٿ سبب ڍولڪ به سادڙي ئي وڄائيندر هو.

آءٌ هن وقت تائين نه اهو سمجهي ئي نه سگهيو آهيان ته هن مخلص، بي لوث سادي سودي محنتڪار، اوچي دستڪار ۽ معصوم فنڪار کان ڪهڙيون اوڻايون رڻايون ٿيون، جنهن کي ڪيترن ئي دنياوي سزائن کان پوءِ، هڙيءَ ڪسمپرسيءَ ۽ يڪسيءَ ۽ ويچارگيءَ جي حالت ۾، هن جي ۽ توهان جي ۽ اسان جي ڏٺيءَ پاڻ انهن گهرايوا مون کي ته هُن ۾ محبت ۽ صداقت، ادب ۽ مُراد، سادگيءَ ۽ سچائيءَ ان سواءِ بيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه آيو. ممڪن آهي ته ڪائنات کي اُن تخليق ڪرڻ اري کي ڪا هُن بابت وڏيڪ ڄاڻ ۽ پروڙ هجي.

سگهڙپٽو

مٿين مضمونن ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ مخدوم عبدالحسين وارن ۾، سگهڙ، سگهڙن جون ڪچهريون ۽ ڪچهرا "ڪيئي ڪتاب" تي اسڪرين ڪيا ويا هن، تنهن ڪري اُنهن سُگهڙن جي سُگهڙپڻي جا ڪجهه نمونا هتي هيٺ ڏجن ٿا.

اُهي عطائي سگهڙ، علم و ادب کان ڪورا هوندي به، پنهنجي سُگهڙپڻي اري علم ۽ آداب ۾ يڪتائي ۽ يڪسوئي حاصل ڪري، اسان جي سنڌ جي سادن سباجهڙن، اٿاڻ ۽ اٻوجهه ٻهراڙيءَ جي رهواسين لاءِ، ڪافي دلچسپيءَ، وندر ۽ هلائڻ جو باعث بڻيا هئا. ڪاروبار کان فرصت وارو باقي وقت، ٻجهارتون، ڏور، نر، ڏڻ، سينگار، اڪبري نورتن جا چٽڪا، گرو چيلي جا سوال و جواب، گنگ ت جون ڪهاوتون، ڪٽائون، ۽ نڙ بيت سندن وندرن ۾ شامل هوندا هئا. چاڪاڻ ، اوائلي دورن ۾، اُنهيءَ کان سواءِ ٻي ڪا وندر به ڪانه هوندي هين. اڄڪلهه به سجي ٿو ته شهرن ۽ شهر نما وڏن ڳوٺن کان سواءِ ٻهراڙيءَ وارن ڳوٺن ۽ ڳوٺڙن، پَٽن انن ۽ جهنگن جبلن ۽ سُگهڙپڻي واري ساڳي ئي وندر هوندي آهي. جنهن ۾ ڳوناٿا ڏ ٿي، چڱو خاصو گهيرو ٺاهي، ميڙو مچائي، ڪانيون ڪڍي، انهن شُغلن سان دل ندرائيندا آهن. جن جا ڪجهه مختصر نمونا هتي پيش ڪجن ٿا.

ٻجهارتون

سُر: سسئي

ڳجهارت: "وائن سان ويندياس، هو واءُ هوت پنهل جو."

سال: پهرئين واءُ جا "سوُست"، ٻئي واءُ جا "گهوگهٽ" (هوگهٽ)

پيڇي: "سوست سان ويندياس، هو گهٽ هوت پنهل جو."

(٢)

ڳجهارت: "نالي نرنا هيٺ، ڪين ڪڪن جي ٽي سسئي."
سال: نالو هڪڙو "ڪارو"، ٻيو "ڏونگر" ۽ ڪڪن جي "ڏري"
پڇٽي: "ڪاري ڏونگر هيٺ ڪين ڏري ٽي سسئي."

(٣)

سر: مارئي
ڳجهارت: "وڻ جي وَٽي نہ مون کي، مال جا مَر هجن،
آءٌ پُڇي پنهوارن، پاٽي ٽيندين سومرا."
سال: وَڻ جي "نانگ ڦڻ" (ڦٽي)، مال جا "چيڙهہ"، پاٽي "صفا"
پڇٽي: "ڦٽي وَٽي نہ مون کي، چيڙهہ مَر هجن،
پڇي پنهوارن، صفا ٽيندين سومرا."

(٤)

ڳجهارت: "وکر وڇيئي سومرا، ڳهہ جي موکل ڏي."
سال: وکر "صابڻ" (بڻ)، ڳهہ "مرکي"
پڇٽي: "بُڻ وڇيئي ميان سومرا، مُرکي موکل ڏي."

(٥)

سر: سهڻي
ڳجهارت: "نرنا علم جو کنيو، مون نہ پکي نارنا،
مون کانَ اڳيئي، پکين جو انهيءَ جر تي."
سال: نرنا "ساهڙ". علم "سُنهن"، پکي "ٻوڙي".
نارنا "سهڻي" پکين جو "ڪرڳل". جر (ڪُن)
پڇٽي: "ساهڙ سُنهن کنيو، مون نہ ٻوڙي سهڻي،
مون کان اڳي ئي، ڪرڳل انهيءَ ڪُن تي."

انهن مٿين ٻجهارتن کي نموني طور لکڻ کان پوءِ، وري ڏور جو نمونو پيش ڪجي ٿو. جيڪي اڪثر ڪري، نبين، ولين ۽ پنجتن سان نسبت رکندا آهن.

ڏور

"سهڻي ۽ ساهڙ ٻئي پيتيءَ منجهہ پيا،
جهولا ۽ جهڪون تن کي لڳين واءَ لڳا،
پوءِ ڪنڌيءَ ڪنهن ٽيا، يا رهيا واهڙ وچ ٻرا"

شاهد: نانگن ٻڌي نيهن جي ڪچي ڪا چوٽي،
نڪو نڪاح تن سندو، نڪا نڪيٽي،
جهڙا آيا جڳ ۾، تهڙا ويا موٽي،
تني سندي چوٽي، پورب ٽيندي پٽري.

انهيءَ ڏور کي ٻُجهڻ، پروڙڻ ۽ پيڻ وارا سُگهڙ بيان ڪن ٿا تہ حضرت سليمان عليه السلام، جيڪو جن، اُنس، ديوَ، پريءَ، پکي پکڻ، حيوان و انسان نہ پر سڄي ڪائنات جي چرند پرند جو بادشاهہ هو، تنهن، جملي مخلوق کي دعوت ڏيئي ٿهرايو ۽ تنهن سان گڏ اهو حڪم بہ صادر فرمايو تہ "هرڪو ڪائي پر پاڻ سان گڏ ڪٿي ڪوبہ نہ وڃي." مگر تنهن هوندي بہ هڪڙو ڪانگ ڪائي پي، پنهنجي پيٽ پرڻ ٿان پوءِ، چهنب پري ڪٿي اُڏامڻ لڳو. پر جيئن تہ سيني وقتن تي چڱن سان گڏ ڪي ڀغلخور بہ هوندا آهن، تن چغلخورن جي چغليءَ تي، اُنهي ڪانگ کي گرفتار ڪري ٿهرايو ويو، جنهن ٻڌايو تہ "صدين جو پروڙو جهوُر ڪنپ ڪٽل ڪانگ، هڪڙي وڏي ڙي ۽ ڊير تي پيل هو، تنهن مون کي مُلتجي ٿي عرض ڪيو تہ مون ۾ اُڏامڻ جي سگهہ ۽ طاقت نہ رهي آهي، نبيءَ جي دعوت مان ثواب خاطر منهنجي لاءِ بہ ٻہ ٽي اٿا ڪٽي اچجان. تنهن ڪري ئي اها بي ادبي ٿي آهي، جنهن لاءِ معاف ڪرڻ فرمائيندا."

جنهن تي نبي حضرت سليمان عليه السلام حڪم ڪيو تہ "اهو ڪانگ ۽ ڙو هلي ڏيکار." بس، حڪم جي دير هئي. هوائي تخت تي سوار ٿي، ٻيءَ مخلوق ۽ ڪانگ سان گڏ، هوا جي دوش تي انهيءَ ڪنپ ڪُٽل پيري ڪانگ وٽ پهتا. جيڪو ثار قديم واري ڪنهن ٽٽل ڦٽل دڙي تي بيوس پيري بڻيو پيل هو. جنهن سوال جي جواب ۾ ٻڌايو تہ "چار پنج سؤ سال پهرين، هتي منهنجي هيئان هڪڙو وڏو شهر هوندو هو. هڪڙو گنداگر فقير، حُسن ۽ جوانيءَ ۾ يڪتا بادشاهزاديءَ شهزاديءَ تي عاشق ٿي، محل جي سامهون ڏوٽي دڪائي ويهي رهيو، جنهن جي صبر و استقامت، سوزنهان، آه و فغان بالآخر هٽي وڃي هنڌ ڪري، شهزاديءَ جي دل ۾ بہ ڏڙڪنون پيدا ڪيون. اهو عشق، مجاز جون پُلون پار ڪري، حقيقي بڻجي ويو. رات جو روزانو پاڪ صاف ملاقاتون ۽ وصال ٿيڻ لڳا. شهزادي هر روز ڪير جو ڪٽورو ڀري، اُنهيءَ ۾ مصريون ملائي، ڪٽي اچي واصل بالله فقير کي پيارينديءَ هئي.

"جڏهن اِها خبر شهزاديءَ جي پيءُ ۽ بادشاهہ وقت کي پيئي، تہ هو پاڻ خفيہ طور، لڪي لڪي، اهي ملاقاتون ڏسندو رهيو. جن ۾ پاڪيزگيءَ ۽ صاف ستڙائي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ ۾ نہ آيس. شهزادي هر روز رات جي بيگاهہ وقت فقير وٽ ايندي هئي، ۽ هڪٻئي سان پريم پيار جون ڳالهيون ڪري، سج اڀرڻ کان اڳ عصر جي وقت، ڪيس ڪير جو ڪٽورو پياري، خفيہ ۽ ڳجهڙي دروازي کان موٽي واپس محل ۾ وڃي داخل ٿيندي هئي.

"شهزاديءَ جي والد بادشاهہ، حسب معمول اهو حال ڏسي، عبرت حاصل ڪندي، تعميري ساز و سامان گڏ ڪرائي، هڪڙيءَ رات انهن جيئرن تي قبو تعمير ڪرائي ڇڏيو. جتي عشق جي غشيءَ، غنودگيءَ، يڪسوئيءَ ۽ يڪخياليءَ ۽ عالم

محويت ۾ ڪين اهڙي ڪابہ سُڌ ۽ خبر ئي نہ پيئي."

اُنهي ڪُٽل ڪنپ، پيري بُت ڪانگ وڏيڪ احوال ٻڌائيندي چيو تہ "انهيءَ پاداش ۾ اهو شهر مسمار ٿي، ڦٽي ڪنڊر بڻجي ويو، جنهن جا اهي آثار اڄ بہ موجود آهن. جڏهن هڪڙي پيري اُڏامندي اُڏامندي، آءٌ انهي مقبري جي مٿان لنگهيس، تہ انهن عاشقن جي عشق جي آهن دانهن واري آتش ۽ ڄري مون تائين پهتي. جنهن ڪري منهنجا ڪنپ سڙي، ختم ٿي ويا ۽ آءٌ ٻيرو ٿي، پيري بڻجي، هتي ڪري پيس. هيءَ اُهائي ساڳي جاءِ آهي، جتي اُهي عاشق صادق، جيئري ئي مدفن آهن."

حضرت سليمان عليه السلام ديون کي حڪم ڪيو. جن حڪم جي تعميل ڪندي، هڪدم انهي دڙي جي کوٽائي شروع ڪئي. جتي اهو گنبذ نظر آيو. انهيءَ گنبذ جون ٻہ سرون ڪڍي، حضرت سليمان عليه السلام جن ڏٺو تہ ڪيس اهي عشق جا متوالا عاشق صادق واقعي اتي ڏسڻ ۾ آيا. جنهن تي پاڻ ڪن لڳائي ٻڌائون، تہ اُها شهزادي فقير کي ائين چئي رهي هئي تہ "صبح ٿيڻ وارو آهي، جنهن جي روشني نمودار ٿي چڪي آهي. اوهان ڪير پيئو، تہ آءٌ واپس وڃان، تہ جيئن راز افشا نہ ٿئي." ايتري ۾ حضرت سليمان عليه السلام، گنبذ مان ڪڍايل اُهي ٻيئي سرون واپس بند ڪرائي، حيرت ۽ تعجب جو اظهار ڪندي، اتان واپس ٿيو. تنهن سان گڏ انهي ڪنپ ڪٽل پيري ٿيل ڪانگ کي دعا ڪري، الله تعاليٰ کان اُهي ڪٽل ڪنپ ڪيس واپس وٺي ڏنا ۽ پڻ انهيءَ خيانت جي مجرم ڪانگ کي بخش ڪندي، جيڪڏ چهنب پري هُن ڏانهن اُڏائو هو، مزيد انعامن اڪرامن سان بہ نوازيائين.

انهيءَ واقعي تي ڪنهن سگهڙ سالڪ مٿيون ڏور ڏيندي، هيءُ بيت ڏنو تہ:

"سهڻي ۽ ساهڙ ٻئي پيتيءَ منجهہ پيا،
جهولا ۽ جهڪون تن کي لڪين واءَ لڳا،
ڪنڌيءَ ڪنهن ٿيا يا رهيا واهڙ وچ ۾!"

جڏهن ڏور ڏوريندڙ سگهڙ ٻين سگهڙن ۽ سالڪن کان معنيٰ ۽ مطلب بابت پڇندو هو، تہ پوءِ جيڪڏهن ڪين انهيءَ بابت ڄاڻ هوندي هئي، تہ ائين اها پرولي پروڙي، ٻجهارت ٻُجهي، حل ڪري، ٻڌائيندا هئا، ورنہ ساڳئي سگهڙ کي ئي معنيٰ ۽ مطلب ڪري ٻڌائڻو پوندو هو. اهڙيءَ طرح سان ٻيا بہ ڪيئي سوين هزارين ڏور انهن قصن ڪهاڻين تي مشتمل آهن. جن تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، گهڻي تحقيق، تجسس، کوجنا ۽ جاکوڙ ڪري، ڪتاب لکيا آهن. مون هتي فقط نموني طور هڪڙو وڏو ڏور ڏيئي، انهيءَ جي سمجهاڻي پيش ڪئي آهي. تنهن کان پوءِ، هڪ ٻہ هنر بہ هيٺ لکي، نموني طور پيش ڪريان ٿو.

هنر

سر مومل راڻو)

چاچا مرَ چوئين ميان مينڌرا، ماما مڃ اي ميان مير،
ماسي ٿي سر صدقو ڪريان، توتان راڻا ڄام امير،
راڻا ڄام امير، پيرو مرَ لاهج پيئ تان.

سال: چاچا مرَ نہ، پر "چاهہ مان". ماما مڃ نہ، پر "مرَ وڃ".
ماسي ٿي نہ، پر "مان ٿي". پيئ نہ، پر "پيٽي".

پيٽي: چاهہ مان چوئين ميان مينڌرا، مر وڃ اي ميان مير،
مان ٿي سر صدقو ڪريان راڻا ڄام مير،
راڻا ڄام امير، پيرو مر لاهج هن پيٽيءَ تان.

هڪڙو ٻيو هنر "مارئيءَ" مان پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ رڳو واهن جا نالا ن ٿا:

جي دريا پير هنا دادلا سي تهڙا ٻڌاسون،
جمڙائو آهن جن تي، سي بہ ڇڏي ويا مال مڏيون،
سدا واهہ عمر سومرا، هت نہ هوندين تون،
جيئن ڪري نارو ڊورو، تنهن کان وڏيڪ تون،
پانيان ٿي تون هيرل آهين ميان سومرا.

سال: دريا پير نہ، پر "در مٿي". تهڙا نہ، پر "تڙيا"
جمڙائو نہ پر "جمعا" (ميڙا).
سدا واهہ نہ، پر "سدائين".
نارو ڊورو نہ پر "نر ڊور".
"هيرل نہ، پر "هريل".

پيٽي: جي در مٿي هنا دادلا، سي بہ تڙيا ٻڌاسون، (جيئن، شيطان)
جمعا ۽ ميڙا آهن جن تي، سي بہ ڇڏي ويا مال مڏيون
سدائين عمر سومرا، هت نہ هوندين تون،
جيئن ڪري نر ڊور، تنهن کان وڏيڪ تون،
(ماءُ تي بہ ٽپن تہ پيئ تي بہ)
پيان ٿي تہ تون، هريل آهين ميان سومرا.

مٿين پراڻن هنرن لکڻ کان پوءِ "مارئيءَ" مان هڪڙو نئون هنر، جنس مٿائيءَ ن نسبت ڏيندي، اسان جي ماٽليءَ جي غير معروف سگهڙ محمد صالح

خاصخيليءَ جو ناهيل، بہ پيش ڪجي ٿو:

ڪچوريءَ سان قرب منهنجو، جو پڪوڙا هلاءِ،
واري ڳنڍ وڙي سان، ڏي بيسڻ کي باهہ،
حرص نہ رک حلوائيءَ سان، جنهن وٽ ناشتو ناهہ،
جو تاشا ٿو ڪاءِ، ميسون نہ ملندو ان کي.

سال: ڪچوري نہ، پر ڪچهري. پڪوڙا نہ پر، پڪي راهہ. وڙو سان نہ، پر واري سان. بيسڻ نہ، پر بي ادب. حلوائي نہ، پر هلڪائي (هلڪو ناشتو نہ، پر ناس پتو، تاشا نہ، پر بادشاهہ. ميسون نہ، پر سونهن.

پيڇي: ڪچهريءَ سان قرب منهنجو، جو پڪي راهہ هلاءِ،
واري ڳنڍ وڙ واري سان، ڏي بي ادب کي باهہ،
حرص نہ رک هلڪي سان، جنهن کي ناس پتو ناهہ،
جو بادشاهہ سڏاءِ، سونهن نہ ملندي ان کي.

اِنهيءَ سگهڙپٽي ۾ انهي وقت جا عطائي سگهڙ، پنهنجي ٻهراڙيءَ وار ساديءَ سودي ٻوليءَ ۾، "اڪبري نڪتن" جي عنوان سان، ان جي درباري "نورتن جا گفتا، پروليون، ڪٽائون ۽ چُٽڪلا، اردو، هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ گڏيل بگڙيل، پيڙهڙ ٻوليءَ سان، جهڙيءَ ريت پيش ڪندا هئا آءٌ بہ ساڳيءَ طرح سان، انهيءَ لب لهجي ۽ ٻوليءَ ۾ نموني طور ڪجهہ گفتا هتي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

ڪٽائن مطابق هڪڙي ڀيري شهنشاهہ اڪبر پنهنجي "نورتن" سان ڪاوڙجي، ڪانئن ويرِ وٺڻ خاطر، سڄي رات ڪو بهانو تلاش ڪندي، جاڳندا گذاري. علي الصبح، فجر جي وقت، هڪڙي ماهہ وش ماه جبين نازنين گهونگهرو ڪڍيو، پتل جي گهاگهر مٿي تي ڪٽي، تلاءِ گهاٽ پهچي، گهاگهر ڀري، ناز و انداز سان، جنهن وقت اتان وري واپس رواني ٿي، تہ هيڏو ساروبادشاهہ حيرت استعجاب سان، ڪيس تڪيندو ئي رهجي ويو. ايتري ۾ اوچتو چرڪ ڀري، پنهنجي "نورتن" ڪان ويرِ وٺڻ خاطر "ٻجهارت" ناهي، دربار لڳائي ڪانئن پڇيائين تہ:

"ڪيسے ڳنگ اڪيلڻ رے ڪيسے گنگ اڪيلڻ رے."

جملي درباري سگهڙ ۽ نورتن انهي ٻجهارت کي ڳولينداء، طبع آزما ڪندا، پنهنجي پهچ، سمجهہ ۽ سوچ مطابق سنواريندا، سلجهائيندا، سمجهائيندا رهيا. پر ڳجهارت جو ڳجهہ ڳولي، ٻجهارت ٻجهي نہ سگهيا. آخر ۾ انهن درباريءَ نورتن مان "بيربل" هيئين ريت پيڇي ڏيئي، پرولي پرکي پروڙي، سيني جي جندڙي ڇڏائي.

"اوپر اوپر تلاءِ پہ، پانهياري کهيل مچايا،
ٹهمک ٹهمک پاؤں دهرے، جيسے گنئير چهٹا هے چارن کا،
سالُو اوپر پُهل گرے، هار ٹوٹا لک هارن کا،
کُلهی اوپر چوڑ چڑهائی، هٹ کهليا منهاری کا،
سينده اوپر ٹهاه ٹهاهيا، جيسے گهاؤ لگا تلواری کا،
کچهہ آپ هنس کچهہ نين هنسے، کچهہ نينوں ميں کجرا لايا،
راه مسافر لٹ ليونے، ترس نہ پرميشور کا پايا،
جو سنجهے کی بات سوچت هو، يہ پره پهٹی کا وچرا،
کهے "بيربل" سُن شاه اکبر، ايسے گُنگ اکيلی رے،
ايسے گُنگ اکيلي رے."

ٻئي پيري ساڳيءَ طرح، سينہ بہ سينہ ڏندڪٿائن مطابق، اڪبر بادشاهہ ڪڙي حسين و جميل، حسن و صورت سان گڏ سيرت سان مالا مال، ڪيريءَ جي عشق ۾ اچي، سندس ئي "ڪوئي" تي براجمان ٿي، پڌارجي ويهي رهيو. تنهن زماني ۾ اُنهيءَ وقت جون ڪيريون، تهذيب و تمدن، اخلاق ۽ اخلاص سان مالا مال هونديون هيون. جن وٽ نواب پنهنجا نوابزادا، رئيس پنهنجا رئيس زادا، ٺاڪر پنهنجا ٺاڪر زادا، رجا پنهنجا راجڪمار، شريف پنهنجا شريف زادا، انهن ڪوٽن تي محض تهذيب ۽ تمدن جي سڪيا حاصل ڪرڻ لاءِ ڇڏيندا هئا، جيڪي حسن و عشق جي عميق ۾ پر پيچ راهن مان پلجي پار پيئي، ڪُندن بڻجي، اخلاص ۽ اخلاق جي ڄاڻ حاصل ڪري نڪرندا هئا.

اهڙيءَ طرح سان اڪبر بادشاهہ بہ انهيءَ ڪيريءَ جي آداب اطوار تي فريفتہ ٿي، نسوانيت جي نينهن نياڻ خاطر، اکين سان اکيون ملائي، پنهنجي دل جي ڌڙڪن ۾ اضافو ڪندي، پريم پيار جي پياس پوري ڪرڻ خاطر اُتي ڪوٽي تي ئي ويهي رهيو. پر، اُها پياس، بقول شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ:

"انهيءَ تڙان تِڪ پيئندي پڻ اُڄ وڏي..."

وانگر ڪٿي ٿي پوري ٿي سگهي! تنهن ڪري جلد ئي اها خبر باهہ وانگر "نورتنن" تائين وڃي پهتي. جن اُنهيءَ ڳالهہ کي ڳجهو رکندي، پاڻ ۾ هڪٻئي سان صلاح مشورو ڪندي، تہ ڪهڙيءَ ريت شهنشاهہ اڪبر کي ڪيريءَ جي ڪوٽي تان لاهي، راج پاٽ واري سنگهاسن تي واپس ويهارجي. مگر عشق جي اري ۾ آيل "اڪبر" کي آزاد ڪرائڻ لاءِ، ڊڄندي ڪنبندي ويچاريندي، آخر اهو حل ڪڍيائون تہ ٻين "اٺن رتنن" تي تہ هو ڪاوڙجي، ڏمرجي کين سزايافتہ ڪري سگهي ٿو، پر فقط "گنگ" ڀٽ، جيڪو سندس پيارن "نورتنن" مان هوندي بہ، سندس درباري دروازي جو چهيتو منگتو ڪوي پڻ آهي، سوئي ڪيس اُتان واپس ورائي سگهي ٿو، باقي ٻئي

ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.

انهيءَ فيصلي کان پوءِ، ڪوئي گنگ پٽ تيار ٿي، پنهنجو چنگ چوري، ڪجريءَ واري ڪوني جي ڪواڙ اڳيان ڏوٽي رمائي، هيٺينءَ طرح ڪويتائون ناهي، ڳائي وڃائي، ڪيس وندرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن جا ڪجهه بول سگهڙن واري، اُنهي تتل ڦتل بوليءَ ۾ هيٺ پيش ڪن ٿا:

"گنگ ننگ چهپے نہ، چهپے نہ راجا ستهه آيا،
گهم گهور وچ مور نہ چهپے، چهپے نہ تري واڳ اُٹهايا،
تاروں کے تيز ميں چندا نہ چهپے، چهپے نہ سورج بدل چهايا،
رڻ چڑهيا راجپوت نہ پهچے، چهپے نہ ڏاتار گهر منگٹا آيا،
چنچل نار کی چال نہ چهپے، پهچے نہ نين پريت لگايا،
کهے کوي "گنگ" کرم نہ چهپے، توڙي انگ بهبهوت لگايا."

اِنهيءَ مٿينءَ ڪوت جو مطلب اهو آهي تہ "تون بادشاهه آهين، ڪٿي بہ هوندين تہ بادشاهه ئي سڏبين. انگ پيوت لڳائڻ کان پوءِ بہ تنهنجو بخت بالا ۽ ڪرم بادشاهه آهي. تنهن ڪري پنهنجي شان شوڪت ۽ جاه و جلال مطابق، هلي پنهنجو تخت ۽ تاج سنڀال."

اڪبر بادشاهه تي انهيءَ ڪوٽ جو ڪجهه اثر ٿيو. پر اڳيان بہ دادمر گيسو جا بنڌن هٿا، جن کان چوٽڪارو حاصل ڪرڻ بہ ڏاڍو مشڪل ٿي نظر آيو. بدن کي ٿوري گهٽي ڏوڻ ڏيئي، ٽڏا ساهه ڀري، وري بہ اتي وبهي رهيو. ڪوي گنگ پٽ همت نہ هاريندي، پنهنجو حوصلو برقرار رکندي، ٻيهر پنهنجي ڪوٽ ۾ وري هڪڙو ٻيو بيت دهرايو- جيڪو مون کي وسري ويل آهي، پر ان جي معنيٰ ۽ مطلب هتي پيش ڪجي ٿو:

"هڪڙو اُڏامندڙ طوطو، اڪ جي انبڙيءَ کي، انب جي انبڙي سمجهي، انهيءَ کي پالي پچائڻ لاءِ پرداخت ڪندو رهيو. جڏهن اها پچي لعل ٿي ۽ چٽون پنهنجي نوڪدار چهنب سان انهيءَ کي چيريو، تہ ڪير جهڙو سفيد زهريلو رس سندس پرن ۽ ڪنين تي پيو تہ پر سڙي ختم ٿي ويس ۽ پاڻ ٻيرو بڻجي، انهيءَ اڪ جي پاڙ ۾ ڪري پيو. اهڙيءَ طرح ڏڌ چاهي ڪهڙو بہ منو چو نہ هجي، مگر ڪير جو مٽ ناهي."

پر تنهن هوندي بہ بادشاهه سلامت اُتان نڪري نروار ٿي، هلڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. تنهن تي وري ٻي ڪوٽ پيش ڪيائين، جنهن جا بول هتي هيٺ ڏجن ٿا:

گنگ کان نير ترنگ بهے، ڦنب کا نير پيا نہ پيا،
نام ليا پرميشور کا، اور کا نام ليا نہ ليا،
سنگ کيا خاندان کا، نيچ کان سنگ کيا نہ کيا.

جنهن جو مطلب تہ "سخا جو دريا تنهنجي اڳيان وهي رهيو آهي، جنهن جو صاف پاڪ، شفاف ۽ پوتر پاڻي هلي پيءُ، پر تون تہ اِنهي ڪنڀ واري بدبودار، گندي

۽ سينواريل پاٽيءَ جي ڏُهي تي اچي ويٺو آهين. جنهن جو پاٽي اڻ پوتر ۽ ناپاڪ آهي. جيڪڏهن توکي سنگت، پريم پيار ۽ عشق ڪرڻو ٿي آهي، تہ هلي پنهنجين خانداني راڻين سان ڪر، نہ ڪي ڪنهن ڪم ذات گهٽيا ڪيريءَ سان، جنهن جو وصال هرڪو حاصل ڪري سگهي ٿو."

ڪوي گنگ ڀٽ جي انهن آخري جملن اڪبر بادشاهہ تي ايڏو تہ اثر ڪيو، جو، بقول سگهڙن، پوتي چندي، اُتي ڪڙو ٿي، پالڪيءَ ۾ ويهي، ڪوي گنگ ڀٽ سميت پنهنجي محل ڏانهن روانو ٿيو. پالڪيءَ ڪٽڻ وارا ڪُهار، جيڪي گنگ ڀٽ سان محض انهي آسري اُميد سان آيل هئا، تہ ڪوي گنگ ڀٽ اڪبري درٻار جو لاڪيڻو لاڏلو ڪوت، منگتو ۽ چهتيو آهي، سو هر حالت ۾ ضرور ڪيس سمجهائي ٻُجهائي، پرچائي سرچائي پاڻ سان گڏ واپس محل ۾ وٺي اچڻ لاءِ ڪامياب ٿيندو سو ٿيو بہ واقعي ائين ٿي. اهڙا تہ ٻيا بہ ڪيئي واقعا، چٽخلا، ٻجهارتن ۽ ڪويتائن ڪتائن جي سوين هزارين مثال موجود آهن. جن کان، ڪتاب جي ضخيم ٿي وڃڻ ڪري، اڪتفا ڪندي، وري بہ نموني طور ڪجهہ گرو چيلي جا سوال جواب، سينگار ۽ نڙ بيت جا بيت پيش ڪجن ٿا.

گرو چيلي جا سوال جواب

گرو: چرخا چيچٽ ڪري، لٽ لڙڪا جائي، تهہ تهہ ڪري ڪامٽي،- ڪهو چيلا ڪيا بات؟

چيلو: ٺوڪيا نهين.

مطلب: چرخو چيچٽ ڪري، جو ٺوڪيل ناهي.

لٽ لڙڪي پيئي، جو ٺوڪيل ناهي،

زال ڪلي تهہ ڪري، جا ٺوڪيل ناهي.

گرو: اُڪ پالي نہ ساڙيا، ڪامڻ گهر ٻار نہ وريا، ماٽي نہ ڪري گهوگهو- ڪهو چيلا ڪيا بات؟

چيلو: ڄايا نهين.

مطلب: پارو (سيءُ) ئي ڪونہ هو، جو اڪ (وڻ) ساڙي.

ٻار ڄايو ئي نہ هو، جو روئي.

ڪير ڄايو ئي نہ هو، جو ڪُنيءَ ۾ ولوڙجي.

گرو: گاڏي ٽيشن تي نہ آئي، معشوق عاشق نہ مليا، ٻيڙي جَر تي نہ چلي- ڪهو چيلا ڪيا بات؟

چيلو: تار نهين.

مطلب : گاڏي ٽيشن تي نہ آئي، جو تار نہ ڏني.

معشوق عاشق نہ مليا، جو عشق جي تار نہ هئي.

ٻيڙي جر تي نہ چلي، جو پاڻي تار نہ هو.

انهيءَ ڪان پوءِ وري سگهڙپٽي جا ڪجهه "سينگار" نموني طور، هتي پيش ڪجن ٿا. هتي آءٌ فقط اسان جي ماتليءَ واري سگهڙ شاعر گمنام محمد صالح ماتلائيءَ جا ٽاهيل چند سينگار پيش ڪريان ٿو.

سينگار

ڪنڊيو نڪ، ڪارا پرون، اکيون آهن اُپنگ،
ڏند ڏاڙهون جهڙا، ٻيا واسينگ وجهن ونگ،
مُرڪن مون کي ماري ڇڏيو، ٻيو ڳلن ڳاڙهو رنگ،
تنهنجن چپن پٽي چس اچي، ٻيا ڏاڍا هٿن ڏنگ،
هٿ پير سيئي عضوا، ٿا جملي ڪن جنگ،
ڏسي سينگار سهڻي جو، ٿياسين مست ملنگ،
ڪڍي "صالح" سان زنگ، ڪلي ڳالهاءِ خاصخيلي چئي.

(٢)

مسڪين کي ماري وڌو سهڻي جي سينگار،
ڪاريون اکيون ڪجريون، وينگس جهڙا وار،
گهورن سان گهائي وجهي، جهڙي تکي وهي تلوار،
لعل لب، ڏند ڏاڙهون، چونس اڙدوءَ ۾ انار،

پڌرا ڏيان پريںءَ جا، ٿو پورا توکي پار،
قبضو ڪن ٿا قلب تي، عشق جا اسرار،
ڪڏهن نه ڪجئين قرب وارا، ڏٺي مون کان ڏار،
رکج مون پتڪار، "صالح" جي سهڻن سان.

مٿين "سينگارن" کان پوءِ، ساڳئي "صالح" فقير خاصخيلي ماتليءَ واري جا نڙائي بيت پيش ڪجن ٿا. نڙ گهڻن قسمن جا ٿيندا آهن، جن ۾ سنهي آواز واري نڙ کي "ڪاني" چئبو آهي ۽ ٻئي کي "نڙ". "ڪاني" بنسريءَ وانگر ننڍي ٿيندي آهي، جڏهن ته "نڙ" وڏو ٿيندو آهي. ٻنهي کي هيٺان سوراخ هوندا آهن. پر، بيتن سان "نڙ" کي ئي وڄايو ويندو آهي. جنهن جي ميلاپ ۾ نڙيءَ جو آواز ڪرج وانگر شامل ڪيو ويندو آهي. هاڻي "نڙ" سان گڏ ڏنل بيتن جو نمونو پيش ڪجي ٿو، جيڪي پڻ سگهڙن جي انهن ڳوٺاڻين ڪچهرين ۾ اڪثر و بيشتر چيا ويندا آهن. جن جي چوڻي "سانوڻ" فقير خاصخيليءَ ڪري، انهن کي شباب تي آڻي، عروج تي رسايو. "سانوڻ" فقير جن بيتن اڳيان، ٻين سيني سگهڙن جا نڙ بيت سطحي ۽ هيچ آهن. اٿين جيئن جڻ ته چند جي اڳيان تارا. جن جي مثال طور هڪڙا ٻه بيت هن "ڪيئي ڪتاب" جي پهرئين ڀاڳي جي شروعات ۾ ڏنل آهن، جن کي هتي ٻيهر دهرائجي ٿو. پر انهن کان اڳي "صالح" فقير ماتلائيءَ جا بيت پيش ڪجن ٿا.

بيت

ساراهيان سبحان کي، جيڪو پاڪ آهي پرور،
جڏهن اچي عشق اندر ۾، تڏهن پوي ٿي خان خبر،
نه ته جهڙي انڌي اڳيان آرسي، پوي ڪين نظر،
دلبر منهنجي دل جا، ڪوليا آهن دفتر،
هي ڪر اسان کي ڪاري ٿو، تنهن کان پناهه ڏجئين پرور،
نڪي مايا ملڪيت اٿم، نڪو ساڻ ثمر،
مديني جي مير ڏي، ڪا قادر قسمت ڪر،
روضو پاڪ رسول جو، شال ڏيکاري ڏاتر،
الف، ميم، عين، نون، جي پڇي ونو ڪا پر،
سنيالجو "صالح" کي، مهندان ڏينهن محشر،
پوءِ نيڪ ڪري نظر، سڃاڻو سيد کي.

(٢)

ساراهيان سبحان جي واحد وڏائي،
وجهي روح بوتي ۾، آدم بٽايئي،
ٻيڙي "نوح" نبيءَ جي، عرش تي هلايئي،
"ذڪريا" کي ظاهري، ڪرڻ ۾ چيرايئي،
"ابراهيم" کي آڙاهه جي باهه کان بچايئي،
"يونس" کي مڇيءَ جي پيٽ ۾ وجهايئي،
"خواجه خضر" کي، ڏنئي بادشاهي،
"ادريس" کي آڻي بهشت ۾ رهايئي،
"الياس" کي پڻ آڻي ڪيئي رڻ واهي،
"عيسيٰ" کي آسمان تي، پاڻ وٽ گهرايئي،
"موسيٰ" کي مولي، پنهنجو دوست بٽايئي،
بدن حضرت "ايوب" جو ڪيڙن کي کارايئي،
قوم حضرت "لوط" جي، غضب هيٺ آندائي،
"يوسف" کي مصر ۾، "غلام" بٽايئي،
"يعقوب" کي نابين ڪري، صدمو رسايئي،
"دائود" کي سَنداڻ تي، لوهار ڪرايئي،
"شعيب" نبيءَ کان قربي اکين جي روشنائي،
تخت "سليمان" کي، هوا تي اڏايئي،

مڙني جو مهندار "محمد" ڪي بٽايئي،
پلا يار تنهنجي صفت، آهي وڏي وڏائي،
قادر تنهنجي قدرت جي، ڪل ناهي ڪائي،
جڏهن ٿئي صفن صفائي،
تڏهن "صالح" لاءِ سهوليت ڪجانءِ.

هاڻي هتي وري ماتلي تعلقي جي مشهور و معروف درويش "اوٺي" شريف مان مليل معرفت جي ماڻڪن جو رسيا، عشق جي اُليءَ جي آشڪار، پريم جو پياسيءَ "سانوڻ" فقير جي چند بيت پيش ڪجن ٿا:

(١)

منهنجي جان جسم ڪي ڄاڻندي ڄيرو،
الست ارواحن تي، اچي فيض ٻڌو ڦيرو،
ارڙهن رتيون اُن ڪان، اٿم جوش جهجيرو،
ماڻهن ليکي ماڻهو آ، پر لعل ڪري ويم ڏيرو،
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت ڪان مٽي ويس مهنديرو،
لنگهي لاهوت، جبروت، ملڪوت ڪان، وڃي ڏور اڏيم ڏيرو،
جتي نڪي عالم، نڪي عابد، نڪي عاشق جو پڳ ڏنم پيرو،
"صوفيءَ" تان "سانوڻ" چئي، پيجئين نه پيرو،
پنهنجي نينهن جو نبيرو، ميثاق ڪان مهند هو.

(٢)

اچوڪن عالمن ڪان، اچوڪن عابدن ڪان، اچوڪن عاشقن ڪان،
اچوڪن عارفن ڪان آءٌ ٽيس الف اُگهاڙو،
شريعت، طريقت، حقيقت، معرفت ڏانهن، لڙي نه ڪيم لاڙو،
شريعت طريقت، حقيقت، معرفت مان، مون کي سرس لڳي ساڙو،
آءٌ اگلو اُگهاڙو، گدو گولاڙو، بي پِتو بي پاڙو،
سورن جو "سانوڻ" چئي، حد ڇڏي لاحد مان، مون ڏن ڏسي هنيو ڏاڙو.
جڏهن ترندو توراڙو، تڏهن پوندي سُڌ سچائيءَ جي.

سيوهڻ ۾ ميلي تي سياسي، ثقافتي، سماجي ڪانفرنس، راڳي، جي- ايم- سيد ۽ گل محمد شاهه

3 تاريخ شعبان سيد حيدر عليه رحمة جي عرس تي سندس پوٽي غلام مرتضيٰ شاهه سيد سان ٿيل محفل ۽ ملاقات ۾ جناب مخدوم زمان جي ذڪر، فڪر، شاعريءَ ۽ سندس راڳين جي جذبات، احساسات، انتخابات، وارن تبصرن کان پوءِ ڪيئي ٻيا ٻيا جداگانه مضمون نڪري آيا. جن جي تشريحات ۾، هيترو وقت وندرندا رهياسين. هينئر انهن مجازي، حقيقي ۽ معرفتي مضمونن کي سنواري ڪري، زمين تان پرواز وٺي اُڏام ڪري، آسمانن تائين پهچي، مڪان لامڪان جو سير ڪري، وري جڏهن واپس پهتاسين، ته ٿڪاوٽ محسوس ڪندي، هڪڙي وڏي اوباسي آئي ۽ اکين ۾ نيم خوابيءَ جا خمار پيدا ٿيڻ لڳا. تنهن ڪري، پنهنجي مخصوص ڪمري ۾ زمان ۽ مڪان جي قيد کان بي نياز ٿي، وڃي خوابيده ماحول ۾ پهتس.

رات پنهنجو سفر پورو ڪري سج اوپاريو. آءٌ به ڪلمون پڙهي سستيءَ ۽ ڪاهليءَ مان نجات حاصل ڪندي، غسل غسال مان فراغت پائي، صاف ۽ پاڪ ٿي، اڃا وينو ئي مس هيس، ته ايتري ۾ معلوم ٿيو ته "سن جو سائين ڪيتري وقت کان اچي ويو آهي ۽ توهان جي فراغت بابت پڇي رهيو آهي!" ۽ پوءِ جيئن ئي منهنجي فارغ ٿيڻ جي خبر پهتس ته پاڻ بنفس نفيس حسب معمول مون واري ڪمري ۾ هليو آيو. ٿوريءَ گهٽي ڪچهريءَ ۽ رهاڻ رس کان پوءِ، پاسي واري ڊائيننگ روم ۾ نيرن جو سڏ ٿيو. ناشتو ڪندي، رات واري راڳ رس تي غور ويچار هلندا رهيا. اُتان رواني ٿيڻ کان اڳ، موڪلاڻ وقت، ساڳئي مهيني جي 18 تاريخ سيوهڻ ۾ قلندر شهباز جي ميلي تي ٿيندڙ سياسي جلسي جو ٻڌائي، ادبي محفل جي لالچ ڏيئي، لاڃائي، دعوت ڏنائين، جنهن ۾ اهو به ظاهر ڪيائين ته اُن ڪانفرنس جو سڄو انتظام ۽ اهتمام به ڪيس ئي رکڻو آهي، ڇاڪاڻ ته آئينده جي اليڪشن لاءِ حالات سازگار ۽ زمين هموار ڪرڻي آهي، ۽ "جيئن ته ثقافتي رنگ کي سنيالڻ ۽ سنوارڻ وارو محڪمو، صدارت ڪندي، اوهان کي ئي سنيالڻو آهي، تنهن ڪري توهان جو اتي هئڻ ازحد ضروري آهي."

اُنهيءَ وقت سن ۾ ڪيئي معزز ترين سياسي اُجايل، پنهنجي ليڊري حاصل ڪرڻ خاطر، ايندڙ اليڪشن کي سوچيندي، اتي اچي گڏ ٿيا هئا. جن ۾ سيد جي سياست جا پيروڪار ڪاليجي شاگرد، ۽ اوڙي پاڙي جي رئيسن، وڏيرن، پيرن، سيدن سان گڏ پير علي محمد راشدي ۽ سيد قادر ڏنو شاهه شيرازي به قابل ذڪر هئا. جيئن ته "قلندر شهباز واريءَ ڪانفرنس" ۾ منهنجي پهچڻ جو فيصلو ضروري، آخري ۽ اٽل هو، تنهن ڪري مون کي به انڪار جي جرئت نه رهي، ۽ لبيڪ چئي، ساڻن ارڙهينءَ تي سيوهڻ ۾ پهچڻ جو واعدو ڪري، اتان روانو ٿي ماتليءَ پهتس.

سيوهڻ جو نالو ٻڌي، "سيوهڻ وڃڻ" جو بهانو حاصل ڪري، محض انهيءَ ڪري مسرت محسوس ٿي ته سيوهڻ ۽ قلندر شهباز جي ميلي سان ڪيئي يادگيريون وابسته هيون. ڇاڪاڻ ته سيد ولي محمد شاهه، متولي ۽ سجاده نشين درگاهه قلندر شهباز، جي وفات کان پوءِ سندس فرزند ارجمند سيد گل محمد شاهه رنگيلي راجا، پري آستانن وارين پَرين، حسينائن، مهوش نازنين جو پرستار نه پر راجا اِندر بڻجي، آسماني راڄ سنگهاسن سنڀالي، عيش عشرت جون محفلون ۽ درٻارون گرم ڪندو هو، ۽ ڪن مخصوص هم خيال، هم مشرب، هم پيالہ ۽ هم نوالہ دوستن سان گڏ اسين به ساٿس شامل هوندا هئاسين، جن ۾ ادو ارباب حاجي جمال الدين خان، قاضي محمد اڪبر، قاضي "عابد" جن ڪي، ڊاڪٽر عباسيءَ سان سندن والد جي رشتيداريءَ سبب، مامون چوندا هئا ۽ سيد وريل شاهه ۽ سيد گنبل شاهه به قابل ذڪر هئا.

هڪڙي پيري سندس پرشباب محفل ۾ عنايت ٻائي ڊيرو واري پنهنجي فن موسيقيءَ جو، ڳائي وڄائي، سِڪو ڄمائي رهي هئي، جتي ساٿس گڏ سپڙتاين ۾ بڙي غلام علي خان سوز تارن ۽ سوز سُرن واري سارنگي وڄائي، آه زارين ۽ چيخن پوُڪارن جي ترجماني ڪري رهيو هو. محفل سُرور ۾ اچي، پُرخمار هئي، ته اچانڪ وجهہ وٺي، موقعو حاصل ڪري، غلام علي خان جي ڀاڪر مان سارنگي ڪڍي، ادي ارباب صاحب جي آغوش ۾ ائين چوندي حوالي ڪيم ته "ڏسو....! ڏسو....! ته ارباب صاحب ۽ غلام علي خان جي وچ ۾ سواءِ سارنگيءَ جي، ٻيو ڪوبہ فرق باقي ناهي! ساڳيو قد قامت، ساڳيو جسم جان ۽ ساڳيو حُليو اٿن." منهنجن انهن جملن تي سڄي محفل، ڪشته زعفران بڻجي، وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندي، ٿهہ ٿهہ ڪري ڪلندي ۽ حظ حاصل ڪندي رهي ته ارباب صاحب به ڦِڪين ڦڪين مسڪراهٽن سان مسڪرائيندو رهيو.

انهن محفل ۾ خان صاحب بڙي غلام علي خان، هميشه هٿ ادب جا ٻڌي، عرض ڪندو هو ته "سائين، مون کي به ته پنهنجي فن جي اظهار ڪرڻ جو وارو ملڻ گهرجي!" جنهن تي اگر طبيعت مائل ٿي، ته ڪيس ڳائڻ جو موقعو ڏيئي، ڳارائيندا هئاسون، ته ڪڏهن وري چرچي يوڳ ۾ اچي، ائين چئي لنوائي ڇڏيندا هئاسون ته "غلام علي خان، تنهنجو ٿُلهو جسم، وڏيون وڏيون مڇون ۽ خمار آلوده اکيون راڳ ديوتا ۽ ديويءَ کي ڏيڇاريندي، اسان کي به نسواني آواز جي جهنڪار کان محروم رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته ٿلهي ٿنيري هئڻ جي حيثيت ۾ ڪرشن پد نريون ڳائي، جنهن وقت تون پنهنجو وڏو نڪتل پيٽ لوڏي نرتڪاري ٿو ڪرين، ته ائين ٿو محسوس ٿئي ته جيئن ڪو ديوَ ڪنهن پريءَ جا چپرا ۽ نقل ڪري رهيو آهي، يا وري راڌي ۽ يشوڌرا جا منهن چيڙائي رهيو آهي." ساٿس اُهي مذاق، ڪيف، سُرور ۽ مستي ۾ هوندا هئا، جنهن تي به اهل مجلسين، شائقين، مزو ماڻي، لطف حاصل ڪندي، خوب ڪلندا رهندا هئا، ته پاڻ به مسڪرائيندو رهندو هو.

خان صاحب بڙي غلام علي خان، سنگتين جو ماهر، گُني، مهاوڏياوان، راڳ وديا جو ديوتا، پنڌتن کان بہ ڪيئي درجا مٿي ۽ اُتم، مهاشيہ چئجي تہ بہ مبالغو نہ ٿيندو- پاڻ راڳ ڪڏہ ۽ تال ڪڏہ مئنيوڪفيڪچرنگ شهر "قصور" ۾ جنم وٺي- جنهن "قصي" کي ڪنيو آهي- ٻاهرين دنيا تي ڇانئجي ويو. انهي قصور علي بخش "ظهر"، ملڪ ترنم نورجهان ۽ قادر بخش جهڙا ديوتا پيدا ڪيا، جنهن قصور تال وديا جي ماهر، سوا لک اوکلي طبلين جي استاد ميان قادر بخش جهڙي لئي ڪار کي جنم ڏنو. تنهن سان گڏ، بلها شاهہ جهڙو عاشق، عارف ۽ شاعر بہ اُتي ئي نمن جي ڇانئن هيٺ مدفن آهي، جنهن جي عاشقانہ ۽ عارفانہ ڪافين ڪلامن کي پنجاب تہ خير، پر اسان جا سنڌي لوڪ راڳي بہ وڃائي ڳائي رهيا آهن. مگر افسوس، جو زماني ڪج رفتار ناهنجار، جيئري ڪنهن بہ سچي، صادق، عالم ۽ عارف جو ڪڏهن بہ قدر نہ ڪيو آهي. اسان جي ملڪ جو تہ بابا آدم ئي نرالو آهي. جنهن هيڏي ساري فني ديوتا خان صاحب غلام علي خان جو قدر نہ ڪندي، ڏکاري هندستان ڏانهن ڪيي ڇڏيو. جتي، راڳ رنگ کي عبادت ۽ رياضت سمجهي، سندس شايان شان قدر منزلت ڪندا آهن. اتي وڃڻ کان پوءِ "پارت پوشن" جو خطاب حاصل ڪري، لوڪ پرلوڪ کان هو پنهنجي پوڄا ڪرائيندو رهيو.

اهڙيءَ طرح سان ثقافت، سخاوت ۽ ظرافت جون ٻيون بہ ڪيئي محفلون هونديون هيون، جن مان بہ هڪ مثالي محفل هتي پيش ڪجي ٿي. آءٌ پنهنجن دوستن، احبابن ۽ فنڪارن سان گڏ، ميلي واري موقعي تي سيوهڻ پهتس، جنهن جو اطلاع اڳي ئي سيد گل محمد شاهہ کي ڏنل هو. جنهن وقت سندس بنگلي نُما اوطاق تي پهتس تہ "اندر سيا" ڏٺيم، ڪيئي مهوش حسين نازنين پريون، حسن نزاڪت جا پر پکيڙيو، ڪنپ ٽيڙي، نفسانيت ۽ نسوانيت جا جادو جڳائي رهيون هيون. سڄو بنگلو، انهن پري وَش مه جبينن سان ڪچا ڪچ پريو پيو هو. ايتري قدر، جو سندس ڪوچ تي بہ ساٿس گڏ اُهي ئي نازڪ اندام نازنينون، عشوه ترازين ۽ ناز ادائن جا تير اڇلائي، حاضرين، سامعين ۽ شائقين کي مُتحير ۽ مست مدهوش ڪري رهيون هيون.

جيئن ئي سندس نظر مون تي پيئي، تہ پاڻ هڪدم اٿي بيهي، ٽپ ڏيئي، پاڪر پائي، ملي، ساٿس گڏ ويٺل مه جبينن حسينائن کي اشارو ڏيئي، ٻئي پاسي اُماٽيائين، ۽ منهنجي نشست پاڻ سان گڏ رکي، پنهنجي آبدار ساقي خليفي ڦوٽي کي منهنجي لاءِ بہ ساغر ۽ جام ناهي اچڻ جو حڪم ڏنائين، جيڪو هڪدم اچي ويو. جام سان جام ٽڪرائي، نوش جان ڪندا رهياسين. جنهن تي ساٿس گڏ ويٺل حسين مه جبين، ملتان جي معصوم صورت نوخيز پر شباب گلوڪاره مُغنيہ "مينا" لوڏي، جيڪا منهنجي اتي پهچڻ تي وٽانئس اٿي وڃي ٻئي ڪوچ تي ويٺي هئي، تنهن ناز نخرو ۽ لاڏ ڪوڏ ڪندي، نهايت معصوم پولاپڻ سان، گل محمد شاهہ سان حجت

ڪئي تہ "سرڪار، منهنجي استاد خان صاحب چوٽي غلام علي خان تي بہ اها نوازش ڪئي وڃي!" انهي ناز انداز ۽ لاڏ ڪوڏ واريءَ حجت کي سيد گل محمد شاهہ ٽاري ۽ واري نہ سگهيو. تنهن ڪري ساڻيءَ کي حڪم ڪيائين، جنهن پيگ ٺاهي، چوٽي غلام علي خان جي حوالي ڪيو، جيڪو هيٺ وڃايل گلم مٿان غاليچي تي ويٺو هو، جتي خان صاحب اميد علي خان، غلام رسول خان ۽ خان صاحب مبارڪ علي خان جو فرزند ارجمند عاشق علي خان بہ ساٿس گڏ ويٺل هئا.

جڏهن اهو جام چوٽي غلام علي خان کي مليو تہ منهنجي احساس چهنڀڙي هٽي، بيدار ڪندي، اها حجت ڪرائي تہ اميد علي خان ۽ عاشق علي خان کي بہ اهڙا جام ملن گهرجن. جنهن تي عاشق علي خان اُٿي بيهي، هٿ ادب جا ٻڌي، عرض ڪيو تہ "سائين! مان انهي ڪيف ۽ سُرور کان عاري آهيان. تنهن ڪري مون کي معاف ڪندا!" تہ وري اميد علي خان خاموش رهي، پنهنجو جام حاصل ڪيو. ايتري ۾ غلام رسول خان بہ مون سان اکيون ملائيندي، ساڳيو مطالبو ڪيو، جنهن تي مون مٿس تند ۽ تيز ٿيندي، بي ادب ۽ گستاخ چئي، ٽاري ۽ ٽرخائي ڇڏيو. اڃان انهيءَ ڪيف ۽ مستي ۾ ئي سرشار رهياسين، تہ وري "مينا" لوڏي لاڏ ڪندي، ناز انداز سان سندس استاد خان صاحب چوٽي غلام علي خان جي راڳ ٻڌڻ جي تقاضا ڪئي، جنهن جي تڪميل ڪندي غلام علي خان کي ڳارايو ويو. جنهن راڳ پوپالي "بلمپت" " مان ڳائي "دُرت" ۾ ختم ڪري، جام مال پاڻي ڪمايو. انهي محفل ۾ اسان سان گڏ مرزا عليڏنو ڊي- ايس- پي دادو بہ شامل هو. پر انهن پري آستان وارين پرين، اسان کان بہ وڌيڪ راڳ تي انعام اڪرامن جي ريل پيل ڪئي. اهو حال ڏسندي، مون بہ اميد علي خان ۽ عاشق علي خان کي ڳائڻ جو حڪم ڪيو. جنهن تي عاشق علي خان وري بہ هٿ ٻڌي، پاڻ کي انهيءَ درٻار جو خدمتگذار ظاهر ڪندي، ڳائڻ کان نٽايو، تہ اُميد علي خان راڳ درٻاري شروع ڪري "بلمپت" کان "درت" تائين پهچايو، جنهن "خيال" جي انتري ۾، محمد شاهہ "رنگيلي"جو نالو اچي ٿو. جنهن تي مون هڪل ڪندي، ڪيس سڌارو ڏنو تہ "محمد شاهہ رنگيلي جو وقت گذري ويو ۽ سندس هڏا سڙي ويا هوندا. تنهنڪري، هن وقت گل محمد شاهہ جي لڳل درٻار ۾ چئو تہ گل محمد شاهہ رنگيلو."

اها اصلاح ۽ درستي قبول ڪرڻ کان پوءِ، هن انهيءَ جاءِ تي "گل محمد شاهہ رنگيلو" ڳائڻ شروع ڪيو، جنهن تي اُن "اندر سيا" جون سيئيئي مهوش نازنين پريون، ڊي- ايس- پي مرزا علي ڏنو، آبدار خدمتگار ۽ بنگلي کان ٻاهر بيٺل ٻي عام خلق بہ انهن اکرن جو اثر وٺي، رندانہ ۽ قلندرانہ نعرا هڻندي، گل محمد شاهہ ۽ منهنجا بہ نعرا لڳايا. اهڙيءَ طرح سان اها مستي، مخموري ۽ سرشاري واري ساحرانہ ۽ پنهنجي راڳ رنگ واري ثقافتي محفل، "مينا" لوڏيءَ جي ڳائڻ کان پوءِ، رات جو ٻي بجي ڌاري ختم ٿي، جنهن بہ حسن نزاڪت سان گڏ، تانپوري تي

ڪلاسيڪل ڳائي، خوب رنگ ڄمايو. تنهن کان پوءِ خليفو ڦوٽو، جيڪو هميشه
منهنجي خدمتگاري ۾ رهندو هو، تنهن پاڻ سان گڏ وٺي وڃي، منهنجي لاءِ
خصوص ڪيل خلاصي جڳهه تي رهايو ۽ ماني کارائي، مخملي ريشمي ۽ انتهائي
فيس آرامده بستري تي سمهاريو ۽ مون سان گڏ آيل منهنجن خدتگارن ۽ فنڪارن
ٽ به پُرتڪلف رهائش جوا نتظا ۽ اهتمام ڪيو. اتي آءٌ خليفي ڦوٽي جي خدمتن جو
عترف ٿي، ڪيس ساراهيندي، سندس ٿورا مڃان ٿو، جنهن اُتي منهنجون ايڏيون
خدمتون ڪيون، جنهن جا ٿورا ۽ احسان لاهي ئي نٿا سگهجن.

تنهن وقت مانجهند جو لنگهو، جيڪو اڇڪلهه ريڊيو ۽ ٽيليويزن جو "علڻ
فقير" آهي، جنهن کي به ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي دانا ۽ بينا "پروڊيوسرن" فقير بڻائي
سمان تي پُڄائي ڇڏيو آهي، تنهن کي انهي وقت ڪوبه درجو حاصل نه هو. ڪو
وقت اهو به هو، جو اهو "علڻ مسخرو" سڏبو هو ۽ آنو آنو به به آنا ڪندو، غريب
ننندو وتندو هو، ۽ اسان جي اڳيان پنيان آڏو ابتو ٿيندو، خدمت چاڪري ڪندو،
ڳلائيندو رهندو هو.

انهيءَ سيوهڻ ۾ ٻيون به ڪيئي مثالي محفلون ٿينديون رهيون، جن جي
ڪر کي مضمون جي طوالت سبب نظرانداز ڪندي، وري به انهي ساڳئي مضمون
ي اچون ٿا، جنهن جي سلسلي ۽ لنڪ ۾، سيوهڻ جي نالي اچڻ سان، سيد گل
محمد شاهه کي ياد ڪندي، هي مضمون تخليق ٿيو. ۽ ائين سيد گل محمد شاهه جي
ڪر کي هن ڪتاب ۾ آڻڻ تمام ضروري محسوس ڪندي، ذڪر حبيب ۾ آڻي، وجود
نو ويو، ورنه يار فراموشيءَ سان گڏ، احسان فراموشي به ٿئي ها.

سن جي سيد اعظم سان سيوهڻ پهچڻ جي تاريخ ويجهي ٿيندي رهي. مون
ه پنهنجن راڳين ۽ فنڪارن کي گڏ ڪرڻ شروع ڪري، ڪن کي ريل رستي ته ڪن
ي وري بسن ۽ لارين ۾ روانو ڪيو، ۽ پاڻ باقي بچيل فنڪارن کي ساڻ وٺي ٻن
ٽيپن ۾ سواري ڪري، سيد نصير محمد شاهه جي بنگلي تي پهتس. اهو بنگلو درياءَ
ي ڪناري واري اڙل چاڙ جي پرسان، "اُميدن پرئي" سامهون واقع هو. اسان جي
پهچڻ کان پوءِ، سائينءَ سان گڏ آيل مهمانن سان به ملاقاتون ٿيون. اسان جي رهائش
ٽ انهي بنگلي جو هڪڙو وڏو ڊرائينگ هال فنڪارن لاءِ ۽ هڪڙو خاص ڪمرو
منهنجي لاءِ مخصوص ڪيو ويو هو. ديڳن جا بُٽ چڙهيا پيا هئا. شام گذري، رات
ٿيئي، ڪانفرنس جو افتتاح، سياسي تقريرن سان ٿيو. تنهن وچ ۾ ڪجهه ظرافتي
ٽڪلا ۽ ڪي سماجي نقطا به پيش ٿيندا رهيا. تنهن کان پوءِ وري رات جي مانيءَ
و وقفو ٿيو. جنهن بعد وري به ساڳي ئي مصروفيت ۽ مشغولي رهي.

اسان جي راڳ رنگ واريءَ ثقافتي محفل کي رات جو يارهين بجي سجايو
ي. جنهن ۾ عثمان، منو ۽ هاشم ڪچي برادران، پاڳل، مست ۽ ڄڳري ڳائڻ وارو
ُرادوند "مرادڀو" بامرادڀو، ڊاڊي، ڏيوجي ڀيل ناچوڙن جي جوڙ سميت، جن ۾

طوطو پيل، سپ رنگ ٽري پَٽ ۽ ڪي ٻيا به ننڍا وڏا فنڪار، سندن مدد ۽ ساٿ
جوڙ ۾ شامل ڪار هئا. سيني کان پهرين دل جهلي، سيد ۽ محفل جي بي ادبي
گستاخي ڪندي، ڏيوجي پيل سان گڏ آيل ناچوڙن کي وارو ڏنم. جن پنهنجين فني
دلربائي ادائن سان، چيرن جي چمڪار ۽ تنتڪار تي، خلاف توقع، اميدن کا
وڌيڪ، حيرت زده ڪري ڇڏيو. ايتريقدر، جو خود جي ايمر- سيد، ناچوڙن کان نفرت
ڪندڙ، سندسن فني صلاحيتن کي ڏسي، معترف ٿي، مون ڏانهن مسڪرائيندي، دا
ڏنو، تنهنڪري آءٌ بجاءِ پنهنجي جرئت تي پشيمان ٿيڻ جي، نازان ٿي، خوش ٿيم
لڳس.

انهن جي پروگرام پوري ٿيڻ کان پوءِ، مست، پاڳل مُرادونَد مُرادئي کم
حڪم ڏنم. جنهن "نوري جام تماچيءَ" مان اچا ڏوهيڙا ۽ بيت ڏيڻ ئي شروع مس
ڪيا هئا، ته مون پنهنجي ننڍپڻ ٻالڪپڻ وارو دور ۽ پنهنجا ناناٽان ماماٽان يا
ڪري، ڊيڊڪارون ڏيئي روئندي، اُها ڊفلي نهايت زور سان پنهنجي ئي نراڙ تي هنيم
جيڪا انهن راڳين سان گڏ وڄائي رهيو هئس. مٿو ڦاٽي پيو ۽ نڪرندڙ رت ڪپ
رنگي لال ڪري ڇڏيا. عجيب مستيءَ واري ڪيفيت طاري هئي. هيڪاري هن حالم
ته سامعين کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. جڏهن ته آءٌ مستيءَ ۽ سرشاريءَ
اڳي ئي مدهوش ۽ مخمور هيس، پر تنهن هوندي به مون پاڳلن ابدالن وانگر ر
وهائيندي، ڪلندي روئيندي ۽ روئندي ڪلندي، وڏيءَ همت ۽ جرئت ۽ استقلال سان
انهي ڊاڊيٽڙي جو پرسوز آواز، ڪافي ڪلام جي انتخاب ۽ ڏوهيڙن جي ميل ميلا
سان ٻُڌي، لڳي سٽي ڪري، ڪچي برادارن کي وارو ڏنم.

تنهن وچ ۾، خان صاحب منظور علي خان به 'آفات ناگهاني' بڻجي اچ
نازل ٿيو. پر سندس پهچڻ کان پوءِ ڪچين جو رنگ رس هلندو رهيو. جيڪي ڊاڊيٽڙ
مراد فقير مٽان ڪابه سبقت ۽ فوقيت حاصل نه ڪري سگهيا. ڇاڪاڻ ته سندم
راڳ رس بلندين تي چوٽ چڙهيل هو، جنهن کي ڊاهڻ لاءِ ڪچين ڪيئي حملا ۽ و
وس هلايا، پر ڪامياب ٿي نه سگهيا. آءٌ پاڻ تعجب ڪندي، حيران ٿي، عشما
ڪچيءَ ڏانهن معنيٰ خيز نگاهن سان نهارڻ لڳس ته سندس مايوس نگاهون نگاه
نگاهن ۾ جواب ڏيڻ لڳيون، ورنه حقيقت ۾ عشمان ڪچي به موقعي مهل ج
شناسائيءَ ڪري، پنهنجي جگري هردي واري آواز سان ڪافيون ڪلام ڳائي، ج
۽ ميل جا ڏوهيڙا ڏيئي، مسحور ۽ مدهوش ڪرڻ ۾ ماهر هو. پر پرائي ڪهاوت آه
ته "راڳ رسوڙي پاڳڙي، ڪبي ڪبهڻ بن جائي."

خان صاحب منظور علي خان، جيڪو سيوهڻ جي ميلي تي ڪانفرنس
ڪوٺايل هو، سو منهنجو ٻڌي، اسان واريءَ انهيءَ محفل ۾ شريڪ ٿيو هو. جت
واپس وڃڻ لاءِ تاڪ جهانڪ ڪندي، جلديءَ ۽ تڪڙ ۾ هو، ته جيئن سندس پروگرا
جلد پورو ڪيو وڃي. تنهن ڪري اسان به وقت جي نزاڪت کي ڏسندي، سوچيندم

يس ڳائڻ لاءِ چيو. هن راڳ درباري شروع ڪيو، ۽ اهو پيش ڪندي، اچا "بلمپت" ان "دُرت" تائين پهچائي پورو ڪرڻ وارو ئي هو، تہ مون ڪيس ساڻ ڪبير پڳت جي ڀن جا بول ڏنا، جيڪي آءٌ بہ انهيءَ راڳ درباريءَ مان، جنوني مستيءَ واريءَ ڪيفيت ۔ اچي، ڳائيندو هئس، جي بول پڻ هيٺ ڏجن ٿا:

سانچ کهو منہ سے بابا جوگی، جنگل جانا کیا مطلب؟
سانچ کهو منه سے بابا...
جنگل جانا، دهونی رمانا، الهہ جگانا کیا مطلب؟
سانچ کهو منه سے بابا...
کهت "کبیر" سنو بهئی سادهوڙ، من للچانا کیا مطلب؟
سانچ کهو منه سے بابا...

پر منظور علي خان انهن ساڻ ڪبير پڳت جي ڏنل بولن کان لنوائيندو، ٿائيندو، ٻڌو اڻ ٻڌو ڪندو، وري بہ ساڳيءَ "دُرت" واريءَ تڪيءَ لئي ٻر، ساڳيو رانو "تن... نہ تن نہ...." ڪندو دهرائيندو ئي رهيو، ۽ هاشم ڪچي پڪوازي، ڀيڪو ساٿس ردم تي ساٿ ڏيئي رهيو هو، سو بہ منهنجي حڪم تي لئي کي ٻهتائي، پڇن واريءَ لئي ٻر آڻڻ کان پوءِ، وري بہ منظور علي خان جي ڇڪن تي، راني واريءَ تيز لئي ٻر ايندي، ساٿس ساٿ سنگت ڪئي ٿي. جنهن تي پنهنجي حڪم جي تعميل ٻر، ڪيس "پڇن" ڳائيندو نہ ڏسي، ڪاوڙ ۽ طيش ٻر چاهيم ٿي تہ نهي "دفليءَ" سان انهن ٻنهي جا پاڻ وانگر مٿا ڦاڙي، سندن رت بہ وهائي ڇڏيان. ڏنهن لاءِ بہ ٿي پيرا الرون ڪري وار ڪرڻ جي ڪوشش پڻ ڪيم. پر، نہ جاڻ تہ ڪهڙي جذبي ۽ احساس سبب، سندن مٿا ڦاڙي پاڻ جهڙو بڻائي نہ سگهيس.

انهي ڪانفرنس، جلسي ۽ جشن جو ٻڌي، ماتليءَ مان ميلي تي آيل عزيز رين دوست ۽ ٻيا بہ ڪيئي واقفڪار، مون سان ملڻ لاءِ انهي نُصرت ۽ ناصر دربار ر، خوشنوديون حاصل ڪرڻ خاطر، اتي پهچي ويا. جن ٻر خاص طور ڳوٺ پيروز غاريءَ وارو عاشق صادق، حقيقتہ ۽ معرفت سان لنئون لڳائيندڙ، ٻڌاپي ٻر معصوم، هڏن جي مٺ، پنج سير تور سيد ولايت علي شاهہ بہ پنهنجن پيروڪارن سميت، ابر رحمت بڻجي آيل هو. جنهن جي اکين جي دمڪ چمڪ کي چمڪندڙ سي، ڪيس سائين جي- ايم- سيد جي پير ٻر وبهاري، حاضرين، سامعين ۽ جلسين کي متوجه ڪندي، فيصلہ ڪُن اکرن ٻر چيم تہ "ڏسو.... ڏسو تہ ٻنهي سيدن جي اکين ٻر، نور نروار ٿي چمڪي رهيو آهي ۽ ٻنهي جا معصوم چهرا، نور سائيندي، پنهنجي ساداتي ۽ سيديءَ جو ثبوت ڏيئي رهيا آهن."

ماڻهن انهن برمهل صداقتي ۽ موقعي وارن جملن مان ڏاڍو حظ حاصل ڪيو ، ٻيئي سيد سادات ٻالا پولا، معصوم، صداقت، اخلاص ۽ اخلاق جا پتلا

مسڪرائيندا رهيا. اهڙيءَ طرح سان اهو سياسي، سماجي جلسو ۽ اُها ثقافتي ڪانفرنس اختتام پذير ٿي.

انهيءَ جلسي ۾ آيل ۽ ڪانفرنس ۾ ڪوٺايل مهمانن جي خُر و نوش ۽ مانو جو بندوبست تہ سيد نور محمد شاهہ جي بنگلي تي ٿيل هو، پر اختتام کان پ آرام لاءِ سمهڻ جو انتظام "سيوهڻ" کان ٻہ ٽي ميل پري آراضيءَ ۾، مشهو معروف زميندار ۽ شهر جي مالڪ مختيار سيد جيئندل شاهہ جي بنگلي تي، شايا شان شاهاڻي ۽ وڏي انداز ۾ نهايت تزڪ ۽ اهتمام سان ٿيل هو. مگر منهنجہ حالت زار، مخموري، مدهوشي ۽ سرشاري ڏسي، سيد سائينءَ، آيل مهمانن وار سڄي قافلي کي آراضيءَ اُماڻي، پاڻ مون سان گڏ سيوهڻ ۾، سيد نصير محم شاهہ واري بنگلي ۾ ئي رهي پيو. منهنجو ٻڌي ماتليءَ کان آيل شوقين ۽ سيد ولايہ شاهہ سان گڏ آيل سندس پيروڪار، جن ۾ رئيس پريل خان نظاماڻي ٻہ شامل هو سُلفين جي "پرچنڊ" ڪندي، مون سان گڏ اتي ئي ترسي پيا ۽ رات بسر ڪيائون جن کي سيد سائينءَ جناب جي- ايم- سيد نهايت وسيع القلبيءَ خلوص دل، پيا محبت ۽ سخائن وارين نگاهن سان ڏسندو، هضم ڪندو ۽ مسڪرائيندو ڪلندو رهيو.

رات رهي، آرام ڪري، قلندر شهباز جي زيارت کان سواءِ، صبح جو نير ناشتو ڪري، جيپن ۾ سوار ٿي، واپس ماتليءَ ڏانهن روانا ٿياسين. جيپن جا سيئ ڊرائيور برق رفتاريءَ جو مظهرو ڪندا، ريسنگ ۾ مقابلو ڪندا، جيپن ۾ ويٺلن ج آنڊا ولوڙيندا، ڪين اُڇلون ۽ ٽپا ڏيارينداِ، الله الله جو ورد وورد ڪندا، خير سا حيدرآباد پهتاسين. شڪر الحمدلله، جو ڪنهن کي ٻہ دل جو دورو نہ پيو.

اُهي ٻيئي ناميارا ڊرائيور، اسان جي نظاماڻي قوم جا مشهور معروف حاجي غلام محمد خان نظاماڻي ۽ "چاند گاڏيءَ جو چشمپين نظر محمد خا نظاماڻي هئا، جن ڪڏهن ڪتن، ڪڪڙن ۽ رڇن تي ٻہ رحم نہ ڪيو، جن کي ه هميشه ويڙهائيندا، "مروان موت ملڪوان شڪار" وانگر تماشوئي ڏسندا رهيا. ٻي تہ خير، پر ماڻهن کي ٻہ هڪٻئي سان ويڙهائن لاءِ ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏيائون حاجي غلام محمد خان ۽ ساٺس گڏ فنڪار ساٿي تہ خير سان بند ٿيل جيپ ۾ ويٺل هئا، مگر نظر محمد خان ۽ ساٺس گڏ ويٺل ساٿي سنگتي، ۱۹۱۴ع واري لڙائيءَ مان هٿ آيل ڪليل ڪتارا جيپ جنهن کي عام طور "چاند گاڏي" ٻہ چوند آهن، تن جي ٽپڻ ڪڏڻ ۽ جمپن سان، عجيب حالت ٿي ويئي، ۽ نظر محمد خان ک منٽون سماجتون ڪندا، خدا جا واسطا وجهندا رهيا تہ "آهستي آهستي...." پ مڪرانين وانگر بوسڪيءَ جو پٽڪو ٻڌل، جنهن جو چيڙو جيپ جي تيز رفتاريءَ تنند هوا ۾ فاتحانہ جهنڊي وانگر ڦڙڪندولهرائيندو رهيو، سو داداگير وري، ڪنهن جي ڪٽي ٿو ٻڌي! اهڙيءَ طرح سان نوڪ جهونڪ، چرچا گهڻا ۽ ڪل خوشيو ڪندا، بخير خوبي ماتليءَ پهتاسين.

جي - ايم - سيد جو جشن آزادي

مٿئين مضمون پوري ڪرڻ کان پوءِ، وري هڪ اهم ۽ يادگار وسري ويل مضمون ياد آيو آهي، جنهن کي هن کان گهٽو اڳ آڻڻ کپندو هيم. پر جيئن ته هن ڪتاب ۾ آيل تمام گهڻا مضامين اڳيان پويان ۽ پويان اڳيان ٿي ويا آهن، جن ۾ ڏينهن، تاريخن، مهينن ۽ سالن تي ڪابه بندش عائد ٿيل ناهي، جنهن لاءِ پڙهندڙن ۽ سامعين کان اڳي ئي معافي وٺي چڪو آهيان، تنهنڪري هن وسريل مضمون کي اهم سمجهندي، ياد ڪري لکڻ ۾ قارئين ڪرام کان معافي وٺڻ جي ڪابه ضرورت محسوس نٿو ڪريان. مضمون بذات خود پنهنجي صفائي، سچائي، اهميت ۽ افاديت پيش ڪندي، پڙهندڙن کان داد تحسين حاصل ڪري، منجهن سهون، چُڪن، غلطين ۽ فراموشين کي ميساري، مٽائي ڇڏيندو.

سيد سائين جي - ايم - سيد، جنهن وقت وچ وارين نظربندين جي دور مان نڪري رهيو هو، تنهن وقت واعدو ڪيو هئائين ته "تنهنجي مستيءَ، لا اُباليءَ ۽ ابداليءَ جي دعائن سان جڏهن به آزادي حاصل ٿي، ته سڀ کان پهرين ٻيڙين ۾ سوار ٿي ڦليلي ندي واري پاڻي جي رواني ۾ روان دوان ٿيندي، راڳ رنگ واري ثقافتي رنگ ۾ 'ماءِ نيست' ماتلي پهچي، اوهان جي دعوت کائينداسين."

جنهن لاءِ ئي منهنجي طبيعت جي به تقاضا هئي. پر پاڻ الله جي فضل ڪرم سان، جڏهن بندشن کان آزاد ٿي، ڪن دنياداريءَ جي ضروري ڪمن ڪارين سبب، ڪراچيءَ هليو ويو، جنهن جي خبر مون کي پنهنجن ذاتي ڪمن سان ڪراچيءَ پهچڻ تي پيئي، تڏهن اتي ملي، سائس شڪوه شڪايات ڪندي، ڪيس سندس ڪيل واعدو ياد ڏياريم. جنهن تي پاڻ وراڻيائين ته "اڄ ڏينهن تائين، ڪيترين ئي دعوتن ملڻ جي باوجود، ڪنهن جي دعوت ڪانه کاڌي اٿم. سڀ کان پهرين، حسب وعده، توهان جي دعوت تي ماتليءَ هلبو، تنهن کان پوءِ ٻيا!" .

اُنهيءَ وقت سندس بگلي تي ، پراڻن سياسي رفيقن ۽ پيروڪارن سان گڏ، ڪيئي ليکڪ، قلمڪار، دانشور، اديب، صحافي ۽ انشاپرداز، پير علي محمد شاهه راشدي ۽ اسان جو پيارو دل وارو، سياسي بکيڙن، اُلجهن، پيچدگين، خدا فاتن کان ڏور، مورخ، محقق، تاريخدان، ڪنڊراتن کي ڪوٽڻ وارو اسڪالر اوليا پير حسام الدين راشدي به وٽس ويٺل هئا. جن کي ڏسندي، پڇندي ۽ ٻڌائيندي، بالآخر اهو فيصلو ٿيو ته تمام جلد تاريخ ۽ ڏينهن مقرر ڪري، انهي دعوت ۾ هلي، شريڪ ٿي، ثقافتي رنگ جو مزو ماڻيندا سين. مگر منهنجي ضدي طبيعت، فڪر فردا جي قائل نه ٿيندي، اُن تاريخ، وقت ۽ ڏينهن جي مقرر ڪرڻ لاءِ ضد ڪيو- چاڪاڻ ته سياڻي کي ڪنهن به نه ڏٺو آهي. تمام گهڻي بحث تمحيص کان پوءِ، پنهنجي ضد کي ڪامياب ڪندي، تارخ مقرر ڪرايم، پاڻ ئي اُتي ويٺل سيني ماڻهن کي مقرر ٿيل تاريخ واري

دعوت ڏنائين، جيڪا سيني قبول ڪئي. تنهن کان پوءِ، پاڻ مون ڏانهن مخاطب ٿيندي، پير حسام الدين شاهه راشديءَ جي تہ پڪ ڏنائين. باقي پير علي محمد شاهه راشديءَ تي مسڪرائيندي، ٿوري گهٽي تنقيد ڪندي، چيائين تہ "هي عملي طور سياستدان آهي، تنهن ڪري مٿس اعتبار ڪري ئي نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ تہ اڪثر ڪري اهي سياستدان خودغرض، مفاد پرست، خود پسند ۽ مطلبي ئي هوندا آهن." جنهن تي مون ڪيس جواب ڏيندي، چيو تہ "اوهان بہ تہ سياستدان آهيو!" جنهن تي پاڻ وري بہ انهيءَ ساڳيءَ مرڪ ۽ مسڪراهٽ ۾ جواب ڏنائين تہ "اسين آدرشي سياستدان آهيون، پوءِ اسان کي ڪي بي عمل سياستدان بہ ڪٽي چون؟ پر هيءُ عملي سياستدان آهي. اسان جي سياست ڏورانهون ڏسي ٿي ۽ هن جي، ويجهڙو اکين آڏو ۽ سطحي طور."

پير علي محمد راشدي، انهي نوڪ جهوڪ کان پوءِ، ٿڪين ٿڪين مسڪراهٽن سان، منهنجي ڏنل دعوت ۾ شريڪ ٿيڻ جو واعدو ڪيو- ڇاڪاڻ تہ پاڻ وڏو معاملہ فهم ۽ ڳرگ باران ديد هو. موقعي مهل جي نزاڪت محسوس ڪندي، ها ۾ ها ملايائين. پر تنهن هوندي بہ سيد سائينءَ، شڪ ڪندي، سندس شرڪت بابت پورو پروسو نہ ڏيڪاريو.

آخر اهو دعوت جي تاريخ وارو ڏينهن، مضبوط رسن ۽ نوڙن سان ڇڪي گهلي آڻي ويجهو ڪيوسين. جنهن ۾ ٻيڙين کي خوب سينگاريو پاڪاريو ويو. فنڪارن کي گڏ ڪري پنهنجي ساز سامان سميت "امام واه" ريگيوليٽر تي اماٽيو ويو. آءٌ پنهنجن سنگتين سائين، دوستان احبابن، مفڪرن دانشورن، اديبن شاعرن ۽ صحافين جي قافلي ۾ ساٿن گڏ روانو ٿي، ماتليءَ کان ڇهہ ميل پري، امام واه ريگيوليٽر ڏانهن ويندڙ لنڪ روڊ جي سامهون مين روڊ تي لڳايل محرابي دروازي وٽ پهتس، جتان ڦليليءَ تي پهچڻو هو. اڃا اتي ٻيڻو ئي مس هيس، تہ اوچتو حيدرآباد کان موٽرن جو قافلو ايندو نظر آيو. اسين تہ اڳي ئي موٽرن مان لهي هيٺ بيٺل هئاسين. اسان کي اتي ڏسي، "نہ.... نہ" ڪرڻ جي باوجود، پاڻ بہ هيٺ لهي پيا.

آيل معزز مهمانن ۾ جناب جي- ايم- سيد، پير حسام الدين شاهه راشدي، محمد ابراهيم جويو، امداد حسينيءَ ۽ نياز همايونيءَ کان سواءِ ٻيا بہ ڪيئي اهل علم اديب، شاعر، دانشور ۽ قلمڪار هئا. جن کي واپس موٽرن ۾ ويهاري، ڪناري تائين پهچي، ٻيڙين ۾ سوار ٿي، ماتليءَ روانا ٿياسين ۽ خالي ٿيل موٽرن کي "ماءِ نيست" ماتليءَ جي گرائونڊ تي موڪلي ڇڏيوسين.

ڦليليءَ جي ٻنهي ڪنار تي سوَن هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو گڏ ٿيا هئا، جن بہ هوڪا ڪري، نعرا هڻي، آيل معزز مهمانن جي آجيان، استقبال ۽ خيرمقدم ڪيو ۽ انهن مان ڪيترائي، بنا دعوت جي، محض چهچٽو ڏسي، ٻيڙين ۾ سوار ٿي پيا. پاڻيءَ جي رواني، ڦليليءَ ۽ ڦليليءَ جا سرسبز ڪنارا، مقناطيسي پرڪشش سحر انگيز نظارا تہ ڪيترائي ٻيرا قرطاس تي قلمڪاريءَ جي مصوريءَ ۽ چترڪاريءَ ۾

اچي چڪا آهن، تہ ٻيڙين جي هلڪي ڦلڪي مهمانداريءَ ۽ فنڪارن جي فنڪاريءَ بابت بہ گذشتہ مضمونن ۾ گهڻو ئي ڪجهہ لکجي چڪو آهي. ليڪن هتي فقط مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهي ۽ مير "عالم خان" نظاماڻيءَ جا ٻہ ڪلام ٻيڙين، ملاحن ۽ پاڻيءَ جي روانيءَ سان، ملندڙ ۽ جناب جي- ايم- سيد جي حالات سان نسبت رکندڙ لکي، ماتليءَ پهچڻ جي ڪوشش ڪنديس. جن ڪلامن جي شروع ٿيڻ وقت پير حسام الدين شاهہ راشديءَ سيد سائينءَ کي مخاطب ڪندي چيو تہ "هي ٻڌو تہ ڳائڻ وارو ڇا ڳائي رهيو آ.... مان تہ.... انهن اکرن کي توهان جي ئي حال زار جي ترجماني محسوس ڪريان ٿو."

سيد تہ اڳي ئي هر هڪ نقطي، ڳالهہ ۽ حال کي نهايت اطمينان، سڪون، توجه ۽ غور سان ٻڌي ۽ ڏسي رهيو هو. تنهن ساٿس ها ۾ ها ملائي. اهو ڳائڻ وارو راڳي، پنهنجي ساٿ سنگت سان، محمد اسحاق ڪارو هو. جنهن پهرين سيد مرتضيٰ شاهہ ڏاڏاهيءَ جي هيٺين ڪافي پيش ڪئي جيڪا متي هڪ جاءِ تي (صفحي 250) اڳي بہ لکجي چڪي آهي، ۽ هتي ان جي فقط ٽلهہ ڏيڻ تي اڪتفا ڪجي ٿي:

غمن ۾ بہ ڪلندي گذاري ڇڏيوسين،
وهيو واپريو سڀ وساري ڇڏيوسين.

۽ انهيءَ کان پوءِ وري محمد اسحاق ڪاري ٻيو مير "عالم خان" نظاماڻيءَ جو ڪلام شروع ڪيو، جنهن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا:

ٻيڙيءَ وارا ٻاجهہ پويئي، سال لنگهي ويا سارا،
پتڻ ناهيم، آهيان پيادي، ڪڻ اڙين جا آرا.

پڳهہ ڪٽي پار ويا، دنگي ڏکي ڏار ٿيا،
مون بہ لکي پاتا ليا، ڏنيم ڪنڌيون سي ڪنارا-
ٻيڙيءَ وارا ٻاجهہ پويئي....

ڳن، مُنيون، ونجهہ، ويٺان، اُٿيا سور اندر منجهہ ٻيٺان،
ڦٽيل کي اچي وجهہ ڦيٺان، ڪيئن لس لهي ويا چنڊ تارا-
ٻيڙيءَ وارا ٻاجهہ پويئي....

ساٿ ساموندين سنبهيو، ڪُن ڏسڻ ويا ڪاهي،
اديون آسانگو آهي، سي مور نہ ٿيندا مون مارا-
ٻيڙيءَ وارا ٻاجهہ پويئي....

"عالم خان" عجب ڪاءُ يار، ٻيڙا ٻوڙيا ڪئين انهي ٻار،
اندر منجهس آ پاڻي تار، ڏس چڙهڻ جا ڪي چارا-
ٻيڙيءَ وارا ٻاجهہ پويئي....

تنهن سان گڏ حاجي عثمان ڪچي ۽ برادران پنهنجي مخصوص انداز ۽ جذباتي رنگ ۾ ڳائيندا وڄائيندا، الڪ جاڳائيندا رهيا. ماتليءَ پهچڻ تي جنهن وقت اسان ٻيڙين وارو قافلو، منهنجي بنگلي "ماءِ نيسٽ" سامهون لنگر انداز ٿيو، تہ هزارن جي تعداد ۾ آيل پبلڪ ويڙهي ۽ وکوڙي ويئي. "جيئي سنڌ!" ۽ "جي- ايم- سيد زنده باد" جا نعرا فضا ۾ گونججڻ لڳا. ڏاڍي مشڪل سان، رضاڪار ۽ والنٽيئر بيهاري، وچان رستو ٺاهي، مهمانن کي بنگلي اڳيان ٺهيل سينگاريل سجايل ٿلهي تائين پهچايو ويو، جتي ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ کي اڳوات وينل ڏٺوسين، جيڪو جي- ايم- سيد ۽ پنهنجن ٻين رفيقن ۽ ساٿين جي مون وٽ پهچڻ جو اطلاع سندس فرزند ارجمند دادن خان جتوئيءَ کان ٻڌي، ماءِ نيسٽ کي "ماءِ نيسٽ" سمجهي، ماءِ نيسٽ تي پهتل هو ۽ حسب دستور وڏا وڏا ٿهڪ ڏيندي سيني سان ڀاڪر پائي مليو.

معزز مهمان اچا پنهنجون جايون ۽ نشستون ئي وٺي رهيا هئا، تہ منهنجي سوٽ جي فرزند حاجي خان، جيڪو منهنجي سٽنيما جي مٽنيجر جا فرائض سرانجام ڏيندو آهي، اچي اسان کي ٻڌايو تہ "سٽنيما جي آفيس ۾، جناب پير علي محمد شاهہ راشدي ۽ جناب قاضي محمد اڪبر جن ڪيترو وقت اڳي پهچي اوهان جو انتظار ڪري رهيا آهن." اسين اچا انهن ڳالهين ۾ ئي هئاسين، تہ ٻئي صاحبان اسان واري قربائتي، علمي، ادبي ۽ ثقافتي مجلس ۾ پهچي شريڪ ٿي ويا.

تنهن کان پوءِ، راڳي فنڪارن بہ، پنهنجا ساز سنڀالي، پنهنجيون پنهنجون جڳهيون ورتيون. اُتي مون بہ پنهنجي ضدي طبيعت جي زير اثر مرغوب ٻڌجي، ڊفليءَ مان ڦرڙاتا ڪڍائي، "مانجهہ" راڳٽيءَ مان لطيف سائينءَ جو هيٺيون ڪلام پيش ڪيو، جيڪو اڳئين ڪنهن مضمون ۾ بہ لکي چڪو آهيان، پر تنهن هوندي بہ ٻيهر هيٺ لکان ٿو:

ڪنڌي ساريان ڪانہ، آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهہ ٻيلاڻي ڀانيان.

ڳٺڙ ڳاٺيٽو ناهہ ڪو، اپر ٿيا عصيان،
آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهہ ٻيلاڻي ڀانيان.

هن منهنجي حال تي، هئي هئي ڪن حيوان،
آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهہ ٻيلاڻي ڀانيان.

مديون پَسي منهنجيون، شرمايا شيطان،
آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهہ ٻيلاڻي ڀانيان.

تُرهو چڏيم تار ۾، رسج تون رحمان،
آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهه ٻيلاڻي ٻانيان.

الله "عبداللطيف" جو، سڏ سُٽج سبحان،
آمن امان!
يا الاهي، ٻاجهه ٻيلاڻي ٻانيان.

لطيف سائين جي انهيءَ ڪافي کان پوءِ وري هڪڙو اردو ۽ هنديءَ ۾ انقلابي گيت پيش ڪيم، جيڪو محفل ۾ ڪيترن ئي ڪردارن سان ٺهڪي آيو ٿي. ڳائڻ وقت شرمندگيءَ جي احساس ۽ ڦڪين ڦڪين مسڪراهٽن سان ڪيترن ئي کي شرمسار ڏٺم. انهيءَ گيت جا ٻول پڻ هتي ڏجن ٿا:

"کيسے کوئي پيار کرے، يهاں دل کهوٽ بهرے، بهروسا کون کرے!"

اهي ٻول چئي، مون ڪن شخصيتن ڏانهن اشارو ڪندي، گيت جون وري ٻيئيون مصراعون پيش ڪيون ته:

ان کي چاهت ميں نه جا، ان کے دهوکے ميں نه آ،
چهپ کے يه وار کرينگے، پيار ميں دينگے دغا،
دوستي ان کي بُري، دل ميں گهونپينگے يه چهري،
جب لگائينگے گلے... بهروسا کون کرے.

جهوٹي هر بات کهيں، دن کو يه رات کهيں،
کوئي آنسو جو بهائے، اُسے برسات کهيں،
ان کے دل صاف نهيں، ان ميں انصاف نهيں،
لاکهه بنتے هيں کهرے... بهروسا کون کرے.

انهي انقلابي گيت ڳائڻ وقت، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جذبات ۾ اچي، واه واه ڪندي، اُٿي بيهي رهيو ۽ مون تي فرمائش ڪيائين ته "نئے سروں ميں گانا ساتهه!" وارو گانو ٻڌايو. مون به ڪيس پنهنجو پيارو دل وارو سمجهي، پيار محبت، خلوص صداقت سان، شدت جذبات ۾ اچي، مستيءَ ۽ سرشاريءَ کي ساڻ ڪري، "پهاڙي" راڳڻيءَ مان پڪتاڻيءَ لئي تي، اهو نون سرن وارو گانو پيش ڪيو، جيڪو سنڌي ادبي بورڊ جي هال ۾ محمد ابراهيم جويي ۽ سنڌس دوستن جي "ميوزڪ لورس ڪلب" واريءَ محفل ۾ ڳائي وڃائي ۽ ٻڌائي چڪو هئس ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي به پهرين اُتي ٻڌو هو، جنهن کي ٻيهر دهرائي، بطور "رپيٽ سانگ" ڪري، پيش ڪيم، جنهن جا ٻول هيٺ ڏجن ٿا:

نئے سُروں میں گانا ساتھی، نئے سُروں میں گانا -
وھی ترانہ جس کی لئے پر گائے وقت زمانا - نئے سروں میں...

وھی گیت، جو چین دیس میں مزدوروں نے گایا،
وھی گیت، جو روس نگر میں، کھیتون پر منڈلایا،
وھی گیت، جس نے لوٹایا بھوکوں کا سرمایا،
وھی گیت، جس نے سکھلایا اوروں کے کام آنا - نئے سروں میں...

وھی گیت، جس سے مچ جائے ایوانون میں ھلچل،
مزدور مشینیں پکڑیں اپنی، دھقاں اپنا ھل،
ایک آواز جھاں میں گونجے، ایک ڈگر پہ چل،
جھونپڑیوں میں رھنے والو، محلوں سے ٹکرایا - نئے سروں میں...

اے درباروں کے فنکارو، چوپالوں میں آؤ،
پھول گئے کیون راھیں اپنی، بھولے رھنماؤ، یہ
نغمے ھیں سب کے نغمے، سب میں آکے گاؤ، آؤ،
بُلا رھا ھے تم کو آج زمانا - نئے سروں میں...

جُلاھے ننگے ھوں ساتھی، بھوکے ھوں دھقان!
محل بنانے والے سوئیں دھوپ میں لمبی تان!
ٹوٹے دلوں کی جو سنتا ھے، کھاں ھے وہ بھگوان!
ننگے بھوکے، آھیں آنسو لائے ھیں نذرانا - نئے سروں میں...

اُجڑ گئے گھربار ھمارے، آؤ اے معمارو،
عزت والو، غیرت والو، خوددار دستکارو،
قومي بینکوں میں ڈاکو ھیں، جاگو چوکیدارو،
پکڑو مارو لوٹ نہ لیں، یہ ڈاکو چورخزانا - نئے سروں میں...

اے نوابو، خان و میرو، پیر و زمیندارو،
مطلب پہ ایمان فروشو، ملت کے غدارو،
بھیڑوں کی کھالوں میں گرگو، جھوٹی کھال اُتارو،
کھال اُتارو! وقت کریگا تم کو آج نشانا -
نئے سُروں میں گانا ساتھی، نئے سُروں میں گانا!

"تنوير" نقويءَ جي گيت جي روپ ۾ انهي نظم پوري ٿيڻ کان پوءِ، سڄي محفل تي غنودگي ۽ رقت طاري ٿي ويئي. ڪيترن ئي قسمن جي چڙپچڙ ۽ چوپو ٿيڻ لڳو. ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي تہ اٿي اٿي، خوشيءَ جو اظهار ڪري رهيو هو

جناب جي ايم سيد جي منهن تي مسڪراهٽون ۽ اکين ۾ مقناطيسي چمڪ ڏسڻ ۾ آئي. ٻيا عالم، فاضل، دانشور، محقق، صحافي، اديب ۽ شاعر به مُتحير ٿي ويا. جناب پير حسام الدين شاه راشدي ته اڳي ئي منهنجين البيلائي ادائن سان والهانه محبت ڪندڙ هو. باقي خاص طور قاضي محمد اڪبر ته پير علي محمد شاه راشديءَ سان ڪن سَرو ڪندي، تائيدون ۽ تنقيدون ئي ڪندو رهيو، جيڪا خبر بعد ۾ سندس سول لائين واري بنگلي تي، منهنجي پياري دوست جناب حاتم علويءَ ۽ سابق وفاقي بينگالي وزير جناب محمود عليءَ سان تعارف ڪرائيندي پيئي- جنهن ۾ قاضي محمد اڪبر منهنجي لاءِ پيار محبت، خلوص ۽ صداقت سان تعريف ڪندي، ادب نواز، فنڪار، رنگين مزاج سان گڏ ائين به چئي ڇڏيو هو ته "ڪميونزم ڏانهن لاڙو اٿس. ڇاڪاڻ ته گهڻو ڪري، انقلابي اِشتراڪي ادب ۽ لٽريچر سان پيار ڪري ٿو."

اُها محفل قسمين قسمين ۽ ڪيئي لذيذ طعام تناول ڪرڻ ۽ عمدن ڪاڏن ڪائڻ کان پوءِ ختم ٿي. ڪي قليل، مختصر، چند ۽ ٿورا سيد سائينءَ سان پيار ڪرڻ وارا اتي ئي رات رهي پيا. باقي ٻيا معزز مهمان ۽ معزز شهري، پنهنجن پنهنجن ديرن ۽ ڏيرن ڏانهن روانا ٿي ويا. 'ماءِ نيست' تي سيد سائينءَ سان گڏ رهندڙ معزز مهمانن لاءِ، رهائش جو نهايت سهڻو، عمدو ۽ معقول بندوبست ٿيل هو. راشدي برادران ۽ قاضي محمد اڪبر کي باوجود گهڻي زور پرڻ جي به، حيدرآباد وڃڻ لاءِ آتو ڏنم، جن ۾ حيدر بخش جتوئي به ساڻن گڏ شامل هو.

اِنهن سيني معزز مهمانن جي واپسيءَ کان پوءِ، ميدان خالي ڏسي، سيد سائينءَ سان اڪيلائيءَ ۾، خوب نويڪلي علم، ادب ۽ فن بابت رهاڻ رس ۽ ڪچهري ڪري، سمهي رهياسين، جيڪي پڻ صبح جو نيرن ناشتو ڪرڻ کان پوءِ، جدائي ڏيئي، اڪيلو ڇڏي هليا ويا. آءٌ به پنهنجن جذباتن کي ميڙي چونڊي گڏ ڪري، خلوت کي انجمن بڻائي، لطف اندوز ٿيندو، وندرندو رهيس- جنهن لاءِ ڪنهن شاعر به چيو آهي ته:

"خلوت هی کیوں نہ هو، هم انجمن سمجهتے هیں...."

اشتراڪيت، دولت، روحانيت ۽ شيطان

مٿئين مضمون ۾ قاضي محمد اڪبر جي سول لائين واري بنگلي تي، هُن، مسٽر محمود علي بينگاليءَ ۽ ڪتاب دوست ۽ ادب شناس جناب حاتم علويءَ سان ڪرايل تعارف ۾، جيڪي ادب نواز، فنڪار ۽ رنگين مزاج سان گڏ، ڪميونزم ۽ اشتراڪيت پسند جا لقب ۽ خطاب ڏنا هئا، تن کي سوچيندي، انهيءَ محفل ۾ پهچي ويس، جيڪا جناب جي. ايم. سيد جن جي نظربندين مان آزاد ٿيڻ وقت

ٻيڙين جي جلوس ۽ پاٽيءَ جي رواني ۾ روان دوان ٿي، "ماءِ نيست" جي اڳڻ ۽ ايوان واري ٿلهي تي ٿي هئي. جنهن ۾ مون اشتراڪي ادب پيش ڪندي، ساز و آواز ۽ راڳي سات سنگت سان "نئے سُرون ميں گانا ساتهہ" وارو نظم پيش ڪيو هو. بهرحال، سوچڻ لڳس ته مون جهڙي خوش پوش، ڏن دولت سان ڪيڏڻ واري، مذهب ۽ سرمائيدارنہ ماحول ۾ پلجڻ واري سان، اهي لقب ڪيئن ٿا منسوب ڪري سگهجن! پر آءٌ ته انهن لقبن ۽ خطابن ملڻ مان خوشي محسوس ڪندي، ويتر وڌيڪ نازان ۽ فرحان ٿي، ويچار ۾ پئجي ويس ته "اهي الزام ڇو ۽ ڇا لاءِ آهن! جن مان ڪن "ازمن" سان محبت، ته ڪن سان وري نفرت ڪئي وڃي ٿي- جن جا نالا اِمپريل ازم، ڪئپيٽل اِزم ۽ مذهب اِزم آهن."

منهنجي ذاتي نظريي مطابق، "ڪميونزم" هلندڙ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ مذهبي نظام مان بدظن ۽ مايوس ٿي، بُکن ڏکن، ڏولاون سهسين سختيون ڪٽي، نہ گهر نہ نڙ نہ وڙ ڏسي، خود غرضانہ، مفاد پرستانہ ۽ سرمائيدارنہ ذهنيت کان بيزار ٿي، سماج جي ڪوڙن ۽ فرسوده رسمن رواجن ۽ ناانصافين، ۽ مذهب جي بناوٽي طور طريقن، حديثن، معنائن ۽ حڪمن احڪمان- جن تي فقط مذهبي ٺيڪيدار ئي قابض ۽ هاوي هوندا آهن ۽ مٿانئن سندن ئي اِجاره داري هوندي آهي ۽ هو محض پنهنجي مفاد خاطر جوڙ توڙ ڪندي، ڪيئي فرقا ايجاد ڪندي، تفرقا پيدا ڪري چڪا آهن ۽ هميشه پيدا ڪندا رهن ٿا- تن سيني جي مقابلي ۾ بغاوت ۽ مقابلي جو علم بلند ڪري، اخوت ۽ مساوات، برابري ۽ هڪجهڙائي قائم ڪرڻ چاهي ٿو، ته جيئن هڪڙو سڪيو ۽ ٻيو بڪيو نہ رهي. بلڪ "وندہ وندہ ڪاني، ايمان پائي" وارو طريقو هئڻ گهرجي.

هڪڙي وٽ لکين ڪروڙين، ڏن دولت جا انبار هجن ۽ ٻئي وٽ ڦاٽل ڪپڙن جي چيٿڙن ۾ فقط ليڙون لک هزار هجن! هڪڙن جي خوشين ۽ شادمانن، لنچن، ڊنرن ۽ دعوتن ۾، ڪاڏي پيٽي جي ايڏي ته افراط هجي، جو ڪتن ۽ ڪانگن جا پيٽ پرجي وڃڻ کان پوءِ باقي بچائي، اِسراف ڪندي، گندگيءَ جي ڊيرن تي اُڇلائي ڇڏين، ته ٻئي پاسي بکئي پيٽ ۾ نہ لولو نہ لوڻ ۽ باقي فقط بک جي ولوڙ هجي! هڪڙن کي جايون، گهر، ماڙيون، بنگلا، محلاتون ته ٻيا وري پنهنجن ٻارن ٻچن سوڌو ڪليل آسمان هيٺ وٽن جون چانئون ۽ پيرن جون دعائون ڳولينندا وتن! هڪڙن کي زري زربفت ۽ ڪيمخوابن جا وڳا ويس، ته ٻئي طرف ٻچن ٻارن سميت اُگهاڙا ننگا، بکيا، دربدر خاڪ بسر ۽ ديس بديس رلندا رهن! هڪڙن جي علاج لاءِ ڊاڪٽر، نرسون، اسپتالون ۽ ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرا، ته ٻين لاءِ نہ دوا درمل، نہ طبيب نہ ڊاڪٽر، نہ علاج نہ معالج، بغير ڪنهن خدمتگاريءَ ۽ بنا ڪنهن تيمارداريءَ جي بي موقعي بي مهل ۽ بي موت اجل جو شڪار بڻجيو وڃن!

ڇا؟ اهو سماج آهي؟ ڇا، اهو نظام آهي! ڇا، اهو مذهب آهي!؟ جن جي

لم ستم جو شڪار مظلوم بڻجي، انسان اگر بغاوت ڪري انقلاب آڻي ٿو، ته ڪيس
اغي چئي، ڪميونسٽ ۽ دهريو سڏي، خدا رب العالمين جي وجود جو منڪر ۽
حمت العالمين کان انڪاري چون ٿا! سماج جي ۽ انهن روادارن، ڪئپيٽل ازم جي
رنگرن ۽ شاهوڪار شاهي ۽ حمايتن، مذهب جي ٺيڪيدارن کان ڪو پڇڻ وارو
جي ۽ ڪائنڊ پڇي ته "ڇا، اِها ذهنيت جائز آهي؟ جنهن سان اوهين ڪارخانا ٺاهي،
لن جا مالڪ بڻجي، پنهنجيون پنهنجيون ٽجوڙيون ڀريو ٿا! ميدان جنگ جدال ۾،
سانذات جي تباهيءَ ۽ برباديءَ خاطر، بارود، بم، نيپام بم، هائڊروجن بم،
ٽروجن بم، ميزائل، راڪيٽ ۽ ٻيا ڪيئي تباه ڪُن هٿيار ٺاهي، تخليق ڪائنات
ي هر ذري ۽ ذي روح کي تباهه ۽ برباد ڪري، ڏيهن جا ڏيهه ۽ ملڪن جا ملڪ
هي، ڦٽائي، مٽائي، نيست ۽ نابود ڪري ڇڏيو ٿا، سي ڇو ۽ ڇا لاءِ؟

تنهن سان گڏ، مذهب جي انهن ٺيڪيدارن کان به ڪو پڇڻ وارو آهي ته ڇو
هنجي ذاتي مفاد، مطلب ۽ خودغرضيءَ خاطر، ڪيئي هيرون ڦيرون ڪري، هڪ ئي
آن کي ڪيترين ئي معنائن ۾ آڻي، هزارين حديثون گهڙي، تفرقا ۽ فرقا پيدا ڪيا
ن- جنهن کان حضرت موسيٰ عليه السلام ۽ بني اسرائيلن جي نبي هارون عليه
سلام به ۽ ٻين سيني نبين، پيغمبرن ۽ انسانيت جي محسنن، نيڪن ۽ پل مانسن
اهه گهري هئي! پر اسان جي موجوده دور جا مُلان آهن، جن به مصداق "دو ملان
بن مرغي حرام"، ڪيئي فرقا ٺاهي، طريقا ايجاد ڪري، هڪ ئي مذهب 'اسلام'
ي مڃڻ وارن ۽ پيروي ڪندڙن کي انتشار ۾ آڻي، هڪٻئي سان ويڙهائي، برسر
پڪار ڪري ڇڏيو آهي! ڪو سُني آهي ته ڪو شيعو، ڪو حنفي آهي ته ڪو
نبلي، ڪو شافعي آهي ته ڪو وري مالڪي! پر، انهيءَ تي به بس ناهي! وري ذاتن
تن، ملڪن ۽ علائقن ۾ تقسيم ڪندي، به ڪين پاڻ ۾ ئي ويڙهائي رهيا آهن.

مگر، حقيقتاً، آءٌ پنهنجي ضمير جي آواز کي مقدم رکندي، ڪئپيٽل ازم،
پيريل ازم ۽ مذهب ازم کي به صحيح سمجهندي، نيشنل ازم ۾ ئي ايندي،
وچان ٿو ته امپيريل ازم ۽ ڪئپيٽل ازم جي سرمائيدارانه سرمايي کي، ۽ مذهب
م جي سچائيءَ، صداقت، معرفت ۽ روحانيت کي، اشتراڪيت جي مساويانه
سانيت ۾ آڻي، ۽ ان سان همسفر ۽ همرڪاب ٿي، دنياداريءَ جي اُلجهن، بکيڙن ۽
ونجهارن کي سنوارين سلجهائين، ته نظام ڪائنات کي سمجهندي بُجهندي،
لجهائي سنواري سگهجي ٿو- جنهن لاءِ سرمائيدار جو سرمايو، مذهب جي
حانيت ۽ ڪميونسٽ جي اشتراڪيت، سماج جي سڌاري لاءِ مسيحا بڻجي سگهن
ون.

انسان رڳو اٿي، لٽي ۽ اجهي لاءِ پيدا نه ٿيو آهي. پر انهيءَ سان گڏ سندس
ون به ڪي طبعي، فطري ۽ روحاني تقاضائون به آهن، جن کي صرف ڪميونزم ئي
ريون ڪري نٿو سگهي، جنهن لاءِ ڪئپيٽل ازم واري سرمائيدار جي دولت ۽

مذهب جي روحانيت جو هئڻ بہ لازم، انتهائي ۽ بيحد ضروري آهي، جنهن سان ڪ
نظام ڪائنات مڪمل ٿي سگهي ٿو.

پر، جيئن تہ شر ۽ خير ٻيئي الله جي ايجاد آهن، تنهن ڪري هو پاڻ ئي ا
چاهي ٿو تہ خير ۽ شر، شر ۽ خير، ٻيئي لازم ملزوم بڻجي، هن دنيا کي حسي
خوبصورت، سهڻو ۽ قائم رکڻ لاءِ، هڪٻئي سان ساٿي ٿي هلندا هلن. پر جيڪڏ
فقط خير ئي خير ٿي وڃي ۽ شر باقي نہ رهي، تہ پوءِ دنيا جي اهميت ۽ افاديت ڪ
باقي نہ ٿي بچي، ڇاڪاڻ تہ دنيا جي زندگي اتفاق ۽ اختلاف سان ئي وابستہ آهي
آءٌ اتفاق کي الله ۽ اختلاف کي شيطان سان نسبت ڏيندو آهيان. جنهن ۾ شر ۽ خ
ٻيئي اچيو وڃن ٿا.

ايا بہ جيڪڏهن گهرايين مان وڃي سوچبو، تہ تخليق ڪائنات سان گ
تخليق شيطان جو موجد بہ خود الله ئي ڏسڻ ۾ ايندو. جنهن، الله کي مطلوب
معشوق بڻائي، پاڻ طالب ۽ عاشق بڻجي، ايڏي تہ سندس عبادت ۽ رياضت ڪئ
جنهن جي مقابلي ۾ ڪنهن ٻئي جو شمار ٿي ئي نٿو سگهي. ايتري قدر جو "آدم
کي بہ سجدو نہ ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ سندس خيال ۾ سڀيئي سجدا فقط خدا کي ڪ
جڳايا ٿي. تنهن ڪري، خدا جي ظاهري حڪم کي هڪڙي پاسي رکي
سيڪالاجيڪلي ۽ نفسياتي طرح پرڏي پٽيان هو ڪو ٻيو حڪم ئي پسي رهيو ه
جنهن ۾ شايد اهوئي هو تہ "آدم" کي سجدي ڪرڻ کان انڪاري ٿي، تخليق
ڪائنات جي اسٽيج تي "شر" جو پارٽ پلي ڪري- ڇاڪاڻ تہ خير جي پارٽ ا
ڪرڻ وارا ڪيئي ڪردار ۽ ڪيريڪٽر، فرشتن، ملائڪن، نبين، ولين، غوثن، قطب
عبادت گذارن، امامن ۽ نيڪوڪارن ۾ موجود هئا. پر گمراه، بدڪردار ۽ ول
بڻجي، ابليس ٿي، "شر" جي پارٽ، رول ۽ ڪردار پلي (ادا) ڪرڻ لاءِ ان حسن ا
جون اندروني ۽ نفسياتي نظرون ۽ نگاهون مٿس ئي پٽجي رهيون هيون. تنهن ڪر
ئي، ان جي رضا تي راضي رهندي، انهيءَ ڳجهڙي، خفيہ حڪم کي مڃيندي، س
تسليم خم ڪندي، امر ربي ڄاڻندي، آدم جي بوتي کي سجدو نہ ڪري، لعنت ج
طوق ڳچيءَ ۾ پائي، هر اتفاق سان اُو اختلاف ڪرائيندو رهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هُن ج
ئي منشا ۽ مرضيءَ مطابق، انهيءَ سان ئي، هن دنيا جي چمن ۾ دلڪشي، رعنائ
خوبروئي ۽ خوبصورتي جيڪا پنهان آهي، سا عيان ٿئي ٿي. جنهن لاءِ، هڪ
شاعر بہ تصديق ڪندي، هيٺيون شعر پيش ڪي ٿو تہ:

گلهائے رنگ رنگ سے هے زينت چمن،
اے "ذوق" اس جهان کو هے زيب اختلاف سے.

ترقي پسند اديب ۽ انقلابي شاعر

انهيءَ گذريل مٿئين دقيق، معلوماتي، وسيع عريض مضمون کي مختصر ۽ سان بڻائي، درياءَ کي ڪوزيءَ ۾ بند ڪري، ان جي ساٿ ۾ هلندڙ انهيءَ ڪاروان تعلق سوچڻ لڳس ته، جن کي ترقي پسند اديب ۽ انقلابي شاعر چون ٿا.

حقيقتاً جيڪڏهن سوچي ڏٺو وڃي ته ادب بذات خود هڪ ترقي پسند ادارو هي ۽ شاعر وري شاعرِ انقلاب. پوءِ انهن کي اڪرن جي تقسيم ۾ آڻي، منافرت جو ج پوکي، تفرقي ۾ ڇو آڻجي! تنهن لاءِ آءٌ سمجهان ٿو ته اِشتراڪي نظريي جا حامي انهيءَ نظريي جا پرچار ڪندڙ، پاڻ کي ترقي پسند اديب ۽ انقلابي شاعر سڏائي، ولتمندن جي تنگدليءَ کان دل برداشته ٿي، دولت تي رشڪ ڪندي، مذهبي منافرت ي ويتر وڌيڪ اٿارڻ ۽ پکيڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جيڪا ڪيترن ئي طبقاتي تفرقن ، قسمن ۾ اڳي ئي تقسيم ٿيل، پکڙيل ۽ ڦهليل آهي.

اهي اديب ۽ شاعر به ٻن قسمن جا هوندا آهن. هڪڙا مطلبي ۽ خود غرض، موجود سماجي نظام سان اختلاف ڪري، ٻين مظلوم ستم رسيدن جي اوٽ ۽ آڏ ۾ سرخروئي وٺي، ڪنهن منصب، عهدي، ڪرسيءَ ۽ مقام ماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪندا هن، ۽ ٻيا وري سچائيءَ، صداقت، خلوص دل ۽ نيڪ نيتيءَ ۾ اچي، سماج اندر سڌاري آڻڻ جي عشق ۾ ان سان بغاوت ڪري، ليلئ مجنون، شيرين فرهاد، عاشق معشوق، چنڊ ۽ چڪور، گل ۽ بلبل، ستارن ۽ آسمانن واريءَ قديمي شاعريءَ کي سلام ڪري، جديد شاعريءَ سان انقلاب آڻڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. جن کي نه ته ڪو جاه جلال کپي، نه ئي صدارتي وزارتي ڪرسيون، نه وڏا وڏا عهدا ۽ نوڪريون گهرجن، نه وري ڪين کي ٺيڪا، ايجنسيون ۽ پرمنٽون ئي کپن. هو فقط سچائيءَ، حق ۽ صداقت جا علمبردار بڻجي، عوام جي فلاح ۽ بهبود خاطر، پاڻ ۾ انقلابي تبديليون آڻي، هيٺينءَ طرح ادب ۽ شاعري پيش ڪن ٿا. پوءِ چاهي انهيءَ کي ترقي پسند ادب چئجي يا انقلابي شاعري:

اے نظارو میرا سلام قبول
ساتھیو دیکھنا! نہ جانا بھول

دو اجازت کہ منتظر ھیں میرے،
میرے مزدور میر محنت کار-
وھی انسانیت کے خدمتگار،
جنکے دم سے ھے اس چمن کی بھار-

جن میں کامی ہیں اہل ہنر،
میں اس فوج کا سپاہی ہوں-
جس کی منزل نجات محنت و مُزد،
میں اُسی قافلے کا راہی ہوں-

اب تو مجبور میرے ساتھی ہیں،
اور مزدور میرے ساتھی ہیں-
اب مجھے ان کے ساتھ رہنا ہے،
ان سے کہنا ہے جو بھی کہنا ہے-

میں نے سیجوں پہ مَیتیں دیکھیں،
میں نے دیکھے لہو رنگ سہرے-
بن گئی تھی چتاھوں کی آگ،
ابھی پورے ہوئے نہ تھے پھیرے-

جانیں قیمت میں دیں مگر نہ ملیں،
کتنی مہنگی تھیں روٹیاں، دیکھیں-
میں نے مذھب کے تیز دانتوں میں،
آدمیت کی بوٹیاں دیکھیں-

رات مسموم تھی تعفن سے،
مغز میں بُو رچی تھی لاشوں کی-
میں نے دیکھا کہ مائیں چنتي تھیں،
بوٹیاں اپنے دل کے کاشوں کی-

کون سنتا ہے اب تیری فریاد،
سُن ری کجلی کوئل یہاں مت کوک-
یہاں بکھری ہے بیکسوں کی پکار،
یہاں ٹوٹی جوانیوں کي ہوک-

بُلبلو تیز و تُند کانٹوں کے،
نرم و نازک گلوں پہ پہرے ہیں-
بھنوٗرو کلیوں کی چکنی گالوں پر،
ابھی شبنم کے اشک ٹھیرے ہیں-

اے ستارو چراغ بن جاؤ،
میں نے کٹیاؤں میں جلائے ہیں-
اے بہارو چلو میرے ہمراہ،
کھیت تم سے ہی لہلہانے ہیں.

سُن کے افسانہء زمیں میں نے،
آسمانوں کا ذکر چھوڑ دیا-
آدمیت کی ہچکیاں سُن کر،
ساتھیو میں نے ساز توڑ دیا-

آؤ لپٹاؤں بانہیں تو کھولو،
اے نظارو و داع تو ہولو-
پوچھ لے چاند پوچھ لے مجھ سے،
کب ملوگے، جواب دو، بولو -
لو چلا ہوں تمھاری محفل سے،
دو قدم میرے ساتھ تو ہولو -

ساتھیو دیکھنا نہ جانا بھول،
اے نظارو میرا سلام قبول-

مورخہ يڪم جنوري 1945ع تي، جناب "تنوير" نقويءَ جي انهيءَ مٿين ماتليءَ ۾ لکيل طويل "نظم" جا چند بند، جيڪي ترقي پسند جديد ادب ۽ انقلابي شاعريءَ جي زمري ۾ اچي سگهن ٿا، سي هتي پيش ڪيم. هُن تہ پنهنجي سچائيءَ، صداقت ۽ ايمان جي آواز تي لبيڪ چئي، ضمير کي اڳيان آڏو رکي، اصول پيش ڪيا آهن. جن تي ڪيتري قدر عمل ٿي سگهي ٿو يا جن سان عوام ۽ سماجي نظام کي ڪيترو فائدو پهچي سگهي ٿو، انهيءَ جي خبر تہ خدا کي يا وري انهن ترقي پسندن ۽ انقلابي شاعرن کي ٿي هوندي، جيڪي عوام جي مفاد کي پنهنجو مفاد سمجهن ٿا. يا وري انهن مطلبي خود غرض ليڊرن ۽ سماجي ورڪرن کي خبر هوندي تہ اُهي نهن خيالن، نظمن، جملن ۽ اکرن کي، ڪهڙيءَ ريت استعمال ۾ آڻي، پنهنجا ڪيترا، ڪيڏا ۽ ڪهڙا مفاد، خودغرضيون، ساده لوح، اٻوجهہ، جاهل ۽ معصوم عوام کي بيوقوف بڻائي، حاصل ڪري سگهن ٿا- جهڙيءَ طرح حسب معمول هميشه ڪندا آيا آهن ۽ عوام بہ پنهنجي سادگي ۽ ساده لوحيءَ سبب مرغوب ٿي، استعمال ٿيندو رهيو آهي، ٿيندو رهي ٿو ۽ هميشه ٿيندو ئي رهندو.

جيڪڏهن اشتراڪي تاريخ کي ڏسبو تہ ڪارل مارڪس جهڙي مخلص،

ديانتدار، محقق، مفڪر، مدبر، عالم، عاقل، دانشور، وسيع علم حاصل ڪري يوناني فلاسافرن، محققن، سيڪالاجسٽن ۽ ناظمن واري نظام کي، فرسوده ۽ فروعي سمجهي، مذهب ازم کي مطلبين، خود غرضين ۽ تفرقن ۾ مُلائن جي هٿان استعمال ۽ ايڪسپلائيٽ ٿيندو ڏسي، فقط احساس کي اڳيان آڏو رکندي، جداگانه انسانيت جو علم بلند ڪري، نظام انسان لاءِ، پمفليٽ نما نندڙي ڪتابچي ۾، عوام جي فلاح ۽ بهبود خاطر پنهنجو نظريو ايجاد ۽ تخليق ڪيو، جنهن کي ڪميونزم سڏجي ٿو ۽ ساڳيءَ طرح سوشلزم جا پرچارڪ وري اُن کي اخوت ۽ مساوات جو نالو ڏيئي، اشتراڪيت سڏين ٿا. هن کي دراصل شاهوڪارن جي ڏن دولت کان نه پر فقط سندن عادات اطوار، خودغرضانه ۽ معتصبانه ذهنيت کان ئي نفرت آهي، ۽ اهڙيءَ طرح مذهب جي روحانيت کان نه پر انهيءَ مذهب ازم کي هلائيندڙ مُلان ۽ مولويءَ کان هو بيزار آهن، جن هڪ ئي مذهب ۾ انتشار آڻي، ڪيئي تفرقا پيدا ڪري، هڪ ئي آدم جي اولاد کي هڪبئي سان ويڙهائي ڍينگا ڪري ڇڏيو آهي.

ڪارل مارڪس، اخوت، مساوات ۽ برابري واري نظريي کي تخليق ڪيو ۽ جنم ڏنو، ته ليئن وري مسلسل ۽ تمام گهڻي جدوجهد ڪري، اُن کي عمل ۾ آڻڻ خاطر ڪيئي ڏک ڏاکڙا ڏٺا، مصيبتون ۽ صعبتون سٺيون ۽ جيل ڪاٽيا. ٻئي پاسي ٽراٽسڪي وري سندس عملي نظريي کان اختلاف ڪري، ان کي هوا ڏيئي، پيڙ پڙڪائي ۽ وڌائي، شهر بدر خاڪ بسر ۽ دربدر ٿي، جلاوطنيءَ جي زندگي گذاري. ته اسٽالن وري ڊڪٽيٽر بڻجي، ان جي نالي ۾ ۽ اُن جي فتح و ڪامرانيءَ لاءِ، لٺبياز حڪمرانيءَ ۽ چنگيزيءَ جي تشدد آزمائيءَ جا ڪجهه آزمودا ڪيا ۽ مزا ماڻيا، حالانڪ ابتدائي دور ۾ خود ڪيس به گهڻيون ئي اذيتون ۽ سختيون سهڻيون پيون.

ٻين اديبن، محققن، عالمن ۽ دانشورن سان گڏ خليل جبران انهيءَ نظريي کي وري اديبن ۽ شاعرن ڏانهن اماڻيو، جنهن جا تاثرات کان متاثر ٿي، ترقي پسند ادب جي نالي سان مضمون لکي، ترقي پسند ادب جو ليبل لڳائي، هو ترقي پسند اديب بڻجي ويا آهن ۽ ڪي وري انقلابي شاعريءَ جو چرغو پهري، انقلابي شاعري ڪري، انقلابي شاعر سڏجن ٿا- پوءِ چاهي اهي سردار احمد جعفري، خواجه احمد عباس، "ظهير" ڪاشميري، احمد نديم قاسمي، مرزا "اديب" ، راجندر سنگهه بيدي، احمد "فراز" ، فيض احمد "فيض" ، ڪرشن چندر، سعادت حسن "منٽو" ، حبيب "جالب" ۽ "تنوير" نقوي ئي چو نه هجن. پر آءٌ انهن ۾ به فرق ۽ تفرقو محسوس ڪريان ٿو ۽ ڏسان ٿو. انهيءَ کان سواءِ تڪ بند اديب ۽ شاعر آهن، جن مان ڪي مرحوم مغفور ٿي ويا آهن، ته ڪي اڃا زندگيءَ جي تلخين ۽ مشروباتن ۾ مصروف، مشغول ۽ محو آهن. پر خليل جبران جي جذباتي ادب، فن ۽ نظريي سان سڀيئي متفق ۽ پيار ڪندا رهيا، جن سان منهنجا به وسيع تعلقات رهيا آهن.

باقي سنڌي شاعرن ۽ اديبن کان آءٌ گهڻو واقف نه آهيان، جو انهن کي هاڻي

ي پڙهڻ شروع ڪيو اٿم- ۽ اِن تاخير ۽ اڳ موقعي نہ ملڻ جو افسوس اٿم.
لاشڪ اسان وٽ بہ ترقي پسند ۽ انقلابي اديب ۽ شاعر آهن، جن جو دليان قدر
ڪريان ٿو.پر جيئن ٻين وٽ تيئن اسان وٽ بہ، گهٽا تٽا سو نالي جا نهال اديب ۽
ڪ بند شاعر ئي ڏسجن ٿا، ۽ انهن کي وڏي دل جي لڳن ۽ محنت جي ضرورت
هي. پوءِ ذات جو ڪو داڻو ڪين نصيب ۾ آيل هوندو تہ اهو ضرور ثمربار ٿيندو ۽ هو
ڏي وڻ ٿيندا ۽ سنڌي قوم ۽ ان جي ثقافت کي انهن جي سايي جي عاطفت ۽ ميوي
ي حيات بخش رس جو ڪو حصو بخرو ملڻو هوندو تہ ملي ويندو. تنهن کان سواءِ،
؛ انهن پنهنجن سدا حيات برگزيده بزرگ ۽ قابل احترام شخصيتن جو دل سان قائل
هيان، جن، اڳي روحاني، انقلابي، طريقت، حقيقتن ۽ معرفت جا مينار بلند ڪري،
ميني ۽ آسماني ڪٿيون سلجهائي سنواري، ٿرن، برن ۽ بيابانن تي هر هلائي،
ڪيئي سمنڊ ولوڙي، ڪيترن ئي ڪتابن، رسالن سان گڏ اسان لاءِ سينہ بہ سينہ
محدود ذخيرا ڇڏيا آهن.

هوڏانهن خود اشتراڪي نظريي ۾، لينن جي وقت کان ئي ٽراٽسڪيءَ جا
يدا ڪيل نظرياتي اختلاف، اسٽالن ۽ خروشوف جي وقت ۾ وڏي ويجهي وڻ ٿي
يا، جن کي مائوزي تنگ جي نظرين ۽ چو- اين- لائيءَ جي سرخروئيءَ ٻن ڏڙن ۾
رهائي، تقسيم ڪري ڇڏيو ۽ اڄڪلهہ ڪي چين جي نظرين جا حامي آهن، تہ ڪي
ري روس جا پُڄاري. ڏٺو وڃي تہ انهي اشتراڪي نظريي ۾ بہ باهمي محبت،
سداقت، خلوص ۽ اشتراڪيت نہ رهي آهي، جنهن کي وري بہ ان جي اصلوڪي
حرڪ روحانيت ئي محبت ۾ آئي، اجتماعيت ڏيئي سگهي ٿي.

انهن نفاقن ۽ تفرقيبازين ترقي پسند اديبن ۽ انقلابي شاعرن کي بہ ٻن
ظرياتي حصن ۾ ورهائي ڇڏيو آهي، جن مان ڪي روس جا متوالا آهن تہ، ڪي چين
ا پرچارڪ، تہ ڪي وري پنهنجي مفاد خاطر معاشيات کي حل ڪرڻ ۽ اقتصاديات
ي حاصل ڪرڻ ۾ ئي مشغول آهن، تہ ڪي وري جاہ جلال ماڻڻ ۽ عيش عشرتن
ڪرڻ خاطر سياسي هيرين ڦيرين کي گڏمبلنگ ۾ آئي، جُواري ۽ سٽوڙي بڻجي،
رپ جو پتو ڪڏهن ڪنهن جي تہ ڪڏهن ڪنهن جي حوالي ڪندي، داءِ لڳائيندا ۽
يچ پائيندا رهن ٿا، يا وري سياسي ليڊرن وانگر بال ٽڏيندا، ڪڏهن ڪنهن جي اڳڻ
ر اماڻيندا رهن ٿا تہ ڪڏهن وري ڪنهن جي ايوان ڏانهن اُڇليندا رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح ماڻهن جون پريشانيون دور ڪرڻ جا دعويدار، هڪڙا نام نهاد
شتراڪي اڳواڻ تہ ٻيا وري دين جا نام نهاد دعويدار، ٺيڪيدار، مولوي، ملان ۽
شائخ آهن: تجربي هن وقت تائين جيڪو ڪجهہ ثابت ڪيو آهي تہ نہ پهرين پنهنجي
مقصد سان مخلص آهن ۽ نہ وري پويان ئي پنهنجي الله سان سچا آهن. اهڙيءَ طرح
ريب خلق خدا اِنهن ٻنهي ٽولن جي ڪشمڪش ۽ ڇڪتاڻ ۾ اچي، پيڙجي رهي
هي. نڪا غريب ۽ مظلوم عوام جي دنياوي حالت ئي بهتر ٿي ٿئي، نہ تہ ٻئي

پاسي وري آخرت جي چوٽڪاري جو ئي ڪو آسرو اٿن.

خداوندا! يہ تيرے سادہ دل بندے کدھر جائيں،
کہ درويشی بھی عياری اور سلطانی بھي عياری.

آءٌ سمجهان ٿو تہ انهن اختلافن کي اتفاق ۾ آڻڻ لاءِ، هاڻي فقط روحاني رستو ئي وڃي باقي رهيو آهي. جيڪو سياست مان نہ، پر ثقافت مان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. جنهن لاءِ نہ ترقي پسند ادب جي ئي ڪا ضرورت آهي، نڪا وري انقلابي شاعريءَ جي. اها فقط بي غرضيءَ، بي لوثيءَ، پيار، محبت، اخلاص، اخلاق، ايمان ۽ صداقت مان ئي حاصل ڪري سگهجي ٿي. جنهن لاءِ وري بہ ڪي روحاني رشتا ڳولي ڦولي حاصل ڪرڻا پوندا. جن ۾ وحدانيت، ويدانيت، ايڪي اقرار ۽ يڪجهتيءَ جي امرتا هجي.

قادر بخش نظاماڻي- هڪ معمو هڪ راز

قادر بخش نظاماڻيءَ سان منهنجي ملاقات ڪڏهن ٿي، ڪٿي ٿي، ڪهڙي طرح ٿي! تنهن جي پوري ياد نہ اٿم. پر محمد عيسيٰ نظاماڻي ۽ قادر بخش نظاماڻي منهنجي زندگيءَ جي سفر ۾ ساٿي ۽ همرڪاب بڻجي هلندا رهيا ۽ اڃا تائين رفيق ٿي هلندا اچن ٿا. جيتوڻيڪ محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ سان تہ زندگيءَ جون تمام گهڻيون يادا شتون، طوفان ۽ طلاطم، هيجان خيزان، خوشيون غميون، بهارون خزائون گا گذريون، پر قار بخش سان بہ ڪي مٺيون، سٺيون ۽ سهڻيون گهڙيون يادا شتن ۾ محفوظ آهن. پاڻ هميشہ فرحتن ۽ محبتن جي وقت ۾ ئي ساڻ رهيو آهي. ڪنهن ب ڏکئي وقت نہ سندس ضرورت ئي پيدا ٿي ۽ نہ هو وري ڪنهن ڪم ئي آيو آهي. پ سندس بنسبت، محمد عيسيٰ نظاماڻي، فرحتن راحتن ۽ محبتن کان سواءِ، ڪيترن ئ ڏکين ۽ مشڪلاتن جي وقت، يار، مددگار ۽ باهمت ساٿي هي رهيو آهي.

ٻيا بہ ڪي نظاماڻي، سواءِ ماتليءَ جي نظاماڻين جي، جيڪي عزيز قريب مٽ مائٽ ۽ رت جي رشتي ۾ منسلڪ آهن، زندگيءَ واري سفر ۾ ڪنهن چونڪ چوراهي، چڪري ۽ موڙ تي ملندا رهيا آهن، جن ۾ خان صاحب غلام محمد خا ولد رئيس الهہ بخش خان نظاماڻي ٽنڊي سومري وارو ۽ رئيس شير محمد خا نظاماڻي ٽنڊي قيصر وارو قابل ذڪر آهن. جن سان بہ ڪي دل لڳيون ۽ دل بستگيو وابستہ رهيون. پر انهن کي چند لمحاتي ۽ چند ساعتي چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ زندگيءَ جو سفر وڏو ۽ تمام طويل آهي، تنهن ۾ مٺين ئي ٻن دوستن سان ڪيئ يادا شتون وابستہ آهن، جن مان بہ محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ لاءِ تہ اڳي ئي ماتل ميونسپالٽيءَ جي سلسلي ۾ گهڻو ڪجهہ لکي آيو آهيان، ليڪن هتي فقط قاد بخش نظاماڻيءَ لاءِ ئي ڪجهہ لکڻو آهي.

قادر بخش جي طبيعت ڇا آهي؟ سندس اصول ڪهڙا آهن؟ سي ته پاڻ ئي ڄاڻي. پر آءٌ ڪيس جيڪو سوچي، سمجهي، پرکي پروڙي سگهيو آهيان، تنهن مطابق هرجائي، سيڪس جو حد شائق ۽ بي يقينو ئي چئي سگهجي ٿو. حالانڪ ساڻس منهنجي دوستيءَ جو آغاز محض اشتراڪي علم جي عالم سبب ۽ ماسڪو جي سفر مان مساواتي فڪر ماڻڻ جي ڪري ئي ٿيو هو. تنهن وقت منهنجو به اشتراڪيت سان لڳاءُ، ترقي پسند ادب ۽ انقلابي شاعريءَ ڏانهن لاڙو ۽ رجحان هوندو هو. تنهن ڪري ئي اڪثر ڪري ڪارل مارڪس ۽ لينن واري اشتراڪي ادب، خليل جبران جي حقيقت پسنديءَ ۽ جدت وارن مضمونن محو ۽ مصروف ٿي رکيو. جنهن ڪري دائري دوستيءَ ۽ حلقي احبابيت ۾، اهڙا ئي جدت پسند داخل ٿيا، جن مان هڪڙو قادر بخش به هو.

قادر بخش سوبر، تحمل وارو، ٿور ڳالهائو، ٻين سان ها ۾ ها ملائي ۽ سندن طبيعت کي سوچي ۽ ساڻن هم آهنگ بڻجي هلڻ ۾ ئي عافيت سمجهڻ وارو- هڪڙي انوکي، نرالي ۽ خاص خصوصيت جو مالڪ هو. هميشه ائين چاهيندو هو ته ٻئي جي طبيعت تي هلي، ڪهڙيءَ ريت ڪيس خوش ڪريان! ۽ حقيقتاً خوش ڪندڙ ئي هو. سڀرن دوستن سان هم خيالي رکندي، ڪين پنهنجي اثر هيٺ آڻي، پنهنجي خيال جو بڻائي، اخبارون ۽ رسالا ايڊٽ ڪري، نشر اشاعت ۾ آڻيندو هو. ته جيئن مختلف قسمن جي ماڻهن، يارن دوستارن ۽ سامعينن حاضرينن تي اثر ويهاري، پنهنجي معاش سان گڏ، علم ادب ۽ صحافت جو سڪو ڄمائي سگهي. سندس زير اثر همعصر ۽ هم جليس دوست احباب، سندس ذهانت کان متاثر ٿي، داد ڏيئي، ساڻس گڏ زندگيءَ جي سفر ۾ همرڪاب بڻجي ۽ شامل ٿي هلڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. پر پاڻ هميشه پنهنجي راز کي راز ۾ ئي رکندي، ٻين جا راز معلوم ڪري، سندن ئي راز مطابق هلڻ جي ڪوشش ڪندو هو.

قادر بخش جا راز سندس ويجها ۽ قريبي دوست ته خير، پر هتي جا ڳرگ باران ديد، عملي ۽ نظرياتي جهانديده پراڻا سياستدان به سمجهي نه سگهندا هئا. ڪي چوندا هئا ته "اشتراڪيت جو علمبردار بڻجي 'ماسڪو' کي پيغام پهچائيندڙ آهي"، ته ڪي وري ڪيس آمريڪي سي- آءِ- اي جو ايجنٽ سمجهندا هئا. ايتريقدر، جو ڪي ته وري ڪيس هر دور واري پاڪستاني حڪومت جو پيارو، راز رکڻ وارو سي آءِ ڊي جو ماڻهو تصور ڪندا رهيا. سندس اها چال چلت، رنگ ڍنگ ۽ روش، پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان گهڻو اڳ، بمبئي پريزيڊنسيءَ جي وقت کان وٺي هلندي آئي آهي. حالانڪ، سنڌ صوبو الڳ ٿيڻ وقت به سندس رويو ۽ روشون اهي ساڳيون ئي رهيون. تنهن ڪري ئي، سنڌ جا سياستدان ڪانئس چرڪندا رهندا هئا. پاڻ ايڏو ته وسوسائي ۽ سوٺي هو، جو ڪيس بروقت خبر پڻجي ويندي هئي ته حڪومت وقت، سندس خلاف، ڪيس نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، ته

اوچتو ئي اوچتو، بنان ڪنهن اطلاع جي، گهر ٽي ويندو هو. پوءِ ڪڏهن ايران جي ڏس پوندو هيس تہ ڪڏهن عراق، ۽ ڪڏهن شام ۽ تہ ڪڏهن وري لبنان ۾. مگر اڪثر طور بصري ۽ بغداد سان ڪافي وندر هيس. جنهن ماحول وارن رومانوي داستانن کي، خطن ذريعي، قريبي يارن دوستارن تائين رسائي پهچائي، ٻڌائيندو رهندو هو.

پنهنجي ساٺيهہ سنڌ کي خيرباد چئي، "هر مُلڪ ملڪ مان است ڪہ مُلڪ يدائے ماست"، وانگر، انهن ملڪن ۾ ڪيئن ويو؟ ڪٿان ويو؟ ڇو ويو؟ ۽ ڪهڙيءَ طرح ويو؟ اهي سڀ اڃا تائين معما ۽ راز آهن، جن جي ڪيس ئي خبر هوندي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ انهن رازن کي پنهنجن انتهائي ويجهن ۽ قريبي دوستن احبابن کان بہ لڪائي، راز ۾ ئي رکندو رهيو آهي. ڪڏهن بہ جذبات ۾ اچي، سچائيءَ ۽ صداقت سان، اندر جو احوال ڪنهن سان بہ نہ اوريو اٿس. هميشہ پاڻ کي لڪندو لڪائيندو ئي رهيو آهي. هن وقت بہ پاڻ، بمعہ فيمليءَ جي، لنڊن ۾ ئي آهي. بظاهر پٽي حڪومت سان سياسي ۽ نظرياتي اختلافن سبب ئي فرار ورتو هئائين. پر اها ڳالهہ سوچڻ وٺان آهي تہ فيمليءَ سان گڏ، حڪومت جي مصلحت کان سواءِ، ٻاهر ڪيئن وڃي سگهيو ٿي؟ اڪي تہ فقط پاڻ اڪيلو ئي گهر ٽيندو هو. مگر هن پيري پنهنجي فيمليءَ کي ساڻ وٺي وڃڻ ۾، ڪهڙي مصلحت ۽ ڪنهن جي مدد هيس!

روبرو جي ملاقاتن ۾، سندس ماهوار "وطن" رسالي جي نشر اشاعت وقت، جيڪو مير علي بخش خان تالپر جي مدد سان ڪڍيو هئائين، تنهن ۾ تہ جناب ذوالفقار علي پٽي سان اختلاف ئي ظاهر ڪندو رهيو. جنهن ڪري پٽي صاحب جا مير علي بخش سان اختلاف پيدا ٿيندي، چوپو ۽ چوپول ۾ آيا. انهيءَ ڪارڻ ئي مير علي احمد خان ۽ پٽي صاحب جي وچ ۾ اختلاف جو بيج پيدا ٿي پيو، جيڪو اڳتي هلي، وڏي ويجهي، وڻ ٿي ويو. جنهن سبب مير علي احمد خان تالپر بہ ملڪ بدر ٿي، ڪجهہ عرصو لنڊن ۾ رهائش پذير ٿيو- جتي سندس هم خيال ۽ هم مشرب دوست قادر بخش نظاماڻي اڳي ئي موجود هو.

لنڊن جي خرچن اخراجاتن جو پورائو ڪٿين ٿي ٿيو؟ ڪٿان ٿي ٿيو؟ ۽ ڪنهن ٿي ڪيو؟ سا خبر تہ ڪيس ئي هوندي يا وري خدا کي. مگر پٽي صاحب واري مقدمي دوران، سعيد احمد خان جي جيڪا شاهدي رڪارڊ ڪئي ويئي هئي، تنهن ۾ سعيد احمد خان اهو انڪشاف ڪيو هو تہ: "آءٌ لنڊن ۾ وڃي قادر بخش نظاماڻيءَ سان روبورو ملي آيو آهيان." هو هن سان ڇو مليو؟ ڇا لاءِ مليو؟ مليو بہ، يا نہ مليو! تنهن بابت بہ طرفين کي ئي خبر هوندي. پر اندازا ۽ گمان تہ ڪيئي ٿي سگهن ٿا.

آءٌ تہ ساٺس پيار جي حد تائين پيار ڪندو رهندو آهيان. تنهن سان گڏ هڪٻئي سان هميشہ ملندا ۽ ملاقتون بہ ڪندا ئي رهيا آهيون. پوءِ اُهي ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ تہ ڪڏهن حيدرآباد ۾ تہ ڪڏهن واري ماتليءَ ۾. پاڻ بہ مون وانگر

هميشه پيار ڪرڻ جي حد تائين پيار ئي ڪندو رهيو آهي. سندس صحبت مان، من ڪي محبت، طبيعت جي تراوت سان گڏ روح کي راحت ۽ دماغ کي فرحت بہ ملندي رهي آهي. پاڻ سدائين تندرست، توانو ۽ سگهو هئڻ جي باوجود بہ پاڻ کي نازڪڙو نفيسڙو ظاهر ڪندي، محتاط رهندي ٻئي تي پنهنجي نفاست پسند جو اثر ويهارڻ خاطر، دوائن جو محتاج رهندو هو. جيڪي اڪثر ڪري انگريزي هونديون هيون، ۽ اهي سدائين ساڻ رکندو هو.

آءٌ تہ هميشه ڪيس ٻچڙيوال محسوس ڪندي، سندس معاشي حالت ڪمزور سمجهي، پنهنجي پهچ آهر سندس مدد ئي ڪندو رهندو هيس. مگر سندس معاشي سورس ۽ وسيلا بہ ڪيترن ئي قسمن تي مشتمل هئا، سي بہ اڄا تائين معما ۽ راز ئي آهن. اُها تہ منهنجي ڪم فهمي ۽ ناتجربيڪاري ئي هئي، جو آءٌ هميشه ڪيس ضرورتمند محسوس ڪندو هيس.

منهنجي خوشنوديءَ خاطر، ڪيئي پيرا، آجيان ڪندي ۽ مهمانيون رکي، ڪائڻ پيئڻ جا انتظام ۽ اهتمام ڪيائين، جن ۾ منهنجن پسنديده لذيذ ڪاڏن سان گڏ، پيئڻ ۽ پيارڻ جو انتظام پڻ هوندو هو. جنهن ۾ بيئر ۽ وهڪسيءَ کان سواءِ، رشين اسپيشل ڊرنڪ، وودڪا، بہ شامل هوندي هئي.

پاڻ دوستن احبابن جي خدمتگذاريءَ ۾ سندن طبيعتن جي پوئواري ڪرڻ سان گڏ، گهر گرهستي هلائڻ، اولاد جي صحيح ترتبيت ۽ سندن تعليم جو خيال رکڻ، جيڪي سندس نياڻيون ئي هيون (آخر ۾ ڪيس رب تعاليٰ پٽ بہ عطا ڪيو، جنهن جو نالو "دوستين" رکيائين ۽ اُهو بہ اڄ سائس گڏ لنڊن ۾ آهي ۽ فوٽو گرافيءَ جو ڌنڌو ڪري ٿو) ۽ پنهنجن پاڻيجن کي بہ تعليم جي دولت سان مالامال ۽ علم جي روشنيءَ سان منور ڪندي، ڪين صحافت ۽ سياست ۽ سرخرو ڪري آڻڻ جي ڪوشش بہ ڪيائين ۽ آهي علم ادب پرائڻ کان پوءِ پنهنجن پيرن تي بيهي چڪا آهن، ۽ اُنهن کي ائين ايستاده ڪرڻ ۾ ئي سندس ئي مدد حاصل هئي. ڪين مختلف مختلف غير ملڪي سفارتخانن ۾ روشناس ڪرائيندو، ڪانئن مترجم جا فرائض سر انجام ڏيارينڊو، خوب پيسا ڏوڪڙ ڪين ڪمارائيندو رهيو. تنهن سان گڏ ڪين اديبن، شاعرن ۽ صحافين سان ملائي، سائن تعارف ڪرائي سندس همت وڌايائين ۽ عزت افزائي ڪرايائين. ممڪن آهي تہ ڪين، پنهنجين نياڻين سان رشتہ ازدواج ۾ منسلڪ ڪندي، ويتر وڌيڪ ويجهو ۽ قريب ڪيو هجيس، ڇاڪاڻ تہ اُهي ڇوڪرا بہ نهايت باشعور ۽ صلاحيت مند آهن.

ڇوندا آهن تہ محبت انڌي هوندي آهي. سائس منهنجي محبت اينهي حد تائين هئي، جو آءٌ ڪيس پاڻ سان گڏ بمبئيءَ ۾ وٺي ويس، جتي "گلشن" صوفيءَ جي شادي خانہ آبادي هڪڙ گهر گرهستي گهراڻي جي گهر مان ٿي رهي هئي. هونءَ تہ "گلشن" جون شاديون تہ ڪيتريون ئي ٿي چڪيون هيون، پر سندس اِها خاص شادي

هڪڙي باعزت گهر مان ٿي رهي هئي. جڏهن اسين بمبئيءَ پهتاسين، تہ اُتي دادر اسٽيشن تي، گُلن ڦُلن، گلدستن ۽ گلن جي هارن سان، حسب معمول اوترونئي آجيان ۽ استقبال ٿيو، جيترو هر پيري اڳي به ٿيندو آيو هو.

اسان جي رهڻ سَهڻ جو بندوبست زينگ بلڊنگ جي ٻن فلئٽن ۾ ٿيل هو. هڪڙي ۾ آءٌ ۽ بيگم صاحبہ، تہ ٻئي ۾ وري سڪندر ۽ ٻين سان گڏ قادر بخش نظاماڻي قيام پذير ٿيو. اُنهيءَ بلڊنگ جي سامهون وري پراڻي ٽائيپ جي پيلرن ۽ ڪائن تي مشتمل هڪڙو بَدزيب ۽ فرسوده بنگلو ٺهيل هو، جنهن ۾ فلمي دنيا جو مشهور فلمي مزاهيہ اداڪار مرزا مشرف، پنهنجي حسين جميل، خوبصورت ۽ سهڻيءَ بيگم سميت رهندو هو، جنهن جي شڪل صورت جي شهرت اڪر ڪري هوائن ۽ فضائن ۾ رقصان هوندي هئي.

مرزا مشرف ۽ سندس اهليہ به اسان جي خِدمتن چاڪرين ۽ مهمانين ۾ ڪابہ ڪمي ۽ ڪسر ڪانہ ڪئي. ساڳيءَ طرح "صوفي سَماج" ۾ فنڪارن، ڪلاڪارن ۽ سازندن موسيقارن به اسان جي وندرائڻ ۾ ڪابہ گهٽتائي نہ ڇڏي. اهڙي سحرانگيز، دلفريب ۽ خوابيده ماحول ۾ رهڻ ڪان پوءِ به، قادر بخش کي مونجهارن ۾ ڌڪيو. حالانڪہ ڪيس علمي، ادبي، انقلابي ۽ ثقافتي ماحول به ميسر هو. ڪيس انهن اُجهڻ ۽ مونجهارن ۾ اُجهيل منجهيل ۽ سوچيندي ڏسي، پڇا ڪرڻ تي، پاڻ "جوشي" صاحب سان ملڻ جو اشتياق ڏيکاريائين، جيڪو اُنهي وقت انڊين ڪميونسٽ پارٽي جو سيڪريٽري هو. گهڻيءَ ڳولا، جستجو ۽ تلاش ڪان پوءِ به، اندر گرائونڊ هئڻ سبب، سائس ملاقات نہ ٿي سگهي. پر مون ڏٺو تہ ڪيس ڪي ٻيون ئي اُجهنون هيون، جيڪي ٿوري وقت گذرڻ ڪان پوءِ معلوم به ڪري سگهيس. جيئن تہ پاڻ هميشہ هڪ معمو ۽ راز ئي رهيو آهي، تنهنڪري مون به انهن الجهڻن ۽ پريشانين کي راز ئي ڪري سانڍيو، جيڪي سندس حماقتون ئي هيون.

اُنهيءَ شاديءَ جي جملي پوگرامن کي پوري ڪرڻ ۽ جنت نُما جذيري بمبئي جي سير تفريح ڪرڻ سان گڏ، اتي وارن دوستن احبابن، اديبن شاعرن، فنڪارن، ڪلاڪارن، سازندن موسيقارن سان مجلسون محفلون ڪري، جڏهن واپس پنهنجي وطن سنڌ پهتاسين، تہ الله جا احسان مڃي، شڪرانا بجا آڻي، بمبئيءَ وارين اُنهن حماقتن کي به سوچيندو رهيس. جيڪي صيغي راز ۾ رهيون، صيغي راز ۾ آهن ۽ هميشہ صيغي راز ۾ ئي رهنديون. ڇاڪاڻ تہ هضم ڪندڙ طبيعت ۾ اڃان هاضمو آهي. حالانڪہ هد کان زياده جذباتي طبيعت هئڻ سبب اُها جذبات ۾ ئي رهڻ جي عادي آهي ۽ رهي ٿي.

اُن کان پوءِ به، قادر بخش نظاماڻيءَ سان هن دنياوي سفر ۾ ڪيئي ملاقاتون ٿينديون آيون آهن. جيڪي ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي، هر رستي، موڙ، چونڪ ۽ چوراهي تي، هڪٻئي سان محبت ڪندا آيا آهيون، ڪندا رهون ٿا ۽ تا زندگي ڪند

رهنداسين- ايستائين جيستائين زندگيءَ ۾ ۾ دم خم آهي. آءٌ مٿس اعتبار نہ ڪندي بہ اعتبار ڪري، سائس والهانہ پيار ڪريان ٿو. ڇاڪاڻ تہ تقريبا اڌ صديءَ کان، هن دنياوي سفر ۾ ساٿي بڻجي همرڪاب رهيو آهي. ۽ تنهن سان گڏ ڪيس اها بہ دعا ٿو ڏيان تہ جهڙيءَ طرح پاڻ هميشہ هڪ معمو ۽ راز رهيو آهي، تهڙيءَ ريت هميشہ معمو ۽ راز ئي رهي - ڇو تہ "مُڻ پيڙيائي پلي، جي اُپٽي تہ واءُ، پٽر پوي جا ڳالهڙي، چڏي وڃي ساءُا"

والده جو دارالفانيءَ مان ڪوچ، دارالبقا ڏانهن پرواز، ۽ ڊاڪٽر

"کہا میں نے کہ ہے ساتھی کوئی یاس و مصیبت میں،
پکارا درد دل پہلو سے اُٹھکر ہاں جناب آیا."

"تن سورن کي شاباس، جنهين مون سان گهاريو،
جيسين هيس جبل ۾، تيسين هئا مون پاس،
جڏهن پنهونءَ پار ٿياس، تہ ويچارا وري ويا."

مٿئين "قادر بخش نظاماڻي، هڪ معمو هڪ راز" واري مضمون کي پوري ڪرڻ سان گڏ، ڪيترن ئي تجربن، مشاهدن ۽ معلوماتن جي ڪڙين مڻين يادگيرين تي اچڻ سان، نہ ڄاڻ ڇو والده ماجده جي معصوم پياري شڪل صورت اڳيان اچي بيٺي ۽ اشانت من کي آجهاپو ۽ آدر اچي ويو. امڙ ڪيترين ئي لولين ۽ اولاڻن سان پُنيءَ تي خارش ڪنهندي، ٽڏڙا ڪڍي هٿ ڦيري، سمهاريندي هئي، جنڊ تي پيئل اٽي جون هنيون مانيون ۽ ڳاڙهن چانورن جي اٽي جا اُڦراتا، ٺڪر جي دانگيءَ تي پنهنجن هٿن سان پچائي، پنهجي ڏاريل مينهن جو تازو ڪير مکڻ انهن مٿان رکي، مهيءَ جو وٽو پري اڳيان آڻي، نهايت پيار سان کارائيندي پياريندي هئي. اُکريءَ مُهريءَ سان چڙيل چڪڙيل سڳڌاسي رتڙين جو پٽڙو پت رڌي، اُن ۾ تازو مکڻ ملائي، بسم الله بسم الله ڪري، کارائيندي هئي....

تنهن وقت اڪثر ڪري سيني گهرن ۾ زالون، عصر فجر جو اُٺي، جنڊ جوٽي، اٽو پيهنديون هيون. شام جو وري ساڳيون پوڙهيون پڪيون ۽ جوان زائفائون اُکرين ۾ اُن وجهي، مُهرين جي مار سان چڙي چنڊي، خشڪا چانور چاڙهينديون هيون. جنهن کي اُنهيءَ وقت جي اصطلاح موجب "پت" چئبو هو ۽ اجان تائين "پت" ئي چئجي ٿو. اُهو جنڊ تي پيئل اٽو ۽ اُکريءَ مهريءَ جو چڙيل ان ايترو تہ مٺو ۽ سٺو هوندو هو، جو اڄ ڏينهن تائين بہ اسان کي وسري نہ سگهيو آهي ۽ هر وقت ياد آهي.

تنهن وقت، اُنهيءَ دور ۾، مشين تي اٽي پيهائڻ ۽ ان چڙائڻ جو رواج ئي

ڪونہ هوندو هو، تہ مشينون بہ تمام گهٽ ۽ ڪٿي ڪٿي ۽ ورلي ورلي ٿي ڏسڻ ۾ ايندیون هيون. پر عصر جي وقت جنڊ جو چيچڙو، پيپڙو ۽ چيچڙاڻ ڪندڙ آواز، ويلي جي وحدانيت ۾ اچي، لوڪ رس پيدا ڪري، منڙي ننڊ سمهاري، الڪ جاڳائي ڇڏيندو هو. پوءِ ڪيترن ئي سيرن گهرن ۾ نوڪرياڻيون هونديون هيون تہ آيرن گهرن ۾ وري گهر ڌجاڻيون اهم ڪو سرانجام ڏيندیون هيون، ڪڏهن وري نوڪرياڻيون ۽ گهر ڌجاڻيون گڏجي، پريت پيار جي پچار ۾ اچي، پورهئي جي پورائي ڪنديون هيون. اهو وقت نهايت سادگيءَ، سچائيءَ، صداقت، ايمان ۽ خلوص محبت جو هوندو هو، جنهن ڪري وڏ ماڻهپي، ننڊ وڏائي نوڪرياڻي هر ڌجاڻي، دائيءَ ۽ ٻائيءَ جي وچ ۾ هٽ وڏائي، آڪڙ ڦون، ڦوڪ شوڪ ۽ ڪوبہ ويچو ويچار ڪونہ هوندو هو. تنهن وقت، امڙ هميشہ اهو ئي چاهيندي هئي تہ جهڙيءَ طرح سان ڪريم بخش جا لوڏڻان لوڏي،لوليون ڏيئي، سهرا ڳائي، ڪيس سمهاريان ٿي، شال اهڙيءَ ريت سندس پٽن جا پينگها لوڏي، اولاڻان اولي، لوليون ڏيئي، ڪين سمهاريان ۽ سندن خدمتون ڪريان!

جهڙيءَ طرح انسان جي هر ڪا خوشيءَ خواهش پوري نہ ٿيندي آهي، تهڙيءَ ريت امڙ بہ انهن پنهنجين دلي گهرجن، ضرورتن ۽ خواهشن کي سيني ۾ سانڍي سمائي، پوٽن پوٽين جي پيدا ٿيڻ کان هڪ ئي سال اڳي، هن جهان فانيءَ جو سفر پورو ڪري، دارالبقا ڏانهن رواني ٿي ويئي. جنهن جو ناقبل برداشت، جانڪاه صدمو، اُنهي سپوت پٽ لاءِ انتهائي شديد ۽ جان ليوا هو، جنهن کي ناز نعم سان پالي پوسي، هزارين انگل آرا ڪٽي، ولين جي مزارن تي مَنتون مڃي، ڪريم جي ڪرم نوازيءَ، الله جي رحمت سان، سرور ڪائنات فخر موجودات جون مداحون ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي رحہ جون ڪافيون ۽ وايون، منٿي، وجد آفرين، سحر انگيز، پرسوز آواز ۽ سُر سان پڙهي، سندس ڏاڏي شاه ڪريم بلڙيءَ واري رحمت الله عليہ جي آخري گادي نشين بيبي صاحبہ، پير صاحبڏني جي ڀاڻيجي، جيڪا حق بخشائي وحدت الوجودي اختيار ڪري الله، رسول ۽ قرآن سان وقت عبادت، رياضت ۽ تهجد گذاريءَ ۾ ٿي رهندي هئي، جنهن کي "ڏاڏا سائينءَ" جهڙن اکرن سان ادب احترام ڪندي مخاطب ٿيندا هئا، مون کي تحفي ور پني ورتو هئائين. انهي سندس سڪي، پني لڏل ۽ اُن کان لکين ڪروڙين آسن اميدن سان پاليل نهايل پٽ جو خود پاڻ نرم ۽ نازڪ دل ۽ طبيعت جو ازهد حساس هئڻ ضروري ۽ لازمي هو.

جنهن وقت آءٌ پرائمري اسڪول ۾ ٿيون درجو سنڌي پڙهندو هوئس، تہ اُنهي وقت بيت نما نظم "منهنجي امڙ" ياد ڪري، ڪيس خوش ڪرڻ خاطر، اچي ٻڌائيندو هيس. جنهن تي سندس چهرو گلاب جي گُل وانگر شگفتہ ٿي، ٽِڙي ڳاڙهو ٿي ويندو هو ۽ پاڻ خوش ٿي، مسڪرائيندي، دعائون ڏيندي هئي. اهو بيت نما نظم هيٺ ڏجي ٿو، جنهن جو عنوان آهي "منهنجي امڙ"

مون کي ڪنهن ٿي ڪير پياريو؟
پيار منجهان ٿي گــود ويهاريو!
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ....

ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي پيئي،
ڪنهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي؟
ڇڏي نہ مون کي ڪيڏانهن ويئي! منهنجي امڙ....

پنڌ ڪندي جي ڏکو ڪاڏم،
ڪنهن ڪٽي ٿي ڇاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان ٿي پاڪر پاتم! منهنجي امڙ ....

صبح سانجهيءَ سار لڏائين،
ڪاڏو پيتو ڪيئن ٿي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساه ڇڏيائين! منهنجي امڙ ....

تو ڪئي مون سان آهي پلاتي،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مُور نہ وسري تنهنجي چڱائي! منهنجي امڙ....

وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سُک سوين آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساه ڇڏيندس! منهنجي امڙ .....

اهو نوخيزيءَ وارو نظم، جواني ٽپي اڏرڻ بڻجي، پيران ساليءَ واري ويجهڙائي وٺڻ وارو هئس، تڏهن بہ اصرار ڪري ٻڌندي ۽ ٻڌائيندي رهندي هئي تہ "ٻچا! اهو تنهنجي نوخيزيءَ وارو نظم ئي آهي، جيڪو تون منهنجي خوشنودي حاصل ڪرڻ خاطر، ننڍي هوندي ڪان وٺي، تتلن ٻولن ۾ ٻڌائيندو هئين، جنهن کي آءٌ ٻڌي، سرشار ٿي، خوشي حاصل ڪندي هيس."

آخري مصرع، شعر ۽ بند مان اُپديش وٺي، سبق پرايم تہ "وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس، سک سوين آءٌ توکي ڏيندس". سو جڏهن آءٌ وڏي وڏو ٿيس، تہ سوين تہ ڇا پر هزارين لکين ۽ ڪروڙين آسائشون، آرام ۽ سک ڪيس ڏيندو رهيس. جنهن ماءُ پنهنجن ڪيترن ئي عزيزن قريبن، پيٽن، پائرن، پاٽيجن پائٽين، سڪين سرتين، مٽن مائٽن، ساهيڙين سنگهارن جا ڏک ڏولاوا ڏنا، ڪانئس ڪيترائي وڇڙجي ويا، گهر ڪان بي گهر ٿي دربدري حاصل ڪيائين، جنهن امڙ جي ڏک ستم، غم ۽ الم جو داستان هن "ڪيئي ڪتاب" واري پهرئين پاڳي جي ابتدائي دور ۾ لکي ٻڌائي آيو آهيان، تنهن هر ذي شعور، باحس، ستم رسيده، ڏکويل ۽ حساس طبع انسان کي

مون وانگر روئاڙي ڇڏيو هو.

هتي وري به آءٌ پنهنجي غم الم کي ورجائيندي دهرائيندي، امان ۽ ابا کي وڃائي، يتيم بڻجي، تازو امڙ جي وڇوڙي واري ناقبل برداشت لڳل ڏک کان بي قابو ٿي، پنجرن ۾ هنجن جا ڏيا جڳائي، نيٺن مان نير وهائي، اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش ڪندي ته والد صاحب جن سندم ڦوهه جوانيءَ جي ابتدا ۾، چوسالي بي حالي جي وقت، 1937ع وارن آخري مهينن ۾ وڇڙجي ويا- سندن تيمارداري ۽ خدمت گذاريءَ لاءِ سال ڏيڍ جو عرصو مليو هو، جنهن ۾ ڏاڍيون خدمتون ڪري، پنهنجو فرض جي بجا آوري ڪيم - پر امڙ ۽ اوچتو ي اوچتو، بغير ڪنهن بيماريءَ تيمارداريءَ ۽ خدمت گذاريءَ جي، بنان موڪلائڻ جي ئي، پرواز ورتو، جنهن کي منتون سماجتون ڪندي، گهڻو روڪيندي به، روڪي نه سگهيس.

ننڍي هوندي کان وٺي عشق سان ناتو جوڙي، لنئون لڳائي، ڳائڻ وڄائڻ راڳ رنگ ٻڌڻ جو ثقافتي شوق سيني ۾ سمائي، حسن جي رهنمائيءَ واري روشنيءَ ۾ سفر شروع ڪيم. جنهن لاءِ هن کان اڳ به گهڻو ڪجهه لکي آيو آهيان هتي فقط اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته اوائلي دور ڳائڻ ٻڌڻ جو شوق هو جيڪو، اڳتي وڌي، شوق جون جملي حدون ٽپي، عشق ۽ جنون تائين پهچي، ورونهه ۽ ناسور بڻجي ويو. تنهن ڪري ٻڌڻ سان گڏ، ڳائڻ به شروع ڪري ڏنم، جنهن سا اندر جي آڳ آڳلي، ٻاهر ڪڍي، پاڻ کي هلڪو ڦلڪو ۽ فرحتي محسوس ڪندو ڏنم ۽ سوچيم ته "اهي ڳائڻ وارا لنگها، ميراثي ۽ گويا ته ٻنهي تنهي پاسي فائدو ۾ ئي آهن! جيڪي اندر جون آهون ڪڍي، دانهون ڪندي، چيخن پوڪارن سا پنهنجي دلين جون باهيون به ڪڍن ٿا ته ٻئي پاسي وري پيسا ڏوڪڙ به خوب ڪمائي ٿا، ته ٽئين پاسي شهرت به ماڻين ٿا!"

مون کي پيسي ڏوڪڙ جي ته ڪابه ضرورت ڪانه هئي. آءٌ ته پاڻ سند پرورش ڪندڙ ۽ پالڻهار ئي هيس، جن ۾ هزارين ته ڇا، پر لکين ڪروڙين تقسيم ڪري چڪو هئس- سو ڳائي وڄائي ڏنم ته اندر جون آهون ۽ بره جون باهيو گهٽجن ٿيون. تنهنڪري، آءٌ به انهن لنگهن لورن ۽ ميراثين مڳٺهارن ۾، ميراثي مڳٺهار بڻجي، ڪُڏي ڪاهي پيس. پوءِ ڪڏهن هيٺ ته ڪڏهن مٿي، ڪڏهن مٿي ڪڏهن هيٺ، مگر تنهن هوندي به منهنجا منجهن اهڙا ڏنڌا ٿي پيا، جو بقول سند ئي زباني، "ريڍل ۽ رچيل رس تي، پنهنجو رس ڄمائي، اسان جو رنگ رس ڦٽائي ڇڏين ٿو، حالانڪ سُر ڪونهي، صرف گُر ۽ اکر آهي!"

مون ۾ سر ته هوئي ڪونه، فقط گر ۽ مستي هوندي هئي. سا مجلس، محفل ۽ ماحول مٿان ڇانئجي ويندي هئي. ٻيا وري انتخاب ٿيل چونڊ ڪلام هوندا هئا جن کي پنهنجي خاص اسلوب بيانيءَ سان، خالص سنڌي لوڪ انگ، ڍنگ ۽ رنگ ۾، پراڻن راڳ راڳڻين سان ناهي سجائي، سمائي بڻائي، تيز ردم تي تکي ۾ تکو

ي سان، مستيءَ سرشاريءَ ۾ مخمور بڻجي. پيش ڪندو هئس. جنهن ۾ داد ۽ واه
ه حاصل ٿيندا رهندا هئا. مون کي تہ ڪنهن داد جي ضرورت هوندي هئي، نڪا
ري واه واه جي. آءٌ تہ فقط پنهنجي دل جون پڙاسون ۽ بخار ئي ڪڍندو رهندو هئس.
ءِ اُهي چاهي پنهنجا ذاتي درٻاري رنگ هجن، خواه "سمن" جي ميلي واريون
حفلون، عيدن براتن جون مجلسون يا ڪي ٻيا رنگ روپ انوپ ۽ اڳڻ ايوان. مطلب
مقصد هوندو هو پنهنجي اندر جي آهن دانهن ۽ باهن ڪڍڻ سان گڏ، پاڻ کان، فن
فنڪار کان شائقين ۽ تماشبينن کان، انتقام ۽ ويرِ وٺڻ، جن مون کي سنگتين جي
چارن، فن ۽ فنڪارن ۾ رهندي بہ داد ڏيئي ڪڏهن بہ دل نہ وڌائي. هميشہ ائين ئي
وندا رهيا تہ "تنهنجو ٽلهو ۽ بي سرو آواز، ڳائڻ جي لائق ئي ڪونهي." اهو ئي
سبب هو، جو مون ڳائڻ لاءِ رياض نہ ڪيو. ورنہ اڄ آءٌ بہ هڪ وڏو گويو هجان ها.
لم موسيقيءَ جي چڱي ڄاڻ هئڻ ڪري، "ڳني" ۽ "گندرو" تہ اڳي ئي هيس.
ڳداريءَ جو وزن قائم ڪندي، پاڻ کي "نائيڪ" بہ چئي سگهان ٿو. پر انهن
معصرن جي اختلافن سبب، "گائيڪ" ٿي نہ سگهيس. اڄ جڏهن ڳائي ڏٺو اٿم تہ
ڏڻ کان وڌيڪ ڳائڻ ۾ مزو آيو آهي.

اهڙيءَ طرح چوٿين ذوالقعد واريءَ رات، مستي سرشاري حاصل ڪندي، اهو
ائڻ وڄائڻ وارو ثقافتي رنگ، رات جو ٻي بجي تائين برابر هلندو رهيو، جنهن ۾
ائي وڄائي، نچي پنبي، ٽڪي ٽٽي، جڏهن بستري ۾ داخل ٿيس، تہ اٽوٽ ننڊ ۾
ڏو تہ مگن مست ۽ مدهوش ٿي ويس، جو حسب معمول علي الصبح پنجين بجي ننڊ
ان بيدار ٿيڻ جي بجاءِ، ائين بجي اک کلي ۽ آءٌ بيدار ٿيس. جيئن تہ اهو شيو ڪرڻ
و ڏينهن هو، تنهن ڪري شيونگ جو سامان، ڪٽي، آرسي اڳيان رکي، اڃا شيو
ڪرڻ ويٺو ئي مس هيس، تہ جيجل کي بڙ بڙ ۽ ڪُر ڪُر ڪندي، پاڻ ڏانهن ايندي
ٺم، جيڪا منهنجي پر ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهندي شرط تنبيهہ ڪندي، اهو چوندي
هي تہ .توکي پنهنجي ڪاروبار ۽ زميندارياءَ ڏانهن ڪوبہ ڌيان ناهي. هاري ناري
نيندا ئي رهن ٿا. پر تڏهن بہ تنهنجي اک ئي نٿي کلي. تون تہ سدائين شراباً طهوراً
ڳائڻ وڄائڻ جي محفلن ۾ ايڏو تہ محو ۽ مصروف آهين، جو پنهنجي صحت ۽
درستيءَ جو بہ خيال ڪونہ اٿيئي...."

مون کي مائيءَ جا اهي اکر ڏاڍا ڏکيا لڳا. تنهن ڪري، خلاف معمول طيش
ر اچي، ڪيس چيم تہ "امان! وقت بي وقت، مصلحت انديشيءَ جو خيال نہ ڪندي،
وهان جي اها تنبيهہ، مون کي ڏاڍي ڏکي ٿي لڳي. جنهن ۾ اوهين اهو بہ نٿيون
سوچيو تہ رات جو ٽڪل ٽٽل، منجمد ۽ مخمور هوندس!" جنهن تي جواب ۾ پاڻ
رائيائين تہ "پوءِ جيڪڏهن اسان جي نصيحت توکي نٿي وٺي، تہ اجازت ڏيو تہ جيئن
سين پنهنجي وطن واپس پهچي، پنهنجو هي دنياوي سفر پورو ڪري، آخري آرامگاهہ
اصل ڪريون، جتان ڪُل مان جز بڻجي آيا هئاسين...." اها منهنجي بدنصيبي ئي

هئي، جو، خلاف توقع، مون کان بہ اوچتو اهي اکر نڪري ويا تہ "جيڪڏهن توها
جي اهائي مرضي آهي، تہ پوءِ اوهان کي اجازت ڏجي ٿي." جنهن تي پاڻ هڪد
ڪرسيءَ تان اٿندي، "خدا حافظ" چئي، پنهنجي گهر ڏانهن رواني ٿي ويئي، ۽
وري ڪيترن ئي مونجهارن ۾ پڻجي ويس.

اهي سندس اکر منهنجي لاءِ ڪي نوان ڪونہ هئا. ڪيترين ئي بيٺڪن
نشستن ۾، دنياداري ۽ ڪاروباري لهاظ کان بيزار ٿيندي، بار بار چوندي، دهرائيند
۽ ورجائيندي ئي رهندي هئي. پر آءٌ هميشہ محبت ڪندي، ٿڌي دماغ سان ڪيہ
تسليون ڏيندي، ائين چوندو رهندو هيس تہ "جيجل امڙ! تنهنجي دعائن جي، اج
اسان کي سخت ضرورت آهي. سو ايترو جلد اوهان کي ڪيئن وڃڻ ڏيندا سين!؟ وا
صاحب جو آسرو ۽ سهارو تہ ڪيترن ئي سالن کان وڃائي وينا آهيون، ٻيو هاڻ
توهين بہ مون کي يتيم سان گڏ ڇورو بہ ڪرڻ چاهيو ٿيون؟"

پر انهيءَ ڏينهن وارا اهي اکر نڃاڻ تہ ڇو سنجيدگيءَ مان نڪري، رنجيدگي
۾ اچي ويا. جنهن کان پوءِ وري ساٿس ٻيهر ڳالهائڻ جو ڪوبہ موقعو نہ مليو.
پنهنجين ئي رنگينين، رنگ رلين، مخمورين ۽ ڪاروباري مصروفيتن ۾ مصروف ٿ
ويس. اچانڪ شام جو خبر پيئي تہ ڪيس شدت جو بخار ٿيو آهي، ۽ ڊاڪٽ
مشتاق، جيڪو مون کي "بابا! بابا!" ڪري سڏيندو هو ۽ بغير ڪنهن سڏڻ جي
پنهنجون وفائون جتائڻ خاطر، اگر گهر جو ڪوبہ ماڻهو بيمار ٿيندو هو، تہ هڪد
هليو ايندو هو، ۽ پوءِ پنهنجي طرفان غلط يا صحيح نسخو تجويز ڪري، بغير ڪنه
تشخصيص جي، دوائون موڪليندو ۽ سيون هٽندو رهندو هو، سو اچي، ڪيس ڏسي
دوا درمل پياري، انجيڪشن هڻي ويو آهي.

آءٌ بيساختگيءَ ۾ بروقت گهر واري رهائشي ڪمري ۾ پهچي، ڪيس سڏ
واڪا ڪندي، ساٿس ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم. پر وٽانئس ڪوبہ جواب نہ ٻڌي
ائين سمجهندي تہ "بخار جي غنودگيءَ ۾ آهن." سندس تيمارداران ۽ خدمتگار
کان، ڊاڪٽر مشتاق جي اچڻ ۽ دوا درمل ٿيڻ جو ٻڌي، اطمينان ڪري، واپس هليہ
آيس. ڪلاڪ ڪلاڪ ۽ ٻن ٻن ڪلاڪن کان پوءِ، وٽس ويندو، طبيعت جو پڇند
رهيس. ڊاڪٽر مشتاق بہ بار بار ايندو ويندو، ڏسندو، حالات جو جائزو وٺندو
اطمينان ڏيارينندو رهيو تہ "خدا مڙيئي خير ڪندو... فڪر ۽ ڳڻتي ڪرڻ جي ڪا
ضرورت ڪانهي." سو اهڙيءَ طرح سان اها رات گذري ويئي ۽ ٻيو ڏينهن ٿيو.

آءٌ جڏهن ٻئي ڏينهن علي الصبح اتي پهتس، تہ ڪيس ساڳيءَ غنودگيءَ
ڏسي، بي چين ٿي، ڊاڪٽر گهرائي، ساٿس مشورو ڪيم، جيڪو مون کي اطمينا
ڏياري نہ سگهيو. جنهن ڪري بر وقت، سرڪاري اسپتال واري ميڊيڪل آفيس
ڊاڪٽر محبوب کي گهرائي، ڪيس سڄي ڪيفيت ٻڌائي، ساٿس مشورو ڪيم. جنه
ٻڌي، امڙ کي تپاسي، فيصلو ڪيو تہ "هي گردن ٽوڙ بخار آهي، جنهن کي گهٽائ

ي ڪوشش ڪريون ٿا. ورنہ ٻيءَ حالت ۾، ڊاڪٽر صديقيءَ کي حيدرآباد مان آڻڻو
ندو، جنهن وٽ اهڙا آلا ۽ اوزار آهن، جن جي وسيلي پُنيءَ جي ڪرنگهي واري
ڏي مان پاڻي ڪڍڻو پوندو." اهو سڄو ڏينهن به ڊاڪٽر محبوب، ڊاڪٽر مشتاق ۽
نهنجن صلاحن مشورن ۾ ئي گذري ويو. ٻيئي ڊاڪٽر حتيٰ ولوسيع ڪوششون
ڪندا رهيا. تنهن سان گڏ آءٌ به خدا کي ستائيندو ۽ ٻاڏائيندو ئي رهيس.

آخر ٽئين ڏينهن، مورخہ چهين ذوالقعد، ڊاڪٽر محبوب کي حيدرآباد
رڪلي، آلن اوزارن سميت ڊاڪٽر صديقيءَ کي گهرايم، جيڪو پنهنجي ذاتي موٽر
۾، ڊاڪٽر محبوب سان گڏ شام جو ماتليءَ پهتو. پر انهيءَ وقت، والده جو روح
سدخاڪيءَ مان پرواز ڪري، دارالبقا ڏانهن روانو ٿي چڪو هو. ڊاڪٽر نبض
سي، اوزار لڳائي، هٿ ملينداءِ مهٽيندا ئي رهجي ويا. انا الله وانا اليه راجعون.

گهر ۾ روڄ راڙو شروع ٿي ويو. ننڍا وڏا، ٻار ٻچا، زالون، مرد، ڪُڪڙ
اڪڙ، ڪتيون ڪتا، ٻليون ٻلا سڀيئي ياس زده ۽ غمگين نظر آيا، جيڪي اڪثر
ڪري سندس ئي پاليل ۽ نپايل هئا. مينهون ۽ مال به افسرده ڏٺم. سي به ڍڪون ۽
ڍڪارا ڪري رهيا هئا. ٻلن جي ٻاڪار، ڪتن جون روڙون ۽ ڪوڪارون پري پري
ائين ٿي پهتيون، لڳو ٿي جڻ انهن اهي پنهنجون ٻاڪارون مٿي آسمان تائين پهچائڻ
ي گهريون.

اهڙيءَ طرح سان، آءٌ انهيءَ پُرالم، افسرده ۽ غمزده ماحول کي اُتي ئي ڇڏي،
اڪٽرن کي الوداع ڪرڻ خاطر ٻاهر نڪتس، ۽ سندن في پڇڻ جي ضرورت محسوس
ڪيم. پاڻ اُها ئي في ٻڌايائون، جيڪا ظالم ڊاڪٽر، آپريشن ۽ چيرڦاڙ ڪرڻ وقت
سنگدليءَ جو ثبوت ڏيندي، مقرر ڪندا آهن، ورنہ اهڙيءَ حالت ۾، انهي سانحي ۽
حادثي کان پوءِ تہ رحمدانيءَ جو ثبوت ڏيندي، ڪين اها في وصول ڪرڻ ئي نہ گهرجي
ها! فقط موٽر جي پيٽرول جي تقاضا تي ئي اڪتفا ڪرڻ ڪپندي هين. پر انهن ظالم
۽ بي حس ڊاڪٽرن کي ڪهڙو احساس؟ جيڪي اميرن ۽ آفيسرن جون فيون معاف
ڪندي، ٻيو تہ خير، مگر سندن دوائن درملن جا بل به پنهنجن ئي ڪيسن مان ڏيندا،
باقي صرف غريبن، مسڪينن، محتاجن کي ئي لٽيندا ڦريندا رهندا آهن. ڪڏهن به
حساس کي اڳيان آڻي، عام انسانن تي رحم ڪرم نہ ڪيو اٿن.

آءٌ ڊاڪٽر مشتاق جو احسان مند آهيان، جنهن بغير ڪنهن لالچ ۽
خودغرضيءَ جي، خدمت چاڪري ۽ تيمارداري ڪري، پنهنجو فرض سرانجام ڏنو.
مگر قصوروار آءٌ پنهنجي سادگيءَ، بيخياليءَ ۽ ڪم فهميءَ کي ئي سمجهان ٿو،
جيڪو، ڊاڪٽر مشتاق جهڙي عطائي ڊاڪٽر تي ڀروسو ڪندي، به ڏينهن بيچين
رهندي به، غافل رهيس. ورنہ ترت صحيح علاج ٿي سگهيو ٿي. اهڙن عطائي
ڊاڪٽرن لاءِ، 1945ع ۾ لکيل طويل نظم ۾ "تنوير" نقويءَ چيو آهي تہ:

گاؤں کے ڈاکٹر! کیا کہنا!
اس سے بہتر ہے دور ہي رہنا.

اک بٹا دو حکیم خطرہ جان،
اک بٹا چار کا ٹھکانہ کہاں.

یہ معالج ہیں اسقدر ماہر،
گولی اندر ہے اور دم باہر.

باقي ٻين ڊاڪٽرن، هن ۽ هُن، تي لکڻ لاءِ تہ ڪيئي ذخيرا ذهن ۾ موجو
آهن. جيڪي خود غرض ۽ لالچي ڊاڪٽرن سان منسوب ڪري، ڪيئي لڪل را
سندن پول پڌرا ڪري سگهجن ٿا. جي ڪنهن ٻئي مضمون ۾ "ڊاڪٽر" جي عن
سان ايندا. هتي فقط "تنوير" نقويءَ واري انهي نظم جا ڪجهہ مزيد بند ۽ ش
پيش ڪجن ٿا:

ان کو نہ ہمدردي ہے نہ خوف خدا،
ان کو تو چاہئے فقط پیسا.

اور پیسا ہے جن کے پاس کہاں،
چیل کے گھونسے میں ماس کہاں.

اُنہیں بیمار کی نہیں ہے خبر،
نبض پر ہاتھہ جیب پر ہے نظر.

جہاں ان کا ہنر نہیں بکتا،
وہاں نسخہ قلم نہیں لکھتا.

کام تھا اُن کا خدمت انسان،
اور یہ لوگ مول لیکر کرتے ہیں احسان.

یہ تھے انسانیت کے خدمتگار،
ہر خزاں کے لیے تھے فصل بہار.

یہی مالي تھے اپنے گلشن کے،
ان سے مرجھائے پھول کھلنے تھے.

پر ان کو تو اپنے دام ہیں درکار،
ان کے جوتے سے مر گیا بیمار.

دام پاتے ہیں کام آتے ہیں،
صبح آتے ہیں شام آتے ہیں.

اور جن کے پاس دام نہیں،
اس لئے اُن کو ان سے کام نہیں.

اي حکیمو، معالجو آؤ،
اے طبیبو علاج فرماؤ،

آج تم کو بُلا رہے ہیں عوام،
ساری خود غرضیاں ہوئی ہیں تمام.

اب ہمیں جو بھی کام کرنا ہے،
آدمیت کے نام کرنا ہے -
المدد وقت کے میسحاؤ.

"تنوير" نقويءَ جي لکيل ڊاڪٽرن، حڪيمن، طبيبن ۽ مريضن تي اهو نظم تمام وڏو، ڊگهو ۽ طويل آهي، جنهن کي "ڊاڪٽر" جي عنوان سان مضمون لکڻ وقت، اگر ممڪن ٿي سگهيو تہ لفظ بہ لفظ، مصرع بہ مصرع، بند بہ بند ۽ شعر بہ شعر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. في الحال اتي پهچون ٿا، جتي والده ماجده جو جسد خاڪي، سوين نوحہ ڪنان ۽ گريہ زاران جي وچ ۾، پنهنجي اصلي ۽ ابدي آرامگاهہ حاصل ڪرڻ خاطر رکيل هو.

آءٌ ڊاڪٽرن کي خدا حافظ چئي، ڪين اُماٽي، سندن مُنهن مانگيون طلبون پوريون ڪري، جڏهن واپس انهي غمزده ۽ ياس آلوده ماحول ۾ پهتس، تہ ڪيترين ئي مستورات کي نهايت مٺي سُر ۾ قرآن پڙهندي ۽ تلاوت ڪندي ڏٺم. جيڪي آڙي پاڙي کان آيل، ساٿس والهانہ پيار ڪندڙ هيون. تنهن سان گڏ انهن مان ڪيترين سندس پاليل پوسيل ۽ نپايل هيون، جن کي پاڻ قرآن پڙهائي، حافظ ڪرائي، سندن خرچن اخراجاتن ۾ بہ ڪين دل کولي مدد ڏيندي هئي. اهڙا بہ ڪي يتيم ٻار ۽ بيوه عورتون روئيندي رڙيون ڪندي ڏٺيم، جن جي معاشي طور پاڻ مدد ۽ امداد ڪندي رهندي هئي. انهي شش و پنج ۾ شام ٿي ويئي. فيصلو ٿيو تہ مائيءَ کي اڄوڪي رات مهمان ڪري رکيو وڃي.

اُنهيءَ کان پوءِ، ڪيئي مرد پوڙها، جوان، سگهڙ، قاري، حافظ قرآن، مولوي ۽ مولودي اچي گڏ ٿيا. جن مان ڪي حج بيت الله جي سفر ۾ رفيق بڻجي سندس وفائن سخائن ۽ محبتن کان مرغوب هئا، تہ ڪي هتي وارن دنياوي ۽ معاشي احسانن کان متاثر هئا. سڄي رات مولوي، مولودن ۽ مداحن سان گڏ، سرور ڪائنات فخر

موجودات جن جي ثنا خوانيءَ ۾ وايون ۽ ڪافيون پڙهندا رهيا. ٻئي پاسي خواتين ۾، تلاوت ڪلام پاڪ جو دور دورو هو. اهڙيءَ طرح سان اها رات غم الم، آه زاريءَ ۽ بيقراريءَ ۾ بَسر ٿي.

علي الصبح، اها شخصيت، "موتو قبل انت موت" واري، جيڪا هن دنياوي سفر ۾ ڪيئي مرتبا مرندي جيئندي ۽ جيئندي مرندي رهي، تنهن کي هميشه هميشه لاءِ، سندس ابدي آرامگاهه تائين پهچائي، والد صاحب وانگر، "الصلوات خير من النوم" چئي، دارالبقا جون نئون سج اڀاري، هزارها ڪانڌين سان گڏ واپس پنهنجن ڪکن تي پهتا سين، تہ وري بہ ڏورن ڏڳن، مينهن ۽ مال کي ڏڏڪارون ڪندي، ٻاڪاريندي، عزيزن قريبن سان گڏ روئندي ڏٺوسين، جيڪي سندس ئي پيار جا پاليل هئا. ايتري ۾ سندس پاسي واري گهر مان وري جدا روئڻ جا اواز آيا. معلوم ٿيو تہ سندس پائيٽو جمعو بہ هن دارالفانيءَ مان ڪوچ ڪري ويو، جيڪو بہ سندس ئي هٿن جو پاليل پوسيل، زندگيءَ جي سفر جو ساٿي، بکن سکن، ڏکن ڏاکڙن، طوفانن ۽ بيابانن ۾، هميشه ساٿ ڏيندو، ساٿس ئي گڏ رهيو. امڙ مرحومہ بہ سدائين چوندي هئي تہ "پيٽن پائرن، پائيٽين پاٽيجن جو سڄو سڳر ساٿ تہ وڃائي ويٺي آهيان، پر شال جمعي جو موت خدا مون کي پنهنجي زندگيءَ ۾ نہ ڏيکاري." مائيءَ جي اها وائي سچائي ٿي. سندس وفات کان پوءِ، چند ڪلاڪن جي وقفي بعد ئي، جمعو بہ راهي عدم ٿيو، جيڪو هفتي کن کان بيمار ۽ عليل هو- ان الله وانا اليه راجعون. اها 1380هہ، مورخہ 7 ذوالقعد جو ڏينهن ۽ رات هئي. شايد سن 1960ع هو. جنهن ۾ ٻنهي پڻيءَ ۽ پائٽئي کي منهنجي بزرگ ۽ ولي الله چاچي مولوي نظر محمد نظاماڻي رحمت الله عليه جن جي مڪان ۽ مقام ۾ ابدي آرامگاهہ نصيب ٿيو، جنهن سان ڪانگن جي روپ ويس ۽ شڪل صورت ۾ لڪين ملائڪ بہ ڪانڌي بڻجي هليا هئا.

انهن ستين ذوالقعد، شاهہ 'ڪريم' بلڙيءَ واري بہ وصال جو پيالو پيتو هو، جنهن جو اڄ ڏينهن تائين ميلو عرس، قائم دائم بڻجي، لڳندو رهندو آهي. ساڳيءَ طرح سان ڏاڏا سائينءَ، شاه 'ڪريم' جن جي آخري گادي نشين بہ، انهي ستين ذوالقعد واريءَ رات ئي چوغو بدلائي، مالڪ حقيقيءَ جو وصال ورتو هو. تنهن سان گڏ والده ماجده پڻ انهيءَ ساڳئي ڏينهن ۽ رات، حقيقي حاڪماڻي کان پار پَئي، معرفت جا مرغزار اورانگهي، وڃي جز مان ڪُل بڻي. سندس عرس، شايان شان طريقي سان، اڄ ڏينهن تائين برابر باقاعدگيءَ سان ستين ذوالقعد، هر سال والد صاحب جن جي عرس وانگر ئي، ڪندو رهندو آهيان. فقط تاريخن جو فرق آهي. والد صاحب جن جو عرس هر سال پندرهين شعبان تي ٿيندو آهي، تہ والده صاحبہ جو ستين ذوالقعد تي. عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ اهوئي ڪافي آهي تہ "ڪل من عليها فان."

ڪڏهن ڳارهو گهوٽ، ڪڏهن مڙهہ مقام ۾،
واريءَ سندو ڪوٽ، اڏي اڏيندو ڪينترو" (شاهہ)

ون يونٽ، صوبائي اليڪشن ۾ ته داڻي ۽ ٽي ووٽ

مون اڪثر ڪري هر ڪنهن طبيعت کي ڏٺو آهي ته اها ريساري ئي هوندي
ي. اهو ريساوو رهڻ به هڪ فطري عمل آهي. جنهن کي نه فقط مون سان ئي
. - ڏيئي سگهجي ٿي، پر هر ذي روح جي فطرت ۽ عادت آهي. تنهن سان گڏ
ت ارادي به هڪ وڏو سرمايو آهي، مگر اُهو به قوت فيصلي سان گڏ.

هن اهم ياداشت کي عمل ۾ آڻڻ وقت، ريسارو بڻجي، ريس ڪندي، قوت
ديءَ ڪان ڪم وٺندي، قوت فيصلي تي حاوي ٿيندي، مڪمل ضابطو ۽
نٽرول حاصل ڪري، فيصلو ڪيم ته "صدر ايوب خان واري ٺاهيل بيسڪ
وڪريسيءَ ۾، گهڻو خرچ ڪري، محنت، مشقت ۽ ڪوشش سان، فقط انهيءَ لاءِ
اميابي حاصل ڪري، ميمبر بڻجي نه آيو آهيان ته رڳو ڪنهن ٻئي لاءِ استعمال
ندو، اگر مٿي ڪٿي ووٽ ڏيندو رهان، پر، اصول ۽ احساس کي مدنظر رکندي، اجا
ن به ڪيئي منزلون طيءَ ڪرڻيون آهن، جيڪي ڪرڻ کپن."

تنهن ڪري، اهو پڪو پختو ارادو ڪيم ته ايندڙ صوبائي اسيمبلي واريءَ
ندڻ ۾، جيڪا "ون يونٽ" تي مشتمل آهي، تنهن ۾ نامينيشن پيپر پري، اميدوار
هندس. اُنهي وقت جي صلاحڪارن ۽ يارن دوستارن به اهائي صلاح ڏني ته اڳيون
ڪشنون عوامي هئڻ سبب، هن موجوده بيسڪ ڊيموڪريسيءَ واريءَ اليڪشن ڪان
ر ڏکيون، پيچيده ۽ مشڪل هيون. مگر موجوده اليڪشن، جيئن ته فقط بي- ڊي
ي چونڊيل نمائندن تي مشتمل آهي، جيڪي سڄي عوام تي ورڪ ڪرڻ بجاءِ،
خصوص ۽ ٿورا آهن، انهن کي آسانيءَ سان بغير ڪنهن محنت مشقت جي حاصل
ري، پنهنجو بڻائي سگهبو- ڇاڪاڻ ته اُهي ضرور سمجهدار به هوندا.

جيئن ته گذشته بيسڪ ڊيموڪريسي اليڪشن وقت، جيڪا ماتليءَ جي پوءِ
ل چالباز نگ چوڌريءَ سان مقابلي ۾ هئي، تنهن وقت ته جيجل امڙ جو دعائون به
امل حال هيون، جيڪا هر وقت تلاوت ڪلام پاڪ سان گڏ، صلواتون پڙهي،
ائون ڏيندي رهندي هئي، ڇاڪاڻ ته ڪيس گهر واري قلعه نُما چوديواريءَ اندر اهي
رون پونديون هيون ته ڪريم بخش ڪنهن وٽ به منٽ، ميڙ ۽ ورڪ ڪرڻ خاطر
رنه ٿو وڃي، هو فقط خدا ۽ ڪريم تي ڀاڙيو ويٺو آهي ۽ چوندو رهي ٿو ته "مون
ملائڪ ووٽ ڏيندا" - تنهن وقت اهي اکر آءُ واقعي چوندو رهندو هيس. ماڻهو
ائين به چوندا رهندا هئا ته "مخالف ڏر وارا وڏا چالاڪ، چالباز ۽ عيار آهن،
. سان گڏ پيسا پاڻيءَ وانگر وهائي، خرچ ڪندي، ووٽ به خريد ڪري رهيا آهن:
ٽن وڏن ماڻهن جو ساٿ به آهي: تنهن ڪري، خدانخواسته، ڪٿي شڪست نه
ي وڃي!" اهي ڳالهيون ٻڌي، امڙ ويتر وڌيڪ پريشان حال بڻجي، قرآن ۽ صلواتون
ي، دعائون ڏيندي رهندي هئي. پر ڪريم جي ڪرم نوازيءَ، رحيم جي رحمت ۽

امڙ جي دعائن سان، انهن دوڪيبازن ۽ مڪارن کي شڪست فاش ڏيئي، ڪاميا
ٿي، سرخروئي حاصل ڪيم.

پر اڄ تہ نہ امڙ هئي ۽ نہ وري سندس دعائون. تنهن هوندي بہ سندس پاڇول
کي پاڻ سان گڏ هلندو ڏسي، دست شفقت کي پنهنجي مٿان منڊلائيندو پَسي، آسر
اُميدن کي همسفر ۽ همرڪاب ڪندي، اليڪشني ميدان ڪارزار ۾ ڪاهي پيس
جنهن جهڙي ڪارزار لاءِ ئي شايد علامہ اقبال رحہ پنهنجي شاعريءَ ۾ چيو آهي تہ

کود پڑا آتش نمرود میں عشق، عقل ہے محو تماشا لب بام ابھی،
مصلحت اندیشی سے پختہ ہوتی ہے عقل، عشق ہو مصلحت اندیش تو ہے خام بھی.

تنهن سان گڏ هِن جاءِ تي اڃان هڪڙو ٻيو شعر بہ ياد آيو اٿم، جنهن کي
هتي درج ڪرڻ مناسب سمجهان ٿو:

میں حیرت و حسرت کا مارا، دور کھڑا ہوں ساحل پر،
دریاے محبت کہتا ہے، آ! کچھہ بھی نہیں، پایاب ہیں ہم.

مٿئين شعر شاعريءَ جي ٻنڌاڪ لباڙ کان سرخروئي حاصل ڪندي، مدد ج
اميد رکي، ڪانئس روشني وٺي، نامينيشن پيپر ڀري، اڳتي وڌيس ٿيَ مس، تہ پنهنج
مقابلي ۾ ديو هيڪل شخصيتون ٻڌيم ۽ ڏٺيم، جيڪي، دولت ۽ دنياداريءَ ج
لحاظ کان، مون کان گهڻو وڌيڪ سگهيون ۽ طاقتور هيون، جن مان هڪڙيءَ ڌر ک
"مسلم ليگہ" جي ٽڪيٽ هٿ سبب حڪومت جي مدد حاصل هئي، جنهن ۾ اس
جي تڪ جا معزز اليڪشني چئمپين مير صاحبان بہ شامل هئا. ٻئي پاسي ور
سيدن، پيرن ۽ اميرن سان گڏ ڪي بي نظير بہ هئا. علماءِ ڪرام، مُلان ۽ مولوي
هميشہ ٻن ڌڙن ۽ حصن ۾ ٿي ورهايل هوندا آهن- پوءِ جيڏانهن بہ ڪين سٽيو ۽ س
ڪاڏو ملي.

هاڻي اتي آءٌ اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ حڪومت طرفان مسلم ليڳ
جو اميدوار، جنهن کي ٽنڊي محمد خان وارن مير صاحبان جي بہ مدد حاصل هئ
سو رئيس خان محمد خان نظاماڻي ٺريءَ وارو هو. ٻيو اميدوار سيد محمد سعي
شاهہ سعيدپور، ٽڪر وارو، هو، جنهن کي وري سيدن، پرن ۽ اميرن کان سواءِ،
نظيرن جي بہ مدد حاصل هئي. ٽئي پاسي آءٌ هئس، جنهن کي فقط اديبن، شاعر
راڳين، فنڪارن ۽ اداڪارن سميت، باقي فقط الله ۾ ئي اميد آسرو هو.

دوران اليڪشن، منهنجي محنت، مشقت ۽ جانفشانيءَ کي ڏسي، . .
مدمقابلن مان رئيس خان محمد خان نظاماڻي، وڏن وڏن جاگيردارن، وڏيرن
سرمائيدارن کي ساڻ ڪري، ڳوٺ "جام نواز علي" وڃي، منهنجي پياري دو
دلدار نوابزاده جام انور علي خان کي اُنڀن جا منڊ ٻڌائي. منهنجي شڪست
ڏڙڪا ڏيئي، برغلائي، سؤ کن معززين کي ساڻ ڪري، دست برداريءَ لاءِ "م

يست" ماتليءَ تي پهتو، جيڪو اڳي ئي انهيءَ طرح اليڪشن لڙڻ تي هريل هو. وران گفتگو، گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ به، جملي احباب بضد رهيا ته آءٌ هر الت ۾ دست بردار ٿيان. اها اليڪشن ٽنڊي محمد خان واري تڪ مان ٿيڻي هئي. نهن ڪري وڏيڪ اهو بهانو به بڻايائون ته "اگر توکي واقعي اليڪشن لاءِ بيهڻو هو ته ماتليءَ مان بيهين ها، جتي اسين سڀيئي تنهنجي دل جان سان مدد ڪريون ها." نهي وقت ته آءٌ خاموش رهيس، ڇاڪاڻ ته طبيعت حضور شرم هئي. تنهن ڪري سڀيئي هڪٻئي کي مبارڪون ڏيندا، ڪلندا، ها ها ڪندا، هوبو مچائيندا، پنهنجين نهنجين موٽرن ۽ جيپن ۾ سوار ٿي، واپس هليا ويا. اسين سندن منهن تڪيندا ئي هجي وياسين. انهن جي وڃڻ کان پوءِ، جڏهن ڄام انور علي خان ۽ آءٌ نوڪلائيءَ ر اڪيلا ٿياسين، ته ڄام صاحب جي پڇڻ تي مون ڪيس ٻڌايو ته "ائين نه هو، جيئن وهان جي اڳيان ڪوڙ بدوڙ ڳالهائي، دل برداشته ڪري، منهنجي هٿ ڪٽڻ خاطر، وهان کي وٺي آيا هئا. جي مون ۾ طاقت نه هجي ها ۽ آءٌ ڪمزور هجان ها، ته پوءِ ين ايترن معززين کي گڏ ڪرڻ ۽ منت سماجت ڪندي خرچ ڪرڻ جي ڪهڙي سرورت هئي؟ پر هاڻي به مون کي اهو فڪر ۽ اديشو آهي ته اهي ٻاهرين فضا ۾ جي، هوائن ۾ مون کي بدنام ڪرڻ خاطر، اهي هوايون اڏائيندا ته رئيس صاحب کي يسن ڏوڪڙن سان خريد ڪري، دست بردار ڪيو اٿئون. تنهن ڪري انهيءَ بدناميءَ ي منهن ڏيڻ لاءِ، قانوني طور دست برداري لکي ڪونه ڏيندس. باقي زورشور سان ٻلندڙ ورڪ ختم ڪري معمولي طرح انهن هوائن کي سازگار رکڻ جي ڪوشش ڪندس، ته جيئن هو منهنجي خلاف غلط بياني کان ڪم وٺي، وڏيڪ گند ڪيچڙ ڇلائي نه سگهن."

ٿوري وقت گذرڻ کان پوءِ، خبر پيئي ته جملي ووٽ بردار ميمبر صاحبان کي، نهي ڪيمپن ۾ تقسيم ڪري، لاڪپ ۽ قيد ڪيو ويو آهي. سائن ملڻ جا سمورا مڪان به ختم ٿي ويا. وري ڪجهه وقت گذرڻ کان پوءِ اها به خبر پيئي ته اميدوار ساحبان ميمبرن کي رقمن، ڏوڪڙن تي خريد ڪري، ڪانئن قرآن شريف تي هٿ ڪائي، ويساهه وٺي، سندن ضمير جي قيمت کين ادا ڪري رهيا آهن، جيڪا هڪ زار کان وٺي ڏهن هزارن تائين هئي. ايتري ۾ اُنهيءَ جلسي جي تاريخ مقرر ٿي آئي، نهن تي حڪومت جي طرفان سول جج ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ ٽنڊي محمد خان کي پرزائيڊ ڪرڻو هو، جتي جملي ميمبر صاحبان کي آڻي، تڪ جي اُميدوارن سان ملائي، سندن "مينيفيسٽو"، تقرير جي شڪل ۾، پڙتائڻو هو ته اهي پنهنجي ڪ جي بهتريءَ ۽ اصلاح لاءِ ڇا ڇا ڪرڻ چاهين ٿا ۽ اميدوار بڻجي ڇو بيٺا آهن؟

تاريخ مقرره تي، ٻين اميدوارن سان گڏ، پرزائيڊنگ آفيسر سميت، آءٌ به سٽيج تي پهتس، جنهن جي صدارت سيد صاحب سول جج ٽنڊو محمد خان ڪري هيو هو. اهو جلسو تاج سئنيما ٽنڊو محمد خان، اسٽيشن روڊ، تي ٿي رهيو هو،

جنهن کي مير صاحبان بہ بحيثيت تماشبين ڏسي ۽ ٻڌي رهيا هئا. جناب سيد محمد سعيد شاهہ تہ انهيءَ جلسي ۾ غير حاضر هو. خان محمد خان تہ ڏنڊ ڏيکاريندي کلندي مسڪرائيندي، پڳل ٽٽل اکرن ۾ تقرير ڪئي، جنهن ۾ پنهنجو ڪوبہ واضح پروگرام پيش ڪري نہ سگهيو. تنهن کان پوءِ منهنجو وارو آيو. مون پنهنجي لکيل تقرير، ڏڙلي ۽ ڏماڪي سان، بنان ڪنهن جهجهڪ، لاتحہ عمل کي مدنظر رکندي پنهنجا پروگرام پيش ڪيا. جنهن تي ڪيترائي پيرا ڪلائيميڪس تي پهچي ڪليپس وٺي، داد تحسين حاصل ڪيم. تنهن کان پوءِ سوالن جوابن جي بوچاڙ شروع ٿي جنهن ۾ بہ خان محمد خان، ميمبر صاحبن طرفان ڪيل سوالن جا اٿپورا جواب ڏيندو، پنهنجي جند چڏائيندو رهيو. پر مون نهايت بيباڪيءَ سان سندن سوالن جو جواب ڏيئي، ڪين پوريءَ طرح مطمئن ڪيو. آءٌ پنهنجي تقرير محض انهيءَ لاءِ لکي آيو هئس، تہ مسلم ليگي اُميدوار سان مقابلو هو، جنهن کي حڪومت جي پشت پناهي حاصل هئي. خيال ڪيم تہ مباده ڪٿي منهنجي زباني ڪيل تقرير کي هيرون ڦيرون ڏيئي، ٽوڙي مروڙي، قانون جي زد ۾ آڻي، ڪنهن نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪن!

آخر اها اليڪشني تاريخ بہ اڳيان آئي. پوري ٽائيم تي پول شروع ٿيو. تڪ جي جملي ميمبر صاحبن لاءِ، تعلقي آفيس ٽنڊي محمد خان ۾ هڪڙي ئي پولنگ هئي. ووٽنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ، جڏهن ووٽ شمار ڪيا ويا تہ مسلم ليگ جي حڪومت جي اُميدوار رئيس خان محمد خان نظاماڻيءَ کي ڪامياب قرار ڏيندي سيد محمد سعيد شاهہ کي ٻئي نمبر تي آڻيندي، ٽيون نمبر مون کي ڏيئي، فقط ٽي ووٽنگ پرچيون مون سان منسوب ڪيون ويون. جنهن تي منهنجي پياري ۽ عزيز دوست، رئيس حاجي غلام محمد خان نظاماڻيءَ هڪ وڏو ٺهڪ ڏيندي، هڪڙو ووٽ سندس ۽ ٻيو منهنجو ظاهر ڪندي، ٽئين ووٽ لاءِ هڪڙي وڏي گار ڏيندي چيائين تہ "اهو وري ڪنهن جو آهي؟" انهي ڏنل گار کان پوءِ سڄي پولنگ تي ٺهڪڙو مچي ويو. گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ مون محسوس ڪيو تہ اهو ٽيون ووٽ، منهنجي پياري قريبي ۽ سياسي ساٿيءَ رئيس الهہ بخش خان عرف رئيس علڻ خان نظاماڻيءَ جو هو. جنهن مير صاحبن جي گهڻي زور پرڻ جي باوجود بہ، قرآن تي هٿ رکي قسم نہ کڻندي، پاڻ کي آجو ۽ آزاد رکيو هو. جهڙيءَ طرح ماتلي ميونسپل وارن مقابلن اختلافن ۽ جهيڙن جهڻن ۾ حسب معمول ساٿي ٻڌجي سات ڏنو هئائين، تهڙيءَ طرح آخر تائين سات ڏيندورهيو هو. جنهن لاءِ اڄ سندس ٿورائتو ۽ احسان مند آهيان تنهن سان گڏ سندس ٻچڙن کي بہ دعائون ٿو ڏيان، جن ۾ سندس فرزند ارجمند اسلم خان اڄ بہ محبتن، صداقتن ۽ خدمتن ۾ موجود آهي، جيڪو ساڳيون وفائون سخائون رکي ٿو.

"ناکاميان بھی مجھکو، نہ مايوس کر سکيں،
سمجھا ديا ھے ميں نے، دل اُميدوار کو."

انهي مٿين شعر جي اُميدن آسرن تي پروسو رکندي، تغافل جو سهارو وٺي، زندگيءَ جي ٻين ٻين ياداشتن مان تجربو حاصل ڪرڻ خاطر اڳتي وڌياسين، تہ وري هيٺيان شعر ياد آيا.

مدت هوئی اُميد ميری بيٹھہ چکی تھی،
اُٹھہ اُٹھہ کے دیا تیرے تغافل نے سہار.

اک تم کہ تیرا کام تغافل ھی تغافل،
اِک ھم کہ تیری یاد سے غافل نہیں ھوتے.

صدارتي انتخاب، ڪائونسل ۽ ڪنوينشن مسلم ليگ

خيال هو تہ ون يونٽ واريءَ صوبائي اليڪشن سان گڏ، صدر ايوب واريءَ صدارتي اليڪشن کي بہ ڳنڍي ڳوتي، جوڙي ٿاهي، انهي سلسلي ۾ مسلسل آٿي چڏيان. تنهن ڪري والده ماجده جي مضمون کان پوءِ، متذڪره ٻنهي مضمونن کي ڪٿي پٽيان سلسليوار سمجهندي، لکيو اٿم. والده ماجده وارو مضمون تہ ڪيترن ي مضمونن کي اڳ منهن ڪڍيو بيٺو هو، مگر پاڻ ۾ همت، جرئت ۽ طاقت نہ سمجهي، انهي مضمون کي هٿ ۾ کڻڻ کان نٽائيندو ئي رهيس- ڇاڪاڻ تہ ڪٿي ياس، الم ۽ ڏک ۾، دل جو ڌڙڪو وڌي وڃڻ سبب، بلڊ پريشر جي زد ۾ اچي، دل برداشتہ نہ ٿي پوان، ڇو تہ اها دل جي بيماري ڪيترائي ڀيرا حملو ڪري، اسپتالن جي حوالي ڪري چڪي آهي. پر آخر پاڻ کي قابو ڪندي، طبيعت کي اطمينان ۾ ڪيندي، بهاداريءَ کان ڪم وٺي، دل تي جبر ڪري، انهي اُڻانگي ۽ ڏکيري مضمون، منهن کي ايڏيءَ آسانيءَ سان پوري ڪرڻ جي ڪابہ اُميد ڪانہ هئي، شڪر الحمدالله، الله جي مدد ۽ آسري تي، ٿاهي نباهي پورو ڪيم. مگر تنهن هوندي بہ ڪيترائي ڀيرا دل جو ڌڙڪو وڌي ويو ۽ لڙڪ لڙي آيا. جنهن کان پوءِ ون يونٽ واري صوبائي اليڪشن واري مضمون کي ختم ڪري، ان سان گڏ صدر ايوب جي صدارتي انتخاب واري مضمون کي اڳتي هلائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

هاڻي سيني ڳالهين کي منهن ڏيئي، نٽائي منهن مٽائيءَ، گهمندي ڦرندي، چون ٿا صدر ايوب واريءَ صدارتي اليڪشن جي هماهمين ۽ گهما گهمين ۾. انهيءَ اليڪشن ۾ نامينيشن پيپر ڀري، ٽي اُميدوار ميدانِ عمل ۾ آيا، جن مان هڪڙي کي لرافت ۾ آئيندي، نامينلي، سطحي ۽ معمولي سمجهندي، ٽاري وساري، باقي فقط ن اميدوارن کي هم وزن، هم طاقت، هم پلہ ۽ هم جوڙ محسوس ڪندي، برابريءَ ۾ آٿي، انهي اليڪشني طوفان کي اڳتي هلائجي ٿو، جنهن ۾ جناب محمد علي ناح صاحب جي همشيره محترمہ فاطمہ جناح ۽ صدر فيلڊ مارشل محمد ايوب خان

جي وچ ۾ مقابلو هو.جيڪو فيلڊ مارشل پاڻ انهي وقت به قائم مقام صدر هو.

حڪومت مان شڪست خورده، اوڳاريل ۽ هارايل سياستدانن، محترمه مائي فاطمه جناح سان همرڪاب ۽ شامل ڪار ٿي، مسلم ليگ کي ورهائي، اڌو اڌ ڪري، ٻن ڌڙن ۾ آڻي، ڪائونسل ۽ ڪنونشن مسلم ليگ جا نالا ڏيئي، جدا جدا ٽڪيٽ ورهائي، ميدانِ ڪارزار ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪنونشن ليگ وارا ته هونءَ ئي هلنديءَ پڇنديءَ وارا حاڪم هئا، جن جي هر اشاري تي، حڪومت جي سموري مشينري حرڪت ۾ اچيو ٿي ويئي. تنهن سان گڏ، امن سيائي اُمرا ۽ چڙهندي سج جا پُڄاري به سندس ئي حامي بڻجي مدد ۾ شامل هئا. ڪين پيسي ڏوڪڙ جي ڪمي ۽ گهٽتائي به ڪانه هئي. مون ڏٺو ته ڪنونشن مسلم ليگ جي ميمبر شپ وارن بُڪن مان رسيدون ڦاڙي، نالي خاطر ميمبر بڻائيندا، وڏا وڏا امير، نواب، زميندار ۽ جاگيردار، ميمبرشپ واري في پنهنجن ئي ڪيسن مان ڀريندا رهيا ٿي، جيڪا چار آنا في ميمبر جي حساب سان هئي.

انهن جملي نوابن، جاگيردارن ۽ زميندارن کان ڪم وٺڻ ۽ في وصول ڪرڻ ۾، جناب ذوالفقار علي ڀٽو سڀني کان پيش پيش هو، جيڪو انهي وقت پاڪستان جو وزير خارجه هو ۽ فيلڊ مارشل جنرل ايوب خان کي، پنهنجي پتا سمان سمجهي، سپوت بڻجي، ساٿس وفا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ٻئي پاسي ڪائونسل ليگ وارا، محترمه فاطمه جناح کي صدارت تي آڻڻ وارن مان خاص طور خواجه ناظم الدين، ممتاز دولتانه، مير جعفر خان جمالي پيش پيش هئا. منهنجا پيارا دوست مير برادران ته حسب معمول، هر حڪومت جي خلاف، ڪريل مخالفين جي مدد ۽ ساٿ ۾، مدد ڪندا رهندا هئا. سي ته هاڻي به، "ڪائونسل مسلم ليگ" سان نه، پر محترمه فاطمه جناح جي مدد ڪرڻ خاطر پنهنجي طبيعت کان مغلوب ٿي، ميدان ۾ اچي، مون تائين پهتا. تنهن سان گڏ ڪنواس ڪري، ڪنونس ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون ته "محترمه فاطمه جناح کي ئي ووٽ ڏيو ۽ سندس مدد ڪريو!" پر طبيعت ڪيئي دنيائي هيريون ڦيريون، طوفان طلاطم، سياسي بوقلمونيون ۽ رنگينيون ڏسي، ايڏو ته پختي ٿي چڪي هئي، جنهن کي، بقول مولانا ابوالڪلام 'آزاد' "توڙي سگهجي ٿو، مگر موڙي نٿو سگهجي"- حالانڪ مير علي احمد خان تالپر سان ته ڪيئي سياسي سماجي، علمي ۽ ادبي وابستگيون رهيون آهن. تنهن ڪري ضمير کي بالائي طاق رکندي، اصول کي پاسيرو ڪندي، سندس هر حڪم تي لبيڪ چوندو رهيو آهيان. پر هميشه ڪرندڙ پاسي جو سهارو بڻجڻ جي بجاءِ، اُلٽو پاڻ ئي بي سهارا ٿي ويندا هئاسين- بقول ڪنهن شاعر ته:

"هم تو ڈوبے هيں صنم، تم کو بهی لے ڈوبينگے."

مير صاحب مير علي احمد خان فقط هڪڙي پيري، ون يونٽ واري وقت،

ڪٽر خان صاحب جي وزارت اعليٰ ۾، وزير ڪاڏ خوراڪ بڻيو هو. پر ڏيهه تان ڪار لاهي نه سگهيو. منهنجون اڪثر و بيشتر سائس ملاقاتون ٿينديون رهنديون ٿيون، جن مان ڪوئيٽا واريءَ ملاقات کي خاص اهميت حاصل آهي. جڏهن آءٌ پنهنجي وڏيءَ دختر نيڪ اختر شاه بانوءَ جي ٽي بي گلٽندس يعني ٽڙيءَ جي ڳوڙهن جي آپريشن ڪرائڻ خاطر، وڏيءَ بيگم سميت ڪوئيٽا پهتل هيس، جتي سيزنل ڳلو مسواڙ تي حاصل ڪري رهيل هئاسين. اتي سول اسپتال جي سول سرجن، ڪٽر دراني، آپريشن ڪيو، جيڪو الله جي ڪرم سان ڪامياب ويو. اسپتا وارو سپيشل سنوٽ، جيڪو آپريشن دوران رزرود ٿيل هو، تنهن کي ڊاڪٽر جي اجازت ملڻ کان پوءِ چڏي، پنهنجي سيزنل مسواڙي بنگلي تي پهتاسين، ته مير علي احمد خان جي خبر پيئي، جيڪو دوري تي اتي آيل هو ۽ ڪوئيٽا ريزيڊنسيءَ ۾ قيام پذير هو.

سائس ملڻ لاءِ، جنهن وقت آءٌ ريزيڊنسيءَ پهتس ته اتي بلوچ ۽ پٺاڻ سياسي ليڊرن ۽ ورڪرن جو، ڪافي تعداد ۾ جهمڳٽو ڏٺم، جن ۾ مير جعفر خان جمالي به چئي رهيو هو ته "هن ريزيڊنسيءَ جي مٿان، انگريزن جي دور حڪومت ۾، پڪي ڪڻ کي به اڏامڻ جي اجازت ڪانه هوندي هئي. پر اڄ انهيءَ جاءِ تي، اسان جون محفلون، مجلسون ۽ رس رهاڻيون لڳيون پيون آهن!" اهي سڀيئي ليڊران قوم مير صاحب جا انتظاري هئا.

خاص ملازمن ۽ اسٽاف کان معلوم ٿيو ته "مير صاحب جن اڄان پنهنجي مخصوص ڪمري ۾ آرامي آهن." انهي وقت صبح جو نوين سادي نوين جو ٽائيم هو. جيئن ته منهنجي سائس ڪافي گهري حجت هئي، تنهن ڪري انهيءَ حجت سان ٿي وڃي، سندس مخصوص ڪمري وٽ پهچي، ٺڪ ٺڪ ڪيم، جنهن تي پاڻ به اهو سمجهندي ۽ محسوس ڪندي ته ڪو حجتي ئي هوندو، نالو پڇندي، "هليا اچو" چئي، دروازو کولڻ جي اجازت ڏنائين. دروازي ٽڪلڻ ۽ اندر داخل ٿيڻ وقت ڏٺم ته پلنگ تي قسمين قسمين جا ٽي چار وڳا پيل هئا، جن کي ڏسندو سوچي رهيو هو ته 'ڪهڙا ڪپڙا پايان؟" ڇاڪاڻ ته مون وانگر، قوت ارادي ته تمام گهڻي اٿس، پر قوت فيصلہ گهٽ هئڻ سبب، ڪو فيصلو ئي نٿي ڪري سگهيو.

مونکي ڏسندي شرط، پاڻ هڪدم ڪرسيءَ تان ٽپ ڏيئي، اُٿي، ڀاڪر پائي، ملي، خوش خيرعافيت پڇندي، اصرار ڪيائين ته "ڪوئيٽا ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟" مون مٿيون آپريشن وارو سڄو سربستو حال ٻڌايومانس. تنهن سان گڏ ائين پڻ ٻڌايومانس ته "هيٺ ريزيڊنسيءَ ۾ ڪيترا ئي بلوچ ۽ پٺاڻ سردار توهان جو انتظار ڪري رهيا آهن!" پاڻ اهو ٻڌندي ئي، وري به ڪپڙن تي هڪ سرسري نگاهه وڌائين. مون سندس مونجهارو ۽ مشڪل سمجهي، ڪيس ڪاڏيءَ وارن ڪپڙن پائڻ جو مشورو ڏنو، جنهن کي قبول ڪندي، باٿ روم وڃي، جلدي جلدي وهنجي سهنجي، غسل ڪري، ڪپڙا پائي، مون کي ساڻ وٺي ڊرائينگ هال ۾ پهچي، بلوچ ۽ پٺاڻ سردارن

سان ملي، انهي شخص جو تعارف بہ ورتائين، جنهن کي سفارش خاطر پاڻ سان گ
سائس ملائڻ لاءِ وٺي ويو هئس، جيڪو ڪوئيٽا واري انهي سول اسپتال ۾ ڊيوٽ
سرجن هو ۽ ايم- بي- بي- ايس تائين تعليم حاصل ڪيل هئس، مگر مزيد تعلي
خاطر ولايت وڃي، ايف آر سي ايس ڪري، وڌيڪ ڊگريون حاصل ڪرڻ چاهيائين ٿي.

انهي پٺاڻ ڊاڪٽر جو نالو مسٽر ممتاز هو، جنهن آپريشن دوران اسان ج
بيحد خدمت چاڪري ڪئي هئي. تنهن ڪري مون چاهيو ٿي تہ ڪا مدد ڪري
معاوضو ڏيئي، سندس احسان لاهي سگهان. جنهن لاءِ مير صاحب کي عرض
ڪيوسين. پاڻ قبول ڪندي، مڪمل ايڊريس وٺي، واعدو ڪيائين تہ "لاهور پهچ
کان پوءِ، واسطيدار وزير سان رابطو پيدا ڪري، هر ممڪن مدد ڪرڻ جي ڪوشش
ڪندس. اوهان اطمينان ۽ خاطري ڪندا."

تنهن کان پوءِ، مير صاحب سان صبح شام ملاقاتون ٿيندين رهيون. جن
دوستن جون ڪيئي دعوتون پڻ گڏجي ڪاڏيونسين، جن مان سردار سلطان احم
چانڊئي جي دعوت کي خاص اهميت حاصل آهي. جيڪا سلطان احمد پنهنجي با
واري بنگي ۾ رکي هئي. جنهن کان پوءِ برساتن پوڻ جي ڪري مواصلاتي رابط
درهم برهم ٿيندي، بلڪل ختم ٿي ويو هو. ڪاروباري نقطي نگاهہ سان، مو
اڪيلي کي جلد سنڌ پهچڻو هو، حالانڪ فيلميءَ کي اجا بہ ٻہ اڍائي مهي
تندرستيءَ ۽ صحت خاطر ڪوئيٽا ۾ ئي رهڻو هو. تنهن ڪري وري ٻيهر بہ مي
صاحب سان رابطو قائم ڪندي، ڪيس عرض ڪيم تہ "مون کي بہ پنهنجي ننڍڙ
چارٽرڊ اسپيشل هوائي جهاز ۾، سنڌ پڄائيندا"، جيڪا ڳالهہ پاڻ بخوشي قبو
ڪيائين. پر پوءِ، وڃڻ وقت، بغير ڪنهن پروگرام ٻڌائڻ ۽ بنان ڪنهن اطلاع جي
مون کي اُتي ئي ڇڏي، پاڻ روانو ٿي ويو. آءٌ مجبورا مواصلاتي نظام درست ٿي
تائين اُتي ئي رهي پيس. هفتي کن کان پوءِ ڀڄندو، پاڻ تي برساتون وسائيندو، ڏاڍي
تڪيلفن ۽ مشڪلاتن سان سنڌ پهتس. پر، مون کي ڪانئس ڪابہ شڪايت ناهي
نہ وري هئڻ ئي گهرجي. ڇاڪاڻ تہ انسان ڪڏهن ڪڏهن خود فراموش بہ ٿي ويند
آهي. پوءِ جيڪڏهن ڪنهن ٻئي کي فراموش ڪيائين تہ ڪا وڏي ۽ تعجب خيز ڳالهہ
ناهي. تنهن کان سواءِ ٻڌڻ ۾ آيو تہ پاڻ ڪراچيءَ جي بجاءِ لاهور روانو ٿي ويو هو
ممڪن هجي تہ سندس حاڪم اعليٰ جا ڪيس کي اهڙا حڪم احڪام پهتا هجن
ڇاڪاڻ تہ ويچارا اهي وزير، ٻهراڙيءَ وارن جي اصطلاح، "بزير" ۽ ڪجهہ شستہ
صحيح ٻوليءَ ۾ "بدگير" ۽ "بزرگير" ٿي هوندا آهن، جن کي حاڪم اعليٰ جي ه
حڪم تي لبيڪ چوٽي ئي پوندي آهي. پوءِ چاهي اها سندن طبيعت مطابق هجم
چاهي مخالف، چاهي صحيح هجي چاهي غلط! پر، ڪين پنهنجي وزيريءَ هلائڻ خاطر
بدگيري ڪرڻي ئي پوندي اهي. مگر آءٌ سمجهان ٿو تہ مير صاحب انهن بي اصول
بي ضمير وزيرن، بزيرن، بدگيرن، بزگيرن ۽ پتگيرن مان هرگز ٿي نٿو سگهي، ڇاڪا

تہ پاڻ علم ادب جي دولت سان مالا مال هئڻ سان گڏ اصول ۽ ضمير رکي ٿو.

ذڪر هليو پئي ڪنونشن ۽ ڪائونسل مسلم ليگ جي صدارتي اُميداور فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، ۽ محترمہ فاطمہ جناح جو، تہ ڦرندا گهرندا وڃي ڪوئيٽا پهتاسين. هاڻي وري بہ واري ڦيري ڪندي، اچجي ٿو ساڳئي مضمون تي تہ مير صاحب جن هميشه ڪرندڙ پاسي جا همدرد ۽ مددگار هوندا هئا. سندن اها ڪسرنفسي چئجي يا ذره نوازي، پر آءٌ سمجهان ٿو تہ هنن، دنياداريءَ جي لحاظ ڪان حاڪم وقت جي جيءَ حضوريءَ ۽ چڙهندڙ سج جي پوڄا ڪرڻ پنهنجي لاءِ عيب ۽ بي عزتي محسوس ڪندي، ڪريل کي چاڙهي، احسانن سان مرغوب بڻائي، پنهنجي حڪم تي هلائي، تُرڪ، اهتما، ڪروفر ۽ اوچي ڳاٽ سان، اقتدار حاصل ڪرڻ چاهيو ٿي، پوءِ اُنهيءَ کي ضمير ۽ خودداريءَ جا ڪيئي پوش، پردا ۽ تهہ چاڙهي سگهجن ٿا.

جنهن وقت مير صاحب جن ورڪ ۾ ڪنواس ڪرڻ خاطر مون وٽ آيا، تہ اُنهي وقت تائين آءٌ ڪنهن بہ فيصلي تي پهتل ڪونہ هئس. سندس آدرياءُ ۽ خدمگتاريءَ سان گڏ، سعادتمندي ظاهر ڪرڻ بعد بہ، حضور شرميءَ ۾ ئي رهيس. نہ پاڻ ئي ڪو زور ڀريندي فيصلو ڪرڻ بعد بہ، حضور شرميءَ ۾ ئي رهيس. نہ پاڻ ئي ڪو زور ڀريندي فيصلو ورتائون ۽ نہ وري آءٌ ئي ڪو جذبات ۾ اچي فيصلو ڪري سگهيس. پاڻ مون کي هميشه وانگر پنهنجو سمجهي، واپس روانا ٿي ويا.

ٻنهي پاسن جو ورڪ زور شور سان هلندو رهيو. جنهن ۾ ٻيا بہ ڪيئي پيارا دوست ٻنهي طرفن کان ورڪ خاطر ايندا ويندا رهيا، آءٌ سوچيندي سوچيندي، آخر انهيءَ منزل تي پهتس تہ هڪڙي پاسي سڙيل سڪڙي هڏن جي مُٺ عمر رسيده پوڙهي خاتون آهي، جيڪا ڪنهن بہ وقت هن فاني دنيا مان الوداع ڪري سگهي ٿي، جنهن کان پوءِ وري ٻيءَ اليڪشن جا سانباها ڪرڻا پوندا، تنهن کان سواءِ هيءَ ڪمزور، نحيف ۽ ناتوان، حڪومت جو هيڏو سارو بوج بہ ڪيئن کڻي سگهندي؟ تنهن ڪري وري بہ اُنهن ئي شڪست خورده سياستدانن جي محتاج بڻجي، حڪومت هلائيندي، جن کي وقت جي رفتار، هڪٻئي کان الڳ ٿلڳ، بي نياز، بيگانہ ۽ جداگانہ ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ نازڪ، نحيف، بيمار ۽ ڪمزور خاتونءَ کي، انهيءَ لاءِ اميدوار بيهاريو اٿن تہ جيئن مرحوم محمدعلي جناح جي همشيره آهي ۽ جناح صاحب سان ملڪ ۽ ملت والهانہ پيار ڪري ٿي!

ٻئي پاسي وري نهايت هٿوڪٽو، تندرست ۽ توانو ايوب خان پٽاڻ هو، جنهن 1958ع کان وٺي، چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر بڻجي، ڪيئي سال حڪومت هلائي، ۽ پنهنجي بل بوتي، ول پاور، طاقت ۽ ذهانت سان من ماني ڪري، فليڊ مارشل بڻجي، ۽ ٻيسڪ ڊيموڪريسيءَ جا قاعدا قانون ناهي جوڙي، عارضي آئين بڻائي، نئون قانون ڏيئي چونڊون ڪرايون، وزارتون ناهيون ۽ ملڪ هلايو.

انسان آدم جي اولاد هئڻ جي حيثيت ۾، خاطي ۽ خطاوار آهي. سزاوار به ٿي سگهي ٿو. پر تنهن هوندي به ايوب خان پنهنجي دور حڪومت نهايت مدبريءَ، مفڪريءَ ۽ سنجيدگيءَ سان ڪيئي ڪارناما سرانجام ڏيندي، داخلہ ۽ خارجہ کي هموار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جيئن تہ ازل کان ئي اختلاف ۽ اتفاق، هڪ ٻئي سان لازم ۽ ملزوم ٿي، پاڻ ۾ مقابلو ڪندا هليا هلندا اچن، اهڙيءَ طرح سان، حڪومتون به پنهنجي اقتدار اعليٰ کي بچائڻ خاطر، پاڻ کي صحيح ۽ مخالفت کي غلط سمجهنديون، جبر ۽ تشدد ڪنديون رهيون آهن. تنهن کان سواءِ، بين الاقوامي حالتن کي سوچجو تہ جيڪي به حڪومتون برسراقتدار آيون آهن ۽ ايندڙيون رهن ٿيون، تن جا گورنر ۽ گورنر جنرل، وزير ۽ وزير اعليٰ، صدر ۽ نائب صدر به حڪومت هلائڻ ۾ پاڻ کي صحيح سمجهنديون، محض پنهنجي اقتدار اعليٰ کي برقرار رکڻ خاطر، ظلم ستم ۽ جبر تشدد ڪندا آيا آهن. جنهن ۾، ڪن کي صليب، ڪن کي تختي دار تہ ڪن لاءِ وري ڪربلائون قائم ڪندا رهيا آهن. پوءِ ڪڏهن ڪهڙن تہ ڪڏهن وري ڪهڙن نالن سان. مگر اهي زيد ۽ بقر، جڏهن به ڪنهن اقتدار واريءَ ڪرسيءَ تي ويٺا، تہ اُنهيءَ کي ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ جي هرگز نہ ڪيائون. پوءِ "فقير چٽ يا تنبو چٽ"، حاڪم چٽ يا حڪومت چٽ" ملڪ چٽ يا ملت چٽ! پر اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ ملڪ ۽ ملت سهسين ۽ اڻ ڳڻت ۽ ناقابل تلافي نقصان سهندي به قائم رهندا آيا آهن، البتہ حاڪم ۽ حڪومتون بدلبون رهيون آهن، بدلبيون رهن ٿيون ۽ بدلبيون ئي رهنديون.

تنهن ڪري مون به گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ ايوب خان کي آزمايل ڄاڻندي ٻجهندي ۽ سمجهندي، ڪيس ئي ووٽ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تہ مبادا ڪا ٻي متبادل ايندڙ حڪومت نڄاڻ تہ ڪهڙا ڪهڙا انقلاب آڻي، ريوليوشن پيدا ڪري، ملڪ ۽ قوم لاءِ نت نوان مسئلا، مشڪلاتون ۽ ظلم تشدد جي بازار گرم ڪندي، ويتر وڌ تباهہ ڪن ۽ نقصانڪار ثابت ٿئي! ڇاڪاڻ تہ ملڪ ۽ قوم انقلاب اچڻ جي وقت کان وٺي، تمام گهڻو ڪجهہ سُٽو ۽ برداشت ڪيو اهي. هاڻي منجهس وڌيڪ قوت برداشت نہ رهي آهي. پر تنهن هوندي به قوم نهايت ڊيڍ ۽ بيحس بڻجي، اڃان به گهڻو ڪجهہ سهندي ۽ برداشت ڪندي رهي ٿي- جنهن لاءِ الله جي در ٻاڏائيندي، هي هيٺيون شعر پيش ڪريان ٿو، جنهن جي انفراديت کي اجتماعيت ۾ آڻي، سوچڻ ۽ سمجهڻ گهرجي.

"جواني کے گرم لمحون پہ، ڈالدے گيسوؤن کا سايہ،
يہ دوپهر کچهہ تو معتدل هو، تمامِ ماحول جل رها هے."

ايوب خان، جام، پارٽي ۽ پڪڙ ڏڪڙ

گذريل صدارتي اليڪشن سان پيوست ڪري، ڳنڍي ڳوپي، اُن سان ملندڙ جلندڙ موضوع هتي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو، جنهن ۾ صدر ايوب خان، ڪاميابڻجي، محترمه فاطمه جناح کي شڪست ڏني هئي، جنهن جي خوشيءَ ۾ نوابزداده جام صادق علي خان، نهايت پرتڪلف ۽ وڏي پيماني تي شاندار ڊنر رکندي، ثقافتي رنگ رچائي، محفل مچائي، سنڌ جي سڀني معززين، ليڊران قوم، دوستن احبابن، ورڪرن ۽ آفيسرن کي مدعو ڪيو هو، جن ۾ آءٌ به شامل هئس. اُنهيءَ دعوت سان گڏ مون لاءِ اهي به حڪم احڪام هنا ته جيترا به تتر حاصل ڪري سگهان، سي موڪلي ڏيان. گهڻيءَ ڪوشش جي باوجود، فقط ڇهه تتر حاصل ٿي سگهيا، جيڪي منهن ڦڪو ڪندي، پنهنجي ڪمزوريءَ جو اهو تاثر ڏيندي، موڪلي ڏنم ته "ڇهه ماڻهو ته انهن ڇهن تترن تي سرچي ۽ پرچي سگهن ٿا!" حالانڪ ٻين ڊشز سان گڏ، اڌ تتر فِي ماڻهوءَ جو حساب رکندي، ٻارهن ماڻهو بخوشي سرچي سگهيا ٿي.

آءٌ به مقرر تاريخ تي، پنهنجي موٽرڙي ۾ سوار ٿي، پنهجن مخصوص فنڪارن سميت اُتي پهتس، ته نوابزاده جام انور علي خان نهايت خوش ٿيندي، گرمجوشيءَ سان وڏا وڏا پاڪر پائيندي، ملي، آجيان ڪندي، سندس موٽر واريءَ ڊگيءَ مان سپيئي هٿيار پنهوار منهنجي موٽر جي ڊگيءَ ۾ منتقل ڪيا، جنهن ۾ ڪيئي رواولور، رائيفلون، ٽامي گنون ۽ بندوقون هيون. پاڻ سندس موٽر، پنهنجن ٻين خاندني موٽرن سان گڏ، ڀڄ ڊڪ ۽ ڪم ڪار جي حوالي ڪندي، واپس مون سان گڏ منهنجي موٽر ۾ اچي ويٺو. آءٌ ڊرائيور جي حيثيت ۾، سندس هر حڪم جي تعميل ڪندو رهيس.

آخر شام جو مهمانن جي آمدرفت جو سلسلو شروع ٿي ويو. پاڻ ۽ صادق علي خان، ٻين دوستن سان گڏ، آيل مهمانن کي خوش آمديدڙ چوندا، سندن مرحبا ڪندا رهيا. تنهن ڪان پوءِ، ڪين شاميانن واري اُنهيءَ حصي ۾ ويهاريندا رهيا، جيڪو گلمن، غاليچن، صوفه سيٽن، هوائي پنکن، جهالرن، ٽيوب لائيٽن، بجليءَ جي قمقمن، مرڪيوري بلبن، روشنيءَ جي مينارن ۽ ڦوهارن سان مزين ٿيل، سينگاريل ۽ سجايل هو. انهن ئي شاميانن جو ٻيو حصو به ساڳيءَ طرح اليڪٽرڪ ڊيڪوريشن سان سينگاريل پاڪاريل، سجيل سجايل ۽ ڊيڪوريٽ ڪيل هو، جنهن کي فقط ڪاڏي ڪائڻ وارين ٽيبلن ۽ ڪرسين سان سيٽ ڪري، ڊائننگ هال جي حيثيت ڏيئي، ٻئي حصي واري سٽنگ هال يا ڊرائينگ هال وانگر، هزارين ماڻهن جي نشست جو اهتمام ۽ انتظام ڪيل هو.

ٿوري ئي وقت اندر، معزز مهمانن سان نشست گاه وارو سڄو شاميانو ڪچاڪچ ڀرجي ويو. صدر محترمه، ايوب خان، جي آمد تي جيڪا استقباليه ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي، تنهن ۾ پير سائين پاڳاري، سندس ننڍي ڀاءُ نادر شه، قاضي فضل

الله ۽ ڪمشنر مسرورالحسن سان گڏ مون کي به خاص طور بيهاريو ويو. مگر آءٌ ڄامر صادق علي خان کي اهو چئي انهيءَ لائين مان نڪري ويس ته "مون کي ايوب خان سان خصوصي طور اڪيلائيءَ ۽ تخليي ۾ ملايو وڃي!" جيڪا ڳالهه ڄامر صادق علي خان قبول ڪئي. پر آءٌ ته ڪيس هميشه، سندس نالي جي نسبت جو خيال رکندي، ائين ئي چوندو آيو آهيان ته "شال خدا تو کي صادق ڪري!" ڇاڪاڻ ته اڪثري ڪري، پاڻ هميشه هوائي رهيو آهي. ڪڏهن به نه ڪيس پنهنجين ذميدارين جو احساس ئي هوندو ۽ نه وري ڪا فرض جي بجا آوري ئي قبول ڪيائين. پر تنهن هوندي به مون جهڙن ساده لوح، بي لوث ۽ مخلص کي مٿس اعتبار ڪرڻو ئي پوندو هو. تنهنڪري ساڳيءَ طرح اڄ به مٿس اعتبار ڪندي، ملاقاتي اُميدوارن جي لسٽ ۾ نالو داخل ڪرائي، انتظار ۾ ئي رهيس.

ٿوريءَ دير کان پوءِ، پائلٽ گارڊن وارين موٽر سائيڪلن جي وچ ۾ صدر ايوب خان جي سواري نمودار ٿي. موٽر مان لهندي شرط، پنهنجن مرحبائي معززين سان هٿ ملائيندي، ڄامر صادق علي خان جي معيت ۽ راهنمائيءَ ۾، جملي ميمبر صاحبن سان گڏ بنگلي اندر داخل ٿي ويو، آئون وري انهن جملي صاحبن جو پري کان منهن ئي تڪيندو رهيس. ايتري ۾، نوابزاده ڄامر انور علي خان سڪتو ٽوڙي، اچانڪ اچي، مون کي پاڻ سان گڏ وٺي، شاميانيءَ منجهه آيو، جتي هڪڙي بهترين ۽ موزون لوڪيشن ۾، نهايت پرڪشش، خوبصورت، پرآسائش، جديد ترين، نرم، نازڪ ۽ نفيس ڪوچ تي ويهاريائين، جتي منهنجون مُتلاشي نگاهون سڄي ماحول جو سرسري جائزو وٺندي، سردار رئيس احمد خان راڄپر جي نظرن سان دوچار ٿيون، جيڪو، هڪ نهايت نفيس نازڪ، سهڻو، حسين، خوبصورت ۽ فيشنيبل چشمون پايو ويٺو هو. مون کيس پهريون ئي پيرو چشمون پاتل ڏسي، ڪوچ تان ٽپ ڏيئي، اٿي، وٽس پهچي، ٻنهي هٿن سان سندس منهن تان چشمون لاهي، مخاطب ٿيندي، چيو ته "تنهنجين اکڙين جي سهڻائي ۽ خوبصورتي انهيءَ چشمي کان وڌيڪ پرڪشش ۽ حسين لڳي ٿي." جنهن تي پاڻ خنده پيشانيءَ تي حسب معمول سحرانگيز مسڪراهٽون آئيندو مسڪرائيندو ئي رهيو. منهنجي ڪيل اِنهيءَ حجت تي ڪوبه اعتراض نه ڪيائين. ايتري ۾ سندس پويان ويٺل محترم قاضي محمد اڪبر ۽ سنس ياءُ قاضي "عابد" تي نظر پيئي، جي صاحب پڻ منهنجين عجيب غريب حرڪات سڪنات کي ڏسندي، سهر آفرين دلنشين مسڪراهٽون ڏيندا، مسڪرائي رهيا هئا. ڪين ڏسي، مون کي به اخلاقي طور وٽن وڃي ساٿن ملڻو پيو. جنهن تي پاڻ به ٽپ ڏيئي اُٿي بيٺا ۽ وڏا وڏا ڀاڪر پائي مليا. خوش خيرغافيت پُڇڻ کان پوءِ، قاضي محمد اڪبر، مون کي هڪڙي پاسي وٺي، نهايت معصومانه انداز ۾، پيشاب (make water) جي بهاني، بنگلي جي اندر وڃڻ جي آرزو ۽ تمنا ظاهر ڪندي، ڄامر صادق علي خان لاءِ سفارش طلب ڪئي ته جيئن ڪيس بنگلي اندر وٺي وڃي.

چوندا آهن تہ "تاڙني والي قيامت کي نظر رکتي هين" - اهڙيءَ طرح آءٌ بہ سندس انهي خواهش کي پرکي پروڙي، سمجهي ويس تہ پاڻ، ميڪ واٽر جي بهاني، ڄامر صادق علي خان سان گڏ وڃي، صدر ايوب خان سان ملڻ جي راہ هموار ڪرڻ چاهيائين ٿي. آءٌ اهو سڀڪجهہ محسوس ڪندي بہ، سندس اها مراد پوري ڪرڻ خاطر، ڪيس صادق علي خان سان ملائي، قربتن، محبتن ۽ حجتن سان مٿس حڪم هلائي، ساٿس گڏ بنگلي ڏانهن روانو ڪري، پاڻ وري موٽر گهاٽ پهچي، هڪبئي مٿان سڪاچ وهسڪيءَ جا بہ گهرا ۽ گهاٽا پيگ چاڙهي، پاڻ سان گڏ آندل فنڪارن سان، جن ۾ اسحاق ڪارو مڱٿهار ڳائڻو ۽ بچو مڱٿهار پڪوازي قابل ذڪر هئا، رهاڻ رس ڪري، واپس پنهنجي نشست تي پهتس.

جڏهن آءٌ واپس سرشاريءَ واري موڊ ۾ جهولندو جهومندو، شامياني اندر داخل ٿيس، تہ سامعين، حاضرين ۽ مختلف دوستن سان گڏ سردار رئيس احمد خان راڄپر ۽ قاضي عبدالمجيد "عابد"، مون کي غور سان ڏسندا ۽ تبسم آميز مسڪراهٽن سان مسڪرائيندا رهيا. ائين پئي معلوم ٿيو، جڻ تہ ڪين مون تي رشڪ اچي رهيو هو. آءٌ بہ سندن اهي دليائيندڙ من موهيندڙ دل آويز مسڪراهٽون محسوس ڪندي، جڏهن وٽن پهتس، تہ پاڻ بہ اڪين اڪين ۾ انهي ورتل سرشاريءَ جا پيغام پهچائڻ لڳا. ايتريقدر جو آخر ۾ واتان بہ ورجايائون تہ "انهي ڪيف و نشاط ۽ سرشاريءَ مخموريءَ ۾ اسان جو بہ ڪو حصو پتي آهي يا نہ؟ مون سندن ها ۾ ها ملائيندي، ڪين اُتان اُتڻ جو اشارو ڪيو. رئيس احمد خان تہ ماحول کان متاثر ٿيندي، اُتي ئي ويٺو رهيو. مگر قاضي "عابد" همت ڪندي، مردانہ وار، مون سان گڏجي، موٽر تائين پهتو، جنهن کي اڃ ميڪدہ طور استعمال ڪري رهيو هئس.

مون سان گڏ اسڪاچ وهسڪيءَ جا بہ ٽي گهرا گهاٽا پارسي پيگ چاڙهي، واپس دعوتي شاميانن ۾ وڃڻ جي سگهہ ۽ ست نہ ساريندي، قاضي "عابد" راہِ فرار اختيار ڪرڻ جا گس، گهاٽ ۽ پيچرا ڳولڻ لڳو. اچانڪ سندس نگاہ سامهون ويندڙ هڪ ڊرائيور تي پيئي، جيڪو پير غلام رسول شاہ جيلانيءَ جو ڊرائيور هو. ڪيس سڏي، موٽر جو پڇيائين. جنهن آڱر سان هڪ طرف اشارو ڪندي ڏيکاريس. پاڻ ڪيترائي آهانا بهانا ٻڌائي، زوردار لفظن ۽ اصرار ڪندي، رخصت وٺي، موڪلائي، اُنهي پير صاحب واريءَ موٽر ۾ سوار ٿي، اُتان روانو ٿي ويو. آءٌ بہ جيئن ڪيس روانو ڪري واپس شاميانن ۾ پهتس، تہ اُتي هوبي، غوغا ۽ شور شر ۾ دعوتين کي ماني کائڻ وارن "ڊرائننگ شاميانن" ڏانهن ويندي ڏٺم، جتي اها بہ خبر پيئي تہ ايوب خان پنهنجي مانيءَ واري ٽيبل تي پهچي چڪو آهي. مون افسرده، مايوسانہ ۽ رنجيده خاطر بڻجي، جذباتي انداز ۾ صادق علي خان کان پڇيو تہ "ايوب خان سان منهنجي ملاقات ڇو ۽ ڇا لاءِ نہ ڪرائيئي؟ ثقافتي رنگ بہ ڇو نہ شروع ٿيو؟" تہ پاڻ تمسخرانہ ۽ شرير مسڪراهٽن سان جواب ڏنائين تہ "ثقافتي رنگ

ختم ٿي ويو. توهان کي سائس ملائڻ جو ڪوبہ موقعو حاصل ڪري ئي
سگهيس." سندس اِنهي خلاف طبع جواب تي ڪاوڙ تہ ڏاڍي لڳي، پر هض
ڪندي، ويچارين نگاهن سان سندس منهن ئي تڪيندو رهيس. حالانڪ اگر پا
چاهي ها تہ اڃان بہ ڪيئي موقعا ملاقات ڪرائڻ جا ٿي سگهيا ٿي، ۽ ثقافتي رنگ
بہ رهيل هو.

ڄام صادق علي خان، منهنجي بيباڪ ۽ اڻ موٽ طبيعت ڏسندي، صد
ايوب خان سان محض انهي لاءِ نہ ملايو تہ متان ڪي خلاف طبع سندن خانداني جا
جلا ۽ سخائن جا داستان ڇيڙي، فيلڊ مارشل کي مرعوب ڪرڻ جي ڪوشش
ڪريان، جنهن ۾ حق، صداقت ۽ بي نيازي هوندي بہ، اُها ڳالهہ هُن جي طبيعت ج
خلاف ٿي سمجهيائين. چاهيائين ٿي تہ پاڻ وانگر چمپو، چمچا ۽ جي حضوري ئي ه
سان ملندا رهن، نہ ڪي آن بان، باهمت ۽ باغيرت، جيڪي هن کي صحيح صحيح
سچ چئي سگهن. مون ڏٺو تہ ڪيئي جي حضوريا اُتي ايندا ويندا پيگ پاڻي پيئند
رهيا. باقي فقط مون جهڙن با اُصولن، باضميرن ۽ بيباڪن لاءِ ئي، اُتي ڪا جاءِ نہ هئي.

آءٌ پڻ مردگيءَ، ويچارگيءَ ۽ حيرانگيءَ جي عالم ۾، شامياني واريءَ ڪنار
کي ٽيڪ ڏيو، بيٺو، سڄي ماحول جو طائرانہ معائنو ڪندو رهيس. نيٺ قطعي
آخري طور حتمي فيصلو ڪيم تہ اسان جي ئي نيشن ۽ ملڪ جو صدر آهي، اسا
جن ئي ووٽن تي صدارت جي ڪرسي حاصل ڪئي اٿس ۽ اسان جي ئي قوم ج
فرد هئڻ جي حيثيت ۾ هن سان خود تعارفي خلاف تهذيب ناهي. تنهنڪري ڪنه
موقعي جي تلاش ۾ رهيس تہ ڪهڙيءَ ريت سائس ملاقات ڪريان! ڇاڪاڻ
منهنجا عزيز دوست، يار آغيار مون کي ماني ڪائڻ وارين ٽيبلن تي ويهڻ جو آڇون
پيشڪشون ڪندا، چوطرف نظرون ڊوڙائيندا ڏسندا رهيا! خاص ڪري منهنجو پيار
يار دلدار ڄام انورعلي خان ميزبانيءَ جا فرائض اسرانجام ڏيندي، دوستن احباب
سان چرچا پوڳ، بذلہ سنجيون ۽ خوشگپيون ڪندي، ور ور ڏيو، بار بار مون ڏانهہ
ئي نهاريندو مسڪرائيندو رهيو. پر آءٌ بہ عزم جو پڪو، پنهنجي ڪيل ارادي تي اٽ
رهندي، ڪمان مان نڪتل تيز رفتار تير ۽ راڪيٽ وانگر هوا ٻڌجي، صدر ايوب خا
جي مٿان بجليءَ وانگر ڪڙڪي پهتس ۽ سندس اهو ليٽر ڪيس هٿ ۾ ڏنم، جيڪ
ووٽ حاصل ڪرڻ ڪان پوءِ، شڪريي جو لکيو هئائين. پاڻ اهو ليٽر وٺندي، حيرت
زدگيءَ جي عالم ۾ چرڪ پري، ڪرسيءَ تان ڪرندي، بجاءِ ليٽر پڙهڻ جي دانهہ
ڪندي، چائين تہ "اري بهائي! تجهہ ڪيا چاهيئہ؟" جنهن تي مون بہ نهايت عجلت
تڪڙو تڪڙو فلبديہ هيٺيون شعر نهايت جذباتي ۽ زوردار لهجي ۾ پڙهيو تہ:

چمن اپنا، چمن کے پهول اپنے، باغبان اپنا،
دلِ خوش دل مگر رنجيده کيون هے، سوچنا هوگا.

ايتري ۾ وٽ وٺان تي ويٺي. آءٌ بہ جذبات ۾ اچي پاڳل وار چتو تي پيس

ڪتو چتو ٿئي تہ ماڻهو ڀڄائي ڇڏي، پر جي ماڻهو چتو ٿئي تہ شهر ئي خالي، آءٌ انهن وٽ وڃان وارن کي ڏکيندو، اُڇلائيندو، پنهنجي جان آزاد ڪرائيندو رهيس، جن مان ڪي ڄاتل سڃاتل هئا تہ ڪن کي ڄاڻي سڃاڻي ئي نہ سگهيس. تہ ايتري ۾ ڄام صادق علي خان کي بيساخته ڊوڙندي ايندو ڏٺم، جنهن کي بہ اکيون پوري چيم تہ "خبردار، جو منهنجي ويجهو آيو اهين! اها سڄي تنهنجي ئي شرارت اهي!!" هو ويچارو دم بخود بڻجي، حيرت سان تڪيندو پوئتي هٽي ويو. سندس پويان وري منهنجو پيارو دل وارو، دلبر دوست، يار وفادار، فرشتو بڻجي، نمودار ٿيو. سو بہ متحير ٿي، مون کي ڀاڪر پائي، وڙهندڙن کان منهنجي جند ڇڏائي، پاڻ سان گڏ ٻئي شاميانيءَ ۾ وٺي آيو. مون بہ ڪيس "بابو!" چئي، ساٿس ڪنهن بہ قسم جو تڪرار ۽ انڪار نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ پاڻ هميشہ مون کي پنهنجو برگزيده بزرگ ۽ قابل احترام هستي سمجهندي، دل جي گهرائين سان پيار ڪندو هو ۽ منهنجي رڳ و پٺي ۾ سمائجي، پرکي ۽ پروڙي چڪو هو، جنهن لاءِ صادق علي خان جهڙي سطحي ۽ مٺاڇري طبيعت رکڻ وارن کي صديون ۽ سال گهرجن. پر تنهن هوندي بہ آءٌ ڄام صادق علي خان جو ٿورائتو ۽ شڪرگذار آهيان، جنهن واهر پَلي. تنهن سان گڏ منهنجو پيارڙو دلدارڙو نوابزاده ڄام انور علي خان، شال خدا ڪيس هميشہ شاد آباد رکي، مون کي انهن پيڙين بگهڙن کان بچائي، بنگلي ۾ وٺي آيو.

شاميانن ۾ آيل دعوتين حيران ٿيندي افسوس ڪيو، تہ ڪيترا وري مون کي ئي بي موقعي ۽ قصوروار بڻائيندا رهيا. ڪيترن نڊر، بيباڪ، دلير ۽ بهادر چوندي، داد ڏنا، تہ ڪيترن ئي وري بي قصور ۽ بي ڏوهي چئي، خوداعتماديءَ ۾ آئيند، انهيءَ تعارف کي جائز ۽ حق بجانب سمجهيو، پر هڪڙو قدبت جو بندرو بونو، چئن فوٽن جو چئمپين، جنهن کي صدر صاحب جو سڪيورٽي آفيسر ڪري ڪوٺيو ٿي ويو، سو اسان جي پٺيان پٺيان، جيڏانهن بہ وياسين ٿي، ايندو ۽ ائين ئي چوندو رهيو تہ "اس وڏيره کو نڪالو! ڄام صاحب!! اس وڏيري کو يهان سي نڪالو" - جنهن تي ڄام انورعلي خان ڪيس چيو تہ "بهئي تم جا ڪر ڪهانا ڪهالو، يہ وڏيرا نهين بلڪہ همارا بزرگ هي! يہ اب وهان پر نهين آئيگا." پر تڏهن بہ اهو چار فوٽ قد، صدر صاحب جو سيڪيورٽي آفيسر، ائين ئي چوندو رهيو تہ "جب تک يہ وڏيرا يهان سي نهين جائيگا، مين ڪهانا هرگز نهين ڪهاؤن گا." تہ ايتري ۾ صادق علي خان بہ بنگلي اندر پهچي ويو، ۽ انورعليءَ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. تنهن کان پوءِ انور علي خان مون کي منهنجي موٽر تائين وٺي آيو. جنهن ۾ پاڻ بہ مون سان گڏ بنگلي کان تقريبا بہ فر لانگ ڪن بنگلي کان پري، گدوبندر ڏانهن ويندڙ رستي مٿان ريلوي ڪراسنگ پل وٽ موٽر مان هيٺ لهي، ائين چوندي تہ "وقتي سلامتي اِنهيءَ ۾ ئي آهي،" پاڻ پيدل پنهنجي بنگلي ڏانهن روانو ٿي ويو.

آءٌ موٽر هلندي، جامن مٺان جام ٺاهيندو چاڙهيندو، صدر ۾ پنهنجي

رهائشي جڳهه تي پهتس، جتي به اهو ساڳيو جام ۽ مينا، مستي، مخموري ۽ سرشاريءَ وارو سلسلو جاري ۽ ساري رهيو. تان جو وڃي رات جا به لڳا. ايتري ۾ رات جو انهيءَ بيڳاه وقت، هيٺان رستي تان سڏ ٻڌي، دريءَ مان هيٺ جهاتي پائي ڏٺم ته منهنجو پيارو جام انور علي خان ٿي هو، جنهن منهنجي بيچينيءَ ۽ انتظار کي رفع دفع ڪندي ٻڌايو:

"سڀ معاملو درست ۽ خير ٿي ويو آهي. اوهين ڪنهن به قسم جو ڪو خيال نه ڪندي آرام ڪريو،" انهيءَ اطمينان ڏيارڻ کان پوءِ، منهنجي موٽر واريءَ ڊگيءَ مان، سندس رکايل سيٽي هٿيار پنهوار ڪڍائي، پنهنجي موٽر ۾ رکائي. واپس روانو ٿي ويو. آءٌ وري به اُنهيءَ ساڳيءَ مٺي نوشيءَ ۾ مشغول ٿي ويس. تنهن هوندي به ذهن ۾ ڪيئي وسوسا ۽ خلفشار ايندا ويندا رهيا. نڇاڻ ته ڪهڙي وقت اک لڳي ۽ آءٌ ننڊ ديويءَ جي آغوش ۾ هليو ويس. بيدار ٿي ڏٺم ته ڏينهن جا ڏهه لڳي چڪا هئا. اهڙيءَ طرح سان، صدر ايوب خان واريءَ انهيءَ پارٽيءَ جو اهو حادثاتي ڊرامون ۽ فيچر، هَلا گُلا، وٽ پڪڙ ۽ پڪڙ ڏڪڙ ۾ پورو ٿيو-

نہ تڑپنے کی اجازت ہے نہ فریاد کی ہے - گھٹ کے مرجاؤں یہ مرضی مرے صیاد کی ہے.

بيماري، تيمارداري، انتظاري ۽ بيقراري

صدر ايوب جي ڏهن سالن جي "ڊڪيڊ آف ڊولپمينٽ" (جنهن کي عوام طرفان "ڊڪيڊ آف ڊڪيڊنس" سڏيو ٿي ويو) کان پوءِ، ملڪ جي عوامي دور جي اليڪشني وقت، جنهن ۾ پارٽيءَ جا ليڊر، ورڪر، ڪارڪن، محسن عوام جي قيادت ۾ طوفان برپا ڪري، نيشنلزم، اخوت ۽ مساوات جو پيغام گهر گهر پهچائي رهيا هئا، ته اوچتو، ڪثرت مَٺي نوشي ۽ سگريٽ نوشيءَ سبب، دل جو شديد دورو پيو، جنهن ۾ ماتليءَ جا ڪيئي حڪيم طبيب، ڊاڪٽر ۽ عطائي، منهنجي غشيءَ، غنودگيءَ ۽ بيهوشيءَ ۾ تيمارداريءَ جا فرائض سرانجام ڏيندا رهيا. هوش ۾ اچڻ کان پوءِ ڏٺم ته ڊاڪٽر ڇمن، جنهن کي آءٌ "لڪشمڻ" ڪري سڏيندو هوس ته هو وري مون کي "بابا" ڪري چوندو هو، سو نهايت رنجيده، سنجيده، مغمور ۽ افسرده ڏسڻ ۾ آيو. پر تنهن هوندي به هو "بابا" چوندو، تسلائون ڏيندو، خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. رات ڏينهن هڪ ڪندي، منهنجي علاج ۾ وس آهر ڪابه ڪمي ۽ گهٽتائي باقي نه ڇڏيائين.

هونءَ ته ننڍا ننڍا دورا 1965ع کان وٺي پوندا رهندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته اهڙي به حالت ٿيو ٿي ويئي، جو گهر وارا نراس ۽ نا اُميد ٿي، وڃايل سمجهي، روئڻ پٽڻ لڳي ويندا هئا. جڏهن اوچتو منهنجي اک کلندي هئي ۽ عالم بيهوشيءَ مان بيدار ٿيندي، ڪانئن اصرار ڪندي، پڇندو هيس، ته ٻڌائيندي چوندا هئا ته "اسين ته توهان مان سڀ آسرا اميدون لاهي ويٺا هئاسين، پر خدا توهان کي وري واپس ورايو اهي."

مگر هي دورو انتهائي شديد قسم جو هو. ٻيا ڊاڪٽر ته خير، پر منهنجو ڊاڪٽر "لڪشمڻ" ٻه مايوس ٿجي، مون مان قطعي طور آسرو لاهيو وينو هو. مگر تنهن هوندي ٻه هو پنهنجون ننڍون ۽ آرام ڦٽائي، منهنجي خدمت چاڪري ڪندو رهيو. پنهنجي تجربي، چاڻ ۽ ڪئاليفڪيشن مطابق ڪابه ڪسر باقي نه ڇڏيائين. پاڻ ايم. بي. بي. ايس هئڻ سان گڏوگڏ چوڏهن پندرهن سالن جو تجربو پڻ رکيائين ٿي، جنهن ۾ سرڪاري ملازمت سان گڏ، پنهنجيون ذاتي خانگي اسپتالون پڻ هلائيندو رهيو.

ڊاڪٽر "لڪشمڻ" مسلسل هفتو ڪن علاج ڪرڻ کان پوءِ ڪجهه آفاقو ڏسي، وڏيڪ صلاح مشوري، ڪنسلٽيشن ۽ معائني خاطر، هارٽ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر ڪريم عباسيءَ وٽ وٺي ويو، جنهن اليڪٽرو ڪارڊيو گرام مشين تي چڪاس ڪرائي، نسخو ۽ علاج تجويز ڪيو، جنهن جي پورائيءَ لاءِ ڊاڪٽر لڪشمڻ ڪم ڪندو رهيو. پر بيماري انتهائي شديد هئي. جهڙيءَ طرح هر مريض ائين چاهيندو آهي ته جلد شفاياب ٿيان، تنهن ڪري منهنجا مٽ مائٽ، عزيز اقارب ۽ گهٽڪهرا، ڊاڪٽر شيخ نورالدين سان صلاح مشوري جي ترغيب ڏيندي، وري ٻيهر حيدرآباد وٺي ويا. جيڪو نظاماڻي قوم جو فيملي ڊاڪٽر هو. مٿس سڄيءَ قوم کي يقين ڪامل ۽ اعتماد هو، جيڪو اڄان تائين برقرار آهي. اُنهي ٻه، ڊاڪٽر ڪريم عباسيءَ وارو نسخو ۽ سندس طرفان ڏنل هارٽ رپورٽ ڏسي، تجويز ڪيل نسخي کي قائم رکندي، ڪجهه وري پنهنجي طرفان طاقت جا انجيڪشن ۽ دوائون پڻ تجويز ڪيون.

آءٌ اُهي دوائون ۽ نسخو حاصل ڪري، پنهنجن عزيزن اقاربن سان گڏ واپس ماتليءَ پهتس. محض ايتريءَ ڳالهه تان، مون کي "بابا" کري سڏيندڙ ڊاڪٽر لڪشمڻ، ٻُرو منائيندي، ڪاوڙجي پيو، ايتري قدر جو انجيڪشن لڳائڻ کان ٻه نابري ڪري ڇڏيائين. فقط ائين ئي چوندو رهيو ته "ڇا، ڊاڪٽر نورو مون کان وڏيڪ ۽ ڪو وڏو ڄاڻو ڊاڪٽر آهي، جو منهنجي ڪنسلٽيشن ۽ صلاح مشوري کان سواءِ توهان کي اوڏانهن وٺي ويا آهن!" اهو ٻه ڪونه سوچيائين ته "مرده بدست زنده" هوندو آهي. هر بيمارُ تيمارداران جو ئي محتاج رهندي، فقط اهوئي چاهيندو آهي ته جلد شفاياب ٿيان. پر منهنجي انهيءَ پياري ڀڙي ڊاڪٽر "لڪشمڻ" منهنجي انهيءَ مجبوريءَ کي نه سوچيندي، علاج ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. تنهنڪري ماتليءَ جا ٻيا ٻيا مختلف ڊاڪٽر گهرائيندو، ڪانئن انجيڪشن لڳارائيندو رهيس، جن ۾ ڊاڪٽر عبدالحق نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر جيلاني قابل ذڪر هئا، جيڪي ٻيئي ڄڻا ڪئاليفائيڊ ايم. بي. بي. ايس ڊاڪٽر هئا.

ڊاڪٽر نورالدين، ڊاڪٽر ڪريم عباسيءَ جي نسخي وارن ڏنل ٽيوبن جو اڌ ڊوز ڪيو. وڏي ٽيوب کي گهٽائي، اُن جي هاف ڊوز وارو ننڍو ٽيوب رکيو هئائين. محض انهيءَ لاءِ ته وڏي ۽ فل ٽيوب وارو انجيڪشن لڳڻ سان، سڄي بدن ۾ بجليءَ

جهڙو ڪرنٽ پيدا ٿي ٿي پيو، جنهن تڪليف ٿي ڏني. ڊاڪٽر لڪشمڻ بہ، انهي تڪليف جو سبب ۽ ڪارڻ نہ سمجهندي، اُنهيءَ جو متبادل نہ سوچي سگهيو هو ؛ ائين ئي چوندو رهيو هو تہ "اهو فقط دوا جو ئي اثر آهي."

ڊاڪٽر نورالدين جي علاج مان بہ ڪو فائدو نہ ڏسندي، ڪرنل رضويءَ کا علاج ڪرائڻ خاطر، ڪراچيءَ وڃڻ جي تياري ڪري حيدرآباد پهتس، جيڪو هار اسپيشلسٽ هئڻ سان گڏ هڪ نهايت مشهور ڊاڪٽر هو. ايتري قدر، جو جناب جي ايم- سيد بہ، دل جي دوري جو علاج، هميشہ ڪانئس ئي ڪرائيندو آهي. آ حيدرآباد پهچي، پنهنجن مٽ مائٽن، عزيزن قريبن ۽ رشتيدارن جي مشورن مطابق ڊاڪٽر نورالدين وٽ محض اهو ٻڌائڻ خاطر پهتس تہ "آءٌ پنهنجي علاج خاط ڪراچيءَ وڃي رهيو آهيان! جنهن اهو ٻڌي، منهنجي انهيءَ پروگرام سان اتفاق ؛ ڪندي، چيو تہ "توهان اگر هفتو ڏيڍ هتي حيدرآباد ۾ رهي سگهو تہ انشاالله آ توهان کي بلڪل تندرست ۽ توانو بڻائي ڇڏيندس. باقي جيڪڏهن هرويرو ڪراچي وڃڻ ضروري سمجهو ٿا تہ مون کي ڪوبہ اعتراض ناهي. بهرحال اگر هتي رهندا ؛ مون کي يقين ڪامل آهي اوهان بلڪل تندرست ٿي ويندا."

آءٌ سندس انهيءَ مشوري تي اعتبار ۽ عمل ڪندي، سندس ئي صلاح مشوري ۽ انتظام تحت، بليئر ڪلينڪ ۾ اسپيشل روم حاصل ڪري، رهڻ لڳس تنهن وقت هٿن پيرن تي سوڄ چڙهي چڪي هئي ۽ بدن جون هڏيائون نڪري آيو هيون. پر الله جي رحم ڪرم سان اٿ ڏينهن ڪن اُتي رهڻ سبب پاڻ کي ڪجهہ تواڻ ۽ طاقتور محسوس ڪرڻ لڳس. انهي خدمتگاريءَ ۽ تيمارداريءَ ۾، وڏي بيگ صاحب، جنهن کي هرڪو ننڍو وڏو "جيجي" چئي مخاطب ٿيندو آهي، شامل حال هئي.

ڊاڪٽر جي اجازت ملڻ کان پوءِ، واپس ماتليءَ پهچي، پنهنجي پياري پڇڙ ڊاڪٽر "لڪشمڻ" کي پرچائي، سندس ئي صلاح مشوري سان علاج جاري سار رکيم. اهو اُهوئي دور هو، جنهن وقت جنرل يحيٰ عوامي اليڪشون ڪرائي رهيو ه ۽ پيپلزپارٽيءَ جو مڪمل عروج هو. تنهن سان گڏ جناب ذوالفقار علي ڀٽو هڪ ٿ وقت، پنجن تڪن مان اميدوار بيئل هو. جن مان چئن تڪن- لاهور، لاڙڪاڻي، نٿ ۽ بدين- مان، شاندار ڪاميابي حاصل ڪيائين. باقي فقط صوبي سرحد ۾ مفت محمود واري آبائي تڪ، دير اسماعيلي خان، مان شڪست کاڌائين.

اُنهيءَ وقت "بدين" ضلعو، جنهن کي "حيدرآباد" ضلعي مان سياسي نظريات خاطر دونيم ڪري، عالم وجود ۾ آندو ويو هو، جنهن جي ورڪ جو نگرا اعليٰ، ٻين رفيقن، ڪارڪنن ۽ ورڪن سان گڏ، مير رسول بخش خان تالپر هو جيڪو پاڻ ايندي ويندي، منهنجي رهائش گاهہ "ماءِ نيست" کي "درگاهہ" چئي دعائون گهرندو رهندو هو- تنهن وقت آءٌ باعث علالت ٻيو وڌيڪ تہ ڪجهہ ڪر ڪونہ ٿي سگهيس، پر ڪين دعائون ڏيندي، ائين چوندو رهيس تہ "جناب ذوالفقارعل

ي سان، سندس والد سر شاهنواز پٽيءَ، سندس پائرن امداد پٽي ۽ سڪندر پٽي
سبب واسطا ۽ تعلقات آهن- تنهن سان گڏ، ساٿس به هڪ به ملاقات ٿيل اهي،
نهن ۾ خاص طور ڄام ڳوٺ يعني ڊريم وليج (Dream Village) واري رنگين محفل
ڪيس به بخوبي ياد هوندي- تنهنڪري ڪيس مون سان ضرور ملائيندا." پر مير
سول بخش خان هيمشه "ها ها" ڪندي، آسرا ڏيندو رهيو. تان جو اليڪشني دور
تم ٿي، ڪاميابيون ڪامرانيون حاصل ڪري، عنان حڪومت پنهنجن هٿن ۾
نيائون، پر، ايام بيماريءَ دوران، ساٿس ڪابه ملاقات نه ٿي سگهي. برسراقتدار
ٽ ڪان پوءِ، مير رسول بخش خان مشير اعليٰ بڻيو، جيڪو ڪجهه وقت ڪان پوءِ
ي گورنر ٿيو. پٽي پاسي جناب ذوالفقار علي پٽو، چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر
ان گڏ صدر پڻ بڻجي ويو. تنهن ڪان پوءِ، فقط پنهنجي آبائي لاڙڪاڻي واري سيٽ
قرار رکندي، باقي ٻين ٽن سيٽن تان استعيفا ڏيئي، پنهنجن ٻين ساٿي اُميدوارن کي
ن "پنهنجن" تڪن ۾ بيهاري، ڪين ڪاميابيءَ سان همڪنار ڪيائين.
اسان جي بدين واري تڪ مان خالي ٿيل جاءِ تي، مير علي احمد خان، پارٽي
يدار بڻجي، ميدان تي آيو. جتي، دوران اليڪشن، "ماءِ نيسٽ" ۾ ئي قيام پذير
و. آءٌ اُنهيءَ وقت بيماريءَ مان ٿورو گهڻو صحتياب ٿي، طاقت نه هوندي به هڪ به
برا ورڪ لاءِ تڪ ۾ ساٿس گڏجي ويس. پر پوءِ پاڻ احساس ڪندي، مون کي وري
ڪليف نه ڏنائين، ۽ ڪامياب بڻجي، فتحيابي حاصل ڪيائين. اُنهيءَ وقت ائين به
وندو رهيو ته "ملڪ اجان تائين تتو پيو آهي، يعني ته پيپلز پارٽي اُميدوارن لاءِ
ڪ، ملت ۽ عوام ۾ اجان تائين بيحد، بي انتها چاهت ۽ محبت قائم آهي."
آخر ۾ وري مير صاحب پاڻ ئي جناب ذوالفقار علي پٽي واري مارشل لا
سان اتفاق نه ڪندي، باوجود مرڪزي اسيمبليءَ ۾ چونڊجي وڃڻ ڪان پوءِ به،
تلاف ۾ رهندي، لنڊن روانو ٿي ويو ۽ ڪافي عرصو اتي قيام ڪيائين. ۽ نيٺ هلا
لا ۽ افراتفريءَ جي وقت واپس ملڪ موٽي آيو، ۽ جنهن "مارشل لا" واري اڪر
ان سندس اختلاف هو، اڄ وري ساڳئي اُنهيءَ "مارشل لا" ۾ وزير دفاع بڻجي،
ڪ جي مختلف مختلف شهرن، قصبن، ڳوٺن، ديهاتن جا دورا ڪندي، مون وٽ
اتليءَ پهچي، مير رسول بخش خان واريءَ ڪمزوريءَ ۽ ڪوتاهيءَ وارو ازالو ۽
رائو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين، جو هو گورنر هئڻ جي حيثيت ۾، پروٽوڪول جي
، اوٽ ۽ آڙ وٺي، ريسٽ هائوس ماتليءَ ۾ رهندي به، مون تائين ڪونه پهتو هو، پر
ن ڪان پڇندو رهيو ته "ڇا؟ رئيس صاحب جن موجود آهن؟" جنهن تي ڪن ماڻهن
بس ٻڌايو ته "جي ها!" پاڻ وري ورجائيندي پڇيائين ٿي ته "پوءِ اسان سان ملڻ لاءِ
رنه آيو آهي؟" اهو ٻڌي، اُتي ڪي سڄ چوڻ وارا اهڙا به موجود هئا، جن ڪيئن
جت ڪندي چيو ته "سرڪار! رئيس صاحب جن ته ڪڏهن به انهي ريسٽ هائوس ۾
آيا آهن. تنهن سان گڏ اهو به ممڪن آهي ته شايد هن ڪان اڳ ڪڏهن ڏٺو به نه

هجين. پر اوهان اُها درگاهه ڪيئن وساري ڇڏي، جتان ايندي ويندي، 'درگاهه' چئ
دعائون وٺندا هئا؟"

حقيقتاً ڏٺو وڃي ته اُنهيءَ وقت هو اسان جو دوست مير رسول بخش
تالپر نه ٿي آيو هو، پر سرڪار ما باپ گورنر بهادر بڻجي آيو هو. تنهنڪري سند
ڪنهن 'ٽٽيءَ ٽامٽيءَ' تي ڪا نظر ڪٽي ٿي پيئي! اهڙيءَ طرح سان، سندس انه
گورنري دور جو هڪڙو ٻيو واقعو به هن ڪتاب جي پهريئين ڀاڱي ۾، پير علي
راشدي ۽ يوسف هارون جي اليڪشن واري مضمون ۾ لکي آيو آهيان، جيڪو ڪار
ڪرام جي نظرن کان خراج تحسين حاصل ڪري چڪو هوندو. پر تنهن هوندي
اُنهيءَ جو مختصر خاڪو وري ٻيهر هتي آئن ضروري سمجهان ٿو، جيڪو هن ر
آهي:

: پنهنجن ڪن ذاتي ۽ ضروري ڪمن ڪارين سبب ڪراچيءَ ويو هئس، ج
محترم جي- ايم- سيد وٽ سندس بنگلي تي مهمان بڻجي، قيام پذير هيس. د
محبت، صداقت ۾ اچي، آماده ڪيو ته پنهنجي دلبر دوست مير رسول بخش خان
ڇو نه گورنر هائوس ۾ وڃي مبارڪباد ڏيئي اچان! تنهنڪري انهيءَ ارادي کي ع
جامون پهرائڻ خاطر گلن جا هار کڻي، پنهنجي اُنهيءَ ڪارٽينا موٽرڙيءَ ۾ سوار
گورنر هائوس پهتس، جنهن جو سائلينسر ٽٽل هو ۽ "ڏکي اسٽارٽ" هئي. جڏ
گورنر هائوس واري گيٽ تي پهتس، ته سندس پروٽوڪول واري حفاظتي عملي
کي روڪيندي، پاسي واري رسيپشن ڏانهن اشارو ڏيندي، چيو ته "جناب، گو
صاحب سان ملڻ لاءِ پهرين رسيپشن وارن سان ملڻو پوندوآهي!"

جنهن تي حڪومت سنڌ وارو گذشته دور منهنجين نظرن اڳيان ڦرڻ ل
جنهن ۾ ڪڏهن به ڪنهن وزير، وزير اعليٰ يا گورنر وٽ، حجت ڪندي، بغير ڪ
اجازت جي هليو وڃبو هو. جن سان ڪي ايڏيون وڏيون بي تڪلفيون به نه هوند
هيون. پر هن وقت ته انتهائي قريبي، ويجهن ۽ بي تڪلف دوستن سان به محض اڌ
لاءِ نه ٿي ملي سگهيا سين، جو اُهي وزير اعليٰ ۽ گورنر هئا! گهڻي سوچ ويچار
پوءِ انهيءَ راءِ تي پهتس ته "اڳيون دور محبت، صداقت، سچائيءَ، خلوص
ايمانداريءَ جو هو. خود تي اعتماد هئڻ ڪري، ڪين ڪوبه خوف خطرو نه هوندو
اُنهيءَ جي برعڪس اڄوڪي دور جا وزير، وزير اعليٰ ۽ گورنر ته پنهنجي ئي پاڇ
کان ڊڄندا گهبرائيندا ۽ ڏکندا رهن ٿا."

تنهنڪري آءٌ شش و پنج ۾ پڻجي ويس ته هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ جيڪ
موٽر کي ٽو بند ڪريان، ته حفاظتي عملي جا سپاهي يا آفيسر پنهنجي ٽيڙيءَ
۾ منهنجي موٽر کي ڏکو به هرگز نه ڏيارينداء ۽ ٻئي پاسي وري اگر بند نٿو ڪ
ته موٽر جي ٽٽل سائلينسر جو گوڙ گهمسان سڄي گورنر هائوس کي پنهنجي مٿ
کنيو بيٺو آهي- جنهن سبب حفاظتي عملو، رسيپشن وارا، موٽر سان گڏ مون ما

بزار، چاڪاڻ تہ مان وري، مخموريءَ ۽ سرشاريءَ جي ڪري، مست الست بڻجي، ٿجي ڇا مان ڇا اُندہ مُنڊ بڪندو، گورنر صاحب کي پنهنجو ننڍو چونڊو، ڪين مڪائيندو ئي رهيس! انهيءَ دوران رسيپشن وارو مون تائين پهچي، چوڻ لڳو تہ مون گورنر صاحب جي پي- اي کي فون ڪري توهان جي نالي ٻڌايو، جنهن جواب نو تہ گورنر صاحب ٻاهر نڪري ويو آهي." اهو ٻڌي ڪاوڙ ۽ طيش ۾ اچي، گار بڻي، مون چيو تہ "اهو پڪ پڻسان يارو ماڇي هوندو!" جنهن تي رسيپشن انچارج ڪنڌ ڏوٿي، هاڪار ڪئي. مون موٽر جي انهيءَ گڙ گڙاهٽ ڏڙڏڙاهٽ ۾، انچارج ڊليس آفيسر کان پڇيو، جنهن ٻڌايو تہ "ميرصاحب جن اندر ئي موجود آهن. يارو اچيءَ ڪوڙ ڳالهايو آهي."

آءٌ انهيءَ افسردگيءَ پزمردگيءَ، سرشاريءَ ۽ مستيءَ ۾ موٽر کي روِرس ڪري، پُنتي هٽائي، دروازي مان ٻاهر ڪڍي، هوائن سان ڳالهيون ڪندو، واپس نهنجي رهائش گاهہ جناب جي- ايم سيد واري بنگلي تي پهتس. شاهہ صاحب تہ اڳي ي منهنجي انتظار ۾ هو. سندس اصرار تي، مون ڪيس گورنر هائوس واري سڄي سرگذشت حرف بحرف ڪري ٻڌائي. جنهن تي اُتي آيل رئيس غلام مصطفيٰ خان ڳڙيءَ، ڪلندي ٿهڪ ڏيندي، چيو: "رئيس صاحب! هي گورنر صاحب ۽ مير صاحب ي. پر هڪڙي لٽريري، دانشور ۽ پرائي سياستدان، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ، يڪو انتهائي حساس طبع هئڻ ڪپندو هو، جنهن تي اسان جي خاندان جا اڻ ڳڻت سان آهن، تنهن بہ پنهنجي وزارتي دور ۾، ادا وڏي رئيس غلام رسول خان ۽ مون ي ڪرسيءَ تي ويٺي ويٺي، هٿ ڏيئي، رنجيده آزرده ڪيو! تنهنڪري توهان بہ هيءَ ڳالهہ ڪي، ڪابہ اهميت نہ ڏيئي، وساري ڇڏيندا، تہ بهتر ٿيندو." رئيس غلام مصطفيٰ خان جي انهن اکرن منهنجي آزردگيءَ تي مرهم جو ڪم ڪيو، جيڪو ماحب انهيءَ موقعي تي مون لاءِ جڻ فرشتہ راحت بڻجي آيل هو.

هونءَ تہ مير برادران يعني مير علي احمد خان ۽ مير رسول بخش خان حمودائي، تمام پرائين ۽ ديرينہ رفاقتن، عزازتن ۽ صداقتن ۾ اچي، پاڻ ڀلائيءَ، حبت ۽ خلوص سان پيار ڪندي، اينديءَ ويندي "ماءِ نيسٽ" کي پنهنجو آشيانو سمجهي ايندا ويندا رهيا آهن ۽ اجان تائين ايندا ويندا رهن ٿا. ايتريقدر، جو انهي ورنريءَ واري ڏور کان پوءِ بہ شاديءَ مراديءَ، خوشيءَ غميءَ يا اتفاقاً اوچتو اچڻ جڻ سبب بہ، اچي ڪرم فرمائي ڪندا ئي رهن ٿا. باقي اِهو فقط گورنري دور وارو ميل ۽ مختصر عرصو ئي هو جنهن ۾ پنهنجيءَ ڳالهہ کي وساري، خود فراموش ٿي ڪو هو، جنهنڪري ڪانئس پنهنجا خاص دوست احباب بہ وسري ئي ويا ۽ مون ڪثر ڪري ڪيس اُنهن چند ڏينهن ۾ نهايت تلون مزاجيءَ ۾ ڏٺو.

اها مٿين ياداشت بيماريءَ، تيمارداريءَ، حڪيم ڊاڪٽر ۽ مير صاحبان جي حبتن، رفاقتن ۽ نزاڪتن جي ترجماني ڪندي، ختم ڪريان ٿو. جنهن ۾ سيني

ڪردارن کان وڌيڪ اهميت، ايم بي بي ايس ۽ مون کي "بابا" ڪري چوڻ وار
وفادار ٻچڙي ڊاڪٽر لڪشمڻ کي ڏيان ٿو، جنهن پنهنجي ڊاڪٽري ڏينهن رات هڪ
ڪندي، محنت، جانفشانيءَ، جفاڪشي ۽ تگ ودو ۽ بي لوث پر خلوص ۽ بغ
ڪنهن لالچ عيوضي معاوضي ۽ اجوري جي، منهنجي تيمارداري ڪئي. آءٌ ڪيس
جي آٿاهه گهرايين سان آسيسون ٿو ڏيان ته پنهنجي خاندان، فيملي ۽ ٻچن ٻا
سميت راضي پرسن رهندي، عوام جون خدمتون ڪندو رهي. تنهن سان گڏ
ڊاڪٽرن کي به آواز ڏيندس ته:

اے حکيمو معالجو آؤ،
اے طبيبو علاج فرماؤ،
المدد وقت کے ميسحاؤ!

آج تم کو بُلا رهے هيں عوام،
ساری خود غرضياں هوئيں تمام.

اب هميں جو بهی کام کرنا هے،
آدميت کے نام کرنا هے،
آدميت کے نام کرنا هے...

خدائي فرض ۽ سنت رسول ۾ نياڻين جون شاديون ۽ پڻن جا ختنا

مٿئين "بيماري، تيمارداري، انتظاري ۽ بيقراريءَ" واري مضمون پوري ڪ
کان پوءِ سوچڻ لڳس ته هيڏي ساري بيماري، جنهن ۾ عزيز اقارب، يار دوستا
حڪيم ڊاڪٽر نا اُميد ۽ نروس بڻجي، آسرا اُميدون لاهي ويٺا هئا، پوءِ هي جيئ
ڪيئن مليو!؟ ڪنهن جي لاءِ مليو؟ قدرت کي مون کان اجان ڪهڙا ڪهڙا ڪم و
آهن! انهن ئي سوچن ۾ هيس ته ننڍرا ننڍڙا ٻچڙا، سندن والدائون، فقير فقرا ۽ اُ
اديب فنڪار، جيڪي منهنجي زندگيءَ سان وابسته هئا، سي تصور ۽ تخيل
مهنجي آڏو اچي بيٺا.

هونءَ ته الله تبارڪ تعاليٰ وڏو قهار ۽ جبار آهي، جنهن ڪيترن ٻچن
يتيم ۽ زالن کي بيوه ڪري ڇڏيو، ڪيترن عزيزن قريبن، يارن دوستارن کان پ
ڪنڌ دليون جدا ڪيون، ڪيترائي ڪاروان ۽ قافلا دربدر خاڪ بسر ڪندي، حاد
حوادثن جي حوالي ڪري ڇڏيا، ڪيترن کي طوفان طلاطم ۾ غرقاب ڪندو رهي
پر تنهن سان گڏ ستار و غفار به آهي، رحيمي ڪريمي صفات به رکي ٿو. ممڪن
ته انهن صفتن صفاتن کي مدنظر رکندي، جيئدان ڏنو هجيس، ۽ اُنهن ننڍڙن ننڍ

پڇڻن، نوخيزيءَ مان عالم شباب تي پهتل دختران ۽ سندس مادران تي رحم ڪيو هجيس، جيڪي هن دارالفانيءَ مان منهنجي رخصت تي وڃڻ سبب يتيم ۽ بيواه بڻجي وڃن ها، ڇاڪاڻ ته منهنجن مٿن مائٽن، عزيزن قريبن ۾ سندس ڪوبه پُرسانِ حال نه هو، ۽ مخلص يارن دوستارن جو قافلو به، هن دنيا جي ريگزارن ۾ اڪيلو ڪري، وڇوڙو ڏيئي، ڇڏي ويو هو!

انهن ئي سوچن ويچارن ۾ هيس ته عين عالم شباب تي پهتل دختران کي پنهنجن گهرن ۽ ورن وارو ڪري، اُسوه حسنه ۽ سنت رسول سان گڏ، فرض جي بجا آوريءَ کي اوليت ڏيئي، سر تان اهو بار لاهڻ جو فيصلو ڪيم، جنهن لاءِ ڪيئي خانداني مسئلا ۽ مثال منهنجي دماغ ۾ هلچل مچائيندا رهيا، جي، انهن فرضن جي بجا آوري نه ڪندي، پنهنجا جاه جلال، خاندانيون، دولتون، ملڪيتون برباد ڪندي فقط انهي لاءِ رسواءِ عام ٿيا، ته سندن "شان جو ڪوبه ثاني شريڪ ناهي"، جن سان هو پنهنجين نياڻين جو مقدر وابسته ۽ منسلڪ ڪن ها!

الله الله! رسول خدا جو ته ثاني شريڪ ٿي سگهيو ٿي، جنهن، پنهنجي لاءِ فرض منصبي سمجهي، الله جي حڪم تي لبيڪ چئي، پنهنجي نياڻيءَ لاءِ رشتو ازدواج ڳولي لڌو. ساڳيءَ طرح ٻيا به سيپئي نبي ولي، غوث قطب، اوليا الله جا ۽ صوفياءِ ڪرام، انهي فرض منصبيءَ جا فرائض پنهجن سرن تان لاهيندا ۽ حڪم ربيءَ جي بجا آوري ڪندا رهيا آهن- باقي فقط اسان جن اُنهن وڏيرن، رئيسن، سيدن، پيرن کي، پنهنجو ڪوبه ثاني شريڪ نظر ئي نٿي آيو، جيڪي، محض فخر ۽ وڏائيءَ ۾ اچي، جهالت جو ثبوت ڏيندي، جوانيءَ جي اُمنگن ۽ جذباتن جو قدر نه ڪندي، ڪين پيريءَ تائين پهچائي، سندن حق تلفي ڪري اُچا مٿا ڪرايو ڇڏين ٿا. پوءِ اُنهن مان ڪي ته پنهنجن ولولن، اُمنگن ۽ جذباتن کان مغلوب ٿي، پنهنجن والدين ۽ مٿن مائٽين کان بغاوت ڪندي، پنهنجا رشتا پاڻ ئي تلاش ڪري ونڻ ٿيون، ته ڪي وري شرماشرميءَ ۽ حضورشرميءَ ۾ اچي، پنهنجي خاندان کي بدنامي ۽ بدناموسيءَ مان بچائڻ خاطر، پنهجن آرزوئن، اُمنگن ۽ جذبات تي غالب پئي، پنهنجيون زندگيون، سندن مٿان نڇاور ۽ قربان ڪيو ڇڏين! جن جا ڪيئي مثال موجود آهن ته بغاوت ڪرڻ وارين جا پڻ ڪئي مثال آهن. انهن سيني جي برعڪس ڪي وري اهڙا مثال به موجود آهن ته قرآن ڪريم سان سندن شاديون ڪرائي، سندن حق بخشيايو ڇڏين.

هونءَ ته اسلامي دور کان اڳ، جهاليت واري دور ۾، اُنهن معصوم ننڍڙين نياڻين کي نادان، جاهل ۽ ظالم مائٽ، ڄاپندي ئي ڪهي يا وري جيئري زنده دفن ڪري ڇڏيندا هئا. پر اسلام جي اچڻ کان پوءِ مساوياڻ حقوق مان ڪي ڪجهه اُنهن معصوم بيگناهن جي حوالي ڪري، سندن حق رسائي ڪئي ٿي ويئي. تنهن سان گڏ اُنهن ظالمن جي ڦندي، چنگل ۽ چنبي مان به ڪين جي ڇوٽڪارو مليو ٿي، جيڪي

ڪين تهه تيغ ڪري ڇڏيندا هئا، تنهن کان پوءِ به ٻانهپ جي ٻنڌن ۾ ٻنڌڻ ۽ ڪنيزپ ۾ آڻي فروخت ڪرڻ، داسيون ۽ ديوداسيون بڻائي قابو ڪرڻ، ۽ نرسن واريون خدمتون ڪرائي سندن عفت عصمت لٽڻ جا ڪيئي ڪارناما، سماج جا اهي ٺيڪيدار ۽ رکوالا ڪرائيندا رهيا، جيڪي اُهي اڄ به ڪرائي رهيا آهن.

ذڪر هلي رهيو هو بيماريءَ مان شفايابَ ۽ تندرست ٿي ذميدارين ۽ فرضن جي بجا آوريءَ بابت، ته وڃي زندگي ۽ منصبي فلسفن منجهه پياسين، جنهن جي قطع ڪلامي ڪندي وري به پنهنجي اصل موضوع تي اچجي ٿو ته دختران کي نيڪ اختران ڏسندي، پنهنجن گهرن وارو ڪيئن ڪجي؟ جن مان ٻه ته اڳيئي پنهنجن گهرن وَرَن واريون ٿي چڪيون هيون، باقي عين عالم شبابَ تي پهتل ٽن جو فڪر دامن گير هو. تنهن سان گڏ ٻن پٽن علي رضا ۽ قاسم رضا جون طهرون ۽ ختنا به خيال ۾ آيا. ڇوڪرن جا ختنا ته منهنجي اختيار ۾ هئا، باقي ڇوڪرين جا رشتا تلاش ڪرڻ لڳس، جن لاءِ خيال هو ته پنهنجي ئي قبيلي ۽ خاندان مان، هم جوڙ ۽ هم عمر هجن، تنهن کان سواءِ ٿورو گهڻو علم به حاصل هجين، پوءِ چاهي اهي غريب ئي ڇو نه هجن، اُنهن جو سرمائيدار، جاگيردار ۽ زميندار هڻڻ کو ضروري نه هو.

انهي کان اڳ ذات پات ۽ قبيلي جي بندش کي ڪابه اهميت نه ڏيندي، چاهيندو هئس ته ڪٿي به رشتيداريون ڪري سگهجن ٿيون. بشرطيه ڇوڪرا صالح هجن. پر مون کي ته پنهنجي ئي خاندان ۾، اهڙا مطلوبه ڇوڪرا ملي ويا، جن سان نسبتون طيءَ ٿيون، جن مان هڪڙو ٿورو گهڻو زميندار هو، ٻيو پرائمري اسڪول جو ماسٽر، ته ٽيون وري منهنجي سڳي سوٽ جو فرزند ارجمند. هونءَ ته انهن سيني ئي نسبتن تي خوشي محسوس ڪيم، پر خاص طور پنهنجي سڳي سوٽ جي پٽ جي رشتيداريءَ تي فخر، ناز ۽ دلي خوشي محسوس ڪندي، سائس اُهي اُميدون ۽ آسرا به وابسته ڪيم ته اڳتي هلي منهنجي قِتل زمينداري ڪاروبار ۾ پڻ مدد ڪندو. پر اُهو اندازو غلط ثابت ٿيو ۽ اُلٽو اختلاف پيدا ٿيا.

اِنهن مٿين فرضن جي بجا آورين کان پوءِ، ٻچڙن علي رضا ۽ قاسم رضا جي طهرن ختنن جا خيال عمل ۾ اچڻ خاطر ڏيان ۾ آيا. حلانڪ، آءٌ دل واريءَ انهيءَ پهرينءَ بيماريءَ مان فارغ ٿي، اڃان ڪو طاقت جو توازن به برقرار نه رکي سگهيو هيس، ته وچ ۾ وري نيائين جي جدائيءَ ويتر وڌيڪ پريشان ڪري، ڪمزور ڪري ڇڏيو. پر تنهن هوندي به بيماريءَ کان ڊڄي، هڪڙي ساه جو به پروسو نه ڪندي، پنهنجي ارادي تي اٽل رهندي، عزيزن قريبن، دوستن يارن، مٽن مائٽن، رشتيدارن ۽ ڪارندن جي صلاح مشوري سان، تاريخ مقرر ڪري اعلان ڪيم. تنهن سان گڏ اهو پڻ واضح ڪيم ته ٻچڙن جي انهن ختنن، سنتن ۽ طهرن ۾ ايڏو ڀت پهت ۽ ثقافتي رنگ روپ ٿيڻ گهرجي، جو هن کان اڳ ڪڏهن به ماتليءَ واري هن خطي سرزمين تي نه ٿيو هجي ۽ نه وري ڪو آئينده لاءِ ئي ٿيڻ جو ڪو امڪان هجي.

انهيءَ خيال کي عمل ۾ آڻن لاءِ، مختلف مختلف ڊزائينون اڳيان رکندي، ٻن الڳ الڳ سائيزن ۾ بهترين قسم جا خوبصورت دعوت ناما ڇپرايا ويا، جن ۾ هڪڙي جي سائيز وڏي ۽ ٻئي جي درمياني هئي. دعوت ناما ڇپجي اچڻ کان پوءِ، جنهن وقت دعوتين جي فهرست ۽ لسٽ زيرغور آئي، تہ اکڙين مان ڇيج ڇٽي پيا. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي زندگيءَ جي همسفر پيارن ساٿين جي قافلي ۽ ڪاروان جو وڏو حصو وڃايل ۽ وڇڙيل ڏٺم. تنهن هوندي بہ دل کي ڏڍ ۽ تسلاڻون ڏيئي، اهو سوچيندي تہ "اڃان بہ ڪي آهين، ڪلجگ سوڌا ڪاپڙي" ، باقي رهيل، بچيل ڪُچيل ۽ زندگيءَ جي سفر ۾ آيل نَوَن سنگتين ساٿين جي چونڊ ڪري، دعوت ناما لکارائي کين موڪليا ويا. تنهن سان گڏ ڪي ٻيون اُهي مخصوص شخصيتون بہ تصور ۾ آيون، جن سان رسماً رواجاً ڪي ناتا هئا، ۽ اُنهن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي دوست احباب، جيڪي دماغي ٽڪاوٽ ۽ علالت سبب ياد نہ آيا، سي رهجي ويا.

بالآخر انهيءَ تقريب سعيد وارا ڏينهن ويجها اچي ويا، جن جي اهتمام ۽ انتظام جي سوچن ۾ هئاسين. هڪڙو ڏينهن ڪاڏي پيتي جي ٻن ويلن رات ۽ ٻنپهرن جو، پنهنجن عزيزن قريبن، مٽ مائٽن ۽ خاندان وارن لاءِ مخصوص ڪيل هو، جن جي ماني سندن حويلين، ديرن ۽ گهرن تائين پهچائي ويئي، تہ ٻئي پاسي وري راڄ پاٽ، وڏي پاڙي وارن سان گڏ مسڪين محتاجن، فقيرن، فقرائن، دوستن احبابن ۽ فنڪارن لاءِ لڳايل شاميانن ۾ انتظام ٿيل هو، جن جي خاطر مدارات ۽ لنگر فقر ڪرائڻ کان پوءِ رات جو فنڪارن طرفان رکيل راڳ رنگ جو ثقافتي پروگرام شروع ڪيو ويو، جنهن ۾ فنڪارن ۽ فنڪارائن دل کولي ڀرپور حصو ورتو، جيڪي ڪيئي ڀيرا، ميراث جا مالڪ ميراثي ۽ ٻيا بہ ڪيئي راڳي شامل هئا، جن جو تفصيل تمام ڳهو آهي. هوءَ تہ ڏانديا، جهمر ناچ ۽ شيدي جو مغربان تہ هفتي کن کان رني سج ٿي مهل کان رات جو ٻاهرين هڪ بجي تائين مسلسل شغل شغال ۾ رهندا هئا.

انهيءَ رات فنڪارن جي عوامي محفل ۾، باوجود منهنجي انڪار ڪرڻ جي ٻاوجود، ڪن دوستن جام نوش ڪرايو، جنهن وڏي ڪثرت نوشي اختيار ڪندي، مون کي ڏاڍو ڏکيو عليل ڪيو. ايتريقدر، جو ٻئي ڏينهن واري اميراڻي محفل ۽ مجلس کي بہ برابر منهن ڏيئي نہ سگهيس. جن ۾ ٻين دوستن سان گڏ مير رسول بخش خان ٽالپر پنهنجي ٽولي سميت، حاجي نجم الدين خان سريوال ۽ سندس ساٿي، جام خاندان ۽ ساٿن گڏ آيل ٻيا معززين، منهنجي پراڻن ساٿي دوستن حاجائن، ڪاڪا ۽ راڄڙن کان سواءِ جناب حفيظ قريشي ايڊووڪيٽ، محترم محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيا ڪيئي سوين هئا. پر مون کي تہ رات جو فنڪارن واري راڳ رنگ ۽ ڪثرت مَئي نوشيءَ ڪنهن بہ ڪم جو نہ رکيو، جو آءٌ ڪين منهن ڏيئي سگهان.

گذريل رات واريءَ انهيءَ رنگين محفل ۾ فنڪار ۽ فنڪارائون هڪٻئي جي مقابلي ۾ انعام اڪرام ڏيندا ۽ گهورون گهوريندا رهيا، جن ۾ الهرڪيو طبلہ نواز، باجي ماسٽر محمد گل، اسحاق "ڪارو" مڱٿهار، شاهو خان ڪلوئي باجي ماسٽر، طبلہ نواز خان صاحب غلام محمد خان، ميوزڪ ڊائريڪٽر غلام نبيءَ سان گڏ محمد رحيم جت ۽ سندس شاگرديائي خاتون عرف لتا، ٻين سڀني فنڪارن جي مقابلي ۾ نمايان ۽ پيش پيش هئا، جن گهورون ڪندي، پنهنجي ڪيسائي خالي ڪري ڇڏيا. اهو ڏيتيءَ ليتيءَ ۽ راڳ رنگ وارو دور، سڄيءَ رات هلندو رهيو. پر آءٌ بيزار ٿي، اندر وڃي، آرامي ٿيس. تان جو ٻئي ڏينهن جا وڃي ٻارهن لڳا.

جڏهن ٻئي ڏينهن پڙڪو ڪائي، ننڍ مان بيدار ٿي، اُٿيس، تہ ٻاهراُن آيل معزز مهمانن جو خيال آيو. تڙ تڪڙ ۾، تڪڙو تڪڙو، هٿ منهن ڌوئي، واش وٺي، انهيءَ ساڳئي ميلي ڪُچلي ڪڙتي ۽ گوڏ ۾ ٻاهر آيس. ڏٺم تہ مير رسول بخش خان تالپر ۽ حفيظ قريشيءَ سان گڏ ڪي ٻيا سياسي دوست ۽ رفيق، ڪنهن سياسي مسئلي تي بحث مباحثي ۽ مناظري ۾ مصروف ۽ مشغول هئا، جي سينگاريل سنواريل شاميانن اندر انهن ڪرسين ڪوچن ۽ گلمن غاليچن کي ڇڏي، نمن جي ٿڌين ڇانئن ۽ سيدن جي دعائن ۾ پيل ڪٽن ڪٽولن تي ٻٽاڪن لٻاڙن ۾ محو هئا. انهيءَ لٻاڙي ٻٽاڪي محفل ۾ پهچي، سڀني دوستن احبابن، ڄاڻن اڻڄاڻن جا بحث مباحثا ٻڌندو، مسڪرائيندو، رهيس، تان جو شاميانن مان ٻنپهرن واريءَ ماني جو سڏ ٿيو.

جيئن تہ آيل مهمان تمام گهڻا هئا ۽ هڪ ئي وقت هڪ سؤ مهمانن کي ڪارائڻ جو بندوبست ٿيل هو، تنهن ڪري شفٽن ۾، پهرينءَ نشست لاءِ مير صاحب، حاجي نجم الدين خان سريوال ۽ ٻين معززين کي موقعو ڏنو ويو. جيڪي صاحب اِها رسم پوري ڪرڻ کان پوءِ، ڪيئي بهانا تراشي، رات تائين نہ ترسڻ جا عذر سبب ڏيئي، موڪلائي هليا ويا. اها ماني ڪيترين ئي شفٽن ۾ جاري رهي. ٻئي پاسي وچولي ۽ غريب طبقي لاءِ، هڪڙي وڏي شامياني ۾ گلمن تي ڪاڏي پيتي جو انتظا ڪيل هو. جتي بہ ماني برابر هلندي رهي. ٽئي پاسي ڊائننگ شاميانن وارين ٽيبلن سان ملحقہ ڊرائينگ ۽ سٽنگ هال، جن کي گلمن غاليچن، صوفہ سيٽن ۽ ڪرسين سان سينگاريو ويو هو، اهي بہ ڀريا چڪار ٿيا پيا هئا. تنهن سان گڏ موسيقيءَ جو هلڪو ڦلڪو رنگ بہ جاري هو، جنهن ۾ باري باري ڪيترائي فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيا هئا.

ماني ڪارائڻ وارن شاميانن منجهان دعوتي ڪائي، پي، رڄ ٿي، واپس انهن موسيقيءَ ۽ راڳ رنگ وارن شاميانن ڏانهن آيا ٿي، تہ وري ٻيا وينل مهمان ڪائڻ پيئڻ ۽ شڪر پُريءَ خاطر ڊائننگ شاميانن ڏانهن ٿي ويا. اهڙيءَ طرح اهو سلسلو برابر هلندو رهيو. پر آءٌ پهرينءَ ڪيپ جي مير صاحب ۽ ٻين معززين جي موڪلائي وڃڻ کان پوءِ، علالت ۽ ڪمزوريءَ جي ڪري اُتي وڌيڪ ترسي نہ سگهيس. انتظامي

امور ۽ معاملن تي هڪڙي طائرانہ نظر ڊوڙائيندي، جيڪو تمام سهڻي نموني هلي رهيو هو، واپس پنهنجي بنگلي اندر اچي آرامي ٿيس. ۽ شام جو انهيءَ وقت اٿيس، جنهن وقت ٻچڙن کي سرگس ڪرائي، واپس اچي ختن، سنتن ۽ طهرن خاطر گوڏيون ٻڌائي رهيا هئا، جنهن ۾ ماڻهن جو انبوهہ ۽ هجوم ڪافي هو.

آءٌ ماڻهن جي هجوم، رش ۽ انبوهہ کي چيريندي، انهيءَ شاماني اندر پهچڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس، جيڪو 'ماءِ نيست' بنگلي جي اڳيان سيمينٽيڊ ٿلهي تي لڳايل ۽ سجايل هو. ايتري ۾ پٺيان، وڏا وڏا ٿهڪ ٻڌڻ ۾ آيا، جن ۾ طنز هئي. انهن ٿهڪن کي سڃاڻندي، پويان ڪنڌ ورائي ڏٺم تہ منهنجو پيارو دلبر دوست ڄام انور علي خان مسڪرائي رهيو هو. ساڻس وڏا ڀاڪر پائي بيساختگيءَ ۾ ملندي، تسليم ڪيم تہ خود فراموشيءَ ۽ بيهوشيءَ جي حد ٿي ويئي، جو پنهنجن محسنن کي بہ نہ سڃاڻي سگهيس. پر ڄام صاحب نهايت خنده پيشانيءَ سان انهي بي رخيءَ کي ٽالريٽ ڪندي، آيو وبو ڪري، ڀال ڀلائيندي، ساڻ گڏ آيل دوستن سميت، انهيءَ شامياني اندر هلي ويٺو، جيڏانهن آءٌ وڃي رهيو هئس.

ايتري ۾ طهر ۽ ختنا ڪندڙ حجام پنهنجو ڪم پورو ڪري، ڪيئي آسون. اُميدون ڪٽي، اسان وٽ پهچي، مبارڪون ڏنيون. جنهن کي بہ انهيءَ بيهوشيءَ، مدهوشيءَ، سرشاريءَ ۽ عالم خود فراموشيءَ ۾ ڪوبہ انعام اڪرام ڏيئي نہ سگهيس. جيڪا پورائي بہ منهنجي شهزادي دوست، ڄام انور علي خان، ئي ڪئي. هونءَ تہ حجام جي پنهنجي آسن اُميدن کان وڌيڪ انعام اڪرام ڪيس ڏيڻ لاءِ، پنهنجن ڪم سنياليندڙ ڇوڪرن کي ڏيئي ڇڏيا هيم، جن بہ هن کي ڪافي ڪجهہ ڏنا هوندا، پر تنهن هوندي بہ فطري هيڻ ڪيس اسان ڏانهن وٺي آئي هئي. ۽ اتي بہ منهنجو اهوئي فرض هو تہ ڪيس خوش ڪريان هان، ڇاڪاڻ تہ اها ٻچڙن جي خوشي هئي. پر مون کان تہ ويلو وقت وڃائجي ويو، جنهن جو پورائو ڄام صاحب پنهنجي ئي ڪيسي مان ڪيو، ۽ آءٌ شرمندي جو شرمندو ئي رهجي ويس!

ڄام صاحب پاڻ سان گڏ اٽڪل ويهن پنجويهن هزارن جا ڪپڙا لتا، زريءَ زربفت، ڪيمخواب ۽ بخملن جا، فروٽن جا ٽوڪرا ۽ اسڪاچ وهسڪيءَ جا ڪوڪا ڪٽي آيو هو. ڪپڙن ۾ بيگمات جا جوڙا هئا، تہ شاديءَ شده دختران لاءِ الڳ. تنهن سان گڏ ڪيڪ پيسٽرين جا بنڊل ۽ گلن ڦلن جا هار، ۽ ڇوڪرن جا وڳا پڻ الڳ هئا. هونءَ تہ اسان وٽ بہ پيئڻ پيارڻ ۽ ڪائڻ ڪارائڻ جو بندوبست ڪافي ٿيل هو، جنهن لاءِ ڪراچيءَ کان اسڪاچ وهسڪيءَ جي ڪيئي ڪوڪا گهرايل هئا، جن کي افراط ۾ آڻي، لٽيندي لٽيندي بہ، ڪافي ڪجهہ بچي پيا هئا، پر ڄام صاحب طرفان آندل وهسڪيءَ کي تہ ڪيتري ئي وقت تائين پيئندا ۽ پيارينداَ رهياسين.

ڄام صاحب سان گڏ آيل دوستن، جن ۾ شاهنواز جوڻيجي جا پائر، ۽ سيد اسماعيل شاهہ ۽ وڪيل امين ڪوسي کان سواءِ پيا بہ ڪيترائي هئا، جن جا نالا هن

وقت دل تي نٽا اچن- انهن دوستن کي ماتليءَ ۾ مون وٽ ڇڏي، هو پاڻ اڪيلي سر ڪنهن ضروري ڪم سان بدين روانو ٿي ويو، جتان وري رات جو يارهين بجي واپس موٽي آيو. اسان جي سڄي محفل چڪار ۽ سرشار هئي. پاڻ به جلدي جلدي ۾ هڪڙو به گلاس پي، خون مکي شهيدن ۾ شمار ٿي، مانيءَ لاءِ اصرار ڪيائين. تنهن ڪري ڊائننگ شامياني کي هڪدم صفا ڪرائي، نوان ٽيبل پوش لڳارائي، جملي دوستن سان گڏ ڪيس ماني ڪارائڻ لڳاسين. ڇاڪاڻ ته ٻيا جملي دعوتي ڪيترين ئي بيچن ۽ حصن ۾ شڪم پُري ڪري چڪا هئا. باقي هاڻي فقط ڄام صاحب سان گڏ آيل معزز مهمان ئي انهن ٽيبلن تي رونق افروز هئا. ليڪن ڄام صاحب انهن صاف شفاف ٽيبل پوشن کي ڏسندي، تعجب ڪندي، اصرار ڪيو، جنهن لاءِ ڪيس ٻڌايم ته "پهرينءَ ماني ۾ لڳايل ٽيبل ڪوَرن کي هٽائي، هي ٻيا صاف سٿرا ٽيبل ڪور، محض اوهان خاطر ئي وڇايا ويا آهن. ٻيا سڀيئي معزز دعوتي، ڪيترن ئي شفٽن ۾، تناول طعام کان فراغت پائي چڪا آهن. باقي فقط بدين وڃڻ سبب اوهان ئي رهجي ويل هئا."

اِتي آءٌ پنهنجن ڪارندن جي بي انتظاميءَ کان شرمسار ٿيندي، اهو ٻڌائڻ ضروري سمجهان ٿو ته پڪل تتر، ڪڪڙ ۽ سيخ ٽيل رانو، بدانتظاميءَ ۽ بي ترتيبيءَ سبب، اڳيئي ٻين مهمانن ۽ دعوتين ۾ ورهائي ۽ تقسيم ڪري چڪا هئا. جن کي ٻيهر نئين سر تيار ڪرائڻ خاطر نئون انتظام ڪرڻو پيو. هوڏانهن ڄام صاحب جن جي جلدبازيءَ ۽ تڪڙ اسان کان سواءِ ڪارندن ۽ بورچين جا به حوصلا ئي خطا ڪري ڇڏيا. آءٌ ته ڄام صاحب جن جي تڪڙ کي، ساڻس ئي نسبت ڏيئي، ڪيس اهو تخلص ڏيندو آهيان ته "ڄام انور علي خان ڪهڙو؟ عرف، جلدي جلدي ۽ تڪڙو!" تنهنڪري ڪچيون پڪيون رانون ۽ ڪڪڙ آڻي، سندن اڳيان ٽيبلن تي رکيا ويا، جيڪي پاڻ بنان ڪنڪي ڪائيندا رهيا، جنهن کان پوءِ مون کان پڇيائون ته "اهي بورچي ڪٿي جا آهن؟" جواب ۾ وراڻيم ته "ماتليءَ جا." انهن بورچين بابت ڪهڙي خيال کان پڇيائون، سا خبر ته ڪين ئي هوندي!

خُر و نوش جي اُنهيءَ دور کان پوءِ، جڏهن ثقافتي محفل واري شامياني منجهه پهتاسين، ته رقاصائون ۽ راڳي، پنهنجي فن پيش ڪرڻ سان گڏ اسان لاءِ مضطرب، منتظر ۽ انتظاري هئا. اسان به اتي پهچي، انهيءَ محفل کي وٽر وڌيڪ رونق افروز ڪيو. اُنهن ۾ ڪڇي برادران، سينگارعلي "سليم"، خانصاحب منظور علي ٻمع شاگردن جي، خانصاحب نياز حسين سميت ٻيا به ڪيئي ناچوڙا، رقاصائن جا طائفا ۽ سنڌي ڳائڻ وارا به اُتي موجود هئا، جن انهي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي محسوس ڪندي، پروگرام پيش ڪيا ٿي. پر ڄام صاحب عرف "جلدي جلدي ۽ تڪڙو تڪڙو" جلدي ۽ تڪڙ ڪندي، اسان کي به بي مزي ڪندو رهيو. بالآخر لاچار مجبور بڻجي، عثمان ڪڇي ۽ برادران جي ايٽم پوري ٽيڻ کان پوءِ، ڪين

اجازت ڏيئي، موٽرن جي قافلي سان روانو ڪري، اسين واپس اچي، انهيءَ رنگارنگ محفل موسيقيءَ ۾ ويناسين، جتي سينگار علي "سليم" پنهنجي آواز جو جادو جاڳائي رهيو هو. تہ ايتري ۾ عوام منظور علي خان جي ڳائڻ لاءِ اصرار ۽ تقاضا ڪئي. ڪي حسن پرست تماشين وري حسينن، مہ جبينن نازنينن جو مطالبو ڪري رهيا هئا. پر ڪثيرالتعداد پبلڪ جي آواز تي لبيڪ چوندي، منظورعلي خان کي وارو ڏنوسين. جنهن ڪلاسيڪل ۾ بلمپت جو خيال، راڳ پوپاليءَ مان شروع ڪري، دُرت تائين پهچائي پورو ڪيو.

تنهن کان پوءِ سنڌي ڪافيون ڪلام شروع ڪيائين. جن ۾ وري بہ ڪيئي منچلا، حسن تي حيران ٿيندڙ، انهن رقاصائن لاءِ تقاضا ڪندا رهيا، جيڪي ميڪ اپ جا تهن مٿان تهہ چاڙهيو، بجليءَ جي روشنيءَ ۾ پاڻ کي چمڪائي، ٻانهون مٿي ڪري ڪَر موڙيندين، آرس پيجنديون، نيم خواب نگاهن سان دعوت نظاره ڏيئي رهيون هيون. جن جي ترجماني ۽ اڳواڻي رئيس جڙيو خان پتافي ڪري رهيو هو، جنهن ۾ ساٿس گڏ رئيس الهہ بخش خان مگسي بہ شامل حال رهيو، جيڪو اسان سيني جو محسن يار ۽ دلدار هو، سو اُنهيءَ منهنجي ٻچن جي خوشيءَ کي پنهنجي خوشي محسوس ڪندي، بغير ڪنهن حيل حجت ۽ دعوت جي، آيل هو، جنهن لاءِ آءٌ دل جي گهرائين سان سندس شڪرگذار ۽ ٿورائتو آهيان. هو هن گهر کي پنهنجو گهر ۽ ٻچڙن جي ڪاڄ کي پنهنجو ڪاڄ سمجهي آيل هو. سو هُن بہ رئيس الجڙئي خان جي پنيرائي ڪندي، ويچارن نگاهن سان مون کي ڏنو ٿي. مون ڪيس سڏي، پنهنجي پر ۾ ويهاري، بيماريءَ ۽ ٿڪاوٽ جا عذر ڏيئي، محفل جي صدارت سندس ۽ رئيس الهجڙئي خان جي حوالي ڪئي، ۽ ڪانئن موڪلائي، بنگلي اندر پهچي، پنهنجي لاءِ وڇايل بستري تي سمهي آرامي ٿيس. سڄو بنگلو اُتي ستل ٻين مهمانن سان تہ اڳيئي ڪچا ڪچ ڀريل هو.

ننڍ مان بيدار ٿيندي، علي الصبح اهوئي ٻڌم تہ ميخانو، صنم خانو ۽ راڳ رنگ واري رنگين محفل سڄي رات هلندي رهي. بنگلي واري ڊرائينگ روم مان معلوم ٿيو تہ اتي رڪيل وهسڪيءَ جون ڪيئي بوتلون خالي پيون هيون، جن کي، رئيس الهجڙئي خان جي حڪم تي عمل ڪندي، ڪي حجتي عوام الناس کي پيارندا خوش ڪندا رهيا. جنهن جي مفصل ۽ تفصيلوار خبر صبح جو پيئي. اهڙيءَ طرح سان دختران نيڪ اختران کي پنهنجن گهرن ۽ وَرَن وارو ڪري، سنت رسول جي پيروي ڪندي، پيارن ٻچڙن جا ختنا ۽ طهرون ڪرائي، انهن سنتن ۽ فرضن جي بجا آوري ڪئي ويئي.

شڪر الحمدلله، الله تبارڪ تعاليٰ جون ڪروڙها ڪرم نوازيون، جنهن علالت مان اُتاري، صراط المستيم جي راه ڏيکاري، سنتن ۽ فرضن جي بجا آوري ۽ پوئواري ڪرائي. سندن احسان لاهي ئي نٿا سگهجن.

ڄام ڪرم علي خان جي شادي، لاڏ، اختلاف ۽ فرار

مٿيون لکيل مضمون پهرين هو يا ايندڙ مضمون، پر جيئن ته مضمون، ترتيب ۾، "ڪيئي ڪتاب" جي ٻنهي ڀاڱن وارين ياداشتن ۾ اڳيان پويان ۽ پويان اڳيان ٿي ويل آهن، جنهن لاءِ اڳيئي اصرار ڪندي اقراري بڻجي، معذرت خواه رهندو آيو آهيان، تنهنڪري هن مضمون کي هتي آڻڻ لاءِ وڌيڪ معذرت جي ڪابه ضرورت ناهي.

منهنجي پياري دلدار دوست نوابزاده ڄام انورعلي خان ڪان، ڄام ڳوٺ مان، سندس نوخيز نوعمر ننڍي ڀاءُ نوابزاده ڄام ڪرم علي خان جي شادي خانه آبادي ۽ جو دعوت نامون پهتو. آءٌ به انهيءَ تقريب سعيد ۾ شرڪت لاءِ سانباها ڪرڻ لڳس. جنهن ۾ حسب معمول آتشبازيءَ واري فقير محمد کي گهرائي، بهترين قسم جي آتشبازي ٺاهڻ ۽ مهيا ڪرڻ جو حڪم ڏيئي، خرچ ڪبار لاءِ هن کي پيسا ڏنم. جنهن مال سامان خريد ڪري پنهنجو ڪم شروع ڪيو. ڪيس شاديءَ واريءَ تاريخ کي به ڏينهن اڳواٽ ڄام ڳوٺ روانو ڪيم، جا جون مهيني جي شايد پهرين يا ٻي تاريخ هئي، ۽ شاديءَ جا جشن چوٿيءَ کان ستينءَ تاريخ تائين ٿيڻا هئا.

جيئن ته ڄام صاحبن جي شاديءَ جو روپ رنگ، اهتمام ۽ انتظام، هيمشه کان، سڄو هفتو هلندو رهندو آهي، تنهنڪري سندن حڪم مطابق آءٌ به شاديءَ کان به ٽي ڏينهن اڳ اُتي پهچي ويس. حالانڪ پاڻ ته ماتليءَ ۾ رات رهڻ به بارگران محسوس ڪندو آهي. پر اسين گهر جا واندا، پت پاڙو بڻجي، مسلسل ڪيترائي ڏينهن لڳاتار، مٿانئن بوجهه بار بڻجي رهندا آهيون. پر پاڻ هميشه ائين چئي اڳواٽ گهرائيندو آهي ته "منهنجي ڪم ڪار ۽ صلاح مشوري ۾ شامل حال ٿي مدد ڪريو." ڇاڪاڻ ته پاڻ اڳواٽ ۽ ائڊوانس (Advance) ۾ صلاحيتمند هوندا آهن.

جنهن وقت آءٌ ڄام ڳوٺ پهتس، ته خبر پيئي ته جناب ذوالفقارعلي ڀٽو به انهي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پهچي رهيو آهي. جيڪو اُنهيءَ وقت صدر جي عهدي سان گڏ چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر پڻ هو. سندس رهائش لاءِ گهوٽ ميان ڄام ڪرم علي خان واري نئين تعمير ٿيل بنگلي ۾ انتظام ڪيو هئائون ۽ ٻين معزز دعوتين جي رهڻ لاءِ مختلف مختلف جاين جڳهين تي شاندار انتظام ٿيل هو. منهنجي لاءِ وري محل نما پراڻي بنگلي جي انهي ڪمري ۾ بندوبست ڪيل هو. جتي آئون هميشه رهندو هيس. پر، هن پيري سياست جو رخ بدلجي وڃڻ سبب، پيپلزپارٽيءَ جو دور دورو هو، نه ڪي اڳئين وانگر مسلم ليگ جو- تنهن ڪري پير سائين پاڳاري جي جاءِ، جناب مخدوم محمد زمان صاحب "طالب المولىٰ" جن سنڀالي ۽ سابق صدر محمد ايوب خان جي جاءِ تي وري جناب ذوالفقارعلي ڀٽو آيو. اُنهن سياسي هيرين ڦيرن سبب ماحول ئي ڪجهه ٻيو ٿي نظر آيو. پر اسان جو ته يار جي ياريءَ سان واسطو هو، نه ڪي سندس سياسي ڪرادريءَ سان.

مون وانگر ٻيا بہ ڪي مون جهڙا صلاح مشوري ۽ انتظامي لحاظ کان اڳوات پت پاڙو بڻجي آيل هئا، جن جي فهرست تمام ڊگهي آهي. تن ۾ ڪن سابق وزرائن سان گڏ ڪي ٻيون اهم شخصيتون پڻ موجود هيون. آخر اُنهيءَ شاديءَ واريءَ رات جو جشن سامهون آيو. جنهن ۾ فقط راڄ ياڳ، عزيز قريب، هاري ناري، اوڙي پاڙي وارا هزارن جي تعداد ۾ موجود هئا. اُها تقريب سادي نموني بغير شاميانن جي ملهائي ويئي. جتي معززين لاءِ ڪوچ، ڪرسيون ۽ ٻيءَ خلق لاءِ فقط گلم وڇايل هئا. فنڪارن جو تعداد بہ تمام گهڻو هو. جن ۾ خاص طور مائي ياڳي پنهنجي جوڙ سميت، ۽ مراديو ڊاڍي ۽ سليمان شاه منهنجي طرفان گهرايل هئا. اُنهن کان سواءِ منهنجي معشوق جو معشوق "چڪوري" قابل ذڪر هئي.

فنڪارن پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان صلاح مشورو ڪري، پهرين مائي ياڳيءَ کي وارو ڏنو، جنهن سان جوڙ ۾ سازن تي خدا بخش "خدو" باجي تي ۽ بهترين پڪوازي سوماريو ڊاڍي پڪواز تي شامل هئا. پر خدابخش عرف خدو خوشامد ڪري، هيڏي ساري راڄ ياڳ ۽ پٽ تي وٺل پيرن فقيرن جي اڳيان ڪيس ڪرسيءَ تي ويهاريو، جيڪا ڳالهہ مون کي ناگوار گذري ۽ مون هڪل ڪري هيٺ پٽ ويهڻ جو حڪم ڏيندي، منتظمين کي چيو تہ "مائيءَ کي هيٺ ويهڻ لاءِ بسترو مهيا ڪري ڏنو وڃي، ڇاڪاڻ تہ هيڏو سارو راڄ ياڳ، پير فقير، ايتريقدر جو سليمان شاه جهڙو مشهور معروف فنڪار بہ، هيٺ ويٺل آهي، تہ پوءِ اها پالٽپور واري ڪاري ڪوجهي لنگوري ڪرسيءَ مٿي ويٺل تہ ڇهي ئي ڪانہ ٿي!"

تنهن کان پوءِ، منهنجي حڪم جي هڪدم تعميل ڪندي، بسترو وڇائي، ڪيس اُنهيءَ تي ويهاري، ڳائڻ شروع ڪرايو ويو. پر، فقير جي ناراض ٿيڻ سبب، "ياڳيءَ" جي ياڳ ياوري ڪانہ ڪئي. نہ نس لڳائي سگهي، نہ وري ڪو پيسوئي ڪمائي سگهي. حالانڪ مون سندس جوڙ ۾ رس لڳائڻ ۽ پيسا ڏوڪڙ ڪمائڻ خاطر، مراديئي کي ساڻ ڪري، ڪيس چيو تہ "تو ۽ مراديئي، ريڊيو حيدرآباد تان ڊئيٽ سانگ ۾ 'چرمري' رڪارڊ ڪرايو آهي، سو هتي هن محفل ۾ بہ ٻيئي ڄڻا ڳائي ٻڌايو." جيڪو ٻنهي گڏجي، بي دليءَ سان ڳايو، جنهن ۾ ڪوبہ مزو ڪونہ آيو . اُنهيءَ کان پوءِ وري سليمان شاه ميدان ۾ آيو، جو پڻ رس نہ لڳائي سگهيو. انهي دوران ڄام صادق علي خان پنهنجن مصاحبن ۽ دوستن سميت اُٿي پهچي ويو. سليمان شاه پنهنجو رس نہ لڳندو ڏسي، "چوڪهي پريت چڪور کي، چندا نا ماني، اپني توڙ نبهائي، اسکي وه جاني" چئي، چندا جي چڪور واريءَ "چڪوريءَ" کي وارو ڏنو. جيڪا نيم عريان لباس، زريءَ زربفت جي بلاٽوزر ۽ اطلسي ڪيمخوابي لهنگي ۾، جنهن مان سندس انگ انگ نمايان ۽ ظاهر هو، پنهنجي عاشق صادق جي پر مان ٽپ ڏيئي اُٿي، ۽ فلمي ارڪيسٽرا ۽ ردم تي مجرو شرو ڪيائين. آءٌ بہ مستيءَ ۽ سرشاريءَ جي حالت ۾ پاڻ پلي نہ سگهيس. ٻنهي هٿن ۾ ڊفليون جهلي،

منجهانئين چٽڪاٽا ڪڍي، سندس ڇاتيءَ جي اُڀار تي ڏر ڏر وٺي، جامي مان ٻاهر تي نڪل سندس ٻنهي ٻنڊرن (Happy Hipps) تي ٻه تڪا وٺي، ٽيون سَم وارو ٽڪو وڃي سندس عاشق صادق چڪور جي هِپس تي مُڪايو. جنهن تي سڄيءَ فضا ۾ ٿهڪڙو مچي ويو. يار کي به حيرانگيءَ جي عالم ۾ڏسي، متاثر ٿي، اهو ايٽم پورو ڪري، پنهنجي آرامگاهه واري ڪمري ڏانهن هليو ويس. ڇاڪاڻ ته بيحد ٿڪي ٿٽي چڪو هئس.

صبح جو جنهن وقت بيدار ٿيس، خبر پيئي ته، منهنجي ڪمري ۾ پهچڻ کان پوءِ، باراتي بارات وٺي، راتو رات ڪنواز جي ڳوٺ نڪاح خوانيءَ جي رسم پوري ڪري، گهوٽ ميان کي لانئون ڏياري ۽ سوڻ سٽ ڪري، ڪنوار سميت سج اُڀرڻ کان اڳ واپس پهچي ويا آهن. جنهن جي خبر سواءِ پنهنجن انتهائي قريبي ۽ ويجهن عزيزن جي، ٻئي ڪنهن کي به ڪانه پيئي سگهي. اهڙيءَ طرح سان لڪ چوريءَ ۾ اهو وهانءُ ٿي ويو. پر مون کي اها خبر صبح جو، منهنجي ڪمري اندر ٿيندڙ راڳ رنگ واريءَ محفل ۾ "درس" فقير ٻڌائي، جيڪو علي بخش جوڻيجي ۽ صوفي صادق فقير ڀنيري کي ساڻ ڪري، منهنجي خلوص، پيار، صداقت ۽ فقيري محبت ڏيکارڻ خاطر ٿي ڪين پاڻ سان گڏ وٺي آيو، هو پاڻ نهايت نيڪوڪار، پرهيزگار متقي تهجدگذار فقير جي حشيت ۾، منهنجي فڪر کي به ڄاڻي سڃاڻي، سمجهي ٻُجهي، پيار ڪندي، ڄام انور علي خان کي منهنجي متعلق الاتحي ڇا ڇا چوندو هو، ٻڌائيندو هو، جنهن جو الاتجي اڻ اهل هيس به يا نه هيس.

منهنجي محفل ۾ آيل صوفي شاعر "صادق" ڀنيرو، جيڪو هڪ وڏو ۽ بااثر زميندار به هو، ۽ علي بخش خان جوڻيجو جو پڻ چڱي خاصي زميندار هئڻ جي حيثيت سان گڏوگڏ پير سائين پاڳاري جن جو سفري ساٿي بڻجي تازو ولايت جا سير سفر ڪري آيو هو، ۽ تنهن کان سواءِ خانصاحب محمد حيات جوڻيجي جو ناني ۽ ڪريم داد ۽ علي خان جوڻيجي جو پيٽويو هو- جنهن کي ٿورو ئي وقت ٿيو، جو ڪو ظالمن شهيد ڪري ڇڏيو- اُهي ۽ اُنهن سان گڏ اسين سڀيئي اُنهيءَ راڳ رنگ واري محفل ۾ اڃان مخمور ۽ مست هياسين، ۽ محترم صادق ڀنيري ۽ اسان جي وچ ۾ ادب ۽ ثقافت، شعر ۽ شاعريءَ بابت نوڪ جهوڪ ۽ تبادلہ خيال ٿي رهيو هو، تہ اوچتو "درس" فقير سان گڏ نوابزده ڄام انور علي خان به اسان جي ڪمري ۾ پهچي ويو، جنهن کي درس فقير، ٿيندڙ مجلس دوران، اُٿي وڃي وٺي آيو هو- جنهن صاحب به اسان جي مجلس ۽ محفل جو حظ حاصل ڪري ۽ اُن مان لطف اندوز ٿيندي، ٻڌايو تہ "ٻاهر شاميانا لڳي چڪا آهن، شاديءَ تي آيل سڄو راڄ انتظار ۾ آهي، تنهنڪري فنڪارن کي حڪم ڏنو وڃي تہ جيئن اُهي اُٿي پهچي، پنهنجو رنگ رچائين ۽ محفل مچائين."

مون صاحب موصوف جي مُڪ مان نڪتل ٻولن تي لبيڪ چوندي، فنڪار

کي حڪم ڏيئي، ڪين هڪدم اوڏانهن اُماڻي ڇڏيو، جتي رسمي ۽ عوامي رهاڻ هئي. پر پاڻ، گهڻيءَ ٽڪاوٽ هئڻ سبب، اُتي ڪمري تي آرام ڪرڻ لڳس. ڇاڪاڻ ته جون مهيني جون سخت گرميون، ڪثرت مئي ۽ لڳاتار ڪيترين راتين جي اوجاڳي هيڪاري ٽڪائي ڇڏيو هو. جنهن لاءِ گذريل رات عام خلق ۽ هيڏي ساري مخلوق خدا، مائيڪ تي شڪايت ڪندي، جام صاحبن تي خوب تنقيد ڪئي هيم ته "هيڏيءَ ساريءَ گرميءَ ۾ شادي ڪرائڻ اڻ سڌيءَ طرح سان ائين اهي ته جيئن گرميءَ سبب گهوٽ ڪنوار پاڪر پائي گڏ سمهي به نه سگهن- هڪڙو پلنگ جي هڪڙي سِري تي هجي ته ٻيو وري ٻئي سري تي، هڪ ٻئي کان بيزار ۽ الڳ ٿلڳ هجن." منهنجن انهن طنزيه جملن تي عوام ۾ ٺهڪڙو ۽ غوغا مچي ويو. ماڻهو ڪلي ڪلي ڪيرا ٿيندا رهيا. اُنهيءَ رات آتشبازيءَ جو به تمام سهڻو، سنو ۽ رنگارنگ پروگرام رکيل هو ۽ اهتمام ڪيل هو، جنهن مان عوام الناس محظوظ رهندي، خوب مزو ماڻيو ۽ لطف حاصل ڪيو.

انهيءَ ڏينهن جي شاميانن واري جشن به ڪافي رونق رکي. عزيز قريب، هار ناري، ويجهڙائيءَ وار دوست احباب، جن کي به عزيزن ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، تنهن سان گڏ ٻيو سجو راڄ پاڳ به تمام گهڻو خوس ٿيو، ته چندا واريءَ چڪوريءَ به جام ڪمايو. مائي پاڳيءَ جو پاڳ، حويلين ۾ وڃي ڳائي وڃائي وري آيو، جنهن ۾ خوب ڪمايائين. مراد فقير ٿريءَ ۽ سليمان شاه جي مقدر ۾ جيڪي ڪجهه هو، سو ڪين مليو. باقي حرص هوس ته خدا به هرڪنهن جو پورو نه ٿو ڪري سگهي. خاص ڪري اُنهن ڳائڻن کي ته وري سيني کان وڌيڪ هيچ ۽ لالچ هوندي آهي، ٻليءَ وانگر ائين چاهيندا آهن ته "گهر جا ڀاتي سيبيئي انڌا ٿين ته پاڻ چٽي وٺن." اهڙيءَ طرح سان اهي فنڪار يا ڦٽڪار به، ٻئي فناڪر جا مَٽ گهُرائي هوندا آهن.

جنهن وقت سليمان شاه منهنجي ڪمري ۾ آيو ته چڪوريءَ ۽ جامن جي گلاٽن غيبتن جا دفتر کولي ڇڏيائين. ڪيس اهو اعتراض هو ته "چڪوريءَ کي جاڻي ٻجهي مون کان وڌيڪ نوازيو ويو آهي. جيڪڏهن اِها رقم به مون سيد جي ٻچڙي کي ملي ها، ته آءٌ ڪين ۽ سندن اهل خاندان کي به دل جي گهرائين سان دعائون ڏيان ها." اهڙيءَ طرح سان اُها ڏينهن واري محفل ختم ٿي. تنهن کان پوءِ ايندڙ رات آرام جي رات هئي. ٻئي ڏينهن جناب ذوالفقارعلي ڀٽو به اچڻو هو، ۽ اُن ڏينهن قومن جا سردار، نواب، نوابزادا، مير امير، ڪامورا آفيسر، وڏا وڏا ڪارخانيدار، سرمائيدار، سمگلر، بلئڪ ميلر ۽ بلئڪ مارڪيٽر به اچي شامل ٿيڻا هئا.

صبح ٿيو، مهمانن جي آمد ۽ رفت شروع ٿي ويئي. هڪڙا ٻنهرن جي مانيءَ تي مدعو هئا، ته ٻين کي وري رات واريءَ محفل جون دعوتون هيون. اهو سلسلو برابر روان دوان هلندو رهيو. شام جو جناب ذوالفقار علي ڀٽو صاحب هيليڪاپٽر تي براجمان ٿيو. اسڪاچ وهڪسيءَ جا نار چڙهي ويا. ڪيئي ڪجريون ڪسڻ ۽ نچڻ

لاءِ لاهور، ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد مان گهرايل هيون. وڏن وڏن اعليٰ آفيسرن، عملدارن ۽ ڪامورن سان گڏ، ڪيئي ڪرنل جرنل ۽ اعليٰ فوجي ڪمانڊر به دعوتي هئا.

ڏينهن جون گهڙيون گذاريندي، ٽائيم ڏسندي، شام ٿي، ته منهنجو پيارو دل وارو نوابزدو ڄام انورعلي خان شوخ نگاهن ۽ بيباڪ اکرن ۾ چوڻ لڳو ته "اڄ فارمل ۽ تڪلفانه پارٽي آهي. تنهنڪري جيڪڏهن پنهنجي مستيءَ کي روڪي سگهين، ته بهتر ٿيندو. آءٌ به محفل واريءَ صف اول ۾ ويهاريندوسانءِ، پر شرط اهو آهي ته ڳالهائيندين نه! ٻيءَ صورت ۾ پنهجن فنڪارن سميت پنهنجي ئي ڪمري منجهه، پنهنجو الڳ ٽلڳ ۽ جداگانه رنگ رچائي، مست الست بڻجي، رهاڻ رس رچائجانءِ!"

آءٌ هڪو ٻڪو بڻجي، سندس حڪماڻو حڪم ٻڌي، اچرج ۾ پئجي، ڪيس ڏسندو ۽ تڪيندو ئي رهيس. پاڻ گهڻي ڪم ڪار ۽ مصروفيت سبب بروقت هليو ويو. مون سوچيندي سمجهندي، پنهنجو پاڻ تي حڪم هلائي، اهو فيصلو ڪيو ته "انهيءَ پرتڪلف محفل ۾ بت بڻجي، ٻڌجي، ويهڻ يا پنهنجي ڪمري اندر ويهي، جدا رنگ رچائي، جامع محفل ۾ داخل انداز ٿي، رخنو وجهڻ جي بجاءِ، بهتر ائين ٿيندو ته تنهائي، اڪيلائي حاصل ڪري، پنهنجي ٽڪاوٽ لاهڻ ۽ ختم ڪرڻ خاطر مزيد آرام ڪريان."

شام ٿي. ڪاروباري سج پنهنجو سفر پورو ڪري، ٽڪاوٽ لاهڻ ۽ آرام ڪرڻ خاطر نچاڻ ته دنيا جي ڪهڙي ڪُره ۽ ڪنڊ ۾ غروب ٿي ويو. روزاني عادتي شغل خاطر جام و مينا جو دور شروع ٿيڻ لڳو. هڪ ٻئي جا جام صحت تجويز ڪندي، ٽڪرائيندي، نوش ڪرڻ لڳاسين. جن ۾ منهنجن صحبتي فنڪارن حاجي غلام محمد خان نظاماڻي ۽ ڄام انور علي خان به موجود هئا. ڄام صاحب جام ٽڪرائي، نوش جان ڪري، پنهنجي انتظامي امور ۽ ٻين ضروري ڪمن ڪارين سبب ٻاهر هليو ويو. فنڪار ساٿي به ٻه ٽي پيگ پي، ٻاهرئين دلفريب، پرڪشش ۽ سحرانگيز ماحول ۾ تتر بتر ٿي ويا. حاجي غلام محمد خان به پنهنجي مقرر ڪوٺا وارو هڪ پيگ پي، ڏاڪڻ چڙهي، بنگلي جي چت مٿي روانو ٿي ويو، جتي شديد گرمي هئڻ سبب رات جي سمهڻ ۽ آرام ڪرڻ جو انتظام ڪيل هوندو هو. تنهن سان گڏوگڏ اُن ساڳئي ڪڏ ۽ چت جي ٻئي پاسي ڪان به ٻين آيل دعوتي معززين، عزيز ترين، نفيسن ۽ نازڪن جي رهڻ سهڻ جو به نهايت نازڪ، نفيس ۽ معقول انتظام ٿيل هو. جن ۾ ڄام سبب علي خان سان سندس پيارا دوست نواب لاهوريءَ جو فرزند ارجمند احمد حسين، علي خان جوڻيجو ۽ محمد خان جوڻيجو به گڏ هئا. بنگلي جي چت واريون اُهي ٻيئي نشستون گلمن غاليچن، ڪٽن، آرام ڪرسين ۽ پلنگن سان سينگاريل هيون، جن مان هڪڙي ڄام انورعلي خان ۽ اسان لاءِ مخصوص هئي، ته ٻي وري ڄام سبب علي خان ۽ سندس دوستن لاءِ.

آءٌ پنهنجي ڪمري اندر شغل مئي نوشيءَ ۾ "خلوت هي ڪيون نہ هو، هم انجمن سمجهتي هيون" جي مصداق، اڪيلائيءَ ۾ انجمن ڪندي، پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪري، وندرڻ خاطر، رنگين، پرفضا، نشاط افروز ۽ سحرانگيز ماحول ۾ اچا نڪرڻ وارو ئي هيس، تہ ايتري ۾ ٻيراٽيءَ وارو سيد اسماعيل شاہ پڪل ڪڙ ۽ سيخ ٽيل چيلي جي ران، هڪڙي وڏي ڊش ۾ وجهي، ڪڻائي آيو. جنهن مان ٿوري گهٽي چهر چٽشي ڪري، باقي بچائي، ٻين خاطر اُتي ئي ڊڪائي رکائي چڏيم. چاڪاڻ تہ مئي نوشيءَ سان گڏ ڪائڻ جي عادت نہ هوندي هيم. تنهن ڪان پوءِ معائني خاطر ڪمري ڪان ٻاهر نڪري، دروازي تي بيهي ڏٺم تہ ساز آواز سان گڏ هڪڙي وڏي ساري مجموعي جي آخري چيڙي تي، انڌياري اُجياري سحرانگيز ماحول واري اسٽيج تان ڪجهہ پري وش مہ جبين حسين نازنين طبلي جي تتڪار تان چيرون چمڪائي رهيون هيون!

باوجود گهٽيءَ ڪوشش ڪرڻ جي بہ پاڻ پلي نہ سگهيس. چاڪاڻ تہ جنهن وقت مرلي وڄندي اهي تہ ڪلادار واسينگ نانگ بہ ٻرن ڪان ٻاهر نڪري، ڦڻ ڪولي، پاڻ کي وساري، مستيءَ ۾ جهومندا جهولندا رهندا آهن. نہ ڪين پنهنجي گرفت جو خيال هوندو آهي، نہ ئي ڪو موت جو ڊپ. تنهنڪري آءٌ بہ پنهنجي پياري ڄام صاحب جي حڪن کي بالاءِ طاق رکي، اکرن کي وساري، خودفراموشيءَ جي عالم ۾ جهومندو جهولندو، بجاءِ اُنهي فن خاني صنم خاني ۾ وڃڻ جي، چاڙهي چڙهي، چت ڏانهن روانو ٿيس. هيٺين وراندي واري چت تي پيل ڪٽن ڪٽولن تي حاجي غلام محمد خان کي ليٽيل ڏٺم، جنهن وٽ سندس ٻچڙي الهداد خان ڪان سواءِ، ٻيا بہ ڪيئي مجلسين موجود هئا. آءٌ انهن وٽان ٿيندو، ڪجهہ نوڪ جهوڪ ڪندو، جڏهن انهيءَ وراندي واريءَ چت جي آخري چيڙي تي پهتس، تہ سامهون تمام ويجهو اُهو خوابيده ماحول نظر آيو، جتي اسٽيج تي نيلن پيلن، اچن ڳاڙهن گائونن ۾ ملبوس اهي پري پيڪر حسينائون طبلي جي تنڪاري تي چيرون چمڪائي رهيون هيون. آءٌ بہ ڪجهہ وقت تہ بيحس بيهوش بت بنيو بيٺو رهيس. پر جڏهن هوش آيو، ڏٺم تہ انهيءَ اسٽيج ڪان اتر اولهہ ترتيبوار گلمن غاليچن مٿان لڳايل صوفن ڪوچن تي ڪيئي مير پير، امير اُمراءِ براجمان هئا، جن جو تعداد هزارن ۾ شمار ٿي سگهيو ٿي.

جيئن تہ اهو اسٽيج، رات مان ڏينهن ۽ ڏينهن مان رات ڪندڙ نائيٽ افيڪٽ تي مبني، قسمين قسمين رنگين رنگن ۽ رنگينين سان هڪڙيءَ ڪنڊ ۽ ڪارنر ۾ هو، جنهن جي ٻنهي پاسن ڪان سيد، مير، پير، امير، امرءَ، تماشبين ۽ سندن پويان غريب عوام بہ ويٺل هو، تنهنڪري آءٌ بہ اُنهي وراندي واريءَ ڪنڊ ۽ ڪارنر تي مٿين نشست گاہ مان آرام ڪرسي گهرائي، ڪلاداري واسينگ نانگ وانگر ڦڻ ڪڍي، مست بڻجي، جهولندو جهومندو رهيس. خزمتگار پڪوازي الهبچايو ميرائي ڪمري اندران جامن تي جام ٺاهيندو پهچائيندو رهيو.

منهنجي اُت پهچڻ کان اڳ ته الاتجي ڪيترا طائفا مُجرا ڪري ويا هوندا، پر منهنجي اُت پهچڻ کان پوءِ اهو ٻيو طائفو، جيڪو عجيب غريب رنگن ۽ رنگين لباس ۾ چمڪندي، مجرو ڪري رهيو هو، جنهن کي ڄام صادق علي خان جي حڪم تي اسٽيج تان هيٺ لاهي، اسٽيج ۽ ڪوچن درميان خالي پيل جاءِ، جيڪا اٽڪل پندرهن ويهه فوٽ غاليچن سان سينگاريل سنواريل ۽ ٺاهيل سجايل هئي، تنهن تي سندن قدمن ۾ فن پيش ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو ويو. هو ويچاريون حسن، ناز انداز ۽ فن هوندي به ويچاريون ۽ مظلوم ٻڌيون، هر حڪم جي تعميل ڪندي، پنهنجو ايٽم پورو ڪري، واپس هليون ويون. ساڳيءَ طرح سان هڪڙو ٻيو ٽولو به آيو، جنهن به هڪ معنيه ۽ ٻه ڊانسرز هيون، جن لاءِ به ساڳيو ئي حڪم صادر ٿيو، ۽ اُنهن به حڪم جي تعميل ڪندي، پنهنجي فن جي پورائي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. پر انهن فنڪارائن جي اسٽيج تان هيٺ لهڻ ۽ مائيڪ کان جدا ٿيڻ سبب نه سندن راڳ ئي ٻڌڻ ۾ آيو ٿي، نه وري ڪو سندن فن ئي ڏسڻ ۽ آيو، ۽ نڪو سندن سهڻيون صورتون ۽ ٻيون ڪي صورتون ئي پَسڻ ۾ ئي آيون- سواءِ اڳيان ويٺل اُنهن مطلبي خود غرض تماشبينن جي، جيڪي ڏهه ڏهه، پنجاهه پنجاهه ۽ سؤ سؤ روپين جي نوٽن جون گهورون، مٿانئن گهوري رهيا هئا، يا وري ڳلن تي رکي، هڪ ٻئي جا ڳل ۽ ڳنا پٽائيندا رهيا- منجهن ڪا شائستگي، سنجيدگي ۽ بردباري ڏسڻ ۾ نٿي آئي، ۽ سواءِ ڪل پوڳ، مسخريءَ، ٺٽوليءَ، ناشائستگيءَ ۽ بيهودگيءَ جي، ٻيو فقط هُل هنگامون، شور غوغا، غل غپاڙو ۽ هوپو نظر آيو ٿي. هڪ قسم جو طوفان بدتميزي برپا هو.

اُنهن ٻن ڊانسرن ۽ هڪ مغنيه به پنهنجو پروگرام پورو ڪري، تماشبينن جا ڳل ڳنا ڳاڙها لال ڪندي، ڏاڙهيءَ وارن جون ڏاڙهيون پٽيندي- ڇاڪاڻ ته اُنهن ۾ ڪي ڏاڙهيءَ وارا به هئا- جيڪي هڪٻئي جي ڏاڙهين تي سؤ سؤ جا نوٽ رکندا، پنهنجو ڏاڙهيون پٽائيندا، خوش ٿيندا رهيا، جنهن رستي تان آيون اُنهيءَ رستي کان جام دولت بٽوري واپس هليون ويون. ته ٻئي پاسي وري اُنهيءَ ساڳئي رستي کان هڪڙي ڄاتل سڃاتل مغنيه، جيڪا ملڪ ترنم "نورجهان" جي عزازت قرابت مان "قصور" جي قصورڻ هئي، سا داخل ٿي، جنهن کي آءِ انقلابي شاعر فطرت "تنوير" نقويءَ جي ساهرن جي ڪري سڃاڻندو هيس، جا پڻ انهي محفل ۾ شامل ٿيندي شرط، سڄي ماحول جو اُڏامندڙ نگاهن سان معائنو ڪندي، عجوبئه روزگار شاندار اسٽيج کي ڏسندي، اُنهيءَ جاءِ تي پهتي، جتان اڳيون ڊانسرون ۽ مغنيه روانيون ٿي چڪيون هيون.

اُها قصوري مغنيه، جنهن جو نالو شايد زمرد هو ۽ ميڊم نورجهان جي پائٽي هئي، تذبذب ۾ ايندي، سوچيندي ۽ ويچاريندي رهي، ته ايتري ۾ مون شان قصور کي خيال ۾ بسائي، تصور ۾ سجائي، سوچيندي، مٿان چت تان حڪم

هلائيندي، ڪيس متذبذب ۽ فڪرمند ڏسندي، چيو ته "پترا تهلي جا ڪي اسٽيج اُتي بيٺهه، جيهڙا تساڏي واسطي ئي بنيا هويا اي. فڪرمند هوون دي ڪوئي لوڙ نئين اي- اودي تُوانون ساڏا اي مشوره بهي اي ڪي مائيڪ نون چهڏ ڪي، گاني نون ادهي وچ ڪٽ ڪر ڪي، ڪسي ڪولون بهي انعام اڪرام ليس لئي نيچي ڪدي نه جائين- جهان نون دينا هوويگا، اسٽيج اُتي آڪي ديوي گا."

هُن، مٽان آيل منهنجي انهيءَ انساني آواز کي آسماني سمجهي، پٽيان مڙندي، اسٽيج جا ٻه ٽي ڏاڪا مٿي چڙهي، پاڻ سان گڏ آيل سازندن جي وچ ۾ ويهي، مائيڪ سامهون رکي، ترنم شروع ڪيو. معتبر تماشبينن جي هلاڪلا ۽ نوٽن جي ريل پيل ساڳيءَ طرح برابر جاري رهي. باقي فرق فقط ايترو هو ته پهرئين دور ۾ ڳل ڳاڙها ڪرائيندا ۽ ڏاڙهيون پتائيندا رهيا ٿي، پر اُنهيءَ جي برعڪس انهي ٻئي دور ۾ هو صرف نوٽن جون گهورون هڪٻئي مٿان گهوريندا ڏيندا رهيا. مگر تنهن هوندي به شور غوغا، هل هنگامون ۽ هلاڪلا ساڳيءَ طرح ئي جاري ساري هو.

آءٌ پنهنجي ڪيل حڪم مطابق عملدرامد ڏسي، خوشي محسوس ڪندي، سُر ڳُر مان لطف اندوز ٿي رهيو هئس، ته پنهنجي پٽيان پياري دلبر دوست ڄام انورعلي خان کي شوريده نگاهن سان مڇريل ۽ ڪاوڙيل ڏٺم. جيڪو مون کي سڏي رهيو هو. جنهن وقت آءٌ وٽس پهتس، ته سندس واتان کي اهڙا خشڪ جملا ٻڌڻ ۾ آيا، جن کي برداشت ڪري نه سگهيس. جنهنڪري دل برداشته ٿي، هيٺ لهي، ڪمري اندر پهچي، سامان پيڪ ڪري، ٻڌي ناهي، بيگ ۾ رکي، ملازم هٿان موٽر ڏانهن اُماڻيم. تنهن سان گڏ حاجي غلام محمد خان نظاماڻي ڏانهن پڻ نياپو موڪليم جنهن صاحب آڏيءَ رات جي بيگاه وقت هلڻ کان انڪار ڪيو. تنهنڪري سندس اهو جواب ٻڌي، پاڻ سان گڏ آيل جملي فنڪارن کي به اتي ئي ڇڏي، ڪين رهائي ترسائي، موٽر ۾ سوار ٿي، خود پنهنجي ڊرائيونگ ۾ سَوَ تي ڪانٽو رکي، هوائي جهاز وانگر اُڏائيندي، رات جو 3 بجي ماتليءَ پهتس. اتان روانو ٿيندي وقت ڄام صاحبن جي خدمتگارن، روڪڻ جي بيحد ۽ ڏاڍي ڪوشش ڪئي، جن مان ڪي ته ڊوڙندي ڊڪندي، ڄام صاحبن کي ٻڌائڻ لاءِ روانا ٿي ويا. پر آءٌ ڪين، فقط آتش بازيءَ واري فقير محمد جي پارت ڪندي، سندن روڪڻ واري ڪوشش نه مڃيندي، تان بروقت روانو ٿي ويس- حالانڪ فقيرمحمد کي، خرچ ڪهار خاطر، اڳواٽ ئي ڪافي ڪجهه ڏيئي چڪو هيس.

ڪجهه وقت ڪان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته ڄام صاحب کي جڏهن انهن خدمتگارن منهنجي وڃڻ جو اطلاع ڏنو ته سخت حيران ۽ پريشان ٿيندي، اکين ۾ آب آڻيندي، مون کي منائڻ، پرچائڻ ۽ منت ڪرڻ خاطر، بروقت پٽيان موٽرون موڪلياين پر آءٌ ڪين هٽ نه آيس. هو مجبوراً واپس موٽي ويا ۽ آءٌ ماتليءَ پهچي ويس. اتي آءٌ اهو ٻڌائڻ به ضروري سمجهان ٿو ته جنهن وقت سُرگُر، حسن ظن، حسن فن، ناز انداز، لطافت ۽

نسوانيت جي بي عزتي ٿي رهي هئي، تنهن وقت آءٌ احساس کان مغلوب ٿي، تڙڦي رهيو هئس. پر يار جي حڪمن احڪامن وارن اکرن لفظن کي ياد ڪندي، "مِني بہ مات تہ مُني بہ مات" ڪيو ويٺو هئس. پر جڏهن شان "قصور" اڳيان آيو، تڏهن سرگرم ۽ عرفان جي احترام ۾ ڳالهائي وڏم. ڇاڪاڻ تہ انهن ٽنهي غيرمعمولي اثرات جو "قصور" کي ئي فخر حاصل آهي. جنهن ۾ "بلها شاهہ" جهڙي صاحب معرفت، اهل عرفان، الهامي شاعر، امير و فقير جي مزار ۽ آخري آرامگاهہ آهي. جنهن کي غم جي ڇانولي، سايہ دار درختن، پنجاب وارني شديد گرميءَ ۾ بہ ايئرڪنڊيشنرن وانگر ٺنڍاڪ ۽ ٺڏو رکيو آهي. مون بہ سندن انهيءَ اميري فقيريءَ نالي کان متاثر ٿي، پيريءَ ۾ ڇاول فرزند ارجمند جو نالو بہ، سندن ئي نالي سان نسبت رکندي، "علي رضا" رکيو هو.

نام ميرا هے علی رضا، "بلها" نام دهرايا... الله آدمی بن آيا.

ساڳيءَ طرح انهي "قصور" کي سُر ڪدہ، ڳُر ڪدہ ۽ فن ڪدہ بہ چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ وڏي غلام علي خان مرحوم جهڙن عظيم سُرديوتائن جنم ورتو، جنهن هن ملڪ ۾ پنهنجو قدر نہ ڏسندي، هندستان وڃي "پارٽ پوشن" بڻجي، وصال حاصل ڪيو، حالانڪ هتي هن ملڪ ۾ "عنايت بائي" ڊيرو واريءَ سان سپڙتائي بڻجي، سارنگي وڄائيندي، ڪيس فقط سپڙتائي ئي سڏيندا رهيا.

جهڙيءَ طرح سان سُر کي جيڪڏهن ايشور سڏبو آهي، تہ آءٌ پنهنجي دماغي پيداوار مطابق ڳُرکي وري گرو سڏان ٿو. گروءَ جي گيان ۽ مرشد جي رهبريءَ ۽ رهنمائيءَ کان سواءِ، ايشور يا خدا بہ حاصل ٿي ئي نٿو سگهي. اهوئي سبب آهي، جو انهيءَ "قصور" کي "سُر ايشور" سان گڏ، ڳُر گروءَ جو گيان محسوس ڪندي، سوا لک اُڪلي جي اُستاد ميان قادر بخش کي ڳُر جو گرو چوان ٿو. جنهن پنهنجي طبلي تي، انسان تہ خير، پر فرشتا ۽ ديو بہ وجد ۾ آڻي، جهومائي، جهولائي ۽ نچائي ڇڏيا. جنهن هندستان پاڪستان ۾ ڪيئي مجلسون، محفلون ۽ دنگل وڃائي، پنهنجي انفراديت قائم رکي، جتي اڄ بہ ڪيس امرتا حاصل آهي. ڪيئي طبلہ نواز سندس شاگرد هئڻ جي حيثيت ۾ پنهنجي وڏائي ۽ فخر محسوس ڪن ٿا.

تنهن کان سواءِ سُر ۽ گر ۾ ساز آواز جي مالڪ نورجهان جهڙي من موهڻي مورت بہ اتي ئي پيدا ٿي، جنهن کي اڄڪلهہ "ملڪہ ترنم" چئجي ٿو. تنهن سان گڏ ڪيئي سرڪار، گرڪار ۽ لئي ڪار بہ پيدا ٿيا، جن جو تفصيل بيحد گهڻو ۽ تمام ڊگهو آهي. تنهن هوندي بہ علي بخش قصوري ۽ علي بخش "ظهور" جو ذڪر ڪرڻ چندان ضروري سمجهان ٿو، جي پڻ وڏا سُرڪار ۽ لئي ڪار هنا.

علي بخش ظهور کي تہ آءٌ پنهنجين غنائي محفلن ۾ انهيءَ حد تائين داد ڏيندو هئس تہ "پنهنجي وڇڙيل محبوب کي حاصل ڪرڻ خاطر رياض ۾ اچي، ايڏي تہ محنت، مشقت ۽ رياضت ڪئي هئائين، جو جڻ تہ سندس آواز ٽڪي ٽُٽي، انهيءَ

حسين جميل دولها ۽ گهوٽ ميان جي نخريلي نٽيخيلي حسين خوبصورت ۽ نوجوان پيئڻ وانگر ٿي ويو هجي، جيڪا شاديءَ جي سيني باراتين جي خدمت چاڪري ڪندي، ڳالهائيندي ٻولهائيندي ۽ انتظام سنڀاليندي، پنهنجو آواز ويهاري چڪي هجي، يا جيئن وري اُهي ياتري، تهشي ۽ يوگي، جيڪي پهاڙن، جبلن ۽ ٽڪرين جي بلند بالا چوٽين تي غفائن، غارن ۽ چرن اندر پرماتما کي ويجهو سمجهي، تپشيا، بندگي ۽ يوگ ڪندي، پڳوان کي سڏيندي، پڪاريندي، نراس، نااُميد ۽ مايوس ٿيندي، پڄن پاءُ ڪري، پنهنجي پريتم، پڳوان، پرماتما، خدا يا مالڪ حقيقيءَ کي ريجهائي، راضي ڪرڻ خاطر آهون دانهون، چيخون پوڪارون، آزيون نيزاريون ڪندي، پنهنجو آواز ويهاري چڏيون هجين.

علي بخش "ظهور" به انهن داد وارن جملن کي ٻڌي، راضي، خوش ۽ پرسن ٿي، ساڳئي ويٺل ۽ رچيل آواز ۾، هميشه پنهنجو مخصوص فن پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. تنهن ڪري، اهڙي قصور کي ڇو نه ايڏي وڏي عزت، عظمت، اهميت ۽ افاديت ڏني وڃي؟ جنهن کي اهڙا ۽ ايڏا شرف حاصل هجن! پر آءٌ ته سُر ڳُر، ناز انداز، تهذيب ۽ تمدن جو دلداده بڻجي، حسن ۾ خدا جو نور ۽ منڙي پرسوز رس پرئي سريلي آواز کي خدا جو آواز سمجهي، ادب احترام ڪندي، صلي الله چوان ٿو. پوءِ جيڪڏهن يار ڪاوڙجي پون ته به انهن تي ڪا ميار ناهي. نڪو وري مون تي به ڪا سندن ميار ٿي سگهي ٿي. ڇاڪاڻ ته اهڙين جاين تي آءٌ مجذوب هوندو آهيان. تنهن ڪري، آءٌ ٻيهر وري به پاڻ کي مجذوب چوندي، انهيءَ ياداشت واري مضمون کي پورو ڪريان ٿو. تنهن هوندي به ڪا ڪس ڪثر، ڪمي بيشي، ڪوتاهي يا زيادتي ٿيل هجي، ته انهن سيني مذڪوره مٿين ڪردارن کان معافيءَ جو خواستگار آهيان.

مٿئين مضمون کي پوري ڪرڻ کان پوءِ، پيار سان پريم ڪندي، راڳ رس جي جوت جاڳائي، جوڳي بڻجي، پاڻ کي تاثر ڏيئڻ لاءِ جوڳين جا هيٺيان به شبد، گيت سنگيت ڪندي، پيش ڪريان ٿو:

تن پريم کی راکھہ لگالے تُو، وهاں جوگن بن کے جانا هے،
وهاں آج رگوں کے تاروں پہ، الفت کا گيت سنانا هے،

اے آنکهوں کی گنگا جمنا، سوامی کے چرن دهلانا هے،
من لے چل اپنے داغوں کو، پريتم پہ پهول چڑهانا هے.

ماتلي، عيد جون محفلون ۽ ”ماءِ نيسٽ“

ماتليءَ ۾ عيدن جون رنگارنگي ثقافتي محفلون ايڏيون ته مشهور ٿي ويون، جو اوڙي پاڙي ۽ پرپاسي وارن شهرن ۽ ٻهراڙين مان جوق در جوق، سون هزارن ته خير، پر لکن جي تعداد ۾ شائقين، تماشبين ۽ راڳ رنگ جا دلداده متوالا ماڻهو پنهنجا ڳوٺ ڳوٺڙا، گائون ۽ شهر ڇڏي، اچي ماتليءَ ۾ گڏ ٿيندا هئا. تنهن سان گڏ ڪيئي يار دلدار، دل فگار، غمگسار ۽ فنڪار به انهن رنگين محفلن کي متل ۽ عروج تي پهتل ڏسي، پنهنجو پاڻ ملهائي، انهن خوشين ۾ اچي گڏبا ۽ شريڪ ٿيندا هئا ۽ ائين چوندا هئا ته ”ماتليءَ جهڙيون اهي عيدون ڪٿي به نٿيون ٿين.“ اُهي عيدون خاص ڪري عيد الفطر جي غره شوال ۽ ڏهين ذوالحج عيد قربان هونديون هيون، جن کي پنهنجين تاريخي اهميتن کان پوءِ انهن ثقافتي راڳ رنگ وارين محفلن مجلسن جو خصوصي شرف به حاصل هوندو هو.

عيدن واريون اُهي خوشيون، خوشنوديون، رنگ رليون ۽ رنگينيون، منهنجي پهرئين اوائلي رومانوي دور واري 1930ع کان ئي جنم وٺي، پيدا ٿي چڪيون هيون. هونءَ ته راگ رنگ واريون اهي ثقافتي محفلون مجلسون ڪرن ڪيٽن، ماماڻن، ناناڻن جي وقت کان وٺي شروع ٿيل هيون، جن وقت جي رفتار سان گڏ همسفر بڻجي، ڏينهن، مهينن ۽ سالن جا سفر طيءِ ڪندي، 1938ع ۾ عين شباب تي پهچي، اوج عروج حاصل ڪيو. اهي مجلسون ۽ محفلون ڪڏهن منهنجي بنگلي 'ماءِ نيسٽ' جي اڳيان روان دوان وهندڙ ڦليلي درياه جي ڪناري تي، وٽن وٽڪارن جي ٽڏڙين ٽڏڙين چانون جي هيٺان ٿينديون رهنديون هيون، جنهن ڪناري کي صاف شفاف بڻائي، چٽڪارون چٽڪارون ڪرائي، منعقد ڪيون ويندیون هيون. تنهن کان پوءِ وري بنگلي جي اڳڻ ايوان واري باغيچي ۾ پکن وارين لانڊين ۽ شاميانن منجهه ٿينديون رهنديون هيون.

انهيءَ وقت ڳائڻ وارا راڳي به وقت جي لحاظ کان ڪڏهن ڪهڙا هوندا هئا ته ڪڏهن ڪهڙا، جن ۾ سدا رنگ يڪتاري نواز به هوندا هئا، ته باجن، ڍولڪين ۽ دلن تي هلڪي ڦلڪي ڳائڻ وارا به هوندا هئا، ته ٻئي پاسي پڪتي رنگ ۾ ڳائڻ وارا پڪٽ به، تنهن سان گڏ سازن وڄائڻ وارا سازنده باجي نواز، ستار نواز، طبلي نواز، بينجو نواز، بنسري نواز ۽ سرندي نواز به هوندا هئا. تنهن کان سواءِ، قواليون ڳائڻ وارا قوال، ڪلاسيڪل ڳائڻ وارا گويا ۽ گجراتي ڳائڻ وارا پيويا پڻ هوندا هئا، جيڪي موسم ۽ وقت جي لحاظ کان اڪثر طور ڪڏهن ڪهڙا هوندا هئا ته ڪڏهن ڪهڙا- جن جي فهرست ۽ لسٽ گهٽو ڪري اڳين ڪن مضمونن ۾ ڏيئي آيو آهيان، پر تنهن هوندي به ڪجهه تفصيل ۽ فهرست هتي پڻ پيش ڪريان ٿو.

ديوان هوتچند باجي ماسٽر، مهاراج خانچند، پرتاب سونارو، جمعون پيل،

پائو رتن سنگهه، خالصو ميلاپ سنگهه، گل ماڇي ۽ خانصاحب بيبي خان جهڙا نامور فنڪار تہ انهيءَ دور جي عيدن تي اڪثر ڪري موجود هوندائي هوندا هئا. تنهن سان گڏجي محفلن ۾ پنڊت پرمانند گوسوامي ۽ سندس ننڍو ڀاءُ پنڊت ديال گوسوامي، تہ طبلي تي وري رومڙيون ماڙيچو، امام علي شيدي ۽ عيسو ڳُڪو ڊولڪ نواز بہ هوندا هئا. انهيءَ دور ۾ هندستان جا مشهور معروف ۽ نامياريا پنڊت ۽ ڪلاسيڪي راڳي گويا بہ، شڪارپور ۽ حيدرآباد ۾ ڪونايل ڪانفرنس ۽ فقير منش سيٺ وشنداس طرفان لڳايل ساليانہ راڳ رنگ واري ثقافتي ميلي تي ايندا هئا، جتي انهن سيني کي ٻڌڻ لاءِ اتي وڃڻ ٿيندو هو. تنهن سان گڏ خانصاحب پياري خان، عاشق علي خان، مبارڪ علي خان، مراد علي خان، بيبي خان ۽ امير علي خان جهڙا بي بها ۽ نامور گويا بہ اڪثر ڪري اتي ڏسڻ ۾ ايندا هئا. جن جي راڳداريءَ مان خاص طور لطف اندوز ٿيندا رهندا هئاسين. تنهن وقت جي عام طبلچين ۾ وشنو مهاراج ۽ منو مهاراج هوندا هئا ۽ خاص طبلي نوازن ۾ تال وديا جا ماهر استاد يا ٻيءَ صورت ۾ ڪين طبلي جو بادشاهہ چئجي، اهي پنڊت چيتن گر ۽ ڪندن گر هوندا هئا. انهن عام طبلچين ۾ رومڙيو ماڙيچو تہ مٺي لکي آيو آهيان، پر سندس جوڙ جيس ۾ پنوُرو ماڙيچو ۽ خيراتي بہ قابل ذڪر آهن.

هتي آءٌ سخي ديو ڪروڙ پتي سيٺ وشنداس جي ميلي جو مختصر لفظن ۾ ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جيڪو انهن ثقافتي رنگن جو دلداده، داتا ۽ ان داتا هوندو هو. پاڻ "مانجهو" مان اچي حيدرآباد ڦليلي ڪناري تي ڦٽين ۽ ڪپهہ ٽاٽڻ جو هڪڙو وڏو عاليشان ڪارخانو ٺهرائي، لکها روين جي سيڙپ سان ڪاروبار هلائي، غريب غربن، مسڪينن محتاجن، يتيمن بيواهن سان گڏ فن ۽ فنڪارن جو پالڻهار ٿي رهيو. جنهن ۾ ايڏو تہ نالو روشن ڪيائين، جو هنڌ سنڌ ۾ سندس پرچار، چوپچو ۽ چوپول ٻڌڻ ۾ ايندو هو. سندس ٻين پُن، دان پرسادِ ۽ سخائن کي هڪڙي پاسي رکندي، هتي آءٌ فقط فن ۽ فنڪارن سان ميل ميلاپ، علم موسيقي ۽ سنگيت وديا سان لڳاءُ جو ذڪر ڪرڻ چاهيان ٿو.

سيٺ وشنداس، جملي سنگيتن جي وديا حاصل ڪندي، ايڏو تہ انهي علم جو اڀياس ڪيو، جو ڪوبہ سنگيت ڪانئس باقي بچيل ۽ رهيل نہ هو. انهن سنگيتن کي ڪيترن ئي ويدن مان ڪڍي، جوڙي ٺاهي، مختلف مختلف گائيڪن، گُنين، نائيڪن ۽ گنڌروئن ايجاد ڪيو آهي، جن ۾ "رگ وِيد"، "اٿر وِيد" ۽ "سام وِيد" سيني کان اڳي اڳي آهن. سيٺ صاحب انهن ويدن ۽ سنگيتن مان ايڏي تہ پرک پروڙ، ڄاڻ ۽ معلومات حاصل ڪري ورتي، جو هند سنڌ جا ڳائٽا گويا ڪيس گرو بڻائي، گيان وٺي، راڳ وديا وٺندا هئا. پاڻ هميشہ پڪو ڪلاسيڪل راڳ ڳائيندو هو. گہ گہ ڪري، تانون هٽي، ٻين ٻڌندڙ گائيڪن کي ٻڌائيندو هو، تہ هيءَ "گهُمڪ" تان آهي تہ هيءَ "آرتي" تان، هيءَ "هردي" جي تان آهي تہ هيءَ وري گلي جي تان، هيءَ

"ڪُت" تان آهي تہ هيءَ "ڄاڙي" تان، هيءَ "نُقري" تان آهي تہ هيءَ وري "گڏه" تان آهي. اتي ڪي بي ضميير گويا موه لوپ ۽ لالچ ۾ اچي، واه واه ڪندي، داد ڏيندي، ڪيس استاد مڃيندي، ڪانئس ڏاڍا ٻڌرائيندا هئا، جنهن تي سيٺ وشنداس راضي پرسن ٿي، بجاءِ شاگردن کان نذر نذراني وٺڻ جي، الٽو خود هزارين رپيا خرچ ڪري، مٺايون ورهائي، ڪين قيمتي ويس وڳا پهرائي، انعام اڪرام ڏيئي، سندر خوشنودي حاصل ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ "هي ويچارا ڇا نذر نذرانو ڏيندا!"

سيٺ وشنداس جي انهيءَ لڳايل مچايل ميلي ۾، جيڪو آءٌ سمجهان ٿو تہ موسم برشگال جي وسڪارن، ميگهہ ملهار جي اچين ڪارين گهٽائن واري وقت جنم اشٽمي دوران لڳندو هو، جنهن ۾ ڪيئي پڳتون، ڳائٽا وڄائٽا، ساز سرود طبلا سارنگيون، باجا نغارا، شرنايون شهنائيون ڪٽي، پنهنجي پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي، ماڻهن کي موهي موکي، موسم کي ويتر وڌيڪ خوشگوار ۽ پُربهار بڻائيندا هئا، ايتريقدر جو انهيءَ ميلي تي مون هندستان جي مشهور معروف شرنائي نواز بسم الله خان کي بہ پنهنجي جوڙ ۽ نقارچين سميت هر سال پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي ڏٺو، جنهن کي خاص طور دعوت ڏيئي گهرايو ويندو هو.

هيڏي ساري هل هنگامي، شورغل، جهمگٽي، راڳين ربابين ۽ ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي ڪاڏ خوراڪ جي بندوبست لاءِ ديگن جا ڪيئي بَٺ چڙهيا پيا هوندا هئا ٻيو تہ ٻيو پر سُکو سوائي يعني شو ٻوٽيءَ جي پرساد ۽ دان پُن ڪرڻ سان گڏ چوويهہ ئي ڪلاڪ راگ رنگ شروع هوندو هو. اڪثر ڪري پاڻ پنهنجي لڳايل درٻار ۾ ڳائٽين، گوين، راڳين ۽ سازندن سان گڏ رهندي، سُک سانت ۽ پريم پيار جو پورائي ڪندو هو. انهيءَ سان گڏ ٻين غير معروف پڳتن راڳين ۽ ڳائٽن کي بہ انهي درٻار ۾ گهرائي، آدرش ڏيئي، ڪين خوب انعام اڪرام ڏيندو هو. انهيءَ ميلي ۾ سنڌي، پنجابي، گجراتي، مارواڙي، بلوچي ۽ پشاورين سان گڏوگڏ هندستان مان به ڪيئي راڳي گويا وٽس ايندا ويندا رهندا هئا. سيٺ وشنداس وارو اهو ميلو راگ رباب، پُن دان ۽ سخا جي سبب بيحد مشهور هوندو هو. جتي پنڌت، مرهٽا ۽ سک بہ گرنٿ، گيتا، رامائڻ ۽ ڪرشن ليلا جو پاٺ ڪندا هئا.

تنهن کان سواءِ، هتي پنجابي گوين ۾ خانصاحب جمال خان ۽ سندس پاءُ پيءُ بخش طبلي نواز جو ذڪر ڪرڻ بہ ضروري سمجهان ٿو، جيڪي موجوده دور جو نامور گائيڪ خان صاحب منظور علي خان جو پيءُ ۽ چاچو هوندا هئا. ٻنهيءَ ڀائرن جو پاڻ ۾ راگ وديا تي نوڪ جهوڪ ۽ جهيڙو لڳو پيو هوندو هو. اهي ٻيئي علم موسيقيءَ ۽ سر سنگيت جا ڄاڻو ۽ ماهر بہ منهنجي راگ رنگ ترنگ واريءَ درٻار جا مُهرا خاص هوندا هئا.

ٻئي دؤر ۾ خانصاحب بيبي خان، جمال خان جمالو ڏاڙهي وارو، فياض خان قوال، يعقوب خان ستار نواز، محمد بخش ستار نواز، هوش محمد شيدي المعروف

هوشو شيدي، رمضان لغاري ڪاپاهي وارو، پير بخش نومڙيو، سندس ڀاءُ رمضان نومڙيو پڪوازي، صالح نومڙيو، محمد بخش ميراڻي جمعو گنجو راڄي خاناڻيءَ وارو، سندس جوڙ ۾ ڦوٽو مڱٿهار پڪوازي، حسين بخش ميراڻي، بچو مڱٿهار، پڪوازي، سارنگي جو سهاڳ سيد قاسم علي شاهه، اسحاق "ڪارو" مڱٿهار، يڪتا ڍولڪ نواز "علڻ" مڱٿهار، عمرا خان لغاري، حيدر ڪوسو ۽ شيخ حاجي عبدالله پراڻو پڪوازي شامل هوندا هئا. جن ڪان پوءِ وري عثمان، مٺو ۽ سندس ڀاءُ هاشم ڪچي پڪوازيءَ به اچي انهن رنگين محفلن کي ويتر وڌيڪ مچايو، همٿايو ۽ رونق افروز ڪيو.

مٿئين وچئين دور ۾ خانصاحب عاشق علي خان ۽ خانصاحب الهڏنو نوناري به ايندا رهندا هئا، ايتريقدر جو انهيءَ وچيٿن دور ۾ حسيني گوليءَ به ماتليءَ ۾ اچي نن موسيقيءَ ۽ پنهنجي حسن نزاڪت سان خوب رنگ ڄمايو ۽ اثر ويهاريو. ابتدائي دور وارن پوين ۾ هميرو، تماچي ۽ صابو توئر قابل ذڪر هئا، جن جو ذڪر اذڪار ته خير سان اڳي پڻ ڪري آيو آهيان. ساڻن ظرافت واري ساٿ سنگت ۾ علي ڪچي، دولت توئر، ٻيجو پڳٽ ۽ بچو ڪچي به وسارڻ جهڙا ناهن. تنهن سان گڏ ڪيئي شوخ، چنچل، حسين نازنينون، نچڻيون ۽ ڳائڻيون، طبلي جي تتڪار تي اداڪاري، ڪلاڪاري ۽ نرتڪاريءَ سان پنهنجو رنگ انگ ۽ ڍنگ پيش ڪري چڪيون آهن. ويتر وڌيڪ سوني تي سهاڳو ماسٽر جتي بخش جي طبلي جي شاعريءَ ۽ ڇيرن جي چمڪاري ۾ ٽڪن توڙي پَرنن ۽ گتڪاريءَ جو اضافو ۽ واڌارو آندو، جنهن هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪيترين ئي حسين جميل ناچڻيون ۽ ديوداسيون پيدا ڪيون. ساڻس گڏ ڪلاسيڪل استاد مقبول خان کي به هرگز وساري نٿو سگهجي، جنهن سنگيت سڪيا سان گڏ ماتليءَ جي ماحول کان متاثر ٿي، سنگيت لکيا.

انهن مٿين فنڪارن منجهان، عزيزن قريبن، يارن دوستارن وانگر گهڻو ڪري ڪيترائي داعي اجل کي لبيڪ چئي، وڃڻجي ويا. جيڪي اجا تائين بچيل ڪچيل آهن، تن سان وندر ڪري لنئون لڳائي ويٺا آهيون. جن ۾ به ڪجهه گهاٽيون واڌيون ٿيندڙيون رهن ٿيون. عيدن واريون اهي محفلون اڄ ڏينهن تائين، ٻين محفلن سان گڏ باقاعدگيءَ سان برابر ٿيندڙيون رهنديون آهن. حالانڪ هاڻي عمر به وڌي ويئي آهي، صحت سگهائي به جواب ڏيو بيٺي آهي. پر تنهن هوندي به "هر هيريئي جي هير لنگ پڳي نه رهي" وانگر دست بردار ٿي ئي نٿو سگهجي. ايتريقدر، جو دل جي شديد دوري پوڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر چوڌري علي محمد جي زير علاج بليئر ڪلينڪ حيدرآباد ۾ هيس ۽ عيدالفطر اچڻ واري هئي، جتي ڪارندا عيد واريءَ محفل بابت پڇڻ لاءِ آيا، ته سندن حوصلہ افزائي ڪندي ڪين اهو چيم ته "اجا آءُ الله جي فضل ڪرم سان زنده آهيان. پر بعد مرگ به راڳ رنگ جا اهي ثقافتي جلسا، ميلا ۽ عيد باراتن جا ڏهاڙا قائم ۽ دائم رهن."

آخر غره شوال جي عيد واري محفل، نهايت تُرڪ اهتمام ۽ زور شور سان شروع ٿي. جن جا هوبا، هوڪرا ۽ نعرا، انهي بيماريءَ ۽ علالت واريءَ غنودگيءَ ۾ ماتلي ڪان ٻڌيهه ميل پري، حيدرآباد جي انهي اسپتال اندر ٻڌڻ ۾ آيا ٿي، جن جي ٻڌڻ سان چرڪ پرينندو، الله الله ڪندو رهيس. منهنجي تيمارداريءَ ۾ ننڍي بيگم سان گڏ اُهي نرسون به حيران ٿي ٿي ويون ته "مريض کي اهي غائبانه چرڪ ڪهڙا پون ٿا!" پر آءٌ ته انهي وقت بيوس ۽ لاچار هيس.

عيد واريءَ انهيءَ محفل جي صدارت، درياه پار ڪري سيد ڏنل شاهه اچي سنڀالي هئي. جيڪو انهن عيدن جي راڳ رنگ وارين ثقافتي محفلن ۾ هميشه شامل ٿيندڙ هو. جتي اسين ٻيئي جوڙ ۾ گڏجي ڳائيندا وڄائيندا هئاسين. سيد ڏنل شاهه دلي وڄائڻ جو خاص ماهر ۽ فنڪار هو. جيڪو پاڻ دلو وڄائي خود به ڳائيندو هو. هونءَ ته انهن موقعن تي حسب معمول ڪيئي راڳي، ڳائٽا ۽ ڳائٽيون، سازنده ۽ فنڪار گڏ ٿيل هئا، پر منهنجي غير موجودگي، اتي انهن سيني کي رُناڙي ڇڏيو. جيڪي سيئي سڄو وقت سيدن، پيرن، فقيرن، ولين، غوثن قطبن ۽ نبين کي پوڪاريندا، سڏيندا ۽ ٻاڏائيندا، منهنجي صحت سگهائيءَ خاطر دعائون گهرندا رهيا. پر انهن سيني ۾، منهنجي درباري محفل جو ظرافتي سرڪردو، ڪل مسخريءَ جو مستانو، چرچي پوڳ جو بادشاهه، محفل جو مور ۽ مجلس جو سينگار، مشهور معروف مسخري ۽ فنڪار "قادو" شيديءَ جو استاد "عارو" شيدي پيش پيش هو. جنهن منهنجي غير موجودگيءَ کي ناقابل برداشت سمجهي، رڙيون، ڪوڪون، آهون ۽ دانهون ڪندي، اوليائن، انبيائن کي سڏيندي، پوڪاريندي، ٻاڏائيندي، ستائيندي، نيٽن مان نير رهائيندي، اکڙين مان جَرن جا آبشار هاريندي، منهنجي صحت ۽ تندرستيءَ جي لاءِ الله جي دربار ۾ گڙگڙايو ٿي. مگر افسو آهي ته ٻيءَ عيد جي اچڻ کان اڳ ۾ ئي هو پنهنجو عارضي دنياوي سفر پورو ڪري، دارالبقا ۾ پهچي ويو. ته آءٌ وري دارالبقا جو سير سفر ۽ سروي ڪري واپس دارالفنا ۾ پهچي ويس. پر دارالبقا جون تجليون ۽ تصور اجا تائين منهنجي دل دماغ ۽ ذهن ۾ محفوظ ۽ موجود آهن، جن کي اُچاريندي، ورجائيندي، گواهيءَ ۽ شاهديءَ بابت هيٺيون شعر عرض رکان ٿو:

تجليات کی تصوير کهينچ کر دل ميں،
تصورات کی دنيا بسا رها هوں ميں.

جنون عشق کی نيرنگياں ارے توبه،
کبهی خدا هون کبهی بنده خدا هوں ميں.

بدلتي رهتی هے دنيا مرے خيالوں کی،
ملا هوا هوں يار سے کبهی جدا هوں ميں.

مير جي لانديءِ، مير امام بخش جي فرزند جي شادي ۽ راڳ رنگ جي ثقافتي رهاڻ

انهن راڳ رنگ جي نجي ۽ عيد وارين رنگين پرُشباب محفلن اسان سان گڏ سپاس واري ماحول کي ايڏو تہ متاثر ڪيو، جو ڳوٺ ڳوٺ، گائون گائون ۽ شهر شهر ۾ ڳائڻ وڄائڻ واريون محفلون شروع ٿيڻ لڳيون. جن وڏي وڃي شادين مرادين ائين پهچي، عروج حاصل ڪيو. هونءَ تہ شادين مرادين ۾ ڪٿي ڪٿي تہ اڳي بہ ڳائڻ وڄائڻ ٿيندو هو، سو بہ اُتي جيڪي خاص اميرائيون شاديون هونديون هيون، پر ميٺئين ۽ وچولي طبقي ۾ ڳائڻ وڄائڻ جو ڪو ايڏو خاص رواج نہ هو، جن محض منهنجي ريس ڪري، روپ رنگ پيدا ڪيو. مگر اڇڪلهہ تہ ننڍي ٽامٽيءَ جي شاديءَ ۾، اڪثر بيشتر ڳائڻ وڄائڻ جو عام رواج ٿي ويو آهي. پوءِ چاهي اهي ناچوڙا هجن يا ڪيرين، سنڌي لوڪ راڳي هجن يا گويا پر ڪٿي ڪٿي تہ انهن شادي ۾ پويا بہ نظر اچن ٿا.

اهو سڀ انهن عيدن باراتن وارين راتين ۽ ڏينهن جي جادوگريءَ جو ڪمال آهي، جيڪي لڳاتار ٿي ڏينهن ٿي راتيون برابر هلنديون رهنديون هيون، جن ۾ آڻ ڪڏهن گائيڪ تہ ڪڏهن نائيڪ، ڪڏهن ڳڻي تہ ڪڏهن گندرو، تہ ڪڏهن وري داناءِ راز بڻجي غم ۽ ياس، رنج ۽ الم وارو ماحول پيدا ڪري، سامعين کي رٽاريم ٿي. ۾ حرڪت، برڪت، نزاڪت، ڪثافت ۽ ظرافت سان مجموعي ۽ هجوم تي هميشہ حاوي ٿي رهندو هيس. ننگر ننگر، ڍگر ڍگر ۽ وک وک تي منهنجي علم، ادب، ثقافت ۽ ظرافت جا چرچا ۽ پرچار ٿيڻ لڳا. تنهن ڪري مون کي بہ اِنهن راڳين، ننڪارن، ڪلاڪارن ۽ مسخرن وانگر بي تحاشا دعوتون ملڻ لڳيون.

پوءِ ڪن غريبائين دعوتن ۾ شريڪ ٿي، احساس کي مدنظر رکندي، محفل گرم ڪري، مجلس مچائي، ڪلاڪي ۽ رُٽاري ايندو هوس، تہ اهي ويچارا سادڙا سودڙا ڳوٺ اڀوجهہ، سڀاجهڙا مومنڙا خوش ٿي، دل جي گهرائين مان دعائون. ڏيندا، ٿورا ۽ احسان مڃيندا، ڏاڍيون خدمتون چاڪريون ڪندي، اها جاءِ نہ ڏسندا هئا جتي ڪٿي سان ڪي ويهارين. هر ڪنهن نشست ۽ جاءِ کي منهنجي شان مان مرتبي ۽ عزت آبروءَ کان گهٽ سمجهي، ڪسرنفسيءَ کان ڪم وٺندي، انتظاريءَ ۽ انڪساريءَ سان معافيون پڻ گهرندا هئا. حالانڪ منهنجي خيال مطابق، اسان جي خدمت گذاريءَ ۽ عزت افزائيءَ ۾ ڪابہ ڪمي بيشي ۽ ڪوتاهي نٿي ڪيائون. آڻ انهن خوشيءَ وارن موقعن ۽ شادين شادمانن ۾ پنهنجا پرايا فنڪار وٺي وڃي، ڪين ڳارائي وڄارائي، گهوٽن سان گڏ محفلن ۽ مجلسن کي بہ موڙ ٻڌارائي، دعوتين باراتين کي خوش ڪري، سنڌن خوشيءَ کي پنهنجي خوشي سمجهي، پُراپات ۽ ويس وڳا ڏيئي، ساريءَ رات واري اوجاڳي ۾، پنهنجي طبيعت خراب ڪري، اتان واپس ٿيندو هئس.

اهڙيءَ طرح سان اهڙين ڪيترين ئي درميانہ ۽ وچولي طبقي سان گڏ غريباڻين شادين کي فيضياب ڪري، پاڻ بہ فيضياب ٿيندو هئس. پر اڪثر ڪري وڏن ماڻهن جي شادين کان نَٽ نٽاءُ ڪندي، گُريز ڪندو هئس. ڇاڪاڻ تہ وڏماڻهپي ۽ تڪبر مون کي طبعاً قطعي طور پسند نہ هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن تہ مستيءَ ۽ سرشاريءَ ۾ اچي، هرڪنهن جي ٻُڌي اڻ ٻڌي ڪندي، پنهنجا حڪم ئي هلائيندو هئس، جيڪي ڪنهن کي گوارا تہ ڪنهن کي وري ناگوار گذرندا هئا. پر تنهن هوندي بہ ڪي اهڙا وهاڻ ۽ شاديون هونديون هيون، جتي فرض سمجهي، وڃڻو ئي پوندو هو. تنهن سان گڏ اتي راڳ رنگ واريءَ ثقافتي محفل جي صدارت بہ زوري زبردستيءَ پنهنجي ئي حوالي ڪندو هئس ۽ ڪين چوندو هئس تہ ميرن پيرن، سيدن، اميرن، رئيسن ۽ وڏيرن ۾ اگر ڪوئي ڳائي وڄائي، خود کي مون وانگر نچائي پنبائي ڏيکاري، تہ پوءِ اها صدارت آءٌ انهي شخص کي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان!

اهڙين پيارين دل وارين شادين جو ذڪر اذڪار تہ هن ڪتاب جي اوائلي صفحاتن ۾ اڳي ئي گهڻو ڪجهہ لکي آيو آهيان، جن ۾ ڄام صاحبن جون شاديون ؛ ختنا، رئيس سردار احمد خان راڄپر جي خوشين جا موقعا ۽ جلسا، مير صاحبن جون شاديون ۽ جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان لغاريءَ جي ڳوٺ "جعفر خان لغاريءَ" وڃي سندس سوٽ خانصاحب حاجي مولا بخش خان لغاريءَ جي پٽن جون شاديون خانہ آبادين بامرادين ڏسي وائسي، خوشيون ڪري، ڳائي وڄائي، نچي پنبي ڏاکو ڄمائي، لکي آيو آهيان. هاڻي هتي فقط ڪن چند شادين جو مختصر احوال تحرير ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو، جن مان پهرين منهنجي پياري دوست، ميرپورخاص وارن ميرن مان نواب مير الهداد خان جي فرزند ارجمند مير حاجي الهہ بخش جي لائق فرزند مير لطف الله جي پهرين شادي جيڪا ميرواهہ گورچاڻي ۽ جيمس آباد ڏانهن ويندڙ رستي جي وچ تي ميرن جي لانديءَ تي منعقد ڪيل هئي، ڇاڪاڻ تہ مير صاحبن ميرپورخاص کان منهن موڙي، ڪناره ڪشي ٿي، "مير جي لانديءَ" نالي رکي، اتي اچي آباد ٿيندي، بنگلا باغ، جايون جڳهيون ٺهرائي، اُتي پاڻ مسڪن مڪين ٿيا هئا.

اسين بہ مير امام بخش جيءَ فرزند جي شاديءَ خاطر تياري ڪري، موٽر ۾ سوار ٿي، ڪنڊي غلام علي، ڊگهڙي ۽ ميرواهہ گورچاڻيءَ کان ٿيندا، جڏهن "مير جي لانديءَ" پهتاسين، تہ اتي مون کي پنهنجي ثقافتي ڳائڻا ساٿي عثمان، مٺو ۽ هاشم ڪچي ملياء. اڃا انهن سان خوش خوش ڪرڻ ۾ ئي مصروف هئس، تہ شيخ حاجي عبدالله پڪوازي ۽ امير بخش ميراڻي بديشائي بہ ڏسڻ ۾ آيا، جن جي صحبت سنگت ۽ راهنمائيءَ ۾، شاديءَ واريءَ جاءِ تي پهچڻو پيو. جتي پهچڻ وقت ڏٺوسين تہ شاديءَ جي بجاءِ هڪ وڏو ميلو نظر ٿي آيو. سون هزارن جي تعداد ۾ موٽرون ڪارون ۽ جيپون بيٺل هيون، جن جي وچ ۾ ڪار پارڪ ڪرڻ جي ڪابہ گنجائش

ٽي ڏسڻ ۾ نٿي آئي. تنهن ڪري آءٌ پنهنجي ڪارٽينا ڪار کي لوڙهن لڪڻ ۽
ائونڊري ڏنل واڙي جي اندر ئي ڏوڪي ڪڍيو هليو ويس، تان جو وڃي شاميانن جي
ڳيان بيهاريم. جتي ٻي.ڪابه موٽر ڪار بيٺل ڪانه هئي.

مون کي پري کان ايندو ڏسي، ٻيا به ڪيئي دوست احباب، ڪامريڊ ۽
نڪار اچي گڏ ٿيا، جن ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري، ڪامريڊ مير محمد خان
الپر سان گڏ روچيرام وڪيل، جنهن کي آءٌ پيار مان "رچيل رام" چوندو آهيان،
ابل ذڪر هئا. فنڪارن ۾ ماسٽر محمد ابراهيم، مولي ٻائي ۽ طبلي نواز
انصاحب غلام محمد خان اچي مون سان مليا. ايتري ۾ ڪاڇ ڏٽي مير امام بخش
ان تالپر وڏيون وڏيون وڪون پريندو اچي نزديڪ پهتو ۽ منهنجو خير مقدم ڪندي،
ون کي رسيو ڪيائين، ۽ بيحد سينگاريل پاڪاريل شاميانن اندر ڊيڪوريٽ ڪيل
ماندار نرم نازڪ آرامده ڪوچن تي هلي ويهڻ جي تقاضا ڪيائين ۽ زور پريائين. پر
ون کي ته پنهنجن ڪامريڊ ساٿين سان نوڪ جهوڪ ۽ رهاڻ رس ۾ مزو آيو ٿي.
نهن ڪري اُتي ئي جام و مينا کي ٻيهر گردش ۾ آندو ويو، جيڪا منهنجي ڪارٽينا
ڪار واري بار ۾ موجود هئي. هونءَ ته اهو جام و ساغر ميرواهه گورچاٽيءَ کان ئي
ردش ۾ اچي چڪو هو، جنهن کي مير جي لانديءَ تي پهچڻ کان پوءِ باجماعت ڪيو ويو.

پنهنجيءَ هن ڪامريڊ برادريءَ ۽ فنڪار ساٿ سنگت جي نوڪ جهوڪ ۽
هاڻ رس ۾ ٿي هئاسين، ته ايتري ۾ مير صاحبان طرفان ماني ڪائڻ جا پيغام پهتا،
نهن جو انتظام ۽ اهتمام وسيع رقبي تي لڳايل الڳ ٿلڳ ۽ علحده شاميانن اندر
يبلون لڳائي ٻُفي ڪيل هو. ٻيا سڀيئي معزز دعوتي مهمان ڳڙ جي مڪين وانگر
هيءَ ماني‌ء تي ميڙ ٿي ويا. حالانڪ منهنجا ڪامريڊ ساٿي به شڪم پُري ۽ پيٽ
رجا خاطر، منهنجي ساٿ صحبت کي ڪابه اهميت نه ڏيندي، هليا ويا. باقي فقط
، هڪڙي واحد وانگر، پنهنجي فنڪارن جي وچ ۾ ائين چوندو رهجي ويس ته "مون
ي شڪم پريءَ کان وڌيڪ، سڀ کان پهرين روحاني غذا جي ضرورت آهي، جيڪا
قط انهن فنڪارن کان ئي ملي ۽ حاصل ٿي سگهي ٿي..."

تنهن کان پوءِ ڪائڻ وارا ته ڪائڻ ۾ ئي لڳا رهيا. مگر انهيءَ جي برعڪس آءٌ
هن فنڪارن سان گڏ انهي شامياني منجهه اچي نفيس ۽ آرامده ڪوچن مان هڪ
ي نشست حاصل ڪري ويٺس، جتي راڳ رنگ ۽ رقص و سرود جي محفل برپا ٿيڻ
ري هئي. منهنجي ويهڻ شرط باجا طبلا ڪلي ويا. سازن ۾ حرڪت اچي ويئي.
سوز نهان سان گڏ آواز ۾ وجد پيدا ٿي ويو. جيئن ته وڏن ماڻهن ميرن، پيرن،
يسن، وڏيرن ۽ اميرن کان سواءِ وچولو طبقو ۽ غريب عوام، راڳ رنگ واريءَ
هيءَ ثقافتي محفل ۾ موجود هئا، تنهن ڪري سيني کان پهرين ريڊيو سنگر ماسٽر
حمد ابراهيم کي وارو ڏيئي ڳايايم. جنهن سان طبلي تي ساٿ سنگت پراڻي مايه
ز ۽ ڪُهنه مشق طبلہ نواز غلام محمد خان ڪئي. ايتري ۾ شڪم پري ڪنڌ

مهمان ۽ معزز دعوتي بہ ڪائي پي، پنهنجا پيٽ ڀري، هيوي ويٽ ڪري، بي تحاشا
جوق درجوق ايندا ويندا ۽ ويهندا رهيا ٿي. پر موٽرن جي شور غل، هل هنگامي
هارنن جي ٽان ٽان مان ائين پڻي معلوم ٿيو تہ جيئن ڇڻ تہ گهٽي تعداد ۾ آيل دعوتي
واپس وڃي رهيا هئا. جن جو ثقافت، فن ۽ ادب سان ڪو پرانهون ۽ ڏورانهون تعلق
بہ نہ هو. يا وري پيسن بچائڻ خاطر اهو پاسو ڪيو هئائون!

آءٌ تہ فقط فن ۽ پنهنجن فنڪارن ۾ ئي مصروف، محو ۽ مستغرق هئيس. ۽
تنهن هوندي بہ عوامي راين، تبصرن، تنقيدن ۽ چوپچو بابت ماحول جو معائنو
ڪندي، جائزو پڻ وٺندو رهيس، جن جي اهائي تقاضا هئي تہ هاڻي وري عثمان، مان
۽ هاشم ڪڇي برادران کي موقعو ڏنو وڃي. بالآخر عوامي مطالبي مطابق، سڀ
تسليم خم ڪندي، ڪڇي برادران کي اڳيان آندو ويو. تنهن وچ ۾ سواءِ چند امير
جي اڪثر ڪري ٻيا ڀاجوڪڙ ٻڌجي ڀڄي ويا. باقي گنتيءَ جي چند امير اڳيان اڪ
واري ڪئميرا ڦيرائيندي گهمائيندي، جڏهن محترم پير غلام رسول شاه جيلانيءَ تہ
پهتي، تہ هڪدم ٽپ ڏيئي اٿي وٽس پهچي، مستي الستي ۽ جذباتي رنگ
چيومانس تہ "توهان جهڙو راڳداريءَ جو ڄاڻو، حسن پرست ۽ عاشق مزاج؛ سو
ايترو پري!" جنهن تي پاڻ عجيب غريب مسڪراهٽون ڏيندي، ڪيئي عذر بها
تراشيندو رهيو. پر آءٌ سندس ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي، ڪنهن بہ حيلي بهاني ۽ ٽال مٽو
کي اهميت نہ ڏيئي، حجت ڪري، ٻانهن ۾ هٿ وجهي، وٺي آئي اُنهيءَ جاءِ تہ
ويهاريومانس، جتي ڳائڻ وڄائڻ ٿي رهيو هو. اتي ويهارڻ کان پوءِ، مون کي ور
پنهنجن ڪامريڊ دوستن جي تلاش ۽ جستجو رهي. جن مان روچيرام نظر آيو. جنهن
تي ڪيس پري کان ئي هڪل ڪندي، حڪماً حڪم ڪيومانس تہ "ڪامريڊ مير محم
کي ڳولي ڦولي هٿ ڪري وٺي اچ!" اڃا انهي شش پنج ۾ ئي هيس، تہ لمبو تڙنگو
ڊگهو ۽ قدآور پير صاحب نظر بچائي، پاڻ کي مختصر ۽ ننڍڙو بڻائي، لڪائي، فر
ٿي ويو.... منهنجين نظرن انهيءَ صدمي جي تلافي خاطر وڃي قاضي محمد اڪ
کي تلاش ڪيو، جيڪو هڪڙي پاسي ٻين جي نگاهن کان لڪل ۽ اوجهل هو. ساڻ
ملي، گهل گهلان ڪري، زوريءَ زبردستيءَ آڻي، انهي درٻار ۾ حاضر ڪيم. جنهن
صاحب بہ پير غلام رسول شاه جي وڃڻ جي حيلا بهانا ڏيئي، پنهنجي جان آزا
ڪرائي. تنهن کان پوءِ وري منهنجيون نگاهون مير صاحبن کي ڳولڻ لڳيون، جيڪ
گهوٽ ڪنوار سان گڏ پنهنجين حويلين جي حضور ۾ ئي هئا. پر انهن کي ڳولينديءَ
اتفاقاً مير بنده علي خان هٿ چڙهي ويو. سندس ٻانهن ۾ زوريءَ جهلي،
ڪري، ڪيس راڳ رنگ واريءَ جاءِ تي وٺي آيس، جيڪو پڻ ڪجهہ وقت اتي و
کان پوءِ پنهنجي ڪمدار حاجي ڪمون شيديءَ کي پاڻ وٽ سڏي، ساڻس ڪجهہ
سرو ڪندي، عذر بهانا ڏيئي، موڪلائي اتان روانو ٿي ويو. باقي اتي وارن
صاحبن جا ننڍڙا ننڍڙا ڇوڪرا مون کي هڪ عجيب تماشو سمجهي، ڳائڻن کي انعا

ڪرامن سان خوب نوازيندا رهيا، جن جي ڏيڻ لاءِ روپئي رپئي وارا سوين نوٽ مون نهنجي طرفان ٽيبل تي ڪڍي رکي ڇڏيا هئا.

ڪچي برادران کان پوءِ، مولي ٻائيءَ سان گڏ آيل حسينن مه جبينن نازنينن نڪارائن کي پنهنجي پنهنجي فن پيش ڪرڻ جي آگيا ڏنم. جيڪي جيسلمير وارن ناڙهن جبلن مان مورتين جهڙا تراشيل جسم وٺي، پري آستانن مان پرورش پائي، وخيزيءَ جون حدون ٽپي، انهيءَ اميراڻيءَ محفل ۾ پنهنجي حسن نڪار، ناز انداز ۽ ن جي مظاهري ڪرڻ لاءِ اتي پهتل هيون. جن جي ڪتنب سان پراڻي دور ۾ منهنجا ۽ گهرا رومانوي لڳاءَ ۽ ٻنڌڻ هوندا هئا، جن بابت پهرئين ڀاڱي جي شروعاتي ڪضمونن ۾ ڪين ديوين سان پيٽنا ڏيئي، سندن پڳتي ڪندي، چرنن ۾ رهي، ڪويتائون مڃيندي، آشيرواد ڏيئي وٺي چتر ڪري آيو آهيان- جنهن لاءِ شاه صاحب ۽ هيئن چوي ٿو ته:

"جيسلمير اٿين جس، جي له الله ڪارڻ لنديون،
هِت به رهايئون رَس، هُت به گڏيون هوت کي."

هتي وري انهن من موهڻين مورتين جي آرتيءَ سمي هيٺيون گيت پڙن سويڪار ڪريان ٿو:

گيت پڙن

تن پريم کی راکهه لگائے تو، وهاں جوگن بن کے جانا هے،
وهاں آج رگوں کے تاروں پر، اُلفت کا گيت سنانا هے.

اے آنکهوں کی گنگا جمنا، سوامی کے چرن دهلانا هے،
من لے چل اپنے داغوں کو، موهن پہ پهول چڑهانا هے.

انهيءَ گيت جي شاهديءَ ۾ لطيف سائينءَ جو هيٺيون شعر لکڻ به ضروري سمجهان ٿو:

رڳون ٽيون رباب، وڄن ويل سڀ ڪنهين،
لُڄڻ ڪُڄڻ ڪين ٽيو، جانب ري جواب،
سوئي سندم سپرين، ڪيس جنهن ڪباب،
سوئي عين عذاب، سوئي راحت روح جي.

جڏهن انهي پڙن پاوَ جي موڊ ۽ سمي ۾ اچي ويا آهيون، ته هڪڙي ٻئي گيت لکڻ جي چاهت ۽ چاهنا به پيدا ٿي پيئي آهي، تنهن ڪري اُنهيءَ کي به درج ذيل ڪجي ٿو:

اے روٹھے ھوئے برھن کے پیا، تم روٹھے رھو میں منایا کروں-

مرے نین آکاش کو ناپتے ھوں، تاروں کی مالا جھاپتے ھوں،
نین آگ کی اگنی تاپتے ھوں، میں پریم کا جل برسایا کروں -
اے روٹھے ھوئے برھن کے پیا....

تن پریم کی آگ میں جلتا رھے، دکھ دیکھے کلیجا ملتا رھے،
پیا آش کان سورج ڈھلتا رھے، جگ روئے میں مسکایا کروں -
اے روٹھے ھوئے برھن کے پیا....

انهن مٿين گيتن، ڀجنن ۽ ڀجن ڀاوَ جي سمي کان پوءِ، ڏکي آتما سان هي شبد اُچارڻا پون ٿا تہ دوستن، مترن، شاديءَ وارن ميرن سان گڏ دعوت ۾ شريڪ ٿيندڙ ڪامريڊن ۽ اميرن جي سهڪار نہ ڪرڻ ڪري، سرشاريءَ جي رواني ۽ فراوانيءَ ۾ اچي، ايڏو تہ مست الست ۽ مدهوش ٿي ويو هئس، جو انهن مه جبين ديوين جي پوڄا پاڻ جي بجاءِ جذبات ۾ اچي، ڍفليءَ جا ٽڪا توڙا، بي ادب بڻجي، سندن جسم جي مخصوص حصن ۽ جاين تي وٺڻ لڳس. جنهن تي بي زبان، شرم حيا جون پتليون مون کي تہ ڪجهہ بہ چئي نٿي سگهيون، بلڪ مون کان ڪڏ ڪنديون، خوفزده ٿيندیون، ڍڄنديون ئي رهيون. پر مولي ڀائي جنهن جو عرصي دراز کان وٺي آءٌ ڄاتل سڃاتل، فن، اخلاق ۽ اخلاص جو ديوتا سمجيل هئس. ڊانس جي بادشاه، شاهہ استاد ماسٽر جتي بخش کان بہ وقتاً فوقتاً مون بابت فرشت خصلت واريون ڳالهيون ۽ تعريفون ٻڌل هئس. پر اها بہ اڄ مون کي هن عجيب، نرالي انوکي روپ الوپ ۾ ڏسي، حيران ٿي ويئي تہ "اڄ هيءَ ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي!"

انهن فتنہ انگيز ناچٿين رقاصائن ۾ هڪڙيءَ کي ڳاڙها ڪپڙا پيل هئا، تہ ٻيءَ کي وري ساوا پهريل هئا. اڻ ڪوئيل عام تماشبين ۽ شائقين، جيڪي راڳ رنگ وارن شاميانن جي چوطرف، اردگرد ڦهليل ۽ ڇانيل هئا، سي تہ وري اُلٽو مون تي حڪم هلائيندا، چرچا گهڻا ۽ ڪل مسخريون ڪندا، ادب مراد ۾ رهندي احترام سان اڻين چوندا رهيا تہ "او سائين! ڳاڙهيءَ کي وارو ڏيو!" وري ٻئي پاسي کان اهي آواز اُٿندا رهيا تہ "نہ نہ سائين نہ، ڳاڙهيءَ کي نہ پر سائيءَ کي، سائيءَ کي!!" تنهن وچ ۾ بجلي پيدا ڪندڙ اليڪٽرڪ ڊائنامور خراب ٿي ويو ۽ لائيٽ بند ٿي ويئي. آءٌ بہ پنهنجي موڊ واري ڊائنامور کي فيل ٿيندو ڏسي، هوبا هوڪرا ڪندو، ميرن کي مخاطب ٿيندو، مٿن طعنہ زني ڪندي، چوندو رهيس تہ "توهان ميرپورخاص وارا شاندار بنگلا حويليون، آرائشون آسائشون، عيش آرام ڇڏي، شهري زندگيءَ کي خيرباد چئي، جهنگل ۽ ٻاهراڙي محض انهي لاءِ وسائي ۽ آباد ڪئي آهي جو هتي پاڻي مفت جو، ڪاٺيون ڪوئلا مفت جا، خدمتگار ۽ نوڪر چاڪر سستا، ياڪون پتيون مفت جون.... مطلب تہ شهري زندگيءَ کي فقط انهيءَ لاءِ ڇڏيو اٿو، جو اتي

جي ڳاٽي ڀڳي خرچ ڪيار ۽ روزبروز جي مهانگائيءَ کان پنهنجو بچ بچاءُ ڪندي، هتي اچي پناه ورتي اٿو... جتي نه روشني آهي نه وري ڪا بجلي... ايتريقدر، جو عارضي طور انجڻ تي لڳايل اليڪٽرڪ ڊائنامور به بند ٿي ويو آهي...."

ايتري ۾ انجڻ ۽ اليڪٽرڪ ڊائنامور جي مسترين سخت جدوجهد ۽ ڏاڍاين محنتن مشقتن ۽ ڪوششن سان مشينري ٺاهي جوڙي، لائيٽ ٻيهر چالو ڪئي، جنهن جي تابناڪ روشنيءَ ۾، مير محمد خان "اچن" کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏٺم، جيڪو ميرپور خاص وارن انهن ماڻڪاڻي ميرن جو چڱو مڙس، لٺ سردار، پڳدار ۽ شير سنڌ مير شير محمد خان ٽالپر جي اولاد مان هو. پاڻ منهنجي نزديڪ، ويجهو ۽ قريب پهچي، مون کي مائٽ مائٽ ۽ سوٽ سوٽ چوندي، ٽڏو ڪرڻ جي مخلصانه ڪوشش ڪيائين. ڇاڪاڻ ته آءٌ انهيءَ وقت انتهائي شدت جذبات جي عالم ۾ هئس. سندس پيار محبت، خلوص صداقت ۽ قربت ڏسي، بيحد هلڪو ڦلڪو ۽ ٽڏو ٿي ويس. ذهن تان بوجهه لهي ويو. پاڻ کي خوش محسوس ڪرڻ لڳس. پر جيئن ته انهيءَ وقت رات جو هڪ لڳي چڪو هو، تنهن ڪري نشي جي مخموري، سرشاري ۽ ٽڪاوٽ محسوس ڪندي، ڪيس عرض ڪيم ته "هاڻي اجازت گهرجي! پاڻ ترسڻ ۽ روڪڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيائين پر مون ڪانئس معافي وٺندي، مير حاجي امام بخش سان ملائڻ لاءِ گذارش ڪئي، جنهن تي پاڻ ٽڪڙا ٽڪڙا قدم ڪڍندي، وڪون وڌائيندي، حويليءَ اندر وڃي، ڏهن منٽن ۾ مير حاجي امام بخش خان کي پاڻ سان گڏ وٺي آيو. جنهن صاحب به اتي رهائڻ ۽ ترسائڻ جي بي انتها ڪوشش ڪئي. پر آءٌ حسب معمول ٻانهون ٻڌي، ڪانئن موڪلائي، پُوا پوت ڏيئي، بکيو لنگهڻو موٽر تي سوار ٿي، مير واه گورچاڻيءَ کان ٽيندو، ڍگهڙي ڇڏيندو، ٽنڊي غلام عليءَ مان لنگهندو، تقريباً سادي ٽين بجي ڌاري ماتليءَ پهتس.

تنهن کان پوءِ ٿورن ڏينهن اندر اهو ٻڌڻ ۾ آيو ته ڏاڙهي وارو مير محمد بخش خان ٽالپر، جيڪو پاڻ کي مدبر، محقق ۽ تاريخ نويس سڏائيندو آهي، جملي مير صاحبن کي ائين چوندو رهيو ته "هڪڙوئي نظاماڻي، توهان سيني ميرن ٽالپرن تي لانگ ورائي نڪته چينيون ڪري، هيٺانهيون مٿانهيون ٻڌائي، بي عزتو ۽ لاجواب ڪري هليو ويو! پر توهان مان ڪنهن به ڪيس کو معقول ۽ مدلل جواب به نه ڏنو! جنهن لاءِ سخت افسوس جو مقام آهي!!"

درحقيقت اها سندس چيٽان پوري هئي، جنهن سان پيار ڪرڻ وارين دلين ۾، نفاق ۽ نفرت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين ٿي. حالانڪ منهنجون نيتون اهي نه هيون، جيڪي هُن صاحب ثروت ظاهر ڪيون ٿي. بلڪ مون ته نهايت نيڪ نيتيءَ سان مير صاحبن کي، پنهنجا پيارا دل وارا سمجهي، حجتون ڪندي، معقول صلاحون ڏنيون هيون ته "توهان هن جهنگل کان ته پنهنجين اصلي مائٽائين جاين ۽ ٺاڻن ٺڪاڻن تي ٿي سهٽا لڳا ٿي، جتي جد امجد کان وٺي اوهان جا ساٿيهه ۽ سيباٽا هئا."

مسخري ۽ مسخرا

انهن شادين وارن هُل هنگامن، غل غپاڙن، شور غوغا ۽ راڳ رنگ جي ثقافتي انگ ڍنگ سان گڏوگڏ، ظرافت ۾ به ايڏو ته مشهور ۽ مقبول ٿي ويس، جو اسان جي ملڪ جا مسخرا- دائود مسخرو، محمد ٽالپر، پنهون ۽ سندس نوعمر شاگرد مسخرو حاجي خاصخيلي، بچو مٽياريين وارو، نورو دادوءَ وارو، ۽ پانڌي ماڃرائي، عارو، قادو، آدو شيدي سپ ماتلائي، ۽ ٻيا به ڪيترائي هئا، جن کي ٻڌي ڏسي، ايرو غيرو، نٿو خيرو، ٽٽي ٽامٽي، وچولي ۽ غريب طبقي جا ماڻهو به اچي، پنهنجي شادين وارين محفلن کي زوردار هنگامه خيز تفريحن ۾ آڻن ۽ گرم ڪرائڻ خاطر، خلوص دل ۽ پيار محبت سان دعوتون ڏيندا هئا، جن جو تفصيل تمام ڊگهو ۽ گهڻو آهي.

مگر هتي آءٌ انهيءَ کي مختصر ڪندي، فقط اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته انهن ننڍين وڏين شادين ۽ شادمانن ۾ وڃي ڳائڻ ڳارائڻ، وڃائڻ وڃارائڻ واري ثقافتي رنگ سان گڏ ظرافت ۽ موج ۾ اچي، محفلن کي مچائي انهن ڀڳن جي ياد تازه ڪرڻ لڳس، جن سان گڏ هڪڙو ناميارو مسخرو هميشه ساڻ ئي هوندو هو، جيڪو ڀڳن ۽ سندن ناچوڙن کي ساهي ڏيئي، آرام وٺائي سگهڙپڻي سان پنهنجو ذاتي انفرادي ظرافتي ۽ ڪشافتي رنگ رچائي، ڪلائي، من ٻهلائي، ڪيڏائي، سندن چهرن تي مسڪراهٽون آڻي، داد تحسين حاصل ڪري، پنهنجي پيٽ جو پورائو ڪندو هو. تنهن کان سواءِ اهي ڀڳت به ڪيس پنهنجو ساٿي سمجهي ورسائيندا هئا.

انهيءَ باري ۾ سينه به سينه وڏن کان ٻڌل هڪڙو واقعو هتي پيش ڪجي ٿو. سجاول واري درياڻي پٽڻ تان واڻين جي هڪڙي شاديءَ جي ڄڃ درياه پار ڪري رهي هئي، ته پٽڻ واري انهيءَ وڏي ويڪري ۽ ڪشاده ٻيڙيءَ ۾ ڳائڻ وڃائڻ واري هڪ ڀڳت ٽولي به ساڻن گڏ هئي، جنهن ۾ هڪڙو مسخرو به شامل هو. ڀڳن جي ڳائڻ وڃائڻ ۽ ناچوڙن جي نچڻ پنبڻ کان پوءِ، جڏهن انهيءَ مسخري کي پنهنجن ڪرتبن يعني مسخريءَ ۽ ظرافت لاءِ وارو ڏنو ويو، ته حسب معمول مسخري پنهنجي مسخريءَ ۽ ٺٽولي جو نشانو هڪڙي اهڙي شخص کي بڻايو، جيڪو ڪُسرو، ٻُچي ۽ شڪل جو ڪوجهو هو ۽ پنهنجيون اکيون هيٺ ڪيو مراقبي ۾ ويٺل هو. مسخرو به طنز، مذاق، ٽوڪرون، ٺٽوليون ۽ چرچا گهڻا حسب معمول سڄي ٻيڙيءَ مان ڦيرائيندي گهيرائيندي، مٿس ئي آڻي مڪائيندو رهيو. پر اهو درويش صفت اهل الله بزرگ ماڻ ۾ ئي رهيو.

جڏهن مسخري پنهنجي مسخري پوري ڪئي، ته انهي بزرگ پنهنجيون ڳاڙهيون ڳاڙهيون لال خمار الوده اکيون مٿي ڪٽي، مسخري تي وڏيون، ته مسخرو انهن جلالي اکين جو تاب نه سهندي، وڏي رڙ ڪندي، ڊوڙي اچي سندس پيرن ۾

پيو. ليلائيندي، ٻاڏائيندي، بخشائڻ جي ڪوشس ڪيائين. پر جيئن تہ فقيرن بزرگن ۽ برگزيده الله وارن جون دليون هميشه صاف شفاف ۽ پاڪ هونديون آهن، تنهن ڪري انهيءَ بزرگ بہ مسڪرائيندي، مسخري کي بخش ڪندي، ڀاڪر پائي، سينو سيني سان لڳائي، ڪيس فيض سان رنگي، واصل بالله ڪري ڇڏيو. جنهن تي سندس پيروڪار، خليفا ۽ ساٿي اهو اعتراض ڪرڻ لڳا تہ "اسين توهان سان عرصي دراز کان وٺي خدمتون چاڪريون ڪندا رهيا سين، پر اسان تي اهڙي ڪابہ نظر عنايت نہ ٿي جهڙي مسخري ننولي‌ءَ ڪندڙ هن مسخري تي ٿي آهي!" جنهن تي جواب ڏيندي پاڻ کين چيائون تہ "جيڪي ڪجهہ هن وٽ هو، سو هن اسان جي اڳيان پيش ڪيو ۽ جيڪو ۽ جيڪو ڪجهہ اسان وٽ هو سو ڪيس حال بيان ڪندي ڏنوسين."

اهو خدا رسيده برگزيده بزرگ اهل الله شخص، ڪڙيي گهنور جي روضي وارو ميون محمود نظاماڻي هو. جنهن کي پير سائين روضي ڏٺي‌ءَ کان انهيءَ حد تائين خلافت مليل هئي، جو پاڻ بہ لکها مريدن ۾ اڄ تائين "روضي وارو" سڏبو آهي، جنهن جا ڪچ ڀڄ، ڪاٺياواڙ، ڪنڌا، گجرات، بمبئي، بنگال، مارواڙ ۽ ڪراچي‌ءَ تائين مريد ڦهليل آهن، جيڪي ڪيس ٻائو، پادري ۽ پير کي پوڄين ٿا. جن ۾ غريب ۽ وچولي طبقي وارن سان گڏ، لکا پتي، ڪروڙ پتي ۽ ارب پتي ميمڻ سيٺيا بہ آهن. هر سال 12 ربيع الاول تي سندس عرس نهايت عزت احترام، ادب مُراد، تُرڪ احتشام، عقيدت، محبت ۽ ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي. جنهن ۾ سنڌ تہ خير پر آفريڪا ۽ هند مان بہ هزارين عقيدتمند سندس روضي تي پهچي، انهيءَ مقدس مزار تي قرآن خواني ڪري، فاتح پڙهي، قل بخشي، حاضري ڏيئي، دعائون ونندا آهن.

الله! الله! ڪيڏو نہ مان ۽ مرتبو انهي مسخري جو، جنهن اهڙي ولي الله سان مسخريون ننوليون ڪري، سِڦل بياني ڪندي، واصل بالله ٿي، ولايت ورتي. ڪيڏي نہ مٺيا، صداقت، سچائي، محبت ۽ سخا انهن برگزيده بزرگن ۾ هئي، جن سان مسخريون ننوليون ڪندڙ مسخرا بہ فيض حاصل ڪري، نوازجي، واصل باالله ٿي ويا!

پر جيئن تہ نہ منهنجو اهو ذريعو معاش هو، نہ ئي پيٽ جي پورائي‌ءَ جو وسيلو، آءٌ تہ فقط عيش ۾ اچي، نينهن نيائڻ خاطر، جنون جي حد تائين جنوني بڻجي، محض ٻين جي خوشي‌ءَ ۾ پنهنجي خوشي محسوس ڪندي، پنهنجي مَٽي کي ماري، رئيسي‌ءَ ۽ وڏ ماڻهپي‌ءَ کي پاسيرو رکندي، اندر جي آهن دانهن، جذبن جذباتن کي لڪائڻ خاطر ئي ائين ڪندو هئس، تہ جيئن ٻين جي هل هنگامن، ڪل خوشين ۽ ٺهڪڙن ۾ اندر جون آهون ۽ ارمان دٻجي لڪي وڃن، جنهن لاءِ لطيف سائين‌ءَ چيو آهي تہ:

"نهائين‌ءَ کان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري."

اهڙي‌ءَ طرح آءٌ بہ پنهنجي حسرت ۽ ياس کي لڪائيندو، پنهنجو ئي دڪ درد هضم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، ظرافت ۾ اچي، مسخرو بڻجي، ڪشافتي اکر

ڳالهائي، مجموعي کي ڪلائي وندرائي، ٿوري وقت لاءِ تسڪين حاصل ڪندو هئس ۽ وري بہ ساڳئي ئي درد، درمان، آهہ زاريءَ بيقراريءَ سان ئي وندر رهندي هئي. چاڪاڻ تہ وصال يار سان گڏ يار جي جدائي بہ وٺندڙ هئي، جنهن شعور بخشي، ڪيئي ارتقائي منزلو طئي ڪرائي، انسان بڻايو ۽ آس نراس ۾ سڪون ٿي ڏنو.

"سکون و یاس تو حاصل تھا بے رخی سي تیرے،
اس اِک نگاہ کرم نے تو اور تڑپایا."

چاڪاڻ تہ انهيءَ نگاهہ ڪرم سان وڇوڙي جون واٽون، جدائيءَ جا رند راهون ۽ پيچرا بہ سائ گڏ ئي هوندا آهن. جنهن ڪري بهار خزان جو تہ خزان وري بهار جو نياپو ۽ سنديسو آئي ٿي. تنهن سان گڏ اها بہ خواهش هوندي هئي تہ ممڪن آهي تہ انهن ڪلڻ وارن ۾ ڪو اهڙو بزرگ، برگزيده اهل الله ۽ ولي الله بہ موجود هجي، جيڪو مون کي انهي مسخري وانگر نوازيندي، واصل باالله ڪري ڇڏي. چاڪاڻ تہ منهنجي حالت بہ ڪڏهن ڪهڙي هئي تہ ڪڏهن ڪهڙي!

ممڪن هجي تہ انهن ڪلندڙن خوش ٿيندڙن ۾ ڪي فقير منش، درويش صفت، اهل الله ۽ ولي الله بہ هجن، جن جي دعائن سان پيريءَ ۾ اولادي ٿيس، رزق ۾ برڪتون پيون، خوشين ۽ خوشنوديين ۾ رهندي اڻ ڪٽ روز حاصل حاصل ڪري، ترقين مٿان ترقيون حاصل ڪندو رهان ٿو. تنهن سان گڏ ڀڄڙن ٻارن، پيارن دلوارن، يارن دلدارن ۽ فنڪارن جو سات بہ سلامت آهي. جنهن لاءِ انهن فقيرن درويشن ۽ ولي الله ئن مان مون کي ڪيئي نظر آيا، جن سان ڪچهريون ۽ رهاڻيون بہ ٿيون، جن ۾ ڪي مست الست، ڪي چريا پاڳل تہ ڪي وري ابدال بہ هئا، جن جي دعائن سان گڏ منهنجي والده ماجده جون دعائون بہ شامل حال هيون، جيڪا هميشہ خلوص دل، پيار محبت ۽ صداقت سان چوندي هئي تہ "ٻچڙا! مدعي محتاج، دشمن دفع، اٽڪت روز، صحت سگهائيءَ سان گڏ، سدائين تنهنجو سات سلامت رهي ۽ تنهنجي پٽن جون آسون مرادون ڏسان!"

پر ويچاري مائي منهنجان شان شوڪت، ادب نزاڪت، خو ۽ خوبيون، همتون جرئتون، جاه جلال تہ سندس ئي دعائن طفيل ڏٺا. اولاد ۾ نياڻيون نماڻيون بہ ڏٺائين. پر اولاد نرينو ڏسڻ ڪان اڳ ئي داعي اجل کي لبيڪ چئي، وصال ورتائين سندس دل جون اُميدون آسرا بہ پاڻ سان گڏ ئي کڻي ويئي، جنهن لاءِ دعائون ۽ اولاڻا ناهي رکيا هئائين. چوندي هئي تہ "ڪريم بخش جي پٽن جا لوڏٿا، جهولا ۽ پينگها لوڏيان!" اڄ بہ ڪريم بخش ۽ ڪريم بخش جي پٽن لاءِ سندس ڪيل دعائون شامل حال آهن ۽ هميشہ شامل حال ئي رهنديون، آمين!

"رهندو وڃي پاڻ ڏٺي، رهندو وڃي پاڻ ڏٺي،
ٻي سڀ صفن صافي بندا، هڪڙو الله باقي."

ڪراچي، ڄام هائوس ۽ ڄام سبب علي خان

انهيءَ دوران جڏهن 1973ع واريءَ دل جي دوري واريءَ بيماري ۽ علالت ڪان پوءِ نيائين جون شاديون ۽ ٻن پٽن علي رضا ۽ قاسم رضا جا ختنا ڪرائڻ وقت آءٌ ايڏو ته ضعيف ۽ ڪمزور ٿي ويو هئس، جو شاديءَ تي آيل ٻين دعوتين، عزيز ترين دوستن احبابن ته خير، پر ڄام انور علي خان جهڙي پياري يار کي به سڃاڻي نه سگهيس، جنهن کي سندس وڏن وڏن ٽهڪن ڏيڻ ڪري سڃاتم- انهي وقت مستي سرشاري ته الڳ رهي پر ڊاڪٽرن جي چوڻ مطابق سگريٽ پيئڻ به ختم ڪري چڪو هئس. زندگيءَ ۾ اُها زندگي نه رهي، جيڪا جنون جي حد تائين جذبات ۾ رهندي هئي.

آهستي آهستي طبيعت ۾ چل چلاءُ، حرارت، رواني ۽ زندگيءَ ۾ رمق ۽ رونق وڌندي ويئي. خون ۾ اضافو ٿيڻ لڳو. تنهن ڪري ڪمزوريءَ ۽ جمود مان نڪري، ساڳيءَ طرح پُربهار روان دوان دور ۾ داخل ٿيڻ لڳس، جيڪو پٽيان پنهنجين ياداشتن ۾ چڏي آيو آهيان ۽ هن ڪان اڳ لکيل ظرافتي مضمون "مسخرا ۽ مسخريءَ" ۾ به اهڙي قسم جي مصوري ۽ چترڪاري ڪري چڪو آهيان. ليڪن اجا تائين انهي درجي تي نه پهتو هئس، جنهن کي چڱيلائي، تازگي ۽ توانائيءَ سان تعبير ڪري سگهجي. انهيءَ وقت نوابزاده ڄام انور علي خان ڪان، ڄام نواز علي وليج تان، جنهن کي آءٌ خاص طور "ڊريم وليج" چوندو آهيان، ٽيليفونن جي مٿان ٽيليفون اچڻ لڳا ته "آءٌ ڪراچي هلان ٿو، سو تون به تمام جلد اتي پهچي وڃ- وڏيڪ حال احوال روبرو اوريندا سين."

ڪار نه هئڻ ڪري، ريل ۾ سوار ٿي، ڪراچيءَ جي صدر اسٽيشن تي پهتس، ته سيد اسماعيل شاه پيراڻيءَ واري جي فرزند ارجمند سيد لطف علي شاه اتي منهنجو خيرمقدم ڪندي، ٻڌايو ته "توهان جي فون پهچڻ تي ڄام سبب علي خان مون کي خاص طور تاڪيد ڪندي، توهان کي پاڻ سان گڏ وٺي اچڻ خاطر اسٽيشن تي موڪليو آهي. ساڳيءَ طرح حاجي محمد اسحاق ٽيلرنگ هائوس تان ٽيلر ماسٽر امان الله به توهان جي اچڻ جو اطلاع ڏنو هو." آءٌ سيد لطف علي شاه سان گڏ موٽر ۾ سوار ٿي، نوابزاده ڄام سبب علي خان جي بنگلي تي پهتس. جنهن ٻڌايو ته "انور علي خان اجا هتي ڪونه پهتو آهي. مگر تمام جلد پهچڻ وارو آهي. تيستائين توهان ڪمري اندر هلي آرام پذير ٿيو." آءٌ ان انتظار ۾، ڄام سبب علي خان واري انهيءَ ڪمري ۾ قيام پذير ٿيس، جنهن سان مون کي هڪ قسم جي خاص اُنسيت هئي ۽ هميشه ئي انهي ڪمري ۾ ئي رهندو هئس. پر انهيءَ وقت ڄام سبب علي خان مون کي پنهنجي خاص مخصوص ڪمري ۾ رهائڻ ترسائڻ چاهيو ٿي، جنهن ۾ هميشه پاڻ رهندڙ هو ۽ جيڪو خاص طور سندس ئي استعمال لاءِ آراسته پيراسته هو. ڇاڪاڻ ته انهيءَ وقت منهنجي لڳاءَ ۽ اُنسيت واري اُن ڪمري ۾ ڄام

انور علي خان جا فرزند ارجمند ڄام حيدر علي خان ۽ ٻيا قيام پذير هئا. مٿيءَ ماڙي فيملي لاءِ مخصوص ٿيل هئي.

جيئن ته ڄام سبب علي خان اولاد نرينہ جي نعمت کان محروم هو، تنهن ڪري ڄام انور علي خان جي پٽن کي پنهنجو اولاد سمجهي پاليندو پوسيندو ۽تعليم ڏيارينندو رهندو هو، جن سان سندس والهانہ محبت هوندي هئي، سا چاهيائين ٿي ته انهي ڪمري مان ڪين بيدخل نہ ڪيو وڃي، جنهن ۾ اهي رهندڙ هئا جتي سندن سامان بہ چڙوچڙ ٿيو، ٽڙيو پڪڙيو پيو هو. سندس چوڻ هو ته "ڄام انور علي خان پهچڻ ورو آهي. توهان ٻيئي مون واري ڪمري ۾ گڏجي رهندا. آءٌ ٻچڙا سان گڏ رهڻ ۾ ئي پنهنجي عافيت سمجهان ٿو."

پر مون احتراماً سندس ڪمري کان گريز ڪندي، ساڳئي اُنهيءَ ڪمري ۾ رهڻ لاءِ ضد ڪيو، جتي آءٌ هميشہ اچي رهندو هئس. تنهن کان سواءِ جاءِ، ڪمري پلنگ يا ڪٽ بدلجي وڃڻ سبب، سڄي رات ننڊ پڻ نہ ايندي اٿم. اسان ٻنهي جو انهي بحث، تڪرار ۽ سوالن جوابن جي وقت نواب صاحب امير علي خان لاهوري جو وليعهد فرزند ارجمند نوابزاده احمد حسين بہ اتي ئي موجود هو. آخرڪار ڄام صاحب مجبور ۽ لاچار ٿيو، ۽ منهنجي ضد کي مقدم رکندي، ڄام حيدر علي خان کي حڪم ڏنائين ته "بابا اهو ڪمرو خالي ڪريو!" آءٌ پنهنجو سامان سرڙو موٽر مان لاهرائي، ڪٽائي، ڪمري ۾ رکائي، آرامي ٿيس، ڇاڪاڻ ته ٽرين جي سفر ڪري تمام گهڻو ٿڪل هئس. هڪ ته بيماريءَ جي ڪمزوري، ٻيو ريل جو سفر، تنهن ته هيڪاري ٿڪائي، چوُر ڪري ڇڏيو هو.

هونءَ بہ مون اڪثر ڪري ڄام سبب علي خان جي ذهنيت ۽ طبيعت کي هر وقت تائين جيتري قدر پرکيو ۽ پروڙيو آهي، ته ڏٺو اٿم ته، ٻين تمام گهڻين سخائين هوندي ۽ پنهنجا خانداني فرائض سرانجام ڏيندي، باقي سواءِ چند محدود ۽ مخصوص دوستن جي جن ۾ سيد نصير شاهہ، نوابزاده احمد حسين، خير محمد خان ڪٽياڻ، رئيس علي خان جوڻيجو ۽ محمد خان جوڻيجو شامل هئا، ٻين سان سندس طبيعت نہ ملندي آهي ۽ ائين چاهيندو آهي ته خلاف طبع سندس بنگلي تي ڪو مهمان بڻجي نہ اچي ته بهتر. پوءِ چاهي اُهي سندس وڏي ڀاءُ انور علي خان يا سندن خاندان جا پيارا دل وارا ئي ڇو نہ هجن، جن ۾ آءٌ بہ اچي ويس ٿي. پر مون کي ته انهيءَ لارينس روڊ مان نڪتل مرزا اسٽريٽ ۽ موجوده نواب جان محمد اسٽريٽ واري بنگلي سان محبت جي حد تائين محبت محض انهي لاءِ هئي، جو منهنجو پيارو دوست انور علي خان بہ اُتي ئي رهائش پذير ٿيندو هو، جنهن سان چوويهہ ئي ڪلاڪ سنگت سات ۽ صحبت رهندي هئي. ورنہ ٻيون بہ اهڙيون ڪيئي جايون هيون، جتي رهائش پذير ٿي سگهيس ٿي، بلڪ ڪيترائي ڀيرا انهن ٻين جاين تي قيام پذير پڻ ٿي چڪو هئس.

هن پيري جيئن تہ ڄام انور علي خان جي طرفان ئي گهرايل ۽ سڏايل هئس، تنهن ڪري ضد ڪندي، پنهنجي لڳاءَ ۽ اُنسيت وارو ڪمرو حاصل ڪري رهيس، ۽ اُن ۾ چار پنج ڏينهن ائين ئي گذري ويا. پر ڄام انور علي خان هر روز ٽيليفون ذريعي آسرا ڏيندو، قسم وجهندو، منٿون ڪندو، ترسائيندو رهيو ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجي پاءُ ڄام سبب علي خان ۽ فرزند ڄام حيدر علي خان کي بہ ٽيليفون تي منهنجي خدمت چاڪريءَ لاءِ پارتون ڪندي، چوندو رهيو تہ "رئيس کي ڪنهن بہ حالت ۾ وڃڻ نہ ڏيندا، جيستائين آءٌ نہ پهچان."

ڇهين ڏينهن ٻڌڻ ۾ آيو تہ ڄام صاحب رات جو ٻين بجي پهچي ويو آهي، جيڪو ٻئي بنگلي تي سندس جذباتن جي ملڪ وٽ ترسيل آهي ۽ هاڻي هتي جلد ئي پهچي ويندو. اجان آءٌ سندس انتظار ۾ ئي هئس، تہ پاڻ اٽڪل ڏهين بجي ڌاري، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، اچي، پاڪر پائي مليو. مون بہ خوش ٿيندي، مسڪرائيندي، ساٿس شڪايت ڪئي تہ "اِها ڪهڙي ڏوهہ جي سزا ڏني اٿوَ، جو آءٌ لڳاتار ڇهہ ڏينهن بيچينين ۽ بيقرارين سان اوهان جو ئي انتظار ڪندو رهيس!" پاڻ حسب معمول وري بہ وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، لمائيندي، اهو ٻڌايائين تہ "لاهور هلڻو آهي! جنهن لاءِ ئي توهان کي هتي گهرايو اٿم. آءٌ هن ڪان گهڻو اڳ پهچي وڃان ها، پر ڪن خانداني گهريلو ۽ زميٺداري ڪمن ڪارين جي باعث ايتري دير ٿي ويئي. هاڻي سيائي صبح جو هوائي جهاز رستي لاهور پهچڻو آهي، جنهن جا ٽڪيٽ حاصل ڪري رزوريشن ٿي چڪي آهي، تنهن ڪان سواءِ لاهور جي دوستن کي پڻ اهڙو اطلاع ڏنو ويو آهي."

آءٌ سندس اهو فرمان ٻڌي، حيران ٿي ويس، ۽ ساٿس انڪار ڪندي، ڪيس ٻڌايم تہ "هڪڙو هفتو ڪراچيءَ ۾ انتظاري رهيس ۽ هاڻي وري لاهور! نہ ڄاڻ تہ اتي ڪيترو وقت لڳي! تنهن ڪان سواءِ ٻچڙن ٻارن لاءِ خريداريءَ ۾ ٽيليويزن ۽ ٻيو سامان سرڙو وٺي، ڪيسو بہ خالي ڪري ڇڏيو اٿم. ازانسواءِ، صحت بہ برابر سالم ۽ سفر جي لائق ناهي. تنهن ڪري اڄوڪو ڏينهن توهان سان گڏ رهي، سيائي لاءِ اجازت ڏيندا تہ بهتر ٿيندو." پر پاڻ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪندي، پنهنجو يڪطرفو اٽل فيصلو ٻڌائيندي، سُنهن ساڪون، قسم قسمات وجهي، ٻڌايائين تہ "تنهنجي لاءِ بہ سڄو بندوبست ٿيل آهي. ايتريقدر جو هوائي جهاز جو ٽڪيٽ ۽ سيٽ بہ اوهان جي نالي رزروِ ٿيل آهي. تنهن ڪري توهان کي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ ڇڏي ئي نٿو سگهجي!" باوجود گهڻيءَ منٿ ميڙ جي بہ نہ مڃيائين. ايتريقدر، جو بالآخر مون کي سندس ضد آڏو سر تسليم خم ڪرڻو ئي پيو.

رومانوي شهر لاهور ۾ بدمزگي

اها رات رنگينين ۾ بسر ڪري، ٻئي ڏينهن علي الصبح ٻين دوستن جي قافلي سان گڏ ايئرپورٽ تي پهتاسين. اُنهن ۾ ڄام رسول بخش خان ۽ سيٺ ڪشنچند ۽ اداڪار "آزاد" به شامل هئا. ايئرپورٽ تي ڄام صاحب جن جي جذباتن جي ملڪ ۽ ملڪ جو مامون به اسان سان گڏ شامل سفر ٿيجي ويا. دوران گفتگو اسان کي معلوم ٿيو ته ملڪ صاحب جي مامون جان جي دختر جي سالگره هئي. جنهن لاءِ ئي اهو سفر ڪرڻو پيو هو.

جمبوجيٽ هوائي جهاز ۾ سوار ٿي، ڪراچيءَ کان لاهور جو مفاصلو ويڙهيندي سهڙيندي، هڪ ڪلاڪ ۾ پورو ڪري، سرزمين پنجاب جي مڪ شهر لاهور واري ايئرپورٽ تي لٿنڌ وني، جملي مصروفيات ۽ لوازمات کان فارغ ٿي، ٻاهر پهتاسين، ته ايتري ۾ اسان کي رسيو ڪرڻ وارا ڪيئي دوست احباب موٽرن سميت اتي موجود هئا، جن ۾ خاص طور نوابزاده ليياقت علي خان جو فرزند ارجمند نوابزاده ولايت علي خان به پنهنجي پٽن سميت بيٺل هو، جن سان گڏ جلوس جي شڪل ۾ انٽر ڪانٽينينٽل هوٽل پهتاسين، جتي لهڻ سان ئي اداڪار "آزاد" سامان جي انتظار ۾ سربراهيءَ ۾ لڳي ويو. اسين اتان سڌو رسيپشن تان معلوم ڪندا، لفٽ تي سوار ٿي، آسمان طرف پنهنجن ڪمرن ڏانهن اڏامڻ لڳاسين، جيڪا شايد اُتان کان ڇهن منزلن ڏانهن وڃڻ واري هئي. ايتري ۾ اوچتو الائجي ڪهڙيءَ منزل ۽ طبقي تي اها لفٽ اچي بيٺي. منهنجا سنگتي ساٿي ته هڪدم لفٽ مان لهي ٻاهر نڪري ويا. باقي فقط آءٌ اڪيلو ئي لفٽ ۾ رهجي ويس. اچانڪ لفٽ جا آٽوميٽڪ دروازا بند ٿي ويا ۽ لفٽ اچان به مٿي وڃڻ لڳي. آءٌ حيرانيءَ ۽ پريشانيءَ جي عالم ۾ اهو به نه ڏسي سوچي سگهيس ته هوٽل جو اهو ڪهڙو طبقو هو، جتي منهنجا دوست لٿا! منهنجي لاءِ انهيءَ آٽوميٽڪ لفٽ اهو پهريون تلخ تجربو هو. ورنه اسان جي زماني وارين لفٽن کي ته پنهنجي مرضيءَ مطابق گڏه ۽ گهوڙي وانگر ٽڪ ٽڪ ڪندي، دقيانوسي سٽيچن ذريعي، هيٺ مٿي ڪري هلائبو هو، جن جا چينل وارا لوهي دروازا به اسان کي پاڻ ئي بند ڪرڻا پوندا هئا.

منهنجي سواريءَ واري اها آٽوميٽڪ لفٽ، هوٽل جون سڀيئي منزلون طيءَ ڪري، مٿي پهچي، واپس هيٺ لهندي، طبقي وار بيهندي، جڏهن گرائونڊ فلور تي پهتي، ته آءٌ به حيرانگيءَ جي عالم ۾ جلدي جلدي لفٽ مان ٻاهر نڪتس، ته جيئن متان وري واپس اُڏامي نه وڃي. انهيءَ آٽوميٽڪ لفٽ مان لهندي ئي، خدا جا شڪر بجا آڻيندي، اٿين چيم ته "جان بچي لاکهون پائے...." ايتري ۾ هڪڙي پاسي ٻيءَ لفٽ مان ڄام صاحب ۽ ٻيا دوست ڪلندا، مسخريون ٺٽوليون ڪندا، لهي اچي مون سان بغلگير ٿيا. تنهن کان پوءِ واپس لفٽ ۾ چاڙهي، چوٿين طبقي تي پهچي، سيٺ

ڪان پهرين مون کي لاهي، انهيءَ کان پوءِ پاڻ لٿا ۽ مون کي پنهنجي مخصوص ٽيل
بل بيڊ روم جي حوالي ڪيائون. انهيءَ ڪمري جو نمبر شايد 424 هو. شڪر
ڪيم، جو ڪمري نمبر 420 کان بچاءُ ٿيو. اهڙيءَ طرح سان ٻيا به ٽي ڪمرا جيڪي
ڪٻئي سان سلسليوار ملحق هئا، تن ۾ اهو420 نمبر نه هو، بلڪ 421 کان شروع
ي 424 تائين پهتا ٿي.

جيتوڻيڪ ڪمري نمبر420 کان ته بچاءُ ٿيو، پر انهيءَ ڪمري نمبر 424 ۾
ڪڙو وڏيڪ بيڊ ڏسي، مون فن، آرٽ ۽ فلمي دنيا سان والهانه پيار ڪرڻ سبب،
امور فلم اداڪار "آزاد" کي پاڻ سان گڏ رهائڻ ۾ ڪوبه اعتراض نه ڪيو. چاڪاڻ
، بيماريءَ جي ڪمزوريءَ ۽ سفر جي تڪاوٽ سبب انهيءَ رومانوي شهر لاهور ۾
ڪوبه عيش عشرت ڪرڻو نه هو. جنهن لاهور ۾ 1932ع کان وٺي، منهنجا ڪيئي
ومانوي دور گذري چڪا هئا، جن ۾ ڪڏهن "سهڻين" کي جذباتن جي درياه ۾
ڏندي ساهڙ کي سڏيندي ڏٺم، ته ڪڏهن مينهون چارڻ واري "ميهار" کي مشق جي
ڙاه ۾ چيخندي چلائيندي درياه جي ڪناري تي دانهون ڪوکون ڪندي ٻڌم:
ڪيئي "رانجها"، "هيرن" پٽيان پنهنجي تخت تاج ڇڏي، جوڳي بڻجي، مرليون
ڄائيندي، ڏٺم ٻڌم، ته ڪيئي "صاحبائون" وري مرزن جي ور چڙهي، پنهنجيون
زتون، عفتون ۽ عصمتون لٽائيندي ڏٺم- جن جون ڪٿائون، ڪهاڻيون ۽ داستان
هيءَ سر زمين تي اڄ به سرعام ڳائجي ڏهرائجي رهيا آهن، جن کي ڪوي پنهنجي
ڪويتا ۾، شاعر پنهنجي شاعريءَ ۾، اديب پنهنجي ادب ۾، ته راڳي پنهنجي راڳ
ڳائي وڄائي ۽ ورجائي رهيا آهن ۽ هميشه ڳائيندا وڄائيندا ۽ ڏهرائيندا رهندا-
ن لاهور ۾ اتي منهنجيون به ماضيءَ جون ڪيئي رومانوي يادون ۽ حسين يادداشتون،
يار محبت جي افسانن ۾ اچي ابوالهوسيءَ واري مجاز تائين پهچي نسبت ڏيندي،
نسوب ڪري سگهجن ٿيون. تنهن کان سواءِ ڪيترن ئي فنڪارن، اديبن شاعرن،
الم، اسڪالرن، صحافين دانشورن، محققن مفڪرن، فلاسافرن ۽ حقائق نگارن
سان به ڪيئي ڪچهريون رهائيون ۽ محفلون مجلسون به اتي ان لاهور ۾ ئي ٿينديون
هيون هيون.

پر اڄ انهيءَ لاهور جي اها سرزمين هڪڙي يار غمگسار، دلدار وفا شعار،
حسن ۽ حقائق نگار "تنوير" نقويءَ جي وفات ڪري وڃڻ سبب، ٻُسي، بي مزي،
ي رونق، ڪوماٽيل، اُجهاٽيل، اُجاڙ ۽ ويران پئي نظر آئي. ان ۾ اڄ اهو سوز نه
رور، نه اهو فتنو نه فتور، نه علم ادب سان چاه نه لڳاءُ، نه وري فن خانن ۽ ادب
انن جي تلاش ۽ جستجو ئي رهي هئي. اڄ اتي منهنجو حال اهو هو، جو طبيعت
اهيو ٿي ته انهيءَ ڪمري جي گوشي تنهائيءَ ۾ رهندي، پاڻ کي بي سهارا، بيوس
ڪس، مجبور ۽ لاچار محسوس ڪندي، دل برداشته ٿي روئندو رهان.

مگر نوابزاده جام انور علي خان جي پُرڪشش، سحرانگيز، دل وندرائيندڙ،

بهلائيندڙ مقناطيسي طبيعت، مون کي انهي ڪسمپرسيءَ واريءَ حالت ۾ بهرحال وڃڻ نه ڏنو. چوويهه ئي ڪلاڪ سندس اهائي ڪوشش رهي ته منهنجي دل ڀُڃائيندو للچائيندو ۽ وندرائيندو رهي، جنهن لاءِ ڪيئي ڪوششون ڪيائين. چاهيائين ٿي ته حسن جي جادوءَ ۽ حسينائن جي انداز دلربائيءَ ۽ ساحرانه ادائن ۾ دنيا وما فيها کان بي نياز ٿي، وصال صنم ۾ غرق ۽ مستغرق ٿي وڃان. پر چوندا آهن ته "جنهن کي تار لڳي يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهربار جي." آءٌ به يار جي تار کي يا ڪندو، سندس ئي شهر ۾ رهندي، ڪيس وساري نه سگهيس. اهائي جستجو، لگن ڪوشش رهي ته ڪوءُ يار ۾ وڃي، سندس بيوه ۽ ٻچڙن سان ملاقاتي ٿي طبيعت کي سڪون، تسلي ۽ تسڪين ڏيان. جنهن لاءِ نيٺ ڪوشش ڪندي، سڪندر کي هڪ ڪيم ۽ بالآخر نوابزاده ولايت علي خان جي مرسڊيز ڪار ۾ سوار ٿي، سمن آباد پهتس، جتي گهٽيءَ تلاش، ڳولا ۽ جستجو کان پوءِ به سندس ٻچڙن جي رهائشگاهه هٿ نه آئي. دوران تلاش مرسڊيز ڪار ۾ ڪو نقص پيدا ٿي پيو، جنهن کي درست ڪرائي، ملتان روڊ تي پهچي، سندس پائٽئي سيد اختر علي شاه ايدووڪيٽ جو بنگلو تلاش ڪري، سائس ملاقاتي ٿي، بنگلي جو پاڻي پي، ڪيس ساڻ ڪري سندس مرحوم مغفور چاچي "تنوير" نقويءَ جي رهائشگاهه تي پهتاسين، جيڪا ويران، سنسان ۽ اجاڙ نظر آئي، جتي حسرت، غم ۽ ياس ڇانيل هئي. سندس بيوه بيگم صاحبه ملي، جيڪا پڻ حسرت زده ۽ ڪومايل نظر آئي. ايتري ۾ سندس خوبصورت ٻچڙو "شهباز تنوير" ۽ معصوم ٻچڙيون زوني ۽ چندا ڊوڙي آيون. ٻچڙو "شهباز تنوير" پاڪر پاتو ۽ ڇهٽي ۽ ڇنبڙي ويو، ته ڪڪيون وري حيرت سان تڪينديون ۽ نهاريندیون ئي رهيون. انهيءَ وقت جذبات اڀري آيا. انهيءَ ڏکوئيندڙ وقت انگيز ۽ رنجيده ماحول ۾، فقط مون کي ئي پنهنجين اکين ۾ لڙڪ لڙندي نظر آيا. ممڪن آهي ته ٻچڙا تسڪين، تشفي ۽ تسلي ۾ ئي رهيا هجن ته سندن ابا حضور ڪنهن سفر تي ويل آهي، جتان واپس جلد موٽي ايندو ۽ اسان لاءِ ڪيڏٿان ڪلوٽ آڻيندو! پر سندس بيوه بيگم جي اکين ۾ آنسو ۽ لڙڪ نه ڏسي، حيرت ۽ استعجاب ۾ پنجي، سوچڻ لڳس ۽ ساڳئي وقت اهو خيال پڻ پيدا ٿيو ته شايد سندس اکين روئندي روئندي لڙڪن ۽ ڳوڙهن جا تلاءَ خشڪ ٿي ويا هجن، جن ۾ هڪڙو لڙڪ باقي نه رهيو آهي، جيڪو هن وقت لڙي پوي ها! بهرحال، پنهنجي طبيعت کي تسڪين ڏيڻ سان گڏ، ٻچڙن جي مٿن تي دست شفقت ڦيري، ڪين دعائون ڏيندي ڪيسي ۾ جيڪي به رپيا پيل هئا، جيڪي جام صاحب کان وٺي آيو هئس، انهن مان به سؤ پنهنجي لاءِ رکندي، باقي تقريباً اٺ سؤ رپيا ڪن ٿي ٻچيا، سي سڀ ٻچڙن جي خرچيءَ لاءِ ڏيئي، حال احوال اوري، ٿڌو مشروب پي، اتان واپس ٿي، هوٽل انٽرڪانٽيننٽل پهتاسين، ته شام جا چار وڃي چڪا هئا. جام انور علي خان کي منجهند جي نند مان بيدار ٿي، بيچينيءَ سان جاڳندي، پنهنجو منتظر پاتم، . .

ڪن رنگين محفلن جي رنگينين جو لطف وٺندي، مزو ماڻيندي، سڄيءَ رات جو
جاڳيل هو. ايتريقدر جو اسان جي انتظار ۾ ماني به ڪانه ڪاڏي هشائين، جيڪا
راٻزاده ولايت علي خان جي بنگلي تان تيار ٿي آيل هئي. گڏجي، ٿوري گهڻي ماني
ائي، آرامي ٿيندي، سمهي رهياسين، ته "سڪندر" وري پنهنجي ذاتي ڪمن
ڪارين سان فلمساز اداڪار "حبيب" جي آفيس ڏانهن روانو ٿي ويو.

شام جو ستين بجي ننڊ مان بيدار ٿي، هٿ منهن ڌوئي، واش وٺي، جڏهن
نام صاحب جي پڇا ڪيم ته معلوم ٿيو ته ڪن دوستن سان گڏ سير تفريح لاءِ
ڪري ويو آهي ۽ منهنجي لاءِ نياپو ڇڏي ويو آهي ته "سوٽ بوٽ پائي، بو يا نڪتاءِ
ڳائي، اپ ٽو ڊيٽ بڻجي، تيار رهان- ڇاڪاڻ ته ڪنهن حسين ۽ رنگين محفل ۾
لٽو هو."

جيئن ته مون کي لاهور پهچڻ جي وقت کان وٺي انهن رنگين محفلن مجلسن
سان قطعي طور ڪابه دلچسپي ۽ لڳاءُ نه رهيو هو، تنهن ڪري اڄ به ڪاهليءَ ۽
مستيءَ جي زد ۾ اچي، جام و مينا، ساغر ۽ پيماني سان لنئون لڳائي، غم غلطان
ڪرڻ خاطر، گلاس ٺاهي شروع ٿي ويس. ايتري ۾ منهنجو پراڻو ساٿي ۽ دوست
سڪندر، برڙ باڪاس جي روپ ۾ اچي پرگهٽ ٿيو. جنهن کي پنهنجي ساقيءَ گريءَ
ر جام ٺاهي ڏنم. پر هن حجتيءَ منهنجي ٺاهيل جام تي ڪفايت قناعت نه ڪندي،
جان آءُ پنهنجي پهرئين ئي پيگ ۾ هيس، ته پاڻ ٽيون پيگ پورو ڪندي، وڃي چوٽين
ر هٿ وڌائين. سي به وڏا وڏا پارسي پيگ ٿي ٺاهيائين. سندس چوٽين پيگ سان
نڌ، جيئن اجا بمشڪل مون پنهنجو ٻيو پيگ ٺاهي، شروع ئي مس ڪيو هو، پاڻ
اوجود منهنجي منع ڪرڻ جي بوتل هٿ ۾ وجهي، وڃي پنجون پيگ ٺاهيائين! تنهن
چ ۾ سندس حالت اها هئي، جو اُتي بيهي هليو ٿي ته ٽڙڪندو ۽ ٽڙندو ئي رهيو-
يتري قدر جو ٽيليفون ڪندي ڳالهائي به نٿي سگهيو. پر تنهن هوندي به هيچ هرگز
ٿي ڇڏيائين. منهنجي ٽئين پيگ ٺاهڻ تي، اسڪاچ وسڪيءَ واري نهايت قيمتي
'بليڪ ليبل" بانل اڌ کان وڌيڪ ختم ٿي چڪي هئي. پر تڏهن به منجهانئس هٿ
ٿي ڪڍيائين، ۽ ٽڙڪندو ٽاڙندو، يئي يئي ڪندو، بڪندو ڳالهائيندو رهيو.

ايتري ۾ جام صاحب به اچي ويو. سڪندر کان خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ،
مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي ڪمري ۾ وٺي ويو. جتي سندس ٻيا به ڪي مخصوص
وست شغل مئي نوشيءَ ۾ مشغول هئا. جن سان ملائي، تعارف ڪرائي، پنهنجن
لٽن سان جام ٺاهي مون کي ڏنائين. پر مون کي پنهنجي پٽيان ڪمري ۾ ڇڏي آيل
اڪاس برڙ باڪاس سڪندر جو ڪٽڪو هو، جيڪو ڪثرت شراب نوشيءَ ۾ اچي،
لي چلي گهمي ڦري پوريءَ طرح ڳالهائي به نٿي سگهيو، تنهن ڪري، جام صاحب
اري ٺاهي ڏنل جام کي اڌورو ڇڏي، جڏهن پنهنجي ڪمري ۾ واپس پهچي ڏنم ته
هسڪيءَ جي باقي بچيل بوتل خالي ٿيل هئي! تعجب ۾ ايندي، اصرار ڪندي،

ڪانئس پڇيم، تہ پاڻ توتاري وارو نڙو لڳائي، هڙ ماسٽر وائس بڻجي، ڪنهن گڏ
سئل پراڻي رڪارڊ وانگر اهڙي نموني ڳالهائي رهيو هو، جنهن کي قطعي طو
سمجهي ئي نہ سگهيس. ايتري ۾ منهنجي نگاهہ اڳيان سامهون رکيل ٽيبل وار
انهي گلاس تي پيئي، جيڪو انهيءَ باٽل واري باقي بچيل ڪچي شراب سان پري
هو. جنهن تي ڪاوڙ ۾ اچي، حيران ٿي، تنبيهہ ڪندي، اهو گلاس کڻي، واپس بوت
۾ وجهي، ڊريسنگ ٽيبل واري خاني ۾ لڪائي، ڪيس اتان سهارو ڏيئي، اتاري
اڃان لفٽ ڏانهن وڃي وڃڻ وارو ئي هيس، تہ پاڻ ٽيڪسيءَ جي ياڙي بابت ائين چوند
تقاضا ڪيائين تہ "ياڙي لاءِ پيسو ڪونهي. ڪجهہ رقم ڏي.... تہ گهر پهچان....
جنهن تي پنجاهہ رپين جو نوٽ ڏيئي، لفٽ تي پهچائي، اُن ۾ چاڙهي، ڪيس اتا
روانو ڪيم، ۽ الله جا شڪر بجا آندم.

آءٌ واپس ڄام صاحب واري ڪمري ۾ پهچي، اڌوري ڇڏيل پيگ وارو گلا
خالي ڪري، پاڻ واري ڪمري ۾ واپس آيس، جتي ٽيليفون جي گهنٽيءَ کي وڃند
ٻڌم. رسيور کڻ سان لڳائي، "هيلو هيلو" ڪيم. معلوم ٿيو تہ هوٽل جو نائٽ
مئنيجر هو. جنهن ٻڌايو تہ "توهان واري ڪمري مان آيل مهمان، گارگند ڪندي
شور غل ۽ گوڙ گهمسان ڪري رهيو آهي. تنهن سان گڏ ائين پڻ چئي رهيو آهي
ٽيڪسي پيدا ڪري ڏيو، تہ گهر پهچائي اچي. پر جيئن تہ رات جو ڪافي وقت گذر
سبب اسان جي هوٽل ۾ ڪابہ ٽيڪسي دستياب ناهي، تنهن ڪري معذرت خو
آهيون." جنهن تي مون ڪيس ٽانگو ڪري ڏيڻ بابت چئي، ٽيليفون بند ئي مس ڪ
هو، تہ ٻن منٽن جي وقفي کان پوءِ "ٽر ٽر... ٽرڙ ٽڙ" جو اواز ڪندي، ٻيهر گهنٽ
وڃڻ لڳي. مجبوراً رسيور کڻي، ڪن تي رکيم. ساڳئي مئنيجر کان معلوم ٿيو
"توهان جو مهمان، نشي جي حالت ۾ فوٽ پاٽ تي ڪري پيو آهي." جيڪا ڳالہ
مون کي سخت ناگوار گذري. ڪيس دڙڪا ڏيندي، تنبيهہ ڪيم تہ "ڇا اوهان ج
هوٽل جو اهوئي انتظام آهي؟ هر حالت ۾ ڪيس سواري مهيا ڪري سندس گھ
پهچائيندا، ورنہ ٻيءَ صورت ۾، 'شڪايتي ڪتاب' تي اعتراض ۽ شڪايت لکي
تنهنجي بالادستن تائين ڳالهہ پهچائيندس...." جنهن تي پاڻ معافي وٺندي
ايڪسڪيوز چوندي، يس سر ڪندي خاموش ٿي ويو. آءٌ اهو اطمينان حاصل ڪري
پلنگ تي آرامي ٿيس، ڇاڪاڻ تہ مانيءَ کان اڳي ئي فارغ ٿي چڪو هئس.

اڃا ٿوري گهٽي اک ئي مس لڳي هئي، تہ پنهنجي ڪمري جو چرچر ڪند
دروازي کلڻ جو آواز ٻڌم. انهي ڪمري جي روشني ۽ لائيٽ، جيڪا هڪ ننڍڙ
بلب سان نائيٽ افيڪٽ ۾ هئي، سا هڪدم فل لائيٽ ۾ تبدي ٿي ويئي. سج
ڪمرو سج جي تيز چُيندڙ روشنيءَ وانگر روشن ٿي ويو. الله الله ۽ توبهہ استغفرا
چئي، اجرڪ مٿان وجهي، انهي اڻ وٺندڙ اڻ سهائيندڙ روشنيءَ کان بچاءُ ورتم. م
واري ڪمي جي پارٽنر دوست اداڪار "آزاد"، ڪي ادب، اخلاق ۽ احساس کان آز

ڏسندي ۽ پڻڪندي ٻڌم. سندس مقصد ۽ مفهوم اهو هو ته "ڇا؟ آءٌ پنهنجو ڪم به نه ڪريان!" پاڻ ٽيبل تي ويهي، سڄي ڏينهن جو ڪيل خرچ، اُبتا سُبتا ليکيا لکندي، اگڙم تگڙم وارن انگن اکرن سان حساب ڪتاب ملائي، نوٽ بوڪ تي لکي رهيو هو.

جڏهن کان وٺي لاهور پهچي، انهيءَ ڪمري ۾ گڏجي قيام پذير ٿيا هئاسين، تڏهن کان وٺي، رات جي ڏيڍ بجي تائين، جاڳي، ڪمري جي جوت جلائي، منهنجي ننڊ ڦٽائي، مون کي بي آرام ڪرڻ سندس روز مره جو معمل بڻجي چڪو هو. تنهن سان گڏ پاڻ جڏهن به بات روم استعمال ڪندو هو، ته واش بيسن کي پان سوپارين سان بلڪل ڳاڙهو ڪري ڇڏيندو هو. پيو ته پيو پر ڪمود کي فلش ڪرڻ به وسري ويندو هئس. پر انهيءَ جي برعڪس اگر منهنجي غسل جا چنڊا ڇينٽا تب جي پلاسٽڪ واري پردي يا ڪرٽينس جي ٻاهر نڪرندا هئا، ته دروازي تي بيهي، نڪ ٻرون چڙهائيندو هو. تنهن هوندي به مون سان اڪيون ملائڻ جي همت ۽ جرئت ڪانه ٿيندي هيس، نه وري مون ئي ڪڏهن مٿس ڪا نڪتچيني ۽ ٽوڪزني ڪئي. پر دل ۾ اهو ضرور سوچيندو رهيس ته ڪمري 420 کان ته برابر نجات ملي مگر هن بداخلاق، بي شعور، بي حس 420 کان چئوڻ 1680 سان پالو پيو آهي، جيڪو پاڻ کي آرٽسٽ سڏائيندي، ارٽ سان لنئون لڳائيندي، آرٽ جو ڪٽيو ڪائيندي، به، آرٽ مان ڪو احساس لطيف حاصل ڪري نه سگهيو آهي- ڇاڪاڻ ته آرٽسٽ ۽ فنڪار هميشه حساس هوندا آهن، ٻئي جي دڪ درد کي پنهنجو دڪ درد سمجهندا آهن. تنهن ڪري مون کي ئي جائز ناجائز پنهنجي طبيعت تي جبر ڪندي، ساٿس نباهه ڪرڻو پيو.

اڃان انهيءَ سوچ ويچار، شش پنج ۽ بدمزگيءَ ۾ ئي هئاسين، ته ٻئي ڏينهن صبح جو ڄام صاحب کان معلوم ٿيو ته سندس جذباتن جي ملڪ جي مامونءَ جي ڌيءَ جي ان رات سالگره هئي، جنهن خاطر ئي خاص طور لاهور آيا هئا. ڏينهن جو سفر محفلن مجلسن، ڪچهرين ۽ رهاڻين ۾ گذاري، آفتاب جي همراه هلي، اُن کي غروب ڪري، جڏهن رات جا ارادا سوچڻ لڳاسين، ته اسان جو قافلو موٽرن جي جلوس ۾ هيرامنڊيءَ پهچي، حسن جي هيرن جو توازن ڪرڻ، تورڻ ۽ پرکڻ ۾ لڳي ويو. انهيءَ مشغوليت جي عالم ۾ چاڙهي چڙهي، مٿي ماڙيءَ تي هڪڙي شاندار سجيل سجايل، آراسته پيرائسته ڪمري ۾ براجمان ٿياسين، جتي جامن سان جام ٽڪرائجڻ لڳا، ته صُراحي قل قُل ڪندي رهي ۽ چِر چڙ و سيخ و ڪباب جي جاءِ تي مُرملا ۽ پُڳل دال ۽ گاننيا پڪوڙا اچي ويا. دور شراب سان گڏ شباب جو دور به شروع ٿيڻ لڳو، جنهن ۾ ٻه تي ڊانسر، ناچٽيون، بي تار ڇيرون ڇمڪائي، بي ڊنگي ۽ بي سري آواز ۾ ڳائڻ لڳيون. نه سندن شڪل صورت نه وري ڪا شڪل سيرت ئي ڏسڻ ۾ آئي. باقي فقط سڙ سڙ جا نوٽ آيل مهمانن کان ڦريندیون رهيون،

جيڪي هڪيئي جي مٿان گهورجي رهيا هئا.

آءٌ انهي بي سري ۽ بي تار ماحول مان اُڪتائجي، پيڻ لڳس. جنهن ۾ نه حسن، نه فن ۽ نه وري ڪو حسنن ٿي هو. ورنه انهيءَ هيرن جي منڊيءَ ۾ ته ڪيئي حسين شاهڪار سنگمرمر سان تراشيل جسم راڳ رنگ ۽ فن سان نوازيل، ڇيرن جي ڇمڪار سان الڪ جاڳائي، پنهنجي سُر ۽ سريلي رسيلي آواز سان من مندر جي عشق ديوتا کي جهولائي جهومائي، مست بڻائي، جذباتن جي مصوري ۽ چترڪاري ڪري سگهيون ٿي. پر نجاڻ ته ميزبانن ان ماحول کي حسن نزاڪت ۽ فن جي ڪرامت کان ڇو محروم رکيو! ورنه سچ پچو ته سيڪجهه ٿي سگهي ها!! لاهور جي فن ڪدن ۽ مه جبينن جي حسين آستانن تي ڇا ڇا ميسر نه هو؟

جنهن وقت آءٌ اُڪتائجي، بيزار ٿي، اُتان پيڻ لڳس، ته ڏاڪڻ واري دروازي تي نوابزاده ڄام انور علي خان اڳيان ڦري آيو. جنهن کي بدمزگيءَ ۽ طبيعت جي علالت جا بهانا ڏيئي، هيٺ بيٺل موٽرن مان ڄام صاحب بذات خود هڪڙيءَ تي سوار ڪري، ڊرائيور کي حڪم ڏنو ته "رئيس صاحب کي هوٽل تي پهچائي، تون هڪدم واپس پهچي وڃ!" آءٌ هوٽل تي پهچي، وڃي آرامي ٿيس. نجاڻ ته ڪهڙي وقت سالگره واريءَ تقريب ۾ ويل قافلو واپس موٽي آيو. جنهن جي خبر وري ٻئي ڏينهن پيئي.

آءٌ علي الصبح ننڊ مان بيدار ٿي، غسل ڪري، وهنجي سهنجي، ڄام صاحب جن جي جاڳڻ جو پڇندو، انتظار ڪندو رهيس، جيڪو رات جي ڪثرت مئي نوشيءَ هوندي به، ڪاڄ ڏٿي ٻڌجي، ساري رات جاڳندو رهيو هو ۽ اجا آرام فرمائي رهيو هو. هيڏانهن منهنجي طبيعت جي تقاضا وري اها هئي ته تمام جلدي انهي رومانوي شهر لاهور منجهان بدمزگيءَ کي ساڻ ڪري، اتان فرار وٺي، وڃي وطن پيڙو ٿجي. جتي وچ ۾ اڃان به روشنين جي شهر، جيڪو پنهنجين رنگينين، دل لڳين، محبتن، صداقتن ۽ نزاڪتن سان درميان ۾ حائل هو، جو پڻ ممڪن هو ته اسان کان اڃان به ڪجهه مزيد مصروفيتون وٺي.

خدا خدا ڪري، سادي ٻارهين بجي، ڄام صاحب ننڊ جي ديويءَ جي آغوش مان نڪري، منهنجي ڪمري نمبر 424 اندر سليپنگ ڊريس ۾ بنان ڪنهن گائون جي، پهچي، وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، ڪلندي، چرچا گهڻا ڪندي، ٽوڪرون هڻندي، ائين چوندو رهيو ته "پڇي وٺين! پڇي وٺين!! دپ جهلي نه سگهئين...!!! ها ها ها ها...!!!!" جنهن تي جواب ڏيندي، ڪيس چيم ته "نه حسن نه فن، نه وري ڪو وصال صنم، سو پڇجي نه ته ڇا ڪجي! توهان کي هئي پنهنجي فرض جي بجاآواري ڪرڻي. اسين آزاد مست قلندر جهولي لال، سي انهن بدمزگين ۾ ڪٿي ٿا رهي سگهون؟ تنهن ڪري لاچار پڇڻو پيو. هاڻي مهرباني ڪري واڳ وطن ڏي وار وطن جا وڻ ڏيکار." پاڻ وري به وڏا وڏا ٽهڪ ڏيندي، ڪن سخت جملن ۾ جواب ڏنائين،

جن جو مقصد هي هو تہ "چنگهون يارن هٿ ۾ گمبٽ ٿي گهمي! اڃان تہ ڪالام، ڪاغان، نيلم وادي، مري ۽ سوات جا سير ڪرڻا آهن! اوهان تہ هينئر ئي اُڪتائجي ويا آهيو!!" جنهن تي شوخ پٽي سان عرض ڪندي، ڪيس حڪم ڪيم تہ "مون کي فلاءِ ۾ ريزرويشن وٺي ڏيو. اوهان پلي وڃي ويليون ۽ واديون گهمو. ڇاڪاڻ تہ ديدار يار سان وصال يار بہ سان اٿوَ. اسين نہ ديدار يار ۾ آهيون نہ وصال يار ۾، تنهن ڪري هر حال ۾ فرار گهرجي."

گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ مجبور ۽ لاچار ٿي، انهن حسين ويلين ۽ وادين جا اضافي پروگرام منسوخ ڪري، احساس ۽ حجاب کان آزاد، سئنيما اسڪرين جي ولين "آزاد" کي حڪم ڏنائين تہ "رئيس صاحب تمام گهڻو مجبور ڪري رهيو آهي، تنهن ڪري هوٽل انٽرڪان جي انتظاميہ کي گذارش ڪندا تہ سياڻي واري جمبوجيٽ فلائيٽ ۾ ڪراچيءَ لاءِ ريزرويشن وٺن." جيڪا تمام آسانيءَ سان ملي ويئي.

لاهور واري اها آخري رات محفلن، دل لڳين، چرچن گهبن ۽ رهاڻ رس ڪندي، يٽ شٽ ۾ بسر ٿي. صبح جو سوير سڄي آيل قافلي سان گڏ موٽرن جي جلوس ۾ لاهور ايئرپورٽ تي پهچي، جمبوجيٽ ۾ سوار ٿي، پنهنجون نشستون حاصل ڪري، اڪ پور پٽ ۾ ڪراچي ايئرپورٽ تي پهچي وياسين. جتان سڌو ڄام هائوس ۾ اچي، لنچ ڪائي، ٿورو گهڻو آرام ڪري، سندن ئي مرسڊيز ڪار ۾ خريد ڪيل سامان سرڙو رکائي، جنهن ۾ ٽيليويزن بہ شامل هو، روانو ٿي، ماتليءَ پهچي، پنهنجن ٻچڙن سان ملي، الله تبارڪ وتعاليٰ جا شڪرانا بجا آنداسين. لاهور جي رنگينين ۾ بدمزگين سان گڏ بدذوقين سان بہ پالو ۽ واسطو پيو. اهڙيءَ طرح سان لاهور وارا اهي پنج ڏينهن ۽ ڪراچيءَ جوهفتو اٺ ڏينهن بسر ٿيا.

نہ تڑپنے کی اجازت تھی نہ فریاد ھی کی،
گھٹ کے مرجاتے مرضی تھی میرے صیاد کی.

مقدمو يا گنگا جمني ور وڪڙ، هيراڦيري ۽ گهيرا

مقدمي بازين جو اڪثر ذڪر تہ اڳي ئي پهرئين پاڳي وارن ابتدائي صفحن ۾، والد صاحب جن جي فوت ٿيڻ ۽ الوداع ڪرڻ کان پوءِ جي وقت جو، لکي آيو آهيان. پر انهن مان هڪڙو مقدمو گنگا جمني ور وڪڙن، هيرين ڦيري ۽ گهيرين جي ڪري مختلف مختلف مشڪلاتن سان سامهون ايندو، توجہ مبذول ڪرائيندو، دل جي ڌڙڪن کي وڌائيندو، 1937ع کان هلندي هلندي 1979ع ۾ اچي هاءِ ڪورٽن جي ججن ۽ ڪسٽوڊين جي ججمينٽ سان آخري طور منهنجي حق ۾ نيڪال ٿيو. جنهن جج منهنجي انهيءَ طويل اُڃهيل سفر کي انسانيت جي احساس ۾ آڻي، قاعدي قانون مطابق آخري فيصلو ڏيندي، پنهنجي اسٽينو کي اهو، جنهن وقت ڊڪٽيٽ ڪرائي

رهيو هو، تہ مون ڏٺو تہ هيڏي ساري هاءِ ڪورٽ جي جج جي منهن ۾ چهري تي معصوميت طاري هئي ۽ مٿس رحمت الاهيءَ جي بارش وسي رهي هئي. پاڻ طرفين جي وڪيلن کي روڪيندو. فقط مقدمي واري فائيل کي ڏسندو، قانون جا ڪتاب کوليندو، فيصلو لکائي رهيو هو.

اهو مقدمو قانوني طرح ڪيترائي ڀيرا منهنجي حق ۾ ثابت ٿيل هو. اهو ڪڏهن روينيو وارن ڪڏهن سٽي سروي وارن تہ ڪڏهن ڪسٽوڊين ڊپارٽمينٽ وارن کان فيصلا وٺندو، سول ڪورٽن تائين پهچي، ڪاميابيون حاصل ڪري، آپيليٽ اٿارٽي سيشن ڪورٽن مان ٿيندو، آخري طور هاءِ ڪورٽ ۾ پهتو، جتي بہ انصاف ۽ قانون ان ۾ منهنجي ئي حق ۾ فيصلو ڏنو. تنهن هوندي بہ نئين پيدا ڪيل سيٽلمينٽ، جنهن کي آءٌ 'جَو ڊيري گڏهہ رکپال' سان تشبيهہ ڏيندي، مفاد پرستيءَ ۾ آٿيندي، "اڻ سٽلمينٽ" سڏيندو هئس، جنهن هڪڙيءَ ئي جاءِ، دڪان، پلاٽ يا زمين تي ڪيترائي مدعي مدعاعليہ ۽ مُدعاعليہ مدعي بڻائي، پاڻ ۾ هڪٻئي سان ويڙهائي ڇڏيا هئا. ڇاڪاڻ تہ ان کي فقط ڏوڪڙ ئي درڪار هئا. پوءِ چاهي هڪڙو انار سؤ بيمار ڇو نہ هجن. ان کاتي بہ مون کي ڪافي ڦريو ۽ لٽيو، ۽ تنهن هوندي ان جا وڏا وارث ۽ صاحب اختيار سدائين منجهيل، اُلجهيل ۽ اٿپورا فيصلا ڏيندا رهيا.

انهيءَ مقدمي ۾، جيڪو عرصي دراز کان هلندو آيو هو، وڪيلن بہ گرگٽ وانگر شعبده باز بڻجي، ڪيئي رنگ بدلايا ۽ مون کي خوب لٽيو. وڪيلن جا قسم تہ پهرئين ڀاڱي ۾ اڳي ئي لکي آيو آهيان، جن مان هڪڙو قسم اهڙن جو بہ هو، جيڪي ڪيس مان ڪيس ناهيندا هئا. پر انهن جي برعڪس هن وڪيلن تہ مون کي بلڪل نئين نموني جو تجربو ڏنو ۽ انهن کي باوجود گهٽيءَ ڪوشش جي بہ آءٌ مطمئن ڪري نہ سگهيس. هر موڙ تي سندن تقاضائون وڌنديون ئي ٿي رهيون، جن ۾ ڪي تہ منهنجا قريبي ۽ ويجهڙائيءَ وارا دوست پڻ شامل هئا. انهن مان هڪڙي وڪيل کي پنهنجو پراڻو ساٿي سمجهي، انهيءَ سفر ۾ ساڻ هلائڻ جي ڪوشش ڪيم، جيڪو واقعي منهنجي زندگيءَ جو همسفر ساٿي، محسن ۽ محبت ڪندڙ، مون کي پنهنجو وڏو سمجهي ادب مراد سان بابو چوندي، اڄ بہ مون سان ساٿ سنگت ۾ آهي. جيڪو پڻ اُن وقت وفاداريون ڏيکاريندي، اطمينان ڏيارينندو رهيو، پر تنهن هوندي بہ سندس هيچ ۽ لالچ پوري ٿيڻ جي ئي نہ هئي.

ٻئي وڪيل، جنهن سان بہ ڪيئي سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اخلاقي ناتا ۽ رابطا رهيا ۽ ڪيس ڪنهن انتهائي مجبوريءَ جي حالت ۾ خلوص دل سان ڪم بہ آيو هوندس، ۽ جنهن کي 'شِير تقرير' جو خطاب ڏيندي، ساڻس هميشہ دلي وابستگيون هونديون هيون، جيڪي اڄ بہ قائم آهن ۽ انشاءالله تا زندگي قائم رهنديون، تنهن کي بہ مخلص ۽ صداقتمند سمجهي، دوستيءَ جا واسطا وجهي، هڪڙي چوٽيءَ جي ممتاز ماهر ۽ برڪ قانونڊان ۽ محنتي وڪيل کان مقدمي وارا

غذات وني، پنهنجي هن دوست وڪيل جي حوالي ڪيم، پر هيءُ ڏسڻ ۾ سڌو
ڳو
مان ڪيس پيدا ڪندو، وقت بوقت لٽيندو ئي رهيو- ايتريقدر، جو آخري
ت تائين صحيح رهنمائي نه ڪري، مون کي اطمينان ڏياري نه سگهيو؛ ورنه سنئون
و طريقو اختيار ڪندي رستو ڏيکاري ها، ته شروعاتي دور ۾ ئي نجات حاصل
وڃي ها.

پنهنجي اُنهيءَ ٻئي مهربان، مشفق ۽ شير تقرير وڪيل کي محض انهيءَ لاءِ
ڏ ۾ پاڻ سان شامل ڪري، اڳتي هلڻ جي ڪوشش ڪيم، ته هيءُ مشفق، مهربان
محسن آهي، صحيح معنيٰ ۾ رهنمائي ڪري مقصد ۽ منزل تي پهچائي سگهندو.
اهو صاحب به مقدمي جو فائيل حاصل ڪرڻ کان پوءِ لمائيندو ۽ نٽائيندو، وقت کي
ئيندو ۽ اينگهائيندو ۽ دل شڪسته ڪندو رهيو. انهيءَ ۾ شايد سندس ڪي
اض ۽ مقاصد پوشيده هئا. حالانڪ سندس جائز حق ۽ مناسب اُجورو ته مون
س اڳواٽ ئي ڏيئي ڇڏيو هو، مگر هو مون کي ڪو وڏو سرمائيدار، جاگيردار،
ئيو ۽ زميندار سمجهي، پنهنجون لالچون وڌائيندو رهيو ۽ تنهن سان گڏ ڪيس جا
اغذ پڙهندي، مطالع ڪندي، اڃا به ڪي وڌيڪ ڪاغذات حاصل ڪرڻ جي
رشش ڪرائيندو رهيو، جيڪي اُنهيءَ مقدمي ۾ ڪيس ضروري مطلوب هئا وغيره، وغيره.

انهن ڪاغذاتن ۽ دستاويزاتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ، گهڻي خرچ ڪيار، محنت
ڪوڙ، اثر رسوخ سان گڏ ڪافي ڊُڪ ڊوڙ جي به ضرورت هئي، جيڪي به سندس
ب مطابق سيٺيئي ڪيس مهيا ڪري ڏنم. پر تڏهه ن به شنوايون تي شنوايون
ئيندو، وقت کي اينگهائيندو ئي رهيو. جنهن جي اثر هيٺ بالآخر دل جي ڌڙڪن
ي ويئي، بلڊ پريشر ۾ اضافو تي ويو، جيڪو ڪڏهن گهٽو ڪڏهن گهٽ، ڪڏهن
ٽ ڪڏهن مٿي، ڪڏهن up ته ڪڏهن Low تي تي ويو. جنهن جي ڪري
بتراڻي پيرا دل جا دورا پيا. اهي دل جا دورا جذباتي هئڻ، ڪثرت مئي نوشيءَ ۽
تحاشا سگريٽ پيئڻ سبب 1965ع کان متواتر پوندا ئي رهيا آهن. جن آخرڪار
19ع ۾ وڃي اسپتال داخل ڪيو. جنهن علالت ۽ بيماريءَ جو سربستو احوال
ن گذشته مضمونن ۽ بابن ۾ لکي آيو آهيان. جن مان نجات حاصل ڪرڻ ۽ ٿوي
ي تندرستيءَ ۽ صحتيابيءَ کان پوءِ، ڀڄڻ جون شاديون ۽ پٽن جون سنتون ۽ ختنا
ايم، جن جو احوال پڻ گذشته مضمونن ۾ تحرير ڪري چڪو آهيان.

جيئن جيئن صحت سڌرندي رهي، ته انهيءَ لاأبالي پڻي ۾ به ويتر وڌيڪ
فو ٿيندو ويو. سگريٽ ۽ مئي نوشيءَ ۾ پڻ ترقي آئي. ثقافتي راڳ رنگ جون
مجلسون به عروج تي پهچي ويون. جنهن سبب جذباتن جي وهڪري ۾
ندي، ڳائڻ وڄائڻ ۽ نچڻ پنبڻ لڳس، جنهن کي عبادت رياضت به سمجهيم تي ته
سائيز ۽ ورزش به. جن ۾ ڪي شادين جا رنگ، عيدن جون ثقافتي مجلسون،
ڪي وري پنهنجيون نجي محفلون به شامل هيون. هن کان اڳي گذريل مضمون وارو

.رومانوي شهر لاهور ۾ بدمزگيءَ" جو سير به ڪري آيس. جنهن کان پوءِ وري "بدير
واري ثقافتي ميلي" جي اسٽيج تي ڳائي وڄائي، نچائي پنبائي، جذباتي جادو
جاڳائي، حاضرين، تماشاين ۽ سامعين کي ڪلاڪي خوش ڪري، ڏاڪو ڄمائي آيو
هئس. هيڏين سارين تفريحن، رنگينين ۽ خوشحالين ۾ به جڏهن خيال، تصور ۽ دماغ
۾ اهو مقدمو ايندو هو ۽ وري جو پنهنجي انهيءَ محسن وڪيل جي نااُميد ۽ دل
شڪسته ڪندڙ ڳالهين کي سوچيندو هئس ته انهن ڇيلي ۽ بگهڙ وارو مثال اچي
اکين آڏو سامهون بيهندو هو، جنهن کي ڏند ڪٿائن موجب، مغليه دور جي شهنشاه
اڪبر ۽ بيربل سان منسوب ڪندا آهن.

اڪبر بادشاهه ڪنهن اختلاف سبب ڪاوڙ ۾ اچي، ائين چئي، هڪڙو ڇيلو
بيربل جي حوالي ڪيو ته "مهيني کان پوءِ ساڳيو ڇيلو واپس ڪٽي اچج. سندس تو
۽ وزن به ساڳيو ئي برقرار هجي، نڪو وڌي نه ئي گهٽجي!" اڪبر بادشاهه کي
ڪاوڙيل، مڇريل ۽ ڏمريل ڏسي، سندس انهيءَ ناجائز طلب ۽ عجيب غريب فرمان
تي لبيڪ چئي، سر تسليم خم ڪندي، بيربل ڇيلو پاڻ سان گڏ ڪٽي آيو. جنهن کي
پنهنجي جاءِ جي اڳڻ ۽ ايوان تي ٻڌي، هڪڙي پاسي بي پناهه ۽ ابي انداز چار
رکيائين، ته ٻئي پاسي وري بگهڙ ٻڌي، بيهاري ڇڏيائين. مذڪوره ڇيلو ڪاٽي پي، ڏا
ڪري، اوڳر واري، جڏهن ٻئي پاسي بيٺل بگهڙ ڏانهن نظر ڪندو هو، ته سڄو ڪاڏ
'هضم' ٿي ٿي ويس. ڊپ ۽ خوف وچان رت جو ڦڙو به نه ٿي وڌيس. اهو سڄ
مهينو ڇيلو گهر بيهاري، جڏهن ٻيهر اڪبري دربار ۾ واپس ڪٽي آيو، ته ڇيلي جو
تور ۽ وزن ساڳيو ئي برقرار رهيو! ساڳئي طرح سان جڏهن منهنجو به پنهنجين انهن
رنگين محفلن مجلسن، خوشين شادمانن، يارن دوستارن، پيارن دل وارن، فنڪارن
سان موجون ماڻي، مسرتون حاصل ڪري، وري وڪيلن ۽ مقدمي ڏانهن خيال ويندو
هو ته ساڳيو انهيءَ ڇيلي جهڙو حال ٿي ويندو هو، جنهن جو ڪائيندي پيئندي به
ساڳيو ئي وزن رهيو هو!

انهيءَ مقدمي جي پيرويءَ خاطر 3 جولاءِ 1976ع تي ڪراچيءَ وڃڻ ٿيو
ڇاڪاڻ ته تاريخ رکيل هئي. منهنو اهو مهربان مشفق دوست وڪيل به گذريل ڪيترن
ئي شنوائين کان نٽائي، اُن تاريخ تي ڪيس رکائي چڪو هو ۽ اهو پڻ سانڻ هو. آ
جام صاحب جن جي بنگلي تي قيام پذير هئس، ته پاڻ وري سندس مسواڙي جڳهه
تي رهيل هو. پر اڪثر ڪري اٿڻ ويهڻ، گهمڻ ڦرڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ ۾ گڏ ئي هوندا
هئاسين. تنهن کان سواءِ سرڪاري ڌر وارو وڪيل به پنهنجو پاڻ ڀلائي، مون کي
مظلوم سمجهندي، محسوس ڪندي، مهربان بڻجي، ڪڏهن ڪڏهن اسان وٽ ايندو
ويندو هو. اُها شنوائي به ڪنهن ٽيڪنيڪل بنا تي منهنجو محسن وڪيل رکائي آيو
جنهن جو مون کي سخت ۽ شديد صدمو رسيو. ڇاڪاڻ ته آءٌ انهي مقدمي جو
ڊيگهه ۽ طوالت کان بد دل ۽ بيزار ٿي چڪو هئس.

اُنهيءَ ٽيڪنيڪل ڳالهه جو اصل بنياد هاءِ ڪورٽ واري ڪسٽوڊين جج کي
رجود حالتن ۾ ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر کان مذڪوره پلاٽ جي اڳهه، قيمت، ويليو
شن ۽ قبضي بابت ضروري رپورٽ جي طلب هئي، جنهن لاءِ منهنجي وڪيل ڪوبه
ٽراض نه ورتو. حالانڪ اهڙيون رپورٽون ۽ فيصلا رڪارڊ تي اڳي ئي موجود هئا.
ن جا حوالا منهنجو وڪيل بروقت هن کي ڏيئي سگهيو ٿي. پر جيئن ته ڪيس
نهنجي انهيءَ ڪيس کي اڃان وڌائڻو ۽ اينگهائڻو هو، تنهن ڪري جج صاحب جي
ا ۾ ها ملايائين.

ڪيس جي شنوائي ڪنهن بيءَ تاريخ تي رکجي ويئي. اُنهيءَ عرصي دوران
و ضدي ۽ ڪَج بحث بلوچ جج بدلي ٿي، ڪوئيٽا هليو ويو ۽ سندس خالي ٿيل جاءِ
ي اهي ڪسٽوڊين جا پاورس هڪڙي اهڙي حساس طبع، ماهر قانون، معصوم ۽
نصف مزاج جج جي حوالي ٿيا، جنهن احساس، اخلاق ۽ قانون جي دائره ڪار ۾
هندي، انصاف کي مدنظر رکندي، مون جائز حقدار جي حق ۾ مقدمي جي جملي
ائيلن ۽ قاعدي قانون جي ڪتابن کي اڃيان رکندي، فيصلو ڏنو ۽ جنهن وقت هو
نهنجي اسٽينو کي ججمينٽ ۽ فيصلو لکائي رهيو هو، جنهن بابت اڃي ئي لکي آيو
هيان، ته مٿانئس رحمت وسي رهي هئي.

اُها لکپڙهه به سندس اڃيان زير نظر ۽ زير غور هئي، جيڪا سندس ڊلي،
سست رفتار، ڪُج بحث اڃئين جاءِ نشين پاڻ ئي ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر کان گهرائي
ئي. جنهن لکپڙه کي اُن آفيس جي انسانيت شناسن، پلمانسن، صاحب اختيار
ملدارن، عدل، انصاف ۽ قانون کي سامهون رکندي، تجسس، جاکوڙ، جانفشانيءَ ۽
نهٽيءَ محنت مشقت سان تيار ڪري موڪليو هو. جن ۾ محترم محمد حسن ميمڻ
فيس اسسٽنٽ محترم عبدالڪريم ڪتري مختيارڪار، محترم حاجي هارون
سسٽنٽ ڪمشنر ۽ جناب منظور حسين پٽو ڊپٽي ڪمشنر بدين قابل ذڪر هئا، جن
نهي مقدمي واري انتهائي طويل سفر کي، جيڪو 1937ع کان گنگا جمني هيرين
ٽيرن ۽ ورن وڪڙن سان ڦرندو گهرندو 1979ع تائين پهچي چڪو هو، ڏسندي، تعجب
ڪندي، انصاف جي تقاضائن کي پورو ڪري، حقيقي ۽ آخري طورمنهنجي حق ۾
يڪال ڪيو هو. آءٌ اُنهن سڀني مٿين مذڪوره شخصيتن ۽ محسنن جو تهه دل سان
نتهائي شڪرگذار آهيان، جن نيٺ به احساس عدل کي اڃيان رکي، پوريءَ طرح
نصاف ڪندي، مون کي پنهنجي جائز ۽ حقيقي حق حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪندي،
نهنجو فرض پورو ڪيو. آءٌ ڪين دل جي اتاهه گهرائين سان دعائون پڻ ڏيان ٿو ته الله
بارڪ تعاليٰ سندن رزق ۾ برڪت، توانائي تندرستي، ايمان جي سلامتيءَ سان گڏ،
ڪين ترقين مٿان ترقيون عطا فرمائي- آمين. تنهن کان سواءِ، آءٌ وري به انهن پنهنجن
سيني وڪيلن کي به دعائون ڏيان ٿو، جيڪي اُنهي سڄي سفر ۾ مون سان همراه ۽
همرڪاب رهيا.

اُنهيءَ ڪيس دوران منهنجي اُنهيءَ محسن وڪيل وارو دل شڪنيءَ وارو رو
قائم ۽ برقرار رهيو- حالانڪ سرڪاري ڌر جو وڪيل به مقدمي کي منهنجي حق
مضبوط، مربوط، طاقتور ۽ قانوني نقطي نگاهه کان ڪامياب چوندو ۽ فتحيابيءَ ج
يقين ڏيارينندو رهيو. منهنجو پيارو يار دلدار نوابزاده چامر انورعلي خان به اُهي د
شڪنيءَ واريون ڳالهيون ٻڌي، تعجب ڪندي، تنبيهه ڪندو رهيو ته "اهڙو وڪيل ڇ
ڪيو اٿيئي؟"

خير، اُها شنوائي ته- جنهن ڪان پوءِ ٻيءَ نئينءَ ڏنل تاريخ تي ڪيس ج
فيصلو ٿي ويو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيو آهيان- اُن پيري رکجي ويئي، ۽ وڪي
صاحب واپس حيدرآباد روانو ٿي ويو، ۽ مون کي اُن موقعي تي چامر صاحب محف
انهي لاءِ ترسائي ڇڏيو ته ٻئي ڏينهن گڏجي سيد اسماعلي شاه جي فرزند ج
شاديءَ تي "ٻيرانيءَ" وڃڻو هو.

ٻيراني، اسماعيل شاه، ۽ شادي

ٻئي ڏينهن شام جو چئين بجي، سهي سنيري، تيار ٿي، ايئرڪنڊيشن
ڪمري مان نڪري، ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ۾ روانا ٿي، لياقت آباد، جنهن کي اڳ
"لالو ڪيت" چوندا هئا، واري شاپنگ سينٽر ۾ پهتاسين، جتي چامر صاحب ک
ڪجهه شاپنگ ڪرڻي هئي. اتي، هڪ ته موٽر بيهڻ سان موٽر جو ايئرڪنڊيش
بيهي رهيو. ٻيو وري ستم اهو ته ڊرائيور سورج ديوتا جي تپش ۽ گرميءَ ۾ مو
بيهاري. ٽيون ته مقدمي جو ملتوي ٿيڻ ۽ وڪيل جي بي اعتنائيءَ شدت جذبات
آڻي، گرمائي ڇڏيو هو. تنهنڪري هڪڙو پڳهر لٿو ٿي، ته ٻيو چڙهيو ٿي. تنهن ک
سواءِ انهيءَ ڏينهن سخت ڪاڙهو ۽ سج جي جدت به نهايت ئي شديد هئي. ڪلا
ڪن انهيءَ خريداريءَ ۾ لڳائي، جند ڇڏائي، پڳهر وهائي، جڏهن اتان اڳتي روا
ٿياسين، ته ايئر ڪنڊيشنڊ چالو ٿي ويو ۽ پڳهر سڪڻ لڳو. ۽ اهڙيءَ حالت
حيدرآباد پهچي وياسين.

اڄان حيدرآباد ۾ به چامر صاحب کي خريداري ڪرڻي هئي. سوال اسپت
روڊ تي آمريڪن سينٽر هيٺان هڪڙو شاندار، وڏو، جديد ۽ ماڊرن ڪلاٿ هائو
ڏسي، موٽر روڪي، جنهن وقت خريداريءَ خاطر موٽر مان ٻاهر نڪتاسين، ته اُ
لوسائي وڏو. تنهنڪري جلد جلد، تڙ تڪڙ، ۾ دڪان اندر داخل ٿي، بجليءَ ج
پنکن هيٺ ويناسين. جن جي هوا به گرم هئي. تڪڙ تڪڙ ۾ شاديءَ وارن کي ڪج
وڳا تحفي طور ڏيڻ لاءِ، چامر صاحب خريد ڪيا، ته ڪيس ڏسندي ڪجهه مون به خر
ڪيا. وري واپس موٽر ۾ اچي، سوار ٿي، منزلن کي ويڙهيندا، ٻيرانيءَ پهتاسين.

مذڪور شاديءَ جو چيڪو، جڪيو فرلانگ ڪن جي پڪڙيل ايراضيءَ ت
مشتمل هو ۽ جنهن جو سڄو انتظام ۽ اهتمام به چامر خاندان طرفان ئي ڪرا

هو- ڇاڪاڻ تہ سيد اسماعيل شاہ وٽن ئي دوستيءَ ۽ ملازمت ۾ رهندي ايڏي ترقي ۽ عروج حاصل ڪيو هو، ۽ سچ پچ تہ ڪيس اڄ پنهنجي ذاتي وڏي زمينداريءَ، پيٽرول پمپ، جاين جڳهن، بنگلن ۽ وسيع عريض پلاٽن جو مالڪ ڏسي، ڄام خاندان کي داد تحسين سان گڏ دعائون ڏيڻيون پون ٿيون، جن دوست نوازيءَ جا اهڙا ڪيئي مثال قائم ڪيا آهن.

اسين پنهنجي انهيءَ ايئرڪنڈيشنڊ ڪار منجهان هيٺ لٿاسين، تہ وري لُڪ ۽ لُوءَ کي حملي آور سمجهندي، محسوس ڪندي، ماڻهن جا پُرتپاڪ آجياني سلام وٺندي، وڏي انبوه ۽ جهمگٽي مان وڏيوين وڏيون وڪون وڌائيندي، اُنهي شامياني اندر پهتاسين، جيڪو خاص مهمانن لاءِ گلمن، غاليچن، ڪوچن، صوفن ۽ آرامده ڪرسين سان بطور اسٽيج سينگاريل پاڪاريل هو. اُن جي اڳيان هيٺ بہ ڪافي فاصلي تائين گلم غاليچا، صوفا، ڪوچ ۽ ڪرسيون لڳايل هيون، جن تي وڏيرا، رئيس، زميندار ذرڙا، ڪامورا ڪرڙا نهايت عزت احترام سان ويٺل هئا. اسان جي نشت برخاست جو انتظام اسٽيج تي صف اول جي ڊيڪوريشن واريءَ جاءِ تي ٿيل هو، جتي پڻ سڙ ڪن معززين لاءِ گنجائش هئي، ۽ انهيءَ وقت اٿين پئي ڏسڻ ۾ آيو تہ اڳيان خالي پيل جاءِ راڳ رنگ وارن فنڪارن لاءِ ئي رکيل هئي.

اسان کي انهيءَ خاص جاءِ تي ويهاريو ويو هو، جتي گهوٽ کي بہ منهنجي ۽ ڄام صاحب جي وچ ۾ ويهڻو هو. ڄام صاحب مون سان مخاطب ٿيندي چيو تہ "هتي سرشاريءَ جو ڪوبہ انتظام ناهي، سواءِ قسمين قسمين طعامن ۽ ڪاڻ خوراڪ جي. جيڪڏهن تون رهي نہ سگهين ۽ تو وٽ پنهنجي طرفان ڪو بندوبست ٿيل هجي، تہ آزاديءَ سان ڪيف سرور حاصل ڪري سگهو ٿا، جنهن ۾ ڊاڪٽر جي منع ڪرڻ سبب آءٌ شريڪ ٿي نہ سگهندس، ڇاڪاڻ تہ زير علاج آهيان." جنهن تي مون حجت ڪندي، ڪيس حڪم ڏنو تہ "موٽر مان منهنجي هيٺ بنگ گهرائي ڏيو." حڪم جي تعميل ٿيندي ئي بنگ مون تائين پهچي ويئي. ايتري ۾ مرحوم و مغفور پير شاهنواز شاہ "عارف المولىٰ"، سجاده نشين "ڊنڙو شريف" کي پنهنجي مٽان، فقير فقير چوندي، نهايت پيار ۽ محبت، خلوص ۽ صداقت، حب، اُڪير ۽ اتساہ سان ملڻ لاءِ موجود ڏٺم. مون بہ حب، اڪير ۽ لڳاوٽ سان اٿي، سائس پاڪر پائي، ملي، سندس آجيان ڪئي. تہ پٽيان وري "گل" پير جيلاني "هڪڙن" واري کي بہ پاڻ ڏي ايندي ڏٺم، جنهن سان بہ خوش خوش ڪري، اڃان ويٺائي مس هٽاسين، تہ ڪاڄ وارن مانيءَ لاءِ سڏ ڪيو. جنهن تي جملي معززين دعوتي، ڄام صاحب سميت، پيٽ پوڄا لاءِ روانا ٿيڻ لڳا. مون کي بہ ڄام صاحب ڪاڏي ڪائڻ لاءِ ڪافي زور ڀريو. پر مون ڪيس اهو چئي، معذرت ورتي تہ "مون کي اڃان بک ناهي، جي پڪل ۽ سيخ ٿيل هجي تہ ٿورو ڪجهہ ڏياري موڪليندا."

اهي سڀيئي دوست احباب ماني ڪائڻ خاطر بنگلي ڏانهن روانا ٿيا، تہ مون

وري پنهنجي بٽگ کولي، اسڪاچ وهسڪيءَ جي باٽل ڪڍي، سيل ٽوڙي، گهرو گهاٽو پيگ ناهي، مستيءَ، سرشاريءَ ۽ ڪيف سرور ڏانهن وک وڌائيندي، مائيڪ گهرائي، اڳيان رکي، وڏي واڪي هوڪا ڪندي، فنڪارن کي ڪوٺ ڪيم ته "اچو.... اچو.... پنهنجو فن پيش ڪري، سڪو ڄمايو! ورنه اهي وڏيرا فقط پت ڪائي پڄي ويندوَ!!" منهنجن انهن سڏن ۽ هوڪن تي مرلين وارا جوڳي، ٻن ناچوڙڻ کي ساڻ ڪري مرلين جي ڌن تي گهنگهرو ٻڌل ناچوڙن ڇوڪرن کي نچائي، رقص ڪرائي رهيا هئا. آئون به مرلين جي مٺي رسيلي آواز ۽ نڙو نڙو واري ردم ۾ لٽي تي هاٿي ڪاريهر واسينگ نانگ وانگر ڦڻ ڪڍيو، جهولندو جهومندو، ڪين ڏهين ڏهين جا نوٽ ڏيندو رهيس. انهن نوٽن کي ڏسي، منهنجا سڏ، هوڪا ۽ داد ٻڌي، ٻيا به ڪيترائي فنڪار آهستي آهستي وکون وڌائيندا، اسان واري ڊيڪوريٽ ٿيل سينگاريل پاڪاريل اسٽيج تي اچي نازل ۽ پر گهٽ ٿيا. جن ۾ خاص طور خانصاحب منظور علي خان، سندس ڀاءُ بيرو خان ۽ سندس شاگرد محمد يوسف مڱٿهار حيدرآبادي قابل ذڪر هئا.

اُنهن فنڪارن جي اسٽيج تي پهچي ويهڻ سان ئي، پيٽ پوڄا ڪرڻ واورا معزز دعوتي به اُن ديوتا جي پوڄا پاٺ ڪري، جوق در جوق پڄندا، نشستون وٺندا، ويهندا رهيا. آءٌ ته پنهنجي مٺي ۽ من مستيءَ ۾ مست ۽ سرشار بڻجي، خانصاحب منظور علي خان ڏانهن ڳاڙهين لال اکين سان نهاريندي، با رعب آواز ۾ ڪيس چيم ته "ٻڙا! اڄ ته سڄاڻين ئي ڪونه ٿو! اُهو انهي ڪري، جو تنهنجي ڳوٺ آيا آهيون؟ ورنه، مون کي ته فن جو ديوتا ۽ وڏن جو ساٿاري سمجهي، هميشه ادب مراد سان ملندا هئا!! پوءِ اڄ هيءَ بي مرادي ڇو پيدا ٿي ويئي آهي؟"

درحقيقت ته هو ويچارو مرعوبيت ۾ سهميل سميٽيل هو. ڇاڪاڻ ته گذشته ايام ۾ شيخ مجيب الرحامن سان نوابشاه ۾ اچڻ واري ثقافتي محفل ۾ ئي مٽس منهنجو رعب ويٺل هو، جنهن ۾ مون سان گڏ سنڌي فوڪ فنڪار اسحاق ڪارو مڱٿهار، امير بخش ميراثي بديٽائي، فقير محمد ميراثي، بشير خان قوال ۽ مرحوم محمد رمضان نومڙيو پڪوازي شامل ڪار هئا. راڳ رنگ واريءَ انهيءَ محفل کي ڳائي وڄائي، چوٽ چاڙهي، رس ڄاميايوسين، ته سيينئي هڪا ٻڪا ٿي ويا هئا، ايتريقدر جو جلسي ۾ ويٺل ماڻهو به شدت جذبات ۾ اچي، داد تحسين ڏيڻ لڳا هئا. تنهن سان گڏ سن جو سائين به چمڪندڙ، چهڪندڙ ۽ مرڪندڙ اکڙين سان ڏسندو نهاريندو رهيو هو، جو هو پڻ اسان سان گڏ انهيءَ پيهي نما مٽي ناهيل اسٽيج تي ڏاڪڻ جا ڏاڪا لتاڙي، مٽي چڙهي ويٺل هو. فنڪارن ۾ منظورعلي خان، سندس ڀاءُ بيرو خان، خانصاحب اميد علي خان جا ڀائيٽيا ۽ غلام رسول خان جا پٽ فتح علي خان ۽ حامد علي خان پڻ شامل هئا. پر اُهو سيڪجهه هوندي به اسان جو لڳايل گرماگرم ۽ جذباتي ڳائڻ وڄائڻ چوٽ تي چڙهيل هو. اُنهيءَ ڪار ۾ ۽ جڏهن

منظور علي خان کي وارو ڏنو ويو هو، تہ هن وري پنهنجي پا' ـ ي خان کي اڳتي
ڪيو هو.... جيڪو سڄو سربستو احوال گذشتہ صفحات تي "شيخ محمد الرحمان
سان تعارفي ملاقات" ۾ لکي آيو آهيان. بهرحال راڳ رنگ واري. ٻهي محفل ۾
و اها گرمي پيدا ڪري نہ سگهيا هئا، جيڪا اسان جو جوڙ پيدا ڪري هو.
منهن لاءِ منظور علي خان کي ڪيترائي پيرا ورجائيندي چيو هوم تہ "انهي. لڳل
س کي تہ تون بہ مشڪل سان ڏاهي سگهين ٿو. پر تو وارو ڀاءُ ۽ ساٿي تہ ماڻهو ئي
جائي ڇڏيندا!" آخرڪار ٿيو بہ واقعي اٿين هو، جو ماڻهو پڇندا رهيا ۽ سڄو پنڊال
خالي ٿيڻ لڳو هو.

ڳالهہ هلي پئي سيد اسماعيل شاهہ جي فرزند ارجمند جي شاديءَ خانہ
بادي جي تہ وڃي نوابشاهہ نڪتاسين، جتان جي محفل جي تاثر ۽ يادگيريءَ سبب
ي منظورعلي خان سهميل، سميٽيل ۽ خاموش هو. پر منهنجي هڪل ٻڌندي ئي،
ڪدم ٽپ ڏيئي، با ادب هٿ ٻڌي، ملي معافي گهريائين. جنهن کان پوءِ مون کيس
ائڻ وڃائڻ جي آگيا ڏني. پاڻ تانپوري کي ڪٽي، هنج ۾ رکي، ڳٽين ۽ مٽين سان
اجي جي سرن ۾ ملائي، طبلي نواز نذير خان جي ساٿ سنگت سان، راڳ رس
شروع ڪرڻ وارو ئي هو، تہ مون ڪانئس پڇيو تہ "چا، بيرو خان توسان گڏ ساٿ
سنگت نہ ڪندو؟ جو هو ٻانهو ٻڌيو وينو آهي!" جواب ۾ وراڻيائين تہ "هو جدا
ائيندو." جنهن تي مون وري ڪيس چيو تہ "پوءِ پهرين ڳارائينس. تنهنجي مٿان هو
يچارو چا ڳائيندو!" تنهنڪري منهنجي حڪم مطابق پهرين ڪيس وارو ڏيئي
ارايائين. جيڪو خلاف توقع پيسا ڏوڪڙ ڪمائي، خوش ٿي، دعائون ڏيندو رهيو.
نهن کان پوءِ وري بيهر منظور علي خان ڏانهن متوجہ ٿيندي چيم تہ "هاڻي تون ۽
نهنجو ٻالڪو محمد يوسف پاڻ ۾ فيصلو ڪريو تہ پهرين ڪير ڳائي. اُهو ٻڌي
نظور علي خان باجو ريڙهي پاڻ ئي شروع ٿي ويو.

اڳئين رواج مطابق، استاد راڳي، پهرين رڙي ريزڪي ننڍين ڳائڻن کي وارو
يئي، ڳارائڻ ۾ ئي پنهنجي عزت عافيت سمجهندا هئا. پر اڄڪلهہ واري هن ماديءَ
لاڇي دور ۾ تہ هرڪو چاهي ٿو تہ پهرين آءٌ ڳائي وڃائي، تماشبين جا ڪيسا خالي
ڪري، پوءِ ئي ٻين کي وارو ڏيان، متان ٻڌندڙن جا ڪيسا اڳواٽ ئي خالي ٿي وڃن.
وءِ اُهي هيچ ۽ لالچ ۾ پَئي، ننڍ وڏائي کي بہ نہ ڏسندا آهن ۽ نہ وري ڪو پنهنجي
زت آبروءَ جو ئي خيال ڪندا آهن. ساڳيءَ طرح منظور علي خان بہ پنهنجي ڇهيتي
ساگرد ۽ ٻالڪي محمد يوسف کي نظرانداز ڪري، پنهنجي مٿان ڳائڻ لاءِ ڇڏي،
هرين پاڻ ئي شروع ٿي ويو، تہ جيئن مال پاڻي ميڙي، ريڙهي ۽ ويڙهي وٺان. پر
مندس پراڻين فرسوده ۽ زنگ آلود ڪافين ڪلامن جي ڪري رس ڪونہ لڳو. باقي
وڪڙ پيسا تہ شاديءَ جي خوشيءَ ۾ جام ڪمايائين. وري جو ماڻهن جي گهٽي
صرار تي محمد يوسف کي وارو مليو، تہ اُهو بہ پراڻا باسي ٽيل ريڊيو ۽ ٻين محفلن

۾ فرسوده ۽ حصا ٿيل ڪلام ڳائي، پنهنجو اثر ويهاري نه سگهيو. تنهن هوندي
ڏرڪڻ - سر هن نه ڪافي ڪمايا، جيڪي منظور علي خان کان بهرحال گهٽ ٿي
هنا. اخ ۾ "پيروي" راڳڻيءَ مان ڪافي ڳائي، اڃان پوري ئي مس ڪرڻ وارو هو
نه حسب معمول، شدت جذبات ۾ اچي، موج مستيءَ، قلندريءَ ۽ جذبه سرشاريءَ
سان اُنهيءَ ساڳيءَ "پيروي" راڳڻيءَ منجهان اُٿي بيهي، نچي پنبي، محمود فقيير
ڪٽياڻ جو اِهو ڪلام ڳايم ته:

مون کي پڪ پنهل جي، آري ايندم اوري،
آري ايندم اوري، سگهي منزل سوري.... گولي هيءُ سر گهوري.

اُنهيءَ ڪلام ڳائڻ وقت، محمد يوسف مون سان ساٿ سنگت ڪري، د
جان سان دل کولي، خوب ڳارايو. ممڪن آهي ته ڪيس به اهو ڪلام ياد هجي
ڇاڪاڻ ته بغير ڪنهن جهجهڪ جي ساٿ سنگت ڪندو، ڳارائيندو رهيو. جنهن
سڄي محفل منهنجي مٿان ڏهين ڏهين، پنجاه پنجاه ۽ سؤ سؤ جا نوٽ گهوري ڏنا
جيڪي سيني پڻ محمد يوسف جي حوالي ڪري ڇڏيم. اُنهيءَ حساب سان
محمد يوسف سيني راڳين جي مقابلي ۾ وڌيڪ ڪمايو. آءٌ وري به اُنهي ساڳئ
ڪلام جي جوڙ ۾، ساڳيءَ راڳڻيءَ مان، هڪ "ٺمري" به چني ويس، جنهن جا بول هنا

پنيا پروں ميں تورے ، چهوڑ کے نه جا سياں مورے....

انهيءَ ٺمريءَ به چڱو رنگ ڇمايو. نذير خان طبلي تي هو. تنهن سان گ
هڪ ننڍي عمر واري مڱٿهار ڇوڪري، جنهن نهايت تيار پڪواز وڄائي ٿي، سا
سنگت ڪئي. سڄيءَ محفل تي سڪتو طاري ٿي ويو. منظور علي خان ۽ ٻيا راڳ
به مون کي عجيب غريب نظرن سان نهاريندا ڏسندا رهيا. ٻڌيءَ طرح سان سي
اسماعيل شاه جي فرزند جي شاديءَ واري اُها محفل، جنون جي حد تائين ڪاميا
ٻڌجي، پوري ٿي.

تنهن وچ ۾ منهنجي پيٽ سان گڏ ڪاڏي لاءِ هڪ سڄو سيخ ٿيل مرغ مسل
يعني ڪڪڙ آڻي اڳيان رکيو هئائون. جنهن ۾ ڳائڻ کان اڳي به ٿي جهٽ هٽي چڪ
هئس. ڳائڻ کان پوءِ ته منهنجي ڪيفيت ئي عجيب هئي. پڳهر ۾ شل، ڪپڙا پسائي
هڏو هڏو ڪندي، ساهه کڻي رهيو هئس، ته اُنهيءَ حالت ۾ جام صاحب مون کي پا
سان گڏ پنهنجي ڳوٺ "ڊريم وليج" وٺي وڃڻ چاهيو. پر مون انڪار ڪندي، ض
ڪيو ته ماتليءَ ويندس. جنهن تي پاڻ موٽر جو بندوبست ڪرائي ڏنائين. جنهن
سوار ٿي، رات جو 3 بجي ماتليءَ پهتس.

دل جي دوري جو ناگهاني ڏماڪيدار ۽ شديد حملو

مورخہ 30 جولاءِ 1976ع واري مقدمي جون مايوسيون ساڻ ڪري، آئينده جي فتحيابي، ڪامراني ۽ ڪاميابيءَ لاءِ آسرا اُميدون رکي، ويلي ۽ وقت سان نيائينندي، ٻيرانيءَ پهچي نوابزاده ڄام انور علي خان سان گڏ سيد اسماعيل شاهہ جي فرزند ارجمند جي شاديءَ بامرادي ۽ مُڙ خانہ آباديءَ جون دعائون ڏيئي، ڳائٽن کي ڳارائي، محفل ۾ مچ مچائي، پيرن کان چوٽيءَ تائين پگهر وهائي، جڏهن واپس ماتليءَ پهتس، تہ خانہ دارن گهرن وارن ڪراچيءَ وڃي، محمد يوسف، امان الله ۽ غلام مصطفيٰ جي ٻچڙي "بابو" جي شاديءَ خانہ آباديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ، ساڳئي جولاءِ مهيني جي 18 تاريخ واريءَ مليل دعوت جو ٻڌايو، جنهن ۾ اهل خانہ ۽ فيملي سميت 17 جولاءِ تي وڃڻو هو.

شاديءَ ۾ شرڪت لاءِ سانباها ٿيڻ لڳا. بالآخر 17 جولاءِ جو سج نمودار ٿيو. هڪڙي ڪشاده ويگن، ٻن موٽرن ۽ هڪ جيپ ۾ گهرو قافلو تيار ٿي، منهنجي ڀائيٽين نظر محمد ۽ نائي عبدالرحمان المعروف پوڙهي خان جي قيادت ۾، ڏينهن جو، ٻنپهرن واري ماني کائي، اٽڪل ٻي بجي ڌاري روانو ٿي ويو. آءٌ ڪين ٻئي ڏينهن 18 تاريخ تي پهچڻ جو واعدو ڏيئي، سندن قافلي کي، روانو ڪري، حسب معمول آرامي ٿيس. اڃان گهريءَ اگهور ننڊ ۾ ئي هئس، تہ ڪنهن وقت اوچتو انهيءَ پلنگ کي لوڏو، ڏيڙو آيو ۽ جهٽڪو لڳو، جنهن تي آءٌ آرامي هئس. هڪدم اک کلي پيئي. اچانڪ ڇرڪ ڀري، اُٿي ڏٺم تہ منهنجي سيرانديءَ کان، منهنجي سيني کان ننڍڙي ڪکي ۽ نياڻي سعيده بانو بيٺل هئي، جيڪا، نچاڻ ڪهڙي خيال کان، مون واري بند ٿيل انهيءَ ڪمري ۾ پهتل هئي. تنهن وقت واچ ڏٺم تہ سادا چار ٿيا هئا. مٿان ڇت تي فل اسپيڊ ۽ انتهائي تيز رفتار سان پنکو ڦري رهيو هو. تنهن هوندي بہ پاڻ کي پگهر ۾ شرابور ۽ سهڪندي ڏٺم. گلي جون رڳون ڦوڦجي ويون. سهڪ وڌندي. ڪونگهري تائين وڃي پهتي ۽ اکين جا دوڙا نڪري آيا. اها حالت ڏسي، منهنجي معصوم نياڻيءَ سعديہ بانو حيرت زده ٿجي، ڊوڙندي وڃي، سندس والده کي اٿاريو، جيڪا هيڏي ساري گهر ۾، باقي اڪيلي بچي هئي.

جيسين ڪو پُرسان حال مون تائين پهچي، تيسين منهنجي ڪيفيت ۽ حالت عجيب ٿي ويئي. جيڪو ٽوال منهنجي سيرانديءَ کان رکيل هو، سو پگهر پسينو صاف ڪري اهڙو تہ آلو ٿي ويو هو، جو ڇڻ تہ پاڻيءَ سان ڀريل ڪنهن ٽب مان پسي نڪتل هجي. آءٌ بہ غشيءَ واريءَ حالت ۾ ايڏو تہ مدهوش ۽ بيهوش ٿي ويس، جودنيا وما فيها جي خبر ڄاڻ ئي نہ رهي. ڪيئي عزيز اقارب، دوست احباب، حڪيم طبيب ۽ ڊاڪٽر ايندا ويندا، خدمت چاڪري ۽ تيمارداري ڪندا رهيا. چوبهن ڪلاڪن جي غشي بيهوشيءَ کان پوءِ جڏهن اک کلي، تہ مون کي "بابا" ڪري

سڏيندڙ ڊاڪٽر "لڪشمن" سان گڏ، ڊاڪٽر شيخ نورالدين عرف "نوروءَ" کي به اتي موجود ڏٺم ۽ سڃاتم. جيڪي ٻيئي ڊاڪٽر ٻئي علاج سان گڏ، وري ٻيهر به مون کي بيهوش ڪرڻ جون رٽائون رٽي ۽ ستائون سٽي رهيا هئا. ڇاڪاڻ ته ڪونگهري واريءَ سهڪ ۽ جسم مان آبشار وانگر نارا ڪندي وهندڙ پگهر پسيني ۾ ڪنهن به قسم جي ڪا گهٽتائي ۽ ڪمي بيشي نه ٿي هئي. تنهن ڪري ئي انهن ڊاڪٽر چاهيو ٿي ته مون کي اڃا مزيد نند خاطر غشيءَ جا انجيڪشن لڳائي، آرام پهچائيندا رهن. انهيءَ حالت ۾ مزيد ٿي ڏينهن ٻيا به گذري ويا. جڏهن وري ٻيهر هوش آيو ۽ اکيون کوليم ته پنهنجي سامهون ڊاڪٽر لڪشمن سان گڏ ڊاڪٽر عالماڻيءَ کي ڏسي، ڪيس سڃاڻندي، هوش حواس بحال ۽ درست رکندي، ٻڌايومانس ته "ڊاڪٽر! قاضي سچيڏني جي عزيز دوست جي ناتي، آءٌ به تنهنجو برگزيدو ۽ بزرگ آهيان، جنهن جي نياڻي تنهنجي رشتہ ازدواج ۾ آهي. پر مون کي افسوس آهي ته، قاضي سچيڏني جي رحلت ۽ وفات کان پوءِ، سندس اهليہ محترمہ ۽ فرزندن مون کي بلڪل فراموش ڪري ڇڏيو. ورنہ انهيءَ شاديءَ ۾، سندس وڏي ۽ لائق فرزند قاضي اشفاق جي شاديءَ وانگر، حسب معمول، شريڪ هجان ها، جيڪا اڄ توهان سان شريڪ حيات آهي."

پاڻ 'ها ها' ڪندو، مسڪرائيندو، بلڊ پريشر ڏسندو، ڪاردوگرام واريون وائرون هٿن پيرن سان لڳائي، چنبڙائي، ڇهٽائي، دل جون ڌڙڪنون ڳڻيندو تپائيندو، چڪاسيندو رهيو. حالانڪ پاڻ جائز ڪان مٿانهين ۽ اڳري في پولي آيو هو، جيڪا اڪثر ڪري ڦورو ۽ لٽيرا ڊاڪٽر، وڏن وڏن پيرن ميرن، رئيسن اميرن ۽ جاهل وڏيرن ڪان وصول ڪندا آهن، جن وٽ اڻ ميو ۽ اڻ ڪٽ ناٿو ۽ دولت جي فراواني هوندي آهي. ليڪن انهيءَ جاءِ تي مون هڪڙي فقير، وڏي ٻڙڙيوال، گهڻ خرچائو، اوڙي پاڙي وارن غريبن، يتيمن ۽ مسڪينن محتاجن سان ورهائي ڪائيندڙ، فن ۽ فنڪار سان لنئون لڳائيندڙ سخيءَ وٽ ڪهڙي ڏن دولت هوندي؟ پر تنهن هوندي به ڊاڪٽر صاحب جي پورائي ڪرڻي پيئي. اتي وري مون کي "تنوير" نقويءَ جي انهيءَ نظم جا ڪجهہ بند پيش ڪرڻا پون ٿا، جيڪي هن ئي "ڪيئي ڪتاب" ۾، امڙ جي علالت ۽ بيماريءَ واري مضمون ۾، لکي آيو آهيان. حالانڪ آءٌ اجان به ڪجهہ سفيد پوش هئس، جو پورائي ڪري سگهيس ٿي، پر ٻيا ويچارا ڪيترائي عليل بيمار، بي يارو مددگار، غريبيءَ، مسڪينيءَ ۽ افلاس سبب، ڊاڪٽرن جون منهن مانگيون ڳاٽي پڳيون فيون نه ڀري سگهڻ جي حالت ۾ بنان موت مريو وڃن. پر....

انکو نہ همدردی هے نہ خوف خدا، انکو تو چاهیئے فقط پیسا.

اور پیسہ هے جنکے پاس کهاں، چیل کے گهونسلے میں ماس کهاں،
جهاں ان کا هنر نهیں بکنا، وهاں نسخہ قلم نهیں لکهتا،

انھیں بیماری کی نہیں ھے خبر، نبض پر ھاتھ جیب پر ھے سدا ،
پر انکو تو اپنے دام ھیں درکار، ان کے جوتے سے گر مرگیا بیمار .

دام پاتے ھیں کام آتے ھیں، صبح آتے ھیں شام آتے ھیں.
اور جنکے پاس دام نہیں، اسلئے انکو اُن سے کام نہیں،

کام تھا ان کا خدمت انسان، اور یہ لوگ مول لیکر کرتے ھیں احسان،
یہ تھے انسانیت کے خدمتگار، ھر خزاں کیلئے تھے فصل بھار-

یھی مالی تھے اپنے گلشن کے ، ان سے مُرجھائے پھول کھلنے تھے..

پر اھي ڊاڪٽر جيڪڏھن خدمت انسان ۾ اچي، مالھي ٿي، مرجھايل گلن ڦلن ۾ فصل بھار بڻجي، نسخا لکڻ ويھن، تہ پوءِ اھي محل نما بنگلا، لکھا روپين جون ڪارون، وڏا وڏا ميڊيڪل اسٽور، جائدادون ۽ زميندارين، ڪيئن حاصل ڪري سگھن! اھو فقط غريبن جو ئي خون آھي، جيڪو گوشت سان ملي، گارو ناھي، ھڏن جي پٽرن سان محل محلاتون، بنگلا ماڙيون جوڙي ٿو. ورنہ وڏن وڏن ڪامورن، آفيسرن ۽ سرمائيدارن جو تہ ھميشہ مفت ئي علاج ڪندا آھن. آءٌ تہ وري بہ ڪين احساس جي اڳئين ايوانن کي اُجارڻ خاطر، پنھنجون فرض ادايون ياد ڏياريندي چوندس تہ:

اے حکیمو معالجو آؤ، اے طبیبو علاج فرماؤ، المدد وقت کے مسیحاؤ!
آج تم کو بلا رھے ھیں عوام، ساری خودغرضیاں ھوئی ھیں تمام،
اب ھمیں جو بھی کام کرنے ھیں، آدمیت کے نام کرنے ھیں...

خير، انھن خوش اخلاقيءَ ۽ فرض شناسيءَ جي حقيقي، تحقيقي ۽ احساساتي ڳالھين کي ھڪ پاسي رکندي، وري بہ اچون ٿا پنھنجي حال زار تي، ڊاڪٽر صاحب، اسان جي عالماڻي بلوچ، مسلسل ٽي مھينا علاج ڪندو، نسخا لکي ڏيندو ۽ فيون وٺندو رھيو. پر تڏھن بہ علالت ۽ بيماريءَ ۾ مڪمل آرام نہ آيو. بلڊ پريشر ڪڏھن وڌي ٿي ويو تہ ڪڏھن گھٽجي ٿي رھيو. آءٌ لکيل نسخن مطابق دوائون کائيندو، انجيڪشنون لڳارائيندو رھيس. جن جي پوٽواري بہ اُھو بابا سڏيندڙ ڊاڪٽر لڪشمڻ ئي ڪندو، انجيڪشنون لڳائيندو رھيو. آءٌ مٿس اعتبار نہ ڪندي بہ اعتبار ڪندو ھئس. ڇاڪاڻ تہ طبيعت ٽوڙي ھلڪڙي ھئڻ سبب، گذريل 1973ع واريءَ بيماريءَ ۾ بہ ڪنھن ننڍڙي معمولي ڳالھہ تان ناراض ٿي، علاج مان ھٿ ڪڍي ڇڏيو ھئائين. جنھن لاءِ وري ٻيا ڊاڪٽر، ڊاڪٽر عبدالحق ۽ ڊاڪٽر جيلاني، انجيڪشن ھڻندا پورائي ڪندا ھئا. مگر 1976ع واريءَ بيماريءَ ۾ ڊاڪٽر لڪشمڻ چڱو ناتو نڀايو ۽ خود پريشان رھيو. جنھن لاءِ آءٌ سندس دلي ٿورائتو آھيان. تنھن کان سواءِ،

نيملي ۽ ٻارن ٻچڙن جو علاج معالجو پڻ ڪندڙ هو ۽ هُن لاءِ "ماءِ نيسٽ" جو ميڪدو ۽ "پڪچر نيسٽ" جون فلمون پاڻ ۽ سندس فيملي لاءِ هميشه ڪليل ۽ فري هونديون هيون.

انهن احسانن جي جواب ۾، مٽي ڄاڻايل سهوليتن ڪان سواءِ آءٌ جڏهن تندرست ٿيس ۽ رمضان المبارڪ واري ٻي عيد آئي تہ سندس ڊاڪٽري پريڪٽس هٽيل ۽ ڪريل ٻڌيم. ايتريقدر جو ڪيس لاغر، عليل، بيمار ۽ ملول ڏٺم، تنهن ڪان سواءِ شهر جي فضا ۽ ماحول کي بہ سندس خلاف افواهن ۾ ٻڌندي، سندس عزت افزائيءَ خاطر پنجاهہ پنجاهہ ۽ سؤ سؤ جي نوٽن تي مشتمل هزار روپين جو هار ٺهرائي، مٺائيءَ جي ٻن ڊبن سميت، راڳ رنگ واريءَ انهيءَ ثقافتي محفل مجلس ۽ جلسي ۾ سندس حوصلہ افزائيءَ ۽ خوش ڪرڻ خاطر ڪيس اڻين چئي، تعريف ڪندي، پاريم تہ "هڪ بهترين ڊاڪٽر هئڻ جي حيثيت ۾، هن منهنجي قابل تعريف خدمت ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح سمجهان ٿو تہ ٻين جي بہ، فرض شناسيءَ کي اڳيان آئي ساڳيءَ طرح خدمت ڪندو رهندو."

انهيءَ دوران وري بہ هڪ ٻيو شديد جهٽڪو آيو، جنهن بستر علالت تي هيڪاري وڌيڪ بيهوش ڪري سمهاري ڇڏيو. عزيز اقارب، گهٽگهرا وفادار، يار دوستار، انهيءَ غنودگيءَ جي عالم ۾، موٽر تي سوار ڪري، ڪٽي وڃي هڪ ٻئي هارٽ اسپيشلسٽ چوڌري علي محمد وٽ حيدرآباد پهتا. جنهن منهنجي حالت غير ڏسي، اهو چئي علاج ڪرڻ جي حامي ڀري تہ "مون کي هن بيمار تي هڪڙيءَ رات جو بہ پروسو ڪونهي. خدانخواستہ ڪجهہ ٿي پيو تہ انهيءَ لاءِ آءٌ ذميوار ناهيان. باقي پنهنجي طرفان تہ آءٌ هر ممڪن ۽ حتي الوسع ڪوشش ڪندس." اڻين چئي، ٽيليفون ڪٽي، "بليئر ڪلينڪ" ۾ ڪمرو بڪ ڪري، اسان کي اوڏانهن روانو ڪيائين. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ پاڻ بہ اُتي پهچي، ٻارهين ساڍي ٻارهين بجي رات تائين تيمارداري ڪندي، بند ٽيل ويل ميڊيڪل اسٽورن کي کولرائي، مطلوبہ دوائون حاصل ڪندو رهيو.

انهن ڪوششن ۽ ڪاوشن ۾ منهنجو ڀائيٽيو ٻچڙو حاجي خان، جيڪو سٽنيما مئنيجمنٽ جو انچارج پڻ هو، سڄي رات جدوجهد ۽ جاکوڙ ڪندو، انهن ميڊيڪل اسٽورن کي بيگاهہ وقت کولائيندو، گهربل ضروري دوائون حاصل ڪندو رهيو، جيڪي ڊاڪٽر جي لکيل نسخي مطابق ڊاڪٽر ۽ نرسن کي مطلوب هيون. ٻيا گهر وارا ۽ بيگمات منهنجي اِها پرتشويش حالت ڏسي، سڄي رات پريشان، مضطرب ۽ بيچين رهيا. صبح جو جنهن وقت انهيءَ غشيءَ ۽ بيهوشيءَ مان اک کلي، تہ آڪسيجن جو پريل ڊبو سيرانديءَ کان پيل ڏٺم، جنهن جون وائرون منهنجين نڪ جي ناسن ۾ پيل هيون تنهن ڪان سواءِ گلوڪوز باٽل جي تارن سان پاڻ کي ٻڌل ۽ جڪڙيل بہ ڏٺم. پاسو نڪو هيڏانهن ٿي ورائي سگهيس، نڪو هوڏانهن. گهر وارا، خدمتگار ۽ تيماردار منهنجيون ڪليل اکيون ڏسي خوش ٿيڻ لڳا، تہ ايتري ۾ ڊاڪٽر

، پهچي ويو. جنهن مون کي هوش ۾ ڏسي شڪرانا بجا آندا ۽ منهنجن عزيزن قريبن
پيارن کي آسرا دلاسا ڏنا ته "هاڻي خطري کان نڪري بچڻ جي ڪجهه ڪجهه اُميد
يدا ٿي آهي. توهان فڪر نه ڪريو. الله مڙيئي خير ڪندو."

اهڙيءَ حالت ۾ علاج جاري رهيو. ڊاڪٽر علي محمد چوڌري هڪ فرض
شناس، مستعد ڊاڪٽر وانگر صبح شام ايندو ويندو، تپاسيندو، بلڊ پريشر چيڪ
ڪندو، نبض جي رفتار ڳڻيندو، ڪارڊوگرام مشين سان دل جي ڌڙڪن جاچيندو
هيو. پر سندس تقاضا ۽ ڪوشش اهائي هوندي هئي ته "بيمار غنودگيءَ ۽ غشيءَ
۾ رهندي، مڪمل آرام ڪري." جنهن لاءِ نرسن کي سخت تاڪيد ۽ هدايت ڪيل
هئي ته ننڊ جا انجيڪشن لڳائيندين، گوريون ۽ ٽيبليٽ ڪارائيندين رهن. ٻاهرين
ملاقاتين سان ملڻ تي به سختيءَ سان پابندي وجهي، ملاقاتون بند ڪري ڇڏيائين.
نهن هوندي به ڪي يار دلدار، غمگسار منهنجو حال زار ڏسڻ لاءِ، اهي بندشون
ڪاوٽون ٽوڙي ايندا ويندا رهيا، جن ۾ عزيز اقاربن کان سواءِ، آفيسرن مان منهنجو
يارو ۽ قريبي دوست حاجي هارون جيڪو انهيءَ وقت ماتليءَ جو اسسٽنٽ ڪمشنر
هو، مسٽر منظور حسين پٽو جيڪو انهيءَ وقت بدين جو ڊپٽي ڪمشنر هو،
سيراندين دعاگو مصور ۽ چترڪار دوست محترم ظفر ڪاظمي، پيارو امداد الله انڙ
نهن کي هميشه دعائون ڏيندو هيس ته "توتي الله جي امداد هجي" پر هينئر ته ڪيس
بتر اڳي کان به اڳريون دعائون ڏيان ٿو (ڇو ته هينئر هو قسمت جي ڪنهن چڪر ۾
جي چڪو آهي- خدا ڪيس شال عافيت بخشي!)، منهنجو منچلو يار دلدار نوابزاده
امر انور علي خان، سردار رئيس احمد خان راڄپر، سندس فرزند ارجمند "خالد"
يان جيڪو هن وقت اسسٽنٽ ڪمشنر جي عهدي تي آهي ۽ منهنجو غريب دوست
لي بخش انصاري، اهي سڀيئي ته ڪنهن به عائد ڪيل بندش کي قبول نه ڪندي،
ڙلي سان ايندا ويندا رهيا تنهن کان سواءِ پيا به ڪي زميندارين سان وابسته
ڪاراوا ڪمدار ۽ منهنجن جذباتن سان لڳاءُ رکندڙ فنڪار قابل ذڪر آهن. علاوه
ين پيا به ڪيئي سڄڻ احباب منهنجي غشيءَ غنودگيءَ ۾ ايندا ويندا رهيا ٿي، جن
ي آءُ سڃاڻي نٿي سگهيس.

اهڙيءَ طرح سان رمضان شريف وارو اهو سڄو مهينو، انهي بليئر ڪلينڪ
گهارڻو ۽ گذارڻو پيو. شهري فضا ۽ رمضان المبارڪ هئڻ ڪري هوا جي دوش
وش ماڻهن جي ڪيئي هل هنگاما، شور و شر، غل غپاڙا، ڏڪا ۽ ٽڪاءُ، ائين
علوم ٿيندا هئا، جو جڻ ته ڪنهن آسماني مخلوق سان دوبدو ۽ مدمقابل هجون.
هيءَ دلوران جيئن ته پهرين تاريخ شوال جي اچڻي هئي، ته دوستن يارن، پيارن
وارن ۽ فنڪارن کان عيد جا پيغا پهچڻ لڳا. پنهنجي ناگسته بد حالت زار تي
گاهه وڌم ۽ ڊاڪٽر محترم چوڌري علي محمد کان پڇيم، جنهن اجازت ڏيڻ کان
طعي انڪار ڪري ڇڏيو. نه وري مون ني ڪا همت هئي نه ڪا جرئت، جو انهي

بستر علالت تان اُٿي ڪو عمل ڪري سگهان.

اهو ڏسي، عيد جون خوشيون ملهائڻ وارن عزيزن قريبن، يارن دوستارن، پيارن دل وارن، پرستارن ۽ فنڪارن کي حڪم ڏنم ته "اُها عيد به حسب معمول نهايت شاندار نموني ثقافتي رنگ ۾ ڳائڻ وڄائڻ سان اهڙيءَ ريت ملهائي وڃي، جهڙيءَ طرح سان هميشه کان ملهائي ويندي آهي. بلڪ انهيءَ کان به وڌيڪ انتظام ۽ اهتمام ڪيو وڃي. اڄا ته بفضل خدا آءٌ زنده سلامت آهيان. پر جيڪڏهن خدا جي مرضيءَ سان زندگيءَ جو سفر پورو ڪري وصال يار وٺان، تڏهن به اهي عيدون ائين ئي ملهائيندا رهندا، جهڙيءَ طرح مسلسل پنجاهه سالن کان وٺي راڳ رنگ وارين ثقافتي محفلن سان برابر ملهائيندا رهندا آهيون، جن ۾ پري پري کان ڏورانهون ڏوري، پنڌ ڪري، ماتليءَ پهچي، عيدن واريون اُهي ثقافتي رنگين محفلون مچائي مزو ماڻين ٿا ۽ لطف حاصل ڪن ٿا."

فقط اجازت جي ديرِ هئي. منهنجي علالت ۽ بيماريءَ واري اُها عيد به ساڳيءَ طرح مچائي، منائي ۽ ملهائي ويئي. جنهن جا هوڪا هوبا، شور غوغا، هل هنگاما، ساز آواز بليئر ڪلينڪ واري انهيءَ ڪمري ۾ مون تائين پهتا ٿي، جي آ غشيءَ ۽ بيهوشيءَ جي عالم ۾ بستر علال تي دراز هئس!

عيد واريءَ انهيءَ محفل جي صدارت منهنجي بهترين، پياري ۽ ثقافتي دوست سيد ڏنل شاهه ڪئي، جيڪو هميشه وانگر "خانوٽ" کان عيد واري ثقافتي محفل ۾ شرڪت خاطر اها مسافت طيءِ ڪندي، ڪَهي هتي آيو هو. پاڻ هن وقت خدا جي فضل ڪرم سان پنهنجو معاش حل ڪري، اقتصاديات ڏانهن وڪون وڌائيندو رهي ٿو. پر جڏهن پوليس ۾ سرڪاري ملازم هو، تڏهن به نجي ۽ عيد وارين محفلن ۾ گڏ هوندا هئاسين ۽ ٻيئي گڏجي يڪزبان ۽ يڪ آواز ٿي، ڳائيندا هئاسين. تنهن کان سواءِ ميڙن وارين محفلن ۾ به ساڳيو حال ۽ خيال هوندو هو، جن ۾ خاص طور يار سمن سرڪار به اچي وڃي ٿو- جتي ٻيئي جڻا گڏجي ڳائيندا وڄائيندا ٿي رهياسين. پاڻ سيد قاسم علي شاهه وانگر دلو ۽ گهڙو اڳيان رکي، ڳائڻ سان گڏوگڏ، وڄائيندو هو، ته ٻئي طرف منهنجي هٿ ۾ وري ڊفلي هوندي هئي.

پاڻ جنهن وقت ماتليءَ پهتو ۽ منهنجي بيماريءَ جو ٻڌائين، ته حيران ۽ پريشان ٿي، سجده ريزي ڪندي، منهنجي صحتيابيءَ لاءِ بي اختيار دعائون گهرڻ لڳو. اهو عيد وارو ڏينهن ئي هو. منهنجي ڪيل حڪم مطابق شاميانا اڏجي رهيا هئا. پڇاڳاچا ڪرڻ تي معلوم ٿيس ته منهنجي مرضيءَ مطابق عيد واريءَمحفل کي برقرار ۽ قائم رکندي، ويتر وڌ اُجاگر ڪيو پيو وڃي. تنهن ڪري ئي اهو اهتمام ٿي رهيو هو. جنهن تي پاڻ وي راڳين ۽ فنڪارن بابت پڇڻ لڳو. جن مان ڪيئي فنڪار هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويل هئا، جيڪي اڳي انهن عيد وارين محفلن تي اچي ڳائي وڄائي، نينهن نيائي، انهن کي عروج تي پهچائيندا هئا. جن ۾ خاص طور

سيد قاسم علي شاهه، پير بخش نومڙيو، رمضان لغاري ڪاپاهي وارو، هوشو شيدي، محمد بخش ميراثي، عثمان اونو، وڏيرو سوهو، بينجو نواز بلاول بيلجم ۽ ولڪ نواز علڻ فقير مڳٿهار قابل ذڪر هئا. حالانڪ انهيءَ دور ڪان اڳين دورن ۾ ڪيترائي گويا ۽ قوال به انهن محفلن ۾ شريڪ هوندا هئا، جن ۾ خان صاحب بيبو خان، خانصاحب جمال خان اڄ جي دور جي مشهور شخصيت خان صاحب منظور علي خان جو والد ۽ سندس چاچو پير بخش خان طبلي نواز ۽ انهن سان گڏ جمال خان ڏاڙهي وارو ڪلاسيڪل گويو ۽ قوال ۽ سندس ڀاءُ بشير خان به انهن محفلن کي رونق افروز ڪندا هئا. تنهن ڪان سواءِ ٻيا به ڪيئي گويا، ڳويا، ڳائٽا وڄائٽا ۽ فنڪار، جن جو ذڪر اذڪار هن "ڪيئي ڪتاب" واري پهرئين ۽ هن ٻئي ڀاڱي جي ڪيترن ئي صفحن تي اچي چڪو آهي.

منهنجي غيرحاضريءَ ۾ فن خاني کي خالي ڏسندي، پاڻ راڳين کي هٿ ڪرڻ خاطر بروقت ٽنڊي محمد خان وڃي، عثمان، منو ۽ هاشم ڪڇي برادران کي، عيد واريءَ انهيءَ محفل کي مڃائڻ خاطر وٺي اچڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ لڳو. جي پڻ هميشه عيد وارين محفلن ۾ ايندڙ ويندڙ هئا، جن کي پاڻ به ڪيترائي ڀيرا اُتي ڏسي چڪو هو. پر هينئر فقط منهنجي علالت خاطر اهو خيال ڪيائين ته متان ڪٿي نه اچن! تنهن ڪري احتياطاً پاڻ روبرو وڃي، ڪين گڏ وٺي اچڻ جو خيال ڪيائين، جن رات جو محفل ۾ اچڻ جو واعدو ڪيو، پر نه آيا- حالانڪ سندن استاد سيد قاسم علي شاهه ۽ سيد سومار شاهه انهي در تي ديوانه وار مستيءَ، سرشاريءَ ۽ مخموريءَ ۾ چي، پنهنجي فن کي پيش ڪرڻ ۾ فرض سمجهي، فخر محسوس ڪندا هئا. تنهن سان گڏ سندن ڪلاسيڪل موسيقيءَ جو استاد گويو خان صاحب قدرت الله خان به سندس والد محترم خان صاحب مبارڪ علي خان ۽ سندس چاچن خان صاحب بيبي خان ۽ مراد علي خان جي فوت ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، انهن وڏاڻن ناتن ۽ تعلقاتن کي مدنظر رکندي، فن جي پرڪ پروڙ، شناسائي، راڳ وديا ۽ تال وديا جي ڄاڻ سڃاڻ جي ڪري، مون کي "بابو" سڏيائين ۽ اٽڪل ويهن سالن ڪان منهنجي خلوص محبت، صداقت، قرب ۽ پيار کي ڏسندي، اڄا تائين "بابو" سڏيندو اچي ٿو. يتريقدر جو ڪيئي محفلون، منهنجي دارالامان ۾ نجي محفل ڪان وٺي "سمن شاه" جي ميڙي وارين محفلن تائين ڪندو آيو آهي.

هڪڙي موقعي تي جئيپور دربار جي گويي خان صاحب چاند خان سان راڳ وديا واري بحث مباحثي ۾ اُلجهندي، هڪٻئي سان اٽڪي پيا هئا. جنهن ۾ منهنجو پيارو دوست تال وديا جو ماهر شاعر ۽ دنياوي عملي تجربي جو استاد، عالم ۽ ناچ رنگ جو بادشاهه ماسٽر جتي بخش پڻ شامل گفتگو هو. تنهن ڪان سواءِ سنگيتن جو ماهر، ليکڪ، پنڊت ۽ اسڪالر خان صاحب مقبول خان به اتي موجود ۽ ساڻن شريڪ هو. سيني گڏجي ٻنهي کي صحيح ۽ جائز قرار ڏيندي، ائين چوندي ته

"ڪيئي مختلف، الڳ ۽ قسمين قسمين سنگيت لکيل آهن." بحث کي نبيريو هو، ۽ سر ۽ لئي کي هڪ ٻئي جاءِ ۽ مقام تي رکيو هو- پوءِ چاهي ته انهن جا رخ ۽ شڪليون ڪهڙيون ۽ ڪيتريون ئي ڇو نه هجن. تنهن کان سواءِ هر ڪنهن گهراڻي جو پنهنجو پنهنجو راڳ رنگ ۽ ڍنگ هوندو آهي.

پر اُهي ڪچي برادران، منهنجي بيماريءَ جو ٻڌي، محض انهيءَ لاءِ نه آيا، جو ٻين راڳي فنڪارن کان انتهائي وڏيڪ ۽ چوٽيءَ جا لاڳي هئا. حالانڪ ٻين راڳي فنڪارن ۾ به ڪا گهٽتائي ڪانهي، جن لاءِ ڪيئي مقولا ۽ مثال ڏيندا آهن، جيڪي هتي لکڻ خلاف تهذيب محسوس ڪندي، ڳريز وٺندي، فقط ايتري لکڻ تي اڪتفا ڪريان ٿو ته "بيحد ڪنجوس، بي شڪر ۽ لالچي آهن." چاهي ڪين ڪيتري به ڏن دولت ملي، تڏهن به الله تعاليٰ جا شڪر بجا نه آڻيندا آهن. بهرحال، اهي عيد واريون محفلون مجلسون، نه ڄاڻ ته ڪٿان ڪٿان جون فنڪارائون ۽ فنڪار اتي اچي، پهچي، هوبهو مچائي، شباب تي رسائي، گرماگرم ڪندي، ماڻهن کان داد تحسين وٺي، مال پاڻي ۽ ناڻو ڪمائيندا رهيا. فقط منهنجي غير موجودگي محسوس ڪندي، ڪيترا دعائون ڪندا رهيا ته وري روئندا رهيا. جن جون دعائون ۽ آواز بليئر ڪلينڪ ۾ مون تائين پهتا ٿي. جنهن بابت مٽي لکي آيو آهيان. انهن مان مرحوم "عارو" شيديءَ کي ته دعائون ٿو ڏيان ته "خدا شال ڪيس جنت ۾ جايون ڏئي." ، جيڪو منهنجي لاءِ دعائون گهرندي، پاڻ خود ئي جلد راهي عدم ٿيو.

غشيءَ ۽ غنودگيءَ ۾ آسماني سروي ۽ روحاني سير

مٽي لکي آيو آهيان ته شهري فضا ۽ رمضان المبارڪ هئڻ سبب هوائن جي دوش بدوش اهو شور غل ۽ غوغا، مون کي آسماني ۽ آفاقي مخلوق جو ٻڌڻ ۽ سمجهڻ ۾ آيو ٿي. اهڙيءَ طرح سان، اُها مٽين عيد واري محفل به آسماني ديس جي ئي معلوم ٿي ٿي. تنهن ڪري اُنهيءَ غل غپاڙي، شور غل سان پرواز ڪندي، آسمان تائين پهچي، سير سفر سان گڏ، سروي به ڪرڻي ٿي پيئي، جنهن ۾ ڪيئي ويليون واديون، باغ بوستان، ڪوهستان مرغزار، سبزه زار ۽ آبشار نظر آيا ٿي. تارن ستارن جي چمڪ دمڪ، رنگ ۽ رعنائيءَ کي به قوس قزح وانگر رنگ برنگي رنگين ڏٺم- جن ۾ خاص ڪري زهره، مُشتري، زحل، عطارد ۽ حنبل کان سواءِ، نظام شمسيءَ جا ٻيا به ڪيئي ننڍا وڏا تارا ستارا، احڪام ايزديءَ جي اڳيان، بندگيءَ ۾ سربسجود هئا.

نظام شمسيءَ جي ڪتابن کي کولي ڏسجي ٿو ته انهن ماهر فلاسافرن ۽ سائنسدانن، طبعيات جي تحقيق ڪري جيڪي ڪتاب لکيا آهن، تن ۾ پنهنجيءَ جاءِ تي ڪيتري به صداقت هجي، تنهن بابت ڪجهه به چئي نٿو سگهجي- پر مون کي ته اتي ڪجهه ٻيو ئي ڏسڻ ۾ آيو، جنهن ۾ رونق، رعنائي، حسن ۽ نور ئي نور نظر آيو

ٿي. اتي مون وڏا وڏا وسيع عريض باغ باغيچا، لان، ٻوٽا، گل ڦل ۽ فلارس، انهن رچان وهندڙ پربهار نهرون، عجيب غريب، قسمين قسمين ۽ چيده چيده ميون جا وڻ، وڏا وڏا بلند بالا چانولي وارا درخت، جيڪي هتي جي نمن، سريلن، ٽالين، انبن، بڙن، پپرن ۽ چنار جي وڻڻ کان وڌيڪ سرسبز، شاداب ۽ سايه دار، ٽڏا ۽ سرو ۽ سفيدي جي وڻن کان وڌيڪ سروقد هئا ۽ انهن ندين، نهرن، چشمن ۽ آبشارن سان اهڙيءَ طرح ڳنڍيل، ڳوپيل، ملحقه ۽ ڳتيل هئا، جن جي هن مادي دنيا ۾ ڪنهن سان به پيٽ ڏيئي نٿي سگهجي.

اُنهن جزيره نما سبزه زارن ۾ چانديءَ جي ديوارن سان ٺهيل محل محلات، جن ۾ هيرا جواهرات جڙيل هئا، جن جي چمڪ دمڪ به انهن رنگين ستارن کان ڪنهن به حالت ۾ گهٽ نه هئي- نيلم، ياقوت، عقيق، مرجان، فيروزه، زمرد ۽ لعل کان سواءِ ٻين ڪيترن ئي قسمن جي هيرن جواهراتن سان جڙيل جڙاءدار سونا دروازا، جن جي مٿان وي زري زربفت، مخملي ۽ ڪيمخوابي پردن سان سينگاريل سجايل وڏن وڏن ڪشاده ڪمرن ۾ تہ انتهائي عجيب غريب قسمن جو حيرت جي حد تائين شاندار ۽ غير معمولي فرنيچر، رنگ برنگي غاليچا ۽ قالين وڇايل ڏسڻ ۾ آيا. انهي ڊيڪوريشن، سجاوٽ ۽ سينگار جي ڪنهن سان تشبيهه ڏيئي ڪو مثالتہ قائم ڪري ئي نٿو سگهجي.

مون هن دنيا ۾ سياح بڻجي، سير سفر ڪندي، ڪيئي باغ بوستان، گلستان چمنستان، گلزار ۽ چمن زار، مرغزار پُربهار ڏٺا آهن. ڪيترين ئي رياستن ۾ وڃي، راجائن مهاراجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جا محل محلاتون ۽ سندن آراستگيون به ڏٺيون آهن. پر تنهن هوندي به انهيءَ روحاني آسماني سير ۾ جيڪي مشاهدا، منظر ڪشيون، دلڪشيون، مقناطيسيون ۽ سحر انگيزيون ڏسڻ ۾ آيون، تن لاءِ جيڪو به تبصرو ٿيندو، تہ اهو گهٽ هوندو. آءٌ جڏهن به اهو روحاني سير ڪندي، آسماني سروي ڪرڻ کان پوءِ پرتويءَ تي پرگهٽ ٿيندو هئس، تہ انهي "بليئر ڪلينڪ" وارو ساڳيو ڪمرو، ساڳيو پلنگ، جنهن جي مٿان نرسون انجيڪشن پريو، دوائون ڪٽيو، بيٺيون هونديون هيون، تہ ڪڏهن وري ڊاڪٽر چوڌري علي محمد، ٽرماميٽر منهنجي منهن ۾ جهليو، ڪڏهن بلڊپريشر کي تپاسيندو نظر ايندو هو ۽ ڪڏهن ڪاردوگرام لڳايل دل جي حرڪات و سڪنات جو جائزو وٺندو رهندو هو. اهي سڀيئي ڳالهيون خلاف طبع هونديون هيون ۽ چاهيندو هئس تہ انهي روحاني سير وارين تفريحن ۾ ئي مشغول هجان، پر منهنجي ننڍي بيگم، جيڪا شروع کان وٺي منهنجي تيمارداريءَ ۽ خدمت گذاريءَ ۾ مصروف رهندي آئي، سا اڪثر ڪري مون کي مجرائي، پرچائي سرچائي، نرسن ۽ ڊاڪٽرن جي مدد ڪندي هئي.

هڪڙيءَ رات، ٻارهين بجي جو ٽائيم هو، فل سوٽ پائي نڪتائي لڳائي، مٿي تي فليٽ هيٽ رکي، موٽر تي سوار ٿي، خود ڊرائيو ڪندي، روحاني سفر تي

نڪتس. برسات وسي چڪي هئي. هلڪي هلڪي ڦوهار ۾ منهنجي مرحوم مغفور، عالم عارف چاچي، مولوي نظر محمد عليه الرحمة جي قبرستان کان جڏهن اتي ماٽائو ٿي، پنهنجي آبائي زميندارئ واري اُنهيءَ حصي مان لنگهڻ لڳس، جنهن جو ڏاکڻيون پاسو آباد هو ۽ اُتريون پاسو غير آباد ۽ ڪچي ۽ ڪلراٽي رستي هئڻ سبب گاڏيءَ جا وهيل ڦنسلي ۽ ترڪي رهيا هئا، تہ ايتري ۾ آواز آيو! موٽرڪار روڪي ڏنم تہ هڪڙي ائمبولنس نما وڻن اچي منهنجو پاسو ورتو، چرچر ڪندي، دروازو ڪليو، جنهن مان ٻہ خوبصورت حسين جميل نرسون لهي، اچي منهنجي موٽر مٿان بيٺيون. مون کين دڙڪو ڏيندي هڪل ڪري، انگريزيءَ ۾ چيو. "Don't touch me, I am going on my land" "مون کي هٿ نہ لڳايو آءٌ پنهنجي ذاتي زمين تي وڃان ٿو." منهنجو اهو انگريزي ڳالهائڻ، انهي پاتل سوٽ بوٽ، ٽائي، فيلٽ هٽ جوئي اثر هو، جو اهي نرسون ڊڄندي، ڪُٽو ڪندي، ۽ حيران ۽ پريشان ٿي، اتان هٽي وڃي پري بيٺيون، تہ ايتري ۾ پنهنجي خدمتگار ۽ تيماردار ننڍي بيگم کي بيٺل ڏٺم، جنهن کي ٻہ سڃاڻي نہ سگهيس. تنهن ڪري ڪيس ٻہ دڙڪو ڏيندي، اتان هٽي وڃڻ جو حڪم ڏنو، جيڪا پنهنجي شناخت ڪرائيندي، پاڻ سڃارائيندي، "علي رضا جي ماءُ! علي رضا جي ماءُ!!" جو وردو وظيفو ڪري رهي هئي. علي رضا، جيڪو منهنجو وڏو فرزند ارجمند ۽ ولي عهد آهي.

تمام گهڻيءَ محنت، مشقت، منت سماجت کان پوءِ، مون پنهنجا حواس درست ڪندي، ڪيس سڃاڻندي، ڪانئس پڇيو تہ "توهان جا ڪهڙا ارادا آهن ۽ ڇا ٿيون ڪرڻ گهرو؟" تہ ايتري ۾ منهنجو سالو گل محمد المعروف گلو خان ٻہ اچي سائن مددگار ٿيو. انهن مڙني جو مطلب مون کي دوا پياري، بيهوشيءَ، غشيءَ ۽ ننڊ جو انجيڪشن لڳائڻ هو. سو اهي پنهنجو ڪم سرانجام ڏيئي، نرسون تہ انهيءَ دروازي کان واپس ٻاهر هليون ويون، جتان اندر آيون هيون. جيئن تہ منهنجا حواس انهي دوران درست ۽ بحال ٿي چڪا هئا، تنهن ڪري ذهن سان سوچيندي سمجهيم تہ اها ريڊ ڪراس يا هلالِ احمر واري ائمبولنس وڻن نہ هئي، پر غنودگيءَ جي عالم ۾ انهي ڪمري کي ئي وڻن سمجهيو هيم ۽ دروازي کي وري وڻن جو دروازو سمجهيم تہ ٻئي پاسي پلنگ کي تصوراتي موٽر محسوس ڪندي، روحاني سفر تي پنڌ پيو هئس. ممڪن آهي تہ اها زمين منهنجي آخري آرامگاهہ ئي هئي، جيڏانهن آءٌ وڃي رهيو هئس. ڇاڪاڻ تہ انهيءَ غشيءَ ۽ بيهوشيءَ ۾، ڪنهن ڪنهن وقت ڏنڌلڪي ۽ چمڪندڙ مسڪرائيندڙ چهرو ٻہ نظر آيو ٿي. تنهن سان گڏ ممڪن آهي تہ اهو روشن، چمڪندڙ ۽ مسڪرائيندڙ چهرو عزرائيل عليه السلام جو ئي هجي ۽ اها رات منهنجي دنياوي سفر پورو ڪري، جُز مان وڃي ڪُل ٿيڻ جي هئي! پر نڃاڻ تہ ڪهڙي خيال کان قدرت ڪرم فرما ٿيندي، عزرائيل عليه السلام کي واپس گهرائي ورتو هو ۽ آءٌ، هڪ دفعو ٻيهر وري ٻہ زندگيءَ جو ساڳيو سفر روع ڪندي، اڳتي هلڻ لڳس.

مهينو ۽ ڪجهه ڏينهن، انهيءَ بليئر ڪلينڪ ۾ گذارڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر جي رضامنديءَ سان ڪرسيءَ تي ويهي، لفٽ تان هيٺ لهي، زمين وٺي اسٽريچر تي سمهي، موٽر تائين پهچي، پنهنجي مختصر ننڍڙي قافلي سان گڏ، ماتليءَ پهتس. جتي پڻ انهي غشيءَ، غنودگيءَ ۽ بيهوشيءَ سان علاج جاري رهيو، جنهن جي دوائن جا نسخا، حيدرآباد واري اسپيشلسٽ ڊاڪٽر چوڌري علي محمد طرفان ڏنل هئا. انهن دوائن کي استعمال ڪرڻ جي، فقط ننڍي بيگم صاحب کي ئي خبر هئي. جيڪا نرسن جا فرائض سرانجام ڏيندي، ڪارائيندي ۽ پيارينديءَ رهي. انهيءَ سان گڏوگڏ اُهي انجيڪشن وري، مون کي بابا چوندڙ ڊاڪٽر لڪشمڻ هٿندو، بلڊپريشر تپاسيندو ۽ ٿرماميٽر ڏسندو رهيو.

اهڙيءَ طرح سان، 1976ع جا ڇهه مهينا، 1977ع وارو سڄو سال ۽ 1978ع جا ڪجهه مهينا، دوائن جي زيراثر رهيس. هر ماه موٽر ۾ سوار ٿي، حيدرآباد وڃي، انهيءَ دل جي اسپيشلسٽ ڊاڪٽر کان پاڻ کي تپاسارائيندو، چيڪ ڪرائيندو رهيس. جيڪو پڻ اُهي ئي ڳاڙهيون فيون وٺندي، مال پاڻي روڙيندو رهيو. ساڳين نسخن وارين دوائن ۾ معمولي ردبدل ۽ ڦيرڦار ڪندو، ڪارڊوگرام سان دل جون ڌڙڪنون جاچيندو تپاسيندو رهيو. ڏيتي ليتي ۽ پيسن ڏوڪڙن جي معاملي ۾ ڪڏهن به قياس ۽ رحم نه ڪيائين. پوءِ اسان ڇو، فقط ڊاڪٽر عظيم عالماڻيءَ کي ئي حريص، لالچي، خودغرض ۽ قصوروار بڻايون! سڀيئي ڊاڪٽر هڪجهڙا، بلڪ تجربي هڪبئي کان وڌيڪ ثابت ڪيا. "رڍون مڙيئي ڪار ٻوٽيون." باقي زندگي يا موت تہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي هٿ ۾ ئي آهي. وٽيس جنهن کي چاهي جياري، جنهن کي چاهي ماري. پر آءٌ ايڏو تہ ڪمزور ٿي ويو هئس، جو اُها ڪمزوري 1977ع تائين جاري رهندي، اڃا تائين به بدن ۽ جسم ۾ ڪوٽ محسوس ڪريان ٿو.

اسان جي زندگيءَ جي شروعاتي ۽ اوائلي دور ۾ اسان ڏٺو تہ هڪڙوئي ڊاڪٽر هوندو هو، جيڪو فزيشن به هوندو تہ سرجن به، جيڪو اکين جو به علاج ڪندو هو تہ ڏندن جو به، جيڪو ڪن جو ڊاڪٽر هوندو تہ نڪ جو به. پر هيئنئر موجوده دور ۾ عضوي عضوي جا جدا جدا ڊاڪٽر پيدا ٿي ويا آهن، جن کي "اسپيشلسٽ" ڪوٺيو وڃي ٿو. جن بيمارين به وڏائي ڇڏيون آهن تہ دوائون به. تنهن سان گڏ خرچن اخراجاتن جو ڪو حد حساب ۽ ڪو سنڌو ئي ڪونهي. ڇا مجال هي ڪنهن غريب جي، جو انهن اسپيشلسٽ ڊاڪٽرن کان پنهنجو علاج ڪرائي سگهي. تنهن ڪري پنهنجا ٽپڙتاڙي، هنڌا برتن، رليون رلڪا وڪڻي، اُهي مسڪين ڳوٺاڻن نيم حڪيمن ۽ اڌوگابرن ڊاڪٽرن کان علاج ڪرائيندي، بي موت مريو وڃن. ٿهڻ کي تہ دوائون ئي دستياب ٿي ڪونہ ٿيون سگهن ۽ نہ وري ڪين ڊاڪٽر ئي ملي سگهن ٿا. انهن ڳوٺاڻن حڪيمن ڊاڪٽرن لاءِ، "تنوير" نقويءَ جو شعر ياد آيو اٿم

جنهن ملا-سي لا، هي پيش ڪريان ٿو:

گاؤں کے ڈاکٹر کا کیا کہنا،
اُس سے بہتر ہے دور ہی رہنا.

اک بٹا دو حکیم خطرۂ جان،
اَک بٹا چار کا ٹھکانہ کہاں.

یہ معالج ہیں اسقدر ماہر،
گولی اندر ہے اور دو باہر.

خطن جي فائيلنگ، اڻ ڪٿ انٽرويو ۽ شيخ محمد سومار جي جاکوڙ

چوندا آهن ته مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو ۽ اوڏو آهي. حالانڪ مار وارو به ساڳيو آهي ته بچائڻ وارو به ساڳيو. هڪ واحد کي وحدانيت ۾ آڻي، وحدہ الوجود جا قائل ٿي، سوچون ٿا ته هڪ کي "مارڻ وارو" ۽ بچائڻ وارو" ٻن نالن چو تقسيم ڪيو ويو آهي؟ گهڻي سوچ ويچار بعد انهي فيصلي تي پهتس ته اُهڙ سندس صفتون ۽ نالا آهن، جن ۾ هڪڙي نالي سان پاڻ کي "غفار" سڏيو اٿس، ٻئي نالي سان وري "قهار" ، پر تنهن هوندي به پاڻ ساڳيو هڪڙوئي آهي جنهن "جوڙيا سائين سڀ جنسار!"

مون به جڏهن ڊاڪٽرن جي علاج معالجي، نرسن جي تيمارداري ۽ گهر وار جي خدمت گذاريءَ کان پوءِ، الله تبارڪ وتعاليٰ جي ڪرم فرمانيءَ سان، مرندڙ مرندي ٻيهر نئين زندگي حاصل ڪئي، ته وري به گذشته دورن 1970ع ۽ 1973 وانگر سوچڻ لڳس ته قدرت جي ڪارساز کي مون کان ٻيا ڪي مزيد ڪم وٺڻا آهن، جن لاءِ دوباره هيءَ زندگي واپس عطا ڪئي اٿس. انهيءَ دوران ڪيترائي نوا پراڻا دوست، پُرسان حال بڻجي ايندا ويندا رهيا. جن ۾ ڪي اديب هئا ته ڪ فنڪار، ڪي دلبر هئا ته ڪي دلدار. جيڪي مختلف مختلف ۽ الڳ الڳ سو ڪندا، همتون وڌائيندا، خوشين ۽ مسرتن سان همڪنار ڪندي، شهرت ۾ اضافو واڌارو ڪندا رهيا. ڪي وري منهنجي تجربن، مشاهدن، علمي ادبي لياقتن ۽ فن معلومات متعلق انٽرويو وٺندا، لکندا، ۽ ٽيپ ڪندا رهيا. جن ۾ ريڊيو پاڪست جو ماهر ۽ چاٽو، ڪافي معلومات رکندڙ شيخ غلام حسين ۽ سندس سرڪردگ ۾ ريڊيو پروڊيوسر انور بلوچ، محمد قاسم ماڪا ۽ ڪي ٻيا هئا. اهڙيءَ طرح سن سنڌالاجيءَ جي سرپرست ۽ سنڀيالڻ واري پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا ج راهنمائيءَ هيٺ ٻيا به ڪيئي پروفيسر ۽ ريڊيو پروڊيوسر به انٽرويو وٺڻ خاطر ماتل

آيا، جن بہ پنهنجي ڄاڻ، معلومات ۽ فڪر مطابق ڪوشش ڪندي، انٽرويو لڪيا ۽ رڪارڊ ڪيا.

ٻيا بہ ڪيئي اديب، شاعر ۽ فنڪار بہ انفرادي طور وقتاً فوقتاً ايندا ويندا، سوال جواب ڪندي، پنهنجي ۽ منهنجي معلومات ۾ اضافو ڪندا رهيا. جن ۾ ڪي تہ منهنجا پرسنل، ذاتي، پيارا دل وارا ۽ نوان اديب دوست هئا، جن جو سرڪردو محترم محمد سومار شيخ هو. ساٿس گڏ محترم محمد موسيٰ جوڪيو، مير محمد هاشم ٽالپر، محترم درمحمد "ڪمال" باڪمال، مسٽر "بلبل"، محترم جان محمد دلواڻي ۽ ڪي ٻيا هئا. انهن کان سواءِ، پيارو پرمانند "ڪنول"، جيڪو هڪ خوبصورت، سهڻو ۽ معشوقڙو هو، جنهن سان انهيءَ کان اڳ، محترم روچيرام وڪيل جي معرفت ڪي ملاقاتون عيد وارين راڳ رنگ جي ثقافتي محفلن ۾ ٿي چڪيون هيون، سو پڻ گاهي بگاهي ايندو ويندو، سوال جواب ڪندو رهندو هو. انهن جملي اديب دوستن کي منهنجي زندگيءَ تي شڪ هو تہ متان ڪٿي اوچتي حملي سبب ڪنهن بہ وقت وڇڙجي نہ وڃي! تنهن ڪري چاهيندا هئا تہ منهنجا تجربا، مشاهدا ۽ ياداشتون ڪهڙيءَ بہ طرح وٽن محفوظ رهن.

اڃان انهن دل لڳين محبتن، خوشين ۽ مسرتن ۾ ئي هئاسين، تہ مون کي اوچتو انهن خطن جو خيال آيو، جيڪي زندگيءَ جي دوران سفر ۾ دوستن احبابن، اديبن شاعرن ۽ فنڪارن کان پهتل هئا، جيڪي ڪهڻن، پيتين، خانن ۽ ڳوٺين ۾، نهايت بيدرديءَ سان، چڙوچڙ، ٽڙيل پکڙيل ۽ منتشر هئا، جن سان منهنجي زندگيءَ واري سفر جي غمازي، نشاندهي ٿي سگهي ٿي. انهن ۾ منهنجي زندگيءَ جو ڪجهہ سفر عيان ۽ آشڪار هو. انهن خطن جو ذڪر اذڪار منهنجي واتان ٻڌي، منهنجو عجيب غريب، همدم اديب دوست محترم محمد سومار شيخ چرڪ ڀري، عجب ڪائي، بروقت انهن خطن جي فائيلنگ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. ڇاڪاڻ تہ ڪيس ڪڏا ڪوٽڻ، درڙا دميون پٽڻ ۽ انهن آثارِ قديم ۾ وڃي بي مهليون، اٿلپ ۽ نايابڻ شيون حاصل ڪندي، هيرن جواهرن کان مٿي بي بها بنائڻ، عجائب گهرن ۽ نمائش ڪندڙ اسٽالن تي سجائڻ ۽ سنوارڻ جو، جنون جي حد تائين لڳاءُ بلڪ عشق هوندو هو. سو ڪيس، جو هڪڙا نادر، نايابڻ، قيمتي، زرخيز "خط" بنان ڪنهن محنت مشقت، ڪوشش، جاکوڙ ۽ جدوجهد جي گهر ويٺي ئي ملي ٿي ويا، تہ پوءِ ٻيو هن کي ڇا ٿي ڪتو! تنهن هڪدم پنهنجي مدد لاءِ، ست اٺ مددگار هٿ ڪري، خطن کي پيتين، خانن، ڪهڻن ۽ ڳوٺين مان ڪيرائي، شهر مان اٽڪل پنجاهہ ڪن فائيل گهرائي، اڃن پڻ جا ڪيئي دستا وٺي، ڪم شروع ڪري ڏنو.

ساٿس مدد ۾ جناب ماسٽر محمد هاشم ٽالپر، ماسٽر محمد سليم نظاماڻي، ماسٽر محمد حفيظ نظاماڻي، ماسٽر غلام عباس بوزدار، مارڪيٽنگ ڪميٽيءَ جي انسپيڪٽر جناب بشير احمد سومري سان گڏ ڪي ٻيا ايندڙ ويندڙ بہ

شامل هئا. فائيلنگ جو اهو سلسلو تي ڏينهن لڳاتار ۽ مسلسل رهيو. جنهن ۾ ڪي نالي وارا جدا جدا فائيل ڪيا ويا تہ ڪي مڪس فائيل بڻايا ويا. باقي گڏيل، مشترڪ ۽ مڪس فائيلن جي حوالي ڪيا ويا. جدا فائيلن جي لسٽ ۽ فهرست ۾، "گلشن" صوفي، مير سليم ٽالپر، "تنوير" نقوي، ابراهيم "جليس"، آغا "خلش" ڪاشميري، محترم جي ايم سيد، محترم حيدر بخش جتوئي، سيٺ ريجهومل شيوارام، مير الهبچايو خان ٽالپر، مير علي احمد خان ٽالپر ۽ ٻيا مير صاحبان ۽ مهاشيہ هندو برادران شامل هئا. تنهن کان سواءِ، انهن ۾ منهنجو يار دلدار جام انور علي خان ٻمع سندس خاندان شامل ۽ قابل ذڪر هئا. اهي ڪيئي هزار خط سهيڙي سميٽي، سموتي سوڙا ڪري، جملي پنجٽيهن فائيلن ۾ پرويا ويا- جن خطن لاءِ انهن کي ائين سهيڙيندڙ سميٽيندڙ، محمد سومار شيخ، ٻن ڪيسيٽن يعني ٻن ڪلاڪن جي گفتگوءَ جي پروگرام ۾ بہ ڳالهيون پوري طرح ريڪارڊ ڪري نہ سگهيو. جنهن بابت اڃان بہ دماغ ۾ ڪيئي خزينا ۽ دفينا ڀريل، جمع ۽ گڏ ٿيل هئا. جن کي نہ ريڊيو وارا ئي پورو ڪري سگهيا، نہ وري "سنڌالاجيءَ" وارن کي ڪا ڪاميابي ڪامراني حاصل ٿي. نڪو وري انفرادي طور اديب دوستن کي ۽ نہ شيخ محمد سومار ئي اهو اڻ ڪٽ انٽرويو ڪٽائي، مطمئن ٿي سگهيو. منهنجا سڀيئي دوست، منهنجن تجربن، مشاهدن ۽ ياداشتن کي اڻ ڪٽ ڏسي، سوچڻ لڳا تہ "هن موئن جي دڙي جيان، آثار قديمہ مان، ڪهڙيءَ ريت اهي معلوماتي، تجرباتي ۽ مشاهداتي ذخيرا ڪوٽي حاصل ڪري سگهجن ٿا!"

هڪڙي ڀيري ڪراچيءَ ويل هئاسين. انهيءَ سفر ۾ شيخ محمد سومار، منهنجو ٻچڙو خوشنويس "امين" ماتلوي بہ، جنهن جو اڳتي هلي مسلسل ذڪر هلندو، ساڻ هئا. ڪراچيءَ ۾ محمد عيسيٰ نظاماڻيءَ جي بنگلي تي قيام پذير ٿياسين. شام جو سير تفريح جي خيال کان موٽر ۾ سوار ٿي. بندر روڊ تي منهنجن پراڻن دوستن محمد يوسف ۽ امان الله جي ٽيلرنگ هائوس تي پهتاسين. جتي اوچتو منهنجيءَ پراڻي فنڪار "منو" ڪچيءَ سان ملاقات ٿي. جيڪو منهنجي ڪراچيءَ پهچڻ جو ٻڌي، ڳولاخاطر، اُتي پهتل هو. خوش خيرعافيت پڇڻ ۽ پيار محبت جي ڳالهين ڪرڻ کان پوءِ، دوران گفتگو، شيخ محمد سومار کان ڪنهن پڇيو تہ "اڄڪلهہ ڪهڙيءَ مشغوليءَ ساڻ آهيو ۽ هت ڪراچيءَ ڪيئن پهچڻ ٿيو آهي؟" جنهن تي، شيخ محمد سومار جي جواب ڏيڻ کان اڳ، "منو" ڪچيءَ انهي سوال پڇندڙ کي مون ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ "موئن جي دڙي کان وٺي، هن دڙي جي کوٽائي ڪندي، ڪيئي نادر ۽ ناياب ذخيرا حاصل ڪري رهيو آهي. آءٌ ائين سمجهان ٿو تہ ڪراچيءَ اچڻ بہ انهيءَ سلسلي جي ئي هڪ ڪڙي اٿن."

"منو" ڪچيءَ جي انهن معنيٰ خيز ۽ دلچسپ جملن، سڄيءَ مجلس ۽ ماحول کي نهايت خوشگوار موڊ ۾ آڻي، ڪلائي، خوش ڪري، مزو ماڻائي، حظ حاصل ڪرايو.

مون کي ياد آهي ته ڪنهن يوناني فلاسافر، دانشور ۽ سياڻي کان ڪنهن پڇيو ته "تو عقل ڪٿان حاصل ڪيو؟" جنهن تي پاڻ جواب ڏنائين ته "سادن، اپوجهن، بيوقوفن ۽ جاهلن کان." تنهنڪري، اسان کي به "منو" ڪڇيءَ جهڙي لاأبالي ماڻهوءَ مان ڪيڏي نه عقل واري ڳالهه حاصل ٿي! جيڪڏهن ڪو عقل وارو عالم، دانشور، مفڪر ۽ فلاسافر اهڙي ڳالهه ڪري ها، ته اها تعجب خيز نه هجي ها. پر "منو" ڪڇيءَ جهڙي بي فڪري، لاأبالي راڳيءَ ڳائڻي کان اهڙي علمي،معنيٰ خيز ۽ تعجب انگيز ڳالهه ٻڌڻ، باعث حيرت ضرور هئي.

ڪراچيءَ واري انهيءَ سفر دوران جڏهن ماتليءَ مان موٽرن تي سوار ٿي نڪتاسين، ته برسات پنجي رهي هئي. جنهن کي پنهنجي مٿان وسائيندا وسائيندا، ڪراچيءَ تائين پهتاسين. انهن ٽن چئن ڪلاڪن جي دلچسپ، سحرانگيز ۽ دل وندرائيندڙ سفر ۾ ٽيپ رڪارڊ ڪليو پيو هو. جيڪي به دل لڳيون ڪندا. علمي ادبي نڪتا سنواريندا ۽ معلوماتي، مشاهداتي، تجرباتي ۽ ڪائانتي راز سلجهائيندا، هڪٻئي کي سمجهائيندا رهاسين ٿي، ته اهي سڀيئي راز نياز، ٽيپ رڪارڊر پنهنجي هاضمي ۾ هضم، دل ۾ دفن ۽ ذهن ۾ محفوظ ڪندو رهيو. اهڙيءَ طرح سان اهي جيڪي به ڇهه ست ڏينهن ڪراچيءَ ۾ هئاسين، اهو ٽيپ رڪارڊر ڪليل رهندي ڪيئي علمي ادبي ۽ ثقافتي ڪثافتي ۽ ظرافتي ذخيرا پنهنجي سيني ۾ سمائيندو، گڏ ڪندو رهيو. پر تڏهن به انهن اڻ ڪُٽ ۽ انمول ذخيرن جو پَرو نڪو پاند، پار نڪو پتو پيس. نت نِت نوان نُڪتا اوڳارجي رهيا هئا، جن سان ڪيسٽن جا ڪيئي ڊير ۽ اروڙيون لڳي ويون. پر تنهن هوندي به عزيزي شيخ محمد سومار، انهي بحر بي پايان جو ٻيو ڪنارو نه ڏسندي، ڪجهه سوچيندو ئي رهيو ته انهن معلوماتي ذخيرن کي ڪهڙيءَ ريت ڪُٽائجي! جيڪي نه ته انٽرويو ۾ ڪُٽي سگهن ٿا، نه وري ٽيپ رڪارڊر جي قيمتي ڪيسٽن ذريعي!

اهڙيءَ طرح واپسيءَ ۾ به برسات وسائيندي، يت شٽ هٽندي، ڪلندي ڳالهائيندي، انتهائي خوشگوار موسم ۾، ڪڏهن ڪثافت ته ڪڏهن ظرافت، ڪڏهن مفاهمت ته ڪڏهن خجالت ۾، هڪٻئي سان ڏي وٺ ڪندا، چرچا گهڻا هٽندا، بارش جي گرميءَ نرميءَ جونظارو ڪندا، ڪائناتي حُسن کي پرکيندا پروڙيندا، اچي ماتليءَ پهتاسين. حالانڪ ڪراچيءَ مان روانگيءَ وقت برسات جو ڪوبه آسرو اميد ۽ نالو نشان ئي نه هو- پر مون پنهنجي روحانيت سان ارادا ڪندي، دعويٰ ڪري، برسات آڻي، پنهنجي همسفر دوستن کي محو حيرت بڻائي ڇڏيو، جيڪي بيساخته منهنجي ولايت جو اقرار ڪري مڃيندا رهيا ۽ واه واه ڪندا رهيا!

واپسيءَ وارو اهو سفر، ماتليءَ پهچڻ تائين، سهڻو ستابو، رنگين، پُرڪشش، دلڪش ۽ انتهائي خوشگوار گذريو. جتان انهي وسندڙ برسات ۽ هلڪي هلڪي ڦوهار ۾ شيخ محمد سومار، بس اسٽنڊ تان ئي هڪڙي تيز رفتار ويگن ذريعي بدين روانو ٿي ويو، ته اسين وري پنهنجي گهر پهچي، آرامي ٿياسين.

امين" ماتلوي، نور محمد پٽي ۽ "ڪيئي ڪتاب" جي ابتدا

انسان جي حريص، لالچي، لوڀي، لوچيندڙ ۽ خود غرض طبيعت، گهڻو ڪجهه چاهيندي آهي ته هيئن ڪجي، هيئن ٿيئ گهرجي، هيئن ڪريان، هون ڪريان، وغيره وغيره. پوءِ ڪڏهن ته ڪي خيال، اراده، آرزو ۽ تمنائون پوريون ٿيو وڃن، ته ڪڏهن وري رهجيو وڃن. قدرت طرفان ڪڏهن ياوري ٿيو وڃي، ته ڪڏهن ناڪاميءَ جو منهن ڏسڻو پوي ٿو.

"ارادے باندهتا هوں، سوچتا هوں، توڙ ديتا هوں،
کهيں ايسا نه هوجائے ، کهيں ويسا نه هوجائے."

اهڙيءَ طرح سان منهنجا به ڪيترن سالن کان وٺي اهي ارادا پٽي رهيا آهن ته پنهنجين ياداشتن تي مشتمل سوانح عمريءَ مان ڪو ڪتاب لکي تيار ڪجي. جنهن لاءِ وسيلا محدود هئا. خاص ڪري خوشخط خوشنويس، طبيعت سان ٺهڪندڙ، اتفاق ڪندڙ، ڪنهن قلمڪار جي ضرورت هئي. جنهن کي حاصل ڪري نه پٽي سگهيس. جنهن لاءِ ڪيترن ئي اديب دوستن، دانشورن ۽ قلمڪارن سان رابطو قائم ڪري، ساڻن صلاح مشورا ڪندو رهيس. جن ۾ خاص طور محترم محمد ابراهيم جويو، محترم غلام رباني سابق پرو وائيس چانسلر، تاج صحرائي، محمد عيسيٰ نظاماڻي ۽ ڪيئي ٻيا قابل ذڪر آهن. جن بابت پيش لفظ ۾ به لکي آيو آهيان.

آخر هڪڙي چوراهي، چوواٽي، چوسول ۽ ڪنهن موڙ تي، هڪڙو ورهين کان وڃايل ٻچڙو ملي ويو. جنهن سان خانداني تعلق، رت جا رشتا ۽ فني يڪسانيت سبب ڪيترن ئي سالن کان وابستگيون رهيون. تعمير پڪچر نيٽ سٽنيما ۽ انهيءَ جي مئنيجمينٽ ۾ به ساڻ ساٿي ۽ همرڪاب رهيو. تنهن سان گڏ، ڪيترن ئي مرحلن ۾ منهنجي مدد ڪئي هئائين، جن ۾ فلمون حاصل ڪرڻ لاءِ ڊسٽريبيوٽرن ۽ تقسيم ڪارن سان ڪانٽريڪٽ ڪري، فلمون آڻي، نمائش ڪرڻ: خوشنويس هئڻ جي حيثيت ۾ فلمن جا پبلسٽي بورڊ لکڻ، پبلسٽي ڪرڻ: مئنيجمينٽ جا فرائض بجا آڻيندي اسٽيٽمينٽ لکڻ ۽ چيڪنگ ڪندڙ ٽيڪسيشن انسپيڪٽرن سان منهن ڏيڻ، بلڪ ٻيءَ صورت ۾ ائين ڪٽي چٽجي ته سٽنيما جي سيني محڪمن سان سندس وابستگي، واسطو ۽ لڳاءُ هو. جن ۾ هڪڙو مقدمو به ٽيڪسيشن وارن مٿس دائر ڪيو، جنهن کي محترم ڏٽي بخش دايي، سول جج ماتلي، تمام ٿورڙيءَ پينلٽيءَ ۽ جرماني سان نيڪال ڪندي، داخل دفتر ڪيو هو. جنهن لاءِ پاڻ گهڻو پريشان ۽ پشيمان هو، پر مون ساڻس واعدو ڪيو هو ته "ساهميءَ جي ٻئي پڙ ۾ ناٿو وجهي، توري

ـ ـ سوڪي آزاد ڪرائيندس." اهو مقدمو انهيءَ وقت سڄي سنڌ جي مٿان انچارج ٽيڪسيشن آفيس، ايم- پي- دراني داخل ڪيو هو. تنهن وقت ايڪسائيز محڪمو جدا هو ۽ ٽيڪسيشن جو ڪم روينيو وارا ادا ڪندا هئا، جنهن جي چيڪنگ جو واسطو تعلقي مختيارڪار جي هيڊمنشيءَ سان هوندو هو.

جنهن ڏينهن مسٽر دراني سٽنيما تي ڇاپو هڻي، مِس مٽنيجمينٽ جو ڪيس ٺاهيو، انهيءَ رات اسان وٽ مسٽر نور محمد پٽي انچارج ڪليڪٽر (ڊپٽي ڪمشنر) ۽ ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ ضلعي حيدرآباد جي، ٻين پندرهن ويهن دوستن سميت، ڊنر پارٽي رکيل هئي، جنهن ۾ ڪي مقامي ڪامورا ۽ لوڪل آفيسر به شامل هئا، جيڪي مٿئين باڪس ۽ اسپيشل گيلريءَ ۾ فلم ڏسي رهيا هئا. مسٽر نور محمد پٽي به انهيءَ ڇاپي لڳڻ وقت، پنهنجي حليم طبع، نماٿائيءَ، رضامنديءَ، سهڻن سنڌڙن، پيارن ۽ منڙن اکرن ۾ ڪيس "لالا، لالا" چوندي، شرمائيندو ۽ مجارائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو ته "لالا! هڪڙو گهر ته ڏاڻ به تاريندي آهي. پر اڄ ته اسين هيترا آيل آفيسر اِها فلم ڏسي رهيا آهيون! سو انهن آخر ڪهڙي ٽڪيت ورتي هوندي؟ تنهن ڪري، مس مٽنيجمينٽ جو هٿ لازمي ٿي سگهي ٿو. انهيءَ لاءِ ڪجهه سوچ ويچار، حيل حجت، پيار محبت سان، اڄ ته انهيءَ ڳالهه کي تاري، وساري، نظرانداز ڪري، اچو ته گڏجي ماني ڪائون، پيار وندڻيون ۽ ڳالهيون ڪريون." پر دراني صاحب صفراوي ۽ چڙچڙي طبيعت هٿ ڪري، ڪنهن وقت شور سان ته ڪنهن وقت غور سان، ته ڪنهن وقت وري مسڪرائيندو 'ها ها' ڪندي هليو ويو ۽ وڃي پنهنجو ڪيس مضبوط ڪري، سول جج ماتلي، جناب ڏٽي بخش دايي، جي ڪورٽ ۾ چالان ڪيائين، جنهن بابت مٿي لکي آيو آهيان ته هن مختصر جرمانو ۽ پينلٽي لڳائي، ڪيس فائيل ڪري ڇڏيو.

مسٽر نور محمد پٽيءَ سان منهنجي تعلقات ۽ لاڳاپا حڪيم الهرڪئي، رتي ديري، ضلعي لاڙڪاڻي واري، ۽ والد صاحب جن جي عزيزانه، برادرانه ۽ دوستانه ناتن سبب اڳي ئي قائم هئا، جنهن پٽي صاحب کي پنهنجي فرزند عبدالواحد سان گڏ نپائي، پڙهائي، وڏو ڪري، علم طب جو ڄاڻو ۽ واقف ڪندي، هڪڙو ڪامياب ڪامران حڪيم ۽ طبيب پڻ بڻايو، جيڪو پاڻ، بنان ڪنهن لالچ ۽ عيوضي معاوضي جي، غريبن مسڪينن، معذورن محتاجن، يتيمن، بي سهارن سان گڏ، پنهنجن عزيزن اقاربن، دوستن احبابن، غيرن اغيارن جا بي لوث بڻجي علاج پڻ ڪندو هو ايتريقدر جو انهن جي دوائن جو خرچ به پنهنجي ئي ڪيسي مان ڪندو هو. ڪشتن، معجونن، خميرن، ۽ عرقن ڪان سواءِ، ٻين به ڪيترين ئي بيمارين جي علاج سان گڏ، خاص طور تي. بي يعني سلهه ۽ دم جي بيماريءَ جا وٽس ڪامياب ۽ مجرب نسخا هوندا هئا.

سائس منهنجي ملاقات، آغا عبدالنبي ڪليڪٽر حيدرآباد جي دور ۾، ٽنڊي محمد خان سب ڊويزن جي ڊپٽي ڪليڪٽر جي حيثيت ۾ ٿي. تنهن وقت ڪيس

اها به خبر هئي ته سندس مربي، بزرگ ۽ برگزيده استاد محترم حڪيم الهرڪيي سان اسان جا وڏاڻا خانداني ناتا ۽ تعلقات آهن. ممڪن آهي ته اها خبر ڪيس برادرم عبدالواحد ڪان پيئي هجي. جنهن وقت سائس منهنجي ملاقات ٿي، ته پاڻ وڏي پيار محبت، حب اُڪير، سڪ سچائيءَ ۽ حليمائيءَ سان پيش آيو، ته مون به سچائيءَ، صداقت منديءَ، خلوص محبت ۽ دل سان ڪيس والهانه پيار ڪيو. تنهن ڪان پوءِ اڳتي هلي، سندس علمي، ادبي، ثقافتي، تجرباتي ۽ مشاهداتي نظرن مون کي ويتر وڌيڪ متاثر ڪيو.

اها راه رسم ۽ ملنساري جيئن پوءِ تيئن وڌيڪ ويجهندي ۽ وڌندي رهي. جنهن ۾ آغا عبدالنبي، ڪليڪٽر حيدرآباد، به شريڪ ڪار ۽ شامل حال هو. تنهن ڪان سواءِ ڪيترن ئي ڪيسن ۽ مقدمن ۾ منهنجي جائز ۽ قانوني مدد پڻ ڪيائين. ايتريقدر جو اڳتي هلي، ترقي پائي، جڏهن حيدرآباد جو ڪليڪٽر بڻيو، ته سنئيما جي افتتاح وقت به، منهنجي ڪافي مدد ڪئي هئائين، جنهن جو لائيسنس ته اڳي ئي قاضي سچيڏني جو ڏنل هو، باقي ٻين فارملٽيز جي پوري ڪرڻ ۾ به چڱو سات ڏنائين. پاڻ الله جي فضل و ڪرم سان، هن وقت به، زندگيءَ جو ڪيوڻ هار بڻجي، دنياوي منجهدارن ۾ ڪشتيءَ عمر وارن جو سُڪان سنڀاليو اچي، جيتوڻيڪ عمر رسيده ٿي ويو آهي. منهنجي به يا ٽي سال اڳ، محترم جي- ايم- سيد سان گڏ سائس ملاقات ٿي هئي. آءٌ ڪيس نهايت عقيدتمنديءَ ۽ خلوص دل سان دعائون ڏيان ٿو ته الله تعاليٰ ڪيس تندرست، توانا، خوشحال ۽ مالا مال رکي، ته جيئن هو صاحب غريبن مسڪينن، يتيمن بيواهن، محتاجن بيڪسن سان گڏ پنهنجن عزيزن قريبن، يارن دوستارن، رفيقن ۽ ساٿين جي به بي لوث خدمت ڪري سگهي.

ڳالهه هلي پئي خوشخط خوشنويس "امين" ماتلويءَ جي، ته وڃي هڪڙي پُرخلوص محسن برگزيده بزرگ محترم نور محمد پٽيءَ جي قيل و قال ۾ پياسين. جنهن جو ذڪر هن "ڪيئي ڪتاب" جي ياداشتن ۾ ياد نه ڪرڻ احسان فراموشيءَ سان گڏ فرض ناشناسي به ٿئي ها. تنهن ڪري، هاڻي سندس مضمون کي مختصر ڪندي، وري به اچون ٿا پنهنجي اصلي موضوع تي ته، جنهن وقت اهو وڃايل ٻچڙو هن دنيا جي ريگزار مان جڏهن وري ٻيهر حاصل ٿيو، ته پوءِ پنهنجين ياداشتن تي مشتمل ڪتاب لکڻ جا ارادا، دل دماغ ۽ ذهن کي جهنجهوڙڻ لڳا ته "چو نه انهي ٻچڙي 'امين' ماتلويءَ جي تعاون سان، دنيا جي طوفان طلاطم، ريگزار، ڪوهسار، مرغزار، سير و سياحت، پريم پيار جون ياداشتون، حسن عشق جا داستان، قلمبند ڪري، دنيا وارن کي ڏيکاريان ته ڪيڏو نه رنگين ۽ سنگين سفر طئي ڪري هن منزل تي پهتو آهيان!"

بسم الله الرحمٰن الرحيم، لکي "ڪريم جو ڪرشمو ۽ رحيم جي رحمت" جي عنوان سان، مورخه 5 فيبروري 1978ع تي هن ڪتاب جو نالو "ڪيئي ڪتاب"

رکي، اهو ڪتابي سفر شروع ڪيم. جيڪو اڄ هزار صفحن کان بہ مٿي پهچي چڪو آهي. جنهن کي واقعي "ڪريم جو ڪرشمو" چئي سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ مون جهڙي عياش، رنگين مزاج، حُسن پرست، حسن ۽ فن سان لنڙن لڳائيندڙ کي تہ فڪر يار، فن و فنڪار ۽ حسن جي نکار مان فرصت ئي ڪٿي هئي، جو هيڏو سارو علمي ادبي، معلوماتي مشاهداتي، تجرباتي ۽ حقائق سان ڀرپور ڪتاب لکارائي سگهي ها. اهڙيءَ طرح سان منهنجو قلمڪار خوشنويس ٻچڙو دلدار بہ سست، ڪاهل، عياش نفسانيات جي سروي ڪندڙ، پنهنجي طبيعت کان مغلوب، نازڪ مزاج، لکندي لکندي ننڊ ڪندڙ، نازڪڙو نفيسڙو بہ اهو ڪتاب لکي سگهي ها ڇا؟ پر ڪتاب جي مقناطيسي ڪشش، حسن نزاڪت، محبت صداقت ۽ منهنجن پُرڪيف و نشاط عجيب غريب انڪشافن ڪيس مجبور ڪري، محنت مشقت، ڪوشش ۽ وڏي جاکوڙ سان هي ڪتاب لکڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ هيءُ ڪتاب لکي 'وحي نويس' جو خطاب حاصل ڪيائين. واقعي اِها غيب جي عنايت ئي هئي، جنهن هن ڪتاب کي لکائي، لکارائي ۽ لکي، وجود ۽ جنم ڏنو- ورنہ:

"چہ نسبت خاک را با عالم پاک."

شيخ محمد سومار ۽ درمحمد ڪمال "باڪمال"

انهي ڪتاب جي لکڻ ۽ لکارائڻ وارو سفر شروع ڪري اڄان ٿورو ئي اڳتي هليا هئاسين، تہ اديب، قلمڪار، شاعر، محقق ۽ تاريخدان محترم شيخ محمد سومار، مون سان همرڪاب ٿي، شامل سفر هليو. جنهن لاءِ گذشتہ مصمونن ۾، خطن جي فائيلنگ، ڪراچيءَ واري سفر، بدين ثقافتي ميلي، "بدين" ڪتاب جي افتتاح ۽ ٻين بہ ڪيترين ننڍين وڏين محفلن جو ذڪر اچي چڪو آهي.

شيخ محمد سومار سان پهرين ملاقات ڪيئن، ڪٿي ۽ ڪهڙيءَ طرح ٿي؟ اُنهيءَ کي واضح ڪرڻ ڪان اڳي، چڱيءَ طرح ياد اٿم تہ ڊيپوٽي ڪمشنر، بدين، محترم غياث الدين جوڻيجي سان مجلس "ماءِ نيست" ماتليءَ واري فنڪده، اُدب ڪده ۽ پيار ڪده ۾، سهڻي سباجهڙي ۽ پياري دوست حاجي هارون، اسسٽنٽ ڪمشنر ماتليءَ، جي معرفت ٿي، جنهن ۾ سندس عزت افزائيءَ خاطر راڳ رنگ سان گڏ رات جي مانيءَ جو بہ اهتمام ۽ انتظام ٿيل هو. راڳ رنگ واريءَ اِنهيءَ ثقافتي محفل جي عين شباب جي پهچڻ وقت، جذبات ۾ اچي، نچي پنبي، مون بہ هڪڙو ڪلام ڳائي پورو ڪيو، جنهن تي پاڻ مون کي "رند" جو خطاب ڏنائين. پر اُنهيءَ داد تي منهنجي دل ڀرجي آئي ۽ اکين ۾ لڙڪ تري آيا. منهنجيءَ واتان اهو چوندي ٻڌائين تہ "اهي فن ادب جا خزينا ۽ دفينا تہ اِتي ئي رهجي ويندا. ۽ اسين وري گوشہ گمنامي ۾ زندگيءَ جو سفر پورو ڪري هليا ويندا سين." جنهن تي پاڻ

چرڪ ڀري، تعجب ڪندي، اهو ڪتاب ڪڍي، پريزنٽ لکي، تحفي طور منهنجي حوالي ڪيائين، جيڪو شيخ محمد سومار کان لکايل "بدين ضلعي جي ثقافتي تاريخ" هو، جنهن ۾ شيخ صاحب ٻين سان گڏ منهنجي لاءِ به مختصر تعارفي نوٽ لکيو هو. اُنهيءَ ڪتاب ڏيڻ وقت ائين پڻ چيائين ته "توهان زنده آهيو ۽ زنده ئي رهندا."

اهو هو پهريون تعارف، جيڪو غائبانه طور شيخ محمد سومار سان ٿيو. تنهن کان پوءِ وري منهنجو پراڻو ڊولڪ نواز شيخ حاجي عبدالله بديٽائي به وقت بوقت سندس ذڪر خير ڪندو، ائين ٻڌائيندو رهندو هو ته "شيخ محمد سومار کي به توهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق، اشتياق ۽ چاه آهي. تنهن سان گڏ هميشه توهان بابت پڇندو ۽ ملاقات بابت سڪ سان ملڻ لاءِ چوندو ئي رهندو آهي." جنهن تي مون حاجي عبدالله کي سائس ملاقات لاءِ خوشي ڏيکاريندي چيو ته "مون کي بيحد خوشي حاصل ٿيندي، جڏهن اهڙي پياري دل واري شخص سان ملي، سائس رهاڻ رس ڪري سگهجي."

آخر اُهو ڏينهن به اچي ويو، جڏهن صاحب موصوف، شيخ حاجي عبدالله ڊولڪ نواز جي رهنمائيءَ ۾، محترم محمد هاشم ٽالپر ۽ محترم محمد موسيٰ جوڪيي سان گڏ، اسان جي فنڪده تي پهچي ويو. شام جو وقت هو، راڳ رنگ واري محفل پوري آب تاب سان شباب تي پهتل هئي، جنهن ۾ راڳي ڳائنا وڄائنا، طبلا هارمونيم ۽ ڊولڪيون ڪوليو، ساز وڄائيندا، ڳائيندا ۽ سات سنگت ڪندا رهيا.

ٻڌل ڳالهيون روبرو اکين سان ڏسي، پنهنجن آيل احبابن سميت متحير ٿي، نوٽ بڪ ڪڍي، قلم کولي، اُنهي محفل جي هر حرڪات سڪنات ۽ تاثرات قلمبند ڪندو رهيو. دوران محفل سازبندڙن راڳيندڙن کان سواءِ مون کان به ڪجهه سوال جواب ڪندو رهيو، جيڪي پڻ نوٽيس ۾ آڻي لکندو رهيو. اِها هئي سائس پهرين ملاقات، جيڪا اسان جي فقيرانه فنڪده واريءَ محفل ۾ ٿي، جتي غنائيت ۾ اچي، ڪيئي روحاني رشتا استوار ٿيندا رهيا. تنهن کان پوءِ، ايندي ويندي، ڪيئي ملاقاتون ٿيندون رهيون، جن جو ذڪر آڏڪار اڳين مضمونن ۾ اچي چڪو آهي، جن ۾ بدين ثقافتي ميلو، "بدين" ڪتاب جو افتتاح، خطن جي فائيلنگ، ڪراچيءَ جو سفر ۽ ٻيون به ڪيئي ننڍيون وڏيون ادبي رهاڻيون ڪچهريون شامل رهيون. پر هينئر تازو جڏهن اسان پنهنجين ياداشتن تي مشتمل "ڪيئي ڪتاب" نالو رکي، نورچشم محمد امين المعروف "امين" ماتلويءَ جي خوشنويسيءَ ۾ ڪتاب لکڻ شروع ڪيو، جنهن جا ڪيترائي صفحا لکجي چڪا هئا- اُهو ڏسي پڙهي، مسرت محسوس ڪري، داد ڏيئي، عش عش ڪرڻ لڳو. جنهن ڪتاب جي لکڻ ۽ لکارائڻ خاطر، ان وچ ۾، سائس ڪيترائي مشورا ٿي چڪا هئا. پاڻ انهيءَ ڪتاب جي لکڻ لکارائڻ، سهڙڻ

سميٽن، سينگارڻ سنوارڻ ۽ ڇاپڻ ڇپارائڻ لاءِ، اهڙا واعدا پڻ ڪيا هئائين، جنهن کي عملي طور اڄ پنهنجن هٿن ۾ ڏسي رهيو هو.

ڪيس انهيءَ ڪتاب جي لکڻ ۽ لکارائڻ جو، شوق کان وڌيڪ، جنون جي حد تائين، عشق هو. ايتريقدر، جو ڪيس اعتبار ئي ڪونہ ٿي آيو تہ ڪو مون جهڙو حسن پرست، عياش، حسن پرستيءَ جي رنگينين ۽ داءِ پيچن مان نڪري، عشق جي مبهم غير واضح رندن راهن کان ڪنارو حاصل ڪري، علمي ادبي ۽ ڪتابي ڪيفيتن سان منسلڪ ٿي، لنئون لڳائي، پيچ پائي، ڪڙي ڪڙيءَ سان ملائي، جنون عشق تائين پهچائي، حالن احوالن ۽ ڳالهين جا رشتا استوار ڪري سگهندو! پر هينئر اها ساڳي رومانو ڪيفيت ۽ حُسن جي پرستش، جيڪا فقط حسينن جي گيسو سنوارڻ، عشق جي پرڪيف خمارن ۾ ڏني هئائين، سا ساڳي "ڪيئي ڪتاب" جي لکارائڻ، سڌارڻ ۽ نوڪ پلڪ سنوارڻ ۾ ڏسي، اعتبار نہ ڪندي بہ اعتبار ڪري، اکين کي مهٽي، آڱر کي چڪ پائي، بي تحاشا داد ڏيندي، لکيل مضمونن تي عنوان، سرخيون ۽ هيڊنگس ڏيڻ لڳو. جيڪي آءٌ محض سائس صلاح مشوري خاطر ئي خالي چڏي آيو هئس. تنهن سان گڏ مضمونن جي جملن کي ماضيءَ ۾ اُڇلائڻ جو مشورو پڻ ڏنائين، ڇاڪاڻ تہ ماضيءَ جا داستان ئي عيش و نشاط ۽ غم آلم جا هئا- جن کي ائين "حال" مان ڪڍي "ماضيءَ" ۾ تبديل ڪيو ويو. تنهن سان گڏ ڪجهہ "ڏنگين ڦڏين" ڏانهن بہ توجہ ڏنائين، جن کي آءٌ مضمون جي مسلسل ۽ طويل سلسلي ۾ بيهڪ ۽ ٺهراءُ سمجهي ارادتاً چڏي آيو هئس ۽ اُنهن کي غير ضروري سمجهيم ٿي.

مضمون نويسيءَ جي فن ۾ جدت، اکرن جي چونڊ ۽ جملن جي بيهڪ کان متاثر ٿي، پنهنجا خواب خيال ۽ ارادا پورا ٿيندي ڏٺائين، جن خاطر هيڏا انٽرويو ۽ ٽيپ رڪارڊ تي ڪيئي ڪيسٽون پري آروڙيون ڪري چڏيون هئائين. انهي ڪتابي سفر دوران، ايندي ويندي، سائس گڏ ٻين بہ ڪيترن ئي اهل علم، اديبن، شاعرن، واقع نگارن، مصنفن ۽ صحافين سان بہ ملاقاتون ٿينديون رهيون، جن ۾ مٿي لکيل جملي خصوصيات جي مالڪ هر فن مولا، صاحب تحرير و تقرير، سنجديءَ ۽ ظريف، ثقافت جي متوالي عاشق راڳين گوين کان مجنونانہ وار متاثر ٿيندڙ، پياري درمحمد، "جمال" مان ڪمال ڪندڙ، سان ملاقات ٿي، جنهن کي ويتر وڌيڪ "ڪمال" جو خطاب وٺندي، صحافتي، ثقافتي ۽ ادبي اسٽيج تي بہ "ڪمال" ڪندي ڏٺوسين. تنهنڪري ڪيس "ڪمال باڪمال" جو خطاب ڏيندي، پنهنجي باقي مانده زندگيءَ جي سفر ۾ ساٿي بڻائي هلڻ جي ڪوشش ڪئيسين. هُن پڻ انهيءَ "ڪيئي ڪتاب" جي مقناطيسي ڪشش، تجربات، مشاهدات، حقائق ۽ واقعات کان بيحد متاثر ٿي، ويتر وڌيڪ دلچسپيءَ جو مظاهرو ڪندي، تعريفون ڪيون ۽ داد ڏنا، ۽ انهيءَ "ڪيئي ڪتاب" جي سنوارڻ سميٽڻ، ڪتابت، طباعت ۽ نشر و اشاعت جي هامي پري، شيخ محمد سومار سان متفق ۽ شامل راءِ ٿي ويو. تنهن سان گڏ وقت بوقت حقائق

۽ ڪرڻ رنگا رنگي، منظارن جي ڀرپور مصوريءَ، چترڪاريءَ، مضمون جي جدت، نئن جي چوند ۽ جملن جي بيهڪ تي دل کولي داد ڏيندو رهندو هو.

انهي درمحمد "ڪمال باڪمال" جي مون سان تمام پراڻي شناسائي ۽ آڳاٽي آشنائي هئي، جيڪا هو صاحب منهنجي مستيءَ، قلندري ۽ غنودگيءَ کي، گذريل ڪيترن ئي سالن کا مخموريءَ، سرشاريءَ ۽ غنائيت ۾ چمڙا پوش بڻجي، ڏسندو آيو هو. جنهن کي خبر ساڻس ملاقات کان پوءِ پيئي. سندس ڪو دوست عزيز اسان وٽ هتي ماتليءَ ۾ نعل بند ٿي ڪم ڪندو هو، جنهن جي خبر ساڻس ملاقات کان پوءِ پيئي. جنهن جو رهڻ سهڻ ڏنڌو ڏاڙي ۽ ڪاروبار به منهنجي دارالامان جي سامهون ڦليليءَ جي ڪناري تي هوندو هو، جتي هر روز راڳ رنگ جون محفلون آبشاري وهڪرن سان گڏ سرشاريءَ ۾ هونديون هيون. جيئن ته پاڻ راڳ وديا جو مجنون هوندو هو، تنهنڪري جڏهن به ماتليءَ اچڻ ٿيندو هيس، ته منهنجن انهن مجذوبانه محفلن جو ضرور لطف ماڻيندو ۽ خط حاصل ڪندو هو، جنهن جو احوال اُنهيءَ ملاقات کان پوءِ پنهنجي گذريل دور تي روشني وجهندي، ٻڌايائين ته "ڪنهن وقت اسڪول جو ماسٽر هوندو هئس، ته ڪڏهن پريس رپورٽر، ته ڪڏهن وري "عبرت" جو سب ايڊيٽر- پر هاڻي محڪمه اطلاعات ۾ انفارميشن آفيسر آهيان...." سندس مختصر، ننڍڙي ۽ پُربهار ريشر مبارڪ کي ڏسندي، اُنهي نعل بند دوست جو حُليو ۽ چهرو به منهنجي تصور ۽ تخيل ۾ آيو. جنهن کي پڻ ننڍڙي ريش مبارڪ هوندي هئي- يعني:

"ڪند هم جنس باهم جنس پرواز- ڪبوتر با ڪبوتر باز با باز."

اُهي ته هيون سندس غائبانه ملاقاتون. پر هينئر جڏهن چمڙا پوشيءَ مان نڪري نروار ٿي، سينو سيني سان لاتي، دل دل سان ملاتي، زندگيءَ جي سفر ۾ همرڪاب ٿي هلڻ لڳو، ته ڪيئي راڳ رنگ جون محفلون، علمي ادبي رهاڻيون، ۽ قرب وارين ڪچهرين سان گڏ ڪيئي معاشرتي ۽ سماجي مسئلا به زير غور ايندا رهيا. پر گهڻو ڪري منهنجين مجلسن مان ڳائڻ وڄائڻ جو حظ حاصل ڪندي، راڳ وديا جي ڄاڻ ۽ تال وديا جي پروڙ لاءِ پاڻ پتوڙڻ سان گڏ ڳائيندو پڻ هو. جيتوڻيڪ سندس آواز سريلو رسيلو هو، ڪافين ڪلامن ۽ غزلن کي چڱيءَ طرح نيائي سگهيو ٿي، پر تال وديا ۽ لئي ڪاريءَ کان صريحاً ڪورو ۽ بي تار هو- ۽ چوندا آهن ته "بي سُور هلندو، پر راڳ ديوتا جي پوتر آسمان ۾ بي تارو هلي ئي نٿو سگهي".

منهنجي ميوزيڪ اسڪول ۽ مينوفيڪچر فيڪٽريءَ ۾ ڪيئي بي سُرا سُر ۾ آيا، ڪيترن ئي بي تارن تال وديا حاصل ڪئي. پر اُنهيءَ "ڪمال" باڪمال جو رستو ئي ڪجهه الڳ ۽ نرالو هو، جنهن کي سوچيندي، بلآخر فيصلو ڪيم ته سُراڪاريءَ ۾ ته زينه به زينه ترقي ڪري سگهي ٿو، مگر لئي ڪاريءَ ۾ ته شايد

ڪوري جو ڪورو ٿي رهي. جڏهن به ڪو موقعو ملندو هئس يا وري زوريءَ حاصل ڪندو هو ته سامعين کي طوطا چشميءَ سان ڏسندي، نهايت سادگيءَ ۽ معصوميت سان ڳائي ڇڏيندو هو. تنهن کان پوءِ ستم اهو، جو وري داد وٺڻ جي ڪوشش به ڪندو هو. اهڙا ته ڪيئي موقعا مليس. پر ائين ضرور چوندس ته ڪيس تحرير و تقرير ۾ ماهرانه انداز ۾ ڪافي دسترس ۽ عبور حاصل آهي. سندس تحريرون، ادبي ڪاوشون، جاگرافي ۽ تاريخي مضامين، مقالا ۽ لڪٽيون اڪثر و بيشتر اخبارن ۽ رسالن ۾ ايندڙيون رهنديون آهن. ايتريقدر، جو علمي ادبي ڪانفرنسن، سماجي ثقافتي تقريبن ۾ وڃن يا وري اعليٰ ضلعي آفيسرن کي ڪنوينس ۽ متاثر ڪري، سڏائي، پاڻ وري انائونسر ۽ اسٽيج سيڪريٽريءَ جا فرائض به احسن خوبي سرانجام ڏيندو آهي، جنهن تي مڪمل طور عبور حاصل اٿس. تنهن کان پوءِ اُهي ڪارروايون نشر و اشاعت ۾ آئي، سماجي حلقن ۽ عوام تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، جيڪو، بحيثيت انفارميشن آفيسر، سندس ئي محڪمو آهي.

تنڊو جان محمد، مير فتح خان، مير يارمحمد خان ۽ رومانوي يادون

ٿر جبل، رڻ روه، مَيي سيپ مناڙنا،
هاڻي انهي پيٽئين، اڳڻ اُسي ڪوه،
ڇڏي بيٺو ڇوه، چانگو سر چلڻ جو.

تنڊي جان محمد سان ڪيئي نسبتون، رشتا ۽ رنگينيون وابسته آهن. جن ۾ مير صاحب مير خدابخش خان تالپر، جيڪو "امري" وارو خليفو سڏبو هو، تنهن سان اسان جو رشتيداريون قائم هيون، ۽ جنهن جي فرزندن، مير سليم اصل "سائين بخش" جي نالي سان، مير اسلم اصل "مير پنهل" جي نالي سان ۽ سندن نندي ڀاءُ مير مراد علي خان تالپر سان ڪيئي تفريحون ۽ مجلسون رهيون. پنهل خان سان ته ڳائڻ وڄائڻ جا رنگ روپ به رهندا هئا. پاڻ نندي هوندي ڪان حسين ۽ معشوقڙو لڳندو هو. جنهن وقت باجي تي ويهي پاڻ وڄائي، خود ڳائيندو هو، ته سندس معشوقيءَ ۾ اضافو ڪندي، سندس سونو ڏند به سهڻو لڳندو هو، جنهن سان ڳائڻين ۽ عاشقن تي ڪافي اثر ٿيندو هو، ۽ اُهي منچلا حسن پرست، رسم لوط ۾ پيندي، دل تاميندا ئي رهجي ويندا هئا. سندن وڏو ڀاءُ مير سليم ته منهنجو خاص پايل تاتيل يار ۽ دلدار بڻجي، زندگيءَ جي سفر ۾ هميشه ساڻ گڏ ۽ ساٿ ئي رهيو آهي. جيڪو هن ڪتاب ۾ جتي ڪٿي سمايو پيو آهي.

انهي تنڊي جان محمد ۾ ٻيا به عزيز قريب مير ولي محمد خان، مير حسن علي خان، مير قيصر خان، مير احمد خان، مير ڏنل خان، مير خدن خان تالپر سان

گڏ ٻيا بہ ڪيئي ننڍا وڏا مير، قريبداريءَ ۽ عزازتداريءَ ۾ هئا. پر خاص ڪري مير فتح خان ۽ مير يارمحمد خان ٽالپر سان سخنوريءَ سخن فهميءَ سبب ويتر وڌيڪ ويجهڙائي هئي، جيڪي ٻيئي پاڻ ۾ سوٺ ٿيندا هئا. پاڻ ٻيئي هم مشرب، هم طبع، شعر شاعريءَ ۽ ادب سان دل لڳيءَ، دلبستگيءَ ۽ وابستگي هوندي بہ اتفاق سان گڏ اختلاف پڻ هوندا آهن، جنهن جو ڪارڻ عزازت قرابت سبب گڏيل ۽ مشترڪ ملڪيتون ئي ٿي سگهيون ٿي. روحاني رشتن کان ڌار ٿي، اگر دنياداري ۾ اچجي تو تہ اهي اختلاف جائز ناجائز ۽ جائز ڏسڻ ۾ ايندا. جنهن بابت مرحوم آغا "حشر" بہ پنهنجي هڪڙي شعر ۾ چيو آهي تہ-

عجب سلگتی هوئی لکڑیاں هیں رشتیدار،
الگ رهیں تو دهواں دیں، ملیں تو جلنے لگیں.

پر انهن ٻنهي سوٺن جا روحاني رشتا ايڏا تہ ويجها ۽ قريب هوندا هئا، جنهن کي قريب وارا بہ سمجهڻ - سڳهڻا هئا. چاڪاڻ تہ سندن علم ادب ۽ انتخاب شاعريءَ وغيره ۾ يڪسانيت هوندي هئي تہ نشست برخاست بہ گڏ ئي هوندي هين. معلوم ائين ٿيندو هو، جيئن ڇڻ تہ زاد همزاد، آواز ۽ پڙلاءَ ۾ هڪ ٻئي جا پاڇولا هجن.

منهنجي ساڻن علم ادب، شاعريءَ، فهم فراست، سُخن وريءَ ۽ سخن فهميءَ سبب والهانہ محبت هوندي هئي. سندن محبت ۽ صداقت کي اُنهيءَ کان بہ وڌيڪ اهميت ڏيئي سگهجي ٿي. جڏهن بہ منهنجي ننڍي جان محمد ۾ اچڻ جو ٻڌندا هئا، تہ هڪدم ٻيا هزار ڪم بہ ڇڏي، بيساختگيءَ سان اچي ملندا هئا. يا وري مير سليم، کين منهنجو هم وضع قطع هم خيال سمجهي، گهرائيندو هو. پوءِ خوب گذرندي هئي. جڏهن هم راز بڻجي، داناءِ راز ٿي، منجمد طبيعت ۾ رواني آئي، جذباتن جي آبشار کي اکرن ۾ آڻيندا هئاسين، تہ هڪ ٻئي کي سڪون ۽ اطمينان حاصل ٿيندو هو. اِهي ٻيئي سوٺ مير فتح خان ۽ يار محمد خان ڪاروباري نقطي نگاه کان، اختلافن هئڻ جي باوجود، منهنجي اڳيان اتفاق ۽ پيار محبت ۾ ئي هوندا هئا.

پر افسوس، جو وچلو دور، آءٌ دربدر ۽ ملڪ بدر ٿي، بمبئيءَ ۽ هندستان جي سير ڪرڻ ۽ تفريحن ڪرڻ ۾ مصروف ٿي ويس، تہ پاڻ وري سياسي هيرين ڦيرين ۾ مشغول ٿي ويا. جنهن ۾ مير يار محمد خان کي سياسي پيچ دائن سان گڏ ڪي رومانوي اُلجهنون بہ رهيون، جن جي طوفان طلاطم ۽ وهڪري ۾ هو وهندو رهيو- جن ۾ نشانيءَ طور مير منصور جهڙو زي شعور، صلاحيت مند، اديب ۽ شاعر پڇڙو تحفي ۾ مليس، جيڪو سندس رومانوي يادگار آهي. پر اُنهيءَ جي برعڪس مير فتح خان صفراوي طبيعت هئڻ سبب نہ سياست جو رهيو نہ وري ڪنهن رومان سان ئي

ڪو پيچ پائي سگهيو. پنهنجو مشغلو ۽ محبت فقط هر اتفاق سان اختلاف ۾ ئي رکيائين ۽ انهن اختلافن ۾ ئي سندس زندگيءَ جو ڏيئو اُجهامي ويو. پر پاڻ جيڪڏهن اتفاق ۽ محبت سان لنئون لڳائي رکي ها، ته ادب ۽ شعر شاعريءَ جي ڪري، پاڻ اڄ امر هجي ها. حالانڪ دوستن جي دلين ۾ ته اڄ به امر ئي آهي، سندس اختلافي ۽ ضدي طبيعت ۾ به ڪيئي سهڻائيون هيون.

هينئر تازو آءٌ جڏهن بيمارين مان تندرست توانو ٿي، پير جهلي بيٺس، ته وچتو اها خبر پيئي ته مير فتح خان هن فاني دنيا مان پنهنجو سفر پورو ڪري عدم ڏانهن راهي ٿي ويو، جنهن جي فاتح خوانيءَ خاطر ساڻس پيار ڪندڙ مير علي احمد خان تالپر به اُتان ٿي آيو آهي. ڪجهه وقت ڪان پوءِ جڏهن ٿيٽا لڳا، ته ڪيئي ميدون اڪيرون ساڻ ڪري، ڊگهڙيءَ پهچي، واپاري چوڌري علي احمد کان ٿئين جي نصل واري باقي رهيل رقم وصول ڪري، تنڊي جان محمد روانو ٿيس. وچ ۾ بي مراد راڄي گهڻ ڳالهائڻو ٻتاڪي اسحاق ڪارو، سندس ڳوٺ "انب موري" تي مليو، جنهن کي به ساڻ ڪري تنڊي جان محمد پهتس. پر افسوس ته عذر خواهيءَ لاءِ سندس ويجهڙن عزيزن قريبن مان ڪوبه نه مليو. ايتريقدر، جو سندس ٻچڙي، ۽ مير يار محمد خان جي فرزند ارجمند مير منصور سان به ملاقات حاصل ڪري نه سگهيس. سندس سوٽ مير يار محمد خان، جيڪو پنهنجين پراڻين اميدن کي ڪامياب ڪري، بقول خود، چيئرمين کي "چورمين" چئي، ڪسرنفسيءَ ۾ اچي، پاڻ کي گهٽائي ڇڏيندو آهي، سو به انهي چيئرمينيءَ جي چڪر ۾ ميرپورخاص ويل هو. جنهن ڪري ساڻس به اها رسم فاتح خواني نه ڪري سگهيس. جهڙا وياسين تهڙائي ئي واپس ورياسين.

انهي تنڊي جان محمد جي پاسي کان لنگهڙ دريا "پراڻ" ۽ سندس ٻئي ڪناري تي هندن جو وڏو ٽڪاڻو، جنهن جي تهه خانن ۾ ساڌو سنت ۽ رشي مُني سالن جا سال رهي، تپسيا ڪندي، پڳوان جي پڳتي ڪندا هئا، ۽ تنهن سان گڏ ٽڪاڻي جي وڻڪارن ۾ ڳائڻ وڄائڻ جا رس رنگ ٿيندا هئا جن ۾ ڪڏهن پڳتون ته ڪڏهن لوڪ رس راڄي وڻهي پڄن ياءَ ڪندا هئا، ته ڪڏهن وري ڪلاسيڪل گويا چي ساڌن سنتن کي گيت سنگيت ٻڌائي ڪين راضي ڪري آشيرواد وٺندا هئا، ته ٻئي وري پنگهٽن تي حسين مه جبين ديون جي روپ ۾ ملهياڻيون، پتل ۽ تامي جي گهگهرين جا ٻيل ٽيل، ڪي مٽي تي ته ڪي ڪچ ۾، ڪٽي، رنگين ريشمي گهاگهرا پائي، ڪمر لچڪائي، منچلن جا من لڀائي، ناز انداز سان لٽڪ مٽڪ ڪندي، گذرنديون هيون، ته ڪيئي منچلا موهي ڇڏينديون هيون- اسين به اُنهن منچلن منجهان دل ٿينڪ بڻجي، پيچ پائي، اکڙيون اٽڪائي، من للچائي، دل ڦُرائي، تڏا ساهه پريندا، شوڪارا هڻندا، ڪيئي پيرا اُتان واپس ٿيندا هئاسين- اُنهن ٽاڻن ٽڪاڻن تي

بہ وڃڻ ڪونہ ٿيو، جتي عجب ۾ اچي، پراڻين يادن کي ياد ڪندي، متحير ٿجي ها.

انهي ٽنڊي جان محمد جي ڏاڪٽين پاسي، شهر ۽ اسٽيشن جي وچ ۾، وري هڪڙو دل ليائيندر روح کي راحت ڏيندڙ باغ هو، جنهن جي درميان کوه مان پاڻي ڪڍندڙ نار هلندو رهندو هو. جتي بہ ڪيئي ڪلهي تي بار ڪٽندڙ غريب ڪولهي قوم جون نوخيز حسين مه جبين ڪولهياڻيون مٽڪا اوپاڙي، پاڻي ڀري، آواره نوجوانن کي داد عيش جون دعوتون ڏينديون رهنديون هيون. جيڪي پڻ تيل ميٽ جا ڪٽورا کڻي انهن کوه تي وهنجڻ سهنجڻ جو بهانو ڪري اتي پهچي غسل ۽ اتسنان ڪندا رهندا هئا، تنهن کان سواءِ عشق ۾، اتي جا مڱٿهارين ۾ بہ ڪڪلڙ نہ هئي، جن وٽ بہ ڪيئي مير امير سندن رام گيسو ۾ امير هوندا هئا ۽ ٻيون بہ ڪيئي جن کي هن طرح ظاهر ڪرڻ سان بي ادب ليکيو ۽ سمجهيو ويندس.

اُنهيءَ کان اڳتي ڏکڻ اوڀر جي ڪنڊ تي جوڙپور ريلوي جي اسٽيشن آهي، جنهن سان بہ ڪيئي رومانوي دور جا رومان ۽ يارن دوستارن جا اچڻ وڃڻ ڪري نشان ۽ يادگار قائم آهن. پر اُهي سڀيئي ٿاٿا ٽڪاٽا ۽ يادگار، مون سان گڏ سفر ڪندڙ مير "عالم خان" نظاماڻيءَ، جيڪو اسان جي ماتليءَ جو مشهور معروف شاعر پڻ اهي، اُنهيءَ جي ڪرڪِر، طبيعت جي ناسازيءَ ۽ ميرپورخاص پهچڻ جي تڙتڪڙ ۾ ڏسڻ کان رهجي ويا، جتي ڪيس ۽ مون کي پنهنجيون اکيون جناب ڊاڪٽر مختيار احمد کي ڏيکارڻيون هيون، ۽ اُنهيءَ کان پوءِ مير محمد خان "آڇن" جي پياري ڀاءُ مير فتح خان جي فاتح خواني بہ ڪرڻي هئي، جيڪو تازو سپر هاءِ وي تي هڪڙي سنگين حادثي ۽ ايڪسيڊنٽ سبب انتقال ڪري ويل هو.

دورانِ سفر اسان جي موٽر گهاٽ ۾، شاعر مير "عالم خان" نظاماڻيءَ سان گڏ سندس نافرمان هووٿهار ۽ منهنجو خوشنويس ڀڃڙو "امين" ماتلوي بہ گڏ هو. اسحاق ڪاري بابت تہ اڳي ئي لکي آيو آهيان تہ ڪيس سندس ڳوٺ "انب موريءَ" کان گائيڊ ڪري ڪنيو هيوسين. پر اهو بہ پوريءَ طرح فرض جي بجاءُ آوري نہ ڪري سگهيو، ٻئي پاسي مير عالم خان جي علالت ۽ بيزارگيءَ کي سنجيدگي ۾ آڻي نہ سگهياسين، جنهن ۾ سندس فرزند ارجمند "امين" ماتلوي بہ ڪا مدد ڪانہ ڪئي. تنهن ڪري انهن ٿاٿن ٽڪاٽن ۽ وٿاٿن يادگارن جو لطف حاصل ڪرڻ کان سواءِ، انهن ميرن جي ٽنڊي جان محمد کي ٻاهران ئي سلام ڪري، "انب موريءَ" کي ڪراس ڪندي، "ڊگهڙيءَ" مان گذرندي، ميرن جي واه "ميرواه" گورچاڻيءَ ۾ پنهنجي بيل گاڏين واهڻ وارو دور ياد ڪندي، دعائون ڏيندا، ميرپورخاص پهچي. ڊاڪٽر مختيار احمد سان ملاقات ڪري، ڏرين ۽ طرفين جون اکيون تپا سارايوسين. جنهن صاحب مير "عالم خان" نظاماڻيءَ ۽ سندس ڀڃڙي "امين" ماتلوي لاءِ ڪي نسخا تجويز ڪندي، ڦڙا لکي ڏنا ۽ منهنجي اک لاءِ آپريشن تجويز ڪئي. بليئر ڪلينڪ حيدرآباد

جو فيصلو ڪيائين. پاڻ نهايت وسيع قلبيءَ ۽ محبت صداقت سان ملي، في وٺڻ کان بہ انڪار ڪيائين، جنهن لاءِ مون ڪيس صرف نذراني طور ڏيڻ لاءِ گهڻو ئي زور ڀريو پر سڀ بيسود.

محترم ڊاڪٽر مختيار احمد آءِ اسپيشلسٽ سان ملي، ميڊيڪل اسٽور تان ڦڙا ۽ دوائون وٺي، مير محمد خان "آڇن" جي بنگلي تي پهتاسين. جتي بہ مير فتح خان آف ٽنڊي جان محمد وانگر، مير محمد خان "آڇن" جي پاءُ مير فتح خان جي فاتح خواني نہ ٿي سگهي، ڇڪاڻ تہ اُتي بہ مير صاحبن مان ڪوبہ مير صاحب ملي نہ سگهيو. بلڪ اُلٽو مير محمد خان "آڇن" بابت ٻڌوسين تہ سندس پياري پاءُ جي شديد صدمي جي زد ۾ اچي، بيمار ٿي، علاج خاطر لنڊن ويل آهي. ڇاڪاڻ تہ هتي ڊاڪٽرن واري علاج معالجي مان ڪيس ڪوبہ فائدو حاصل نہ ٿيندو هو. اسين بہ پنهنجن ارادن ۽ اسڪيمن ۾ ناڪامياب ٿي، سندس ملازمن کي عذرخواهيءَ جو افسوسناڪ ۽ پُرسوز خط لکي، ڏيئي، سندن حوالي ڪري، واپس ٿياسين، ۽ وڃي هڪڙي ايراني هوٽل تي شڪم پُري ڪئيسين. ڇاڪاڻ تہ ڏاڍي بک لڳل هئي ۽ ڏينهن جا ساڍا ٽي لڳي رهيا هئا. حالانڪ انهيءَ ميرپورخاص ۾ ڪيئي پيارا پريتم بہ انتظاري هئا، جن ۾ خاص طور مسٽر روچيرام وڪيل، جنهن کي پيار مان آءٌ "رچام" ڪري ڪوئيندو آهيان. اُنهيءَ جون تہ ڪيئي دعوتون ڏنل هيون، جتي وڃي، آدرش ڏيئي وٺي، درشن سان پرسن ٿي، پوڄن پلوَ بہ ڪجن ها. پر وقت جي تنگيءَ ۽ شامل سفر دوستن جي تنگدليءَ سبب، پيٽ جي پورائيءَ کان پوءِ ميرپورخاص مان روانا ٿي، اُتان کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي پاڻو محمد حسين بلوچ جي ڳوٺ پهچي، ساٿس ملاقات ڪري، يٽ شٽ هٽي، دل لڳيون ڪري، جنهن سان بہ هن زندگيءَ جي سفر ۾ همرڪاب ٿيندي ڪيئي منزلون ماڻي آيا هئاسين، اڳي روانا ٿياسين.

حيدرآباد ڏانهن روانگيءَ کان پوءِ، وچ ۾ وري بہ اچان هڪڙي اسٽيشن ٽنڊي جام ۾ جرنيءَ کي بريڪ ڪرڻو ۽ سفر کي روڪڻو هو. جتي ڪامريڊ مير محمد خان تالپر سان ملي، ساٿس دل لڳيون ڪندي، "ڪيئي ڪتاب" ۾ لکيل مضمون "مير برادران" ۾ مير علي احمد خان جي فرزندن جي شادين خانہ آبادين سان گڏ، اهو بہ پڙهائيو هو، جنهن ۾ ڪيس ڏوٽيءَ ٻڌرائي، جٽيون پائي، تلڪ لڳارائي، ظرافت جي سنگهاسن تي ويهاري، ڪانئس پاڻ پوڄا ڪرايل هئي. گهڻيءَ ڪوشش کان پوءِ ساٿس ملاقات ٿي، تہ پاڻ اهو مضمون پڙهي، بجاءِ ناراض ٿيڻ جي، بي انتها خوشي ۽ مسرت محسوس ڪيائين. مون، محض سندس راءِ وٺڻ جي، خيال کان، اُنهي مضمون کي ڪتاب مان ڪڍي ڇڏڻ جي خواهش ڏيکاري، بشرط سندس بابت لکيل اهو مضمون اڻ وٽندڙ ۽ اڻ سهائيندڙ هجي. پر پاڻ جواب ڏيندي چيائين تہ "انهيءَ ڪان وڌيڪ، منهنجي لاءِ ٻيا ڪهڙا خطاب ٿي سگهن ٿا! جن ۾ ايڏيون ورڪائون ۽

واڪاڻ هجي!!" تنهن کان پوءِ، سائس ڪجهه وقت ظرافتي ڪچهري ڪري، ڪلي خوش ٿي، حيدرآباد اچي، پيٽرول جي ٽانڪي ڏاري ماتليءَ پهتاسين. شڪر الحمدلله، جو "لوٽ ڪيه بدهو گهر کو آئه" .

ليلا ليلائيج اٿيئي ماڳ منت جو،
جي ليلائي نه لهين، تان پڻ ليلائيج،
سر م لاهيج، سجڻ ٻاجهيندڙ گهٽو. (شاه لطيف)

مير محمد خان "آچن" جي عذرخواهي، ڪامريڊ ميرمحمد، غلام محمد، معراج محمد خان ۽ روچيرام سان رهاڻ

مٿئين مضمون- ٽنڊي جان محمد ۾ مير فتح خان جي فاتح خوانيءَ جهڙي فرض ادائيءَ واري اصولي ۽ خشڪ مضوع- کي رومانوي رنگينين ۾ آڻي، اُتي جه ثقافتي ناٿان نڪاٿان، سيوا منڊليءَ ۽ ڀڳتيءَ جون جايون ڏيکاري، حسينن ۽ حسر جا پرچار ڪندي، سندن ناز ادا ۽ نخرا ٻڌائي، خشڪ مضمون کي رنگين بڻائي ميرپورخاص مان ٿيندا واپس ماتليءَ پهتاسين. جتي هفتي کن کان پوءِ ٻڌڻ ۾ آيو ته مير محمد خان "آچن" لنڊن ۾ انتقال ڪري ويو اهي ۽ سندس ميت 22 ڊسمبر 1979ع تي، بذريعي چارٽرڊ هوائي جهاز، ڪراچيءَ پهچندو، جتان باءِ رو ميرپورخاص پهچي، ابدي ۽ دائمي آرامگاه حاصل ڪندو. انا لله و انا اليه راجعو چئي، عبرت حاصل ڪرڻ کان پوءِ، دل ڇڪي ڪاڏي ته ڪراچيءَ وڃي اُنهيءَ جلوس ۾ شامل ٿجي، جنهن ۾ ڪيئي عزيز قريب، مٽ مائٽ، دوست احباب سائس گا همسفر ۽ همرڪاب هوندا- ڇاڪان ته منهنجون سائس اوتريون ئي محبتون صداقتون خلوص ۽ پيار هئا، پر طبيعت جي ناسازيءَ ۽ بلڊ پريشر وڌي وڃڻ ڪري همسفر ۽ همرڪاب ته خير، پر پابه رڪاب به نه ٿي سگهيس. آخر اهو قافلو ميرپورخاص پهچي، سندس جسدخاڪيءَ سپرد خاڪ ڪندي، الله جي حوالي ڪري آيو.

مون ڏٺو ته اُنهيءَ ڏينهن ۽ رات آبر باران، آسماني اکين مان لڙڪن ۽ آنسوئن جا آبشار وهائي، ياس زده بڻجي، نوحه ڪنان ٿي، موسم ۽ ماحول کي منجمد ڪري چڪو هو. سردي ايڏي ته وڌيل هئي، جو طبيعت پنبئي بستري کي ڇڏن لاءِ آماده نه نٿي ٿي. اها حالت لڳاتار ٽي ڏينهن قائم رهي. ايتري ۾ رات جو اوچتو ميرپورخاص کان، مير صاحبن جي ڀڙن ٽيليفون تي ٽيجهي جي دعوت ڏني، جيڪا ٻئي ڏينهن تي ٿيڻو هو. جنهن ۾ مير صاحبان پاڻ انڪساريءَ ۽ محبت سان، اُنهي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ التجائون ۽ التماس ڪري رهيا هئا. جن کي آءٌ پنهنجي علالت

بيماريءَ سبب ڏيندي، بهانا ٻڌائيندو رهيس، تہ ايتري ۾ فون تي وري ڪامريڊ مير محمد جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، جنهن پڻ ساڳيون حجتون ڪندي، حڪم هلايا. جيتوڻيڪ مون کي سندس حڪمن احڪامن اڳيان انڪار جي جرئت ۽ جواز ٿي ئي نٿي سگهيو، پر تنهن هوندي بہ طبيت جي ناسازيءَ کي سوچيندي، همت نہ ساريندي، معافي وٺندي، ڪيس جواب ڏيئي ڇڏيم. تنهن هوندي بہ پاڻ زور پريندو، مسٽر روچيرام نياپا ڏيندو، اچڻ لاءِ بار بار تاڪيد ڪندو رهيو، جيڪو پڻ اسان جو هم خيال ۽ هم طبع مشترڪ دوست هو.

ڪامريڊ ميرمحمد جهڙي پياري ۽ عزيز دوست کي انڪار ڪرڻ هڪڙو وڏو گناهہ عظيم ۽ سندس حڪم جي انحرافيءَ کي عزازيلي انڪار سان مناسبت ڏيندي، سڄي رات جاڳندي، سوچيندو ۽ پريشان رهيس. ڇاڪاڻ تہ عزازيل بہ آدم جي بوتي کي سجدو نہ ڪري، خدا جي حڪم کان منحرف ٿي، دنياوي حادثن طوفانن جي حوالي ٿيو، ۽ اهڙيءَ طرح سان آدم بہ الله جو حڪم نہ مڃي، بي ادب بڻجي، ڪٽڪ جو داڻو ڪائي، بهشت کان تڙجي ٻاهر نڪتو- تنهنڪري آءٌ بہ انهن انڪاري تغيانين ۾ ٻڏندو رهيس ترندو رهيس، ايستائين جو صبح ٿي ويو. پاڻ کي تر و تازه ۽ توانو ڏسندي، ميرپورخاص وڃڻ جو عزم بالجزم ڪري، پنهنجي خوشنويس ٻچڙي "امين" ماتلويءَ ۽ ٻن فرزندن وليعهد علي رضا ۽ قاسم رضا سميت موٽر ۾ سوار ٿي، ميرپورخاص پهتس. پوءِ اُهو چاهي ڪامريڊ مير محمد جي ڪرامت جو ڪرشمو هو يا روچيرام جي جادوگري. پر آءٌ سمجهان ٿو تہ اُها سيڪجهہ مرحوم مير محمد خان "آچن" جي روحاني ڪشش ئي هئي، جنهن عالم بالا تي وڃڻ کان پوءِ بہ مون کي ياد پئي ڪيو.

مير محمد خان "آچن" جي مون سان والهانہ محبت هوندي هئي ساٿس جتي بہ ملاقات ٿيندي هئي ۽ جڏهن بہ ملندا هئاسين، تہ انڪساريءَ ۽ ادب مراد سان، مانٽ مانٽ، سوٽ سوٽ ڪري، سڏيندو ۽ مخاطب ٿيندو هو. ڪيترين ئي رسمي دعوتن سان گڏ، شادين مرادين جون دعوتون ڏيندي بہ ڪيئي مرتبا گهرائڻ جي ڪوشش ڪيائين. پر الله جو شان بي نيازي يا آب داني جو اختيار، منهنجي آواره گرد طبيعت واري جذباتي قافلي کي ڪڏهن بہ اماده ڪري نہ سگهيو، جو شيرسنڌ مسر شير محمد خان جي گادي نشين هزهائينس مير محمد خان "آچن" واري حڪم جي اڳيان سر تسليم خم ڪندي، سندس ڳوٺ وڃي، مسرتون ماڻي، ڪيس خوشيون ڏيئي، اُهي ناٿان نڪاٿان بہ ڏسان ها، جن تان شير سنڌ مير شير محمد جون اُٿڪون ٻهڪون ۽ گذرسفر هوندا هئا، جيڪو اسان جي سپاهيانہ زندگيءَ جو سالار اول، ڪماندر انچيف ۽ هزهائينس هوندو هو، جنهن پنهنجي آخري دم تائين انگريزن جي غلامي قبول ڪانہ ڪئي.

هڪڙي پيري سندس رشتيدار تالپر ميرن مان، مير امام بخش خان تالپر ولد نواب بهادر مير الهداد خان تالپر جي ٻچڙي مير الطاف جي شاديءَ تي وڃي، پنهنجو

ثقافتي سڪو ڇمائي آيو هئس. جيڪي مير صاحبان ميرپور وارا، پنهنجا پراڻا شاهاڻا پُڊ ڇڏي، ميرواه گورچاڻيءَ ۽ جيمس آباد جي وچ ۾ نوان پڊ اڏي، اُنهن کي "لانديءَ" جو نالو ڏيئي، وسائي، اباد ڪري، "لانديءَ وارا مير" سڏائي، اُتي قيام پذير ٿيا هئا. جنهن شاديءَ جو ذڪر هِن "ڪيئي ڪتاب" واري ٻئي ڀاڱي ۾ اڳي ئي لکي آيو اهيان. جتي به ٻين سيني مير صاحبن کان وڌيڪ محبتون صداقتون ۽ خوشنوديون مير امام بخش سان گڏ مير محمد خان "اچن" جون به شامل حال هيون، جيڪو مائٽ مائٽ ۽ سوٽ سوٽ چوندي، ڊاپي، ڊئو ڪري ئي نٿي سگهيو. ليڪن افسوس صد افسوس، جو مير اما بخش خان ٽالپر جي ٻچڙي مير الطاف جي شاديءَ خانه آباديءَ کان پوءِ، سائس ڪابه ملاقات نه ٿي سگهي ۽ پاڻ هي دنياوي سفر پورو ڪري، وڇوڙو ڏيئي، وڃي واصل بالله ٿيو. هُن سان محبتن، قربتن، پيارن ۽ صداقتن سان گڏ ڪيئي رومانوي يادون به وابسته هيون- ايتريقدر، جو منهنجي البيلي پڻ ۽ لاأباليءَ واري دور ۽ پريم رس ۾ رهندي، سائس ڪيئي رقابتون به شامل حال هونديون هيون. اهڙيءَ طرح سان سندس ننڍو ڀاءُ مير حسين بخش "راجا" به هميشه جي جدائيءَ وڇوڙي جو صدمو برداشت نه ڪندي، راهي عدم ٿيو.

سندس وفات وقت، آءٌ دل جي ناگهاني دوري سبب عليل هئس. تنهن ڪري عذخواهيءَ يا فاتح خوانيءَ تي پهچي نه سگهيس. پر مير "راجا" جي انتقال کان پوءِ، اُنهي مير لانديءَ تي پهتس، جتي مير امام بخش جي ٻچڙي مير الطاف جي پهرينءَ شاديءَ تي وڃي، ڳائي ڳارائي، شادمانا ڪري آيو هئس. جنهن جو ذڪر هِن ڪتاب ۾ اڳي ئي اچي چڪو آهي. پر اڄ ته اُنهن ٻنهي مير صاحبن، مير امام بخش خان ۽ مير حسين بخس خان "راجا" ، جي عذرخواهيءَ تي وڃي، نواب بهادر مير الهداد خان ٽالپر سان رسم پوري ڪري، عبرت حاصل ڪيم، جيڪو لڳ ڀڳ سؤ سالن کان به وڌيڪ عمر کي پهچي به رومانس ۾ رهندي، پنهنجي زندگيءَ کي تازو توانو ۽ برقرار رکيو اچي. ايتري قيدر، جو سندس ٻن وڃيهه، جسم ۽ جوان فرزندن جي ڪانئس هميشه لاءِ وڇڙي جدا ٿي وڃڻ جو به مٿس ڪو اثر نه ٿيو-

اڃان پُٽي جئين، سڄڻ ساري نه مُئين،
وٽيون وهِ گاڏڙيون، ڇوري ڇو نه پئين،
لڳئي ڪَونه هنئين، ڪو ڳُڻ ٻاروچل جو.

اڄ مير شيرمحمد جي ٽنڊي يا ڳوٺ، سندس روحاني ڪشش گهرائي ورتو، جتي سواءِ سندس، مير "راجا" ۽ مير امام بخش جي، ٻيا سڀيئي مير صاحبان، عزيز قريب ۽ ٻچڙا موجود هئا، جن والهانه انداز سان آءٌ ڀڳت ۽ آجيان ڪئي. رسم عذرخواهي پوري ڪري، ڪامريڊ مير محمد ۽ روچيرام وڪيل جي راهنمائيءَ ۾، ايوار کان بنگلي اندر پهتاسين، جتي مون ڏٺو ته ڪامريڊ کي ڪا اها جاءِ ئي نه پئي

نظر آئي، جتي ڪٿي اسان کي ويهاري. پر آخرڪار بنگلي جي هڪ عظيم الشان وڏي ۽ ڪشاده ڊرائينگ حال ۾ جڳهه منتخب ڪري، ويهاري، چانهه سان تواضع ڪيائين، جنهن حال مان فرنيچر نتڪل هو، باقي فقط هڪڙو وڏو خوبصورت ۽ قيمتي غاليچو اُتي وڇايل هو، جيڪو چئن ئي دوارن سان هموار هو. ساڳيءَ طرح سڄي بنگلي جو فرنيچر ڪڍي، سيني ڪمرن، وراندن ۽ اڳڻ ايوانن ۾ غاليچا ئي غاليچا وڇائي، ڪين آراسته پيراسته ڪيو ويو هو. ڪامريڊ مير محمد خان تالپر گهڻي مصروفيت سبب بار بار ايندو ويندو ۽ ضرورت جو پڇندو رهيو. پر ايڊوڪيٽ مسٽر روچيرام عرف رچرام (Rich Ram) پنهنجي پياري پتر ڪشور سان گڏ ائين چوندو، منهنجو پاڇولو بڻجي رهيو ته "چاچا جي اچڻ کان پوءِ، اسان کي ٻيو ڪجهه به ڏسڻ ۾ نٿو اچي." تنهن سان گڏ اِهي اکر بار بار جتي ڪتي پڙاڻيءَ تائين چوندو، ڊهرائيندو، ورجائيندو ئي رهيو، جيڪي جملا سڀيئي آيل دعوتي ۽ ميزبان برابر ٻڌندا سڻندا رهيا.

ڪجهه وقت کان پوءِ ايڏي ساري وڏي حال ۾ بوريت محسوس ڪندي، اُنهيءَ وراندي جي اُلهندي پاسي نشست وٺي، ويٺائي مس هٽاسين، ته ڪيئي يار احباب، دوست دل وارا به اچي اسان سان شامل ٿيا. جن ۾ ڪي دل وارا ترقي پسند اديب قلمڪار ڪامريڊ، "معتقد" ۽ ادب مراد وارا شامل نشست هٿا، ته ايتري ۾ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي، پير غلام رسول شاه جيلاني ۽ سندس ٻين به ڪيترن معزز دوستن احبابن، مير صاحبن ۽ مير صاحب جي ٻچڙن سان عذرخواهي ڪري، اچي اُنهيءَ وراندي ۾ داخلا ورتي، جتي اسين اڳي ئي ويٺل هٽاسين. اسان به ٻين معززين سان گڏ، سابق وزير اعليٰ سنڌ محترم غلام مصطفيٰ جتوئيءَ ۽ پير غلام رسول جيلانيءَ جن کي ايندي ڏسي، اُٿي بيهي، سندن آجيان ڪئي، ته پاڻ به نهايت خلوص صداقت سان ڀاڪر پائي مليا- جيڪو اڄڪلهه جو دستور آهي. صاحب موصوف پنهنجن دوستن احبابن سميت وراندي جي اُپرندي پاسي نشست حاصل ڪئي، يعني پاڻ اُپرندي اسين اُلهندي، وچان فقط ڊرائينگ هال ۾ داخل ٿيڻ جو دروازو باقي هو. سندس مجلس ۾ وڏا وڏا ماڻهو، مير، پير، اميرن، وڏيرا ۽ رئيس ويٺل هٿا. اسان واريءَ محفل ۾ ويٺلن جو ذڪر خير ته اڳي ئي ٿي چڪو آهي، ۽ تنهن سان گڏ ٻين دل جلين ۽ اهل ذوق وارن سان اُنهن ۾ واڌارو ٿيندو ئي رهيو.

ايتري ۾ اوچتو ڪنهن شخص منهنجي پٺيان اچي ڀاڪر پاتو. جنهن کي مُڙي سڃاڻن جي ڪوشش ڪيم، ته هڪڙو آواز ڪنن تي پهتو، ته "معراج محمد خان! معراج محمد خان!!" مون به ڪيس سڃاڻي، "قومي ليڊر" چوندي، بيساخته ڪيس ڀاڪر پائي، انداز شڪوه ۾ اهي اکر ڊهرايا ته "ڪونڌر ڪهارائي ڇڏيو!" جنهن جو پاڻ ڪوبه جواب نه ڏيندي، اسان دل جلين جي محفل ۾ گوڏو گوڏي سان ملائي ويهي رهيو، جنهن ۾ سائس گڏ فلم انڊسٽريءَ جو ڄاڻو فلمساز، سٽنيما مالڪ ۽ واقف

ڪار بهار علي بلوچ ۽ ڪي ٻيا پڻ هئا.

معراج محمد خان سان منهنجي پهرين ملاقات، ماتليءَ جي ماتريءَ "ماءِ نيست" ۾ ٿي هئي. اُهو "پيپلز پارٽيءَ" جو اليڪشني دور هو. جڏهن بدين ضلعي مان، جناب ذوالفقار علي ڀٽي جي خالي ڪيل جاءِ تي مير علي احمد خان ٽالپر، پيپلز پارٽيءَ جي ٽڪيٽ تي، قومي اسيمبليءَ لاءِ اُميدوار بيٺل هو. پيپلزپارٽيءَ جي سڄي مدد ۽ فل سپورٽ سان هيس، جنهن جي ورڪ خاطر ئي معراج محمد خان کي ماتليءَ اچڻ جي تڪليف ۽ زحمت گوارا ڪرڻي پيئي هئي. سڄي تڪ ۾ دونهان ڌار تقريرون ڪري، پبلڪ ۽ عوام کي عجب ۾ وجهي، محو حيرت ڪري ڇڏيائين. جنهن وقت جذبات ۾ اچي تقرير ٿي ڪيائين، تہ سياري هوندي بہ سندس ڪپڙا پگهر ۾ شرابور ٿي ٿي ويا، جن کي آرام ۽ سڪونت جي جاءِ تي پهچي، لاهي، سڪائي، ٻيهر استري ڪرايو ٿي ٿي ويو.

آءٌ بہ سندس انهن جذباتي ۽ اثرائتي تقريرن کان بيحد متاثر ٿيندي، سائس والهانہ طور پيار ڪرڻ لڳس. سندس سنجيده ۽ مُتين طبيعت، خاموش ۽ معصوم چهرو تہ ويتر وڌيڪ اثرانداز هو، تنهنڪري مون بہ انقلابي ادب جا شاه پاره، جواهر ريزه ۽ خزينا، جيڪي سيني بہ سيني ياداشتن تي مشتمل هئا، سي محض ڪيس متاثر ڪرڻ خاطر، جذباتي وهڪري جي آبشار ۾ آڻيندي، سندس اڳيان رکيا هئا. تنهن سان گڏ ثقافتي رنگن روپن سان بہ ڪيس خوب وندرايو هوم، جيتوڻيڪ اُهي ملاقاتون مختصر هيون، پر طرفين کافي محظوظ ٿيا هئا.

جنهن کان پوءِ وري حڪومتي دور شروع ٿيو. جنهن ۾ خلاف طبع پاڻ بہ وزير بڻجي ويو. پر پوءِ جلد ئي اصولي تضادن ۽ نظرياتي تڪرائن ڪيس اُنهيءَ ماحول کان جدا، الڳ ۽ ڌار ڪري ڇڏيو. جنهن ڪري پاڻ وري ڪيئي تڪليفون ڏنائين، صعوبتون سنائين ۽ جيل ڪاٽيائين. ٻيو تہ ٻيو، پر پنهنجي نظر بہ وڃائي ويٺو. تنهن سان گڏ، آءٌ بہ دل جي بيمارين سبب عليل ۽ بيمار ئي رهيس. ڪيترن ئي سالن گذرڻ کان پوءِ، سائس منهنجي اها ملاقات، مرحوم مير محمد خان "آڇن" جي ٽيجهي واري ختمي تي ٿي، جنهن ۾ آءٌ نظر ڪمزور هئڻ سبب ڪيس سڃاڻي بہ نہ سگهيو هئس، پر پاڻ اڳي وانگر ساڳيءَ طرح، باوجود نظر ڪمزور هئڻ جي بہ، سڃاڻي ورتو هئائين.

اسان واري انهيءَ مجنونانہ محفل ۾ ڪامريڊ مير محمد خان ٽالپر، ڪامريڊ غلام محمد خان لغاري، ايڊووڪيٽ مسٽر روچيرام، مرادوند ميرمحمد خان ٽالپر "نياز" آف ٽنڊو جام، مير غلام علي خان آف ميرواه گورچاڻي، مير غلام مصطفيٰ خان ٽالپر آف ڊگهڙي ۽ انهن سان گڏ ٻيا بہ ڪيئي ننڍا وڏا مير ٽالپر، مري بلوچ، راجڙ، پلي ۽ سومرا بہ ويٺل هئا. جن مان ڪن ائين بہ ٿي چيو تہ "اسان توهان جي غائبانہ طور مريدي مجي آهي ." ڪن کي اشارا ڏيندي ڏٺو ويو، جيڪي هڪ ٻئي

ـ منهنجو تعارف ڪرائي رهيا هئا. ايتري ۾ وري اوچتو مهمان ٻاڦو سخن نهمي ۽ واري ڏانهن جو دوست مير يارمحمد خان وانگر، نظر جي گهٽتائي ۽ سبب ڪهوربندي، سحاڻن جي ڪوشش ڪندي ڏٺم. جيڪو اڳي ڪان ويهر وڏيڪ ٿلهو ٿيڻو ۽ مارو ٿي ويل هو. منهنجين نظرن کي تاڙي، سڃاڻي، پنهنجو پاڻ "مير يار محمد" چئي تعارف ڪرايائين، جنهن تي مون ٻيهر ٽپ ڏيئي، اُٿي بيهي ڪيس پاڪر پائي، ملي، چيئرمني ۽ جي مبارڪباد ڏني، ته خود پاڻ کي وري "چورمين" چئي مخاطب ٿيو.

انهي شناسائي، بي شناسائي ۽ يٽن شٽن ۾ ڇپيل اڻ ڇپيل، منهنجي "ڪيئي ڪتاب" جا مضمون ڪيي، مون سندس اڳيان رکيا، جن کي صاحب مجلس پڙهندا، دل وندرائڻ سان گڏ ڪجهه سوال جواب، تنقيدون ۽ تبصرا پڻ ڪندا رهيا. جن ۾ خاص طو مير غلام مصطفيٰ آف "ڏاڪهو"، "مير برادران" واري مضمون ۾ گهڻو حظ ورتو. مير محمد خان "نياز" آف ٽنڊو ڄام، هرهڪ ڳالهه جي ها ۾ ها ملائيندو، نهايت ادب مراد، احترام ۽ عقيدت سان پيش ايندو رهيو. ٻئي پاسي مير يارمحمد خان جو مسڪراهٽون، ۽ خاص طرح ڪامريڊ غلام محمد خان لغاري ۽ جي ويچارگي به قابل ذڪر هئي. جنهن کي مون ائين چوندي، خوامخواه شرمندو ڪيو ته ٻئي صاحب تو جهڙي هيوي ويٽ پهلوان ۽ جسيم شخصيت لاءِ تحفي طور فقط سائيڪل ئي تجويز ڪئي! حالانڪ تنهنجي بار ڪٽڻ لاءِ ته جمبوجيٽ جهاز نه ته به هيليڪاپٽر جو هئڻ ته ضروري هو."

اهي اکر ۽ جملا ارادتاً نه پر اتفاقاً منهنجي منهن مان نڪري ويا، ڇاڪاڻ ته آءٌ ڪانئس ڪنهن سياسي جلسي ۾ رنجيده خاطر ٿيو هئس. اهو نئشنل عوامي پارٽي ۽ وارو جلسو، جيڪو قاضي عبدالقيوم روڊ حيدرآباد تي منعقد ٿيل هو، جنهن جو منتظم اعليٰ، سنڌ عوامي پارٽي ۽ جي صدر جي حيثيت ۾ ڪامريڊ غلام محمد لغاري ئي هو. اُنهي ۽ جلسي ۾ خان عبدالولي خان، جناب غوث بخش بزنجو ۽ بلوچ ليڊر عطاءُ الله مينگل قابل ذڪر هئا. جن سان گڏ ٻيا به ڪيئي ننڍا وڏا عوامي ليڊر پڻ اُتي موجود هئا.

آءٌ اُنهي ۽ جلسي ۾ وڏي ۽ حب، سڪ، اُڪير ۽ اُتساه سان اُنهي ۽ اميد تي وڃي شامل ٿيو هئس ته انهي جلسي جا منتظم، مون کي سڃاڻي، سڏي، ليڊران قوم سان گڏ مٿي اسٽيج تي ويهاريندا. پر افسوس، جو ڄاڻيندي سڃاڻندي به، مون کي ڪنهن به نه سڃاتو. مينگل صاحب جي تقرير هلي رهي هئي، جنهن جي جملن کي، جذبات ۾ اچي، مون زمين تان ڪٽي آسمان تي اڇلائي ڪلائيميڪس تي پهچايو، جنهن تي جلسي جي پبلڪ ۽ عوام، تاڙيون وڄائي، داد ڏيندي ڪلئپس ڏنا. جيڪا ڳالهه ڪامريڊ کي پسند نه آئي. هڪڙو ته آءٌ خوامخواه پرائي جلسي ۾ وڃي، ٽنگ اڙائي، ٻين جي تقرير ۾ دخل انداز ٿيس، ته ٻئي پاسي وري اهي ليڊران قوم به فقط اِهوئي چاهيندا آهن ته عوام ۽ پبلڪ به صرف سندن ئي ڊهرايل تقريري

جملن کي ڪلائيميڪس تي آئي، داد ڏيئي، تاڙيون وڄائي، واه واه ڪندي، ڪلٽپس ڏين. مگر اهو ڪڏهن به گوارا ۽ برداشت نه ڪندا آهن ته ٻئي ڪنهن غيروابسته ماڻهوءَ کي ڪو داد ملي. تنهن ڪري خلاف توقع ڪامريڊ غلام محمد لغاري، هڪرو ٽلهو ٽنيرو غنڊو مون ڏانهن موڪليو، جنهن شوريده نظرن سان، مون کي خاموش رهڻ جي تقلين ڪئي، جنهن تي مون به سندس بي ادبيءَ بي مراديءَ سان گڏ، منتظمين جي جانبداريءَ ۽ حاضرين جي غيرجانبداريءَ کي ڏسندي، سوچيندي، راه فرار ورتي، ورنه ممڪن هو ته ڪو دنگو فساد ٿي پوي ها. جنهن سان اهو جلسو درهم برهم ٿي سگهيو ٿي.

اُنهي ڏينهن کان پوءِ ڪامريڊ غلام محمد لغاري اتي وري پهريون ڀيرو مليو هو. جنهن ۾ ارادتا نه، پر اتفاقاً، اهڙا دل آزار ۽ رنجيده خاطر جملا منهن مان نڪري ويا- حالانڪ آءٌ ته ساٿس پيار ڪندڙن مان ئي هئس. ڪيترين ئي مجلسون محفلون ساٿس گڏ سماجي، ثقافتي ۽ ظرافتي رنگ ۾ ٿي چڪيون هوين، جن ۾ حيدرآباد، ماتلي، ميرپورخاص، نبي سر روڊ ۽ نانگن وارو ميلو قابل ذڪر آهن. پاڻ به هميشه مون کي محبت ۽ صداقت ۾ آئيندي، غيرمعمولي شخصيت جو شرف ڏيندو رهيو آهي. جنهن ۾ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، ڪامريڊ عبدالقادر، ڪامريڊ ميرمحمد تالپر، قادربخش نظاماڻي ۽ سيد غلام مرتضيٰ شاه سنائيءَ جو پيار ۽ ساٿ پڻ ڏسندو رهيو آهي.

مون کي هڪڙي ڀير نبي سر روڊ ۾ "نانگن واري ميلي" تي فنڪارن سميت دعوت ڏيئي، گهٽيءَ سڪ، حب، اُڪير، اُتساه، چاهت ۽ پيار محبت سان گهرايو هئائين. جنهن جو پاڻ ئي گادي نشين هو. جتي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ڪانفرنس جو به اهتمام ۽ انتظام ٿيل هو، ايتريقدر جو مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" پنهنجن فنڪارن سميت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجن ساٿين سگهڙن سميت ۽ ڪليڪٽر محمد اسماعيل نُون به شريڪ محفل هئا. اُتي به چڱو رنگ هو. ڊاڪٽر بلوچ ادب ۽ ثقافت تي روشني وڌي، ته ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ وري پنهنجا حال احوال اوريا. ٻئي پاسي مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ" پنهنجي صدارتي تقرير جي شرڪيه ادائي ڪئي. اُنهيءَ سان گڏ سگهڙن جو پروگرام شروع ٿيو، جنهن ۾ بيهڪ ڏسندي، خاص ڪري منهنجي طبيعت بور ٿيڻ لڳي، ڇاڪاڻ ته مون اهڙيءَ راڳ رنگ واريءَ ثقافتي محفل کي سڀ کان اوليت ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي، جنهن ۾ جذبات، رواني ۽ وهڪرو هو.

منهنجي انهيءَ منشا، مدعا ۽ اظهار خيال کان، مٿي ڄاڻايل انهن عالمن، اديبن، مفڪرن ۽ مدبرن جو مون سان اختلاف ٿي پيو. جنهن تي اُهي پاڻ بوريت محسوس ڪرڻ لڳا. اهو ماحول ۽ وايو منڊل ڏسي، پنهنجن جذباتن ۽ اُمنگن کي ساڻ ڪري، اُنهي اسٽيج کي ڇڏي، اُتان اُٿيس ۽ موٽي پنهنجي نشست ورتيم، جتي

اسين براجمان هئاسين. جيڪا مذڪوره ڪانفرنس واري مجموعي جي پرپاسي ۾ ئي هئي. جتي پاڻ سان گڏ آيل سمورا فنڪار اڳي ئي ويٺل هئا. جن سان ملي، مجلس محفل ۽ رهاڻ رس ڪندو رهيس. جتان ضرورت مطابق ڪين موڪليندو، سندن آئيٽم ڪرائيندو رهيس. پر پاڻ ٻيهر اُنهي اسٽيج ڏانهن واپس وڃڻ قطعي گوارا نه ڪيم، حالانڪ ڪامريڊ لغاريءَ جا نياپا ايندا ويندا رهيا.

آءٌ سمجهان ٿو ته اُنهي اسٽيج تي واپس نه وڃڻ، مٿي ڄاڻايل مدبرن مان ڪن لاءِ ته يقيناً باعث سڪون ۽ اطمينان هو- ڇاڪاڻ ته آءٌ پنهنجي جذباتن جي وهڪري ۾ موقعي بي موقعي هميشه دخل انداز ٿيندو رهندو آهيان. پوءِ منهنجا پيارا دل وارا ته منهنجين انهن بيجا دخل اندازين کي ناز انداز، لاڏ ڪوڏ ۽ پيار ۾ آٿيندي پسند ڪندا آهن، ته ڪي حاسد ۽ رقيب وري محض پنهنجي ئي پرستش ۽ ثناخواني، ساراهه ۽ اڪڙقون ۾ اچي، ناپسند ڪندا آهن. پر منهنجو ته اڄ به اهوئي ساڳيو حال اهي. پوءِ ڪي ته پسند ٿا ڪن ته ڪي وري ناپسند.

رات واري اها پُرتڪلف محفل ختم ٿي. ٻئي ڏينهن ميڙي کان ٻاهر اسٽيشن نبي سر وڍ جي شهر واري باغ ۾ ڏينهن ڏٺي جو، اسان جي راڳ رنگ جي محفل گرم ٿي. جنهن ۾ دوستن احبابن، پيارن دل وارن، فنڪارن ۽ موسيقارن خوب کان خوب تر رنگ ڄمايو ۽ رس رچايو. انهيءَ محفل ۾ مستي، مخموري ۽ سرشاريءَ سان گڏ حاجي غلام محمد خان نظاماڻيءَ نڄاڻ ته ڪيترن پيسن ۾ ڇيلو وٺي، ڪهي ٺاهي، قرباني ڪري، پنهنجي ئي بورچگيريءَ ۾ رڌي پچائي، ڪارايو. جنهن ۾ عجيب ڪيف، لذت ۽ مزو هو. ساڳيءَ طرح رات جو به پاڻ اها ئي قرباني ڪيائين. حالانڪ ڪاڏي پيتي جو سڄو انتظام ڪامريڊ غلام محمد نهايت سٺي ۽ سهڻي نموني رکايو هو. جنهن ۾ قسمين قسمين چٽپٽا ڪاڏا ۽ طعام موجود هئا. پر اهي حاجي غلام محمد خان جون اضافي سخائون سمجهڻ گهرجن، جيڪي هو صاحب حسب معمول ميلن ملاڪڙن يا ڪنهن ٻئي پاسي وارن سفرن جي موقعي تي ڪرڻ جو هميشه کان عادي هو.

ڪامريڊ غلام محمد لغاريءَ سان ته ٻيون به ڪيئي ننڍيون وڏيون، نارمل ۽ اتفاقن ملاقاتون ٿينديون رهنديون اهن. جن ۾ پريم پيار، محبتون قربتون، صداقتون ۽ سچايون ئي هونديون آهن. پر فقط انهيءَ نيشنل عوامي پارٽيءَ واري جلسي دوران، اهوئي هڪڙو واحد اختلاف پيدا ٿيو، جنهن سبب اهڙا رنجيده ۽ سنجيده اکر اتفاقاً نڪري نروار ٿيا، جيڪي ذهن تي بوجهه ۽ بار هئا.

ذڪر هلي رهيو هو، مير محمد خان "آچن" جي عذرخواهيءَ واريءَ اُنهيءَ مجلس جو، جنهن ۾ اسان جي سنڌ جو سابق وزير اعليٰ جناب غلام مصطفيٰ جتوئي، جناب پير غلام رسول شاه جيلاني ۽ سائٽس گڏ ڪي ٻيا معززين جيڪي هڪڙي پاسي شامل هئا، ته ٻئي پاسي وري اسين آواره گرد دل جليا، اديب شاعر ۽

انقلابي اهل دل وينل هئاسين. جتي منهنجي گفتگو حسب معمول سياست ۽ ثقافت کي ظرافتي رنگ ڏيندي، به آواز بلندي، وڏي واڪي، بنان ڪنهن روڪ ٽوڪ جي، ٿي رهي هئي. جنهن جو لطف منهنجن ساٿين ۽ هم جليسن سان گڏ، چوطرف آسي پاسي وارا ٻڌندا. ڏسندا ۽ وٺندا ٿي رهيا. منهنجا هم جليسن ته سرشار ٿيندي، پروانه وار قربان قربان ٿيندا ٿي رهيا، چاڪاڻ ته ادب پارن سان گڏ جواهر ريزي به هئي. پر انهيءَ وجد آفرين ماحول ۾ جن جن ٻين تائين به اسان جي آواز جو پڙاڏو ۽ پڙلاءُ پهتو ٿي، ته اُهي به بيحد متاثر ٿيا ٿي. ڏٺو ويو ته جملي سامعين جو سماع اسان ڏانهن ئي هو، پوءِ چاهي اکيون ڪٽي ٻئي پاسي ڇو نه هجن!

ايتري ۾ طعام تناول ڪرڻ جو سڏ آيو. جملي عذرخواهيءَ وارا رفيق اندر پهتاسين. جتي وڏي ويڪري ۽ ڪشاده ڊرائينگ هال سميت سيني ملحقه ڪمرن سان گڏ پنڌين پاسي واري وراندي ۾ به دسترخوان وڇايل هئا، جن تي اعليٰ ترين ڪيترن ئي قسمن جا طعام رکيل هئا. ائين پئي معلوم ٿيو ته جڻ ڪا شاهي لنچ هجي، نه ڪا ختمي جي ماني.

اسين اُتان ماني کائي، مسٽر روچيرام سان گڏ سيني دوستن احبابن کان موڪلائيندا، ڪامريڊ مير محمد وٽ پهتاسين. جيڪو اسان جي تازو بدلي ٿي آيل نئين ڪمشنر، مسٽر عبدالله جي- ميمڻ سان مصروف گفتگو هو. تنهن کي ڄاتل سڃاتل هوندي به آءٌ سڃاڻي نه سگهيس. پر پاڻ پنهنجي فياضي ڏيکاريندي، مسڪرائي مليو. اُنهيءَ وقت ڪامريڊ مير محمد ۽ سابق وزير سنڌ جناب محمد خان سومرو، منهنجي نوڪ جهوڪ جا خاص نشانا بڻيل هئا. تنهن سان گڏ ڪامريڊ غلام محمد لغاري به اتي موجود هو. اُنهن کان سواءِ، منهنجا ڪي مداح به سرڪي آيا! ايتري ۾ اوچتو معراج محمد خان وارو قافلو به مون کان موڪلائڻ لاءِ اُتي پهچي ويو. جنهن کي به ڪلندي ڳالهائيندي، خنده پيشانيءَ سان رخصت ڪيوسين.

جنهن وقت ڪامريڊ مير محمد، ڪمشنر صاحب جناب عبدالله جي- ميمڻ کي ماني ڪارائڻ لاءِ اندر ڪمري ڏانهن وٺي وڃي رهيو هو، ته اسان به ڪائي موڪلائي، پنهنجي مختصر ننڍڙي قافلي سميت، مسٽر روچيرام ايڊووڪيٽ سان گڏ، پنهنجي موٽر ۾ سوار ٿي، سندس دولت ڪده تي پهچي، مختصر وقت پلنگن تي پَئي، ٽڪاوٽ کي ٽورو گهٽو ڀڃي، چانهه نوش ڪري، سندس ٻن تعليم يافته بااخلاق پٽن نيل ڪنٺ ۽ ڪشور سان گڏ ٻين ننڍن وڏن ٻارن ٻچن کي آسيسون ڏيندي، واپسي لاءِ تيار ٿي روانا ٿياسين. جتان وري به ٻن ميلن جي مفاصلي تي اسان جي پراڻي رفيق ۽ ساٿيءَ پائو محمد حسين بلوچ سان ملڻو هو. اُتي پهچي، ساڻس ملي، ڪجهه پيار محبت، خلوص صداقت جون ڳالهيون ڪري، سندس ننڍڙن سان پيار ڪرڻ کان پوءِ، موٽر وهيلن سان رستي کي ويڙهيندي، رتن آباد، سلطان آباد کان ٿيندا، ڪمارو شريف ۾ قل پڙهي بخشيندا، تنڊي الهيار کي ڪراس

ڪندي، "وتائي فقير" کي دعائون ڏيندا وٺندا، عبرتون حاصل ڪندا، تاجپور ۽ ٽنڊي ڄام جي پاسي کان لنگهندا، لاٽيند چٽنل جو ڪپ ۽ ڪنارو ڏيئي، "ڪالي ديوي" واري چوڪ تي پهچي، سندس تصوراتي ۽ خيالي درشن ڪندي، حيدرآباد- بدين روڊ تي موٽر کي سراڙو ڏيندي، ماتليءَ پهتاسين- الله الله خير صلا، يار زنده صحبت باقي.

محروم ئي مري ويا، ماهر ٿي نه مٺا،
حباب ئي هٿا، انهي وادي‌ءَ وچ ۾.

سيد سائين جي 1980ع وارو سالگره، راڄي، بوبڪ ٽيپو ۽ آءٌ

دنيا جو گولو گهمندو، وقت جو ڦيٽو ڦيرائيندو رهيو آهي. جنهن ۾ ڪيئي تغيز تبادلا، طوفان طلاطم، حادثا اتفاق ۽ هيجان اچي وڃن ٿا. جن کي سهندي، برداشت ڪندي، اڳتي وڌڻو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح سان اسين به ڪيئي متبادل مضمونن کي وساريندي، هضم ڪندي، وري به ڪنهن منزل تي پهچي، ياداشتن جي ذخيري مان ڪانه ڪا ياداشت ڳولي ڦولي، قارئين ڪرام جي دلچسپيءَ ۽ معلومات خاطر پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جنهن ۾ غلام مرتضيٰ شاهه سنائيءَ جي 1980ع واري حاضرئون (76) سالگره خنده پيشانيءَ سان اڳيان آيو. جيڪو تازو مير محمد خان "اچن" جي عذرخواهيءَ واري مضمون پوري ڪرڻ کان پوءِ، مورخه 17- جنوري 1980ع تي ملهائي آيا آهيون.

هونءَ ته سالگره وارا اهڙا ٻيا به ڪيئي جشن هن ڪتاب جي زينت بڻجي چڪا آهن، ته ڪي رهجي به ويا آهن. جن ۾ 1979ع واري گذريل سالگره کي به قلمبند نه ڪيو ويو، جيڪو پڻ وڏيءَ اهميت جي حامل هو، جنهن ۾ ڪاليجي شاگردن، يونيورسٽي اسٽوڊنٽس، پروفيسرن، شاعرن، اديبن سان گڏ ڪيئي اسڪالر ۽ دانشور پڻ شامل هٿا. تنهن ڪانسواءِ، سچيءَ سنڌ مان دل وارا، سيد، مير، پير ۽ امير خاندانن سان گڏ ڪناري ڪنڌيءَ ۽ جبلن تان غريب عوام به پهتل هٿا. اسان جي فنڪارن، "مٺو ڪچيءَ" جي جوڙ، "جيئي سنڌ" وارو نغمو آرڪيسٽرا تي نئين طرز ۽ ڌن ۾ جوڙي، ٺاهي، جذباتي رنگ ۾ پيش ڪيو. فنڪار الهڏني جوڻيجي جناب ذوالفقار علي پٽي جي تقريري لهجي سان گڏ، وحيد عليءَ ۽ ڪزبانوءَ جي ڳائڻ جا نقل به پيش ڪيا،جن ماڻهن کي خوب ڪلايو، ۽ وندرايو. مائي وسائيءَ به پنهنجي جگري ۽ جذباتي رنگ ۾ ڳائي، اڃان وارو ئي مس ورتو، ته اوچتو خان صاحب منظور علي خان، وحيد علي ۽ قمر سومرو به اچي پر گهٽ ٿيا. جن به ڳائي وڄائي، داد تحسين حاصل ڪيا.

ڏينهن واريءَ محفل ۾ واحد بخش "مور"، سندس شاگرد چوڪري، ۽ مٺو

ڪيجيءَ ۽ مائي وسائيءَ چڱو رس رچايو ۽ مچ مچايو. تنهن ڪانپوءِ هلندڙ محفل وچ ۾ حسب معمول زوريءَ زبردستيءَ جذباتن کان مغلوب ٿي، ڪاهي پيس، ۽ لڳاتار "مانجهه" راڳڻيءَ مان ٽي ڪلام تکيءَ لئي ۽ جذباتي وهڪري ۾ وهندي، ڳائي پورا ڪيم. جنهن سڄيءَ محفل تي ڪافي اثر ڇڏيو. ايتريقدر، جو سامعين جهولي جهومي رهيا هئا. ٻيو ته ٻيو پر سيد سائينءَ جي ڪيسي ۾ جيڪي به پيسا هئا، بيساختگيءَ جي عالم ۾، والهانه طور، مون تان واريندي، مون کي ٽي پيش ڪيائين. اهو ڏسندي، ٻين به خوب انعام اڪرام ورسايا. اُها مليل سڄي رقم منصفانه طور اُتي آيل فنڪارن ۾ تقسيم ڪري ڇڏيم.

انهيءَ سالگره جي خاص ڳالهه اها هئي ته، سالگره جي ڪيڪ ڪاٽڻ واريءَ رسم ادا ڪرڻ ڪانپوءِ، جناب سيد سائينءَ پنهنجي مختصر تقرير ۾ اهو ٻڌايو ته "هيءُ سال سياسي نه پر ثقافتي طور ملهايو وڃي. جنهن لاءِ رئيس ڪريم بخش خان جو به اهوئي حڪم آهي ته ثقافت کي اهميت ۽ افاديت ڏني وڃي. ڇاڪان ته ڪيس ڪوڙي، خود غرض، فريبي ۽ دوکي بازيءَ واريءَ سياست کان چڙ آهي. اُنهيءَ جي برعڪس، هو ثقافت ۾ محبت، صداقت، سچائي، آشتي، پريم پيار ۽ روحانيت کي ڏسي پيار ڪري ٿو. تنهنڪري اسين به سندس انهيءَ خيال جي تائيد ڪندي، سائس متفق ٿيندي، ثقافت سان دل وندرايون ٿا. جنهن جي ثبوت ۾ اڄوڪو هي ثقافتي ۽ جذباتي جشن، سالگره جي آڏ ۽ آڙ ۾ رکندي، ملهائي رهيا آهيون. جنهن ۾ ڪيئي دل وارا، پيارا ۽ معتقد اچي هتي گڏ ٿيا اهن."

اهڙيءَ طرح سان اُهو 1979ع وارو سالگره مختصر طور لکي پورو ڪري، مٿي ڄاڻايل 1980ع واري سالگره ۾، وائيپ هٽي، پهچون ٿا. ائين پئي معلوم ٿيو ته 1979ع واري سالگره کان به وڌيڪ ميڙ، جهمگهٽو، چهچٽو، ماڻهن جو ازدهام ۽ هجوم هو. سيد سائينءَ سان ملي، خلوص، صداقت ۽ محبت جو ثبوت ڏيندي، ڀاڪرين پئي، انهيءَ سوڙ سگهوڙ ۾ نشست ورتيسين، جتي تر چٽڻ جي به جاءِ ڪانه هئي. هر ڪنهن ماڻهوءَ ائين ٽي چاهيو ته وڃي سيد جي ڀر ۾ ويهون. اتاڙ پتاڙ لتاڙ ڪان به ڪين ٿي ڪيهايائون. ايتريقدر، جو ويٺلن جا هٿ پير چپيندا، ڪين اورانگهيندا، لتاڙيندا پتاڙيندا، سيد جي ويجهو اچڻ جي ڪوشش ٿي ڪيائون. آءٌ به انهيءَ تنگ ماحول ۾ اُڪتائجي، بيزار ٿي چڪو هئس. پر تنهن هوندي به سيد جي صحبت ۽ محبت صداقت اُتي ٽي ويهي رهڻ لاءِ مجبور ڪيو. اُنهيءَ پيهوپيهه ۽ چپاچپيءَ ۾ ٻيءَ به ڪيتريءَ ٽي سياسي ۽ ثقافتي رهاڻ سان گڏ هڪڙو ذڪر لکڻ ضروري سمجهان ٿو. دوران گفتگو پاڻ اهو چوندي وڏائي ورتائون ته "مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ کان ڪن ماڻهن پڇيو ته اندرا گانڌي، هندستان جي وزير اعظم بڻجي، سياسي شطرنج تي نئون جنم وٺي آئي آهي، تنهن بابت ڪجهه وڌيڪ ٻڌايو ته ڇا ٿيندو؟ جنهن تي مخدوم صاحب ڪين وراڻي ڏيندي، چيو ته اهو سوال وڃي

سندس چاچي جي. ايم . سيد کان پڇو!" اِتي سيد، وڏا وڏا ٺهڪ ڏيندي، ماڻهن کي ٻڌايو ته "آهي اتوَ مخدوم جا حال!" جنهن تي مون وري سندس واتان نڪتل انهن جملن جو حظ وٺندي، مزو ماڻيندي، ڪيس جواب ڏيندي، چيو ته "مخدوم صاحب، انهيءَ ٻر آخر ڪهڙو وڏاءُ ۽ واڌارو ڪيو آهي! اول ته پرائي ۽ جهوني سياستدان هئڻ جي حالت ٻر جواهر لعل نهروءَ سان دوستي ۽ همعصري رکو ٿا، تنهنڪري انهيءَ ناتي ٻه اندرا جا چاچا ٿيو. تنهن کان سواءِ تون مسلمانن جو سيد پير، ته هو پنڊت وري هندن جا پير. سو انهيءَ نسبت سان ٻه سندس چاچا ٿي سگهو ٿا. پوءِ انهيءَ ڳالهه ٻر مخدوم صاحب ڪهڙي مبالغه آرائي ڪئي آهي. جيڪو ڪجهه چيو اٿن، سو سڀيئي سچ چيو اٿن."

منهنجا اُهي اُچاريل لفظ ٻڌي، سڄي مجلس ڪشتءِ زعفران ٿي ويئي ۽ ٺهڪڙو پئجي ويو. ڪيتري ئي وقت تائين ماڻهو ڪلندا ۽ تبصرا ڪندا رهيا. ايتري ٻر سالگره جي ڪيڪ ڪاٽڻ جو سڏ ٿيو. تنهن کي اُنهيءَ چپاچپيءَ ۽ هماهميءَ ٻر ڪٽارائي، رسم سالگره پوري ڪري، هارن مٺان هار وجهي، گلن ڦلن جي ورکا ڪندي، ڪيڪ کائي وات مٺو ڪري، چيپاٽجي چٽرائجي، اتان نڪري، اُنهيءَ محفل مجلس کي اديبن، شاعرن ۽ ڇوڪرن جي حوالي ڪري، ٻاهر پهتاسين، جتي هوا جي دوش بدوش مقالا ۽ مشاعرا اسان جي گوش گذار ٿيندا، سماع تائين پهچندا رهيا. پنهنجي قيام گاهه واري بنگلي تي پهچي، گهوڙا گهوڙا ڪندي، ماني گهرائي ڪاڏيسين جو ويل ويلو ٽريل هو، ته مانيءَ ٻر ٻه ڪو خاص مزو ڪونه هو. اِتي مون کي پرائي ڪهاوت ياد آئي آهي، جنهن کي هتي قلمبند ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

عشق نہ جانے ذات کی ذات،
نیند نہ جانے ٹوٹی کھاٹ،
بھوک نہ جانے رو-کھا بھات.

تنهنڪري اسين ٻه بک ٻر جيڪي ڪجهه مليو، کائي پي، شڪم پري ڪري، اڃان آرامي ئي مس ٿياسين، ته اوچتو راڳ رنگ واري ثقافتي محفل قائم ڪرڻ لاءِ سڏ ٿيو. جنهن تي مون پاڻ سان گڏ آيل فنڪارن کي ائين چئي موڪلي ڏنو، جيئن اُهي اُتي وڃي راڳ رنگ جي محفل برپا ڪري مڃ مچائين. ڪين روانو ڪري آءٌ وري ٻه ٽڪاوٽ دور ڪرڻ خاطر غنودگيءَ ٻر ريلڪس خاطر رهي پيس.

سيد صاحب وارو پرائي طرز تعمير مطابق ٺهيل فرسٽ ڪلاس بنگلو، هميشه وانگر، حسب معمول، محض منهنجي ئي رهڻ سهڻ لاءِ مخصوص ٿيل هو. جنهن ٻر آءٌ پاڻ سان گڏ آيل ساٿين، رفيقن ۽ فنڪارن سان گڏ، فقط پنهنجي پسند جي ٻين ماڻهن کي رهائي سگهيس ٿي. جيڪو سالگره وارن شاميانن جي بلڪل لڳ، قريب، ملحقه ۽ نزديڪ هو. جتان هر ڳالهه ٻولهه، ساز آواز، شعر شاعري،

تقريرون ۽ مقالا با آساني منهنجي بہ سماع تائين پهچندا رهيا ٿي. تنهنڪري هر جائز ناجائز ماحول منهنجي بصيرت ۾ عيان هو. ٻين ٻين ڳوٺن، قصبن، ديهاتن، شهرن، اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ڪان آيل اميچوئرس سيڪڙات ڳائڻن جا آواز بہ ايندا رهيا، ٿوري وقت ڪان پوءِ آئون پنهنجي بستر تان ٽپ ڏيئي اُٿي، اُنهي مستاني ماحول ۾ پهچي، زور زبردستي ڪندي، پاڻ سان گڏ آيل فنڪارن کي وارو وٺي ڏنم. جنهن تي پاسخاطري ڪندڙ ڇوڪرن جي وچ ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ لڳا. پر مون اُنهن اختلافن جي ڪابہ پرواہ نہ ڪندي، سڀ ڪان پهرين ماسٽر علي محمد کي وارو ڏنو. جنهن جو رس نہ لڳو، ڇاڪاڻ تہ اهي شستر بي مهار ڇوڪرا، محض انتقامي نظريي ۽ نقطي نگاہ ڪان شور شر، غل غپاڙو ۽ هل هنگامون ڪرڻ لڳا. اهو ڏسي، مون وري بنسري نواز محمد يوسف کي اسٽيج تي آندو، جنهن جي بنسريءَ ڪجهہ قدر رنگ ڄمايو. پر انهن چڙواڳ ڇوڪرن جي ساڳي روش ۽ ساڳيو رويو هو، جنهن تي مون اُنهن شرير ڇوڪرن کي ڪجهہ چڙهاٽون ڏنيون. تنهن سان گڏ سيد سائين بہ انهن جي تربيت، غير منظم ۽ بي قابو ڇوڪرن کي ڪافي تنبيهہ ڪئي. ايتري ۾ مون وري لوڪ راڳين جي چنڊ ۽ يڪتاري نوازن جي آخري تاجدار عثمان ڪچيءَ کي اسٽيج تي پهچڻ جو حڪم ڏنو. جيڪو ساز سانياهي، سر ملائي، بغير پنهنجي ڪنهن واقف ۽ ساٿي جوڙ جي، موقعي مهل جي مناسبت سان شب معراج جو ذڪر ڇيڙي، ڏوهيڙا ڏيئي، اڃان ڪلام شروع ڪرڻ وارو ئي هو، تہ وري بہ انهن شرير ۽ ناهنجار ڇوڪرن ۾ هوہو مچي ويو. جنهن جو سبب معلوم ڪرڻ تي خبر پيئي تہ عابده پروين، ڪنهن دور واري "گڏو"، انهي محفل سماع ۾ پهچي چڪي آهي. جنهن تي اُهي ڇوڪرا جذباتيت ۾ مغلوب ٿي، ويتر وڌيڪ شور مچائي رهيا هئا.

اسين اهو ماحول ڏسي، اُن نئينءَ مان ٽيل "مغنيہ"، ريڊيو ٽيليوزن واران اڃاڻن جي "راڳ راڻيءَ" کي سندس شائقن ڇوڪرن جي حوالي ڪري، پنهنجا بوريا بستر ٻڌي، ساٿي فنڪارن سميت پنهنجي اقامت گاهہ تي پهچي وياسين. ٻئي پاسي اها حد ڪان بيحد "نور نظر ۽ سمع اثر" اڳوٽي "گڏو"، نالي ڀُل ۾ آيل "پروين عابده"، ڄاتا آڄاتا ڏوهيڙا ڏيندي، ماحول کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي رهي. جنهن کي اسين پنهنجن بسترن ۾ ٻڌندا رهياسين. پر ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو تہ، سواءِ سيد سڳوري ۽ ٻين ڪن چند مخصوص ڇوڪرن جي، عوام تي هوءَ ڪوبہ چڱو اثر ويهاري نہ سگهي. ڇاڪاڻ تہ ماڻهن جو شور شرابو، غل غپاڙو، سندس ڳائڻ وڄائڻ ۾ بہ، موجود رهيو. اُنهيءَ ڪان پوءِ وري منظور علي خان کي ميدان تي آندو ويو، جنهن جو آواز ٻڌي، رڙهي رسڪي، رات جو اٽڪل ٻارهين بجي ڌاري، هجوم ۾ چير ڦاڙ ڪندي، مطلوبہ اسٽيج تي پهتس. سامهون ڏٺم تہ اُها پروين عابده، حفيظ قريشيءَ، قاضي فيض محمد، محمد ابراهيم جويي ۽ ڪن ٻين

مخصوص شخصيتن سان گڏ، گوڏو گوڏي ۾ ملائي، رهاڻ ڪري رهي هئي. سيد کي مغموميت ۽ تريجڊيءَ مان خوشنوديءَ سان همڪنار ڏٺم. شگفته شگفته، باغ بهار ۽ سندس تازو توانو هشاش بشاش مسڪرائيندڙ چهرو اها شاهدي ڏيئي ۽ چغلي ڪائي رهيو هو ته اڄ پاڻ ديدار يار سان گڏ وصال يار ۾ هئا. انهيءَ مهذب مذاق جي مشاهدي کان پوءِ، جڏهن جان صاحب منظور علي خان بهاڳ راڳ مان "خيال" ڳائي پورو ڪيو، ته چاهيم ٿي ته ساڳئي راڳ مان مبارڪ علي خان جو ٺاهيل خيال، "يهي تو مي فقيرون کي پياري چال، ڪهانا ڪهلانا نه رکهنا ڪل کو، دينا ڊهال، يهي تو مي فقيرون کي چال" ڳائيندي، منظور علي خان کي به پاڻ سان گڏ ڳارايان. پر جسن ته سُرور ۽ سرشاري به نه هئي ۽ فقط بدمزدگيءَ جو دور دورو هو، تنهنڪري باوجود چاهڻ جي به ڪجهه نه ڪري سگهيس. پوءِ سيد سائينءَ ۽ سندس رفيقن سائين ۽ اهل مجلس سان مخاطب ٿي، ائين چوندي، اُتان واپس روانو ٿيس ته "توهان جي محفل نه فقط قابل رشڪ بلڪه قابل حسد به اهي، جنهن کي وصال يار ڪري وينا آهيون. پر منهنجي عليل طبيعت، هاڻي وڌيڪ ويهڻ جي اجازت نٿي ڏئي. تنهنڪري السلام عليڪم!" سيد سائينءَ ڪشاده دليءَ ۽ محبت جو ثبوت ڏيندي، مسڪراهٽن سان ويهارڻ جي مزيد ڪوشش ڪئي، پر آءٌ انڪار ڪندي، بنگلي تي پهچي ويس.

ميمڻ، مجنون ۽ "مومن" مليرائي

انهيءَ کان اڳ جنهن وقت پيهو پيهه، رش ۽ چپا چپ ۾ ويٺل هئاسين، ته ڪنهن وقت اوچتو هڪڙو سنهڙو، باريڪ، نازڪڙو، نفيسڙو ۽ نسواني آواز ڪن تائين پهتو. پهرين ته اُنهيءَ آواز کي زنانو آواز سمجهي ته هيڏي ساري مرداني هجوم ۾ ڪنهن عورت ذات جو اچڻ ناقابل فهم هو، پر پوءِ جڏهن ڪنڌ ورائي ڏٺوسين ته سامهون "مومن" مليرائي ٿي هو، جيڪو حجتون ڪندو، بي سرا نعرا هڻندو، بي تار ٽهندو ڪڏندو، اچي رهيو هو. هُن ميمڻ هوندي، ميمڻ ذات سڏائيندي، تحقيق ۽ تجسس سان "ميمڻ" لفظ جي لغوي ۽ لفظي معنيٰ ڳولي ڦولي "مومن" محسوس ڪندي، پاڻ کي "مومن" سڏايو ٿي، جنهن کي اسين به تحقيق ڪندي، تجسس ۾ ايندي، صحيح سمجهون ٿا. چاڪاڻ ته "ميمڻ" لفظ "مومن" مان ئي نڪتو آهي. در حقيقت صحيح معنيٰ ۾ ابتدائي دور کان جڏهن ميمڻ قوم عالم وجود ۾ آئي، ته انهيءَ کي "مومن" ئي سڏيو ويندو هو. پوءِ ڦرندي گهرندي، تجارت ۽ واپار ۾ اچي، "پاٽولي" يا "ميمڻ" ٿي پيو. تنهن سان گڏ انهي تجارت پيشه ميمڻ برادريءَ لاءِ هڪ مشهور چوٽي به آهي ته" جي ميمڻ هلي مڪي، تڏهن به توري ۽ تڪي." جنهن جي سچائيءَ ۽ صداقت ۾ اڄڪلهه ايتريقدر ڏسي رهيا آهيون ته ڪوبه ميمڻ اگر تجارت پيشه آهي چاهي ملازمت پيشه، هر وقت مول تول ۾ توريندو ۽ تڪيندو رهي ٿو، ته

جيئن اڳتي هلي مٿس ڪوبہ تنقيد، نڪتہ چيني ۽ انگشت نمائي ڪري نہ سگهي.

اهو ميمڻ، "مومن" مليرائي، اسان جو تمام پراڻو پيارو ادبي، ثقافتي ۽ تنقيدي همسفر همرڪاب رفيق، ساٿي ۽ دوست هو. جنهن کي عاشق جيئڙو، حسن پرست ۽ قوم لوط جو پيروڪار محسوس ڪندي، ظرافت ۾ ايندي، ساٿس ڪل يوگ، چرچا گهڻا ۽ مسخريون ٺٽوليون ڪندا هئاسين. حالانڪہ پاڻ هن وقت سيد جي سچائيءَ جو فدائي، پيروڪار ۽ معتقد ۽ عاشق آهي. البت پاڻ کي ڇوڪرن جي حسن پرستيءَ ۾ آڻيندي، اڄ بہ پاڻ کي "ناز" سنائيءَ ۽ امان الله شيخ جو گرويدو، متوالو ۽ مستانو ظاهر ڪندو آهي. تنهنڪري جي - ايم - سيد جي جشن سالگره واري انهيءَ اڄوڪيءَ محفل ۾ اُنهن ٻنهي خوبصورت ڇوڪرن جي هوندي، مون سندس نالو "مومن" مان ڦيرائي، "مجنون" رکيو. جنهن جي تائيد سندس ئي منظور نظر امان الله شيخ ڪئي. جنهن تي سڄي محفل کل ۽ ٺهڪڙي ۾ اچي ويئي. ۽ پاڻ بہ ڪلندو، مسڪرائيندو، خوش ٿيندو، گرفت مان جند ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. تنهن سان گڏ محترم سيد سائين بہ انهيءَ ترميم ۽ توسيع تي مسڪرائيندو ۽ مسرت محسوس ڪندو رهيو.

ڳالهہ هلي پئي "عشق نہ جاني ذات کي ذات، نيند نہ جاني ٽوٽي کهاٽ، بهوک نہ جاني روکها بهات" جي، تہ وڃي ڪٿي جو ڪٿي پهتاسين. تنهن کان پوءِ ٽڪل ٽڻل جسم کي ٿورو گهڻو آرام ڏيئي، ننڊ جي دنيا ۾ سوار ٿي، سپنن جو سير ڪندي، صبح جي ساحل تي پهچي، ڪي نيون دل لڳيون، دلبستگيون ۽ رات واري بي مزي ۽ خلاف طبع محفل کان انتقام وٺڻ خاطر ڪي نوان نرالا ۽ انوکا پروگرام پيش ڪرڻا هئا، تہ وري "مومن" يا "مجنون" مليرانيءَ جو ذڪر خير ڇيڙي، ڪيس حسن پرستيءَ ۾ آڻي، حسين ڇوڪرن سان نسبت ڏيندي، "ميمڻ" لفظ جي تاريخي تجسس، ريسرچ ۽ ڪوجنا ۾ پنجي، "ميمڻ" لفظ کي "مومن" تسليم ڪندي، انهيءَ موضوع کي پورو ڪري، وري واپس اچون ٿا اُپريل لکن جي ڏاتار سورج ديوتا جي روشنائيءَ ۾.

علي الصبح پاڻ سان گڏ آندل فنڪارن، سنڌي لوڪ رس جي چند عثمان ڪچيءَ، ريڊيو سنگر ماسٽر علي محمد خاصخيليءَ، بنسري نواز محمد يوسف بروهيءَ، دنبوري نواز ريڊيو فنڪار لونگ فقير، ڍولڪ نواز بچي مگٽهار ۽ ٻين خدمتگارن سان گڏ لڪاني خان نظامائيءَ ۽ منهنجي خوشنويس ٻچڙي "امين" ماتلويءَ کي بہ جاڳندڙ ڏٺم. باجو ڪولارائي، صبح وارين راڳڻين سان ڇيڙڇاڙ ڪندي، وندرندو رهيس. ايتري ۾ پريان کان ڀڳت ٽيئون مل ۽ سندس ساٿيءَ ڪانسواءِ مسخري علڻ فقير مگٽهار کي بہ اُتي ايندي ڏٺم، جنهن جو دنبورور بہ منهنجي ئي ڪمري اندر رکيل هو، جنهن کي هو وڃائي، شاهہ لطيف جي راڳين جا نقل ڪندي، پان کي بہ شاهہ جي راڳين واريءَ صف ۾ بيهارڻ جي ڪوشش ڪندو

آهي. اُنهن راڳي فقيرن تہ سڄي زندگي شاہ جي محبت عقيدت ۾ اچي، سندس راڳ سان لٿون لڳائي، برہ جون باهيون پڙڪائي، پنهنجو پاڻ پچائي، نينهن نيايو هو. پر اُنهيءَ جي برعڪس "علڻ" تہ فقط ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي اٿاڻ پروڊيوسرن ۽ آفيسرن جون خوشامندون ڪندي، اها شهرت حاصل ڪئي، جو اڄ "دنبورو" ڪٽي شاہ جي راڳين سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي سگهي. حالانڪ اسين تہ ڪيس اڄ بہ مسخرو ئي محسوس ڪريون ٿا. پوءِ پاڻ چاهي چپراسي بڻجي، چوٽيءَ تي ئي چو نہ چڙهي وڃي. خير، اُنهن ايندي شرط ئي مون کي ٻڌايو تہ سيد سائين سڄي شهر کي اورانگهيندو، خرچيون ڪهارون ڏيندو، توهان ڏانهن ئي اچي رهيو اهي. تنهن سان گڏ توهان جي فرزندن قاسم رضا ۽ هاشم رضا کي بہ سؤ سؤ جا نوٽ خرچيءَ طور ڏنا اٿس.

اسين اڃان انهيءَ گفت و شنيد ۾ ئي هئاسين، تہ ايتري ۾ سيد منهنجي ڪمري ۾ اندر پهچي، "ڪيئي ڪتاب" جي ٻئي پاڳي وارو فيئر ٽيل ڇهون رجسٽر، علڻ عرف سومار ٽيبي کان منهنجي حوالي ڪرايائين، جيڪو مطالعي لاءِ ڪيس ڏنل هو. اهڙيءَ طرح سان پاڻ منهنجي "ڪيئي ڪتاب" جا جملي فيئر ٽيل جلد، پريس ۾ وڃڻ کان اڳ مطالع ڪندو رهيو آهي. جن مان ساڌا ٽي رجسٽر، تقريبا ساڌن پنجن سوَن صفحن جي پهرئين پاڳي تي مشتمل، ڇپجي، صابر بڪ بائينڊر جي هٿان پڪي بائينڊنگ ۾ اچي، پير حسسام الدين راشديءَ جي صدارت ۽ عبدالله جي- ميمڻ ڪمشنر جي مهمان خصوصيءَ جي شراڪت ۾، مهراڻ آرٽس ڪائونسل جي بلڊنگ ۽ چار ديواريءَ اندر، افتتاحي تقريب جو مرحلو طئي ڪندي، شايع ٿي چڪو آهي.

جيئن تہ سيد پاڻ منهنجي جملي فيئر ٽيل مسودن جو مطالعو ڪندو پئي رهيو آهي، تنهنڪري ٻئي پاڳي وارو فيئر ٽيل ڇهون رجسٽر بہ مطالعو ڪري، ائين چوندي، منهنجي حوالي ڪيائين تہ "هن ڪتاب ۾ توهان "حسيني گولي" هڪ نالو ڪري لکيو آهي، پر حقيت ۾ حسيني ماءُ هئي ۽ گولي ڏيءُ". اهو ٻڌي، آءٌ حيران ٿي ويس تہ هڪڙو چڪلائي ۽ چڪلن جو تاريخدان، جنهن هن ڪتاب ۾چڪلن جي تاريخ ۽ جاگرافي لکي، ميراثين کي ميراث جو مالڪ ثابت ڪندي، حسينن، نازنينن، مہ جبينن کي ديويون چئي، سڄي معاشري کي سندن چرنن ۾ سمائي آيو آهي، جنهن جا سيئي مضامين پاڻ بہ پڙهيا اٿن، سو سيد سائين اُن جي يعني منهنجي تصحيح ڪري رهيو آهي! اهو ڏسي، مون کان بہ رهيو نہ ٿيو. صداقت ۽ سچائيءَ ۾ اچي، بيباڪ بڻجي، حجت ۽ مذاق ڪندي تڙي ڪڙي ۽ ٺهہ پهہ ڪيس چيم تہ "سيد، تون تہ اسان کان بہ ڪو وڏو چڪلائي معلوم ٿو ٿئين، جو ايڏي جاڻ ۽ معلومات رکين ٿو!" پاڻ جواب ۾ وراڻيائين تہ "مون کي اها بہ خبر آهي تہ "حسينيءَ" جو تعلق ڀٽ جي پاڳاري پير "علڻ" سان هو، جنهن مان ئي اها "گولي" پيدا ٿي.

ساڳيءَ طرح سان سجاده نشين درگاهه قلندر شهباز سيد ولي محمد شاهه کي به پنهنجو ئي سمجهيائين ٿي، جنهن جي فرزند ارجمند گل محمد شاهه وري سندس ٻيءَ ڏيءَ "نواب اختر" ، جنهن کي "نوابي" يا "نايا" ڪري به چوندا هئا، تنهن سان معاشقو ڪيو- يعني ولي محمد شاهه جو عشق "حسينيءَ" سان ته سندس فرزند سيد گل محمد شاهه جو عشق وري سندس ڏيءَ "نوابي عرف نايا" سان هو..."

اُنهيءَ وقت منهنجو اهو ڪمرو يارن دوستارن، پيارن دلوارن، سيد جي پرستارن ۽ فنڪارن سان ڪچا ڪچ ڀريل هو. جيڪي پڻ خاموشيءَ سان انهيءَ لطيفه گوئي، بذله سنجيءَ ۽ لطافت سان پُر گفتگو مان لطف اندوز ٿيندا، مزو ماڻيندا ۽ حظ حاصل ڪندا رهيا. منهنجي لاءِ اهي ڳالهيون نيون ڪونه هيون. ڇاڪاڻ ته منهنجا تعلقات به "گولي" جي حسن فن، حسن نزاڪت ۽ حسن زن سان ڪافي گهرا، ويجها ۽ قريب ڪان قريب تر رهيا. جن کي رومانوي رنگ به ڏيئي سگهجي ٿو. جنهن وقت منهنجين نجي محفلن ۾ تانپوري کي هنج ۾ هٿي، چٽن تارن ۽ رڳن کي مَٽين ڳٺين جي مدد سان سر ملائي، نسوانيت ۾ اچي، نسواني آواز جو جادو جاڳائي، حسن عشق جي مصوري ۽ چترڪاري ڪندي هئي، ته ڪيوپڊ ديوتا جي هٿن مان تير ڪمان ڪري پوندو هو ۽ پاڻ وري شدت جذبات ۾ اچي بيهوش ٿي ويندو هو.

خير اهي "ليلوي" ۽ "مجنونانه" پر اثر، خوابيده ڪيترائي افسانا ڇپڻي، مضمون رنگين ۽ دلچسپ بڻائي، ساحرانه جادو جاڳائي، پڙهندڙن کي متاثر ڪري سگهجي ٿو. پر انهن افسانوي داستانن کي ڇڏيندي ، حقيقت ۾ اچي، انهي محفلي مضمون کي اڳتي هلائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. جنهن ۾ سيد سان اها ظرافتي نوڪ جهونڪ ڪري، ڏينهن واري محفل منعقد ڪنيسين. جنهن ۾ سڀ کان پهرين پڳٽ ٽيئون مل کي ٻن ڪلامن جو وارو ڏنو ويو. تنهن کان پوءِ ريڊيو ۽ ٽيليويزن پروڊيوسرن جي لاڏلي مسخري "علڻ" فقير ڳائڻ جي تقاضا ڪئي. جنهن کي ائين چئي خاموش ڪيم ته "تنهنجو ڳائڻ مولودين وانگر اِنگهي ڍگهو ٿي پوي ٿو. جنهن جو اثر وڃي پنهنجن ناز برادرن تي ويهار. اسان وٽ ايترو وقت ڪونهي، جو تنهنجي اها ڍگهي ٻانگ ويهي ٻڌون!" پر تنهن هوندي به هر ڪنهن ڳائڻي سان چهڻيو چنيڙيو رهيو: ٻيو ته ٻيو پر ٽيئون پڳٽ سان به، وقت کي جمود ۾ آڻي، ڏوهيڙا ڏيندو رهيو. جنهن کري ڪافين ڪلامن جي جذبات ڀريل گرمائش ختم ٿيو ٿي ويئي.

پڳٽ ٽيئون مل کان پوءِ وري ماسٽر علي محمد خاصخلي ريڊيو آرٽسٽ کي وارو ڏنوسين. جنهن به پنهنجو لوڪ رس پيش ڪندي، "سچل" سرمست جي ڪلام سان محفل کي متاثر ڪري، پنهنجو پاڻ موهيو. تنهن کان پوءِ پنهنجي مخصوص راڳيءَ عثمان ڪچيءَ کي وارو ڏنم، جنهن پهرين "آسا" راڳڻيءَ مان "مصري شاهه" جو اهو ڪلام ڳائي، سيد کي روئاريو ته "اٿئي مانجهاندي جو ماڳ، راه مسافه رات وهائي..." سيد سڏڪا ڀري روئندو ڏسي، مون کان به رهيو نه ٿيو. ٻڌاتا

وڏي واڪي، با آواز بلندڪيس چيم تہ "رات وصال ۾ هئا، تنهنڪري ٻهڪي مهڪي چهڪي رهيا هئا. هينئر جدائيءَ جي هجر ۾ اچي، روئي رهيا آهيو؟" جنهن جي جواب ۾ چيائون تہ "رات ڪيڏا نہ سيد، مير، پير، امير، وڏا ماڻهو ۽ وڏيرا تماشبين، محض رونشي ۽ تماشي خاطر اچي گڏ ٿيا هئا. اُهي تماشو ڏسي، واپس هليا ويا. فقط مون سان محبت ڪرڻ وارا محسن ۽ هي ڇوڪرا ئي باقي بچيا آهن." اُهي چند جملا بہ روئندي، سڏڪا ڀرندي، نيٺ مان نير وهائيندي، ٻڌائيندو رهيو. اهو ٻڌي، مون بہ شدت جذبات کان مغلوب ٿي، ٽپ ڏيئي اُٿي، سندس سامهون سازندن جي وچ ۾ بيهي، ڊفلي مان ڇٽڪارا ڪڍائي، تيئو وٺي، ضلعي، پيلي ۽ جهنگلي جي ميلاپ وارين راڳڻين مان لڳاتار چار ڪلام بغير ڪنهن ساه پٽڻ جي ڳائي پورا ڪيا. ٻين ڳائڻن ۽ سازندن بہ جوڙ ۾ چڱي مدد ۽ ساٿ سنگت ڪئي. ايتريقدر جو "علڻ" بہ حسب معمول پنهنجي عادت کان مجبور ٿي، مون سان گڏ ڳائيندو رهيو. پر ٻين ڳائڻن جي برعڪس منهنجي راڳ کي ٽڙو ڪري نہ سگهيو.

سيد سائين حسب دستور ڪيسي ۾ هٿ هٽي، سؤ جونوٽ ڪڍي، مون کي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. جيڪو مون بنسري نواز فنڪار محمد يوسف کي ڏياري ڇڏيو. گذريل سال بہ سيد جي ڪيسي ۾ جيڪي بہ چار پنج سؤ روپيا موجود هئا، اُهي سڀ منهنجي مٿان وارندي، مون کي ئي ڏيئي ڇڏيا هئائين. جيڪي بروقت ورهائي، مون اُنهن ڳائڻن فنڪارن ۾ اُتي ئي تقسيم ڪري ڇڏيا هئا. پر هن سال فقط اُهو ئي سؤ وارو نوٽ باقي بچيو هئس، جيڪو مون کي ڏنائين، ڇاڪاڻ تہ حويليءَ مان نڪرڻ کان پوءِ فنڪارن ۽ ٻين ننڍن وڏن کي خرچيون ڪپارون ڏيندي ڏيندي، اسان تائين پهتو هو.

محفل ۾ منهنجين ڳايل ڪافين ڪلامن، ماحول تي پنهنجو ڪافي گهرو اثر ڇڏيو. جنهن کان پوءِ ٽيئون مل اعتراض اٿارندي چيو تہ "رئيس سائين يڪ ساهيءَ ۾ چار ڪلام ڳائي ويو. تنهنڪري اسان کي بہ وڏيڪ ڪافين ڳائڻ ۽ ڪلام ٻڌائڻ لاءِ وارو ڏنو وڃي." جنهن تي ورندي ڏيندي، چيومانس تہ "منهنجي ڳايل چئن ڪلامن واري وقت کان وڏيڪ توهين ڳائڻا هڪڙي ئي ڪلام ۾ پنهنجو وقت وڃايو ٿا! پوءِ چاهي اُهو ڪافي ڪلام لڳي يا نہ لڳي." اهو جواب ڏيندي، سڄيءَ محفل کي "بنسري ڪٿا" ٻڌائيندي، بنسريءَ واري محمد يوسف کي وري وارو ڏنم.

بنسري ڪٿا

پنڌتن برهمڻن واري راڄ وقت هڪڙي هريجن اڇوت ۽ برهمڻن جي نظرن ۾ گهٽ ذات واري کي شوق پيدا ٿيو تہ علم حاصل ڪريان. سو ٽڪاڻن، مندرن ۽ گردوارن جي دروازن تي ويهي، پنڌتن جون ڪهاوتون، ڪٿائون، ڪويتائون، ۽ اشلوڪ ٻڌندو رهيو. ۽ گيتا، رامائڻ، مهابارت ۽ ٻين پوتر ڪتابن وير، شاستر ۽

پراڻن مان ايڏي تہ معلومات حاصل ڪيائين، جو انهن پنڊتن ۽ برهمڻن کان وڌيڪ گياني ۽ مهاوڌياوان ثابت ٿيو. پر جيئن تہ اُتي ڪيس سڀيئي هريجن ۽ اڇوت سمجهندا هئا، تنهنڪري اُنهيءَ شهر ۽ علائقي کي تياڳ ڪري، ديس ڇڏي پرديس پڌاريو. جتي ڪيس ڪنهن بہ نٿي سڃاتو، ۽ فقط مهاڳني ۽ مهاوڌياوان پنڊت سمجهي ۽ ڄاڻي، هڪڙو وڏو مندر سندس حوالي ڪيائون. اُتي هو وديا ڏيندو، مذهب جي تبليغ ڪندو، آشيرواد ڏيندو رهندو رهو. ايتريقدر جو اُنهي شهر ۽ ديس ۾ ڪيس ايڏي شهرت ۽ نامياچاري نصيب ٿي، جو هندو ڌرم وارا ڪائنس آشيرواد وٺندا رهندا هئا. تان جو هڪڙو برهمڻ پنهنجي ڪنواريءَ ڪنيا جو ساٿس ونواه ڪرائي، اُها ڪيس ارپن ڪئي. ۽ هو پنهنجي اُن پتنيءَ، ڌرم پتنيءَ سان ڪام وديا جي ڪامنا ۾ پرماتما کي وساري، آتما جي زير اثر يوگ ڪندو هو.

هڪڙي ڏينهن اچانڪ، سندس گرديو، مهاآتما پرماتما جو روپ ڌارن ڪري، ڪيس تنبيهہ ڪئي تہ "تون هڪ اڇوت ۽ هريجن ٿي ڪري، پوتر برهمڻ پتريءَ سان هي ڇا ڪري رهيو آهي؟" ايتريقدر جو سندس وويڪ بہ ڪام ديو جي آتما مان ٻاهر نڪري، ڪيس چينيڻ ۽ ملامت ڪرڻ لڳو. جنهن تي پاڻ پڪو پرن ورن ڪري، خود کي تياڳ ڏيئي، راتو رات غائب ٿي، بنواسي ٿيو. صبح جو جنهن وقت اُنهي برهمڻ ڪنيا جي اک کلي، تہ پنهنجي پتي ديو ۽ پران ناٿ کي الوپ ڏٺائين. جنهن تي سندس ڳولا ۾ چرين وانگر سنياس وٺي، بنواس بڻجي ويئي. ڪيئي جهنگل ٻيلا، ٿر بر، ميدان بيابان جهاڳيندي، ملڪن ۾ يڪتارو ڪٽي ڀڄن ڀاءُ ڪندي، ڳائيندي وڄائيندي، روئندي رڙندي، چيخندي چلائيندي، جوڳڻ بڻجي، واصل بالله ٿي ويئي. پنهنجي مجازي ڀڳوان کي وساري، اصل ڀڳوان سان لنئون لڳايائين ۽ پيچ پاتائين. ايتري تہ ڀڳتي ڪيائين، جو ڀڳوان، ڪرشن جو روپ ڌاري، اُنهي ديويءَ کي درشن ڏيئي، ٻڌايو تہ "تون پوتر آهين. تنهنجو ڪوبہ اپراڌ ڪيل ناهي." تنهن تي اُنهيءَ ديويءَ وراڻيو تہ "پوءِ جيڪڏهن آءٌ پوتر آهيان ۽ اپراڌي نہ آهيان، تہ پنهنجي چرنن ۾ رکي، مُک سان لڳاءِ تہ وشواس ٿئيم." هوءَ پنهنجي اُنهيءَ ضد تي قائم رهي. اهو ٻڌي، ڀڳوان ڪرشن الوپ ٿي ويندو رهيو، پر وري ديويءَ جي گهڻيءَ ڀڳتيءَ سبب بار بار درشن ڏيندي، ڪيس پرچائڻ مناڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو. پر اُنهيءَ جوڳڻ ديويءَ جو اُهو ئي ضد هو تہ "مون کي پنهنجي چرنن ۾ رکي، مُک سان ملا."

هڪڙي ڏينهن، ڪرشن ڀڳوان اگني ديوتا کي حڪم ڏنو، جنهن ڪيس پسم چٽي، جلائي راک ڪري ڇڏيو. پوءِ اُنهيءَ راک، ڪيريءَ ۽ ڦليار مان ڳولينديءَ ڦولينديءَ، اِها بنسري نڪتي، جنهن کي ڪرشن پنهنجي مک سان لڳائي، ديويءَ جي منوڪامنا پوري ڪندي، سندس آتما کي پرسن ڪيو.

اها ڪتا مهاراج پرياشنڪر گجراتيءَ، حيدرآباد جي رهواسيءَ کان ٻڌيم، جيڪو صبح سانجهيءَ گيتا ۽ ٻين پوتر پستڪن ۽ گرنٿن جا پاٺ ڪندو هو. اهڙيءَ

طرح سان مولانا رومیءَ بہ انهيءَ بنسريءَ بابت پنهنجي علم ۽ عرفان کي مدنظر رکي، بانس جي ڪاٺي چوندي، پنهنجي ئي شعر شاعري ۾ ڳايو وڄايو ۽ ٻڌايو آهي. جيڪو شعر نموني طور هتي هيٺ پيش ڪجي ٿو.

پشنو ازنے چُون حکايت مي کُند،
وز جدائي ها شکايت مي کند،
کز نيستان چون مرا ببريده اند،
از نفـيرم مرد و زن ناليده اند.

اهڙيءَ طرح سان شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ بہ "بنسريءَ" لاءِ چيو آهي تہ-

"وڍيل ٿي وايون ڪري، ڪُنل ڪوڪاري."

پر ڪرشن ڀڳوان واريءَ انهيءَ بنسريءَ ۾ ايڏو تہ سحرانگيز، پرڪش، وجد آفرين تاثر هوندو هو، جو جيت جانور، چرند پرند، حيوان ۽ انسان سڀيئي وجد ۽ لغزش ۾ اچي، مستانہ وار جهولڻ جهومڻ ۽ نچڻ پنبڻ ۾ لڳي ويندا هئا. مون انهيءَ بنسريءَ کي بنسري ڪٿا ۾ آڻي، محض انهيءَ لاءِ اُن جي درد ڀري دانهن، چيخ پڪار، سوز نهان کي آڻي، هتي سمائڻ جي ڪوشش ڪئي، جو سيد سائينءَ جن پنهنجي ڪتاب "جنم گذاريم جن سين" ۾ بنسري نواز نابينہ شاهہ محمد عرف "شاهو" جو فوٽو ڏيئي، ذڪر ڇيڙي، سوز نهان ۾ آڻي، پاڻ کي سندس همعصر ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي، پنهنجن دردن جي داستانن جي ترجماني ڪئي آهي. اسين بہ واقعي اهو تسليم ڪريون ٿا تہ نابينہ "شاهو" زوال پذير هو، پر انهي فن بنسريءَ کيس لازوال ڪري، امر بڻائي ڇڏيو ۽ هو اڄ بہ هر دردمند دل رکڻ واري جي دل ۾ موجود آهي. ساڳيءَ طرح سان سيد بہ پنهنجي لٽريچر ۽ علم ادب جي ڪتابن ۾ مستغرق رهندي بہ نينهن نيائي، ڪتابي بنسري وڄائي، پاڻ کي هميشہ لاءِ لازوال ۽ امر بڻائي ڇڏيو آهي. فرق فقط ايترو آهي تہ بنسري نواز نابينہ شاهوءَ کي سنڌ جي محدود ۽ مختصر ماحول ۾ جيوتا حاصل آهي، تہ سيد کي وري بين الاقوامي امرتا.

ڳالهہ هئي سيد جي 1980ع واري سالگرہ جي، تہ ڪيترن ئي الف ليلوي داستانن مان ٿيندي، افسانن مان پار پوندي، ماديت، روحانيت، عرفانيت، انسانيت ۽ فطرت جا ڪيئي باب پورا ڪري، وري بہ ساڳيءَ جاءِ تي پهتا آهيون.

انهيءَ سالگرہ جي موقعي تي، ڪيترائي تجربا ۽ نصيحتون حاصل ٿيون. ڪيترن ئي غلط فهيمن مان نڪري پار پياسين. پر خلوص طور بہ ڳالهيون تجربي ۾ آيون، جيڪي تجربي طور يادگار رهنديون. جنهن مان هڪڙي اها ڳالهہ آهي تہ سيد جي سالگرہ واري ثقافتي محفل عروج حاصل ڪري، قطعي طور چوٽ چڙهيل آهي، جنهن ۾، حسب معمول، منهنجي صدارت يا منهنجن راڳين جا ساز آواز هيچ ۽ هيٺ آهن. جن جي هاڻي ڪابہ ضرورت باقي نہ رهي اهي. هن وقت تہ ڪيس فقط گوين

جي گہ گہ گہ، ۽ نفسانيت جي تشنگيءَ خاطر نسواني آواز جي گهرج ۽ ضرورت آهي. جنهن جي پورائي اسين ڪري ئي نٿا سگهون. جيڪڏهن ڪجهه ڪري سگهون ٿا تہ پاڻ وري حضور شرميءَ ۾ اچي، شايد قبول ئي نہ ڪري. پر تنهن هوندي بہ اسين ڪيس قطعي طور حق بجانب سمجهون ٿا. ڇاڪاڻ تہ پنهنجي همسفر ۽ شريڪ حيات کي هينئر تازو هميشه هميشه لاءِ ابدي بٽائي، وڇوڙو ڏيئي، وڃائي ويٺو آهي. انا لله و انا اليه راجعون چئي، ڪل نفسٍ ذائقه الموت چوندي، جُز کي ڪُل جي حوالي ڪري، قُل پڙهي، دعا ٿو ڪريان تہ الله تبارڪ و تعاليٰ ڪيس پنهنجي جوارِ رحمت ۾ رکي، جنت الفردوس ۾ جايون ڏئي ۽ سيد سائينءَ کي صبر عطا ڪرڻ سان گڏ رومانس ۽ رومانوي يادن ۾ ئي مصروف رکي.

اسين بہ سندس 76 ويں سالگره جي جشن ملهائي، خلاف طبع ۽ توقع فرسوده ۾ عوامي مانيون ڪائي، پنهنجن رفيقن ساٿين ۽ همرڪاب فنڪارن سميت بغير ملڻ موڪلاڻ جي واپس ٿياسين. ڇاڪاڻ تہ پاڻ ڇوڪرن ۾ ايڏو تہ اُڃهيل ۽ مصروف هو، جو اسان کي ڪابہ اهميت نہ ڏنائين. حالانڪہ هميشہ ٻين سيني مهمانن کان وڌيڪ اهميت ڏيئي، مانُ مٿاهون ڪري، موٽر تائين موڪلاڻ هلندو هو. پر هن پيري اسان کي پنهنجي رهائشي قيام گاه ۾ يتيم ۽ اڪيلو ڪري، ٻين ساٿين سميت ڇوڪرن جي رفاقت ۾ پنهنجين حويلين ڏانهن روانو ٿي ويو. اهو بہ ڪونہ سوچيائين تہ پويان ڪنهن نازڪ طبع ۽ حساس دل کي اڪيلو ڇڏيو پيو وڃان- "پهرين ڏيئي پيار، پوءِ گڏيائون گوندرين."

تنهن هوندي بہ آءٌ پنهنجن رفيقن ساٿين، فنڪارن ۽ خدمتگارن سان گڏ، اُنهيءَ ڪُٽيا ۾ پهتس، جتي اڪثر ڪري پاڻ قيام پذير هوندو آهي. اُتي بہ مون کي سندس سڄڻ دوستن، سياسي همسفرن ۽ همرڪابن جو جهمگهٽو ۽ چهچٽو ڏسڻ ۾ آيو. جتي مون کي ڏسي، سندس کي خاص خدمتگار ڪيس وٺڻ ويا. پر تنهن کان اڳ جيسين پاڻ پهچي ئي پهچي. اُتان پنهنجي سفر جي سواريءَ ۾ واپس روانا ٿي چڪا هئاسين. محترم محمد ابراهيم جويي اها ڪمي پوري ڪرڻ خاطر موٽر تائين ساڻ گڏ هلي، رخصت ڪيو. تنهن کان پوءِ جامشوري ۽ حيدرآباد کان ٿيندا، اچي وطن جا وڻ ڏٺاسين. "ڏٺو سڀ وسار آڻ ڏئي کي ياد ڪر."

وڏيرو بوبڪ ٿيبو ۽ سندس يادون

سيد جي انهي مٿئين سالگره تي منهنجو پراڻو وسريل ۽ وساريل دوست، وڏيرو عبدالرحمان عرف بوبڪ ٿيبو، انهي لاءِ ياد آيو، جو سندس فرزند ارجمند حسين بخش ٿيبو، سيد ۽ "جيئي سنڌ محاذ" تحريڪ سان وابستہ هئڻ سبب، اُتي آيل هو، ۽ مون سان ملاقاتي ٿيو. مون ڪانئس سندس والد محترم جن جي خيريت پڇڻ کان پوءِ، سندس تعليم تربيت بابت بہ پڇاڻو پڇيو. پاڻ جواب ڏيندي، ايم- اي

ٻڌايائين. مون سوچيو: تربيت، ماحول جي وارثن ۽ سالڪن جي صحبت مان ئي حاصل ٿيندي آهي، ۽ هي ته اجان ٻاراڻي ۽ ڇوڪراڻي ماحول ۾ اپجي نپجي رهيا آهن. ته محبت به ساڳي ئي نصيب هوندين. مون سندس مٿي تي اجرڪ جو مولاٽو ٻڌل ڏسي، عجيب غريب ۽ تعجب آميز نگاهن سان ڏسندي، ڪانئس وري سوال ڪيو ته "ايم- اي پاس ڪيل ڇوڪرا چاهي ڇوڪريون ته فيشن ايبل هوندا آهن؟" جنهن جي جواب ۾ وراڻيائين ته "ٻهراڙيءَ جي ماحول سان گڏ، زمينداري ڪمن ڪارين ۾ به مشغول رهان ٿو. ڇاڪاڻ ته والد صاحب، ٿيڻا قوم جو سر پينچ ۽ صدر هئڻ جي حيثيت ۾، سڄو وقت نيائن ۽ فيصلن ۾ گذاري ٿو."

هونءَ ته سيد جي اُنهي حسين، پياري، دلڪش، پاڪيزه ۽ پرشڪوه ماحول ۾ وڏيري بوبڪ جي سوٽ محترم خير محمد ٿيبي جو فرزند ارجمند محمد سومار عرف علڻ ٿيبو ته هيمشه ڪان برابر رهندو آيو هو، جنهن ڪي سيد پنهنجي خذمتگاريءَ سان گڏ زمينداري ڪمن ڪارين ۾ به هميشه سان ئي گڏ رکندو رهيو هو، جنهن پنهنجي انهن فرضن جي ادائگيءَ سان گڏ اسان جون به گهڻيون ئي خذمتون ڪيون ٿي، پر وڏيري بوبڪ جي صالح، تندرست، توانا ۽ صحتمند ڀڙي ڪي اُتي ڏسي، منهنجي دماغي پردي (Screen) تي سندس ياريءَ دلداريءَ جو پيارو، حسين، دلنشين ۽ پراڻو دور، 1932ع کان وٺي، جيڪو ڪيترين ئي انمول ياداشتن تي مشتمل هو، اچي سامهون اکين آڏو بيٺو. آءٌ افسرده ٿيندي، حسرت وياس سان ٿڌا ساه ڪڍندي، عبرت حاصل ڪرڻ لڳس.

وڏيري عبدالرحمان عرف بوبڪ ٿيبي سان منهنجي پهرين ملاقات، پنهنجي رومانوي سفر دوران بٽايل دوستن محمد حيات حاجاڻي، بهاول خان حاجاڻي، غلام محمد خان حاجاڻي، الهه بخش دل عرف "ڪاڪا"، حسين راجڙ، الهڏني چاڪيءَ، عباس علي شاه سيد، نم خاصخيليءَ ۽ خادم پٽاڻ ميرپورخاص ۽ لڳ ميرپورخاص وارن سان گڏ ٿي مني. تنهن وقت آءٌ نهايت ئي حسين، خوبرو شهزادو لڳندو هئس، ۽ نوخيزيءَ مان عالم شباب جي پهرئين ڏاڪي تي پهچي، پنهنجيون راهون، واٽون، رند پيچرا الڳ ٺاهيندي، ٽڙڪندي ٽاپڙندي، هلندو چلندو هئس. مختلف مختلف ۽ قسمين قسمين قيمتي ڪپڙا، دريسون ۽ ويس وڳا پائي، انگلند جون ٺهيل ترڪي ڪرسٽي ٽوپيون، اعليٰ ترين مشهدي لونگيون، ٺٽي ۽ نصرپور جون ٺهيل ملڪان مشهور ريشمي ۽ زري دار، رنگ برنگي لونگيون ٻڌي، هڪ اميراڻو ۽ شاهاڻو ٻار لڳندو هئس.

منهنجا ميرپورخاص وارا سنگتي ساٿي، دوست احباب مون کي لاڏ ڪوڏ سان هميشه شهزادو ڪري اڳيان رکندا هئا. رومانوي دور کان وٺي وڏيري بوبڪ سان ملاقاتي ٿيڻ تائين، ڪيئي رنگ روپ، مجلسون محفلون، ميزبانيون ۽ مهمانيون ٿينديون رهنديون هيون. وڏيري بوبڪ جي شامل سفر ٿيڻ کان پوءِ ته اُهي ويتر وڌي

عروج حاصل ڪندي، وڃي شباب تي پهتيون. ايتريقدر، جو منهنجا ساٿي ۽ دوست اُها جاءِ نہ ڏسندا هئا، جتي ڪٿي مون کي ويهارين. منهنجي خدمت چاڪريءَ ۾ هو ڪابہ ڪسر باقي نہ ڇڏيندا هئا.

اُنهيءَ وقت آءٌ پنهنجي هڪ پاڙيسريءَ جي مدد خاطر اُتي پهتو هئس، جنهن جي زال کي ڪو لنب لوفر، سبز باغ ڏيکاري، چڪما ڏيئي، چوريءَ برغلائي، اغوا ڪري، ڪٿي ويل هو. اُنهيءَ جي جستجو، ڳولا ڦولا ۽ تلاش ۾ ميرپورخاص وارن دوستن، راڄن ياڳن ۽ اوڙي پاڙي جي ماڻهن منهنجي ڪافي مدد ڪئي. جنهن ۾ پندرهن ويهن گهوڙن ۽ گهوڙيسوارن جو قافلو ساڻ گڏ هو. پوءِ اڄ هن ڳوٺ ۾ تہ سياڻي ٻئي ڳوٺ ۾، تہ پرينهن وري ٽئي ڳوٺ ۾- جتي ڪٿي ڇيلا، ڪڪڙ، پلاءِ، ڪورما ۽ ست رڇي طعام ڪائيندا ٿي رهياسين. اُنهيءَ سفر ۾ راتين جو سدائين ڳائڻ وڄائڻ جي ثقافتي رهاڻ رس ۽ سگهڙپڻي جا ڏور ٻجهارتون ڳجهارتون، ڏٺ، هنر ۽ نڙبيت تہ هوندا ئي هئا.

اُنهيءَ مهم ۾ تہ ڪامياب ڪونہ ٿياسين، جيڪا حق واري کي حق وٺي ڏيڻ لاءِ جاري ٿيل هئي. پر محبت، صداقت ۽ دوستيءَ ياريءَ جو دائري ڪار ۽ حلقو تمام گهڻو وڏي، ويجهي ۽ وسيع ٿي ويو. ايتريقدر، جو جملي سڀيئي دوست هڪ ٻئي مٿان فدا ٿيندي، سر قربان ڪرڻ لاءِ بہ تيار ٿي ويندا هئاسين. پوءِ اُهي رنگ ترنگ، ڳوٺن گامن مان نڪري، ميڙن ملاکڙن ۽ شادين مرادين تائين وڃي پهتا. جن مان اڪڙيءَ ۾ "پٽوري" جو ميڙو ۽ ماتليءَ ۾ منهنجو ئي لڳايل مچايل "گل غيبيءَ" جو ميلو قابل ذڪر هئا. جن ۾ ثقافت، سخاوت، شجاعت ۽ ظرافت خوب هوندي هئي. پٽوري جي ميڙي ۾ اسان جو انتظام شادي پليءَ جا سڪ گلاب سنگهہ، بصر سنگهہ ۽ ٻيا ڪندا هئا، جتي ياٽي همت سنگهہ جي گردواري جو گدي نشين ياٽي داسو سنگهہ، پنهنجن انيڪ شيوڪن، چيلن چانٽن، داسن ڀڳتن، ياترين ۽ پيروڪارن سان گڏجي برجمان ٿي پڌاريندو هو. "واهہ گرو" "واهہ گرو" ۽ "ست سري اڪال" جا هوبا ۽ نعرا بلند ٿيندا هئا. تنهن سان گڏ ناري جا بہ ڪيئي وڏيرا اسانجين انهن ثقافتي، ادبي ۽ ظرافتي محفلن جو حظ حاصل ڪرڻ خاطر، اسان جي دربار ۾ اچي حاضر ٿيندا هئا.

هڪڙي ڀيري اسان جي انهيءَ ثقافتي ۽ ظرافتي دربار ۾، سڄي پٽوري جي ميڙي تي آيل چرچائي، يوڳائي، مسخرا ۽ في البديهہ ٽوڪرباز محض انهيءَ لاءِ اچي گڏ ٿيا هئا، تہ "ڀنيو" ميربحر ماتلي وارو، جيڪو سگهڙ پڻي سان گڏ ظرافتي رنگ جو بہ چنمپين هو، سو اُنهيءَ محفل ۾ موجود هو. ڳائڻ وڄائڻ واري ثقافتي رنگ کان پوءِ، جڏهن ٽوڪرباز، ظرافتي مجلس برپا ڪري، "ڀنيي" ميربحر سان همڪلام ٿيا، تہ هڪڙي قسم جو طوفان اچي ويو، هوبو مچي ويو ۽ شور برپا ٿي ويو. ماڻهو ڳائڻ وڄائڻ واري سنجيدگيءَ ۽ غنودگيءَ مان نڪري، هشاش بشاش ٿيندي، ايڏ و تہ

ڪليا، جو سڄيءَ دربار ۾ چني اندر ويٺلن جي پيٽن ۾ ور پٽجي ويا.

جيئن تہ اُنهي مهل ٻنپهرن جا تقريباً ٽي لڳي رهيا هئا ۽ منجهند جي مانيءَ جو ٽائيم ۽ ويلو ٽري چڪو هو، تنهنڪري پائي داسو سنگهہ، بصر سنگهہ ۽ گلاب سنگهہ کي رسوئي آڻڻ لاءِ چيو، جنهن ۾ اسان جي ماتليءَ واري جڳہ مشهور زميندار پورا سنگهہ جا پٽ سندر سنگهہ ۽ مُڪل سنگهہ بہ شامل هئا. ٻئي پاسي وڏيري بوبڪ ٽبسر ۽ ٽوڪرن جي پڇاڻي ڪندي، جنهن ۾ جملي ٽوڪرباز چرچائي پنيي ميربحر کي وڪوڙي ويا هئا، ماني کائڻ لاءِ چيو. پر انهيءَ وقت قاضي احمد جي سادا چار فٽ قد واري بندري ۽ بوني چرچائي قاضيءَ، پنيي ميربحر کي آخري ٽوڪر هڻندي، پنهنجي برتري تسليم ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي، جيڪو انهن گهڻن يڪطرفہ ٽوڪرن، چرچن گهڻن ۽ مذاقن کان ٽڪجي، مايوس ٿي چڪو هو. چاڪاڻ تہ پاڻ اڪيلو هو، ۽ ٻئي پاسي ميڙي جا جملي چرچائي، ٽوڪرباز، مسخرا يڪجاءِ ۽ گڏ هئا، جن ۾ ڪي مهاٽا، ماڇي ۽ پيل، ڊيڊ، تہ ڪي وري شيدي بہ موجود هئا. پنيي مرحوم بہ گهڻن ئي ماڇين کي مڇيون ڪارايون، پيلن کان پيلاڙا ڪرايا، ڊيدن کان ڊيڊڪارون ڪرايون ۽ شيدين کي ناچ ڪرائيندي جُيون ڪڍايون. هڪڙي شيديءَ کي اها بہ ٽوڪر هنيائين تہ "جڏهن شيدين جون جُيون واه ۾ ڪري پونديون آهن، تہ ائين معلوم ٿيندو آهي جيئن ڇڻ تہ ڪُتيون ترنديون ويندیو اَهن!" پر سامهون ٽوڪرباز چرچاين جي گهٽائيءَ سبب، ڪانئن ٽڪجي، مايوس ٿي چڪو هو. اِهو موقعو ڏسي، وجهہ وٺي، اُنهيءَ بندري بُوني قاضي چرچائيءَ پنهنجن ساٿين کي چيو تہ "هاڻي پنيي کي ٻوٽاڙو ڏيئي، ڪيس ساڻ ڪري وٺي وڃي، تلاءِ تي پاڻي پياريوس، تہ جيئن ٿڌو ٿئي."

پنيي، باوجود گهٽيءَ ٽڪاوٽ هئڻ جي، اُنهيءَ بندري قاضي مسخري کان سندس ڳوٺ جو نالو پڇيو. جنهن تي هن "قاضي احمد" ٻڌايس. جنهن تي پنيي مرحوم محفل ۾ موجود جملي آيل ماڻهن ڏانهن منهن ڪندي، ساڻن مخاطب ٿي، چيو تہ "آءٌ جڏهن قاضي احمد ويس تہ ماڻهن کي عام طور پان کائيندي ڏٺم. پر جڏهن هن بندري قاضيءَ کي ڏٺم، جيڪو گڏهن جا چٽا چٽي رهيو هو، تہ کانئس پڇيم تہ "اڙي ٻچڙا، تون هي ڇا ٿو ڪرين؟" تہ پاڻ جواب ڏيندي چيائين تہ "چاچا! سجو آهيان، پيسو ڪونہ اٿم، تنهنڪري ٻين جي ريس ۾ چٽا چٽي، چپ ٿو ڳاڙها ڪريان!" اهو چرچو ٻڌڻ شرط ماڻهن ۾ ڪل جو ٿهڪڙو مچي ويو. ماڻهو ڪلندي ڪيرا ٿي پيا. انهيءَ شور شر ۽ غوغا ۾ مجلس ختم ڪري، وڏيري بوبڪ ٽيبي نماز جوٽي. ٿوريءَ دير ۾، پوءِ، پائي داسو سنگهہ رسوئي گهرائي، ۽ پوءِ هڪڙي پاسي "واه گرو جي جئي جئي" ۽ "ست سَري اڪال" جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا، تہ ٻئي پاسي کان وري "الله اڪبر" "الله اڪبر" جا نعرا بلند ٿيا، ۽ عوام انهن وڏن آوازن ۽ فلڪ شگاف نعرن کان پوءِ منتشر ٿي يو، تہ اسين وري مانيءَ ۾ جُنبي ويا سين.

هونءَ تہ وڏيري بوبڪ ٽيبي سان ٻيون ڪيترين ئي محفلون، مجلسون ۽ يادون وابستہ آهن، جن ۾ سندس اصلي ڳوٺ ٻڌاپور جي پرسان وڃي، سندس پائٽئي "علڻ" عرف سومار جي شاديءَ ۾ شرڪت ۽ ميرپورخاص جي ويجهو رتن آباد ريلوي اسٽيشن جي سامهون سندس فرزند ارجمند ڪريم ڏني جي شاديءَ خانہ آباديءَ ۾ ڪاڄ جو ڏٺي ٻڌجي، ڪيئي رنگ روپ ڪندي، ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون مهڪائي، ٻهڪائي، چمڪائي آيا آهيون، جن ۾ وڏيري بوبڪ ۽ سندس عزيزن قريبن اسان جي خاطر مدارات ۽ مهمان نوازيءَ ۾ ڪابہ ڪس ڪسر نہ ڇڏي، ۽ سارو وقت ڪين اسان جو ئي ٽولو نظر ٿي آيو، جنهن ۾ مرحوم ينيو ميربحر تہ هميشہ ساڻ گڏ، شامل محفل ۽ همسفر هوندو هو.

هِن محبتن، قربتاً ۽ صداقتن سان گڏ، دلدار دوست، وڏيري موصوف کي مڙسن جو مڙس چوندا هئاسين، ۽ ڪيس هر طرح مردانہ وار، جرئت مند، باهمت، دل وارو، بهادر ۽ وفادار سمجهندا هئاسين. پر هڪڙي نندڙي مگر تمام وڏي ڳالهہ اها ٿي، تہ منهنجي ڏاڏي سائينءَ خليفي مراد علي خان جي هٿ جو لکيل نادر، اٿلپ ۽ نايابِ قلمي قريبا ست سؤ صفحن تي مشتمل تاريخي ڪتاب، جيڪو اُنهيءَ وقت جي ٻوليءَ ۾ منظوم هو، جنهن ۾ دعائون، وظيفا، مداحون مناجاتون ۽ خمسہ، تنهن سان گڏ بيماريون ۽ اُنهن جي تشخيص، علاج ۽ نسخا تحرير ٿيل هئا، جيڪي ڪتان ڪتان، ڪهڙن ڪهڙن حڪيمن، راجائن مهاراجائن، رجواڙن، نوابن، جاگيردارن، ميرن، پيرن، اميرن، درگاهن، خانقاهن کان هٿ آيل هئا، اُنهن جا حوالا، ڪيترين ئي قسمن جا خميرا، معجونون، ڪشتا، اُنهن جي ناهڻ مارڻ جون ترڪيبون ۽ استعمال تجويز ڪيل هيون- ممڪن هجي تہ انهن تحريرن ۾ ڪي سون چاندي ناهڻ جا نسخا بہ موجو هجن- پاڻ اُهو نادر الوجود قلمي نسخو، محض اِهو چمڪو ڏيئي، امانت طور ڪٿي ويو تہ "تمام جلد واپس ڪندس." پر اڄ ڏينهن تائين ڪيترن ئي قسمن جا حيلا بهانا ڏيندو، ٽاريندو، ائين چوندو رهيو تہ "ڪتاب کي اُڏوهي ڪائي ويئي آهي." يا وري هيءُ تہ "منهنجو پٽ ڪريم ڏنو ڪٿي ويو آهي، جنهن کان ڪتاب گم ٿي ويو آهي" وغيره وغيره. اهڙي قسم جا ٻيا بہ ڪيئي حيلا بهانا ڏيندو رهيو. پر افسوس، جو باوجود منهنجي انهيءَ تسلا ڏيڻ جي بہ ڪتاب واپس نہ ڪِيائين تہ "ڪنهن خوشخط خوشنويس کان ڪتاب اُترائي، ڪاپي ڪرائي، توکي ڏيندس. يا وري تون خود پاڻ ئي ڪتاب ڪنهن ڪاتب خوشنويس کان لکرائي، ڪاپي ڪرائي، اصل نسخو مون کي واپس ڪري ڏي- ڇاڪاڻ تہ اِهو منهنجي ڏاڏي سائين جن جي مبارڪ هٿن جو لکيل هڪ خانداني ۽ قيمتي ڪتابَ آهي."

محض انهيءَ ڳالهہ تان اهڙيءَ وفادار شخصيت کان جدائي ۽ ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻي پيئي. جنهن کي هميشہ وفادار، جرئت مند، باهمت، دلوارو ۽ بهادر محسوس ڪندي، مڙسن جو مڙس چوندا هئاسين. پر پاڻ خاصو موچارو سبق ڏيئي،

عبرت ڏياري، اسان جي محبت ۽ صداقت تان دستبردار ٿي ويو. جنهن سان انيڪ محبتون قربتون، سچايون صداقتون، محفلون وابسته هيون. آءٌ به ڪيس بيوفا، موقعي شناس، خود غرض، لالچي ۽ مطلبي سمجهي، ڪانئس پري پري رهيس. ايتريقدر، جو وٽس اچڻ وڃڻ، ملڻ جلڻ جو سلسلو به بند رهيو. شاديون مرادين ته خير، پر فاتح خوانين تي به هڪبئي وٽ اچي وڃي نه سگهياسين. ٻيو ته ٻيو پر منهنجي ياداشتن تي مشتمل هن "ڪيئي ڪتاب" ۾ به، سندس ڪو مضمون اچي نه سگهيو، جيڪو هن کان تمام گهڻو اڳ پهرين ڀاڱي جلد ۾ اچي سگهيو ٿي.

پر هينئر جڏهن سنڌ جي سائينءَ، غلام مرتضيٰ شاه سيد، جي سالگره تي، سن ۾، سندس اجرڪ جي مولاتي ٻڌل ايم - اي پڙهندڙ فرزند ارجمند، ٻچڙي حسين بخش سان ملاقات ٿي، ته وسري ويل پراڻيون يادون، تازه به تازه ۽ نوبنو ٿي، اکين اڳيان آڏو آيون. وڏيڪ پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو ته پاڻ لڳ ميرپورخاص اُنهيءَ زميندارئ تي رهي ٿو، جتي اسين سندس پٽ ڪريم ڏني جي شاديءَ کان به اڳي، ڪيئي ڀيرا محفلون مجلسون ڪري، دعوتون کائي آيا هئاسين.

دل ڇڪي کاڏي ۽ وفادار طبيعت آماده ڪيو ته ٻين پروگرامن سان گڏ ميرپور خاص جو پروگرام ٺاهي، ميرپور خاص ٽنڊو آدم روڊ ڏيئي، ڪچو لنڪ رستو، واٽون ۽ پيچرا وٺي، سندس زميندارئ ۽ زير تسلط ٻنيءَ واريءَ اوطاق تي پهتس. جتي سندس ڪمدارن ڪاروان، ڪڙمين ۽ هارين سان گڏ، سندس ٻيو ننڍو فرزند مليو. جنهن سان رهيل رهايل فاتحه خوانيون ۽ هٿ فاتحون ڪري، چاڙهوت ڏيئي، واپس وري آيس. تنهن کان پوءِ پاڻ منهنجي اچڻ جو ٻڌي ماتليءَ آيو. هڪبئي جون حڪايتون شڪايتون ٻڌي سٽي، گذشته تي صلوات پڙهي، هڪبئي سان هڪ ٿي وياسين. آءٌ ته هميشه ڪيس سندس ڪٽنب قبيلي ۽ ٻچڙن سميت دعائون ئي ڏيندو رهان ٿو ته شال خدا کين سدائين باغ بهار ۽ شادآباد رکي، ۽ ڪيس ايمان جي سلامتي ڏئي، جيئن پنهنجن دوستن احبابن، عزيزن قريبن ۽ صداقتمندن سان مخلص، سچو، ايماندار، وفادار ۽ صداقتمند ٿي رهي. اُنهيءَ کان پوءِ هن وقت تائين، ٻيهر وري ساڻس ڪابه ملاقات نه ٿي آهي. حالانڪه منهنجي ٻچڙي هاشم رضا کي تحفي طور پرت پريل ٽڪن واري ٽوپي ڏيئي، اهو واعدو ڪري ويو هو، ته "هاڻي گذريل دور کي وساري، آئينده اميد ته جلدي جلدي ملاقاتون ٿينديون رهنديون."

ڪچان ته ٿئي ڪوڪ (رسوائي)، صبر آءٌ نه سهان،
ڪنهن کي ائين چوان، ته مون کي ماريو سڄڻين.
(شاهه)

ٽنڊو جام، پائي همت سنگهه جو گردوار، گرنٿ پاٺ ۽ پائي داسو سنگهه

وڏيري بوبڪ جي ذڪر خير کي هلائڻ سان گڏ، پائي همت سنگهه جي گردواري، ٽنڊي جام، جي گادي نشين پائي داسو سنگهه جي نالي اچڻ سان سندس ڪي پريم پيار جون رس پريون گهڙيون به هن مضمون ۾ آڻڻ ضروري سمجهان ٿو.

پائي داسو سنگهه، دربار صاحب همت سنگهه جي ورسيءَ واري ميلي جي موقعي تي وڏيءَ سڪ، حب، اُڪير، اُتساه، چاهت ۽ پريم پيار سان نيندِ ڏيئي، گهرائيندو هو. اهو گردوارو، ٽنڊي جام ۾، ڏوري جي ڪپ تي وڏن وڏن بلند و بالا سايه دار وڻن جي وچ ۾ ٺهيل محل نما سنگمرمر جي پٿرن سان اڏيل ۽ نقش نگاريءَ سان جڙيل عاليشان عمارت ۾ هوندو هو. جتي پڻ گرونانڪ جي دربار صاحب وانگر، ڪٿي ڪلاسيڪل گويا ڳائيندا رهندا هئا، ته ڪٿي ڀجن ڀاءَ جو جو پريم رس هوندو هو. ڪٿي سڪ سنت گرنٿ کولي پاٺ ڪندا هئا، ته ڪٿي وري هندو ديويون ۽ خالصه سکٽيون، گرونانڪ صاحب جون ٻائيون ۽ اشوڪ ٻڌندي، نظر ايئنديون هيون. هڪ عجيب، پاڪ صاف، پوتر ۽ پيارو سمو هوندو هو. اُتي اسين به ساڻن سڀ مت پيد ۽ ويڇا وساري، هڪ ٿي ويندا هئاسين. جنهن ۾ هندو مسلمان، سک، عيسائيءَ جو ڪوبه ويڇو ڪونه هوندو هو. سنت ڪُرمُڪ سنگهه ماتليءَ واري جو گرنٿ پاٺ ايڏو ته پيارو، خوش الحان ۽ وٿندڙ هوندو هو، جو سڀيئي سکٽيون اپسرائون ۽ هندو ديويون، اکيون پوري بي سڌ بڻجي، بيساخته جهوليندڙيون جهومنديون رهنديون هيون.

مون اڪثر ڪري ڏٺو آهي ته انهن سڀني مقدس مذهبي ڪتابن کي پڙهڻ جو نمونو يا انداز، پرارٿنا، ڀڳتي، پوڄا پاٺ ۽ دعا وانگر عبادت رياضت ۾ اچي، قريباً قريباً هڪڙوئي هوندو آهي. جنهن ۾ خدا، پرمهاآتما ۽ مختلف مختلف مذهبن جي اوتارن کي ريجهائڻ، پرسن ۽ خوش ڪرڻ جي ڪوش هوندي آهي. پوءِ چاهي اُنهن جون ٻوليون ڪٿي ڪهڙيون ئي ڇو نه هجن، پر سندن آلاپ ۽ انداز هڪڙو ئي هندو آهي. پوءِ اُهو چاهي گرنٿ هجي يا گيتا، انجيل هجي يا زبور، توريت هجي يا قرآن. ڇاڪاڻ ته سڀيئي مذهب ۽ سندن اُهي مقدس ڪتاب، فقط پريم پيار، امن امان، سڪ سانت، پائيچارو ۽ نيڪ ناميون ڪٿي آيا هئا. پوءِ انهن کي خود غرضن، مفاد پرستن محض پنهنجي جاه و جلال کي قائم رکڻ خاطر ئي استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ جنگ و جدل، خون خرابا، اختلاف، تشدد ۽ بدناميون پيدا ٿي پيون آهن.

مون کي ته گيتا، گرنٿ، قرآن پڙهندڙ ۾ رب العالمين کي اڳيان رکي، حق هيڪڙائي ۽ هڪجهڙائي نظر ايندي آهي. پوءِ انهيءَ کي وحدانيت چئجي يا ويدانيت، الله تبارڪ و تعاليٰ ساري عالم جو خالق خلقڻهار پرورش ڪندڙ پالڻهار ۽ رب

آهي، نہ ڪي هڪڙي مذهب يا فرقي جو. جيڪڏهن هڪ ئي فرقي يا مذهب جو رب هجي ها، تہ پاڻ کي فقط اُنهيءَ سان ئي منسوب ڪندي، رب العالمين نہ سڏائي ها. ڪنهن ٻئي فرقي سان ئي منسوب ڪندي، رب العالمين سڏائي، هو تہ ڪل ڪائنات جو الله، خلقڻهار ۽ پالڻهار بڻجي ويو آهي. پوءِ ڪنهن جا ڪهڙا تہ ڪنهن جا ڪهڙا عقيدا ڇو نہ هجن. پاڻ ڪن کي سومنات مندر جي بتن ۾ نظر آيو، تہ ڪن کي ٻڌمت ۽ جين مت جي وهارن ۽ عبادتگاهن ۾، ڪن کي گرونانڪ جي دربار صاحب ۾، ڪن کي ديولين ۽ ڪليسائين ۾. تہ ڪن کي وري وحدت الوجوديءَ اندر پنهنجو پاڻ ۾ ڏسڻ ۾ آيو. پر آهي اُهو هڪڙوئي، جيڪو ڪن کي وري، سجدو ڪندي سندس ڪعبي ۾ نظر آيو. جنهن جا مختلف نالا رکيا اٿن، ۽ سندس جدا جدا روپ انوپ آهن.

ڳالهہ هلي پئي پائي همت سنگهہ جي ميلي جي، تہ وڃي ايڪو اهنڪار، وحدانيت ۽ويدانيت ۾ پياسين. هاڻي وري ميلي واري ساڳئي مضمون تي واپس اچون ٿا.

هونءَ تہ دان پُن پرساد سان گڏ رسوئيءَ جوانتظام بہ انهيءَ دربار صاحب ۾ ئي هوندو هو. پر اسان جي مانيءَ جو بندوبست خاص طور ڪن ڪروڙ پتي هندو سيٺين وٽ سندن بنگلن تي رکندا هئا. محض انهيءَ لاءِ تہ مٽان ڪٽي اسان کي جهاٽڪي واري گوشت جو خيال ٿئي. جيڪي سڪ خالصا ڪرپانن ۽ تلوارن سان چيلن، ڪڪڙن، تترن ۽ ٻين پرندن جانورن کي هڪ ئي وار سان جهاٽڪو ڪندي، "واه گرو" "واه گرو" جا نعرا هڻندي، ڪهي، رڌي پچائي، ڪائيندي هئا، جيڪو سندن مذهب ۽ اصولن ۾ جائز هوندو هو.

اسان جي مانيءَ جو بندوبست جن هندو سيٺين وٽ ٿيندو هو، اُهي مسلمان ڪاسابن کي گهرائي، چيلا، ڪڪڙ، تتر ذبح ۽ حلال ڪرائي، بورچين کان رڌرائي پچرائي، پاڻ بہ اسان سان گڏ ويهي ڪائيندا ۽ ڪارائيندا هئا. جنهن ۾ اڪثر ڪري جام مينا جو دور هلندو هو، تہ انهيءَ سان گڏ ڳائڻ وڄائڻ جو بہ. جنهن ۾ گادي نشين پائي داسو سڪنهہ، سندس مکي چيلو لالا سنگهہ، ماتليءَ واري پورا سنگهہ جا پٽ سندر سنگهہ، ميلاپ سنگهہ ۽ مکل سنگهہ، ۽ ڏيشو مل جنهن جو چاچو وڏو ڪلاڪار مهاڳني راڳ وديا جو ڄاڻو ۽ پارکو، ڪيئي ساز وڄائيندڙ ۽ سيٽ وشنداس مانجهوءَ واري وانگر سخي سيٺ هو، تنهن سان گڏ ٻيا بہ ڪي سڪ ياتري، مهاراج ۽ پنڊت شامل هوندا هئا. اڪثر ڪري اهي محفلون حسين، دلڪش، سحرا انگيز، نشاط آفرين ۽ جادونگريءَ وانگر ڏسڻ ۾ ايندڙيون هيون. شام جو ملاڪڙو لڳندو هو، جنهن جي پهلواني ڪرتبن ڏسڻ کان پوءِ، ملاڪڙي واري ميدان جي ويجهڙائيءَ ۾، ميرپور خاص ويندڙ ريلوي پٽڙيءَ جي پرسان، تنڍي جام کان اتڪل ٻن کن فرلانگن تي هڪڙي چوديواري، جيڪا بلاڪ ڪن ايراضيءَ تي "سماڌي" سڏبي هئي ۽ وڻ وٽڪارن، گلن ڦلن، گلزارين ڦلوارين ۽ ساوڪان تي مشتمل، جتي سڄي ساري رات هوبا هوڪرا هوندا هئا، اُن ايراضي ۾ هڪڙي پاسي

ڪلاسيڪل گويا ڳائيندا رهندا هئا تہ ٻئي پاسي وري ڀڳتون ۽ ڀڳت. اهو رنگ ترنگ، ڇهڻو ۽ جهمڳٽو بہ سڄي رات علي الصبح ۽ پره ڦٽيءَ تائين هلندو هو. جنهن مان پريم پيار جو مزو ماڻي، واپس اچي، اُنهن ميزبان سيٺين جي خوبصورت پر آسائش بنگلن ۾ آرامي ٿيندا هئاسين ۽ نند جي دنيا ۾ سوار ٿي، صبح جي ساحل تي پهچبو هو.

صبح جو وهنجي سهنجي، شنان اشنان ڪري، جل ديوتا سان پاڪ پوتر ٿي، نيرن ناشتي کي منهن ڏيئي، وري بہ ساڳيءَ درٻار صاحب ۾ پهچبو هو. جنهن جي عجيب غريب، پرڪيف، خمار آلود، دل آواز، مستاني ماحول ۾ ديوين جا درشن ڪندي، سرگ ۾ پهچي ويندا هئاسين. اهو مشهور معروف ميلو ڏاڍيءَ ڌام ڌوم سان، متواتر ٽي ڏينهن هلندو رهندو هو. پوءِ ڪوبہ چاهي ڪيترو وقت اُتي رهي، پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ هو. پر اسين تہ حسب معمول هڪڙي ڏينهن ويندا هئاسين. مگر اُنهيءَ ميلي جي ٻن راتين ۽ ٻن ڏينهن جي يادگيرين، رس رهاڻين ۽ محفلن مجلسن جا ايڏا تہ طويل ۽ دلچسپ جادوئي داستان آهن، جن سان ڪيئي ڪتاب پرجي وڃن. پر اسين انهن کي مختصر ڪندي نيائيندي، وفائون، جفائون جتائيندي هيٺيان بيت ڏيندي، انهيءَ مضمون کي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون تہ:

"مندر مسجد ڪافر مسلم،
جيڏانهن نهاريان آهي حق."

"مذهبن ملڪ ۾ ماڻهو منجهايا،
شيخيءَ پيريءَ بزرگيءَ بيحد پلايا،
اوڏا ڪين آيا، عقل وارا عشق کي."

وس ۽ وسڪارا

وڏن وڏن فلاسافرن، علم الانسان جي ماهرن، روح الاجتماع جي ڄاڻن، علمائن عالمن جو تصديق شده فيصلو آهي تہ انساني ذهن ۽ طبيعت ۾ جيڪڏهن کي پريشانيون هجن، تہ ماضيءَ جي سمنڊ ۾ غوطہ زني ڪري، گذريل واقعن جا سڀين سوڏا موتي ڪڍي، اُنهن جا سينا چيري، کولي، اُنهن موتين کي ماضيءَ جي گذريل داستانن کي روپ انوپ ڏيئي، سوچجي، تہ حال جون پريشانيون يقيناً دور ٿي ويندیون، ۽ مستقبل جا سج ۽ چنڊ، سهڻيون ستابيون آسون اُميدون ۽ چمڪارا ڪڍي، اڳيان سامهون ايندا.

اهڙيءَ طرح آءٌ بہ بستر علالت تان بيدار ٿيندي شرط، پنهنجين پريشانين کان بچڻ ۽ نجات حاصل ڪرڻ لاءِ، ماضيءَ جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويس. اُتان جيڪي

ڪجهه هڙ حاصل ٿيو، پنهنجن معلوماتي تجربن ۽ مشاهدن جي شڪل صورت ۾، سماج، معاشري ۽ عوام جي اڳيان آڻڻ جي ڪوشش ڪندي، پهرئين جلد کي ڪتابت ۽ اشاعت ۾ آڻي، ٻئي جلد لاءِ پڻ گهڻو ئي ڪجهه مواد لکي، عبرت حاصل ڪرڻ خاطر، قارئين ڪرام جي اڳيان آڏو رکيو اٿم. تنهن هوندي به، پهرئين جلد ۾ اچڻ وارا مضامين، گهڻي تعداد ۾ رهجي ويا. جن کي اختصار ۾ آڻي انتخاب ڪري، سچائيءَ ۽ صداقت سان، ڪي چونڊ مضمون، هتي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، جن مان هي به هڪڙو آهي.

ٻالاپڻ ۽ دربدريءَ واري دور ۾، امڙ ۽ ابو اختلافي ضد ۽ زد ۾ اچي، جڏهن هڪٻئي کان جدا ۽ ڌار ٿيا، ته منهنجي معصوميت ۽ مظلوميت، ڏوهيءَ جي ڪتي وانگر، نه گهر جي نه گهاٽ جي رهي. ٻيو ته ٻيو پر امڙ جون ڀينرون پاڻ به موت جي چنبي ۾ اچي، اجل جو شڪار بڻجي چڪا هئا. هوءَ پوءِ باقي رهيل سهيل، ٻچيل ڪچيل پائٽين پاڻيجن سان گڏ، ويراڳ سان ڪري، دربدر خاڪ بسر ٿيندي، مال، ٺاڻ وٺاڻ حاصل ڪري، پاڳياٽي بڻجي، ڏڌ، مکڻ ۽ ڪير جي مالڪياٽي ٿي، ته اُنهي ماهٽي مال ۽ ڍڳن ڍورن جي سار سنڀار، چارڻ ۽ پالڻ پوسڻ جو فڪر دامنگير ٿيڻ لڳس.

اسان جي ڦليليءَ نديا جو ڏاڪڻيون علائقو زياده تر ساريال فصل تي مشتمل هوندو هو، ته اُترئين پاسي جو ڪجهه حصو ساريل به تي ئي انحصار ڪندو هو. جنهن جي ايرندي آباد ڪرڻ لاءِ بهاولي واه، ماڙاه واه، رينڻ ۽ مولچند واه قابل ذڪر آهن، جيڪي وڃي علي پور ريگيوليٽر سان لڳندا هئا. باقي سڄو ماتلي تعلقو، جنهن کي اُنهيءَ وقت تعلقو ڏيرو محبت ڪري ڪوئينندا هئا، سڄ سلالا پينگ پلالا، برپٽ بيابان، پوٽو لڳو پيو هوندو هو. جنهن جون حدون هڪ پاسي تعلقي ٽنڊي الهيار ته ٻئي پاسي ضلعي ٿرپارڪر جي ڍگهڙي تعلقي سان ملنديون هيون، ۽ ٽئي پاسي ٽنڊي باگي تعلقي سان، ته چوٿين طرف تعلقي ٽنڊي محمد خان سان، جنهن کي اُن وقت گوني تعلقو ڪري چوندا هئا، وڃي گڏبيون هيون. تنهن وقت سڪر بيراج جو وجود عمل ۾ نه آيو هو. ماتليءَ کان اولهه طرف ڦليلي نديا مان وري به ٽي واه، علي بحر ۽ شيرواه، وهندڙ هئا. جن مان به فقط پرپاسي ۽ ويجهڙائيءَ وارا زميندار ٿورڙي مختصر هاربي جيتري زمين والاري، هرلن سان پاڻيءَ چاڙهي، آباديءَ هيٺ آڻيندا هئا. جيڪو پاڻي ٿورو اڳتي هلي، ڍورين ۽ ڍورن ۾ تبديل ٿي ويندو هو، جتي به ڪي ننڍا ننڍا خود ڪاشت ڪندڙ آبادگار هرلا هلائي، پاڻي چاڙهي، پيٽ گذر آهر ٿوري ٿوري زمين آباد ڪندا هئا.

مولوي صاحب جن جي مدرسي، ڪتاب خاني يا خطاب خاني جي ڀڳهائيءَ واري دور ۾ موڪلن وارا ڏينهن، اسين انهن غير آباد، برپٽ بيابان پوٽن تي وڃي، هرلن جي پاڻيءَ تي آباد ٿيندڙ زمينن تي ريپڙ، گدرا، چيڙ، چانهيون، ونگا، مڪئي جا سنگ، مڪئي ۽ چوٽرن جون ڦريون پٽي ڪائيندا هئاسين، ته ڪجهه وري پاڻ سان

گڏ پني گهر ڪٽي آٽيندا هئاسين. تنهن کان پوءِ وري سانوڻ جي مينهن ۽ وسڪارن جي ڏينهن ۾ ڪوڙا، ڪُنپ ۽ ڪنيئون ڪڍڻ لاءِ، اُنهن پوٽن جا ور ڏيئي ڦيرا ڪندا هئاسين.

اُنهن وسڪارن جي ڏينهن ۾، امڙ پنهنجون مينهون مال ڪاهي، ڍڳي گاڏيءَ ۾ پنهنجي ملڪيت مڏي وڃي، اُنهن غير آباد برپٽ بيابان پوٽن تي زمين جو مٿانهين دڙي تي ٽڪرو هٿ ڪري. پڪن ۽ ٽوٽن جون لانڊيون اڏي ٺاهي، هنڌ ڪٽولا، ٽهڙٽاڙي ۽ سامان سرڙو رکائي، ۽ نهرا، ماڻيون ۽ مانڌاڻيون لڳارائي، سامهون پيل وسيع عريض ايراضيءَ ۾ مال لاءِ وٿاڻ ٺاهرائي، ڪلا ٽوٽيون ٺوڪائي، پاڻ گهر ڌڃائي ۽ پاڳياڻي بڻجي، ڪٽ تي آرام سان چڙهيو ويٺي هوندي هئي. سندس پائيٽيا، پاڻيجا مال چارڻ لاءِ ڌراڙ، پنهوارن ۽ گابا بڻجي، پري پري پهري ويندا هئا. وچينءَ شام جو ڏُهائيءَ جي وقت مال چاري، واپس موٽي اچي، پنهنجي ماڳ تي گڏ ٿيندا هئا، تہ ڏهائي شروع ٿي ويندي هئي. جتان وڏيون وڏيون چروڙيون ۽ چروڙا پري، مائيءَ جي حوالي ڪندا هئا. امڙ الله جو نالو وٺي، ڪلمو پڙهي، بسم الله بسم الله ڪندي، ڪجهہ وڪري لاءِ الڳ ڪڍي، باقي سڀيئي ڪير وڏين وڏين ماڻين ۾ ڏنشورو ڄمائڻ لاءِ وجهندي هئي.

چوندا آهن تہ سانوڻ جو مينهن پَڪي جي ڏپريءَ تي وسي ويندو آهي. نڪو وري مٽس ڪو اعتبار ٿي هوندو آهي. ڪلاڪ اڌ وٺو ۽ بند ٿي ويو. وري پنج منٽ ڪن جو چوهو ڏيئي، وسڪارو ڪري هليو ويو، تہ ڪڏهن وري هفتن جا هفتا لڳاتار وسندو ٿي رهندو هو. اڪثر ڪري اُنهن ڏينهن ۾ هلڪي هلڪي ڦوهار ۽ بوندار، ملهار گيت ڳائيندي، ڇمر ڪيو، ڇيرون ڇمڪائيندي رهندي هئي. اڇا ڪارا بادل اُڀ ۾ هيڏانهن هوڏانهن گوڙيون ڪندا گجندا رهندا هئا. ڪنهن وقت اُس، ڪنهن وقت ڇانوَ، تہ ڪڏهن وري اونده انڌوڪار ٿي ويندي هئي. برساتي بادلن هيٺان وري خالي اُڀون نهايت تيزيءَ سان مخالف سمت ۾ روان دوان هونديون هيون. ڪنهن ڪنهن وقت جڏهن ڪو چوهو گهٽو وسڪارو ڪندو هو، تہ سڀيئي ڌرار، گابار ۽ ميهار اُنهن پڪي نما لانڊين ۾ وڃي لڪندا هئا، ۽ وسڪاري بند ٿيڻ کان پوءِ وري پنهنجي پنهنجي ڪم ڪار ۾ جنبي ويندا هئا. ڪي چُنُن ۽ ويٺن مان گاهه وڍي، پريون پري، اچي مال اڳيان اڇلائيندا هئا، تہ ڪي ڄاپيل ڦرن ڦروٽن، وچين پاڏن، گابين گابين جي سڌ سماءَ ۽ ٽهل ٽڪور ۾ مشغول هوندا هئا. ڪي رسا ڪٽيو، ڍوڙندڙ ڍڪندڙ ڦرن ڪي جهلڻ ۽ ڪين ڪلن ٿوٽين ۾ ٻڌڻ لاءِ ساٿن گڏ ڍوڙ ڍڪ ڪندا هئا، تہ ڪي وري ٽٽن مان ڪير ڏهندا رهندا هئا، تہ ڦروٽن ڪي بہ ٽڻ منهن ۾ وجهي پيارينداا رهندا هئا. ڪجهہ وڏا ڦر ڦروٽا گاهہ ۾ پنهنجو ٻوٽ وجهيو، پڇڙيون پالوندر ۽ ڪچڙو نرم نرم گاهہ چٻاڙيندي نظر ايندا هئا. اهڙا منظر ڏسيو، دل باغ بهار ٿي ويندي هئي.

انهن وڇڙن ۽ ڦرن جو بہ عجيب حال ۽ احوال آهي. جيڪي اڪثر ڪري سانوڻ جي رُت ۽ سياري جي موسم ۾ پيدا ٿيندا هئا. مينهن جي مند ۾، وسڪاري وقت، انهن ڌراڙن ڏنارن جي بہ عجيب حالت ۽ ڪيفيت هوندي هئي. جيڪي گوڏيون ٻڌيو، پاڻ پُسايو، دايون ۽ دايا بڻجي، هٿ وجهي پاڏن وچ، گابن گابين کي ڇٽائيندا هئا. مٿان زوردار بارش ۽ هيٺان مال جو خيال ڏاڍيءَ تشويس ۽ پريشانيءَ جو باعث هوندو هئن. تنهن هوندي بہ اهي ويچارا سادا سڀاجهڙا، مالوند، پاڳيا، تڪليفون سهندي، جاکوڙون ڪندي، مينهن وسائيندي، پنهنجي پنهنجي ڪرت، ڏنڌي ڏاڙيءَ ۽ ڪم ڪار ۾ رڌل رهندا هئا. هڪ پاسي مينهن پٽارين جا ڍڍڪارا ڍڪون، ڦرن ڦروٽن ۽ وڇڙين جون رڙيون رنيون ۽ اوٺائون بہ عجيب غريب سمون پيدا ڪنديون هيون. سندن آواز جو سرگم ڪٺن ۾ رس ڀريندو، ڏاڍو ڀلو لڳندو هو.

پهرئين ڏينهن جي ويايل مينهن ۽ ڍڳين جي ڪير کي "پس" ڪري چنبو آهي. جنهن کي ڏهي، پاڳيا هڪڙي قلعي ڪيل تامائي ٿالهہ ۾ وجهي، اُن ۾ ڏونگيون ڪتر ڪري وجهي، ڍاکون، ڦوٽا ۽ ڪنڊ ملائي، باه تي چاڙهي، ڪاڙهي، لاهي، ٺاري ٺڏو ڪري، مٿان وري وڏ ۽ سؤنف ٻرڪي، ڇرين سان ڪٽي، وڍي، ٽڪيون ۽ چورسا ٺاهي، عزيزن، قريبن، مٽن مائٽن سان گڏيو پاسي جي مالوند ماروئڙن ۾ ورهائيندا هئا. منهنجي امڙ بہ پنهنجن هٿن سان ائين ڪڙهيل ٺهيل پس ورهائي، تقسيم ڪندي هئي. جيڪو پنهنجي مٽن ۽ مامتا ڀريل شفيق هٿڙن سان ٺاهي تيار ڪندي هئي، جيڪو ڪاٺ ۾ پُڍنگ کان وڌيڪ لذيذ، سرهاڻ ۾ سرهو، خوشبودار ۽ مزي ۾ مثالي هوندو هو. ٻئي ۽ ٽئي واري کير کي "ٻَر هئي" ڪري چوندا هئا، جيڪو پس وانگر ٽڪيون تہ نہ ٿيندو هو، پر ڪاڙهڻ سان ان ۾ لذيذ ٽڪيون ڦٽيون پيدا ٿينديون هيون، جنهن جو ذائقو بہ بيحد لذيذ ۽ خوشبودار هوندو هو ۽ پيٽ سان دل بهار بهار پيئي ٿيندي هئي.

والده صاحبہ وارو اهو مالوند قافلو گهٽو ڪري "اوٽي شريف" جي پريان سيد ساڀي شاهہ جي قبي ۽ ڦلڪارا شهر جي آسپاس ئي هوندو هو. اوٽي شريف جي بيبي صاحبہ جتان ويجهي ۽ قريب ئي هوندي هئي، جن سان امڙ جي هميشہ عارفانہ رهاڻ رس ٿيندي رهندي هئي. بيبي صاحبہ جن محبت، صداقت ۽ پيار ۾ اچي، ڪيس "ادي" چوندي هئي ۽ ڪانئس لطيف سائينءَ جون ڪافيون ڪلام، وايون، بيت ۽ ڏورن سان گڏ ڪينهون، اولاٽا، ۽ سرور ڪائنات، فخر موجودات جن جي تعريف ۾ مداحون ۽ مولود، دل جي قرب، حب، سڪ، اُڪير ۽ گهراين سان ٻڌندي هئي ايتري قدر جو دلي عقيدت سبب مٿس وحداني ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي ۽ حضور جن جي محبت ۾ بيقراريءَ سان روئندي، سندن اڪثرين مان لڙڪن جون لڙيون ۽ نيٺ مان نيرن جا چيج چٽي پوندا هئا. ساڳيءَ طرح امڙ جو بہ اُهوئي حال

ٿي ويندو هو. سندس اکين مان به جر جاري ٿي، آبشار بڻجي پوندو هو. مٿس به اُهائي وجداني ڪيفيت پيدا ٿي پوندي هئي. اڪثر ڪري برسات وسندي، والده ماجده ڪپڙا پُسائيندي، لٽا ڀڃائيندي، وٽن ايندي هئي، ۽ وري وسندي مينهن، گپ گاري ۽ گڻ مان گذرندي، پنهنجي پڙاءَ تي پهچندي هئي. مينهن ۽ برسات جا اهي وسڪارا ڪڏهن ڪڏهن ته هفتن جا هفتا لڳاتار وسندا رهندا هئا. ايتري قدر، جو رحمت مان ڦري زحمت بڻجي پوندا هئا. انهن پڪاين ڏرين ۾ رهندڙ واسي، وس مان بيزار ٿيندي سيءَ کان بچاءَ خاطر جسم تي رليون اوڍي، پنهنجو پاڻ گرم رکڻ جي ڪوشش ڪندا هئا.

بارش بند ٿيڻ ڪان پوءِ اُهي بادل هڪ ٻئي کان هوائن جي زور تي، ڪپهه جي ڍيرن وانگر، ٽُڪرين ٽڪرين ۾ ڇڇي، ڌار ٿي، ائين آواره گردي ڪندا هئا، جيئن ڇڻ ته پرين جا آنچل لهرائي رهيا هجن. جنهن وقت آسمان تي تتر ڪرڙي نمودار ٿيندي هئي، ته مالوند پاڳيا، ائين سمجهندي، پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ مصروف ٿي ويندا هئا، جيئن ڇڻ ته ڪجهه وقت لاءِ ڪين مينهن کان مهلت ۽ ڇوٽڪارو مليو هجي. اڃان ٿوري گهڻي ساهي ئي مس ڪٽندا هئا، ته اُتر يا اوير کان گوڙين گهمسانن، ٻمن ٽڪائن ۽ وڻن جي چمڪاٽ سان هيبتناڪ روپ ڌارڻ ڪري، طوفاني هوائن جي ساٿ سنگت ۾، وڏ ڦڙي مينهن جو وسڪارو شروع ٿي ويندو هو.

جڏهن گذريل وقت جون دلڪش ۽ حسين يادون، اڄڪلهه جي ايٽمي دور ۾ ياد ٿيون اچن، ته دل اداس ۽ افسرده ٿيو وڃي. اهو وقت به ڪهڙو نه خوبصورت هوندو هو، جڏهن ڍالڍا، تلو يا ڪنهن ٻئي بناسپتي گيهه جو وجود ئي نه هو. اُنهيءَ پر امن دور جا ماڻهو به سادا سودا، سچا ۽ قربانتا هوندا هئا، ته گيهه، مکڻ، ڏڌ ڪير به اصلي، سچو، صاف ستڪرو ۽ ملاوٽ کان پاڪ ملندو هو. سادگي، سچائي، ايانداري ۽ خلوص محبت سندن ڪائنات هوندي هئي. پر اڄڪلهه واري هن مادي ۽ ايٽمي دور ۾، ڪائٽ پيسٽ، پائٽ اوڍڻ، هنڌائڻ واپرائڻ جي شين ۾ ملاوٽ سان گڏ ارض و سما، آب و هوا ۽ مندن موسمن ۾ به ملاوٽ ٿي ويئي آهي ۽ تبديلي اچي ويئي آهي. تنهن وقت جڏهن برسات جي رت ۽ سانوڻ جي موسم ايندي هئي، ته مالوند ماروئڙن جي منهن تي مسرت جي مرڪ، خوشيءَ جي خوشبوءِ ۽ روحاني رونق جا آثار نمايان طور نروار ٿي ويندا هئا. ابر آلود موسم ۾ مندائتي مينهن جو حقيقي لطف ۽ مزو به اُنهن برپٽ بيابانن، پاٽيءَ جي پياسي غير آباد زمينن تي ئي ملندو هو، جتي ٿوري ٿوري مفاصلي تي ڪيئي ننڍا وڏا ڳوٺ ٻڌجي ويندا هئا. انهن ڪڪائن گهرن ۽ پڪن جي لانڍين جا رهواسي، مالوند ماروئڙا، هڪ ٻئي کان ناواقف هوندي به، هڪ گهر جي ياتين، ڪٽنب ۽ قبيلي وانگر هڪٻئي جا هڪ ڏوکي، همدرد، ڏک سک جا ساٿي بڻجي ويندا هئا. تنهن سان گڏ ڪاڏي پيتي جي شين، سيڌي سامان ۽ ٻين ضروري شين جي ضرورت وقت، هڪٻئي جي مدد ڪندا رهندا

هئا. چوٽائين، پاڻين ۽ ٽوين جي رواج هوندو هو. آئيءَ ويل هڪيئي کان اتو اُڌار وٺي، رڌي پچائي، پنهنجن ٻچن ٻارن سان گڏ، پاڻ ۾ کائيندا هئا، ته اوچتو پٽڪي آيل راه ويندڙ مسافر مرڙن کي به کارائيندا هئا. ايماندارانه دور جو دورو هو، تنهنڪري اوڏر ورتل شيون واپس وراڻڻ ۾ ڪوبه عذر معذرت نه ڪندا هئا، بلڪ جلد واپس ڏيڻ لاءِ آتا ۽ ڪوشان رهندا هئا.

برسات جون بوندون جڏهن پاڻيءَ جي پياسيءَ، سڪل ٿوٻ زمين تي ڪرنديون هيون، ته مٽيءَ مان اُٿندڙ سڳنڌ ۽ سرهاڻ، عطر کان وڌيڪ خوشبوءِ ڏيندي هئي. بادلن جون بدل ماڙيون، اڇيون ڪاريون ۽ سُرمئي، جڏهن سج جي سونهري ڪرڻن سان عرش ۽ اُپ ۾ عنابي بنجي نڪرنديون هيون ۽ سنسار تي وڃ جي چمڪاٽن، دل ڏاريندڙ، لڳ ڪانڌريندڙ گجگوڙن سان گجندي، دهل دماما وڄائيندي، پوڄاڙيءَ ۾ ڏهائيءَ جي وقت وڏ ڦڙي وسڪاري سان سينگارجي، اچي ڪڙڪنديون هيون، ته ڦڙي ڦڙي لاءِ پياسي ڌرتي دل کولي انهن جي آجيان ڪندي هئي. ڏکڻ جي ٿڌڙي منڙي هوا، بادلن ۾ ڪيف مستيءَ جو خمار اُپاريندي، پورب ۽ اُتر کان مٽي آڻيندي هئي، ته اوچتو پورب ۽ اُتر جي مشترڪ هوا ٿورو تيز ٿي، بادلن کي اڳتي ڌوڪيندي، منٽن ۾ مينهن ۽ برسات کي آڻي ڪيندي هئي. تنهن کان اڳ، انهن اڇن ڪارن، نيلن پيلن ڪڪرن اڳيان صاف سفيد اڇا ٻگهه ٻگهلا ناز انداز ڪندي، اُڏامندا، ٽولين جا ٽولا اٽڪيليون ۽ رقص ڪندا، خوشيون ملهائيندي، گذرندا هئا، ته سرد دلين جا جذبا به بيدار ٿي پوندا هئا. تاڙي جي تنوار ۽ ڪوئل جي ڪوڪ ته ويتر بره جي باه کي پڙڪائي چڏيندي هئي. انهيءَ سَرلي جي موسم ۾ ماڻهو اڪثر ڪري ڳڙ جي تهري (منو يت)، ڍاڪ ۽ ڏونگهين جي ڪتر وجهي، رڌندا هئا، ته سندن بک ويتر وڌي ويندي هئي. وس، وسڪاري ۽ وُني جي ٿڌڙي منڙي، سڳنڌ ڀري هوا، هيرون ڏيندي، موسم کي ويتر وڌيڪ خوشگوار بڻائيندي هئي. انهن برساتن دوران، انهن غير آباد پوٽن تي ڦٽندڙ گاه سبب، زمين تي چوطرف جڻ ته سرسبز سائي چادر وڇائجي ويندي هئي. هر طرف هبڪار، هر سمت مهڪ ۽ خوشبو چانٽجي ويندي هئي. پکي پکڻ، وڻ ٽڻ، ڌوبي صاف شفاف، اڇا اُجرا ٿي ويندا هئا. ماڻهو ته ماڻهو، پکي پکڻ، جيت جانور به خوشيون ملهائيندي، ڍڪندا، ڊوڙندا، ترندا، اُڏامندا، قلابازيون کائيندا، رڙندا رنيندا ۽ آزادانه چال ۽ چلانگون لڳائيندا رهندا هئا. سمون اهڙو ته دلڪش، دلفريب ۽ سهر انگيز ٿي ويندو هو، جو بيان ڪرڻ ڪان قلم قاصر آهي. قدرت جي انهيءَ بي پايان رنگينيءَ ۽ حسن جي جادوءَ کي نه ته بيان ٿي ڪري سگهجي ٿو، نه وري تحرير ۾ آڻي سگهجي ٿو.

انهيءَ دلڪش رت، حسين موسم ۽ ڪيفيت آوار رومانوي سمي بابت منهنجي مامي حاجي امير بخش خان جي شاعر فرزند مير عالم خان نظاماڻيءَ به پنهنجن خوبصورت بيتن ۾ عڪاسي ۽ ترجماني ڪندي، هن طرح چيو آهي:

(١)

مند ڦري، موسم وري، ڪئي بادل اُت برسات،
ڪنوڻ ڪنوي ڪاهڙ تي، سرتيون ساري رات،
آءٌ قيديَاڻي ڪوٽن ۾، وڃي ويهاڻي پرڀات،
مارو منهنجا موهر ۾، هجن شال حيات،
تِن سندي وائي وات، اٿم "عالم خان" چئي.

(٢)

مُند ڦري، موسم وري، ڪيا ڪڪرن ڪارا ويس،
وسائي وندر ڏي هليا، دلبر پنهنجو ديس،
ٽنگين تاريءَ ٽيڪ تي، ڪاهوڙي، اُت ڪيس،
"عالم خان" اندر مان، ڪڍ مدائيءَ جي ميس،
ڏاتر شل ڪا ڏيس، سڃاڻپ ساٿيهه جي.

(٣)

مند ڦري مينهن وٺا، ڪئي ڪڪرن ڪار،
اُٿيا بادل اُپ ۾، سينگاري سنسار،
اُڇت پاڻي عرش مان، وهي پَلرُ پار،
لٿو ڏيهه ڏڪار، اُن تان "عالم خان" چئي.

(٤)

مند ڦري، مينهن وٺا، ڀريون ترايون،
سرتيون ڏٺم سومرا سيئي سرهايون،
ڪٽيو ڪير اچن ڪاهڙ مان، ڪي ويجهيون پرانهيون،
جي اٿم گهرايون، ڏس اُهي "عالم خان" چئي.

(٥)

مند ڦري، مينهن وٺا، ڀريا ڊورا ڊول،
پلر پلٽي پٽ تي، ڪئي اوهيرن اول،
ڪٽي گهاگهرا گهڙا ڪڇ تي، ٿيون ڏين ٻانهياريون ٻول،
هاڻي ڳالهه اها تون ڳول، ڏس اچي "عالم خان" چئي.

(٦)

وٺو ملڪ مارن جو، مينهن ڪئي ماندائ،
ڪنوڻ ڪنوي ڪاهڙ تي، چمڪي ڪئي چاندائ،
وڇڙيل مارو ورهين جا، اچي سرڪي ٿينڙم ساڻ،
اباڻن جي آڻ، مون تہ آڇيون "عَالم خان" چئي.

اهڙيءَ طرح هتي ٿر جي انهن جهانگيئڙن، سانگيئڙن ۽ ماروئڙن جو وس ۽ وسڪارن ۾ ذڪر ڪرڻ بہ ناانصافيءَ ۾ شمار ٿيندو. جڏهن گرمين جي مند ۾ ٿر جا اهي مالوند ماروئڙا ۽ سندن مال بُکن ۾ پاهہ ٿيندي، ڏکن ڏولاون سان پاڻي، گاهہ ۽ اناج جي تلاش ۾ ٿڙ ٿڙ واجهائيندا، سڻائي سامهہ ڪٽڻ لاءِ دربدر ڀٽڪندا، خاڪ بسر ٿيندا، تتيءَ واريءَ مٽان پا پيادل هيڏانهن هوڏانهن تڪليفون جهاڳيندا، لُڪن سان لوساتجي، پنهنجي وطن کي وڇوڙو ڏيئي، بحالت مجبوري، سنڌ جي سرسبز ۽ شاداب اندرين علائقن ڏانهن ڪوچ ڪري، پنهنجو مال متاع، ڍور ڍنگر، ڍڳا ڍڳيون، گابا گابيون، رڍون ٻڪريون، ڇيلا ڇيليون، ڪڪڙ ڪڪڙيون، ٻچار ٻار سان ڪري، لڏي پلاٽي، پلر جي پياسي ڏرتيءَ کان ڏار ٿي، قافلن جي شڪل ۾ اچي، محنت مزدوريون ڪري، پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن ٻارنءِ مال مڏيءَ جو پيٽ پورائو ڪندا آهن، تہ ڏاڍا اُداس هوندا آهن ۽ سندن شاداب چهرا ڪومائجي ويندا آهن.

پر جڏهن اُتر اوپر کان عرش تي ڪڪر ڪار ڪري، اڇا پيلا، نيرا ڪارا ويس وڳا پائي، هار سينگار ڪري، وڄن جي چمڪاٽن ۽ گوندر جي گجگوڙن سان دهل دماما وڄائي، انهن ماروئڙن، جهانگيئڙن ۽ سانگيئڙن کي پنهنجي ملڪ ۾ ديس ڏانهن واپس وڙڻ لاءِ اشارا، سنيها ۽ نياپا ڏيندا آهن، تہ انهن سادن سودن، ٿري سڀاجهڙن جي منهن تي مرڪ موٽ ايندي آهي. سندن اکڙين ۾ مسرت جا موتي چلڪي ايندا آهن ۽ خوشيءَ سان ڪلندي، مسڪرائيندي، هو واپس پنهنجي ماڳ موٽندا آهن.

اڄ بہ انهيءَ ٿر جي بر کي سانوڻ جي مند ۽ وسڪاري جي ڏينهن ۾ ڏسبو، تہ اهي پهاڙن جيڏا ڀٽن جا ٽيلا، ۽ ويلي ۽ وادي ۽ وانگر هيٺانهيون ترايون، بارش جي بوندار ۽ برساتن پوڻ کان پوءِ، گلن ڦلن، ڇڀرن گاهن، وڻن ٻوٽن سان سرسبز شاداب، گلمن غاليچن جيان نظر ايندين. ۽ تاحد نگاهہ ساوڪ ئي ساوڪ جو ئي دور دورو هوندو. وڻ ٽڻ ڏوپي صاف شفاف ٿي ويندا آهن. پکي پکڻ، چرند پرند خوشيءَ جا گيت ڳائيندي، حمد و ثنا جا نغما آلاپيندي، اُڏامندا ۽ ڍوڙندا ڍڪندا ڏسبا آهن، تہ ٿر جا اهي ٿري جهانگيئڙا، سانگيئڙا ۽ ماروئڙا بہ خوشيون ملهائيندا، سارنگ جا سر جهونگاريندا، ٿڙ بيت چوندا، چنگ وڄائيندا، گگر، گولاڙا، پيرون ڪائنندا، ڏوڻرا، ڏٽ، پُسيءَ جون تازي مکڻ سان پاڄيون ناهي، جوار، ٻاجهر ۽ مکئيءَ جون مانيون پچائي، مانڌاڻين سان ماڻين ۾ ڏڌ ولوڙي، لسيون پي، ماني کائي ڍوڏا ڪري، رڄ ٿي، خداءِ ذوالجلال جي ساراهہ ڪندي، سندس شڪر بجا آڻيندا آهن، جنهن سندن ساڻيهہ ڪي، اڻين مهر جا مينهن وسائي، پلر پلٽائي، وسڪارا ڪرائي، سرسبز ۽ شاداب بڻايو. سندن گذر سفر ئي انهيءَ برسات تي هوندو آهي. ايتري قدر، جو اسان جي هن ٿر جا ماڻهو بہ، پنهنجيون رڍون ٻڪيون، ڍور ڍڳا ڪاهي، هاڪاري، انهيءَ فرحت بخش، روح افزا، گل و گلزار ماحول ۾ پهچي، انهن

جاذب نظر، سحرانگيز، نشاط آفرين حسين منظرن ۾ پس منظر بڻجي، گم ٿي ويندا آهن ۽ وري واپس تڏهن ورندا آهن جڏهن برساتن کان پوءِ، سيءَ ۽ سياري جا اهڃاڻ نظر ايندا اٿن.

انهن اڳين ننڍپڻ ۽ سرل زماني وارين يادن کي تازه ۽ تازه ۽ نوبنو ڪرڻ کان پوءِ، جڏهن اڄ وري هن زماني کي ڏسون ٿا، ته سچائي، صداقت، خلوص محبت ۽ ايمانداري ناپيد ۽ غير ٿي ويل پيئي پائنجي. انهيءَ جاءِ تي ڪوڙ ڪپٽ، نڱي دولاب، دغا فريب، بٺاوٽ ۽ ملاوٽ جو دور دورو آهي. اُهي پاڳيائي مري ويا، جيڪي وس ۽ وسڪارن مان لطف اندوز ٿيندا هئا. سچو گيهه ختم ٿي ويو. ڇاڪاڻ ته مينهن پٽارين جو ڪير، وڏن وڏن شهرن جي ڊيئري فارمن تائين وڃي پهتو. جتي ان جو تت، ملائي ۽ مکڻ ڪڍڻ کان پوءِ، اهو هوٽلن، دڪانن، حويلين ۽ گهرن جي دروازن تي پهچايو وڃي ٿو، جنهن ۾ نه سوڌ نه سواد نه مواد. هن موجوده دور کان ته سياڳو اُهو وڃون دور هو، جنهن ۾ اهي برپٽ بيابان ۽ پوٽا، 1932ع ۾ آيل سکر بيراج اچي آباد ڪيا. انهيءَ دور ۾ به اسان چوسالي بيحاليءَ واريءَ عمر ۾ ايندي، سخاوت، ثقافت ۽ شجاعت ۾ معراج حاصل ڪري، رومانوي دنيا مان شعور وٺي، وک اڳتي وڌائيندي، ارتقائي منزلون طئي ڪري رهيا هئاسين.

تنهن کان اڳ، ٽن ڪمرن واري بنگلڙي جي جاءِ تي، اُن وقت جي لحاظ کان هڪڙو پرآسائش شاهاڻ بنگلو ٺاهرائي، اُن جي چوڌاري چارديواريءَ اندر باغيچو ۽ پارڪ لڳارائي، مٿس "ماءِ نيسٽ" (MY NEST) نالو لکارائي، اُتر اوير ڪنڊ پاسي وٽڪار ۾ ڦليليءَ جي ڪناري تي چبوتري نما ٽلهو ٺهرائي، يارن دوستارن، سنگتين ساٿين، پيارن دلدارن سان رهاڻ رس، ڪچهريون ۽ محفلون ڪندا رهندا هئاسين، ته ساريال ٻنين جو وهراج ختم ڪري، اتر پاسي سکر بيراج واري ايريا ۽ ايراضيءَ ڏانهن ويندڙ هاري ناري، جيڪي پنهنجي مال کي مچرن کان بچائڻ خاطر لڏي پلاٽي هتان لنگهندا هئا، سڀ ڪجهه وقت ساهي پٽڻ، آرام ڪرڻ ۽ منجهند جي مانيءَ ٺاهڻ کائڻ خاطر ڦليليءَ ڪناري وٽن جي جهُنڊن ۾ منزل انداز ٿيندا هئا. جتي ڪڏهن ته ڪين رات به لڳي ويندي هئي. تنهن کان پوءِ وسڪارن جو مزو ماڻي، لطف حاصل ڪري، مينهون مال چاري، متارو ڪري، پنهنجو گذر معاش خاطر ڦٽين جا چونڊا ڪرڻ کان پوءِ، وري به پنهنجا ٻار ٻچا، مال مڏي، ٽهڙ ٽاڙي، بيل گاڏين ۾ وجهي، واپس پنهنجن ڳوٺن، زمينن، تڙن وڙن، ٺامن ٺڪاڻن تي پهچي، ساريال فصل لٽڻ ۽ لابارن ۾ لڳي ويندا هئا.

اهڙي طرح سکر بيراج جا مالوند هاري ۽ ڳوٺاڻا وري پنهنجين ٻنين مان ڦٽين جا چونڊا ڪري، ڦليليءَ نديا جي ڏکڻين علائقي واري آباد ساريال فصل جا لابارا لُٽي، پنهنجي آل اولاد، ٻچن ٻارن لاءِ پيٽاهو پيدا ڪري، گذر سفر جو سامان مهيا ڪندا هئا. سال ۾ اهڙا به موقعا ميسر ٿيندا هئا. هڪڙو ساريال جي وِهرن ڪرڻ

كان پوءِ، جڏهن وس ۽ وسڪارن ۾ پوٽن تي وڃي ڦٽيون چونڊيندا هئا ۽ ٻيو چيٽي فصلن ۾، جڏهن ڪٽڪ جا لابارا لهندا هئا. ساڳيءَ طرح براج واري علائقي جا هاري ۽ پورهيت وري اسان جي لاڙ پَٽ ۾ اچي، سارين جا لابارا لٽي، مال چاري، ٿلها ٿنيرا ڪري، وري واپس-پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽندا هئا. اڪثر ڪري انهن ايندڙ ويندڙ قافلن جو پڙاءُ، اسان جي انهي چبوتري ٿا ٿلهي جي سامهون، وٽن جي چانوَ ۾، ڦليليءَ نديا جي ڪناري تي ٿيندو هو، جنهن کي پاڪ و هند جو معروف شاعر "تنوير" نقوي "عدالت کا کٹهڙا" ڪري چوندو هو. انهيءَ ڪناري تي وٽن جي ٿڌي ٿڌڪار ۽ سايي ۾ اُهي خانه بدوش هاري ۽ پورهيت، ڳوٺاڻا، مرد ۽ عورتون، رڌ پچاءُ ڪري، مانيون پچائيندا، ٻوڙ رڌيندا، ڪائيندا، ساهي پٽيندا ۽ آرام ڪندا ۽ پوءِ پنهنجي پنهنجي منزل ڏانهن روانا ٿي ويندا هئا. سندن انهن قافلن ۾، ننڍڙا ننڍڙا ٻار ٻچڙا، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون، جوان نوجوان مرد، پوڙها پڪا ۽ پوڙهين مائين سان گڏ ڪيئي حسين جميل ۽ خوبصورت جوان زالون به هونديون هيون، جن جي جسم تي سادو سودو ۽ ڦاٽل لباس سندن حسن کي شرمائيندو هو، جيئن چنڊ ڇڻ ته منتشر ٿٿل ڦٽل بدلين ۾ پنهنجو حسين مکڙو لڪائيندو آهي.

ڦليلي نديا جي ٻنهي ڪارن تي وٽن جي جهُنڊن ۽ چانولي ۾ ٻيڙيون ۽ ٻيڙين وارا، پنهنجين ٻيڙين سميت، آرام پذير هوندا هئا. جا ندي شهر کي چيري، دونيم ڪري، روان دوان هوندي هئي. اسان جي ناهيل ٿلهي جي سامهون اولهه طرف شهر جي ٻنهي ڪنارن کي ملائڻ لاءِ، پڪن پيلرن سان پڪي پل، جيڪا پنهنجي ٻنهي پاسن کان ڪاٺ جي انتهائي خوبصورت جهنگلن سان سينگاريل سنواريل هوندي هئي- جهڙيءَ طرح جابلو علائقي ۾ ٻن جبلن يا درياهه جي ٻن ڪنارن کي ملائڻ لاءِ خوبصورت پليون ٺهيل هونديون آهن. اهڙيءَ طرح جڏهن انهيءَ پل تان بيهي اُتر ڏکڻ وارن ٻنهي ڪنارن جي چؤطرف انين جي باغن ۽ وٽن جي چانولي ۾، سوَن جي تعداد ۾، اُهي ٻيڙين وارا لنگرانداز هوندا هئا، جتي اهي محنت ڪش هاري، مزارع، ڪسان ۽ ڳوٺاڻا مزدور به خانه بدوشن وانگر اچي منزل انداز ٿيندا هئا، جن جو ذڪر هن ئي مضمون ۾ مٿي ڪري آيو آهيان. اهڙيءَ طرح سان اگر تندرستيءَ سان ڏنو ۽ وقت مليو، "ٻيڙيون ۽ ٻيڙين وارن" جو هڪ تفصيلي جداگانه مضمون، اکرن جي چترڪاري ۽ مصوريءَ سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس. هتي فقط مختصر طور انهيءَ سحرانگيز ماحول ۾ پهچي، انهن حسين ۽ رنگين قافلن جو ذڪر ڪيو اٿم. جنهن بابت پڻ ماتليءَ لاءِ لکيل طويل نظم ۾ "تنوير" نقويءَ هن طرح لکيو آهي:

تيرے گلبداماں نظاروں کی خير، لهکتی مهکتی بهاروں کی خير،
چمکتے دمکتے ستاروں کی خير، 'پهليلی' کے دلکش کناروں کی خير-
کنارے جهاں حسن آباد هيں،
کنارے جهاں دام و صياد هيں،
کنارے جو جل جاروں کی ياد هيں.

انهي نظم ۾ انهن قافلن جو ذڪر ڪندي، اڳتي وري چوي ٿو ته -

يهاں حسن کے کتنے هی قافلے ،
گذرتے هوئے آئے ٹهيرے چلے!

هوءَ ته اهو طويل نظم هن ٻئي جلد ۾ مڪمل طور اڳي ئي لکيل آهي. هتي فقط انهن واسو وس وارن ڪمين ڪڙمين، هارين ناريين، مزارعن ۽ پورهيت ڳوٺاڻن جو ذڪر اذڪار اچڻ ڪري، انهيءَ نظم جا ٻه ٽي بند ٻيهر پيش ڪيا اٿم.

پر افسوس، جو اڄ اهو نه ٻالاپڻ ۽ سرل زماني وارو دور رهيو آهي نه ئي وڇون دور. اڄ انهي ڦليلي نديا جي ٻيٽي ڪنارا سرسبز شاداب وڻن وڻڪار جي ساون ساون ويس وڳن ڪان خالي پيا ڏسجن ۽ پسجن. نه انهن خانه بدوش هارين ناريين ۽ ڪمين ڪڙمين جو دور ئي رهيو آهي، جيڪي وس ۽ وسڪارن لاءِ لڏپلاڻ ڪندي، هڻ عجيب غريب، حسين جميل ۽ دلڪش نظارن جو ديدار ڪندا هئا. نه اُهي ڪير، نه نهرا نه ماڻيون، نه چوڻرا نه چوڻريون، نه پس نه پرهئي، نه ڏڌ نه مکڻ، نه تهري نه پلاءُ، جيڪي پاڙي وارن سان وندي ورهائي ڪائبا هئا. نه اُهي سنگتون ۽ ساٿ ئي رهيا آهن، نه وري ڳائڻ وڄائڻ، چرچن گهمن، نڙن بيٺن، ڏورن ڳجهارتن ۽ ڪلن خوشين جون زعفراني محفلون مجلسون ئي رهيون آهن. نه امڙ نه بيبي صاحبه اوٺي شريف واري، نه ٺاڻ نه وٺاڻ، نه وري اسان جو پرڪشش سحرآفرين ٻالاپڻ ئي رهيوآهي. انهيءَ جي برعڪس، اڄوڪي مادي، مشيني ۽ ايٽمي دور ۾ فقط خود غرضي، لالچ، حسد، بغض، ڪينه پروري، بيدردي، بيرحمي، بي ايماني، ڦرلٽ، نفس پرستي، زورا زوري، فحاشي ۽ قتل و غارت جو دور دورو آهي. هرڪو ائين چاهي ٿو ته ٻئي جو گلو ڪيئن ڪاٽجي، ٻئي جي تباهي ۽ بربادي ڪيئن ڪجي، ٻئي جي عزت، شهرت ۽ دولت جو وارث ڪيئن بڻجي.

لاهي هاج هتان ويا، مارو ٿر اُڪري،
الله، عبداللطيف چئي، وڃي ٿر ٿيا،
رهجي ڳڻ ويا، ڪي مارن جا ملير ۾.
(شاهه)

ٻيڙيون ۽ ٻيڙين وارا

ڄام شورو! 'ڄام خان' نالو هو، ته 'شورو' وري ذات. جنهن جي وڏيڪ تفتيش ڀٽن ڀانن، مورخن، محققن تاريخدانن وٽ ئي هوندي. پر ايترو ته آءٌ به چوندس ته اها شورا قوم وڏي لڙاڪو، جرئتمند، بهادر ۽ غيرتمند هوندي هئي. هاڻ هتي هن ڪتاب ۾ انهيءَ شورا قوم جو ذڪر خير جو شرف ۽ شان فقط اسان جي ڪلندڙ ۽ ٻهڪندڙ ڦولن واريءَ ڦليليءَ ۽ 'گوني سدا اونهي' جي ڪري ئي حاصل ٿيو آهي،

جيڪا سنڌو درياءَ، مَٿي متي مهراڻ، مان انهيءَ ڳوٺ وٽان ئي نڪرندي هئي، جيڪو ڳوٺڙو لب مهراڻ، درياءَ سنڌ جي ويجهو آهي.

اڄ تہ اُنهيءَ ڳوٺڙي ڄامر خان شوري کي، ڄامشورو ريگيوليٽر پل جنهن کي ڪوٽڙي بيراج ٿو چئجي ۽ اتان نڪرندڙ ٻنهي پاسن جي واهن، سنڌ يونيورسٽيءَ، سنڌ الاجيءَ ۽ سنڌ جي لياقت ميڊيڪل ڪاليج جي ڪري بہ گهڻي شهرت حاصل آهي. پر انهيءَ وقت نہ ڪا يونيورسٽي هئي نہ ميڊيڪل ڪاليج هو. نہ ٻنهي پاسن جا بيراجي واهہ ئي هئا، نہ وري ڄامشوي ريگيوليٽر پل جو ڪو وجود ئي هو. تنهن وقت انهيءَ ڄامر خان شوري جي ڳوٺ کي فقط اسان جي حسين و جميل گلن ڦلن واري ڦليل يا 'گوني سدا اونهيءَ' جي ويجهڙائي، عزازت ۽ قرابت ئي حاصل هئي. جيڪي ٻيئي گونيون، هڪڙي "گوني سدا اونهيءَ" جي نالي سان تہ ٻي وري "سنهي گونيءَ" جي نالي سان سڏيون ويندیون هيون. اوريان حيدرآباد لڳ "دواٻو" هو جنهن جو صحيح تلفظ دوآبو آهي، جيڪو حيدرآباد لڳ هڪڙي ننڍڙي واهہ جي پرسان ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو، جنهن واه جو نالو "واڌو واه" آهي، اُنهيءَ جي ڏکڻين پاسي وري جهانيان سيدن جو قبو ۽ مزار هوندا هئا، جنهن کي "ننڍو جهانيان" ڪري چوندا هئا، جنهن جي الهندي پاسي واڌو واه جي ڪناري ڪان ٿورو اڳتي تهيداري ٽريننگ ڪاليج، داس گاردن ۽ پاڳل خانو هوندا هئا، جيڪي اڳتي وڃي گدوبندر سان لڳندا هئا.

گدوبندر جي باغ باغيچن، گلن گلزارن ۽ نشاط آفرين مرغزارن جو تہ تمام وڏو داستان آهي. پر انهيءَ کي مختصر ڪندي، گدو پارڪ ۾ پهچي، حسين جميل، مہ وش مہ جبينن ۽ خوبصورت دوين جا درشن ڪندي، ننڍڙن معصوم ٻارڙن چوڪرن ۽ چوڪرين، کي جهولن ۾ جهولندو جهومندو، ترڪٽين ۾ ترڪندو ۽ ڪيترين ئي ٻين وندرن سان وندرندي ڏسي، جڏهن مهراڻ جي ڪناري پهچندا هئاسين، تہ ننڍڙا ننڍڙا بتيلڙا،، ٻيڙيون، ٻيڙا ۽ سندن ناکوا اسان جو آءُ ڀڳت ۽ سواگت ڪري، اُنهن بتيلڙن ۾ چاڙهيندا هئا، ۽ سوار ڪرائي، درياه جو سير ڪرائيندا هئا، ۽ ڪوٽڙي پل تائين پهچي، درياءَ جي وچ سِير وٺي، لهواري لڙهندا هئاسين.

هڪڙي پيري منهنجي انتهائي قريبي دوست، پاڪ و هند جي نامور اديب، عظيم مفڪر، انقلابي شاعر ۽ فلمي نغمہ نگار، لاأبالي ۽ فقير منش، هر دلعزيز "تنوير" نقويءَ ۽ ساٿس گڏ آيل فنڪار فلمستار علاؤالدين، اداڪار ۽ فلمي صحافي جعفري ۽ اداڪاره مِس "بهار"، جيڪا اُنهيءَ وقت تائين "مِس" هئي، ۽ ساٿن گڏ آءُ، هڪڙي ننڍڙي بتيلڙي ۾ سوار ٿي، مهاڻن ملاحن، ناکوئن وٽجارن کي پلا پچائڻ، آنيون ترڻ، پلن جو پُلاءُ، چانورن ۽ ڪڻڪ جي اٽي جي اُڦراڻن ۽ چِلن ناهڻ جي آرڊر ڏيڻ سان گڏ، اُنهيءَ خرچ ڪهار خاطر ڪجهہ رقم اڳواٽ ڏيئي، جيئن

تہ اوياري ۾ ڪوٽڙي پل ڏانهن روانا ٿيا سين، تہ زوردار بارش ۽ وڏ ڦڙو مينهن اچي ڪڙڪيو. اسين تہ خير مرد هئاسين، پر ويچاريءَ مس بهار جو پرشباب، قيامت خيز سڊول، تندرست توانا بدن، سادي لئي جي ڪپڙن منجهان انگ انگ الڳ ٿي، ائين نروار ٿيو، جيئن ڪو سنگتراش ڪنهن يوناني ديويءَ جو ننگو ۽ عرياب جسم سنگمرمر مان تراشي تيار ڪيو هجي. مينهن ۾ پُسيل ڪپڙا سندس جسم سان چهٽي پيا هئا. تنهنڪري سندس جسم جا خد وخال حقيقت جو روپ ڀري، عريانيت جي حد تائين ظاهر ٿي پيا هئا. ويچاريءَ گهڻو ئي ڪپڙن کي نهوڙي، پاڻي سڪائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر سندس جوڀن جواني، پرشباب جسم ۽ سانچي مان نڪتل بدن ڪٿي ٿي لڪي سگهيوا سندس توانا جسم ۽ جوانيءَ جي تقاضا اها هئي تہ اهي ڀڳل، ڀنل، پُسيل ڪپڙا چيري ڦاڙي ٻاهر نڪري اچن. حالانڪ مس بهار پنهنجي عريان جسم کي لڪائڻ جا حيلا ۽ وڏائي وس ڪيا، پر برسات بہ ڪو اڄ ئي وسڻ جو عزم ڪيو هو. مرد تہ اڪثر ڪري آواره گرد، لوفر ۽ منچلا اهڙن ئي موقعن جي تلاش ۾ سرگردان هوندا آهن ۽ سيڪس پوت وانگر مٿن سوار ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري اسين بہ نفسيات ۾ اچي، نسوانيت کان مغلوب ٿي، ڪيس ٽوڪرون هڻندا، چرچا گهڻا ڪندا، ڪلندا ڪلائيندا، ڪيس شرمائيندا، لهواري ۾ لڙهندي، اچي پاڻيءَ واريءَ انهيءَ مشين جي ڪمري نما ڪٽبن ۾ پناهہ حاصل ڪئيسون، جيڪا پاڻيءَ مٿي ترندڙ، پاڻيءَ جي لاه چاڙه تي لهندڙ چڙهندڙ، سڄي حيدرآباد شهر کي پاڻي مهيا ڪندي هئي ۽ اڄا بہ اتي ائين بيٺل اڌ شهر کي پاڻي سپلاءِ ڪري ٿي.

انهيءَ مشين جي ڪٽبن ۾ پناه وٺڻ کان پوءِ، اُهي وڻجارا، ناکوا ۽ ملاح ساڳئي بتيلي ۾ سوار ٿي، درياءَ سنڌ جي ڪناري پنهنجن ڪکائن گهرن ۽ جهوپڙن ڏانهن روانا ٿيا، جتان اسان جي ڏنل آرڊر مطابق ٽاهيل ماني- پڪل پلاءُ، تريل آنيون، پلن جو پلاءُ، ڪٽڪ ۽ چانورن جي اٿي مان پڪل پرانا اُڦراتا ۽ چِلا- ڪٽي آيا. جيئن تہ ناشتو بہ نہ ڪيل هو ۽ برسات جي ڪري بک بہ ڏاڍي لڳل هئي، تنهن ڪري ماني ملندي ئي ڪائڻ ۾ جنبي وياسين. ڪائي پي، ڍئو ڪري، رج ٿي، ڪپڙن بدلائڻ خاطر موٽر ۾ سوار ٿي، رٽز هوٽل ڏانهن روانا ٿيا سين، جتي اهي مهمان ترسيل هئا. پسيل ڪپڙا لاهي، ويس وڳا پائي، مس بهار تي بہ بهاري اچي ويٺي. شرميلين مسڪراهٽن سان من موهيندي، اچي اسان جي جيش ۾ شامل ٿي ۽ پوءِ اسين سڀ گڏجي، ڊپٽي ڪمشنر مسٽر امتيازيءَ جي بنگلي تي پهتاسين، جتي طئي شده پروگرام مطابق مير رسول بخش خان ٽالپر سان گڏ ساٿس ملڻو هو- جتان مل مالڪان وٽ وڃي "پوئر آرٽسٽ فنڊ" ۾ ڪانٺ چندا وصول ڪري، منجهند جي ماني ساٿس گڏ سندن باغ واري بنگلي ۾ ڪائٽي هئي- جنهن سڄي جهمگهٽي جو ذڪر مٿي جدا هڪ مضمون ۾ پيش ڪري آيو آهيان.

اڄڪلهہ، سنڌو درياءَ ۽ شهر حيدرآباد جي وچ وارن انهن خالي پٽن پوئن ۽

زمينن تي ڪيئي تعميراتون ٿي چڪيون آهن، جن ۾ حسين آباد، وحدت ڪالوني، جي- او- آر ڪالوني، سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي، نياز اسٽيڊيم، سنڌ عجائب گهر، ميوزم يا پوتخانو، نئين عيدگاهه مسجد، عباس پائي پارڪ، سابقه ون يونٽ بلڊنگ سميت ٻيون به ڪيئي ڪالونيون، ٽائون، بنگلا، محل محلاتون ۽ فيشن ايبل هوٽلون تعمير ٿي چڪيون آهن. جڏهن ته جامشوري روڊ تي "دوآبي" ۽ چاندين جي ڳوٺ جي سامهون، اتر اوڀر ڪنڊ تي هڪ عظيم الشان ۽ شاندار راجپوتانه اسپتال ۽ ان سان محلقه پروقار هاسٽل جون بلڊنگون ٺهي چڪيون آهن، جن ۾ ڊاڪٽرن ۽ ليڊي ڊاڪٽرن سان گڏ ڪيئي حسين و جميل خوبصورت نرسون به قيام پذير ۽ ڊيوٽين تي موجود آهن. پر اسان کي ته انهيءَ سڄي سروي کي هڪ پاسي رکندي، اڳين ڏينهن جي پربهار ڦليلي نديا ۽ گوني واه جي هلندڙ چلندڙ، چرندڙ ڦرندڙ ۽ روان دوان ٻيڙين وارن وڻجارن، ملاحن ۽ ناکوئن جي رهجي ويل يادن کي ئي نياڻو آهي. تنهن ڪري مٿينءَ جاگرافيڪل ۽ تاريخي تحقيق کي، محققن لاءِ ڇڏي، ڪنيل مضمون تي واپس ٿا اچون.

تن ڏينهن، ڪوٽڙيءَ پاسي، ڪناري لڳ، وڏيون وڏيون ٻيڙيون ٻيڙا، بتيلا ڪتارون، جيڪي پنجاب جي پنجن دريائن: جهلم، چناب، راوي، ستلج ۽ بياس- مان ترندي، اُتي پهچي، اچي لنگرانداز ٿيندا هئا، ته سائن گڏ موٽر بوٽس ۽ هڪڙو وڏو جهاز جيڪو ڪنهن وقت لهواري ۽ شاهبندر ۽ ڪيٽي بندر کان ڪراچيءَ سمنڊ رستي ۽ اوياري ۾ سڪر تائين پهچندو هو، اتي بيٺل نظر ايندا هئا. تن سان گڏ سڙهن سان سنڌي بادباني ٻيڙيون، قطار در قطار، هنجرن ۽ ڪونجن وانگر، اوياري لهواري ترنديون نظر ايندڙيون هيون، جن جا چيخلا، سڙه ۽ بادبان آسمان سان سرگوشيون ڪندي ڏسڻ ۾ ايندا هئا. انهن ٻنهي ڪنارن جا نظارا ائين معلوم ٿيندا هئا، جو جڻ ڪلڪتي ۽ هاوڙه جي وچ ۾ گنگا ندي، سرينگر ڪشميير ۾ درياءَ جهلم يا انگلنڊ جو درياءَ ٽيمس، مصر ۾ درياءَ نيل، جرمنيءَ ۾ درياءَ ڪولون، بغداد ۾ درياءَ دجله ۽ فرات، يا جيئن ماتليءَ جو سينو چيري وچ مان لنگهندڙ ڦليلي نديا، جيڪا پنهنجي سر پاڻ اڄ هن مضمون جو موضوع سخن بڻيل آهي.

هاڻي، ڪوٽڙيءَ جي ڪناري ۽ گدوبندر جي هن دلڀذير ڳالهه کي وچ ۾ ڇڏي، ننڍڙن بتيلن ۾ سوار ٿي، ڪوٽڙي پل کان موٽ ڪائيندي، اولهه طرف وڃي، ڪوٽڙيءَ جي سداشاد و آباد ۽ حسين ڪناري سان گڏ پرڏيهي، عالمي دريائن کي ياد ڪندي، واپس گدوبندر پهچي، انهيءَ مندر جو سير ڪريون ٿا، جيڪو پاڻيءَ ۾ ترندڙ هڪ وڏي ٻيڙي ۾ تعمير ٿيل هو، جتي ڦڪڻ ۾ وڏي ڏام ڏومر، جوش خروش ۽ پريم پيار سان "شو" جو ميلو لڳندو هو- جتي پڄندي، ڏسبو هو ته گهوڙيا پنهنجا چابڙا ڪٽيو، انهن ۾ مال مٽايون، ڳڙڏاٽيون، پڪوڙا، مرملا، گاننيا، پُڳل داليون، چٽا، ڦوڪٽا، گول گپا، ڪٽمنڙا، دهي بڙا، ڊبل روٽيون ۽ چٽنيون وڪڻي، پنهنجو ۽

پنهنجي ٻچڙن جو گذرسفر، پيٽ پورائو ۽ پالنا، پيا ڪندا هئا. مندر ۾ وري هندو ديويون، مهاراج، پنڊت پروهت ۽ ديوتا، جل ٿل، سُڪا سوايون، آڪاڦُلا دان پُن ڪري، پڳوان کي ٻاڏائيندي ۽ ريجهائيندي ڏسبا هئا. ۽ ڪلاسيڪل ڳائڻ وارا گويا، پڳت ۽ ڀجن ڀاءَ ڪرڻ وارا شيوا ڌاري ڌار گڏ ٿي، پريم پرچار پيا ڪندا هئا. ۽ انهيءَ سمي ائين پيو معلوم ٿيندو هو، جڻ ته سرگ ڌام پرٿوي تي اچي، پرگهٽ ٿيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل اسان جون ٻيئي گونيون هڪ منهن مان نڪري، ٻن مُنهن ۾ تبديل ٿي، وهندي وهندي- هڪڙي هٽڙيءَ وٽان لنگهندي هئي، جنهن تي پاتشي ميربحر، هالا مٽياريءَ ڏانهن ويندڙن ايندڙن کي پنهنجين ٻيڙين ذريعي، پاتشو وٺي، ڪين اُڪاري، پار ڪرائي، پنهنجو پيٽ پورائو ڪندا هئا، ان گونيءَ تي انهيءَ وقت ڪابه پل ڪانه هوندي هئي: ٻي ڦليلي، حيدرآباد ۾ داخل ٿي، ڪاري موريءَ کان لانگهائو ٿيندي، شامداس پارڪ جو ڪنارو ڏيندي، ڪيترن ئي شيوالن ۽ مندرن جو معائنو ڪرائيندي، ٽيشون مل دلال جي چبوتري کان ماڻائو ٿيندي، اچي موري پار ڪري، ٽنڊو آغا ۽ ٽنڊو مير محمود ڇڏيندي، اچي 'ناري واري ڪُن' ۾ پوندي هئي، ۽ اتان ٿورو گهڻو اڳتي هلندي هلندي، هوءَ هٽڙيءَ واري سنهي گوني به وٽس پهچي ويندي هئي- ۽ ائين ٻيهر ٻيئي گڏجي، وصال وٺي، هڪ هيڪلائيءَ ۾ ملي، يڪجا ٿي، واحد بڻجي ويندیون هيون. اهو ٻن گونين جو ميل دوميل ۽ سنگم به عجيب سمون پيدا ڪندو ۽ نظارا پسائيندو هو. جتي وڻ وڻڪار، ڇانولا ۽ پاڇولا انهيءَ ڦليلي ندِ يا جي روان دوان چانديءَ جيان جهرڪندڙ آرسي نما پاڻيءَ ۾ هڪٻئي سان سرگوشيون ڪندي، پاڻ کي ڏسندا، جهولندا جهومندا، رهندا هئا. اهو نظارو ڏسندڙن لاءِ روح پرور، ڪيف آور ۽ دلڪش هوندو هو.

انهيءَ 'ناري واري ڪن' جو به هڪ عجيب ڏيک ويک ۽ ڏهڪاءُ هوندو هو. ٻيڙين وارا انهيءَ ڪن ۾ ايندي، چاڪ چوبند، چوڪس ۽ هوشيار ٿي ويندا هئا.

۽ ائين اسين به ڪشش ۾ ڇڪجي، ڦليليءَ جو ٻيو ڪنارو نظرانداز ڪندي، موٽ ڪائي، ڳالهين ئي ڳالهين ۾، اچي اُن 'ناري واري ڪُن' تائين پهتا آهيون. هونئن نه ته، واٽ تي ڇا ڇا نه هو: مٿي لکيل شامداس پارڪ جيڪو الهندي ڪناري تي هوندو هو، انهيءَ جي سامهون ٻئي ڪناري تي ڦليلي گورنمينٽ ڪاليج، ڊولٽداس گاردن، ۽ ان کان ٿورو اڳتي هلي، مير رسول بخش خان ٽالپر جو ٻائي وارو شاندار باغ، اچيءَ موريءَ کان مرزائن جي ڳوٺ ٽنڊي ٽوڙهي ڏانهن ويندڙ رستو اُڪري، ڦليليءَ جو ڪنارو وٺي، ڪريم خواجي جو سرسبز شاداب باغ، ويلي باغ ارم جي تصوراتي ماحول وانگر پاڻيءَ جي تلاءُ جي وچ ۾ پيلرن تي ٺهيل چبوترو، عشرت آفرين بنگلو، ڦوهارا ۽ سحر انگيز سبزه زار، ريلوي پُلون، ۽ انبن جا باغ ۽ وڻڪار ۾ گهيريل نيڪ نمازي ۽ تهجد گذار مومنن پٽي وادِن جو ڳوٺ ۽ پوءِ ايندو هو ناريجن جو اهو ڪُن، جيڪو اُنهيءَ 'گوني سدا اونهيءَ' جو وڏي ۾ وڏو گهيرو، گرداب ۽

ڪُن هوندو هو. جتي اُهي ناڪوا، ٻيڙياتا، ميربحر پنهنجين زالن ۽ ٻارن ٻچن سان گڏ ساڻن همسفر مسافرن کي به هوشيار خبردار رهڻ جي تلقين ڪندا هئا ۽ ڪين انهيءَ ڪُن ۾ گهمَڻ گهير، گرداب، پَنورَ ۽ اوپارن جو خيال خاص رکڻو پوندو هو.

اڪثر ڪري انهيءَ ناري واري ڪُن ۾، هندو واٽيا چنڊ وار جي رات، باراڻو ٻيڙين ۾ ڪٽي، سَوَن جي تعداد ۾، نچندا، ٽپندا، ڳائيندا وڄائيندا، اُتي پهچي، "لال جا جهاتي، چنو جهولي!" چئي، ساڻ آندل باراڻي کي اُنهي "ڪُن"، پنور يا گرداب جي حوالي ڪندي، ٿڌو ڪندا هئا. ۽ ائين اُهي پائيبند هندو واٽيا، نت نوان ڪپڙا ۽ ڪوٽ پهري، مٽي تي ٺهيل ٺڪيل اڇيون ڳاڙهيون پڳڙيون پائي، ادب مراد، وينتيءَ پڳتيءَ ۽ احترام سان "دريا شاه بادشاه" چئي، اکو ڦلو وجهي، پنهنجيون منتون منائيندا هئا.

هڪڙي پيري انهن پائينبندن هندو واٽين، سنڌ ورڪين، جنهن وقت "لال جا جهاتي، چنو جهولي!" چئي، "بارانو" ڦليلي نديا جي روان دوان پاڻيءَ جي حوالي ڪيو، ته ٻيڙيءَ ۾ سوار ٽيل سپيئي ننديا وڏا باراڻي کي ٿڌو ڪرڻ وارو منظر ڏسڻ خاطر، ٻيڙيءَ جي انهي هڪ پاسي اچي گڏ ٿيا، ايتري قدر جو پنهنجو توازن برقرار رکي نه سهڪيا ۽ ٻيڙي اونڌي ٿي پيئي، کي ٻڌا، کي تريا ته ڪن کي ٻيڙي وارن ملاحن ناکوئن بچايو. چؤطرف ڪهرام برپا ٿي ويو. هر طرف سندن اڇيون ڳاڙهيون پڳڙيون ائين ترندي ڏٺيون ويون، جيئن پاڻيءَ ۾ ڪنول جا گل ٽلندا ٽرندا هجن. اهو هڪ لڳ ڪانڌاريندڙ واقعو هو، جنهن ۾ ڪيئي پريم ۽ شرڌا پريل جانيون ۽ جوان جمان، پُراميد ۽ اُمنگ پريون زندگيون ضايع ٿيون هيون.

ٻنهي ڦليلين يا گونين جي ميل دوميل کان پوءِ اڳتي هلي ٻيا به ڪيئي اهڙا قهري ڪُن هئا، جن به نڌراني طور ڪيئي قيمتي جانيون ٿي ورتيون. جهڙوڪ "نها شاه" جو ڪُن، ڪٽڙ کان ٿورو اڳتي "برهان شاه جو ڪن"، ۽ اُنهيءَ کان اڳيرو سيريءَ جو ڪُن. ۽ ائين هيءَ ڦليلي نديا اڳتي وهندي ۽ هلندي، سيريءَ جي پل کانسواءِ ٻيا به ڪيترائي ننديا وڏا ڳونڙا ڇڏيندي، نورائي شريف کان ماتائو ٿيندي، ٽنڊو محمد خان پار ڪندي، ڪيئي ڳوٺ ڇڏي، جڏهن ميمڻ جي شهر نما وڏي ڳوٺ "نظرپور" وٽ ايندي هئي، ته اتي به هڪ دهشتناڪ ڪُن هوندو هو، جنهن کي "نظرپور جو ڪُن" ڪوٺيندا هئا. اتان ڪيئن گولايون ڦرندي گهرندي، نانگ جي ورن وڪڙن وانگر بَل کائيندي، اچي ٿيئون مل واٽيي جي ڪُن ۾ پوندي هئي- انهيءَ ڪن جو نالو ئي "واٽيي جو ڪُن" پئجي ويو هو. جتان ٿوري مفاصلي تي ماتليءَ جو شهر تي شروع ٿيو. ماتليءَ پهچي "لوهارن جي ڪُن" کان ٿيندي، ماتليءَ جي پل پار ڪري، منهنجي آشياني "ماءِ نيسٽ" کي اورانگهي، "علي پور" ريگيوليٽر ڏانهن رواني ٿي ويندي هئي. جنهن وچ ۾ به ٻنهي ڪنارن تي ڪيئي ڳوٺ، مثلاً ڪوسن جو ڳوٺ، ٿيبن جو ڳوٺ، ڪُزن نظاماڻين جو ڳوٺ (جنهن کي "مليرا" به چوندا هئا)،

حاجي ماهي خاصخيليءَ جو ڳوٺ، ڏوماڻي سيدن جو ڳوٺ، ماڇين جو ڳوٺ، ميمڻن جو ڳوٺ، سيدن جو ڳوٺ "سيد پور" مهندن جو ڳوٺ ۽ اوڊيجن جي ڳوٺ کان سواءِ ڪيئي ٻيا ننڍا ننڍا ڳوٺ به اچي ٿي ويا. اهي ڳوٺ ڇڏڻ کان پوءِ وڃي علي پور ريگيوليٽر تي پهچندي هئي. جتي ريگيوليٽر جي دروازن مان گذرندڙ پاڻيءَ جو هولناڪ ڪڙڪاٽ پيو پوندو هو.

انهيءَ علي پور ريگيوليٽر جي پرسان انگريزن جي وقت جو ٺهرايل سيڪنڊ ڪلاس انجنيئري بنگلو هو. جنهن جي چوطرف گلن ڦلن، ميويدار وڻن، انبن، امرودن، انارن ۽ ڄمن جي وڻن تي مشتمل، هڪڙو وڏو باغ هوندو هو. جنهن جي ڇپر واري لان تي اسان رنگين مزاجن جون راڳ رنگ، ثقافت ظرافت، ڪثافت لطافت واريون محفلون ۽ مجلسون لڳنديون هيون. جن ۾ شريڪ ٿيندڙن لاءِ خُر و نوش جو اهتمام به اُتي ٿي ٿيندو هو. اهو بنگلو، باغ ۽ ريگيوليٽر انگريزن واري سدوري دور جو يادگار هو، جيڪو، جتي هو اتي، موجوده دور ۾خزان رسيده، اُجڙيل ۽ ويران نظر اچي ٿو.

انهيءَ علي پور ريگيوليٽر جا جملي لوهي دروازا پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ضرورت مطابق کلندا ۽ بند ٿيندا رهندا هئا. انهن تي پوري ضابطي رکڻ لاءِ محڪمه آبپاشي، ايريگيشن يا پي- ڊبليو- ڊيءَ جا اهلڪار ۽ ڪاموراآبادگارن جي گهرجن ۽ ضرورتن مطابق پاڻي هيٺ ڇڏيندا هئا. ساڳيءَ طرح مٿي اوياري وارن کي به سندن ضرورتن مطابق پاڻي مهيا ڪيو ويندو هو. پر خاص ڪري اهميت واري ڳالهه اها هوندي هئي ته ٻيڙين ۽ ٻيڙيءَ وارن کي انهيءَ پل مان پار لنگهائڻ لاءِ ٻنهي پاسن کان ڪاٺ جا ٺهيل وڏا دروازا هئا، جن مان ننڍيون ٻيڙيون ته خير پر وڏيون ٻيڙيون، ٻيڙا، پنجاب جا وڏا بتيلا ڪٺارون ۽ تجارتي طور مسافر بردار ننڍا جهاز به نڪري ويندا هئا. جيڪي 1914ع واريءَ پهرينءَ عالمي جنگ ۽ لڙائيءَ سبب ريلوي بند ٿي وڃڻ جي ڪري، حيدرآباد کان تلهار تائين هلندا هئا.

انهن دروازن مان ٻيڙيون، ٻيڙا ۽ جهاز نڪرڻ جو طريقي ڪار به عجيب هوندو هو. سڀ کان پهرين پويون دروازو بند ڪري، اڳيون دروازو کولينداهئا. جنهن مان ٻيڙي، ٻيڙو يا جهاز اُنهيءَ ٻيڪڙ ۾ پهچي ويندو هو، جيڪو پڪين سرن ۽ سيمينٽ سان تعمر ٿيل، ڪٺنال جي شڪل ۾ سوا سؤ فوٽ ڊگهو ۽ تقريباً چاليهه فوٽ ويڪر تي مشتمل هوندو هو. جڏهن انهي ڪٺنال نما لنگهه ۾، اهي ٻيڙيون ٻيڙا ۽ جهاز پهچي، سمائجي ويندا هئا، ته مٿيون اوپارو دروازو بند ڪري، پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۾ رنڊڪ ۽ رڪاوٽ پيدا ڪري، پاڻيءَ ۾ جمود، بيهڪ ۽ ٺاپر آڻي، لهوارو دروازو کولينداهئا، ته نهايت آسانيءَ سان انهي قافلي جو گذر ٿي ويندو هو. انهي وقت ٻيڙيءَ وارن ناکوئن، ملاحن ۽ وٺجارن لاءِ هڪ قسم جي عجيب بيچيني، آندماندَ ۽ ڪشمڪش پيدا ٿي پوندي هئي. ٻئي پاسي اِهو منظر ڏسندڙن واتهڙن ۽

تماشبين لاءِ وري وندر ۽ تفريح جو باعث هوندو هو.

اهڙيءَ طرح جڏهن ٻيڙين، ٻيڙن ۽ جهازن وارو اهو قافلو پل پار ڪري، انڊس جي بلند ۽ بالا وٽن جي سايون ۽ پاڇولن ۾ ٿمندو ٿمڪندو، لڏندو لمندو، جهولندو جهومندو، اٽڪيليون ۽ ناز انداز ڪندو ۽ پاڻيءَ جي تيز وهڪري ۽ رواني ۾ روان دوان رهندي، ڏندو پار ڪري، ساجن سوائيءَ جو پتڻ لنگهي ۽ اورانگهي، ڇانولن ۽ پاڇولن سان اک ٻوٽ ۽ ڇيڙڇاڙ ڪندو، "جيٺاڻ" پهچندو هو، تڏهن اهي ملاح مهاڻا، گنڌرا ناکوا، سک جو ساهه کڻندا هئا. ڇو ته اُتي انهن ناکوئن، مانجهي ملاحن ۽ درياءَ جي ميرن دليرن جي منزل ۽ ڪئمپ هوندي هئي. "جيٺاڻ" سان ملحقه تاجهوري جي نوابن جي جاگير هوندي هئي ۽ نئين جي نظاماڻين جو ڳوٺ ۽ زميينداري هوندي هئي. جن ۾ رئيس امام بخش خان ۽ نبي بخش خان قابل ذڪر هئا، جن جو پوٽو، غلام علي خان نظاماڻي، اڄڪلهه ڊسٽرڪٽ ڪائونسل بدين جو چيئرمين آهي.

ڪُنڊي ميربحر جي وڏي ۾ وڏي سُبڪ رفتار، تيزرو ٻيڙي، عجيب قسم جي بدڪ نما هنجر، حسين ۽ جميل نوخيز ناکوئٽين، گهڏجاٽين، وڻجارين سان ٽلندي ٿمڪندي، نخراناز ڪندي، ڪيئي رومانوي داستان سيني ۾ سمائي، بي پرواه بڻجي، مستانه وار ڦليليءَ جي لهرن تي لڏندي لمندي، جهولندي، جهومائيندي، شوخ پٽي سان شرمائيندي، روان دوان رهندي هئي. انهن نازڪڙين، گلبدنين، سهڻين ستابڙين، مرگهه نين مورتين کي اگر ڦليليءَ جون حورون ڪري چئجي ها، ته به ڪو مبالغو نه ٿئي ها. ڪناري لڳ ڪچن ۽ ڪڪاون گهرن تي مشتمل اهو رومانوي ڳوٺڙو "جيٺاڻ" انهن سانورين سلونين جو خاص مسڪن هوندو هو، جتي سيپيئي ٻيڙين وارا ٻيڙياتا لنگرانداز ٿي، هڪٻئي جون دعوتون ڪري، پلا، مڇيون، آنيون ڳيپيون، تري پچائي، پلن جا پلاءِ رڌي، مانيون پچائي، اُڦراتا ۽ ڇِلا بڻائي، مهمانيون ڪندا هئا. اِها وٽن وٽڪارن جي وچ ۾ بسايل بستي "جيٺاڻ" سرسبز شاداب وادي، انهن محبت جي متوالن، پريم جي پوڄارين، نينهن وارن ناکوئن، پيار جي پنڇين جو خاص منزل گاه هوندي هئي- جنهن کان اڳتي هلي سندن آخري بندرگاهه تلهار هوندو هو.

1914ع واريءَ عالمي لڙائيءَ ۾ جنگي ضرورتن جي پيش نظر حيدرآباد کان بدين تائين هلندڙ برادر گيج ريلوي، جيڪا حيدرآباد کان هوسڙي، ڪٽڙ، ٽنڊو محمد خان، ماتلي، پَلهه (ڏندو)، تلهار، پيرو لشاري ۽ بدين تائين ويندي هئي، تنهن جون انجڻيون ۽ گاڏا ته خير، پر ريلوي پٽڙيون به پٽي ڪٽي ويا هئا. تنهن کان پوءِ انهن بادباني ٻيڙين، ڪشتين سان گڏ مسافر بردار آگبوٽ به حيدرآباد کان هوسڙي، ڪٽڙ، ٽنڊو محمد خان، ماتلي، پلهه (ڏندو) تلهار تائين پهچندا هئا. انهن وڏن وڏن ڳوٺن ۽ شهرن کان سواءِ، انهيءَ وچ ۾ ڪيئي ننڍڙا ننڍڙا ڳوٺ به اچي ويندا هئا، جن ڳوٺن جا مسافر به انهن آگبوٽن ۾ سوار ٿيندا ۽ لهندا چڙهندا رهندا هئا. انهن آگبوٽن مان

ٻہ، جيڪي ڪاٺ مان ٺهيل هوندا هئا، انهن کي "ڪوڪا جهاز" سڏيو ويندو هو، تہ ٻہ وري "لوهي جهاز" سڏبا هئا، جيڪي لوہ ۽ رُڪ مان ٺهيل هوندا هئا. اُهي جهاز، ريلوي نہ هئڻ ڪري، مسافرن لاءِ وڏي سهوليت بلڪ هڪ وڏي نعمت هوندا هئا. حالانڪ سڙهن واريون بادباني ٻيڙيون، جن جي رفتار اوياري لهواري اُنهن جهازن کان ڪنهن بہ صورت ۾ گهٽ ۽ ڪمتر نہ هوندي هئي، اهي بہ مال برداريءَ سان گڏوگڏ مسافر پڻ ڪڍنديون هيون. اُهي ٻيڙيون، ٻيڙا ۽ جهاز گهڻو ڪري هندو سيٺين جا هوندا هئا، جن ۾ راڳ ديوتا سيٺ وشنداس مانجهوءَ وارو، اجومل جڳتراءِ ۽ شيوا رام فيملي پيش پيش هوندا هئا. اهو جهازي سلسلو ايستائين جاري ۽ ساري رهيو، جيستائين ٻيهر ريلوي چالو نہ ٿي. باقي سڙهن واريون بادباني ڪشتيون، ٻيڙيون ۽ ٻيڙا تہ پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ بہ ڦليليءَ جي روان دوان سيني تي روان هئا. جيڪي ڪنڊو محمد خان، ماتليءَ ڏندو ۽ تلهار تائين لنگرانداز ٿيندا، منزلون طيءَ ڪندا هئا، ايتريقدر جو ڪي ڪي ننديون ٻيڙيون تہ ڦُڙدي وارن جمالين کان ٿيندي، اشڪيب ريگيوليٽر تائين بہ وڃي پهچنديون هيون، تہ ٻني پاسي تلهار کان مير واهہ، ۾ بدين تائين بہ ٻيڙين جو سفر عام جام جاري هوندو هو. هڪڙي پاسي تلهار کان ميرواهہ، ڦليليءَ مان سيراب ٿي، وڃي رڻ ۾ پوندو هو، تہ ٻني پاسي ساڳي ڦليلي ڦڙدي وارن جمالين کان ماتائو ٿيندي، اشڪيب ريگيوليٽر تائين وڃي پهچندي هئي. جتان انهيءَ ڦليليءَ نديا جو پاڻي حصن ۾ تقسيم ٿي، علي واهہ، شيرواهہ ۽ وچ مان ساڳي "ڦليلي اشڪيب" جي شڪل و صورت اختيار ڪري، وهٽائين کان وهندي، وڃي ڪچ جي رڻ ۾ پوندي هئي. جنهن جو پاڻي اڳتي هلي سمنڊ ۾ ضم ٿي، ڪل و جز ۽ جز و ڪل جو فلسفو دهرائيندو هو. جنهن جو ذڪر بہ اڳين مضمونن ۾ اچي چڪو آهي.

جهڙيءَ طرح سان ميرواهہ ۾ ٻيڙيون هلنديون هيون، جنهن جي رواني، رمزن ريجهن سان شيخ ڪرهيو پانڌاريءَ جي ٻر کان رڻ جي حوالي ٿيندي هئي، اهڙيءَ طرح ڦليلي نديا مان نڪتل ٻين بہ ڪيترن ئي وڏن واهن ۾ پڻ مسافر ۽ مال بردار ٻيڙيون هلنديون هيون. انهن واهن جي ڄاڻ ۽ معلومات خاطر مختصر احوال هتي پيش ڪريان ٿو. ڪنڊي محمد خان ۽ ماتليءَ جي وچ ۾ ونگي واهہ، جنهن کي عام طور امام واهہ ڪري چوندا هئا: ساڳيءَ طرح ماتليءَ علي پور ريگيوليٽر جي وچ واري علائقي جي ٻنهي ڪنارن مان وهندڙ دوڪيا واهہ ۽ موڇند واهہ ۾ بہ ٻيڙيون هلنديون هيون: تلهار جي پرسان ميرواهہ جنهن جو ذڪر مٿي ڪري چڪا آهيون: تلهار ۽ اشڪيب ريگيوليٽر جي وچ ۾ نصيرواهہ ۽ باگي واهہ کان پوءِ آشڪيب، جنهن کي رڻ واهي ڪندي، رڻ ۾ پهچائي، وري واپس واهن تي پهتا سين. اتان اُنهيءَ پاڻيءَ کي قلزم جي حوالي ڪندي، وري موٽ کائي، ٻيهر ٻيڙن ۽ ٻيڙيءَ وارن وٽ پهچي، کي رومانوي رمزون ۽ داستان دهرايون ٿا.

انهن رمزن ۽ داستانن ۾ اڪثر ڪري وڏيرا، رئيس، مير پير، واڻيا وڪال ۽ دلال ڪلال به انهن فتنه خيز، توبه شڪن حسين و جميل ميربحرڻين، مهاڻين، ناکوئڻين، وٺجارين جو فتنه سامان، گُلبندن، سيمي تن، برقعي بنان عُريان جسم ڏسي، چپ چٽيندا من للچائيندا، ناکوئن جون خوشامدون ڪندي، سندن ٻيڙين ۾سوار ٿي، ايندا ويندا، انهن جي جوانيءَ، جوبن، سُندرتا، ستتا کي پنهنجي بٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪندا رهندا هئا. ڪي عاشق مزاج مزدور محنت ڪار، حسن و عشق جي لپيٽ ۾ اچي پنهنجين چيلهن ۾ رسا ٻڌي، هوا نه هئڻ جي حالت ۾ اوپاري طرف ڇڪيندا، ماڻهو ۽ مال لاهيندا چاڙهيندا، سخت محنت مشقت ڪندا هئا. حالانڪ اُها محنت مشقت ۽ مزدوري ٻئي هنڌ به ڪري سگهيا ٿي. پر اهو عشق ئي هو، جن ڪين انهن ٻيڙين تي آڻي، محنت مشقت ۽ جفاڪشي ڪرائي ٿي: انهن ڪشته دل عشاقن مان ڪن کي وصل وصال حاصل ٿيو يا نه، انهيءَ جي ته خدا کي خبر، پر ظاهر طور سندن ڏيک ويک ته وڪرائي هوندا هئا! حالانڪ انهن ڏهرايل داستانن ۾ ڪٿي ڪٿي مون به هيرو بڻجي، آڏيءَ آڏيءَ رات جو گونُي تَري، وصال وٺڻ جو ڪوششون ڪيون ۽ وصال ورتا، پر پوءِ مون وارو محبوب ٻالاپڻ کان نوخيزي ٿيي، شباب تي پهچي، وصال وٺي، مون کان هميشه هميشه لاءِ وڇڙجي ويو ۽ پوءِ اُباڻڪو ٿي، ڪافي عرصو انهن ٻيڙيءَ وارن ٻيڙناتن سان گڏ آواره گرديءَ ۾ رهيس. پر ڪٿان ڪو سڪون حاصل نه ٿيو، جيڪو انهيءَ محبوبه جي ادائن ۽ مسڪراهٽن مان مليو ٿي. اهي ٻيڙين وارا ملاح به مون سان بيحد پيار ڪندا هئا. جن مان ناکئي يوسف، موسي چپوءَ، سليمان، لالو، صادق، ڇٽي، اسماعيل، گلاب، موسي، مورڙئي ملاح ۽ ڪنڊي ميربحر جا نالا قابل ذڪر آهن. پر سڀ کان اڳ ناکئي الهورائي ۽ سندس پٽ نوتي جو ذڪر هتي ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو.

ناکئو الهورايو بابي سائينءَ جن جو راڳي دوست هوندو هو. والد صاحب جن کي ڳائڻ جو شوق عشق جي حد تائين هوندو هو. سندن آواز نهايت مٺو ۽ سريلو، پاڻ موقعي مهل کان واقف، سنڌي ڪافين ڪلامن، واين بيتن ۽ ڏوهيڙن جي ياد حافظ هئڻ سان گڏوگڏ خوش ذوق باڪمال شاعر پڻ هوندو هو. سرڪاري ملازمت کان اڳ دلا يڪتارا ساڻ ڪري، ڪنهن ميلي ملاکڙي تي پهتو، ته ڪجرين جا هانڊا ۽ طائفا ئي بند ٿي ويندا هئا. ساڻن هميشه پنجاهه سٺ پهلو دارن، دلي وڄائڻ وارن، يڪتاري نوازن، فنڪارن ۽ دوستن احبابن جو هجوم رهندو هو. خانداني امير هئڻ جي شڪل و صورت ۽ حيثيت ۾ ديڳون چُلهن تي سدائين چڙهيون ئي پيون هونديون هيون. خرچ ڪهار جي ڪابه پرواه ڪانه هوندي هين. اهو ناکئو الهورايو به سندن سُردارن ۽ فوڪ فنڪارن مان هڪڙو مخلص، ويجهو ۽ قريب هو، جنهن جو بلندبالا، سريلو ۽ مٺو آواز ڪين ڏاڍو وٺندو هو. بهرحال انهن ٻيڙين ۽ ٻيڙيءَ وارن سان منهنجو لڳاءُ، نسبت ۽ ناتو محض رومانوي ئي رهيو آهي، جيڪو باوجود وسارڻ جي ڪوشش جي به اڄ تائين وساري نه سگهيو آهيان.

تنهن ڪان سواءِ انهن حسين جميل ٻيڙين جون مومليون، ڪونجون، ميربحراٽيون، ناڪوٽيون، وٺجاريون، پنهنجي خوبصورت ادائن سان، نوريءَ جي نياز نوڙت، سنجيدگيءَ ۽ سادگيءَ کي ياد ڏياريندي، جڏهن ويٺي تي ويهي سُڪان سنڀاليندیون هيون، جنهن کي "پتوار" ۾ چئي سگهجي ٿو: تہ ڳن موڙڻ، ونجهہ هٿن سان گڏ پاڻ ۾ ڪر موڙي، انگ انگ توڙي، پنهنجي زعفراني شباب کي ۾ موڙيندیون توڙيندیون رهنديون هيون. سندن ادائن ۾ نوواردن لاءِ دعوت هوندي هئي تہ واقفڪارن لاءِ مروت، چيخلا ۽ بادباني سڙهہ چاڙهڻ وقت پنهنجي مردن مانجهين جي دوش بدوش الله جي نعري سان گڏ جهم ڪائي، زور لڳائيندیون هيون، تہ سندن سڄو سرير جهولندي جهومندي، هيٺ مٿي ٿيندي، مجسمہ نسوانيت بڻجي، سراپا شعلہ نوا شباب بڻجي پوندو هو، جتي مون جهڙا ٻيا ۾ ڪيئي منچلا آواره گرد، عاشق مزاج نظارا ڪندي، محو حيرت هوندا هئا ۽ حيرت جا پتلا بڻيا ڦليلي نديا جي ڪنارن سان ۽ اُن جي پتڻن، گهاٽن ۽ گهيڙن سان پيا گهمندا ڦرندا ۽ هلندا چلندا هئا ۽ لٽڙ پٽڙ ٿيندا هئا.

پر افسوس، جو اڄ نہ اُهي ڦليليءَ جا سرسبز شاداب نظارا رهيا آهن، نہ اهي ٻيڙيون ۽ ٻيڙين وارا رهيا آهن. نہ ئي معشوق جي ور وڪڙ ڪائيندڙ گهنديدار ۽ گهنگهريلن پيچيدار زلفن جهڙا اُن جا ڪنارا رهيا آهن. نہ وي اڳئين زماني وارا نقشا ناهيندڙ آرڪيٽيڪٽ ۽ فنون لطيفہ سان لنئون لڳائيندڙ واهن ۽ ريگيوليٽرن تي شاندار بنگلا پارڪ بنائيندڙ ۽ تعمير ڪرائيندڙ انجنيئر ئي رهيا آهن. جن باغ باغيچا بڻائي، ملڪ کي گل و گلزار، سرسبز و شاداب ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي. نہ ڪو وري هاٿوڪن ايريگيشن جي ڪامورن ڪارندن ۾ احساس ۽ ذوق نفيس ئي باقي رهيو آهي. ورنہ اهي انجنيئر ۽ آرڪيٽيڪٽ انهن ريگيوليٽرن جي مورين ۽ پُلين کي ٻيڙين ڪان مٿي اوچائي ڏيئي، ڪٽنال گيٽ ناهي، انهن ٻيڙين جي اڄ وڃ جو رستو ڪليل رکن ها.

هاڻي اهڙو ڪو رستو نہ هئڻ سبب، اهي ناڪوا، ملاح،مهاڻا، دريائن جا مير ۽ وٺجارا، انهيءَ گلن ڦلن واريءَ سدابهار ڦليليءَ "گوني سدائين اونهيءَ"، کي وڇوڙو ڏيئي وٺي، مهراڻ جي زوراور شہ زور "درياءِ سنڌ" ڏانهن هليا ويا، جتان واپس وري ڪين وريا. جن لاءِ اوسيڙي واريون اڪڙيون ۽ سڪايل نرمل نيڻ اڄ ۾ ائين واجهائي رهيا آهن، جيئين جڏهن اڳئين وقت جا وٺجارا، اتر جي اوت ۽ سٺائي واءِ ۾، وٺج واپار ۽ سوداگريءَ خاطر، وڏا وڏا بادباني ٻيڙا ۽ سڙهن وارا غوراب ڪاهي، ديسان دور ڪنهن ڏورانهين ڏيهہ ڏانهن هليا ويندا هئا، تڏهن سندن ٻار ٻچا، ونيون وٺجاريون، مهينن جا مهينا، سالن جا سال، اوسيڙا ڪڍندي، انتظار ڪندي، سٺائي واءِ جي آس ۾، تڙن وڙن ۽ بندرن تي، انهن جون منتظر رهنديون هيون، تہ "اِجهو ڪي آيا وٺجارا وطن ڏي!" جن کي وري ۾، مهينن ورهين جي وڇوڙي ڪان پوءِ، ٻيهر وري ۾ وصال حاصل ٿيندو هو. پر اسان کي تہ انهن ويلن، ويندڙن، ٻيڙين،

بتيلن، ٻيڙن، ڪنارن ۽ سندن ملاحن، ناکوئن، ميربحرن ۽ وڻجارن ۽ سرسبز و شاداب بلند بالا وڻن جي قطار سان ڍڪيل ڪنارن جي واپس ورڻ، ڏسڻ ۽ پسڻ جي، ٻيهر ڪا آس اميد ئي باقي نه رهي آهي، جن کي ياد ڪندي، ورجائيندي، دهرائيندي، اهو ڳائيندا رهون ٿا تہ-

وريا وطن تي، وريا وطن تي، نيٽين وهايم نار،
اڄ ڪي آيم يار....

تنهن سان گڏ، اُنهن تڙن وڙن ۽ بندرن ڪنارن کي ياد ڪندي، ٻيٽ جي گهوٽ لاکيٽي "لطيف" سائينءَ جن جا، هن مضمون سان لاڳاپو رکندڙ ڪجهہ بيت پڙهي پيش ڪريان ٿو-

(١)

ڏٺي ڏيـاري سـامونديين سڙهہ سنباهيا،
ڏيـو ور ونـجهـن ڪـي روئـي وڻـجاري،
مـاريندا مـاري، پِرهہ سـور پريـن جا.

(٢)

وڻجاري جي مـاءُ، وڻجارو نہ پلئين،
آيو ٻارهين ماهہ، پڻ ٿو سفر سنبهي!

(٣)

مون اُيي تڙ هيـٺ، پريـن پڳهہ ڇوڙيا،
ڪا مون ۾ ڏيٺ، نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهٽو.

(۴)

مـون اُيي تڙ جهل، پريـن پڳهہ ڇوڙيـا،
ڪا مون ۾ اَلَ، نہ تہ سڄڻ سڀاجها گهٽو.

(۵)

سڙهہ ٿي سـبـيـائون، بندر جن تڙن تي،
سڙهہ سبي ساڄا ڪري، ڪوُها ڪنيائون،
بيـرقـون بحـرن ۾، ڇوڙي ڇڏيـائـون،
لهربون لنگهيائون، لطف ساڻ "لطيف" ڇئي.

انهن ڏوهيڙن جي ميل سان، هڪڙي راڳي شاعر "مٺو" ڪچيءَ جو هيءُ ڪلام بہ هتي پيش ڪريان ٿو، جيڪو پڻ هن مضمون سان مناسبت رکي ٿو-

ڪلام

روز بندر جي تڙن تي، نت نت نڪريون نهاريان ٿي،
من ورن منهنجا وڻجارا، تَن سَامونديين کي ساريان ٿي.

بندر مٿان ويا بار پري، سودو سامونديين مانَ سَري،
ميلو تن سان مولا ڪري، جن لئي پل پل هِت پڪاريان ٿي.
روز بندر جي....

پڳهه چوڙي وڃي پار جي پيئڙا، وڏيءَ ڪنهن ولايت وينڙا،
ڏئي تنهين ڏينهن جي ٽيئڙا، جن لئي هٿ هٿ ڪري هنجو هاريان ٿي.
روز بندر جي....

سمنڊ ۾ ٽيندم سيد ساٿي، پر بندر پهچائيندو پاٿهي،
تارا تڪيندي رات وهاٿي، ڏينهن گهنگهر گهاريان ٿي.
روز بندر جي....

ٻيڙا ٻار مان ٻاجهه سين ايندا، "مٺن" ميلا تن سان ٽيندا،
ڏِڙَ ڏهاٿي ڏِکيءَ کي ڏيندا، دل ۾ جيڪي آءٌ ڏاريان ٿي.
روز بندر جي....

انهن ڏوهيڙن، بيتن ۽ ڪلام کان پوءِ، اکين مان آب هاري، نيٺ مان نير وهائي، چشمن مان جر جاري ڪري، انهن سنگيتن ساٿين، ڏوٽيئڙن سانگيئڙن، مهراڻ جي ماروئڙن، ملاحن مانجهين ۽ وانجهي وڻجارن کي دل جي گهراين، سڪ ۽ اُڪير سان ساريون ٿا. تنهن سان گڏ انهن کي به جيڪي ديس ڇڏي پرديس ويا. جن سان عيدون باراتون، هوليون ڏياريون، مٺڙيون ٽٺڙيون، شاديون وياه، غميون خوشيون، پائيچارا ۽ پائبنديون هونديون هيون. جن جي واپس ورڻ ۽ موٽي ماڳ اچڻ جي، واجهائيندي ورجائيندي، ڳوليندي ڦوليندي به ڪا واٽ ڏسڻ ۾ نٿي اچي. پر اسين ته پنهنجي انهن ديس واسين، ويراڳين ۽ سنڌي سهاجهڙن کي، وياڪل ٿي، آسيس ڏيندي، آشيرواد ڏيون ٿا، ته جتي به هجن، پريم پيار، محبت صداقت، لڳن سواگت، چاهنا ۽ چاهت ۾ رهندي، اسان کي به پنهنجي من مندر ۾ ياد ڪندا رهن. باقي ته منا مانجهيرو، اميد تي دنيا قائم آهي!

سجڻ ۽ ساٿيه ڪنهن اٿاسي وسري....

— —

سيئي سبحان جي، ڪر حوالي ڪم،
ٿي تحقيق تسليم، لاهي غم وهم،
ته قادر ساڻ ڪرم، حاصل ڪري حاج تو. (شاه)

گـــذارش

ڪُتابخاني، ڪتابخاني ۽ مڪتب فڪر واري دور ۾ نيڪيءَ پازيتو وانگر، ڪرن ڪيتن، ڳائڻ وڄائڻ ۽ شڪار سان گڏ تلاش حسن جو شوق به هوندو هو. مٿيان داستان انهي خوابيده، سهڻي ستابي دور جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن وقت ٻالاپڻ جون حدون لتاڙي، جوانيءَ ديوانيءَ جي شروعاتي دوراهي تي پهتو هئس. تنهن وقت ڪان وٺي تجسس، جستجو، جاکوڙ، فنون لطيفه، حسن ۽ ساز و آواز سان پيار هوندو هو. جنهن کي پنهنجو مقصد ۽ آئيڊيل بڻائي، جستجوءَ ڪائنات ۾ نڪتس. اهوئي سبب هو، جو انهن گل و گلزار ۽ سرسبز و شاداب وٽلين، وادين ۽ ترايين ۾ رهڻ بيحد پسند هوندو هو، جتي هميشه ڳائڻ وڄائڻ ۽ سگهڙپني جون ثقافتي محفلون مچائي، پاڻ سان گڏ ٻين کي به وندرائيندو هئس. جن جو ذڪر اذڪار ورائي ورائي هن مضمونن ۾ ڏنو اٿم.

منهنجي ابتدائي دور، 'ڪيئي ڪتاب' جي پهرئين جلد، جي شروعات به ڄائي ڄم ۽ ٻالاپڻ کان ئي ٽيل آهي. وري اهڙيءَ طرح بند به ٻالاپڻ جي دور، "ٻيڙيون ۽ ٻيڙين وارا" ، ۾ واپس اچي ڪريان ٿو. ڇاڪاڻ ته تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائيندي آهي. جيڪڏهن زندگيءَ سات ڏنو، ته ٽئين جلد لاءِ به گهڻو ڪجهه مواد رهيو پيو آهي. ازانسواءَ زندگيءَ جو سفر به روان دوان آهي. جنهن ۾ نت نوان ۽ انيڪ تجربا، مشاهدا ۽ معلوماتون حاصل ٿيندڙيون رهنديون. ڇاڪاڻ ته طبيعت ۾ جذبه تخليق، جوش خروش، ولولو، طوفان و طلاطم ۽ تيز وهڪرو بدرجه اُتم جاري ۽ ساري آهي. تنهن ڪري پاڻ کي اڃا به تشنه، پياسو ۽ اڃايل محسوس ڪريان ٿو. بقول شاهه "لطيف"

"انهيءَ تڙان تِڪ، پيئندي پڻ اُڃ وڌي"

پاڪ - هند جي مشهور معروف شاعر پنهنجي رباعين ۾ واعظ کي چيو آهي ته "انسان اڃا گوڏن ۾ رڙهي رهيو آهي ۽ توکي اُنهي قريب قيامت جو يقين!" ٻيءَ رعابي ۾ چوي ٿو ته "هينئر ته ڪيڏنن جا صرف نالا بدلايا اٿس، پيران ساليءَ ۾ به ٻار آهي!" انهن رُباعين جي ماحاصل کي تحرير ۾ آڻڻ کان پوءِ، منهنجا ويچار به ساڳيا ئي آهن ته 'روز ازل کان هن دنيا ۽ جهان جو وڏو، ڊگهو، لمبو تڙنگو سفر طئي ڪرڻ کان پوءِ، به ڪيئي شعوري لاشعوري ارتقائي منزلون ۽ فاصلا طئي ڪرڻ انسان لاءِ اڃا باقي آهن. ڇاڪاڻ ته تحقيق ۽ جستجو لاءِ جاکوڙ جاري ساري آهي ۽ هميشه جاري رهندي. جيستائين هن دنيا جو وجود ۽ دم خم باقي آهي.

'انسان ازل کان ارتقائي تحقيق، تجسس ۽ جستجو ۾ مشغول ۽ مصروف رهندي، فلسفه حيات جا پراسرار ۽ پيچيده راز کولڻ ۽ ڪائنات کي پڙهڻ، پرکڻ، پروڙڻ ۽ سمجهڻ لاءِ ڪوشان رهيو آهي ۽ ابد تائين رهندو. پر انهيءَ بحر بي پايان جو ڪو انت پروئي ڪونهي. جتي ڪو منزل انداز ٿي، ماڳ مقام بڻائي سگهي.

جنهن لاءِ ڪيئي مذهبي ۽ لامذهبي عالم، اسڪالر، دانشور، مفڪر ۽ محقق فلاسافر به، نقطي جي فقط ڪنهن مختصر ذري تائين، مشڪل سان پهچي ۽ رسائي حاصل ڪري سگهيا هوندا.

'هن وسيع عريض ڪائنات کي اڄ تائين ڪابه هستي، ڄاڻي ۽ ٻجهي، سمجهي ۽ پرکي پروڙي، تسخير ۽ زير ڪري نه سگهي آهي ۽ نه وري آئينده ئي اهڙي ڪا اميد ڪري سگهجي ٿي. ڇاڪاڻ ته الله تبارڪ و تعاليٰ جيڪڏهن محنتڪارن، رياضت وارن، عبادت گذارن ۽ عارفن جي فڪر ۾ آهي، ته ٻئي پاسي شيطان عزازيل به دنيا ۾ ۽ دنيا وارن جو ذڪر ۽ عمل ۾ آهي. تنهن ڪري جيستائين هن دنيا جهان جو بقا ۽ زندگي باقي آهي، ته شر ۽ خير، خير ۽ شر، نيڪيءَ بديءَ جا اهي ٻيئي عنصر ۽ ڪردار اُلجهندا سلجهندا ۽ سُلجهندا اُلجهندا رهندا. باقي خبر خدا کي، اسين ڇا ٿيندا آهيون؟'

زهي قسمت، يار زنده صحبت باقي.

نيو فيلڊس طرفان نوان ايندڙ ڪتاب

رني آهي گهوٽ سان

مصنف: الطاف شيخ

يورپ جا ڏينهن يورپ جون راتيون (سفرنامو)

مصنف: الطاف شيخ

گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾

مصنف: شيخ اياز

پن چڻ پچاڻان

مصنف: شيخ اياز

خليل جبران جو نئون ڪتاب

سنڌيڪار: ستار

نيو فيلڊس جا تازا شايع ٿيل ڪتاب

ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)	ڊاڪٽر محبوب شيخ
اڻچاتل شهر جو نقشو (ڪهاڻيون)	شبنم گل
اندر جنين اُڄ (سفرنامو)	ماهتاب محبوب
چند ڳليون (شاعري)	شيخ اياز
سهسين ٿيا سارنگ (سفرنامو) (آسٽريليا، نيوزيلنڊ، هانگ ڪانگ ۽ جپان جو سفرنامو)	عنايت بلوچ
اي جرني ٽو ٿائلنڊ (سفرنامو) پيو ايڊيشن	الطاف شيخ
يونر پري آڪاس (ٽيون ايڊيشن)	شيخ اياز
لڙيو سج لڪن ۾ (ٽيون ايڊيشن)	شيخ اياز
ڪي جو پيجل پوليو (ٽيون ايڊيشن)	شيخ اياز
وڃون وسڻ آئيون (ٽيون ايڊيشن)	شيخ اياز
پڙاڏو سوئي سڌ (ناول) (پنجون ايڊيشن)	سراج

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جا شايع ٿيل ڪتاب

1-	بين الاقوامي قانون ۽ تنظيم	فيروز احمد	(ختم ٿيل)
2-	جيل ۾ 22 مهينا (پاڳو 1)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
3-	اڌ ملاقات (خطا)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
4-	جيل گهاريم جن سان	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
5-	جيل ۾ 22 مهينا (پاڳو 2)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
6-	زندگيءَ جو تنها مسافر (ڪهاڻيون)	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
7-	4- مارچ ۽ سنڌي جوڌا	-	30/-
8-	بهترين ڪهاڻيڪارن جون بهترين ڪهاڻيون	-	(ختم ٿيل)
9-	اونداهي ڌرتي روشن هٿ (ناول)	آغا سليم	(ختم ٿيل)
10-	رات منهنجي روح ۾	غلام نبي مغل	(ختم ٿيل)
11-	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو 1)	-	(ختم ٿيل)
12-	ٽڏا چپ (ڪهاڻيون)	ايشور چندر	40/-
13-	وايون وٺجارن جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
14-	30 سالن جون چونڊ ڪهاڻيون (پاڳو 2)	-	(ختم ٿيل)
15-	بندر بازاريون (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
16-	شڪليون (خاڪا)	عبدالقادر جوڻيجو	(ختم ٿيل)
17-	يادگار ڪهاڻيون	مختلف ڪهاڻيڪار	(ختم ٿيل)
18-	ٽين دنيا جون ڪهاڻيون	مترجم: ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
19-	عظيم ڪهاڻيڪارن جون عظيم ڪهاڻيون	-	(ختم ٿيل)
20-	دل اندر درياوَ (ڪهاڻيون)	مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
21-	دل جو بندر (ناول)	اٿورل آئيويس/ نصير اعجاز	(ختم ٿيل)
22-	رهيل قرض (ڪهاڻيون)	ظفر حسن	(ختم ٿيل)
23-	درد جي خوشبو (ناول)	قاضي خادم	(ختم ٿيل)
24-	ڪنهن سان سور سليان (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
25-	فڪر جي آزادي	مترجم: ابراهيم جويو	(ختم ٿيل)
26-	منهنجو ساگر، منهنجو ساحل (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
27-	غلامن جو پيڙو (ناول)	دوست محمد پٽي	(ختم ٿيل)
28-	سي ئي جوين ڏينهن (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
29-	عاشي (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	75/-
30-	سي پيڙيون رکين ٻاجهه سين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
31-	سڌارٿ (ناول)	هرمن هيس/ فضل احمد بچاڻي	20/-
32-	جهان رس (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
33-	روح جي ڳولا (ناول)	مترجم: فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
34-	درد جا ڏينهن، درد جون راتيون	طارق اشرف	(ختم ٿيل)
35-	سانباهو سموند جو (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
36-	سورج هوندي مرجهايل (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	30/-
37-	آسيه (ناول)	هينري رائڊر هئگرڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
38-	قلندر (ڪهاڻيون)	قرة العين حيدر/ مدد علي سنڌي	(ختم ٿيل)
39-	الطاف شيخ جي نوٽبڪ تان	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
40-	سزا جا سڪ	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
41-	بهترين سفرناما	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
42-	للڪار (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
43-	ٽڪل سريت (ڪهاڻيون)	البرتو موراويا/ ولي رام ولڀ	(ختم ٿيل)
44-	لنڊن تائين لفٽ (ڪهاڻيون)	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
45-	تصوير جو خون	آسڪر وائلڊ/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
46-	حليم شو	حليم بروهي	(ختم ٿيل)

47-	ہارن جون آکاٿيون	مترجم: الطاف شيخ	(اختر ٽيل)
48-	سپون	خليل جبران/ فضل احمد بچاڻي	(اختر ٽيل)
49-	سفر يورپ جي ڊائري (سفر نامو)	قاضي عبدالمجيدعابد	(اختر ٽيل)
50-	آزادي خاطر (ڪهاڻيون)	مرتب: فيروز احمد	35/-
51-	چانديءَ جون تارون (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(اختر ٽيل)
52-	مس سدا بهار چنبيلي (ناول)	مترجم: الطاف شيخ	(اختر ٽيل)
53-	پيار ڪهاڻي (ناول)	نجم عباسي	(اختر ٽيل)
54-	نيگرو، عشق ۽ بغاوت (ناول)	ڪرسٽو.فرنڪول/ نصير اعجاز	(اختر ٽيل)
55-	شرم ٻوٽي (ناول)	گوبند مالهي	(اختر ٽيل)
56-	اڳي ايٽن هياس (جلد1)	فضل احمد بچاڻي	(اختر ٽيل)
57-	پرهه کان پهريں (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(اختر ٽيل)
58-	بلنديون (ناول)	نجم عباسي	(اختر ٽيل)
59-	رڄ ۽ پاڇا (ناول)	موهن ڪلپنا	(اختر ٽيل)
60-	مون توکي پيار ڪيو (ڪهاڻيون)	پوپٽي هيراننداڻي	(اختر ٽيل)
61-	آيل ڙي اولاٽا (ڪهاڻيون)	علي بابا	(اختر ٽيل)
62-	شاه لطيف جي شاعري (جلد 2)	تنوير عباسي	(اختر ٽيل)
63-	آپٽي گهوٽ تہ نشا ٽيوٽي (سفرنامو)	لوڪرام ڏوڏيجا	(اختر ٽيل)
64-	موهن جو دڙو (ناول)	علي بابا	(اختر ٽيل)
65-	ادو عبدالرحمان (ڪهاڻيون)	امر لعل هنگوراڻي	(اختر ٽيل)
66-	ڌرتي روشن آهي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	40/-
67-	دارون هن ديواني جو (ڪهاڻيون)	نجم عباسي	(اختر ٽيل)
68-	پيغامبر	خليل جبران/ ستار	(اختر ٽيل)
69-	همه اوست (ناول)	آغا سليم	(اختر ٽيل)
70-	اداس واديون (ڪهاڻيون)	حميد سنڌي	(اختر ٽيل)
71-	آئيني جي اڳيان	17 ساهتڪار	(اختر ٽيل)
72-	چنڊ چنبيليءَ ول (شاعريءَ)	شيخ اياز	(اختر ٽيل)
73-	لهر لهر زندگي (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	(اختر ٽيل)
74-	اٿون ماڻهو (ڪهاڻيون)	سراج	25/-
75-	ٻہ ننڍا ناول	آغا سليم	(اختر ٽيل)
76-	اڳي ايٽن هياس (جلد 2)	فضل احمد بچاڻي	25/-
77-	رڻ تي رم جهم (شاعري)	شيخ اياز	50/-
78-	واٽ ويندي	علي احمد بروهي	(اختر ٽيل)
79-	مڪليءَ کان ملاکا تائين (سفرنامو)	الطاف شيخ	(اختر ٽيل)
80-	ڪهاڻي جو قافلو	نجم عباسي	(اختر ٽيل)
81-	ساهيوال جيل جي ڊائري	شيخ اياز	60/-
82-	سنگاپور ويندي ويندي (سفرنامو)	الطاف شيخ	(اختر ٽيل)
83-	چنڊ جا تمنائي (ڪهاڻيون)	آغا سليم	(اختر ٽيل)
84-	پڳت سنگهہ کي ڦاسي	شيخ اياز	(اختر ٽيل)
85-	ست يوگوسلاوياني آکاٿيون	جڳت آڏواڻي	10/-
86-	ست ڪشميري آکاٿيون	اختر محيعدين/ ايشور چندر	12/-
87-	پن چڻ ۽ چنڊ (شاعري)	آغا سليم	(اختر ٽيل)
88-	ڪوالالمپور ڪجهہ ڪوہ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(اختر ٽيل)
89-	ڪپر تو ڪن ڪري (شاعري)	شيخ اياز	(اختر ٽيل)
90-	سڏن مٽي سڏڙا	علي احمد بروهي	(اختر ٽيل)
91-	گانڌي	لوئي فشر/ نجم عباسي	(اختر ٽيل)
92-	پڳل ڪنيڙاٽيون	خليل جبران/ عبدالله الفائز	35/-
93-	ماستر هريامر جو بشنڪاڪ وڃڻ...	الطاف شيخ	(اختر ٽيل)

94-	ڪي جو ٻيجل ٻوليو (شاعري)	شيخ اياز	60/-
95-	سرهي سرهي سار (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	(ختم ٿيل)
96-	خط، انٽرويو ۽ تقريرون (ڀاڱو 1)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
97-	دنگيءَ منجهه درياهه (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
98-	ڏينا تيل ڦليل جا	علي احمد بروهي	(ختم ٿيل)
99-	راج- گهاٽ تي چنڊ (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
100-	موتي جي مهراڻ جا	مرتب: فيروز احمد	(ختم ٿيل)
101-	تلاش (ناول)	نجم عباسي	(ختم ٿيل)
102-	لڙيو سج لڪن ۾ (شاعري)	شيخ اياز	40/-
103-	ڏاهي جهرڪي ۽ ٻيون آڪاڻيون	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
104-	مرڻ مون سين آءُ (ناول)	سراج	50/-
105-	پڙاڏو سوئي سڏ (ناول)	سراج	100/-
106-	رات وچ ۾ (ناول)	بريٽ هيليڊي/ فضل احمد بچاڻي	(ختم ٿيل)
107-	بڙ جي ڇانوَ اڳي کان گهاڻي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
108-	اک سور (ناول)	رابندرناٿ ٽئگور	70/-
109-	جت جر وهي ٿو جال (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
110-	رني ڪوٽ جو خزانو (ڪهاڻيون)	امر جليل	55/-
111-	ماسٽرياڻي (ناول)	مترجم: نجم عباسي	(ختم ٿيل)
112-	آڪن نيرا ڦليا (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
113-	منهنجي دنيا، هيڪل ۽ ڀاڪل (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
114-	رڻ ۽ رڳ جو اتهاس (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	50/-
115-	انقلابي ماءُ (سوانح حيات)	مترجم: آزاد قاضي	(ختم ٿيل)
116-	ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون	شيخ اياز	55/-
117-	جلاوطن (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	70/-
118-	جڏهن مان نه هوندس (ڪهاڻيون)	امر جليل	70/-
119-	پونر پري آڪاس (شاعري)	شيخ اياز	30/-
120-	راهون چنڊ ستارا (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	50/-
121-	يادين جي اندلڪ	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
122-	جهوڙ نيڻان نه لهي (شاعري)	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
123-	وقت وڻيون وڇوڙيون (ناول)	ڪلا پرڪاش	(ختم ٿيل)
124-	شاه لطيف جي شاعري (جلد 1، 2 ۽ 3)	تنوير عباسي	(ختم ٿيل)
125-	تنهنجي دنيا، سڀ رنگ سانول (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
126-	وڃون وسڻ آئيون (شاعري)	شيخ اياز	30/-
127-	وندسر محل جو مسافر (سفرنامو)	عبدالجبار جوڻيجو	20/-
128-	ڳالهيون آهن ڳچ (سفرنامو)	الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
129-	روس جو سير (سفرنامو)	جواهر لال نهرو	30/-
130-	پنهل کان پوءِ ۽ جڳ مڙيوئي سپنو	شيخ اياز	(ختم ٿيل)
131-	منهن تتين مشعل (خاڪا)	تنوير عباسي	30/-
132-	فرينچ انقلاب	مترجم: محمد ابراهيم جويو	30/-
133-	علم تحقيق	ڊاڪٽر الهداد پوهيو	(ختم ٿيل)
134-	ائين ڪٿا (ڪهاڻيون)	موهن ڪلپنا	30/-
135-	اُپر چنڊ پس پرين (شاعري)	شيخ اياز	30/-
136-	منهنجي دنيا مرگهه ترشنا (ناول)	سراج	(ختم ٿيل)
137-	اي جرني ٽو ٽائيلينڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	30/-
138-	پتڻ ٿو پور ڪري (شاعري)	شيخ اياز	50/-
139-	مني مراد (ڪهاڻيون)	ماهتاب محبوب	33/-
140-	منهنجو ڏس آسمان کان پڇو (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
141-	دنيا پنهنجي ديس پرايا (سفرنامو)	اياز لطيف پليجو	50/-

142-	سوزيءَ سان پيار	مترجم: الطاف شيخ	(ختم ٿيل)
143-	هينٽڙو ڏاڙهوءَ گل جئن (شاعري)	شيخ اياز	80/-
144-	خط، انٽرويو، تقريرون (پاڳو 2)	شيخ اياز	60/-
145-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (پاڳو 1)	رسول بخش پليجو	130/-
146-	لنڊن تنهنجا ڪيڏا روپ (سفرنامو)	طارق عالم ابڙو	100/-
147-	سنڌو منهنجي ساهه ۾	امر جليل	80/-
148-	ٽڪرا ٽٽل صليب جا ۽ واٽون ڦٽل چانٽيون	شيخ اياز	60/-
149-	ڪربلا (ڪهاڻيون)	نورالهدي شاه	65/-
150-	تاريخ جو ڪفن (ڪهاڻيون)	امر جليل	60/-
151-	رهجي ويل منظر (ناول)	طارق عالم ابڙو	70/-
152-	پسي ڳاڙها گل (ڪهاڻيون)	رسول بخش پليجو	45/-
153-	دل جي دنيا (ڪهاڻيون)	امر جليل	45/-
154-	الوداعي گيت (شاعري)	شيخ اياز	40/-
155-	خبرون ڪيڙانءِ جون (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
156-	پاپ ۽ پيڙا (ناول)	دوستو وسڪي/ رشيد پٽي	50/-
157-	ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن- 1 (شاعري)	شيخ اياز	90/-
158-	ورهاڱي جو ورجاءُ	ماهتاب محبوب	45/-
159-	مٽ مٽ موتين جي	محمد ابراهيم جويو	85/-
160-	قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چنڊ	نورالهدي شاه	75/-
161-	اوهريا جي عميق ڏي (سفرنامو)	الطاف شيخ	50/-
162-	وهڻ مون نه وڙاءُ	رسول بخش پليجو	55/-
163-	سَنڌي ادب جو مختصر جائزو	اڪبر لغاري	70/-
164-	ڪتين ڪَر موڙيا جڏهن- 2	شيخ اياز	100/-
165-	تنهنجي ڳولا، تنهنجون ڳالهيون (ڪهاڻيون)	زرينه بلوچ	55/-
166-	ننڊ وليون (شاعري)	شيخ اياز	55/-
167-	ارانوند دي ورلڊ (سفرنامو)	الطاف شيخ	45/-
168-	تاريخ جو سفر	ڊاڪٽر مبارڪ علي/ ابوبڪر شيخ	45/-
169-	سانگهڙ (ناول)	محمد عثمان ڏيپلائي	120/-
170-	سَر لوهيڙا ڳيبا (شاعري)	شيخ اياز	100/-
171-	ڪوٽ لکپت جو قيدي (پاڳو 2)	رسول بخش پليجو	65/-
172-	ڇا جو ديس ڇا جو..... بندر ديسان ديس	الطاف شيخ	60/-
173-	قومي غدارَ ۽ حساب ڪتاب	لياقت عزيز	50/-
174-	منهنجو وطن منهنجا ماڻهو	لوڪرام ڏوڏيجا	100/-
175-	سورج مکيءَ سانجهه (شاعري)	شيخ اياز	90/-
176-	اوچا ڳاٽ پهاڙن جا	نجم عباسي	50/-
177-	عورت ۽ پيار نئون شهر (ٻه ڪتاب گڏ)	غلام نبي مغل	45/-
178-	ٽيون وجود (ڪهاڻيون)	امر جليل	50/-
179-	پياسي ڌرتي رمندا بادل (ناول)	سراج	120/-
180-	جر- ڏينا جهمڪن	شيخ اياز	80/-
181-	منهنجي سڀ کان پياري ڏيءَ	ذوالفقار علي پٽو	50/-
182-	ڪيئي ڪتاب (آتم ڪهاڻي- جلد 1)	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	150/-
183-	هرڻ اکي ڪيڏانهن	شيخ اياز	70/=
184-	آواره (ناول)	موهن ڪلپنا	50/=
185-	اوڙاهه (ناول)	غلام نبي مغل	150/=
186-	اچن جي ملڪ ۾ اسين ڪارا (سفرنامو)	الطاف شيخ	75/=
187-	ملير کن مالو (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
188-	مونجهارن ۾ ڦاٿل هڪ شخص	ڊاڪٽر صالح	55/-
189-	قيدي (ناول)	فخر زمان	60/-

190-	جت برف پٽي ٽي جامر (سفرنامو)	الطاف شيخ	60/-
191-	ڪٿي ته ڀيجبو ٽڪ مسافر (آتم ڪهاڻي)	شيخ اياز	80/-
192-	ڪراچي کان ڪوپن هيگن (سفرنامو)	الطاف شيخ	70/-
193-	سهسين ٽيا سارنگ (سفرنامو)	عنايت بلوچ	100/-
194-	چنڊ ڳليون (شاعري)	شيخ اياز	90/-
195-	اندر جنون اڄ (سفرنامو)	ماهتاب محبوب	70/-
196-	اٺهاتل شهر جو نقشو (ڪهاڻيون)	شبنم گل	70/-
197-	ميهڙ کان ماسڪو (سفرنامو)	ڊاڪٽر محبوب علي شيخ	100/-
198-	ڪيئي ڪتاب (ڀاڱو ٻيو)	رئيس ڪريم بخش نظاماڻي	200/-

گهرائڻ لاءِ لکندا: نيو فيلڊس پبليڪيشنس
ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد